الا ان اولياء الله لا خوف عليهم ولا هم يحزنون
القرآن

تذڪرة الاولياء

مترجم سنڌي

مصنف

حضرت شيخ محمد فريد الدين عطارؒ

ناشر

مولوي محمد عظيم اينڊ سنز
شاهي بازار شڪارپور
سنڌ

آلا إن اولياء الله لاخوف عليهم ولاهم يحزنون ط
(القرآن)

اوليارا هست قدرت از الله * تير رفته باز گرداند ز راه
(رومي رحـ)

تذكرة الاولياء

مترجم سنڌي

مصنف:- حضرت شيخ محمد فريدالدين عطار رحمت‌الله عليه

مترجم:- ميان عنايت‌الله سومرو

مصحح:- جناب منشي عبدالغفور صاحب

خليفو حضرت مخدوم موسيٰ پاڪ شهيد جيلاني رحـ ملتان شريف

جلد هڪ هزار | دفعو ٽيون | هديه مجلد 100.00

حقوق محفوظ

پروپرائيٽر :- ناشران :- توفيق احمد
★ اداره اشاعت ڪتب ★
مولوي محمد عظيم ائنڊ سنز ڪتب فروش
شاهي بازار شڪارپور

انتســـــاب

اسين هي چند اوراق متبرڪ ذڪر اولياء الله پنهنجي والد بزرگوار مرحوم مولانا مولوي محمد عظيم رحمت‌الله عليه جي نـــام نامي اسم گـرامي ۽ ڏانهن منسوب ڪريون ٿـا. جنهن پنهنجي زندگي ۽ جو ڪافي عرصو رضـا الاهي ۽ جي خاطر ديني درس ۽ تدريس ۾ گذاريو. شال الله تعالىٰ مٿس رحمت جي پالوت فرمائي آمين.

توفيق احمد ولد مرحوم نوراحمد

-: از :-

فرزندان مرحوم مولوي محمد عظيم رحه

فهرست مضامين

نمبر	مضمون	صفحو
	ديباچو مصنف	١
١	ذڪر حضرت شيخ فريدالدين عطار رحه	٨
٢	" " امام جعفر صادق رضه	١٤
٣	" " اويس ڪرني رحه	٢٢
٤	" " حسن بصري "	٣٢
٥	" " مالڪ دينار "	٥١
٦	" " محمد واسع "	٦٠
٧	" " حبيب عجمي "	٦١
٨	" " ابو حازم مڪي "	٦٩
٩	" " عتبه بن انعام "	٧١
١٠	" " رابعه العدويه بصري "	٧٣
١١	" " فضيل بن عياض "	٩١
١٢	" " ابراهيم ادهم "	١٠٣
١٣	" " بشر حافي "	١٢٤
١٤	" " ذوالنون مصري "	١٣٠
١٥	" " بايزيد بسطامي "	١٤٣
١٦	" " شيخ بايزيد بسطامي رحه جو معراج	١٦٦
١٧	مناجات حضرت بايزيد بسطامي رحه	١٦٩
١٨	ذڪر " عبدالله بن مبارڪ "	١٧١
١٩	" " سفيان ثوري "	١٧٩
٢٠	" " شفيق بلخي "	١٨٥
٢١	ذڪر حضرت ابو حنيفه ڪوفي رحه	١٩٠
٢٢	" " امام شافعي "	١٩٥
٢٣	" " احمد حنبل "	٢٠٠
٢٤	" " دائود طائي "	٢٠٤
٢٥	" " خارث محاسبي "	٢٠٨
٢٦	" " ابوسليمان دائودي "	٢١١
٢٧	" " محمد سماڪ "	٢١٤
٢٨	" " محمد ابن اسلم طوسي رحه	٢١٥
٢٩	" " احمد بن حرب "	٢١٧
٣٠	" " حاتم أصم "	٢٢١
٣١	" " سهل بن عبدالله تشتري رحه	٢٢٦
٣٢	مناجات " سهل بن عبدالله "	٢٣٣
٣٣	ذڪر " معروف ڪرخي "	٢٣٤
٣٤	" " سيري سقطي "	٢٣٨
٣٥	" " فتح موصلي "	٢٤٢
٣٦	" " احمد حواري "	٢٤٤
٣٧	مناجات " احمد خضرويه "	٢٤٥
٣٨	ذڪر " ابو تراب بخشي "	٢٥٥
٣٩	" " يحيى معاذ رازي "	٢٥٢
٤٠	" " شاه شجاع ڪرماني "	٢٥٠

نمبر	مضمون	صفحو
٤١	ذکر حضرت يوسف بن الحسين رحہ	٢٦٢
٤٢	" " ابو حفص حداد "	٢٦٦
٤٣	" " حمدون قصار "	٢٧١
٤٤	" " منصور عمار "	٢٧٣
٤	" " احمد بن عاصم الانطاکي "	٢٧٦
٤٦	" " عبدالله خبيق "	٢٧٧
٤٧	" " جنيد بغدادي "	٢٧٨
٤٨	" " عمر بن عثمان مکي "	٢٩٦
٤٩	" " ابو سعيد حراز "	٢٩٩
٥٠	" " ابوالحسن نوري "	٣٠٢
٥١	" " عثمان الحيري "	٣٠٨
٥٢	" " ابو عبدالله جلاح "	٣١٣
٥٣	" " ابو محمد رويم "	٣١٤
٥٤	" " ابن عطار "	٣١٦
٥٥	" " ابراهيم بن دائودالرقي "	٣١٩
٥٦	" " يوسف اسباط "	٣٢٠
٥٧	" " ابو يعقوب بن اسحاق النهر "	٣٢٢
٥٨	" " ميمنون محب "	٣٢٤
٥٩	" " ابو عبدالله محمد	٣٢٦
	بن فضل "	٣٢٧
٦٠	" " ابوالحسن بوشنگي "	٣٢٨
٦١	ذکر حضرت ابو محمد مرنقش رحہ	٣٢٨
٦٢	" " محمد علي حکيم ترمذي رحہ	٣٣٠
٦٣	" " ابو بکر وراق "	٣٣٤
٦٤	" " عبدالله منازل "	٣٣٨
٦٥	" " علي سهل اصفهاني "	٣٤٠
٦٦	" " شيخ نساج "	٣٤١
٦٧	" " ابو حمزه خراساني "	٣٤٣
٦٨	" " احمد مسروق "	٣٤٥
٦٩	" " عبدالله احمد "	٣٤٧
٧٠	" " ابو علي جرجاني "	٣٤٨
٧١	" " ابو بکر کتاني "	٣٤٩
٧٢	" " عبدالله حنيف "	٣٥٣
٧٣	" " ابو محمد جريري "	٣٥٦
٧٤	" " حسين منصور حلاج "	٣٥٨
٧٥	" " ابوبکر واسطي "	٣٦٥
٧٦	" " ابو عمر نخيل "	٣٦٧
٧٧	" " جعفر جلدي "	٣٦٨
٧٨	" " ابوالخير قطع "	٣٧٠
٧٩	" " ابو عبدالله محمد ابحسن التروعندي "	٣٧١
٨٠	" " قطب الاولياء ابي اسحاق ابراهيم بن شهريار گازاروني "	٣٧٢

نمبر	مضمون	صفحو
٨١	ذکر حضرت ابـوالحسن خرقاني رحه	٣٧٦
٨٢	” ” ابوبکر شبلي “	٣٨٨
٨٣	” ” ابو نصر سراج “	٣٩٦
٨٤	” ” ابوالعباس قصاب “	٣٩٧
٨٥	” ” ابواسحاق ابراهيم بن احمدالصوفي الخواص رحه	٣٩٩
٨٦	” ” ممشاد الدينوري “	٤٠٢
٨٧	” ” ابـو اسحاق ابراهيم الشيباني “	٤٠٤
٨٨	” ” ابوبکر صيدلاني “	٤٠٥
٨٩	” ” ابو حمزه محمد ابراهيم البغدادي “	٤٠٦
٩٠	” ” ابو علي الدقاق “	٤٠٨
٩١	” ” ابو علي محمد بن عبدالوهاب الثقفـي “	٤١١
٩٢	ذکر حضرت علي احمد بن محمد الروزباري رحه	٤١٢
٩٣	” ” ابوالحسن علي ابن ابراهيم الحصري “	٤١٤
٩٤	” ” ابو عثمان سعيد بن اسلام المغربي “	٤١٥
٩٥	” ” ابوالعباس نهاوندي “	٤١٧
٩٦	” ” ابو عمر و ابراهيم الـزجاجي “	٤١٨
٩٧	” ” ابوالحسن صائغ “	٤١٨
٩٨	” ” ابـوالقاسم نصيرآسادي “	٤١٧
٩٩	” ” ابوالفضل سرخي “	٤٢٠
١٠٠	” ” ابوالعباس سياري “	٤٢١

بسم الله الرحمان الرحيم

انڪ لعلي خلق عظيم

(اي) نبي بيشڪ اوهان وڏي اخلاق تي آهيو

"مخزن اخلاق"

سائيز ۲۰×۳۰ ٽوربهادر سومرو قيمت ۱۰۰-۰۰

۸ خادم الفقراء ڪپڙا خرچ ۸-۰۰

اخلاقيات جي ماتحت هر قسم جي مضمون جو نهايت دلچسپ مفيد عام دانش آموز ۽ خرد افروز مجموعو ۽ بهترين دلنشين انتخابات جو لائق تحفو جنهن جو نظير سنڌي ادب ۾ ڪونهي. هي ڪتاب بحيثيت مجموعي اڄ ڏينهن تائين پيش ڪري نه سگهيو آهي. گهٽ کان گهٽ شائقين حضرات خريد ڪري پنهنجي علم ۾ اضافو ڪن.

پروپرائيٽر :-

توفيق احمد

مولوي محمد عظيم اينڊ سنس

تاجران ڪتب

شاهي بازار شڪارپور سنڌ

بسم الله الرحمان الرحيم

نحمده ونصلي علىٰ رسوله الكريم

پيش لفظ

ڪيتري وقت کان وٽي دل جي اها تمنا هئي، تہ جناب حضرت شيخ فريدالدين عطار رحمت الله عليه جو ڪتاب تذڪرة الاولياء سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرائي عام مسلمان پاڻرن جي بهتريءَ ۽ ڀلائيءَ خاطر شايع ڪيو وڃي. ڇاڪاڻ تہ اسان مسلمانن جي ديني ۽ دنيوي ترقي بزرگان سلف جي پيرويءَ تي مدار رکي ٿي. اهي ئي حضرات خدا تعاليٰ جا برگزيده بندا هئا، جي شريعت نبوي ۽ رضا الاهيءَ جو ڪامل ۽ اڪمل نمونو هئا. هڪ مسلمان بہ انهيءَ وقت پورو مسلمان ٿي سگهي ٿو، جڏهن هو پنهنجا اعمال ۽ اقوال سراسر شريعت اسلام جي مطابق رکي. الله تبارڪ وتعاليٰ بہ اهڙن ئي مسلمانن کي اولياء الله جي خطاب سان سرفراز فرمايو آهي. سندن شان ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ پنهنجي ڪلام الاهيءَ جي اندر ارشاد گرامي فرمايو آهي:

”آلا إن اولياء الله لا خوف عليهم ولاهم يحزنون“

اڄ ڪلهہ اسان مسلمان، جو ٻين قومن جي مقابلي ۾ پٺتي پيل آهيون، تہ ان جو سبب بہ اهو ئي آهي جو اسان اُسوهٔ حسنہ رسول مقبول صلي الله عليه وسلم، اولياء ڪرام ۽ احڪام خداونديءَ کان منهن موڙي ڇڏيو آهي. انهيءَ جو علاج فقط هي ٿي سگهي ٿو، تہ اسان سچو مسلمان بڻجڻ جي ڪوشش ڪريون. خدا ۽ رسول صلي الله عليه وسلم جا حڪم پاڻ تي لازم ڪريون، ۽ سندس نقش قدم تي هلي پنهنجي زندگي بسر ڪريون، تان تہ خداوند ڪريم، جيڪو وعدو پنهنجي پياري حبيب پاڪ صلي الله عليه وسلم جن سان سندن اُمت جي مستقبل لاءِ ڪيو آهي، سو پورو ٿئي. ڇاڪاڻ تہ الله تعاليٰ پنهنجي وعدي جي خلاف هرگز نٿو ڪري.

جيڪڏهن اسان مسلمان اڄ بہ سچي معنيٰ ۾ مسلمان بڻجون، تہ دولت، حڪومت، عزت رفعت، شان شوڪت، دين ۽ دنيا، سڀ ڪجهہ اسان جو بڻجي وڃي.

ڪی محمد سے وفا تونے تو ہم تیرے ہیں
یہ دنیا چیز ہی کیا ہے لوح و قلم تیرے ہیں
(اقبال رحہ)

متين نظريه کي ذهن ۾ رکي اسان ڪتاب هاذا جي ترجمي جو ڪم جناب عنايت الله سومري جي حوالي ڪيو سون، جو جيڪب آباد ضلع ۾ پرائمري ماستر صاحب آهي. جيتوڻيڪ مترجم صاحب جي ترجمي ۾ ڪي اوڻايون هيون، تاهم اسان سندس محنت ۽ ڪوشش جو داد ڏيڻ کان رهي نٿا سگهون، جا هن ڪتاب جي ترجمي کي قلمبند ڪرڻ ۾ ورتي آهي. شال الله تعاليٰ کيس جزاءِ خير عطا فرمائي.

ترجمو ٿي اچڻ کان پوءِ هن ڪتاب جي تصحيح جو ڪم اسان شڪارپور جي بزرگ منشي عبدالغفور جوکيي جي حوالي ڪيو، جنهن صاحب پنهنجو ڪيترو سارو قيمتي وقت صرف ڪري ڪتاب جي تصحيح ڪرڻ فرمائي. جنهن لاءِ اسان سندس تهدل شڪرگذار آهيون ۽ دست بدعا آهيون، ته شال خدا پاڪ بطفيلي اولياء ڪرام جي کيس خير پيش ڪري.

اخير ۾ ناظرين ڪرام کي گذارش آهي ته هن ڏس ۾ اسان جي همت افزائي ڪندا رهندا جيئن اسين آئينده لاءِ اهڙي قسم جي ڪتابن جو سلسلو شايع ڪرڻ ۾ دلچسپي وٺندا رهون. هيءَ به خوشيءَ جهڙي ڳالهه آهي، ته هن کان بعد اسان تذڪرة الاولياء سنڌ جي شايع ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. اميد واثق آهي ته عنقريب سنڌ جي اولياء ڪرام جو ذڪر پهچي ويندو ۽ طبع ڪري ناظرين ڪرام جي خدمت ۾ پيش ڪيو ويندو. پهرين مئي ١٩٦٦

از:- اداره ناشران ڪتب،
مولوي محمد عظيم اينڊ سنز
شاهي بازار شڪارپور

ملڻ جو هنڌ :-
نيشنل بڪ ڊپو بندر روڊ لاڙڪاڻو
۽
مڪتبهءِ عزيزيه سومرا محلا کهڙا
وايا گمبٽ خيرپور ميرس

* بسم الله الرحمان الرحيم *

☆ ديباچو مصنف ☆

سڀ تعريفون الله تبارڪ وتعاليٰ جي ئي واسطي آهن، جيڪو پنهنجن بندن تي هر قسم جون نعمتون، ۽ بخششون عطا فرمائيندو آهي- اهو ئي فقط پنهنجي بندن مٿان وڏو احسان ڪندڙ ساري جهان ۾ عزت و عظمت جو صاحب ۽ قابل تعريف آهي- ساريءَ ڪائنات ۾ سڀ کان وڌيڪ عبادت جي لائق صاحب جلال بزرگيءَ ۽عظمت ۾ سڀ کان بالاتر آهي- جيتوڻيڪ هو ظاهري طرح عوام الناس جي نظرن کان پوشيده آهي، ليڪن اُنهن حقيقي عشق الاهي رکندڙن جي نظرن کان هرگز پوشيده ڪينهي جن توحيد جي درياه ۾ غوطه ماري سندن بقا کي فنا سان ملائي ڇڏيو آهي- اُهي جيڪي ان جي عظمت جي دامن ۾ پناه ڳولهي رهيا آهن سي ئي خالص نجات حاصل ڪندڙ آهن- اهڙن ماڻهن کي ئي دنيا جي محتاجيءَ، تنگيءَ ۽ دنيا جي مفلسيءَ جي ذلت کان امان ۾ رکيو آهي- پنهنجي نعمت ۽ رحمت جي خزانن مان انهن کي نيڪ توفيق عطا ڪئي آهي- فنا ۽ بقا جي جهڳڙن کان انهن کي بي نياز ڪري ڇڏيو آهي- اُهي فنا الفنا جي نور جي سبب خواهشن جي لالچ کان بلڪل بي پرواه آهن.

اسان ان جي تعريف ٿا ڪريون، جيڪو انهيءَ شخص جي مڪر ۽ فريب جي مقابلي ۾ ڪافي آهي- جيڪي ان جي باري ۾ اسان جي مخالفت ڪن ٿا، انهن ماڻهن جي شر کان (جيڪي پنهنجي زبان ۽ پنهنجي دل سان اسان کي تڪليف ڏين ٿا) بچائي ٿو- اسان کي اهڙن ماڻهن کان (جيڪي اسان کي رب پاڪ جي ذات وحده لاشريڪ کان گمراه ڪن ٿا) محفوظ رکي ٿو. هن اسان کي پنهنجي مخلوق ۽ پنهنجو بندو بنائي، پنهنجي ڪلام پاڪ (قرآن مجيد) جي برڪت سان مالا مال ڪيو آهي- اسان گواهي ٿا ڏيون ته انهيءَ کان سواءِ هن ڪائنات (دنيا) ۾ ٻيو ڪوئي به عبادت جو لائق هرگز نه آهي- هو اڪيلو آهي، هن جو ڪوئي به همسر ڪونهي- نه هن سان ڪو شريڪ آهي ۽ نه هن جهڙو ڪو ٻيو ئي آهي- اسان جيڪڏهن هن جي ذات و صفات تي غور و فڪر جي نظر ٿا ڪريون ته هن کان سواءِ ٻيو ڪوبه معبود نظر نٿو اچي.

انهيءَ کان سواءِ اسان گواهي ٿا ڏيون، ته حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم هن جا پاڪ بندا ۽ رسول آهن- جنهن کي پنهنجي رحمت ڪامله سان حق عطا ڪري تمام خلقت جي هدايت لاءِ دنيا ۾ موڪليو، جنهن پنهنجي نور سان گمراهيءَ جي ظلمت کي ٽوڙي پنهنجي

حق جــي طالبن کي دين اسلام جهڙي اعليٰ نعمت ســان سرفراز ڪري، يقين جي عمده تــرين ذخيرن جمع ڪرڻ جي ڪين صلاحيت بخشي، نبين جي رمزن کــان ڪين واقف ڪري پنهنجي پيروي ڪندڙ خاص اصحابن کي جن دين جي عيوض دنيا کي ٺڏيو، تنکي غيب جي خزانن تي هادي ڪري ڇڏيو- جن جون اکيون ڏسڻ کان معزور هيون، جن جا عقل مائوف ۽ ڪجهه سوچي سگهڻ کان مجبور هئا، تن جي پاڪ دلين کي ايتري قدر رسائي عطا فرمائي، جو اکل راز بــه هنن جي اکيان کڄها ڪين ٿي رهي سگهيا؛ سندن مقدس روحن کي نور جي تجليءَ سان روشن ڪري ڇڏيو. الله تبارڪ وتعاليٰ انهن تي ۽ انهن جي آل ۽ اصحابن تي راضي هجي، ۽ مٿن پنهنجي رحمت نــازل فرمائي- رب پاڪ انهن تــي ايستائين درود و سلام نــازل فرمائيندو رهي، جيستائين آفتاب مشرق جي طرف کان طلوع ٿيندو رهي، ۽ هدايت جي تجلي عنايت الاهيءَ جي بادلن کان سدائين چمڪندي رهي- و صلي الله تعاليٰ عليٰ خير خلقه محمد و عاله و اصحابه اجمعين.

انهيءَ کان بعد جيئن ته ڪلام الله شريف ۽ حديث رسول الله صلي الله عليه وصلم کان پوءِ مشائخين طريقت جي ڪلام کان بيو ڪوئي بــه ڪلام بهتر ۽ برتر ڪونهي؛ ڇاڪاڻ ته انهن جو ڪلام حال جو آئينو هوندو آهي، نــه حفظ ۽ قال جو، انهن جو نقص بيان تي ٻڌل ناهي پــر اسرار رموز تــي مبني آهي. نه سندن اهو جوش جــو نتيجو آهي ۽ نه تڪرار ۽ ڪوشش جو. پــر جيڪي ڪجهه آهي سو سڀ علم لدني سان وابسته آهي. ڇاڪاڻ تــه اهي انبياء عليهم السلام جا وارث آهن، جيئن ته منهنجا دوست اهڙن بزرگان دين جي حالات کان واقف ٿيڻ لاءِ بيحد ڪوشان هئا، ۽ انهن جي زندگيءَ جي احوال کان واقف ٿيڻ جو مونجهن تمام گهڻو شوق هو، تنهنڪري منهنجي دل به انهن بزرگن جي حالات جي مطالع ڪرڻ لاءِ تڙپي رهي هئي. اهڙن دين جي بزرگن جو ڪلام بلڪل بي شمار هو، جيڪڏهن سڀني کي هڪ هنڌ جمع ڪريان ها تــه جيڪر هڪ لمبو چوڙو داستان بڻجي پوي ها. تنهنڪري پنهنجي ۽ پنهنجي دوستن جي خاطر ۽ جي اوهان بــه انهن ماڻهن منجهان آهيو ته توهان جي خاطر به تمام مختصر نموني سان دين جي بزرگن جا حالات گڏ ڪري قلمبند ڪيا اٿم. انهيءَ کــان وڌيڪ جيڪڏهن ڪنهن طالب علم کي بزرگ هستين جي حالات کان واقف ٿيڻ جو شوق هجي ته متقدمين جي تصنيف ٿيل ڪتاب کي ڏسي. جيڪڏهن انهن بزرگن جي ڪلام جــي تشريح ۽ تحصيل جي ضرورت هجي تــه ڪين شرح القلوب ۽ شرح الاسـرار ۽ ڪتاب معرفت النفس والــرب جو مطالعه ڪرڻ گهرجي. جيڪي صاحب انهن ٽنهي ڪتابن جو مطالعه ڪندا ته اميد آهي تــه انهيءَ ٿوليءَ کان خدا جي ڪا ڳالهه پوشيده رهي نــه سگهندي. انشاء الله تعاليٰ جيڪڏهن مان انهن بزرگن جي پاڪ ڪلام جي مڪمل تشريح ڪريان ته شايد هزارين صفحا پرجي وڃــن. مگر انهيءَ ڳالهه کي مدنظر رکي انهن جــي ڪلمات کي

نهايت مختصر ڪيو ويو آهي، ڇو تہ اختصار جو طريقو سنت ۾ داخل آهي. جهڙيءَ طرح حضور انور صلي الله عليه وسلم جن جو ارشاد آهي تہ ”اوتيت بجوامع الڪلام واختصر“ يعني خداوند ڪريم مونکي جامع ڪلمات عطا ڪيا ۽ منهنجي لاءِ هن ڪائنات کي مختصر ڪري ڇڏيو. ان ڪري مذڪوره حديث شريف جي مطابق، مان بہ اختصار کان ڪم ورتو آهي. ڪي ڳالهيون اهڙيون بہ آهن جن ۾ اختلاف آهي. هڪ مصنف ڪو بيان هڪڙي نہ ونئي ۾ بيان ڪيو تہ ٻئي مصنف وري اُن جي مخالفت ڪئي آهي. ليڪن مان ڪوشش ڪري خبرداريءَ کان ڪم ورتو آهي. بزرگن جي حالات جي گهرائيءَ ۾ نہ وڃڻ جو سبب هي بہ هيو: پهريون تہ انهن مقدس هستين جي ڪلام ۾ دخل ڏيڻ ٿي خلاف ادب خيال ڪيو ويو ۽ مون انهن جي پاڪ ڪلام ۾ پنهنجو ڪلام شامل ڪرڻ سنو نہ سمجهيو. البت ڪن موقعن تي ناواقف ۽ نا اهل ماڻهن جي دفع شبهہ لاءِ اشارتا ڪجهہ عرض ڪرڻ تي مجبور ٿيو آهيان: اهو بہ انهي جي ڪري تہ جنهن کي هن ڪلام جي شرح جي ضرورت محسوس ٿئي انهن لاءِ هي منهنجو عرض فائدي مند ثابت ٿيندو. ٻيون سبب هي آهي تہ اولياء مختلف قسمن جا هوندا آهن. ڪي اهل معرفت، ڪي اهل معامله، ڪي اهل توحيد ۽ ڪي اهل مجتهد. ڪن ۾ سڀيئي صفتون ماندبون آهن ڪن ۾ ٿوريون، ڪن ۾ ڪا ڪا صفت، خاص طرح سان نمايان هوندي آهي ۽ ڪن ۾ وري ٻي ڪا صفت هوندي آهي. اُن ڪري هڪ هڪ جي تشريح ڪرڻ ۾ وقت زياده لڳي ها ۽ ڪتاب بہ ڊيگهہ جي صورت اختيار ڪري ها.

انبياء عليهم الصلواة و السلام، اصحاب ڪرام ۽ اهل بيت عظام جي حالات کي بہ انهي ڪري ٿي نظر انداز ڪيو ويو آهي. انهن جي ذڪر ڪرڻ لاءِ، هڪ جدا ڪتاب جي ضرورت هئي. اهڙن ماڻهن جي حالات زندگي ۽ انهن جي ڪارنامن لکڻ جي مون ۾ قوت ڪٿان هئي، جڏهن تہ انهن جو ذڪر خدا وند تبارڪ وتعاليٰ ۽ اُن جي رسول مقبول صلي الله عليه وسلم قرآن ۽ حديث ۾ فرمايو آهي. تہ آهي عالم بہ هئا ۽ انبياء اصحاب ۽ اهل بيت جا ٽي گروهہ آهن. انشا الله انهن جي زندگي جي حالات لاءِ هڪ جدا ڪتاب لکيو ويندو ۽ مثلث عطار ان جو يادگار رهندو هن ڪتاب جي جمع ڪرڻ جا ڪجهہ سبب تہ مان مٿي لکي آيو آهيان ۽ ڪجهہ سبب هتي منهنجا يادگار رهندا.

(۱) جيڪو بہ شخص هن ڪتاب جو مطالعہ ڪري فائدو حاصل ڪري تہ ڪيس جڳائي تہ مونکي دعا خير سان ياد ڪري. انهي ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ الله تبارڪ وتعاليٰ انهن جي دعا جي سبب منهنجي قبر کي ڪشادو ڪري جيئن حضرت يحيٰ عمار رح جيڪو امام سهيري رح ۽ شيخ عبدالله انصاري رحہ جو استاد هو. ڪانئس سندس وفات کان پوءِ ڪنهن خواب ۾ ڏسي پڇيو

تہ الله تعاليٰ توهان سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو؟ انهي تي يحيٰ غمار رحہ فرمايو تہ الله تعاليٰ فرمايو تہ اي يحيٰ مان توسان سخت نموني پيش اچڻ ها ليڪن هڪ ڏينهن هڪ مجلس ۾ تون منهنجي تعريف ڪري رهيو هئين تہ اتان منهنجي هڪ دوست جو گذر ٿيو جنهنکي تنهنجي تقرير مان ڏاڍو لطف حاصل ٿيو تنهن ڪري پنهنجي دوست جي انهي لطف حاصل ڪرڻ جي عيوض مان توکي بخشان ٿو- ٻي صورت ۾ تونٰ ٻاڻ ڏسين ها تہ توسان ڪهڙو سخت سلوڪ ڪيو وڃي ها.

ٻيو هي تہ ڪنهن شخص حضرت ابو علي رفاق کان پڇيو تہ الله جي پيارن جي ڳالهين ٻڌڻ مان ڪهڙو فائدو آهي. جڏهن تہ اسان انهن جي ڳالهين تي ڪو بہ عمل ڪري نٿا سگهون. ٻاڻ فرمايائون تہ انهن جي ڳالهين ٻڌڻ مان ٻہ فائدا آهن. پهريون هي تہ ٻڌڻ وارو طالب قوي همت ٿئي ٿو ۽ منجهس حق جي خواهش ۽ محبت مضبوطي اختيار ڪري ٿي.

ٻيون فائدو هي آهي تہ جيڪڏهن ٻڌندڙ مغرور ۽ تڪبر ڪندڙ آهي تہ اُن جي دماغ مان غرور نڪري ويندو ۽ ڪيس پنهنجي نيڪي ۽ بدي معلوم ٿي ويندي ۽ هو ان کان بچڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو. جيڪڏهن ڪو دل جو روشن هوندو تہ ان جي اکيان مشاهدات بالکل ظاهر ٿي پوندا ؛ جيئن شيخ محفوظ رحمت‌الله عليه جو قول آهي تہ ماڻهوءَ کي پنهنجي تارازي ۾ نہ تور بلڪ پنهنجو پاڻ کي مردان خدا جي تاراري ۾ تور تہ جيئن تون پنهنجي خلوص ۽ انهن جي بزرگي کا واقفيت حاصل ڪري سگهين.

چوٿون سبب هن ڪتاب جي تاليف جو هي آهي تہ حضرت جنيد بغدادي رحمة الله عليه کان ڪن ماڻهن دريافت ڪيو تہ بزرگن جي ڳالهين ۽ روايتن جي ٻڌڻ ۾ مريد کي ڪهڙو فائدو ٿو پهچي تہ پاڻ فرمايائون تہ بزرگ ماڻهن جو قول خدا وند ڪريم جي نعمتن مان هڪ نعمت آهي جو مردهہ دل مريد جي دل کي تقويت ڏين ٿا جنهن جو دليل هي آهي تہ خدا وند ڪريم پنهنجي ڪلام پاڪ ۾ ارشاد فرمايو آهي :

اي محمدا صلي الله عليه وسلم گذريل رسولن جا قصا اسان توهان کي هن ڪري ٻڌايون ٿا جيئن اوهان جي دل کي آرام پهچي ۽ زياده قوت واري ٿئي.

پنجون سبب هي آهي تہ ، حضور پر نور صلي الله عليه وسلم جن جو ارشاد آهي تہ جنهن جاءِ تي صالحن جو ذڪر ٿئي ٿو اُتي الله تبارڪ وتعاليٰ جي رحمت وسندي آهي. جيڪڏهن ڪوئي شخص فقط دسترخوان وڇائي تہ اُن تي بہ رحمت خدائي نازل ٿئي ٿي. اها ڳالهہ ناممڪن آهي تہ هو انهي دسترخوان کان مايوس ٿي واپس ٿئي. مطلب تہ انهن ڪامل اوليائن جي ذڪر ڪرڻ سان گنهگارن کي مدد ملندي آهي.

ڇهون سبب هن ڪتاب جي تصنيف ڪرڻ جو هي هو، تہ قرآن مجيد ۽ حديث شريف کان پوءِ بزرگان دين جي اقوال ۽ اعمال کي سڀ کان بهتر ڏٺم ۽ انهن کي قرآن ۽ حديث تي عمل ڪندي ثابت قدم ڏٺم. ان ڪري مان بہ اهو ڪم اختيار ڪيم. جيتوڻيڪ مان انهن جهڙو هرگز ڪين آهيان ۽ نہ ٿيندس، تنهن هوندي بہ انهن جي محبت جي اثر کان معمور تہ ضرور ٿيندس. ڇاڪاڻ تہ حديث پاڪ ۾ آيو آهي، تہ جو شخص جنهن قوم سان مشابهت رکندو آهي انهن مان ئي هوندو. شيخ جنيد بغدادي رحمت‌الله عليہ فرمايو آهي تہ الله وارن سان سنئو سلوڪ رکو، ڇاڪاڻ تہ اُهي سچا پانها الله جا آهن، ۽ انهن جي ادب ڪرڻ جو بہ خيال رکو. جيڪڏهن اهي بلند هستي نہ هجن ها تہ ضرور اهي ڪنهن بيءَ ڳالهہ جي دعويٰ ڪن ها.

ستون سبب هن ڪتاب جي لکڻ جو هيءَ هو، تہ الله تعاليٰ جي بزرگن جي مقدس ڪلام سان مون کي ڪا مدد يا ڪو فائدو حاصل ٿئي، ۽ موت کان اڳ ڪنهن نہ ڪنهن بزرگ جي انمول دولت جو پاڇو نصيب ٿئي.

اٺون سبب هن ڪتاب جي تحرير ڪرڻ جو هي هو، تہ قرآن شريف ۽ حديث شريف سمجهڻ لاءِ نحو ۽ علم لغت کان ماهر ٿيڻ ضروري آهي. اڪثر ماڻهو ان جي سمجهڻ کان بي علم هوندا آهن، ۽ انهن بزرگان دين جي قولن، عملن ۽ ان جي تشريح کان عام و خاص غير واقف رهي سگهن ٿا. پهريائين هي ڪتاب عربي زبان ۾ لکيو ويو هو، پر هن جو ترجمو انگريزي فارسي زبان ۾ ڪيو ويو، تہ جيئن سڀئي ماڻهو فائدو حاصل ڪري سگهن.

نائون سبب هي هو، تہ مان ظاهري طرح هي ڏسان ٿو تہ. جيڪڏهن ڪو شخص ڪن ڳالهين ۾ توهان جي خلاف آهي تہ توهان ان کي خون ڪرڻ کان بہ ڪين ٿا گهبرائيو، يا جيڪڏهن ڪو ماڻهون شريعت ۽ طريقت جي خلاف توهان سان ڪجهہ ڳالهائي ٿو تہ توهان ان کي پنهنجو دشمن تصور ڪريو ٿا، ۽ ساري عمر ان لاءِ توهان جي دل ۾ بغض ۽ ساڙ گهر ڪري وڃي ٿو. هاڻي جڏهن بريون ڳالهيون توهان جي دلين تي اثر انداز ٿين ٿيون تہ ڇا پوءِ چڱين ڳالهين جو اثر توهان جي دلين تي نہ پئجي سگهندو؟ يقينا پوندو! پوءِ ڀلا انهن اثرن کان توهان بي خبر بہ ڇونہ هجو. جيئن شيخ عبدالرحمان اسڪاف رحہ کان ڪن ماڻهن دريافت ڪيو تہ انهي شخص کي قرآن پڙهڻ کان ڪو فائدو حاصل ٿي سگهي ٿو، جيڪو اهو نٿو ڄاڻي تہ هن جيڪي پڙهيو، ان جو مطلب ڇا هو؟ پاڻ فرمايائين: هائو ضرور ٿيندو. اهو ائين تہ ڪو شخص ڪا دوا استعمال ڪري، ۽ ان کي اهو معلوم ٿي نہ هجي تہ هن ڇا کاڌو آهي. ليڪن انهيءَ کاڌل دوا جو اثر تہ ضرور ظاهر ٿيندو. هاڻي جڏهن هڪ معمولي دوا جو اثر ظاهر ٿي سگهي ٿو تہ ڇا هڪ مقدس ڪتاب قرآن شريف جو اثر نہ ٿيندو! پر جيڪڏهن قرآن شريف پڙهندڙ اهو

سمجهي سگهي ٿو تہ جيڪي ڪجهہ هو پڙهي رهيو آهي، اُن جي ڄاڻ ۾ ڪيس آهي تہ اُن حالت ۾ اُن تي قرآن شريف جو اثر زيادہ پوندو.

ڏهون سبب ڪتاب جي لکڻ جو هيءُ هو- تہ منهنجي دل، سواءِ بزرگن ۽ ڪامل درويشن جي ڪلام لکڻ يا پڙهڻ جي ٻئي ڪنهن سان بہ ڪين لڳندي هئي، ۽ نہ وري انهن ڳالهين کان سواءِ ٻيو ڪجهہ چئي سگهندو هوس. انهيءَ ڪري هن دنيا وارن جي خاطر، بزرگن جي ڳالهين جو شغل مهيا ڪري ڇڏيو آهي تہ جيئن هن دنيا ۾ ڪوئي پيالي پائي ملي وڃي. جيئن حضرت شيخ بو علي سينا رحہ فرمائين ٿا تہ منهنجون بہ خواهشون آهن: پهرين هيءَ تہ مان الله تبارڪ وتعاليٰ جون ڳالهيون ٻڌندو رهان ۽ ٻي هيءَ تہ الله تبارڪ وتعاليٰ سان ڳالهين ڪندڙ کي ڏسندو رهان.

يارهون سبب ڪتاب جي لکڻ جو هي ٿيو، تہ امام يوسف همداني رحمةالله عليه کان ماڻهن پڇيو تہ جڏهن هي زمانو گذري وڃي، ۽ هي بزرگ بہ وفات ڪري وڃن تہ انهي صورت ۾ اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ جنهن سان اسان کي سلامتي حاصل ٿئي. پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ هر روز انهن الله جي پيارن ٻانهن جي ذڪر جا اٺ اٺ پنا پڙهي وٺندا ڪريو. بس تنهنڪري مان بہ اهل دنيا وارن لاءِ اهڙو شغل پيدا ڪرڻ پنهنجو فرض ڄاڻو ۽ بزرگان دين جي حالات کي قلمبند ڪيو.

ٻارهون سبب تہ مون کي ننڍپڻ کان ئي دل ۾ بزرگن لاءِ محبت هئي، ان ڪري بزرگ ماڻهن جي حالات لکڻ کان سواءِ منهنجي دل کي ڪڏهن بہ آرام و اطمينان حاصل ٿي نٿي سگهيو تنهنڪري مان پنهنجي طاقت ۽ همت سان انهن ڳالهين کي ترتيب ڏني؛ ڇاڪاڻ تہ هي زمانو اهڙو آهي جنهن ۾ اهڙين ڳالهين جي تمام گهٽي ڪوٽ آهي. حالانڪ اهڙن بزرگن جهڙو ڏيک ڏيندڙ ماڻهو اڄ بہ گهڻا آهن، جيڪي پاڻ لاءِ ڪامل درويشن جي دعويٰ ڪن ٿا. ليڪن حقيقت ۾ اهل الله هن وقت اهي ۾ لوڻ برابر بہ ڪين آهن. جهڙيءَ طرح حضرت جنيد بغدادي رحمةاللهعليه حضرت شبلي رحمةالله عليه کي فرمايو تہ جيڪڏهن هن ساري جهان ۾ هڪ شخص بہ تنهنجي خيال جي مطابق توکي ملي وڃي تہ تون هڪدم هنجو دامن پڪڙي وٺجانءِ تنهنڪري مان انهن بزرگن جي دامن پڪڙي ورتي، جن جي هر ڳالهہ منهنجي دل تي اثر رکندڙ هئي.

تيرهون سبب هي هو تہ مون کي ائين نظر اچي رهيو هو، تہ غفلت جي تاريڪ راهن ۾ ڀٽڪندڙن بزرگ هستين کي بلڪل فراموش ڪري ڇڏيو آهي. اُن ڪري سان بزرگن جي احوال کي هڪ جاءِ تي جمع ڪرڻ مناسب سمجهو، ۽ هن ڪتاب جو نالو "تذڪرةالاولياء" رکيو، تہ جيئن گمراہ انسان هن جو مطالع ڪري گوشہ نشينيءَ ۽ اڪيلائيءَ ۾ عبادت ڪندڙن

کي کولين، انهن جـي طرف رغبت رکن، ۽ جنهن جـي نتيجي ۾ فيض و بـرڪت، سعادت ۽ ثواب دارين حاصل ڪري سگهن.

چوڏهون سبب هن ڪتاب جي تحرير ڪرڻ جو هي ٿيو ته بزرگن جا احوال، سندن اقوال ۽ انهن جون ڪرامتون، نهايت ئي فائدي مند ثابت ٿين ٿيون. انهن مـان انسان کي ڪيترا ئي فائدا حاصل ٿي سگهن ٿا، جيئن ته پهريون دنيا سان محبت رکڻ وارا ان کـان نفرت ڪرڻ لڳن ٿا. ٻيو آخرت جي ياد هميشه قائم رهي ٿي. ٽيون انهن جي دلين ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ جي محبت پيدا ٿئي ٿي. چوٿون جيڪو شخص انهن جون برڪت ڀريون ڳالهيون ٻڌندو تـه ضرور آخرت لاءِ پنهنجي عاقبت سڌارڻ جي ڪوشش ڪندو. انهن ڳالهين کي مد نظر رکي مون هن ڪتاب کي لکڻ نهايت ضروري سمجهيو. هاڻي جيڪڏهن هيءَ دعويٰ ڪئي وڃي ته شايد بيجا نه ٿيندي ته هي ڪتاب هڪ اهڙو ڪتاب آهي جـو نا مردن کي مرد، مردن کي جوان مرد ۽ درد مندن کي پورو پـورو درد مند بنائي ڇڏيندو. جيڪو بـه شخص هـن ڪتاب جو مطالع ڪندو، اهو بخوبيءَ سمجهي سگهندو ته الله وارن جي دل ۾ اهـو ڪهڙو درد هو، جنهن جي سبب بيابانن ۾ رلن ٻٽن ۾ رهي ڪري بـه انهن جا قلوب اهڙا عجيب و غـريب ڪم ڪري ويـا ۽ انهن کـان ڪهڙيون نـه عجيب ۽ حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهيون ظاهر ٿيون.

هڪ ڏينهن مان امام مجدالدين خوارزمي جي خدمت ۾ ويس ته اُن کي رئندو ڏسي انکان سبب پڇيم. پڇيو مانس ته ڪهڙي ڳالهه آهي، اوهان ڇو روئي رهيا آهيو؟ پاڻ فرمايائون ته توکي هيءَ حديث معلوم نـه آهي، ته فرمايو رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم ته منهنجي اُمت جا علماءَ بني اسرائيل جي پيغمبرن جي برابر هوندا. هاڻي هن اُمت جا اهي ماڻهو ڪيتري قدر نه بلند مرتبه ڇٻا جيڪي صالحن مان آهن. وري پاڻ فـرمايائون تـه ڪالهه مان درگاه ايزديءَ ۾ التجا ڪئي هئي، ته يا الاه العالمين تنهنجا ڪم علت تي موقوف آهن، مون کي صالحن جي جماعت ۾ ڪري ڇڏ، يا انهن جي زيارت ڪرڻ وارن مان ڪر.

پندرهون سبب هن ڪتاب جي تصنيف جو هي هو تـه، هن ڪتاب جي تصنيف ڪرڻ سان روز محشر ۾ جيئن منهنجي نجات ٿئي، ۽ قيامت جي ڏينهن منهنجي مٿان عنايت جي نظر ڪئي وڃـي.

نقل آهي ته حضرت جمال موصلي رحمةالله عليه ساري عمر انهي تمنا ۾ گذاري ته مونکي حضور پرنور صلي الله عليه وسلم جي قبر شريف جي قريب جڳهه ملي. هن انهيءَ ڏس ۾ طرح طرح جون مصيبتون برداشت ڪيون ۽ پنهنجي جان ۽ مال قربان ڪيائين، تڏهن وڃي آقا نامدار محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جـن جي نزديڪي حـاصل ٿين، ۽ مـرڻ وقت وصيت ڪيائون تـه

منهنجي قبر تي ”وڪلبهم باسط ذراعيه بالوصيد“ جا لفظ لکي ڇڏجو. جنهن جو مطلب آهي تہ اي خدا وند ڪريم هڪ ڪتو تنهنجي دوستن سان چار پير گڏ هليو تہ تو ان ڪي انهن جو ساٿي بنائي ڇڏيو. مان بہ تنهنجي دوستن جي دوستي جي دعويٰ ڪريان ٿو. تنهنڪري تون پنهنجي انبياءُ اولياءُ ۽ علماءُ جي جان پاڪ جي صدقو مان غريب ۽ عاجز تي بہ رحم ۽ ڪرم جي نظر ڪر، مونکي پنهنجي نيڪ ٻانهن کان جدا نہ رک، ۽ پنهنجي انهيءَ نظر عنايت کان محروم نہ رک جيڪا تنهنجي نيڪ ٻندن جي مٿان رهي ٿي.

يا الله! مان بہ تنهنجي خاص ٻانهن جو غلام آهيان مون تي پنهنجي رحمت جا دروازا کولي ڇڏ. مان نا چيز جي هن تحرير کي پنهنجي قربت جو وسيلو بناءِ، ۽ هن ڪتاب کي مقبوليت جو جامو پهراءِ. تون ئي توبه قبول ڪندڙ رب آهين. آمين ثم آمين.

حضرت شيخ محمد فريدالدين عطار رحمت‌الله عليه

”ذڪر حضرت شيخ فريدالدين عطار رحمت‌الله عليه“

مصنف ڪتاب تذڪرةالاولياءُ قديم

حضرت شيخ عطار جو نالو محمد ۽ سندس لقب فريدالدين هو. سندس والد جو نالو ابراهيم هو، جو نيشاپور جي نزديڪ ڪدڪن جي شهر جو رهاڪو هو. هو نيشاپور جو هڪ تمام مشهور ۽ عزت دار واپاري هو. پاڻ حضرت شيخ عطار رحہ ٥١٣ هجري ۾ ڪدڪن نيشاپور ۾ تولد ٿيا. سندن پيدائش جي چند ڏينهن کان پوءِ سندس والد صاحب پنهنجي پير روشن ضمير حضرت عالم قطب‌الدين حيدر جي خدمت ۾ ان جي سعادت ۽ برڪت حاصل ڪرڻ لاءِ ويو. اهوئي سبب ان ڪامل ۽ برگزيده درويش جي نظر جو اثر هو، جو آخري عمر تائين شريعت، طريقت، تصوف عرفان ۽ يقين جي اعليٰ مرتبن تي سرفراز ٿيا.

شيخ صاحب جي طالب علمي جو زمانو نهايت ئي شريفاڻو گذريو، علم جي تحصيل سان گڏو گڏ، سندن طبيعت ۾ سير و سياحت جو بہ بيحد شوق هوندو هو. پاڻ تيرهن سالن جي عمر ۾ مشهد ۾ تشريف فرما ٿيا، پنهنجي جواني واري دور ۾ پاڻ مقدس مزارن ۽ پاڪ جاين جون زيارتون ڪرڻ شروع ڪيائون. حضرت شيخ جو در اصل اهوئي زمانو طبعي نشو و نما جو زمانو هو. انهيءَ زماني ۾ پاڻ مشائخ اڪابر ۽ وقت جي مجتهدن جي صحبت ۾ رهي ظاهري ۽ باطني فيض ۽ برڪتون حاصل ڪيائون. انهيءَ سياحت جي دوران هن صاحب ڪبترن ئي مقدس مقامن ۽ مزارن جون زيارتون پڻ ڪيون. محض انهيءَ سياحت جي سبب، اصل بيت رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين جي اعتقادي محبت، ۽ انهن بزرگان دين جي ذات سان محبت پيدا ٿيڻ جي سبب

ڪيترن حاسدن شيخ صاحب جي مٿان نه صرف ملامت جي لائق هجڻ جو گمان ڪيو بلڪ ڪن محبت جي عقيدن جي بنياد تي آخري عمر ۾ ڪين جام شهادت جو به پيٺو پيو. جيتوڻيڪ حاسدن لاءِ سندن شهادت حسد واري نيت تي ٻڌل هئي. ليڪن شهادت جو بلند مرتبو به محض آنهن بزرگن محرمن جي محبت جي سبب حاصل ٿين. جنهن جو مختصر بيان آخري صفحن تي بيان ڪيو ويندو.

الغرض سندن عمر مبارڪ جا پورا پنجاه سال مقدس مقامن جي زيارت ڪندي گذرياه جنهن جو ثبوت سندن ڪلام مان پيش ڪجي ٿو. پاڻ فرمائين ٿا: ترجمو:- ته مان هن عالم جي چئني طرف گهميس. بزرگن جي مقدس مقامات جي زيارت ڪري اتان برڪتون حاصل ڪيم. حضرت موسيٰ عليه السلام وانگر تمام اولياءُ ڪرام کي ظاهر توڙي باطن ۾ هن مخلوق لاءِ محافظ سمجهان ٿو. ان ڪري منهنجي لاءِ اهي سڀ برابر آهن. انهيءَ ٿي خيال سان مان ڏهن امامن جي مزارن جي به زيارت ڪئي ۽ انهن جي مزارن کي پنهنجي اکين سان لڳايو. منهنجا دشمن اگر منهنجي انهيءَ فعل تي مون کي برو چون ته مان انهن کي پٽر هڻڻ کان به ڪين گهبرائيندس. اهڙي طرح مان ڪجهه وقت حرم شريف ۾ به رهيس اتان جي برڪتن سان مان پنهنجو پاڻ کي سڃاڻي، خدا کي سڃاڻڻ لڳس. چاڪاڻ ته گهر واري جي حقيقت ان جي گهر ۾ ئي معلوم نه ٿئي، تہ پيو ڪٿي ٿيندي. جنهن جي برڪت سان مون کي خدا جي حبيب بڻجڻ جي بجاءِ محبوب بڻجڻ جو فخر حاصل ٿيو. مان مڪي معظم، مصر ۽ دمشق جي سياحت کان پوءِ ڪوفي کان خراسان تائين گهميس، ۽ درياه جيجون کان پار لنگهي هندستان ۽ ترڪستان کان ٿيندو چين آيس. اهڙي نموني سياحت ڪندو وري پنهنجي وطن نيشاپور ۾ اچي قيام ڪيم. انهيءَ ڪري تمام دنيا ۾ منهنجي واقفيت ۽ سياحت جي شهرت عام ٿي چڪي هئي. دنيا جي چئني طرفن کان هي آواز پئي آيو تہ مان نيشاپور ۾ اڪيلائي اختيار ڪري ورتي آهي ۽ هالي مان خلوت ۾ پنهنجي الله تبارڪ وتعاليٰ سان گڏ اڪيلو مصروف آهيان.

ليڪن سندن حاسدن انهيءَ گوشه نشينيءَ واري حالت ۾ بہ سندس پيڇو ڪونه ڇڏيو. ساڳيءَ طرح ڪيترن ئي قسمن جا مٿن الزام مڙهيا ويا. ڪين انهيءَ خلوت نشينيءَ تي طعنا ملڻ لڳا. تنهنڪري پنهنجي نيڪ نيتي ۽ فراخ دليءَ جي سبب هي مناسب سمجهيائون ته پنهنجي وطن نيشاپور کي ڇڏي وڃن. اهو ئي سبب هو جو اندازاً پنجاه سالن جي سير و تفريح کان پوءِ هڪ دفعو وري پنهنجي وطن کي ڇڏڻو پين. ليڪن انهي وقت سندن قلب کي آرام جي ضرورت هئي. تنهن ڪري دوباره سياحت ڪرڻ جي بجاءِ پاڻ شهر شادياخ تشريف وٺي ويا. هي سنه ٥٨٣ هجري جو دور هو. انهيءَ وقت سندن عمر اٽڪل ستر سالن جي لڳ ڀڳ هئي. شايد

انهيءَ زماني ۾ سندن والد محترم وفات پاتي هجي، ڇاڪاڻ تہ تاريخ مان ثابت ٿئي ٿو تہ شهر شادياخ ۾ پاڻ پنهنجي اباڻي ڌنڌي عطر جي تجارت ۾ مصروف هئا.

بعض مورخن جو چوڻ آهي تہ پاڻ سلطان خوارزم شاه جا خاص طبيب هئا. سندن دواخانو وڏي اعليٰ پئماني تي هو. ممڪن آهي تہ اهو صحيح هجي. ڇاڪاڻ تہ علم شريعت سان گڏ علم طب جو بہ واسطو آهي. ڪي تہ علماءِ ڪرام اڪثر ڪري طبيب ڪامل ٿيندا آهن پر اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ پاڻ عطر فروشيءَ سان گڏو گڏ دوائن جي بہ تجارت ڪندا هجن. ڇاڪاڻ تہ موجوده زماني ۾ بہ بعض علماءَ حڪمت جو ڌنڌو ڪن ٿا.

بهرحال اهو ثابت ٿو ٿئي تہ سندن دڪان اعليٰ پيماني تي علندڙ هو. جنهن ۾ هر قسم جي عطر ڪان سواءِ خشڪ و تر دوائون بہ موجود هيون. پاڻ نيشاپور ڪان شادياخ اچي ڪري پنهنجي انهيءَ اباڻي ڌنڌي ۾ ايتري قدر تہ مشغول ٿي ويا جو ڪنهن تاليف ۽ تصنيف تہ ڇا پر هڪ اڌ شعر چوڻ جي بہ ڪين فرصت ڪان ملندي هئي. جيئن تہ پاڻ خسرو ناميءَ ۾ فرمائين ٿا:

ترجمو:- هڪ دوست مونکي هن طرح مخاطب ٿي چيو تہ اوهان ديہن جي وڪرن ڪي ولين وارا آهيو. ليڪن اڄ ڪلهہ اوهان ڏينهن رات طب ۾ ايتري قدر تہ مصروف آهيو جو طبابت ڪمزورن ۽ ناتوانن لاءِ آهي. پر شعر ۽ حڪمت تہ جان جي قوت آهي. ان ڪان پوءِ پنهنجي زبان ڪي بند ڪئي ڪين لبي سال گذري ويا. پاڻ زهد اختيار ڪري، مڪمل تنهائي ۾ رهيا. اها حقيقت آهي تہ علم طب قانون سان بدل آهي ليڪن اشعار بہ تہ ارشادن ۽ عنايتن سان پرحال هوندا آهن.

سندن ڪلام مان ثابت ٿئي ٿو تہ پاڻ ٿي سال پنهنجي دڪانداري ۾ مصروف رهي شعر و شاعري، تاليف و تصنيف جي طرف ڪوبہ توجہ ڪونہ ڏنائون.

سندن انهيءَ زماني جي متعلق ڪن مورخن ڪين صاحب ثروت لکيو آهي. انهن ڏينهن ۾ دنيا سان قطع تعلقات ڪرڻ جو هي مشهور واقعو ظهور بہ پذير ٿيو.

هڪ ڏينهن پاڻ پنهنجي نهيل سينگاريل دڪان تي وڏي شان ۽ مان سان ويٺا هئا، تہ هڪ فقير صورت درويش سندن دڪان جي سامهون اچي بيٺو. ڪين چتائي چتائي پئي ڏنائين. پر جيئن تہ پاڻ انهيءَ وقت ڪنهن خيال ۾ محو هئا، آن ڪري پاڻ آن فقير نما درويش ڪي هڪ گداگر فقير سمجهي چوڻ لڳا: ”ديوانن جيان ڇو گهوري رهيو آهين؟ هليو وڃ هتان! پنهنجو رستو پڪڙ! آن بزرگ جواب ڏنو تہ ”خواجہ صاحب مر هڪ کي هتان وڃڻو آهي، مون کي بہ تہ توکي بہ! ليڪن مان مفلس تہ پاڻ وٽ ڪنهن بہ قسم جو بوجهہ نہ هئڻ سبب بلڪل آرام سان

وڃي سگهندس. ڇاڪاڻ تہ سون وٽ صرف هيءُ ئي هڪ ڪمبل آهي. پر اوهان پنهنجي وزني سامان جو فڪر ڪريو. اوهان ايتري سامان جو بار ڪٿي ڪيئن سگهندا!

اے خواجہ کیسہ پر عقاقیر در وقت رحیل چیست تدبیر

فقير جون اهي عارفاڻيون ڳالهيون ٻڌي شرط ڀاڻ حيرت ۾ پئجي ويا، ۽ ڪانئس مخاطب ٿي پڇائون تہ تون هتان ڪيئن وڃي سگهندين؟

آن بزرگ پنهنجو ڪمبل سيرانديءَ کان رکي، زمين تي ليٽندي چيو تہ ڏس! هن طرح. ائين چوندي ئي سندس روح جان مان نڪري پرواز ڪري ويو.

هن معجزه نما واقعي ۾ پنهنجي چشم نمائي جي جهلڪ ڏسي مٿن بيهوشيءَ جي حالت طاري ٿي وئي. سندن دل تي هڪ ئي چوٽ لڳڻ سان نور الاهيءَ جون ديپل چڻنگون وري دکڻ لڳيون ۽ سندن دنيا جي حرص ۽ هوائن کي انهيءَ دم ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيو. انهيءَ وقت پاڻ اٿيا، ۽ پنهنجي سڄي دڪان جو سامان اسباب زر ۽ روڪڙ وغيره يا جو ڪجهه بہ وٽن هو سو سڀ لٽائي ڇڏيائون. پاڻ انهيءَ زماني جي شيخ الشيوخ زبدة العارفين حضرت رڪن الدين اڪاف رحمت الله عليه جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا، ۽ سندن دست مبارڪ تي توبه تائب ٿي ڪري حرمين شريف تشريف وٺي ويا. انهيءَ درويشانہ سياحت ۾ گهڻن ئي بزرگن جي خدمت ۾ حاضر ٿي ڪانئن فيض ۽ برڪتون حاصل ڪيائون. اهو وقت سندن رياضت ۽ عبادت جو وقت هو. ليڪن حاسدن ان وقت جي درويشانہ زندگيءَ ۾ بہ سندن پيڇو ڪونہ ڇڏيو.

آخر جنهن وقت شيخ صاحب جن پنهنجو هڪ ڪتاب "مظهرالعجائب" تصنيف ڪيو ۽ جنهن کي حضرت علي ڪرم الله وجہ جن جي نالي سان منسوب ڪيائون. انهيءَ تي ان وقت جي قاضيءَ مٿن رافضي هجڻ جي فتويٰ ڏيئي ڇڏي. انهيءَ فتويٰ جي بنياد تي کين واجب القتل قرار ڏنو ويو.

ان وقت سلطان براق ترڪمان جي حڪومت هئي. شيخ صاحب جن کي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو. سلطان جي ڏمر سبب سندن سمورو مال ۽ اسباب ڦريو ويو ۽ سندن گهر بار برباد ڪيو ويو. ليڪن الله تبارڪ و تعاليٰ سندن مدد فرمائي ۽ سندن پنهنجي جان بچي وئي.

هن ڏکائيندڙ واقعي بعد پاڻ هڪ ڪتاب لسان الغيب تصنيف ڪيائون جو غالباً سندن آخري تصنيف آهي. هي ڪتاب نظم ۾ آهي. واقعي هي ڪتاب پنهنجو مٽ پاڻ آهي. هن ڪتاب ۾ پاڻ جيڪي ڪجهه فرمايو اٿن، سو سواءِ ڪنهن مبالغي جي سندن قدرتي جذبات سان شامل آهي. جيئن تہ خود فرمائين ٿا:

* ایں کتاب از پیش احمد گفتہ ام در مقام مکہ بنوشتہ ام *

رسول مقبول صلي الله عليه وسلم جي محبت جي صلي ۾ پاڻ خواب ۾ حضور پر نور محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن جي زيارت کان مشرب ٿيا. پاڻ پنهنجي تصنيف اشترنامه ۾ فرمائين ٿا:

ترجمو:- هڪ رات مان حضور انور صلي الله عليه وسلم جن کي خواب ۾ ڏٺو ۽ مان عشق ۾ بيتاب ٿي ديوانن جيان حضور مقبول صلي الله عليه وسلم جن جي طرف ڊوڙ پاتي. هن جهان جي بادشاه يعني حضور اڪرم جن منهنجي هٿ کي پڪڙيو. پنهنجي مٺهن مبارڪ جي لب پاڪ منهنجي وات ۾ وجهي ڪري فرمايائون ته اي عطار! تون منهنجي اسرار جي ٻـ لائق آهين ۽ منهنجي نور ڏسڻ جي ٻـ قابل آهين. الله تبارڪ وتعاليٰ منهنجي جسم ۽ جان ۾ پنهنجي پوشيده اسرار محبت فرمائي آهي. هاڻي مان آهي خزانه تنهنجي سامهون ظاهر ڪري ڇڏيا آهن ۽ تنهنجا رنج ۽ غم ٻه دور ڪري ڇڏيا آهن، مون کي اهڙي بشارت ڏئي پاڻ حضور پر نور صلي الله عليه وسلم جن پوشيده ٿي ويا. ان کان پوءِ منهنجي قلب ۽ روح جا تعلتات پاڻ ۾ قائم ٿي ويا. جو ڪجهه ٻه آهي اهو سڀ ڪجهه حضور پر نور صلي الله عليه وسلم جن جي محبت ۽ بشارت جي صدقي سان مون کي مليو آهي. هي بلڪل صحيح آهي تـ آدب، اخلاق، تصوف حڪمت شريعت طريقت جو هي مجموعي (گڏيل) خزانو، حضرت شيخ عطار رحمت الله عليه کي- حضور پر نور فخر عالم محبوب خدا محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن جي محبت جي صلي ۾ ئي الله تبارڪ وتعاليٰ جي طرف کان بخشيو ويو آهي.

شيخ عطار رحمت الله عليه جا چاليهه ڪتاب نثر ۾ آهن ۽ شعرن جو تعداد اٽڪل ٻه لک ٻـ هزار سٺ آهي. سندن ڪتابن جا ڪجهه نالا هي آهن:

١- جوهرالذات ٢- مظهرالعجائب ٣- وصلت نامه ۴- اسرار نامه ٥- الاهي نامه ٦- مصيبت نامه ٧- بلبل نامه ٨- اشتر نامه ٩- تذڪرةالاولياء ١٠- معراج نامه ١١- مختار نامه ١٢- جواهر نامه ١٣- شرح القلوب ١۴- ڪنزالاسرار ١٥- مفتاح المفتوح ١٦- منصور نامه ١٧- اوسط نامه ١٨- حيدر نامه ١٩- ولد نامه ٢٠- سياه نامه ٢١- اقوالصفا ٢٢- حقائق الجواهر ٢٣- اسرارالشهود ٢۴- گل خسرو ٢٥- منتق الطير ٢٦- پند نامه ٢٧- خياط نامه ٢٨- ڪنزالحقائق ٢٩- هفت وادي ٣٠ ملاح نامه ٣١- ڪنزالبحر ٣٢- لسان الغيب ٣٣- وصيت نامه ٣۴- بسير نامه. آهي سڀ ڪتاب سندن پنهنجا لکيل آهن. باقي ڪتابن جا نالا مون کي ملي ڪونه سگهيا آهن.

مطلب ته شيخ عطار رحمت الله عليه جن پنهنجي چاليهن ڪتابن جي تصنيف جي ثبوت ۾ فرمائين ٿا.

ترجمو:- مان سوچي سمجهي ڪري پنهنجي ڪتابن جا نالا انهن جي بيانن ۽ مضمونن جي

لحاظ تي مقرر ڪيا آهن- انهن جي هر هڪ شعر جي اندازه جي مون کي ڄاڻ آهي- اهي شعر ڪي اهڙا ٿهڙا نه آهن باڪ وڏي معنيٰ رکندڙ آهن؛ پوءِ پلا چونه مونکي ياد رهن- ڪل شعرن جو تعداد وبه لک به هزار ست آهي هي صحيح شمار آهي ۽ اُن کان گهٽ شعر ڪڏهن به نه هوندو؛ ليڪن آخري عمر ۾ پاڻ شاعريءَ کي ترڪ ڪري ڇڏيائون، پنهنجي عمر ۾ شيخ صاحب جيڪا علم و ادب جي خدمت ڪئي، اها پاڻ هيٺ ٻن شعرن ۾ بيان ڪئي اٿن. شال الله تبارڪ وتعاليٰ اهڙن برگزيده انسانن مٿان پنهنجي رحمت جو سايو فرمائي. پاڻ فرمائين ٿا:

ترجمو:- مان هڪ اهڙو پکي هيس جو عالم بقا کان عالم فنا جي طرف انهيءَ اميد تي اڏري آيس ته جيئن هن اعمال فنا ۾ نيڪ اعمال جو ڪوئي اهڙو نمونو عالم بقا ۾ کڻي وڃان جو الله تبارڪ وتعاليٰ جي قربت جو ذريعو ثابت ٿئي. جڏهن هت ڪنهن کي به پنهنجو جان نثار ۽ هم راز ڪونه ڏٺم، ته انهيءَ وقت جيڪي ڪجهه مون کان ٿي سگهيو سو مان پنهنجي لاءِ ڪيو. جنهن رستي کان مان هن عالم فنا ۾ آيو هوس، اُنهيءَ ئي رستي کان عالم بقا ڏانهن هليو ويس.

پاڻ ڪامل ولي هئا، مگر سند جي طور خرقہ ولايت فخرالڪاملين سلطان العاشقين حضرت مجدالدين بغدادي رحمت الله عليه جي دست مبارڪ کان حاصل ڪيو هئائون. شيخ عطار جي شهادت جي سن ۾ مورخن جو پاڻ ۾ اختلاف آهي. ليڪن صحيح هيءَ آهي ته حضرت جن کي چنگيز خان جي حملن وقت مغلن جي زماني ۾ مغلن جي لشڪر گرفتار ڪري قيد ۾ رکيو، ۽ جڏهن مغلن ظالمانه رويه سبب قتل عام جو حڪم ڏنو، اُن وقت پاڻ سن ٦٢٦ هجري سال جي پڇاڙيءَ ۾ يا ٦٢٧ هجري جي شروعات ۾ شهادت پاتائون. حضرت صاحب جن جي شهادت جو مختصر واقعو هيٺ ڏجي ٿو:

جڏهن مغلن جي سپاهين قتل عام ۾ حضرت جن کي به شهيد ڪرڻ گهريو ۽ هڪ مغل سپاهيءَ کيس شهيد ڪرڻ جي خيال سان تلوار ٿي هنئين ته ٻئي سپاهيءَ هڪدم ان کي منع ٿي ڪئي، ته هن ويچاري ضعيف تي رحم ڪر. اهڙي طرح جڏهن ٽئين ماڻهو کيس شهيد ڪرڻ گهريو ته چوئين اُن کي ڇو ته هن بوڙهي کي نه مار. هن جي خون بها جي عيوض مان هڪ هزار درهم توکي ڏيندس، تون هن کي ڇڏي ڏي. انهيءَ خيال سان مغل لشڪر حضرت جنکي ڇڏڻ گهريو ٿي ته اينري ۾ پاڻ خون بها پريندڙ سپاهيءَ کي مخاطب ٿي فرمايائون: ته "تون منهنجو خون بها ادا نه ڪر. مان انهيءَ معاوضه ۾ ڪو وڌيڪ بهتر تحفو (بارگاه الاهي کان) حاصل ڪرڻ گهران ٿو.

آنهيءَ تي هڪ سپاهيءَ مزاق ۽ ٺٺوليءَ جي طور چيو ته چڱو مان تنهنجي خون بها جي

بدلي ۾ هڪ ڳاه جي پري ڏيندس. پاڻ فرمايائون ته ڏاڍو سنو! آءٌ به آنهيءَ ئي خون بها جي لائق آهيان.

نقل آهي ته جنهن ڏينهن سندن وصال ٿيو، انهيءَ ڏينهن بلڪ انهيءَ وقت نيشاپور جي هڪ تمام وڏي عزت دار شيخ يعني يحيٰي ابن ساجد (جو قاضي القضاة به هو) جي فرزند به وفات ڪئي. ماڻهن عقيدي جي خيال سان اهو مناسب خيال ڪيو ته قاضي القضات جي مرحوم پٽ کي به حضرت شيخ عطار جي قدمن ۾ دفن ڪيو وڃي. ليڪن قاضي القضات چيو ته مان پنهنجي فرزند ارجمند کي هڪ پوڙهي افسانه گو (نعوذ باالله منها) جي قدمن ۾ هرگز دفن نه ڪندس. چوندا آهن ته جيڪا ڳالهه ٿيڻ واري هوندي آهي آها آخر ٿي ئي گذرندي آهي.

اتفاق سان انهيءَ ڏينهن قاضي القضات جو پٽ دفن ٿي نه سگهيو ۽ انهيءَ رات قاضي صاحب خواب ۾ ڏٺو ته حضرت شيخ فريدالدين عطار جي مزار مقدس تي سون جي تعداد ۾ ڏيا ٻري رهيا آهن، ۽ وڏا وڏا قطب ۽ ابدال نهايت ئي وڏي ادب ۽ اخلاق سان مقدس مزار مقدس تي مراقبه ڪيو ويٺا آهن. ٻئي پاسي پنهنجي مري ويل پٽ کي روئندو ڏٺائين، جيڪو ڳوڙها وهائيندي، اکين سان آب هاريندي هيئن چئي رهيو هو ته اها منهنجي ڪيڏي نه بد قسمتي آهي، جو سونکي حضرت شيخ جهڙي الله جي پياري ٻانهي جي قدمن کان محروم رکيو ٿو وڃي؛ جنهن جي قدمن جي هيٺان جنت آهي. افسوس! جيڪڏهن مون کي هن بزرگ جي قدمن ۾ دفن ڪيو وڃي ته منهنجي لاءِ ڪهڙي نه چڱي ڳالهه ٿي پوي!

قاضي صاحب صبح جو اٿيو ۽ بيحد شرمندو ٿيڻ لڳو. پنهنجي قصور جي معافي وٺي پنهنجي پٽ کي شيخ صاحب جي قدمن ۾ دفن ڪرايائين. اُن کان پوءِ حضرت شيخ فريدالدين عطار رحمت‌الله عليه جي قبر مٿان هڪ عاليشان مقبرو جوڙايائين.

حضرت شيخ عطار جي مزار پرانوار شهر شادياخ جي محلي بازارگان ۾ آهي. مٿس قاضي يحيٰي جيڪو مقبرو ٺهرايو هو سو عن جي شان مطابق ڪين هو. تنهنڪري نظام‌الحق والدين امير علي شير حضرت شيخ عطار جي قبر مٿان هڪ اهڙو ته روضو تعمير ڪرايو، جنهن جي سونهن سوڀيا بي مثال آهي.

ذڪر حضرت امام جعفر صادق رضي‌الله تعاليٰ عنه

ملت مصطفوي جو سلطان. حجت نبوي جو دليل. صديق عالم تحقيق ديني و دنيوي جو عالم بي بدل، جگر پاره اوليا. گوشه انبيا. نافذ شير خدا. وارث رسول هردوسرا عليه‌التحيات والتسليم. عاشق صادق ابو محمد امام جعفر صادق رضي‌الله تعاليٰ عنه.

جيئن ته هن ڪتاب جي شروع ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته، جيڪڏهن انبياء عليهم السلام و اصحابہ ڪرام ۽ اهل بيت رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين جو ذڪر ڪيو وڃي ها ته هڪ علاحده ڪتاب جڙي پوي ها. ليڪن هي ڪتاب صرف انهن اولياء ڪرام جي حالات متعلق آهي جيڪي اصحابہ ڪرام کان بعد ٿيا آهن. مگر هن ڪتاب جي عزت ۽ تبرڪ جي لحاظ کان هي ڪتاب حضرت امام جعفر صادق رضي الله تعاليٰ عنه جي حالات کان شروع ڪيو وڃي ٿو ڇاڪاڻ ته پاڻ حضور پر نور صلي الله عليه وسلم ۽ ان جي اصحابہ ڪرام رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين کان بعد ٿيا آهن.

جيئن ته پاڻ اهل بيتن مان هئا. ان ڪري شريعت کان سواءِ طريقت جي متعلق به سندن ڪيترا ئي اشارا موجود آهن. تنهن کان سواءِ پاڻ کان ڪيترين ئي حديثون به بيان ٿيل اٿن. انهن مڙني خاصيتن کي مدنظر رکندي حضرت امام جعفر صادق رحمت الله عليه جي بنسبت چند ڳالهيون لکيون وڃن ٿيون. پر جيئن جو پاڻ اهل بيت هئا تنهڪري جيڪڏهن سندن ذڪر خير ۽ ارشادات لکيا ويندا ته اهو به ڄڻ اهل بيت رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين جو ذڪر خير ٿيندو. ڇا توهان کي خبر ڪانهي ته هڪ جماعت آهي جا سندن مذهب رکندي آهي، ۽ اهو مذهب ٻارهن امامن جو مذهب آهي. يعني ٻارهن هڪ آهن ۽ هرهڪ ٻارهن آهي. منهنجي تحرير ۾ ايتري طاقت ناهي جو سندن تعريف ۽ صفت ڪري سگهان. ڇاڪاڻ ته پاڻ علم شريعت ۽ طريقت ۾ مڪمل ماهر ۽ تمام مشائخين ۽ ڪاملين جا سردار هئا. هر شخص سندن علم ۽ عمل ۾ ڪامل هجڻ جو يقين رکي ٿو. پاڻ عابدن جا مخدوم زاهدن جا مڪرم حقائق ۾ تصنيف جا صاحب ۽ لطائف، تفسير ۽ تنزيل ۾ بي نظير هئا.

پاڻ امام باقر رضي الله تعاليٰ عنه کان تمام گهڻيون روايتون فرمايون اٿن. مونکي اهڙن شخصن تي بيحد عجب ٿو اچي، جيڪي هي خيال ڪري رهيا آهن ته اهل سنت والجماعت کي اهل بيت رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين کان حسن ظن آهي. حالانڪ اهل سنت ته آهن ئي اهل بيت. هي ڪيتري قدر نه عجيب ڳالهه آهي، جو ڪير هوندو اهڙو جيڪو حضور پرنور صلي الله عليه وصلم تي ايمان آڻي ۽ ان سان ته محبت رکندو هجي پر سندس دل اهل بيت جي محبت کان خالي هجي. يعني انهن لاءِ وٽس ڪابہ محبت ئي ڪانہ هجي. ائين هرگز نہ ٿو ٿي سگهي. ائين سمجهڻ وارا حقيقت ۾ ڪوتاه نظر آهن. امام شافعي رحمت الله عليه اهل بيت سان ايتري محبت رکندا هئا جو ماڻهن ۾ سندن لاءِ رافضي هجڻ جو شڪ پيدا ٿيڻ لڳو. انهيءَ سبب ڪري کين قيد ۾ رکيو ويو. آن باري ۾ سندن هڪ شعر آهي جنهن جي معنيٰ آهي ته، جيڪڏهن آل محمد صلي الله عليه وسلم سان محبت ۽ دوستي رکڻ رفض آهي. ته پوءِ سڀ

انسان ۽ جن منهنجي رافضي هجڻ جي شاهدي ڏيـن. جيڪڏهن آل محمد صلي الله عليه وسلم ۽ انهن جي اصحابن ڪرامن کي سچائي ايمان جي وصف نـ آهي تہ پوءِ بهشت بلڪل فضول شيءِ آهي، جا ڪنهن بہ ڪم جي لائق نہ آهي. پر جيڪڏهن توهان سمجهو ٿا تہ انهن کي سچائي يا انهن جي عزت ۽ احترام ڪرڻ ۾ ڪو نقصان ڪونہ آهي ۽ جڏهن توهان رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جن کي بہ بادشاه هردوسرا سمجهو ٿا تہ پوءِ اوهان لاءِ ڪريم پـاڪ جن جي وزيرن اصحابن سڳورن کي بہ درجہ بدرجہ عزت جي نگاه سان ڏسڻ لازم آهـي. ڪريم پـاڪ جن جي اولاد جـي رتبي کي بہ سچائي گهرجي، ڇو تہ جيڪي انهيءَ بادشاهت سان گهرو تعلق رکندڙ آهن انهيءَ ڪان ڪنهن کي بہ انڪار ڪرڻ نہ گهرجي.

حضرت امام ابو حنيفہ رحمت الله عليه کان ماڻهن پڇيو تـہ حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جن جي دامن جي اوٽ ۾ رهڻ وارن مان افضل ڪير آهي؟ پـاڻ فرمايائون تہ پوڙهن ماڻهن مان صديق اڪبر رضي الله تعاليٰ عنہ ۽ عمر فاروق رضي الله تعاليٰ عنہ جوانن مـان حضرت عثمان رضہ ۽ حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنہ، عـورتن ۾ ام المومنين حضرت عـائشہ صديقہ رضہ ۽ ڇوڪرين مان حضرت بيبي فاطمۃ الزهرا رضي الله تعاليٰ عنها.

نقل آهي تـہ خليفي منصور هڪ رات پنهنجي وزير کي چيو تـہ تون وڃي حضرت امام جعفر صادق کي پڪڙي اچ! تہ جيئن هن کي قتل ڪيو وڃي. وزير چيو: ڇا اَن کي پڪڙي اچان جيڪو گوشہ نشينيءَ ۾ عبادت الاهـيءَ ۾ مصروف آهي، ۽ جيڪو بادشاه سان ڪنهن بـہ قسم جو تعلق نٿو رکي. وزير جي اهڙي گفتگو سبب بادشاه سخت ناراض ٿيو، ۽ دوباره چيائينس تہ اَن کي وٺي اچ تہ مان کيس قتل ڪري ڇڏيان. جيتوڻيڪ وزير هر ممڪن انڪار ڪرڻ جي ڪـوشش ڪئي ليڪن بي سود ٿيـو. مجبور ٿـي ڪري وزير حضرت امام جعفر صادق رضہ کي وٺي اچڻ لاءِ آتـان روانـو ٿيو. هيڏانهن بادشاه پنهنجي غلامن کي چيو تـہ جڏهن امام جعفر صادق رضہ هت تشريف وٺي اچن ۽ جڏهن مان پنهنجي مٿي تان ٽوپي لاهيان تـہ توهان اَن وقت کيس قتل ڪري ڇڏجو. ڪجهہ دير بعد جڏهن امام صاحب جن تشريف وٺي آيا، تـڏهن خليفو تعظيم جي خاطر اٿي بيٺو، ۽ وڏي عزت سان سندن استقبال لاءِ ويجهو آيـو، ۽ تخت تي ويهاري پاڻ غلامن جيان هانهون ٻڌي بيهي رهيو. غلامن کي اُنهيءَ تي ڏاڍو عجب لڳو. خليفي منصور امام صاحب کان دريافت ڪيو تـہ مان اوهان جي ڪهڙي خدمت ڪريان؟ پاڻ فرمايائون تـہ دوباره ســون کي ڪڏهن نہ گهرائجانءِ ڇاڪاڻ تــہ مان عبادت الاهي ۾ مصروف هونــدو آهيان منهنجي انهيءَ مصروفيت ۾ سخت رڪاوٽ پيش ٿي اچي. خليفي منصور ڏاڍي عزت ۽ احترام ســان امام صاحب کـي رخصت ڪيو. مگر انهيءَ دم بـادشاه تي لرزش طاري ٿي وئـي ۽ هو

بيهوش ٿي ويو. ٽي ڏينهن لڳاتار بيهوش پيو رهيو. ڪن جو چوڻ آهي ته ٽن نمازن تائين بيهوش پيو رهيو. معنيٰ هن جون ٽي نمازون قضا ٿي ويون. جڏهن هو هوش ۾ آيو تڏهن وزير اُن ڳالهه جي ڪانئس حقيقت دريافت ڪئي. بادشاه چيو ته جڏهن امام صاحب اندر تشريف وٺي آيا، تڏهن مان ڏٺو ته امام صاحب جي ڪنڌن تي هڪ تمام وڏو ازدها نانگ ويٺل هو. هن جــي وات جو هيٺيون حصو محل جي مٿين ڪنگرن سنان پئي لڳو ۽ هيٺين ڄاڙي زمين سان پئي لڳي، اهو مون کي چئي رهيو هو تــه جيڪڏهن تون ذري برابر بــہ تڪليف ڏنــي ته تو کي ڳهي ويندس. تنهن ڪري انهيءَ ازدها نـانگ جي خوف کان مـان ڪجهہ بہ ڪري ڪين ٿي سگهيس ۽ جلد ئــي بيهوش ٿي ويس.

نقل آهي ته هڪ دفعي حضرت دائود طائي رحمت‌الله عليه امــام صاحب جن جي خدمت ۾ تشريف وٺي آيا ۽ کيس چيائــون تــہ اي رسول الله صلعم جا پٽ مون کي ڪا نصيحت ڪر، جو تــہ منهنجي دل ڪاري ٿــي ويئي آهي. پاڻ فرمايائون تــہ ابا سليمان! تون زماني جو زاهــد شخص آهين تــو کي منهنجي نصيحت جــي ڪهڙي ضرورت ـ هن وري عرض ڪيو تــہ اي فرزند پيغمبر صلي الله عليه وسلم. الله تعاليٰ اوهان کي اسان سڀني تي بزرگي بخشي آهي. هائي نصيحت ڪرڻ اوهان تي فرض آهي ـ پاڻ فرمايائون اي ابا سليمان! مان پاڻ‌خود انهيءَ ڳالهه کان ڊڄان ٿو ته حشر جي ڏينهن منهنجا جد اعظم ـ مون کان پڇا ڪن ته تو منهنجي متابعت جو ڇــا حق ادا ڪيو؟ تــہ پوءِ مان اتي ڪهڙو جــواب ڏيندس. ڇــاڪاڻ ته خدا وند ڪريم جــي بخشش اعليٰ حسب و نسب تي منحصر نہ آهي. پر نيڪ اعمالن تي موقوف آهي؛

حضرت دائود طائي امــام صاحب جو اهو جواب ٻڌي بارگاه ايزديءَ ۾ سر بسجود ٿــي ڪري ڏاڍو رنــا، ۽ چيائون تــہ اي الله العالمين! جنهن شخص جو گوشت، پوست، خــون ۽ هــڏيون نبوت جي پاڻيءَ سبحان وجود ۾ آيون ـ جنهن جو نانــو رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم آهي جنهن جي ماءُ فاطمة الزهرا آهي ۽ پوءِ اهو قيامت جي خوف کان ايتري قــدر هيسيل آهي، ته پوءِ دائود ڪهڙي قطار ۾ شمار ڪيو ويندو، ۽ ان کي ڪهڙي ڳالهه تي ناز ٿي سگهي ٿو.

نقل آهي ته هڪ ڏينهن پاڻ پنهنجي غلامن سان ويٺا هئا، جنکي مخاطب ٿي فرمايائون ته اچو ته اسان سڀ ملي پاڻ ۾ اُن ڳالهه جو عهد ڪريون ته قيامت جي ڏينهن اسان مان جيڪو بہ شخص نجات حاصل ڪري، آهو بارگاه الاهي ۾ ٻين جــي نجات جي سفارش ڪري. غلامن حيرانيءَ سان عرض ڪيو: اي جگر گوشہ رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم! اوهــان کي اسان غــريبن ۽ گنهگارن‌جي سفارش جــي ڪهڙي گهرج پــوندي؟ جيتوڻيڪ سائين جن جو نانــو شفاعت جو ڏٺي آهي. پاڻ فرمايائون ته مون کي پنهنجي افعالن ۽ عمل تي بيحد شرم ٿــو اچي.

انهيءَ ڪري قيامت جي ڏينهن پنهنجي ناني کي ڪهڙي طرح پنهنجو منهن ڏيکاري سگهندس.

نقل آهي ته جڏهن پاڻ گوشه نشيني اختيار ڪيائون، ۽ ٻاهر نڪرڻ بند ڪري ڇڏيائون ته ان وقت حضرت شعبان ثوري سندن خدمت ۾ آيو ۽ عرض ڪيائين ته اي ابن رسول صلي الله عليه وسلم! مخلوق اوهان جي فيض حاصل ڪرڻ کان بيتاب آهي ۽ اوهان وري گوشه نشيني اختيار ڪري ويٺا آهيو!

پاڻ فرمايائون ته مونکي انهيءَ حال تي ڇڏي ڏي. ۽ هي به شعر پڙهيائون: جن جو مطلب هي آهي. ”وفا اڄ وڃڻ وارن وانگر هلي ويئي آهي- ماڻهو پنهنجي خيالن ۽ اميدن ۾ محو آهن. جيتوڻيڪ هو ظاهري طرح هڪ ٻئي سان محبت ۽ وفاداريءَ جو دم ڀرين ٿا پر انهن جي دلين ۾ دغا آهي، ۽ سندن سينا ڪوڙ ۽ فريب سان ڀريل آهن.

نقل آهي ته هڪ ڏينهن ماڻهن امام صاحب کي هڪ عمدو لباس پهريل ڏسي عرض ڪيو ته يا ابن رسول الله صلي الله عليه وسلم! اها ته اوهان جي خاندان جي عادت ڪانهي. پوءِ اوهان ڪيئن ههڙو قيمتي لباس استعمال ڪريو ٿا؟ پاڻ انهيءَ شخص جي هٿ کان وٺي سندس هٿ پنهنجي اندران پهريل چوغي سان لڳايو، ۽ کيس فرمايو ته ڏس ته اندر هڪ ٿلهو ڪپڙو پهريل آهي جيڪو جسم کي ڏاڍي تڪليف ڏيندڙ آهي. هي عمدو ڪپڙو ماڻهن جي لاءِ آهي ۽ اندريون ٿلهو ۽ ڪَڌڙ نما ڪپڙو حق جي لاءِ آهي.

نقل آهي ته هڪ دفعي پاڻ امام صاحب جن حضرت امام ابو حنيفي رضي الله تعاليٰ عنه کان پڇيائون ته عقلمند ڪير آهي؟ امام صاحب عرض ڪيو ته جو شخص نيڪ ۽ بد کي سڃاڻي ۽ سمجهي سگهي. تنهن تي پاڻ فرمايائون ته نيڪ ۽ بد جي تميز ته جانور به ڪري سگهندا آهن، اهي ته پنهنجي دوست ۽ دشمن جي ڄاڻ به رکي سگهندا آهن. تنهن تي حضرت ابو حنيفي سوال ڪيو ته ڀلا اوهان جي خيال ۾ ڪير عقلمند آهي؟ پاڻ ارشاد فرمايائون ته جيڪو نيڪين ۽ بدين ۾ تميز رکي سگهي، تمام چڱي نيڪيءَ کي اختيار ڪري، ۽ ان جي مقابلي ۾ تمام گهٽ بديءَ کي اختيار ڪري.

نقل آهي ته ماڻهن امام جعفر صادق رحمت الله عليه کان سوال پڇيو ته اوهان ۾ سڀ صفتون موجود آهن. اوهان زاهد به آهيو. عابد به آهيو. ڪريم به آهيو- نبي ڪريم جي خاندان جا چشم و چراغ به آهيو- ليڪن انهيءَ سان گڏو گڏ متڪبر به آهيو- پاڻ فرمايائون ته مان متڪبر هرگز ڪين آهيان. مگر ڪبريائيءَ جو اثر مون ۾ غرور آهي. جڏهن مان پنهنجي دماغ مان غرور کي دور ڪري ڇڏيو، تڏهن مون تي ڪبريائيءَ پنهنجو اثر ڄمايو. پاڻ وڌيڪ فرمايائون ته تڪبر ڪرڻ ڪنهن کي به نه ڄڳائي؛ پر خدا تعاليٰ جي ڪبريائيءَ تي ٿي تڪبر

ڪرڻ گهرجي.

نقل آهي تہ هڪ دفعي ڪنهن شخص جي رپين جي ٿيلهي گم ٿي وئي- انهيءَ امام صاحب جن کي اچي چيو تہ اوهان ئي منهنجي پيسن جي ڳوٿري چورائي آهي. نہ صرف ايترو پر هو شخص امام صاحب سان جهڳڙي ڪرڻ تي بہ آماده ٿي ويو؛ پر جيئن تہ هو امام صاحب کان غير واقف هو، تنهن ڪري ايتري بد اخلاقي جو مظاهرو ڪيائين. جو پاڻ کيس فرمايائون: تہ منهنجا ياءُ تنهنجا ڪيترا رپيا هئا؟ ان شخص چيو تہ هڪ هزار رپيا. پوءِ امام صاحب جن انهيءَ شخص کي پنهنجي گهر وٺي ويا، ۽ کيس بہ هزار رپيا ڏيئي ڇڏيا. جڏهن اهو شخص موٽي پنهنجي گهر آيو، تہ کيس پنهنجا گم ٿيل پيسا ملي ويا- اهو حال ڏسي هو واپس امام صاحب جن جي خدمت ۾ آيو، سمورو احوال عرض ڪري ڪانئن معافي وٺي رپيہ واپس ڏيڻ لڳو تہ پاڻ کيس فرمايائون تہ اسان ڏنل شيءِ واپس ڪونہ وٺندا آهيون. جڏهن انهيءَ شخص ماڻهن کان امام صاحب جن جي متعلق دريافت ڪيو، تہ ماڻهن کيس ٻڌايو تہ هي حضرت امام جعفر صادق رحمت الله عليه آهن. اهو ٻڌي اهو شخص بيحد ئي شرمندو ٿيو.

هڪ دفعي جو ذڪر آهي تہ پاڻ اڪيلا ئي اڪيلا ڪنهن پاسي وڃي رهيا هئا. سندن زبان ۽ دل تي ذڪر الاهي جاري هو، تہ هڪ دل جليو شخص بہ سندن پٺيان اچي رهيو هو. اهو شخص بہ الله الله ڪندو پٺي آيو. ڪجهہ دير کان پوءِ امام صاحب جن فرمايو تہ يا الله! مونکي ڍڪڻ لاءِ ڪپڙو ڪونهي ۽ نہ وري ڪپڙي خريد ڪرڻ جيتري ڪا وسعت ئي اٿم. ائين چئي پاڻ اڃا ڳالهائي رهيا هئا تہ ڪنهن شخص امام صاحب جن کي هڪ نهايت ئي نفيس ۽ عمدي پوشاڪ پيش ڪئي. پاڻ آها پوشاڪ پهري ڇڏيائون. آن وقت پٺيان ايندڙ شخص دل جهلي امام صاحب جن جي اڳيان اچي کين چوڻ لڳو تہ مان بہ الله الله چوڻ ۾ اوهان سان شريڪ هوس. هاڻي جڏهن اوهان کي، نئين پوشاڪ ملي آهي تہ ڪم از ڪم مون کي اوهان پنهنجي پراڻي پوشاڪ ئي ڏيئي ڇڏيو. امام صاحب کي آن شخص جي اها ڳالهہ بيحد پسند آئي، ۽ پاڻ بجاءِ پراڻن ڪپڙن جي کيس اهي نوان ڪپڙا ڏيئي ڇڏيائون.

نقل آهي تہ هڪ دفعي ڪنهن ماڻهوءَ امام صاحب کي اچي عرض ڪيو تہ يا ابن رسول الله صلي الله عليه وسلم! مون کي خدا ڏيکار. پاڻ ارشاد فرمايائون تہ ڇا تون حضرت موسيٰ عليه الصلوات والسلام جو قصو ڪين ٻڌو آهي، تہ آن کي چيو ويو هو تہ تون مون کي نہ ڏسي سگهندين. انهيءَ شخص چيو تہ اهو قصو ٻڌو تہ اٿم. ليڪن هن آمت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن جي مان هڪ فرياد ڪري ٿو تہ منهنجي دل پنهنجي خدا وند ڪريم کي ڏٺو آهي، ۽ ٻيو چوي ٿو تہ جيستائين مان پنهنجي پروردگار کي نہ ڏسندس تيستائين عبادت

نہ ڪندس. انهيءَ تي امام صاحب پنهنجي غلامن کي فرمايو تہ هن شخص کي ٻڌي ڪري درياہ دجلہ ۾ وجهي ٻُڏو ڪريو. امام صاحب جي ارشاد مطابق اُن شخص کي درياہ ۾ اڇليو ويو. جڏهن هو ٻڏڻ لڳو تڏهن دانهون ڪندي چوڻ لڳو تہ اي فرزند رسول الله صلي الله عليه وسلم! مون کي بچايو. اهو حال ڏسي امام صاحب جن درياہ کي مخاطب ٿي فرمايو. ”اي درياہ تون هن شخص کي هيٺ مٿي اڇلائي خوب غوطا ڏي. انهيءَ تي هر بار درياہ ان شخص کي هيٺ مٿي پئي اڇلائيندو رهيو پر هو شخص بار بار امام صاحب کي بچائڻ لاءِ عرض ڪندو پئي رهيو ۽ پاڻ هر دفعي درياہ کي چوندا ٿي رهيا تہ هن کي غوطا ڏيندو رهج. جڏهن اهو شخص هر طرح سان نا اُميد ٿيو تڏهن چوڻ لڳو تہ اي خداوند ڪريم مون کي بچاءِ! اهو ٻڌي پاڻ امام صاحب جن فرمايو هاڻي هن کي ٻاهر ڪڍي ونو. مگر هو شخص اوڏيءَ مهل بيهوش ٿي ويو هو. جڏهن هوش ۾ آيو تڏهن امام صاحب جن ڪانئس پڇيو تہ اچا بہ تو خدا کي ڏٺو يا ڪين! تڏهن اُن شخص عرض ڪيو تہ يا ابن رسول الله صلي الله عليه وسلم جيستائين خدا کان سواءِ غير جي امداد جو طالبو رهيس، تيستائين مان پنهنجي دل تي هڪ قسم جو حجاب محسوس ڪري رهيو هوس. پر جڏهن خداوند ڪريم تي ڀروسو ڪيم تڏهن منهنجي دل ۾ هڪ سوراخ رستي ڪان روشني نظر آئي جنهن جي سبب ڪري مونکي اطمينان ۽ سڪون ٿي مليو:

اَمن يجيب المضطر اِذا دعاہ کي ڏٺم. يعني ڪير آهي اهو جو ڪنهن پريشان حال جي فرياد ٻڌي ڪري اُن جي فرياد رسي ڪري. پاڻ فرمايائون تہ جيستائين تون صادق (امام جعفر صادق) کي پڪاريندو رهين ان وقت تائين تون ڪوڙو هئين. هاڻي تون پنهنجي دل جي سوراخ جي حفاظت ڪر. پاڻ وڌيڪ فرمايائون تہ جو شخص چوي تہ خدا ڪهڙي شيءِ تي آهي ۽ ڪهڙي شيءِ مان آهي تہ اهو ڪافر آهي. پاڻ ارشاد فرمايائون تہ جنهن گناہ جي شروعات خوف کان ٿئي ۽ پڇاڙي- اُن جي عاجزي هجي تہ انهيءَ گناہ جي بدولت انسان خدا جي گهڻو نزديڪ ٿي وڃي ٿو. جيڪڏهن عبادت جي شروعات امن سان ۽ پڇاڙي خود پسندي تي ڪئي ويندي تہ اهڙي عبادت، بندي کي خدا کان دور رکندي. خود پسند عبادت ڪندڙ گنهگار آهي. عاجزي سان عبادت ڪندڙ اطاعت گذار ۾ شامل آهي.

هڪ دفعي ماڻهن امام صاحب جن کان پڇيو تہ درويش صابر فضيلت رکي ٿو يا اهو دولتمند جيڪو شڪر گذار آهي. پاڻ فرمايائون تہ صبر ڪرڻ وارو درويش وڌيڪ افضل آهي. ڇاڪاڻ تہ هن جي دل خدا سان گڏيل آهي. شڪر گذار دولت مند جي دل اُن جي دولت سان گڏ هوندي آهي. پاڻ فرمايائون تہ عبادت توبہ کان سواءِ فضول آهي. ڇو تہ الله تبارڪ و تعاليٰ عبادت کان وڌيڪ توبہ کي مقدم رکيو آهي. جيئن تہ الله تبارڪ وتعاليٰ جو ارشاد آهي:

” اَلتائبون العابدون ا “ يعني توبه ڪرڻ وارا عبادت ڪندڙ آهن. پاڻ فرمائين ٿا تہ خدا جي ذڪر ڪرڻ وقت توبه جو ذڪر ڪرڻ خدا تعاليٰ کان غافل رهڻ جي نشاني آهي. خدا جي عبادت ڪرڻ وقت سواء رب پاڪ جي ٻئي سڀ ڪي وساري ڇڏڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ ان جي مقابلي ۾ ٻين دنيوي ڳالهين کي دل سان ڪڍي ڇڏڻ گهرجي.

الله تعاليٰ جو ارشاد آهي ”ويختص برحمتهٖ من يشاء“ يعني الله تعاليٰ جنهن کي گهري اُن لاء پنهنجي رحمت خاص ڪري ٿو. انهيء آيت شريف جو مطلب بيان ڪندي امام صاحب جن فرمايو تہ الله تبارڪ وتعاليٰ بغير ڪنهن وسيلي ۽ واسطي جي جنهن کي گهري تنهن تي رحمتون نازل فرمائي ٿو. وڌيڪ فرمائين ٿا تہ مؤمن اهو شخص آهي جيڪو نفس جي مقابلي ڪرڻ لاء تيار ٿي بيهي. عارف اهو آهي جيڪو پاڻ کي خداوند ڪريم جي نزديڪ رکي.

پاڻ فرمايو اٿن تہ جيڪو شخص نفس سان جهاد ڪندو تہ اهو شخص خداوند ڪريم وٽ بہ جلد رسائي حاصل ڪندو.

پاڻ فرمايو اٿئون تہ جهڙيء طرح اونداهيء رات ۾ هڪ بلڪل ڪاري پٿر تي جيڪڏهن ڪا ڪئلي ويٺي هجي تہ اهو نا ممڪن آهي تہ ڪير اُن کي هلندو ڏسي. رب پاڪ بہ پنهنجي ٻانهي کان اهڙي طرح لڪل رهي ٿو. خدا جو عشق نہ خراب آهي ۽ نہ چڱو. ڪنهن بہ ماڻهوء جي نيڪ بختي انهيء ۾ آهي جو سندس دشمن داناء هجي. پنجن شخصن جي صحبت کان پرهيز ڪرڻ گهرجي. پهريون ڪوڙي ماڻهوء کان، ڇاڪاڻ تہ ان سان گڏ رهڻ ڪري غرور پيدا ٿئي ٿو. ٻيو احمق ماڻهوء کان جو تہ جيتري قدر هو ڀلائي ڪندو اوتري قدر نقصان رسندو. ٽيون بخيل ماڻهوء جي صحبت کان، ڇاڪاڻ تہ ان جي سنگت ۾ قيمتي وقت ضايع ٿيندو. چوٿون بزدل ماڻهوء کان، ڇا لاء تہ ضرورت جي وقت ٻئي ڏيئي ڀڄي ويندو آهي. پنجون فاسق کان، ڇاڪاڻ تہ هو تو کي هڪ لقمي جي عيوض وڪڻي ڇڏيندو ۽ تمام معمولي ۾ معمولي شين جي بہ طمع رکندو. الله تبارڪ وتعاليٰ بهشت ۽ دوزخ کي هن دنيا ۾ ئي پيدا ڪري ڇڏيو آهي. يعني بهشت عافيت آهي، ۽ مصيبت دوزخ. عافيت هيء آهي تہ پنهنجا سمورا ڪم نفس کان جدا ڪري خداوند ڪريم جي حوالي ڪري ڇڏڻ. هر اها شيء جيڪا بي پردي آهي نقصانڪار آهي. جيڪڏهن اولياء الله لاء دشمنن جي صحبت نقصانڪار هجي ها تہ حضرت آسيہ کي يقيناً فرعون کان نقصان رسي ها. وري جي دشمنن لاء اولياء ڪرام جي صحبت فائدي مند هجي ها تہ حضرت لوط عليہ السلام ۽ حضرت نوح عليہ السلام جي ٻيبين لاء هجي ها. مگر اها تنگيء ۽ ڪشادگيء کان اڳڀر نہ ٿيندي. امام صاحب جن جا ارشادات مقدسہ تہ گهڻا ئي آهن پر هتي بطور نموني جي لکي ختم ڪجن ٿا.

* ذڪر حضرت اويس قرني رحمت الله عليه *

قبلهٔ تابعين، قدوة العارفين آفتاب پنهان، هم نفس رحمان سبيل عرفان حضرت اويس قرني رحمت الله عليه. سندن باري ۾ حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو آهي ته ”اويس القرني خير التابعين با حسان و عطف“ يعني اويس قرني ٻين تابعين جي مقابلي ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ جي احسانن ڪان وڌيڪ نوازيل آهي. هاڻي جڏهن اهڙي بزرگ هستي جي تعريف حضور پرنور صلي الله عليه وسلم پاڻ فرمائين ٿا ته پوءِ مان ان جي صفت ڪهڙي نموني ادا ڪري سگهندس.

روايت آهي ته حضور اڪرم وقت بوقت يمن جي طرف پنهنجو منهن مبارڪ ڪري فرمائيندا هئا ته ”مون کي يمن جي طرف کان نسيم رحمت جي خوشبوءِ اچي ٿي.“ پاڻ وڌيڪ فرمايائون ته الله تبارڪ وتعاليٰ قيامت جي ڏينهن ستر هزار فرشتن کي اويس قرني رحمت الله عليه جي شڪل ۾ پيدا ڪندو، ته جيئن اويس قرني رحمت الله عليه انهن فرشتن جي وچ ۾ هجي ۽ ڏينهن قيامت جي اهڙي نموني بهشت ۾ داخل ٿئي جو خدا جي مخلوق کان پوشيده هجي. ڇاڪاڻ ته پاڻ الله تبارڪ وتعاليٰ جي عبادت به پوشيده ۽ لڪل ئي ڪندا هئا. جهڙي طرح پاڻ هن دنيا ۾ خدا جي خلق کان لڪل رهندا هئا، اهڙيءَ طرح حشر جي ڏينهن به مخلوق جي نظرن کان پوشيده رکيا ويندا. حضرت اويس قرني رحہ فرمائيندو هو ته ”اولياء تحت قبائي ولا يعرفهم غيري“ يعني منهنجو دوست منهنجي قبا جي هيٺان آهي. مون کان سواءِ ان کي ڪوئي به سڃاڻي نٿو سگهي.

هڪ هنڌ ڇاپيل آهي ته قيامت جي ڏينهن حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم پنهنجي محل کان ٻاهر نڪري فرمائيندا ته ”اويس ڪٿي آهي؟ ته جيئن مان کيس ڏسان“ اُن وقت غيبي آواز ايندو ته توهان غم نه ڪريو. جهڙيءَ طرح توهان هن کي دنيا ۾ ناهي ڏٺو، اهڙي طرح توهان هن کي هتي به ڏسي نه سگهندا. ٻي هڪ جاءِ تي حضور پرنور صلي الله عليه وسلم جن اصحاب ڪرام کي فرمايو ته منهنجي اُمت ۾ هڪ اهڙو شخص آهي، جنهن جي شفاعت کان قيامت جي ڏينهن * قبيلہ ربيعہ ومضر جون جيتريون ٻڪريون آهن، ۽ انهن ٻڪرين جا جيترا وار آهن، انهن وارن جي برابر منهنجي اُمت بخشي ويندي. اصحابن عرض ڪيو ته يا رسول الله! صلي الله عليه وسلم- اهو ڪير شخص آهي؟ پاڻ فرمايائون ته الله جي ٻندن مان ڪوئي هڪ آهي. اصحابن دوباره عرض ڪيو ته اسان به ته الله جا ٻندا آهيون! توهان ڪنهن لاءِ ارشاد فرمايو

* اُنهن ٻنهي قبيلن جي ٻڪرين جو تعداد سڄي عربستان جي قبيلن جي ٻڪرين کان زياده هو.

ٿا. تنهن تي پاڻ فرمايائون تہ اهو شخص اويس قرني رح آهي. وري اصحابن عرض ڪيو تہ حضور! اهو ڪٿي هوندو؟ پاڻ فرمايائون تہ اهو قرن ۾ هوندو. وري عرض ڪيائون: ڇا حضور جن ان ڪي ڏٺو آهي؟ تنهن تي پاڻ فرمايائون تہ مان ظاهري اکين سان تہ ڪيس ڪونہ ڏٺو آهي. باقي دل جي اکين سان هن کي ضرور ڏٺو آهي. اصحابن وري عرض ڪيو تہ جيڪڏهن ائين آهي تہ پوءِ اوهان جو اهڙو عاشق و صادق توهان جي خدمت سڳوريءَ ۾ ڇو ڪين اچي سگهيو آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ هو ٻن سببن جي ڪري نٿو اچي سگهي. پهريون تہ هن جي حالت سقيم آهي. ٻيو شريعت جي عزت ۽ پاس خاطريءَ جي سبب ڇاڪاڻ تہ هن جي ماءُ سخت ضعيف ۽ اکين کان انڌي آهي. ان جي خدمت ڪرڻ لاءِ سڄو ڏينهن اٺ چاري اُن جي ضروريات زندگيءَ جو پورائو ڪندو آهي. اصحابن سڳورن وري عرض ڪيو تہ يا رسول الله صلي الله عليه وسلم ڇا اسين هن کي ڏسي سگهندا سي؟ انهيءَ تي حضرت ابوبڪر صديق ڏانهن مخاطب ٿي فرمايائون تہ توهان هن کي نہ ڏسي سگهندا. البت حضرت عمر فاروق رضہ ۽ حضرت علي رضہ ان کي ڏسڻ جو شرف حاصل ڪندا. پاڻ فرمايائون تہ هن جا وار تمام وڏا آهن، ۽ سندس سڄي هٿ جي ترّيءَ تي پيسي جي برابر جيترو اڇو داغ آهي، ليڪن اهو داغ ڪوڙه وغيره جو نہ آهي. توهان مان ڪوبہ جڏهن ان سان ملڻ لاءِ وڃي تہ منهنجا سلام ضرور چئجو، ۽ چئجوس تہ منهنجي اُمت لاءِ دعا گهري. وري پاڻ سائين جن فرمايو تہ "اجل اولياءَ الله تعاليٰ الاتقيا الاخفاءِ" يعني اهو الله تبارڪ و تعاليٰ جو متقي ۽ مخفي دوست آهي. صحابہ ڪرام عرض ڪيو تہ يا رسول الله صلي الله عليه وسلم اسان اُن سان ڪٿي ملون؟ حبيب ڪريم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تہ اهو يمن ۾ اٺن چارڻ جو ڪم ڪندو آهي. ان جو نالو اويس آهي توهان تي لازم آهي تہ انجي پيروي ڪجو.

نقل ڪيل آهي تہ جڏهن رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي رحلت جو وقت قريب آيو. ان وقت اصحابن پاڻ سائين جن کان پڇيو تہ يا رسول الله! صلي الله عليه وسلم توهان جو لباس ڪنهن کي ڏنو وڃي. پاڻ فرمايائون تہ منهنجو لباس اويس قرني کي ڏنو وڃي.

جڏهن پاڻ ڪريم جن هن دنيا مان برقعو مٽايو يعني وفات پاتائون، تڏهن حبيب اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي ارشاد مطابق حضرت عمر فاروق رضہ ۽ حضرت علي رضہ حضور جن جو جبو شريف کڻي شهر ڪوفي جي طرف تشريف فرما ٿيا. حضرت عمر رضہ جامع مسجد ۾ جمعي جي نماز ادا ڪرڻ کان پوءِ مسجد ۾ ويٺلن ماڻهن کي فرمايو تہ جيڪي توهان مان نجد جا رهندڙ آهن سي اُٿي بيهن. ان کان سواءِ حضرت عمر فاروق رضہ انهن کان ائين بہ دريافت فرمايو تہ توهان مان قرن جو رهاڪو ڪير آهي؟ انهن مان هڪ ماڻهوءَ چيو تہ مان قرن جو

Digitized By M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

رهاڪو آهيان. حضرت عمر رضہ ان ڪان حضرت اويس رح جي بنسبت پڇيو تہ ڇا تون ان کي سڃاڻندو آهين؟ هن چيو تہ مان خاص طور تي اويس کي ڪونہ سڃاڻان. البت اتي هڪ ديوانو آهي، جيڪو ماڻهن کان الڳ رهندو آهي. شايد اهو ئي اويس هجي! حضرت عمر رضہ پڇيو تہ اهو ڪٿي هوندو؟ ان ماڻهوءَ چيو تہ اهو عرنا جي دامن ۾ اُٺن چارڻ ۾ مصروف رهندو آهي، ۽ سڪا ٽڪر کائي پنهنجو پيٽ ڀريندو آهي. هو نہ شهر ۾ ايندو آهي ۽ نہ وري ماڻهن سان ميل جهول جو ڪو وهنوار ئي رکندو آهي. هو ماڻهن جي زمري کان ئي ٻاهر آهي. جيڪي شيون ماڻهو کائيندا آهن، هو اهي شيون ڪڏهن بہ نہ کائيندو آهي. ڪيس رنج ۽ خوشيءَ جي ڪا پرواه ئي ڪانهي. ماڻهو کلندا آهن تہ هو روئندو آهي ۽ جي ماڻهون روئندا آهن تہ هو وري کلندو آهي. اهي ڳالهيون ٻڌي حضرت عمر رضہ ۽ حضرت علي رضہ عزا جي واديءَ طرف تشريف فرما ٿيا. اُتي پهچي ڇا ڏسن تہ اويس قرني رحہ نماز ۾ مشغول آهي، سندس اُٺ خداوند ڪريم جي حڪم سان فرشتہ چاري رهيا آهن. اويس قرني رحہجڏهن ماڻهن جي پيرن جو کڙڪو ٻڌو تڏهن نماز کي گهٽائي سلام ڦيريو، ۽ ايندڙن کي السلام عليڪم چيو. حضرت عمر رضہ سلام جو جواب ڏيئي کانئس پڇيو تہ توهان جو نالو ڇا آهي؟ پاڻ جواب ڏنائون تہ منهنجو نالو عبدالله آهي. حضرت عمر فرمايو تہ اٿين تہ اسان بہ الله جا ٻانها آهيون. مان اوهان جو اصل نالو پڇڻ گهران ٿو. انهيءَ تي پاڻ چيائون تہ منهنجو نالو اويس آهي. پوءِ حضرت عمر رضہ اويس قرنيءَ جي ساڄي هٿ جي ترِيءَ کي ڏٺو. حضور پرنور صلي الله عليه وسلم جن جي ارشاد موجب هٿن جي ترِيءَ تي سفيد نشان ڏسي حضرت اويس قرني رحہ کي فرمايو تہ توهان کي حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن سلام موڪليا آهن. هي پنهنجو جبو شريف بہ توهان کي عنايت فرمايو آهي، ۽ اها وصيت فرمائي اٿن تہ توهان منهنجي اُمت جي لاءِ ڇوٽڪاري جي دعا گهرو.

حضرت اويس قرني رحہ فرمايو تہ دعا گهرڻ لاءِ تہ توهان مون کان وڌيڪ بهتر آهيو. ڇاڪاڻ تہ توهان کان وڌيڪ حضور جو ڪوئي بہ عزيز ڪونهي. حضرت عمر فاروق فرمايو تہ مان حضور انور صلي الله عليه وسلم جن جي حڪم جي تابعداري ڪريان ٿو. توهان بہ حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جي وصيت تي عمل ڪريو. حضرت اويس قرني رحہ فرمايو تہ اي عمر رضہ توهان کي ٻهرپائين اهو غور ڪرڻ گهرجي تہ جنهن شخص لاءِ حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن وصيت فرمائي آهي، ممڪن آهي تہ اهو ڪو ٻيو هجي. حضرت عمر رضہ فرمايو تہ نہ! ٻيو ڪوبہ اهڙو شخص ڪونهي. توهان ئي اهي شخص آهيو. ڇاڪاڻ نہ حضور انور صلي الله عليه وسلم جن جو نشان ٻڌايو هو سو توهان ۾ ئي مليو آهي. تنهن تي حضرت

اويس قرني رحہ فرمايو تہ چڱو، حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جو بخشيل لباس مون کي ڏيو. تہ جيئن مان حضور پرنور صلي الله عليه وسلم جن جي اُمت لاءِ مغفرت جي دعا گهران.
حضرت عمر رضہ انهيءَ تي حبيب ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جو جبو مبارڪ حضرت اويس قرني رحہ کي پيش ڪيو. حضرت اويس قرني رحہ نهايت ئي ادب سان جبي شريف کي وٺي اکين سان لڳائيندي فرمايو: چڱو توهان ٿورو انتظار ڪريو. ائين چئي ڪجهہ پري وڃي رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جي جبي مبارڪ کي زمين تي رکي انهيءَ مٿان سجدو ڏيئي پروردگار عالم کان دعا گهريائون. ”اي رب العالمين! مان تنهنجي حبيب پاڪ صلي الله عليه وسلم جن جو بخشيل جبو مبارڪ ايستائين ڪڏهن بہ نہ پائيندس، جيستائين تون حبيب ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي ساريءَ اُمت کي نہ بخشيندين. ڇاڪاڻ تہ تنهنجي محبوب پاڪ سيدالمرسلين شفيع المذنبين صلي الله عليه وسلم جن جي وصيت کي سندن صحابہ ڪرام حضرت عمر رضہ ۽ حضرت علي رضہ جن مون تائين پهچايو آهي. تنهنڪري مان سندن وصيت کي تنهنجي اڳيان پيش ڪريان ٿو. هاڻي تنهنجو ڪم باقي آهي.
غيب کان آواز آيو مان تنهنجي خاطر اُمت محمدي جي ماڻهن کي بخشي ڇڏيو. حضرت اويس رحہ عرض ڪيو تہ نہ، مان ايستائين تنهنجي حبيب پاڪ جي طرفان عطا ڪيل جبو شريف نہ پهريندس جيستائين تون ساري اُمت کي نہ بخشيندين. وري هاتفي آواز آيو تہ چڱو. مان ڪيترن هزارن شخصن کي بخشي ڇڏيو. حضرت اويس رحہ وري عرض ڪيو، ائين نہ. مان سموريءَ اُمت جي بخشش گهران ٿو. مطلب تہ اهڙي طرح حضرت اويس قرني رحہ سربسجود رهي ڪري پروردگار عالم کي پاڏائي رهيو هو تہ ايتري ۾ حضرت عمر فاروق رضہ ۽ حضرت علي رضہ اويس قرنيءَ جي سامهون اچي بيٺا. پاڻ انهن جي پيرن جو آواز ٻڌي سجدي کان سر مٿي ڪري چيائون تہ توهان صبر کان ڪم ڇونہ ورتو. مان جيستائين بارگاهہ الاهيءَ مان حضور انور صلي الله عليه وسلم جن جي تمام اُمت نہ بخشايان. ها تيستائين هي لباس نہ پهريان ها.
حضرت عمر رضہ کي حضرت اويس قرني رحہ جي انهيءَ شان تي بيحد تعجب ٿيو. جنهن حضرت اويس رحہ جي ڪرتي کي مٿي ڪنياڻون تہ اُن جي هيٺان اٺارهن هزار عالم جو جلوو نظر آين. انهيءَ شان رحمت کي ڏسي دل ۾ چيائون تہ ڪير آهي جو منهنجي هن بار خلافت کي فقط هڪ ماني جي عيوض مون کان خريد ڪري؟ حضرت اويس قرني رحہ فرمايو تہ جيڪو ائين ڪندو اهو عقلمند نہ چئبو. توهان ان کي اتي ڇڏي ڏيو. جنهن کي وٺي سو فيض ياب ٿي. خريد و فروخت جو ڪهڙو ڪم! آخر اويس قرني رحہ حضور انور صلي الله عليه وسلم جن جي طرف کان عنايت ٿيل جبو شريف پاتو، ۽ فرمايو تہ هن لباس جي طفيل الله تبارڪ وتعاليٰ قبيلي

ربيعہ ۽ مضر جي ٻڪرين جي وارن جي برابر اُمت محمديءَ کي بخشي ڇڏيو.

حضرت علي رضہ تہ خاموش هئا. ليڪن حضرت عمر فاروق رضہ حضرت اويس قرني رحہ کان دريافت ڪيو تہ اي اويس رحہ! توهان حضور انور صلي الله عليه وسلم جن جي زيارت ڇو نہ ڪئي؟ پاڻ فرمايائون تہ توهان حبيب ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي زيارت ڪئي آهي؟ حضرت عمر رضہ جن فرمايو تہ هائو اسان تہ زيارت ڪئي آهي. وري حضرت اويس رحہ فرمايو تہ توهان گهڻو ڪري حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جو هي جبو ڏٺو آهي. سچ پچ جيڪڏهن توهان حضور پر نور صلي الله عليه وسلم جن جي زيارت کان مشرف ٿيا آهيو تہ پوءِ توهان ٻڌائي سگهندا تہ منهنجي حبيب ڪبريا صلي الله عليه وسلم جن جون ڀروون مبارڪ مليل هيون يا نہ. حضرت عمر رضہ ۽ حضرت علي رضہ اهو ٻڌي خاموش ٿي ويا. ڇاڪاڻ تہ ڪين انهي متعلق ڪابہ پڪ ڪانہ هئي. وري حضرت اويس قرني رحہ فرمايو تہ ڇا توهان حضور انور صلي الله عليه وسلم جن جا دوست آهيو؟ تنهن تي ٻنهي اصحابن سڳورن فرمايو تہ هائو. حضرت اويس رحہ فرمايو تہ جيڪڏهن توهان جي دوستي پوري هجي ها تہ اُحد جي لڙائيءَ ۾ جڏهن حضور انور صلي الله عليه وسلم جن جا ڏند مبارڪ شهيد ٿيا هئا، تہ انهيءَ وقت توهان پنهنجا ڏند ڀڃي ڪري رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي متابعت (تابعداري) ڇو نہ ڪئي؟ پوءِ حضرت اويس رحہ پنهنجو وات کولي ڏيکارين تہ سندن وات ۾ هڪ بہ ڏند نالي ماتر ڪونہ هو ۽ چيائين تہ مان پري واري جدائيءَ جي باوجود بہ پنهنجا سڀ ڏند ڀڃي ڇڏيا آهن. پهريون هڪ ڏند ڀڳو تہ دل کي قرار نہ آيو، ڇو تہ مبادا منهنجي حبيب جو اهو ڏند مبارڪ شهيد نہ ٿيو هجي. وري ٻيو ڏند ڀڃي ڇڏيم پر تڏهن بہ دل کي تسلي ڪانہ ٿي تہ متان اهو ڏند بہ نہ هجي ٻيو ڪو هجي اهڙي طرح مان سمورا ڏند ڀڃي ڇڏيا تڏهن وڃي دل کي آرام آيو. پر توهان ٻنهي ۽ گڏ رهي ڪري بہ پنهنجي حبيب اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي پيروي ڪانہ ڪئي!

حضرت اويس قرني رحہ جي رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جن سان اهڙي محبت ۽ تابعداري ڏسي حضرت عمر رضہ ۽ حضرت علي رضہ جن جي دل ڀرجي آئي ۽ روئڻ ۾ ڇڏڪي ويا دل ۾ چيائون تہ انصاف ۽ ادب تہ اويس کان سکڻ گهرجي. باوجود انهيءَ جي جو رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جن کي هڪ نظر سان بہ ڪونہ ڏٺو اٿن ليڪن تڏهن بہ سندن ادب جي حالت اها آهي. پوءِ حضرت عمر رضہ حضرت اويس رحہ کي چيو ”تہ منهنجي لاءِ بہ دعا گهرو. حضرت اويس رحہ فرمايو تہ مان تہ هونئن هر نماز ۾ مومن مردن ۽ مومنہ عورتن لاءِ الله تبارڪ وتعاليٰ کان بخشش جي دعا گهرندو آهيان، سو جيڪڏهن تون قبر ۾ پنهنجو ايمان سلامت ڪڍي ويندين تہ منهنجي هي دعا توکي خود ڳولهيندي. ٻيءَ صورت ۾ مان پنهنجي دعا

ڪي ضايع نہ ڪندو آهيان. وري حضرت عمر رضہ فرمايو تہ چڱو پلا مون کي ڪا وصيت ڪريو. حضرت اويس رحہ فرمايو تہ ”تون خدا کي سڃاڻين ٿو؟ جواب مليو هائو. تڏهن اويس قرني رحہ فرمايو تہ جيڪڏهن الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي ڪونہ ٿا سڃاڻو تہ اهو اوهان لاءِ بهتر آهي. حضرت عمر رضہ فرمايو تہ انهيءَ کان وڌيڪ ڪجهہ فرمايو. حضرت اويس رحہ پڇيا ڪئي تہ ”ڇا خداوند ڪريم توکي ڄاڻي ٿو؟ جواب مليو هائو! حضرت اويس رحہ فرمايو: ان کان سواءِ جيڪڏهن ٻيو ڪو توکي نٿو سڃاڻي تہ اهو بہ تنهنجي لاءِ بهتر آهي. انکان پوءِ حضرت عمر رضہ فرمايو تہ ترسو تہ توهان لاءِ مان ڪا چيز آڻيان. تنهن تي حضرت اويس رحہ پنهنجي کيسي ۾ هٿ وجهي ٻہ درهم ڪڍيا ۽ فرمايائين تہ هي ٻہ درهم آٺن جي چارڻ جي مزدوري ملي اٿم. هاڻي جيڪڏهن انهن جي خرچ ڪرڻ تائين منهنجي زنده رهڻ جي ضمانت ڏيو يعني انهن جي خرچ ڪرڻ تائين جيئرو رهي سگهندس تہ پوءِ مان توهان کان ٻيو ڪجهہ بہ وٺان. انهيءَ کان پوءِ حضرت اويس فرمايو ” توهان کي هيستائين اچڻ ۾ سخت تڪليف ٿي آهي. هاڻي توهان واپس تشريف وٺي وڃو. قيامت نزديڪ آهي. اهو وقت رب العزت جي ديدار جو هوندو ۽ اتان وري واپس نہ اچڻو پوندو. آخرڪار حضرت عمر رضہ ۽ حضرت علي رضہ حضرت اويس قرني رحہ کان رخصت وٺي موٽي پنهنجي شهر آيا. ان کان پوءِ حضرت اويس رحہ جي ساٿين ۾ عزت ۽ آبرو ٿيڻ لڳي. تنهن ڪري پاڻ اتان نڪري ڪري ڪوفي ۾ هليا آيا. چون ٿا تہ ان کان پوءِ ڪنهن بہ حضرت اويس رحہ کي ڪونہ ڏٺو. صرف حرم بن حبان رحمت الله عليہ کيس ڏٺو. سو بہ هيئن جو جڏهن حرم بن حبان حضرت اويس رحہ جي شفاعت جي درجي بابت ٻڌو تڏهن هن سان ملڻ جو شوق پيدا ٿيس تلاش ڪندي ڪندي هڪ ڏينهن حضرت اويس قرني رحہ کي فرات درياہ جي ڪناري تي ڏٺائين ۽ کيس سڃاڻي سلام ڪيائين. سلام جي جواب کان پوءِ حرم بن حبان رحہ حضرت اويس رحہ سان مصافحہ ڪرڻ گهريو ليڪن پاڻ ساڻس مصافحہ نہ ڪيائون پوءِ حرم بن حبان چيو تہ يرحمک الله يا اويس وغفر لڪا! ائين چئي سندن ضعيفي حالت کي ڏسي روئي ڏنائين. پاڻ بہ رنا ۽ فرمايائون: جزاڪ الله! حرم بن حبان! تون ڇو آئين ۽ توکي منهنجي پهچڻ تائين ڪنهن رستو ڏسايو؟ حضرت حرم بن حبان ڏاڍي تعجب وچان پڇيو تہ توهان کي منهنجو ۽ منهنجي پيءُ جو نالو ڪيئن معلوم ٿيو؟ پاڻ جواب ڏنائون تہ مون کي انهيءَ ڏسايو جيڪو عليم ۽ خبير آهي جنهن منهنجي ۽ تنهنجي روح کي سڃاڻي ورتو. ڇاڪاڻ تہ مومنن جا روح هڪ ٻئي کي سڃاڻي سگهندا آهن. حرم بن حبان رحہ چيو تہ توهان مون کي حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جي ڪا روايت ٻڌايو. پاڻ فرمايائون تہ مان کين ڪونہ ڏٺو آهي. پر جي مان هين کان سندن ڳالهيون ٻڌيون بہ آهن تہ بہ مان اهو نٿو گهران تہ ڪو مان محدث يا

مفتي ٿيڻجان. مونکي تہ پنهنجي شغل کان ٿي فرصت ڪانهي. حرم بن حبان رحہ وري عرض ڪيو تہ جي ائين آهي تہ پوءِ قرآن مجيد جي ڪا آيت تلاوت ڪريو، تہ مان ٻڌان. پاڻ تلاوت شروع ڪيائون "اعوذ بالله من الشيطان الرجيم" ايترو چئي ڪري پاڻ ڏاڍو رنا، ۽ وري چيائون تہ الله تبارڪ وتعاليٰ ارشاد فرمائي ٿو "وما خلقت الجن والانس الا ليعبدون ٥ وماخلقنا السماء ولارض وما بينهما لاعبين ٥ وما خلقناهما الا بالحق ولاڪن اڪثرهم لايعلمون ٥ يعني جنن ۽ انسانن کي اسان فقط عبادت لاءِ ئي پيدا ڪيو آهي. زمين ۽ آسمان ۽ ان ۾ جيڪي شيون آهن تن کي بيڪار پيدا نہ ڪيو آهي. پر انهن ۾ خاص مطلب سمايل آهي. ليڪن گهڻا ئي اُن کي نٿا سمجهن. آخر هوالعزيزالرحيم ٥ تائين پڙهي اهڙي قسم جو آواز ڪيائين، جو حرم بن حبان کي خيال ٿيو تہ شايد پاڻ هوش و حواس وڃائي ويٺا. پوءِ حضرت اويس رحہ حرم بن حبان کان پڇيو تہ تون هتي ڇا لاءِ آيو آهين؟ هن عرض ڪيو تہ اوهان جو ديدار ڪري محبت ۽ راحت حاصل ڪريان. پاڻ فرمايائون تہ مان نٿو سمجهي سگهان تہ جنهن خدا کي سڃاتو آهي، اهو بغير انجي ڪنهن ٻئي سان محبت ڪري، ۽ بغير ان جي راحت ۽ آرام حاصل ڪري. حرم بن حبان وري عرض ڪيو تہ مون کي ڪا وصيت فرمايو. پاڻ فرمايائون تہ جڏهن سمهڻ لڳين تہ اُن وقت موت کي پنهنجي مٿان کان چالندو ڪر، ۽ سڃاڻپ واري حالت ۾ موت کي اکين جي اڳيان سمجهندو ڪر. گناه کي معمولي ڳالهہ نہ سمجهہ. ائين ڪرڻ ڪري بہ گنهگار نہ ٿيءُ، ڇاڪاڻ تہ گناه کي حقير سمجهڻ برابر آهي خدا کي حقير سمجهڻ جي. حرم بن حبان عرض ڪيو تہ مون کي زندگيءَ جا ڏينهن ڪٿي بسر ڪرڻ گهرجن؟ پاڻ فرمايائون تہ شام ۾. وري پڇيائين تہ اُتي زندگيءَ جون ضرورتون ڪيئن پوريون ٿينديون؟ پاڻ فرمايائون تہ افسوس آهي اُنهن تي جن جي دلن تي شڪ غالب آهي! حرم بن حبان وري عرض ڪيو تہ ٻي ڪا وصيت بہ فرمايو. پاڻ فرمايائون؛ اي حرم بن حبان! تنهنجو پيءُ آدم مري ويو. حوا، نوح ابراهيم، دائود عليهم السلام ۽ ٻيا وڏيءَ عزت وارا پيغمبر فوت ٿي ويا. حضور پرنور سيدالمرسلين محبوب خدا صلي الله عليه وسلم جن بہ هن فاني دنيا مان عالم جاودانيءَ ڏانهن تشريف وٺي ويا، سندن خليفي حضرت ابوبڪر صديق رضہ بہ وفات ڪئي. منهنجو ڀاءُ عمر، ها عمر افسوس! اهو بہ فوت ٿي ويو. اهو ٻڌي حرم بن حبان چيو خدا توهان تي رحم فرمائي. حضرت عمر فاروق رضہ تہ زنده آهن انهن تہ اڃا وفات ڪانہ ڪئي آهي. پاڻ فرمايائون تہ الله تبارڪ وتعاليٰ مون کي خبر ڏني آهي تہ اهو گذاري ويو. وڌيڪ فرمايائون تہ تون اسان بہ مرده آهيون. ان کان پوءِ دعا ۽ صلواة بعد فرمايائون تہ منهنجي هيءَ وصيت ياد رکجانءِ تہ خدا جو ڪتاب ۽ عقلوڪن جيڪي چڱي راه ڏسين انهن تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪج. ۽ موت کان هڪ پل بہ غافل

نہ رهج. تون جڏهن پنهنجي قوم وارن وٽ وڃين تہ انهن کي بہ اها ئي نصيحت ڪجانءِ. اي حرم بن حبان! هن کان پوءِ نہ تون مون کي ڏسي سگهندين ۽ نہ وري مان ئي توکي ڏسي سگهندس. مون کي خير جي دعا سان ياد ڪجانءِ ۽ پنهنجي حبيب خدا جي اُمت جي خلاف ڪڏهن نہ هلجانءِ. متان تون ڪڏهن بي دين نہ بڻجي وڃين ۽ دوزخ ۾ داخل ٿين. ان کان بعد فرمايائون تہ هاڻي تون پنهنجو رستو پڪڙ ۽ مان پنهنجي رستو وڃان ٿو.

حرم بن حبان جو چوڻ آهي تہ مان ڏاڍي ڪوشش ڪئي تہ بہ قدم حضرت اويس رحہ سان گڏيو وڃان مگر پاڻ انهيءَ ڳالهہ جي اجازت نہ ڏنائون. اللندو پاڻ بہ رنا ۽ مون کي بہ رئارِيائون. جيستائين مون کي نظر آيا تيستائين مان روئندو ئي رهيس. آخر منهنجي نظر کان پوشيده ٿي ويا. ان کان پوءِ مان ڪين وري ڪونہ ڏٺو. حرم بن حبان جو چوڻ آهي تہ حضرت اويس قرني رحہ مون سان جيتريون بہ ڳالهيون ڪيون، اهي حضور پر نور صلي الله عليه وسلم جن ۽ سندن چئن وڏن اصحابن جي متعلق هيون.

حضرت ربيع فرمايو آهي تہ جڏهن مان حضرت اويس قرني رحہ جي زيارت ڪرڻ ويس تہ ان وقت پاڻ صبح جي نماز ادا ڪري رهيا هئا. جڏهن نماز کان فارغ ٿي ڪلمہ تسبيح پڙهڻ ۾ مشغول ٿي ويا. تسبيح پڙهڻ ۾ ايترو تہ محو ٿي ويا جو متان ظهر جو وقت اچي ويو. ظهر جي نماز پڙهي وري تسبيح پڙهڻ ۾ مصروف ٿي ويا. ايتري قدر جو عصر جو وقت ٿي ويو. اهڙيءَ طرح فرض جي ادائگيءَ سان گڏ نفل ۽ تسبيح پڙهندي ٽي روز گذري ويون. انهن ٽنهي ڏينهن ۾ پاڻ نہ ڪجهہ کاڌائون ۽ نہ وري ننڊ ئي ڪيائون. چوٿين رات مون ڏٺو تہ پاڻ ٿوري دير سمهي وري اٿي ويٺا، ۽ الله جي عبادت ۾ مشغول ٿي ويا. پوءِ دعا گهريائون تہ اي الله! مان پنهنجي اکين جي ننڊ ۽ پنهنجي پيٽ ڀرڻ لاءِ توکان پناه گهران ٿو. مان اهو ڏٺي دل ۾ چيو تہ منهنجي لاءِ اهو ئي ڪافي آهي. پوءِ مان واپس هليو آيس.

نقل آهي تہ حضرت اويس قرني رحہ ڪيتريون ڪيتريون راتيون سمهندا ئي ڪين هئا. فرمائيندا هئا تہ هي راتيون رڪوع، سجدي ۽ قيام لاءِ آهن. مطلب تہ ڪيتريون ڪيتريون راتيون عبادت ڪندي بسر ڪندا هئا. ماڻهن حضرت اويس قرني رحہ کان دريافت ڪيو تہ اي اويس! توهان جو مقصد ڇا آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ مان چاهيان ٿو تہ سجده ۾ سبحان ربي الاعلي ئي چوان تہ صبح ٿي وڃي. منهنجي مرضي آهي تہ مان فرشتن جيان عبادت ڪريان. ماڻهن پڇيس تہ نماز ۾ خشوع (عاجزي) ڇا آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ جيڪڏهن نمازيءَ کي خنجر هنيون وڃي تہ کيس خبر نہ پوي. ڪنهن پڇين تہ توهان جو حال ڪهڙو آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ منهنجو حال ڪهڙو هوندو! جيڪو صبح جو اٿي ۽ اها بہ خبر نہ هجيس تہ موت رات تائين اجازت ڏيندو يا نہ.

نقل آهي تہ کنهن کي فرمائي رهيا هئا تہ جي تون زمين ۽ آسمان جي برابر بہ عبادت ڪندين پر جيستائين اها تنهنجي عبادت قبول نہ ڪئي ويندي تيستائين توکي انهيءَ عبادت جو يقين نہ وهندو. انهيءَ عرض ڪيو تہ يقين ڪيئن ڪريان؟ پاڻ فرمايائون تہ جيڪي ڪجهہ توکي حاصل آهي انهيءَ تي قناعت ڪر، ۽ ان تي خوش رهہ. پاڻ فرمايو اٿن تہ جو انسان ٽن شين جي رغبت رکندو تہ اهو ائين سمجهي تہ دوزخ سندس گردن جي بہ نزديڪ آهي. پهريون سٺو ڪري سنا ۽ لذيذ طعام کائڻ پيو ڏيکاءَ خاطر ريشمي لباس پائڻ ۽ ٽيون اميرن ۽ وڏن ماڻهن سان خود غرضيءَ واري محبت رکڻ.

ڪن ماڻهن حضرت اويس قرني رحہ کي چيو تہ توهان جي نزديڪ هڪ ماڻهو رهي ٿو جيڪو ٽيهن سالن کان ڪفن ويڙهيو قبر ۾ ويهي روئي رهيو آهي. پاڻ فرمايائون تہ مون کي ان وٽ وٺي هلو تہ جيئن مان هن کي ڏسان. حضرت اويس رحہ کي ان شخص وٽ آيا. پاڻ ان شخص کي ڏٺائون تہ هو روئي رهيو هو. سندس چهرو ڦڪو ٿي ويو هو ۽ سڪي ڪنڊا ٿي ويو هو. ان کي فرمايائون تہ اي فلاڻا! ڪفن ۽ قبر خدا تعاليٰ سان توکي مشغول ڪري ڇڏيو آهي، پر ياد رک اهي ٻئي شيون تنهنجي راہ ۾ حجاب (پردو) آهن. انهيءَ گفتگوءَ سبب هن جي دل ۾ نور معرفت جلوہ گر ٿيو. پوءِ هن هڪ نعرو هنيو ۽ انهيءَ قبر ۾ ئي دم ڏنائين. انهيءَ ڳالهہ مان اندازو لڳائڻ گهرجي تہ قبر ۽ ڪفن بہ حجاب آهن تہ پوءِ دنيا جي ٻين شين جو ڪهڙو حال ٿيندو!

نقل آهي تہ ٽن ڏينهن تائين پاڻ ڪجهہ بہ کاڌو پيتو ڪونہ هئائون. چوٿين ڏينهن جڏهن ٻاهر نڪتا تہ رستي ۾ هڪ سونو دينار پيل ڏٺائون. مگر انهيءَ خيال سان نہ کنياائون تہ مبادا اهو ڪنهن جو ڪري پيو هجي. پوءِ انهيءَ لاءِ اڳتي وڌيا، تہ جيئن گاہ وغيرہ کائي بک جو پورائو ڪجي. پر ڇا ڏسن تہ هڪ ٻڪري آهي، جا گرم گرم ماني کنيو اچي سندن اڳيان بيٺي. ان ٻڪريءَ اها ماني حضرت اويس رحہ جي اڳيان آڻي رکي. مگر پاڻ ان مانيءَ کي هٿ بہ ڪين لاتائون. انهيءَ خيال سان تہ متان ڪنهن جي کڻي آئي هجي. پوءِ جڏهن اتان هلڻ لڳا تہ خدا جي قدرت سان ان ٻڪريءَ ڳالهايو ۽ چيائين تہ مان انهيءَ خدا جي ٻانهي آهيان جنهن خدا جو تون ٻانهو آهين. پوءِ جڏهن حضرت اويس رحہ انهيءَ مانيءَ کي کنيو تہ اها ٻڪري گم ٿي ويئي.

حضرت اويس قرني رحہ جا بي شمار فضائل آهن. شروع ۾ شيخ ابوالقاسم گورگاني بہ اويسي ٿي گذريا آهن. حضرت اويس قرني رحمت الله عليہ جا اقوال هي آهن: پهريون جنهن شخص خدا کي سڃاڻي ورتو تہ ان کان ڪابہ شيءِ مخفي (ڳجهي) نہ ٿي رهي- يعني الله تعاليٰ

ساڻ ئي سچائي سگهن ٿا. ٻيو جنهن شخص خدا کي خدا سمجهيو ته اهو هر چيز کي سمجهي سگهي ٿو. ٽيون اڪيلائيءَ ۾ سلامتي آهي، وحدت انهيءَ کي چوندا آهن، جو سواءِ خدا جي ٻيو ڪنهن جو به دل ۾ خيال نه اچي. ظاهري اڪيلو رهڻ نيڪ نه آهي، ڇاڪاڻ ته ٻن ماڻهن جي گڏجڻ ساڻ شيطان به ٽيجي وڃي ٿو. چوٿون دل کي حاضر رکجي، جيئن ڪنهن غير کي ان ۾ دخل اچڻ جو موقعو نه ملي. پنجون بلندي عاجزيءَ ۾، سرداري سچائيءَ ۾، فخر فقر ۾، نيت تقويٰ ۾، بزرگي قناعت ۾، راحت زهد ۾، ۽ استغفار توڪل ۾ آهي.

نقل آهي ته حضرت اويس قرني رحه کي ٻاڙيوارا ديوانو سمجهندا هئا. انهن چيو ته اسان حضرت اويس قرني رحه لاءِ هڪ گهر ٺاهيو ، اسان ڪڏهن ڪونه ڏٺو سين ته هن کي روزي ڪولڻ لاءِ گهر ۾ ڪا شيءِ ميسر هجي. پنهنجي ڪاڌي مهيا ڪرڻ لاءِ پاڻ ڪارڪن جون ڪڪڙيون گڏ ڪري شهر ۾ وڃي وڪڻندا هئا. اتان جيڪي ڪجهه ملندو هون اُن مان ساني خريد ڪري پيٽ گذران ڪندا هئا. پر جيڪڏهن ڪارڪون ملي ويندون هين ته اهي خيرات ڪري ڇڏيندا هئا. حضرت اويس قرني رحه جو لباس سدائين پراڻو ۽ ڦاٽل هوندو هو. نماز بعد ان کي ويهي سبندا هئا. پاڻ صبح جو سوير گهر کان نڪري ويندا هئا ۽ عشا جي نماز بعد موٽي گهر ايندا هئا. ننڍا ٻار حضرت اويس رحه کي ديوانو سمجهي ڪين پٿر ۽ پٿر هڻندا هئا. پاڻ انهن کي فرمائيندا هئا اي ٻارو! مونکي ننڍڙا ننڍڙا پٿر هڻو ته جيئن رت نه وهي. ۽ منهنجي پاڪائيءَ ۾ خلل نه پوي. مون کي صرف نماز جو فڪر آهي پر بدن جو غم ناهي.

روايت آهي ته حضرت اويس قرني رحه عمر جي آخري حصي ۾ حضرت علي ڪرم الله وجهه جي خدمت ۾ حاضر ٿيا، ۽ ان ساڻ گڏجي ڪيترين لڙاين ۾ شامل ٿيا. آخرڪار هڪ جنگ ۾ لڙائيءَ جي دوران شهيد ٿي ويا. انا لله و انا عليه راجعون اهو ڄاڻڻ نهايت ضروري آهي ته اهل الله ۾ هڪ اهڙو ٽولو آهي، جيڪو پاڻ کي اويسي چوائي ٿو. اويسي ماڻهن کي مرشد وٺڻ جي ضرورت پيش نه ايندي آهي. انهن کي سڌو سنئون درگاه نبوت کان ئي نور باطن حاصل ٿيندو آهي. جيئن حضرت اويس قرني رحمت الله عليه کي حاصل ٿيو. جيتوڻيڪ پاڻ پنهنجي اکين ساڻ حبيب خدا صلي الله عليه وسلم جن کي ڪين ڏٺو هئائون پر تنهن هوندي به حضور پرنور صلي الله عليه وسلم جن کان ئي روحاني فيض حاصل ٿيل هون: هي هڪ اعلي مرتبو آهي جو تمام گهٽ ۽ ڪن خوش قسمت ماڻهن کي نصيب ٿيندو آهي.

● ذڪر حضرت حسن بصري رحمة الله تعالى عليه ●

حضرت حسن بصري رحمت الله عليه صاحب علم هو. علم ۽ زهد ۾ بي مثال سنت جي عمل ۾ گهرو هو. سنت جي لحاظ کان ۽ اخلاص ۾ بيان ڪيل آهن. انهن ساڳين خدا جو خوف هر وقت رهندو هو. سنت واسطي حضرت بيبي ام سلمه رضي الله عنها جن جي خادمه هئي. جڏهن سنت واسطي حضور پرنور صلي الله عليه وسلم جن جي گهر جي ڪم ڪار ۾ رڌل رهندي هئي ته ٻار ان وقت گهر ۾ هوندا هئا. جي روئندا هئا ته ام المومنين ام سلمه رضه کين پنهنجي گود ۾ کڻي پنهنجو کير پياريندي هئي. انهيءَ ڪري حضور جن جي طفيل کين ايترو فيض ۽ برڪت ۽ سعادت حاصل ٿي.

نقل آهي ته جڏهن پاڻ اڃا ٻار هئا، ته هڪ ڏينهن ام سلمه رضي الله عنها جي گهر ۾ حضور پرنور صلي الله عليه وسلم جن جي آب خوره (شيءِ جي لوٽي) مان پاڻي پيتائون. حضور ڪريم جن دريافت ڪيو ته ڪنهن هن پاڻي مان پيتو آهي؟ ته ام سلمه رضي الله عنه عرض ڪيو ته ان مان حسن بصريءَ پاڻي پيتو آهي. انهيءَ تي حضور ڪريم جن فرمايو ته جيترو هن پاڻي پيتو آهي اوترو ئي حسن بصري منهنجي علم کان فيض ياب ٿيندو.

هڪ ٻيءَ به روايت آهي ته هڪ ڏينهن حسن بصري رحمت الله عليه حضور انور صلي الله عليه وسلم جن جي گهر ۾ آيا، ته حضور پرنور صلي الله عليه وسلم جن حسن بصريءَ کي جهوليءَ ۾ کڻي ويهاريو، ۽ سندن حق ۾ دعا فرمايائون. ان دعا جي برڪت سان حسن بصريءَ کي سيئي رتبا حاصل ٿيا.

نقل آهي ته جڏهن پاڻ پيدا ٿيا، تہ کين حضرت عمر فاروق رضي الله تعاليٰ عنه جن جي خدمت ۾ کڻي آيا. حضرت عمر فاروق رضه فرمايو ته خوبصورتيءَ جي لحاظ کان هن جو نالو حسن رکو. پنهنجي والده محترمه کان سواءِ ام المومنين کي به حسن بصريءَ جي پرورش جو خيال رهندو هو، ۽ سدائين اها دعا فرمائيندي هئي تہ اي خداوند ڪريم! تون حسن بصريءَ کي تمام خلق تي سرفرازي بخش ۽ خلق جو پيشوا بناءِ. ام المومنين جي انهيءَ دعا جي سبب پاڻ صاحب جن هڪ سو ٽيهن اصحابن جو زمانو ڏٺو؛ جنهن مان ستر اصحاب اهل بيتن مان هئا. خواجه صاحب جن کي حضرت امام حسن ابن علي رضي الله تعاليٰ عنه جي ڏاڍي محبت هئي، ۽ علم ۾ به ان جا شاگرد هئا. ليڪن ڪتاب تحفه ۾ لکيل آهي تہ پاڻ حضرت علي ڪرم الله وجهه جا مريد هئا، ۽ درويشيءَ جي ولايت به ڪانئن ئي حاصل ڪئي هئائون.

[illegible]

هليا ويا. ان کان پوءِ روم جو بادشاهه ۽ وزير انهيءَ خيمي اندر داخل ٿيا. گهڙي ساعت کان پوءِ واپس ٻاهر آيا. حضرت حسن بصري رضي الله عنه اهو سڀ ڪجهه ڏسي حيران ٿي ويا. ان ۾ سوچڻ لڳا ته آخر معاملو ڇا آهي. نيٺ ڪنهن رهيو نه ٿيو، ۽ هڪ وزير کان انهيءَ حقيقت جي نوعيت دريافت فرمائيائون. جنهن چيو ته قيصر روم جو هڪ نهايت ئي جوان ۽ خوبصورت پٽ، جيڪو وڏي علم وارو ۽ بهادر هو. تنهن کي پيءُ ڏاڍو ڀائيندو هو. اهو هڪ ڏينهن بيمار ٿي پيو. وڏن وڏن حڪيمن ۽ طبيبن هن جو علاج ڪيو مگر هو خوش ٿي نه سگهيو. آخرڪار هڪ ڏينهن مري ويو ۽ کيس هن خيمي اندر دفن ڪيو ويو. سال ۾ هڪ دفعو قيصر روم پنهنجي پٽ جي قبر تي ضرور ايندو آهي. اوهان جيڪو سپاهه هن خيمي جي چوڌاري ڦيرو ڏيندي ڏٺو اهي فوجي سپاهي هئا جيڪي چوندا رهندا آهن ته اي اسان جا شهزادا! جنهن موت واري حالت ۾ تون آهين، جيڪڏهن اها حالت جنگ ڪرڻ سان توتان دفع ٿي وڃي ته جيڪر اسان سڀ پاڻ کي قربان ڪري ٻه توکي انهيءَ حالت کان نجات ڏياريون. مگر لاچار اسان ڇا ڪريون! اها حالت انهيءَ طرف کان پيدا ڪيل آهي، جنهن سان اسان تہ ڇا پر جيڪڏهن هيءَ ساري مخلوقات به ڪٺي وڙهي يا جهنگ ڪري ته ڪجهه نٿي ڪري سگهي. اوهان کي جيڪي معزز ۽ بزرگ ماڻهو ڏسڻ ۾ آيا ۽ ائين پيا چون ته جيڪڏهن اسان جون دعائون ۽ عبادتون تنهنجي انهيءَ حالت کي بدلي سگهن ته اسان حاضر آهيون. ليڪن اها حالت اها آهي جنهن کي دعائون ۽ رياضتون ڪڏهن به نٿيون بدلي سگهن. توهان جيڪي داناءَ حڪيم ۽ فيلسوف ڏٺا

ـسي چون پيا تہ جيڪڏهن عقل ۽ دانائي توکي موت جي شڪنجي کان بچائي سگهن تہ جيڪر اسان ڪنهن بہ قسم جي ڪوتاهي ڪين ڪريون. پر ڇا ڪجي! موت جي اڳيان عقل ۽ دانائي ڪا بہ حقيقت نہ آهي. جيڪي اوهان قيمتي جواهرن جا ٿالهہ کڻندي ڪنواريون نوجوان حسين عورتون ڏٺيون، انهن هيئن ٿي چيو تہ اي شهزادا! جيڪڏهن هي مال ۽ دولت، حسن ۽ جواني توکي موت جي منهن کان بچائي سگهن تہ هوند هي سڀ مال ۽ اسين پنهنجون قيمتي جانيون توتان قربان ڪري ڇڏيون. پر افسوس آهي تہ جنهن توکي اهڙي حالت ۾ آندو آهي، ان جي اڳيان اهي شيون ڪا بہ معني نٿيون رکن. انهيءَ کان بعد اوهان سونکي ۽ قيصر روم کي ان خيمي ۾ اندر ويندي ڏٺو، ۽ قيصر پنهنجي پٽ کي مخاطب ٿيندي چيو تہ اي منهنجا پيارا پٽ! جيڪي ڪجهہ مون وٽ آهي، يعني لشڪر، حڪيم، داناءُ، بزرگ، خوبصورت عورتون ۽ مال دولت سڀ ڪجهہ کڻي تو وٽ آيو آهيان. جيڪڏهن منهنجي انهيءَ ڪوشش سان توتان اها حالت ٽري وڃي تہ جيڪر مان سڀ ڪجهہ لٽائڻ لاءِ تيار آهيان. پر مان ڇا ڪريان، مجبور آهيان. جنهن توکي انهيءَ حالت ۾ مبتلا ڪيو آهي، انهيءَ کي ڪنهن بہ چيز جي ضرورت ڪانهي. هر هڪ شيءِ انهيءَ جي آهي ۽ انهيءَ جي ئي قبضي ۾ رهي ٿي. آخر ڪيس سلام ڪري خيمي کان ٻاهر آيا سين.

حسن بصري رحہ جڏهن انهيءَ واقعي ۽ حال کان واقف ٿيا، تڏهن دل تي ڏاڍو اثر پيدا ٿين، خوف خدا کان سندن اکين مان آب جاري ٿيڻ لڳو، نا پائدار دنيا جو خيال دل تان لهي ويو ۽ ڪاروبار کان دل بيزار ٿي پين. انهيءَ وقت بصري ۾ موٽي آيا، ۽ عهد ڪيائون تہ اڄ کان پوءِ الله جي عبادت ۾ ڪوتاهي ڪين ڪندس. ان کان بعد پاڻ عبادت الاهيءَ ۾ بيحد مشغول ٿي ويا. سندن پاڪيزگي ۽ صفائيءَ جو هي حال هو جو ستر ورهن جي عمر تائين سندن ساڳي ئي طاقت قائم رهي. پاڻ ماڻهن کان پوشيدگي اختيار ڪيائون. ماڻهن سان تعلقات ختم ڪري گوشہ نَشِيني اختيار ڪري سڀ تي فوقيت حاصل ڪيائون.

هڪ ڏينهن ڪنهن مجمع ۾ هڪ ماڻهوءَ ڪنهن ٻئي بزرگ کان پڇيو تہ حسن بصري اسان سڀني کان بهتر ڇو آهي؟ ان بزرگ جواب ڏنو تہ ٻين ماڻهن کي اڄا سندن علم جي ضرورت آهي. ليڪن پاڻ سواءِ الله تبارڪ وتعاليٰ جي ٻئي ڪنهن جا بہ محتاج نہ آهن. جيئن تہ دين جي معاملي ۾ سڀني کي انهيءَ جي ضرورت آهي. انهيءَ ڪري پاڻ سڀ کان برتر ۽ بزرگ آهن.

نقل آهي تہ پاڻ هفتي ۾ هڪ دفعو واعظ فرمائيندا هئا. جنهن ڏينهن پنهنجي مجلس ۾ رابعہ بصري رحمت الله عليها کي نہ ڏسندا هئا تہ انهيءَ ڏينهن واعظ بند ڪري ڇڏيندا هئا. جيڪڏهن

ماڻهون ڪانئن پڇندا هئا تہ اي حضرت! جيتوڻيڪ هن مجلس ۾ ڪيترا ئي الله وارا ۽ بزرگ شخص تشريف فرما آهن تہ بہ اوهان صرف هڪ عورت جي نہ هجڻ سبب ائين ڇو نہ ڪريو؟ انهيءَ تي پاڻ فرمائيندا هئا تہ جيڪو شربت هاٿين جي پيٽ ۾ وجهڻ لاءِ هجي تہ پوءِ اهو ڪئلين کي ڪيئن پيارجي! پاڻ جڏهن بہ وعظ فرمائيندا هئا تہ جوش ۾ اچي حضرت رابعہ بصريءَ جي طرف منهن ڪري فرمائيندا هئا تہ هي جوش تنهنجي دل جي جوش ڪري آهي.

هڪ ڏينهن ڪن ماڻهن حسن بصري رحمت الله عليه جن کان پڇيو تہ اوهان جي وعظ ۾ جيڪڏهن گهڻي ۾ گهڻا ماڻهو اچن تہ ڇا اوهان جي دل خوش ٿيندي؟ پاڻ فرمايائون تہ مان ماڻهن جي گهڻائيءَ کان خوش ڪين ٿيندو آهيان پر جيڪڏهن منهنجي مجلس ۾ هڪ دل جليو درويش اچي وڃي تہ مون کي خوشي ٿيندي آهي.

ڪنهن شخص حسن بصري رحمت الله عليه کان پڇيو تہ اسلام ڇا آهي، ۽ مسلمان ڪير آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ اسلام ڪتابن ۾ بند آهي، ۽ مسلمان خاڪ ۾ دفن ٿيل آهي.

ڪنهن ماڻهوءَ ڪانئن دريافت ڪيو تہ دين جي اصليت ڇا آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ پرهيزگاري.

ڪنهن پڇين تہ اها ڪهڙي شيءِ آهي جيڪا پرهيزگاريءَ کي تباہ ڪري ٿي؟ پاڻ فرمايائون طمع (لالچ).

ڪنهن پڇين تہ عدن ڇا آهي؟ پاڻ فرمايائون: اهو سون جو هڪ محل آهي. جنهن ۾ پيغمبرن شهيدن، صديقن ۽ عادل بادشاهن کان سواءِ ٻيو ڪو بہ رهي نٿو سگهي.

ڪانئن ڪنهن دريافت ڪيو تہ بيمار طبيب مريضن جو علاج ڪيئن ڪري؟ پاڻ فرمايائون تہ پهريائين پنهنجو علاج ڪري، پوءِ ٻين جو. پوءِ فرمايائون: منهنجون ڳالهيون ٻڌندا ڪريو. ڇاڪاڻ تہ منهنجو علم توهان جي لاءِ فائدي مند آهي ۽ منهنجي بي علمي توهان لاءِ نقصانڪار نہ آهي.

ڪن ماڻهن چيو تہ اسان جون دليون مرجهل (مايوس) آهن تنهن ڪري اسان جي دلين تي اوهان جون ڳالهيون اثر نٿيون ڪن. پاڻ فرمايائون تہ مان مٿلن کي ڪيئن جيئرو ڪري سگهندس. توهان جون دليون مرده آهن. پر جيڪڏهن فقط مرجهيل هجن ها تہ ٺڙي پون ها.

ڪن ماڻهن عرض ڪيو تہ ڪيترا ماڻهو پنهنجين ڳالهين سان ايتري قدر تہ اسان کي ڊيڄارن ٿا، جو اسان جون دليون خوف کان ڏڪڻ لڳن ٿيون. پاڻ فرمايائون تہ بهتر ائين آهي تہ اڄ توهان ڊيڄارڻ وارن جي محبت اختيار ڪيو ۽ نہ سڀاڻي خوف ۾ رهو.

ڪنهن چيو تہ هڪ ٽولو اهڙو آهي جيڪو اوهان جون ڳالهيون فقط انهيءَ ڪري ياد

رکي ٿو تہ جيئن انهن مان عيب (نقص) ڪڍي ۽ اوهان تي اعتراض ڪري سگهي.

پاڻ فرمايائون تہ مان صرف بهشت ۽ حق تعاليٰ جي طمع رکان ٿو مگر ماڻهن ۾ سلامت رهڻ جي هرگز طمع ڪانهي. ڇاڪاڻ تہ پيدا ڪرڻ وارو بہ انهن کان سلامت نہ آهي. (مطلب نہ ڪي اهڙا ماڻهو بہ آهن جيڪي پنهنجي پروردگار کان بہ خوش نہ آهن.)

ڪن پڇيو تہ ماڻهن کي دعوت حق جي آن وقت ڏيڻ گهرجي، جڏهن پهريائين پنهنجا نفس پاڪ ڪيا وڃن.

فرمايائون تہ اها شيطان جي خواهش آهي تہ ڪنهن ماڻهوءَ کي خراب ۽ بد ڪم کان نہ روڪڻ ۽ چڱي ۽ هدايت واري ڪم کان پري رکڻ.

وري ڪانئن پڇيائون تہ ڇا مومن بہ حسد ڪن ٿا؟ پاڻ فرمايائون تہ ڇا توهان حضرت يوسف عليہ السلام جي ڀائرن جو قصو وساري ڇڏيو آهي؟ پر جڏهن دل مان رنج ڪڍي ڇڏجي تہ پوءِ ڪنهن بہ قسم جو نقصان ڪونهي.

نقل آهي تہ پاڻ حضرت جن جو هڪ مريد جڏهن بہ قرآن شريف جي ڪا آيت ٻڌندو هو تہ هڪدم پاڻ کي زمين تي اڇلائي ڦٿو ڪندو هو. ان کان پڇيو ويو تہ تون ائين ڇو ٿو ڪرين، ڇا تو کي ايتري بہ طاقت نہ آهي جو ائين نہ ڪري سگهين؟ تون ٻاهر ناهين جو پنهنجي عمر جي معاملي ۾ لڳي وڃين. جيڪڏهن تو کان ٿئو ٿي سگهي تہ مون کي ڏي. فرمايائون تہ الصعق ن الشيطان يعني جو شخص آواز ڪندو آهي، انهيءَ جو قصو ڪرڻ وارو شيطان هوندو آهي.

هڪ ڏينهن پاڻ حضرت جن وعظ فرمائي رهيا هئا تہ ايتري ۾ حجاج پنهنجي لشڪر سميت تلوارين اگهاڙيون ڪيو اتي اچي پهتو. وعظ ۾ ويٺل ماڻهن مان هڪ بزرگ دل ۾ چيو تہ اڄ مان حضرت حسن بصريءَ کي آزمائيندس. انڪري حجاج مجلس ۾ اچي ويهي رهيو. ليڪن پاڻ حضرت جن ان جي طرف اصل ڪين ڏٺو. اهو حال ڏسي ان بزرگ دل ۾ چيو تہ حسن.. واقعي حسن آهي. جڏهن وعظ جي مجلس ختم ٿي تہ ڏهن حجاج اٿي ڪري حضرت حسن بصري رحہ جي هٿن کي چميو ۽ ماڻهن جي طرف منهن ڪري چيائين "انظروا الي الرجل" يعني جيڪڏهن توهان ڪنهن مرد مجاهد کي ڏسڻ گهرو ٿا تہ حسن رحہ کي ڏسو.

هڪ دفعي ڪنهن خواب ۾ ڏٺو تہ حجاج قيامت ۾ گهمي رهيو آهي. ان کانئس پڇيو تہ ڪنهن جو انتظار اٿو؟ حجاج جواب ڏنو تہ جنهن جو موحدن کي انتظار هوندو آهي.

حقيقت ۾ حجاج مرڻ جي وقت بارگاہ الاهيءَ ۾ عرض ڪيو هو تہ اي پروردگار! اي رب العالمين! تون وڏو مهربان ۽ بخشيندڙ آهين تون غفور آهين رحيم آهين. مون کي ۽ انهن سڀني کي جيڪي مون کي سڃاڻن ٿا، خبر آهي تہ تون مون کي قيامت جي ڏينهن ڪين

ڇڏيندين. هاڻي تنهنجي رحمت ۽ منهنجي دشمن جو مقابلو آهي. مون کي ماڻهن جي دشمنيءَ جي مقابلي ۾ بخشي ڇڏ ته جيئن اهو ثابت ٿي وڃي ته جو ڪجهه تون چاهيندو آهين اهو ڪندو آهين.

جڏهن اها ڳالهه حسن بصري رحمت الله عليه جن جي خدمت ۾ بيان ڪئي ويئي، تڏهن پاڻ فرماياڻون نه هي خبيث (حجاج) پنهنجي چالاڪيءَ سبب آخرت ۾ به بچي ويندو.

نقل آهي ته جڏهن حضرت علي ڪرم الله وجهه مصر ۾ آيا، تڏهن آپ جي ٻهار کي پنهنجي چيلهه سان ٻڌي هي حڪم ڪندا ويا ته منبرن کي ڀڃي ڇڏيو. تنهن ڪري حضرت علي رضه جي حڪم مطابق ماڻهن منبر ڀڃي ڇڏيا ۽ وعظ ڪندڙن کي وعظ ڪرڻ کان منع ڪري ڇڏياڻون.

جڏهن حضرت علي رضي الله عنه حسن بصري رحمت الله عليه جي مجلس وعظ ۾ تشريف فرما ٿيا ان وقت حسن بصري رحه کان دريافت فرماياڻون ته توهان عالم آهيو يا متعلم؟ پاڻ عرض ڪياڻون ته انهن ٻنهي ڳالهين مان ڪابه نه. البت جيڪا ڳالهه حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن کان مون تائين پهتي آهي، مان انهيءَ کي بيان ڪريان ٿو. اهو جواب ٻڌي حضرت علي رضي الله عنه جن حضرت حسن بصريءَ کي وعظ کان منع نه فرمائي پر فرماياڻون ته هي جوان نهايت ٿي مهذب ۽ چڱيون ڳالهيون ڪندڙ آهي. جڏهن حضرت علي ڪرم الله وجه اتان تشريف فرما ٿي ويا تڏهن حضرت حسن بصري رحه کي اهو معلوم ٿيو ته اهو شخص حضرت علي رضي الله عنه هئا. ته وعظ بند ڪري پٺيان ڊوڙندا ويا، ؟ ڪين عرض ڪياڻون ته يا حضرت! الله جي واسطي مون کي پاڪائيءَ جو طريقو سيکاريو. تڏهن حضرت علي رضه "باب الطشت" جي قريب حضرت حسن بصري رحه جن کي وضوءَ جو طريقو سيکاريو، ۽ پوءِ اتان تشريف فرما ٿي ويا.

هڪ دفعي بصري ۾ ڏڪار پيو. جنهن ڪري متاثر ٿي ٻه لک ماڻهو بارش جي طلب لاءِ شهر کان ٻاهر نڪري آيا، ۽ هڪ منبر تيار ڪياڻون. ماڻهن حضرت حسن بصري رحمت الله عليه جن کي عرض ڪيو ته اوهان منبر تي اچي بارش واسطي دعا فرمايو! پاڻ فرماياڻون ته جيڪڏهن توهان کي بارش جي گهرج هجي ته مون کي بصري کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو.

روايت آهي ته حضرت حسن بصري رحه تي وڏي وڏي اهڙو ته خوف طاري ٿي ويندو هو جو ان وقت ائين معلوم ٿيندو هو، ڄڻ ته ڪنهن جلاد جي سامهون ويٺا آهن. ڪنهن به شخص حضرت جن کي کلندي يا مشڪندي ڪونه ڏٺو. پاڻ ڏاڍو گهڻو روئندا هئا.

هڪ ڏينهن پاڻ ڪنهن کي روئندو ڏسي ان کان روئڻ جو سبب پڇياڻون. جنهن عرض

ڪيو تہ هڪ دفعي مان محمد ڪعب قرطبيءَ جي مجلس ۾ وعظ ٻڌي ھئو. وعظ جي دوران هن بيان ڪيو تہ هڪ مومن اهڙو بہ هوندو جو اعمالن جي شامت سبب هڪ هزار سال دوزخ ۾ رهڻ کان پوءِ آزادي پائيندو. اهو ٻڌي حضرت حسن بصري رحمت الله عليه فرمايو تہ ڪاش! اهو مومن شخص جيڪر ”حسن“ ئي هجي، جو هزار سال کان پوءِ آخر دوزخ مان ڪڍيو تہ وڃي!“

هڪ ڏينهن سندس سامهون هيءَ حديث شريف پڙهي ويئي. ”آخر من يخرج من النار يقال لہ نهاد“ يعني اُمت محمدي صلي الله عليه وسلم مان سڀ کان پوءِ جيڪو شخص دوزخ مان نڪرندو، ان جو نالو ”نهاد“ هوندو. اهو ٻڌي پاڻ فرمايائون تہ شل اهو ”حسن“ ئي هجي!

نقل آهي تہ هڪ رات پاڻ گهر ۾ روئي رهيا هئا. جڏهن ڪائنس روئڻ جو سبب پڇيو ويو تہ پاڻ فرمايائون تہ شايد بي خبريءَ يا غلطيءَ يا غير ارادي طور مون کان ڪا اهڙي حرڪت سرزد ٿي ويئي هجي جيڪا درگاه خداونديءَ ۾ پسند نہ پوندي هجي، يا مان اهڙو قدم کڻي ويٺو هجان، جيڪو الله تبارڪ وتعاليٰ جي رضا جي خلاف هجي. ڊڄان ٿو تہ قيامت جي ڏينهن مون کي چيو نہ وڃي تہ وڃ هليو؛ اسان جي بارگاه الاهيءَ ۾ تنهنجي لاءِ ڪا بہ جڳهہ ڪانهي. اسان کي تنهنجي لاءِ ڪوبہ قدر يا عزت ڪانهي. اسان وٽ تنهنجي ڪابہ عبادت قبول ڪانهي. انهيءَ ڪري ئي روئان ٿو.

نقل آهي تہ پاڻ پنهنجي جاءِ جي ڇت مٿان هڪ دفعي ايتري قدر رنا جو آنسو جيڪا ڇپر هئي، سا بلڪل پڄي ويئي. نہ فقط ايترو پر اهو اکين جو پاڻي نيسارن کان پڻ جاري ٿي وهڻ لڳو. ڪو شخص هيٺان لنگهي رهيو هو، تہ اهو پاڻي مٿس ڪريو. تنهن اها ڳالهہ دريافت ڪئي تہ اهو پاڻي پاڪ هيو يا پليد؟ پاڻ فرمايائون تہ اي الله جا ٻانها! انهن ڪپڙن ۽ جسم جي حصن کي ڌوئي ڇڏ، جن تي اهو پاڻي پيو آهي ڇاڪاڻ تہ اهو پاڻي ڪنهن گنهگار جي اکين جو آهي.

هڪ دفعي پاڻ هڪ جنازي سان گڏجي ويا. جڏهن عزيز ميت کي دفن ڪري بيٺا تہ پاڻ ان جي قبر تي ايتري قدر رنا جو قبر جي مٽي پسي ويئي. پوءِ فرمايائون تہ اي ٻانهو! غور ڪريو توهان جو اول ۽ آخر قبر آهي. هن جهان جي پڇاڙي ۽ آخرت جي شروعات بہ قبر آهي ”القبر اول منزل من منازل الآخرة“ يعني توهان اهڙي جهان تي فخر ڪيئن ٿا ڪريو جنهن جو هي انجام آهي پر اهڙي جهان کان ڇو نٿا ڊڄو جنهن جي شروعات ئي قبر آهي. هاڻي جڏهن توهان جو اول ۽ آخر قبر ئي آهي تہ پوءِ اي غافلو! توهان تياري ڇو نٿا ڪريو. پاڻ حضرت جن کان اهو ٻڌي اهي ماڻهن ايترو تہ رنا جو هڪ قسم جو ماتم مچي ويو.

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن پاڻ ڪن ماڻهن سان گڏ ڪنهن قبرستان سان لانگهائو ٿيا. پاڻ فرمايائون تہ هن قبرستان ۾ اهڙا بہ مرد آهن جن آئن بهشتن جي ذري پر بہ پرواه ڪا نہ ڪئي. پر پوءِ بہ دل ۾ ايتري قدر حسرت ڪئي ويا جو جيڪڏهن انهيءَ حسرت جو ذرو بہ آسمانن ۾ رهڻ وارن کي پيش ڪيو وڃي تہ جيڪر سڀ خوف جي درياه ۾ غرق ٿي وڃن.

نقل آهي تہ ٻاراڻي اوستا ۾ هڪ دفعي پاڻ کان ڪوئي غلطيءَ جهڙو ڪم ٿــي وين. ان کان پوءِ پاڻ جڏهن بہ نئون ڪپڙو پائيندا هئا تہ انهيءَ قصور کي پنهنجي گريبان تي لکي ڇڏيندا هئا. پاڻ ايترو تہ روئندا هئا جو وقتي بيهوش ٿي ويندا هئا.

هڪ دفعي عمر بن عبدالعزيز رضي الله عنہ حضرت حسن بصري رحمت الله عليہ جن ڏانهن هڪ خط لکيو؛ جنهن ۾ هيءَ التجا ڪيل هئي تہ مون کي ڪا اهڙي نصيحت فرمايو جنهن کي مان هميشہ ياد رکان. پاڻ جواب ۾ لکيائونس تہ جڏهن الله تبارڪ وتعاليٰ توهان سان همراه آهي تہ پوءِ توهان کي ڪنهن جي بہ پرواه ڪانهي! باقي جيڪڏهن الله تبارڪ وتعاليٰ توهان سان گڏ ناهي، تہ پوءِ ڪنهن ۾ اميد رکو ٿا! هڪ ٻئي دفعي پاڻ انهن ڏانهن لکي موڪليائون تہ اهو ڏينهن اچي ويل سمجهو، جڏهن ڪنهن جو وارث مري وڃي! اميرالمومنين عمر بن عبدالعزيز جواب ۾ لکيو تہ اهو ڏينهن اچي ويل ٿي چونہ سمجهيو وڃي جڏهن دنيا ئي نہ رهندي.

هڪ دفعي ثابت نهاني رحمت الله عليہ حضرت جن ڏانهن خط لکيو تہ مان ٻڌو آهي تہ اوهان حج تي وڃڻ لاءِ تيار ٿيا آهيو. مان انهيءَ سفر ۾ اوهان سان گڏ هلڻ گهران ٿو. پاڻ جواب ۾ لکي موڪليائونس تہ اي مرد خدا جا! انهيءَ خيال کي ڇڏي ڏي، تہ جيئن الله تبارڪ وتعاليٰ جي ستر ۾ ئي منهنجي زندگي بسر ٿي وڃي. ڇاڪاڻ تہ گڏ رهڻ ڪري هڪ ٻئي جا عيب ثواب معلوم ٿيندا آهن انڪري هڪ ٻئي کي برو ڀلو چوڻو پوندو آهي.

ذڪر ڪيل آهي تہ هڪ دفعي پاڻ سعيد نالي هڪ شخص کي نصيحت جي طور تي فرمايائون تہ ٽي ڪم ڪڏهن بہ نہ ڪجانءِ. پهريون بادشاهن وٽ هرگز نہ وڃجانءِ. پوءِ ڇاهي اهي توتي ڪيترا بہ مهربان ڇونہ هجن. ٻيو ڪنهن بہ عورت سان اڪيلائيءَ ۾ نہ وهجانءِ. پوءِ ڇونہ اها وقت جي رابعہ بصري ئي هجي يا تون ڪيس قرآن شريف پڙهائيندو هجين. ٽيون راڳ رنگ جي ٻڌڻ جو پاڻ کي عادي نہ بنائجانءِ. خواه تو خدا جي طرفان ڪيڏو ئي نہ مرتبو حاصل ڪيو هجي. اهي ٽيئي ڪم خطري کان خالي نہ آهن.

حضرت مالڪ بن دينار رحمت الله عليہ فرمائين ٿا تہ مان حسن بصري رحہ کان پڇيو تہ دنيا جو عذاب ڪهڙي شيءِ آهي. پاڻ فرمايائون تہ دل جو مرده ٿي وڃڻ. وري پڇيومان تہ دل

مرده ڪيئن ٿي ويندي آهي؟ فرمايائون ته ان ۾ (دل ۾) دنيا جي محبت جو پيدا ٿيڻ.

عبدالله رحمت الله عليه فرمائين ٿا تہ مان صبح جي نماز حضرت حسن بصري رحہ جي پٺيان ادا ڪرڻ واسطي مسجد شريف جي طرف آيس. ڏٺم ته دروازو بند هو، پاڻ دعا گهري رهيا هئا ۽ پيا ماڻهو ”آمين“ چئي رهيا هئا. مان ويچار ڪيو ته شايد اهي پاڻ حضرت جن جا مريد آهن ۽ ٿوري دير ترسي ويهي رهيس. نيٺ مان مسجد جو دروازو کڙڪايو. جڏهن دروازو کليو ته مان ڏٺو ته پاڻ اڪيلا ويٺا هئا. اهو ڏسي مان حيران ٿي ويس. آخر مان به پنهنجي نماز ادا ڪئي پر مان صبر ڪري نه سگهيس ۽ عرض ڪيو مان ته هي ڇا هو؟ پاڻ فرمايائون ته اها ڳالهه ڪنهن سان به ڪين ڪجانءِ. هر جمع تي پريون ايندڙيون آهن ۽ وعظ ڪرڻ کان پوءِ سان جڏهن دعا گهرندو آهيان ته اهي سڀ ”آمين“ چونديون آهن.

نقل آهي ته جڏهن پاڻ دعا گهرندا هئا ته حبيب عجمي رحمت الله عليه جن پنهنجي دامن وچائي ڇڏيندا هئا. ڇاڪاڻ تہ ڪين حضرت حسن بصري رحہ جي دعا جي قبوليت نظر ايندي هئي.

هڪ بزرگ بيان فرمايو آهي تہ اسان ڪجهه ماڻهو حسن بصري رحمت الله عليه سان گڏجي حج تي روانا ٿيا سين. رستي ۾ جڏهن اسان کي ڏاڍي اُڃ لڳي تہ ڏهن اسان هڪ کوهه تي ويا سين. مگر کوهه تي نہ رسو هو ۽ نہ ڏول هو. حسن بصري رحمت الله عليه فرمايو تہ مان جڏهن نماز ۾ مصروف ٿي وڃان تہ پوءِ توهان کوهه تي وڃي پاڻي پي اڇجو لهاذا اسان ائين ئي ڪيو. يعني جڏهن پاڻ حضرت جن نماز ۾ مشغول ٿي ويا تہ اسان کوهه تي ويا سين ۽ ڏٺو سي تہ کوهه جو پاڻي ڪنارن تائين مٿي چڙهي آيو هو. اجان اسان سولائي سان پنهنجا ٿانو ڀريا سي مس تہ پاڻي ۽ وري وڃي ساڳئي جاءِ ورتي يعني هيٺ لهي ويو. پاڻ حضرت جن نماز کان فارغ ٿي فرمايو تہ توهان خدا تي ڀروسو نہ ڪيو، تڏهن پاڻي هيٺ لهي ويو، اسان اتان اجان ٿورو اڳتي هليا سين تہ رستي ۾ اسان کي ڪارڪون مليون جيڪي پيٽ ڀري کاڌيون سين. انهن ڪارڪن سان جيڪي ککڙيون نڪتيون سي سون جون هيون. جن کي اسان مديني پهچي وڪيو سي. انهن پيسن مان اسان پنهنجي لاءِ کاڌو به خريد ڪيو ۽ خيرات به ڪئي.

نقل آهي تہ ابو عمر امام جيڪو ٻارن کي قرآن ڪريم پڙهائيندو هو. هڪ ڏينهن هڪ خوبصورت ڇوڪرو هن وٽ قرآن شريف پڙهڻ لاءِ آيو، جنهن جي حسن کي ڏسي امام جي نيت خراب ٿي. هن جي اهڙي نيت جي سبب هڪدم قرآن مجيد سندس ذهن تان لهي ويو ۽ هڪ قسم جي باهه پنهنجي وجود ۾ محسوس ڪرڻ لڳو. ابو عمر ڏاڍو بيقرار ٿي، ڊوڙندو اچي حضرت جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ سمورو حال عرض ڪيائين. پاڻ فرمايائونس تہ هن وقت

صبح جو موقعو آهـي. پهريائين وچي صبح ادا ڪر. پوءِ مسجد حنيف ۾ وڃجانءِ، اتي مسجد جي محراب ۾ تـو کي هڪ ضعيف شخص ڏسڻ ۾ ايندو. ايستائين تـون ان جـو وقت ضايع نـه ڪجانءِ جيستائين اهـو شخص عبادت کـان فارغ نه ٿئي. جڏهن تون ڏسين تـه هاڻي هن عبادت کـان بس ڪئي آهي ته پوءِ تون ان کي دعـا جي التجا ڪجانءِ. ابـو عمر حضرت حسن بصري رحمت الله عليه جن جي هدايت تي عمل ڪرڻ لاءِ بصري مان روانو ٿـي مڪي شريف ۾ آيـو ۽ حج ادا ڪري مسجد حنيف ۾ اچي ويهي رهيو. جـي برابر هن هڪ بزرگ کي ويٺل ڏٺـو. ڪجهه دير کان پـوءِ هڪ ٻيو سفيد پوش بزرگ بـه اتي تشريف فرما ٿيو جن ٻنهي ڄڻن پـاڻ ۾ ملاقات ڪئي. ظهر جي نماز کان پوءِ اهو ٻيو آيل سفيد پوش بزرگ هليو ويو ۽ باقي ٻيا ماڻهو بہ هليا ويا جيڪي اڳ جا اتي ويٺل هئا. هاڻي اهو پوڙهو بزرگ اڪيلو وڃي رهيو هو. ابو عمر انهيءَ بزرگ جي نزديڪ وڃي ادب سان سلام ڪري پنهنجو حال بيان ڪيو. جنهن کي ٻـڌي اهو بزرگ سخت رنجيده ٿيو ۽ آسمان جي طـرف نگاه ڪيائين. اجان ان بـزرگ هيٺ ڪنڌ ئي ڪين جهڪايو هو ته ابو عمر کي سارو قـرآن مجيد يـاد اچي ويـو ۽ انهيءَ خوشيءَ ۾ ان بـزرگ جي قدمن تـي پنهنجو سر رکيائين. پوڙهي بـزرگ کانئس پڇيو تـه تو کي منهنجو ڏس ڪنهن ڏنو؟ عرض ڪيائين ته حضرت خواجه حسن بصري رحمت الله عليه. اهو ٻڌي ان بزرگ فرمايو ته حسن مون کي بدنام ۽ خوامخواه مشهور ڪيو ۽ مـون کي بي نقاب ڪيائين. مان بـه ان سان اهڙو سلوڪ ڪندس. ائين چئي ابو عمر کان پڇائين تـه ڇا تو انهيءَ سفيد پوش بزرگ کي ڏٺو هو؟ چيائـن ته هائو. ان بزرگ چيو ته اهو حسن بصري هو جيڪو هـر نماز کان اڳ هتي اچي مـون سان ملاقات ڪري ويندو آهي ۽ پـوءِ بصري ۾ وڃي هر وقت جـون سموريون نمازون ادا ڪندو آهي. وري فرمايائين ته جنهن شخص جو امـام، حسن بصري رحہ هجي، ان کي منهنجي دعا جي ڪهڙي ضرورت!

روايت آهي ته هڪ دفعي ڪنهن شخص جو گهوڙو غائب ٿي ويو. جيئن ته هو مفلس هو ۽ ڪيس ٻئي گهوڙي خـريد ڪرڻ جـي طاقت ڪانـه هئي. ان ڪري هو سـڌو حسن بصري رحمت الله عليه جـن جي خدمت ۾ آيو، ۽ ڪيس عـرض ڪيائين. پـاڻ ان کان اهو گم ٿيل گهوڙو چـار سو دينار ۾ خريد ڪيائون. رات جـو انهيءَ شخص خواب ۾ ڏٺو تـه اهو گهوڙو بهشت جي سـر سبز ميدان تي چري رهيو آهي ۽ ان سـان گڏ چار سو ٻيا گهوڙن جـا ٻچا ٻڻ چري رهيا آهن. ان شخص پڇيو تـه اهي گهوڙا ڪنهن جا آهن؟ جواب مليس تـه پهريائين اهي گهوڙا تنهنجا هئا، پر هاڻي انهن جو مالڪ حسن بصري رحہ آهي. خواب کان بيدار ٿيڻ کـان پوءِ اهـو شخهص هڪدم حسن بصري رحمت الله عليه جي خدمت ۾ آيـو، ۽ عرض ڪيائين تہ

سائين ان سودي کي ختم ڪري ڇڏيو. * مان جلد بازيءَ کان ڪم وٺي، ناحق تڪڙو قدم کڻي ويٺو آهيان. جنهن لاءِ مان سخت شرمسار آهيان. پاڻ فرمايائون ته منهنجو خدا تو کان ڀريائين مون کي تنهنجي خواب جو اطلاع ڏيئي چڪو آهي. هليو وڃ! هاڻي ڪجهه به نه ٿيندو آخر اهو شخص مايوس ٿي واپس هليو ويو. ٻئي رات پاڻ خواب ۾ هڪ عاليشان محلات ۽ باغ ڏٺائون. ڪنهن کان پڇيائون ته هي محل ۽ باغ ڪنهن جا آهن؟ جواب ملين ته اهي انهيءَ جا آهن جيڪو سودي کي نا منظور ڪري. صبح جو جيئن پاڻ اُٿيا ته هڪدم انهيءَ شخص کي پاڻ وٽ گهرايائون ۽ کيس فرمايائون ته مون کي تنهنجو سودو رد ڪرڻ منظور آهي.

نقل آهي ته پاڻ حضرت جن جي پاڙي ۾ شمعون نالي هڪ آتش پرست رهندو هو. سخت بيماريءَ کان پوءِ سندس حالت جڏهن موت جي نزديڪ آئي ته ان وقت ماڻهن حضرت جن کي عرض ڪيو ته پنهنجي پاڙي واري جي ڪجهه خبرگيري وٺن. پاڻ اهو ٻڌي هڪدم ان آتش پرست وٽ ويا. ڏٺائون ته باه جي دونهين سبب هن جي منهن جو رنگ ڪارو ٿي ويو هو. پاڻ فرمايائون ته تو ساري عمر باه ۽ دونهين ۾ گذاري ڇڏي. هاڻي آخري وقت ۾ ته خدا کان ڊڄ ۽ ڪٺي اسلام قبول ڪر. جيئن الله تبارڪ وتعاليٰ توتي رحم فرمائي. شمعون عرض ڪيو ته ٽي ڳالهيون آهن، جيڪي مون کي اسلام قبول ڪرڻ کان روڪين ٿيون، هڪ ته هي آهي ته اوهان دنيا کي برو چئو ٿا، ليڪن ڏينهن رات ان جي تلاش ۾ سرگردان آهيو. ٻيو هي ته اوهان موت کي برحق ته سمجهو ٿا پر ان لاءِ تيار ڪونه ٿا رهو. ٽيون هي ته الله تبارڪ وتعاليٰ جي ديدار جا قائل آهيو، مگر ڪم ان جي رضا جي خلاف ڪريو ٿا. پاڻ فرمايائون ته اهي نشانيون ته عام ماڻهن جون آهن. پر جيڪڏهن مؤمن ماڻهو ائين ڪن ٿا ته پوءِ تون ڇا ڪندو آهين. تون ته پنهنجي ساري زندگي آتش پرستيءَ ۾ گذاري ڇڏي آهي. ليڪن مان ته ڪڏهن باهه کي پوڄيو ئي ڪينهي. انهيءَ حالت ۾ جيڪڏهن تون باهه ۾ هٿ وجهندين ته باهه تنهنجو هٿ جلائي ڇڏيندي ۽ تنهنجي ستر سالن جي پوڄا جو ڪو به خيال نه ڪندي. پر منهنجو خدا چاهي ته باهه کي مجال ناهي جو منهنجي هڪ وار کي به سيڪ ڏيئي سگهي. اچ ته اسان ٻئي باهه ۾ هٿ وجهون، ته جيئن تو کي باهه جي ڪمزوريءَ ۽ الله تعاليٰ جي قدر جي خبر پئجي وڃي. ائين چئي پاڻ حضرت جن باهه ۾ هٿ وجهي ڇڏيو، ۽ دير تائين پنهنجي هٿ کي باهه منجهه جهليائون ليڪن باهه ذري جيترو به اثر نه ڪيو. شمعون جڏهن اهو حال ڏٺو، تڏهن سندس حالت بدلجي ويئي. چيائين ته منهنجي ساري عمر آتش پرستيءَ ۾ بسر ٿي ويئي، هاڻي باقي ٻه ٽي

* چاڪاڻ ته اهو سودو مون کي منظور ڪينهي.

ڳهڙيون آهن، انهن ۾ مان ڇا تو ڪري سگهان؟ پاڻ فرمايائون ته تون مسلمان ٿي وڃ. شمعون چيو ته اوهان مون کي انهيءَ ڳالهه جي خاطري ڏيو ۽ لکي ڏيو ته جيڪڏهن مان مسلمان ٿيان ته الله تبارڪ وتعاليٰ مون کي ڪوبه عذاب ڪونه ڏيندو. حضرت حسن بصري رحه اهڙو خط لکي ڏنو ۽ ان جي خواهش موجب ان تي شهر جي معزز ماڻهن جي شاهدي بہ درج ڪئي ويئي شمعون ان تحرير کي ڏسي ايمان آندو، ۽ مسلمان ٿي ڏاڍو رنو. پوءِ وصيت ڪيائين ته منهنجي مرڻ کان پوءِ مون کي اوهان ئي غسل ڏجو، ۽ اوهان پاڻ مون کي دفن ڪري اها چٺي منهنجي هٿ تي رکي ڇڏجو، ته جيئن مون وٽ ثبوت موجود رهي.

شمعون جي مرڻ کان پوءِ سندس وصيت مطابق پاڻ حسن بصري رحمت الله عليه جن هن جي ميت کي غسل ڏنو. پوءِ نماز جنازه پڙهائي کيس دفن ڪيائون ۽ اهو لکيل ڪاغذ بہ هٿ ۾ ڏيئي ڇڏيائون. ائين ڪرڻ کان پوءِ پاڻ حضرت جن کي ڏاڍو فڪر ٿي پيو. انهيءَ فڪر جي سبب کين رات جو ننڊ بہ اصل نتي آئي.تنهن ڪري ساري رات نماز ۾ مشغول رهيا، ۽ دل ئي دل ۾ اهو خيال ڪندا رهيا ته مان هي ڇا ڪيو! مان خود گناهن ۾ پريو پيو آهيان پوءِ ٻين کي ڪهڙيءَ طرح بچائي سگهندس! مون کي پنهنجي ملڪ ۾ بہ دسترس حاصل ڪينهي، سو الله تعاليٰ جي ملڪ ۾ پنهنجي تحرير ڏيئي ڪيئن دخل ڏنم. انهيءَ فڪرات ۾ جڏهن سندن اک لڳي ويئي ته خواب ۾ ڏٺائون تہ شمعون مٿي تي تاج ۽ بدن تي بهشتي لباس پهريو جنت ۾ گهمي ڦري رهيو آهي. پاڻ پڇيائونس تہ تنهنجو ڪهڙو حال آهي؟ هن چيو تہ مون کان ڇا ٿا پڇو، پاڻ ڏسي سگهو ٿا الله تعاليٰ پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان مون کي بخشي ڇڏيو ۽ پنهنجي ديدار کان مشرف فرمايائين. هي پنهنجي تحرير (لکيل ڪاغذ) وٺو. هاڻي مون کي ان جي پرواه ڪانهي. اوهان جو وعدو پورو ٿي چڪو. پاڻ جڏهن ننڊ مان بيدار ٿيا، تڏهن اهو ڪاغذ پنهنجي هٿ ۾ ڏٺائون. اهو خط هٿ ۾ ڏسي درگاه الاهيءَ ۾ عرض ڪيائون تہ اي خداوندا! تنهنجو فضل و ڪرم عام آهي پر نہ ڪنهن سبب ڪري. اي پروردگار! بس تنهنجو ئي فضل و ڪرم شامل هجي. جڏهن ستر سال باه جي پوڄيندڙ هڪ آتش پرست کي هڪ ڪلمي سان ايڏو قرب ۽ ايڏي منزل عطا ڪئي ويئي تہ پوءِ ستر سالہ مؤمن کي ڪيئن محروم ڪندءِ.

نقل آهي تہ سندن عاجزيءَ جي اها حالت هئي جو هر ڪنهن کي پاڻ کان بهتر سمجهندا هئا. جنهن بہ شخص کي ڏسندا هئا تہ پاڻ کي ان کان گهٽ ئي ڄاڻندا هئا. هڪ ڏينهن دجلہ نديءَ جي ڪناري تي هڪ حبشي ڏٺائون، جيڪو هڪ عورت سان ڪچهه ڪاڏي جون شيون کائي پي رهيو هو. ان وقت سندن دل ۾ خيال آيو تہ مان ڪٿي ڪيئن بہ آهيان تڏهن بہ هن

حبشيءَ ڪـان چڱو آهيان. ڇاڪاڻ تـہ هو سر عام هڪ نا محرم عورت سـان شراب نوشيءَ ۾ مشغول آهي. اڃا پاڻ انهن خيالن ۾ ئي هئا تہ هڪ ٻيڙي جنهن ۾ ست ماڻهو ويٺل هئا سـا درياه ۾ ٻڏي ويئي. حبشي اهو حال ڏسي جهٽ ڏيئي اٿيو ۽ انهيءَ غـرق ٿيل ٻيڙيءَ مان ڇهن ماڻهن کي بچائي ورتائين. پوءِ حضرت جن ڏانهن منهن ڪري حبشيءَ چيو تہ جيڪڏهن اوهان مونکان چڱا آهيو تہ باقي غرق ٿيل ستين ماڻهوءَ کي بچايو! وڌيڪ اٿين بـہ چيائين تہ يـا امام المسلمين! هيءَ عورت جيڪا اوهان ڏسو ٿـا سا منهنجي ماءُ آهي ۽ هن بـوتل ۾ جنهن کي اوهان شـراب سمجهو ٿـا تنهن ۾ پاڻي آهي جيڪو هن سان گڏ پي رهيو هوس. اها اوهان لاءِ آزمائش هئي تـہ ڏسان تہ اوهان اکين وارا آهيو يا نہ! معلوم ٿيو تہ اوهان اکيون نٿا رکو. اهو ٻـڌي پاڻ حبشيءَ جي پيرن تي ڪري پيا ۽ ڪانئس معافي ورتائون ۽ چيائونس تـہ جهڙي طرح تون ڇهن ماڻهن کي غرق ٿيڻ کان بچايو آهي، ساڳيءَ طرح مون کي بہ خودي ۽ غرور جي درياه ۾ غرق ٿيڻ کان بچاءِ حبشيءَ چيو تـہ خدا ڪري اوهان جي اکين ۾ روشني اچي. ان کان پوءِ ڪنهن کي بـہ پاڻ حقير ۽ گهٽ ڪين سمجهندا هئا.

هڪ دفعي هڪ ڪتي کي ڏسي درگاه ايزديءَ ۾ عرض ڪيائون تہ اي پروردگار! مون کي هـن ڪتي جي خاطر بخشي ڇـڏ. ڪنهن ڪانئن پڇيو تـہ اوهان چڱا آهيو يا ڪتو. پـاڻ فرمايائون تہ جيڪڏهن عذاب کـان ڇوٽڪارو نصيب ٿيو تہ مان چڱو آهيان. نہ تہ تہ قسم آ خدا جو تہ ڪتو مون کان ڪيترا درجا بهتر آهي.

هڪ دفعي ڪنهن ماڻهوءَ سندس خدمت ۾ اچي عرض ڪيو تـہ فلاڻي شخص اوهـان جي گلا ٿي ڪئي. پاڻ تحفي طور انهيءَ شخص ڏانهن ڪارڪون موڪليائون ۽ چوائي موڪليائونس تـہ مون کي معلوم ٿيو آهي تـہ تو پنهنجون نيڪيون منهنجي اعمال نامي ۾ درج ڪرايون آهن. تنهن ڪري مان توهان جو شڪريہ ادا ڪريان ٿو. مگر افسوس آهي جو مـان انهن نيڪين جي عيوض توهان کي ڪجهہ بـہ ڏيئي نٿو سگهان. ان لاءِ مـان توهان کان معافيءَ جو طلب گار آهيان.

پاڻ فرمايو اٿن تہ ڇئن شخصن جي گالهين تي مون کي بيحد عجب آهي. هڪ مخنث، ٻيو مست، ٽيون ڇوڪرو، چوٿون عورت. انهيءَ تـي ڪانئن پڇيو ويو تـہ اهو ڪهڙي طـرح؟ پاڻ فرمايائون تـہ هڪ ڏينهن مان هڪ مخنث کان دامن ڇڏائي، جنهن چيو تہ پنهنجي دامن نـہ ڇڏايو، ڇاڪاڻ تہ اسان جو حال اڃان ظاهر ڪونہ ٿيو آهي، خدا ڄاڻي تـہ اسان جو انجام الائي ڇا ٿئي! اسان کي يا اوهان کي ڪهڙي خبر تہ الله تعاليٰ اسان سان ڪهڙو سلوڪ ڪندو!

هڪ ڏينهن هڪ مجذوب (مست) کي ڏٺائون جيڪو گپ سان ڀريو ٿڙندو ٿاٻڙندو وڃي

رهيو هو. پاڻ اُن کي فرمايائون تہ قدم سنڀالي کڻ، متان ڪٿي ٿاٻڙجي ڪري نہ پوين. هن جواب ڏنو تہ جيڪڏهن مان ڪري پيس تہ مون کي ڪو خاص نقصان ڪونہ ٿيندو، وڌ ۾ وڌ گپ چڪ ۾ وڌيڪ ٻرجي پوندس. پر ان کي پاڻيءَ سان صاف ڪري يا غسل ڪري صفا ٿي سگھندس. ليڪن اوهان پنهنجا قدم سنڀاليو. اهو ٻڌي پاڻ ڏاڍو رنا.

پاڻ فرمائين ٿا تہ هڪ ڇوڪرو چراغ (ڏيو) روشن ڪيو اچي رهيو هو تہ مان ان کان پڇيو تہ اها روشني ڪٿان ايندي آهي؟ اهو ٻڌي ان ڇوڪري ڏيئي کي وسائي ڇڏيو، ۽ پڇيائين تہ اوهان ٻڌايو تہ روشني ڪيڏانهن هلي ويئي؟

هڪ خوبصورت عورت جيڪا بي پرده هئي ۽ مٿو بلڪل اگھاڙو هوس سا مون وٽ آئي هن جي منهن ۾ غصو ڀريل هو. مون وٽ اچي پنهنجي مڙس جي شڪايت ڪيائين. ڀريائين تہ مان ڪيس ڇيو تہ پنهنجي منهن کي ڍڪ. پر چيائين تہ مان هڪ مخلوق جي محبت ۾ پنهنجو هوش و حواس ايتري قدر تہ وڃائي ويٺي آهيان جو مون کي پنهنجي بدن جي بہ خبر ڪانهي. اي حضرت! جيڪڏهن اوهان مون کي خبردار نہ ڪريو ها تہ مون کي پنهنجي اوگھڙ جنو پتوئي نہ پوي ها ۽ انهيءَ ٿي حالت ۾ شهر مان بہ جيڪر لنگھي وڃان ها. پر مون کي تعجب انهيءَ ڳالهہ تي آهي تہ اوهان حقيقي خالق جي محبت جي دعويٰ ڪريو ٿا، پوءِ بہ اوهان کي منهنجي بي پردگي ڪيئن معلوم ٿي سگھي؟

نقل آهي تہ پاڻ جڏهن وعظ کان بعد منبر تان هيٺ لهندا هئا تہ حاضر مجلس جي چند ماڻهن کي فرمائيندا هئا تہ اچو تہ خدا جي نور کي پڪڙيون. هڪ ڏينهن انهن مان هڪ شخص، جيڪو محدث هو سو ساڻن گڏ هلڻ لڳو. مگر پاڻ ان کي فرمايائون تہ تون هليو وڃ.

هڪ ڏينهن پنهنجي دوستن کي فرمايائون تہ توهان ماڻهو تہ رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جي اصحابن جهڙا آهيو. ان تي اهي ماڻهو ڏاڍو خوش ٿيا. وري فرمايائون تہ توهان جيا چهرا انهن اصحابن جهڙا نہ آهن پر ڪنهن ٻئي سبب ڪري اوهان انهن جهڙا آهيو. جيڪڏهن توهان انهن کي ڏسو ها تہ جيڪر انهن کي ديوانو سمجھڻ لڳو ها. جيڪڏهن هو توهان جي حال کان واقف ٿين ها تہ جيڪر اوهان مان هڪ کي بہ مسلمان ڪين سمجھن ها. اهي تمام تيز رفتار گھوڙن تي سوار ٿي اڳتي نڪري ويا ۽ اسان زخميل گڏهن تي سوار ٿي ڏاڍو پوئتي رهجي ويا آهيون.

هڪ دفعي ڪنهن گھوٽائي ماڻهوءَ حضرت جن کان سوال پڇيو تہ صبر ڪهڙي شيءِ آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ صبر ٻن طرحن جو هوندو آهي، هڪ رنج ۽ مصيبت ۾ صبر ڪرڻ، ٻيو انهن شين کان صبر ڪرڻ، جن کان الله تبارڪ وتعاليٰ منع فرمائي آهي. ان کان پوءِ صبر جي

جيڪا حقيقت هتي سا بيان فرمايائون. انهيءَ تي ڳوناٽي چيو تہ مان اوهان کان وڌيڪ زاهد ڪنهن کي بہ ڪونہ ڏٺو آهي ۽ نہ وري اوهان کان وڌيڪ صابر ئي ڪو ڏٺو آهي. پاڻ فرمايائون تہ منهنجو زهد طمع جي خاطر ۽ صبر جزع جي واسطي آهي. ڳوناٽي عرض ڪيو تہ مون کي ان جو تفصيل کولي سمجهايو تہ جيئن منهنجو اعتقاد مضبوط ٿئي. پاڻ فرمايائون تہ مصيبت جي وقت منهنجو صبر ڪرڻ، دوزخ جي باه کان بچڻ ڪري آهي ۽ انهيءَ کي ئي جزغ چوندا آهن. باقي جيڪا اطاعت يعني تابعداري ڪريان ٿو سا آخرت حاصل ڪرڻ لاءِ آهي. صبر انهيءَ شخص جو پختو آهي جيڪو سواءِ ڪنهن غرض جي هجي، ۽ سندس صبر بهنجي آسائش حاصل ڪرڻ لاءِ نہ هجي. بس محض خدا ڪارڻ هجي. اهڙيءَ طرح زهد لاءِ بہ ساڳئي حالت آهي يعني انهيءَ لاءِ بہ قناعت ۽ حقيقي صبر جي ضرورت آهي. جنهن شخص ۾ اهي ڳالهيون هجن تہ مان ٺٺو سمجهي سگهان تہ آخرت ۾ ان سان ڪهڙو سلوڪ ٿئي.

پاڻ فرمايو اٿن تہ ماڻهوءَ جي مقابلي ۾ رڍ وڌيڪ چڱي آهي. ڇاڪاڻ تہ رڍ، ريڍار جي آواز تي گاهہ چرڻ کان بس ڪري ٿي ۽ يا اهو هند ڇڏي ٻي پاسي وڃي ٿي. ليڪن آدمي خدا جو فرمان ٻڌي ڪري بہ نا فرماني ڪري ٿو. انهيءَ مان ظاهر آهي تہ انسان کي هڪ جانور جيترو بہ عقل ۽ ادب ڪونهي.

خواجہ حسن بصري رحہ جا وڌيڪ ارشادات هيٺينءَ طرح آهن: برن جي صحبت نيڪن جي باري ۾ بدگماني پيدا ڪري ٿي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو مون کي شراب پيئڻ لاءِ سڏي تہ اهو انهيءَ کان وڌيڪ سٺو آهي جيڪو مون کي دنيا جي طلب لاءِ سڏي.

معرفت انهيءَ کي چئجي تہ انسان ۾ ذري جيتري بہ دشمني باقي نہ رهي.

بهشت، ٿورن ڏينهن جي عمل ڪرڻ جي بدلي ڪونہ ملندو پر نڪ نيتيءَ جي ڪري ملندو.

ماڻهو پهريائين جڏهن بهشت کي ڏسندا تہ ان جي سهڻن نظارن ۽ سينگار کان ايتري قدر تہ محو ٿي ويندا جو ستر سالن تائين مٿن بيهوشيءَ واري حالت طاري ٿي ويندي، ڇاڪاڻ تہ الله تبارڪ وتعاليٰ کين پنهنجي ديدار سان منور فرمائيندو. ان جي جلال کي ڏسي مست ۽ مدهوش ٿي ويندا. جڏهن ان جي ديدار کان مشرف ٿيندا. تہ وحدت ۾ گم ٿي ويندا.

فڪر ۽ خيال هڪ آئيني جي مثل آهي، جنهن ۾ پنهنجي نيڪي ۽ بدي نظر اچي ٿي.

اها ڳالهہ جيڪا حڪمت کان خالي آهي سا آفت آهي. جنهن جي خاموشي حڪمت کان خالي آهي، اهو غافل آهي. اها نظر جيڪا عبرت حاصل ڪرڻ لاءِ نہ آهي سا نظر ۽ ذلت آهي.

توريت شريف ۾ لکيل آهي ته جو شخص قناعت ڪندڙ آهي، سو دنيا کان بي نياز ٿـي وڃي ٿو. جنهن شخص دنيا کان ڪناره ڪشي اختيار ڪئي، تنهن جڻ ته سلامتي حاصل ڪئي. جو شخص شهوت کان پري رهيو اهو جڻ آزاد ٿي ويو. جنهن حسد کان پاڻ بچايو، تنهن جڻ الله جي دوستي حاصل ڪئي. جنهن صبر ڪيو تنهن تي الله تبارڪ وتعاليٰ وٽان انعام و اڪرام جي بارش وسندي ۽ اهڙي شخص جي واتان جيڪا به ڳالهه نڪرندي سا اثر رکندي.

عقلمند هميشه خـاموش رهندا آهن. البت جڏهن انهن جي دل جـي ڳالهه ڪئي ويندي آهي، تڏهن ڳالهائيندا آهن.

ورع (پرهيزگاري) جا ٽي درجا آهن، پهريون ته حق جي ڳالهه ڪجي. پـوءِ ان کان ناراضگي پيدا ٿئي يا خوشي.

ٻيو ته الله تبارڪ وتعاليٰ جي منع ڪيل ڳالهين کان پري رهڻ.

ٽيون ته جن ڳالهين ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ جي رضامندي هجي سي ڪجن.

ورع هڪ هـزار سال جي عبادت کـان بهتر ۽ افضل آهي. هونئن بـه سڀني اعمالن کان وڌيڪ سٺو عمل ورع (پرهيزگاري) آهي.

جيڪڏهن اهو مـون کي معلوم ٿي وڃي تـه مون ۾ نفاق (دل ۾ کوٽ) ناهي تـه مان پنهنجي طرف کان ساري مخلوقات کي دنيا ۽ عاقبت جي مقابلي ۾ عزيز رکان.

ظاهر ۽ باطن جو پاڻ ۾ برخلاف هجڻ تمام نفاقن جي جڙ آهي.

جيڪي مؤمن ٿي گـذريا آهن انهن ۾ اهڙو ڪوئي به مؤمن ڪونهي ۽ نـه آئينده ٿيندو جو منافق ٿيڻ کان نه ڊڄندو هجي.

جيڪو شخص چوي ته مان مؤمن آهيان ته اهو يقينن مؤمن آهي. مؤمن اهـو شخص آهي جو سبڪدوش هجي نه اٿين ته جيڪي وس ۾ اٿس سو ڪري ۽ جو ڪجهه به زبان تي اچيس سو چئي ڏي.

ٽن شخصن جي غيبت (گلا) ڪرڻ گناه نـه آهي پهريون لالچيءَ جي، ٻيو فـاسق جي، ۽ ٽيون ظالم امام جي.

غيبت ڪندڙ جـي بخشش ٿي سگهي ٿي بشرطيڪ دل سـان انهيءَ شخص کـان معافي وٺي جنهن جي غيبت ڪئي اٿس.

آدم جي اولاد اهڙي بيهودگيءَ تي راضي ٿي وئي جنهن جو ڪيس حساب ڏيڻو پوندو. ۽ حرام جي ڪري عذاب ۾ مبتلا ٿيڻو پوندو.

انسان ڪهڙيءَ به حالت ۾ ٽن حسرتن کان سواءِ دنيا کان جدا نٿو ٿئي. پهريون جمع

ڪرڻ ڪـان سر نـه ٿيو هجي. ٻيو جا اميد هيس سا پوري نـه ڪري سگهيو. ٽيون جيڪو سفر درپيش هوس تنهن لاءِ زاد راه تيار نہ ڪري سگهيو.

ڪنهن شخص ڪين عرض ڪيو تہ فلاڻو شخص دم ٽوڙي رهيو آهي، تڏهن پاڻ فرمايائون تہ ائين نہ چئو، اهو تہ ستر سال ڪانءِ دم ٽوڙي رهيو آهي. مگر هاڻي تہ هو ان ڪان نجات حاصل ڪري رهيو آهي.

هلڪي بار وارا نجات (ڇوٽڪارو) حاصل ڪري ويا ۽ وڏي بار وارا هلاڪ ٿي ويا.

خدا ان قـوم کي بخشي، جن وٽ دنيا امانت هئي ۽ آهـي انهيءَ امانت جو بـار لاهي، هلڪا ٿي هليا ويا.

منهنجي نزديڪ داناءُ اهو آهي، جيڪو دنيا کي خـراب ڪري ۽ انهيءَ دنيا جي خرابي مٿان پنهنجي آخرت جـي عمارت تعمير ڪري. مگر دنيا ۾ رهي ڪري آخـرت کي خراب نـہ ڪري ۽ نہ آخرت جي خرابيءَ تي دنيا جي عمارت جوڙائي.

جيڪو خدا کي سڃاڻي ٿو، خدا ان کي پنهنجو دوست رکي ٿو. جنهن دنيا کي سڃاتو انهيءَ جي تہ ان کي پنهنجو دشمن بڻايو.

دنيا ۾ انسان جي لاءِ پنهنجي نفس کـان سواءِ زياده بي لغام ۽ زور آور جانور ٻيو ڪوبہ ڪونهي.

جڏهن توهان اهو معلوم ڪرڻ گهرو ٿا تہ پنهنجي مرڻ ڪان پوءِ دنيا جي ڪهڙي حالت هوندي تہ غور سان ڏسو تہ ٻين جي مرڻ ڪان پوءِ دنيا جي حالت ڪيئن ٿئي ٿي.

توهان ڪان اڳ وارا ماڻهو هـن ڪتاب (قرآن شريف) جي عـزت ۽ منزل ڄاڻندا هئا. رات جو غور ڪندا هئا، ۽ ڏينهن جـو عمل ڪندا هئا. جيتوڻيڪ توهان هن ڪتاب کي چڱيءَ طرح پڙهي ورتو آهي. پر ان تي عمل ڪرڻ ترڪ ڪري ڇڏيو اٿـو. جيتوڻيڪ هن جي اعرابن ۽ حرفن کي درست ۽ محفوظ ڪيو اٿو پـر تنهن هوندي بہ دنيا جي ڪتابن جا طالبو بڻجي ويا آهيو.

قسم آهي خداوند ڪريم جو تہ آهي ئي شخص دولت ۽ زر جا طلبگار هوندا آهن جن کي خداوند ڪريم ذليل ڪندو آهي يا جيڪي رب تعاليٰ جي نظر ۾ ذليل ۽ خوار هوندا آهن.

جنهن شخص جي پيروي احمق ماڻهو ڪن ٿا تنهن جي دل صحيح نہ هوندي آهي.

ٻين کي حڪم ڏيڻ ڪان اڳ ٻهريائين انهيءَ تي پاڻ عمل ڪرڻ گهرجي.

جيڪو شخص ٻين جـون ڳالهيون تـوسان بيان ڪـري تـہ اهو ضروري آهي تـہ اهـو تنهنجون ڳالهيون، ٻين ماڻهن سان بہ ڪندو هجي.

مون کي برادران دين پنهنجي اهل و عيال کان به زياده عزيز آهن. ڇاڪاڻ ته هو منهنجي دين جا دوست آهن ۽ اهل و عيال دنيا جا.

جيڪو شخص پنهنجي ماءُ پيءُ واسطي خرچي ڪين نفعو پهچائي ٿو ته ان جو حساب ٿيندو ۽ جيڪو طعام پنهنجي مسلمان دوستن کي کارايو وڃي ٿو ته ان جو حساب نه ٿيندو.

جنهن نماز ۾ دل حاضر نه آهي، اها نماز عذاب جي بلڪل قريب آهي. ماڻهن دريافت ڪيو ته خشوع (عاجزي، گريو) ڇا آهي؟ پاڻ فرمايائون ته، هي هڪ قسم جو خوف آهي جو دل ۾ ويهجي وڃي ٿو ۽ دل ان کي قبول ڪري ٿي.

ڪن ماڻهن عرض ڪيو ته هڪ ماڻهو آهي جو ٽيهن سالن کان وٺي نماز جماعت ۾ نه آيو آهي ۽ نه وري هو ڪنهن سان ملي جهلي به ٿو. پاڻ انهيءَ شخص وٽ ويا ۽ ڪانئس پڇيائون ته بابا! تون نماز ۾ شامل ڇو ڪين ٿيندو آهين، ۽ ماڻهن سان ملڻ جهلڻ ڇو ترڪ ڪري ڇڏيو اٿيئي؟ هن چيو ته اوهان مون کي معاف ڪريو. ڇاڪاڻ ته مان مشغول آهيان. پاڻ فرمايائون ته ڪنهن سان مشغول آهين؟ جواب ۾ چيائين ته منهنجي ساهه جي هڪ گهڙي به اهڙي نه ٿي گذري، جنهن ۾ خدا جي طرفان ڪو حڪم نه پهچندو هجي، ۽ مون کان گناهه سرزد نه ٿيندو هجي. مان انهيءَ قسمت جي شڪر ۽ گناهه جي معذرت ۾ مشغول آهيان.

پاڻ فرمايائون ته جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ تون مون کان بهتر آهين.

ماڻهن ڪانئن پڇيو ته اوهان ڪڏهن "خوش" به ٿيا آهيو؟ پاڻ فرمايائون ته "هائو" هڪ ڏينهن مان پنهنجي گهر جي ڪوٺي تي وينو هوس ته ڇا ٿو ڏسان ته منهنجي پاڙي واري جي هڪ عورت پنهنجي مڙس کي چئي رهي آهي ته پنجاهه سالن کان وٺي مان تنهنجي گهر ۾ رهيل آهيان تو جنهن به حال ۾ مون کي رکيو آهي ته مان صبر ڪيو آهي. يعني تو کي مان پنهنجي واسطي نه تنگ ڪيو، ۽ نه وري ڪنهن سان تنهنجي شڪايت ڪري تنهنجي عزت تي ڪو داغ لڳايم مگر جڏهن هاڻي تون ٻئي نڪاح ڪرڻ لاءِ چئي رهيو آهين ته مان ان جي اجازت تو کي نه ڏينديس. مان هر هڪ ڏک ۽ مصيبت فقط تنهنجي لاءِ برداشت ڪيو ته جيئن مان تو وٽ رهان ۽ تون منهنجو ٿي رهين پر نه انهيءَ لاءِ ته تون ڪنهن ٻئي، کي ڏسين ۽ ٻئي جو ٿي رهين. جيڪڏهن تون نه مڃيندين ته پوءِ مان امام المسلمين جي دامن کي پڪڙينديس. اهو ٻڌي مان خوش ٿيس ۽ منهنجي اکين مان آب جاري ٿي ويو. جڏهن مان ان جو مثال قرآن شريف ۾ تلاش ڪيم ته مون کي هيءَ آيت نظر آئي. ان الله لايغفر ان يشرک به ويغفر مادون ذالک لميشاءُ يعني مان تنهنجا سڀ گناهه معاف ڪري ڇڏيا پر جيڪڏهن تون ٻئي جي طرف متوجه ٿيندين ته هر گز نه بخشيندس.

روايت آهي تہ هڪ شخص ڪانئن دريافت ڪيو تہ اوهان جو حال ڪيئن آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ پلا انهيءَ شخص جو ڪهڙو حال ٿي سگهي ٿو جيڪو درياه جي ڪن ۾ ھڏل پيڙي جي هڪ ڀڳل تختي کي چنبڙيو پيو هجي. بس منهنجو بہ اهوئي حال آهي.

نقل آهي تہ عيد جي ڏينهن هڪ ماڻهن جي مجموعي وٽان لنگهي رهيا هئا، جيڪي ڏاڍو خوش خورم راند روند ۾ مشغول هئا. پاڻ فرمايائون تہ مون کي انهن ماڻهن تي عجب ٿو اچي، جيڪي ڪليءَ خوش ٿي رهيا آهن مگر انهن کي پنهنجي حال جي ڪا خبر ڪانهي.

نقل آهي تہ پاڻ هڪ ماڻهوءَ کي ڏٺائون جيڪو قبرستان ۾ ماني کائي رهيو هو. پاڻ فرمايائون تہ اهو شخص منافق آهي. ماڻهن عرض ڪيو تہ اهو ڪيئن؟ پاڻ فرمايائون تہ جيڪو مردن جي سامهون پنهنجي خواهش جي حرڪت ڪري اهو موت ۽ آخرت تي ڪيئن ايمان رکي سگهي ٿو. اهائي منافق جي نشاني آهي.

نقل آهي تہ پاڻ خدا جي حضور ۾ عجز ۽ دعا جي وقت عرض ڪندا هئا تہ اي خداوند عالم! تو مون تي نعمت عطا فرمائي مگر مان شڪر نہ ڪيو. تو مون کي رنج ۽ مصيبت ۾ مبتلا ڪيو تہ مان صبر تہ ڪيو پر شڪرانو نہ ڪرڻ ڪان پوءِ بہ تو مون کان اها نعمت نہ کسي. صبر نہ ڪرڻ واريءَ حالت هوندي بہ تو مون تان مصيبتون دور ڪري ڇڏيون. اي پروردگار! تو ۾ تنهنجي فضل و ڪرم ڪان سواءِ ٻي ڪهڙي اميد رکي سگهجي ٿي.

جڏهن سندن وفات جو وقت قريب اچي پهتو تڏهن پاڻ ٿورو مشڪيا؛ حالانڪ سڄي زندگيءَ ۾ ڪنهن بہ ڪين ڪلندي يا مسڪرائيندي ڪونہ ڏٺو هو ۽ ڪهڙو گناه جا الفاظ فرمائيندي پنهنجي جان خدا جي حوالي ڪيائون.

هڪ بزرگ ڪين خواب ۾ ڏسي ڪانئن دريافت ڪيو تہ اوهان سڪرات جي وقت ڇو کلي رهيا هئا؟ حالانڪ سموريءَ زندگيءَ ۾ اوهان کي ڪنهن ڪلندي ڪونہ ڏٺو هو. فرمايائون تہ موت جي وقت مان هڪ آواز ٻڌو تہ اي ملڪ الموت! هن کي اجان هڪ ٻيو گناه ڪرڻو آهي. مون کي انهيءَ خوشيءَ ڪان کل آئي. ان ڪري ڪهڙو گناه چوندي مان ساه ڏنو.

جنهن رات حضرت جن جو وصال ٿيو ان رات هڪ بزرگ ڪين خواب ۾ ڏٺو تہ ”آسمان جا سيئي دروازا کليل هئا ۽ هيءَ منادي ٿي رهي هئي تہ حسن بصري رحمت الله عليه خدا جي حضور ۾ پهچي ويو، ۽ هو نهايت ئي خوش خورم آهي.

ذكر حضرت مالڪ دينار رحمت الله تعاليٰ عليه

هدايت جو مجسم، ولايت جو متوڪل، صادقين جو پيشوا، دين جي راه جو مقتدا، سلطان الاوليا حضرت مالڪ دينار رحمت الله عليه حضرت حسن بصري رحہ جا همعصر هئا. حضرت مالڪ دينار رحمت الله عليه حسن بصري رحہ جي زماني ۾ وڏن بزرگن مان وڏا جليل القدر بزرگ هئا. جيتوڻيڪ پاڻ پنهنجي پيءُ جي غلاميءَ واري دور ۾ پيدا ٿيا پر تڏهن بہ سندن ذات بابرڪات هن جهان جي غلاميءَ کان هر طرح آزاد هئي. سندن ڪرامتون ذڪر ۽ رياضتون مشهور آهن. ڪن جو چوڻ آهي تہ دينار سندن والد جو نالو هو. مگر ڪن لکيو آهي تہ دينار سندن ئي لقب هو. جنهن لاءِ هيءَ روايت مشهور آهي تہ هڪ ڏينهن پاڻ ڪنهن ٻيڙي تي سوار هئا پر وٽن ڪو پيسو پائي هو ئي ڪونہ. جڏهن ٻيڙي درياه جي وچ تي پهتي تڏهن ملاحن ڪانئن ڀاڙو طلب ڪيو. پاڻ سچ چئي ڏنائون تہ مون وٽ ڪجهہ بہ ڪينهي. مان اوهان کي ڇا ڏيان. اهو جواب ٻڌي ملاحن کيس ايترو تہ ماريو جو پاڻ بيهوش ٿي ويا. جڏهن هوش ۾ آيا تڏهن وري بہ ملاحن ڪانئن ڀاڙي جي گهر ڪئي. پر جيئن تہ پاڻ وٽ ڪجهہ هون ئي ڪونہ، تنهنڪري وري بہ ساڳيو ئي جواب ڏنائون. انهيءَ تي ملاحن ٻيهر بہ کين مارڻ شروع ڪيو، نہ صرف ايترو پر هن دفعي کين تنگ ڪان ڇڪي درياه ۾ ڦٽو ڪرڻ تي گهريو. ايتري ۾ درياه جون مڇيون پنهنجي پنهنجي منهن ۾ هڪ هڪ دينار کنيو ٻاهر نڪري آيون. پاڻ هڪ مڇيءَ کان هڪ دينار وٺي ملاحن جي حوالي ڪيائون. ملاحن جڏهن اهو لقاءُ ڏٺو تڏهن ڏاڍو حيران ٿي ويا ۽ شرمندا ٿي سندن پيرن تي ڪري پيا، ۽ ڪانئن معافي وٺڻ لڳا، ليڪن پاڻ ٻيڙيءَ مان لهي درياه تي هلندي غائب ٿي ويا. انهيءَ واقعي جي بدولت پاڻ ”دينار جي لقب سان مشهور ٿي ويا.

حضرت مالڪ دينار رحمت الله عليه جن جي توبه جو سبب هن ريت بيان ڪيو ويو آهي تہ پاڻ نهايت ئي حسين (خوبصورت) ۽ وڏا مالدار هئا. دمشق ۾ رهندا هئا. دمشق ۾ حضرت معاويہ رضي الله عنہ جي هڪ نهرايل جامع مسجد هئي. انهيءَ جامع مسجد سان گڏ ڪي بہ جائداد گهڻي هئي، جنهن مان ڪافي آمدني پيدا ٿيندي هئي. پاڻ انهيءَ مسجد جي ڪثير آمدني جي طمع کان مذڪوره مسجد ۾ اعتڪاف ۾ ويهي رهيا، تہ جيئن اها وقف جائداد سندن قبضي ۾ اچي وڃي. انهيءَ ڪري سارو سارو ڏينهن مسجد ۾ عبادت ڪندي گذرندو هون. جڏهن بہ کين ڪنهن ڏٺو ٿي تہ پاڻ عادت ۾ ئي مصروف هوندا هئا. سڄو سال اهڙيءَ طرح

عبادت ڪندي ۽ نمازون پڙهندي گذاريائون. ماڻهو کين بيحد عابد ۽ زاهد سمجهڻ لڳا. پر پنهنجي دل ئي دل ۾ پاڻ کي منافق چوندا هئا. فرمائيندا هئا تہ تنهنجي هيءَ عبادت رياڪاري ۽ بدنيتي تي مبني آهي. هڪ سال کان پوءِ هڪ رات مسجد کان ٻاهر نڪتا تہ هڪ غيبي آواز ٻڌڻ ۾ آيو. تہ ”اي مالڪ تون ڇونہ توبهہ ٿو ڪرين؟ پاڻ جڏهن اهو آواز ٻڌائون تہ حيران ٿي مسجد ۾ واپس هليا آيا، ۽ دل ۾ سوچيائون تہ هڪ سال کان وٺي مان منافقيءَ ۽ رياڪاريءَ واري عبادت ڪندو رهيو آهيان، ڪيڏي نہ شرم جي ڳالهہ آهي! جيڪڏهن اها عبادت دل سان ۽ بغير ڪنهن غرض ۽ مقصد جي ڪريان ها تہ ڪيڏو نہ سٺو ٿئي ها! آخر ان رات کان حضرت مالڪ دينار عهد ڪيو تہ هن کان پوءِ پنهنجي عبادت ۾ ڪنهن بہ قسم جي غرض يا لالچ کي دخل ڪين ڏيندس محض خدا واسطي عبادت ڪندس. ٻئي رات جو ماڻهن مسجد ۾ اچي کين چيو تہ هن مسجد ۾ اسين ڏاڍي بد انتظامي ڏسون ٿا. جيڪڏهن هن مسجد لاءِ ڪو متولي رکجي تہ ڪهڙو نہ چڱو! انهيءَ ڪري مسجد ۾ ان سان واسطي رکندڙ وقف مال جي نظارت بہ ٿيندي ۽ مسجد جي امامت جو مسئلو بہ حل ٿي ويندو. انهيءَ ڳالهہ تي سڀني اتفاق راءِ ڪري حضرت مالڪ دينار کي مسجد جو متولي بڻائڻ جو ارادو ظاهر ڪيو. پوءِ سندن خدمت ۾ اچي کين عرض ڪيائون تہ اسان کي اوهان کان وڌيڪ ٻيو ڪوبہ نظر نٿو اچي جنهن کي مسجد جو متولي بڻايون تنهن ڪري اسين سڀئي انهيءَ ڳالهہ جي سفارش ٿا ڪريون تہ مسجد جي ذمي جيڪا بہ جائداد آهي تنهن کي اوهان پنهنجي حفاظت ۾ آڻي قبول ڪريو. انهيءَ تي پاڻ دل ۾ چيائون تہ اي الله! پورو هڪ سال رياڪاري جي عبادت ڪيم تہ ڪنهن بہ مون ڏانهن توجہ ڪونہ ڏنو ۽ هاڻي جڏهن صرف هڪ رات پنهنجي دل کي سچيءَ طرح سان تو ڏي راغب ڪيم، ۽ پنهنجي يقين کي درست ڪيم، تڏهن تو ڏهہ ماڻهو مون ڏي موڪليا آهن. جنهن ڳالهہ لاءِ مون پورو هڪ سال ضايع ڪيو هو انهيءَ ڳالهہ جي ذميواري منهنجي سپرد ڪيائون. پر اي خداوند عالم! مون کي تنهنجي عزت ۽ جلال جو قسم آهي تہ هاڻي مان اها ڳالهہ ڀاڻ قبول نہ ڪندس. تنهن ڪري انهيءَ وقت ماڻهن کان پاڻ ڇڏائي مسجد کان ٻاهر نڪري ويا. ان کان پوءِ رياضت ۽ نفس ڪشي ۾ مصروف ٿي ويا.

ماڻهن جو چوڻ آهي تہ بصري ۾ هڪ امير ماڻهو فوت ٿي ويو. هو پنهنجي پٺيان ڪافي مال و دولت ۽ هڪ خوبصورت ڌيءَ ڇڏي ويو. ڇوڪري نهايت ئي حسين هئي. هڪ ڏينهن اها ڇوڪري حضرت ثابت نهاني رحمت الله عليه وٽ آئي ۽ خدمت ۾ اچي عرض ڪيائين تہ مان چاهيان ٿي تہ حضرت مالڪ رحہ سان نڪاح ڪريان تہ جيئن مون کي الله تبارڪ وتعاليٰ جي فرمانبرداري ڪرڻ ۾ مدد ملي. انهيءَ تي حضرت ثابت رحہ حضرت مالڪ دينار رحہ جي خدمت

۾ آيا ۽ ڇوڪريءَ جي خيال ڪان واقف ڪيائون. پاڻ ڪيس فرمايائون تہ مان دنيا کي ٽي طلاقون ڏيئي ڇڏيون آهن ۽ جيئن تہ عورت بہ دنيا مان ئي آهي، تنهن ڪري جنهن کي ٽي طلاقون ڏيئي چڪو آهيان، تنهن سان نڪاح ڪيئن ٿي سگهندو.

نقل آهي تہ پاڻ ڪنهن پٽ جي ڇانو هيٺ ويٺا هئا ۽ هڪ نانگ پنهنجي وات ۾ نرگس جي هڪ ٽاري جهليو حضرت مالڪ دينار کي پکي وانگر لوڏي رهيو هو.

پاڻ فرمايو اٿن تہ مون کي ڪيترن سالن کان وٺي جهاد ڪرڻ جي آرزو هئي. جڏهن جهاد ۾ شامل ٿيڻ جو اتفاق ٿيو تہ مون کي بخار ٿي پيو، جنهن ڪري مان جهاد ۾ شريڪ ٿي ڪين سگهيس. انهيءَ ڳالهہ جو مون کي بيحد ڏک ٿيو، ۽ مايوسيءَ جي عالم ۾ دل ۾ چيم تہ اي خاڪي پتلا! جيڪڏهن الله تبارڪ وتعاليٰ وٽ تنهنجي رسائي يا ڪا عزت هجي ها تہ ضرور جهاد ۾ شامل ٿئين ها، ۽ توکي ڪڏهن بہ بخار نہ ٿئي ها. انهيءَ فڪر ۾ منهنجي اک لڳي ويئي. خواب ۾ ڏسان ٿو تہ غيبي آواز ٿي رهيو آهي تہ جيڪڏهن اڄ تون جهاد ۾ شامل ٿئين ها تہ تون قيد ٿي وڃين ها پوءِ قيد ۾ توکي خنزير جو گوشت کارايو وڃي ها ۽ تون ڪافر ٿي وڃين ها.

نقل آهي تہ هڪ دهري سان حضرت مالڪ دينار رحہ جو مناظرو ٿيو. مناظري ۾ اهو فيصلو ٿي نہ پئي سگهيو تہ حق تي ڪير آهي؟ آخر اهو فيصلو ڪيو ويو تہ ٻنهي جا هٿ ٻڌي ڪري باہ ۾ وڌا وڃن. جنهن جي هٿ کي باہ لڳي تہ اهو ڪوڙو ثابت ٿيو. ٻنهي انهيءَ ڳالهہ کي قبول ڪيو، ۽ ائين ڪيو ويو. پر ٻنهي مان ڪنهن جو بہ هٿ نہ سڙيو. ماڻهن فيصلو ڪيو تہ ٻئي حق تي آهن. انهيءَ ڳالهہ تي پاڻ ڏاڍو رنجيده ٿيا ۽ سربسجود ٿي بارگاہ الاهيءَ ۾ عرض ڪيائون تہ اي پروردگار عالم! ستر ورهيہ تنهنجي دين تي ايماندار ۽ ثابت قدم رهيس پوءِ بہ هڪ دهري جي ٿي برابر رهيس. غيب ڪان آواز آيو تہ تو سمجهو ڪونهي. اصل ۾ تنهنجي هٿ ٿي ان دهري جي هٿ کي جهلڻ نہ ڏنو. جيڪڏهن اهو دهريو تنهنجي هٿ کان سواءِ صرف پنهنجو هٿ باہ ۾ وجهي ها تہ ضرور باہ ان کي ساڙي ها.

پاڻ فرمائين ٿا تہ هڪ دفعي مان اهڙو تہ سخت بيمار ٿيس جو زندگيءَ کان مايوس ٿي ويس. بچڻ جو آسرو ڪونہ هو، پر خدا جي فضل ۽ ڪرم سان صحت ياب ٿيندو رهيس. جڏهن جان ۾ ڪجهہ توانائي محسوس ڪرڻ لڳس تہ ان وقت مون کي هڪ شيءِ جي خواهش ٿي. انهيءَ بهاني سان بازار جي طرف نڪري ويس. جتي ڪنهن امير جي نقيب جو آواز بدم، جيڪو چئي رهيو هو تہ رستو ڇڏي ڏيو! رستي کان پري هٽي وڃو! پر جيئن تہ مان ڪمزور هوس ان ڪري جلدي هٽي ڪين سگهيس. امير جي ڪن خادمن سان هڪڙي خادم مون کي

زور سان ڇهڪ هنيو. مون کي ڏاڍو ايذاءُ آيو. مون کيس بد دعا ڪئي تہ خدا ڪري تنهنجا هٿ ڪپجي پون! ٻئي ڏينهن تي مون انهيءَ خادم جو هٿ ڪپيل ڏٺو.

نقل آهي تہ سندن پاڙي ۾ هڪ نوجوان ظالم شخص رهندو هو. پاڻ سدائين ان جي ظلم ۽ تشدد جو شڪار ٿيندا هئا. يعني ان کان هميشه تڪليف رسندي هين مگر پاڻ صبر ڪندا هئا هڪ ڏينهن ڪيترا ئي انهيءَ ظالم جي شڪايت ڪئي ويّن آيا تہ پاڻ انهيءَ ظالم کي سمجهائڻ لاءِ ان وٽ ويا. ليڪن هو سخت مزاج ۽ مغرور هو. جنهن چيو تہ مان بادشاه وٽ نوڪري ڪندو آهيان. ڪنهن کي ڪهڙي طاقت آهي جو مون کي ڪنهن ڳالهہ کان منع ڪري سگهي. پاڻ کيس فرمايائون تہ مان بادشاه وٽ تنهنجي شڪايت ڪندس. ان ظالم چيو تہ بادشاه منهنجي رضامنديءَ جي خلاف ڪڏهن بہ قدم نہ کڻندو. جيڪي ڪجهہ مان چوندس اهو ئي ڪندو. ائين ڪرڻ سان هو ڪڏهن بہ ناراض نہ ٿيندو. انهيءَ تي پاڻ فرمايائون تہ جيڪڏهن اهو نہ مڃيندو تہ پوءِ مان ان احڪم الحاڪمين کي چوندس جيڪو جهانن جو حقيقي شهنشاه ۽ خالق آهي. هو سڀ جو مالڪ رحمان آهي. انهيءَ ظالم شخص چيو تہ هائو، اهو بندشاه کان بہ وڌيڪ رحيم آهي. انهيءَ جو نالو ارحمراحمين آهي. ليڪن اهو بہ مون کي ڪجهہ چئي نہ سگهندو. مجبور ٿي پاڻ اتان واپس هليا آيا. ڪجهہ وقت ان ظالم شخص اڃا بہ وڌيڪ ماڻهن کي ستائڻ شروع ڪيو. ماڻهو وري بہ ان جي شڪايت ڪئي حضرت مالڪ دينار رحہ وٽ آيا. پاڻ ارادو ڪيائون تہ جيڪر وري بہ کيس هڪ دفعو سمجهائجي. هڪ ڏينهن حضرت مالڪ دينار رحہ هڪ رستي کان وڃي رهيا هئا تہ پاڻ هي غيبي آواز ٻڌائون تہ اسان جي دوست کي بنهنجي حال تي ڇڏي ڏي. حضرت مالڪ دينار رحہ کي انهيءَ آواز تي سخت عجب لڳو، ۽ پاڻ انهيءَ ظالم شخص وٽ آيا. جڏهن ان حضرت مالڪ دينار رحمت الله عليه کي ڏٺو تڏهن سمجهيائين تہ هي وري بہ شايد مون کي سمجهائڻ ۽ نصيحت ڏيڻ آيو آهي تنهن ڪري کيس چيائين تہ وري بہ اوهان آيا آهيو؟ پاڻ چيائون تہ مان اطلاع ڏيڻ آيو آهيان تہ مان هن طرح جو آواز ٻڌو آهي. اهو ٻڌي ان شخص چيو تہ جيڪڏهن معاملو ائين آهي تہ پوءِ جيڪي ڪجهہ مون وٽ آهي سو سڀ خدا جي راه ۾ ڏيئي ڇڏيان ٿو. ائين چئي جو ڪجهہ بہ وٽس هو سو سڀ الله تبارڪ وتعاليٰ جي راه ۾ ڏيئي ڏاڍو نيڪ بڻجي پيو ۽ گهر کان ٻاهر نڪري هليو ويو. ان کان پوءِ وري ڪنهن بہ کيس ڪونہ ڏٺو.

پاڻ فرمائين ٿا تہ مان ڪيتري عرصي کان پوءِ ان شخص کي مڪي شريف ۾ ڏٺم. هو ايتري قدر تہ سڪي ڪنڊا ٿي ويو هو جو سندس ساه نڙيءَ ۾ اچي بيٺو هو ۽ اهو ئي چوندو ٿي رهيو تہ ”هن جيو آهي تہ منهنجو دوست آهي“ مان دوست جي راه ۾ اٿي ڪڙو ٿيو آهيان

جا ان جي رضا آهي مان انهيءَ ڪي طلب ڪيو اٿم. مان سمجهان ٿو ته دوست جي رضا اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ ۾ ٿي آهي . تنهن ڪري مان توبه ٿو ڪريان ته گنهگار نه ٿيان. ائين چئي هن جان ڏني، ۽ سندس روح خاڪي پتلي مان نڪري پرواز ڪري ويو.

نقل آهي ته هڪ ڏينهن حضرت مالڪ دينار رحمت الله عليه مسواڙ تي هڪ گهر ورتو سندن پرسان هڪ يهوديءَ جو گهر هو ۽ سندن گهر جو محراب ان يهوديءَ جي گهر جي دروازي وٽ هو جتي هن جو پائخانو نهيل هو. يهودي پنهنجي گهر جو گند ۽ ڪاڪوس وغيره حضرت مالڪ دينار رحمت الله عليه جي گهر ڏنو ڪندو رهندو هو. ڪافي وقت تائين هو ائين ڪندو رهيو. پاڻ انهيءَ جو ذڪر ڪنهن سان به ڪين ڪيائون. آخر هڪ ڏينهن اهو يهودي حضرت جن وٽ آيو ۽ چوڻ لڳو ته اي مالڪ! مان جو ڏماڙي پنهنجي گهر جو گند ڪچرو ۽ ٻئي گندگي توهان جي گهر ڏنو ڪندو رهندو آهيان انهيءَ مان توهان تڪليف ته ڪانه ٿي رسي؟ پاڻ فرمايائون ته تڪليف ته ضرور ٿئي ٿي پر مان هڪ ٺڪري ۽ هڪ ٻهاري رکي ڇڏي اٿم. روزانو اُن کي ميڙي صاف ڪري ٻاهر ڏنو ڪندو آهيان. يهوديءَ چيو ته توهان ايتري تڪليف ڪيئن ٿا برداشت ڪريو ۽ غصي کي ڪيئن ٿا ضبط ڪريو؟ پاڻ فرمايائون ته خداوند تعاليٰ جو ارشاد آهي ته ”والكاظمين الغيظ“ اهو ٻڌي يهوديءَ جي منهن مان از خود نڪري ويو: ڪهڙو نه سٺو دين آهي! جو الله تبارڪ وتعاليٰ جو دوست، دشمن جي نه صرف تڪليف برداشت ڪري ٿو پر ناراضگيءَ جو اظهار به نٿو ڪري. اهي لفظ چوندي اهو يهودي مسلمان ٿيو.

نقل آهي ته پاڻ حضرت جن ڪيترن سالن تائين مٺي ۽ کٽي شيءِ ڪانه کاڌي. صرف گرم ماني کائيندا هئا سا به هر روز فقط روزي کولڻ کان پوءِ.

هڪ دفعي پاڻ بيمار ٿي پيا ته سندن دل ۾ گوشت کائڻ جي خواهش ٿي. ڏاڍي صبر ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائون. آخر جڏهن صبر ڪري نه سگهي، تڏهن منڊين وڪڻندڙ ڪاصائيءَ جي دڪان تان ٽي پاوا خريد ڪري پنهنجي قميص اندران لڪائي هلڻ لڳا. ڪاصائيءَ پنهنجي شاگرد کي چيو ته تون هن جي پٺيان وڃ ۽ ڏس ته هو ڇا ٿو ڪري. ٿوريءَ دير کان پوءِ اهو ڇوڪرو روئندو آيو ۽ اچي چيائين ته مالڪ دينار رحمت الله عليه هڪ جاءِ تي پهچي پنهنجي چولي اندران اهي پاوا ڪڍي چوڻ لڳو ته ”اي نفس! انهيءَ کان وڌيڪ تو کي ڪجهه به نه ملندو. ٽي دفعا ائين فرمائي اهي پاوا ۽ ماني هڪ درويش کي ڏيئي ڇڏيائون. وڌيڪ فرمايائون ته اي ڪمزور بدن! اها تڪليف جيڪا تو کي ڏيئي رهيو آهيان انهيءَ مان منهنجو اهو مطلب هرگز ڪونهي ته ڪو مون کي توسان دشمني آهي پر انهيءَ لاءِ ته، اڄان

ڪجهه وقت صبر ڪر. مبادا انهيءَ محنت ۽ صبر جي عيوض ان ڪان بہ وڌيڪ ڪا نعمت حاصل ٿئي.

آپاڻ فرمايو اٿن تہ مان نٿو سمجهي سگهان تہ جيڪي ماڻهو ائين چون ٿا تہ جيڪو شخص چاليهہ ڏينهن گوشت نہ کائيندو ان جو عقل ختم ٿي ويندو. ليڪن مان تہ ويهہ سال گوشت استعمال ڪونہ ڪيو آهي ان هوندي بہ منهنجو عقل وڌيڪ تيز ٿي ويو آهي.

نقل آهي تہ پاڻ چاليهہ سال بصري ۾ رهيا ليڪن ڪارڪون ڪڏهن ڪونہ کاڌائون. جڏهن ڪارڪن جي موسم ايندي هئي تہ پاڻ ماڻهن کي چوندا هئا تہ اي بصري جا رهواسيو! ڏسو ڪارڪن جي نہ کائڻ سان منهنجو پيٽ ڪو خالي ڪونہ ٿو رهي ۽ توهان جا پيٽ پرجن ڪونہ ٿا. چاليهن سالن ڪان پوءِ ڪارڪن کائڻ جي سندن دل ۾ خواهش پيدا ٿي تہ پاڻ نفس کي تنبيه ڪندي فرمايائون تہ اي نفس! مان تنهنجي آرزو ڪڏهن بہ پوري ٿيڻ ڪونہ ڏيندس.

هڪ رات پاڻ خواب ۾ ڏٺائون تہ ڪو شخص کين چئي رهيو آهي تہ ڪارڪون کائي ڇڏ ۽ نفس کي قيد مان آزاد ڪر. جڏهن پاڻ بيدار ٿيا تہ سندن نفس پنهنجي خواهش ظاهر ڪئي تڏهن فرمايائون تہ اي نفس! هڪ هفتو ٻيو صبر ڪر. اهو بہ اهڙيءَ طرح جو نہ رات جو ڪجهہ کاءُ ۽ نہ ڏينهن جو ۽ رات ڏينهن جاڳندو رهہ. پوءِ مان تنهنجي خواهش پوري ڪندس. نفس اها ڳالهہ قبول ڪئي. پاڻ روزو رکي ڇڏيائون. انهن ڏينهن جي گذرڻ بعد پاڻ ڪارڪون خريد ڪري مسجد ۾ ويا تہ جيئن اتي ڪارڪون کاوان. ايتري ۾ هڪ ڇوڪري پنهنجي پيءُ کي سڏ ڪندي چيو تہ بابا! هڪ يهودي ڪارڪون کڻي مسجد ۾ وڃي ويٺو آهي انهيءَ لاءِ تہ اتي ويهي ڪارڪون کائي. تڏهن پيءُ چيس تہ پٽ! يهوديءَ جو ڪهڙو ڪم جو مسجد ۾ ويهي ڪارڪون کائي. پر تنهن هوندي بہ پنهنجي پٽ کي وٺي مسجد ۾ آيو ۽ اچي ڏٺائين تہ پاڻ حضرت مالڪ دينار رحمت الله عليه جن ويٺا آهن. حضرت جن کي ڏسندي ئي اهو ماڻهو سندن پيرن تي ڪري معافي وٺڻ لڳو ۽ چيائين تہ اسان جي محلي ۾ ڏينهن جي وقت ڪنهن کي روزو هوندو آهي ڪوئي بہ کائيندو پيئندو ڪونہ آهي. صرف يهودي ئي کائيندا آهن. هن منهنجي ڇوڪري اوهان کي سڃاتو ڪين هو اُن ڪري نادانيءَ سبب اوهان کي يهودي سمجهي ائين چئي ڏنائين. اوهان سندس قصور معاف فرمايو. اهو قصو ٻڌڻ سان سندن بدن ۾ باهہ لڳي وئي ۽ سمجهائون تہ ان ڇوڪري جو آواز غيب جو ئي آواز هيو. تنهن ڪري درگاهہ الاهيءَ ۾ عرض ڪيائون تہ اي پروردگار! بغير ڪارڪن کائڻ جي منهنجو نالو يهودي رکيو ويو. پر جيڪڏهن ڪارڪون کائي ڇڏيان ها تہ شايد تون مون کي ڪافر بڻائي ڇڏين ها. مونکي تنهنجي عزت جو قسم آهي تہ هاڻي هي ڪارڪون هرگز نہ کائيندس.

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن بصري جي شهر ۾ باهہ لڳي. ڀاڻ لٺ ۽ جتي ڪڇي گهر جي ڇت مٿان چڙهي باهہ جو نظارو ڏسڻ لڳا. ماڻهو ڏاڍي مصيبت ۽ ڪبراهٽ ۾ مبتلا هئا. ڪيترا باهہ ۾ سڙي رهيا هئا ۽ ڪيترا پريشانيءَ جي عالم ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڊڪي ڊوڙي رهيا هئا. مطلب تہ بدحواسيءَ جو عالم ڇانيل هو. اهو ڏسي ڀاڻ فرمايائون تہ نجاالمخففون وهلڪ المثقلون يعني هلڪي بار وارا نڪري ويا ۽ ڳوري بار وارا هلاڪ ٿي ويا. قيامت جي ڏينهن بہ اهڙو ئي نظارو هوندو.

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن هڪ بيمار ڪان پڇڻ لاءِ ان وٽ تشريف فرما ٿيا. ڀاڻ فرمائين ٿا تہ جڏهن مان هن کي ڏٺو تہ مون کي معلوم ٿيو تہ موت سندس بلڪل قريب آهي تنهنڪري مان ان کي چيو تہ ڪلمو شهادت جو پڙهہ. مان ڪيتري ئي ڪوشش ڪئي تہ هو ڪلمو شهادت جو پڙهي، بجاءِ ڪلمي شهادت پڙهڻ جي هو "ڏهہ يارهن" ٿي چوندو رهيو. جڏهن مان ان ڪان انهيءَ ڳالهہ جو سبب پڇيو، تڏهن چيائين تہ منهنجي سامهون هڪ باهہ جو پهاڙ آهي، مان جڏهن ڪلمي شهادت پڙهڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو تہ باهہ اچيو مونکي وڪوڙي وجي ٿي. اها ڳالهہ ٻڌي مان ڪانئس پڇيو تہ دنيا ۾ تون ڪهڙو ڪم ڪندو هئين چيائين تہ مان پنهنجي ڏنڊي ۾ ڪهٽ توريندو هوس ۽ پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪنهن بہ پوريءَ تور سان سودو ڪونہ ڏنو هو.

جعفر بن سليمان فرمائين ٿا تہ مان مالڪ دينار رحمت الله عليه سان گڏجي مڪي شريف ويس. جڏهن "لبيڪ اللهم لبيڪ" شروع ٿيو تہ ڀاڻ بيهوش ٿي ويا. جڏهن هوش ۾ آيا تہ مان ڪانئن ان جو سبب پڇيو. فرمايائون تہ مان ان ڳالهہ ڪان خوف زده ٿي ويس تہ مبادا مون کي "لالبيڪ" جواب نہ ملي.

نقل آهي تہ جڏهن ڀاڻ "اياڪ نعبد واياڪ نستعين" پڙهندا هئا تہ زار زار روئندا هئا ۽ فرمائيندا هئا تہ جي الله تعاليٰ جو ڪلام نماز ۾ لازمي ۽ ضروري نہ هجي ها تہ مان ان کي هرگز ڪين پڙهان ها. اهو انهيءَ لاءِ تہ اسان چئون ٿا تہ اسان تنهنجي ئي عبادت ڪريون ٿا ليڪن نفس پرستيءَ ۾ مشغول آهيون. اسين چئون ٿا تہ اسين توکان ئي مدد گهرون ٿا مگر مدد لاءِ ماڻهن جي درن تي ٺوڪرون کائون ٿا. بس اسين تہ ڪنهن جي شڪرگذاريءَ ۽ ڪنهن جي شڪايت (گلا) ۾ ئي مصروف آهيون.

نقل آهي تہ ڀاڻ ساري ساري رات جاڳي گذاريندا هئا. هڪ رات پنهنجي ڌيءَ چيس تہ بابا! ٿوري دير تہ آرام ڪندا ڪريو. ڀاڻ فرمايائون تہ اي ڌيءَ مان قهر واري رات ڪان ڊڄان ٿو. اٿين نہ ٿئي تہ دولت دين منهنجي طرف توجہ ڪري ۽ مون کي ستل ڏسي. ماڻهن پڇيو تہ

اهو ڪيئن؟ فرمايائون ته مان خدا جي نعمت کاوان ٿو ۽ حڪم وري شيطان جو بجا آڻيان ٿو.
وڏيڪ فرمايائون ته جيڪڏهن ڪو ماڻهو مسجد جي دروازي تي بيهي آواز ڪري تہ توهان مان بدترين ڪير آهي ته مونکان سواءِ ٻيو ڪوبہ پاڻ کي ظاهر نہ ڪندو.

عبدالله بن مبارڪ رحہ جڏهن اها ڳالهہ ٻڌي تہ ڏهن فرمايائون تہ حضرت مالڪ دينار رحمت الله عليه جي بزرگي انهيءَ سبب ڪري آهي ته هو سچ فرمائيندا آهن.

روايت آهي تہ هڪ ڏينهن ڪنهن عورت حضرت مالڪ دينار رحمت الله عليه کي رياڪار خود پرست فريبي ۽ منافق جي نالي سان سڏيو. پاڻ ڪيس فرمايائون ته ويهن سالن تائين منهنجو نالو ڪنهن بہ ڪونہ پڪاريو آهي. مگر ايتري مدت ۾ صرف تو ئي پڪاريو آهي توکي بيشڪ خبر هوندي ته مان ڪير آهيان. وڏيڪ فرمايائون تہ مون کي خلقت جي حقيقت معلوم ٿي ويئي آهي پر مون کي ان ڳالهہ جي پرواه ناهي تہ ڪير منهنجي تعريف ڪري يا خدمت. ڇاڪاڻ تہ اهڙا خدمت ۽ تعريف ڪرڻ وارا مون ڪنهن ڪونہ ڏٺا آهن. جيڪي زيادتيءَ کان ڪم نہ ونندا هجن. ڪير بہ هجي، اهڙن ماڻهن کان بچي ڪين سگهندو. گڏ رهڻ مان ڪوئي فائدو ڪونهي. توهان کي انهن کي ڇڏي تنهائي اختيار ڪرڻ گهرجي. سندن وڏيڪ اقوال پنيان آهن:

اهل زماني جي دوستي بازاري فالودي جي طرح آهي جيڪو ڏسڻ ۾ تہ خوبصورت آهي پر مزي ۽ سواد جي لحاظ کان بلڪل ئي ڦڪو هوندو آهي.

دنيا کي ڇڏي ڏيو، ڇاڪاڻ تہ ان وڏن وڏن علمائن جي دلين تي بہ فتح حاصل ڪئي آهي.

جيڪي شخص ماڻهن سان گفتگو ڪرڻ يا انهن سان محفلون ڪرڻ کي ياد الاهي کان وڏيڪ سٺو سمجهن ٿا سي حقيقت ۾ انڌا آهن. انهن جي عمر ضايع سمجهڻ گهرجي.

منهنجي نزديڪ سڀ کان بهترين عمل، اخلاص آهي.

الله تبارڪ وتعاليٰ حضرت موسيٰ عليه السلام تي وحي نازل فرمايو، ۽ حڪم فرمايو تہ تون پنهنجي جتي ۽ لٺ لوه جي ٺهراءِ ۽ انهن ٻنهي سميت روءِ زمين تي پنهنجي عمر بسر ڪر تہ جيئن عبرت حاصل ڪري منهنجي نعمتن ۽ حڪمتن جو نظارو پسي سگهين. اهو ايستائين جيستائين تنهنجا ٻئي پادر ۽ لٺ ذرا ذرا ٿي وڃن، مطلب تہ صبر ڪرڻ گهرجي. يعني جيتري قدر ٿي سگهي تدبر ۽ فڪر کان ڪم وٺڻ گهرجي.

توريت شريف ۾ لکيل آهي "شوقناڪم فلم تشاقر" يعني مان توکي پنهنجو مشتاق بنايو پر تو سڀ ڪجهہ فقط ويٺي ٻڌو ۽ عمل ڪجهہ بہ نہ ڪيو.

جو شخص شهوت جو طلبگار آهي شيطان ان جي طلب کان ڇٽل رهي ٿو. يعني شيطان کي اهڙي قسم جي شخص کي وڏيڪ برغلائڻ جي ايتري ضرورت محسوس ڪونہ ٿي ٿئي.

ڪن ڪتابن ۾ لکيل آهن تہ حق تعاليٰ، حضور انور صلي الله عليه وسلم جي اُمت کي ٻہ اهڙيون شيون عنايت ڪيون آهن جيڪي ٻئي ڪنهن کي بہ عنايت ڪونہ ڪيون ويون آهن اهي نہ جبرئيل کي ۽ نہ ميڪائيل کي عطا ٿيون آهن. انهن مان هڪ هيءَ آهي. ”فاذکروني اذکرکم“ يعني توهين مون کي ياد ڪر تہ مان توکي ياد ڪريان ۽ ٻي ”اُدعوني آستجب لکم“ يعني توهان مون کي پڪاريو تہ مان توهان جي پڪارن کي قبول ڪريان.

توريت ۾ ذڪر ڪيل آهي تہ اي صديقو! دنيا ۾ رهي منهنجي ذڪر جي نعمت ۾ پنهنجي زندگي گذاريو. ڇاڪاڻ تہ دنيا ۾ منهنجو ذڪر هڪ وڏي نعمت آهي ۽ آخرت ۾ بہ ان جو وڏو بدلو ملندو. بعض ڪتابن ۾ آيل آهي تہ جو عالم دنيا سان محبت رکي ٿو تنهن کي ان جو معمولي عيوض اهو ٿو ملي جو سندس دل مان ذڪر الاهي ۽ عبادت جو مزو ختم ٿي وڃي ٿو. آخري عمر ۾ ڪين عرض ڪيو ويو تہ ڪجهہ وصيت فرمايو. پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ الله تبارڪ وتعاليٰ جي رضا ۽ ان جي ڪارسازيءَ تي هر وقت خوش رهج. ڇاڪاڻ تہ اهو ئي پنهنجا سڀ ڪم ٺيڪ ڪرڻ وارو آهي. جڏهن اهو شخص مري ويو تہ ڏهن ڪنهن بزرگ ان شخص کي خواب ۾ ڏٺو ۽ پڇيائينس تہ الله تبارڪ وتعاليٰ توسان ڪهڙو سلوڪ ڪيو چيائين تہ هونئن تہ مان بيحد ئي گنهگار هوس پر انهيءَ ڀروسي جي بدلي جيڪو ان جي ڪارسازيءَ تي رکيو هوم الله تبارڪ وتعاليٰ منهنجا سارا گناه بخشي ڇڏيا.

هڪ بزرگ خواب ۾ ڏٺو تہ ميدان قيامت ۾ فرشتا حضرت مالڪ دينار رحہ ۽ حضرت محمد واسع رحہ کي جنت جي طرف وٺي وڃي رهيا آهن. ان بزرگ خيال ڪيو تہ ڏسان تہ پهريائين ڪير ٿو جنت ۾ وڃي. آخرڪار ڏٺائين تہ اول حضرت مالڪ دينار رحہ کي جنت ۾ داخل ڪيو ويو ۽ بعد ۾ حضرت محمد واسع رحہ کي داخل ڪيو ويو. تڏهن ان وقت انهيءَ بزرگ عجب ۾ اچي چيو تہ دنيا ۾ تہ حضرت محمد واسع رحہ عالم با عمل ۽ ڪامل بزرگ هئا پر بهشت ۾ تہ پهريائين حضرت مالڪ دينار رحہ کي داخل ڪيو ويو! انهيءَ جو ڇا سبب ٿي سگهي ٿو؟ غيبي آواز آيو تہ بيشڪ اها ئي ڳالهہ هئي. مگر تفاوت فقط هن ڳالهہ جو هو تہ دنيا ۾ حضرت مالڪ دينار رحہ کي صرف هڪ ڪڙتو هو. يعني خدا تي توڪل، پر حضرت محمد واسع رحہ کي ٻہ ڪڙتا هئا. يعني هو دنيا ۾ ذاتي ڪوشش ۽ سببن کي بہ مد نظر رکندو هو. وسلمو اتسليماً ڪسيراً ڪسيرا.

ذڪر حضرت محمد واسع رحمت الله عليه

زاهدن جا مقدم، عابدن جا معظم، عالم باعمل، عارف اڪمل، قانع تونگر ۽ پنهنجي وقت جا بينظير مفڪر هئا. پاڻ اڪثر تابعين جي خدمت ڪئي اٿن، ۽ گذريل عالمن ۽ صوفين جي زيارت جو شرف حاصل ڪيو اٿن. طريقت ۽ شريعت جا بيحد شوقين هئا. سندن رياضت جو هي حال هو ته سڪا ٽڪر پاڻيءَ ۾ پسائي ڪري کائيندا هئا.

پاڻ فرمائيندا هئا ته جيڪو شخص ٿوري تي راضي رهي تو اهو خلق کان بي نياز ٿي وڃي ٿو. پاڻ خدا جي حضور ۾ جا دعا گهرندا هئا تنهن ۾ عرض ڪندا هئا ته اي پروردگار عالم! تون مون کي بکيو ۽ اگهاڙو رک، جيئن تو پنهنجي دوستن کي رکيو آهي ڇاڪاڻ ته آخر ته مان اهو مقام (درجو) اهڙي ئي حال ۾ حاصل ڪيو آهي، جهڙو حال تنهنجي دوستن جو هو. ڪنهن به وقت جڏهن کين بک لڳندي هئي ته پاڻ حسن بصري رحمت الله عليه جي گهر تشريف وٺي ويندا هئا، ۽ جو ڪجهه به ملندو هون سو کائي ڇڏيندا هئا. حسن بصري رحمت الله عليه کين ڏسي ڏاڍا خوش ٿيندا هئا. ڪنهن شخص کين وصيت لاءِ التجا ڪئي. پاڻ فرمايائون ته مان هڪ اهڙي وصيت ٿو ڪريان جو تو کي دنيا ۽ آخرت ۾ بادشاهه بڻائي ڇڏي. اها هي آهي ته دنيا ۾ زاهد ٿي رهو، ۽ ڪنهن ۾ به طمع نه رکو. بلڪ سڀ کي محتاج ۽ عاجز سمجهو ته غني ۽ بادشاهه بڻجي ويندءِ.

هڪ ڏينهن پاڻ حضرت مالڪ دينار رحمت الله عليه کي فرمايائون ته رهڻ کي سنڀالي رکڻ جي مقابلي ۾ ماڻهن لاءِ زبان کي سنڀالي رکڻ وڌي مشڪل ڳالهه آهي.

هڪ ڏينهن پاڻ قتيبه بن مسلم وٽ صوف جا ڪپڙا پهري ويا. انهن دريافت ڪيو ته صوف جا ڪپڙا ڇو پاتا اٿو؟ انهيءَ تي پاڻ ڪوبه جواب ڪونه ڏنائون. جڏهن خاموشيءَ جو سبب پڇيو ويو تڏهن فرمايائون ته مان هي چوڻ گهريو ٿي ته زهد جي سبب مان صوف جا ڪپڙا پاتا آهن پر سمجهان ٿو ته اها خود نمائي سمجهي ويندي يا درويشيءَ جي نسبت، سبب الله تعاليٰ جي شڪايت ٿيندي ان ڪري چپ رهيس.

هڪ ڏينهن پنهنجي پٽ کي ڇهل قدمي ڪندي ڏٺائون ته کيس فرمايائون ته تو اهو معلوم نه ڪيو آهي ته تنهنجي ماءُ ڪير آهي؟ مان ان کي ٻه سو دينارن ۾ خريد ڪيو هو. مان تنهنجو پيءُ آهيان جو سيني مسلمانن ۾ گنهگار آهيان پوءِ خبر ناهي ته تون ڪهڙيءَ ڳالهه تي ناز ۽ فخر ڪري رهيو آهين؟

ڪنهن ڪانئن پڇيو ته اوهان جي حالت ڪيئن آهي؟ پاڻ فرمايائون ته اهڙي شخص جي حالت ڇاتو پڇين، جنهن جا گناه چڙهندا رهن ۽ عمر گهٽبي رهي.

معرفت ۾ سندن اها حالت هئي جو فرمائيندا هئا ته ”ومارايت شيئا الا رايت الله“ يعني مان اهڙي ڪابه شيءِ ڪانه ڏٺي آهي جنهن ۾ مون ڪي الله تبارڪ وتعاليٰ ڏيکاري نه ڏني هجي.

ڪانئن پڇيو ويو تہ اوهان الله تعاليٰ کي سڃاڻندا آهيو؟ پاڻ ٿوري دير خاموش رهي فرمايائون تہ جنهن الله تعاليٰ کي سڃاتي ورتو سو حيران ۽ خاموش ٿي هوندو آهي. وڌيڪ فرمايائون تہ جنهن شخص کي الله تعاليٰ پنهنجي معرفت عطا فرمائي ان جي لاءِ اها ئي ڳالهه ڇڱي ۽ شان وٽان آهي تہ هو بغير ان کي ڏسڻ جي بئي ڪنهن کي بہ ڪين ڏسي يعني اهڙيءَ حالت ۾ ڪنهن سان بہ رغبت نہ رکي.

فرمائين ٿا تہ صادق، ان وقت تائين صادق نٿو ٿئي، جيستائين ان ۾ خوف ۽ اميد برابر نہ هجن. جڏهن اها حالت پيدا ٿئي تہ پوءِ صادق اچا بہ وڌيڪ حقيقي ٿي وڃي ٿو.

* ذڪر حضرت حبيب عجمي رحمت الله عليه *

قبۂ غيرت جاولي، صاحب صدق، صاحب يقين، لايت خلوت گذار، صاحب همت، صاحب وحدت جا عامل، ڪرامت جا صاحب ۽ وڏا عبادت گذار هئا. شروع ۾ پاڻ وڏا مالدار ۽ دولت مند هئا ۽ ماڻهن کي وياج تي پيسا ڏيندا هئا. سندن روزانو اهو ئي ڪم هو، جو پنهنجن قرضدارن ڏانهن قرض وصول ڪرڻ ويندا هئا. جيڪڏهن ڪوئي پيسا ڪونہ ڏيندو هون تہ پنهنجي اچڻ جي مزدوري پڻ انهيءَ قرض ۾ شامل ڪري ڇڏيندا هئا. سندن اهوئي ڪاروبار لڳا تار هوندو هو، ۽ ان تي ئي پنهنجي اهل و عيال جو گذر ڪندا رهندا هئا.

هڪ ڏينهن پاڻ پنهنجي هڪ قرضدار جي گهر ويا، مگر اهو گهر ۾ موجود ڪونہ هو. ان جي زال چيو تہ منهنجو مڙس گهر ۾ نہ آهي ۽ نہ وري مون وٽ ڪي پيسا بہ آهن جو اوهان کي ڏيان. باقي هڪ ٻڪري ڪٺي هئي سون ان مان صرف ٻڪريءَ جي سري بچي آهي جي چئو تہ اها آڻي ڏيان. پاڻ ڪيس فرمايائون تہ چڱو اها سري ئي مون کي آڻي ڏي پاڻ اها سري کڻي پنهنجي گهر آيا ۽ زال کي اچي چيائون تہ هيءَ سري وياج ۾ ملي آهي ان کي پچاءِ. زال چيس تہ گهر ۾ نہ باه آهي ۽ نہ اٽو سو سري ڪيئن پچايان؟ پاڻ ڪيس فرمايائون تہ چڱو مان وڃان ٿو ۽ اهي شيون بہ قرضدارن کان وياج جي حساب ۾ ئي وٺي ٿو اچان. نيٺ اهي شيون قرضدارن کان وٺي آيا. پوءِ سندن گهر واريءَ ڪاڏو تيار ڪيو جڏهن ڪاڏو ٿانون ۾ ٿي وڌائين

تہ در تي هڪ فقير صدا هنئي. جنهن تي فقير کي فرمايائون تہ هليو وڃ اسان توکي هن مان ڇا ڏيون؟ پر جيڪڏهن ڏيون بہ تہ اسانْ مفلس ٿي وينداسي ۽ جيڪڏهن توکي ڪجهہ ڏيندا سي بہ ڪٿي تہ تون آسودو ٿي ڪين سگهندين. اهو جواب ٻڌي سائل نا اميد ٿي هليو ويو. جڏهن سندن زال پاڇيءَ مان ڇمچو ڀري برتن ۾ وڌو تہ اها پاڇي رت جي صورت ۾ تبديل ٿي ويئي هئي. گهر واريءَ اهو حال ڏسي ڪين آواز ڪري چيو تہ هي حال تہ اچي ڏسو جيڪو توهان جي اعمالن جي شامت سبب ٿي ويو آهي. اهو حال ڏسندي ئي سندن بدن ۾ هڪ قسم جي باہ لڳي ويئي جا اصل نہ وسائي. پاڻ ان وقت فرمايائون تہ اڄ کان وٺي مان توبهہ ٿو ڪريان. ٻئي ڏينهن انهيءَ خيال سان گهر کان نڪتا تہ جيڪي ڪجهہ قرضدارن جي طرف آهي سو وصول ڪري وٺان ۽ آئينده ڪڏهن بہ ڪنهن کي وياج تي پيسا ڪين ڏيان. اهو ڏينهن جمع جو هو. ٻارڙا رستي ۾ کيڏي رهيا هيا انهن جڏهن حضرت کي ايندو ڏٺو تڏهن پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي چوڻ لڳا تہ پري پچي وڃو جو وياج خور حبيب عجمي اچي رهيو آهي. ڪٿي ائين نہ ٿئي جو هن جي پيرن جي دز اڏري اسان تي نہ اچي پوي ۽ اسان بہ نہ هن جهڙا بدبخت بڻجي وڃون. ٻارن جي واتان اها ڳالهہ ٻڌي ڏاڍو شرمسار ٿيا ۽ حضرت حسن بصري رحمت الله عليه جن جي وعظ واريءَ مجلس ۾ اچي ويٺا. حضرت حسن بصري رحمت الله عليه جيڪو وعظ فرمائي رهيا هئا. تنهن جو حضرت حبيب عجمي جن جي دل تي ايترو تہ اثر ٿيو جو سندن دل مٿان جيڪا بہ ڪارنهن هئي سا بلڪل دور ٿي ويئي ۽ توبه ڪري مجلس مان نڪتا. رستي ۾ سندن هڪ قرضدار ڪين ڏسي پچڻ گهريو تہ پاڻ ڏسي ان کي فرمايائون تہ هاڻي مون کي توهان کان پڇڻ گهرجي ۽ نہ توهان کي مون کان. جڏهن گهر جي طرف وڃي رهيا هئا تہ رستي ۾ اهي ئي ٻار ڪين ڏسي چوڻ لڳا تہ پري ٿي وڃو جو حبيب عجمي توبه ڪري اچي رهيو آهي مبادا اسان جي پيرن جي اٿيل دز هن تي پوي ۽ اسين گنهگار ٿيون. اهو ٻڌي پاڻ فرمايائون تہ اي پروردگار! قربان وڃان مان تنهنجي شان ڪبريائيءَ تان جو هي فقط توسان هڪ ڏينهن جي دوستيءَ جو اثر آهي جو تو مون کي پنهنجي دوستن جي دل ۾ جڳهہ ڏني ۽ منهنجو هي نيڪ نالو مشهور ڪري ڇڏيو. پوءِ پاڻ پڙهو ڏياريائون تہ ڪنهن بہ شخص جي حبيب جي طرف ڪا شيءِ رهنڌڙ هجي تہ اچي وٺي وڃي. اهو ٻڌي ڪيترا ماڻهو وٽس آيا ۽ ڪانئس پنهنجو پنهنجو مال، زر ۽ ٻيو سامان وٺي هليا ويا. ايتري ۾ هڪ ٻيو شخص آيو پر اُن وقت پاڻ وٽ ڪين ڪجهہ بہ ڪين بچيو هو. سو کيس پنهنجو ڪڙتو ڏيئي ڇڏيائون ان کان بعد جڏهن هڪ ٻيو شخص آيو تہ ان کي وري پنهنجي گهر واريءَ جي چادر ڏيئي ڇڏيائون. جڏهن وٽن ڪجهہ بہ نہ رهيو، تڏهن دجلہ درياہ جي ڪناري تي هڪ جهوپڙي ناهي ان ۾ ياد الاهي ۾ مصروف ٿي ويا. ڏينهن جو حضرت

حسن بصري رحمت الله عليه ڪان علم حاصل ڪندا هئا ۽ رات خدا جي ذڪر ۾ بسر ڪندا هئا پاڻ عجمي ان ڪري مشهور آهن جو قرآن مجيد کي عربي قرات جي مطابق پڙهي نہ سگهندا هئا. ڪجهہ وقت ڪان پوءِ جڏهن سندن زال وٽ کاڌي پيتي لاءِ ڪجهہ نہ رهيو هو تڏهن ڪاڻس خرچ جي گهر ڪيائين. پاڻ فرمايائونس تہ چڱو مان ڪم ڪرڻ لاءِ وڃان ٿو. ائين چئي جهنگ جي طرف روانا ٿي ويا جتي وڃي خدا جي ياد ۾ مشغول ٿي ويا. روزانو سندن اهوئي ڏنڌو هوندو هو. صبح جو جهنگ جي طرف هليا ويندا هئا ۽ رات جو گهر هليا ايندا هئا. ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ گهر واريءَ پڇيس تہ ڪجهہ ڪمائي بہ آيا آهيو؟ پاڻ فرمايائون تہ جنهن جي مان مزدوري ڪريان ٿو اهو وڏو ئي معزز ۽ صاحب دولت آهي ان جي عزت ۽ حشمت جي رعب ڪان مون کي گهرندي شرم ٿو اچي پڻو اٿم تہ هو ڪنهن جي بہ مزدوري ڪونہ روڪيندو آهي. ڏهن ڏينهن ڪان پوءِ خود ئي ڏيئي ڇڏيندو. اهڙيءَ طرح ڏهن ڏينهن تائين ياد الاهيءَ ۾ مصروف رهيا. ڏهين ڏينهن ڪين انهيءَ ڳالهہ جو فڪر ٿيو تہ اڄ رات پنهنجي گهر واريءَ کي ڪهڙو جواب ڏيندس. هوڏانهن الله تبارڪ وتعاليٰ سندن گهر ۾ هڪ شخص جي هٿان ٻارڻ جون ڪاٺيون ۽ ٻي جي هٿان اٽو گوشت ۽ گيهہ ۽ ٽئين جي هٿان سو روپين جي ٿيلهي موڪلي ڏني ۽ اهو چوائي موڪليائين تہ مالڪ جي طرفان حبيب جي مزدوري آهي پر حبيب کي چئجو تہ جيڪڏهن هو پنهنجي ڪم ۾ اڃان بہ ترقي ڪندو تہ مان انهيءَ مزدوريءَ ڪان بہ وڌيڪ مزدوري ڏيندس.

جڏهن اهي سڀ شيون گهر پهچي ويون ۽ هيڏانهن پاڻ فڪر جي حالت ۾ گهر تشريف فرما ٿيا تہ سندن گهر واري ڏاڍيءَ خوش خلقيءَ سان ڪين پيش آئي ۽ ڪانئن پڇڻ لڳي تہ اوهان ڪنهن جو ڪم ڪندا آهيو؟ اهو تہ واقعي وڏو رحم دل معلوم ٿئي ٿو. اڄ انهيءَ هي سڀ شيون موڪلي ڏنيون آهن ۽ چوائي موڪليو اٿس تہ حبيب کي چئجو تہ پنهنجي ڪم ۾ ترقي ڪري تہ مان ان جي مزدوري اڃان بہ وڌائيندس. اهو ٻڌي پاڻ ڏاڍو خوش ٿيا ۽ فرمايائون تہ اي پروردگار عالم! تنهنجي شان ڪبريائيءَ تان قربان وڃان جو صرف ڏهن ڏينهن جي عبادت جي سبب ايتري بخشش ڪئي اٿو پر جيڪڏهن ساري عمر تنهنجي عبادت ۾ مصروف رهان تہ خبر نہ آهي تہ تون الائي ڇا بخشي ڇڏين! هي سوچيندي ئي پاڻ ان ڏينهن ڪان وٺي دنيا ترڪ ڪري ڇڏيائون ۽ ذڪر الاهيءَ ۾ ايتري قدر تہ مصروف ٿي ويا جو دنيا جي ٻي ڪنهن بہ شيءِ جي خبر ڪانہ رهندي هين خداوند ڪريم. ايترو تہ مٿس راضي ٿيو جو سندن هر دعا مقبول هوندي هئي. سندن دعائن ڪان ڪيترا ماڻهون فيض حاصل ڪندا رهندا هئا.

هڪ ڏينهن هڪ عورت روئندي روئندي سندن خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو تہ يا

 تذڪرة الاولياءُ

حضرت! منهنجو پٽ ڪٿي گم ٿي ويو آهي ۽ مان ان جي جدائيءَ ۾ حيران ۽ پريشان آهيان خدا جي واسطي اوهان دعا ڪريو ته منهنجو پٽ مون کي ملي وڃي. پاڻ فرمايائونس ته تو وٽ ڪجهه آهي؟ عورت عرض ڪيو ته مون وٽ صرف ٻه درم آهن. پاڻ اهي درم وٺي فقيرن ۾ خيرات ڪري ڇڏيائون پوءِ بارگاهه الاهيءَ مان دعا گهري عورت کي فرمايائون ته تون گهر وڃ، تنهنجو پٽ ڳهر پهچي ويو آهي. عورت انهيءَ وقت گهر آئي ۽ ڏٺائين ته سچ پچ ان جو پٽ گهر ۾ موجود هو. پٽ کان پڇيائين ته تون ڪٿي هئين؟ پٽس چيو ته مان ڪرمان ۾ هيس. استاد مون کي سودي وٺڻ لاءِ بازار ۾ موڪليو هو ۽ جڏهن سودو وٺي استاد جي گهر ڏانهن موٽي رهيو هوس ته رستي مان مون کي هوا اڏاري هتي کڻي آئي آهي. مان ڪنهن کان اهي لفظ چوندي ٻڌا ته اي هوا! حبيب جي دعا ۽ درهمن جي صدقي جي برڪت سان هن کي پنهنجي گهر پهچاءِ! جيڪڏهن ڪو پڇيئي ته ڪرمان کان هت ڪيئن پهتين ته ان کي چئجانءِ ته جهڙيءَ طرح هوا حضرت سليمان عليه السلام جي تخت کي هڪ مهيني جي مسافريءَ بدران فقط هڪ ڏينهن ۾ اڏاري کڻي آئي هئي ۽ جهڙيءَ طرح بلقيس جي تخت کي اک ڇنڀ ۾ حضرت سليمان وٽ پهچائي ڇڏيو هئائين.

نقل آهي ته ٨ ذوالحج تي حضرت جن کي ڪنهن شخص بصري ۾ ڏٺو ۽ ٩ ذوالحج ڪنهن ٻئي شخص کيس عرفات ۾ ڏٺو.

نقل آهي ته هڪ دفعي بصري ۾ سخت ڏڪار پيو پاڻ تمام گهڻو ڪاڌو خريد ڪري درويشن ۽ محتاجن کي ڏيئي ڇڏيائون ۽ ڪيسا سبي ڪري پنهنجي مٿن ڪان رکي ڇڏيائون جيڪو به سائل ڪجهه گهرڻ آيو ٿي تنهن کي ڪيسي مان ڏيئي ٿي ڇڏيائون. سندن ڪيسا هر وقت پيسن سان ڀريل رهندا هئا.

بصري جي چوسول تي سندن گهر هوندو هو. پاڻ هميشه هڪ ئي ٻهراڻ پائيندا رهندا هئا. هڪ ڏينهن ڪٿي پنهنجي پوستين وساري ويا. حضرت حسن بصري رحه جڏهن اتان لانگهائو ٿيو ته سندن پوستين تي نظر پيس، پوستين کي ڏسي فرمايائون ته شايد حبيب عجمي وساري ويو آهي. دل ۾ خيال ڪيائون ته اٿين نه ٿئي ته ڪير اها پوستين کڻي وڃي ان ڪري پاڻ اتي بيهي رهيا. جڏهن حبيب عجمي واپس اتي موٽي آيا ته حسن بصريءَ کي بيٺل ڏٺائون. پاڻ کين سلام ڪري پڇيائون ته يا امام المسلمين! اوهان هتي ڪيئن بيٺا آهيو؟ حضرت حسن بصري رحمت الله عليه فرمايو، هي جو اوهان پوستين وساري ويا آهيو سا ڪنهن جي آسري ڇڏي ويا هئا؟ جيڪڏهن هن کي ڪير کڻي وڃي ها ته پوءِ! پاڻ فرمايائون ته انهيءَ جي آسري پوستين ڇڏي ويو هوس جنهن اوهان کي هتي هن جي حفاظت لاءِ بيهاري ڇڏيو آهي.

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن حضرت حسن بصري رحمت الله عليه حبيب عجمي جـي خدمت ۾ تشريف فرما ٿيا. پـاڻ هڪ سڪي ماني ۽ لـوڻ آڻي اڳيان رکيائون. حضرت حسن بصري رحمت الله عليه جڏهن کائڻ تي ويٺو تہ هڪ فقير صدا هنئين جنهن تي حضرت حبيب عجمي رحہ اهو کڏو کڻي سائل کي ڏيڻي ڇڏيو. حضرت حسن بصري رحہ سندن اها حرڪت ڏسي فرمايو تہ اوهان مهذب آهيو: جيڪڏهن ٿورو ڪجهہ علم بہ اوهان کي حاصل هجي ها تہ ڏاڍو بهتر ٿئي ها. ڇاڪاڻ تہ اوهان کي اهو بہ معلوم نہ آهي تہ مهمان جي اڳيان کائڻ جي دوران سڀ کاڌو کنيو نہ ويندو آهي پر ٿورو ڪجهہ کڻي سائل کي ڏيڻ گهرجي ۽ ڪجهہ مهمان جي کائڻ لاء ڇڏجي. اهو ٻڌي پاڻ ڪجهہ نہ چيائون. ڪجهہ دير بعد هڪ غلام ڪجهہ مانيون ۽ حلوو مٿي تي کنيو اچي اتي حاضر ٿيو. جنهن اهو کاڌو ۽ پنج سو درم حبيب عجمي رحہ جي اڳيان اچي رکيا. پاڻ اهي پنج سو درم ٿي ۾قيرن ۾ خيرات ڪري ڇڏيائون ۽ ماني پـاڻ کائڻ ويٺا. پـوء حسن بصري رحہ کي فرمايائون تہ. استاد صاحب تـبيشڪ عامل ۽ با عمل آهن پـر جيڪڏهن ان علم سـان گڏ يقين بـہ شامل هجي ها تہ بهتر هو. ڇاڪاڻ تـہ علم يقين سان ئـي ڪامـل لڳندو آهي.

نقل آهي تـہ هڪ دفعي شـام جي نماز جـي وقت حسن بصري رحمت الله عليه حضرت حبيب عجمي رحمت الله عليه جي جهوپڙيء ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ ڏٺـائون تہ پاڻ نماز ۾ مصروف آهن. خواجہ صاحب حضرت حبيب جي قرائت غلط ٻڌي دل ۾ چيو تـہ اهڙي شخص جي پنيان نماز پڙهڻ جائز نہ آهي. تنهنڪري پاڻ اڪيلي سر نماز ادا ڪيائون ليڪن انهيء رات حسن بصري رحہ جن حق تعاليٰ کي ڏٺو ۽ عرض ڪيائون تـہ يا الاهي تنهنجي رضا ڇا ۾ آهي. ارشاد ٿيو تـہ اي حسن! توکي رضا ملي تـہ هئي ليڪن تو ان جو قدر نـہ ڪيو. حيرت ۾ پئجي حسن بصري رحہ عرض ڪيو تہ اي خداوند ڪريم اهو ڪيئن؟ ارشاد ٿيو تہ حبيب عجمي رحہ جي پنيان نماز ادا ڪرڻ. ڇاڪاڻ تہ هن جي نماز تنهنجي سڀني نمازن کان بهتر هئي. تـو الفاظ جي صحت جو خيال ڪيو، مگر نيت جي صحت جي طرف خيال نہ ڪيو. زبان جي درستي ۽ دل جي درستيء ۾ وڏو فرق آهي.

نقل آهي تـہ هڪ دفعي حسن بصري رحمت الله عليه حجاج جـي خوف کـان حضرت حبيب عجمي رحہ جـي جهوپڙيء ۾ تشريف فـرما ٿيا. سندن پنيان حجاج جا سپاهي آيا ۽ اچـي حبيب عجمي رحہ کان پڇيائون تہ حسن ڪٿي آهي؟ پاڻ ڪين فرمايائون تہ منهنجي جهوپڙيءجي اندر آهي. سپاهي هڪدم اندر گهڙي آيا مگر ڪنهن بـہ حسن بصري رحہ جن کي ڏسي ڪونہ سگهيو. حسن بصري رحہ خـود فرمايو آهي تـہ حجاج جي سپاهين ست دفعا مون تي هٿ رکيو

ليڪن ڪوبہ مونکي ڏسي ڪونہ سگھيو آخر سپاهين ٻاهر اچي حبيب عجمي رحہ جن کي چيو تہ حجاج وٽ جيڪا اوهان جي عـزت آهي ان جو بدلو هي هئڻ نہ گھرجي جـو حسن بصري رحہ کي بچائڻ خاطـر اوهان ڪوڙ ڳالهايو آهي انهيءَ تـي پاڻ ڪين فرمايائون تـہ مون سچ ڳالهايو آهي تـہ هو منهنجي جھوپڙيءَ اندر آهي، بلڪ مون سان گڏ ويٺل هو. جيڪڏهن توهان هن کي نٿا ڏسي سگھو تـہ اهو توهان جو قصور آهي نـہ منهنجو! دوباره سپاهين انـدر وڃي حسن بصري رحمت الله عليه کي تلاش ڪيو. مگر هن دفعي بـہ حسن بصري رحہ ڪنهن کي نظر نـہ آيو. آخر مجبور ٿي سپاهي هليا ويا. سپاهين جي وڃڻ کان پوءِ حسن بصري رحمت الله عليه جـڏهن ٻاهر تشريف فرما ٿيا تڏهن حبيب عجمي رحہ کي فرمايائون تہ واه صاحب واه! اوهان خـوب حق ادا ڪيو. اوهان تہ جيڪا مون کي پڪڙائي ڇڏيو ها. حبيب عجمي رحہ فرمايو تہ اوهان منهنجي سچ چوڻ جي بدولت ئي تـہ بچي ويا آهيو. پر جيڪڏهن مان ڪوڙ ڳالهايان ها تـہ اوهان سان گڏ مان بہ پڪڙيو وڃان ها. حسن بصري رحہ پڇيو تہ اوهان ڇا پڙهيو هيو؟ پاڻ فرمايائون تہ ڏهہ دفعا آيت الڪرسي، ڏهہ دفعا سورت اخلاص ۽ ڏهہ دفعا آمن الرسول ان کان پوءِ چيو هو تـہ يا الاهي مان حسن کي تنهنجي حوالي ڪريان ٿو تون ان کي محفوظ رکجانءِ.

نقل آهي تہ هڪ دفعي حسن بصري رحمت الله عليه ڪيڏانهن وڃـي رهيا هئا. جـڏهن دجلہ درياه جي ڪناري جي ويجهو پهتا تہ اتيري پر حبيب عجمي رحمت الله عليه بہ ڪنهن ٻئي طرف کان اتي اچي نڪتا. پڇيائون تہ استاد صاحب اوهان هت ڪيئن بيٺا آهيو؟ فرمايائون تـہ ٻيڙيءَ اچڻ پر ديـر ڪئي آهي ان جي انتظار پر بيٺو آهيان. اهو ٻـڌي پاڻ فرمايائون تـہ استاد صاحب اوهان ئي مون کي اهو پڙهايو هو، تہ دل منجهان ماڻهن لاءِ حسد ڪڍي ڇڏيو. دنيا جي محبت کي دل پر جڳهہ نـہ ڏيو. مضيبتن ۽ تڪليفن کي غنيمت سمجهو، ۽ سڀ ڪم خدا جي طرف کان سمجهڻ گھرجن. پوءِ پاڻيءَ مٿان قـدم رکي هلڻ لڳا. اٿين ايترو چئي پـاڻيءَ مٿان هلندي اکين کان غائب ٿي ويا. سندن اها حالت ڏسي حسن بصري رحمت الله عليه بيهوش ٿي ويا. جڏهن هوش پر آيا تڏهن ماڻهن ڪاڻس پڇيو تہ اوهان کي ڇا ٿيو؟ پاڻ فرمايائون تـہ حبيب عجمي رحہ مون کان علم سکيو ۽ مـون کي ملامت ڪندو پاڻيءَ مٿان قـدم رکندو هليو ويو. جڏهن قيامت جي ڏينهن باه واري رستي تان لنگھڻو پوندو ۽ اتان مان نہ لنگھي سگھيس تہ پوءِ ڇا ٿيندو! جڏهن حبيب عجمي رحمت الله عليه کان اهـو پڇيو ويو تـہ اوهان کي اهو مرتبو ڪٿان حاصـل ٿيو؟ فرمايائون تـہ مون کي اهو مرتبو دل کي سفيد ڪرڻ سـان مليو ۽ نـہ ڪاغذن ڪاري ڪرڻ سان.

حسن بصري رحمت الله عليه فـرمايو "علمي نفع غيري ولم ينفعني" يعني منهنجي علم

ڪان غيرن کي نفعو پهتو ليڪن مون کي ڪونه پهتو. هتي اهو شڪ نه رهي ته حبيب عجمي رحمت الله عليه جو رتبو حسن بصري رحمت الله عليه ڪان مٿي هو. ائين هرگز نه آهي. ڇاڪاڻ ته راه خدا ۾ علم ڪان وڌيڪ ڪنهن جو به درجو نه آهي. الله تعاليٰ جو ارشاد آهي ته "وقل رب زدني علماً".

مشائخن جي ڪلام ۾ ذڪر ٿيل آهي ته ڪرامت ۾ علم طريقت جي چوڏهين باب ۾ آهي ۽ علم ارڙهين درجن ۾.

ڇاڪاڻ ته ڪرامت عبادت جي گهٽائي ۽ فڪر الاهي جي زيادتيءَ ڪان ٿيندي آهي. ان جو مثال حضرت سليمان عليه السلامُ جي حال ۾ آهي ته جيتري قدر ڪين درگاه ايزديءَ ڪان درجو حاصل هو. اهو ڪنهن کي به حاصل ڪين هو. يعني ديو، پريون، پاڻي، باه، هوا، مينهن ڇرندا پرندا سڀئي سندن تابع ڪيا ويا هئا. پاڻ پکين ۽ جانورن جي ٻولين ڌائين واقف هئا ۽ سندن تخت کي هوا اڏاري کڻي ويندي هئي باوجود اهڙي عظمت جي به پاڻ صاحب ڪتاب ڪين هئا. توريت شريف به حضرت موسيٰ عليه السلام جن تي ئي خداوند وتعاليٰ جي طرفان نازل ٿيو هو.

نقل آهي ته هڪ دفعي امام حنبل رحمت الله عليه ۽ امام شافعي رحمت الله عليه ٻئي هڪ جاء تي تشريف فرما ٿيا. ايتري ۾ اتي حبيب عجمي رحه به اچي نڪتا امام حنبل رحه امام شافعي رحه کي چيو ته اچ ته هن ڪان ڪو سوال ڪريون. امام شافعي رحه فرمايو ته اهڙن ماڻهن ڪان سوال پڇڻ نه گهرجي ڇاڪاڻ ته هي ماڻهو انهيءَ جي قابل نه هوندا آهن. تنهن هوندي به حضرت حنبل رحه حضرت حبيب عجمي رحه کان پڇيو ته اوهان انهيءَ شخص جي حق ۾ ڇا ٿا چئو، جنهن جي هڪ وقت جي نماز گسي وئي هجي ۽ اهو نه ڄاڻندو هجي ته * انهيءَ نماز جي ادا ڪرڻ لاء ڇا ڪرڻ گهرجي.

پاڻ فرمايائون ته اهڙي شخص جي دل الله تبارڪ وتعاليٰ ڪان غافل هوندي آهي تنهن ڪري ان کي گهرجي ته ادب جو خيال رکي پنجن ئي نمازن ۾ قضا پڙهڻ گهرجي. امام حنبل رحمت الله عليه اهو ٻڌي حيران ٿي ويو پوء امام شافعي رحه فرمايو ته ڇا مان اوهان کي نه چيو هو ته اهڙن ماڻهن ڪان سوال نه پڇڻ گهرجي.

نقل آهي ته هڪ دفعي اوندهيءَ ۾ سندن هٿ مان سئي ڪري پيئي انهيءَ وقت اها جڳهه روشن ٿي وئي. ليڪن پاڻ پنهنجي ٻنهي اکين کي هٿن سان بند ڪري چوڻ لڳا نه- نه

---

* اها ڪهڙي نماز هئي.

مان ڏيڻي ڪان سواءِ سٽي هر گز نہ کولهيندس.

نقل آهي تہ ٽيهن سالن تائين پاڻ پنهنجي نوڪرياڻيءَ جو پوريءَ طرح چهرو ڪونہ ڏٺــو هوائــون. هڪ ڏينهن پنهنجي نوڪرياڻيءَ کي غير عــورت سمجهي ڪري چيائون تــہ اسان جي نوڪرياڻيءَ کي تہ سڏي اچ! ان چيو تہ مان ئي تــہ اوهان جي نوڪرياڻي آهيان. تنهن تي پــاڻ فرمايائون تــہ مون کي ٽيهن سالن کان اها جرآت نــہ پئي ٿي تہ مان پنهنجي خالق کــان سواءِ ڪنهن ٻئي غير کي ڏسان. ان ڪري مان تنهنجي چهري کي اڄ ڏينهن تائين ڪونہ ڏٺو آهي.

نقل آهي تہ پــاڻ هڪ ڪنڊ ۾ ويهي چئي رهيا هئا تــہ جو توتي خوش نــہ آهي ان کي گهرجي تہ ٻيءَ ڪنهن بــہ ڳالهہ تي خوش نــہ ٿئي. جنهن کي تو سان محبت نــہ آهي ان کي ڪنهن سان بہ محبت نہ هئڻ گهرجي. ان تي ماڻهن ڪائن پڇيو تــہ اوهان سيني سان قطع تعلقات ڪري گوشہ نشينيءَ ۾ گذاريو ٿا پڌايو تہ رضا ڇا ۾ آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ اهڙي دل جنهن ۾ ناق جو غبار نہ هجي.

جڏهن بہ سندن سامهون قرآن مجيد پڙهيو ويندو هو تہ پنڻ زار زار روئندا هئا. ماڻهن پڇيو تہ اوهان قرآن شريف جي معنيٰ بہ سمجهي نٿا سگهو تہ پوءِ ڇا لاءِ ٿا رئو؟ فرمايائون تہ جيتوڻيڪ مان عجمي آهيان ليڪن منهنجي دل تہ عربي آهي. هڪ درويش جو بيان آهي تہ مان ڪين بلند مرتبي تي پهتل ڏسي پڇيو تہ اوهان پاڻ تہ عجمي آهيو پوءِ هي مرتبو اوهان ڪيئن حــاصل ڪيو. غيب کان آواز آيو تہ بيشڪ حبيب، عجمي آهي ليڪن منهنجو حبيب آهي.

نقل آهي تہ ڪنهن قاتــل شخص کي ڦاسيءَ جي ســزا ملي ۽ انهيءَ رات ماڻهن هن کي ڏٺو تہ بهشتي پوشاڪ پايو جنت ۾ ڏاڍي مــزي سان گهمي ڦري رهيو آهي. پڇيائونس تہ تو تــہ قتل ڪيو هوجنهن جي ڏوهہ ۾ توکي ڦاسي ملي هئي پوءِ توکي هي رتبو ڪيئن حاصل ٿيو جنهن چيو تــہ جڏهن مون کي ڦــاسي ڏني پئي وئي تــہ ان وقت حبيب عجمي رحمت الله عليه جن ان رستي کــان لنگهي رهيا هئا. جن منهنجي طــرف ڏسي مون لاءِ دعا خير فرمائي. ان ڪري اهــو رتبو حضرت حبيب عجمي رحمت الله عليه جن جي دعا جي طفيل مون کي حاصل ٿيو.

* ذڪر حضرت ابو حازم مڪي رحمت الله عليه *

مخلص متقي، مقتداءِ صلحا، شمع سالڪين، صبح صادقين هئا. پاڻ مشاهدن ۽ مجاهدن ۾ بينظير ۽ وڏيءَ عمر جا بزرگ هئا. ۽ گهڻن مشائخن جا پيشوا ٿي گذريا آهن. ابو عثمان مڪي رحمت الله عليه حضرت جن جي شان جا بيحد مداح هئا. سندن ڪلام هر هڪ وٽ مقبول عام ۽ هر مشڪلات کان ڇوٽڪاري جو سبب هو. جنهن جو ذڪر ڪيترن ڪتابن ۾ آيل آهي. ڪنهن کي به انهن جو مطالعو ڪرڻو هجي ته هو انهن ڪتابن کي پڙهي سگهي ٿو. اسان هت صرف چند ڪلام تبرڪ جي طور تي پيش ڪريون ٿا.

پاڻ ڪيترن اصحابن رضي الله تعاليٰ عليهم اجمعين جي زيارت ڪئي هئائون. جيئن ته حضرت انس بن مالڪ ۽ حضرت ابو هريره رضي الله عنهم وغيره.

نقل آهي ته حضرت کان هشام بن عبدالمالڪ پڇيو ته اها ڪهڙي ڳالهه آهي جنهن جي بدولت اسان کي نجات نصيب ٿيندي؟ فرمايائون ته جيڪو پيسو وٺو سو حلال جو وٺو ۽ ان کي اهڙي نموني خرچ ڪريو جيئن اجايو ضايع نه ٿئي. هشام بن عبدالمالڪ چيو ته ائين ڪير ڪري سگهندو؟ ڪيس فرمايائون ته اهو ئي ائين ڪري سگهندو جيڪو دوزخ کان ڀڄندو رهندو ۽ بهشت جو خواهش مند هوندو. يعني الله جي مرضيءَ جو خواهان هجي. ان کان پوءِ وڌيڪ فرمايائون ته توهان لاءِ دنيا کان ڪناري ڪشي اختيار ڪرڻ لازمي آهي، ڇاڪاڻ ته قيامت جي ڏينهن اهڙي شخص جي اعمالن کي جنهن دنيا سان محبت رکي هوندي تنهن کي ظاهر ڪيو ويندو ۽ پڙهو گهمايو ويندو ته ڏسو، هي اهو شخص آهي جنهن دنيا جهڙيءَ حقير ۽ نا چيز کي عزيز ۽ محبوب رکيو هو. وڌيڪ فرمايائون ته دنيا ۾ اهڙي ڪا به شيءِ ڪانهي، جنهن کان اسين خوش رهي سگهون. پر جيڪڏهن ڪنهن شيءِ کان خوشي حاصل ٿيندي به ته نيٺ ضرور ان کان غم به نصيب ٿيندو. خاص خوشيءَ جو هن دنيا ۾ وجود ئي ڪونهي پر صرف ان جو نالو ئي آهي. فرمايائون ته دنيا جي ٿوري به مصروفيت آخرت کان غافل ڪري ڇڏيندي. فرمايائون ته مان سڀني شين کي ٻن شين ۾ محسوس ڪيو آهي. پهريون ته جيڪا چيز منهنجي لاءِ آهي مان ان کان ڪيترو به پري ڀڄندس ته اها ضرور منهنجي طرف ايندي ۽ ٻي اها شيءِ جيڪا ٻين لاءِ آهي پوءِ ان لاءِ مان ڪيڏي به ڪوشش ڪندس ته اها منهنجي هٿ هر گز نه ايندي. فرمايائون ته جيڪڏهن مان دعا کان محروم رهجي وڃان ته مون کي ان جي محروميءَ لاءِ اهتري تڪليف يا ڏک نه ٿيندو. جيترو ان جي نه قبول ٿيڻ جو ٿيندو.

فرمايائون تہ اسان هڪ اهڙي عالم ۾ مبتلا ٿي ويا آهيون جو فعل ڪي ڇڏي قول تي راضي ٿي رهيا آهيون يعني عمل ڪي ڇڏي صرف علم تي خوش ٿي رهيا آهيون. تنهن ڪري گهرجي تہ بچڙاين ڪي ڇڏي نيڪ بڻجي وڃڻ گهرجي ۽ حلال روزگار جي تلاش ۾ رهجي. ڪنهن شخص ڪانئن دريافت ڪيو تہ اوهان ڪهڙي حال ۾ آهيو؟ فرمايائون تہ الله جي رضا ۽ خلق ڪان بي پرواهي ٿي منهنجو حال آهي. جو شخص الله تبارڪ وتعاليٰ جي رضا تي راضي رهي ٿو اهو خلقت ڪان بي نياز ٿي وڃي ٿو. پاڻ دنيا ڪان ايتري قدر تہ بي نياز هئا جو هڪ ڏينهن هڪ گوشت واري جي دڪان تان جنهن جي دڪان تي ڏاڍو سٺو گوشت رکيل هو گذو ٿيو. پاڻ گوشت ڪي ڏٺائون جنهن تي قاصائيءَ چيو تہ منهنجو گوشت ڏاڍو عمدو آهي ۽ اوهان ڪي ضرور وٺڻ گهرجي. پاڻ ڪيس فرمايائون تہ مون وٽ گوشت خريد ڪرڻ جيترا پيسا ڪين آهن. جنهن تي دڪاندار چيو تہ مان اوهان تي اوڌر رکڻ لاءِ تيار آهيان. اهو ٻڌي فرمايائون تہ مان تہ پنهنجو پاڻ تي ٿي اوڌر رکندو آهيان. ان تي قاصائيءَ چين تہ اوهان جا تہ هڏا بہ نڪري آيا آهن. پاڻ فرمايائونس تہ پوءِ پلا قبر جي ڪيڙن لاءِ تہ ڪافي آهيان.

هڪ بزرگ ڪان روايت آهي تہ مان حج جو ارادو ڪيو ۽ بغداد پهچي حضرت حازم رحمت الله عليه جي زيارت لاءِ سندن خدمت ۾ حاضر ٿيس. پر مان ڪين ڏٺو تہ پاڻ آرام فرما هئا. جڏهن بيدار ٿيا تہ فرمايائون تہ مان اڄ خواب ۾ جناب رسالت ماب حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي زيارت ڪئي آهي ۽ حضور انور صلي الله عليه وسلم جن تنهنجي لاءِ پيغام ڏنو آهي، جنهن ۾ فرمايو اٿن تہ تون پنهنجي ماءُ جي حق جي حفاظت ڪر، ڇاڪاڻ تہ تنهنجي حج ادا ڪرڻ ڪان وڌيڪ توتي ان جو حق آهي. تنهن ڪري تون وڃ ۽ وڃي پنهنجي والدين جو رضامندو حاصل ڪر. هي ٻڌي اهو بزرگ اتان ٿي موٽي واپس آيو ۽ پنهنجي والدين جي خدمت ۾ سندن رضا جو طلبگار بڻجي ويو.

ذڪر حضرت عتبہ بن انعلام رحمت الله عليه

حضرت عتبہ رحمت الله عليه خدا جي مقبول بندن مان هڪ هئا. سندن روش عجيب هئي پاڻ حضرت خواجہ حسن بصري رحمت الله عليه جن جا شاگرد هئا سڀ ماڻهو سندن بزرگيءَ جي تعريف ڪندا هئا.

هڪ دفعي درياه تي آيا ۽ ان ۾ گهڙي پاڻيءَ مٿان هلڻ لڳا. حسن بصري رحمت الله عليه جن اهو ڏسي عجب ۾ پئجي ويا ۽ ڪانئن پڇيو تہ اوهان کي هي رتبو ڪيئن حاصل ٿيو؟ پاڻ جواب ڏنائون تہ اوهان ٽيهن سالن کان ان ڳالهہ تي عمل ڪري رهيا آهيو جنهن جو اوهان کي حڪم ڏنو ويو آهي پر مان اهو ڪم ڪندو رهيو آهيان جيڪو "اهو" چاهيندو آهي. يعني مان الله تعاليٰ جي قبوليت ۽ رضا جو پابند آهيان.

حضرت عتبہ رحمت الله عليه جن جي توبہ جو سبب هن طرح نقل ڪيو ويو آهي تہ منڍ ۾ پاڻ هڪ خوبصورت عورت کي ڏسي دل و جان سان مٿس عاشق ٿي پيا. ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان ان عورت کي بہ حضرت عتبہ رحہ جي پاڻ تي عاشق ٿيڻ جي خبر پئجي ويئي. انهيءَ عورت کين چوائي موڪليو تہ اوهان منهنجي ڪهڙيءَ شيءِ کي ڏسي عاشق ٿيا آهيو؟ پاڻ ان ڏانهن چوائي موڪليائون تہ مان تنهنجي فقط اکين کي ڏسي دل قرباني ويٺو آهيان. اهو ٻڌي انهيءَ نيڪ بخت ۽ شريف عورت پنهنجون ٻئي اکيون ڪڍي خونچي ۾ رکي پنهنجي نوڪرياڻيءَ جي هٿ حضرت عتبہ رحہ ڏانهن ڏياري موڪليون ۽ چوائي موڪليو تہ جنهن شيءِ تي اوهان عاشق ٿيا آهيو اها شيءِ اوهان جي خدمت ۾ موڪليان ٿي. جڏهن پاڻ اها ماجرا ڏٺائون تہ هن دل تي هڪ قسم جي ڪيفيت طاري ٿي وئي ۽ فورن خواجہ حسن بصري رحمت الله عليه جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي توبہ ڪيائون. ان کان پوءِ رياضت ۾ ايتري قدر تہ مصروف ٿي ويا جو پنهنجي هٿن سان اناج پوکيندا هئا ۽ پاڻ ئي ڪٽي سٽي صاف ڪري اَن ڪڍي پينهين اَن مان ماني پچائي کائيندا هئا. پاڻ هڪ هفتي ۾ صرف هڪ ئي مانيءَ تي گذارو ڪندا هئا. سندن عبادت جو اهو حال هو جو هفتي جا ست ئي ڏينهن لڳا تار عبادت الاهيءَ ۾ مشغول رهندا هئا. اٺين ڏينهن گهر ويندا هئا. فرمائيندا هئا تہ هفتي ۾ هڪ دفعو گهر ويندي بہ مون کي ڪراماً ڪاتبين کان شرم ٿو اچي.

نقل آهي تہ سرديءَ جي موسم ۾ هڪ جاءِ تي سنهو ڪپڙو پاتو بيٺا هئا تہ بہ پگهر ۾ تر ٿيا پيا هئا. ڪانئن پڇيو ويو تہ هڙيءَ ٿڌيءَ منڌ ۾ پگهر اچڻ جو مطلب ڇا آهي؟ پاڻ

فرمايائون تہ هڪ دفعي ڪي ماڻهو مهمان جي حيثيت ۾ مون وٽ آيا. انهن منهنجي پاڙي واري جي پٽ مان مالڪ جي اجازت کان سواءِ مٽي ڪنئي هئي. تنهن ڪري مان جڏهن بہ ان پٽ کي ڏسندو آهيان تہ شرم وچان پگهرجي ويندو آهيان جيستائيڪ جاءِ جي مالڪ انهيءَ غلطيءَ کي معاف نہ ڪري ڇڏيو آهي.

هڪ دفعي ماڻهن عبدالواحد زيد رحہ کان پڇيو تہ اوهان اهڙي شخص کي بہ سڃاڻندا آهيو جيڪو غفلت کان بي نياز ٿي پنهنجي حال ۾ مشغول هجي. حضرت عبدالواحد زيد رحمت الله عليہ فرمايو تہ هائو مان اهڙي شخص کي سڃاڻندو آهيان. اهو شخص هاڻي اچڻ وارو آهي. ايتري ۾ حضرت عتبہ بن الغلام رحمت الله عليہ تشريف فرما ٿيا. کانئن پڇيو ويو تہ اوهان رستي ۾ ڪنهن کي ڏٺو ڇا؟ پاڻ فرمايائون تہ نہ! مون ڪنهن کي بہ ڪونہ ڏٺو. حالانڪ پاڻ سون ماڻهن وچان لنگهي آيا هئا پر سندن ڌيان ڪنهن بہ طرف نہ ويو هو.

نقل آهي تہ پاڻ ڪڏهن بہ سٺو کاڌو ڪونہ کائيندا هئا. سندن والده محترمہ کين چوندي هئي تہ ٻچا پنهنجي حال تي ڪجهہ رحم تہ کاءُ پاڻ کيس عرض ڪيائون تہ مان جان تي رحم ڪندو آهيان پر ڪجهہ ڏينهن جي تڪليف برداشت ڪرڻ کان پوءِ دائمي راحت حاصل ڪندس.

نقل آهي تہ هڪ دفعي ساري رات جاڳي بارگاه الاهيءَ ۾ عرض ڪندا رهيا تہ يا الله‌العالمين چاهي تون مون کي عذاب ۾ مبتلا ڪري ڇڏين تہ بہ مان توسان محبت ڪريان ٿو.

روايت آهي تہ هڪ رات پاڻ خواب ۾ هڪ جنت جي حور کي ڏٺائون جا چئي رهي هئي تہ اي عتبہ! مان توتي عاشق ٿي پيئي آهيان ڏس! اهڙو ڪم هرگز نہ ڪجانءِ جو تنهنجي منهنجي وچ ۾ جدائيءَ جي صورت پيدا ٿي پوي. پاڻ کيس فرمايائون تہ مان دنيا کي ٽي طلاق ڏيئي ڇڏي آهي تنهن ڪري مان هرگز ان جي طرف نہ ڏسندس. جيستائين مان توسان اچي نہ ملان.

هڪ ماڻهوءَ سندن خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو تہ ماڻهو مون کان اوهان جي حال بنسبت پڇا ڪن ٿا. اوهان مون کي ڪا ڪرامت ڏيکاريو تہ جيئن مان انهن کي جواب ڏيئي سگهان. پاڻ فرمايائون تہ تون ڇا ٿو ڏسڻ گهرين؟ هن چيو تہ مان تازيون ڪارڪون ڏسڻ گهران ٿو. حالانڪ انهيءَ وقت سردي جي موسم هئي ۽ ڪارڪن جو ملڻ هڪ ناقابل اعتبار ڳالهہ هئي پاڻ ان جي خواهش ٻڌي چيائون تہ هي وٺ ۽ هڪ تازو ڪارڪن جو خوشو (ڇڳو) کيس ڏنائون.

نقل آهي تہ هڪ دفعي حضرت محمد سماڪ ۽ زوالون رحمت الله عليہ حضرت رابعہ بصري

وٽ وينا هئا تہ ايتري ۾ حضرت عتبہ رحمت الله عليه جن بہ اتي اچي نڪتا. پاڻ ان وقت نئون ڪڙتو پهريل هئا ۽ وڏي ناز سان هلي رهيا هئا. محمد سماڪ ڪانئن پڇيو تہ هيءَ رفتار ڪهڙي قسم جي آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ اهڙي رفتار ڇونہ هجي جڏهن تہ منهنجو نالو غلام جبار جو آهي پوءِ ان سان ڇونہ فخر ڪريان. ائين چئي، ڪري پيا ۽ بيهوش ٿي ويا. جڏهن ڪين ماڻهن ڏٺو تہ سندن روح قفس عنصريءَ مان پرواز ڪري چڪو هو. وفات کان بعد ماڻهن کين خواب ۾ ڏٺو تہ سندن منهن جو اڌ حصي جو رنگ ڪارو هو. پڇيو ويو تہ ائين ڇو؟ فرمايائون تہ هڪ ڏينهن پنهنجي استاد وٽ وڃي رهيو هوس تہ مان هڪ نوجوان ڇوڪر کي صرف هڪ نظر سان ڏٺو تنهن ڪري مرڻ کان بعد فرشتا جڏهن مون کي جنت جي طرف وٺي وڃي رهيا هئا ان وقت دوزخ کان پار لنگهڻ جي دوران هڪ نانگ ڏنگ هنيو ۽ چيائين تہ صرف هڪ نظر جي بدلي ڏنگ هنيو آهي پر جيڪڏهن زياده نظر ڪرين ها تہ زياده ڏنگيو وڃي ها.

والله اعلم بالصواب.

● ذڪر حضرت رابعہ العدويہ رحمها الله عليه ●

پاڻ ستر اخلاص عورت، پرده نشين، الله تعاليٰ جي عشق ۾ سڙيل، پروردگار جي قرب سان پُريل ۽ مريم ثاني هئي.

ڪوئي هي اعتراض ڪري تہ مردن ۾ عورتن جو احوال ڇو بيان ڪيو ويو تہ مان چوندس تہ حضور پرنور صلي الله عليه وسلم جن جو ارشاد آهي تہ "ان الله لا ينظر اليٰ صورڪم وللڪن ينظر اليٰ قلوبڪم ونباتڪم" يعني ڪم جو مدار صورت تي منحصر نہ آهي، بلڪ نيت تي ٻڌل آهي جيڪڏهن دين جو ٽيون حصو حضرت عائشہ رضي الله تعاليٰ عنها کان حاصل ڪرڻ جائز آهي تہ حضور پرنور صلي الله عليه وسلم جن جي خادميائين کان بہ ديني فائدو حاصل ڪرڻ جائز آهي. بهرحال پاڻ صاحبہ بہ خدا جي راه ۾ مرد هئي.

عباسيہ طوطي رحمت الله عليه جو قول آهي تہ قيامت جي ميدان ۾ جڏهن پڪاريو ويندو "اي مردان خدا" تہ سڀ کان پهريائين جناب حضرت مريم عليه السلام نڪري ايندي.

جڏهن رابعہ بصري، حضرت خواجہ حسن بصري رحمت الله عليه جي مجلس وعظ ۾ تشريف فرما ٿيندي هئي تہ پاڻ وعظ کي بند ڪري ڇڏيندا هئا. ان ڪري مان بہ حضرت رابعہ بصري جو ذڪر مردن ۾ ڪيو آهي.

في الواقعہ ڏٺو وڃي تہ هي فرقو اهڙو آهي جو انهن سڀني کي توحيد سان مناسبت آهي.

توحيد ۾ ادنيٰ يا اعليٰ، اوچ يا نيچ مرد يا عورت جو فرق ڪونہ هوندو آهي. تنهن ڪري اهـا زيـادتي ٿيندي جيڪڏهن اهڙين عـورتن ڪي نظر انـداز ڪيو وڃي يـا انهن لاءِ نفرت جو اظهار ڪجي جيڪي تـوحيد پرست ۽ مـوحد آهن. ان ڪري مرد ۽ عورت لاءِ بہ ڪو فرق هئڻ نـہ گهرجي. خـواه ڪير بہ هجي الله جي نظر ۾ سڀ هڪ آهن. جيئن تـہ ابو فارمدي رحمت الله عليہ فرمايو آهي تـہ نبوت عين عزت ۽ بلندي آهي ان ۾ ڪنهن بـہ ڪمي پيشيءَ جي ڳالهہ ئي ڪانهي. ولايت جو حال بہ اهڙيءَ طرح آهي.

حضرت رابعہ بصري پنهنجي زمـاني ۾ معرفت الاهيءَ ۾ بينظير هئي ۽ اهـل زمـاني جي بزرگ شخصن لاءِ قاطع محبت هئي.

نقل آهي تہ جنهن رات بيبي صاحبہ جن پيدا ٿيا، ان رات سندن والدين وٽ ايترو تيل بـہ ڪونہ هو جو ڏيئو ٻاري گهر کي روشن ڪن. هو ايتري قدر تـہ غريب ۽ مفلس هئا جو وٽـن ڪپڙي لٽرو بـہ ڪين هو جـو حضرت رابعہ بصري رحہ کـي پيدا ٿيڻ وقت ويڙهي ڇڏن. حضرت رابعہ بصري کان اڳ ڪين ٽي نياڻيون پيون بـہ هيون پاڻ سندن چوٿين نياڻي هئي، ان ڪري مٿن رابعہ نالو رکيو ويو.

نقل آهي تہ جڏهن رابعہ بصري رحہ پيدا ٿي تڏهن سندن ماءُ پنهنجي خانوند کي چيو تـہ گهر ۾ انڌيرو آهي پاڙي واري کان ٿورو تيل ذرو وٺي اچو تہ ڏيئو تـہ ٻاريون. بيبي صاحبہ جو پيءُ پاڙي واري جي گهر ويو پر ان جو دروازو بند هـو ۽ مايوس ٿـي موٽي آيو. انهيءَ غـم ۾ ڪيس ننڊ اچي ويئي ۽ انهيءَ دم خـواب ۾ حضور پرنـور صلي الله عليه وسلم جن کي ڏٺائين. حضور جن ڪيس فرمائي رهيا هئا تہ انهيءَ ڌيءَ جي پيدا ٿيڻ تي غمگين نہ ٿيءُ اها اهڙي هستي آهي، جڏهن جي شفاعت سان منهنجي اُمت جا ستر هـزار شخص بخشيا ويندا. پوءِ فرمايائون تـہ هيءَ ڳالهہ لکي ڇڏ ۽ امير بصره وٽ کڻي وڃي ان کي چئہ تـہ تون هر رات سو مرتبہ حضور پرنور صلي الله عليه وسلم جن تي درود شريف پڙهندو رهندو آهين ۽ جمع جي رات چار سو دفعہ. مگر گذريل جمع رات اوهان درود شريف پڙهڻ ۾ ناغو ڪيو آهي. ان جي ڪفاره ۾ چـار سو حلال جا دينار مـون کي ڏي. بيبي صاحبہ جن جي والد محترم جڏهن اهو خواب ڏٺو تـہ صبح جو اٿندي ئي ڪاغـذ تي لکي ڇڏيائين ۽ هڪ ٻانهي جـي معرفت امير بصره کي پيش ڪيائين امير بصره اهو ڪاغـذ ڏسندي ئي پنهنجي خادمن کي حڪم ڏنو تـہ حضور پرنور صلي الله عليه وسلم جـن مون کي يـاد فرمايو آهـي. تنهن ڪري انهيءَ شڪراني ۾ يڪدم ڏهہ هـزار درهم درويشن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيو ۽ چار سو دينار هن ڪاغذ آڻيندڙ کي ڏيئي عـزت ۽ احترام سان مون وٽ وٺي اچو تـہ جيئن مان ان جي زيارت ڪريـان ۽ سندس قدمن سـان پنهنجي آستان کي

منور ڪريان. مطلب تہ بيبي صاحبہ جن جي والد بزرگوار جي امير بصره نهايت بيحد عزت ڪئي ۽ چيائين تہ توهان ڪي قسم آهي خدا جو تہ جڏهن بہ توهان کي ڪنهن شيء جي ضرورت پوي تہ مون کي آگاه ڪندا ڪريو. پر جيئن تہ توهان رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جو پيغام آندو آهي تنهن ڪري انهيءَ بزرگيءَ جي باعث مان نٿو چاهيان تہ توهان مون وٽ اچو، بلڪ مان ئي توهان جي خدمت ۾ ايندو رهندس. مطلب تہ بيبي صاحبہ جن جي والد ماجد چار سو دينار وٺي گهر آيو ۽ ضرورت جي مطابق سڀ خرچ ڪري ڇڏيائين. جڏهن بيبي صاحبہ جن ڪجهہ وڏا ٿيا تہ سندن والد محترم هن دنيا مان موڪلائي ويو ۽ قحط ساليءَ جي سببان سندن پنهنجون ڀينرون بہ جدا ٿي ويون. آخر ڪين اڪيلو ڏسي هڪ ظالم ڪين پڪڙي، پنهنجي ٻانهي بڻائي ڪجهہ درهمن ۾ وڪڻي ڇڏيو. خريدار ڪين گهر وٺي آيو ۽ سخت ۾ سخت بيداريءَ سان ڪم وٺڻ لڳو. هڪ دفعي ڪنهن ڪم جي لاءِ ٻاهر وڃي رهي هئي تہ ان وقت ڪنهن غير مرد کي سامهون ايندو ڏسي رستي کان پاسي ٿيڻ وقت ڪري پيئي ۽ ڪرڻ سان سندن هٿ کي سخت چوٽ لڳي بلڪ هٿ ڀڄي پيو. ان وقت پاڻ خاڪ تي سربسجود ٿي دعا گهريائون تہ الاه العالمين! جيتوڻيڪ مان غريب بي يارو مددگار ۽ دست شڪستہ آهيان مگر مون کي انهيءَ جي ڪا پرواه نہ آهي. مان صرف تنهنجي رضا جي طالبہ آهيان. ايتري ۾ غيب کان آواز آيو تہ اي رابعہ! غم نہ ڪر. سڀاڻي تنهنجو اهو رتبو ٿيندو جو آسمان جا فرشتا بہ توتي حسد ڪندا. ان آواز ٻڌڻ کان پوءِ پاڻ بيحد خوش ٿي ۽ اتان اٿي پنهنجي مالڪ جي گهر آئي. پاڻ هميشه روزو رکندي هئي ۽ سڄو ڏينهن پنهنجي مالڪ جي گهر جو ڪم ڪار ڪندي هئي. ساري رات الله تبارڪ وتعاليٰ جي عبادت ۾ مشغول رهندي هئي. هڪ رات، سندن مالڪ جي جڏهن ننڊ مان اک کلي، تہ ڏهن ڪيس محسوس ٿيو تہ گهر ۾ ضرور ڪو ماڻهون آهي ان ڪري هو هوشياريءَ سان هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو. ڏٺائين تہ سندس خادمہ (بيبي رابعہ) سجدي ۾ سر رکيو هيئن چئي رهي آهي تہ اي پروردگار! توکي هيءَ ڳالهہ تہ بخوبيءَ معلوم آهي تہ منهنجي هر هڪ خواهش تنهنجي رضا جي مطابق آهي. منهنجي اکين جي روشني بہ تنهنجي فرمانبرداري لاءِ آهي، جيڪڏهن مان آزاد هجان ها تہ هڪ پل بہ تنهنجي عبادت کان سواءِ آرام نہ ڪريان ها. ليڪن تو مون کي غلام بڻائي ڇڏيو آهي تنهن ڪري سان سڄو ڏينهن پنهنجي آقا جي خدمت ۾ مصروف رهڻ جي سبب تنهنجي ڏينهن جو عبادت ڪري نٿي سگهان. بارگاه الاهيءَ مان بيبي صاحبہ جن کي اهڙي دعا گهرندو ڏسي سندس مالڪ ڇرڪي ويو جڏهن چڱي طرح اکيون کولي ڏٺائين تہ بيبي صاحبہ جي مٿن کان هوا تي هڪ روشن چراغ بيٺل هو اها حالت ڏسي مالڪ اٿي ويٺو ۽ پنهنجي دل ۾ سوچيائين تہ اهڙيءَ نيڪ بخت عورت کان گهر جو

ڪم ۽ پنهنجي خدمت ڪرائڻ منهنجي لاءِ شرم جي ڳالهه آهي اهڙيءَ بزرگ ۽ صالح عورت جي خدمت ڪرڻ اسان کي ڪي ٿي جڳائي. صبح جو اٿندي ئي گهر جي مالڪ بيبي رابعه بصري رحه کي آزاد ڪري عرض ڪيو ته خدارا مون کي معاف ڪجو. اڄ تائين مون کي اوهان جي نيڪ بختي ۽ خدا پرستيءَ جي خبر ڪانه هئي. هاڻي جيڪڏهن هن گهر ۾ رهڻ گهرو ته به پنهنجو ئي گهر سمجهو ڇو ته اسان سڀئي تنهنجي خدمت ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. ٻيءَ صورت ۾ اوهان کي ڪلي اختيار آهي، جيڪي اوهان کي وڻي سو ڪريو. منهنجي طرف کان اوهان هر طرح سان آزاد آهيو. ليڪن بيبي صاحبه اتي رهڻ پسند نه ڪيو ۽ پنهنجي مالڪ جو شڪريه ادا ڪري اتان نڪري، عبادت الاهيءَ ۾ مصروف ٿي ويئي.

نقل آهي ته هڪ ڏينهن ۽ رات ۾ پاڻ هڪ هزار رڪعتون نماز پڙهندي هئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن حضرت حسن بصري رحمت الله عليه جن جي مجلس وعظ ۾ تشريف فرما ٿيندي هئي، پاڻ ان جي حد کان وڌيڪ عزت ۽ احترام ڪندي هئي. ڪن لکيو آهي ته پهرياتين بيبي صاحبه ڳائڻ وڄائڻ جو ڪم ڪندي هئي ۽ بعد ۾ توبهه ڪري جهنگ ۾ وڃي عبادت الاهيءَ ۾ مشغول ٿي ويئي.

هڪ دفعي پاڻ حج تي وڃڻ جو ارادو ڪيائون سو گڏه تي سامان رکي جهنگ جي طرف روانو ٿي. رستي ۾ سندن گڏه مري ويو. ڪيترن ماڻهن ڪيس چيو ته هي پنهنجو سامان اسان کي ڏيو ته اسان کڻائي هلون. پاڻ انهن کي فرمايائون ته مان توهان جي ڀروسي تي ڪونه نڪتي آهيان. جڏهن قافلو نڪري ويو ته پاڻ اڪيلي ٿي رهجي ويئي ۽ ان وقت بارگاه الاهيءَ ۾ عرض ڪيائين ته غريبن ۽ بي ڪسن سان بادشاه ائين ڪندا آهن! منهنجو گڏه به ماري ڇڏيو ۽ مون کي هن جهنگ ۾ به اڪيلو ڪري ڇڏيو. اڃان پاڻ عرض ڪري ئي رهي هئي ته سندن مئل گڏه جيئرو ٿي پيو. پاڻ ان تي سامان رکي اڳتي روانه ٿي.

راوي روايت ٿو ڪري ته ڪيتريءَ مدت کان پوءِ انهيءَ ساڳئي گڏهه کي وڪامندي ڏٺو ويو.

جڏهن بيبي صاحبه مڪي شريف جي قريب پهتي ته پاڻ پرواري جهنگ ۾ رهي پيئي ۽ بارگاه الاهيءَ ۾ عرض ڪيائين ته اي الاه العالمين! منهنجي دل رنجيده ٿي آهي. مان ڪيڏانهن وڃان هتي ته فقط مٽيءَ ۽ پٿر جو گهر نهيل آهي. مان ته صرف تنهنجي ئي طالبه آهيان.

بارگاه الاهيءَ جي طرفان رابعه بصري رحه جي دل تي القاءُ ٿيو ته ” اي رابعه! تو انارهن عالم ڏنا آهن. ڇا تو ڪين ڏٺو ته موسيٰ عليه السلام منهنجي ديدار جي تمنا ڪئي هئي ته هن منهنجي ذري برابر به تجلي (جنهن پهاڙ کي چاليهه ٽڪرا ڪري ڇڏيو هو) تنهن کي به

ڏسي ڪين سگهيو.

نقل آهي ته هڪ دفعو وري رابعه بصري حج تي وڃڻ جو ارادو ڪيو. جهنگ ۾ ڇا لي ڏسي ته ڪعبو مڪرم سندس استقبال لاءِ اچي رهيو آهي. اهو ڏسي رابعه بصري چيو ”مونکي گهر جي ضرورت ڪانهي. مون کي گهر جي مالڪ جي ضرورت آهي. ڪعبي جي جمال کي ڏسي ڇا ڪنديس مون کي ان جي ڏسڻ جو حوصلو ڪونهي. مون کي ته ”من تقرب الي شبراً تقربت اليه ذراعا“ يعني منهنجي طرف جيڪو هڪ گرانٺ وڌندو مان ان جي طرف هڪ گز وڌندس“ جو استقبال گهرجي. تنهن ڪري جنهن صورت ۾ مون ۾ ڪعبي جيتري قوت آهي ان صورت ۾ ڪعبي جي زيارت ڪرڻ مان ڪهڙي خوشي ٿيندي.

نقل آهي ته حضرت ابراهيم ادهم رحمت الله عليه چوڏهن سال پيادل هلي ڪعبي شريف تائين پهتا. رستي تي دل ۾ اهو ارادو ڪيائون ته زيارت ڪندڙ ماڻهو پيرين پنڌ هلي مڪي معظم ۾ پهتا آهن. ليڪن مان اڪين سان پنڌ ڪندي هتي حاضر ٿيو آهيان. اهو خيال ڪري ڪعبةالله شريف تائين پهچڻ لاءِ هر قدم تي ٻه رڪعتون نماز پڙهندا جڏهن اتي پهتا ته ڏٺائون ته ڪعبو اتي هو ئي ڪين. دل ۾ خيال ڪيائون ته شايد ڪعبةالله فقط مون کي نظر نٿو اچي مبادا منهنجي اڪين جي بينائي نه ختم ٿي ويئي هجي. اجان پاڻ انهيءَ فڪر ۾ ئي هئا ته غيب کان آواز آيو ته تنهنجون اکيون بلڪل روشن آهن ڪعبو اتي آهي ئي ڪونه بلڪ ان ضعيف جي استقبال لاءِ ويل آهي جيڪا ڪعبي جي طرف اچي رهي آهي حيران ٿي ڪري حضرت ابراهيم ادهم عرض ڪيو ته اي الله! اها ڪير آهي؟ ايتري ۾ ڏٺائون ته حضرت رابعه بصري رحمها الله تعالي لٺ هٿ ۾ ڪنيو اچي رهي آهي. ان جي اچڻ ئي ڪعبو شريف ڪين نظر اچڻ لڳو. رابعه بصري رحه کي ڏسي پاڻ فرمايائون ته اي رابعه! تو هي دنيا ۾ ڪهڙو شور مچائي ڏنو آهي رابعه بصري رحه فرمايو ته شور ته توهان مچائي ڏنو آهي جو چوڏهن سالن ۾ هت پهتا آهيو.

حضرت ابراهيم ادهم رحمت الله عليه فرمايو ته بيشڪ مان ايترو عرصو ڪعبي جي مالڪ جي نماز ۾ مصروف هوس. انهيءَ تي رابعه بصري رحه فرمايو ته اوهان نماز ۾ مصروف رهيا ۽ مان نياز ۾.

ان کان پوءِ وري بيبي صاحبه حج جو ارادو ڪيو ۽ ڪڙ ڪڙائيندي رئندي بارگاه الاهيءَ ۾ عرض ڪيائين ته اي خداوند ڪريم! تو حج تي ٻه نيڪي عطا ڪرڻ جو وعدو ڪيو آهي ۽ مصيبت تي صبر ڪرڻ واريءَ حالت ۾ ٻه نيڪيءَ جو وعدو ڪيو آهي جيڪڏهن منهنجو حج قبول نه پوي ته مصيبت جو ئي ثواب عطا فرماءِ. ڇاڪاڻ ته تڪليف گهڻي برداشت ڪئي آهي. ان کان بعد پاڻ بيبي صاحبه واپس موٽي آئي ۽ عبادت ۾ مشغول ٿي ويئي. پوءِ فرمايائون

تہ اڳئين سال ڪعبت الله منهنجو استقبال ڪيو هو. تنهن ڪري هاڻي هن سال ڪعبت الله شريف جو مان استقبال ڪنديس. آخر جڏهن صبح جو وقت آيو تہ پاڻ جهنگ جي طرف روانہ ٿي ويئي. شيخ ابو فارمدي فرمائين ٿا تہ ستن سالن تائين پيرين پنڌ، پاسن پر رڙهندي رڙهندي جڏهن عرفات تي پهتي تہ غيب کان آواز آيو تہ اي دعويٰ ڪندڙ! هيءَ ڪهڙي قسم جي طلب آهي؟ اها خواهش ظاهر ڪر تہ مان هڪ معمولي تجلي ڪريان. عرض ڪيائين تہ اي منهنجا پروردگار عالم!، عزت جا مالڪ!، مان غريب رابعہ کي ايتري طاقت ڪانهي. مان فقط فقر جو هڪ نڪتو چاهيان ٿي. وري غيب کان هاتفي آواز آيو تہ فقر تہ اسان جو قهر آهي جو مردن جي راه ۾ رکي ڇڏيو آهي. اسان جي وصال تائين پهچڻ لاءِ جڏهن وار برابر رهجي ويندو تڏهن فراق کان تبديل ٿي ويندو. تون اڃان ستر پردن ۾ آهين. جيستائين انهن کي طي ڪري نہ وٺندينءَ تيستائين فقر حاصل ڪري نہ سگهندينءَ. يعني اسان جي راه ۾ قدم رکي ڪين سگهندينءَ پر ٿورو مٿي جي طرف تہ ڏس. جڏهن پاڻ مٿي نظر ڪيائون تہ هوا ۾ خون جو درياه وهندي ڏٺائون. پوءِ آواز آيو تہ، هي اسان جي عاشقن جي اکين جو خون آهي. جو اسان جي طلب ۾ نڪتا ۽ ڀرئينءَ ٿي منزل ۾ ائين گم ٿي ويا جو سندن نانءُ نشان بہ ڪونہ رهيو. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ اي خداوند ڪريم! پنهنجي طالبن جي هڪ صفت تہ مون کي ڏيکار. ائين چئي اڃان بس ڪيائون تہ ان وقت کين ماهواري اچڻ شروع ٿي ويئي. هاتفي آواز ٿيو تہ انهن جو پهريون مقام هي آهي، جو ست سال پاسي پر رڙهندا، تڪليفون برداشت ڪندا محض انهيءَ ارادي سان اچن ٿا تہ منهنجي طلب جي راه ۾ هڪ مٽيءَ ۽ پٿر جي ٿي زيارت ڪن. مگر هت اچڻ کان پوءِ بہ ڪنهن نہ ڪنهن سبب ان جي زيارت ڪرڻ کان محروم رهجي وڃن ٿا. انهيءَ تي پاڻ گهبرائي، ۽ عرض ڪيائين تہ يا الاهي! تون مردن کي نہ پنهنجي گهر ۾ جڳهہ ڏين ٿو ۽ نہ بصري ۾. مون کي بہ پنهنجي گهر ۾ رهڻ ڏي يا بصري ۾. مان تہ شروع کان ئي تنهنجي گهر جي خواهش ڪونہ ڪندي هيس. مان تہ صرف توکي ئي چاهيندي آهيان. بس هاڻي مان تنهنجي گهر جي لائق نہ رهي آهيان. ائين چئي واپس بصري ۾ موٽي آئي ۽ عبادت خانہ اندر اعتڪاف ۾ ويهي رهي.

روايت آهي تہ هڪ دفعي بہ بزرگ بيبي رابعہ بصري جي زيارت لاءِ آيا انهن ٻنهي بزرگن کي ان وقت ڏاڍي بک لڳي هئي. خيال ڪيائون تہ جيڪڏهن بيبي صاحبہ کاڌي لاءِ ڪجهہ ڏنو تہ اهو کائيندا سين. ڇاڪاڻ تہ هن جو کاڌو حلال هوندو. جڏهن سندن خدمت ۾ پيش ٿيا تہ بيبي صاحبہ سندن اڳيان بہ مانيون آڻي رکيون. ايتري ۾ هڪ سائل در تي اچي صدا هنئي تہ پاڻ اهي ٻئي مانيون کڻي ان سائل کي ڏيئي ڇڏيائين. بيبي صاحبہ جي انهيءَ

طرز عمل تي اهي ٻئي بزرگ مهمان بيحد حيران ٿي ويا. اڃان اهي انهيءَ حالت ۾ ئي ويٺا هئا تہ ايتري ۾ هڪ خادمياڻي گرم مانيون کڻي آئي. جنهن اچي چيو تہ منهنجي مالڪياڻيءَ موڪليون آهن. انهن مانين کي جڏهن بيبي صاحبہ ڳڻيو تہ اٺارهن هيون پاڻ کيس فرمايائون تہ نون هي مانيون واپس کڻي وڃ. چو تہ توکان شايد غلطي ٿي آهي. ڪنيز چيو تہ اهي مانيون خاص اوهان لاءِ موڪليون ويون آهن. ليڪن بيبي صاحبہ وٽن ڪان صاف انڪار ڪيو ۽ ٻنهيءَ کي چيائين تہ توکان غلطي ٿي ويئي آهي هي مانيون مون لاءِ هرگز ڪين آهن. آخر مجبور ٿي ٻانهي مانيون موٽائي جڏهن مالڪياڻيءَ وٽ آئي تڏهن هن ٻہ مانيون ٻيون ڏيئي کيس بيبي رابعہ بصري رحہ ڏانهن موڪليو. جڏهن ٻانهي بيبي صاحبہ جي خدمت ۾ پهتي تڏهن هن وري مانيون ڳڻيون تہ پوريون ويهہ مانيون هيون. پوءِ اهي مانيون وٺي ٻنهي آيل مهمانن جي اڳيان اچي رکيائون. اتي مهمان حيران ٿي پڇڻ لڳا تہ اخر اها ڳالهہ ڪيئن هئي؟ پاڻ بيبي صاحبہ فرمايو تہ جنهن وقت اوهان مون وٽ آيا هئا تہ اڳي ئي مون کي معلوم هو تہ اوهان بکيا آهيو. پر ان وقت مون وٽ فقط ٻہ مانيون موجود هيون ان ڪري اهي ئي ٻہ مانيون اوهان جي اڳيان پيش ڪيم. ليڪن دل ۾ خيال ڪيم تہ ٻن مانين سان ٻن شخصن جو پيٽ ڪيئن ڀرجي سگهندو بس خدا هڪ سائل کي موڪلي ڏنو ۽ مان ان کي خالي واپس موٽائڻ مناسب ڪين سمجهيو تنهن ڪري اهي اوهان واريون ٻئي مانيون ان کي ڏيئي بارگاه الاهيءَ مان دعا گهريم تہ اي پروردگار! تنهنجو وعدو ڪيل آهي تہ هڪ جي بدلي ڏهہ ڏيندس. سان هي مانيون بہ صرف تنهنجي رضا جي خاطر ڏنيون آهن. الله تبارڪ وتعاليٰ منهنجي دعا قبول فرمائي ۽ انهيءَ مون ڏي مانيون موڪلي ڏنيون. جڏهن پهريون دفعو مان اٺارهن مانيون ڳڻيون تہ مون کي شڪ پيو تہ شايد ٻانهيءَ کان غلطي ٿي آهي. ڇاڪاڻ تہ الله تعاليٰ جي وعدي مطابق مون وٽ ويهہ مانيون اچڻ گهربيون هيون ليڪن اهي اٺارهن هيون. ان ڪري مون کيس واپس موٽائي ڇڏيو ۽ وري جڏهن ٻانهي ٻيهر مانيون کڻي آئي تہ ان وقت پوريون ويهہ هيون. پوءِ اهي مانيون الله تبارڪ وتعاليٰ جي وعدي مطابق سمجهي رکي ڇڏيون.

نقل آهي تہ هڪ رات پاڻ پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ نماز پڙهي رهي هئي مگر سڄي ڏينهن جي عبادت ۽ ٿڪاوٽ سبب سندن اک لڳي ويئي. ايتري ۾ هڪ چور آيو ۽ سامان کڻڻ لاءِ گهر جي تلاش وٺڻ لڳو. جڏهن هن کي ٻيو ڪجهہ نظر نہ آيو تڏهن مجبور ٿي بيبي صاحبہ جي چادر کنيائين. چادر کڻي جڏهن ٻاهر نڪتو تہ اندو ٿي پيو ۽ ڪجهہ بہ ڏسڻ ۾ نہ ٿي آيس. چور ٻڃي ڪري اها چادر رکي ڇڏي. پوءِ چور کي سڀ ڪجهہ ڏسڻ ۾ ٿي آيو. چور وري چادر کي کنيو تہ چور وري اندو ٿي پيو. وري چادر رکيائين تہ سڀ ڪجهہ نظر اچڻ لڳس. چور

ڪيترا ئي دفعا ائين ڪيو. چادر ڪنئي ٿي ته انڌو ٿي ٿي پيو ۽ جڏهن چادر رکي ٿي ڇڏيائين ته سڀ ڪجهه ڏسڻ ۾ ٿي آيس. آخر هڪ آواز آيس ته اي مردود! تون هي ڇا ڪري رهيو آهين؟ جيڪو اسان جو ٿي وڃي ته انهيءَ کي پلا ڪير نقصان پهچائي سگهندو؟

نقل آهي ته هڪ دفعي سندن ٻانهي قيمو پچائڻ ويئي ته گهر ۾ بصر ڪين هئا. ٻانهيءَ چيو ته ڪنهن پاڙي واري کان بصر گهري اچان. پاڻ فرمايائون ته مان چاليهن سالن کان الله تبارڪ وتعاليٰ سان وعدو ڪيو اٿم ته توکان سواءِ ٻئي ڪنهن کان به ڪا شيءِ نه گهرندس مان توکي ڪيئن اجازت ڏيان ته تون پاڙي واري کي وڃي سوال ڪر. ايتري ۾ هڪ پکي پنهنجي چهنب ۾ صاف ۽ سنو بصر کنيو آڏامندو ٿي آيو ۽ اچي ديگڙي ۾ وجهي ڇڏيائين. پاڻ اهو ڏسي شڪ و گمان جي سبب اها پاچي نه کاڌائون پر صرف رکي ماني کائي ڇڏيائون.

نقل آهي ته هڪ ڏينهن پاڻ ڪنهن جبل تي ويئي اتي ڪيترن ئي قسمن جا پکي ۽ جانور سندن چوڌاري گڏ ٿي ويا. ايتري ۾ حضرت حسن بصري رحمت الله عليه جن به اتي اچي نڪتا. جنهن کي ڏسي سيئي پکي ۽ جانور ڀڄي ويا. حسن بصري رحه اهو حال ڏسي ڏاڍو ملول ۽ غمگين ٿيا. بيبي صاحبه کان پڇيائون ته اها مخلوق مون کان ڇو ڀڄي ويئي؟ ۽ اوهان وٽ ڇو پيار ۽ محبت سان ويٺا هئا؟ حضرت رابعه بصري رحه کانئن پڇيو ته اڄ اوهان ڇا کاڌو آهي؟ حسن بصري رحه فرمايو ته اڄ مان گوشت کاڌو آهي. بيبي صاحبه فرمايو ته پوءِ اهي اوهان سان ڪيئن محبت ڪندا جڏهن اوهان انهن جو گوشت کائي آيا آهيو.

هڪ دفعي حضرت بيبي رابعه بصري رحه جو گذر حضرت حسن بصري رحه جي گهر وٽان ٿيو ان وقت خواجه حسن بصري رحه گهر جي ڇت تي روئي رهيا هئا. ايتري قدر ٿي رنا جو اکين جو پاڻي نيسارن وانگر وهي هليو ۽ ڳوڙهن جا ڪجهه ڦڙا بيبي رابعه بصري رحه تي پيا. جنهن ڏسي فرمايو ته اي خواجه صاحب جيڪڏهن هي توهان جو روئڻ نفس جي غرور سبب آهي ته انهن ڳوڙهن کي روڪي ڇڏيو ته جيئن تنهنجي اندر هڪ درياهه ٻڌجي پوي ۽ پوءِ جڏهن تون ان ۾ پنهنجي دل ڳولڻ گهرين ته نه لڀيئي. ليڪن حسن بصري رحه کي اها ڳالهه ڏکي لڳي پر تنهن هوندي به پاڻ ڪجهه نه ڪڇيائون.

هڪ ڏينهن خواجه حسن بصري رحه بيبي رابعه بصري رحه کي ڏٺو، جيڪا درياهه فرات جي ڪناري تي ويئي هئي. ان وقت پاڻ پاڻيءَ مٿان مصلو وڇائي رابعه کي فرمايائين ته اڄ رابعه هتي ٻه رڪعتون نماز پڙهون. بيبي صاحبه فرمايو ته استاد صاحب اوهان دنيا جي بازار ۾ آخرت وارن کي پيش ڪرڻ گهرو ٿا. پر مناسب هي آهي ته اهو ڪم اهڙو هجي جو ابنائي جنس عاجز ٿي وڃن. ائين چئي بيبي صاحبه هوا ۾ مصلو وڇائي حضرت حسن بصري رحه کي فرمايو ته

يا حسن! اوهان هتي اچو تہ جيئن خلقت جي اکين کان پوشيده ٿي وڃون. ان کان پوءِ بيبي صاحبہ حسن بصري رحمت الله عليه جي دلجوئي جي خيال سان فرمايو تہ استاد صاحب جيڪي ڪجھہ اوهان ڪيو آهي سو تہ مڇيون بہ ڪري سگهن ٿيون ۽ جو ڪجھہ مان ڪيو آهي سو تہ هڪ مک بہ ڪري سگهي ٿي اصلي ڪم تہ انهن کان بالاتر هئڻ گهرجي.

نقل آهي تہ هڪ رات حضرت حسن بصري رحمت الله عليه فرمايو تہ مان هڪ ڏينهن ۽ هڪ رات رابعہ بصري وٽ ويٺو رهيس. منهنجي ۽ هنجي وچ ۾ طريقت ۽ حقيقت جي متعلق گفتگو ٿيندي رهي. انهيءَ وقت ۾ مون کي اهو خيال ئي نہ آيو تہ ڪو مان مرد آهيان ۽ نہ وري رابعہ کي ئي ڪو خيال آيو تہ هوءَ ڪا عورت آهي. آخر جڏهن مان اٿيس تہ پاڻ کي مفلس ۽ رابعہ بصري رحہ کي مخلص ڏٺم.

نقل آهي تہ هڪ رات حسن بصري رحمت الله عليه پنهنجي دوستن سان گڏجي رابعہ بصري رحہ جي گهر آيا مگر سندس گهر ۾ ڪوبہ ڏيئو يا بتي وغيره ڪانہ ٿي ٻري جيئن تہ حسن بصري رحہ جن کي روشنيءَ جي ضرورت هئي سو اچان انهيءَ ويچار ۾ ئي هئا تہ رابعہ بصري رحہ پنهنجي آڱر کي ڦوڪ ڏني تہ اها روشن ٿي پيئي. جيڪڏهن ڪنهن کي بہ انهيءَ ڳالهہ ۾ شڪ پيدا ٿئي تہ ان کي اهو چوڻ گهرجي تہ جو شخص حضور پرنور صلي الله عليه وسلم جن جي متابعت (پيروي) ڪري ٿو ان کي ڪرامت جو اهڙو درجو بہ حاصل ٿي سگهي ٿو. ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن پيغمبر کان معجزو صادر ٿي سگهي ٿو تہ پوءِ وليءَ کان بہ ڪرامت ظاهر ٿي سگهي ٿي. ”من رادوانقا من الحرام فقد نار درجة النبوة“ يعني جنهن حرام جي دمڙي انهيءَ جي مالڪ کي ڏيئي ڇڏي، ان کي نبوت جو درجو عطا ٿي ويو. وڌيڪ فرمايائين تہ سچو خواب نبوت جي چاليهين حصي جي برابر آهي.

نقل آهي تہ رابعہ بصري رحہ هڪ دفعي حضرت حسن بصري رحمت الله عليه جن جي خدمت ۾ ٽي شيون موم بتي سئي ۽ وار ۽ ان سان گڏ ڪين چوائي موڪليو تہ موم وانگر پاڻ جلائي ٻين کي روشني پهچايو. سئيءَ وانگر خود ننگو رهي ٻين آدمين جي اوگهڙ ڍڪيو جڏهن اهو ڪم ڪري ويهو تہ پوءِ وار جيان سنهون ۽ نرم ٿي وڃون تہ جيئن توهان جا ڪم ضايع نہ ٿين.

نقل آهي تہ هڪ دفعي حسن بصري رحمت الله عليه بيبي صاحبہ کي فرمايو تہ اوهان کي ڪڏهن شوهر (مڙس) جي خواهش ٿي آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ نڪاح جي ضرورت تہ وجود کي ٿيندي آهي. هتي وجود ئي ڪونهي جنهن کي مڙس جي خواهش ٿئي. مان تہ ان جي آهيان ۽ ان جي ئي وس ۾ آهيان. انهيءَ تي ڪنهن بيبي صاحبہ کان پڇيو تہ رابعہ؟ هي مرتبو اوهان کي

ڪٿان حاصل ٿيو؟ فرمايائين تہ پاڻ کي فنا ڪرڻ مان. وري پڇيائونس تہ توهان ان الله تعاليٰ کي ڪهڙيءَ طرح سڃاڻي سگهو ٿا؟ فرمايائين تہ توهان تہ ان کي هيئن هوندي سمجهو ٿا. ليڪن مان ان کي بغير ڪنهن چون چرا جي ڄاڻندي آهيان.

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن حضرت حسن بصري رحہ بيبي صاحبہ جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ فرمايائون تہ اوهان انهيءَ علم مان جو تعليم مان حاصل ٿي سگهي ۽ نہ ٻڌڻ مان. بلڪ بغير ڪنهن واسطي سان حاصل ٿئي ٿو انهيءَ علم مان ٿورو ڪجهہ بيان فرمايو. بيبي صاحبہ فرمايو تہ مان ڪجهہ سٽ ڪتي ان کي وڪڻي پنهنجي روزي حاصل ڪرڻ گهري تہ ان جي قيمت ٻہ درهم ٿي.جن مان هڪ درهم سڄي هٿ ۾ ڪنيم ۽ ٻيو کٻي هٿ ۾ انهيءَ ڪري تہ مبادا اهي ٻيئي گڏجي نہ وڃن ۽ منهنجي لاءِ رهزن نہ بڻجي پون.

نقل آهي تہ بيبي رابعہ بصري رحہ کي ڪنهن چيو تہ حسن بصري رحہ فرمائيندو آهي تہ جيڪڏهن قيامت جي ڏينهن ٿوريءَ گهڙيءَ لاءِ بہ ديدار الاهيءَ کان محروم رهجي ويندس، تہ ايتري قدر تہ آہ ۽ زاري ڪندس جو تمام بهشت وارن کي منهنجي حال تي رحم اچي ويندو. اهو ٻڌي بيبي رابعہ بصري رحہ فرمايو تہ اها ڳالهہ تہ سٺي پر جيڪڏهن دنيا ۾ بہ حق تعاليٰ جي ذڪر الاهيءَ کان ٿوريءَ گهڙيءَ جي غافل رهڻ سبب ايتري قدر تہ گريو ۽ زاري ٿيندي رهي تہ جيئن اهل دنيا کي ان جي حال تي رحم اچي وڃي تہ پوءِ قيامت جي ڏينهن ائين ٿي سگهندو. پر جيڪڏهن ائين نٿو ٿئي، تہ پوءِ قيامت جي ڏينهن بہ ائين نہ ٿيندو.

ڪنهن شخص بيبي رابعہبصري رحہ کان پڇيو تہ توکي مڙس جي خواهش ڇونہ ٿي ٿئي. بيبي رابعہ بصري رحہ فرمايو تہ، مون کي ٽن ڳالهين جو غم آهي. جيڪڏهن اهي غم دور ٿي وڃن تہ پوءِ ڪنهن سان نڪاح بہ ڪري ڇڏينديس. پهريون غم هي اٿم تہ مرڻ وقت ايمان سان مرنديس يا نہ، ٻيو قيامت جي ڏينهن منهنجو اعمال نامو منهنجي سڄي هٿ ۾ ڏنو ويندو يا کٻي هٿ ۾، ٽيون غم هي آهي تہ جڏهن محشر جي ڏينهن هڪ جماعت کي سڄي پاسي کان بهشت جي طرف وٺي ويندا، ۽ ٻيءَ جماعت کي کٻي پاسي کان دوزخ جي طرف وٺي ويندا تہ خدا ڄاڻي تہ مون کي ڪهڙي پاسي کان وٺي ويندا ۽ خبر ناهي تہ مان ڪهڙيءَ جماعت ۾ هونديس ماڻهن جواب ڏنو تہ اسان ڪونہ ٿا ڄاڻون. تڏهن پاڻ فرمايائين تہ جڏهن مون کي ايتري قدر غم آهن تہ ان حالت ۾ مڙس جي خواهش ڪيئن ٿي سگهي ٿي. ماڻهن بيبي رابعہ بصري رحہ کان پڇيو تہ اوهان ڪٿان آيا آهيو؟ فرمايائين تہ ”هن جهان کان“ وري پڇيائونس تہ اوهان ڪيڏانهن وينديءَ؟ فرمايائين تہ ”هن جهان ڏي“ پڇيائونس تہ هن جهان ۾ اوهان ڇا ڪندا آهيو فرمايائون تہ ”افسوس ڪندي آهيان“ پڇيائونس تہ ڪهڙي طرح؟ فرمايائين تہ ماني هن جهان

جي ڪائيندي آهيان، ۽ ڪم هن جهان جو ڪندي آهيان. ماڻهن چيس تہ اوهان شيرين زبان جي سبب مقبول آهيو تنهن ڪري شيرين زبان جي باعث اوهان مسافر خاني جي لائق آهيو. پاڻ فرمايائين تہ مان خود سراءِ (مسافر خانو) آهيان. چاڪاڻ تہ جو منهنجي اندر آهي ان کي ٻاهر ڪيندي آهيان ۽ جيڪي ڪجهہ ٻاهر آهي تنهن کي اندر اچڻ ڪونہ ڏيندي آهيان. جيڪڏهن ڪوئي اچي يا وڃي تہ ان سان منهنجو ڪوبہ واسطو ڪونهي. مان دل کي حفاظت ۾ رکندي آهيان. مٽيءَ جي جسم جي حفاظت هرگز ڪونہ ڪندي آهيان. پڇيائونس تہ ڇا اوهان شيطان کي دشمن سمجهو ٿا؟ فرمايائين تہ مان رحمان (الله تبارڪ وتعاليٰ) جي دوستيءَ کي ڇڏي شيطان جي دشمنيءَ ۾ مشغول نہ ٿيندي آهيان.

نقل آهي تہ بيبي رابعہ بصري رحہ فرمايو تہ مان جناب حضور پر نور صلي الله عليه وسلم جن کي خواب ۾ ڏٺم. انهن فرمايو تہ اي رابعہ! ڇا تون مون کي دوست رکين ٿي؟ مون عرض ڪيو تہ يا رسول الله صلي الله عليه وسلم! اوهان جي دوستي تہ عين فرض آهي ۽ اهو ڪير آهي جو اوهان کي دوست نٿو رکي! ليڪن الله تبارڪ وتعاليٰ جي محبت ۾ ايتري قدر تہ ڦاسي ويئي آهيان جو بغير ان جي، ڪنهن جي بہ دوستيءَ جي جاءِ منهنجي دل ۾ ڪانہ رهي آهي.

ڪنهن بيبي رابعہ بصري رحہ کان پڇيو تہ "محبت ڇا آهي؟" فرمايائين تہ محبت ازل کان ايندي آهي. اٺارهن هزار عالم ۾ اهڙو شخص نہ ملندو، جنهن محبت جي شربت جو مزو نہ چکيو هجي ۽ آخر انهيءَ سان همڪنار نہ ٿيو هجي. ڪنهن ڪانئس پڇيو تہ جنهن جي اوهان عبادت ڪريو ٿا ڪڏهن ان کي ڏٺو بہ اٿو؟ فرمايائين تہ "جيڪڏهن ان کي نہ ڏسان ها، تہ عبادت ڪيئن ڪريان ها.

نقل آهي تہ پاڻ هميشه روئندي رهندي هئي. ڪنهن ڪانئن ايتري روئڻ جو سبب پڇيو، تہ فرمايائين تہ مان حق تعاليٰ سان محبت ڪئي آهي. ائين نہ ٿئي جو مرڻ جي وقت مون کي هي آواز ٻڌڻ ۾ اچي تہ "تون منهنجي لائق نہ آهين". بيبي رابعہ بصري رحہ کان پڇيو ويو تہ ٻندو ڪڏهن راضي ٿيندو آهي؟ فرمايائين تہ جڏهن محنت ۽ مصيبت تي اهڙي طرح خوش ٿئي جهڙي طرح فرحت ۽ نعمت جي وقت خوش ٿيندو آهي. ڪانئن پڇيو ويو تہ ڪوئي گنهگار، جيڪڏهن ڪو گناه ڪري تہ ڇا ان جي توبهہ قبول ٿيندي آهي يا نہ؟ پاڻ فرمايائين تہ بغير گناه ڪرڻ جي توبهہ ڪيئن ڪري سگهندو. اهو ئي ان توبهہ جي توفيق ڏيندو آهي ۽ اهو ئي ان کي قبول ڪندو آهي. وڌيڪ فرمايائين تہ انسان اکين جي رستي سان خدا جي منزل حاصل ڪري نٿو سگهي. ٻہ زبان جي طرف کان بہ الله تعاليٰ واري راهہ نٿي ملي سگهي ڪن بہ تہ

پڌڻ جي طاقت رکن ٿا ۽ هٺ پير بہ صرف حيرت جو مقام رکن ٿا. جيڪڏهن ڪا ڪم جي شيءِ آهي تہ اها دل ئي آهي. تنهن ڪري ڪوشش ڪري دل تي قبضو حاصل ڪرڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ جڏهن دل بيدار هوندي آهي تہ بيدار دل اها آهي جيڪا حق ۾ گم ٿي وڃي ۽ جڏهن ان ۾ گم ٿي ويندي تہ پوءِ ان کي ڪنهن بہ يار جي حاجت نہ رهندي. اهو ئي فنا في‌الله جو مقام آهي. فرمايائين تہ محض زبان سان توبهہ ڪرڻ ڪوڙن ماڻهن جو ڪم آهي جيڪڏهن اسين خود بخود توبهہ ڪريون تہ پوءِ وري توبهہ ڪرڻ جي ضرورت نہ رهندي. فرمايائين تہ صبر ڪندڙ مرد سخي هئڻ گهرجي ۽ معرفت جو مطلب آهي خدا جي طرف ڌيان لڳائڻ. فرمايائين تہ عارف اهو آهي جيڪو الله تبارڪ وتعاليٰ کان دل جي طلب ڪري ۽ جڏهن ان کي دل ملي وڃي تہ ان کي الله تعاليٰ جي حوالي ڪري ڇڏي تہ جيئن ان جي قبضي ۾ هئڻ سبب محفوظ رهي ۽ حق تعاليٰ جي پردي ۾ ماڻهن کان پوشيده هجي.

حضرت صالح مري رحمت‌الله عليه اڪثر فرمائيندا هئا تہ جو شخص دروازي کي کڙڪائيندو آهي تہ آخر ان کي کوليو ئي ويندو آهي. هڪ ڏينهن بيبي رابعہ بصري رحہ بہ جڏهن اهو ٻڌو تہ فرمايائين تہ دروازو بند ڪنهن ڪيو آهي، جو کلندو؟ ڪيستائين آواز ڏيندو رهجي ۽ ڪير آهي جو کولي يا ڪنهن بند ڪيو آهي جو پوءِ کولي؟ اهو ٻڌي حضرت صالح رحمت‌الله عليه فرمايو تہ مرد جي جهالت ۽ عورت جي عقلمنديءَ تي تعجب آهي.

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن رابعہ بصري رحہ هڪ مرد کي روئندو ڏٺو جيڪو چئي رهيو هو تہ هاءِ افسوس! هاءِ غم!! پاڻ فرمايائين تہ ائين نہ چئہ بلڪ هيئن چئہ. هاءِ بي افسوس! هاءِ بي غم! ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن تون غمگين ۽ افسوسناڪ هجين ها تہ توکي اهڙن لفظن چوڻ جي همت ئي نہ ٿئي ها.

نقل آهي تہ پاڻ هڪ ڏينهن هڪ آدميءَ کي سندس مٿي تي پٽي ٻڌل ڏسي ڪري ڪانئس پٽي ٻڌڻ جو سبب پڇيو. جنهن چيو تہ منهنجي مٿي ۾ سور آهي انهيءَ ڪري پٽي ٻڌي اٿم. بيبي صاحبہ پڇيس تہ تنهنجي عمر ڪيتري آهي؟ ان چيو تہ ٽيهہ سال، وري پڇيائينس تہ انهن ٽيهن سالن جي عرصي ۾ ڪڏهن بيمار بہ ٿيو آهين يا تندرست ئي رهيو آهين؟ ان چيو تہ تندرست ئي رهيو آهيان. تنهن تي بيبي صاحبہ فرمايو تہ ٽيهن سالن جي عرصي ۾ تندرستيءَ جي شڪراني جي پٽي ڪانہ ٻڌءِ. پر فقط هڪ ڏينهن جي بيماريءَ جي شڪايت ۾ پٽي ٻڌي اٿيئي.

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن بيبي رابعہ بصري رحہ هڪ ماڻهوءَ کي چار درهم ڏيئي هڪ ڪمبل خريد ڪري اچڻ لاءِ چيو ان آدميءَ پڇيو تہ ڪمبل ڪارو هجي يا اڇو. پاڻ ان آدميءَ کي ڇيائين تہ اهي درهم مون کي موٽائي ڏي. درهم وٺي دجلہ درياہ ۾ ڪٽي ڦٽا ڪيائين ۽

فرمايائين ته ڪمبل اڃان خريد ئي ڪونه ٿيو آهي ته ڪاري ۽ اڇي جو جهڳڙو پيش ٿيو آهي. سو جي اڇو چونديس ته ان مان ڪاري لاءِ نفرت ٿي ظاهر ٿئي پر جي ڪاري لاءِ چونديس ته ڇڻ اڇي جي گلا ڪئي. تنهن ڪري مون ڪان اهو ڪين پڇندو ته هڪ کي چڱو سمجهان ۽ ٻئي کي خراب مان ائين ئي ڀلي آهيان.

نقل آهي ته موسم بهار ۾ جڏهن مينهن جي هلڪي هلڪي بوند وسي رهي هئي ۽ ان وقت بيحد ئي لطف حاصل ٿي رهيو هو پر بيبي صاحبه گهر کان ٻاهر ئي نٿي نڪتي. خادمه عرض ڪيو ته اوهان ٻاهر تشريف فرما ٿيو ۽ خالق جي قدرت جو اڇي نظارو ملاحظه فرمايو. پاڻ فرمايائين ته تون خود اندر اچي حق جو تماشو ڇونه ٿي ڏسين؟

”شغلني مشاهدة الصانع عن مطالعة الصنع“ (يعني مون کي فقط حقيقي صانع (ڪاريگر) سان ئي ڪم آهي ۽ ان کي ئي ڏسڻو آهي. مون کي ان جي ڪاريگريءَ سان ڪهڙو واسطو!) ترجمه:- مون کي ته ڪاريگر (الله تعاليٰ) جي ديدار ڪاريگريءَ جي ڏسڻ ۾ رجهائي ڇڏيو آهي.

هڪ دفعي چند ماڻهو بيبي صاحبه جي خدمت ۾ حاضر ٿيا. انهن ڏٺو ته پاڻ بيبي صاحبه ڏندن سان گوشت ٽڪر ڪري رهي آهي ان تي ماڻهن پڇيو ته اوهان وٽ ڇري ڪانه آهي ڇا جو ڏندن سان گوشت کي وڍڻ چڪيو؟ فرمايائين ته جدائيءَ جي خوف کان مان ڪڏهن پاڻ وٽ ڇري ڪانه رکي آهي. ڇاڪاڻ ته ڇريءَ جو ڪم ئي جدا ڪرڻ آهي.

نقل آهي ته هڪ دفعي بيبي صاحبه ست ڏينهن ست راتيون روزو افطار نه ڪيو ۽ نه ئي ننڊ ڪيائون. ستن ڏينهن جي بک مٿن غلبو ڪيو ۽ نفس چيو ته تون ڪيستائين مون کي تڪليف ڏيندي رهندينءَ؟ ايتري ۾ ڪنهن اچي دروازو کڙڪايو ۽ ڪاڏي سان ڀريل هڪ پيالو ڏيئي هليو ويو. پاڻ اهو ڪاڏو رکي ڏيئي کي ٻارڻ لاءِ اٿي ته ٻلي اچي اهو ڪاڏي سان ڀريل پيالو ڪيرائي هلي ويئي. پوءِ پاڻ پاڻيءَ جو لوٽو کڻي ان سان روزو کولڻ گهريائون ته ڏيئو وسامي ويو. پاڻ ان وقت پاڻي پيئڻ ٿي گهريائون پر اهو ٺڪر جو لوٽو به هٿن مان ڪسڪي هيٺ ڪري پيو ۽ ڀڄي پيو. ان وقت بيبي صاحبه غمگين ٿي ۽ چيائين ته خداوندا! هي ڇا اسرار آهي! عين انهيءَ وقت غيب کان آواز ٻڌائين ته اي رابعه! جيڪڏهن تون اهو چاهين ٿي ته دنيا جي نعمت توکي وقف ڪري ڏيان ته پوءِ مان پنهنجو غم، تنهنجي دل مان واپس وٺندس. ڇاڪاڻ ته منهنجو غم، ۽ دنيا جي نعمت هڪ دل ۾ گڏ رهي نٿا سگهن. رابعه تنهنجي به مراد آهي ته منهنجي به هڪ مراد آهي. ٻئي مرادون گڏجي هڪ دل ۾ رهي نٿيون سگهن. پاڻ بيبي صاحبه جڏهن اهو آواز ٻڌو تڏهن فرمايائين ته مان دل کي دنيا کان بلڪل ئي قطع ڪري ڇڏيو.

ايدن کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ ان کان پوءِ دنيا سان تعلق بلڪل ٽوڙي ڇڏيو. وڌيڪ فرمايائين ته جڏهن به ڏينهن ٿيندو آهي ته انهيءَ خوف کان ته مبادا دنيا مون کي پاڻ ۾ مشغول ڪري ڇڏي، تنهن ڪري دعا گهرندي آهيان ته خدايا! مون کي پنهنجي ذڪر ۾ مشغول رک ته جيئن ڪوئي به مون کي تنهنجي شغل کان باز نه رکي سگهي.

نقل آهي ته پاڻ بيبي صاحبه هميشه روئندي رهندي هئي. ماڻهن عرض ڪيو ته اسان کي اوهان جي روئڻ جو ڪو اهڙو سبب ٿي معلوم ڪونه ٿو ٿئي. پوءِ اوهان ڇو ٿا روئو؟ پاڻ فرمايائين ته منهنجي سيني ۾ هڪ بيماري آهي. جنهن جو علاج ساريءَ دنيا جا طبيب ۽ حڪيم به نه ڪري سگهندا منهنجي زخمن جي ملم، صرف الله تعاليٰ جو وصال آهي. قيامت جي ڏينهن پنهنجي مراد کي پهچڻ جي لاءِ ڪو بهانو ڳولي رهي آهيان. انهيءَ ڪري غمزدن جهڙي شڪل ڪري ڇڏي اٿم. ڇاڪاڻ ته ڪجهه ڪرڻ ٿي گهرجي.

نقل آهي ته ڪن بزرگن جي جماعت بيبي رابعه بصري رحه جي خدمت ۾ آئي. بيبي صاحبه انهن مان هڪ کان پڇيو ته تون خدا جي عبادت ڇا جي لاءِ ڪندو آهين؟ جواب ۾ بزرگ چيو ته دوزخ جا ست ئي طبقا نهايت ئي وڏا آهن سڀ ڪنهن کي انهن تان لنگهڻو پوندو تنهن ڪري مجبوراً انهيءَ خوف جي سبب عبادت ڪريان ٿو. ٻئي هڪ بزرگ اهڙي سوال جي جواب ۾ چيو ته مان بهشت جي خاطر رب جي عبادت ڪريان ٿو. اهو ٻڌي پاڻ بيبي صاحبه فرمايو ته اهو بندو بلڪل بدترين آهي جو ڪنهن خوف ۽ طمع جي سبب عبادت ڪري ٿو. پوءِ انهن ماڻهن ڪانئس پڇيو ته اوهان ڇا لاءِ عبادت ڪريو ٿا؟ ڇا اوهان کي الله تبارڪ وتعاليٰ ۾ ڪا به اميد يا طمع ڪانهي؟ پاڻ فرمايائين ته ٻهريون همسائي جي تلاش ضروري آهي ۽ پوءِ گهر جي. دوزخ ۽ بهشت جو هجڻ يا نه هجڻ اسان جي نزديڪ برابر آهي. اهو ئي ڪافي آهي ته الله عبادت جو حڪم ڏنو آهي. جيڪڏهن بهشت ۽ دوزخ نه هجي ها ته ڇا عبادت ڪرڻ جو حق ڪونه هو جو سندس عبادت ڪئي وڃي ها؟ ڇا اسان تي ان جو ايترو به حق ڪونهي جو بغير ڪنهن غرض جي ان جي عبادت ڪريون.

نقل آهي ته هڪ بزرگ شخص بيبي رابعه بصري رحه جا پراڻا ۽ ڦاٽل ڪپڙا ڏسي چوڻ لڳو ته جيڪڏهن اوهان چاهيو ته ڪيترا ماڻهو اوهان جي مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهن. پاڻ فرمايائين ته مون کي انهيءَ ڳالهه تي شرم ايندو آهي ته مان ڪنهن کان دنيا جي چيز گهران. ڇاڪاڻ ته دنيا جو مالڪ اهو خود آهي پوءِ مون کي هنن ماڻهن کان گهرڻ جي ڪهڙي ضرورت! جن وٽ دنيا خود چند ڏينهن لاءِ آهي. اهو ٻڌي ان بزرگ چيو ته هن ضعيف جي ڪيڏي نه بلند همتي آهي ۽ الله تعاليٰ ڪيس ڪيڏو نه بلند مرتبو بخشيو آهي! جو پنهنجي قيمتي وقت کي

سوال ۾ ضايع ڪرڻ ۾ به ڪيس افسوس ٿي رهيو آهي.

نقل آهي ته هڪ دفعي ڪي ماڻهو بيبي رابعه بصري رحه ڪي آزمائڻ لاءِ سندس خدمت ۾ آيا ۽ اچي چيائون ته خداوند ڪريم پنهنجون سڀ نعمتون ۽ برڪتون مردن ڪي بخشيون آهن ۽ ڪرامتيون به مردن ڪي عطا فرمايون آهن. اج تائين ڪڏهن به ڪا عورت پيغمبر ڪانه ٿي آهي. پوءِ اوهان ايتري قدر لاف (ٻٽاڪ) ڪيئن هڻي رهيا آهيو؟ فرمايائين ته جيڪي ڪجهه توهان چئو ٿا سو سڀ درست آهي ليڪن خود پرستي ۽ "انا ربکم الاعليٰ" جي لاف هڻڻ به مردن جو ئي ڪم آهي. انهيءَ ڪان سواءِ اج تائين ڪابه عورت مخنث ڪانه ٿي آهي. آدمي ئي مخنث ٿيندا آهن.

هڪ دفعي پاڻ بيبي صاحبه جن بيمار ٿي پيا. ماڻهن بيماريءَ جو سبب پڇيو فرمايائين ته اج صبح جي وقت منهنجي دل ۾ جنت جي خواهش پيدا ٿي ته دوست (الله تعاليٰ) مون تي ڪاوڙيو ۽ ناراض ٿيو آهي! اها بيماري صرف ان جي عتاب سبب آهي.

هڪ دفعي جڏهن خواجه حسن بصري رحه بيبي رابعه بصري رحه جي عبادت لاءِ هن وٽ آيو، ته ڏٺائين ته هڪ رئيس ماڻهو رپين جي ٿيلهي کنيو بيبي صاحبه جي دروازي تي ويٺو روئي رهيو آهي. حضرت حسن بصري رحه ان ڪان روئڻ جو سبب پڇيو. جنهن چيو ته "وحيده اثر" (رابعه) لاءِ ڪا چيز کڻي آيو آهيان ۽ روئان انهيءَ خيال ڪان ٿو ته مبادا بيبي صاحبه جن ان کي قبول نه ڪن. مهرباني ڪري اوهان منهنجي سفارش ڪجو. جڏهن حضرت حسن بصري رحه اندر ويا تڏهن بيبي صاحبه کي ان آدميءَ جو پيغام ڏنائون. جنهن تي پاڻ فرمايائين ته جيڪو شخص الله تعاليٰ کي برو ڀلو چوي ٿو ته خدا ان جي روزي بند نٿو ڪري ۽ جيڪو ان سان محبت ڪري ٿو ۽ ان جي زندگي الله تعاليٰ جي محبت جي دم سان آهي ته ڇا ان جي روزي بند ڪندو؟ جڏهن ڪان مان ان (الله) کي سڃاتو آهي ۽ خلق ڪان منهن ڦيري ڇڏيو آهي ته پوءِ هاڻي اوهان ئي ٻڌايو ته مان ڪنهن جي به اهڙي مال کي ڪيئن قبول ڪريان، جنهن جي متعلق نه مون کي خبر آهي ۽ نه اوهان کي ته آهو مال حلال جو آهي يا حرام جو آهي؟

نقل آهي ته پاڻ فرمايو اٿس ته هڪ دفعي ڪنهن سوراخ ڪان بادشاه جي چراغ جي روشني اچي رهي هئي. مان انهيءَ روشنيءَ جي مدد سان پنهنجي ڦاٽل چولي کي سبي ڇڏيو. مگر منهنجي دل ايستائين بند رهي جيستائين انهيءَ چولي کي ڦاڙي نه ڇڏيو ۽ انهيءَ وقت پنهنجي مالڪ ڪان انهيءَ گستاخيءَ جي معافي نه ورتم.

* هي فرعون جو قول هو. جڏهن هن خدائي دعويٰ ڪئي هئي.

عبدالواحد صوفي رحه فرمايو آهي تہ هڪ دفعي سان ابو سفيان گڏجي بيبي رابعہ بصري رحہ جي عبادت لاءِ وٽس ويا سون پر بيبي صاحبہ جي خوف کان ڪجھہ نہ ڳالهائي سگهيا سون. آخر پاڻ بيبي صاحبہ ابو صفيان سان ڳالهائيندي چيو تہ اوهان ڇا ٿا فرمائڻ گهرو. ان تي ابو سفيان چيو تہ رابعہ! مان دعا ٿو ڪريان تہ الله تعاليٰ توکي انهيءَ تڪليف کان نجات ڏي. پاڻ اهو ٻڌي ابو سفيان جي طرف ڏسي فرمايائين تہ اوهان نٿا ڄاڻو تہ اها بيماري ان جي ئي حڪم سان آهي؟ ابو سفيان چيو تہ هائو ائين برابر آهي پر پوءِ چيائون تہ، جيڪڏهن ائين آهي تہ مان دوست جي خلاف ڪيئن درخواست ڪري سگهنديس تہ اوهان ,منهنجي لاءِ ان کان دعا گهرو. ابو سفيان وري پڇيو تہ رابعہ! توکي سڀ کان وڌيڪ ڪهڙيءَ شيءِ جي خواهش آهي؟ بيبي رابعہ بصري رحہ فرمايو تہ اوهان عالم ۽ سمجهدار ٿي ڪري بہ اهڙيون ڳالهيون ٿا ڪريو! ٻارهن سالن کان مون کي تازين کارڪن کائڻ جي خواهش آهي ۽ اهو بہ اوهان ڄاڻو ٿا تہ بصري ۾ کارڪون ڪيتري قدر سستيون آهن ۽ ڪيڏي بي قدريءَ سان وڪامن ٿيون پر مان اڃان تائين ڪونہ کاڌيون آهن. ڇاڪاڻ تہ مان غلام آهيان ۽ غلام کي ڪنهن آرزو سان ڪوبہ تعلق ڪونہ هوندو آهي. جيڪڏهن مان خواهش ڪريان ۽ اها خدا کي پسند نہ هجي يا اها خواهش دوست جي خلاف هجي تہ پوءِ اهو ڪفر ٿي پوندو. ان کان پوءِ ابو سفيان چيو تہ مان اوهانجي ڪمن ۾ دخل نٿو ڏيئي سگهان. اوهان منهنجي متعلق ڪجھہ فرمايو. بيبي رابعہ بصري رحہ فرمايو تہ نيڪ مردي انهيءَ ۾ نہ آهي تہ اوهان دنيا سان محبت رکو. ابو سفيان پڇيو تہ اهو ڪيئن؟ فرمايائين تہ اهو اوهان جي ڳالهين مطابق. ابو سفيان چيو تہ اهو ٻڌي مون کي روئڻ اچي ويو ۽ چيم تہ اي خداوند ڪريم! تون مون کان راضي رهہ. رابعہ بصري رحہ ان تي فرمايو تہ توکي شرم نٿو اچي، جنهن جي رضا کي طلب ڪرين ٿو ان کان تون خود راضي نہ آهين.

مالڪ بن دينار رحمت الله عليه فرمائين ٿا تہ مان هڪ دفعي رابعہ بصري رحمها الله تعاليٰ جي خدمت ۾ ويس. ڏٺم تہ هوءَ ڀڳل لوٽي مان پاڻي پي رهي هئي ۽ پراڻو بسترو وڇايو پيو هو ۽ سيرانديءَ کان هڪ سر رکيل هئي. اهو ڏسي منهنجي دل ڀرجي آئي ۽ چيم تہ اي رابعہ! منهنجا ڪيترا ئي دوست احباب دولتمند آهن، جيڪڏهن اوهان اجازت ڏيو تہ انهن کان اوهان لاءِ ڪجھہ گهر ڪجي. فرمايائين تہ مالڪ! ڪهڙي غلطي ٿو ڪرين. ڇا مون کي ۽ انهن کي روزي ڏيڻ وارو هڪڙو ئي نہ آهي. مالڪ بن دينار چيو تہ هائو اهو ئي هڪ آهي جو سڀ کي روزي ڏي ٿو. فرمايائين تہ ڇا دولتمند جي روزي ان کي ياد آهي باقي درويشن کي وساري ويٺو آهي؟ مالڪ بن دينار چيو تہ نہ ائين نہ آهي. تنهن تي فرمايائين تہ جڏهن سڀ ڪجھہ ان کي ياد آهي تہ پوءِ ان کي ياد ڏيارڻ جي ڪهڙي ضرورت! جڏهن هو منهنجي هن حال تي راضي آهي

ته پوءِ مان به ان جي رضا تي راضي آهيان.

نقل آهي ته هڪ ڏينهن حضرت مالڪ بن دينار رح، حضرت حسن بصري رح ۽ حضرت شفيق بلخي رح بيبي رابعه بصري رح جي خدمت ۾ آيا ۽ صدق جي متعلق ڳالهه ٻولهه شروع ٿي. حضرت رابعه بصري رح فرمايو ته "ليس بصادق في دعواه من لم يصبر علي ضرب مولاه" يعني اهو شخص پنهنجي دعويٰ ۾ صادق نه آهي، جيڪو پنهنجي مالڪ جي چوٽ تي صبر نه ڪري. بيبي رابعه بصري رح فرمايو ته انهيءَ مان خوديءَ جي بوءِ اچي ٿي. پوءِ شفيق بلخي رح فرمايو ته "ليس بصادق في دعواه من لم يشكر علي ضرب مولاه" يعني اهو شخص پنهنجي دعويٰ ۾ سچو نه آهي جيڪو پنهنجي مالڪ جي زخم ڏيڻ تي شڪر نه ڪري. رابعه بصري رح فرمايو ته ان کان به وڌيڪ هجڻ گهرجي. انهيءَ تي مالڪ بن دينار رح فرمايو ته "ليس بصادق في دعواه من لم يتلذذ بضرب مولاه" يعني اهو شخص پنهنجي دعويٰ ۾ سچو نه آهي جيڪو پنهنجي مالڪ جي زخم تي لذت حاصل نه ڪري. پاڻ بيبي صاحبه فرمايو ته ان کان به وڌيڪ بهتر هئڻ گهرجي. آخر ٽنهي بزرگن فرمايو ته اوهان ان کان وڌيڪ ارشاد فرمائي سگهو ٿا. تنهن تي پاڻ فرمايائين ته "ليس بصادق في دعواه من لم ينس آدم الضرب في مشاهدة مولاه" يعني جو شخص دوست جي زخم جي درد کي پنهنجي دوست جي مشاهدي ۾ ڀلي نه وڃي اهو صادق نه آهي ۽ انهيءَ صفت جو هجڻ ناممڪن ۽ تعجب خيز نه آهي. ڇاڪاڻ ته مصري عورتن حضرت يوسف عليه السلام جي مشاهده جمال ۾ درد ۽ زخم کي فراموش ڪري ڇڏيو هو. جيڪڏهن ڪو بندو پنهنجي خالق جي مشاهده ۾ ائين ٿي ڪري ته ڪا به عجب جي ڳالهه نه آهي.

نقل آهي ته هڪ ڏينهن بصري جو هڪ بزرگ بيبي رابعه بصري رح وٽ جي خدمت ۾ آيو ۽ اچي دنيا جي شڪايت ڪرڻ لڳو. بيبي صاحبه فرمايو ته معلوم ٿئي ٿو ته اوهان کي دنيا سان ڏاڍي محبت آهي.

بزرگ پڇيو ته اهو ڪيئن؟ فرمايائين ته جيڪڏهن اوهان کي دنيا سان محبت نه هجي ها ته اوهان ان جو ذڪر ئي نه ڪريو ها. جيڪڏهن اوهان دنيا کان فارغ (آزاد) هجو ها ته ان جي نيڪي يا بديءَ کي ڪڏهن به ياد نه ڪريو ها. ڇاڪاڻ ته "من احب شيئاً اكثر ذكره" يعني جو شخص جنهن شيءِ سان محبت ڪندو آهي، اهو اڪثر ان جو ئي ذڪر ڪندو رهندو آهي.

حضرت حسن بصري رح فرمائين ٿا ته مان عصر جي نماز جي وقت رابعه بصري رح وٽ ويس. پاڻ ان وقت ڪجهه پچائي رهي هئي. گوشت ديگڙيءَ ۾ وجهي گفتگو ۾ محو ٿي ويئي

ايتري قدر جو ديگڙيءَ جو خيال ئي نہ رهيس. شام جي نماز بعد هڪ سڪيءَ مانيءَ جو ٽڪر ۽ پاڻي کڻي آئي تہ ان وقت ديگڙيءَ جو خيال آين ۽ جڏهن ديگڙيءَ کي لاهڻ لڳي تہ ڏٺائين تہ ديگڙي ٻڙڪي رهي هئي ۽ خدا جي قدرت سان گوشت خود بخود پچي ويو هو. ايتري قدر تہ لذيذ ۽ مزيدار هو جو مان اهڙو لذيذ ۽ مزيدار گوشت ڪڏهن بہ ڪونہ کاڌو هو.

حضرت سفيان ثوري رحمت الله عليه فرمائين ٿا تہ هڪ رات مان حضرت رابعہ بصري رحہ جي خدمت ۾ حاضر ٿيس. ڏٺم تہ پاڻ سڄ ايرڻ تائين محراب ۾ نماز ۾ مصروف هئي. مان بہ هڪ ڪنڊ ۾ نماز ادا ڪندو رهيس. صبح جو نماز کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ پاڻ فرمايائين تہ اسان انهيءَ ڳالهہ جو شڪريہ ڪهڙيءَ طرح ادا ڪريون جو الله تعاليٰ اسان کي ساري رات عبادت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. پوءِ فرمايائين تہ چڱو انهيءَ ڳالهہ جي شڪراني ۾ سڀاڻي روزو رکندا سين.

پاڻ هميشه هن طرح مناجات ڪندي هئي. اي پروردگار عالم! قيامت جي ڏينهن تون مون کي دوزخ ۾ وجهندين تہ مان هڪ ڀيد ظاهر ڪنديس ۽ انهيءَ سبب ڪري هزار سالن جي پنڌ جيترو دوزخ پري ٿي ويندو. اي پروردگار! جيڪي بہ دنيا ۾ منهنجي قسمت ۾ لکيل آهي اهو پنهنجي دشمنن کي ڏيئي ڇڏ ۽ جو ڪجهہ آخرت لاءِ منهنجي قسمت ۾ لکيل آهي سو بہ پنهنجي دوستن کي عطا فرماءِ. بس، منهنجي لاءِ فقط تون ئي ڪافي آهين. اي پروردگار! جيڪڏهن مان دوزخ جي خوف کان تنهنجي عبادت ڪريان ٿي تہ مون کي دوزخ ۾ وجهي ڇڏجانءِ ۽ جيڪڏهن بهشت جي اميد تي تنهنجي عبادت ڪريان ٿي تہ بهشت مون تي حرام ڪري ڇڏجانءِ. پر جيڪڏهن تنهنجي ديدار جي خاطر عبادت ڪريان ٿي تہ پوءِ ديدار ضرور عطا ڪر. جيڪڏهن تون مون کي دوزخ ۾ وجهندين تہ مان فرياد ڪنديس تہ مان توکي پنهنجو حبيب (دوست) بڻايو هو. ڇا دوست سان دوست اهڙو ئي سلوڪ ڪندو آهي؟ رابعہ بصري رحہ جي اهڙي عرض ۽ التجا تي غيب کان آواز بلند ٿيو تہ (يا رابعتہ لاتقظني بناظن السوء) يعني اي رابعہ! تون اسان کان بدظن نہ ٿيءُ. اسان توکي قريب دوستن ۾ جڳهہ ڏيندا سي تہ جيئن تون اسان سان همڪلام ٿي سگهين. پاڻ فرمايائين تہ اي پروردگار! دنيا ۾ منهنجو ڪم، ۽ منهنجي خواهش صرف تنهنجي ياد هئي ۽ آخرت ۾ منهنجي آرزو صرف تنهنجو ديدار آهي. هاڻي جيڪا تنهنجي مرضي سا ڪر.

هڪ رات پاڻ فرمائي رهي هئي تہ اي خداوند ڪريم! يا تہ منهنجي دل حاضر ڪر، يا منهنجي بي دلي وا ي نماز کي قبول ڪر.

جڏهن سندن وفات جو وقت قريب آيو تہ ان وقت ڪيترائي بزرگ سندن خدمت ۾

حاضر هئا. رابعه بصري رحه انهن کي فرمايو ته ميان هتان هليا وڃون ڇاڪاڻ ته الله تعاليٰ جي قاصدن لاءِ جڳهه گهرجي. جڏهن اهي بزرگ آئي هليا ويا ۽ دروازو بند ڪري ڇڏيائون تـه اندران هي آواز ٻڌڻ ۾ آين. "يا آيها النفس المطمئنة ارجعي الي ربک راضية مرضيه" يعني اي نفس! تون مطمئن ۽ راضي ٿي خوشيءَ سان پنهنجو پاڻ پروردگار جي طـرف موٽي وڃ. ڪجهه دير ڪان پوءِ جڏهن ڪوئي بـه آواز ٻڌڻ ۾ ڪونه آيو تـڏهن دروازو کولي ڏٺائون ته بيبي رابعه بصري رحه جو روح سندس جسم مـان پرواز ڪري چڪو هـو. اناالله وانا اليه راجعون. شـرع جي عالمن سڳورن فرمايو ته بيبي رابعه بصري رحه دنيا ۾ آئي ۽ آخرت ڏانهن تشريف وٺي ويئي. پاڻ ڪڏهن بـه الله تبارڪ وتعاليٰ جي گستاخي ڪانـه ڪئي هئائون. نـه ڪجهه طلب فرمـايو هئائون نـه پنهنجي لاءِ آسائش جـي ڪا گهر ڳـي ڪئي هئائون ۽ نه وري ڪڏهن تڪليف جي شڪايت ئي ڪئي هئائون. ڪن بزرگن بيبي رابعه بصري رحمها الله کي خواب ۾ ڏٺو ۽ ڪانئس دريافت ڪيائون ته قبر ۾ منڪر نڪير اوهان سان ڪهڙي نموني ۾ پيش آيا. فرمايائين ته جڏهن منڪر ۽ نڪير آيا ۽ پڇيائون ته "من ربک" يعني تنهنجو رب ڪير آهي؟ تـه مان کين چيو ته واپس وڃي ڪري خدا کي چئو ته مان ڪڏهن ان کي وساريو هو جو اڄ مون ڪان پنهنجي باري ۾ پڇا ڪرائي رهيو آهي.

* ذڪر حضرت فضيل بن عياض رحمت الله عليه *

توبه ڪندڙن ۾ اڳرا، احسان ۽ ڪرم جـا آفتاب، عرفان ورع جـا درياه ۽ جهان کان روگردان هئا. پـاڻ پير طريقت ۽ مشائخ ڪبار مـان طريقت جـا عيار ۽ متوده اڪران هئـا. رياضت ۽ ڪرامت ۾ شان نهايت اعليٰ ۽ ارفع هو ۽ معرفت ۾ ٻئي لاثاني هئا.

ابتدائي حالت ۾ بيابان ۾ تنبو کوڙي رهندا هئا. بدن تي ٿلهو لباس، مٿي تي صوف جي جي ڪـلاه پهري ۽ هٿ ۾ تسبيح کڻي ان تنبوءَ ۾ ويٺا رهندا هئا. سندن سڀ احبـاب ۽ آشنا چور ۽ ڌاڪو هوندا هئا. جيڪي ڪتان ڪتان جو.مال چورائي يـا ڌاڙو هڻي، کڻي آڻي سندن آڏو پيش ڪندا هئا. پاڻ اهو مال انهن ۾ ورهائيندا هئا. جيتوڻيڪ اهڙي قسم جي ٽولي جا سردار هئا پر تنهن هوندي به نماز با جماعت جا سخت پابند هوندا هئا. جيڪڏهن سندن ڪو شاگرد يـا خدمتگار نماز با جماعت ادا ڪونه ڪندو هو ته ان کي پنهنجي جماعت مان ڪڍي ڇڏيندا هئا.

هڪ ڏينهن جـو ذڪر آهي تـه هڪ قافلو سفر تي وڃي رهيو هـو. انهيءَ قافلي ۾ هڪ ساهوءَ وٽ ڪافي نقد رپيا هئا. جڏهن ان ٻڌو تـه رستي ۾ سـلامتي ڪانهي، ڌاڙا لڳندا آهن ۽

قافلن کي ڦريو لٽيو ويندو آهي. تڏهن پنهنجي رپين جي بچائڻ لاءِ سوچيائين ۽ خيال ڪيائين تہ جهنگ ۾ ڪنهن جاءِ تي اهي رپيا پوري ڇڏيان پوءِ جيڪڏهن ڌاڙو بہ لڳي پوي تہ منهنجا پيسا تہ محفوظ هوندا. اهو خيال ڪري هو جهنگ جي طرف روانو ٿيو ۽ پيسن لڪائڻ جي لاءِ ڪنهن موزون جاءِ جي تلاش ڪرڻ لڳو. اچان انهيءَ گهولا ۾ ئي هو تہ هن جي نظر وڃي هڪ خيمي تي پيئي. اتي وڃي ڏسي تہ هڪ ماڻهو ٿلهي پوشاڪ پهريو، تسبيح هٿ ۾ جهليو خدا جي ياد ۾ مشغول ويٺو آهي. دل ۾ سوچيائين تہ هي رپيہ انهيءَ نيڪ بزرگ وٽ رکڻ گهرجن. اهو خيال ڪري انهيءَ بزرگ وٽ آيو ۽ سمورو حال ڪري ٻڌائينس تہ هي پيسا مان اوهان وٽ امانت طور رکڻ گهران ٿو. تنهن تي ان بزرگ فرمايو تہ اهي رپيا هڪ ڪنڊ ۾ پنهنجي هٿ سان رکي ڇڏ ۽ ڪنهن بہ قسم جو خيال نہ ڪر. جڏهن اهو شخص رپيا رکي هليو ويو تہ معلوم ٿيس تہ قافلو لٽجي چڪو آهي. سو مجبور ٿي قافلي مان بچيل سچيل شيون کڻي واپس موٽڻ لاءِ وري ساڳئي بزرگ جي خيمي ۾ آيو انهيءَ لاءِ تہ جيئن پنهنجي رکيل امانت کڻي هليو وڃان. جڏهن اتي پهتو تہ ڏٺائين تہ ساڳيو شخص قافلي جو لٽيل مال ڌاڙيلن ۾ تقسيم ڪري رهيو آهي. اهو ڏسي سخت افسوس ٿيس ۽ بي اختيار زبان مان نڪري ويس تہ افسوس! خود پنهنجي هٿن سان پنهنجا رپيا چور جي حوالي ڪري ڇڏيا اٿم. اهو آواز انهيءَ بزرگ (فيضل بن عياض) ٻڌي ورتو ۽ آواز ڏيئي چيائين تہ ڊڄ نہ، اندر هليو اچ. ڊڄندي ڊڄندي اهو شخص حضرت فضيل جي اڳيان آيو. پاڻ فرمايائونس تہ تون ڇا جي لاءِ واپس آيو آهين؟ ان شخص چيو تہ پنهنجي امانت واپس وٺڻ لاءِ آيو آهيان. پاڻ فرمايائونس تہ جتي رکيا اٿيئي اتان وڃي کڻ. اهو شخص جڏهن پيسا کڻي روانو ٿي ويو تڏهن چورن ۽ ڦورن کين چيو تہ اسان کي هن قافلي ۾ روڪڙ هٿ ڪونہ لڳي هئي اوهان هن کي ڇو پيسا ڏيئي ڇڏيا. پاڻ فرمايون تہ هن مون کي نيڪ خيال ڪيو هو ۽ مان بہ الله تبارڪ وتعاليٰ ۾ نيڪ خيال رکندو آهيان. مان هن جي خيال کي ان لاءِ درست ڪيو تہ جيئن الله تبارڪ وتعاليٰ منهنجي خيال کي درست ڪري ڇڏي. ان کان پوءِ هڪ ٻيو قافلو لٽيو ويو. جڏهن قافلو پوريءَ طرح لٽجي چڪو تڏهن هڪ مسافر انهن ڌاڙيلن کان پڇيو تہ اوهان جو ڪو سردار بہ آهي؟ ڌاڙيلن چيو تہ هائو. پڇيو ويو تہ اهو ڪٿي آهي؟ چيائون تہ درياهہ جي ڪناري تي نماز ادا ڪندو رهندو آهي، مسافر عجب وچان پڇيو تہ اها ڪهڙي قسم جي نماز آهي؟ چيائون تہ ظاهري نماز ئي سمجهڻ گهرجي. مسافر وري پڇيو تہ اوهان جو سردار ڇا کائيندو آهي؟ جواب ڏنائون تہ اهو روزي ۾ رهندو آهي. اهو ٻڌي انهيءَ شخص کي بيحد حيرت لڳي ۽ ڌاڙيلن کي چيائين تہ مون کي ان جو پتو ڏيندا، جو مون کي ان سان ملڻو آهي. آخر پتو وٺي حضرت فضيل رحہ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين تہ

روزي ۽ نماز سان گڏ چوريءَ ۽ ڌاڪا زنيءَ جو ڪھڙو تعلق آھي؟ فرمايائون تہ تون قرآن پاڪ پڙھيل آھين؟ ھن چيو تہ ھائو. پاڻ فرمايائون تہ ڇا تو ھيءَ آيت شريف ڪانہ پڙھي آھي؟ "وآخرون اعترفوا بذنوبھم خلطوا عملا صالحا" يعني جن پنھنجي گناھن جو اقرار ڪيو ۽ نيڪ اعمال کي گڏي سڏي ڇڏيو" اھو ٻڌي اھو شخص حيران ٿي ويو.

نقل آھي تہ حضرت فضيل رحہ جي مروت ۽ مردانگيءَ جو ھي حال ھو جو ڪنھن قافلي ۾ جيڪڏھن ڪا عورت ھوندي ھئي تہ ان کي ڦرڻ کان چورن کي منع ڪندا ھئا يا جن وٽ سرمايو گھٽ ھوندو ھو تہ ان کي لٽڻ کان بہ منع ڪري ڇڏيندا ھئا. پاڻ لٽيندڙن کي ھدايت ڪري ڇڏي ھئائون تہ ڪنھن بہ شخص کان ايترو ڪين ڦريو جو وٽس ڪجھہ بہ نہ بچي پر ڪجھہ نہ ڪجھہ رقم ھن وٽ رھڻ ڏيو تہ جيئن خرچ ڪري واپس موٽي سگھي.

پاڻ ھڪ عورت سان محبت ڪندا ھئا ڪين انھيءَ راھہ زنيءَ مان جيڪي ڪجھہ حاصل ٿيندو ھو تہ اھو سڀ ان عورت ڏانھن ڏياري موڪليندا ھئا پاڻ ڪڏھن ڪڏھن ان وٽ ويندا ھئا ۽ ان عورت جي محبت ۾ سخت بيقرار رھندا ھئا.

ھڪ رات جو واقعو آھي تہ ھڪ قافلو ڪيڏانھن وڃي رھيو ھو. ان ۾ ھڪ شخص ھيءَ آيت پڙھي رھيو ھو.

"الم يان للذين آمنو ان تخشع قلوبھم لذکرالله وما نزل من الحق" يعني "ايمان وارن لاءِ اھڙو وقت نہ آيو آھي جو ان جي ذڪر ۽ فرمان جي طرف مائل ٿين" قرآن شريف جي اھا آيت ٻڌي حضرت فضيل رحہ جي دل تي رقت طاري ٿي ويئي ۽ ان آيت جڻ ڪين ھدايت جو ڪليو رستو ڏيکاري ڇڏيو. انھيءَ تي پنھنجي دل کي مخاطب ٿي چيائون تہ ڪيتري وقت تائين تون رھزني وارو ڪم اختيار ڪندي رھندينءَ. ڇا تو خدا جو حڪم ڪونہ ٻڌو؟ ائين چوندي ٿي پاڻ ھڪ رڙ ڪيائون ۽ فرمايائون تہ "رجاء فتاب واناب" يعني "مان توبھہ ڪئي ۽ پنھنجي رستي کان واپس ٿيس" ائين چئي پنھنجي خيمي کان بيقراريءَ واري عالم ۾ ٻاھر نڪري قافلي جي طرف ڊوڙ پاتائون. قافلو ٿوري مفاصلي تي منزل انداز ھو. پاڻ جڏھن اتي پھتا تڏھن پنھنجي متعلق قافلي وارن کان ڳالھيون ٻڌائون. انھن مان ھڪ چئي رھيو ھو تہ فضيل ڪڏھن بہ راھہ راست تي نہ ايندو. اھو ٻڌي پاڻ انھن جي ويجھو وڃي ڪين چيائون تہ مان توھان سڀني کي خوشخبري ٻڌايان ٿو تہ اڄ کان پوءِ ھر قافلو ھتان بنا خوف خطري جي لنگھي سگھي ٿو. توھان بہ بي خوف ھليا وڃو. اڄ فضيل ڌاڪا زنيءَ کان سچي توبھہ ڪئي آھي. ھن کان اڳ اوھان سڀ مون کان پڇڻ جي ڪوشش ڪندا ھئا ۽ اڄ کان پوءِ مان اوھان کان پڇڻ جي ڪوشش ڪندس. ڏسو مان اوھان کان پڇي رھيو آھيان ائين چئي اتان

پڇندا هليا ويا. انهيءَ ڪان پوءِ هر انهيءَ شخص وٽ ويا جنهن کي هن کان رنج رسيو هو ۽ هر هڪ کان معافي ورتائون مگر هڪ يهوديءَ معافي ڪانه ڏني. يهوديءَ چيو ته مان توکي ان وقت معاف ڪندس جڏهن تون هي واريءَ جو ڍڙو ڪڍندين. اگرچ اهو واريءَ جو ڍڙو تمام وڏو هو پر تنهن هوندي به حضرت فضيل هن کان معافي حاصل ڪرڻ واسطي ان واريءَ جي ڍڙي کي هٽائڻ لاءِ واري ڪڍندا درياه ۾ ڦٽو ڪندا ٿي ويا. الله تعاليٰ جي قدرت سان هڪ رات اهڙي زور سان هوا لڳي جو اها واري پنهنجو پاڻ اڏري ويئي ۽ ميدان صاف ٿي ويو. اهو ڏسي يهوديءَ وري آزمائش خاطر چيو ته تنهنجي هڪ شاگرد منهنجي رپين جي ٿيلهي چورائي هئي. جيستائين اوهان مون کي اها ٿيلهي منهنجي سيرانديءَ کان هٿ جو هاٿي نه ڪڍي ڏيندا تيستائين سان اوهان کان خوش نه ٿيندس ۽ اوهان کي پنهنجو ڏوهه معاف نه ڪندس. آخر حضرت فضيل رحه ان يهوديءَ کي ان جي سرانديءَ طرف وٺي ويو ۽ رپين جي ڀريل ٿيلهي ڪڍي ڏني. يهوديءَ حضرت فضيل رحه جي اهڙي ڪرامت ڏسي حيران رهجي ويو ۽ هٿ ٻڌي عرض ڪيائين ته هاڻي اول اوهان مون کي مسلمان ڪريو ته پوءِ مان اوهان کان راضي ٿيندس. يهودي مسلمان ٿيڻ ڪري بيحد خوش ٿيو ۽ حضرت فضيل رحه کي عرض ڪيائين ته ڇا اوهان کي خبر آهي ته مان ڇو مسلمان ٿيو آهيان! پاڻ فرمايائونس ته نه مون کي ڪابه خبر ناهي. تون ٻڌاءِ! يهوديءَ چيو ته اڄ تائين مون کي اهو معلوم ڪونه هو ته سچو مذهب ڪهڙو آهي پر اڄ مون کي معلوم ٿي ويو. توريت شريف ۾ به هي حڪم آيل آهي ته جنهن شخص جي توبهه قبول ٿي ويندي آهي ته اهو جيڪڏهن مٽيءَ ۾ به هٿ وجهندو ته اها به سوني ٿي ويندي. مان آزمائش جي طور تي پنهنجي سيرانديءَ کان ٿيلهيءَ ۾ مٽي ڀري رکي هئي جيڪا اوهان جي هٿ لڳائڻ سان رپين جي ٿيلهي بڻجي ويئي. هاڻي مون کي يقين ٿي ويو آهي ته اوهان سچا آهيو ۽ اوهان جو مذهب سچو آهي.

نقل آهي ته پاڻ ڪنهن شخص کي چيائون ته مون کي ٻڌي بادشاه وٽ وٺي هلو ته جيئن منهنجي لاءِ شرعي تعذير ڏنو وڃي ڇاڪاڻ ته مان انهيءَ جي لائق آهيان. انهيءَ شخص ائين ئي ڪيو يعني ڪيس ٻڌي بادشاه وٽ وٺي ويو. بادشاه حضرت فضيل رحه کي نيڪ ۽ متقي ڄاڻي ڏاڍي عزت ۽ احترام سان واپس سندس گهر موڪلي ڇڏيو. پاڻ جڏهن گهر پهتا ته هڪ دانهن ڪيائون گهر وارن پڇيو ته اوهان کي ڪو زخم رسيو آهي ڇا؟ فرمايائون ته هائو هڪ وڏو زخم رسيو آهي پڇيائونس ته ڪٿي؟ فرمايائون ته دل تي. پوءِ پنهنجي گهر واريءَ کي چيائون ته مان حج تي وڃڻ جو ارادو ڪبو آهي جيڪڏهن تنهنجي مرضي آهي ته مان توکي آزاد ڪري ڇڏيان. نيڪ بخت گهر واريءَ جواب ڏنو ته مان زندگيءَ تائين توهان جو ساٿ نه ڇڏيندس

مرندي دم تائين اوهان سان گڏ رهي ڪري اوهان جي خدمت ڪندي رهنديس. پاڻ جڏهن مڪي شريف پهتا تہ الله تبارڪ وتعاليٰ مٿس وڏو ڪرم ڪيو جو مڪي شريف جي خدمت سندن سپرد ڪئي وئي ۽ ڪن بزرگن ۽ اوليائن جي زيارت ڪان بہ پاڻ مستفيد ٿيا. حضرت امام ابو حنيفہ رحمت الله عليه کان پاڻ علم حاصل ڪيائون ۽ گھڻا سال ان جي صحبت ۽ محبت ۾ رهيا. مڪي شريف ۾ ڪين ڏاڍي عزت ۽ شهرت حاصل ٿي. پاڻ جڏهن بہ وعظ فرمائيندا هئا تہ هزارين ماڻهو اچي گڏ ٿيندا هئا. آخر اهڙيءَ شهرت، کان تنگ اچي خراسان هليا ويا.

نقل آهي تہ هڪ رات هارون رشيد پنهنجي وزير فضل برمڪي کي چيو تہ اڄ رات مون کي اهڙي بزرگ وٽ وٺي هل جنهن کي ڏسي منهنجي قلب کي سڪون ۽ راحت حاصل ٿئي. وزير فضل کيس سفيان عينيا وٽ وٺي ويو. جڏهن مذڪوره بزرگ جي گھر وٽ پهتا تڏهن ان جي گھر جو دروازو کڙڪايو ويو. سفيان اندران پڇيو تہ ڪير آهي؟ جواب مليو تہ اميرالمومنين. سفيان فرمايو تہ اوهان ڇو تڪليف ڪئي آهي. مون کي اڳواٽ اطلاع ڏيئي ڇڏيو ها تہ مان اوهان جي خدمت ۾ خود اچان ها. اهو ٻڌي هارون رشيد چيو تہ هي اهڙو شخص نہ آهي جنهن سان منهنجي دل کي اطمينان رسي سگهي. سفيان اهو ٻڌي جواب ڏنو تہ اوهان کي جنهن جي تلاش آهي اهو فضيل بن عياض رحمت الله عليه ئي آهي. اتان هلي هارون رشيد ۽ وزير فضل حضرت فضيل رحمت الله عليه جي گھر وٽ آيا. جڏهن هن جي دروازي تي پهتا تڏهن ٻڌائون تہ پاڻ هي آيت شريف پڙهي رهيا هئا. ”أم حسب الذين احترهو السيات ان نجعلهم كالذين آمنو“ يعني بد اعمال ماڻهو هي خيال ڪندا آهن تہ اسان انهن کي نيڪ اعمال ماڻهن جي برابر مرتبو ڏيندا سون. اهو ٻڌي هارون رشيد پنهنجي وزير کي چيو تہ جيتوڻيڪ منهنجي لاءِ اهو ئي ڪافي آهي پر تنهن هوندي بہ دروازي کي کڙڪاءِ تہ جيئن اندر هلي زيارت ڪريون. وزير دروازو کڙڪايو تہ اندران پاڻ پڇيائون تہ ڪير آهي؟ وزير جواب ڏنو تہ ٻاهر اميرالمومنين بيٺل آهي. پاڻ فرمايائون تہ اميرالمومنين جو مون ۾ ڪهڙو ڪم آهي ۽ منهنجو اميرالمومنين سان ڪهڙو واسطو. مون کي زماني جي ڳالهين ۾ نہ وجهو وڃون ۽ وڃي پنهنجو ڪم ڪريو. وزير چيو تہ بادشاه جي فرمانبرداري واجب آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ مون کي وڌيڪ پريشان نہ ڪريو. وزير چيو تہ اسان کي اندر اچڻ جي اجازت ڏيو نہ تہ اسان حڪماً اندر هليا ايندا سين. پاڻ فرمايائون تہ اجازت تہ مان ڪونہ ٿو ڏيان باقي توهان پنهنجي حڪم سان اندر اچي سگهو ٿا. آخر ڪار بادشاه ۽ وزير اندر داخل ٿيا. جيئن ئي هو اندر گھڙيا تہ حضرت فضيل رحمت الله عليه ڏيئو وسائي ڇڏيو انهيءَ لاءِ تہ جيئن هارون رشيد ڏسي نہ سگهي. ايتري ۾ هارون رشيد جو هٿ حضرت فضيل رحہ جي هٿ سان لڳي ويو. انوقت

پاڻ فرمايائون تہ ڪهڙو نہ نرم هٿ آهي ڪاش! جو دوزخ جي باھ کان بچي وڃي. ائين چئي پاڻ نماز ۾ مشغول ٿي ويا. حضرت فضيل رحمت الله عليه جي بي رخي ۽ نامهري ڏسي هارون الرشيد روئڻ لڳو ۽ عرض ڪيائين تہ ڪجھ نصيحت فرمايو. پاڻ نماز کان فارغ ٿي فرمايائون تہ تنهنجو پيءُ مصطفيٰ جو چاچو هو هن مصطفيٰ کان خواهش ڪئي تہ مون کي ٻہ ڪنهن صوبي جو حاڪم ڪر مصطفيٰ چيس تہ "عم بک نفسک" يعني تو کي پنهنجي نفس جو امير ڪري ڇڏيو. خلقت جي هزار سالن جي خدمت کان هي وڌيڪ بهتر آهي جو تنهنجو نفس حقيقي خالق جي فرمانبرداريءَ ۾ رهي. "ان الامارة يوم القيامۃ فدامۃ" يعني قيامت جي ڏينهن اميري ۽ حاڪميت شرمندگيءَ جو سبب بڻبي. اهو ٻڌي هارون الرشيد وري عرض ڪيو تہ اڃان ڪجھ وڌيڪ فرمايو. پاڻ فرمايائون "تہ جڏهن عمر بن عبدالعزيز کي خلافت ملي تہ پاڻ سنا بن عبدالله، رجا بن حيوة ۽ محمد ٻن ڪعب کي گهرائي چيائون تہ مان مصيبت ۾ ڦاسي ويو آهيان تنهن ڪري هاڻي ان جو ڪهڙو علاج ڪريان؟ انهن مان هڪ چيو تہ جڏهن اوهان قيامت جي ڏينهن جي عذاب کان بچڻ گهرو ٿا تہ ضعيف مسلمانن کي پنهنجي پيءُ جي برابر سمجهو، جوانن کي پائرن وانگيان ڇاڻو ننڍن کي اولاد مطابق ۽ عورتن کي ڀينرن جيان سمجهو. اهڙي طرح سيني ماڻهن سان اهڙوئي سلوڪ ڪربو جيڪو پنهنجي ماءُ پيءُ ڀائرن ڀينرن ۽ اولاد سان ڪندا آهيو. هارون الرشيد وري عرض ڪيو تہ وڌيڪ ڪجھ فرمايو. پاڻ فرمايائون هيءُ اسلامي ملڪ يا رياست توهان جو گهر آهي ۽ خلقت توهان جي اولاد آهي. ماءُ پيءُ سان نرمي، ڀائرن ۽ ڀينرن سان مهرباني ۽ ننڍن ٻارن سان نيڪ سلوڪ ۽ پيار ۽ محبت سان هلڻ گهرجي. وري فرمايائون تہ مون کي خوف ٿو ٿئي تہ تنهنجو خوبصورت چهرو دوزخ جي باھ ۾ پئجي خراب نہ ٿي وڃي. وري فرمايائون تہ "کم من وجه اصبح في النار قبيح وکم من امير هناک اسير" يعني وڌيڪ خوبصورت چهرا دوزخ جي باھ ۾ پئجي بدصورت ٿي پوندا ۽ ڪيترا ئي سردار اتي قيدي هوندا بادشاه وري عرض ڪيو تہ اڃا ڪجھ وڌيڪ فرمايو. پاڻ فرمايائون تہ الله تبارڪ وتعاليٰ کان ڊڄ، ۽ ان جي روبرو جواب ڏيڻ لاءِ تيار رھ. ڇاڪاڻ تہ جڏهن قيامت جي ڏينهن الله تبارڪ وتعاليٰ هر هڪ مسلمان جي باري ۾ اوهان کان پڇي ۽ هر هڪ جو انصاف توهان کان طلب ڪري تہ توهان پنهنجو بچاءُ ڪري سگهو. جيڪڏهن ڪا مفلس پوڙهي رات جو بکي رهجي ويئي تہ قيامت جي روز اها ٻہ توهان جي دامن کي ڇڪيندي ۽ توهان سان وڙهندي. حضرت فضيل رحمت الله عليه جون نصيحتون ٻڌي بادشاه هارون الرشيد ايتري قدر رنو جو بيهوش ٿي ويو. تڏهن وزير فضل برمڪي چيو تہ اي فضيل! هاڻي بس ڪر. امير المومنين کي تہ اوهان بيهوش ڪري ڇڏيو.

فرمايائون تہ اي هامان! چپ ڪر. چاڪاڻ تہ تو ۽ تنهنجي قوم ٿي هن ڪي بيهوش بڻائي رکيو آهي ۽ نہ مان. بادشاه اهو ٻڌي اچان بہ وڌيڪ رنو ۽ پنهنجي وزير کي چيائين تہ حضرت فضيل رحہ توکي هامان ان ڪري فرمايو جو مون کي فرعون سمجهيائون. ان کان پوءِ هارون الرشيد حضرت فضيل رحمت الله عليه کان دريافت ڪيو تہ اوهان کي ڪجهہ ڪنهن کي ڏيڻو آهي. فرمايائين تہ هائو خدا کي ڏيڻو آهي. اهو قرض آهي عبادت، جيڪڏهن مون کي ان جي عيوض گرفتار ڪرڻو آهي يا جواب ظلب ڪرڻو آهي تہ مون کي پنهنجي حالت تي افسوس آهي. بادشاه چيو تہ منهنجي مراد دنيا جا ماڻهو آهن متان ،ماڻهن جي طرفان اوهان تي ڪو قرض هجي. پاڻ فرمايائون تہ الله تبارڪ وتعاليٰ جو شڪر آهي جو مون تي ان جون بيشمار نعمتون ۽ مون ڪي ڪنهن بہ قسم جي شڪايت ڪانهي. آخر هارون الرشيد هزار دينار حضرت فضيل جي اڳيان پيش ڪندي چيو تہ هي حلال مال مان آهن مون کي والده جي ورثي مان مليا آهن سي قبول فرمايو. تنهن تي پاڻ فرمايائون تہ منهنجي نصيحتن جو توهان تي ڪو بہ اثر ڪونہ ٿيو جو منهنجي سامهون مون تي ئي ظلم شروع ڪري بي انصافي اختيار ڪئي اٿو. مان توهان کي نجات جي طرف سڏيان ٿو ۽ توهان مون کي هلاڪت ۾ وجهڻ گهرو ٿا. منهنجو چوڻ تہ هي آهي تہ جيڪي ڪجهہ اوهان وٽ آهي اهو ان جي مالڪن کي واپس ڏيئي ڇڏيو. ليڪن توهان اهڙي شخص کي ڏيو ٿا جنهن کي ڏيڻ جو ڪو حق ئي ڪونهي. افسوس! توهان کي منهنجي ڳالهين جو ڪو بہ فائدو ڪونہ پهتو. ائين چئي پاڻ اٿي ڪري ٿيا. انهيءَ تي بادشاه ۽ وزير بہ اٿي بيٺا انهن کي ٻاهر ڪڍي حضرت فضيل رحمت الله عليه دروازو بند ڪري ڇڏيو. هارون الرشيد ٻاهر نڪري وزير کي چيو تہ واقعي فضيل بن عياض نيڪ مردن جو مرد آهي.

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن پنهنجي پٽ کي جهوليءَ ۾ وجهي ڪيس منهن تي چميون ڏيئي رهيا هئا تہ پٽ پڇيس تہ بابا! ڇا اوهان کي مون سان محبت آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ هائو. پٽ وري پڇيس تہ الله تعاليٰ سان بہ اوهان محبت ڪريو ٿا؟ فرمايائون تہ هائو. وري پٽ چيس تہ بابا! هڪ دل ۾ ٻن ڄڻن جي محبت ڪيئن سمائجي سگهي ٿي؟ پٽ جي اها ڳالهہ ٻڌندي ئي ڪين سخت شرمندگي ٿي ۽ پٽ کي جهوليءَ مان ڪڍي ياد الاهيءَ ۾ مصروف ٿي ويا.

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن پاڻ عرفات جي ميدان تي بيٺا هئا. ماڻهن جي آهہ و زاري ۽ استغفار کي ٻڌندي ئي فرمايائون تہ سبحان الله! جيڪڏهن ايترا ماڻهون ڪنهن بخيل وٽ وڃي ايتري قدر آهہ و زاري ڪن ها ۽ ڪانئس سون گهرن ها تہ شايد هو انهن کي نا اميد نہ موٽائي ها. ۽ تون تہ (خدا سان مخاطب ٿيندي) ارحم الراحمين ۽ ڪريم آهين.. تنهنجي اڳيان آهن سڀني کي بخش ڇڏڻ ڪهڙي وڏي ڳالهہ آهي. مون کي اميد آهي تہ تون پنهنجي ٻندن تي

پنهنجو رحم و ڪرم فرمائيندين. انهيءَ عرفات جي ميدان ۾ هڪ رات ڪانئس ڪنهن شخص دريافت ڪيو ته هنن ماڻهن جي ڪهڙي حالت آهي. فرمايائون ته جيڪڏهن فضيل انهن ۾ نه هجي ها ته هي ڪڏهن به نه بخشيا وڃن ها. وري ڪانئن پڇيو ويو ته هي سڀ ماڻهو خوفزده ڇو نٿا نظر اچن. فرمايائون ته جيڪڏهن هي ڊڄن ها ته توکان پوشيده نه رهن ها. چاڪاڻ ته خوفزده کي خوفزده سڄاڻي سگهي ٿو ۽ دردمندن کي دردمند ئي سمجهي ٿو. ڪنهن ڪانئن پڇيو ته الله تبارڪ وتعاليٰ جي دوستيءَ جي آخري درجي تائين انسان ڪڏهن پهچي ٿو؟ فرمايائون ته جڏهن الله تبارڪ وتعاليٰ جي بخشش ۽ نعمت هجڻ يا نه هجڻ سندن اڳيان هڪجهڙي (برابر) هجي. پڇيو ويو ته اهڙو شخص، جيڪو "لبيڪ" چوڻ ته گهري ٿو مگر (لا) بعني "ڪونهي" جي خوف کان "لبيڪ" نٿو چئي سگهي. اهڙي ماڻهوءَ جي نسبت اوهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟ فرمايائون ته مون کي اميد آهي ته جنهن شخص جي اهڙي حالت هجي ۽ پنهنجي متعلق اهڙو خيال ڪري ته ان کان وڌيڪ لبيڪ چوڻ وارو ٻيو ڪوبه ڪونهي.

ڪانئن دريافت ڪيو ويو ته دين جي اصليت ڇا آهي؟ فرمايائون ته "عقل" پڇيو ويو ته عقل ڇا آهي؟

فرمايائون ته "علم" پڇيو ويو ته علم جي اصليت ڇا آهي؟ پاڻ فرمايائون ته "صبر"

حضرت احمد حنبل رحمت الله عليه فرمائين ٿا ته مان فضيل رحه کان ٻڌو آهي ته جنهن خواهش ڪئي اهو خوار ٿيو. انهيءَ تي جڏهن مان عرض ڪيو ته مون کي ڪا نصيحت فرمايو تڏهن فرمايائون ته پيروي ڪر ۽ پيروي ڪندڙن مان ٿيءُ. اها تمام ئي سٺي ڳالهه آهي.

حضرت بشر حافي رحه فرمائين ٿا ته مان حضرت فضيل رحه کان پڇيو ته زاهد چڱو آهي يا راضي رهندڙ. پاڻ فرمايائون ته زاهد کان راضي رهندڙ چڱو آهي. چاڪاڻ ته جو راضي آهي سو پنهنجي موجوده رتبي کان وڌيڪ رتبو نٿو گهري.

نقل آهي ته حضرت سفيان ثوري رحمت الله عليه فرمايو آهي ته مان هڪ رات فضيل رحه جي خدمت ۾ حاضر هوس ۽ ڪين آيتون ۽ ڪي خبرون ٻڌائيندو رهيو هوس ان سان گڏ هي به عرض ڪيم ته رات ڪهڙي نه مبارڪ آهي جو وحدت کان به بهتر آهي. اهو ٻڌي پاڻ فرمايائون ته اجوڪي رات ڪهڙي نه بري آهي. ڪالهوڪي هم نشيني ڪهڙي نه خراب هئي. مون ڪانئس پڇيا ڪئي ته ڪهڙيءَ طرح. پاڻ فرمايائون ته اوهان صرف اهڙين ڳالهين ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هئا جنهن سان منهنجي دل کي خوشي حاصل ٿئي ۽ مان انهيءَ خيال ۾ رهيس ته اهڙو ڪو جواب ڏيان جيڪو اوهان جي پسنديءَ جهڙو هجي ان ڪري اسان ٻئي هڪ ٻئي لاءِ الله جي ياد کان غافل رهيا سين ۽ ذڪر الاهي نه ڪري سگهيا سين. تنهن ڪري اڪيلو

رهي الله تبارڪ وتعاليٰ جي عبادت ۾ مصروف رهڻ ٿي بهتر آهي.

نقل آهي ته هڪ شخص سندن خدمت ۾ حاضر ٿيو. پاڻ ان ڪان پڇيائون تہ تون ڇا لاءِ آيو آهين؟ ان عرض ڪيو تہ انهيءَ لاءِ آيو آهيان تہ جيئن اوهان جي زيارت سان اطمينان قلب جو حاصل ڪري سگهان. پاڻ فرمايائون تہ خدا جو قسم تہ انهيءَ ڳالهه ڪري تہ اجان بہ نفرت وڌندي.ڇاڪاڻ تہ تون انهيءَ لاءِ آيو آهين تہ مون کي ڏوکو ڏين ۽ مان توکي. انهيءَ تي ان شخص چيو تہ منهنجي خواهش آهي تہ مان بيمار ٿي پوان تہ جيئن با جماعت جي حڪم کان ڇٽي پوان. اهو ان ڪري تہ جيئن ماڻهن جو منهن نہ ڏسان. پاڻ فرمايائون تہ تون اهڙي هنڌ وڃي رهہ جتي نہ ڪو توکي ڏسي سگهي ۽ نہ تون ئي ڪنهن کي ڏسي سگهين. پاڻ فرمائين ٿا تہ مان اهڙي شخص جو وڏي ۾ وڏو احسان سمجهندو آهيان جيڪو سامهون لنگهي وڃي ۽ مون کي سلام نہ ڪري ۽ جڏهن مان بيمار ٿي پوان تہ مون کان پڇڻ نہ اچي. پاڻ فرمايائون تہ جڏهن رات ٿيندي آهي تہ مان ان لاءِ خوش ٿيندو آهيان تہ مون کي اڪيلائي نصيب ٿيندي. مگر جڏهن ڏينهن ٿيندو آهي تہ مان غمگين ٿي ويندو آهيان. ڇاڪاڻ تہ مون کي خلقت سان منهن ڏيڻو پوندو آهي جو منهنجي واسطي باعث تڪليف آهي. پاڻ فرمايو اٿن تہ جيڪو شخص ماڻهن سان محبت ڪري ٿو ۽ تنهائي کان گهبرائي ٿو اهو سلامتيءَ کان پري آهي. فرمايائون تہ جو شخص الله تبارڪ وتعاليٰ کان ڊڄي ٿو، ان جي زبان گونگي ٿي ويندي آهي. فرمائين ٿا تہ جڏهن الله تبارڪ وتعاليٰ ڪنهن کي پنهنجو دوست بڻائيندو آهي تہ ان کي گهڻن ڏکن ۽ غمن ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندو آهي ۽ جڏهن ڪنهن بندي کي دشمن بڻائيندو آهي تہ ان کي هن دنيا جي دولت ڏيئي ڇڏيندو آهي. فرمائين ٿا تہ جيڪڏهن ڪو غمگين شخص ڪنهن مجلس ۾ روئي تہ اها ساري مجلس ان کان ملول ٿي ويندي آهي. پاڻ فرمايائون تہ هر شيءِ جي زڪوات ٿيندي آهي. عقل جي زڪوات آهي غم جي زيادتي ۽ غم جو گهڻو وقت رهڻ. اهوئي سبب هو جو حضور پرنور صلي الله عليه وسلم جن هميشه مغموم رهندا هئا. فرمائين ٿا تہ جيڪو شخص بهشت ۾ روئي تہ اهو ايترو تعجب وارو نہ آهي جيترو تعجب ڪنهن شخص جي هن دنيا ۾ کلڻ تي ٿيندو. جڏهن ڪنهن جي دل ۾ خدا گهر ڪري وڃي ٿو تہ دنيا جي هر چيز ان کان ڊڄي ٿي ۽ جو شخص الله تبارڪ وتعاليٰ کان نٿو ڊڄي اهو سيني شين کان ڊڄي ٿو. مان هن امت ۾ اميدوار ۽ با ترس ابن سيرين رحمت الله عليه کان وڌيڪ ڪنهن کي بہ ڪونہ ڏٺو آهي. پاڻ فرمائيندا هئا تہ مون کي جيڪڏهن ساري دنيا هن شرط تي ڏني وڃي تہ اها حلال جي آهي ۽ ان جو حساب بہ نہ ٿيندو تہ مون کي ان جي قبولڻ ۾ اهڙو ئي شرم محسوس ٿيندو جهڙو شرم توهان کي مردار شيءِ جي وٺڻ کان ٿئي. پاڻ تمام

بدين ۽ براين کي هڪ جاء ۾ بند ڪري ان مڪان جـي ڪنجي دنياوي محبت کي بڻايائون. فرمائين ٿا تہ دنيا ۾ آغاز ڪرڻ تہ آسان ڳالهہ آهي، ليڪن ان ڪـان خلوص حاصل ڪرڻ ۽ ان سان وعدي وفائي ڪرڻ تمام مشڪل آهي.

فرمايائون تہ دنيا هڪ پاڳل خانو آهي. خلقت دنياوي محبت جون پيڙيون آهن ۽ پاٽي ان ۾ بند آهن. پاڻ قسم کڻي فرمايائون تہ قسم آهي خدا جو تہ آخرت (جو باقي رهڻ واري آهي) نڪرين .وانگيان معلوم ٿئي ٿـي ۽ هي دنيا فاني سيم ۽ زر وانگيان نظر اچي ٿـي. بهتر ائين آهي تـہ خلقت سيم ۽ زر جي بجاء نڪرين طرف مائل ٿيڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تـہ دنيا فنا ٿيڻ واري نڪريءَ جي طرح آهي ۽ آخر هميشه رهڻ واري دولت آهي. فرمايائون تہ اي انسان تون اڄ قيمتي نـرم نازڪ ڪپڙن ۽ لـذيذ کاڌن تي ناز نـہ ڪر. ڇاڪاڻ تـہ سياڻي انهن ڪپڙن ۽ کاڌي جي لذت حاصل ڪري نہ سگهندين. فرمايائون تہ ماڻهو محض تڪليف جي سبب هڪ ٻئي کان قطع تعلقات ڪري ڇڏيندا آهن. پر جيڪڏهن تڪليف جو خيال نہ ڪن تـہ انهيءَ الت ۾ نهايت ئي آرام سان پنهنجي زندگي بسر ڪري سگهن.

فرمائين ٿا تہ جيڪو شخص مغرور آهي. اهو عاجزيءَ واري هلت هلڻ کان گهڻو پـري هوندو آهي. (عاجزي ئـي انسان کي ڪنهن وڏي مرتبي تـي رسائي ٿي ۽ مغروري انسان کي بيهد ڇيهو رسائي ٿي.

فرمايائون تہ هر شخص کي ان جي علم مطابق ئي خوف ۽ هيبت رهي ٿـي ۽ انسان جو زهد، دنيا ۾ ايتري قدر رهي ٿو جيتري قدر هن کي آخرت سان محبت هونـدي آهي. فرمايائون تہ پهاڙن کي حڪم موڪليو ويو تـہ مان توهان مان ڪنهن بـہ هڪ کي پيغمبر سان همڪلام بڻائڻ جو شرف عطا ڪرڻ گهران ٿـو. سواء ڪوهہ طور جي بـاقي سڀني پهاڙن تڪبر ڪيو. آخر ڪوهہ طور کي ئي اهو شرف عطا ڪيو ويو ۽ حضرت موسيٰ عليہ‌السلام ڪوهہ طور تي وڃي خدا سان همڪلام ٿيو. ڪوهہ طور کي اهو مرتبو سندس عاجزيءَ ۽ تواضع جـي سبب عطا ٿيو. تواضع جي معنيٰ آهي خدا جي اڳيان جهڪڻ ۽ ان جي فرمانبرداري ڪرڻ. يعني جيڪي اهـو چوي ان تي عمل ڪرڻ. فرمائن ٿا تہ ٽن شين جي ڳولا هرگز نہ ڪريو. ڇاڪاڻ تہ اهي توهان کي نہ ملي سگهنديون. پهريون عالم با عمل- ڇاڪاڻ تـہ ان جي تـلاش ۾ توهان خود بي علم رهجي ويندا. ٻيو عامل با اخلاص- ان جي تلاش ۾ توهان غير عامل رهجي ويندا. ٽيون بي عيب ياءُ- ان جي تلاش ۾ توهان بغير ياءُ جي رهجي ويندا. اهي شيون توهان کي ڪڏهن بـہ ملنديون نـہ آهن تنهن ڪري انهن جي تلاش ڪرڻ ئي اجائي آهي. فرمائين ٿا تـہ جيڪو شخص پنهنجي ياءُ (مسلمان) سان ظاهري محبت تـہ ڪري پـر دل ۾ ان جي لاء بغض ۽ دشمني رکي تـہ الله

تبارڪ وتعاليٰ اهڙي ماڻهوءَ تي لعنت وجهي ٿو ۽ ان کي انڌو ۽ ٻوڙو بڻائي ڇڏي ٿو. فرمايو ائين ته دنيا کي دوست بڻائڻ لاءِ نيڪ عمل ڪرڻ يا ماڻهن جي ڏيکاءَ لاءِ عمل ڪرڻ شرڪ آهي. اهو ئي اخلاص آهي جڏهن الله تبارڪ وتعاليٰ متين ٻنهي ڳالهين کان محفوظ رکي.

فرمايو ائين ته جيڪڏهن مان قسم کڻي چوان ته مان رياڪار آهيان ته اهو ان کان تمام سٺو ٿيندو جو ائين چوان ته مان رياڪار نه آهيان. فرمايائون ته جيڪو شخص الله تبارڪ وتعاليٰ کي سڃاڻي ٿو ته اهو ئي شخص سٺي عبادت ڪري ٿو. ٻاڍرن جا قصور معاف ڪرڻ ئي جوان مردي آهي. توڪل سچي ئي اها آهي جو ڪنهن کان ڪنهن به قسم جي مدد جو طالبو نه ٿجي توڪل اها آهي جو سواءِ حق تعاليٰ جي ڪنهن ۾ به اميد نه رکجي ۽ نه ڪنهن کان ڊڄجي. متوڪل (توڪل رکندڙ) اهو آهي جنهن کي الله تعاليٰ تي ڀورو يقين ۽ ڪامل اعتبار هجي.

فرمايو ائين ته جيڪڏهن ڪير تو کان پڇي ته تون الله تعاليٰ سان محبت ڪرين ٿو ته تون صبر ڪر. پر جي انڪار ڪندين ته ڪافر ٿيندين ۽ جي اقرار ڪندين ته تون ڪوڙو ثابت ٿيندين، ڇاڪاڻ ته اقرار واري صورت ۾ الله تعاليٰ سان دوستي رکڻ جهڙا تو ۾ افعال ڪونه آهن. فرمايائون ته، جيڪڏهن خداوند ڪريم مون کي فرمائي ته مان تنهنجي هڪ دعا قبول ڪندس. تون گهر ڇا ٿو گهرين ته مان بجاءِ پنهنجي لاءِ دعا گهرڻ جي بادشاه جي حق ۾ دعا گهرندس. ڇاڪاڻ ته بادشاه جي اصلاح سان خلق خدا جي اصلاح ٿيندي ۽ منهنجي اصلاح کان صرف مان ئي فائدو حاصل ڪري سگهندس. فرمايائون ته ٻه خصلتون انسان کي فاسد ڪري ڇڏينديون آهن هڪ گهڻو کائڻ ۽ ٻيو گهڻو سمهڻ. هڪ شخص حضرت فضيل رحمت الله عليه کي عرض ڪيو ته ڪا وصيت ڪريو. پاڻ فرمايائون ته "ارباب متفرقون خيرام الله الواحد القهار" يعني ڇا! هي متفرق آقا چڱا آهن يا هڪ الله تعاليٰ جو واحد ۽ قهار آهي. مناجات ۾ فرمائيندا هئا ته ته اي الاهي! تون رحم ڪر. ڇاڪاڻ ته تون قادر آهين ۽ منهنجي حال کان واقف آهين هڪ دفعي سندن پٽ بيمار ٿي پيو. پاڻ دعا ڪيائون ته الله تعاليٰ فوراً شفا بخشي.

روايت آهي ته ٽيهن سالن تائين ڪنهن به حضرت فضيل رحمت الله عليه کي ڪلندو ڪونه ڏٺو. پر جڏهن سندن فرزند وفات ڪئي، تڏهن پاڻ کلڻ لڳا. ماڻهن انهيءَ جو سبب پڇيو ته فرمايائون ته الله تعاليٰ ان جي موت کان راضي هو ۽ مان الله تعاليٰ جي رضا تي راضي آهيان. ان ڪري ئي کلان ٿو. پاڻ فرمائيندا رهندا هئا ته مون کي پيغمبرن سان ريس ڪانهي ڇاڪاڻ ته انهن کي به موت، قبر، دوزخ، بهشت ۽ پلصراط وغيره جا مرحلا طئه ڪرڻا پوندا، ۽ نفسي نفسي پڪاريندا. فرشتن سان به ڪو حسد ڪونهي. ڇو ته انهن کي انسانن کان به وڌيڪ خوف آهي. مون کي جيڪڏهن رشڪ آهي ته صرف انهن سان جيڪي اڃان ماءُ جي پيٽ مان

پيدا ٿي نہ ٿيا آهن.

روايت آهي تہ هڪ دفعي ڪنهن خوش الحان قاريءَ سندن سامهون قرآن ڪريم جي هڪ آيت پڙهي. پاڻ فرمايائون تہ هن قاريءَ کي منهنجي فرزند جي سامهون وٺي وڃو ۽ ان سان گڏ قاريءَ کي هدايت ڪيائون تہ سندن ان پٽ جي اڳيان سورة "القارعہ" جي تلاوت نہ ڪري ڇاڪاڻ تہ منهنجو پٽ قيامت جي باري ۾ ڪجهہ ٻڌڻ جي طاقت نٿو رکي. پر اتفاق جي طور تي سندن صاحبزادي جي سامهون "سورةالقارعہ" ئي تلاوت ڪئي ويئي. بس سورة جي ٻڌندي ئي هن هڪ نعرو هنيو ۽ وفات ڪري ويو.

حضرت فضيل رحہ جي وفات جي وقت سندن ٻہ ڌيئون زنده هيون پاڻ پنهنجي گهر واريءَ کي هدايت فرمائي هئائون تہ منهنجي ڪفن دفن کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ انهن ٻنهي ڇوڪرين کي جبل "بوقبيس" تي وٺي وڃج ۽ آسمان ڏي منهن ڪري چئجانءِ تہ اي خداوندا! فضيل پنهنجي وس آهر هنن پناه گيرن کي پاڻ وٽ رکيو. هاڻي جڏهن تو ان کي قبر جي قيد ۾ بند ڪري ڇڏيو آهي تہ هو هنن پناه گيرن کي واپس تنهنجي حوالي ڪري ٿو. سندن گهر واريءَ ڇوڻ موجب ائين ڪيو. اڃا سندن گهر واري دعا گهري رهي هئي تہ اتان يمن جي امير جو گذر ٿيو. جنهن سمورو احوال ٻڌي انهن ڇوڪرين کي پنهنجي سنڀال هيٺ رکيو ۽ سندن والده جي رضامنديءَ سان انهن جو نڪاح پنهنجي ٻنهي پٽن سان ڪرائي ڇڏيو، ۽ هر هڪ جو ڏهہ ڏهہ هزار مهر مقرر ڪيو. سچ آهي تہ "من ڪان لله ڪان الله لہ" يعني جيڪو خدا جو ٿيندو آهي تہ خدا ان جو ٿي ويندو آهي. حضرت عبدالله بن مبارڪ رحہ کان روايت آهي تہ حضرت فضيل رحمت الله عليہ جي وفات کان پوءِ روءِ زمين کان غم ۽ علم ظاهر ٿيندو رهيو.

والله اعلم با الصواب.

* ذڪر حضرت ابراهيم ادهم رحمت الله عليہ *

حضرت ابراهيم ادهم رحمت الله عليہ دين ۽ دنيا جا بادشاه، يقين ۾ جبل وانگر مضبوط عالم گوشہ نشينيءَ جي اسرار جا ماهر دولت دنيويءَ جا سرمايہ دار عظيم الشان ملڪ جا بادشاه حضرت ابراهيم ادهم رحمت الله عليہ جن پنهنجي زماني ۾ سڀ کان زياده متقي ۽ صديق هئا. ڪين ڪيترن ئي وڏن دين جي بزرگن ۽ عالمن کان نياز جو شرف حاصل هو. حضرت ابو حنيفہ امام اعظم رحمت الله عليہ جا همعصر هئا. شيخ العراق حضرت جنيد بغدادي رحمت الله

جو قول آهي تہ مفاتيح العلوم ابراهيم ادهم رحمت الله عليه يعني تمام علمن جي خزانن جون ڪنجيون حضرت ابراهيم ادهم رحمت الله عليه جن آهن.

روايت آهي تہ هڪ ڏينهن پاڻ حضرت امام اعظم رحمت الله عليه جي خدمت ۾ حاضر ٿيا تہ امام صاحب جي دوستن حضرت ابراهيم ادهم رحہ کي حقارت جي نظرن سان ڏٺو. اهـا حالت ڏسي ڪري امام صاحب کين "سيدنا" جي لفظ سان خطاب فرمايو. انهيءَ تي امام صاحب جي دوستن شرمندو ٿي ڪري پڇيو تہ اها سعادت هن کي ڪٿان حاصل ٿي؟ امام صاحب فرمايو تہ هيءَ هر وقت خداوند ڪريم جي عبادت ۾ مصروف ۽ مشغول رهندو آهي مگر اسان دنيا جا پيا ڪاروبار ڪندا رهندا آهيون.

شروع شروع ۾ حضرت ابراهيم ادهم رحمت الله عليه بلخ جا بادشاه هئا. وڏي دٻدٻي ۽ شان شوڪت سان حڪومت ڪندا هئا. ايتري قدر جو هميشه چاليه سونيون ڍالون ۽ شاهي چٽ سندن اڳيان پويان رهندا هئا. هڪ رات پنهنجي محل ۾ تخت تي آرام فرما هئا تہ اڌ رات جو ڇت تي ڪنهن جي گهمڻ جو کڙڪو ٿيو تہ سندن اک کلي ويئي. معلوم ٿين تہ ڪو ماڻهو ڇت جي مٿان گهمي رهيو آهي. پاڻ ان وقت اٿيا ۽ مٿي چڙهي ان آدميءَ کان پڇيائون تہ تون ڪير آهين، هتي ڇا پيو ڪرين ۽ هن ناگهاني وقت تنهنجي هت اچڻ جو ڪهڙو مقصد آهي؟ ان آدميءَ چيو تہ مان اوهان جو دوست آهيان. منهنجو هڪ اُٺ گم ٿي ويو آهي اهو هت تلاش ڪرڻ آيو آهيان. پاڻ کيس فرمايائون تہ اي نادان! تون اُٺ کي محلات جي ڇت تي تلاش ڪرين ٿو. ڇا اهو ممڪن آهي؟ ان آدميءَ جواب ڏنو تہ ڀلا اهو ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿو تہ اطلس جو لباس ڍڪي عيش ۽ عشرت ۾ گذارڻ ۽ وري خدا جي تلاش ڪرڻ. جهڙيءَ طرح سان سون کي هت تہ نتو ملي سگهي تهڙيءَ طرح اوهان کي بہ اهڙيءَ حالت ۾ خدا نہ ملي سگهندو. اهو ٻڌي سندن دل ۾ هڪ قسم جو خوف پيدا ٿيو. ٻي ڏينهن، جڏهن پاڻ ڏاڍي شان و شوڪت سان شاهي تخت تي جلوه افروز ٿيا تہ ايتري ۾ هڪ بارعب آدمي اندر داخل ٿيو. اميرن، وزيرن ۽ غلامن مان ڪنهن کي بہ همت ڪانہ ٿي تہ ان کان اهڙيءَ طرح گستاخيءَ سان اندر اچڻ جو سبب پڇن. آخر اهو آدمي سندن تخت جي نزديڪ پهچي ويو. پاڻ نهايت ئي عجب وچان ان کان پڇيائون تہ تون ڪير آهين؟ تنهن جي هت اچڻ جو مقصد ڇا آهي؟ هن چيو تہ مان هن سراء ۾ رهڻ چاهيان ٿو. پاڻ کيس فرمايائون تہ هيءَ سراء نہ آهي پر هي شاهي محل آهي. انهيءَ آدميءَ پڇيو تہ ڀلا هن کان اڳ هن محل جو مالڪ ڪير هو؟ فرمايائونس تہ منهنجو پيءُ. وري پڇيائين تہ ڀلا ان کان اڳم ڪير هو؟ پاڻ جواب فرمايائون تہ منهنجو ڏاڏو. اهڙيءَ طرح آدمي پڇندو رهيو ۽ پاڻ جواب ڏيندا رهيا. آخر ۾ آدمي

پڇيو تہ اوهان ڪان پوءِ هن محل جو مالڪ ڪير ٿيندو؟ پاڻ فرمايائون تہ اسان جي اولاد، تنهن تي انهيءَ آدميءَ چيو تہ ٻيو پيلا سراءِ ڇا کي چئبو آهي؟ هيءَ سراءِ نہ تہ ٻيو ڇا آهي؟ جنهن ۾ هڪ اچي ۽ ٻيو وڃي. ائين چوندي ئي اهو شخص ٻاهر نڪري هليو ويو ۽ هڪدم نظر کان غائب ٿي ويو. پاڻ حضرت جن اڪيلا ان ماڻهو جي تلاش ۾ نڪتا. ڏاڍي مشڪل ۽ تڪليف سان ان کي ڳولهي لڌائون ۽ کانئس پڇيائون تہ اوهان ڪير آهيو؟ جنهن چيو تہ مان خضر عليہ السلام آهيان. اهو ٻڌي سندن دل ۾ لڳل باهہ ڀڙڪو کائي اٿي. خادم کي حڪم ڪيائون تہ گهوڙي تي زين رک تہ جهنگ جي طرف هلون. ٿوري دير ۾ چند اميرن سان گڏجي جهنگل جي طرف هليا ويا. ليڪن اڳتي هلي پاڻ پنهنجي رفيقن کان الڳ ٿي ويا. تڏهن ٿي دفعا هي آواز ٻڌڻ ۾ آين تہ "هاڻي سجاڳ ٿيءُ" چوٿون دفعو آواز آين تہ هاڻي جاڳ. هن کان اڳ، جو توکي موت جي ذريعي جاڳايو وڃي. جڏهن اهڙو آواز ٻڌائون، تڏهن بي اختيار ٿي ويا. ايتري ۾ سندن نظر هڪ هرڻيءَ تي وڃي پيئي. پاڻ ان جي ڪڙڻ ۾ مشغول ٿي ويا. ايتري ۾ ان هرڻيءَ ڳالهايو ۽ چيائين تہ ڇا توکي منهنجي شڪار لاءِ هت موڪليو ويو آهي. پر اوهان مونکي نہ پڪڙي سگهندا. وري آواز آين تہ ڇا توکي ان ڳالهہ لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي تہ تنهنجي لاءِ ٻيا ڪم ئي ڪونہ آهن؟ اهو ٻڌي اچا بہ ڪين وڌيڪ حيرت وٺي ويئي ۽ هرڻيءَ جو پيڇو ڇڏي جڏهن گهوڙي تي سوار ٿي واپس هاڻ لڳا تہ وري ساڳيو ئي آواز ٻڌڻ ۾ آين. پاڻ اهو معاملو ڏسي ڏڄي ويا ليڪن خدا کي ائين منظور هو. الله تبارڪ وتعاليٰ جي طرفان مٿن رحمت جا دروازا کلي ويا. صاحب يقين ٿيندي ئي سندن اکين مان ڳوڙها وهي هليا. ايتري قدر جو سارا ڪپڙا پسي پين ۽ گهوڙو بہ ڳوڙهن جي پاڻيءَ سان تر ٿي ويو انهيءَ وقت پاڻ توبهہ ڪيائون. رستي کان ايندي هڪ ڀڪرار کي ڏٺائون جنهن کي بدن تي الفيءَ جيان هڪ ڏگهو چولو پيل هو. پاڻ پنهنجا ڪپڙا ان ڀڪرار کي ڏيئي ڇڏيائون ۽ خود ان جو الفي نما چولو ڀهريائون ۽ الله جي قدرت جو نظارو ڏسندا رهيا. واه! ڪهڙي نہ سٺي بادشاهي حضرت ابراهيم ادهم رحہ کي نصيب ٿي جو نہ پاڪ ڪپڙا ڦٽي ڪري فقير جي خلعت ڀهريائون. سلطنت ۽ جاه و جلال کي ڇڏي پيادل پهاڙ ۽ جهنگل ڦرڻ لڳا ۽ پنهنجي گناهن کي ياد ڪري روئندا رهيا. جڏهن علائقہ مرو ۾ پهتا، تہ اتي هڪ پل تان ڪنهن انڌي کي لڳهندي ڏٺائون اهو ڏسي حضرت ابراهيم ادهم چيو تہ يا الاهي! هن انڌي تي پنهنجي ڪرم جي نظر عطا فرماءِ. ايترو مس چيائون تہ خدا جي قدرت سان اهو انڌو هوا ۾ مٿي لٽڪي بيهي رهيو. جڏهن پاڻ ان انڌي کي پڪڙي ڇڪي هيٺ ڪيائون تڏهن ماڻهو اهو لقاءُ ڏسي حيران ٿي ويا. پوءِ اتان نيشاپور پهتا. اتي هڪ مشهور غار ۾ نون سالن تائين عبادت الاهيءَ ۾ مشغول رهيا. انهيءَ عرصي ۾

حضرت ابراهيم اِدهم رحہ ڏاڍيون رياضتون ۽ مجاهدا ڪيائون. خميس جي ڏينهن پاڻ غـار مـان نڪري جهنگ مان ڪاٺيون گڏ ڪري نيشاپور وٽي وڪڻندا هئا. رات آتي رهي جمع نماز ادا ڪري واپس پنهنجي جاءِ تي ايندا هئا. ڪاٺين مان جيڪي ڪين ملندو هو ان مان صرف هڪ ماني خريد ڪري اڌ پـاڻ لاءِ رکندا هئا ۽ اڌ ڪنهن درويش کي ڏيئي ڇڏيندا هئا. فقط ان اڌ مانيءَ تي ٻي ايندڙ خميس تائين گذارو ڪندا رهندا هئا.

نقل آهي تہ هڪ دفعي سياري جي موسم ۾ ان غار ۾ برف ڄمي ويئي هئي مگر پاڻ برف کي ڀڃي ان مـان غسل ڪيائون ۽ صبح تائين نماز ۾ مشغول رهيا. سرديءَ جي شدت کـان ڪين بـاهہ جي ضرورت محسوس ٿي. اچا سرديءَ کـان بچڻ لاءِ ڪجهہ سوچي ئي رهيا هئا تـہ ايتري ۾ هڪ پوستين اچي سندن پٺيءَ سان لڳي. جنهن سان سندن بدن گرم ٿي ويو. صبح جو ڏٺائون تہ اها پوستين ڪانہ هئي پـر هڪ وڏو اژدهان نانگ هـو. پاڻ ان کي ڏسي ڊڄي ويـا ۽ بارگاه الاهيءَ ۾ عرض ڪيائون تہ تو هن کي مهربانيءَ جي طور موڪليو هو ليڪن مـون کي هن کان خوف ٿو ٿئي. انهيءَ وقت ئي اژدها نانگ زمين ۾ گم ٿي ويو.

نقل آهي تہ ماڻهن کي جڏهن حضرت ابراهيم ادهم رحمت الله عليه جي عبادت ۽ رياضت جي خبر پيئي تہ پاڻ انهيءَ غار مان نڪري ويـا ۽ مڪي شريف جي وڃڻ جـو قصد ڪيائون. انهيءَ غار جي زيارت لاءِ جڏهن شيخ ابـو سعيد ابوالخير رحمت الله عليه تشريف فـرما ٿيا تڏهن فرمايائون تہ سبحان الله جيڪڏهن هيءَ غار ڪستوريءَ سان بہ ڀريل هجي هـا تہ بہ ايتري خوشبو دار نہ هجي ها، جيتري هڪ بنده خدا جي ڪجهہ عرصي جي رهڻ سان خوشبودار ٿي آهي.

نقل آهي تہ جڏهن پاڻ حضرت جن جهنگل جو رستو ورتو تڏهن هڪ بزرگ شخص ڪين اسم اعظم سيکاريو ۽ ڪيس فرمايو تہ انهيءَ نالي سـان الله تبارڪ وتعاليٰ کي يـاد ڪندو رهج. ان جي وڃڻ کان پوءِ حضرت خضر عليه السلام جن سان ملاقات ٿين. حضرت خضر عليه السلام جن فرمايـن تـہ اي ابراهيم! جڏهن اوهان کي اسـم اعظم سيکاريو هـو سو منهنجو ڀـاءُ حضرت الياس عليه السلام هو.

روايت آهي تـہ حضرت ابراهيم ادهم رحہ جا مرشد خضر عليه السلام جن هئا ۽ انهن ئي ڪين طريقت جي رستي تي آندو هو.

پاڻ فرمائن ٿا تہ هلندي هلندي مان جڏهن ذات العرق ۾ پهتس، تہ ڏٺم تـہ ستر برقعہ پوش مئا پيا هئا. انهن جي بدن مان خون جاري هو. جڏهن مـان انهن جي نزديڪ آيس تـہ انهن مان هڪ کان جنهن کي اڃا ڪجهہ ساه هو پڇا ڪئي تہ هيءَ ڇا ڳالهہ آهي؟ ان چيو تہ اي ابرهيم ادهم جا پٽ! پاڻي ۽ محراب کي لازمي ڄاڻج. پري نـہ وڃجانءِ، متان جدائي نـہ ٿي وڃي ۽

تمام ويجهو بہ نہ اچجانءِ ڇو تہ تون بيمار ٿي پوندين. خدا ڪري اهڙا ماڻهو بہ نہ هجن جيڪي سلامتيءَ سان گستاخي ڪن. اهڙي دوست کان ڊڄ جيڪو حاجين کي ڪافرن جيان ماري ٿو ۽ حاجين سان جهاد ڪري ٿو.

پڙ! اسين صوفي ماڻهو هئا سين ۽ سڀئي توڪل تي روانہ ٿيا سي اسان اهو ارادو ڪيو هو تہ اسان ڪنهن سان بہ ڪونہ ڳالهائيندا سين ۽ خدا کان سواءِ ٻئي ڪنهن کان بہ ڪين ڊڄندا سين نہ ڪنهن جو خيال ئي ڪندا سين. هلڻ چلڻ سڀ انهيءَ جي خاطر هوندو. ان جي بغير ڪنهن جي طرف اک کڻي بہ ڪين نهاريندا سين. آخر جڏهن جهنگ مان لنگهي حرم گاهہ ۾ پهتا سين تہ خضر عليه السلام آيا. اسان ان کي سلام ڪيو پاڻ ڏاڍو خوش ٿيا. اسان دل ۾ چيو تہ الله تعاليٰ جو شڪر آهي ۽ ان جو وڏو احسان آهي جو اسان جي محنت سجائي ٿي ۽ طالب مطلوب تائين پهچي ويو. چاڪاڻ تہ اهڙا ئي اسان جو استقبال ڪندا آهن اسان جي دل ۾ اجا اهو خيال هو ئي تہ هڪ آواز آيو. "اي ڪوڙءَ چا توهان جو اهو ئي اقرار هو توهان مون کي وساري غيرن سان مشغول ٿي ويا. وڃو هاڻي مان توهان جي جان وٺندس. اي بد عهدو! مان توهان کي خون ڪندس.

* خونريز بود هميشه در ڪشور ما ــ جان عود بود هميشه بر مجرما *

* داري سرما گر نہ دوز برما ــ با دوست گشتيم توندراي سرما *

بس اهي ماڻهون جن کي تون ڏسين ٿو سي انهيءَ باز پرسيءَ جا جليل آهن. اي ابراهيم! جيڪڏهن توکي بہ اهو خيال آهي تہ تون بہ قدم وڌاءِ پيءَ صورت ۾ دور هليو وڃ. حضرت ابراهيم ادهم رحہ ان کان پڇيو تہ مان حيران آهيان تہ جنهن صورت ۾ پيا سڀ هلاڪ ٿي ويا آهن تہ باقي تون ڇو اجا زنده آهين، چا هو توکان پختا هئا؟ ان چيو تہ مان اجا ڪچو آهيان ۽ انهن جو خادم آهيان پر هاڻي جان ڏيئي رهيو آهيان تہ جيئن پختو ٿي انهن جي پنيان وڃان ابترو چوندي ئي هو بہ مري ويو.

نقل آهي تہ حضرت ابراهيم ادهم رحہ چوڏهن سالن تائين جهنگ ۾ روئندا ۽ عاجزي ڪندا نمازون پڙهندا مڪي شريف ۾ پهتا. جڏهن حرم گاهہ جي بزرگن کي خبر ملي تہ هڪدم سندن استقبال لاءِ آيا، مگر پاڻ قافلي جي اڳيان ٿي ويا تہ جيئن ڪين سڃاڻي نہ سگهي. بزرگن جا خادم جيڪي پهنجي بزرگن کان اڳ نڪتا هئا سي حضرت ابراهيم ادهم رحہ کي ڏسي پڇڻ لڳا تہ چا ابراهيم ادهم رحہ اوهان سان آهي؟ چاڪاڻ تہ مڪي شريف جا ماڻهو ان جي استقبال لاءِ اچي رهيا آهن. پاڻ فرمايائون تہ توهان ان بي دين کان چا ٿا گهرڻ چاهيو؟ ان تي خادمن ڪين ڏاڍو ماريو ۽ چوڻ لڳا تہ تون اهڙي بزرگ کي بي دين ٿو چوين پر بي دين تہ اصل

۽ تون آهين. پاڻ فرمايائون ته هائو- مان ئي ته چوان ٿو ته مان بي دين آهيان. اهو ٻـڌي خادم کين ديوانو سمجهي جڏهن اڳتي روانه ٿيا تـه پاڻ پنهنجي نفس کي مخاطب ٿي فرمايائون ته ڏس! وڪي پنهنجي غـرور جي ڪيڏي نـه سزا ملي. ڇا تو نٿي چاهيو تـه مڪي شريف جا بـزرگ تنهنجي استقبال لاءِ اچن. سو الله تعاليٰ جـو شڪر آهي جو تنهنجي حالت مـان پنهنجي مرضيءَ مطابق ڏني. آخر جڏهن ماڻهن کين سڃاتو تـڏهن ڪانئن معافي ورتي. پـاڻ مڪي شريف ۾ رهڻ لڳا ۽ ڪاٺيون وڪڻي ڪري روزي ڪمائيندا هئا.

نقل آهي ته جڏهن پـاڻ بلخ کان روانه ٿيا، ان وقت کين هڪ پٽ هـو. جڏهن هو وڏو ٿيو تڏهن ماءُ کان پڇڻ لڳو ته منهنجو پيءُ ڪٿي آهي؟ سندس والـده کيس ساري حقيقت بيان ڪري چيو ته مان ٻڌو آهي ته هن وقت مڪي شريف ۾ آهي. پٽس اهو ٻڌندي ئي چيو ته مان به مڪي شريف ويندس ۽ ان جـي خدمت ۾ رهندس. آخـر ان ڇوڪري بلخ ۾ ڍنڍورو ڏيارايو تـه جيڪو شخص حج تي وڃڻ گهري ٿو تـه ان جا تمام اخراجات منهنجي ذمي هوندا جنهن جنهن کي بـه وڃڻو هجي سو تيار ٿـي وڃي. اهڙي اعلان تي تقريباً چـار هـزار ماڻهو حـج تي وڃڻ لاءِ تيار ٿيـا. حضرت ابراهيم ادهم رحه جـو پٽ انهن سڀني کي وٺـي مڪي شريف پهتو. ان ڇوڪر مسجدالحرام ۾ ڪيترن ئي بـرقعہ پوش ماڻهن کي ڏسي پڇيو تـه ڇا اوهان ابراهيم ادهم رحمت الله عليه کـي سڃاڻندا آهيو؟ انهن چيو تـه هائو. اهو تـه اسان جـو وڏو آهي هـن وقت جهنگ ڏانهن ڪاٺيون ڪرڻ لاءِ ويـل آهن تـه جيئن اهي وڪڻي روزي حـاصل ڪري سگهن اهو ٻـڌي ڇوڪر جهنگ جي طرف ويـو ۽ ڏٺائين تـه هڪ پوڙهو ڪاٺين جي ڀري کنيو اچي پيو. ڇوڪر پنهنجي والـد محترم جي اهـڙي حالت ڏسي بي اختيار روئي ڏنو ليڪن ضبط کان ڪم وٺي ان جي پٺيان پٺيان هلڻ لڳو. بـازار ۾ پهچي حضرت ابراهيم ادهم رحه هن طـرح آواز ڏنـو. "مـن يشتري الطيب" ڪهڙو شخص آهي جو پـاڪ شين کي پـاڪ مال ڏيئي خـريد ڪندو. ايتري ۾ هڪ شخص آيـو ۽ حضرت ابراهيم رحه کان ڪاٺيون وٺي کيس مـاني ڏني ۽ پـاڻ اها ماني وٺـي پنهنجي دوست وٽ تشريف فـرما ٿيا. سندن اڳيان مـاني رکي پـاڻ نماز ۾ مشغول ٿي ويا.

پاڻ پنهنجي دوستن کي هميشه فرمائيندا هئا ته ريءِ ڏاڙهين کان پاڻ کي بچائيندا ڪريو.

هڪ ڏينهن پنهنجي همراهن سان گـڏ جڏهن طواف ۾ مشغول هئا تـه ايتري ۾ سندن پٽ اڳيان اچي ويو. پـاڻ ان کي ڏاڍي توجه سان ڏٺائون. اهـو ڏسي سندن دوست بيحد حيران ٿي ويا. طواف کان فارغ ٿي ڪانئن پڇڻ لڳا ته الله تعاليٰ اوهان تي رحم فرمائي اوهان تـه فرمائيندا آهيو ته ريءِ ڏاڙهين ڇوڪرن ۽ عورتن جي طرف نـه ڏسندا ڪريو. ليڪن اوهان خـود هڪ بي

ريش ڇوڪري کي ڏاڍي دلچسپيءَ سان ڏسي رهيا هئا. پاڻ فرمايائون تہ مون کي هڪ ڪير ٻياڪ پڻ هو سو مون کي اڻين پئي معلوم ٿيو تہ هي اهو ئي ڇوڪرو آهي. هڪي ڏينهن حضرت ابراهيم ادهم رحہ جو هڪ دوست بلخ جي قافلي ۾ ويو اتي ڏٺائين تہ هڪ وڏو خيمو لڳل هو. اندر ڏٺائين تہ هڪ ڪرسيءَ تي اهو ساڳيوئي ڇوڪر قرآن شريف ويٺي پڙهي ۽ انسان ڳڏوڳڏ روئي بہ پيو. پوءِ ان درويش ڇوڪر کان پڇيو تہ اي ڇوڪرا تون ڪٿان آيو آهين؟ ڇوڪر جواب ڏنو تہ مان بلخ کان آيو آهيان. درويش وري پڇيس تہ تون ڪنهن جو پٽ آهين؟ اهو ٻڌندي ئي ڇوڪر اڇا بہ وڏيڪ روئڻ لڳو ۽ چيائين تہ مان پنهنجي پيءُ کي ڪونہ ڏٺو آهي. ڪالهہ طواف جي وقت جنهن کي مون ڏٺو هو شايد اهو ئي منهنجو پيءُ هو. پر مون کي خوف پئي ٿيو تہ جي مان ان کي چوان تہ متان اتان ئي هليو وڃي. ڇاڪاڻ تہ هو اسان کي ڇڏي هليو آيو آهي. منهنجو پيءُ ابراهيم ادهم رحہ آهي. ان وقت ان ڇوڪري سان ڳڏ انجي والده بہ ساڻ هئي. ان درويش چين تہ اڇو تہ مان توهان کي ان وٽ وٺي هلان. حضرت ابراهيم ادهم رحہ ان وقت پنهنجي هڪ دوست سان ڳڏ رڪن يماني جي اڳيان ويٺل هئا تہ پري کان ان درويش سان ڳڏ پنهنجي پٽ ۽ زال کي ايندو ڏٺائون. جڏهن گهرواريءَ پنهنجي خاوند کي ڏٺو تہ ڏاڍو بيقرار ٿي ويئي ۽ فرياد ڪندي پنهنجي پٽ کي چيائين تہ تنهنجو پيءُ اهو ئي آهي. انهيءَ تي مجلس ۾ جيڪي مريد ۽ ماڻهو ويٺا هئا تن کان بہ دانهن نڪري ويئي ۽ سڀ جا سڀ روئڻ لڳا. حضرت ابراهيم ادهم رحہ جو پٽ بہ بيهوش ٿي ويو. جڏهن هوش ۾ آيو تڏهن پيءُ کي سلام ڪيائين حضرت ابراهيم ادهم رحہ پٽ کي ڳلي لڳائي پڇيو تہ تون ڪنهن جي دين تي آهين؟ پٽ جواب ڏنو تہ مان محمد صلي الله عليه وسلم جي دين تي آهيان. پاڻ فرمايائون الحمدلله. پوءِ پڇيائون تہ ڇا تون قرآن شريف پڙهڻ ڄاڻندو آهين؟ ڇوڪر جواب ڏنو تہ هائو مان قرآن شريف پڙهڻ ڄاڻندو آهيان. تنهن تي پاڻ چيائون الحمدلله. وري سوال پڇيائون تہ ڇا تو ڪجهہ علم بہ حاصل ڪيو آهي؟ ڇوڪر جواب ۾ چيو تہ هائو علم بہ پڙهيو اٿم. پاڻ فرمايائون الحمدالله! ان کان پوءِ آتي ۾ بيٺا ۽ اتان وڃڻ ٿي گهريائون. ليڪن پٽس وڃڻ نٿي ڏنو، ۽ سندن گهر واري بہ فرياد ڪرڻ لڳي. پاڻ حضرت جن ان وقت پنهنجو منهن پنهنجي گهر واريءَ جي طرف ڦيرايو ۽ چيائون "اغثني" تہ انهيءَ وقت ئي سندن پٽ سندن جهوليءَ ۾ دم ڏنو. اهو حال ڏسي مريدن پڇيو تہ اي ابراهيم! هي ڇا ٿيو. پاڻ فرمايائون تہ جڏهن مان پنهنجي پٽ سان بغلگير ٿيس تہ ان وقت منهنجي دل ۾ ان لاءِ محبت پيدا ٿي ۽ انهي وقت هڪ آواز آيو تہ اي ابراهيم! تون دعويٰ تہ منهنجي دوستيءَ جي ڪندو آهين پر پوءِ اسان سان ڳڏ ٻئي کي بہ دوست رکين ٿو ۽ ٻين جي محبت ۾ مشغول ٿي وڃين ٿو. تون پنهنجن مريدن

۽ ٻارن کي وصيت ڪندو آهين تہ ڇوڪرن ۽ عورتن سان محبت نہ ڪريو ۽ خود پنهنجي پٽ ۽ زال جي محبت ۾ مشغول آهين" پاڻ پنهنجي مريدن کي ڇپائون جڏهن مان اهو آواز ٻڌو تہ دعا ڪئي تہ اي رب العزت! منهنجي فرياد کي پهچ. جيڪڏهن هنن جي محبت مون کي تنهنجي محبت کان وڌيڪ مشغول ڪندي تہ پوءِ يا تہ منهنجي جان وٺ يا هنن جي جان وٺ. منهنجي دعا هن جي حق ۾ قبول پيئي. جيڪڏهن ڪو اعتراض ڪري تہ اهو ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿو تہ هڪ پيءُ پٽ جي جان وٺڻ لاءِ خدا کان دعا گهري تہ مان چوندس تہ حضرت ابراهيم عليه السلام ڪيئن پنهنجي پٽ حضرت اسماعيل عليه السلام کي خدا جي راهه ۾ قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا هئا.

نقل آهي تہ پاڻ فرمايو اٿن تہ مان رات جي وقت اهڙو موقعو تلاش ڪندو هوس تہ جيڪر خانو ڪعبو خالي هجي. مگر مون کي اهڙو موقعو حاصل نہ ٿيندو هو. هڪ رات تمام گهڻي بارش پيئي ۽ ان وقت خاني ڪعبي ۾ صرف مان ئي طواف ڪري رهيو هوس. مان ڪعبي جي در جي ڪڙي کي چنبڙي پنهنجي گناهن جي معافي گهرڻ لڳس تہ ايتري ۾ آواز آيو تہ تون گناهن کان پاڪ ٿيڻ چاهين ٿو. پر تمام مخلوق بہ ائين ئي گهرندي آهي. پوءِ جيڪڏهن سڀ کي گناهن کان پاڪ ڪري ڇڏيان تہ منهنجي درياهہ غفوري و غافري، رحماني ۽ رحيمي ڪيڏانهن وڃي. پاڻ فرمائين ٿا تہ مان چيو تہ "اللهم اغفرلي ذنوبي" اي الله! صرف منهنجي گناهن کي معاف ڪري ڇڏ. ايتري ۾ وري آواز آيو سيني جهانن جو ذڪر تہ تون منهنجي سامهون ڪرين مگر دنيا جو ذڪر نہ ڪرين تنهنجي ڳالهہ بهتر آهي انهيءَ کان جو تون ٻيو ڪجهہ چوين. پاڻ مناجات ۾ چوندا هئا تہ اي الاهي! تون ڄاڻين ٿو تہ انون بهشت تنهنجي ان مهربانيءَ جي مقابلي ۾ جا تو منهنجي مٿان ڪئي آهي ڪجهہ شيءِ ڪانهي اهڙي طرح ان بهشتن جي محبت تنهنجي محبت ۽ سنت جي مقابلي ۾ جيڪا تو پنهنجي ذڪر سان مونتي ڪئي آهي، تمام گهٽ آهي. وڌيڪ دعا ۾ پاڻ چوندا هئا تہ اي الاهي! مون کي مصيبت جي ذلت کان بچائي پنهنجي اطاعت جي عزت عطا فرماءِ. پاڻ فرمائيندا هئا تہ آهہ! جيڪو تو کي نٿو سڃاڻي انهيءَ شخص جو ڪهڙو حال ٿيندو. پاڻ فرمايو اٿن تہ مان پندرهن سال نهايت سخت تڪليفون برداشت ڪيون آهن. جڏهن آواز ٻڌم تہ تون ان جو بندو ٿيءُ تہ راحت ۽ آرام ۾ هوندين تنهنڪري ان جا ئي احڪام بجا آڻ.

ڪن بزرگن حضرت ابراهيم ادهم رحہ کان پڇيو تہ اوهان کي ڇا ٿيو جو ايڏي ساري بادشاهي ڇڏي ڏنو. پاڻ فرمايائون تہ هڪ ڏينهن تخت تي ويٺو هوس تہ هڪ آئينو منهنجي سامهون آڻيو هو مان غور سان ڏٺو تہ پنهنجي منزل کي قبر ۾ ڏٺم. سوچيم تہ سفر ڊگهو آهي

۽ ڪوئي به يار و مددگار ڪونهي. ان ڪان سواءِ ڪو عمل به چڱو ڪونهي ۽ سمجهيم ته حاڪم به عدل ۽ انصاف وارو آهي. مان وٽ پنهنجي بچاءَ لاءِ ڪو دليل يا حجت به ڪانهي. بس انهن ڳالهين سبب بادشاهي مون کي ڪوڙي لڳي تنهن ڪري بادشاهيءَ کي ترڪ ڪري ڇڏيم.

ماڻهن ڪانئن دريافت ڪيو ته اوهان خراسان کان ڇو هليا آيا. پاڻ فرمايائون ته انهيءَ ڪري ته ماڻهو مون کان پڇن ها ته ڪاله (هن کان اڳ) تنهنجو حال ڇا هو ۽ اڄ ڪهڙو حال اٿيئي. ماڻهن پڇيو ته اوهان ٻن وٽ عورت ڇو نٿا رکو (مقصد ته شادي ڇو نٿا ڪريو) پاڻ فرمايائون ته ڇا عورت ان لاءِ سڙس ڪري ٿي ته پيرين اگهاڙي گهمي ۽ بکي رهي، جيڪڏهن مان شادي ڪري سگهان ته جيڪر مان پنهنجو پاڻ کي طلاق ڏيئي ڇڏيان. مان پنهنجي پنهنجي رسي ۾ ڪيئن ٻڌي ڇڏيان تنهن ڪري ڪنهن به عورت کي ڪيئن ڌوڪو ڏيئي سگهندس. ڪن ماڻهن ڪنهن درويش کان پڇيو ته ڇا توکي زال آهي؟ هن جواب ڏنو ”نه“ وري ماڻهن پڇيس ته ڇا توکي اولاد آهي؟ چيائين ”نه“ وري پڇيائونس ڇا تون نيڪ آهين؟ جواب ڏنائين ته مان نٿو چئي سگهان ته ڪو مان نيڪ آهيان، ان درويش وري چيو ته جنهن شخص پاڻ وٽ زال رکي ته اهو ڄڻ ته پاڻيءَ تي هلندڙ ٻيڙيءَ تي سوار ٿيو. وري جڏهن کيس اولاد پيدا ٿيو ته ڄڻ هو غرق ٿي ويو.

نقل آهي ته هڪ ڏينهن حضرت ابراهيم ادهم رحه ڪنهن درويش کي ڏٺو جيڪو ٻئي درويش جي شڪايت ڪري رهيو هو. پاڻ فرمائن ٿا ته مان ان درويش کي چيو ته تو بي فائدو درويشي اختيار ڪئي ۽ مفت ۾ درويشي حاصل ڪئي آهي. ان درويش جواب ڏنو ته درويشي کي به خريد ڪري سگهبو آهي ڇا؟ پاڻ فرمايائون ته هائو! مون کي ڏس. جنهن درويشيءَ کي مان ملڪ بلخ جي عيوض خريد ڪيو آهي، ان ڪري مون کي انهيءَ سودي ۾ فائدو آهي، ڇاڪاڻ ته بادشاهيءَ جي مقابلي ۾ درويشي نهايت قيمتي شيءِ آهي.

نقل آهي ته هڪ شخص حضرت ابراهيم ادهم رحه جي خدمت ۾ هڪ هزار درهم کڻي آيو ۽ کين قبول ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو. پاڻ فرمايائون ته مان درويشن کان ڪڏهن ڪجهه ڪونه ورتو آهي. پوءِ هن چيو ته مان امير آهيان. پاڻ کيس فرمايائون ته جيتري دولت تو وٽ آهي ڇا ان کان وڌيڪ به توکي ضرورت آهي؟ هن چيو ته هائو، مون کي ضرورت آهي. ان تي پاڻ فرمايائون ته جڏهن تنهنجي اها حالت آهي ته تون فقيرن جو سردار آهين ۽ جيڪي ڪجهه تون کڻي آيو آهين سو واپس کڻي وڃ. اها فقيري نه آهي پر اهو تونگريءَ جو درجو آهي.

نقل آهي ته جڏهن به ڪا چيز غيب ڪان ايندي هئي ته پاڻ فرمائيندا هئا ته دنيا جا بادشاه هن وقت ڪٿي آهن؟ اچن، ۽ اچي ڏسن تہ هيءَ ڪهڙو ڪاروبار آهي ۽ جيئن منهنجي سلطنت کان شرمندا ٿين. پاڻ وڌيڪ فرمائن ٿا تہ جيڪو شخص شهوت جو خواهشمند آهي، اهو صادق نہ آهي. الله تبارڪ وتعاليٰ جي طرف کان نيت جو نالو صادق آهي. فرمائن ٿا تہ جيڪو شخص ٽن حالتن ۾ پنهنجي دل کي حاضر نٿو سمجهي، ان کي سمجهڻ گهرجي تہ ان لاءِ رحمت جا دروازا بند آهن. پهريون قرآن پڙهڻ وقت ٻيو ذڪر ڪرڻ وقت ٽيون نماز پڙهڻ وقت. پاڻ فرمائن ٿا تہ عارف جي هيءَ علامت آهي تہ هن جي دل زياده عبرت ۾ مستغرق هوندي آهي ۽ ان جون ڳالهيون زياده تر الله تبارڪ وتعاليٰ جي حمد ۽ ثنا جي متعلق هونديون آهن. هن جو عمل طاقت تي منحصر هوندو آهي ۽ هن جي نگاه (نظر) قدرت جي عجائبات تي هوندي آهي. پاڻ فرمايو اٿن تہ هڪ ڏينهن رستي تي هڪ پٿر پيل ڏٺم ان تي لکيل هو تہ هن کي آٿلائي پڙهو مان پٿر کي اٿلايو تہ ان جي پاسي تي لکيل هو، تہ جنهن چيز جي توکي خبر آهي ۾ جي تون ان تي عمل نٿو ڪرين تہ پوءِ نا معلوم چيز جي اميد ڪيئن ٿو ڪرين؟ فرمايو اٿن تہ قيامت جي ڏينهن عمل جي تارازيءَ ۾ سڀ کان اها چيز ڀاري هوندي/جيڪا هت طبيعت کي ناگوار ٿي لڳي. فرمائن ٿا تہ قيامت جي ڏينهن سالڪ جي دل تان ٽي حجاب (پردا) ختم ٿي وڃڻ گهرجن تہ جيئن هن لاءِ دولت ۽ ڪشادگيءَ جا دروازا کلي پون. پهريون هي تہ جيڪڏهن ڪين ٻنهي جهانن جي سلطنت ڏني وڃي تہ هو خوش نہ ٿئي يعني موجوده حالت ۾ رهي ڪري حريص نہ ٿئي. ڇاڪاڻ تہ حرص ڪندڙ محروم ٿئي ٿو. ٻيو هي تہ جيڪڏهن هن وٽ ٻنهي جهانن جي بادشاهي هجي ۽ اها هن کان کسي وڃي تہ هو ان جي کسجي وڃڻ کان رنج نہ ٿي نہ تہ هو ان جي غم ۽ عذاب ۾ گرفتار ٿي ويندو. ٽيون تہ ڪنهن بہ تعريف ۽ وڏائيءَ سبب يا ڪنهن جي نوازش ۽ مهربانيءَ تي خوش نہ ٿي. ڇاڪاڻ تہ جو شخص ڪنهن غير جي نوازش تي ڀروسو رکي ٿو اهو بي همت ٿئي ٿو. ڪيس عالي همت بنجڻ گهرجي.

نقل آهي تہ پاڻ ڪنهن کان پڇيائون تہ تون ولي ٿيڻ گهرين ٿو؟ هن چيو تہ هائو. تنهن تي پاڻ فرمايائون تہ تون دنيا ۽ آخرت ۾ هڪ ذري ڏانهن بہ مائل نہ ٿيءُ. صرف الله تبارڪ وتعاليٰ جي طرف توجہ ڏي. پاڻ کي الله تبارڪ وتعاليٰ جي ذڪر ۽ فڪر لاءِ وقف ڪري ڇڏ ۽ حلال روزي ڪاءِ. جي تون ائين ڪندين تہ توکي رات جو قيام (نماز پڙهڻ جو پهريون مرحلو) ۽ ڏينهن جو روزي رکڻ جي بہ ضرورت ڪانہ ٿيندي. فرمائن ٿا تہ خدا کان خاص مرتبو ڪنهن بہ نماز، حج، روزي، جهاد ۽ زڪوات سان حاصل ڪونہ ڪيو آهي. پر صرف اهو ڏسڻ سان ۽ انهيءَ عمل ڪرڻ سان تہ هو جيڪا روزي کائي ٿو سا ڪهڙي قسم

جي آهي. (ان مان مراد آهي حلال روزي تمام نيڪ عمل کان افضل آهي).

نقل آهي تہ ڪن ماڻھن حضرت جن کي اچي عرض ڪيو تہ هڪ شخص آهي جيڪو صاحب عمل آهي ۽ ڏاڍي رياضت ڪري ٿو. پاڻ فرمايائون تہ مون کي ان وٽ وٺي هلو، تہ مان ان کي ڏسان. ماڻھو کين ان وٽ وٺي آيا. ان شخص حضرت جن کي چيو تہ ٽي ڏينھن اوهان هت رهو. آخر پاڻ ان وٽ ڪيتراً ٽي ڏينھن رهيا ۽ ان شخص جي حال معلوم ڪرڻ لاءِ مراقبو ڪيو. کين اطلاع مليو تہ ان شخص کان وڌيڪ بيا نيڪ مرد بہ آهن. اهو حال ڏسي کين ڏاڍي حيرت آئي تہ هھڙي نيڪ شخص لاءِ ڪابہ قبوليت ڪانهي. خيال ڪيائون تہ مبادا اهو شيطاني سلسلو هجي ۽ دل ۾ چيائون تہ ڪنھن بہ طرح سان ان ڳالھ جي جاچ ڪرڻ گھرجي. پاڻ بہ ڏينھن بہ راتيون بيداريءَ ۽ بيقراريءَ ۾ گذاريائون. پوءِ ان شخص جي روزيءَ جي طرف توجہ ڏنائون. معلوم ٿين تہ اها حلال جي نہ هئي. اتي کين تسلي ٿي تہ اهو شيطاني سلسلو آهي. ان کان پوءِ حضرت جن ان شخص کي چيو تہ هاڻي تون مون وٽ ٽي ڏينھن مهمان جي حيثيت ۾ هتي رهہ. اهو شخص حضرت جن سان گڏجي آيو تہ کيس پاڻ سان گڏ کاڌو کارايائون. ان جي کائڻ سان ٿي سندس حالت ۾ ڦيرو اچي ويو. ان شخص چيو تہ اوهان هي ڇا ڪري ڇڏيو؟ پاڻ فرمايائون تہ تنھنجي روزي حلال جي نہ هئي. شيطان تنھنجي هر هڪ لقمي سان تنھنجي دل ۾ ويندو هو ۽ ٻاهر نڪرندو هو. هاڻي جڏهن حلال لقمو تنھنجي پيٽ ۾ ويو تڏهن جيڪو اصل حال هو اهو توکي معلوم ٿي ويو. اهو انهيءَ واسطي ڪيم تہ جيئن توکي معلوم ٿي وڃي تہ ان ڪم جو بنياد حلال روزيءَ تي آهي.

نقل آهي تہ پاڻ حضرت سفيان رحہ کي فرمايائون تہ اوهان کي علم تہ تمام گھڻو آهي پر ٿوري يقين جي ضرورت آهي. هڪ ڏينھن حضرت شفيق بلخي رحہ حضرت ابراهيم ادهم رحہ جن سان گڏ ويٺا هئا. شفيق بلخي رحہ کانئن پڇيو تہ اوهان ماڻھن کان ڇو ٿا ڀڄو؟ پاڻ فرمايائون تہ دين کي بغل ۾ دٻائي لاءِ شهر شهر ڳوٺ ڳوٺ ۽ پهاڙن ۾ ڀڄندو ۽ ڦرندو رهان ٿو تہ جيئن ڪوبہ شخص مون کي ڏسي تہ اهو اهوئي خيال ڪري تہ مان هڪ بار کڻڻ وارو مزدور آهيان. ممڪن آهي تہ مان اهڙي طرح شيطان جي هٿن کان پنھنجي دين کي بچائي سگھان ۽ موت جي دروازي کان سلامت وڃي سگھان.

نقل آهي تہ پاڻ رمضان مبارڪ ۾ ڏينھن جي وقت جھنگ مان گاه ڪري شهر ۾ وڪڻي ايندا هئا. اتان جو ڪجھ ملندو هون ان جو کاڌو وٺي درويشن کي کارائي ڇڏيندا هئا، ۽ پاڻ ساري رات صبح تائين نماز ۾ مشغول رهندا هئا. ماڻھن کانئن پڇيو تہ اوهان سمھندا ڇو ڪين آهيو؟ پاڻ جواب ڏنائون تہ اکين مان ڳوڙها بيھن ٿي ڪونہ ٿا سو اهڙيءَ حالت ۾ ننڊ

ڪيئن اچــي سگهندي؟ نماز ادا ڪرڻ ڪانُ پوءِ پــاڻ پنهنجا هٿ منهن کي ڏيئي چڏيندا هئا ۽ فرمائيندا هئا ته مان ڊچان ٿو تــه متان منهنجي هيءَ نماز منهنجي منهن تي نــه اڇلائي وڃي. هڪ ڏينهن جڏهن کين ڪائڻ لاءِ ڪجهه نــه مليو تڏهن بارگاه الاهيءَ ۾ عرض ڪيائون تــه يا الاهي! ان جي شڪراني ۾ مان چار سو رڪعت ادا ڪريان ٿو. ٻيءَ رات تي بہ ڪجهه نہ مليو تہ وري چار سو رڪعت نماز ادا ڪيائون. حتيٰ ڪ ستن راتيون اها حالت رهي. جڏهن حــد کان زياده ڪمزوري ظاهر ٿي تڏهن بارگاه الاهيءَ ۾ عرض ڪيائون يــا الله! جيڪڏهن ڪجهه کارائين تــه چڱو ٿيندو. انهيءَ وقت هڪ جــوان اچي کانئن پڇيو تــه ڇا توکي ڪائڻ جــي ضرورت آهي؟ فرماياٺون هائو! اهو شخص کين پنهنجي گهر وٺي آيو. اتي روشنيءَ ۾ ان جوان جڏهن حضرت جن کي ڏٺو تڏهن خوشيءَ وچان چوڻ لڳو تــه حضور! اوهان منهنجا آقــا آهيو مان اوهان جــو غلام آهيان. جو ڪجهه بــه مون وٽ آهي اهو سڀ اوهان جو ئي آهي. اهو ٻــڌي پاڻ فرماياٺون تہ اڄ کان وٺي مــان توکي آزاد ڪري ڇڏيو ۽ جيڪي ڪجهه تــو وٽ آهي ســو سڀ توکي بخشي ڇڏيو. پوءِ ان غلام کان واپس وڃڻ جي اجازت وٺي جڏهن موٽي آيا تڏهن بارگاه الاهيءَ ۾ عرض ڪيائون تــه اي رب العزت! مــان توسان وعدو ٿو ڪريان تــه توکان سواءِ ٻئي ڪنهن کان بہ ڪين گهرندس. مان تہ توکان ماني گهري هئي پر تو ساري دنيا منهنجي اڳيان پيش ڪري ڇڏي.

نقل آهي تہ هڪ دفعي ڪنهن غيرآباد مسجد ۾ ڪي ٽي شخص ساٿس گڏ رهيا ان رات تمام سخت سردي هئي. پاڻ ساري رات مسجد جي دروازي تي ويٺا رهيا. صبح جــو هڪ شخص کانئن پڇيو تــه اوهان ساري رات دروازي تي ڇــا لاءِ ويٺا رهيا. پاڻ فرمايائون تــه هوا سرد هئي سوچيم تــه دروازي تي ويهڻ ڪري سرديءَ کان ڪجهه تــه بچاءُ ٿيندو. عبدالله مبارڪ رحہ ۽ عطائي سلم رحہ فرمائن ٿا تہ هڪ دفعي سفر جي دوران پاڻ.وٽ ڪا شيءِ نہ رهين ليڪن چاليهن ڏينهن تائين پاڻ صبر ڪيائون ۽ مٽيءَ تــي گذر ڪيائون ليڪن ڪنهن سان بہ ان جو ذڪر نــه ڪيائون ان لاءِ تہ منهنجي خاطر ٻين کي ڪا تڪليف نہ ٿئي.

نقل آهي تہ سهل بن ابراهيم رحہ فرمائن ٿا تــه مانُ هڪ سفر ۾ حضرت ابراهيم ادهم رحہ سان گڏ هوس اوچتو مــان بيمار ٿي پيس. کين پــاڻ وٽ جيڪي ڪجهه هو ســو سڀ منهنجي متان خرچ ڪري ڇڏيائون. وري مــان ڪا خواهش ظاهر ڪئي تنهن تي پنهنجو گــڏهه وڪڻي مون تي خرچ ڪيائون. جڏهن مان تندرست ٿيس ۽ گڏهہ جي متعلق پڇا ڪئي تــه پاڻ فرمايائون تــه اهو وڪڻي ڇڏيو. مان چيو تــه هاڻي مان ڇاتي ويندس پاڻ فرمايائون تــه منهنجي گردن تي. پوءِ مون کي ٽن منزلن تائين ڪلهن تي کڻي هلندا رهيا.

عطائي سلميؒ رحه فرمايو آهي تہ هڪ دفعي حضرت ابراهيم ادهم رحہ وٽ پنڌرهن ڏينهن تائين هڪ درهم بہ ڪين هو. ايترا ڏينهن روز واري ڪاٺي گذارو ڪندا رهيا. وڌيڪ فرمائن ٿا تہ چاليهن سالن تائين مڪي شريف جو ميوو ڪونہ کاڌائون. ڇاڪاڻ تہ غيرن مڪي شريف جي گهڻي زمين خريد ڪري ورتي هئي.

نقل آهي تہ حضرت ابراهيم ادهم رحہ ڪيترا پيرا پيادل حج ڪيو ۽ پنجاه سالن تائين ڪعبي جا مجاور رهيا. ايتري عرصي ۾ زمزم جي کوه مان پاڻي نہ ڪڍيائون. اهو انهيءَ ڪري جو کوه مان پاڻي ڇڪڻ جو جيڪو ڏول هو سو شاهي هو پاڻ سارو ڏينهن مزدوري ڪندا هئا جو ڪجهہ ڪمائيندا هئا اهو پنهنجي دوستن ۾ خرچ ڪري ڇڏيندا هئا. شام جو نماز ادا ڪرڻ ڪان پوءِ ڪجهہ خريد ڪري پنهنجي دوستن وٽ ٻهچي ويندا هئا. هڪ ڏينهن ڪين دير ٿي ويئي دوستن چيو تہ اسان ايترو انتظار ڪري ٿا سگهون اڇو تہ اسان خود ڪجهہ خريد ڪري کائي پي سمهي رهون. ائين ڪرڻ سان حضرت ابراهيم ادهم رحہ ڪڏهن بہ آئينده دير ڪونہ ڪندا هئا. نيٺ انهن ائين ئي ڪيو. جڏهن پاڻ آيا تہ پنهنجي دوستن کي سٽل ڏسي ڏاڍو ڏک ٿين ۽ دل ۾ چيائون تہ اڄ منهنجا دوست بکيا ئي سمهي پيا آهن. پاڻ سان گڏ ٿورو اٽو آندو هئائون ان کي پاڻ ڳوهي ماني پچائڻ جو خيال ڪيائون. جڏهن باه ٻارڻ شروع ڪيائون تہ باه نہ ٻري آخر ڏاڙهي مبارڪ خاڪ تي رکي باه کي ڦوڪون ڏيڻ شروع ڪيائون. ايتري ۾ دوستن کي جاڳ ٿي ويئي ۽ کانئن پڇيائون تہ هي اوهين ڇا پيا ڪريو. پاڻ فرمايائون تہ مان اوهان کي سٽل ڏسي ڪري سمجهيو تہ توهان شايد بکيا سمهي پيا هوندا ان ڪري توهان لاءِ ماني پچائڻ جي فڪر ۾ هوس تہ جيئن توهان اٿندي ئي ماني کائي سگهو.

نقل آهي تہ جيڪو شخص حضرت جن سان رهڻ لاءِ خواهان هوندو هو ان کان ٽي شرط منظور ڪرائيندا هئا. پهريون خدمت مان ڪندس. ٻيو نماز جي آزان مان ڏيندس. ٽيون جيڪي ڪجهہ حاصل ٿيندو ان ۾ سڀ جو حصو برابر هوندو. هڪ ڀيري هڪ شخص چيو تہ مون کي اهي شرط منظور نہ آهن تنهن تي پاڻ فرمايائون تہ مون کي تنهنجي صدق تي تعجب ٿو اچي. هڪ شخص گهڻي مدت تائين سندن خدمت ۾ رهيو. جڏهن کانئن جدا ٿيڻ لڳو تڏهن عرض ڪيائين تہ اي حضرت! اوهان مون ۾ جيڪي عيب ڏٺا آهن اهي مون تائين ظاهر ڪريو پاڻ فرمايائون تہ تون پنهنجا عيب ڪنهن ٻئي کان پڇ-مان توکي دوستيءَ جي نگاه سان ڏسندو رهيو آهيان ان ڪري مان تو ۾ ڪوبہ عيب ڪونہ ڏٺو آهي.

نقل آهي تہ هڪ عيالدار شخص مفلس هو شام جي نماز ادا ڪري گهر وڃي رهيو هو وٽس ڪجهہ ڪين هو ان ڪري نهايت ئي غمگين ۽ فڪر مند هو. رستي ۾ حضرت ابراهيم ادهم

ڪي بلڪل خاموش ۽ بي فڪر ڏسي چيائين تہ مون کي اوهان تي غيرت ٿـي اچي جو اوهان مطمعن ۽ بي فڪر وينا آهيو ۽ مان غم ۽ فڪر ۾ چور چور آهيان. اهو ٻڌي پاڻ فرمايائون تہ جيڪا بہ مان عبادت ۽ خيرات ڪئي آهي ان جو ثواب مان توکي بخشيو. تون صرف مون کي اچوڪي وقت جو فڪر ۽ غم ڏيئي ڇڏ.

هڪ دفعي خليفي مقصم ڪانئن پڇيو تہ اوهان ڪهڙو ڌنڌو ڪندا آهيو؟ فرمايائون تہ مان دنيا کي دنيا سان دوستي رکڻ وارن لاءِ ڇڏيو آهي ۽ عاقبت کي پسند ڪرڻ وارن لاءِ. هن جهان ۾ مان صرف ذڪر الاهيءَ کي اختيار ڪيو آهي. ۽ هن جهان ۾ عبرت الاهيءَ کي پسند ڪيو آهي. ڪنهن ٻئي حضرت جن ڪان ساڳيو ئي سوال پڇيو تہ اوهان ڇا ڪندا آهيو؟ پاڻ فرمايائون تہ ڇا توکي خبر ڪانهي تہ الله تبارڪ وتعاليٰ جو ڪم ڪرڻ وارن کـي ٻـي ڪنهن بہ ڪم ڪرڻ جي ضرورت ڪانہ ٿيندي آهي.

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن حجم سندن مڇن جا وار ٺاهي رهيو هـو. ان وقت سندن هڪ مريد جو اتان گذر ٿيو. پاڻ ان ڪان پڇيائون تہ تو وٽ ڪجهہ آهي؟ تہ جيئن هن حجم کي ڏيئي ڇڏجي. مريد هن کي هڪ ڳوٿري ڏني تہ ايتري ۾ هڪ سائل اچي سوال ڪيو حجم اها ڳوٿري ان سائل کي ڏيئي ڇڏي. پاڻ فرمايائون تہ اها سون سان ڀريل آهي. حجم چيو تہ هائو مان جنهن شخص کي ڏيئي رهيو آهيان اهو ئي ڄاڻي ٿو تہ ان ۾ ڇا آهي. پاڻ فرمائن ٿا تہ ان موقعي تي مان ايترو تہ شرمندو ٿيس جو هن ڪان ڪڏهن بہ اهڙو شرمندو ڪونہ ٿيو هوندس.

هڪ دفعي ڪن ماڻهن ڪانئن پڇيو تہ جڏهن ڪان اوهان هـي رستو اختيار ڪيو آهـي، ڪڏهن خوشي بہ ٿي اٿو؟ فرمايائون تہ ڪيترا ئي دفعا. هڪ دفعو ان وقت جڏهن مـان ٻيڙيءَ ۾ سوار هوس ۽ منهنجا ڪپڙا ڦاٽل هئا ۽ وار ڦڙيل پڪڙيل هئا مان ان وقت خاص حالت ۾ هوس مگر ٻيڙيءَ وارن کي خبر نـہ هئي. ويا تي ٻيڙيءَ ۾ ماڻهو. ڪندا انهن ۾ هڪ مسخرو بـہ هو. جيڪو بار بار مـون تي مسخريون ڪندو رهيو ۽ وار پٽيندو ٺٺڙون هڻندو ٿي هليو. ان حالت ۾ مان پنهنجي نفس جـي بي عزتي ڏسي ڏاڍو خوش ٿي رهيو هوس. ايتري ۾ اوچتي درياـاہ ۾ هڪ لهر پيدا ٿي جنهن ڪري ٻيڙيءَ ٻڏڻ جو خطرو پيدا ٿي پيو. اها حالت ڏسي ملاح چيو تہ هڪ شخص کي درياہ ۾ ڦٽو ڪريو. چند ماڻهو مون کي ڪنن ڪان پڪڙي درياہ ۾ ڦٽو ڪرڻ وارا ٿي هئا تہ لهر ختم ٿي ويئي ۽ ٻيڙي صحيح سلامت اچي ڪناري سان لڳي. سو مـان نفس جي اهڙي بي عزتيءَ تي بيحد خوش ٿيس.

هڪ دفعي ڪنهن مسجد ۾ سمهڻ لاءِ ويس ليڪن ماڻهن مسجد ۾ مون کي جاءِ نہ ڏني. مان ان وقت ايتري قدر تہ ٿڪل هوس جو اتان اٿي بہ نٿي سگهيس. انهيءَ تـي ڪئي ماڻهو

مون کي تنگن کان جهلي گهلڻ لڳا. ان مسجد کي ٻـي ڏاڪا هئا جيئن ئي مـون کي گهلڻ لڳا تہ منهنجو مٿو وچي ڏاڪي سان لڳو اتي مون کي ولايت جو راز ظاهر ٿيو. اهڙيءَ طرح مـون کي هيٺ گهليندا رهيا ۽ ٽنهي ڏاڪن سـان منهنجو سر ٽڪرندو رهيو ان ڪري ٽـي دفعا راز مون تي ظاهر ٿيو. ان تي مان ڏاڍو خوش ٿيس ۽ دل ۾ چيو تہ افسوس هن مسجد کي اچا بہ وڌيڪ ڏاڪا ڇجن ها.

هڪ دفعي ماڻهو مون کي ٻڪڙي مارڻ لڳا ۽ هڪ مسخري مـون سان مسخري ڪئي ان تي بہ مون کي ڏاڍي خوشي ٿي.

هڪ دفعـي منهنجي پـوستين ۾ تمام گهڻون جوئـان ٿيون ويون جنڪي چڪ پـائي تڪليف رسائي رهيون هيون. ان وقت مـون کي شاهي زماني جو ريشمي لباس يـاد اچي ويو ۽ نفس مون کي برغلائڻ لڳو. مان نفس جي اها تڪليف ڏسي ڏاڍي خوشي ڪئي. پاڻ فرمائن ٿا تہ هڪ دفعي الله تي توڪل رکي جهنگ جو رستو ورتو. ڪيترن ڏينهن تائين مون کي ڪجهہ نہ مليو. مان خيال ڪيو تہ منهنجو هڪ دوست آهي جيڪڏهن ان وٽ وڃان تہ توڪل باطل ٿي ويندي. نيٺ دوست جي طـرف وڃڻ جـو خيال ڪيائون ۽ زبـان سان چيائون تہ ”توڪلت علي الحي الذي لا يموت“ يعني مان ان زنده هستيءَ تي توڪل ڪريان ٿـو جيڪو ڪڏهن نٿو مري. ايترو چيائون تہ غيب کان آواز آيو، ”سبحان الله! الله تبارڪ وتعاليٰ روءِ زمين تـان ٿي توڪل ڪندڙ ڪٽي ڇڏيا آهن“ مان پڇيو اهو ڪيئن؟ آواز آيو، تـہ متوڪل اهـو شخص آهي جيڪو هڪ لقمي واسطي جيڪو مجازي دوست هن کي ايـڏو ڊگهو سفر ڪري ۽ وري چوي تـہ ”توڪلت علي الحي الذي لا يموت“ اهـڙي ڪوڙ کي تـوڪل سان ڪهڙو واسطو! هڪ دفعي پاڻ فرمايائون تہ مان هڪ متوڪل زاهد کان پڇيو تـہ تون ڪٿان کائيندو آهين؟ هن چيو تہ مون کي ان جي خبر ڪانهي. اهو تـہ روزي ڏيڻ واري کان پڇڻ گهرجي مـون کي انهيءَ سان ڪهڙو ڪم. پاڻ فرمائن ٿا تـہ مان هڪ دفعي هڪ غلام کي خريد ڪيو ۽ ان کان پڇيو تہ تنهنجو نالو ڇا آهي؟ غلام چيو تہ جنهن نالي سان اوهان پڪاريندا اهو ئي منهنجو نـالو آهي. وري پڇيو مانس تہ ڇا کائيندين؟ چيائين تہ جيڪي کارايو اهو ئي کائيندس. وري پڇيو مانس تہ ڇا پهربندين؟ چيائين تہ جو ڪجهہ پهرايو ويندو اهـو ئي پهربندس. وري پڇيو مانس تـہ ڪهڙو ڪم ڪندين؟ چيائين جيڪو ڪم ڪرائيندا اهو ئي ڪندس. وري پڇيو مانس تـہ تنهنجي ڇـا خواهش آهي؟ چيائين تہ غلام کي خواهش سان ڪهڙو ڪم. غلام جون اهڙيون ڳالهيون ٻڌي مان پنهنجي دل ۾ چيو تـہ تون ساري عمر تائين پنهنجي خدا جو اهڙو ٻانهون نـہ ٿئين. ٻوه هن غلام کان ئي ٻندو ٿيڻ سک. ان خيال کان مان ايتري قدر رنس جو بيهوش ٿي ويس.

نقل آهي ته پاڻ ڪڏهن به ران سان ران ڪونه ملائي ويهندا هئا. يعني پلٿي هڻي ڪونه ويهندا هئا. ماڻهن انهيءَ جو سبب پڇيو ته فرمايائون ته هڪ ڏينهن پلٿي ماري ويٺو هوس ته غيب ڪان آواز ٻڌم. ”اي ادهم جا پٽ! ڇا ڪوئي غلام پنهنجي آقا جي اڳيان اهڙي نموني ويهندو آهي؟“ انهيءَ ڏينهن کان سان پلٿي هڻي ويهڻ کان توبهه ڪئي. ڪنهن ڪانئن پڇيو ته اوهان ڪنهن جا ٻندا آهيو؟ اهو ٻڌي پاڻ ڏڪڻ لڳا ۽ زمين تي ليٽي پيا. پوءِ اٿي ڪري هي آيت شريف پڙهيائون. ”ان ڪل في السماوات ولارض الا آتي الرحمان عبده“ ترجمو ”آسمانن ۽ زمينن جي هر هڪ چيز الله تبارڪ وتعاليٰ جي روبرو بندن جي طرح اچڻ واري آهي“ ماڻهن پڇيو ته اوهان پهرياڻين اهو جواب ڇو نه ڏنو. فرمايائون ته ڊنم ٿي ته جيڪڏهن ائين چوان ته مان ان (الله) جو بندو آهيان ۽ اهو بندگيءَ جو حق طلب ڪري. پر جيڪڏهن چوان ته ان جو بندو نه آهيان ته اها ڳالهه چوڻ جي نه هئي.

هڪ شخص ڪانئن پڇيو ته اوهان پنهنجي عمر ڪهڙيءَ طرح بسر ٿا ڪريو؟ فرمايائون ته مون وٽ چار سواريون آهن. جڏهن مون تي ڪا نعمت ظاهر ڪئي ويندي آهي ته مان شڪر جي سواريءَ تي چڙهي اڳتي هلندو آهيان. جڏهن ڪا فرمانبرداري ظاهر ٿيندي آهي تڏهن اخلاص جي سواريءَ تي سوار ٿي اڳتي وڌندو آهيان. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن ڪا مصيبت اچي پوندي آهي ته صبر جي سواريءَ تي چڙهندو آهيان ۽ جڏهن قصور وار ثابت ٿيندو آهيان ته توبه جي سواريءَ تي ويهي ڪري توبهه ڪندو آهيان. پاڻ فرمائيندا هئا ته جيستائين تو پنهنجي زال ٻيوه جي طرح ٻچن کي يتيمن جي طرح نه سمجهندين ۽ رات جو زمين تي ڪتن جيان رات بسر نه ڪندين تيستائين اها اميد نه رک ته تون ڪو مرد خدا جي صف ۾ ويهي سگهندين. انهيءَ ڳالهه مان ثابت ٿيو ته پاڻ بادشاهي ڇڏي ڪري هيءَ حالت اختيار ڪئي هئائون. هڪ ڏينهن ڪن مشائخن وٽ تشريف فرما ٿيا. انهن چيو ته هليو وڃ! اڃا توهان بادشاهيءَ جي بوءِ اچي ٿي سبحان الله بي ريا فقيري اختيار ڪرڻ جي باوجود به ڪين اهڙي ڳالهه ٻڌڻي پئي. خبر نه آهي ته پوءِ رياڪار فقيرن کي ڇا ٻڌڻو پوندو. ڪنهن ڪانئن پڇيو ته ماڻهن جون دليون الله تبارڪ وتعاليٰ کان ڇو غافل رهن ٿيون. پاڻ فرمايائون ته انهيءَ ڪري جو الله تبارڪ وتعاليٰ جن کي دشمن ڄاڻي ٿو اهي ان کي دوست سمجهن ٿا ۽ هن فاني دنيا جي محبت ۾ مشغول آهن. هو انهيءَ ڪوڙي کيل ۾ سرمست آهن. ان ڪري اهي سيني نعمتن کي ڀلائي ويٺا آهن. پر هو ملڪ ۽ زندگيءَ کي وساري ويٺا آهن جنهن ۾ ڪنهن به قسم جي نه ڪمي آهي نه نقصان آهي.

نقل آهي ته ڪنهن ڪانئن وصيت گهري. فرمايائون ته پنهنجي حقيقي مالڪ کي پنهنجو درست بناء ۽ خلقت کي ڇڏي ڏي. هڪ ٻئي شخص نصيحت گهري. فرمايائون ته ڪليل بند

ڪري ۽ بند ڪي کول. هن چيو تہ اها ڳالهہ منهنجي سمجهہ ۾ ڪانہ آئي. تنهن تي پاڻ فرمايائون تہ بند ٿيل جيب کي کول ۽ کليل زبان کي بند رک. حضرت احمد خضرويہ کان نقل آهي تہ حضرت ابراهيم ادهم رحہ ڪعبہ شريف ۾ هڪ شخص کي فرمايو تہ جيستائين تون ستن عذابن کان نہ لنگهندين تيستائين توکي نيڪ بختن جو درجو ڪين ملندو. (١) نعمت جو دروازو پنهنجي مٿان بند ڪر. (٢) محنت جو دروازو کول. (٣) عزت جو دروازو بند ڪر. (٤) خواريءَ جو دروازو کول. (٥) ننڊ جو دروازو بند ڪر. (٦) دولتمنديءَ جو دروازو بند ڪر. (٧) درويشيءَ جو دروازو کول.

هڪ شخص ڪين عرض ڪيو تہ يا شيخ! مان پنهنجي مٿان ڏاڍو ظلم ڪيو آهي. هاڻي مون کي اهڙي ڳالهہ ٻڌايو جنهن تي عمل ڪريان. فرمايائون تہ جيڪڏهن تون عمل ڪرڻ گهرين ٿو تہ ڇهہ خصلتون اختيار ڪر. پوءِ جو ڪجهہ تون ڪندين توکي ڪوبہ نقصان ڪونہ ٿيندو. (١) جيستائين تون حقيقي مالڪ جي نافرماني ڪرين ايستائين ان جي روزي بہ نہ کاءُ. هن چيو تہ جڏهن هو رزاق آهي تہ پوءِ جي ان جو رزق نہ کاوان تہ ڪٿان کائيندس؟ فرمايائون تہ جي ائين آهي تہ پوءِ اها ڪهڙي نہ عجيب ڳالهہ آهي تہ روزي تون ان جي کائين ۽ ان جي ئي نافرماني ڪرين. (٢) جيڪڏهن تون ان جي نافرماني ڪرڻ گهرين تہ ان جي ملڪ کان ٻاهر نڪري وڃ. هن چيو تہ تمام دنيا مشرق کان مغرب تائين ڏکڻ کان اتر تائين انهيءَ جو ئي ملڪ آهي سو ان حالت ۾ مان ٻاهر ڪيئن وڃي سگهندس. فرمايائون تہ ڪهڙو نہ عجب آهي جو ان جي ملڪ ۾ رهي ڪري ان جي ئي نا فرماني ڪرين. (٣) جڏهن تون گناه ڪرڻ چاهين تہ اهڙي هنڌ وڃي ڪر جتي هو توکي نہ ڏسي. هن چيو تہ هو عالم الغيب آهي ان کان ڪٿي ٿو لڪي سگهان. فرمايائون تہ ان جي روبرو گناه ڪرڻ ڪيڏي نہ وڏي سرڪشي آهي. (٤) ملڪ الموت جڏهن تنهنجي ساهہ قبض ڪرڻ لاءِ اچي تہ ان کان مهلت گهر تہ جيئن توبهہ ڪري سگهين. هن چيو تہ هو منهنجي ڳالهہ ڪٿي قبول ڪندو. پاڻ فرمايائون تہ جڏهن توکي مهلت ملڻ جو اعتبار ئي ڪونهي تہ پوءِ اهو بهتر ناهي تہ ان کان اڳ ئي توبهہ ڪري ڇڏين. (٥) جڏهن منڪر نڪير قبر ۾ تو وٽ اچن تہ انهن کي موٽائي ڇڏجانءِ. هن چيو تہ مان ڪيئن انهن کي منع ڪري سگهندس. پاڻ فرمايائون تہ پوءِ انهن جي سوال جواب لاءِ اڳ ئي تياري ڪري ڇڏ. (٦) جڏهن روز حشر ۾ گنهگارن لاءِ دوزخ ۾ وڃڻ جو حڪم ٿئي تہ تون ان وقت ڪو بهانو تلاش ڪج. هن چيو تہ اهو ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿو. پاڻ فرمايائون تہ پوءِ گناه کان هر وقت بچڻ جي ڪوشش ڪندو رهج تہ جيئن گناه ڪرڻ جو موقعو ئي نہ ملئي. جڏهن ان شخص اهي ڇهہ ڳالهيون ٻڌيون تڏهن عرض ڪيائين تہ يا شيخ! منهنجي لاءِ

اهو ڪافي آهي. انهيءَ وقت ان شخص توبهه ڪئي ۽ مرڻ تائين پنهنجي توبهه تي قائم رهيو. ڪنهن حضرت جن ڪان پڇيو تہ ڇا سبب آهي جو اسان دعا گهرون ٿا تہ بارگاه الاهيءَ ۾ قبول نٿي ٿئي. پاڻ فرمايائون تہ اهو هن ڪري جو الله تبارڪ وتعاليٰ کي توهان ڄاڻو ٿا پر ان جي اطاعت نٿا ڪريو. ان جي رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم کي سڃاڻو تہ ٿا مگر ان جي پيروي نٿا ڪريو. قرآن مجيد کي پڙهندا تہ آهيو مگر عمل نٿا ڪريو. الله تعاليٰ جون نعمتون کائو ٿا پر ان جو شڪرانو ادا نٿا ڪريو. اها خبر اٿو تہ فرمانبردار ۽ اطاعت گذار بندن لاءِ بهشت سينگاريل آهي. پر توهان کي ان جي خواهش نہ آهي. اهو ڄاڻو ٿا تہ گنهگارن لاءِ دوزخ آهي. مگر توهان کي ان جو خوف ڪونهي. اهو سمجهو ٿا تہ شيطان اسان جو دشمن آهي مگر ان کان پري ڀڄڻ جي بجاءِ ان کي دوست رکو ٿا. اهو بہ سمجهو ٿا تہ موت ضرور ايندو تنهن هوندي بہ توهان ان لاءِ تيار نٿا رهو. انهن ڳالهين کان عبرت حاصل ڪرڻ جي بجاءِ ٻين جي عيبن ڪڍڻ ۾ مصروف رهو ٿا. جنهن شخص جي اها حالت هجي ان جي ڀلا دعا ڪيئن قبول ٿيندي.

هڪ شخص حضرت جن کان پڇيو تہ جڏهن ڪنهن وٽ ڪجهہ نہ هجي ۽ هو بکيو هجي تہ ڇا ڪري؟ فرمايائون تہ ٽن ڏينهن تائين صبر ڪري. وري ان شخص چيو تہ ٽن ڏينهن جي صبر ڪرڻ کان پوءِ ڇا ڪري؟ فرمايائون تہ اڃا بہ صبر ڪري. ايستائين جو هو مري وڃي. ڪنهن کين چيو تہ گوشت مهانگو ٿي ويو آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ جيڪڏهن اسان خريد نہ ڪريون تہ سستو ٿي سگهي ٿو.

هڪ دفعي ڪن ماڻهن حضرت جن جي دعوت ڪئي ۽ سندن اچڻ جو ڏاڍو انتظار هون. انهن مان هڪ چيو تہ هو (حضرت جن) ڏاڍو سخت دل آهي دير سان ايندو. پاڻ ايندي ئي فرمايائون تہ ماڻهو تہ ڀريائين ساني کائيندا آهن ۽ بعد ۾ گوشت، پر اوهان ڀريائين گوشت کائي ڇڏيو آهي. مقصد هي هو تہ انهن گلا ڪئي هئي.

هڪ دفعي پاڻ ڪنهن حمام ۾ تشريف فرما ٿيا. پر جيئن تہ سندن لباس ڦاٽل ۽ ميرو هو، تنهن ڪري ماڻهن کين حمام ۾ اندر وڃڻ نہ ڏنو. ان ڳالهہ تي پاڻ ڏاڍو رنا ۽ دل ۾ چيائون تہ هن شيطاني گهر ۾ خالي هٿين وڃڻ کان روڪيو وڃي ٿو تہ پوءِ الله تعاليٰ جي گهر ۾ بغير اطاعت جي ڪهڙيءَ طرح ڇڏيو ويندو! پاڻ فرمائن ٿا تہ هڪ دفعي الله تعاليٰ تي توڪل رکي

* گلا ڪرڻ واري لاءِ مقدس ڪتاب قرآن مجيد ۾ آيل آهي تہ جنهن شخص ڪنهن جي گلا ڪئي تنهن ڄڻ تہ سڳي ڀاءُ جو گوشت کاڌو.

جهنگ جي طرف ويس ٿي ڏينهن سون کي ڪاڻ لاءِ ڪجهہ نہ مليو. هڪ ڏينهن شيطان اچي مون کي چيو تہ بلخ جي بادشاهي ڇڏي ڪري بکيو اڃيو وڃي رهيو آهين. ڇا اهو تو کي چڱو نٿو لڳي جو تون اڳي جيان شان ۽ شوڪت سان رهين. ان تي مان بارگاه الاهيءَ ۾ عرض ڪيو تہ يا الاهي! ڇا تو دشمن کي دوست ڏي ان ڪري موڪليو آهي تہ هو مون کي برغلائي سان تہ تنهنجي مدد جي سهاري جهنگ جي مسافري طئہ ڪري رهيو آهيان. غيب کان آواز آيو تہ ابراهيم! تنهنجي کيسي ۾ جو ڪجهہ آهي ان کي ڪڍي ٻاهر ڦٽو ڪر تہ جيئن جو ڪجهہ غيب ۾ آهي اسان اُن کي ظاهر ڪريون. مان کيسي ۾ هٿ وڌو تہ ڪجهہ چاندي پيل هئي جا مون کي ياد ڪانہ هئي. مان جيئن ان کي ڦٽو ڪيو تہ شيطان ڀڄي ويو ۽ ان ڏينهن کان پوءِ مون کي غيب کان روزي ملڻ لڳي. فرمائن ٿا تہ هڪ دفعي مان باغباني جي ڪم تي مقرر ٿيس ڪجهہ وقت کان پوءِ باغ جو مالڪ آيو مون کي چيائين تہ ڪو مٺو ڏاڙهون آڻي ڏي. مان ڪجهہ ڏاڙهون پٽي اچي پيش ڪيا مگر انهن ۾ هڪ بہ مٺو ڪين هو. مالڪ ڪاوڙجي مون کي چيو تہ تو کي هن باغ ۾ رهندي ڪافي مدت گذري آهي مگر اڃا تائين تو کي کٽي ۽ مٺي ڏاڙهونءَ جي تميز ڪانہ ٿي آهي. مان چيو سائين تہ منهنجي حوالي صرف باغ جي حفاظت ڪرڻ آهي ۽ نہ ڏاڙهن کائڻ جي. مان اڄ ڏينهن تائين هن باغ جو ڏاڙهون ڪونہ کاڌو آهي. پوءِ ڀلا مون کي کٽي ۽ مٺي جي ڪيئن تميز ٿئي. ان تي مالڪ چيو تہ پوءِ ابراهيم ادهم جهڙو پرهيزگار شايد ٻيو ڪونہ هوندو. مان اهو ٻڌي اتان نڪري هليو ويس. فرمائن ٿا تہ مان هڪ رات خواب ۾ حضرت جبرئيل عليه السلام کي صحيفو هٿن ۾ ڏسندي پڇيو تہ تون ڇا ڪري رهيو آهين؟ فرمايائين تہ الله تعاليٰ جي دوستن جا نالا لکي رهيو آهيان. مان پڇيو تہ منهنجو نالو بہ لکندين؟ فرمايائين تہ تون انهن ۾ نہ آهين. مان چيو تہ آخر مان بہ تہ ان جو دوست آهيان. ان تي ٿوري دير سوچي فرمايائين تہ مون کي حڪم ٿيو آهي تہ تنهنجو نالو سڀ کان پهريائين لکان. ڇاڪاڻ تہ هن راه جي اُميد نا اُميديءَ سان وابستہ آهي. پاڻ فرمائن ٿا تہ هڪ رات مان پاڻ کي هڪ ڳوٺيءَ ۾ ويڙهي مسجد قدس ۾ پيو رهيس. ڇاڪاڻ تہ اُتان جا خدمت ڪندڙ رات جو ڪنهن بہ مسجد ۾ رهڻ نہ ڏيندا هئا. اڃا ٿوري رات مس گذري تہ مسجد جو دروازو کليو ۽ هڪ بزرگ پنهنجي چاليهن دوستن سان آيو. ٻہ رڪعتون نماز ادا ڪري محراب جي طرف پٺي ڪري ويهي رهيو. انهن مان هڪ چيو اڄ مسجد ۾ هڪ اهڙو شخص آهي جو اسان مان نہ آهي. انهيءَ تي ان بزرگ کلي فرمايو تہ ادهم جي پٽ جو چاليهن ڏينهن کان عبادت جو مزو ويندو رهيو آهي. اهي ڳالهيون ٻڌي مان ٻاهر نڪري آيس ۽ ان کي چيو تہ اوهان بلڪل درست فرمايو آهي. ليڪن هاڻي ان جو سبب بہ ٻڌائي ڇڏيو. ان بزرگ فرمايو

نه نلالي ڏينهن تو بصري مان ڪارڪون خريد ڪيون هيون انهن مان هڪ ڪارڪ ڪري پيئي هئي ته تو انهيءَ خيال سان اها ڪارڪ ڪنئي هئي ته شايد اها تنهنجي آهي. اها ڳالهه مون کي دل سان لڳي ۽ اهو ٻڌندي ئي بصري وجهي ان ڪارڪن وڪڻندڙ کان اها ڪارڪ بخشائي. ڪارڪن وڪڻندڙ اها ڳالهه ٻڌي چوڻ لڳو ته اها ئي آهي پرهيزگاري. مان اڄ کان وٺي ڪارڪون وڪڻڻ ڇڏي ٿو ڏيان ۽ ان ڪم کان توبهه ٿو ڪريان ان کان پوءِ هن دڪانداري ڇڏي ڏني. آخر ابدال جو مرتبو حاصل ڪيائين.

نقل آهي ته هڪ ڏينهن پاڻ حضرت جن جهنگ ۾ ويا اتي هڪ سپاهيءَ اڳتي وڌي اچي کانئن پڇيو ته تون ڪير آهين؟ پاڻ فرمايائون ته مان خدا جو بندو آهيان. سپاهيءَ وري پڇيو ته ڪٿي رهندا آهيو؟ پاڻ قبرستان جي طرف اشارو ڪندي فرمايائون ته هن طرف. سپاهيءَ سمجهيو ته مون سان مزاق ٿو ڪري، تنهن ڪري حضرت جن کي ڏاڍو ماريائين. ايتري قدر جو مٿي مان خون وهڻ لڳن، پوءِ کين ڪچيءَ ۾ رسو وجهي ماڻهن وٽ وٺي آيو. جڏهن ماڻهن حضرت جن کي ڏٺو، تڏهن انهن چيو ته اي ڪمبخت! هي ته ابراهيم ادهم رحه آهي. تو هي ڇا ڪيو آهي؟ ان تي سپاهيءَ حضرت جن جي پيرن تي ڪري معافي ورتي. پاڻ فرمايائون ته مون سان جيڪو تو سلوڪ ڪيو آهي مان ان جي بدلي تنهنجي لاءِ دعا خير ٿو گهران، ڇاڪاڻ ته تنهنجي اهڙي سلوڪ جي عيوض مون کي بهشت نصيب ٿيو آهي. تنهن ڪري مان نٿو چاهيان ته توکي دوزخ ملي. مان پاڻ کي بندو ان ڪري چيو ته حقيقي مالڪ جو ڪير بندو نه آهي ۽ قبرستان جي طرف ان ڪري اشارو ڪيو ته حقيقت ۾ اصلي رهڻ جو مقام اهو ئي آهي. شهرن جي آبادي آخرڪار هت ئي اچي آباد ٿئي ٿي.

نقل آهي ته هڪ بزرگ فرمايو آهي ته مان خواب ۾ ڏٺو ته بهشت ۾ ڪيترا ئي ماڻهو موتين جون جهوليون ڀريو بيٺا آهن. مان انهن کان ان ڳالهه جو سبب پڇيو. جن چيو ته هڪ نادان، حضرت ابراهيم رحه جو مٿو ڦاڙي وڌو آهي سو جڏهن پاڻ بهشت ۾ تشريف فرما ٿيندا ته بهشت وارن کي حڪم ٿيندو ته ابراهيم ادهم رحه تي موتين جي گهور ڪريو. ان ڪري موتين جون جهوليون ڀريو بيٺا آهيون.

نقل آهي ته هڪ مست آدميءَ ولسان سندن گذر ٿيو. پاڻ ڏٺائون ته ان جو منهن مٿيءَ سان خراب ٿيل هو. تنهن ڪري هڪدم پاڻي ڪٺي اچي ان جو منهن صاف ڪيائون ۽ فرمايائون ته جنهن سان الله تبارڪ وتعالي جو ذڪر ڪيو وڃي اهو صاف رکڻ گهرجي. جڏهن مست کي اها خبر پيئي ته سندس منهن صاف ڪرڻ وارو ابراهيم ادهم رحه هو ۽ ڪهڙي سبب ڪري منهن صاف ڪيائين، تڏهن توبهه ڪيائين. رات جو پاڻ خواب ۾ غيب کان آواز ٻڌائون

تہ تو اسان جي ناليءَ جي غيرت ڪان ان مست جو منهن صاف ڪيو آهي ان حي بدلي اسان وري تنهنجي دل صاف ڪريون ٿا. محمد مبارڪ رحمت الله عليه جن فرمائن ٿا تہ مان بيت المقدس ويندي پاڻ حضرت جن سان گڏ هوس. هڪ بيابان ۾ منجهند جي وقت ڏاڙهونءَ جي وڻ هيٺ آرام ڪيو سين ۽ اتي ئي چند رڪعتون نماز جون ادا ڪيون سي مان ان وڻ مان هي آواز ٻڌو. اي ابا اسحاق مون کي عزت وارو ڪر ۽ منهنجي ڦلن مان هڪ ڏاڙهون کاءُ اهو ٻڌي پاڻ حضرت جن سر جهڪائي ڇڏيو. حتيٰ ڪ اهڙو آواز ٽي دفعا ٻڌائون پاڻ هر دفعي سر جهڪائي ٿي ڇڏيائون. پوءِ مون کي آواز آيو تہ اي ابا محمد! تون ئي سفارش ڪر تہ ڪجهہ ڏاڙهون کائي. تنهن تي مان ڪيس عرض ڪيو تہ اي ابا اسحاق ڪجهہ ٻڌو ٿا پاڻ فرمايائون تہ هائو. ائين چئي ٻہ داڻا ڏاڙهن جا چني ورتائون هڪ پاڻ کاڌائون ۽ هڪ مون کي کائڻ لاءِ ڏنائون ڏاڙهون کٽا هئا ۽ وڻ ننڍو هو. اسان واپسيءَ تي جڏهن ان جاءِ تي آيا سين تہ ڏٺو سين تہ اهو وڻ وڏو هو ۽ سندس ڏاڙهون بيحد مٺا هئا. سال ۾ ٻہ مرتبہ ڦل ڏيندو هو ماڻهو ان کي "اسان العابدين" ڪري چوندا هئا. ڇاڪاڻ تہ ان جي ڇانو ۾ عابد ماڻهو ويهندا هئا.

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن ڪنهن بزرگ سان گڏ هڪ جبل مٿان ويٺا هئا. گفتگوءَ جي دوران ان بزرگ کائڻ سوال پڇيو تہ مرد جي ڪمال جي علامت ڪهڙي آهي؟ پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ جيڪڏهن جبل کي هلڻ جو حڪم ڏجي تہ جيڪر فوراً هلڻ لڳي. ٻہ اڻ ايترو مس فرمايائون تہ اهو پهاڙ هلڻ لڳو. پاڻ ان جبل کي فرمايائون تہ اي جبل! مان تو کي تہ هلڻ لاءِ ڪين چيو مان تہ مثال جي طور تي ڳالهہ ڪئي اهو ٻڌي جبل بيهي رهيو.

هڪ بزرگ فرمايو آهي تہ هڪ ڏينهن مان حضرت ابراهيم ادهم رحہ سان گڏ ٻيڙيءَ ۾ سوار هوس. اتفاق سان هوا مخالف رخ تي هلڻ لڳي جنهن ڪري ٻيڙي ٻڏڻ جو سخت انديشو هو. ايتري ۾ هوا مان آواز آيو تہ غرق ٿيڻ جو فڪر نہ ڪريو ڇو تہ ابراهيم ادهم رحہ توهان سان ساڻ آهي. آخرڪار هوا روڪجي ويئي ۽ ٻيڙي صحيح رستي طرف هلڻ لڳي. هڪ دفعي پاڻ ٻيڙيءَ ۾ سوار هئا اوچتو پاڻيءَ جو طوفان آيو. پاڻ ٻيڙيءَ ۾ هڪ قرآن شريف کي رکيل ڏسي چيائون تہ يا الاهي! ڇا تون هن ٻيڙيءَ کي غرق ڪندين جيئونڪ هن ٻيڙيءَ ۾ تنهنجو پاڪ ڪتاب بہ رکيل آهي. غيب کان آواز آيو "لا نفعل" يعني اسان ائين نہ ڪريون. پوءِ ٻيڙي صحيح سلامت هلڻ لڳي ۽ طوفان بيهجي ويو. هڪ دفعي پاڻ ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿي ڪنهن هنڌ تي وڃڻ ٿي گهريائون. مگر وٽن ايترو پيسو ڪونہ هو جو ٻيڙيءَ جو ڀاڙو ادا ڪري سگهن. پاڻ ٻہ رڪعتون نماز ادا ڪري بارگاه الاهيءَ ۾ عرض ڪيائون تہ يا الاهي ٻيڙيءَ وارا ڀاڙو طلب ڪندا پر مونوٽ تہ ڪجهہ بہ ڪينهي! انهيءَ وقت درياه جي واري سوني

بلخ ويئي. ان مان هڪ مٽ پري ڀيڙيءَ وارن کي ڏنائون. اهڙيءَ طرح هڪ دفعي ٻاڻ دجله درياهه جي ڪناري تي ويٺا گودڙي سبي رهيا هئا ته اتان هڪ شخص اچي لانگهائو ٿيو. ان شخص حضرت جن کي ڏسي ڪائن پڇيو ته بلخ جي بادشاهي ڇڏڻ مان اوهان ڇا حاصل ڪيو؟ اهو ٻڌي ٻاڻ سئي درياهه ۾ ڦٽي ڪيائون ۽ کيس فرمايائون ته منهنجي سئي ڪيڏي آڻي ڏي. ان شخص چيو ته ڪيڏي به ڪوشش سان اها سئي نه لڀي سگهندي. تنهن تي ٻاڻ درياهه ڏي رخ ڪري فرمايائون ته مون کي منهنجي سئي ڪيڏي آڻي ڏيو. اهڙي حڪم تي هزارين مڇيون پنهنجي وات ۾ سونيون سيون کنيو پاڻيءَ جي سطح کان ٻاهر نڪري آيون. اهو ڏسي ٻاڻ فرمايائون ته مون کي اهي سيون نه گهرجن مون کي پنهنجي سئي گهرجي. ايتري ۾ هڪ مڇي سندن ئي سئي وات ۾ جهلي آڻي اڳيان پيش ڪئي. ٻاڻ ان شخص کي چيائون ته هي ادني چيز آهي، جيڪا مون کي بلخ جي بادشاهي ڇڏڻ ۾ ملي آهي.

هڪ ڏينهن کوهه مان پاڻي ڀرڻ ويا جڏهن ڏول اندر وڌائون ته اهو موتين سان ڀريل نڪتو. ٻاڻ انهن کي ڦٽو ڪري ٻيهر ڏول اندر وڌائون ته وري به چانديءَ سان ڀرجي نڪتو ٻاڻ اهو به ڦٽو ڪري ڇڏيائون ۽ ٽيون ڀيرو ڏول کوهه ۾ وڌائون ته اهو به موتين سان ڀريل نڪتو. اهو ڏسي بارگاه الاهيءَ ۾ عرض ڪيائون ته اي الاهي! توکي چڱي طرح خبر آهي ته سان هن دين جي دولت تي فريفته ٿي ڪين سگهندس. مون کي پاڻي عطا ڪر ته مان وضو ڪريان. هڪ دفعي ٻاڻ حج ڪرڻ لاءِ وڃي رهيا هئا. پيا به ڪيترا ماڻهو ساڻن گڏ هئا انهن چيو ته اسان وٽ سفر لاءِ ايترو خرچ ڪونهي. ٻاڻ فرمايائون ته توهان کي الله تبارڪ وتعاليٰ تي ڀروسو رکڻ گهرجي. جيڪڏهن توهان کي سوني ۽ چانديءَ جي طمع آهي ته هن وڻ جي طرف ڏسو. انهن جڏهن وڻ جي طرف نظر ڦيرائي ڏٺو ته قدرت الاهيءَ سان اهو وڻ سوني جو نظر آيو. هڪ ڏينهن ٻاڻ ڪن دوستن سان گڏ وڃي رهيا هئا. جڏهن هڪ قلعي وٽ پهتا ته آتي تمام گهڻيون ڪاٺيون ڏسي فرمايائون ته اجوڪي رات هت ئي بسر ڪرڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته هتي ڪاٺيون ۽ پاڻي جام آهي نيٺ ٻاڻ پنهنجي ساٿين سان گڏ آتي ئي ترسي پيا. جڏهن باهه ٻري تڏهن هڪ درويش چيو ته اڄ جيڪڏهن گوشت هجي ها ته جيڪر پچي ڪري کائون ها! ٻاڻ آن وقت نماز ۾ مصروف هئا. جڏهن فارغ ٿيا ته فرمايائون ته الله قادر آهي جو اسان ڏي گوشت موڪلي. ائين چئي ٻاڻ وري نماز ۾ مشغول ٿي ويا. انهيءَ وقت هڪ شينهن گورخر (صحرائي جانور) کي کنيو پٺي آيو درويشن ان کي پڪڙي ڪٺو ۽ ڪباب ٺاهي کاڌو آهو شينهن سامهون ويٺي ڏسندو رهيو.

نقل آهي ته ٻاڻ آخري وقت پنهنجي ۾ گسر ٿي ويا. تنهن ڪري سندن قبر جي

ڪنهن کي بہ خبر ڪانهي. ڪن جو خيال آهي تہ سندن قبر بغداد شريف ۾ آهي ۽ ڪن جو خيال آهي تہ سندن قبر شام ۾ آهي. ڪن جو وري اهو خيال آهي تہ پاڻ (حضرت جن) آدمين کان ڀڄي ڪري انهيءَ جاءِ تي فوت ٿيا جتي حضرت لوط عليہ السلام جي مزار آهي ۽ ان جي قريب ئي سندن مزار آهي.

نقل آهي تہ سندن رحلت وقت هاتفي آواز آيو. ”ألا إن آمان الارض قد مات“ يعني معلوم هجي تہ زمين واسطي جو آمان جو باعث هو اهو فوت ٿي ويو. اهڙو آواز ٻڌڻ وارا حيران ٿي ويا ۽ چيائون تہ اهڙو ڪهڙو شخص هوندو جنهن جي موت جي خبر غيب جي طرفان ڏني وئي آهي. جڏهن حضرت ابراهيم ادهم رحہ جي وفات جي خبر ٻڌائون تڏهن اهو غيبي آواز سندن لاءِ ئي ثابت ٿيو.

* ذڪر حضرت بشر حافي رحمت الله عليه *

حضرت بشر حافي رحہ وڏا مجاهد، مشاهد عالم، ڪامل هدايت، بارگاه عنايت ۽ صوفين جا سرتاج هئا. سندن شان نهايت ئي اعليٰ هو. ٻنهنجي مامي علي حشر جي بيعت ڪئي هئائون. علم اصول کان واقف هئا سندن ولادت ”مرو“ ۾ ٿي هئي، پر رهائش بغداد ۾ هوندي هين. سندن توبهہ جي ابتدا هن ريت بيان ڪئي وئي آهي. پاڻ هڪ ڏينهن نشي ۾ چڪنا چور ڪنهن طرف وڃي رهيا هئا تہ رستي ۾ هڪ ڪاغذ جي ٽڪر تي نظر پين جو ڪٽي ڏٺائون تہ ان تي ”بسم الله الرحمان الرحيم“ لکيل هو. پاڻ ان کي اکين سان لڳائي چميائون ۽ عطر خريد ڪري آن کي تر ڪري، نهايت ئي تعظيم سان هڪ جاءِ تي رکي ڇڏيائون. انهيءَ رات هڪ بزرگ خواب ۾ ڏٺو تہ حق تعاليٰ جي طرفان چيو وڃي ٿو تہ ”وڃ ۽ وڃي بشر حافيءَ کي چئو تہ تو اسان جي نالي جي تعظيم ڪئي آهي ۽ ان کي معطر ڪري هڪ بلند جاءِ تي رکي ڇڏيو آهي تنهن ڪري اهڙيءَ طرح ملئي اسان بہ توکي پاڪ ڪندا سين ۽ تنهنجي مرتبي کي بلند ڪندا سين. جڏهن ان بزرگ خواب واريءَ حالت ۾ اهو ڏٺو تہ دل ۾ چيائين تہ بشر حافي رحہ تہ هڪ فاسق آدمي آهي سو آن لاءِ اهڙو اشارو ڪيئن ٿي سگهي ٿو شايد مان خواب ۾ غلط ڏٺو آهي. پوءِ هن وضو ڪيو ۽ نماز ادا ڪري سمهي پيو ۽ هن ٻيهر بہ اهو ئي ڏٺو، جيڪو پهريائين ڏٺو هئائين اهڙيءَ طرح هن ٽي ڀيرا ائين ڏٺو. صبح جو ان بزرگ بشر حافيءَ کي وٽي اچڻ لاءِ ماڻهو موڪليو مگر ان موٽي اچي ٻڌايس تہ هو شراب جي محلس ۾ آهي. تنهن تي بزرگ پاڻ هن جي گهر ويو. ماڻهن چيس تہ هو مستيءَ واري حالت ۾ بي خبر آهي. بزرگ چيو

تہ توهان هن کي چئو تہ اوهان کي ڪوئي پيغام ڏيڻ آيو آهي. ماڻهن ڪيس اچي چيو تہ پاڻ جواب ڏنائين تہ دريافت ڪري اچو تہ هو ڪنهن جو پيغام کڻي آيو آهي. بزرگ چيو تہ الله تعاليٰ جو پيغام کڻي آيو آهيان. پاڻ اهو ٻڌي روئي ڏنائون، ۽ دل ۾ چيائون تہ خدا جاءِ ڪتاب جو پيغام آهي يا عذاب جو. پيغام ٻڌڻ کان پوءِ پنهنجي سڀني دوستن کي رخصت ڪري ڇڏيائون ۽ ڪين چيائون تہ هن ڪان پوءِ توهان مون کي ان بچڙي ڪم ۾ هرگز نہ ڏسندءِ پوءِ توبهہ ڪري زهد جو طريقو اختيار ڪيائون. حق تعاليٰ جي مشاهدي جي غلبي جي زيادتيءَ کان پيرن ۾ جتي بہ ڪڏهن ڪون پاتائون پيرين اگهاڙو گهمڻ جي سبب پاڻ ”حافي“ مشهور ٿي ويا. ماڻهن ڪانئن پڇيو تہ اوهان پيرن ۾ جتي ڇو نتا پايو؟ پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ جنهن ڏينهن کان مان الله تبارڪ وتعاليٰ سان صلح (توبهہ) ڪيو هو، ان ڏينهن پيرين اگهاڙو هوس هاڻي مون کي جتي پائيندي شرم ٿو محسوس ٿئي. ان کان سواءِ الله تبارڪ وتعاليٰ فرمايو آهي تہ مان زمين کي اوهان لاءِ فرش بڻايو آهي سو بادشاهن جي فرش تي جتي پائي هلڻ ادب جي خلاف آهي انهيءَ سبب جي ڪري ئي خلوت جا صاحب نہ تہ پتر سان استنجو ڪندا هئا ۽ نہ ئي پنهنجي وات جو لعاب زمين تي ڦٽي ڪندا هئا. حقيقت ۾ آهي بہ ائين حق تعاليٰ جو نور سالڪ جون اکيون ٻڌجي ويندو آهي ۽ هو سواءِ خدا جي ٻي ڪنهن بہ شيءِ کي ڪين ڏسندو آهي. جهڙي طرح رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جن هڪ اصحابي ”ثعلبہ“ جي جنازي سان پيرن جي آڱرين تي ٿي هليا ۽ فرمايائون تہ خيال ٿو ٿئي تہ متان پير فرشتن تي نہ اچي وڃن ۽ اهي فرشتا ڇا آهن؟ الله تعاليٰ جو نور آهي. والمومن ينظر بنورالله تعاليٰ.

نقل آهي تہ امام حنبل رحہ حضرت جن وٽ ايندا رهندا هئا ۽ سندن ڏاڍا عقيدت مند هئا. حضرت احمد حنبل رحہ جا شاگرد چوندا هئا تہ توهان حديث، فقہ ۽ اجتهاد جا عالم آهيو ۽ ٻين ڪيترن علمن ۾ توهان جو ڪوبہ مٽ ڪونهي. توهان پاڻ هر وقت هڪ ديواني وٽ ويندا آهيو سو اها ڳالهہ توهان جي شان جي خلاف آهي ۽ پاڻ امام احمد حنبل رحہ چوندا هئا تہ هي خدا کي مون کان وڌيڪ ڄاڻي ٿو.

نقل آهي تہ هڪ رات پاڻ گهر وڃي رهيا هئا جڏهن گهر پهتا ۽ هڪ قدم گهر جي چائنٺ جي اندر رکيائون ۽ هڪ اڃا ٻاهر ئي هون تہ انهيءَ حالت ۾ صبح تائين حيرانيءَ ۾ بيٺا رهيا.

روايت آهي تہ سندن ڀيڻ کي دل ۾ اهو خيال آيو تہ اڄ بشر حافي رحہ گهر ايندو تنهن ڪري انهيءَ خيال کان هوءَ سڌو پاڻ جي گهر آئي. ايتري ۾ ڏٺائين تہ هو مستيءَ وارِيءَ حالت ۾ تشريف فرما ٿيو ۽ ڪوني تي وڃڻ ٿي چاهيائين جڏهن ڏاڪڻ جا ڪجهہ ڏاڪا چڙهيو

تہ اتي ٿي حيرانيءَ واريءَ حالت ۾ صبح ٿي وين. نماز جي وقت هجڻ سبب مسجد شريف ڏي ويا جڏهن واپس آيا تہ ڪائڻن پيڻ حال پڇيو. پاڻ فرمايائون تہ منهنجي دل ۾ اهو خيال پيدا ٿيو تہ بغداد ۾ ٻيا بہ ڪي ماڻهو آهن جن جو نالو "بشر" آهي. انهن مان هڪ يهودي آهي هڪ پارسي ۽ هڪ عيسائي، منهنجو نالو بہ بشر آهي. مان ڇا ڪيو جو مون کي الله تعاليٰ مذهب اسلام جهڙي نعمت عطا فرمائي ۽ انهن ڇا ڪيو جو اهي ان نعمت کان ٻري رهجي ويا بس مان انهيءَ معاملي ۾ حيران هوس.

نقل آهي تہ ماڻهن ڪين چيو تہ بغداد ۾ حلال ۽ حرام جي تميز ڪانہ رهي آهي ۽ اڃا بہ حرام گهڻو آهي اهڙيءَ حالت ۾ اوهان ڪٿان ڪائو ٿا؟ فرمايائون تہ جتان توهان کائو ٿا. ماڻهن چيو "پوءِ اوهان انهيءَ منزل کي ڪيئن پهتا؟ فرمايائون تہ گهٽ کاڌي کائڻ ۽ گهٽ دوستي رکڻ سبب. وڌيڪ فرمايائون تہ جيڪو ماڻهو کائي ۽ کلي، اهو ان جي برابري ڇا ڪري سگهندو جيڪو کائي ۽ روئي. ڪنهن ڪائڻن پڇيو تہ ڪهڙيءَ شيءِ جي ياڇي ناهان پاڻ فرمايائون "عاقبت" جي.

نقل آهي تہ جيڪو واءُ بادشاهي ماڻهن ڪوٺيو هو پاڻ ان مان پاڻي نہ پيئندا هئا. هڪ بزرگ جو چوڻ آهي تہ هڪ ڏينهن مان بشر حافيءَ جي خدمت ۾ ويس. سردي سخت هئي مگر بشر حافيءَ کي اُگهاڙو ڏٺم. پاڻ ڏڪي رهيا هيا مان ڪائڻن حال دريافت ڪيو تہ هي ڇا حال آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ مون وٽ درويش ياراڇي ويا مون وٽ مال ڪونهي جو سندن مدد ڪريان. پوءِ چيم تہ بدن مان ئي سندن موافقت ڪريان. پوءِ ماڻهن ڪائڻن پڇيو تہ اوهان هي مرتبو ڪٿان حاصل ڪيو؟ پاڻ فرمايائون تہ ان وسيلي سان تہ مان پنهنجي حال کي سواءِ رب تعاليٰ جي، ٻين کان پوشيده رکيو. ماڻهو سدائين ڪيس چوندا هئا تہ بادشاه کي وعظ ۽ نصيحت ڇو نہ ٿا ڪريو ڇاڪاڻ تہ هو ظلم ٿو ڪري؟ پاڻ فرمايائون تہ هو الله تبارڪ وتعاليٰ کي بزرگ ڄاڻي ٿو هن جو ذڪر آءٌ مان ڪريو جيڪو هن کي نہ ڄاڻي. احمد بن ابراهيم رحہ فرمائن ٿا تہ بشر حافي رحہ مون کي چيو تہ حضرت معروف رحہ کي چئجانءِ تہ مان ظهر نماز پڙهي تو وٽ ايندس. مان سندن پيغام پهچايو ۽ اسان انتظار ڪيو مگر نماز ظهر جي ادا ڪرڻ کان پوءِ بہ پاڻ نہ آيا. ايتري تائين جو عشا جي نماز بہ پڙهي ڇڏي سون. مان دل ۾ خيال ڪيو تہ بشر حافيءَ جهڙو ماڻهو بہ وعدي خلافي ٿو ڪري! مان سندن اچڻ جي اميد ۾ ويٺو رهيس ۽ مسجد جي دروازي تي انتظار ڪري رهيو هوس گهڻيءَ دير کان پوءِ مسجد مان مصلو کڻي دجلہ درياه جي ڪناري تي ويا. اتي پهچي پاڻيءَ جي مٿان هلڻ لڳا تان جو ٻئي ڪناري تائين پهچي ويا ۽ اتي حضرت معروف سان صبح تائين ڳالهيون ڪري ساڳيءَ طرح

واپس موٽيا اهو ڏسي مان سندن قدمن تي ڪري پيس ۽ کين دعا لاءِ عرض ڪيم. پاڻ منهنجي حق ۾ دعا گهرياڻون ۽ فرمايائون ته اها ڳالهه ڪنهن سان به ظاهر نه ڪجانءِ. پاڻ جيستائين زنده رهيا، ته مان اها ڳالهه ڪنهن سان به نه ڪئي.

نقل آهي ته ڪجهه ماڻهو حضرت جن وٽ حاضر هئا پاڻ انهن کي رضا جي متعلق سمجهائي رهيا هئا ته انهن مان هڪ شخص چيو "اوهان ڪاٻه شيءِ ماڻهن کان قبول ڪين ٿا فرمايو حقيقت ۾ اوهان زاهد آهيو. تنهن ڪري دنيا ڪان منهن ڦيرينڌڙ ماڻهن کان شيون وٺندا ڪريو پوءِ خفيه طور تي درويشن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيندا ڪريو. اوهان پاڻ توڪل تي گذارو ڪندا رهو ۽ پنهنجو قوت غيب کان حاصل ڪريو. ان شخص جي اها ڳالهه حضرت جن جي مريدن کي بيحد ڏکي لڳي پاڻ فرمايائون ته ان جو جواب ٻڌ. فقيرن جا ٽي قسم آهن: هڪ قسم اهو آهي جو ڪڏهن به سوال نه ڪندا آهن جيڪڏهن کين ڪوئي ڏي به ته نه وٺندا آهن ۽ ماڻهن کان پري ڀڄندا آهن. اهو ٽولو روحانين جو آهي هو صرف هڪ خدا کان طلب ڪندا آهن. جيڪي ڪجهه گهرندا آهن حق تعاليٰ انهن کي ڏيئي ڇڏيندو آهي. جيڪڏهن انهن کي خدا جو قسم ڏيئي ڪا چيز ڏبي نه جلدي قبول ڪري وٺندا.

ٻيو قسم آهي انهن جو جيڪي سوال ڪونه ڪن، پر جيڪڏهن کين ڪجهه ڏنو وڃي ته وٺڻ کان انڪار به ڪونه ڪن. اهڙا ماڻهو وچولي درجي جا آهن ۽ جيڪي توڪل تي قائم آهن اهڙا ماڻهو بهشت جي دسترخوان تي پاڪيزه محلن ۾ ويندا.

ٽئين قسم ۾ اهي ماڻهو آهن جيڪي صبر ۾ گذاريندا آهن. جيتري قدر انهن کان ٿي سگهندو آهي ته وقت جي حفاظت ڪندا آهن ۽ نفساني خواهشن کي روڪيندا آهن. آن ماڻهوءَ جڏهن اهي ڳالهيون ٻڌيون تڏهن چيائين ته مان اوهان جي قولن کان ڏاڍو خوش ٿيس شال خدا اوهان کي خوش رکي. پاڻ فرمائين ٿا ته مان هڪ ڏينهن حضرت علي جرجانيءَ جي خدمت ۾ ويس جڏهن هن مون کي ڏٺو ته وٺي ڀڳو ۽ چيائين ته مان ڪهڙو گناه ڪيو جو اڄ آدميءَ کي ڏٺم. مان به سندن پٺيان ڀڳس ويجهو وڃي چيو مان ته مون کي ڪا وصيت فرمايو. مونکي فرمايائون ته فقير کي بغل ۾ وٺ، زندگي صبر ساڻ گذار، خواهش کي دشمن ڄاڻ، حرص ۽ هوس جي مخالفت ڪر، ۽ پنهنجي گهر کي قبر کان به وڌيڪ خالي ڪر.

نقل آهي ته پاڻ فرمايو اٿن ته مان هڪ ڏينهن گهر ويس ته اتي هڪ ماڻهوءَ کي ويٺل ڏٺم. مان چيو ماڻس ته تون ڪير آهين جو بغير اجازت جي اندر هليو آيو آهين؟ هن چيو ته مان تنهنجو ڀاءُ خضر آهيان. مان کيس چيو ته منهنجي حق ۾ دعا ڪريو. هن چيو ته الله تعاليٰ توتي پنهنجي اطاعت آسان فرمائي. وري مون چيو ته ان کان به وڌيڪ دعا ڪريو. چيائين ته

شال خدا تنهنجي اطاعت تو تائين پوشيده رکي.

نقل آهي ته هڪ شخص ڪانئن مشهورو ورتو ته مون وٽ حلال جا ٻه هزار درهم آهن مان چاهيان ٿو ته حج تي وڃا. حضرت جن ڪيس فرمايو تـه تون سير ڪرڻ وڃين ٿـو پر جيڪڏهن حق تعاليٰ جي رضا حاصل ڪرڻ گهرين ٿو ته انهن پيسن مان ڪنهن درويش جو قرض ادا ڪر يا ڪنهن يتيم جي مـدد ڪر يا ڪنهن عيالدار کي ڏيئي ڇڏ. چاڪاڻ تـه انهيءَ مـان جيڪا خوشي انهن کي پهچندي اما سؤ حج کان گهڻي بهتر آهي ان شخص چيو تـه مون کي حج تي وڃڻ جي ڏاڍي خواهش آهي. پاڻ فرمايائون تـه اهو انهيءَ ڪري جو تـو انهن پيسن کي حلال جي رستي حاصل نه ڪيو آهي. هاڻي جيستائين تون انهن کي حرام جي رستي خرچ نـه ڪندين تيستائين توکي آرام نه ايندو!

نقل آهي ته هڪ ڏينهن سندن گـذر قبرستان کان ٿيو فرمائين ٿا تـه مان اهل قبور کي قبرن مٿان ويٺي جهڳڙندي ڏٺو. انهن جي اهـا حالت هئي، جنهن کا جماعت پـاڻ ۾ ڪا شيءِ تقسيم ڪندي هجي. مان بارگاه الاهيءَ ۾ عرض ڪيو ته يا الاهي! هي ڇا ماجرا آهي؟ آواز آيو ته تون خود وڃي انهن کـان پڇ! مـان اوڏانهن ويس ۽ ڪانئن پڇيو تـه انهن چيو تـه هڪ هفتو ٿيندو جو خدا جي نيڪ بندن مـان هڪ ڇٽي آيي بار قـل هوالله پڙهي ان جو ثـواب اسان کي بخشيو ان ڏينهن کان وٺي ان ثواب کي اسان پاڻ ۾ ورهائي رهيا آهيون ليڪن اڃا تائين واندا ڪين ٿيا آهيون.

نقل آهي ته پـاڻ فرمائن ٿا تـه مان هڪ رات رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جـن کي خـواب ۾ ڏٺو مـان عرض ڪيو تـه يا رسـول الله صلي الله عليه وسلم اوهان مـون کي ڪجهه نصيحت فرمايو. حضور جن ارشاد فرمايو ته تونگر جو ثـواب رحمان جي غرض کان درويشن تي شفقت ڪرڻ چڱو آهي ۽ انهيءَ کان وڌيڪ درويشن جو تونگرن تي تڪبر ڪرڻ آهي ۽ جهان تي بخشش ڪرڻ واري تي اعتماد رکڻ آهي.

نقل آهي ته پاڻ پنهنجي مريدن کي فرمائيندا هئا ته ساحت (سير و سفر) ڪريو ڇاڪاڻ ته جيڪو پاڻي وهندڙ هوندو آهي اهو صاف ۽ سٺو هوندو آهي پـر جيڪو پاڻي بيهي رهي ٿو اهو خراب ۽ بدبودار ٿي وڃي ٿو. وڌيڪ فرمايائون ته جيڪو شخص چاهي تـه دنيا ۾ عزيز ٿيان تـه انهن کي گهرجي تـه ٽن شين کان پري رهن. پهريون مخلوق کان حاجت نـه گهري. ٻيو ٻين کي برو نه چوي. ٽيون ڪنهن سان مهمان ٿي نه وڃي. وڌيڪ فرمايو اٿن تـه اهو شخص آخرت جو مزو نه وٺي سگهندوجيڪو اهو پسند ڪري ٿو ته ٻيا سندس تعريف ڪن. وري فرمايائون تـه ڪير به عبادت ۽ نياز جو مزو حاصل ڪري نه سگهندو جيستائين پنهنجي نفساني خواهش جي وچ

۾ ديوار نـہ ٺاهيندو. فرمايائون تہ ٽي ڪم ڏاڍا مشڪل آهن. پهريون تنگ دستيءَ جـي وقت سخاوت ڪرڻ. ٻيو اهڙي شخص سان ڳالهه ڪرڻ، جنهن کان توکي خوف هجي. ٽيون خلوت ۾ پرهيزگاري. فرمائيندا هئا تہ تمام شڪ شبهي کان پاڻ کي بچايو. فرمايائون تہ سڀ کان وڌيڪ شيءِ جيڪا بندي کي ڏنـي ويئي آهي سا آهي معرفت ۽ فقيرن لاءِ صبر. فرمايائون تہ صوفي اهو آهي جنهن جي دل خدا سان گڏ هجي. فرمايائون تہ عارف اهو شخص آهي جنهن کي خدا کان سواءِ ٻيو ڪوئي سڃاڻي. فرمايائون تہ جيڪو شخص اهو گهري تہ هو آزادي جو مزو چکي تہ ان کي گهرجي تہ هو پنهنجي خيالات کي صاف رکي. فرمايائون تہ بخيل کي ڏسڻ دل کي سخت ڪرڻ آهي. وڌيڪ فرمايائون تہ تون ايستائين ڪامل نہ ٿيندين جيستائين تنهنجو دشمن توکان امن ۾ نہ رهي. فرمايائون تہ جيڪڏهن تو ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ جي عبادت ڪرڻ جي طاقت ڪانهي تہ ان جي معصيت بہ نہ ڪر. هڪ شخص سندن اڳيان چيو ”توڪلت علي الله“ پاڻ اهو ٻڌي فرمايائون تہ تون الله تبارڪ وتعاليٰ تي ڪوڙ ٿو ٻڌين. جيڪڏهن تو ان تي توڪل ڪئي هجي ها تہ جو ڪجهه هو ڪري ٿو تون ان تي راضي هجين ها. فرمايائون تہ تمام عمر بہ ڪير شڪراني جي سجدي ۾ پيو رهي تڏهن بہ ان جو شڪرانو ادا ڪري ڪين سگهندو. جڏهن حضرت جن جي وفات جو وقت قريب آيو تڏهن ڏاڍو بيقرار ٿيا. ماڻهن چيو تہ شايد اوهان کي زندگي پياري آهي. پاڻ فرمايائون تہ ائين نہ آهي مگر بادشاهن جي بادشاهيءَ ۾ حاضر ٿيڻ نهايت مشڪل آهي.

نقل آهي تہ پاڻ جڏهن زندگي ۽ موت جي ڪشمڪش ۾ مبتلا هئا تہ هڪ شخص وٽن آيو ۽ اچي روزگار جي تنگيءَ جي شڪايت ڪيائين. پاڻ ان وقت جا قميص پهريل هين سا لاهي ان کي ڏنائون ۽ پاڻ هڪ ٻيو پهراڻ پاتائون پاڻ ان ئي پهراڻ ۾ وفات پاتائون.

نقل آهي تہ پاڻ جيستائين زنده رهيا تہ بغداد ۾ ڪنهن بہ جانور لڏ نہ لاٿي ڇاڪاڻ تہ پاڻ پيرين اُگهاڙا گهمندا هئا. ان ڳالهه مـان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ بشر حافيءَ جي خدا وٽ ڪيڏي نہ عزت هئي. هڪ رات هڪ جانور لڏ لاٿي ان جي مالڪ دانهن ڪئي ۽ چيائين شايد اڄ بشر حافي مري ويو. صبح تي معلوم ٿيس تہ واقعي ڳالهه سچي نڪتي. سندن وفات کانپوءِ ڪن ماڻهن ڪين خواب ۾ ڏٺو ۽ پڇيائون تہ خدا تعاليٰ توهـان سان ڇـا ڪيو؟ فرمايائين تہ خدا تعاليٰ مون تي ناراض ٿيو ۽ چيائين تہ دنيا ۾ ايتري قـدر مون کان ڇو ڊڄندو هئين؟ ڇـا توکي اها خبر ڪانہ هئي تہ ڪرم بہ منهنجي صفت ۾ شامل آهي. هڪ ٻئي شخص ڪين خواب ۾ ڏٺو تہ ان بہ اهو ئي سوال ڪيو، تہ خدا تعاليٰ اوهان سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو؟ فرمايائون تہ خدا تعاليٰ مون کي بخشي بهشت منهنجي واسطي حلال ڪري ڇڏيو. پـوءِ ارشاد ٿيو تہ اي

بشر ! جنهن وقت تنهنجي جان تي ورتي ويئي تہ ان وقت روءِ زمين تي تہ جهڙو بيو ڪو دوست ڪونہ هو.

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن هڪ عورت امام حنبل رحہ جي خدمت ۾ آئي ۽ اچي چيائين تہ مان پنهنجي ڪوٺي تي سٽ ڪتي رهي هيس تہ ڪنهن ضعيف عورت جي گهر مان روشني ظاهر پئي ٿي مان ان روشنيءَ ۾ ڪجهہ سٽ ڪتي ورتو ڇا ان روشنيءَ ۾ ڪتيل سٽ جائز آهي. امام حنبل رح چيو تہ تون ڪير آهين جو ان قسم جي ڳالهہ تي دريافت ڪرين؟ ان چيو تہ مان بشر حافي رحہ جي ڀيڻ آهيان. امام حنبل رحہ اهو ٻڌي زار زار روئڻ لڳو ۽ چيائين تہ اهڙي تقويٰ توهان جي خاندان لاءِ ئي آهي وري چيائين تہ اهو سٽ تو لاءِ نا جائز آهي خبردار اهو سٽ تو لاءِ هرگز روا نہ آهي ائين نہ ٿئي جو تنهنجو صاف پاڻي ميرو ٿئي. (مقصد تہ تنهنجي عبادت ۽ تقويٰ ۾ خلل نہ پوي.) توڪي پنهنجي ڀاءُ بشر حافي رحہ جي نقش قدم تي هلڻ گهرجي تان تہ تون بہ اُن جهڙي ٿي وڃين. تنهنجو ڀاءُ اهڙو هو جو جنهن بہ ڪاڏي جي طرف هٿ وڌائيندو هو تہ جي ڪاڏي جي ٿوري بہ شڪي حالت هوندي هئي تہ سندس هٿ اڳتي وڌڻ کان روڪجي ويندا هئا. پاڻ فرمائيندا هئا تہ منهنجو هڪ سلطان آهي جنهن جو نالو آهي "دل" ان جي رعيت پرهيزگاري آهي. مون کي ايترو حوصلو نہ آهي جو ان جي اجازت کان سواءِ سفر ڪريان.

* ذڪر حضرت ذوالنون مصري رحمت الله عليه *

پيشواءِ اهلبيت، شمع جمع قيامت، برهان موهبت و تجر و سلطان معرفت ۽ توحيد محب الفقراء الفخري. حضرت ذوالنون مصري رحہ طريقت جا بادشاه هئا. بلا ۽ مصيبت جي راه ۾ پاڻ سالڪ هئا. اسرار توحيد ۾ سندن نظر نهايت رفيق هئي پاڻ ڏاڍي رياضت ڪندڙ ۽ صاحب ڪرامت هئا. مصر وارا کين زنديق (ڪافر) ڪري چوندا هئا. ڪيترا ماڻهو سندن ڪم تي حيران ٿيندا هئا پاڻ جيستائين زنده رهيا تيستائين ماڻهو ڪانئن منڪر رهيا. وفات تائين ڪو بہ شخص سندن حالات کان واقف ٿي نہ سگهيو. ڇاڪاڻ تہ هو پاڻ کي ماڻهن کان لڪائيندا هئا سندن توبهہ جو سبب هن طرح هو. هڪ ڏينهن کين معلوم ٿيو تہ فلاڻي جڳهہ تي هڪ عابد رهي ٿو پاڻ ان جي زيارت لاءِ ولس ويا تہ ان کي هڪ وڻ ۾ لٽڪيل ڏٺائون ۽ هو پنهنجو پاڻ کي چئي رهيو هو تہ اي بدن! الله تعاليٰ جي فرمانبرداريءَ ۾ منهنجي مدد ڪر، نہ تہ مان توکي انهيءَ ئي حالت ۾ رکندس ايتري تائين جو تون بک جي سبب مري وڃين. انجي

اها حالت ڏسي حضرت ذوالنون رحه رنا. ان عابد سندن روئڻ جو آواز ٻڌو ۽ چيائين تہ ڪير آهي جو اهڙي شخص تي رحم ٿو ڪائي جنهن کي شرم ٿورو ۽ گناه زياده آهن. پاڻ فرمائين ٿا تہ مان اُن عابد جي سامهون ويس ۽ سلام ڪري پڇيو تہ هي ڪهڙي حالت ڪئي اٿو؟ عابد چيو تہ هي بدن حق تعاليٰ جي عبادت ۾ منهنجو ساٿ نٿو ڏي ۽ ماڻهن سان مشغول ٿيڻ گهري ٿو. حضرت جن چيو تہ "مان خيال ڪيو تہ شايد اوهان مسلمانن جو خون ڪيو آهي يا ڪو ڪبيرو گناه ڪيو اٿو ان جي بدلي ۾ اهڙي سزا ڏني ويئي آهي. عابد چيو "تو نہ سمجهو ماڻهن سان ملڻ ۽ انهن جي محبت ۾ مشغول رهڻ بہ ڪبيري گناه کان گهٽ ناهي. مون کيس چيو تہ اوهان زبردست زاهد آهيو. عابد چيو تہ چا مون کان بہ وڏيڪ زاهد کي ڏسڻ گهرين ٿو؟ مون هائو ڪئي عابد چيو تہ هن ٻهاڙ تي چڙهي وڃ. مان جڏهن ٻهاڙ تي چڙهي ويس تہ اتي هڪ جاءِ جي دروازي وٽ هڪ نوجوان کي ڏٺم، جنهن جوهڪ پير جاءِ جي اندر هو ۽ ٻيو پير ٻاهر ڪپيل پيو هو، جنهن کي ڪيڙا ڪائي رهيا هئا. مان ان جي سامهون ويس ۽ کيس سلام ڪيو پوءِ کانئس حال پڇيو. ان چيو تہ هڪ ڏينهن مان هن عبادت خاني ۾ ويٺو هوس تہ هڪ عورت جو هتان گذر ٿيو منهنجي دل ان تي مائل ٿي ويئي ۽ ان کي حاصل ڪرڻ جي خواهش ٿي. اچا مان هڪ پير عبادت خاني مان ٻاهر مس ڪڍيو تہ هڪ آواز ٻڌم "تہ توکي شرم نٿو اچي جو ٽيهہ سال خدا جي اطاعت ڪرڻ کان پوءِ بہ شيطان جي اطاعت ٿو ڪرين. مان جڏهن اهو ٻڌو تڏهن هڪدم انهيءَ ٻاهر نڪتل پير کي ڪٽي ڇڏيو. هاڻي مان هتي ويٺو آهيان تہ ڏسان تہ چا ٿو ٿئي، ۽ مون سان چا ٿو ڪيو وڃي. پر توکي مان گنهگار وٽ ڪيئن آيو آهين تون جيڪڏهن چاهين ٿو تہ ڪنهن خدا جي مرد کي ڏسان تہ هن ٻهاڙ جي چوٽيءَ تي چڙهي وڃ. حضرت ذوالنون رحه فرمائن ٿا تہ بلنديءَ سبب مان مٿي وڃي ڪين سگهيس مان ان بزرگ جو حال بہ اُن نوجوان کان پڇيو. جنهن چيو تہ ڪيتريءَ مدت کان اهو بزرگ عبادت الاهيءَ ۾ مشغول آهي. هڪ شخص هن سان مناظرو ڪيو هو تہ روزي ڪم ڪرڻ کان سواءِ حاصل ٿي نہ ٿي سگهي. بزرگ اهو پڪو ارادو ڪيو تہ مان اهڙي شيءِ هرگز نہ ڪائيندس جيڪا ماڻهن جي ڪم ڪرڻ کان پوءِ حاصل ڪئي ويئي هجي ڪيترا ڏينهن گذري ويا تہ هن ڪجهہ نہ کاڌو. اهو ڏسي حق تعاليٰ ماکيءَ جي مکين کي موڪليو اهي ان جي چوڌاري ڦيرون ڦرنديون هيون ۽ ماکي ڏينديون هيون. حضرت ذوالنون رحه فرمائين ٿا تہ انهن ڳالهين ۽ ڪمن کي ڏسي منهنجي دل ۾ عظيم الشان درد پيدا ٿيو. مون کي پڪ ٿي تہ جيڪو شخص الله تعاليٰ تي توڪل ڪندو تہ الله تعاليٰ خود ان جا ڪم پورا ڪندو ۽ اهڙي شخص جي محنت ۽ ڪوشش برباد نہ ٿيندي. اتان موٽندي هڪ رستي تان اچي رهيو هوس تہ هڪ انڌي پکيءَ کي

ڏٺم، جو وڻ تي ويٺو هو انتري ۾ هو وڻ تان هيٺ لهي آيو مان دل ۾ چيو تہ "هي ويچارو
دائو پاڻي ڪٿان ڪاڻيندو هوندو. پکيءَ هيٺ لهي پنهنجي چهنب سان زمين کي کوٽيو تہ ڪاڏي
سان پيريل هڪ سونهري پيالي زمين مان ظاهر ٿي ۽ هڪ چانديءَ جي پيالي جيڪا پاڻيءَ سان
پيريل هئي ظاهر ٿي آن پکيءَ ڍؤ ڪري ڪاڏو ۽ پيتو پوءِ وري وڃي وڻ تي ويٺو ۽ اهي پياليون
زمين ۾ گم ٿي ويون. پاڻ جڏهن اهو منظر ڏٺائون تہ ڏاڍو بيقرار ٿي ويا ان کان پوءِ کين
توڪل تي پورو پورو پروسو ٿي ويو ۽ سندن توبهہ پکي ٿي ويئي. اتان پوءِ اڳتي وڌيا رات
هڪ جهنگ ۾ اچي وين اتي پاڻ هڪ خزانو ڏٺائون ان خزاني جي منهن تي هڪ تختي لڳل
هئي، جنهن تي الله تبارڪ وتعاليٰ جو اسم پاڪ لکيل هو. سندن دوست، جيڪي ساڻن گڏ هئا
تن ۾ اهو خزانو ورهائي ڇڏيائون پر پاڻ فقط اها تختي، جنهن تي الله تبارڪ وتعاليٰ جو نالو
مبارڪ لکيل هو سا کڻي ۽ فرمايائون تہ هن تي منهنجي دوست جو متبرڪ نالو لکيل آهي
منهنجي لاءِ اها ئي ڪافي آهي. پاڻ ان کي بوسو ڏنائون انهيءَ سبب ڪري سندن رتبو ايترو
تہ وڌي ويو جو هڪ رات خواب ۾ ڏٺائون تہ حق تعاليٰ جي طرفان ارشاد ٿي رهيو هو تہ اي
ذوالنون! هر شخص زر ۽ دولت وٺندي خوش ٿيو ليڪن تو بلند شيءِ (اسان جي نالي) کي
قبول ڪيو. بس ان جي برڪت سان علم ۽ حڪمت جا دروازا توتي ڪشاده ڪري ڇڏيا ويا.
ان کان پوءِ پاڻ شهر واپس موٽيا. پاڻ فرمائين ٿا تہ مان هڪ ڏينهن ڪنهن درياه جي ڪناري
تي پهتس درياه ۾ مون کي محل نظر آيو. مان اتان وضو ڪيو وضوءَ کان فارغ ٿيس تہ اوچتي
منهنجي نظر محل جي ڪوٺي تي وڃي پيئي. ڏٺم تہ محل جي مٿان هڪ حسين و جميل
ڇوڪري بيٺي آهي مان پڇيو تہ تون ڪير آهين؟ هن جواب ڏنو تہ "جڏهن اوهان پري کان
نظر آيا تہ مان سمجهيو تہ شايد اوهان ديوانہ آهيو پر جڏهن نزديڪ آيا تہ مان خيال ڪيو تہ
اوهان عالم آهيو. جڏهن تمام نزديڪ آيا تڏهن اوهان کي عارف سمجهيو پر جڏهن مان چڱيءَ
طرح غور ڪيو تڏهن اوهان کي نہ ديوانہ، نہ عالم ۽ عارف ڏٺم. مون ڪانئس پڇيو تو اهو
ڪهڙيءَ طرح سمجهيو؟ هن جواب ڏنو تہ جيڪڏهن اوهان ديوانہ هجو ها تہ وضو نہ ڪيو ها.
جيڪڏهن عالم هجو ها تہ نامحرم (غير) جي طرف هرگز ڪين ڏسو ها. اگر عارف هجو ها تہ
اوهان جي اک پنهنجو پاڻ کي ڏسڻ کان سواءِ نہ کلي ها ائين چئي هوءَ غائب ٿي ويئي. مان
خيال ڪيو تہ هوءَ انسان نہ هئي محض منهنجي لاءِ تنبيه هئي. پاڻ فرمائين ٿا تہ هڪ دفعي پار
وڃڻ لاءِ ٻيڙيءَ ۾ چڙهيس ان ۾ ٻيا بہ ڪافي ماڻهو وينا هئا، جن ۾ هڪ سوداگر بہ هو. اتفاق
سان انهيءَ سوداگر جو هڪ موتي گم ٿي ويو سڀ جو گمان مون ۾ هو تنهن ڪري مون کي
شرمندو ڪندا رهيا ليڪن مان خاموش رهيس. جڏهن معاملو حد کان وڌي ويو، تڏهن مان

رب تعاليٰ کي عرض ڪيو تہ خداوندا تون سڀ ڪجهہ ڄاڻين ٿو منهنجي ايتري عرض تي ڪيترن ئي مڇين درياھ مان منهن ٻاهر ڪڍيو جن مان هر هڪ جي وات ۾ هڪ هڪ موتي هو. مان هڪ مڇيءَ جي وات مان هڪ موتي وٺي ان سوداگر کي ڏيئي ڇڏيو. اهو حال ڏسي سڀ ٻيڙيءَ وارا سندن پيرن تي ڪري پيا ۽ کانئن معافي ورتائون. اهو ئي سبب هو جو مٿن نالو ذوالنون پئجي ويو. سندن عبادت ۽ رياضت جي ڪا حد ئي ڪانہ هئي. پنهنجي پيڻ هميشہ خدمت ۾ رهندي هين. اها بہ ايتري قدر عارف بڻجي وئي جو هڪ ڏينهن جڏهن هيءَ آيت پڙهيائين: ”وظللنا عليڪم الغمام و انزلنا عليڪم المن وسلويٰ ط“

ترجمو:- ”۽ الاهي تو اسرائيلن ڏانهن من ۽ سلويٰ موڪليو“ مون کي تنهنجي خدائيءَ جو قسم آهي تہ جيستائين تون مون کي من ۽ سلويٰ نہ موڪليندين، مان هرگز نہ ويهندس“ انهيءَ وقت من ۽ سلويٰ وسڻ شروع ٿي ويا. اهو ڏسي گهر کان ٻاهر نڪتي ۽ بيابان جي طرف هلي وئي پوءِ ڪنهن بہ ان کي ڪين ڏٺو.

هڪ دفعي حضرت ذوالنون رحہ ڀاڙن ۾ گهمي رهيا هئا. هڪ جاءِ تي ماڻهن جو ميڙ ڏٺائون پاڻ انهن کان دريافت ڪيائون تہ هي ڇا جو ميڙ آهي؟ انهن چيو تہ هتي هڪ عابد رهندو آهي سال ۾ هڪ دفعو ٻاهر نڪرندو آهي ۽ بيمارن تي دم ڪندو آهي تہ انهن کي آرام اچي ويندو آهي. پاڻ فرمائين ٿا تہ مان بہ خيال ڪيو تہ اُن عابدَ کي ڏسان آخر هڪ ڏينهن اهو عابد پنهنجي عبادت خاني کان ٻاهر آيو سندس چهرو زرد هو ۽ نهايت ئي ڪمزور پئي معلوم ٿيو. اکيون اکين ۾ گهڙيل هيس ان هوندي بہ ان جي هيبت کان ڀاڙن تي لرزش طاري ٿيل هئي. ان عابد پنهنجي شفقت وارن نظرن سان بيمارن کي ڏٺو ۽ پوءِ آسمان جي طرف ڏسي سڀني بيمارن تي دم ڪيائين تہ سڀني کي شفا نصيب ٿي وئي. جڏهن هو عبادتخاني ۾ وڃڻ جو ارادو ڪيو تہ مان هڪدم سندس دامن کي پڪڙي ورتو ۽ چيو مان تہ اوهان ظاهري بيماريءَ جو تہ علاج ڪيو پر هاڻي خدا جي واسطي باطني بيماريءَ جو بہ علاج فرمايو. حضرت ذوالنون رحہ فرمائن ٿا تہ اُن عابد منهنجي طرف ڏٺو ۽ چيائين تہ اي ذوالنون! منهنجي دامن کي ڇڏي ڏي ڇاڪاڻ تہ دوست (الله) پنهنجي عظمت ۽ جلال سان گڏ اچ ڏسي رهيو آهي ۽ جڏهن تو کي ڏسندو تہ هن الله کان سواءِ ڪنهن غير جي دامن کي پڪڙي رکيو آهي تہ هو توتي بيحد ناراض ٿيندو. ائين چئي اهو عابد پنهنجي عبادت خاني ۾ هليو ويو.

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن سندن دوستن مان هڪ کيس روئندو ڏٺو انهن روئڻ جو سبب پڇيو. جواب ۾ فرمايائون تہ ڪالهہ سجدي ۾ اک لڳي وئي تہ ننڊ ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ کي ڏٺم الله تعاليٰ ارشاد فرمايو تہ اي ابو الفضل مان خلق کي پيدا ڪيو تہ ڏهن حصن ۾ ورهائجي

ويئي. پوءِ مان جڏهن دنيا کي سندن اڳيان پيش ڪيو تہ نون حصن دنيا ڏي تـوجه ڏنو ۽ هڪ حصي دنيا کي ترڪ ڪيو. وري ان هڪ حصي کي ڏهن حصن ۾ تقسيم ڪيو وري بهشت کي انهن اڳيان پيش ڪيو جن مان نون حصن بهشت ڏانهن پنهنجو ڌيان ڏني باقي هڪ حصي جي پرواه نہ ڪئي. پوءِ وري ان هڪ حصي کي ڏهن حصن ۾ ورهايو ويو ۽ انهن سيني کي دوزخ پيش ڪيو جن مان نو حصا دوزخ جي ڀؤ کان ڀڄي ويا باقي هڪ حصو ثابت قدم رهيو. جيڪي نہ دنيا تي فريفتہ ٿيا نہ بهشت جي خواهش ڪيائون ۽ نہ دوزخ کان ڊنا. انهن کان پڇيم تہ اوهان ڇاٿا گهرو سيني سر جهڪائي عرض ڪيو تہ ”آنت تعلم ما نريد.“ يعني تـون پاڻ ڄاڻين ٿو جيڪي ڪجهہ اسان چاهيون ٿا.

نقل آهي تہ حضرت جن جي خدمت ۾ هڪ ڇوڪرو آيو، جنهن اچي چيو تہ مون وٽ هڪ لک دينارن جي ميراث آهي مان چاهيان ٿو تہ اها سڀ اوهان جي خدمت ۾ صرف ڪريان پاڻ فرمايائون تہ ڇا تون بالغ آهين؟ چيائين تہ نہ! تنهن تي پاڻ فرمايائون تہ صبر ڪر جيستائين بالغ نہ ٿيو آهين تيستائين خرچ نٿو ڪري سگهين. اهو ڇوڪر جڏهن بالغ ٿيو تڏهن حضرت جن جي هٿ تي توبهہ ڪيائين ۽ ان هڪ لک دينار کـي درويشن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيائين ايتري تائين جو پاڻ وٽ ڪجهہ بہ نہ رهيس. هڪ ڏينهن هو درويشن وٽ آيو سمجهيائين تہ درويشن کي پيسن جي ضرورت آهي. ڇوڪر اهو ڏسي آہ ڀري ۽ چيائين تہ افسوس هڪ لک دينار ڪٿان آڻيان جو هنن درويشن ۾ تقسيم ڪريان! پـاڻ حضرت جن ڇوڪر جي اهـا ڳالهہ ٻـڌي خيال ڪيو تہ هن ڇوڪر کي اڃا حقيقت جي خبر نـہ ڪانهي. تنهن ڪري پاڻ ان جـوان کي گهرائي چيائون تہ فلاڻي حڪيم وٽ وڃ ۽ منهنجي لاءِ چئي ان کان ٽن درهمن جي فلاڻي دوا وٺي اچ. هو جوان ويو ۽ دوا وٺي آيو پوءِ پاڻ هن کي فرمايائون تہ هن دوا کي حمام دستي ۾ وجهي خوب ڪٽي سنهو ڪري منجهس تيل وجهي ٽي گوريون ٺاهہ. پوءِ هر هڪ گوريءَ ۾ سئيءَ جيترو سوراخ ڪري مون وٽ کڻي اچ. ان جوان ائين ڪيو ۽ حضرت جن وٽ کڻي آيو پاڻ انهن گورين کي هٿن ۾ جهلي ڪجهہ دم ڪيائون تہ اهي ٽي ياقوت بڻجي پيا. پاڻ ڇوڪر کي فرمايائون تہ هنن کي شهر ۾ کڻي وڃ ۽ هنن جي قيمت پڇي اچ پر وڪڻجانءِ نـہ. ڇوڪر انهن کي بازار ۾ کڻي ويو جواهرين هر هڪ جي قيمت هڪ لک دينار ٻڌائي ڇوڪر واپس موٽي آيو حضرت جن کيس وري چيو تہ انهن ياقوتن کي حمام دستي ۾ ڪٽي پاڻيءَ ۾ لوڙهي ڇڏ. پـوءِ ڇوڪر کي فرمايائون تـہ هي درويش پيسي ڀـا سانيءَ جا بکيا ڪين آهـن بلڪ انهن کي پنهنجي حالت تي اختيار آهي.“ اهو ٻـڌي ڇوڪر توبهہ ڪئي ۽ بيدار ٿيو ۽ جهان جو ڪو قدر قيمت هن جي دل ۾ نہ رهيو.

نقل آهي ته پاڻ فرمايائون تہ مان ٻيهہ سال ماڻهن کي دعوت ڪئي مگر اهڙو شخص جهڙو گهربو هو سو الله جي درگاہ ۾ نہ آيو. هڪ بادشاهزادو هيو جو شاهي پوشاڪ ۾ منهنجي مسجد جي دروازي تان لنگهيو. ان وقت مان هيٺن پئي چيو تہ هن هيٺي ڪان وڌيڪ زخمي ٿيو ڪونہ آهي جو طاقت واري سان وڙهي. شهزادو اهي لفظ ٻڌي مسجد ۾ گهري آيو ۽ چيائين تہ هي ڪهڙي ڳالهہ ٿا ڪريو؟ مان هن کي چيو تہ آدمي هڪ ڪمزور شيءِ آهي جو بزرگ ۽ ڏاڍي خدا سان وڙهي ٿو. انهن لفظن جي ٻڌڻ سان جوان جو رنگ ڦري ويو ۽ اٿي هليو ويو. وري ٻئي ڏينهن موٽي آيو ۽ چوڻ لڳو تہ خدا جو ڪهڙو رستو آهي؟ پاڻ ڪيس فرمايائون تہ هڪ رستو ننڍو آهي ۽ هڪ وڏو سو جيڪڏهن ننڍي رستي تان هلڻ گهرين تہ گناهن کي ترڪ ڪر ۽ نفساني خواهش کي ترڪ ڪر. ۽ جيڪڏهن وڏي رستي تان هلڻ چاهين تہ الله تعاليٰ کان سواءِ هر شيءِ جو ترڪ ڪر ۽ دل کي سيني شين کان خالي ڪر. شهزادي چيو تہ مان بغير وڏي رستي جي ٻيو رستو نہ وٺندس. ٻئي ڏينهن پشمي پوشاڪ ڪري آيو ۽ تحصيل ڪار ۾ مشغول ٿيو تان تہ ابدال جي درجي کي پهتو.

ابو جعفر احرار فرمائين ٿا تہ مان هڪ ڏينهن حضرت ذوالنون رحہ جي خدمت ۾ حاضر هوس سندن دوست بہ اتي حاضر هئا جمادات جي متعلق گفتگو ٿي رهي هئي. اتي هڪ تخت پيو هو. پاڻ فرمايائون تہ جمادات وارن اوليائن جي اطاعت ڪري آهي تہ جيڪڏهن مان هن تخت کي چوان تہ هن جاءِ جي چوڌاري ڦر تہ ڦرڻ لڳي. سندن ايتري چوڻ تي اهو تخت حرڪت ۾ اچي ويو ۽ مڪان جي چوڌاري ڦرڻ لڳو آخر ڦري پنهنجي جاءِ تي اچي بيٺو. ان مجلس ۾ هڪ نوجوان بہ ويٺل هو جيڪو اهو ڏسي روئڻ لڳو. ايستائين رنو جو هو مري ويو. ڪيس انهيءَ تخت تي غسل ڏيئي دفن ڪيائون.

نقل آهي تہ هڪ جوان هو جو هميشه صوفين جو انڪار ڪندو هو. هڪ ڏينهن حضرت جن ان جوان کي پنهنجي منڊي ڏني ۽ فرمايو تہ هن کي نانوائيءَ وٽ گروي رکي اچ. جوان سڌو نانوائيءَ وٽ آيو ۽ منڊي ڏيئي ڪجهہ پيسا وٺڻ لاءِ چيائين نانوائيءَ ان منڊيءَ جي عيوض هڪ درهم ڏيڻو ڪيس. جوان منڊي ڪٺي حضرت جن جي خدمت ۾ آيو حضرت جن وري ڪيس چيو تہ هاڻي هن منڊيءَ کي سوناري وٽ ڪٺي وڃ جوان سوناري وٽ ويو سوناري منڊيءَ لاءِ هڪ هزار دينار ڏيڻو ڪين. جوان وري بہ حضرت جن جي خدمت ۾ آيو حضرت جن فرمايس تہ صوفين ڪرامن لاءِ تنهنجو علم ايترو آهي جيترو هن منڊيءَ جي متعلق نانوائيءَ کي هو. اهو ٻڌي جوان توبهہ ڪئي ۽ آئينده تڪبر ۽ انڪار کان پري ٿي ويو.

نقل آهي تہ ڏهن سالن کان ڪين سرڪي کائڻ جي خواهش هئي ليڪن پاڻ نہ کاڌائون.

عيد جي رات نفس کين چيو تہ جيڪڏهن مون کي سرڪو ڏين تہ توکي ٻہ رڪعت نماز ۾ قرآن مجيد ختم ڪرڻ لاءِ منهنجو ساٿ ڏين تہ پوءِ مان تنهنجي خواهش درست سمجهندس. نفس ان معاملي ۾ سندن مدد ڏيڻ جو وعدو ڪيو ٿي ڏينهن ڪجهہ سرڪو سندن اڳيان آندو ويو. پاڻ هڪ گرہ کنياؤن تہ جيئن وات ۾ وجهن، پر وري هٿ روڪياؤن ۽ لقمي کي واپس پيالي ۾ وجهي ڇڏياؤن. پوءِ آتي نماز ۾ مشغول ٿي ويا. جڏهن نماز کان فارغ ٿيا تہ ماڻهن کانئن حال پڇيو. پاڻ فرمايائون تہ مان جڏهن لقمو وات ۾ وجهڻ لاءِ کنيو تہ نفس چيو تہ آخر مان ڏهن سالن جي خواهش ۾ ڪامياب ٿيس نہ! مان چيو قسم آهي خدا جو تہ تون پنهنجي خواهش ۾ ڪامياب نہ ٿيندين. روايت آهي تہ انهيءَ وقت هڪ ماڻهو آيو جنهن جي مٿي تي هڪ سرڪي جي ديگ هئي، هن چيو تہ مان مزدور آهيان، مدت کان منهنجي فرزندن کي آش سرڪي کائڻ جي خواهش هئي. ليڪن مان تيار ڪري ڪين ٿي سگهيس. ڪالهہ عيد هئي مان آش سرڪو تيار ڪيو ۽ ٿوريءَ دير لاءِ سمهي پيس منهنجي اک لڳي ويئي خواب ۾ حضور صلي‌الله عليه وسلم جن کي ڏٺم. حضور جن ارشاد فرمايو تہ جيڪڏهن مون کي ٻيهر ڏسڻ گهرين ٿو تہ پنهنجي سرڪي جي ديگ کي ذوالنون مصري رحہ وٽ کڻي وڃ ۽ ان کي چئو تہ محمد بن عبدالمطلب سفارش ڪن ٿا تہ ٿوري وقت لاءِ پنهنجي نفس سان صلح ڪر ۽ هن سرڪي مان چند لقما کاءُ. پاڻ اهو ٻڌي روئي ڏنائون ۽ چيائون تہ مان فرمانبردار آهيان.

نقل آهي تہ جڏهن حضرت ذوالنون رحہ جو مرتبو بلند ٿي ويو تڏهن مصر وارا سندن لاءِ زنديق (ڪافر) هجڻ جي گواهي ڏيڻ لڳا. سڀ ماڻهو ان ڳالهہ تي متفق ٿي ويا ۽ سندن حالات کان خليفي متوڪل عباس کي آگاہ ڪيو. خليفي سپاهي موڪليا تہ کين دربار ۾ آندو وڃي سندن پيرن ۾ ٻيڙيون وڌيون ويون ۽ دربار خلافت ۾ ولي هليا. رستي ۾ هڪ عورت سامهون آئي ۽ کين چيائين تہ خبردار! ان مرد کان نہ ڊڄجو هو بہ اوهان وانگر خدا جو بندو آهي. خدا نہ چاهي تہ بندو ڪجهہ بہ نٿو ڪري سگهي. پاڻ فرمائن ٿا تہ مان رستي ۾ هڪ پخاليءَ کي ڏٺو جنهن مون کي صاف پاڻي ڏنو. جيڪو شخص مون سان گڏ هو تنهن کي اشارو ڪندي پخاليءَ کي هڪ دينار ڏيڻ لاءِ چيم. ليڪن پخاليءَ دينار وٺڻ کان انڪار ڪيو ۽ چيائين تہ تون قيدي آهين توکان ڪنهن بہ شيءِ جو وٺڻ جوان مردي نہ آهي. خليفي حڪم ڏنو تہ ذوالنون کي جيل آماڻيو وڃي. پاڻ چاليهہ ڏينهن جيل ۾ رهيا! هر روز بشر حافيءَ جي ڀيڻ ولن ايندي هئي ۽ هڪ ماني کڻي ايندي هئي. جڏهن کين جيل خاني مان ٻاهر ڪڍيو ويو تہ چاليهہ مانيون جيئن جو تيئن اتي رکيون هيون. حضرت بشر حافي رحہ جي ڀيڻ جڏهن اهو ڏٺو تڏهن

ڏاڍو دلگير ٿيڻ لڳي ۽ چيائين تہ اوهان چاڻو ٿا تہ اهي مانيون حلال جون هيون ۽ ڪجهہ احسان بہ نہ هو. پوءِ بہ آوهان انهن کي ڇو نہ کاڌو؟ پاڻ فرمايائون تہ مون کي پڪ هئي تہ مانيون پاڪ آهن ليڪن جڏهن مون تائين پهتيون ٿي تہ ان وقت انهن کي کائڻ لاءِ دل نٿي گهريو. چاڪاڻ تہ اهي جيل جي داروغي کان ٿينديون مون وٽ ٿي آيون. پاڻ جڏهن جيل کان ٻاهر نڪتا تہ ڪري پيا ۽ گهڻي چوٽ لڳڻ سبب پيشاني ڦاٽي پين جنهن ڪري تمام گهڻو رت وهڻ لڳو ليڪن خون جو هڪ قطرو بہ سندن منهن يا ڪپڙن تي نہ ڪريو. باقي جو قطرو زمين تي ڪريو ٿي اهو حق تعاليٰ جي حڪم سان غائب ٿي ويو ٿي. پوءِ ڪين خليفي جي اڳيان آندو ويو. خليفي ڪن سوالن جا جواب طلب ڪيا پاڻ اهڙيءَ خوبيءَ ۽ صفائيءَ سان شرح فرمايائون جو خليفو متوڪل ۽ تمام درٻار وارا روئڻ لڳا ۽ سندن فصاحت ۽ بلاغت تي حيران ٿي ويا. نيٺ خليفي حضرت ذوالنون رحہ جي بيعت ڪئي ۽ نهايت عزت ۽ احترام سان حضرت جن کي مصر واپس موڪلي ڇڏيو.

نقل آهي تہ حضرت ذوالنون جو هڪ اهڙو مريد هو جنهن چاليهہ چلا ڪڍيا هئا ۽ چاليهہ دفعا ميدان عرفات ۾ بيٺو رهيو، چاليهن سالن تائين ننڊ نہ ڪيائين، ۽ چاليهن سالن تائين پنهنجي دل جي حفاظت ڪندو رهيو. هڪ ڏينهن حضرت جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ اچي عرض ڪيائين تہ اي شيخ! مان پنهنجي عمر ۾ هي ڪم ڪيو آهي. باوجود ان رنج ۽ مشقت جي ڪوبہ دوست مون سان ڳالهائي ڪونہ ٿو. مون کي ڪنهن بہ شيءِ جي برابر نٿو سمجهيو وڃي عالم غيب کان بہ اهڙي قسم جي ڪا ڳالهہ ظاهر ڪانہ ٿي آهي. انهيءَ ۾ مان پنهنجي صفت ۽ حق تعاليٰ جي شڪايت ڪونہ ٿو ڪريان پر پنهنجي بد نصيبي بيان ڪريان ٿو. اهو انڪري بہ نٿو ڪريان تہ منهنجي دل رب تعاليٰ جي عبادت کان گهبرائي ٿي. پر مان ڊڄان ٿو تہ عمر ٿوري رهي آهي تہ اها بہ ائين نہ گذري وڃي. مان اڄ تائين ڪوبہ غيبي آواز ڪونہ ٻڌو آهي. منهنجي لاءِ اها وڏي بدنصيبيءَ جي ڳالهہ آهي. اوهان غم زدن جا طبيب آهيو سو منهنجو علاج ڪريو، پاڻ فرمايائون تہ وڃ! اڄ رات خوب ڍؤ ڪري کاءُ ۽ نماز عشا نہ پڙهہ پر ساري رات سمهي گذار. شايد جيڪو دوست لطف سان نٿو اچي، اهو ناراضگيءَ سان اچي ۽ جيڪڏهن اهو تو کي رحمت جي نظرن سان نٿو ڏسي تہ شايد سختيءَ سان ڏسي. اها هدايت وٺي درويش هليو ويو. خوب پيٽ ڀريءِ کاڌائين مگر نماز ترڪ ڪرڻ هن جي وس کان ٻاهر هئي سو نماز عشا پڙهي سمهي پيو. خواب ۾ حضور پرنور صلي الله عليه وسلم جن کي ڏٺائين. حضور جن ڪيس فرمايو تہ تنهنجو دوست تو کي سلام چوي ٿو ۽ فرمائي ٿو تہ اهو شخص نامرد هوندو جيڪو منهنجي درگاهہ ۾ اچي ۽ جلدي ڪامياب ٿي وڃي. حق تعاليٰ فرمائي ٿو تہ مان تنهنجي چاليهن

سالڪن جي مراد ڪي پورو ڪندس ۽ جيڪي اميدون ۽ آرزو رکين ٿو اهي سڀ توکي عطا ڪندس. ليڪن منهنجا سلام ان مدعي رهزن يعني ذوالنون رحه کي پهچائج ۽ کيس چئج تہ اي ڪوڙا مدعي! جي توکي مان شهر ۾ بدنام نہ ڪريان تہ مان تنهنجو خدا نہ آهيان. تہ جيئن آئينده منهنجي عاشقن ۽ عاجزن سان تون مڪر ۽ فريب نہ ڪرين. مريد اهو خواب ڏسي سجاڳ ٿيو ۽ روئڻ لڳو پوءِ حضرت جن جي خدمت ۾ آيو ۽ سارو حال بيان ڪيو. پاڻ جڏهن اهو ٻڌائون تہ الله تبارڪ وتعاليٰ کيس مدعي ۽ ڪوڙو ڪوٺيو آهي ۽ سلام چيا آهن تڏهن خوشيءَ وچان هاءِ هاءِ ڪري روئڻ لڳا. جيڪڏهن ڪو چوي تہ اهو ڪيئن جائز آهي تہ ڪو مرشد منهنجي مريد کي چوي تہ نماز نہ پڙهہ ۽ سمهي رهہ تہ مان چوندس تہ اهڙا ماڻهو طبيب هوندا آهن ۽ ائين بہ ٿيندو آهي جو ڪڏهن ڪڏهن طبيب زهر سان بہ علاج ڪندو آهي. حضرت ذوالنون رحہ اهو چاڻن پيا تہ هن جي ڪشادگيءَ جو راز انهيءَ ڳالهہ ۾ آهي. ان ڪري ٿي مريد کي اهڙو حڪم ڪيائون. اها بہ خبر هين تہ هو محفوظ رهندو ۽ نماز نہ ڇڏيندو. جهڙيءَ طرح الله تبارڪ وتعاليٰ حضرت ابراهيم خليل الله عليه السلام کي فرمايو تہ پٽ جي قرباني ڪر پر الله تبارڪ وتعاليٰ چاهو ٿي تہ هي ائين ڪري سگهندو. تنهن ڪري طريقت ۾ اهڙيون ڪيتريون ڳالهيون هونديون آهن جيڪي ظاهري طرح شريعت سان موافق نظر ڪونہ اينديون آهن. جيئن خليل الله عليه السلام کي الله تبارڪ وتعاليٰ پاڻ ٿي حڪم فرمايو ۽ پوءِ وري پاڻ ٿي نہ چاهيائين تہ ائين ڪري. جيئن حضرت خضر عليه السلام جو ڇوڪر کي قتل ڪرڻ جو حڪم نہ هيو پر الله تعاليٰ کي ڇوڪر جو قتل ڪرڻ منظور هو تہ هو ائين ڪري. جيڪو شخص انهيءَ مقام ۽ درجي کي پهتل نہ هجي ۽ اهڙيءَ منزل تي قدم رکي تہ اهو زنديق، مڪر ۽ واجب القتل آهي پر جيڪي ڪجهہ ڪري اهو شريعت جي حڪم موجب ڪري. پاڻ فرمائين ٿا تہ مان ان ڪان دريافت ڪيو تہ ڇا تون ان جو دوست آهين؟ جواب ڏنائين تہ هائو. وري ڪانئس پڇيم تہ تنهنجو محبوب نزديڪ آهي يا دور؟ چيائين تہ نزديڪ. وري پڇيو مانس تہ موافق آهي يا مخالف؟ جواب ڏنائين تہ موافق. مان چيو مانس تہ سبحان الله! تنهنجو محبوب بہ توسان موافق آهي پر پوءِ بہ تون ايتري قدر ضعيف ۽ نبل آهين هو ڇو! جواب ڏنائين تہ اي ڪوڙا! تو نہ سمجهيو ڇا تہ قرب ۽ موافقت جو عذاب بنسبت مخالفت واري عذاب جي ڏاڍو سخت آهي.

نقل: آهي تہ پاڻ فرمايو اٿن تہ سفر جي دوران مان هڪ عورت کي ڏٺو. مان هن کان محبت جي نهايت بنسبت پڇيا ڪئي. هن جواب ڏنو تہ محبت جي نهايت نہ ٿيندي آهي. مان ان جو سبب پڇيو. چيائين تہ انهيءَ لاءِ جو محبوب کي نهايت نہ هوندي آهي.

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن پاڻ بيمار ٿي پيا. هڪ شخص عيادت لاءِ وٽن آيو ۽ اچي چيائين تہ دوست جو درد سنو ٿيندو آهي. پاڻ اهو ٻڌي نهايت ئي خفي ٿيا ۽ فرمايائون تہ جيڪڏهن تون ان کي سڃاڻندو هجين ها تہ ان جو اهڙيءَ آسانيءَ سان نالو نہ وٺين ها.

نقل آهي تہ پاڻ فرمايو اٿن تہ مان هڪ دفعي سفر ۾ هوس. صحرا برف سان ڍڪيو پيو هو. اتي مون کي هڪ گبر نظر آيو جنهن جي مٿي تي ان جي پري هئي. هو اتان مٺيون پريندو صحرا ۾ ڇٽيندو ٿي رهيو مان کانئس پڇيو تہ تون هي ڇا پيو ڪرين؟ چيائين تہ برف باري جي سبب سڄو سحرا برف سان ڍڪجي ويو آهي ۽ پکين کي داڻو وغيره ميسر ڪونهي. تنهنڪري مان هي داڻو انهيءَ غرض سان ڦٽو ٿو ڪريان تہ جيئن پکي پنهنجو قوت حاصل ڪن ۽ خدا مون تي رحم فرمائي. مان کيس چيو تہ بيگاني جو داڻو هن وٽ قبول نہ آهي. هن چيو تہ قبول نہ آهي تہ نہ ئي سهي، پر هو گهٽ ۾ گهٽ منهنجي ڪم کي تہ ڏسي ٿو. منهنجي لاءِ ايترو ئي ڪافي آهي. پاڻ فرمائين ٿا تہ ڪجهہ عرصي بعد مان حج تي ويس تہ ان شخص کي اتي طواف ۾ مشغول ڏٺم. مون کي ڏسي ان چيو تہ اي ابوالفيض! اوهان ڏٺو نہ، تہ ڪيئن الله تعاليٰ منهنجي عمل کي ڏٺو ۽ قبول فرمايو؟ مان جيڪو اَن ڇٽيو هو اَن جي عيوض هن مون کي دوستي بخشي ۽ معرفت عطا فرمائي ۽ ايتري تائين مهرباني فرمايائين جو پنهنجي گهر گهرائي ورتائين. مان ان وقت ڏاڍو خوش ٿيس دل ۾ چيم تہ خدا وندا! تو هن کي چند داڻن جي عيوض پنهنجي راهہ ڏيکاري. تون بيشڪ سستو وڪڻندڙ آهين. هاتف کان آواز آيو تہ حق تعاليٰ ڪنهن کي ڪم جي سبب نہ سڏيندو آهي. اي ذوالنون! "فعال لما يريد" جا ڪم تنهنجي عقل کان ٻاهر آهن.

نقل آهي تہ پاڻ جڏهن بہ نماز لاءِ بيهندا ها تہ چوندا هئا تہ اي خدا وندا! مان ڪهڙن قدمن سان تنهنجي درگاهہ ۾ اچان! ڪهڙين اکين سان تنهنجي قبلي کي ڏسان! ڪهڙيءَ زبان سان تنهنجو راز ظاهر ڪريان ۽ ڪهڙيءَ نعمت سان تنهنجو نالو وٺان! مان بي سمرائيءَ واريءَ حالت ۾ تنهنجي درگاهہ ۾ آيو آهيان. وڌيڪ فرمائيندا هئا تہ اي خداوندا! مون تي عذاب نہ ڪر. مون کي حجاب جي ذلت ۾ شرمندو نہ ڪر. ائين بہ فرمائيندا هئا تہ پاڪ آهي اها ذات جنهن اصحاب معرفت کي حجاب آخرت ۾ دنيا جي مخلوق کان پوشيده رکيو ۽ تمام اصحاب آخرت کي دنيا جي حجاب کان پرده پوش ڪيو. سندن وڌيڪ فرمان هن طرح آهن: جو معدو طعام سان ڀريل آهي، ان ۾ حڪمت نٿي رهي. اهو شخص نهايت بهتر آهي جنهن جي دل ۾ تقويٰ آهي. بدن جي صحت ٿوري کاڌي کائڻ ۾ آهي، روح جي صحت ٿورن گناهن ڪرڻ ۾ آهي. جو ڪنهن بلا ۾ گرفتار ٿئي اهو صبر ڪري اها ڪا وڏي ڳالهہ ڪينهي جو بلا ۾ مبتلا

هجي ۽ راضي رهي. صوفي اهو آهي جو جڏهن ڳالهيون ڪري تہ ان جي حال مطابق هجن اهڙي ڪا ڳالهہ نہ ڪري جيڪا خود هن ۾ نہ هجي. عارف هر گهڙيءَ ڊڄندو آهي، ڇاڪاڻ تہ هو هر گهڙيءَ الله تعاليٰ جي نزديڪ ٿيندو ويندو آهي. ماڻهن ڪانئن سوال پڇيو تہ عارف ڪير آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ عارف اهو آهي جو ماڻهن ۾ رهڻ جي باوجود بہ انهن کان علحده رهي عارف کي خائف هئڻ گهرجي، نہ پنهنجي تعريف ڪندڙ. اهڙي شخص کي عارف چوائڻ زيبا نٿو لڳي. عارف تہ اهو ٿي آهي جيڪو خوف رکي ٿو. عارف جو ادب سڀ کان زياده ڪيو وڃي ٿو، ڇاڪاڻ تہ هن کي معرفت ادب وارو بڻائي ڇڏي ٿي. معرفت جا ٽي قسم آهن. پهريون معرفت توحيد آهي ھيءَ عام مؤمن کي حاصل ٿيندي آهي. ٻيو معرفت صحبت ۽ سمايل آهي حڪماء ۽ علماء لاء مخصوص آهي. ٽيون قسم معرفت جو صفات وحدانيت آهي اهو اهل ولايت وارن کي حاصل آهي، جو پنهنجي دلين سان حق جو مشاهدو ڪندا آهن. حق تعاليٰ انهن تي اهڙا تہ اسرار ظاهر ڪندو آهي جو جهان ۾ ٻيو ڪنهن تي بہ ظاهر ڪونہ ڪندو آهي. تنهن ڪري اوهان هرگز معرفت جي دعويٰ نہ ڪجو جيڪڏهن معرفت جي دعويٰ ڪئي ويئي تہ پوءِ يا تہ اوهان سچ ڳالهايو يا ڪوڙ. جيڪڏهن تو سچ بہ چيو تہ سچار صديق چوائيندا آهن ۽ صديق پنهنجي تعريف پاڻ نہ ڪندا آهن. جيئن صديق اڪبر رحہ فرمايو آهي تہ "لست بخير کم" يعني مان توهان کان بهتر نہ آهيان. انهيءَ جي مطابق حضرت ذوالنون رحہ جو ارشاد آهي تہ "اڪبر ذنبي معرفتي اياه" يعني منهنجا گناہ سڀ کان وڏيڪ آهن. جيڪڏهن معرفت جي دعويٰ ڪرڻ ۾ تو ڪوڙ ڳالهايو تہ ڪوڙ ڳالهائڻ وارا عارف نہ هوندا آهن مطلب تہ پنهنجو پاڻ کي عارف نہ چواءِ. عارف حق تعاليٰ جي قريب رهندا آهن بلڪ ذات باري تعاليٰ سان ملي ويندا آهن. انهن جي هر چر پر حق هوندي آهي. انهن جون ڳالهيون حق تي مبني هونديون آهن. انهن جي نظر حق جي نظر هوندي آهي. حديث قدسيءَ ۾ آيل آهي تہ حق تعاليٰ فرمايو آهي تہ مان جڏهن ڪنهن کي پنهنجو دوست بڻائيندو آهيان تہ مان جو خداوند آهيان ان بندي جا ڪن بڻجي ويندو آهيان تان تہ جيئن هو مون کان ٻڌي. مان هن جون اکيون بڻجي ويندو آهيان، تان تہ جيئن هو منهنجي طرف ڪان ڏسي. مان ان جي زبان بڻجي ويندو آهيان تہ جيئن هو سنو ڪائي. مان ان جا پير بڻجي ويندو آهيان تہ جيئن هو چڱيءَ راہ تي هلي سندن وڏيڪ فرمان هي آهن زاهد، آخرت جا بادشاہ آهن. حق تعاليٰ سان محبت جي اها علامت آهي تہ هو هر انهيءَ شيءِ کي ترڪ ڪري ڇڏيندا آهن جا الله تعاليٰ کان پري رکي ٿي. ايتري قدر جو صرف پاڻ رهي ۽ الله تعاليٰ جو شغل رهي. بيمارن جون چار نشانيون آهن: پهريون الله تبارڪ وتعاليٰ جي اطاعت ۾ لطف يا مزو نہ اچڻ. ٻيو الله تعاليٰ جو خوف نہ رهڻ.

ليون تہ پيدا ٿيل شيءِ کي عبرت جي نگاه سان ڏسڻ. چوٿون علم سيني ۾ اچي پر ان کي سمجهي نہ سگهڻ. مقام عبوديت ۾ پهچڻ جي علامت آهي هوس جي مخالفت ڪرڻ ۽ خواهشن کي ترڪ ڪرڻ. عبوديت اها آهي تہ هر حال ۾ الله جو ٿي رهجي ڇو تہ هر حال ۾ الله تنهنجو رب آهي. علم موجود آهي علم جو مقصد عمل آهي. علم برابر موجود آهي پر عمل سان اخلاص مقصود آهي. جڏهن موجود آهي پر حب سان صدق مفقود آهي. عام ماڻهن لاءِ توبهہ آهي گناهن کان بچڻ پر خاص ماڻهن جي توبهہ آهي غفلت کان بچڻ. توبهہ جا بہ قسم آهن: هڪ توبهہ آنانيت ٻي توبهہ استجابت. توبهہ انانيت اها آهي جيڪا بندو عقوبت جي خوف کان توبهہ ڪري ۽ توبهہ استجابت اها آهي جا خدا جي شرم کان توبهہ ڪري. حقيقت ۾ هر عضوي لاءِ توبهہ آهي دل جي توبهہ آهي حرام جي نيت کي ترڪ ڪرڻ، اکين جي توبهہ آهي حرام شين جي طرف نہ ڏسڻ. ڪنن جي توبهہ آهي نا جائز ڳالهين کي نہ ٻڌڻ. هٿن جي توبهہ آهي بداعمال ڪرڻ کان باز رهڻ، پيرن جي توبهہ آهي منع ٿيل رستي تان نہ هلڻ. پيٽ جي توبهہ آهي حرام شين کي نہ کائڻ. شرمگاه جي توبهہ آهي زنا ڪاريءَ کان پري رهڻ، ۽ زبان جي توبهہ آهي نحش ڳالهين کان پرهيز ڪرڻ. عمل جو چوڪيدار محض خوف آهي. نيڪيءَ جي سفارش ڪرڻ واري اُميد آهي، خوف اُميد جي نسبت زياده هئڻ گهرجي. صادق اهو آهي، جنهن جي زبان مان دوستيءَ ۽ سچائيءَ کان سواءِ ٻي ڳالهہ نہ نڪري، صدق الله تعاليٰ جي تلوار آهي. صدق واري تلوار جنهن کي لڳندي آهي ان کي ٻہ اڌ ڪري وجهندي آهي. محبت آهي دنيا ۽ خلق کان نفرت ڪرڻ. پر حق تعاليٰ جي دوستن جي نفرت نہ ڪرڻ چاڪاڻ تہ اهي خدا تعاليٰ سان محبت رکن ٿا. انهن سان محبت رکڻ جڻ تہ الله تعاليٰ سان محبت رکڻ آهي. الله تعاليٰ سان محبت رکڻ وارن جو ادنيٰ مرتبو اهو آهي جو انهن کي باه ۾ جلايو وڃي تہ ذري جيتري بہ انهن جي همت ۾ ڪمي نہ اچي. يقين جو قل صبر آهي ۽ يقين جون ٽي نشانيون آهن: پهريون هر چيز ۾ الله تعاليٰ جي طرف نظر رکڻ. ٻيو هر ڪم ۾ ان جي طرف رجوع ڪرڻ ۽ ٽيون هر حال ۾ ان کان مدد گهرڻ. ٿورو يقين بہ ساريءَ دنيا کان زياده آهي. حضرت يوسف بن حسين رحہ، حضرت ذوالنون رحہ کان وصيت طلب ڪئي، پاڻ فرمايائون تہ پنهنجي نفس جي دشمنيءَ ۾ خدا جو دوست بڻج. ڪنهن کي حقير نہ سمجهہ جيتوڻيڪ هو ڪوڙو ٿي چڪو هجي پر هن جي عاقبت تي نظر نہ رک. هڪ شخص ڪانئن وصيت طلب ڪئي تہ هن کي فرمايائون تہ شڪ کي يقين تي اختيار نہ ڏي، ۽ پنهنجي نفس کان راضي نہ ٿيءُ متان آرام جو طلبگار نہ ٿي پوين. جيڪڏهن توتي ڪا مصيبت نازل ٿئي تہ صبر سان برداشت ڪر. هڪ ٻئي شخص وصيت طلب ڪئي تہ هن کي فرمايائون تہ جيڪي ڪجهہ گذري ويو، ۽

جيڪي ڪجهه اچڻ وارو آهي ان جي نسبت ڪو خيال نہ ڪر پر موجوده وقت کي غنيمت سمجهه. هڪ شخص حضرت ذوالنون رحہ کي چيو تہ مان اوهان کي دوست رکان ٿو. پاڻ فرمايائون تہ جيڪڏهن تون خدا کي دوست رکين ٿو تہ تنهنجي لاءِ اهو ئي ڪافي آهي. پر جيڪڏهن تون ان کي نٿو سڃاڻين تہ پوءِ توکي اهڙي ماڻهوءَ جي تلاش ڪرڻ گهرجي، جيڪو سندس رستو ڄاڻي ٿو انهيءَ لاءِ تہ جيئن هو توکي هن جو رستو ٻڌائي.

نقل آهي تہ حضرت ذوالنون رحہ کان سندن موت جي نزديڪيءَ واريءَ حالت ۾ ماڻهن پڇيو تہ اوهان جي ڪهڙي آرزو آهي. جواب ۾ پاڻ هڪ شعر پڙهيائون جنهن جو ترجمو هن طرح آهي: خوف مون کي مريض بڻائي ڇڏيو شوق جلايو، ۽ محبت ضعيف ڪيو پر حق تعاليٰ مون کي زنده ڪيو ان کان پوءِ پاڻ پورو هڪ ڏينهن بيهوش رهيا. يوسف حسين رحہ ان وقت عرض ڪيو تہ مون کي انهيءَ حال ۾ وصيت ڪريو. پاڻ فرمايائون تہ مون کي ڪنهن ٻئي طرف مشغول نہ ڪر ڇو تہ هن وقت مان حق تعاليٰ جي احسانن تي حيران آهيان. ان کان بعد حضرت ذوالنون رحہ وفات ڪئي. انهيءَ رات ستر ماڻهن خواب ۾ رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جن کي ڏٺو. حضور پر نور صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تہ حق تعاليٰ جو دوست ذوالنون رحہ پهچي ويو اسان هن جي استقبال لاءِ آيا هئا سين. جڏهن حضرت ذوالنون رحہ وفات ڪئي تہ سندن پيشانيءَ تي عنبر سان، ماڻهن هي لکيل ڏٺو تہ هي الله تعاليٰ جو حبيب هو ۽ الله تعاليٰ جي محبت ۾ وفات ڪيائين. جڏهن حضرت ذوالنون رحہ جو جنازو کنيو ويو تہ ان وقت آس تيز هئي تنهن ڪري پکي اڏامندا آيا ۽ پرن سان پر ملائي جنازي مٿان ڇانو ڪندا هليا. گهر کان قبرستان تائين اها حالت رهي. جنهن رستي کان حضرت ذوالنون رحہ جو جنازو کنيو ٿي ويا، ان رستي تي هڪ مسجد مان آزان جو آواز آيو. جڏهن بانگو ڪلمي شهادت تي پهتو تہ حضرت ذوالنون رحہ پنهنجي آڱر مٿي ڪئي ماڻهو اهو ڏسي هراسجي ويا، ۽ سمجهيائون تہ شايد اڃا پاڻ زنده آهن تنهن ڪري يڪدم جنازو هيٺ رکيو ويو. سندن آڱر ساڳئي نموني مٿي کڙي ٿيل هئي. ماڻهن گهڻي ئي ڪوشش ڪئي تہ آڱر کي هيٺ ڪيو وڃي مگر اها هيٺ نہ ٿي ان کان بعد کين دفن ڪيو ويو. مصر وارن جڏهن اها حالت ڏٺي تہ انهن سختين تي جيڪي حضرت ذوالنون رحہ سان ڪيون هئائون سخت پشيمان ٿيا ۽ توبهہ ڪيائون.

ذڪر حضرت با يزيد بسطامي رحمت الله عليه

سلطان العارفين، برهان المحققين، خليفہ الاهي، علامہ متناهي، لختہ جهان ناڪامي حضرت با يزيد بسطامي رحمت الله عليہ پاڻ اڪابر مشائخين، محب خدا خليفہ حق، قطب عالم مرجع اوتاد هئا سندن ڪرامتون ۽ رياضتون گهڻيون آهن. اسرار ۽ حقائق ۾ سندن نظر روشن هئي. پاڻ آتش محبت ۾ غرق هئا، ۽ تن کي مجاهده ۾ ۽ دل کي مشاهده ۾ مشغول رکندا هئا. حديث جي متعلق سندن روايتون نهايت اعليٰ هيون. ائين چوڻ ۾ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ انهيءَ ڪم ۾ سندن ڪوبہ مٽ ڪونہ هو. پاڻ صحرا ۾ جهنڊو کوڙيائون سندن ڪمالات پوشيده نہ آهن. حضرت جن جو ارشاد آهي تہ بايزيد بسطامي اسان جي درميان ائين آهن جيئن جبرئيل عليه السلام فرشتن ۾. تمام سالڪان راه توحيد جي نهايت سندن ابتدا آهي. بلڪ جڏهن تمام سالڪ سندن قدم جي ابتدا تي پهچن ٿا تہ اتي ئي رهجي وڃن ٿا. حضرت شيخ ابو سعيد ابوالخير فرمائن ٿا تہ مان ساري ڪائنات (اٺارهن هزار عالم) کي حضرت جن سان پريل ڏسان ٿو. مگر پاڻ درميان ۾ نہ آهن، يعني جو ڪجهہ پاڻ ۾ اٿن اهو الله تعاليٰ جي محبت ۾ محو آهي. روايت آهي تہ حضرت جن جا ڏاڏا بت پرست هئا. سندن والد بسطام جي بزرگن مان هو. سندن ڪرامتن جو ظهور ان وقت کان شروع ٿيو، جڏهن اڃا پاڻ پيٽ ۾ هئا. جيئن تہ سندن والده ماجده فرمائي ٿي تہ جڏهن بہ مان پنهنجي وات ۾ اهڙي شيءِ وجهي ٿي، جنهن جي حلال هجڻ ۾ شڪ هو تہ پاڻ پيٽ ۾ تڙپڻ لڳي ويندا هئا. ايستائين آرام نہ ڪندا هئا جيستائين وات مان اها شيءِ ٻاهر ڪڍي ڦٽي نہ ڪندي هيس. ان ڳالهہ جي سچائيءَ جو دليل هي آهي تہ هڪ ڏينهن ڪن ماڻهن ڪائنن سوال پڇيو تہ مرد لاءِ راه طريقت ۾ ڪهڙي شيءِ بهتر آهي پاڻ فرمايائون تہ مادر ذات دوست. ماڻهن وري پڇيو تہ جيڪڏهن اهو حاصل نہ هجي تہ؟ پاڻ فرمايائون تہ پوءِ چشم بينائي گهرجي.وري پڇو ويو تہ جيڪڏهن اهو بہ حاصل نہ هجي تہ؟ پاڻ فرمايائون تہ پوءِ ٻڌڻ وارا ڪن هجن. وري ڪائنن پڇيو ويو تہ اهو بہ حاصل نہ هجي تہ؟ فرمايائون تہ پوءِ مرگ مفاجات يعني اوچتو موت بهتر آهي.

نقل آهي تہ جڏهن والده کين مڪتب ۾ موڪليو تہ هڪ ڏينهن سورة لقمان پڙهندي پڙهندي جڏهن آيت ”ان اشڪرلي ولوالديڪ“ يعني منهنجو شڪر ڪريو ۽ پنهنجي ماءُ پيءُ جو شڪر ڪريو“ تي پهتا تہ پاڻ استاد کان ان آيت جو مطلب پڇا ڪرڻ لڳا. مطلب معلوم ٿيڻ تي سندن دل تي ڏاڍو اثر ٿيو. استاد کي درخواست ڪيائون تہ مون کي گهر وڃڻ جي

اجازت ڏيو ته جيئن مان پنهنجي والده جي خدمت ۾ ڪجهه عرض ڪري اچان. پاڻ اجازت وٺي جڏهن گهر آيا ته والده صاحبه پڇين تہ مڪتب ڇڏي هتي ڇو آيو آهين؟ ڇا مڪتب مان ڪو هديه (انعام) ڪٺي آيو آهين؟ يا ڪا تڪليف پيش آئي آهي؟ پاڻ عرض ڪياؤن ته ائين نه آهي بلڪ ”انشڪرلي والوالديڪ“ پڙهي ڪري منهنجي دل تي ڏاڍو اثر ٿيو آهي. مان انهيءَ بنسبت عرض ڪرڻ آيو آهيان تہ مان ٻن جاين تي خدمت ادا ڪري نٿو سگهان. يا مون کي خدا کان گهري پنهنجي خدمت لاءِ رک يا وري مون کي خدا جي حوالي ڪري ڇڏ تہ جيئن ان جي خدمت ۾ لڳو رهان. والده صاحبه فرمايو تہ اي ٻچا! مان توکي الله تعاليٰ جي خدمت لاءِ ڇڏيان ٿي ۽ پنهنجو حق بخشيان ٿي. وڃ! ۽ الله تعاليٰ جو ٻانهو ٿي وڃ. ان کان پوءِ پاڻ بسطام کي ڇڏي ڏناؤن ۽ ٽيهن سالن تائين جهنگل ۾ رياضت ڪندا رهيا. هڪ سؤ تيرهن بزرگن جي خدمت ڪياؤن ۽ سيني کان فائدو حاصل ڪندا رهيا. انهن اوليائن مان هڪ امام حضرت جعفر صادق رضي الله تعاليٰ عنه به هئا.

نقل آهي تہ پاڻ هڪ ڏينهن حضرت امام جعفر صادق رضہ جي خدمت ۾ ويٺا هئا، تہ حضرت امام جعفر صادق رضہ جن بايزيد کي فرمايو تہ طاق مان فلاڻو ڪتاب ڪٺي اچ. پاڻ فرمايائون تہ ڪهڙي طاق مان؟ حضرت امام صاحب فرمايو تہ ڪيتري عرصي کان وٺي تون هتي رهين ٿو پر اڃا تائين توکي طاق جي خبر ڪانهي! پاڻ عرض ڪياؤن تہ مون کي ان سان ڪهڙو ڪم! جو اوهان جي موجودگيءَ ۾ مٿهن مٿي ڪريان. مان ڪو سير ڪرڻ تہ هت ڪين آيو آهيان. اهو ٻڌي حضرت امام صاحب فرمايو تہ جي ائين آهي تہ پوءِ تون واپس بسطام تشريف وٺي وڃ، هاڻي تنهنجو ڪم پورو ٿي ويو آهي.

روايت آهي تہ هڪ دفعي ماڻهن کيس عرض ڪيو تہ فلاڻيءَ جاءِ تي هڪ بزرگ تشريف فرما آهي. پاڻ اهو ٻڌي ان بزرگ وٽ تشريف فرما ٿيا. اتفاقاً ان بزرگ، قبيلي ڏانهن منهن ڪري ٿڪ اڇلائي. پاڻ اهو ڏسي فوراً واپس موٽي آيا، ۽ فرمايائون تہ جيڪڏهن هي شخص ٿوري به طريقت ڄاڻندو هجي ها تہ شريعت جي خلاف عمل نہ ڪري ها.

نقل آهي تہ سندن گهر کان چاليهن قدمن تي هڪ مسجد هئي. جڏهن پاڻ مسجد جي طرف ويندا هئا تہ رستي ۾ ڪڏهن ٿڪ نہ اڇلائيندا هئا. نقل آهي تہ هڪ دفعي حج تي روانہ ٿيا وٺن هڪ اٺ هو، جنهن تي پنهنجو ۽ پنهنجن مريدن جو سامان رکيل هو. اهو ڏسي هڪ شخص چيو تہ غريب اٺ تي ڪيڏو نہ بار رکيل آهي اهو تہ ظلم ٿيو. پاڻ اهو ٻڌي فرمايائون تہ اي جوان مرد! هن بار کي کڻڻ وارو اٺ نہ آهي. تون غور ڪري ڏس تہ اهو بار اٺ جي پٺيءَ تي آهي يا نہ! ان شخص جڏهن ڏٺو تہ اهو بوجهہ اٺ جي پٺيءَ کان هڪ هٿ مٿي نظر

آيس. ان شخص چيو: سبحان الله! ڪيڏي نه عجيب ڳالهه آهي! پاڻ فرمايائون ته جيڪڏهن مان پنهنجو حال توهان ماڻهن ڪان پوشيده رکان ٿو ته توهان عيب جوئي ڪيو ٿا ۽ جيڪڏهن ظاهر ڪريان ٿو ته توهان ان جي ڏسڻ جي اهميت نٿا رکو. اهڙيءَ صورت ۾ توهان ماڻهن سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو وڃي. آخرڪار حج ۽ مدينه منور جي زيارت ڪان پوءِ ڪين پنهنجي والده صاحبه جي زيارت جي خواهش ٿي، ۽ بسطان جي طرف اچڻ لڳا. جڏهن ماڻهن کي سندن اچڻ جو معلوم ٿيو، تڏهن اهي سندن استقبال لاءِ شهر ڪان ٻاهر نڪري آيا. جڏهن اها ماجرا ڏٺائون تڏهن خيال ڪيائون ته ائين نه ٿئي ته اهي ماڻهو خدا تعاليٰ ڪان غافل ٿيڻ جو سبب بڻجن. سو انهن کان ڇوٽڪاري جي ڪا تجويز ڪرڻ گهرجي. ڪجهه سوچي پوءِ هڪ نانوائيءَ جي دڪان نان ماني خريد ڪري کائڻ شروع ڪيائون جيئن ته اهو رمضان شريف جو مهينو هو ان ڪري ماڻهو کين ماني کائيندو ڏسي ڏمرجي ويا. پاڻ مريدن کي مخاطب ٿي فرمايائون ته مان شريعت جي هڪ مسئلي جي خلاف عمل پئي ڪيو ته ماڻهن مون کي روڪي ڇڏيو.

نقل آهي ته صبح جي وقت پاڻ جڏهن پنهنجي گهر جي دروازي تي ويا ۽ ڪن لائي ٻڌائون ته سندن والده وضو ڪندي خداوند ڪريم کان هيءَ دعا گهري رهي هئي ته خداوند ڪريم! منهنجي پٽ کي چڱي طرح رک مشڱخن جي دل ۾ هن لاءِ عزت قائم ڪر ۽ هن جي حالت کي بهتر بناءِ. اهو ٻڌي پاڻ روئي ڏنائون ۽ دروازو کڙڪايائون والده صاحبه پڇيو ته ڪير آهي؟ عرض ڪيائون ته اوهان جو مسافر. آخر سندن والده صاحبه دروازو کوليو ۽ چيائين ته پٽ ڏاڍو دير سان آيو آهين. تنهنجي فراق ۾ منهنجي اکين ۾ ڪمزوري اچي ويئي آهي، ۽ پٺي ڪبي ٿي ويئي آهي. پاڻ فرمايائون ته جنهن ڪم کي مان سڀني ڪمن کان بعد ۾ ڪرڻ لاءِ سوچيندو هوس، اهو ڪم سڀني کان مقدم هوندو هو يعني والده جي رضامندي. فرمائن ٿا ته جنهن شيءِ کي مان مجاهدات ۽ رياضات ۾ تلاش ڪندو ڦرندو هوس اها شيءِ مان گهر ۾ آسانيءَ سان حاصل ڪري ورتي. يعني هڪ رات والده ماجده پاڻي طلب ڪيو ته مان پاڻي کڻڻ ويس. مگر پاڻي نه لوٽي ۾ هو ۽ نه وري دلي ۾ ئي پاڻي موجود هو. آخر درياه تان وڃي پاڻي ڀري آيس مگر منهنجي واپس اچڻ تائين منهنجي والده صاحبه کي ننڊ اچي ويئي هئي. مان پاڻيءَ جي ڪوزي کي هٿن ۾ جهلي بيهي رهيس. سخت سرديءَ جي سبب پاڻي ڪوزي ۾ ڄمي ويو. جڏهن والده صاحبه کي جاڳ ٿي، تڏهن مون کي اٿن بيٺو ڏسي سبب دريافت ڪيائين. مان عرض ڪيو ته مبادا اوهان کي جاڳ ٿي وڃي ۽ پاڻي طلب ڪريو ۽ مان حاضر نه هجان، تنهن ڪري ان خوف کان بيٺو رهيس ته جڏهن به اوهان کي جاڳ ٿئي ته پاڻي پي سگهو. اهو ٻڌي والده صاحبه ڏاڍو خوش ٿي ۽ منهنجي حق ۾ دعا ڪيائين. هڪ رات جو ذڪر آهي ته والده صاحبه فرمايائين ته

پٽ! آءُ دروازو کولي ڇڏ. ائين چئي هوءَ سمهي پيئي ۽ ڪيس ننڊ اچي ويئي. مان حيران هوس ته ڪهڙو سڄي پاسي وارو يا کبي پاسي وارو کولي ڇڏيان. مان انهيءَ شش و پنج ۾ هوس ته مبادا والده صاحبه جي مرضي جي خلاف نه ڪو ڪم ڪري وجهان. دروازي تي بيٺي بيٺي سڄي رات گذري ويئي. صبح جي وقت مان ڏٺو ته جنهن چيز جي سون کي خواهش هئي، اها دروازي جي اندر داخل ٿي. پاڻ فرمائن ٿا ته مان ٻارهن سال جهنگلن ۾ پنهنجي نفس جي حق ۾ لوهار بڻيو رهيس ۽ نفس کي رياضت جي ڀٽيءَ ۾ وجهي مجاهدن جي باه تي گرم ڪري، ملامت جي هٿوڙيءَ سان ڪٽيندو رهيس. آخرڪار مان پنهنجي نفس کي آئيني جي طرح بڻائي ڇڏيو. پنج سال نفس کي آئيني بڻائڻ ۾ شرف ٿيا ۽ طرح طرح جي عبادت ۽ رياضت سان ان آئيني کي صاف ڪيو. پوءِ هڪ سال ان کي غير جي نظرن سان ڏٺو ليڪن پوءِ به ان کي، غرور، اطاعت جي پيروسي ۽ خودپسنديءَ ۾ مبتلا ڏٺم تنهن ڪري پنج سال ٻيو ڪوشش ڪئي. پوءِ جڏهن ڏٺم ته آن کي مرده محسوس ڪيم ۽ چار تڪبيرون نماز جنازه پڙهي فارغ ٿيس.

روايت آهي ته هڪ ڏينهن مسجد جي دروازي تي اچي بيهي رهيا ۽ روئڻ لڳا ماڻهن ان جو سبب پڇيو. فرمايائون ته مان پنهنجو پاڻ کي حيض واريءَ عورت جي مثل سمجهان ٿو جيڪا پنهنجي ناپاڪائيءَ جي بار سبب مسجد ۾ وڃڻ کان ڊڄندي آهي. هڪ دفعي حج جو ارادو ڪري چند منزلن جي سفر ڪرڻ کان بعد آتان ئي واپس تشريف فرما ٿيا. ماڻهن عرض ڪيو ته اوهان بغير حج ڪرڻ جي واپس ڇو موٽي آيا اوهان ڪڏهن به پنهنجي ارادي کي ميٽيو ته نه آهي. پاڻ فرمايائون ته رستي ۾ هڪ زنگيءَ کي اُگهاڙي تلوار ڪنيل ڏٺم، جيڪو مونکي چئي رهيو هو ته جيڪر واپس موٽي وڃين ته بهتر اٿيئي. نه ته هاڻي جو هاڻي تنهنجي سر کي ڌڙ کان جدا ڪري ڇڏيندس. ان سان گڏ هيئن به چيائين ته خدا کي ته بسطام ۾ ڇڏي آئين ۽ خود خانه ڪعبي جي طرف وڃي رهيو آهين.

نقل آهي ته جڏهن پاڻ عبادت الاهيءَ واسطي خلوت ۾ ويهندا هئا ته تمام سوراخن کي بند ڪري ڇڏيندا هئا ۽ فرمائيندا هئا ته مان ڊڄان ٿو ته ڪو آواز مونکي پريشان نه ڪري اهو ئي بهانو نه بڻجي وڃي. عيسيٰ بسطامي فرمائي ٿو ته مان تيرهن سال حضرت جن جي خدمت ۾ رهيس ليڪن مان ڪانئن ڪا به ڳالهه ڪانه ٻڌي. سندن عبادت اها هئي جو پنهنجو مٿو گوڏن ۾ ڏيئي ويهندا هئا ۽ جڏهن ڪنڌ مٿي ڪندا هئا ته آه ڀريندا هئا ۽ وري سر گوڏن ۾ رکي ڇڏيندا هئا. شيخ سهلڪي فرمائن ٿا ته حضرت جن جي اها حالت فيض رسائڻ جي حالت هوندي هئي. هڪ دفعي عالم خلوت ۾ بي خوديءَ واريءَ حالت ۾ "سبحاني ما اعظم شاني" چئي ڏنائون. جڏهن پاڻ مريدن وٽ آيا تڏهن انهن عرض ڪيو ته اوهان ههڙا الفاظ ڪم آندا آهن،

اهو ٻڌي فرمايائون تہ الله جل شانه توهان جو دشمن ٿئي! جيڪڏهن ٻيهر منهنجي زبان مان اهي لفظ ٻڌو تہ بغير ڪنهن خوف جي مون کي ماري ماري ٽڪرا ڪري ڇڏجو. ائين چئي هر هڪ کي ڇري ڏيئي ڇڏيائون. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ مٿن ساڳي حالت طاري ٿي ۽ وري بہ ساڳيا الفاظ اچاريائون. مريدن سندن ارشاد مطابق کين مارڻ جو ارادو ڪيو ۽ اندر گهڙي آيا. ڏٺائون تہ سڄو گهر ڪانئن ئي ڀريل هو. مريدن لڳاتار ڇريون هڻڻ شروع ڪري ڏنيون، مگر انهن کي ائين پئي معلوم ٿيو ڄڻ تہ هو پاڻيءَ ۾ ٿا پيا ڇريون هڻن. ڪجهہ دير کان پوءِ جڏهن سندن شڪل ننڍي ٿي ويئي ۽ پنهنجي حالت ۾ اچي ويئي تڏهن مريدن سموري ڳالهہ عرض ڪئي. اهو ٻڌي پاڻ فرمايائون تہ بايزيد تہ هي آهي جنهن کي توهان ڏسو ٿا اهو بايزيد نہ هو. جيڪڏهن ڪو اعتراض ڪري تہ اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو تہ هڪ سريءَ سان سڄو گهر ڀرجي وڃي ۽ وري اها ننڍي ٿي وڃي؛ تہ مان چوندس تہ حضرت آدم جو خدا اهو هو جنهن سندس مٿو آسمان سان ٿي لڳايو. پر حضرت جبرئيل عليه السلام خدا جي حڪم سان پنهنجي پرن کي هن جي سر سان لڳايو تہ آدم جو قد ننڍو ٿي ويو. هاڻي جڏهن وڏيءَ شڪل جو ننڍو ٿيڻ ممڪن آهي تہ پوءِ ننڍيءَ شڪل جو وڏو ٿيڻ بہ نا ممڪن نہ آهي. ٻار جڏهن ماءُ جي رحم کان نڪرندو آهي تہ اُن وقت فقط ٻن سيرن جو هوندو آهي پر جڏهن جوان ٿئي ٿو تہ سؤ کان ٻہ وڌيڪ سيرن جو ٿي وڃي ٿو قدرت کي سڀ شيءِ تي اختيار آهي. حضرت بايزيد رحہ جي بہ اهڙي حالت هئي؛ ليڪن جيستائين ڪوئي شخص انهيءَ مرتبي تائين نہ پهچي تہ اهڙا دلائل بلڪل بي سود آهن. روايت آهي تہ هڪ ڏينهن سندن هٿ ۾ هڪ ڳاڙهو صوف هو پاڻ صوف کي ڏسي فرمايائون تہ کهڙو نہ لطيف صوف آهي! انهيءَ وقت غيب کان آواز آيو تہ اي بايزيد! تو کي شرم نٿو اچي جو هڪ ادنيٰ صوف کي اسان جي نالي سان ٻيٽ ٿو ڏين؟ انڪان پوءِ چاليهن سالن تائين سندن دل ۾ الله تعاليٰ جو نالو فراموش ٿي ويو. پاڻ فرمائن ٿا تہ ان ڏينهن کان وٺي مان قسم کڻي ڇڏيو تہ زندگيءَ تائين بسطام جو ميوو نہ کائيندس. پاڻ فرمائين ٿا تہ هڪ دفعي منهنجي دل ۾ خيال آيو تہ مان وقت جو پير ۽ شيخ آهيان پر پوءِ جڏهن غور ڪري ڏٺم تہ ائين معلوم ٿيو تہ مان اهي الفاظ چئي وڏي غلطي ڪئي آهي سان فوراً اٿيس ۽ خراسان جي طرف نڪري پيس. هڪ منزل تي پهچي مان ويهي رهيس ۽ قسم کنيو تہ جيستائين الله تعاليٰ ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ کي موڪلي منهنجي حيثيت کي مون تائين ظاهر نہ ڪندو تيستائين هتان ڪين اٿندس. انهيءَ حالت ۾ مون کي ٽي ڏينهن ٽي راتيون گذري ويون چوٿين ڏينهن هڪ اجنبي ماڻهوءَ کي اُٺ تي سوار ٿيندي پاڻ ڏانهن ايندي ڏٺم. غور سان ڏسڻ ڪري مون کي اهو شخص پنهنجو واقف نظر ٿي آيو. جڏهن نزديڪ آيو تہ مان کيس اشارو ڪ

ٻيهڻ لاءِ چيو انهيءَ وقت آنڌ جا ٻير زمين ۾ کُتل ويا. سوار منهنجي طرف ڏٺو ۽ چيائين تہ ڇا تنهنجي خواهش آهي تہ مان پنهنجي ٻند اک کي کوليان ۽ ڪليل اک کي بند ڪريان؟ ۽ شهر بسطام کي ان ۾ رهندڙن سميت ۽ بايزيد کي غرق ڪريان؟ اهي لفظ ٻڌندي ئي منهنجو هوش گم ٿي ويو. مان ڪانئس پڇيو تہ ڪٿان ٿا اچو؟ هن شخص چيو تہ جڏهن تو عهد ڪيو تہ مان ان وقت ٽن هزار ڪوهن تي هيس، اتان آيو آهيان ۽ چيائين تہ اي بايزيد! پنهنجي دل جي طرف خيال رک. منهن کي قبرائين چئي هو واپس هليو ويو. روايت آهي تہ چاليهن سالن تائين پاڻ مسجد جا مجاور ٿيا رهيا. پاڻ گهر ۾ بيا ڪپڙا پائيندا هئا ۽ مسجد ۾ بيا ڪپڙا هوندا هئن. چاليهن سالن تائين پنهنجي ٻنيءَ کي پيٽ سان ڪونہ لڳايو هئائون. فرمائن ٿا تہ چاليهن سالن تائين جيڪا غذا ماڻهو کائيندا آهن سا مان نہ کاڌي، ڇاڪاڻ تہ منهنجي غذا ڪنهن ٻيءَ جاءِ تي مقرر هئي ۽ مان چاليهن سالن تائين دل جي نگهباني ڪندو رهيس. جڏهن مان غور سان ڏٺم تہ بندگي ۽ خداوندي، ٻنهي کي حق تعاليٰ جي طرفان پاتم. فرمائين ٿا تہ مان ٽيهن سالن تائين خدا جي تلاش ڪندو رهيس. ليڪن غور ڪرڻ تي معلوم ٿيو تہ خدا تعاليٰ خود منهنجي تلاش ۾ هو، ۽ مان هن جو مطلوب هوس. مون کي ٽيهہ سال اچي ٿيا آهن تہ جڏهن بہ الله تعاليٰ جو نالو وٺندو آهيان تہ پهريائين ٽي بار پنهنجي منهن کي ڌوئندو آهيان. هڪ دفعي ابو موسيٰ حضرت جن کان دريافت ڪيو تہ انهيءَ راه ۾ سڀ کان شڪل ڪم اوهان کهڙو ڏٺو؟ فرمايائون تہ مدت تائين مان نفس کي درگاه خداونديءَ ۾ پيش ڪرڻ ۾ ڪوشان رهيس پر روئندو هوس ۽ حاضر ٿيڻ کان انڪار ڪندو هوس. ليڪن جڏهن الله تعاليٰ جي مدد مون سان شامل حال ٿيندي هئي، تڏهن منهنجو نفس مون کي درگاہ الاهيءَ ۾ وٺي ويندو هو ۽ کلندو هو. هڪ ڏينهن ڪي ماڻهو حضرت جن جي خدمت ۾ آيا پاڻ انهن کي ڏسي سر جهڪايائون. وري ڪنڌ مٿي ڪري فرمايائون تہ مان صبح کان ئي ڪنهن اهڙيءَ شيءِ جي تلاش ۾ آهيان جا توهان کي ڏيان جو توهان ان جي برداشت ڪرڻ جي طاقت بہ رکو ليڪن اهڙي چيز نہ ملي.

نقل آهي تہ ابو تراب جو هڪ مريد نهايت ئي گرم مزاج ۽ صاحب حال هو. ابو تراب ان کي هميشه چوندو هو تہ توکي لازم آهي تہ تون بايزيد رحہ جي زيارت ڪر. هڪ ڏينهن مريد چيو تہ جيڪو شخص هر روز سؤ مرتبہ بايزيد جي خدا کي ڏسي ٿو، ان کي ڪهڙي ضرورت جو بايزيد کي ڏسي. ابو تراب چيو تہ جيڪڏهن تون خدا کي ڏسين ٿو تہ تون پنهنجي حالت جي مطابق ڏسين ٿو. ليڪن جڏهن بايزيد جي اڳيان ڏسندين تہ بايزيد جي حالت جي مطابق مشاهدو ڪندين اکين ۾ فرق ٿيندو آهي. اها ڳالهہ مريد جي دل کي پسند آهي انهيءَ

وقت مريد ۽ مرشد ٻئي بايزيد جي طرف ويا. جڏهن بايزيد جي گهر وٽ پهتا تہ ڪين معلوم ٿيو تہ پاڻ پاڻي ڀرڻ لاءِ ٻاهر ويل آهن. اهي ٻئي بہ پنيانئس ويا انهن ڏٺو تہ پاڻ حضرت جن هڪ هٿ ۾ پراڻي پوستين ۽ ٻئي هٿ ۾ پاڻيءَ جو دلو ڪنيو اچي رهيا آهن. جڏهن پاڻ حضرت جن مريد ڪي ۽ مريد حضرت جن ڪي ڏٺو ۽ نگاهون چار ٿيون تہ مريد ڏڪندي ڏڪندي هيٺ ڪري پيو ۽ جان بحق تي ويو. اها حالت ڏسي ابو تراب عرض ڪيو تہ يا شيخ! هڪ ئي نظر ۾ اها حالت ۽ موت! پاڻ فرمايائون تہ اي ابو تراب! هن جوان جي فطرت ۾ ئي اهڙي حالت پيدا ٿي ويئي هئي جو ان جي ظاهر ڪرڻ جو وقت ڪونہ هو. ليڪن منهنجي ديدار ۾ اهو کلي پيو ۽ هن ۾ برداشت جي قوت نہ رهي ان ڪري مري ويو. مصر جي عورتن جي بہ اها ئي حالت ٿي ويئي هئي جو انهن ۾ يوسف عليه السلام جي جمال جو تاب نہ هو ۽ بي خبريءَ ۾ انهن پنهنجي هٿن کي وڍي وڌو.

نقل آهي تہ حضرت ذوالنون مصري رحہ حضرت جن ڏانهن هڪ مصلو موڪليو ليڪن پاڻ اهو مصلو واپس موٽائي موڪليائون، ۽ چوائي موڪليائون تہ مصلو منهنجي ڪهڙي ڪم جو! مون کي مسند درڪار آهي؛ اها موڪل تہ جيئن ٽيڪ لڳائي ويهان. تنهن تي حضرت ذوالنون رحہ اهو ٻڌي هڪ اعليٰ مسند ڏياري موڪلي. مگر پاڻ ان کي بہ واپس ڪري ڇڏيائون ۽ فرمايائون تہ جنهن شخص لاءِ الله تعاليٰ جو لطف و ڪرم ئي ٽيڪ آهي، ان کي ڪنهن مخلوق جي مسند تي ناز ڪرڻ نہ جڳائي. نہ وري ان کي ان جي ضرورت بہ رهندي آهي.

هڪ دفعي رات جي وقت پاڻ قبرستان کان واپس اچي رهيا هئا واٽ تي هڪ ڳائي ڇوڪر تي جيڪو باجو وڄائي رهيو هو، نظر پيئي. پاڻ ان کي ڏسي لاحول ولا قوة الا بالله العلي العظيم پڙهيئون. اهو ٻڌي ڇوڪر ڪاوڙ ۾ اچي ويو ۽ ڪنڌي ئي باجو حضرت جن جي مٿي ۾ هڻي ڪڍيو حضرت جن کي سخت چوٽ لڳي ۽ باجو بہ ڀڄي پيو. پاڻ چپ چاپ پنهنجي گهر هليا آيا ٻئي ڏينهن صبح جو مريد جي هٿ حلوي جي هڪ ٿالهي ۽ باجي جي قيمت ان ڇوڪر ڏانهن ڏياري موڪليائون ۽ گڏ گڏ چوائي بہ موڪليائونس تہ مان توکان معذرت گهران ٿو. پنهنجي باجي جي قيمت وٺ ۽ حلوو کائي انهيءَ رنج و غم کي دور ڪر جيڪو ڪالهہ منهنجي سبب توکي پهتو آهي. جڏهن اهو پيغام ۽ قيمت ان ڇوڪر کي پهتا، تڏهن هو ڏاڍو شرمندو ٿيو ۽ ڪن ٻين نوجوانن سان گڏجي حضرت جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو اچي سان معافي ورتائين ۽ آئينده لاءِ توبهہ ڪيائين.

نقل آهي تہ بسطام جي بزرگن مان هڪ زاهد هميشه حضرت جن جي خدمت ۾ حاضر رهندو هو. هڪ ڏينهن ان زاهد حضرت جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ يا شيخ! مان سدائين

روزو رکندو آهيان ۽ هر رات ويهي عبادت ڪندو آهيان. ليڪن جڏهن اوهان علم جو ذڪر فرمائيندا آهيو تہ ان جو ذري برابر بہ پاڻ تي اثر محسوس ڪونہ ڪندو آهيان. جيتوڻيڪ علم جي تصديق بہ ڪندو آهيان ۽ الله تعاليٰ کي محبوب بہ رکندو آهيان. پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ ٽيهہ سال تہ ڇا پر جيڪڏهن تون سؤ سال بہ ائين ڪندين تہ هڪ ذرو بہ ان کي سمجهي ڪين سگهندين. زاهد پڇيو تہ ائين ڇو؟ فرمايائون تہ تون پنهنجي نفس جي سبب حجاب ۾ آهين. زاهد عرض ڪيو تہ ان جو ڪو علاج ٻڌايو پاڻ فرمايائون تہ جيڪڏهن مان علاج ٻڌائيندس تہ تون اهو قبول نہ ڪندين. زاهد چيو تہ مان ڪيترن سالن کان ان جي تلاش ۾ آهيان ضرور قبول ڪندس. پاڻ فرمايائون تہ چڱو اول تہ وڃي پنهنجي مٿي ۽ ڏاڙهيءَ جي وارن کي ڪوڙائي ڇڏ ۽ هي پهريل ڪپڙا لاهي گودڙي پائي ڇڏ. پوءِ جنهن قوم جا ماڻهو توکي چڱي طرح سڃاڻن ٿا تون انهن ۾ وڃي ويهہ ۽ اکروٽن جو ٿيلهو پري وٽ پاڻ رک. پوءِ ٻارن کي چئہ تہ جيڪو ٻار مون کي هڪ چماٽ هڻندو تہ مان ان کي اکروٽ ڏيندس. ٻارن کان چماٽون کائڻ لاءِ سڄي شهر جو گشت ڪر تہ جيئن گهٽي ۾ گهڻا ڇوڪرا توکي مارن. پوءِ جنهن جاءِ تي تنهنجي ذلت وڌيڪ ٿئي اتي تون گهڻو وقت قيام ڪر بس اهو ئي تنهنجو علاج آهي. زاهد جڏهن اهو عجيب علاج ٻڌو تہ ڏاڍو حيران ٿي "سبحان الله لااله الا الله" چيو اهو ٻڌي پاڻ فرمايائون تہ مشرڪ ماڻهون اهو ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويندا آهن ليڪن تون تہ اهو ڪلمو پڙهي مشرڪ ٿي وئين. زاهد پڇيو ڇو؟ پاڻ فرمايائون تہ اهو ان لاءِ تہ تو اهو ڪلمو حق جي تعظيم لاءِ ڪونہ پڙهيو، بلڪ پنهنجي تعظيم بيان ڪئي. ان تي زاهد چيو تہ مان اهو علاج نہ ڪري سگهندس. پاڻ فرمايائون تہ مان توکي پهريائين چيو هو تہ تنهنجو علاج اهو ئي آهي ليڪن تون اهو علاج هرگز نہ ڪندين. روايت آهي تہ حضرت شفيق بلخي رحہ جي هڪ شاگرد حج تي وڃڻ جو ارادو ڪيوجناب شفيق بلخي رحہ ارشاد ڪيس تہ حج تي وڃڻ کان اڳ پهريائين بسطام وڃي حضرت بايزيد رحہ جي زيارت ڪر. اهو مريد جڏهن حضرت جن جي خدمت ۾ آيو تہ پاڻ کانئس دريافت ڪيائون تہ تون ڪنهن جو مريد آهين؟ مريد عرض ڪيو تہ شفيق بلخي رحہ جو مريد آهيان. وري ان کان پڇيائون تہ هو ڇا چوندو آهي؟ مريد عرض ڪيو تہ هو خلقت کان فارغ ۽ توڪل الاهيءَ تي ڀروسو ڪيو ويٺا آهن ۽ چوندا آهن تہ جيڪڏهن زمين ۽ آسمان سونا ٿي وڃن تہ نہ زمين مان ڪجهہ پيدا ٿئي ۽ نہ آسمان مان ڪجهہ وسي. تمام مخلوق منهنجو عيال بڻجي وڃي تڏهن بہ مان پنهنجي توڪل کان ڪين ڦرندس. پاڻ اهو ٻڌي فرمايائون تہ اهو سخت ڪفر آهي. اگر بايزيد جي جان تي ڪيتري بہ تڪليف چونہ اچي تڏهن بہ ان ڪافر ۽ مشرڪ جي شهر ۾ قيام نہ ڪندو. جڏهن تون واپس اوڏانهن وڃين تہ پنهنجي مرشد کي

چئي ڏجانءِ ته محض بن مانين جي عيوض خدا کي نه آزمائي. بک لڳڻ جي حالت ۾ ڪنهن
هم جنس کان ماني گهري وٺي ليڪن توڪل جي بوجهه کي الڳ رکي ته جيئن ان جي بد
بختيءَ کان تمام شهر ۽ علائقو زمين اندر نه دٻجي وڃي. اهو ڪلام ٻڌي اهو مريد واپس هليو
ويو جڏهن حضرت شفيق بلخي رحه جي خدمت ۾ پهتو ته هن مريد کان دريافت ڪيو ته جلدي
واپس ڇو موٽين؟ مريد سڄوري حقيقت عرض ڪئي. جڏهن رحه شفيق اهي ڳالهيون ٻڌيون ته
پنهنجو پاڻ ۾ اهي سيئي نقص نظر آيس. ڪي ماڻهون هن روايت کي هن طرح بيان ڪن ٿا ته
حضرت شفيق بلخي رحه اهو ٻڌي مريد کي چيو ته تو کانئن اهو نه پڇيو ته توهان ڪيئن آهيو؟
مريد جواب ڏنو ته مان کانئن ائين ڪونه پڇيو. تنهن تي شفيق بلخي رحه مريد کي واپس
موڪليو ته ان سوال جو جواب وٺي اچي. آخر مريد دوباره حضرت با يزيد رحه جي خدمت ۾
حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين ته جيڪڏهن شفيق رحه ائين آهي ته پلا ٻڌايو ته اوهان ڪيئن آهيو؟
پاڻ فرمايائون ته مان جيڪڏهن توکي ٻڌايان ته مان ڪيئن آهيان ته تون سمجهي ڪين سگهندين
مريد عرض ڪيو ته هڪ ڪاغذ تي لکي ڏيو. پاڻ فرمايائون ته چڱو لکو! بسم الله الرحمان الرحيم
ان کان بعد بايزيد هيئن آهي جو ڪجهه هستي نٿو رکي. هاڻي جڏهن موصوف نه هجي ته صفت
جي ڇا معنيٰ! ڪاغذ وٺي شفيق بلخي رحه جي مريد کي ڏيئي ڇڏيائون ۽ فرمايائون ته بايزيد
رحه هڪ ذري جيتري به هستي نٿو رکي. پلا اهڙيءَ حالت ۾ ڪيئن ٿو چئي سگهجي ته هو
هيئن يا هوندو آهي. اخلاص آهي يا توڪل اهي سڀ خلق جي صفات ۾ آهن. توکي "تخلقو
باخلاق الله" هئڻ گهرجي ۽ توڪل بدران پنهنجو پاڻ کي روشن ڪرڻ گهرجي. جڏهن شيخ
شفيق بلخي رحه جو مريد واپس آيو ته پاڻ يعني حضرت شيخ شفيق بلخي رحه موت جي بستري
تي هئا ۽ مريد جو انتظار ڪري رهيا هئا. مريد کي ڏسي ڪاغذ پڙهيائون ۽ "اشهد ان لا الله
إلاَّالله وآشهد آن محمد عبده ورسوله" پڙهي جان بحق ٿي ويا. پنهنجي عيبن کان مرڻ وقت
واقف ٿي توبهه ڪيائون ۽ تائب ٿي وفات پاتائون.

روايت آهي ته حضرت احمد خضرويه جا هڪ هزار مريد حضرت جن جي خدمت ۾ حاضر
ٿيا. اهي سڀ جا سڀ ان درجي جا هئا جو پاڻيءَ تي هلندا هئا ۽ هوا ۾ اڏامندا هئا. حضرت
احمد خضرويه ارشاد فرمايو ته توهان مان جو شخص بايزيد رحه جي مشاهدي جي پاڻ ۾ برداشت
ڪرڻ جي طاقت رکي ٿو ته اهو اسان سان هلي ته جيئن حضرت بايزيد جي زيارت ڪريون.
توهان مان جنهن کي ان جي زيارت ڪرڻ جي طاقت نه آهي اهو الڳ ٿي وڃي. هر هڪ مريد
کي هڪ هڪ لٺ هئي انهن مان هڪ چيو ته مان توهان جي لٺين جي نگهباني ڪندس. مان
ڪونه هلندس، چاڪاڻ ته مون ۾ برداشت ڪرڻ جي قوت ڪانهي. جڏهن اهي سڀ ماڻهو

حضرت جن جي خدمت ۾ پهتا تڏهن پاڻ فرمايائون تہ توهان مان جيڪو سڀ کان بهتر آهي ان کي اندر وٺي اچو، اهو ٻاهر ڇو بيٺو آهي؟ نيٺ ان کي بہ اندر وٺي آيا. پاڻ احمد خضرويہ کي فرمايائون تہ ڪيستائين عالم جي چوڏاري گهمندا ۽ سياحت ڪندا رهندا؟ احمد خضرويہ عرض ڪيو تہ پاڻي هڪ جاءِ تي بيهي رهندو آهي تہ خراب ٿي پوندو آهي. تنهن ڪري سير ڪرڻ بهتر آهي. پاڻ فرمايائون تہ پوءِ درياه ڇونہ ٿا بڻجي وڃو؟ پوءِ تہ خرابي نہ رهندي! انکان پوءِ معرفت جي متعلق ڳالهيون ٿيون احمد خضرويہ عرض ڪيو تہ اهڙيون ڳالهيون ڪريو جيڪي اسان جي سمجهہ کان ٻاهر نہ هجن. غرض تہ ست مرتبہ اهڙي قسم جون ڳالهيون ٿيون احمد خضرويہ ائين ئي چوندو رهيو. آخرڪار پاڻ حضرت جن جون ڳالهيون انهن جي سمجهہ ۾ اچڻ لڳيون. جڏهن پاڻ چپ ٿي ويا تڏهن احمد خضرويہ چيو تہ حضرت ابليس کي مان اوهان جي محلي ۾ ڦاهي تي لٽڪندو ڏٺو آهي. پاڻ فرمايائون تہ هائو! ڇاڪاڻ تہ هن مون سان وعدو ڪيو هو تہ مان بسطام جي نزديڪ نہ ايندس. ليڪن هن هڪ شخص جي دل ۾ وسوسو وڌو جنهن جي ڏوهہ ۾ هن کي سوليءَ تي لٽڪايو ويو آهي. اهو قائدو آهي تہ چورن کي بادشاه جي عدالت ۾ ڦاسيءَ جي سزا ڏني ويندي آهي. احمد خضرويہ جي مريدن مان هڪ مريد عرض ڪيو تہ اي شيخ! اسان هڪ جماعت کي اوهان جي خدمت ۾ عورتن جي شڪل ۾ ڏسون ٿا. اهي ڪهڙا ماڻهون آهن؟ پاڻ فرمايائون تہ اهي فرشتا آهن جي علمي مسائل دريافت ڪرڻ لاءِ مون وٽ آيا آهن ۽ مان انهن کي جواب ڏيان ٿو. دوباره فرمايائون تہ مان هڪ دفعي خواب ۾ ڏٺو تہ پهرين آسمان جا فرشتا مون وٽ اچي چوڻ لڳا تہ آئو! تہ جيئن الله جي يادگيري ڪريون. مان کين چيو تہ مون وٽ اها زبان ڪانهي جنهن سان مان الله تعاليٰ جو ذڪر ڪري سگهان. پوءِ ٻئي آسمان جا فرشتا آيا انهن بہ اهائي ڳالهہ چئي ۽ مون بہ کين ساڳيو ئي جواب ڏنو. اهڙيءَ طرح ستن ئي آسمانن جا فرشتا آيا جن بہ ساڳي طرح چيو. ليڪن مان بہ انهن کي ساڳيو ئي جواب ڏيندو رهيس. پوءِ انهن پڇيو تہ آخر الله تبارڪ وتعاليٰ جي ذڪر ڪرڻ جي قابليت اوهان جي زبان ۾ ڪڏهن پيدا ٿيندي؟ مون کين چيو تہ انهيءَ وقت جڏهن دوزخي ماڻهو دوزخ ۾ وڌا ويندا ۽ بهشتي ماڻهو بهشت ۾ پهچي ويندا. يعني اهو تہ قيامت کان پوءِ بايزيد عرش الاهيءَ جي گرد ڦرندو ۽ الله الله ڪندو. پاڻ فرمائن ٿا تہ هڪ رات منهنجو گهر روشن ٿي ويو. مان چيو تہ جيڪڏهن تون شيطان آهين تہ انهيءَ کان بہ بلند تر ٿيءُ، ڇاڪاڻ تہ توکي مون ۾ طمع آهي ۽ جيڪڏهن تو مقبلين مان آهين تہ ڇڏي ڏي تہ سراءِ خدمت کان سراءِ ڪرامت ۾ پهچون.

نقل آهي تہ هڪ دفعي کين عبادت ۾ ڪجهہ لطف ڪونہ آيو. پاڻ خادم کي فرمايائون

ته ڏس تہ گهر ۾ ڪهڙي چيز آهي؟ هن ڏنو تہ ڪيس هڪ انگورن جو ڇڳو نظر آيو. پاڻ فرمايائون تہ اهو ڪنهن کي ڏيئي ڇڏ. چاڪاڻ تہ اسان جو گهر، ڪنهن واڻئي جو گهر نہ آهي ان ڪان پوءِ ڪين عبادت ۾ ڏاڍو مزو آيو.

نقل آهي ته سندن پاڙي ۾ هڪ آتش پرست رهندو هو. جنهن وٽ هڪ ڪير پياڪ ننڍو ٻار به هو ساري رات اهو ٻار اونده جي سبب روئندو رهندو هو. پاڻ روزانو ڏيو ٻاري هن جي گهر ويندا هئا، تڏهن ٻار خاموش ٿي ويندو هو ۽ هڪدم ڪيس ننڊ اچي ويندي هئي. جڏهن اهو آتش پرست سفر ڪان واپس آيو تڏهن ٻار جي ماءُ حضرت جن جي سموري ڳالهہ ڪري ٻڌايس. جنهن ٻڌي چيو تہ افسوس آهي، جڏهن شيخ جي طرف ڪان روشني پهچي ويئي تہ پوءِ اسان پنهنجو پاڻ کي غفلت جي انڌيري ۾ ڇو رکون. ان ڪان پوءِ اهو آتش پرست حضرت جن جي خدمت ۾ اچي مسلمان ٿيو.

نقل آهي ته هڪ دفعي ڪن ماڻهن هڪ آتش پرست کي چيو تہ تون مسلمان ٿيءُ آتش پرست چيو ته جيڪڏهن مسلماني اها آهي جيڪا بايزيد جي آهي، تہ پوءِ مون ۾ مسلمان ٿيڻ جي طاقت ڪانهي. جيڪڏهن مسلماني اها آهي جا توهان ماڻهن ۾ آهي ته به افسوس آهي ته مان ان جو يقين نٿو ڪري سگهان. يعني منهنجو اکيان توهان جي مسلماني ناقابل اعتبار آهي.

نقل آهي ته هڪ دفعي ڪنهن مسجد ۾ تشريف فرما هئا پاڻ اوچتي فرمايائون تہ آئو! خداوند ڪريم جي دوستن هڪ دوست جو استقبال ڪريون. جڏهن دروازي ڪان ٻاهر نڪتا تہ ابراهيم هروي رحہ کي ڏٺائون جيڪو هڪ گڏه تي سوار ٿيو تشريف فرما ٿي رهيو هو. پاڻ فرمايائون ته مون کي اطلاع ڏنو ويو تہ مان هن جو استقبال ڪريان ۽ اسان جي حضور ۾ هن کي شفيع بڻائي وٺي اچ. ان تي ابراهيم هروي رحہ فرمايو تہ جيڪڏهن شفاعت اولين جي توکي ۽ آخرين جي شفاعت مون کي ڏني ويئي تہ حضور پر نور صلي الله عليه وسلم جي مقابلي ۾ هڪ مٺ خاڪ جي برابر ٿيندا سين. حضرت بايزيد کي ان ڳالهہ تي ڏاڍو عجب آيو. جڏهن ڪاڌي کائڻ جو وقت آيو ته عمده عمده ڪاڌا آندا ويا. ابراهيم هروي رحہ جي دل ۾ خيال آيو ته ڇا شيخ اهڙا عمدا ڪاڌا کائيندو آهي. حضرت جن کي ابراهيم هروي رحہ جي دل جي ڳالهہ معلوم ٿي ويئي. ڪاڌي کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ پاڻ ابراهيم هرويءَ جي هٿ کان پڪڙي هڪ طرف وٺي ويا ۽ هڪ ديوار تي هٿ هنيو. جتان هڪ دروازو کلي پيو، ڏٺو ويو تہ هڪ درياه زخار موجون هڻي رهيو آهي. فرمايائون ته اچو تہ هن درياه مان پار هلون ليڪن ابراهيم هروي رحہ ڊڄي ويا. ۽ چيائون تہ منهنجو اهو مقام نہ آهي. وري پاڻ فرمايائون تہ جيڪي جو اوهان صحرا مان چونڊي ڪاڌو پچايو آهي، اهي جو اول جانورن جا کاڌل آهن يعني جُوئا ٿيل

آهن، تنهن کي اوهان چوندي ڳڌ ڪري پڃائي ڪاڏو آهي. ان متعلق وڌيڪ تحقيق ڪئي وئي تہ اها ڳالهہ برابر صحيح ثابت ٿي تنهن تي ابراهيم هروي رحہ توبهہ ڪئي.

هڪ شخص حضرت جن کي چيو تہ مان قبرستان ۾ فلاڻي شخص جي جنازي سان اوهان کي ڏٺو تہ اوهان حضرت خضر عليہ السلام جي هٿ ۾ هٿ ڏيئي بيٺا هئا ۽ نماز جنازي کانپوءِ مان اوهان کي هوا ۾ پرواز ڪندي ڏٺو. فرمايائون تہ تو سچ چيو. هڪ دفعي ڪي ماڻهو سندن خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ ڏڪار جي هئڻ جي شڪايت ڪيائون. ان جي دور ٿيڻ لاءِ دعا گهرڻ ۽ بارش وسڻ واسطي عرض ڪيائون. پاڻ پنهنجو سر گوڏن ۾ وجهي ڇڏيائون. ڪجهہ گهڙين کان بعد ڪنڌ مٿي ڪيائون ۽ فرمايائون تہ هاڻي وڃو ۽ پنهنجي گهرن جي نيسارن کي ٺيڪ ڪيو. ڇو تہ بارش اچي رهي آهي. انهيءَ وقت بارش وسڻ شروع ٿي وئي هڪ ڏينهن ۽ هڪ رات لڳاتار مينهن وسندو رهيو.

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن حضرت جن پنهنجو هڪ پير ڏکو ڪيو. اهو ڏسي سندن مريد بہ پنهنجو پير ڏکو ڪيو. اهو ڏسي حضرت جن پنهنجي پير کي وري ساڳئي حالت ۾ آندو يعني پير کي سوڙهو ڪيو. مريد بہ تنهن تي پنهنجي پير کي حضرت جن جي پير جيان سوڙهو ڪرڻ گهريو. ليڪن ان جو پير سوڙهو ڪونہ ٿيو ۽ عمر ڀر تائين سندس پير ڏکو ٿي رهيو. ان جو سبب اهو هو تہ مريد سمجهو ٿي تہ شيخ جا پير ڏگهيرڻ عام ماڻهن وانگر آهن.

نقل آهي تہ هڪ منڪر شخص سندن خدمت ۾ اچي عرض ڪيو تہ مون کي فلاڻو مسئلو سمجهايو. پاڻ ان جي فڪر کي ڪشف جي روءِ سان ڏسي فرمايائون تہ فلاڻيءَ غار ۾ منهنجو هڪ دوست آهي، انهيءَ وٽ وڃ ۽ اهو سوال ڪريس جو تنهنجي مسئلي جو حل توکي ٻڌائيندو. اهو شخص غار ۾ ويو تہ اتي هڪ وڏو اژدها نانگ ڏٺائين جيڪو ڏاڍيءَ ڪاوڙ ۾ ڀريل هو. ان کي ڏسندي ئي خوف جي زيادتيءَ سبب ڪانس پائخانو نڪري ويو ۽ بي اختيار ٿي اتان ولي ڀڳو. پر سندس جتي اتي ئي رهجي وئي هو سڌو حضرت جن جي خدمت ۾ اچي پيرن تي ڪري پيو. پاڻ فرمايائون تہ سبحان الله! تون پنهنجي جتي بہ نہ سنڀالي سگهين. محض هڪ مخلوق جي خوف کان تنهنجو پائخانو نڪري ويو! تہ پوءِ خدا جي هيبت جو مسئلو مان توکي ڪهڙيءَ طرح ڪشف ڪرائي سگهندس. حالانڪ تون انڪار جي طور تي مون وٽ آيو هئين. اهڙيءَ طرح هڪ ٻئي شخص کي بہ حضرت جن کان انڪار هو. هو چوندو رهندو هو تہ جيڪا رياضت هو ڪري ٿو اها مان بہ ڪريان ٿو. ليڪن هو جيڪي ڳالهيون بيان ڪري ٿو، مان انهن کان محروم آهيان. حضرت جن کي ان ڳالهہ جي آگاهي هئي. هڪ ڏينهن ان شخص حضرت جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ جو ارادو ڪيو پاڻ ان جي طرف منهن ڪري

ڦوڪ ڏنائون. جنهن ڪري هو اتي ئي بيهوش ٿي ويو. انهيءَ بيهوشيءَ واريءَ حالت ۾ سندس ڪپڙا ناپاڪ ٿي پيا ته ڏينهن ڪان پوءِ جڏهن ڪيس هوش آيو تڏهن غسل ڪري حضرت جن جي خدمت ۾ اچي حاضر ٿيو. پاڻ ڏسي فرمايائون ته "هاٿين جو بار ڳڏه تي رکيو نه ويندو آهي" هي جملو مجاوري جي طور تي ڪم ايندو آهي جنهن جو مقصد ته ٿوري ماپي واري چيز ۾ گهڻي شيءِ سمائجي ڪانه سگهندي.

شيخ ابو سعيد هڪ دفعي حضرت جن جو امتحان وٺڻ تي گهريو. پاڻ هن ڪي پنهنجي هڪ مريد وٽ وڃڻ جي هدايت ڪئي. جنهن جو نالو به ابو سعيد هو. جڏهن هو سندن مريد ابو سعيد وٽ پهتو ته ڏٺائين ته بگهڙ هن جي ٻڪرين جي حفاظت ڪري رهيا هئا ۽ پاڻ نماز ۾ مشغول هئا. انهيءَ مريد ابو سعيد نماز کان فارغ ٿي هن کان پڇيو ته تنهنجو مقصد ڇا آهي؟ شيخ ابو سعيد چيو ته گرم ماني ۽ انگور درڪار آهن. حضرت جن جي مريد جي هٿ ۾ ان وقت لٺ هئي جنهن فوراً لٺ کي ٻيڄي ۾ اڌ ڪيو ۽ ٻئي لڪر زمين ۾ کوڙي ڇڏيائين. قدرت الاهيءَ سان انهيءَ وقت انگور ڦٽي نڪتا. مگر جيڪو لٺ جو لڪر شيخ ابو سعيد جي اڳيان هو ان جي انگورن جو رنگ ڪارو هو ۽ جيڪو لٺ جو حصو حضرت جن جي مريد جي اڳيان هو ان جي انگورن جو رنگ سفيد هو. شيخ ابو سعيد پڇيو ته رنگن ۾ فرق جو سبب ڇا آهي؟ مريد فرمايو ته تو امتحان جي طور تي اهو ڏسڻ ٿي گهريو. ليڪن مان يقين سان ائين ڪيو تنهن ڪري هر چيز جو رنگ ان جي حالت جي لائق ٿيندو آهي. ان کان پوءِ هڪ ڪمبل شيخ ابو سعيد کي ڏيندي چيائين ته هن کي حفاظت سان رکجانءِ. ڪجهه وقت کان پوءِ شيخ ابو سعيد حج تي ويو ته عرفات تي اهو ڪمبل ڪانئس گم ٿي ويو. جڏهن حج کان واپس بسطام ۾ آيو ته اهو ڪمبل ان ٻڪرار ابو سعيد وٽ هو.

نقل آهي ته ماڻهن حضرت جن کان پڇيو ته اوهان جو پير ڪير آهي؟ فرمايائون ته هڪ پوڙهي عورت! ماڻهن پڇيس اهو ڪيئن؟ فرمايائون ته هڪ ڏينهن مان وجد جي حالت ۾ شوق جي غلبي کان پنهنجي حال ۾ نه هيس ان وقت هڪ عورت آئي ۽ اٽي جو هڪ ٿانو منهنجي حوالي ڪري چوڻ لڳي ته هن کي پاڻ وٽ رکي ڇڏ. مان جيئن ته پنهنجي حال ۾ نه هيس سو هڪ شينهن کي اشارو ڪيم. جڏهن هو آيو ته اهو اٽي جو برتن ان شينهن جي پٺيءَ تي رکي ڇڏيم. ان کان پوءِ مان ان ڪراڙي عورت کان پڇيو ته جڏهن تون شهر پهچندينءَ ته ڇا چوندينءَ ته مان ڪنهن کي ڏٺو؟ هن چيو ته مان چوندس ته هڪ ظالم کي ڏٺم. مون پڇيو ته ڪيئن مان ظالم آهيان؟ هن چيو هي شينهن قيد ٿيل آهي ڇا اهو ظلم نه آهي؟ مون چيو ته نه.

پوڙهيءَ وري چيو ته جنهن کي خداوند ڪريم تڪليف نه ڏني آهي تون ان کي تڪليف

ڏين ٿو. اهو ظلم نه آهي ته ٻيو ڇا آهي! مون چيو ته "نه" وري هن چيو ته ڇا تون اهو چاهين ٿو ته شهر جا ماڻهون اِهو سمجهن ته شيئهن تنهنجو فرمانبردار آهي؟ ۽ تون صاحب ڪرامت؟ مون چيو ته "هائو" تڏهن مان توبهه ڪئي. ڇاڪاڻ ته پوڙهيءَ جي اها ڳالهه منهنجي پيرو مرشد بڻجي ويئي. ان کان پوءِ مان ائين ٿي ويس جو جڏهن به ڪا علامت يا ڪرامت ظاهر ٿيندي هئي ته ان جي تصديق خداوند ڪريم ڪان ونندو هوس. ۽ انهيءَ وقت هڪ نوري عبارت سبز اکرن سان ظاهر ٿيندي هئي جنهن تي هي لکيل هوندو هو. لاالٰه الاالله محمد رسول الله. نوح نجي الله. ابراهيم خليل الله. موسيٰ ڪليم الله. عيسيٰ روح الله عليهم صلواة والسلام. انهن پنجن ئي شاهدين کان پوءِ ڪنهن ٻئي شهادت جي ضرورت نه رهندي هئي.

شيخ احمد خضرويه چوندا آهن ته مان الله تبارڪ وتعاليٰ کي خواب ۾ ڏٺو الله تعاليٰ مون کي فرمائي رهيو هو ته سڀ ماڻهو مون کان ڪجهه نه ڪجهه طلب ڪندا آهن ليڪن بايزيد مون کان مون کي ئي طلب ڪندو آهي.

هڪ دفعي شفيق بلخي رحه ۽ ابو تراب حضرت جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا. ڪاڏي ڪائڻ وقت شيخ جو هڪ مريد به پرسان هو. شفيق بلخيءَ ان کي چيو ته اڄ تون به کاءُ. مگر مريد انڪار ڪيو ۽ چيائين ته مان روزي سان آهيان سو روزو نٽو ڪولي سگهان. پوءِ وري ابو تراب چيس ته اڄ مون سان ڪائي هڪ مهيني جي روزن جو اڇي ثواب حاصل ڪر مگر مريد وري به انڪار ڪيو. تنهن کان پوءِ شفيق بلخي رحه چيس ته اڄ ڪاڌو ڪائي ڪري هڪ سال جي روزن جو ثواب حاصل ڪر مريد تڏهن به انڪار ڪيو. آخر ۾ حضرت بايزيد فرمايو ته هي درگاه جو ترٽيل آهي هن کي ڇڏي ڏيو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ اهو مريد چوريءَ جي ڏوه ۾ پڪڙيو ويو ۽ سندس ٻئي هٿ ڪپيا ويا. هڪ ڏينهن حضرت جن جامع مسجد ۾ پنهنجي عصا (لٺ) ساڻ ڪئي ويا مگر اتي ئي وساري آيا. هڪ پوڙهيءَ عورت اها لٺ ڪئي سندن خدمت ۾ پهچائي ڏني. پاڻ انهيءَ عورت کان ان تڪليف جي معافي ورتائون.

هڪ دفعي ڪنهن شخص ڪانئن حيا جي متعلق سوال ڪيو پاڻ ڪيز اهڙو جواب ڏنائون جو قدرت خداونديءَ جي سان اهو شخص شرم وچان في الحقيقت پاڻي ٿي ويو. ان کان پوءِ هڪ مريد آيو جنهن اهو پاڻي ڏسي چيو ته هي ڪهڙو پاڻي آهي؟ پاڻ فرمايائون ته هڪ شخص حيا جي متعلق سوال ڪيو هو جواب جي طاقت نه رکڻ جي باعث پاڻي ٿي ويو. فرمائن ٿا ته هڪ دفعي درياه دجله تي ويس ته درياه جو پاڻي هڪ جاءِ تي ڪنو ٿي ويو مان چيو ته ان تي غرور نه ڪر جو مون کي ٿوري ڳالهه تي نه پلائي ڇڏين. مون کي ڪرامت جي ضرورت ڪانهي مون کي ڪريم درڪار آهي. فرمائن ٿا ته مان الله تعاليٰ کي سوال ڪيو ته مون کي

عورتن کان بچائي رکــج. وري مان چيو تــہ اهو سوال غلط آهي جڏهن تــہ حضرت شارع عليه السلام ائين نہ چيو آهي تہ مونکي اهڙي سوال ڪرڻ جو ڪهڙو حق آهــي. محض انهيءَ سبب ڪري الله تعاليٰ مون کي بچائي ورتـو. منهنجي اکيان عورت ۽ ديـوار جي طاقت هڪ جيتري آهي. روايت آهي تــہ هڪ دفعي پاڻ هڪ امـام جـي پٺيان نماز ادا ڪيائون. نماز کان بعد ان امام پڇيو تہ توهان نہ تہ ڪو ڪم ڪندا آهيو، ۽ نــہ ڪنهن کان ڪجهہ وٺندا ئي آهيو. پــوءِ توهان ڪٿان کـائيندا آهيو؟ پــاڻ فرمايائون تــہ پهريائين مــون کي پيهر نماز قضا پــڙهڻ ڏي. چاڪاڻ تہ اهڙي شخص جي پٺيان نماز جـئز نـہ آهي جيڪو روزي ڏيڻ واري کي بہ نٿو سڃاڻي. فرمايائون تہ ڪي ماڻهو منهنجي زيارت لاءِ ايندا آهن ليڪن ان جو نتيجو بنهي تي لعنت هوندو آهي ۽ ڪي ماڻهون رحمت کڻي ايندا آهن. پڇيو ويو تــہ اهو ڪيئن؟ فرمايائون تــہ هڪ ماڻهو اهــڙي وقت ايندو آهي جڏهن مان هوش ۾ نــہ هوندو آهيان. اهـو منهنجي حالت کي ڏسي گلا ڪندو آهي ۽ لعنت جو سبب بڻـو آهي. وري ڪو ٻـو ماڻهو ايندو آهي جيڪو حق کي غالب ڏسي مـون کي معذور سمجهندو آهي ۽ رحمت جـو موجب بڻجي ويندو آهي. فرمايائون تــہ مان ائين چاهيان ٿو تــہ قيامت جلدي اچي تــہ جيئن مان پنهنجو خيمو دوزخ جي ڪناري تي کوڙي ويهي رهان تہ جيئن دوزخ مون کي ڏسي بي طاقت ٿي پــوي ۽ مان خلقت لاءِ راحت جــو سبب بڻجي پوان.

حاتم عاصم پنهنجي مريدن کي چوندو هو تہ اهو شخص منهنجو مريد نہ آهي جيڪو اهل دوزخ لاءِ شفيع نہ هجي. ڪنهن اها ڳالهہ بايزيد تائين پهچائي. پاڻ فرمايائون تہ منهنجو مريد اهو آهي جيڪو دوزخ جي ڪناري تــي بيٺل هجي ۽ ڪنهن کي دوزخ ۾ وڃي ويندا هجن تــہ انکي پڪڙي بهشت ۾ وجهي ۽ پــاڻ دوزخ ۾ هليو وڃي. ماڻهن ڪائنڻ پڇيو تــہ خداوند ڪريم اوهان تي جنهن صورت ۾ ايــڏو فضل و ڪرم ڪيو آهي تــہ پوءِ اوهان خلقت کي خدا جــي راه جي دعـوت ڇــو نٿا ڏيـو. فرمايائون تــہ جنهن کي خــدا روڪي ان کي بــايزيد ڪهڙي طــرح ســڏي سگهندو.

هڪ دفعي هڪ بزرگ سندن خدمت ۾ حــاضر ٿيو. هن ڏٺو تــہ پاڻ سر گوڏن ۾ ڏنيون ڪنهن گهوڙهي فڪر ۾ وينا آهن. جڏهن منهن مٿي ڪيائون تہ ان بزرگ ڪائنڻ پڇيو تــہ اوهان هي ڇا ڪيو؟ پاڻ فرمايائون تــہ پنهنجي فنا ســر ڪيرائي هيٺ جهڪائي ڇڏيو هو ۽ الله تعاليٰ جي بقا ۾ سر مٿي ڪيو اٿم. هڪ ڏينهن جمع جي نماز ۾ خطبي پڙهندڙ هيءَ آيت شريف پڙهي: "وما قدر الله حق قدره" اهو ٻــڌي مٿن ڪجهہ اهڙي ڪيفيت طــاري ٿي وئي جو پنهنجو مٿو منبر سان هڻي هڻي بيهوش ٿي ويا. جڏهن هوش ۾ آيا تہ چيائون تہ جڏهن توکي معلوم بہ هو تــہ

پوءِ هن ڪاذب گدا کي ڪٿي وٺي آئين جو تنهنجي معرفت جي دعويٰ ڪري.

نوٽ:- اهي لفظ بايزيد الله تعاليٰ کي پنهنجي متعلق چيا ته مان گهٽ حيثيت واري کي ايڏو مرتبو ڇو ڏنو. هن مان سندن عاجزي ظاهر ٿئي ٿي.

هڪ دفعي ڪين ڏڪندو ڏسي مريد پڇيو ته اوهان ڇو ڏڪي رهيا آهيو؟ پاڻ فرمايائون ته صداقت جي راه ۾ قدم رک ۽ مزارن جي خاڪ کي پنهنجي ڏاڙهيءَ سان صاف ڪر ۽ تفڪر جي سمنڊ ۾ غوطہ زن ٿيءُ، تڏهن توکي حقيقت معلوم ٿي ويندي. فرمائن ٿا ته جڏهن پهريون دفعو حج تي ويس ته ڪعبي کي ڏٺم، ٻئي دفعي ويس ته صاحب خانہ کي ڏٺم. (خداوند ڪريم کي) جڏهن ٽيون دفعو ويس ته نہ خانہ ڪعبو نظر آيو نہ صاحب خانہ ڪعبہ. مطلب ته صاحب حق ۾ ايتري قدر ته گم ٿي ويا هئا جو سواءِ حق جي ٻيو ڪجهہ بہ ڏسڻ ۾ نٿي آيو.

هڪ دفعي هڪ ماڻهو حضرت جن جي گهر آيو ۽ اچي دروازو کڙڪايائين. پاڻ اندران پڇيائون ته ڪير آهين ۽ ڪنهن جو پڇڻ آيو آهين؟ آدميءَ چيو ته بايزيد جو پڇڻ آيو آهيان. حضرت جن فرمايو ته ٽيهہ سال ٿي ويا آهن ته مان خود بايزيد جي تلاش ۾ آهيان مگر هن جو ڪٿي بہ ڪو نشان نٿو ملي. اها ڳالهہ ڪنهن ذوالنون مصري رحہ سان وڃي ڪئي. ان فرمايو تہ الله تعاليٰ منهنجي ڀاءُ بايزيد کي بخشي. هڪ جماعت اهڙي آهي جا حق تعاليٰ جي ذات ۾ ملي وڃي آهي ۽ هو بہ انهن مان هڪ آهي. هڪ دفعي ماڻهن عرض ڪين ته اي حضرت اوهان منهنجا مجاهدات بيان فرمايو. پاڻ فرمايائون ته جيڪڏهن تمام وڏيون ڳالهيون ٻڌائيندس ته توهان ان جي برداشت ڪرڻ جي طاقت نٿا رکو ان ڪري تمام معمولي ٻڌايان ٿو. اهي هي آهن ته هڪ ڏينهن پنهنجي نفس کي ڪنهن ڳالهہ جو حڪم ڏنم ليڪن نفس سرڪشي ڪئي. جنهن جي سزا ۾ مان ان کي هڪ سال تائين پاڻي ڪونہ ڏنو ۽ ڪيس چيو ته اي نفس! يا فرمانبرداري قبول ڪر يا اُڃ کان مري وڃ. سندن استغراق (خيالن ۾ محو رهڻ) جو اهو عالم هو جو هڪ مريد ڏهن سالن تائين ساڻن گڏ رهيو ۽ هڪ دم بہ پري ڪونہ ٿيو. پاڻ جڏهن بہ ان کي سڏ ڪندا هئا ته پهريائين ان کان سندس نالو دريافت ڪندا هئا. هڪ ڏينهن ان مريد عرض ڪيو ته اي حضرت اوهان شايد مذاق ۾ ائين ڪريو ٿا. پاڻ فرمايائون ته مان مذاق ڪونہ ٿو ڪريان، حقيقت ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ جي نالي ٻين تمام نالن کي منهنجي ذهن مان وساري ڇڏيو آهي. جيتوڻيڪ مان تنهنجي نالي کي ياد ڪندو آهيان ليڪن وسري ويندو آهي. ماڻهن ڪائن پڇيو ته اوهان اهو درجو ڪيئن حاصل ڪيو؟ فرمايائون ته ننڍي هوندي هڪ رات گهر کان ٻاهر نڪتس ته ڏٺم ته چنڊ پوري آب و تاب سان چمڪي رهيو هو ۽ ساري دنيا محو آرام هئي. ان وقت مان هڪ دربار ڏٺي، جنهن جي مقابلي ۾ سارو جهان ذري مثل معلوم

ٿيو ٿي. دل ۾ هڪ ڪيفيت پيدا ٿي ۽ هڪ عجيب حالت وارد ٿي ويئي. مان چيو اي خداوند ڪريم! تنهنجي اهڙي قدر عاليشان دربار مگر خالي! ايتري قدر اعليٰ مگر لڪل! ان وقت هاتف آواز ڏنو ته دربار جي خالي هجڻ جو سبب اهو آهي، جو ان جي طرف ڪوئي اچي ڪونه ٿو، انڪري اسان به نٿا چاهيون ته سيڪو هٽ منهن ڏوئي اسان جي درگاه ۾ داخل ٿئي. پوءِ مان نيت ڪئي ته ساري مخلوق جي سفارش ڪريان مگر وري خيال آيو ته شفاعت جو مقام سيدنا و مولانا حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن لاءِ آهي. تنهن ڪري مان ادب ڪان لحاظ رکيو. انهيءَ وقت آواز ٻڌم ته ادب، جي سبب اسان تنهنجي نالي کي بلند ڪيو ۽ قيامت تائين ماڻهو توکي نه وساريندا اسان توکي "سلطان العارفين بايزيد بسطامي" ٻڌائي ڇڏيو. روايت آهي ته ڪن ماڻهن ابو منظر قشيري رحه کي چيائون ته بايزيد هي شڪايت بيان ڪئي آهي ته مان ارادو ڪيو ته ڪرم خداوندي طلب ڪريان ته منهنجن اڳين پوين گناهن کي لڪائي ڇڏي. ليڪن وري مون کي شرم آيو ته اهو مقام سفارش جو صاحب شريعت عليه الصلواة والسلام جن جو آهي ان ۾ دخل ڏيڻ خلاف ادب آهي. اهو ٻڌي قشيري رحه چيو ته ان جي بلند هستيءَ جي سبب بايزيد شرف جي اوج تي پرواز ڪري ٿو. پاڻ فرمائن ٿا ته مان پنهنجي عمر ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ اهڙي نماز پڙهان جيڪا الله تبارڪ وتعاليٰ جي درگاه ۾ شايان هجي مگر افسوس آهي جو نٿو پڙهي سگهان. پاڻ هڪ رات ۾ عشا کان صبح تائين چار رڪعتون نماز پڙهندا هئا. جڏهن فارغ ٿيندا هئا ته چوندا هئا ته ان کان به بهتر نماز پڙهڻ گهرجي. پوءِ مجبور ٿي چوندا هئا ته خداوندا! مان ڪوشش ڪئي مگر ڪامياب ٿي نه سگهيس. هڪ دفعي صبح جي وقت هڪ شخص اهو ڏسڻ گهريو ته ڏسان ته بايزيد ڇا ٿو ڪري. هن ڏٺو ته بايزيد هڪ دفعو "الله" چئي ڪري پيو جنهن ڪري خون جاري ٿي وين. ماڻهن پڇيو ته اها ڪهڙي حالت هئي؟ فرمايائون ته آواز آيو ته ڪير آهين جو اسان جون ڳالهيون پيو ڪرين؟ هڪ رات عشا جي نماز کان پوءِ صبح تائين پيرن جي آڱرين جي سهاري بيٺا رهيا ۽ اکين مان خون وهندو رهين خادم اهو حال ڏسي رهيو هو ۽ ڏاڍو حيران ٿي ويو. صبح جو ڪائنس دريافت ڪيائين ته اها ڪهڙي حالت هئي جنهن مان مون خاڪسار کي به ڪجهه حصو عطا فرمايو. پاڻ فرمايائون ته پهريون قدم جيڪو مان کنيو سو عرش عظيم تي پهتو. ليڪن ان کي بکئي بگهڙ جيان خالي پيٽ ڏٺم. پوءِ مان چيو ته اي عرش! تنهنجو پتو ته "الرحمان علي العرش استويٰ" آهي مون کي ڏيکار ته تو وٽ ڇا آهي؟ عرش چيو ته اسان به تنهنجي دل جو نشان ڏيون ٿا. "ان عندالمنڪسرة قلوب هم" ۽ زمين وارا آسمان وارن کان، پوڙها جوانن کان ۽ جوان پوڙهن کان دريافت ڪندا آهن. زاهد خراباتيءَ کان ۽ خراباتي زاهدن کان پڇندو آهي.

وري فرمايائون ته جڏهن مقام قرب تي پهتس ته حڪم ٿيو ته گهر جيڪي گهرڻو اٿيئي. مان چيو ته منهنجي ڪا به خواهش ڪانهي سواءِ ان جي ته توکي حاصل ڪريان. جواب مليو ته جيستائين بايزيد جو وجود ذري جيترو به درميان ۾ آهي ته اها خواهش پوري ٿي نه سگهندي. پنهنجي نفس کي ڇڏي اچ. مان عرض ڪيو ته بغير ڪجهه چوڻ جي نه ويندس فرمايو ويو ته ڇه ڇا ٿو گهرين؟ مان عرض ڪيو ته تمام خلقت تي رحم ڪر. حڪم ٿيو ته غور سان ڏس. جڏهن مان غور سان ڏٺو ته ڪنهن به مخلوق کي بغير شفيع جي نه پاتم ۽ الله تبارڪ وتعاليٰ کي پاڻ کان زياده انهن تي مهربان ڏٺم. نيٺ مان خاموش ٿي ويس ان کان پوءِ مان چيو ته ابليس تي به رحم ڪر. فرمايو ويو ته تون گستاخي ڪرين ٿو خاموش ره. هو باه مان آهي باه لاءِ باه جي درڪار آهي. تون هن ڳالهه جي ڪوشش نه ڪر ته پنهنجو پاڻ کي باه جي قابل بڻائڻ ڏانهن توجهه ڏيئن. ڇاڪاڻ ته ان جي (باه جي) طاقت تون هرگز نٿو رکي سگهين. فرمائن ٿا ته الله تبارڪ وتعاليٰ مون کي ٻن هزار جاين تي پنهنجي سامهون حاضر ڪيو ۽ هر مقام تي هڪ مملڪت مون کي پيش ڪئي ليڪن مان قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو. آخرڪار پڇيو ويو ته تون ڪهڙي خواهش رکين ٿو؟ مان چيو ته منهنجي ڪا به خواهش ڪانهي. ماڻهو بيان ڪندا آهن ته جڏهن به ڪو شخص حضرت جن جي خدمت ۾ اچي دعا جو سائل ٿيندو هو ته پاڻ چوندا هئا ته الاهي! تون ان جو خالق آهين ۽ هي تنهنجي مخلوق آهي مونکي ڪهڙي طاقت آهي جو تنهنجي ۽ تنهنجي خلقت جي وچ ۾ واسطو بڻجان. هو پنهنجي اسرار کان واقف آهي مان ڪيس چئي، فضول ڳالهه ڇو ڪريان. هڪ شخص خدمت ۾ التماس ڪئي ته مون کي اهڙي ڪا ڳالهه چئو جيڪا منهنجي مخلصيءَ جو سبب بڻجي. پاڻ فرمايائون ته ان ڳالهه کي چڱيءَ طرح دل ۾ رکي ڇڏ ته الله تعاليٰ تنهنجي هر قول ۽ فعل کي ڄاڻي ٿو ۽ تنهنجي عمل کان بي نياز آهي. هڪ دفعي پاڻ ڪيڏانهن وڃي رهيا هئا سندن بغل ۾ هڪ پوستين هئي. هڪ شخص پنيانئس پئي آيو جنهن چيس ته اي شيخ! انهيءَ پوستين مان هڪ ٽڪر مون کي به عنايت فرمايو جيئن اوهان جون برڪتون مون کي به پهچن. پاڻ فرمايائون ته جيڪڏهن تون بايزيد جي پوستين پائيندين ته توکي ڪو فائدو نه ٿيندو جيستائين تون بايزيد جهڙو ڪم نه ڪندين.

هڪ دفعي ڪنهن شخص کان بي سري آواز ۾ هي چوندي ٻڌائون "خداوندا منهنجي طرف نگاه ڪر" پاڻ اهو ٻڌي نهايت ئي جوش ۽ غيرت وچان چيائون ڇا تنهنجو منهن (آواز) سٺو آهي جو هو تنهنجي طرف ڏسي؟ ان شخص چيو اي شيخ! ان ڪري ته چوان ٿو ته هو منهنجي طرف ڏسي ته جيئن منهنجو آواز عمدو ٿي وڃي. اها ڳالهه حضرت جن کي بيحد پسند

آئي ۽ چيائين تہ تون بلڪل سچ چوين ٿو. فرمائڻ ٿا تہ مان ستر * زنار (جڻيان) پنهنجي عمر ۾ کوليم پر باقي هڪ رهجي ويو. ڪيتري بہ ڪوشش ڪان پوءِ اهو زنار نہ ٽٽو. آخر بارگاهِ الاهيءَ ۾ زاري ڪئي تہ مون کي قوت ڏي تہ ان کي بہ ٽوڙي ڇڏيان. آواز آيو تہ ان کي ٽوڙڻ تنهنجو ڪم نہ آهي. فرمائڻ ٿا تہ مان سيني هٿن سان الله کي ڳوليو، مگر جيستائين ٻلا جي هٿن سان نہ ڳوليو تيستائين نہ مليو ۽ تمام قدمن سان ان جي راه ۾ ويس مگر جيستائين دل جي قدمن سان نہ ويس تيستائين منزل تي نہ پهچي سگهيس. فرمائڻ ٿا تہ هڪ دفعي مان بارگاهِ ۾ مناجات ڪئي ۽ چيو تہ ڪهڙي طرح تنهنجي رسائي حاصل ڪريان. آواز ٻڌم تہ اي بايزيد! پهريائين پاڻ کي ٽي طلاقون ڏي، پوءِ اسان جو نالو وٺ. سندن وڏيڪ فرمان هيٺينءَ ريت آهن

جيڪڏهن الله تبارڪ وتعاليٰ بهشت جا آٺئي دروازا منهنجي جهوپڙيءَ تي کولي ڇڏي ۽ ٻنهي جهانن جي ولايت مون کي جاگير طور ملي وڃي تہ بہ مان انهيءَ هڪ آه کي جيڪا صبح جي وقت الله جي شوق ۾ نڪرندي آهي ان جي بدلي نہ ڏيان. بلڪ هڪ دم کي بہ جيڪو درد ڪان ڪڻندو آهيان ساري ڪائنات جي عيوض ۾ نہ ڏيان. جيڪڏهن محشر جي روز الله تعاليٰ پنهنجو ديدار نہ ڏيکاريو تہ مان ايتري قدر زاري ڪندس جو اهل دوزخ کي پنهنجو عذاب وسري ويندو. اسان کان اڳ وارا ماڻهو ڪنهن نہ ڪنهن چيز جي طرف مائل ٿيا آهن. ليڪن اسان ڪنهن بہ طرف مائل ڪونہ ٿيا آهيون. اسان هڪ دفعي ئي پنهنجو پاڻ کي ان جي ذات تي نثار ڪري ڇڏيو آهي ۽ اسان پنهنجو پاڻ کي پنهنجي لاءِ نٿا گهرون..جيڪڏهن اسان جي صفت جو هڪ ذرو بہ جهنگل ۾ وڃو وڃي تہ ست ئي آسمان ۽ زمينون هيٺ مٿي ٿي وڃن. چاليهن سالن تائين دنيا جي طرف متوجہ ٿي دنيا وارن کي الله تعاليٰ جي دعوت ڏيندو رهيس، پر هڪ شخص بہ نہ آيو ۽ جڏهن مان ماڻهن کان منهن ڦيري حق تعاليٰ جي طرف متوجہ ٿيس تہ اهل دنيا کي پاڻ کان اڳ اتي موجود ڏٺم. مطلب تہ خلقت جي حق ۾ پنهنجي عنايت جي مقابلي ۾ الله تعاليٰ جي عنايت کي زياده ڏٺم. جنهن ڳالهہ جو مان خواهش مند هوس. الله تعاليٰ منهنجي التجا کان اڳ ئي ان کي خود بخود ڏيئي ڇڏيو. الله تعاليٰ ليهن سالن تائين منهنجو آئينو بڻيو رهيو. ليڪن هاڻي مان خود پنهنجو آئينو آهيان. مطلب اهو تہ جو ڪجهہ مان اڳ هوس هاڻي اهو نہ رهيو آهيان "مان" ۽ "حق" شرڪ آهي. جڏهن مان نہ رهيس، تڏهن الله تعاليٰ آئينو آهي ۽ اهو ئي مان چوان ٿو تہ مان پنهنجو آئينو پاڻ بڻجي ويس. جا ڳالهہ مان چوان ٿو دراصل اهي پاڻ آهن. مان وچ ۾ نہ آهيان. جڏهن مان بارگاهِ عزت ۾

* اهو ڌاڳو جيڪو هندو ڪچہ ڪان لنگهائي ڳچيءَ ۾ وجهندا آهن ـ جڻيو.

پهتس تہ ڪابہ رڪاوٽ درپيش ڪانہ آئي. ڇاڪاڻ تہ، اهل دنيا، دنيا ۾ مشغول اهل آخرت وارا آخرت ۾، اهل دعوي پنهنجي دعوي ۾، اهل تصوف ۽ اهل طريقت وارا ڪاڏي پيتي ۾، ۽ ڪجهہ ناچ ڳائڻ ۾ مشغول هئا. اهي راه کي طئہ ڪري چڪا هئا اهي قوم جا اڳواڻ هئا ۽ حيرت جي درياه ۾ غرق ٿي چڪا هئا. مدت تائين خانہ ڪعبي جو طواف ڪندو رهيس. ليڪن جڏهن خدا تائين پهچي ويس تہ پوءِ وري خانو ڪعبو منهنجو طواف ڪرڻ لڳو. هڪ رات مان پنهنجي دل کي طلب ڪندو رهيس مگر حاصل نہ ٿي. صبح جو ندا آئي تہ اي بايزيد! اسان کان اسان جي سواءِ ٻي چيز ڇو ٿو طلب ڪرين. دل سان تنهنجو ڪهڙو واسطو! اهو مرد نامي جو ڪنهن شيءِ جي پٺيان هلي. بلڪ اهو شخص مرد آهي جو جتي بہ هجي پيون شيون ان جي پٺيان هجن. خداوند ڪريم مون کي اهڙو رتبو ڏنو آهي، جو سڄي جي ساري ڪائنات کي پنهنجي ٻن آڱرين ۾ ڏسان ٿو. جڏهن مريد کي اطاعت جو مزو ڏنو وڃي ٿو تہ هو ڏاڍو خوش ٿيندو آهي. ليڪن اها ئي خوشي هن لاءِ حجاب بڻجي ويندي آهي. عارف جو گهٽ ۾ گهٽ درجو اهو آهي تہ هن ۾ الله جي صفات ڏني ويندي آهي. مون کي خلقت جي گناهن جي عيوض ۾ باه ۾ وڌو وڃي ۽ مان صبر ڪريان، پوءِ بہ انهيءَ سبب کان تہ مون کي ان (الله) جي محبت جي دعوي آهي، تہ مان چوندس تہ مان ڪجهہ ڪم نہ ڪيو آهي. جيڪڏهن منهنجا ۽ ساريءَ خلقت جا گناه بخشيا وڃن تہ ان جي رحمت جي مقابلي ۾ بلڪل معمولي آهي. گناه کان هڪ دفعو توبهہ ڪئي ويندي آهي. ليڪن معرفت کان هزار دفعا توبهہ ڪبي آهي. مطلب تہ اطاعت ۾ خود پسندي گناه کان زياده بد تر آهي. عرف جو ڪمال درجو اهو آهي جو هو محبت ۾ جلندو هجي. ابتدا ۾ مان دنيا کي دشمن سمجهيو ۽ خداوند ڪريم جي حضور ۾ ويس يعني مخلوق کي ترڪ ڪري خالق کي اختيار ڪيو. پوءِ جڏهن الله تعاليٰ جي محبت مون تي غلبو ڪيو تڏهن ملان پنهنجو پاڻ کي بہ دشمن سمجهڻ لڳس. جڏهن درميان ۾ آيل رڪاوٽن کي ختم ڪري ڇڏيو تڏهن خدا تعاليٰ جي مهربانيءَ سان بقا جي محبت حاصل ٿي. الله تعاليٰ جا ڪي اهڙا بہ بندا آهن ۽ جيڪڏهن انهن اڳيان بهشت پيش ڪيو وڃي تہ اهي اينتري قدر فرياد ڪندا، جيتري فرياد دوزخي ماڻهو ڪندا. سچو عابد ۽ سچو عامل اهو شخص آهي جيڪو ڪوشش جي تلوار سان پنهنجي سيني مرادن کي قتل ڪري ڇڏي ۽ محض انهيءَ ڳالهہ جي خواهش ڪري جنهن جو حق تعاليٰ شاهد هجي. الله تعاليٰ جي محبت جو هڪ ذرو بهشت جي هزار محلاتن کان هزار دفعا بهتر آهي. ماڻهن ڪانئس پڇيو تہ ڇا الله تعاليٰ ٻانهن کي پنهنجي رضامنديءَ سان بهشت ۾ نٿو موڪلي: فرمايائون تہ هائو. پر جڏهن ڪنهن کي پنهنجي رضا ڏي تہ اهو بهشت کي وٺي ڇا ڪندو! ان جي رضا جي مقابلي ۾ بهشت بي معنيٰ آهي.

گناه توهان کي ايترو نقصان نٿو پهچائي سگهي، جيترو نقصان هڪ مسلمان ڀاءُ کي بي عزت ڪرڻ سان پهچي ٿو. دنيا، اهل دنيا جي لاءِ سراسر غرور آهي. مگر آخرت، اهل آخرت جي لاءِ سراسر سرور آهي. الله تعاليٰ جي دوستي اهل معرفت جي لاءِ سراسر نور آهي. حق تعاليٰ جي معرفت جي نشاني هيءَ آهي ته عارف دنيا کان نفرت ڪندو آهي ۽ ان جي معرفت ۾ خاموش ٿي ويندو آهي. جيڪو شخص حق ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي، اهو ٻنهي جهانن کان بي نياز ٿي ويندو آهي. قيامت جي ڏينهن جڏهن بهشتي ماڻهن کي زيارت الاهيءَ جي لاءِ وٺي ويندا ته ٻهريائين مختلف صورتون ان کي پيش ڪيون وينديون. جيڪڏهن انهن مان ڪنهن ڪابه صورت اختيار ڪري ورتي ته ان کي ديدار الاهي نه ڏيکاريو ويندو. علم ۽ اخبار جو حاصل ڪرڻ ان شخص لاءِ سود مند آهي جيڪو علوم کان معلوم ۽ خبر ڪان مخبر (خبر ڏيندڙ) تائين پهچي وڃي. باقي اهو شخص جيڪو فخر ۽ عزت، بلندي ۽ مرتبي لاءِ حاصل ڪري؛ اهو هر روز جيئن جيئن علم پڙهندو آهي خدا کان پري ۽ جدا ٿي ويندو آهي. دنيا ڇا چيز آهي جنهن کي ترڪ ڪرڻ وڏي ڳالهه سمجهي وڃي ٿي. اها ڳالهه ناممڪن آهي ته خدا شناس ٿي ڪري خدا کي ڪوئي شخص دوست نه رکي. يعني بغير محبت جي معرفت جو ڪجهه قدر ڪونهي ڇا! توهان ڏٺو نه آهي ته هڪ ندي ڪيڏي نه شور ۽ غل سان وهندي ايندي آهي، پر جڏهن هڪ وڏي درياهه ۽ سمنڊ سان وڃي ملندي آهي ته ڪيئن نه چپ ٿي ويندي آهي. ندي جي شامل ٿيڻ يا نه ٿيڻ ۾ درياءَ يا سمنڊ ۾ ڪنهن به قسم جي ڪمي پيشي ڪانه ٿيندي آهي. جيڪو شخص الله تعاليٰ جو عارف آهي اهو ڪنهن ٻي جي ذڪر لاءِ زبان نٿو کولي سگهي. عارف جو ادنيٰ درجو اهو آهي ته الله تعاليٰ کان سواءِ باقي سڀني شين کان بيزار ٿي وڃي. جيڪڏهن ان جي دوستيءَ ۾ ڪائنات کي به ترڪ ڪري ڇڏي ته به ڪجهه نه آهي. الله تعاليٰ جي طرف کان عارف جو ثواب خود الله تعاليٰ جي ذات آهي. اي بندا! اهڙي ڪوشش ڪريو جو توهان کي سواءِ حق جي ڪجهه به ڏيکاري نه ڏي ۽ حق سان گڏ توهان جي ساري عمر بسر ٿي وڃي. الله تعاليٰ جنهن کي پنهنجو دوست بنائيندو آهي ان کي ٽي خصلتون عطا فرمائيندو آهي: ٻهريون درياءَ جهڙي سخاوت ٻيو زمين جهڙي عاجزي ۽ آفتاب جهڙي روشني. حاجي ماڻهو خاني ڪعبي جي چوڌاري بدني طواف ڪندي بقا الاهيءَ جا طالبو هوندا آهن. ليڪن اهل محبت عرش الاهيءَ جي چوگرد طواف ڪندا آهن ۽ ان جي بقا جا طالبو هوندا آهن. علمن ۾ هڪ اهڙو به علم آهي جو عالم ماڻهن کي معلوم نه آهي ۽ اهڙيءَ طرح زهد ۾ هڪ اهڙو به زهد آهي جو زاهد ماڻهو ڄاڻي نه سگهندا آهن. الله تعاليٰ جنهن کي برگزيده ڪندو آهي ته ان لاءِ هڪ فرعون مقرر ڪندو آهي ته جيئن اهو ان برگزيده هستيءَ

ڪي تڪليف پهچائي. نيڪ ڪم ڪرڻ ڪان وڌيڪ نيڪ ماڻهن جي صحبت چڱي آهي. اهڙيءَ طرح برن ماڻهن جي صحبت، بري ڪم ڪرڻ ڪان وڌيڪ بري آهي. جنهن شخص الله تعاليٰ کي سڃاتي ورتو ان کي سوال ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي. جيڪو شخص الله تعاليٰ کي ڪونہ ٿو سڃاتي ان لاءِ دوزخ جو عذاب آهي ۽ خدا شناس ماڻهو خود دوزخ لاءِ عذاب آهن. عارف وصال الاهيءَ ڪان سواءِ ڪنهن بہ ڳالهہ ڪان خوش ڪونہ ٿيندو آهي. جيڪو شخص پنهنجي نفس کي برو نٿو ڄاڻي، اهو ڪنهن ڪم جو نہ آهي. بک هڪ اهڙو بادل آهي، جنهن مان رحمت جي بارش ڪان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ وسندو آهي. الله تعاليٰ جي تمام نزديڪ اهــا مخلوق آهي جا خوش خلق ۽ ٻين جو بار کڻڻ واري آهي. خلقت جي هلاڪت جا ٻہ سبب آهن: هڪ تہ مخلوق کي بي عزت ڪرڻ، ٻيو خالق ڪان بي شڪر رهڻ. ماڻهن ڪانئن پڇيو تہ فرض ڇا آهي ۽ سنت ڇا آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ الله تبارڪ وتعاليٰ جي صحبت فرض آهي، ۽ دنيا کي ترڪ ڪرڻ سنت آهي.

نقل آهي تہ هڪ دفعي هڪ مريد سفر جو سامان ٻڌو ۽ روانگيءَ جي وقت حضرت جن ڪان وصيت طلب ڪئي. پاڻ فرمايائون تہ ٽن خصلتن جو خيال رکج. جيڪڏهن توکي ڪنهن بد اخلاق سان واسطو پوي تہ ان جي بد خلقيءَ کي پنهنجي خوش خلقيءَ ۾ تبديل ڪري ڇڏجانءِ. ٻيو هي تہ جيڪڏهن ڪو توتي احسان ڪري تہ پهريائين خدا جو شڪر ادا ڪجانءِ ۽ پوءِ احسان ڪندڙ جو. ڇاڪاڻ تہ الله تعاليٰ ئي تہ هن جي دل کي تنهنجي لاءِ مهربان ڪيو ٽيون جيڪڏهن توکي ڪا مصيبت پيش اچي تہ فوراً عاجزيءَ جو اقرار ڪجانءِ ۽ فرياد ڪجانءِ تہ مان ان مصيبت کي برداشت ڪري نٿو سگهان.

زهد جي باري ۾ ڪانئن سوال پڇيو ويو تہ فرمايائون تہ زهد جي ڪابہ قيمت ڪانهي. ڇاڪاڻ تہ مان صرف ٽي ڏينهن زاهد رهيس. پهرين ڏينهن دنيا ۾ ٻئي ڏينهن آخرت ۾ ۽ ٽيون حق تعاليٰ ۾. ان وقت فرشتي آواز ڏنو ۽ چيائين تہ اي بايزيد! تون اسان جهڙي طاقت ڪونہ ٿو رکين. مان چيو تہ منهنجي مراد بہ اها ئي آهي. وري آواز آيو تہ تو حاصل ڪيو تو حاصل ڪيو. ڪانئن سوال ڪيو ويو تہ بندو پنهنجي ڪمال کي ڪڏهن پهچي ٿو؟ پاڻ فرمايائون تہ جڏهن هو پنهنجي عيبن کي سڃاڻي وٺي ۽ مخلوق ۾ ڪنهن بہ قسم جي طمع نہ رکي. جيتري قدر پنهنجي نفس ڪان پري رهندو اوتري قدر الله تعاليٰ جي نزديڪ ٿيندو. سوال پڇيو ويو تہ ڪهڙيءَ طرح حقّ تعاليٰ تائين پهچي سگهجي ٿو؟ فرمايائون تہ ٻوڙي ۽ انڌي ٻڌڻ سان. ڪانئن پڇيو ويو تہ اوهان جون ڳالهيون ٻين بزرگن جي ڳالهين ڪان اعليٰ آهن، ان جو سبب ڇا آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ اهي صفا (دوستي) جي معاملي جي متعلق ڳالهيون ڪندا آهن. ليڪن مان

صفا ۽ محبت جون ڳالهيون بيان ڪندو آهيان. اهي صرف ”تون“ ۽ ”مان“ ڪندا آهن. ليڪن مان ”تون ۽ تون“ چوندو آهيان. ڪنهن عرض ڪيو ته ڪا وصيت ڪريو. پاڻ فرمايائون ته آسمان جي طرف ڏس. جڏهن ان مٿي نظر ڪئي ته پڇيائونس ته تون ڇا ٿو سمجهين ته آسمان کي ڪنهن پيدا ڪيو؟ ان شخص عرض ڪيو ته هائو ڄاڻان ٿو. پاڻ فرمايائون ته جنهن آسمان کي پيدا ڪيو آهي، اهو تنهنجي هر حال کان واقف آهي. بس ان کان ئي ڏڄندو رهج. ڪنهن پڇيو ويو ته عارف جي ڪهڙي نشاني آهي؟ پاڻ فرمايائون ته جيڪو توسان گڏ کاڌو کائي، ليڪن تو کان پري رهي ۽ توکان ئي خريد ڪري ۽ تو وٽ ئي فروخت ڪري. عارف اهو شخص آهي، جيڪو الله تعاليٰ کان سواءِ خواب بيداريءَ ۾ پيو ڪجهه به نه ڏسي، ۽ ڪنهن سان ڪنهن به قسم جو ميل جول نه رکي ان کان سواءِ پنهنجو راز ڪنهن سان به بيان نه ڪري. ڇاڪاڻ ته جيڪو الله تعاليٰ کي سڃاڻي وڃي ٿو ان جي زبان گونگي ٿي ويندي آهي. ”من عرف ربه فقد کل لسانه“ سوال ڪيو ويو ته درويش ڪنهن کي چوندا آهن؟ پاڻ فرمايائون ته جيڪو شخص دل جي هڪ ٽي ۾ پنهنجا پير ڪنهن خزاني سان لڳائي ٿو. انکي آخرت جي رسوائي ڇنجي ٿو. ان خزاني ۾ هڪ موتي آهي جنهن کي محبت چوندا آهن. جنهن کي اهو موتي ملي ويو اهو درويش آهي. وري ڪنهن پڇيو ويو ته انسان ڪهڙي وقت خدا رسيده ٿئي ٿو؟ فرمايائون ته ڪڏهن نٿو ٿي سگهي. ڪنهن پڇيو ويو ته اوهان کي رتبو ڪهڙي سبب ڪري مليو؟ پاڻ فرمايائون ته دنيا جي ساري اسباب کي قناعت جي زنجيرن ۾ جڪڙي صدق سان گڏ نا اميديءَ جي درياءَ ۾ ڦٽي ڪرڻ سان حاصل ٿيو. ماڻهن پڇيو ته اوهان بک جي ايتري قدر تعريف ڇو ڪندا آهيو؟ فرمايائون ته جيڪڏهن فرعون بکيو هجي ها ته ”آنا ربکم الا علي“ چئي ها. تڪبر ڪندڙ کي معرفت الاهي ڪڏهن ميسر نه ٿيندي آهي. سوال ڪيو ويو ته متڪبر ڪير آهي؟ فرمايائون ته جنهن کي ساري ڪائنات ۾ پنهنجو نفس زياده سٺو نظر اچي. وري ڪنهن پڇيو ويو ته اوهان پاڻيءَ تي به هلندا آهيو؟ فرمايائون ته هڪ ڪاٺيءَ جو ٽڪر به پاڻيءَ تي ترندو آهي. وري پڇيو ويو ته اوهان هوا ۾ به اڏامندا آهيو؟ پاڻ فرمايائون ته پکي به ته هوا ۾ اڏامندا آهن. ڪنهن پڇيو ويو ته اوهان هڪ رات ۾ ڪعبي ۽ مڪي ۾ پهچي وڃو ٿا؟ فرمايائون ته هڪ جادوگر به ڪٿان جو ڪٿي پهچي وڃي ٿو. پڇيو ويو ته آخر مردن جو ڪهڙو ڪم آهي؟ فرمايائون ته الله تعاليٰ کان سواءِ ڪنهن سان دل نه لڳائڻ. پڇيو ويو ته مجاهدو ۾ اوهان جي ڪهڙي حالت رهي ٿي؟ فرمايائون ته سورهن سالن تائين مجاهدو ڪندو رهيس، ۽ انهيءَ مدت ۾ مان پنهنجو پاڻ کي حيض واريءَ عورت جي طرح سمجهندو هوس. مان خيال ڪندو هوس ته مان الله تعاليٰ سان محبت ڪريان ٿو. ليڪن جڏهن غور سان ڏٺم،

تڏهن معلوم ٿيو تہ هن پهريائين مون سان محبت ڪئي آهي. هر شخص عمل جي درياءَ ۾ غرق ٿيندو آهي يعني رياضت جو خيال ڪندو آهي. ليڪن مان مراد جي سمنڊ ۾ غرق ٿيس يعني عنايت الاهيءَ جو اميدوار ٿيس. مان خواب ۾ ڏٺو تہ الله تعاليٰ مون ڪان پڇي رهيو هو تہ اي بايزيد! تون ڇا گهرڻ چاهين ٿو؟ مان عرض ڪيو تہ خداوندا! جو ڪجهہ تون چاهين ٿو. حق تعاليٰ فرمايو جهڙيءَ طرح تون منهنجو آهين مان بہ اهڙيءَ طرح تنهنجو آهيان. الله تعاليٰ کي مان خواب ۾ ڏسي عرض ڪيو تہ تنهنجي راه ڪوڙي آهي؟ حق تعاليٰ فرمايو تہ پنهنجو پاڻ کي ڇڏي مون تائين پهچي وڃ.

نقل آهي تہ ڪنهن شخص ڪانئن عرش جي متعلق سوال ڪيو پاڻ فرمايائون تہ اهو مان آهيان" وري پڇيو ويو تہ ڪرسي ڇا آهي؟ فرمايائون تہ "مان آهيان" وري پڇيو ويو تہ لوح ڇا آهي؟ فرمايائون تہ "مان آهيان" وري پڇيو ويو تہ قلم ڇا آهي؟ فرمايائون تہ "مان آهيان" وري پڇيو ويو تہ چوندا آهن تہ حضرت ابراهيم، حضرت موسيٰ ۽ حضرت محمد عليهم الصلواة والسلام الله تعاليٰ جا بندا آهن. فرمايائون تہ "مان آهيان" ماڻهن عرض ڪيو تہ ڇا الله تعاليٰ جا بندا حضرت جبرئيل، حضرت اسرافيل ۽ حضرت ميڪئيل جهڙا آهن؟ فرمايائون تہ "مان آهيان" اهو ٻڌي جڏهن اهو شخص خاموش ٿي ويو، تڏهن پاڻ فرمايائون تہ جو شخص حق تعاليٰ ۾ محو ٿي وڃي ٿو اهو حق ٻڻجي وڃي ٿو. جو ڪجهہ حق آهي پوءِ اهڙيءَ صورت ۾ اهو سڀ ڪجهہ هجي تہ ڪابہ تعجب جي ڳالهہ ڪانهي.

★ شيخ بايزيد بسطامي رحہ جو معراج ★

فرمائن ٿا تہ جڏهن الله تبارڪ وتعاليٰ مون کي تمام موجودات ڪان علحده ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي نور سان منور ڪري، پنهنجي عجائب ۽ اسرار جي قريب رکي پنهنجي عظمت ۽ هيبت مون تي ظاهر فرمائي، تڏهن مان يقين جي اکين سان حق تعاليٰ کي ڏٺو. حق کي پنهنجي طرف ڏسي ڪري پنهنجي صفات تي نظر ڪئي تہ معلوم ٿيو تہ نور الاهيءَ جي مقابلي ۾ سراسر اونداهي. منهنجي عظمت ان جي عظمت جي مقابلي ۾ سراسر حقارت ۽ عزت جي مقابلي ۾ منهنجي عزت بلڪل نابود هئي. اتي هر طرف صفائي ئي صفائي هئي ۽ مون کي ڪدورت ئي ڪدورت. وري نگاه ڪئي تہ پنهنجي نور کي ان جو نور ڏٺم. ان جي عزت ۽ عظمت ۾ پنهنجي عزت ۽ عظمت ڏٺي. پوءِ معلوم ٿيو تہ جو مان ڪريان ٿو اهو سڀ ڪجهہ ان جي قدرت سان ئي ڪريان ٿو. جڏهن ان جو نور منهنجي دل ۾ چمڪيو تڏهن حقيقت ۽

انصاف جي نظر سان ڏسڻ تي معلوم ٿيو تہ ساري عبادت حق جي طرف کان ٿي هئي، ۽ نہ منهنجي طرف کان. منهنجو خيال هو تہ مان ان جي عبادت ڪريان ٿو ليڪن معاملو ان جي برعڪس نڪتو. مان عرض ڪيو تہ خداوندا! هي ڇا معاملو آهي؟ جواب مليو تہ سڀ ڪجهہ مان ٿي آهيان. جيتوڻيڪ افعال توکان سرزد ٿين ٿا ليڪن انهن جي ڪرڻ جي توفيق تہ مان ٿي ڏيان ٿو. پوءِ جڏهن مان حق تعاليٰ جي طرف نگاهہ ڪئي تہ حق تعاليٰ کي حقيقت ۾ ڏسي ڪري اتي قيام ڪيو ۽ ڪوشش جا ڪن بند ڪري ڇڏيا. زبان کي نامراديءَ جي منهن ۾ قيد ڪري، علم کي ترڪ ڪري ڇڏيو ۽ نفس اماره جي زحمت کي تڙي ڪڍيو؛ تڏهن مان حق تعاليٰ جي موجودات کي حق سان ڏٺم. جڏهن لطف واريءَ زبان سان ان جي مناجات ڪئي ۽ علم حاصل ٿيو تہ ان جي نور سان ان کي ڏٺو. ان مون کي فرمايو تہ اي بايزيد! تون بغير سبب جي سڀ سان گڏ آهين. مان عرض ڪيو تہ خداوندا! مان انهيءَ تي مغرور نہ آهيان، ۽ پنهنجي هستيءَ تي توکان بي پرواهہ ٿي نٿو سگهان. هان تون بغير منهنجي، منهنجو ٿي وڃ. اهو منهنجي واسطي بنسبت انهيءَ جي تہ مان توکان بغير پنهنجو ٿي وڃان وڌيڪ بهتر آهي. ڇاڪاڻ تہ مان تنهنجي ذريعي سان ڳالهيون ڪريان ٿو. ان ڪري اهو دستور آهي تہ تنهنجي بغير، نفس سان گڏ تنهنجي پاڙي ۾ اچان. فرمايو ويو تہ بايزيد! هاڻي شريعت جو خيال رک ۽ ۽ حد کان ٻاهر وڃڻ جي ڪوشش نہ ڪر. جڏهن مون کي صفائي حاصل ٿي ويئي، تڏهن منهنجي دل خدا جي رضا جي آواز کي ٻڌو ۽ هو مون کان خوش ٿيو. پنهنجي نور سان مونکي منور ڪيائين ۽ نفس جي ظلمت ۽ انسانيت جي ڪدورت کي نظر انداز ڪري ڇڏيائين. فرمايو ويو تہ گهر جيڪي گهرڻو اٿيئي. مان عرض ڪيو تہ مان توکي چاهيان ٿو. جو فضل کان افضل تر آهي ۽ ڪريم کان بزرگ تر آهي توتي ئي قناعت ڪريان ٿو. جڏهن تون منهنجو آهين تہ مان فضل ۽ ڪرم جي ڪتاب کي ويڙهي ڇڏيان ٿو. توکان سواءِ ڪابہ چيز منهنجي اڳيان نہ اچي. ٿوري وقت تائين مون کي انهيءَ عرض جو جواب ڪونہ مليو. پوءِ ڪرامت جو تاج منهنجي سر تي رکي فرمايو ويو تہ تون سچو ۽ سچ جو ڳولائو آهين. تو حق ڏسي ورتو ۽ ٻڌي ورتو. جڏهن انهيءَ ڪمزوريءَ کي ڏٺو ۽ نياز مندي کي سڃاتو، تڏهن پنهنجي قوت سان مونکي طاقتور بنائي ڇڏيو. پنهنجي زينت سان سينگاري ڇڏيو، ۽ تاج ڪرامت جو منهنجي سر تي. رکي توحيد جا دروازا منهنجي لاءِ کولي ڇڏيا. ٻيائي نڪري ويئي هڪ جهڙائي ظاهر ٿي ويئي. ان کان پوءِ مون کي غيرت جي ڪوري ۾ لڳايو ويو، ۽ دوباره زنده ڪيو ويو. جڏهن امتحان جي ڪوري سان نڪتس تہ زياده خالص بڻجي نڪتس. پوءِ فرمايو ويو ”لمن الملک“ يعني ڪنهن جي بادشاهي آهي، مون عرض ڪيو تہ تنهنجي! وري فرمايو ويو تہ حڪم ڪنهن جو

آهي مون عرض ڪيو ته تنهنجو. ان کان پوءِ حڪم ٿيو تہ منهنجي خلقت وٽ وڃ. مان اجا هڪ قدم ٻاهر رکيو ٿي مس هو تہ ٻئي قدم تي ڪري پيس. ان وقت آواز ٻڌو ته منهنجي دوست کي واپس وٺي اچو. چاڪاڻ تہ هو منهنجي بي ادبي نٿو ڪري سگهي ۽ مون کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي راهه نٿو سڃاڻي. جڏهن مان وحدانيت تائين پهتس تہ اها پهرين ٿي گهڙي هئي جڏهن مان توحيد کي ڏٺو ته ڪيترن سالن تائين ادب جي قدم سان ان واديءَ ۾ هلندو رهيس. پوءِ هڪ اهڙو پکي بڻجي ويس جنهن جون اکيون هيڪڙائيءَ واريون هيون. جڏهن مان مخلوق کان غائب ٿيس تہ ڏهن خالق تائين پهچي ويس. ان کان پوءِ ربوبيت جي واديءَ مان سر ڪڍيو، ۽ هڪ پيالو پيتو. جنهن جي پيئڻ ڪري پڄاڙيءَ تائين ذڪر جي پياس نہ اُجهامي. ان کان بعد وحدانيت جي ميدان ۾ لٿس. ٽيهن هزار سالن تائين اتي اڏامندو رهيس. پوءِ ٽيهن هزارن سالن تائين الوهيت جي ميدان ۾ اڏامندو رهيس ۽ ٽيهہ هزار سال وحدانيت جي ميدان ۾ لٿس نوي هزار سال گذري وڃڻ کان پوءِ مان بايزيد کي ڏٺو. جو مان ئي هيس. ان کان پوءِ چار هزار واديون طئہ ڪيون ۽ اولياءَ جي آخري درجي کي پهتس. غور ڪرڻ تي معلوم ٿيم تہ مان انبياءَ جي درجي ۾ هوس. انبياءَ جي انتهائي درجي جي ڪا حد ڪانهي. منهنجو روح ملڪوت جا سڀئي ملڪ گهميو بهشت ۽ دوزخ ان کي ڏيکاريو ويو. ليڪن ان ڪنهن بہ طرف توجہ نہ ڪيو. مگر منهنجو روح جناب رسالتماب صلي الله عليه وسلم جي جان تائين نہ پهچي سگهيو ليڪن سلام ڪيو. جڏهن منهنجو روح حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن جي جان تائين پهتو، تڏهن ائين پئي محسوس ٿيو تہ ڪيترن باهه جي درياهن ۾ روح جلي رهيو آهي. جيڪڏهن هڪ ئي درياهہ ۾ قدم رکان ها تہ جلي وڃان ها ۽ تباهہ ۽ برباد ٿي وڃان ها. مان خوف ۽ دهشت سبب بيهوش ٿي ويس. مان گهڻو ئي چاهيو تہ جناب محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن جي خيمي جي رسيءَ کي ڏسي سگهان ليڪن مون کي جرئت نٿي ٿي سگهي. حالانڪ مان خداوند تعاليٰ تائين پهچي ويو هوس. جيستائين ڪوئي شخصُ لاالٰه الاالله جي وادي طئہ نہ ڪري وٺندو تيستائين محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم تائين نہ پهچي سگهندو. جيتوڻيڪ اهي ٻئي واديون هڪ ئي آهن. ليڪن حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن خاص جاءِ تي تشريف فرما آهن.

* مناجات حضرت بايزيد بسطامي رحمت الله عليه *

پاڻ عرض ڪيائين ته اي باري تعاليٰ! ڪيتري تائين تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ مان ۽ تون رهندي؟ انهيءَ "مان" کي وچ مان دور ڪري ڇڏ. تان ته منهنجو من توسان ڳنڍجي وڃي ۽ مان ڪجهه نه رهان. يا الاهي! جيستائين مان توسان آهيان تيستائين سڀ کان زياده آهيان. پر جيستائين پاڻ سان آهيان تيستائين سڀ کان گهٽ آهيان. الاهي! مون فقر ۽ فاقه تو تائين پهچايو ۽ تنهنجي لطف ان کي زائل ڪري ڇڏيو. الاهي! تو کي زاهدي درڪار نه آهي ۽ نه عالميءَ جي ضرورت آهي. جيڪڏهن مون کي اهل خير مان ڪرڻ گهرو ٿا ته پنهنجي اسرار جي هڪ شمع ڪامل عطا فرماءِ ۽ پنهنجي دوستن واري درجي تي رساءِ. ان کان پوءِ عرض ڪيائون ته مان توتي ٿي ناز ڪريان ٿو ۽ تنهنجي ئي وسيلي سان تو تائين پهچان ٿو. الاهي! دل جي فطرت تي تنهنجو الهام ڪهڙو نه ڀلو معلوم ٿئي ٿو، ۽ تنهنجا روشن انهام غيب جي طرفان ڪيتري قدر نه ڀلا معلوم ٿين ٿا. اها حالت ڪيتري نه مٿاهين آهي جنهن جو ڪشف خلق کان نٿو ٿي سگهي. جيڪڏهن ٿي به سگهي ٿو ته خلق ان جي وصف زبان سان اظهار نٿي ڪري سگهي. عمر گذري وڃي ٿي پر قصو ختم نٿو ٿئي. اي خالق! تعجب نه آهي ته مان تو کي دوست رکان پر تعجبُ ته هي آهي ته تون مان جهڙي ڪمزور، عاجز ۽ محتاج کي دوست رکين. تون خدا آهين، قادر آهين ۽ مستغني بادشاه آهين. الاهي! مان هاڻي تو کان ڊڪان ٿو ۽ تو کان ايترو خوش به آهيان پوءِ ڀلا خوش ڪيئن نه ٿيان جو مان ايمن آهيان. يا خدا! بايزيد ڪيترا ئي دفعا تنهنجي با عزت جناب جو قرب حاصل ڪيو ۽ جڏهن واپس آيو ته هڪ زنار ٻڌي ڇڏيائين. شگوفه دار پوستين ۽ ٽوپي پهريائين. ان کان بعد عرض ڪيائين ته اي خدا! مان پنهنجي تمام عمر جي رياضت فروخت ڪونه ٿو ڪريان. قرآن شريف جا ختم نٿو ڳڻيان آءٌ تنهنجي قربت جي باري ۾ مناجات وقتيءَ جو به ذڪر ڪونه ٿو ڪريان. تون هن ڳالهه کي ڄاڻين ٿو ته مان عملن جي طرف نظر ڪونه ٿو ڪريان. هي جو ڪجهه عرض ڪريان ٿو اهو اعتماد جي فخر طور نٿو ڪريان. پر انهيءَ لاءِ عرض ڪريان ٿو ته جو ڪجهه مان ڪيو آهي، مون کي ان کان شرم اچي ٿو. اها خلعت به تو ئي مون کي عطا فرمائي آهي. مان پنهنجو پاڻ ئي اهڙي طرح ڏسي رهيو آهيان ته سڀ ڪجهه هيچ آهي. الاهي! مان ئي هڪ ناچيز تر آهيان جنهن ستر سال آتش پرستيءَ ۾ بسر ڪيا ۽ گبر پڻ ۾ وار سفيد ڪيا آهن. مان هاڻي اهو بيان ڪندو اچي رهيو آهيان تن. گري تن گري چوان ٿو ۽ زنار کي ٽوڙيان ٿو.

الله، الله چوڻ سڪان ٿو. اوهان جي لاءِ اسلام جي دائري ۾ قدم رکان ٿو. زبــان کي شهادت جي ڪلمه سان حرڪت ۾ آڻيان ٿــو. تنهنجو ڪم علت جو محتاج نـــ آهي. تنهنجي مقبوليت سبب تي موقوف نـــ آهي. تنهنجو رد ڪري ڇــڏڻ معصيت جي سبب ڪان نـــ آهي. مـــان جو ڪجهه خيال ڪيو اهو منهنجو هيچ خيال ٿـــي آهي. تنهن ڪري تون به جيڪڏهن منهنجي ڪابہ ڳالهه نـــا پسند فرمائين تـــ ان تي عفو جي نظر فـــرماءِ. منهنجي گناهن کي ڌوئي ڇڏ. مان بـــ غرور جي هوس کي ڌوئي ڇڏيو.

نقل آهي تہ پاڻ شروع ۾ تمام گهڻو الله، الله ڪندا رهندا هئا. نـــزع جي حالت ۾ بہ گهڻو الله، الله چوندا رهيا ٿـــي. ان ڪان پوءِ عرض ڪيائون تہ يا الله! مان توکي هرگز يـــاد ڪونہ ڪيو، پـــر غفلت سان. هاڻي بـــ جڏهن جان جسم ڪان جـــدا ٿي رهي آهي تـــ مان تنهنجي ياد ڪان غافل آهيان. معلوم نٿو ٿي سگهي تـــ تنهنجي حضوري ڪـــڏهن حاصل ٿيندي. انهيءَ حالت ۾ سندن روح جسم مان پرواز ڪري ويو. جنهن رات پاڻ انتقال فرمايائون ان رات ابو موسيٰ غائب هو. هو پاڻ فرمائي ٿو تہ مان خواب ۾ ڏٺو تہ مان عرش کي مٿي تي کنيو اچي رهيو آهيان انهيءَ خواب ڪان مان ڏاڍو حيران ٿيس. صبح جـــو انهيءَ خيال سان تـــ هن خواب جـــو ذڪر شيخ صاحب ســان ڪريان تنهن ڪري سندن خدمت ۾ حاضـــر ٿيس مگر پـــاڻ انتقال فرمايو هئائون. ڪيترائي ماڻهو سندن جنازي کي ڪلهي رهيا هئا. مان بـــ سندن جنازي کي ڪلهي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي مگر ڏيئي نہ سگهيس. انهيءَ وچ ۾ مون ڪان خـــواب وسري ويو مـــان سندن جنازي جي هيٺان لنگهي ويس. انهيءَ وقت مـــان ڏٺو تـــ شيخ صاحب فرمايو تـــ هي تنهنجي رات واري خواب جو تعبير آهي.

نقل آهي تہ ڪڏهن مريد ڪين خواب ۾ ڏسي عرض ڪيو تـــ منڪر ۽ نڪير ڪان اوهان ڪيئن نجات حاصل ڪئي؟ پاڻ فرمايائون تـــ انهن جي سوال جي جواب ۾ مـــان چيو تہ انهيءَ سوال پڇڻ سان اوهان جو مقصد پورو ڪونہ ٿيندو. توهان واپس وڃي ان ڪـــان پڇو جنهن توهان کي موڪليو آهي تـــ مـــان ان جو ڇـــا آهيان. جو ڪجهه اهـــو چوي اهوئي مان هونـــدس. نقط منهنجي چوڻ سان هو منهنجو رب نہ بڻبو ۽ جيستائين اهو نہ چوي تہ هي منهنجو بنده آهي.

ڪنهن بـــزرگ خـــواب ۾ ڪائن پڇيو تـــ الله تعاليٰ اوهان ســـان ڪهڙو سلوڪ ڪيو؟ فرمايائون تہ هن مون ڪان پڇيو تہ ڇا آندو اٿيئي؟ مان عرض ڪيو تـــ اهڙي ڪابہ شيءِ نـــ جا تنهنجي درگاه جي لائق هجي. البت مـــان شرڪ ڪونہ ڪيو. خداوند ڪريم فرمايو تـــ انهيءَ رات جو تو جيڪو کير پيتو هو، ڇا اهو شرڪ نـــ هو؟ مان عرض ڪيو تہ مولا! اهو ڪهڙيءَ طرح؟ الله تعاليٰ فرمايو تـــ هڪ رات تو کير پيتو هو ۽ تـــوکي پيٽ ۾ سور پيو هو ۽ تـــو چيو

هو تہ ڪير پيٽ سبب مون کي پيٽ ۾ سور پيو آهي. پوءِ تو ڪير کي منهنجو شريڪ نہ بڻايو.

نقل آهي تہ جڏهن کين دفن ڪيو ويو تہ احمد خضرويہ جي بيوي سندن زيارت لاءِ آئي ۽ زيارت کان فارغ ٿي ماڻهن کان پڇيائين تہ اوهان ڄاڻو ٿا تہ بايزيد ڪير هو؟ ماڻهن چيو تہ اوهان کي بخوبيءَ معلوم آهي. بيوي صاحبہ فرمايو تہ هڪ رات آءٌ خاني ڪعبي جو طواف ڪري رهي هيس تہ ڪجهہ دير بعد مون کي ننڊ اچي ويئي تہ ڇا ٿي ڏسان تہ مون کي آسمان تي کڻي ويا آهن ۽ عرش جي هيٺان هڪ تمام گهاٽو جهنگ آهي جنهن جي هر هڪ وڻ جي پن پن تي لکيل آهي بايزيد ولي الله. بعض بزرگن کين خواب ۾ ڏسي پڇيو تہ تصوف ڇا آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ آرام جو دروازو پاڻ تي بند ڪري ڇڏڻ. جڏهن ابو سعيد ابوالخير سندن زيارت ڪرڻ لاءِ آيا ۽ ڪجهہ جهٽ ترسڻ بعد واپس ٿي موٽيا تہ فرمايائون تہ هيءَ هڪ اهڙي جاءِ آهي جو جيڪڏهن ڪنهن جي ڪا شيءِ ڪٿي بہ گم ٿي وڃي تہ هت اچي ان جي ڳولا ڪري.

* ذڪر حضرت عبدالله بن مبارڪ رحمت الله عليہ *

پاڻ ڪيترن ئي مشائخن جي زيارت ڪئي هئائون، علم ۽ شجاعت ۾ بي نظير هئا. شريعت ۽ طريقت جا امام، علم ۽ فن ۾ لاثاني هئا. سندن ڪيترن ئي تصنيفون آهن.

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن پاڻ ڪتان اچي رهيا هئا تہ سفيان ثوري رحہ کين ڏسي چيو تہ "تعال يارجل المشرق" ان وقت حضرت فضيل رحہ موجود هو، جنهن چيو تہ "والمغرب وما بينهما" مطلب تہ ڪتاب جو مصنف شيخ فريد الدين عطار جو مقولو آهي تہ فضيل رحہ جنهن جي بزرگيءَ جي تعريف ڪهڙي نموني بيان ڪري سگهجي ٿي. سندن توبهہ جو سبب هيئن هو. پاڻ هڪ عورت تي عاشق ٿيا ۽ ڏاڍو بيقرار رهڻ لڳا. هڪ دفعي جو ذڪر آهي تہ، هڪ رات جيڪا نهايت ئي سرديءَ واري رات هئي، پاڻ پنهنجي معشوقہ جي در وٽ صبح تائين بيٺا رهيا. ساري رات مٿن برف وسندي رهي. جڏهن صبح جو آذان ملي تہ پاڻ سمجهيائون تہ عشا جي آذان آهي. جڏهن ڏينهن ڪجهہ مٿي چڙهيو تڏهن خيال ڪيائون تہ مار! مان ساري رات معشوقہ جي انتظار ۾ بسر ڪري ڇڏي! پوءِ پنهنجو پاڻ کي چيائون تہ اي مبارڪ جا پٽ! توکي شرم اچڻ گهرجي. جو ههڙي مبارڪ رات تو پنهنجي نفس خاطر وڃائي ڇڏي. جيڪڏهن اما نماز ۾ بسر ڪرين ها ۽ ڊگهي ڪا سورت پڙهين ها تہ ڪهڙو نہ چڱو ٿئي ها. انهيءَ وقت سندن دل ۾ درد پيدا ٿيو پوءِ توبهہ ڪيائون ۽ عبادت ۾ مشغول ٿي ويا. آخر

انهيءَ درجي تي پهچي ويا جو هڪ ڏينهن سندن والده باغ ۾ تشريف وٺي ويئي ۽ ڏٺائين تہ پاڻ حضرت جن هڪ گلاب جي ٻوٽي هيٺان سمهيا پيا هئا. ۽ هڪ نانگ آهي جو نرگس جي ڏاري وات ۾ جهليو وٺي جيان لوڏي رهيو آهي.

پاڻ حضرت جن مرو جا رهاڪو هئا. پر مرو کي ڇڏي اچي بغداد ۾ رهائش اختيار ڪيائون. بغداد ۾ ڪيتري وقت تائين مشائخن جي صحبت ۾ رهيا. پوءِ مڪي شريف تشريف فرما ٿيا ۽ مدت تائين مجاور بڻيا رهيا. ان ڪان پوءِ وري مرو واپس آيا. اتي ڪيترا ئي ماڻهو سندن معتقد ٿي پيا. مرو ۾ ان وقت ٻہ جماعتون هيون. هڪ جماعت فقيهن جي ۽ ٻي محدثن جي ٻئي جماعتون حضرت جن کي سنيءَ نظر سان ڏسنديون هيون. پاڻ ٻہ مڪان ٺهرايا هوائون هڪ فقہ وارن لاءِ ٻيو محدثن لاءِ.

نقل آهي تہ پاڻ هڪ سال حج ڪندا هئا تہ هڪ سال جهاد ڪندا هئا ۽ هڪ سال وري تجارت ڪندا هئا. ان جو نفعو مريدن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيندا هئا. درويشن ۾ ڪارڪون ورهائيدا هئا ۽ ان سان گڏ گڏ هر هڪ ڪارڪ جي عيوض هڪ هڪ درهم پڻ ڏيندا هئا. هڪ دفعي پاڻ هڪ بد عادت ماڻهوءَ سان ڪنهن پاسي ويا. جڏهن ان ڪان جدا ٿيا تہ روئڻ لڳا. ماڻهن ان جو سبب پڇيو. فرمايائون تہ هو ويچارو تہ ويو ليڪن خراب عادت ساڻس گڏ رهي. نقل آهي تہ هڪ دفعي پاڻ هڪ اُٺ تي سوار ٿي جهنگ جي طرف وڃي رهيا هئا. رستي ۾ ڪين هڪ درويش مليو پاڻ فرمايائونس تہ اي درويش! اسان تہ قيدي آهيون اسان کي تہ گهرايو ويو آهي. ليڪن تون ڪيڏانهن وڃي رهيو آهين؟ ڇا * طفيلي (اڻ ڪنديو) آهين؟ درويش جواب ڏنو تہ جڏهن ميزبان ڪريم هوندو آهي تہ طفيليءَ کي سنو سمجهيو ويندو آهي. جڏهن هن توکي پنهنجي گهر گهرايو آهي تہ مون کي وري هن پاڻ وٽ گهرايو آهي. پاڻ وري فرمايائون تہ اسان اميرن ڪان قرض طلب ڪيو آهي. درويش چيو تہ جيڪڏهن هن قرض طلب ڪيو آهي تہ اهو اسان جي لاءِ ئي طلب ڪيو آهي. پاڻ ان تي شرمندا ٿي ويا ۽ فرمايائون تہ تون سچ ٿو چوين. پاڻ حد درجي جا متقي هئا. نقل آهي تہ پاڻ گهوڙي تي سوار ٿي ڪنهن طرف وڃي رهيا هئا. گهوڙو نهايت ئي قيمتي هون هڪ منزل تي لهي نماز ۾ مشغول ٿي ويا ۽ گهوڙو هڪ ٻنيءَ ۾ چرڻ لاءِ هليو ويو. پاڻ جڏهن اها حالت ڏٺائون تہ گهوڙي کي اتي ڇڏي پاڻ پيادل روانہ ٿي ويا. هڪ دفعي مرو ڪان شام ملڪ ڏي ويا اهو سفر محض هڪ قلم جي

* ان کي چئبو آهي جيڪو بغير سڏ جي وڃي يعني ڪنهن دعوت ۾ سڏ نہ ڏجيس، تہ بہ ان دعوت ۾ بنا ڪوٺ جي وڃي.

سبب ڪيائون، جو پاڻ هڪ شخص کان ورتو هئائون ۽ ان کي واپس نہ ڪيو هئائون.

نقل آهي تہ پاڻ هڪ دفعي ڪنهن رستي کان گذري رهيا هئا تہ اتي هڪ انڌو ويٺو هو. ساڻهن ان کي چيو تہ عبدالله مبارڪ اچي ٿو. توکي جيڪو بہ گهرجي تہ تون ان کان گهر. حضرت جن جڏهن ان نابينا جي پرسان آيا تڏهن ان عرض ڪيو تہ اي عبدالله! ٿورو ترس. حضرت جن آواز ٻڌي ترسي پيا. ان انڌي چيو تہ حق تعاليٰ کان دعا گهرو تہ مون کي منهنجيون اکيون عطا فرمائي. پاڻ سر جهڪايائون ۽ دعا گهريائون. انڌو انهيءَ وقت اکين وارو ٿي ويو.

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن ذوالحج جي مهيني ۾ صحرا جي طرف نڪري ويا ۽ حج جي خيال کان جهنگ ڏانهن هلندا ٿي رهيا. دل ۾ چوڻ لڳا تہ جيڪڏهن خانہ ڪعبي ۾ نہ آهيان تڏهن بہ لازم آهي تہ حاجين جهڙي ڪم کي بجا آڻڻ گهرجي تہ جيئن انهن جهڙي متابعت جي سبب سندن جهڙو ثواب حاصل ٿئي. ڇاڪاڻ تہ حجامت نہ ڪرائڻ ۽ ننهن نہ ڪترائڻ سان حج جو ثواب ملندو آهي. ايتري ۾ هڪ پوڙهي عورت کي ڏٺائون جيڪا لٺ هٿ ۾ ڪنيو وتس اُني ۽ چيائين تہ اي عبدالله! ڇا توکي حج جي خواهش آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ ”هائو“ پوڙهي چيو تہ مون کي تنهنجي لاءِ موڪليو ويو آهي تہ توکي عرفات جي ميدان تي پهچائي ڇڏيان. پاڻ دل ۾ خيال ڪيائون تہ حج ۾ باقي ٽي ڏينهن آهن سو هيڏي دور دراز سفر تي هيءَ ڪمزور عورت مون کي ڪيئن پهچائي سگهندي. سندن دل جي انهيءَ خدشي کي پوڙهيءَ معلوم ڪندي چيو تہ جنهن عورت صبح جي سنت * سنجاب ۽ فرض درياہ جيجون ۾ اچي ادا ڪيا آهن ۽ سج اڀرڻ وقت مرو ۾ پهچي ويئي آهي. تون ان جو ساٿي ٿي سگهين ٿو؟ پاڻ چيائون بسم الله وڏي شوق سان. پاڻ ان سان گڏجي هلڻ لڳا رستي ۾ ڪيترا ئي درياہ آيا جن کي ٻيڙيءَ رستي پار ڪرڻ بہ مشڪل هو. ليڪن درياہ جي ڪناري تي پهچي ڪري پوڙهي عورت حضرت جن کي اکيون بند ڪرڻ جو حڪم ڏيندي رهي ۽ جڏهن پاڻ اکيون کوليائون ٿي تہ پاڻ کي درياہ جي ٻئي ڪناري تي ڏسندا رهيا. مطلب تہ ٽن ڏينهن اندر اندر حضرت جن کي ميدان عرفات تي پهچائي ڇڏيائين. حج جا ارڪان ادا ڪرڻ کان پوءِ پوڙهيءَ کين چيو تہ منهنجو هڪ پٽ آهي جيڪو هڪ غار ۾ رياضت ڪندو آهي اچ تہ ان جي خبر بہ وٺندا هلون. نيٺ پاڻ ان سان همراہ ٿي هليا. غار ۾ پهچي ڏٺائون تہ هڪ نوجوان آهي جيڪو سخت رياضت سبب هڏن جو پڃرو پيو معلوم ٿئي. ان هوندي بہ هو عبادت ۾ مصروف آهي. جڏهن

* هي درياہ جو نالو آهي جيڪو درياہ جيجون کان گهٽو پري آهي.

ان پنهنجي والده ڪي ڏنو تڏهن تعظيم جي خاطر هڪدم اٿي بيٺو ۽ ماءُ جا قدم چميائين. ان ڪان پوءِ عرض ڪيائين تہ مان سمجهان ٿو تہ تون خود نہ آئي آهين بلڪ منهنجي ڪفن ۽ دفن لاءِ خداوند تعاليٰ اوهان کي موڪليو آهي. اهو ٻڌي ڪري ان عورت چيو تہ عبدالله ڪجهہ ترس تہ جيئن هن جي ڪفن دفن جو بندوبست ڪري وٺان. نوجوان جي ڪفن دفن جي ڪم ڪان فارغ ٿيڻ ڪان پوءِ ان عورت عبدالله بن مبارڪ کي چيو تہ مون کي هاڻي ٻيو ڪو ڪ ڪونهي. مان پنهنجي باقي عمر هن قبر تي ويهي گذاريندس هاڻي تون وڃ. ٻئي سال جڏهن تون ايندين تہ مون کي نہ ڏسندين. تون مون کي دعا سان ياد ڪجانءِ.

نقل آهي تہ پاڻ جڏهن حج ڪان فارغ ٿيا تہ ٿوري وقت لاءِ حرم شريف ۾ سمهي پيا. پاڻ خواب ۾ ڏٺائون تہ ڪي فرشتا آسمان مان نازل ٿيا. انهن مان هڪ ٻئي ڪان پڇيو تہ هن سال ڪيترا ماڻهو حج تي آيا هئا؟ ٻئي فرشتي جواب ڏنو تہ ڇهہ لک ماڻهو حج تي آيا هئا. وري ٻهرين پڇيو تہ ڪيترن جو حج قبول پيو؟ جواب مليو تہ ڪنهن جو بہ حج قبول نہ پيو. پاڻ فرمائن ٿا تہ مان جڏهن اهو ٻڌو تہ ان وقت منهنجي دل ۾ ڪجهہ پريشاني پيدا ٿي ۽ دل ۾ چيم تہ هيترا ماڻهو ڪٿان ڪٿان ايڏيون تڪليفون ۽ رنج سهي ميدان ۽ جهنگل لتاڙي هت آيا پر انهن سڀني جون تڪليفون ۽ مصيبتون زائگان ويون. ايتري ۾ فرشتي وري چيو تہ دمشق ۾ هڪ موچي آهي جنهن جو نالو "علي بن الموافق" آهي اهو حج تي بہ ڪين آيو آهي ليڪن ان جو حج قبول پيو آهي ۽ حق تعاليٰ انهيءَ ماڻهوءَ جي طفيل سڀني کي بخشي ڇڏيو آهي. جڏهن مان اهو ٻڌو، تڏهن ننڊ مان اٿيس ۽ دل ۾ چيو تہ مون کي دمشق وڃڻ گهرجي ۽ ان شخص جي زيارت ڪرڻ گهرجي. جڏهن مان دمشق پهتس تڏهن ان جو گهر تلاش ڪيم. آخر انجي گهر جي دروازي تي وڃي بيٺس ۽ ڪيس سڏ ڪيم تہ اندران هڪ شخص نڪري آيو. مان ان ڪان نالو دريافت ڪيو جنهن پنهنجو نالو علي بن الموافق ٻڌايو. مان ڪيس چيو تہ مون کي توسان ڪي ڳالهيون ڪرڻيون آهن. مان هن ڪان سوال ڪيو تہ تون ڇا ڪندو آهين؟ هن جواب ڏنو تہ مان موچڪو ڏنڊو ڪندو آهيان. ان ڪان پوءِ مان ڪيس خواب واري حقيقت بيان ڪئي. هن پڇيو تہ تنهنجو نالو ڇا آهي؟ مون ڪيس ٻڌايو تہ منهنجو نالو عبدالله بن مبارڪ آهي. اهو ٻڌي هن هڪ نعرو هنيو ۽ بيهوش ٿي ڪري پيو. جڏهن هوش ۾ آيو تڏهن پڇيو مان تہ پنهنجي حالت ڪان واقف ڪر. هن چيو تہ مون کي ٽيهن سالن ڪان وٺي حج جي آرزو هئي مان پنهنجي ڏنڊي مان ٽي هزار درهم گڏ ڪيا هئا ۽ هن سال حج جو ارادو ڪيو هو. هڪ ڏينهن منهنجي گهر واري جيڪا پيٽ پري سان هئي تنهن چيو تہ پاڙي جي فلاڻي ماڻهوءَ وٽ اڄ ڪو طعام آيو آهي ٿورو ڪجهہ ان ڪان وٺي اچ. مان ويس ۽ ان همسائي مون کي چيو

ستن ڏينهن ڪان منهنجي ٻارن ڪجهہ نہ کاڌو هو تنهن ڪري اڄ اتفاق سان هڪ مرده گڏه کي ڏٺم ۽ ان مان هڪ ٽڪر ڪپي آيو آهيان تہ جيئن ان کي پچائي پنهنجي ٻارڙن کي کارايان. هي کاڌو حلال جو نہ آهي مان اوهان کي ڪيئن ڏيان. مان جڏهن اها ڳالهہ ٻڌي تڏهن منهنجي تن بدن کي ٻہ لڳي ويئي ۽ يڪدم گهر وڃي اهي رکيل ٽي هزار درهم ان ٻاڙي واري کي آڻي ڏنم ۽ کيس چيو تہ هن مان پنهنجي ٻارن جو گذارو ڪر. اهو ئي منهنجو حج آهي. جڏهن ٻڌائڻ (عبدالله بن مبارڪ) اهو ماجرا ٻڌي تڏهن چيائون تہ واقع فرشتن سچ چيو هو.

نقل آهي تہ حضرت جن جو هڪ غلام هو جنهن جي نسبت ڪين ٻڌايو ويو هو تہ هي ڪفن چور آهي. اهو ٻڌي ٻڌ ڏاڍا غمگين ٿيا پر جيئن تہ ان کي پنهنجي اکين سان ڪفن چورائيندي ڪونہ ڏٺو هئائون ان ڪري ڪجهہ چئي ڪونہ ٿي سگهيا.هڪ رات پاڻ ان غلام جي پٺيان پٺيان اهڙيءَ طرح ويا جو غلام کي خبر نہ پيئي آخر هُو قبرستان ۾ پهچي ويا. پاڻ ڏٺائون تہ سندن غلام هڪ قبر کي کوٽڻ شروع ڪيو جنهن مان هڪ محراب ظاهر ٿيو ان ۾ هو نماز پڙهڻ لاءِ تيار ٿي ويهي رهيو. پاڻ پري کان اهو لقاءُ ڏسندا رهيا. غلام جڏهن نماز ۾ ٻهي رهيو تڏهن پاڻ ويجهو اچي ڏٺائون تہ سندن غلام کي کدڙ جا ڪپڙا پهريل هئا ۽ ڳچيءَ ڳارو ڪيون زمين سان متو گسائون زار زار روئي رهيو آهي. اهو ڏسي پاڻ پوئتي هٽي ويا ۽ اهو غلام صبح تائين اتي روئندو رهيو. پوءِ ان قبر کي دستور جيان بند ڪري مسجد جي طرف آيو پاڻ بہ ان جي پٺيان هليا آيا. غلام صبح جي نماز ادا ڪرڻ کان پوءِ دعا گهري تہ اي الہ العالمين! ڏينهن چڙهي آيو آهي منهنجو آقا مون کان ان جو معاوضو طلب ڪندو. تون ئي غريبن جي عزت رکڻ وارو آهين. ايتري ۾ چانديءَ جو درم غلام جي اچي هٿن ۾ پيو. اها حالت ڏسي پاڻ ڏاڍو بيتاب ٿي ويا ۽ فوراً وڃي ڪري غلام کي ڀاڪر وڌائون ۽ کيس پيار ڪرڻ لڳا. پوءِ چيائون تہ اهڙي غلام تي آقا جون هزار جانيون قربان هجن. ڪاش! تون جيڪر آقا ۽ مان غلام هجان ها. اها حالت ڏسي غلام دعا ڪئي تہ اي خداوندا! اڄ منهنجو راز ظاهر ٿي پيو. هاڻي منهنجو دنيا ۾ رهڻ مناسب نہ آهي تو کي پنهنجي عزت جو قسم مون کي وڌيڪ رسوا (بدنام) نہ ڪر. اڃا غلام جي دعا ئي ختم ڪانہ ٿي هئي تہ سندس روح پرواز ڪري ويو. پاڻ اهو حال ڏسي بحد غمگين ٿيا ۽ مجبوراً غلام کي انهيءَ کدڙ جي ڪپڙي ۾ ويڙهي دفن ڪري ڇڏيائون. رات جو خواب ۾ ڏٺائون تہ جناب رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم ۽ حضرت ابراهيم عليه السلام جن تشريف فرما آهن ۽ فرمائي رهيا آهن تہ اي عبدالله! تون اسان جي دوست کي کدڙ جي ڪپڙن ۾ ڇو دفن ڪيو؟

روايت آهي تہ هڪ ڏينهن پنهنجي دوستن سان گڏ مسجد مان نڪتا تہ رستي ۾ هڪ سيد چين تہ اي هندوءَ جا ٻچا! تو هي ڇا جو ٺٺ ٺٽائي رکيو آهي. مان باوجوديڪ رسول خدا صلي الله عليه وسلم جن جي فرزند هجڻ جي مشڪل سان ماني ميسر ڪري سگهان ٿو ۽ تون اهڙي شان ۽ شوڪت سان ٿو گذارين جنهن جي ڪا حد ڪانهي. پاڻ فرمايائون تہ جيڪي ڪجھ تنهنجي جد امجد يعني محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو آهي، مان ان تي عمل ڪريان ٿو ۽ تون نٿو ڪرين. ٻيءَ روايت ۾ هن طرح بيان ڪيل آهي تہ پاڻ سيد زادي کي فرمايائون تہ منهنجا بہ ٻيءَ ڏاڏا هئا ۽ تنهنجا بہ، پر منهنجا ٻيءَ ڏاڏا گمراه هئا ۽ تنهنجا بزرگ يعني رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جن. پوءِ مان تنهنجن بزرگن جي پيروي ڪري انهن جي ميراث حاصل ڪئي ۽ هي مرتبو حاصل ڪيو. تو منهنجن بزرگن جي تابعداري ڪئي ۽ گمراه ٿي وئين. انهيءَ رات پاڻ حضرت محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کي خواب ۾ نا خوش ڏٺائون ۽ ناراضگيءَ جو سبب دريافت ڪيائون. حضور پر نور صلي الله عليه وسلم جن فرمايائون تہ تو منهنجي فرزند کي طعنو هنيو آهي. صبح جو ننڊ مان اٿڻ شرط ان سيد زادي جي تلاش ۾ نڪتا تہ جيئن ڪانئس معافي وٺان. خدا جي قدرت سان انهيءَ رات ان سيد زادي کي بہ حضرت نبي ڪريم جن جي زيارت نصيب ٿي هئي ۽ کيس فرمايو ويو هو تہ جڏهن تنهنجي اها حالت هئي تہ پوءِ تون عبدالله بن مبارڪ کي اٺين ڇو چيو. جيڪڏهن تون اٺين نہ چوين ها تہ ڇو طعنو ڪائين ها. اهو بہ ننڊ مان بيدار ٿيڻ شرط حضرت عبدالله جي تلاش ۾ نڪتو تہ جيئن ڪانئن معافي وٺي. رستي ۾ ٻنهي جي ملاقات ٿي ۽ خواب بيان ڪري هڪ ٻئي کان معافي ورتائون ۽ توبهہ ڪيائون.

روايت آهي تہ سهل بن عبدالله هميشه حضرت جن وٽ ايندو رهندو هو. هڪ ڏينهن سندن خدمت مان روانو ٿيندي چيائين تہ مان آئينده اوهان جي خدمت ۾ ڪونہ ايندس. ڇاڪاڻ تہ اوهان جون پانهيون مون کي ڇت تي مٿي سڏين ٿيون ۽ اوهان انهن کي منع نٿا فرمايو. اهو ٻڌي ڪري پاڻ پنهنجي سائين کي چيائون تہ اڇو تہ سهل بن عبدالله جي ڪفن دفن جو بندوبست ڪريون. انهيءَ وقت سهل بن عبدالله جو روح پرواز ڪري ويو. ڪفن دفن کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ سائين ڪانئن پڇيو تہ اوهان کي ڪهڙيءَ طرح معلوم ٿيو تہ سهل مرڻ وارو آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ اهي حوران هيون جيڪي ان کي سڏي رهيون هيون ورنہ منهنجي گهر ۾ پانهيون ڪٿي ۽ انهن جو هٿ ڪهڙو ڪم!

هڪ دفعي ڪن ماڻهن ڪانئن پڇيو تہ اوهان ڪڏهن ڪا عجيب ڳالهہ ٻڌي يا ڏٺي آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ هائو. هڪ دفعي هڪ پادريءَ کي ڏٺم جيڪو رياضت ڪندي تمام

ضعيف ٿي ويو هو. ساڻن ان ڪان سوال پڇيو تہ الله تعاليٰ تائين پهچڻ جا ڪيترا رستا آهن ۽ ڪهڙا رستا آهن؟ پادريءَ جواب ڏنو تہ جيڪڏهن تون ان ڪي سچائي ونين تہ ان تائين پهچڻ جا رستا بہ توکي معلوم ٿي وڃن. مان تہ بغير ڏسڻ جي ان جي عبادت ڪريان ٿو. جيڪڏهن تون ان کي سچائين ٿو تہ پوءِ تون گنهگار ٿي ويندين مطلب تہ معرفت خوف جي خواهشمند آهي. ليڪن هن جي دل ۾ خوف ڪونہ هو پر ڪفر ۽ جهالت جو خواهشمند هو. هن محض ظاهري خوف جي سبب پاڻ کي ڪمزور ڪري وڌو هو. ان جي اهڙا ڳالهہ منهنجي لاءِ نصيحت بڻجي وئي ۽ ڪيترين اهڙين ڳالهين ڪرڻ ڪان بچي ويس جيڪي نہ ڪرڻ جهڙيون هيون.

فرمائن ٿا تہ هڪ دفعي جهاد جي غرض سان روم ويس اتي هڪ ڪافر ساڻ مقابلو ٿيو. مقابلي جي دوران نماز جو وقت ٿي ويو مان ڪافر ڪان نماز پڙهڻ جي مهلت گهري ۽ نماز ادا ڪئي. جڏهن ڪافر جي نماز جو وقت آيو تہ ڏهن ان مهلت ورتي جڏهن ان پنهنجو منهن پنهنجي بت خاني جي طرف ڪيو تڏهن مان تلوار ڪڍي ان جي مٿان وڃي بيٺس تہ جيئن ڪيس قتل ڪري ڇڏيان ايتري ۾ هڪ آواز آيو "اي عبدالله"! "اوفو ابالعهد ان العهد ڪان مسئولا" يعني جيڪو عهد ڪريو ان تي قائم رهو. مان اهو ٻڌي روئڻ لڳس. ڪافر نماز پڙهي جڏهن اٿيو تہ مون کي تلوار جهليو روئندو ڏٺائين. ڪافر اهو ڏسي پڇيو تہ توکي ڇا ٿيو آهي جو ايتري قدر روئي رهيو آهين؟ ساڻ سمورو قصو بيان ڪري ٻڌايو تہ تنهنجي خاطر مون تي غصو ڪيو ويو آهي. ڪافر اهو ٻڌي هڪ وڏو نعرو هنيو ۽ چيائين تہ اهڙي خدا سان بغاوت ڪرڻ بزدلي آهي جيڪو دشمن جي خاطر دوست تي غصو ڪري. اهو ڪافر انهيءَ وقت مسلمان ٿي ويو ۽ دين تي ثابت قدم رهيو.

سرديءَ جي موسم ۾ هڪ دفعي نيشاپور جي بازار مان لنگهي رهيا هئا تہ هڪ غلام تي نظر پين، جنهن جي بدن تي صرف هڪ چولو پيل هو ۽ هو سرديءَ ڪان ڏڪي رهيو هو. پاڻ ان کي چيائون تہ تون پنهنجي آقا کي چو نٿو چوين تہ سرديءَ ڪان بچڻ لاءِ ڪجهہ ڪپڙا سبائي ڏيئي. ان غلام چيو تہ جڏهن آقا سڀ ڪجهہ ڏسي ٿو تہ مان ان کي ڪيئن چوان. اهو ٻڌي پاڻ چيائون تہ طريقت هن غلام ڪان سکڻ گهرجي. ڪنهن ماڻهوءَ ڪانئن پڇيو تہ آدميءَ لاءِ سڀ ڪان بهتر خلعت ڪهڙي آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ عقل جو زياده هجڻ. وري ان پڇيو تہ جيڪڏهن اهو نہ هجي تہ؟ پاڻ فرمايائون تہ پوءِ ادب هئڻ گهرجي. وري پڇيو ويو تہ اهو بہ نہ هجي تہ پوءِ؟ فرمايو ويو تہ پنهنجي ڀائرن سان محبت ڪرڻ. وري عرض ڪيو ويو تہ جيڪڏهن اهو بہ نہ هجي تہ پوءِ؟ پاڻ فرمايائون تہ پوءِ جلدي موت اچڻ وارو هجي. پاڻ فرمائن ٿا تہ اسان کي گهڻي علم جي جاءِ تي ٿوري ادب جي ضرورت آهي. وري فرمايائون تہ ادب هاڻي ٿو طلب

ڪيو وڃي جڏهن اديب مري ويا آهن. فرمائن ٿا تہ منهنجي نزديڪ ادب اهو آهي تہ پنهنجي نفس کي سڃاتو وڃي. فرمائن ٿا تہ جيڪي ڪجهہ ماڻهن جي هٿن ۾ آهي، انهيءَ مان بخشش ڪرڻ نهايت افضل آهي. فرمائن ٿا تہ جيڪڏهن ڪو شخص عيالدار آهي ۽ انهن جي پرورش حلال سان ڪري ٿو ۽ انهن کي نيڪ تعليم ڏئي ٿو ۽ انهن کي ننڊ ۾ اگهاڙو ڏسي انهن تي ڪپڙو وجهي ٿو تہ ان جو اهو عمل جهاد ڪرڻ کان بهتر آهي. فرمائن ٿا تہ جنهن شخص جي خلق عزت ڪري ٿي تہ ان کي لازم آهي تہ هو پنهنجو پاڻ کي حقير سمجهي. ماڻهن ڪانئن پڇيو تہ دل جي دوا ڇا آهي؟ فرمايائون تہ ماڻهن کان پري رهڻ. فرمايائون تہ دولتمندن کان نفرت ڪرڻ، ۽ درويشن سان خلق سان پيش اچڻ اصل تواضع آهي. فرمائن ٿا تہ اصل اميد اها آهي جا خوف کان پيدا ٿئي، ۽ اصل خوف اهو آهي جو صدق اعمال مان هجي.

هڪ دفعي هڪ نوجوان سندن پيرن تي اچي ڪريو ۽ چوڻ لڳو تہ مان اهڙو گناه ڪيو آهي، جنهن جي ظاهر ڪرڻ ۾ مون کي شرم ٿو اچي. پڇيائونس تہ اهو ڪهڙو گناه آهي؟ چيائين تہ زنا جو جرم سرزد ٿي ويو آهي. پاڻ فرمايائون تہ مان ڊڄي ويس تہ شايد تو غيبت جو گناه ڪيو آهي. ڪنهن شخص ڪانئن وصيت گهري. پاڻ فرمايائون تہ الله تعاليٰ کي نگاه ۾ رک. وري عرض ڪيائين تہ ڪولي سمجهايو. فرمايائون تہ هميشہ اهو چاهہ تہ ڏٺي تنهنجي سيني ڪمن کي ڏسي ٿو.

نقل آهي تہ پنهنجي زندگيءَ ۾ پنهنجو سڀ مال متاع درويشن ۾ ورهائي ڇڏيو هئائون. هڪ دفعي وٽن ڪو مهمان آيو. وٽن جو ڪجهہ بہ هو سو سڀ خرچ ڪيائون. انهيءَ تي سندن گهر واري جهيڙو ڪرڻ لڳي پاڻ گهر واريءَ کي چيائون تہ جيڪا عورت جهيڙو ڪري اها گهر ۾ رکڻ جي قابل نہ آهي. انهن ڇٽي ان کي طلاق ڏيئي ڇڏيائون. انهيءَ ڏينهن ڪنهن سردار جي ڌيءَ سندن مجلس ۾ آئي جنهن کي سندن ڳالهيون بيحد پسند آيون. گهر وڃي پنهنجي والدين کي چيائين تہ منهنجو نڪاح عبدالله بن مبارڪ سان ڪرايو. آخرڪار ڇوڪريءَ جي پيءُ ڇوڪريءَ کي پنجاه هزار دينار ڏيئي ان جو نڪاح حضرت جن سان ڪرائي ڇڏيو. رات جو خواب ۾ ڏٺائون تہ ڪوئي ڪين چئي رهيو هو تہ تو اسان جي خاطر پنهنجي زال کي طلاق ڏيئي ڇڏي ان جو بدلو اسان توکي اهو ڏنو تہ جيئن توکي معلوم ٿي وڃي تہ اسان سان معاملو ڪرڻ ۾ ڪوبہ شخص نقصان ۾ نٿو رهي.

جڏهن سندن وفات جو وقت آيو تہ جڏهن سموره بچيل مال درويشن کي ڏيئي ڇڏيائون. هڪ مريد عرض ڪيو تہ اوهان جون ٽي نياڻيون آهن، اوهان هن وقت دنيا مان رخصت ٿي رهيا آهيو، ڪجهہ انهن لاءِ بہ تہ ڇڏي وڃو. فرمايائون تہ الله تعاليٰ خود انهن لاءِ ڪارساز آهي.

نقل آهي تہ ڪن بزرگن حضرت سفيان ثوري رحہ جن کي خواب ۾ ڏٺو ۽ پڇيائونس تہ الله تعاليٰ توهان سان ڇا ڪيو؟ فرمايائون تہ بخشي ڇڏيائين. وري پڇيائونس تہ عبدالله بن مبارڪ جو ڪھڙو حال آهي؟ فرمايائون تہ عبدالله انهن مان آهي جيڪي الله جي حضور ۾ هر روز حاضر رهندا آهن.

* ذڪر حضرت سفيان ثوري رحمت الله عليه *

دين ۽ ديانت جا تاج، زهد ۽ هدايت جا چراغ، مشائخ علماءُ بادشاه قدما حاجت، درگاه قطب حرڪت دري، حضرت سفيان ثوري رحمت الله عليه بزرگان دين مان هئا. ماڻهو ڪين اميرالمؤمنين چوندا هئا. ليڪن پاڻ ڪڏهن بہ حڪومت جي دعويٰ ڪونہ ڪئي هئائون. پاڻ سچا مقتدي ۽ صاحب قبول، ظاهري ۽ باطني علم ۾ بي نظير، تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ ۾ انتهائي درجي تي پهتل، ۽ ادب ۽ تواضع بہ بيحد رکندڙ هئا. پاڻ وڏن وڏن مشائخن جي زيارت ڪئي هئائون. سندن حالت اول کان آخر تائين ذري برابر بہ تبديل ڪانہ ٿي هئي.

نقل آهي تہ هڪ دفعي ابراهيم ڪين گهرائي ورتو، تہ جيئن ساڻن ڳالهيون ڪري. پاڻ انهيءَ وقت هليا آيا ۽ ابراهيم چين تہ مون کي تنهنجي خلق کي آزمائڻو هو. پاڻ ماءُ جي پيٽان ئي پرهيزگار پيدا ٿيا هئا.

نقل آهي تہ جڏهن پاڻ اڃا ماءُ جي پيٽ ۾ هئا تہ ان وقت سندن والده هڪ پاڙي واريءَ عورت جي گهر وڃي ڪتاڻ مان آگر بوڙي چٽي جنهن سبب ڪري پاڻ پيٽ ۾ ايتري قدر لڇڻ ۽ ڦتڪڻ لڳا جو مجبوراً سندن والده کي پنهنجي پاڙيواريءَ کان معافي وٺڻي پيئي. سندن توبهہ جو قصو هن طرح آهي. هڪ ڏينهن مسجد ۾ داخل ٿيا تہ مسجد جي اندر غلطيءَ وچان کٻو پير رکجي وين. انهيءَ وقت غيب کان آواز آين تہ اي ثور! ثور (ڏاند) نہ بڻج! اهو آواز ٻڌي پاڻ بيهوش ٿي ويا. جڏهن هوش ۾ آيا تڏهن پنهنجي ڏاڙهيءَ کان وٺي پاڻ کي چماٽون هنيائون ۽ چيائون تہ اي بي ادب! تون ادب سان مسجد اندر پير چونہ رکيو؟ انهيءَ ڪري تنهنجو نالو انسانن جي دفتر تان ميٽجي ويو ۽ جانورن جي نالي ۾ ڪيو ويو. ان سبب ڪري ڪين ثوري چون ٿا. پاڻ فرمائن ٿا تہ مان اهڙي ڪابہ حديث ڪانہ ٻڌي آهي جنهن تي مان عمل نہ ڪيو هجي. فرمائن ٿا تہ اي انسانو! حديث جي زڪوات ڪيو. پڇيو ويو تہ حديث جي زڪوات ڇا آهي؟ فرمايائون تہ ٻہ سو حديثن مان گهٽ ۾ گهٽ پنجن حديثن تي عمل ڪريو.

نقل آهي تہ هڪ دفعي وقت جو خليفو نماز پڙهائي رهيو هو پاڻ ان جي پٺيان بيٺا هئا.

خليفو بار بار پنهنجي ڏاڙهيءَ تي هٿ ڦيري رهيو هو ۽ ان کي سنواريندو ٿي رهيو. پاڻ فرمايائون ته اهڙي نماز قبول نه ٿيندي. قيامت جي ڏينهن اهڙي قسم جي نماز کي تنهنجي منهن تي اڇلايو ويندو. خليفي چيو ته آهستي آهستي چئو. پاڻ فرمايائون ته مان حق جي ڳالهه چوڻ ۾ بزدليءَ کان ڪم نه وٺندس. خليفي کي انهيءَ ڳالهه تي رنج رسيو ۽ ڏمرجي حڪم ڏنائين ته هن شخص کي سوليءَ تي چاڙهيو وڃي ته جيئن ٻين کي عبرت حاصل ٿئي. جنهن ڏينهن حضرت جن کي ڦاهيءَ تي چاڙهيو وڃڻو هو ان ڏينهن پاڻ هڪ بزرگ جي جهوليءَ ۾ هئا. سندن پير سفيان عتبه جي جهوليءَ ۾ رکيل هئا. پاڻ آرام ۾ هئا جڏهن انهن کي اها خبر پيئي ته اڄ حضرت جن کي سوليءَ تي لٽڪايو ويندو تڏهن خيال ڪيائون ته حضرت جن کي جاڳائي حقيقت بيان ڪئي وڃي. پر جيئن ته ان وقت پاڻ جاڳي رهيا هئا تنهن ڪري پاڻ فرمايائون ته ڇا ڳالهه آهي؟ ڪين ساري حقيقت ٻڌائي ويئي ته اڄ اوهان کي سوليءَ تي چاڙهڻ جو ڏينهن آهي. چاڪاڻ ته وقت جو خليفو اوهان تي ناراض ٿيو آهي. پاڻ فرمايائون ته مون کي پنهنجي جان پياري نه آهي ليڪن ديني ڪمن جو حق ادا ڪرڻ منهنجي لاءِ واجب آهي. پوءِ سندن اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو ۽ بارگاه الاهيءَ مان دعا گهريائون ته اي خداوندا! هن خليفي کي نهايت سختيءَ سان پڪڙ. جنهن وقت پاڻ اها دعا گهريائون ٿي ته ان وقت خليفو تخت تي ويٺو هو ۽ امير امراءِ پرسان وينل هئس. ساڳئي وقت هڪ وڏو ڪڙڪو ٿيو ۽ ڪڙڪي سان ڇت اچي مٿان پين ۽ خليفو پنهنجي اميرن سميت هڪ ئي وقت دٻجي مري ويا. اهو حال ڏسي انهن ٻين بزرگن چيو ته اهڙي جلدي قبول ٿيندڙ دعا اسان اڄ تائين نه ٻڌي نه ڏٺي. پاڻ فرمايائون ته اسان پنهنجي آبرو بارگاه الاهيءَ ۾ ڪونه وڃائي آهي. جڏهن ٻيو خليفو تخت تي ويٺو ته اهو حضرت جن جو ڏاڍو معتقد ٿي ويو. هڪ دفعي پاڻ بيمار ٿي پيا ته خليفي پنهنجي خاص طبيب کي جيڪو آتش پرست هو سندن خدمت ۾ علاج لاءِ موڪليو. جڏهن ان طبيب حضرت جن جو ڪارورو * ڏٺو ته چيائين ته هي مرد مؤمن آهي ۽ خوف الاهيءَ کان هن جو جگر ذرا ذرا ٿي ويو آهي. پوءِ چيائين ته جنهن مذهب ۾ اهڙا خدا جا مرد هجن، اهو مذهب ڪوڙو نٿو ٿي سگهي. اهو طبيب انهيءَ وقت مسلمان ٿيو. خليفي جڏهن اهو ٻڌو تڏهن چيائين ته مان طبيب کي مريض ڏي موڪليو هو ليڪن اها خبر ڪانه هئي ته مريض کي ئي طبيب وٽ موڪلي رهيو آهيان.

---

* هي هڪ شيشي جو اوزار آهي، جنهن جي ذريعي پيشاب جي چڪاس ڪئي ويندي آهي.

نقل آهي تہ حضرت جن جي پڇي جوانيءَ ۾ ٽي ڪبي ٿي ويئي هئي. ماڻهن چيو تہ اي اميرالمومنين! اڃان تہ اوهان جوان آهيو پوءِ هيءَ حالت ڪيئن! پاڻ ان وقت ڪو جواب ڪونہ ڏنائون. ڇاڪاڻ تہ ان وقت پاڻ عبادت ۾ مشغول هئا. حق جو ذڪر ڪرڻ وقت ٻئي ڪنهن جي بہ پرواہ ڪونہ ڪندا هئا. هڪ دفعي ماڻهن ڏاڍو زور ڪيو تہ آخر ان جو سبب ڇا آهي جو جوانيءَ ۾ ئي اوهان جي چيلهہ ڪبي ٿي ويئي آهي. پاڻ فرمايائون تہ مان ٿن استادن جي ڏاڍي خدمت ڪئي ۽ انهن کان علم سکيو. انهن مان جڏهن هڪ جو موت قريب آيو، تڏهن اهو يهودي ٿي مئو. جڏهن ٻئي جي مرڻ جو وقت آيو تہ اهو آتش پرست ٿي مري ويو. پر ٽئين ڇٽي بہ ڪفر جي حالت ۾ وفات ڪئي. بس انهن جي اهڙي حالت کي ڏسندي مون کي هڪ قسم جو خوف طاري ٿي ويو ۽ انهيءَ خوف جي سبب کان ئي منهنجي چيلهہ ڪبي ٿي ويئي.

نقل آهي تہ هڪ دفعي پاڻ ڪنهن حمام ۾ غسل ڪرڻ لاءِ تشريف فرما ٿيا اينري ۾ هڪ غلام ري ڏاڙهيو بہ اتي اچي ويو پاڻ فرمايائون تہ هن کي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. ڇاڪاڻ تہ هر عورت سان گڏ هڪ شيطان هوندو آهي ۽ هر ري ڏاڙهي ڇوڪري سان گڏ اٺارهن شيطان ساڻ هوندا آهن.

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن پاڻ ماني کائي رهيا هئا تہ اتي هڪ ڪتو بہ ويٺل هو ان کي بہ ماني کارائي رهيا هئا. ماڻهن پڇين تہ اوهان ڪتي جي بجاءِ پنهنجي اهل و اولاد کي ڇو نہ ٿا کارايو. پاڻ فرمايائون تہ ڪتي کي کارايان ٿو تہ هو سارو ڏينهن منهنجي حفاظت ڪندو آهي. پر گهر وارا مون کي الله تعاليٰ جي اطاعت کان باز رکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

نقل آهي تہ هڪ دفعي پاڻ اٺ تي سوار ٿي مڪي شريف جي طرف تشريف وٺي ٿي ويا ساڻن هڪ رفيق بہ هو. پاڻ رستي ۾ روئندا ٿي ويا. سندن ساٿيءَ پڇيو تہ اوهان شايد خدا جي خوف کان روئي رهيا آهيو؟ اهو ٻڌي پاڻ هٿ ڊگهو ڪري هڪ ڳاهہ جو ڇڻ کنيائون ۽ فرمايائون تہ جيتوڻيڪ منهنجا گناهہ تمام گهڻا آهن پر منهنجا گناهہ حق تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ انجي رحمت جي ڇانو جي مقابلي ۾ حق تعاليٰ جي لطف جي اڳيان هن ڳاهہ جي پن جي برابر بہ نہ آهن. مان فقط ان ڳالهہ کان ڊڃان ٿو تہ منهنجو ايمان سلامت بہ آهي يا نہ!

روايت آهي تہ هڪ دفعي ڪنهن شخص سندن خدمت ۾ ريهن جون بہ ٿيلهيون پيش ڪيون ۽ کين چوائي موڪليائين تہ منهنجو پيءُ اوهان جو دوست هو، هو هميشہ حلال جي ڪمائيءَ جي ڪوشش ڪندو هو سو هي ان جي ورثي مان ڪٽي آيو آهيان. ڪرم فرمائي قبول فرمايو. پاڻ اهي ٿيلهيون واپس ڪندي فرمايائون تہ فقط الله تعاليٰ جي خاطر دوست هيس ۽ نہ

دنيوي ڳالهين جي دوستي هئي. انهيءَ شخص پنهنجي پيءُ کي رپين جون ٿيلهيون واپس ڪندي چيو ته شايد اوهان جي دل پٽر جي آهي. مان عيالدار آهيان ۽ مون وٽ ڪجهه به ڪينهي اهي رپيا مون کي ڇونه ٿا ڏيو؟ ڪيس پٽس چيو ته پٽ! مان الله تعاليٰ جي دوستيءَ کي دنيا جي دوستيءَ جي عيوض وڪڻڻ نٿو گهران.

هڪ دفعي ڪو شخص سندن خدمت ۾ هديو کڻي آيو مگر پاڻ ان کي قبول نه ڪيائون پر فرمايائون ته مون کي خوف آهي ته ان تحفي جي سبب منهنجي دل تنهنجي طرف زياده مائل نه ٿي وڃي، ۽ اها عادت بہ ٿي پوندي. انهيءَ سبب ڪري پاڻ ڪنهن کان به ڪا چيز ڪونه وٺندا هئا.

هڪ دفعي ڪنهن شخص سان گڏ سندن هڪ امير جي گهر کان گذر ٿيو ان شخص امير جو محل نما گهر ڏسڻ گهريو مگر پاڻ ان کي منع ڪيائون ۽ فرمايائون ته توهان انهن جي گهرن کي هرگز نه ڏسو ته اهي به ايتري قدر فضول خرچي نه ڪن. توهان انهن جي گهرن کي ڏسڻ جي ڪريو ٿا. ان ڪري اهي وڏو بنجڻ ۽ ماڻهن جي دلين ۾ اثر پيدا ڪرڻ لاءِ ايترو اجايو خرچ ڪن ٿا؛ جنهن ڪري توهان به انهن جي گناهن ۾ شريڪ ٿي وڃو ٿا. بلڪ توهان ئي انهن جي اهڙي گناه ڪرڻ جا سبب بڻجو ٿا.

هڪ دفعي سندن پاڙي ۾ ڪو ماڻهو مري ويو. پاڻ ان جي جنازي سان گڏجي هليا ماڻهو انهيءَ ميت جي تعريف ڪندا ٿي هليا. اهو ٻڌي پاڻ فرمايائون ته جيڪڏهن مون کي اهو معلوم هجي ها ته ماڻهو ان کان خوش آهن ته مان هرگز سندس جنازي سان ڪين اچان ها. ڇاڪاڻ ته جيستائين انسان منافق نٿو بڻجي دنيا ان کان خوش نٿي ٿئي.

پاڻ هميشه جامع مسجد جي حجري ۾ ويٺا رهندا هئا. جڏهن به شاهي مال مان خريد ڪيل عود * ۽ مشڪ مسجد ۾ خوشبوءِ لاءِ جلايو ويندو هو ته پاڻ اتان اُٿي هليا ويندا هئا، ته جيئن خوشبوءِ نہ پهچي. هڪ دفعي پاڻ آبتو ڪپڙو پهريائون. ماڻهن ڪين سبتو ڪري پائڻ لاءِ چيو مگر پاڻ فرمايائون ته اهو ڪپڙو مان خدا جي خاطر پاتو آهي؛ تنهن ڪري خلق جي خاطر ان کي بدلائڻ نٿو گهران.

نقل آهي ته هڪ دفعي هڪ نوجوان اتفاق سان حج ڪري نہ سگهيو ۽ هن هڪ سرد آهه ڀري. پاڻ فرمايائون ته اي نوجوان! مان پنهنجي ڇهن حجن جا ثواب توکي ڏيندس. پر ان جي عيوض تون مون کي اها آهه ڏي، جا تو ڀري آهي. انهيءَ رات خواب ۾ ڏٺائون ته ڪين ڪو

---

* هڪ خوشبودار شيءِ جو نالو آهي.

چئي رهيو آهي ته اي سفيان! تو اهڙو سٺو سودو ڪيو آهي جو جيڪڏهن سارن عرفات وارن ۾ تقسيم ڪيو وڃي تـه هوند اهي سڀئي آسودا ٿي پون. هڪ دفعي پاڻ گهڻن ماڻهن سان گـڏ ويٺا هئا. پاڻ فرمايائون تـه هنن مان جيڪڏهن ڪو شخص توهان کان پڇي تـه توهان مان صبح کان وٺي شام تائين ڪنهن کي زنـده رهڻ جو يقين هجي ته اهو اٿي بيهي. مان سمجهان ٿو ته ڪنهن کي به اهڙو يقين نه هوندو ليڪن وڏي عجب جي ڳالهه آهي تـه باوجود اهڙي يقين نـه هجڻ ۽ موت در پيش هجڻ جي به ڪوئي شخص ان لاءِ تيار ڪونهي. فرمايائون ته زاهد اهو شخص آهي جو دنيا ۾ پنهنجي زهـد تي عمل ڪري سگهي. اهو شخص زاهد ناهي جنهن جو زهـد صرف هن جي زبان تي آهي. وري فرمايائون ته ٿلهن ڪپڙن پائڻ ۽ معمولي ۽ گهٽ کاڌي کائڻ سان زهد حاصل نٿو ٿئي. بلڪ دنيا سان دل نـه لڳائڻ ۽ اميدن کي گهٽ ڪرڻ ئي زهد آهي. فرمايائون ته سڀني مان وڏيڪ ۽ وڏو بادشاه اهو آهي، جيڪو اهل عمل سان صحبت رکي ٿو، ۽ انهن کان عمل حاصل ڪري ٿو. سڀ کان خراب ۽ بـرو عالم اهو آهي جيڪو بادشاهن سـان ملي ويهڻ پسند ڪري ٿـو. فرمايائون تـه سڀ کان چڱي عبادت اڪيلائي آهي. ان کان پـوءِ علم جي طلب ۽ پوءِ ان جي اشاعت (پرچار). فرمايائون ته جيستائين مان ڪنهن شخص ۾ ڪا حڪمت نـه ڏٺي تيستائين ان جي تواضع نـه ڪئي. فرمايائون تـه جيڪو شخص پنهنجو پاڻ کي بـزرگ سمجهي ٿو، اهو متڪبر (تڪبر ڪندڙ) آهي. فرمايائون ته سڀ کان بهتر هي پنج ماڻهو آهن: پهريون اهو زاهد جو عالم هجي. ٻيو اهو دولتمند، جيڪو تواضع ڪندڙ هجي. ٽيون اهو درويش جيڪو صابـر ۽ شاڪر هجي. چوٿون اهـو شريف جيڪو اهـل سنت والجماعت هجي. پنجون فقير صوفـي.

فرمايائون تـه جنهن جي نماز ۾ عـاجزي نـه آهي اها نماز درست نـه آهي. جيڪو ماڻهو پنهنجي حرام مال مان خيرات ڏئي ٿو يا صدقو ڪري ٿو ان جو مثال هي آهي تـه جڻ هو ناپاڪ ڪپڙي کي رت سـان ڌوئي ٿـو. نيڪ عادت خدا تعاليٰ جـي ناراضگيءَ کي دور ڪري ٿـي. ماڻهن کانئن يقين جي متعلق پڇيو پاڻ فرمايائون تـه يقين جو واسطو دل سان هونـدو آهي. جي دل درست آهي ته معرفت درست ٿي ويندي آهي. فرمائن ٿا ته جڏهن بـه سندن ڪو مريد ڪنهن سفر تي ويندو هو ته ان کي فرمائيندا هئا تـه جيڪڏهن ڪٿان به موت ملي وڃي تـه مهنجي لاءِ خريد ڪجو. ليڪن جڏهن سندن وفات جو وقت آيو تڏهن روئي ڪري فرمايائون تـه مان موت جي خـواهش ڪندو رهندو هـوس ليڪن هاڻي معلوم ٿيو تـه در اصل مـوت ڏاڍو سخت آهي. ڪاش! سمورو سفر اهـڙو ئي هجي هـا جيئن هٿ ۾ لٺ کنيو گهٽيون گهميون وڃيون آهن. مگر الله تعاليٰ وٽ وڃڻ آسان ڪم نه آهي.

نقل آهي ته جڏهن بہ پاڻ موت جو نالو ٻڌندا هئا ته مٿن ڪيترو وقت بيخوديءَ جي حالت رهندي هئي ۽ جيڪو ملندو هون تنهن کي چوندا هئا تہ موت لاءِ تيار ٿي وڃ. باوجود موت کان ڊڄڻ جي، پاڻ موت جي خواهش ڪندا هئا. وفات جي وقت ماڻهن عرض ڪيس تہ اوهان کي بهشت مبارڪ هجي. پاڻ مٿو ڌوڻي فرمايائون ته توهان هي ڇا چئي رهيا آهيو ته اوهان کي بهشت هرگز نٿو ملي سگهي.

عبدالله مهدي فرمائن ٿا ته موت جي وقت پاڻ فرمايائون تہ منهنجو منهن زمين جي طرف ڪريو. سندن حڪم جي تعميل ڪئي ويئي. مان ٻاهر نڪتس تہ جيئن ماڻهن کي خبر ڪريان پر واپس اچي ڏٺم ته سڀ ماڻهون گڏ ٿيل هئا. ايتري ۾ سيرانديءَ کان رپين جي ٿيلهي ڪڍي فرمايائون ته هن کي صدقو ڪري ڇڏيو. ماڻهن چيو ته اوهان فرمائيندا هئا تہ دنيا جمع ڪرڻ نہ گهرجي ۽ اوهان خود ايترو مال گڏ ڪري رکيو آهي؟ فرمايائون تہ هيءَ منهنجي ايمان جي نگهبان هئي ان سان مان پنهنجي ايمان کي سلامت رکيو. ڇاڪاڻ تہ ان جي موجودگيءَ ۾ شيطان مون تي غلبو ڪري نہ سگهيو. جيڪڏهن هو مون کي چوي ها تہ اڄ ڇا کائيندين يا ڇا پهريندين ته مان کيس چوان ها ته مون وٽ آن ۽ دولت آهي. پر جيڪڏهن هو چوي ها تہ تون ڪفن ڪٿان آڻيندين تہ مان کيس هي رپيا ڏيکاريان ها ۽ ان جي وسوسي کي دور ڪريان ها. حالانڪ مون کي ان جي ضرورت نہ هئي. ائين چئي ڪلمو شهادت پڙهيائون ۽ رحلت ڪري ويا. اِنا للہ واِنا اِليہ راجعون.

نقل آهي تہ بخارا ۽ مرو ۾ سندن وڏن جو ورثو ڇڏيل هو. بخارا جي عالمن ان کي سلامت رکيو هو ۽ ان جي حضرت جن کي خبر ڪيائون. پاڻ بخارا ويا جڏهن شهر جي نزديڪ پهتا ته ماڻهو سندن استقبال لاءِ شهر کان ٻاهر نڪري آيا ۽ وڏي عزت سان کين شهر ۾ وٺي ويا. ان وقت سندن عمر ارڙهن سال هئي پاڻ اهو ورثو وٺي ڪري محفوظ رکي ڇڏيائون تہ جيئن ڪنهن کان ڪا شيءِ گهرڻي نہ پوي. جڏهن کين موت جو يقين ٿي ويو تڏهن اهو سمورو مال خيرات ڪري ڇڏيائون. سندن وفات جي وقت آواز آيو تہ پرهيزگاريءَ جو انتقال ٿي ويو. ڪن بزرگن کين خواب ۾ ڏٺو ۽ ڪانئن پڇيو تہ قبر جي اڪيلائيءَ ۽ وحشت ۾ اوهان ڪيئن صبر ڪيو؟ پاڻ فرمايائون تہ منهنجي قبر هڪ بهشتي مرغزار هئي.

نقل آهي تہ خلق تي حضرت جن جي بيحد شفقت هئي. هڪ ڏينهن بازار ۾ ڏٺائون تہ هڪ پکي آهي جيڪو پڃري ۾ تڙپي رهيو آهي. پاڻ فوراً ان کي خريد ڪري آزاد ڪري ڇڏيائون. اهو پکي هر روز سندن گهر ايندو هو. پاڻ ساري رات نماز ۾ مصروف رهندا هئا ۽ اهو پکي حضرت جن کي ڏسندو رهندو هو. جڏهن ماڻهو حضرت جن جو جنازو کنيو ٿي مليا

ته اهو پکي سندن جنازي مٿان آڏامندو ٿي هليو. جڏهن حضرت جن کي دفن ڪيو ويو تڏهن ان پکيءَ سندن قبر مٿان پاڻ کي اڇلائي ڦٿو ڪيو ۽ قبر مٿان تڙڦندو رهيو. ان وقت قبر کان آواز آيو ته الله تعاليٰ ابو سفيان کي انهيءَ سبب ڪري بخشي ڇڏيو جو هو خلق تي عاشق هو.

الحمد لله رب العالمين.

* ذکر حضرت شفيق بلخي رحمت الله عليه *

متوکل ابرار، متعرف اسرار، رکن محترم محتشم، زاهدان طريق حضرت ابو علي شفيق بلخي رحمت الله عليه يگانه وقت، شيخ زمان، زهد ۽ عبادت ۾ راسخ قدم رکندڙ هئا. ساري عمر توکل ۾ بسر ڪيائون. پاڻ هر قسم جي علم ۽ فن ۾ ماهر هئا. سندن ڪيترين ئي تصنيفون موجود آهن. پاڻ علم ۽ فن ۾ حاتم بن آصم جا استاد هئا ۽ طريقت ۾ حضرت ابراهيم بن ادهم جا شاگرد هئا. پاڻ جليل القدر مشائخن جي صحبت ۾ رهيا. پاڻ فرمائن ٿا ته مان هڪ هزار ست سؤ استادن جي شاگردي ڪئي، ۽ ڪيترا اٺ ڪتابن جا پڙهيا. جن مان اهو پرايو ته الله تعاليٰ جي رضا چئن چيزن تي آهي. پهريون جيڪا روزي ملي تنهن تي شاڪر رهڻ. ٻيو هر ڪم ۾ اخلاص جو هجڻ. ٽيون شيطان سان دشمني رکڻ. چوٿون موت جي تياري ڪرڻ.

سندن توبهه جو سبب هي آهي: هڪ دفعي تجارت جي غرض سان ترڪستان ويا. جڏهن هڪ بتخاني جو نظارو ڪندي هڪ بت پرست کي ڏٺائون، جو پوڄا ڪري رهيو هو. ان کي التجا ڪندا رهيا اهو حال ڏسي پوءِ هن کي چيائون ته توکي شرم نٿو اچي، توکي پيدا ڪرڻ وارو قادر زنده آهي توکي ان جي ئي عبادت ڪرڻ گهرجي. بتن جي پوڄا ڪرڻ ڇڏي ڏي اهي تنهنجي ڪنهن ڪم نه ايندا. اها ڳالهه ٻڌي ان بت پرست چيو ته جيڪڏهن تنهنجو خدا اهڙو ئي آهي ته پوءِ توکي پنهنجي شهر ۾ روزي نٿو ڏيئي سگهي ڇا؟ پوءِ توکي هن شهر ۾ اچڻ جي ضرورت ڇو پيئي؟ بت پرست جو اهو ڪلام ٻڌي حضرت جن جي دل تي هڪ قسم جي سخت چوٽ لڳي. انهيءَ وقت پنهنجي شهر بلخ موٽڻ جو ارادو ڪيائون. واپسيءَ وقت هڪ آتش پرست به گڏ هون. آتش پرست شفيق بلخي رحه کان پڇيو ته اوهان ڪهڙو ڪم ڪندا آهيو؟ پاڻ جواب ڏنائون ته سوداگري ڪندو آهيان. آتش پرست وري چيو ته اهڙيءَ روزيءَ جي خاطر ڪوشش ڪرڻ، جيڪا اوهان جي تقدير ۾ نه آهي سا ته ڇڻ عمر ضايع ڪرڻ آهي. اهڙي جا روزيءَ لاءِ جدوجهد ڪريو ٿا جا اوهان جي قسمت ۾ لکيل آهي سا فضول آهي.

اها روزي تہ بهرحال اوهان کي ملي ٿي ويندي. آتش پرست جي اهڙي ڪلام سان سندن دل ني اچا بہ گهري چوٽ لڳي ۽ سندن دل مــان دنيا لاءِ محبت هڪدم ختم ٿــي ويئي. بلخ ۾ واپس اچي ڪري عبادت الاهيءَ ۾ مشغول ٿي ويا. انهيءَ وقت علي بن عيسيٰ بن هـان بلخ جو امير هـو ان جو ڪتو گم ٿي ويو هـو. سرڪاري آفيسرن حضرت شفيق بلخي رحہ جي هڪ پاڙي واري کي شڪي حالت ۾ گرفتار ڪيو هـو. هن کي چون پيا تــہ ڪتو تو چورايو آهي. انهيءَ ڏوهہ ۾ هــن کي ڏاڍي تڪليف ڏيــڻ لڳا. هن غـريب حضرت شفيق بلخي رحہ کي التجا ڪئي تــہ منهنجي ڪا مدد ڪريو. پاڻ انهيءَ امير وٽ ويا ۽ ڪيس فرمايائون تہ هن غريب کي ڇڏي ڏيو. ٽن ڏينهن ۾ تنهنجو ڪتو توکي ملي ويندو. ٽــن ڏينهن کان پــوءِ ڪنهن ماڻهوءَ ان ڪتي کي پڪڙي ورتو ۽ انهيءَ ڏينهن تي اهو ڪتوُ امير کي ملي ويو.

نقل آهي تہ هڪ دفعي بلخ ۾ سخت ڏڪار پيو ۽ حالت اها اچي رهي جو ماڻهوءَ ماڻهوءَ کي پٽي ڪــاڏو. پاڻ هڪ غلام کي بــازار ۾ نهايت خوش خــورم ڏٺائون ۽ انهيءَ غــلام کي فرمايائون تہ اي غــلام! اهڙو ڪهڙو سبب آهي جو تون اهڙو خوش نظر ٿــو اچين. حالانڪ بک ۽ قحط جي سبب ماڻهن جي حالت ڇــا مان ڇا ٿي رهي آهي. غــلام چيو تــہ مون کي ڇــا جو خــوف مــان تــہ ڪنهن جــو غــلام آهيــان. منهنجي مالڪ کــي ڪيترا ئي ڳــوٺ آهن ۽ ولس ڪافي ڌن دولت ۽ انــاج موجــود آهي اهو مون کي ڪڏهن بہ بکيو نہ رکندو. اهو ٻڌي حضرت شفيق بلخي رحہ جي حالت ۾ ڦيرو اچي ويو ۽ دل ۾ چيائين تــہ هي غلام پنهنجي انهيءَ مــالڪ وٽ جنهن وٽ معمولي انــاج جــو ذخيرو آهي، خــوش آهي؛ تــہ پــوءِ اي الله! تــون مالڪ الملڪ آهين ۽ هميشہ روزي ڏيــڻ وارو آهين پــوءِ مان ڇو غم ڪريان! انهيءَ وقت پــاڻ دنيا جي شغلن کان منهن مــوڙي ڇڏيائون، ۽ توبهہ ڪري حق تعاليٰ جي طــرف متوجہ ٿي پيا. پوءِ تہ توڪل ۾ حد ڪمال تائين پهچي ويا. پاڻ هميشہ چوندا هئا تــہ مان هڪ غلام جو شاگرد آهيان. حضرت حاتم آصم جن فرمايو آهي تــہ هڪ دفعي مان حضرت شفيق بلخي رحہ سان گــڏ جهاد تــي ويس هڪ ڏينهن سخت جنگ لڳــي. جنگ ۾ ســواءِ تيرن ۽ ڀالن جي ٻيو ڪجهہ بــہ نظر نہ پئي آيو. حضرت جن مون کي فرمايو تہ اي حاتم! تون پنهنجو پــاڻ کي ڪهڙي حالت ۾ ڏسين ٿــو. شايــد تون اهو خيال ڪرين ٿو تــہ ڪالهہ ڪو ڏينهن آهي. جــڏهن تون پنهنجي گهر واريءَ سان مزي سان ستو پيو هئين؟ ائين ڇٽي ٻنهي فــوجن جي وچ ۾ سمهي پيا ۽ پنهنجي گــودڙيءَ کي وهاڻي طــور استعمال ڪيائون. انهيءَ اعتماد ۽ توڪل جــي سبب جيڪو کين حق تعاليٰ تي هــو، ٻنهي صفن جي وچ ۾ ليٽيا رهيا ڄڻ تــہ سندن خيال ۾ جنگ ڪــا شيءِ ئي ڪانہ هئي.

نقل آهي تہ هڪ دفعي مجلس ۾ ويٺي وعظ فرمائي رهيا هئا، تہ ايتري ۾ شهر ۾ هل مچي وئي، تہ غنيم اچي ويا آهن. پاڻ هڪ دم ٻاهر تشريف وٺي ويا ۽ ڪافرن کي شڪست ڏئي واپس آيا. انهيءَ وچ ۾ سندن هڪ مريد هڪ گل ڪٽي اچي حضرت جي مصلي تي رکيو. پاڻ انهيءَ گل کي سنگهڻ لڳا تہ اتي هڪ شخص چوڻ لڳو تہ غنيم سر تي بيٺا آهن ۽ اوهان گل سنگهي رهيا آهيو. پاڻ فرمايائون تہ منافق ماڻهو گل سنگهڻ ڏسي سگهن ٿا ليڪن ڪفرن جي شڪست نٿا ڏسي سگهن.

نقل آهي تہ هڪ دفعي پاڻ سمرقند ۾ وعظ فرمائي رهيا هئا. پاڻ هڪ قوم کي مخاطب ٿي فرمايائون تہ اي قوم! جيڪڏهن توهان مرد آهيو تہ قبرستان ۾ وڃو. جيڪڏهن ديوانا آهيو تہ اسپتالن ۾ وڃو ۽ جيڪڏهن بندا آهيو تہ اي مخلوق پرستو! مسلمانيءَ جو داد ڏيو.

هڪ دفعي ڪنهن شخص حضرت شفيق بلخي رحہ کي چيو تہ ماڻهو اوهان تي ملامت ٿا ڪن تہ اوهان ماڻهن جي محنت واريءَ ڪمائيءَ مان روزي کائو ٿا. اچو تہ مان اوهان کي ڪجهہ ڏيان. پاڻ فرمايائون تہ اي شخص! جيڪڏهن تو ۾ هي پنج عيب نہ هجن ها تہ شايد مان ائين ڪريان ها. پهريون تہ تنهنجو مال گهٽ ٿي پوندو. ٻيو هي تہ ممڪن آهي تہ تنهنجو مال چور، چوري ڪري وڃن. ٽيون تہ ائين ڪرڻ ڪري شايد بعد ۾ پشيمان ٿئين. چوٿون تہ جيڪڏهن مون ۾ ڪو عيب ڏسندين تہ مون کي ڏنل شيءِ واپس گهرندين، ۽ پنجون هي تہ توکي هڪ ڏينهن مرڻو بہ آهي. پوءِ مان بي سرو سامان رهجي ويندس. ليڪن منهنجو خدا اهڙو آهي جو انهن سڀني عيبن کان پاڪ ۽ صاف آهي.

نقل آهي تہ هڪ دفعي ڪو شخص سندن خدمت ۾ آيو ۽ اچي چيائين تہ مان حج تي وڃڻ گهران ٿو. پاڻ فرمايائون تہ ڇا تو وٽ سفر جو سمر آهي؟ هن چيو تہ مون وٽ چار شيون آهن. پهرين تہ ڪنهن شخص کي روزي ڏيندڙ رب کان نزديڪ نٿو سمجهان. ٻي اها تہ روزي ڏيندڙ ڪنهن غير کي تصور نٿو ڪريان. ٽين اها تہ حڪم خدا جي کي ڏسان ٿو. ڪٿي بہ هجان خدا مون سان ساڻ آهي. چوٿين تہ جنهن بہ حال ۾ رهان ٿو تہ مان سمجهان ٿو تہ حق تعاليٰ منهنجي حال کي مون کان وڌيڪ ڄاڻي ٿو. اهو ٻڌي پاڻ فرمايائون تہ آفرين آهي توکي ۽ مبارڪ هجي توکي جو تو وٽ تمام سٺو سمر آهي.

نقل آهي تہ هڪ دفعي ڪعبي وڃڻ جو ارادو ڪيائون ۽ بغداد پهتا. هارون الرشيد ان وقت جي خليفي حضرت شفيق بلخي رحہ کي پاڻ وٽ گهرايو. جڏهن پاڻ هارون الرشيد وٽ ويا تہ ان پڇين تہ اي شفيق! ڇا تون زاهد آهين؟ پاڻ فرمايائون تہ شفيق تہ مان آهيان ليڪن زاهد نہ آهيان. هارون چيو تہ مون کي ڪا نصيحت فرمايو. پاڻ فرمايائون تہ اي هارون! هوش

ڪر. رب تعاليٰ توکي صديق جي جاء تي ويهاريو آهي ۽ توکان صدق تو طلب ڪري، ۽ فاروق جي جاء تي ويهاريو آهي ۽ هو توکان حق ۽ باطل جو فرق گهري ٿو. هن توکي ذالنورين جيٰ جڳهه تي ويهاريو آهي ۽ توکان حيا ۽ ڪرم جو مطالبو ڪري ٿو. هن توکي مرتضيٰ جي جاء ڏني آهي ۽ توکان علم و عدل جي تقاضا ڪري ٿو. انهيءَ تي هارون چيو تہ ڪجهہ وڌيڪ فرمايو. پوءِ فرمايائون تہ حق تعاليٰ دوزخ ٺاهي توکي ان جو دربان مقرر ڪيو آهي ۽ مال چهبڪ ۽ تلوار ڏيئي توکي حڪم ڏنو اٿس تہ ماڻهن کي دوزخ جي طرف اچڻ نہ ڏي. جيڪڏهن تو وٽ ڪو حاجتمند اچي تہ، تون ان کي مال ڏيءِ ۽ جيڪو خداوند ڪريم جي حڪم جي خلاف ورزي ڪري تہ ان کي چهبڪن سان سزا ڏي ۽ ڪوئي قتل ڪري تہ تون تلوار سان ان جو قصاص وٺ. جيڪڏهن تون ائين نہ ڪندين تہ ياد رک تہ دوزخين جو سردار تون ئي هوندين. هارون وري چيو تہ اڃا ڪجهہ وڌيڪ فرمايو. پاڻ فرمايائون تہ تون هڪ قسم جو چشمو آهين ۽ رعيت تنهنجون نهرون آهن. جيڪڏهن چشمو صاف آهي تہ نهرن جي خراب ٿيڻ جو ڪو سبب ئي پيدا نٿو ٿئي. پر جي چشمو ئي گندو هجي تہ نهرن جي صاف ٿيڻ جي ڪا صورت ئي ڪانهي. هارون وري چيو تہ وڌيڪ ڪجهہ فرمايو. پاڻ فرمايائون تہ جيڪڏهن تون جهنگ ۾ هجين ۽ ايتري قدر توکي اُڃ لڳي جو تون مرڻ جي قريب پهچي وڃين، ان وقت جيڪڏهن توکي ڪو چوي تہ هڪ ڍڪ پاڻيءَ جي قيمت اڌ سلطنت آهي تہ ڇا تون اهو هڪ ڍڪ خريد ڪندين؟ جيڪڏهن تنهنجو پيشاب بند ٿي وڃي ۽ تنهنجو علاج ان شرط تي ڪيو وڃي تہ ان جي عيوض توکي پنهنجي سلطنت جو اڌ ڏيڻو پوندو تہ ڇا تون ائين نہ ڪندين. هارون چيو تہ هائو، اڌ سلطنت ڏيئي ڇڏيندس. تڏهن پاڻ فرمايائون تہ پوءِ اهڙي حڪومت تي ڪهڙو ناز ڪرڻ، جنهن جي قيمت ئي آهي صرف پاڻيءَ جو هڪ ڍڪ. اهو ٻڌي هارون الرشيد روئڻ لڳو ۽ عزت ۽ احترام سان حضرت شفيق رحہ کي روانو ڪيائين.

جڏهن پاڻ مڪي شريف پهتا تہ چوڌاري ماڻهو مڙي آيا. پاڻ انهن کي فرمايائون تہ هن جڳهہ تي روزيءَ جي تلاش ڪرڻ ناداني آهي. روزيءَ جي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪم ڪرڻ حرام آهي. پوءِ حضرت ابراهيم ادهم رحہ سان ملاقات ڪري پڇيائون تہ اي حضرت! اوهان گذر معاش لاءِ ڇا ڪندا آهيو؟ حضرت ابراهيم ادهم رحہ جن فرمايو تہ جيڪڏهن ملي ويندي آهي تہ شڪر ڪندو آهيان پر جي نہ ملندي آهي تہ صبر ڪندو آهيان. پاڻ فرمايائون تہ اها حالت تہ اسان جي شهر جي ڪتن جي بہ آهي. حضرت ابراهيم رحہ کانئن پڇيو تہ تون ڇا ڪندو آهين؟ پاڻ فرمايائون تہ جيڪڏهن ڪجهہ ملي ويندو آهي تہ خيرات ڪري ڇڏيندو آهيان پر جي نہ ملندو آهي تہ شڪر ڪندو آهيان. اهو ٻڌي حضرت ابراهيم رحہ، حضرت شفيق رحہ جي منهن

کي چيو ۽ چيائين تہ تون منهنجو استاد آهين.

پاڻ جڏهن مکي شريف کان بغداد آيا، تہ ڏهن پاڻ وعظ فرمايائون ۽ زياده تر توکل جي باري ۾ وعظ تي کيائون. پاڻ وعظ جي دوران فرمايائون تہ مان جڏهن بيابان ۾ هئس ان وقت مون وٽ چار دانگ * چاندي هئي اها هاڻي بہ مون وٽ موجود آهي. انهيءَ مجلس مان هڪ جوان اٿي بيٺو، جنهن چيو تہ جنهن وقت اوهان اهي چار دانگ کيسي ۾ وڌا هئا تہ ڇا ان وقت خدا تعاليٰ حاضر کونہ هو، ۽ ان وقت خدا تعاليٰ ۾ اعتماد نہ رهيو هو ڇا؟ اهو ٻڌي پاڻ ڏاڍو رنا ۽ انهيءَ ڳالھہ جو اقرار کيائون ۽ فرمايائون تہ واقع تون سچ ٿو چوين.

نقل آهي تہ هڪ دفعي حضرت شفيق بلخي رحہ جي خدمت ۾ هڪ پوڙهو شخص آيو جنهن اچي چيو تہ مان ڏاڍا گناه کيا آهن. هاڻي چاهيان ٿو تہ توبهہ کريان. پاڻ فرمايائون تہ تون دير سان آيو آهين. ان ضعيف شخص چيو تہ مان دير سان کونہ آيو آهيان پر جلدي آيو آهيان. ڇاکاڻ تہ جو شخص موت کان اڳ توبهہ کري، ان کي جلدي آيل سمجهڻ گهرجي پاڻ فرمايائون تہ تو بلکل سچ چيو تون واقعي جلدي آيو آهين. فرمائن ٿا تہ جيکو شخص مصيبت ۾ فرياد کري ٿو اهو ڄڻ تہ تير هٿ ۾ کڻي الله تعاليٰ سان جنگ ٿو کري. فرمائن ٿا تہ فرمانبرداري ڏھ حصا آهي، جنهن مان نو حصا دنيا کان بيزاريءَ ۾ ۽ هڪ حصو خاموشيءَ ۾ آهي. سندن وڌيک ارشادات هي آهن: ماڻهن جي هلاکت جا ٽي سبب آهن پهريون توبهہ جي اميد تي گناه کرڻ. ٻيو زندگيءَ جي اميد تي توبهہ نہ کرڻ. ٽيون رحمت جي اميد بغير توبهہ کرڻ. مان مهمان کان وڌيک ٻي کنهن بہ چيز کي پسند نہ کندو آهيان. ڇاکاڻ تہ ان جي روزي ۽ اجرت خدا جي ذمي آهي. جيکڏهن توهان اهو ڏسڻ گهرو ٿا تہ کهڙو ماڻهو چڱو آهي ۽ کهڙو برو، تہ اهو ڏسو تہ اهو خدا جي وعدي تي زياده اعتبار ٿو کري يا ماڻهن جي وعدي تي. مان ست سؤ عالمن کان چار ڳالهيون دريافت کيون. پهريون عقلمند کير آهي. ٻيو امير کير آهي. ٽيون بخيل کير آهي ۽ چوٿون درويش کير آهي. سڀني هڪ ئي جواب ڏنو تہ عقلمند اهو آهي، جو دنيا کي محبوب نہ رکي. امير اهو آهي جو خدا جي تقدير تي راضي رهي. بخيل اهو آهي جو زکوات ادا نہ کري، ۽ درويش اهو آهي جنهن جي دل ۾ دنيا جي زيادتيءَ جي خواهش نہ هجي. اطاعت جي پاڙ خوف، اميد ۽ محبت آهي. خوف جي علامت آهي حرام ڳالهين کان پري ڀڄڻ، ۽ اميد جي نشاني آهي دائمي فرمانرداري کرڻ. جنهن شخص وٽ ٽي ڳالهيون نہ هونديون اهو دوزخ کان نجات حاصل کري نہ سگهندو.

---

* ڇهن رتين جي وزن کي دانگ چئبو آهي جو هڪ سکو هيو.

پهريون آمن ٻيو خوف ۽ ٽيون بيقراري. موت لاءِ هر وقت تيار رهو. ڇاڪاڻ تہ اهو جڏهن ايندو آهي تہ موٽندو نہ آهي.

حاتم آصم فرمائن ٿا تہ مان حضرت شفيق رحہ کان اهڙيءَ ڳالهہ جي وصيت گهري جيڪا فائدي مند هجي. پاڻ فرمايائون تہ جيڪڏهن عام وصيت گهرين ٿو تہ پنهنجي زبان کي محفوظ رک. پر جيڪڏهن خاص تہ ان وقت تائين پنهنجي زبان سان ڪابہ ڳالهہ نہ ڪ جيستائين توکي يقين نہ ٿي وڃي تہ جي تون اها ڳالهہ نہ چوندين تہ جلي ويندين يا ان جي نہ چوڻ سان زبردست فتنو ڪڙو ٿيندو. حضرت شفيق بلخي رحہ جي وفات سنہ ٥٣ هجريءَ ۾ ٿي. إنا لله وإنا إليه راجعون. ط

❋ ذڪر حضرت امام اعظم ابو حنيفہ ڪوفي رحمت الله عليه ❋

امام اعظم رحمت الله عليه، شرع محمديءَ جا چراغ ۽ اُمت محمدي صلي الله عليه وسلم جا امام ۽ پيشوا آهن سندن رياضت مجاهده ۾ ڪا حد ڪانہ هئي. ڪيترن ئي مشائخن جي زيارت جو شرف حاصل ڪيو هئائون. پاڻ حضرت فضيل رحہ، ابراهيم ادهم رحہ، بشر حافي رحہ ۽ دائود طائي رحہ جا استاد هئا. پاڻ جڏهن روضي نبوي صلي الله عليه وسلم جن جي تي حاضر ٿي السلام عليڪم يا سيد المرسلين چيائون، تہ جواب ۾ وعليڪم السلام يا امام المسلمين جي ندا ٻڌڻ ۾ آئي.

پاڻ ابتدائي زندگيءَ ۾ ئي گوشہ نشيني اختيار ڪئي هئائون ۽ سادو لباس پهريندا هئا. هڪ رات خواب ۾ ڏٺائون تہ پاڻ حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن جي قبر مبارڪ مان هڏا گڏ ڪري رهيا آهن. انهن مان ڪن ڪي پسند ٿي ڪيائون ۽ ڪن کي نا پسند. خواب جي انهيءَ هيبت سبب پاڻ خواب مان بيدار ٿيا، ۽ حضرت ابن سيرين رحہ جي هڪ رفيق سان اهو خواب بيان ڪيائون جنهن چيو تہ اهو خواب مبارڪ آهي. اوهان حضور پر نور صلي الله عليه وسلم جي علم فقه ۽ سنت ۾ انهيءَ درجي تي پهچي ويندا جو اوهان کي تفسير ڪرڻ جو درجو حاصل ٿي ويندو، ۽ صحيح کي غير کان علاحده ڪندا. ٻي دفعي پاڻ حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن کي خواب ۾ ڏٺائون تہ حضور جن فرماين تہ اي ابو حنيفا! توکي خدا تعاليٰ انهيءَ ڪري پيدا ڪيو آهي تہ تون اسان جي سنت کي زنده ڪر، ۽ عزلت (گوشہ نشيني) جو ارادو ڇڏي ڏي.

حضرت امام اعظم جن جي احتياط (خبرداري) جو هي عالم هو جو هڪ ڏينهن وقت

جي خليفي مجلس ڪوٺائي. جنهن ۾ امام اعظم جا استاد شعبي رحہ ۽ وقت جا ٻيا ڪيترائي علماءَ شامل هئا. خليفي داروغي کي حڪم ڪيو تہ هر هڪ خادم جي نالي ڪجهہ جائداد وقف يا ملڪ اقرار جي طور تي لکي ڇڏ ۽ علماءِ ڪرام جون شاهديون وٺي ڇڏ. هڪدم ڪاغذ لکيو ويو، جنهن تي تمام علمائن ۽ حضرت امام صاحب جن جي استاد بہ انهيءَ ڪاغذ تي دستخط ڪري ڇڏيا. جڏهن اهو ڪاغذ امام صاحب جن وٽ پهتو، تڏهن پاڻ فرمايائون تہ خليفو ڪٿي آهي؟ جواب مليو تہ هو پنهنجي محل ۾ آهي. پاڻ فرمايائون تہ يا امير المومنين هتي اچي، يا مان ان وٽ وڃان. تڏهن مان هن ڪاغذ تي شاهديءَ جي صحيح ڏيندس. اهو جواب ٻڌي داروغي چيو تہ سڀني علمائن شاهدي لکي ڏني آهي. توهان ائين ڇٺي فضول ڳالهيون ڇو ٿا ڪريو. پاڻ فرمايائون تہ هر هڪ جو فعل ان لاءِ پنهنجو آهي تنهن ڪري پاڻ امام صاحب جن شاهدي ڏيڻ کان انڪار ڪيو. جڏهن اها خبر خليفي کي پيئي تڏهن امام صاحب جي استاد شعبي رحہ کي گهرائي پڇيائين تہ ڇا گواهي ۾ اکين سان ڏسڻ ضروري آهي؟ شعبي رحہ چيو تہ هائو! تنهن تي خليفي چيو تہ جيڪڏهن ائين آهي تہ پوءِ اوهان بغير ڏني گواهي ڪيئن لکي ڏني. شعبي رحہ چيو تہ مون کي خبر هئي تہ اهو ڪم اوهان جي حڪم سان آهي. خليفي چيو تہ اها ڳالهہ حق کان پري آهي؛ ۽ تون منصف قضا جي لائق نہ آهين. ان کان پوءِ خليفي اڪابر علماءِ جي مشوري سان امام ابو حنيفي، سفيان مشعرين ڪدام ۽ شريح کي قضا جي منصفي لاءِ منتخب ڪيو، ۽ انهن چئني مان ڪنهن بہ هڪ کي قاضي بنائڻ تي گهريو. آخرڪار مذڪوره چئني کي خليفي دربار ۾ گهرائي پنهنجي راءِ ڏيڻ جو اظهار ڪيو. امام صاحب ٻين سائين کي فرمايو تہ نجات جي هڪ تجويز اوهان کي ٻڌايان ٿو. سڀني سائڻ اتفاق ڪيو. پاڻ فرمايائون تہ سفيان کي هتان ڀڄي وڃڻ گهرجي. مشعر بن ڪدام پنهنجو پاڻ کي ديوانو بنائي، ۽ مان قاضي ٿيڻ پسند ڪونہ ڪندس باقي شريح کي قاضي بڻايو وڃي. آخر سڀني اها ڳالهہ قبول ڪئي. تجويز مطابق سفيان تہ ڀڄي ويو باقي ٽيئي ڄڻا دربار ۾ پهچي ويا. خليفي پهريائين امام صاحب کي قاضي بڻائڻ گهريو مگر پاڻ فرمايائون تہ مان ان جي قابل نہ آهيان. جيڪڏهن مان ڪوڙو آهيان تہ پوءِ ڪوڙو ماڻهو قاضي بڻجي نٿو سگهي. علاوه ان جي مان قريشي نہ آهيان بلڪ موالي آهيان ۽ عرب جا ماڻهو منهنجي قضا کي قبول نہ ڪندا، ان کان پوءِ مشعرين اٿي وڌي ڪري خليفي جي هٿ کي پڪڙيو، ۽ ديوانن جهڙيون ڳالهيون ڪرڻ لڳو. تنهن ڪري هن کي تہ ڪڍيو ويو. آخر ۾شريح کي قاضي بڻايو ويو. پوءِ امام اعظم شريح سان ملڻ جهلڻ ترڪ ڪري ڇڏيو.

نقل آهي تہ هڪ دفعي ڪي ٻارڙا بال راند ڪري رهيا هئا اتفاق سان انهن جو بال امام صاحب جن جي مجلس ۾ اچي ڪريو. ڪنهن بہ ڇوڪري کي اتان بال کڻڻ جي همت ڪانہ ٿي.

هڪ ڇوڪري ڇيو تہ اها معمولي ڳالهہ آهي. مان تہ هاڻي جو هاڻي ٻال ڪٽي اچان. اهو ڇوڪرو نهايت ئي گستاخانہ طريقي سان وڃي ٻال ڪٽي آيو. پاڻ ان ڇوڪري کي ڏسي فرمايائون تہ معلوم ٿو ٿئي تہ اهو ڇوڪرو حلالي نہ آهي. جڏهن ان ڳالهہ جي تحقيق ڪئي ويئي تہ واقعي اهو ڇوڪرو اهڙو ئي هو. ماڻهن پڇيو تہ اوهان ڪيئن سمجهيو تہ اهو ٻار حلالي نہ آهي. پاڻ فرمايائون تہ جيڪڏهن حلالي هجي ها تہ ضرور حياءُ ٿئيس ها.

نقل آهي تہ هڪ شخص تي امام صاحب جو قرض هو جنهن محلي ۾ هو رهندو هو، انهيءَ محلي ۾ امام صاحب جو هڪ شاگرد بہ رهندو هو. هڪ ڏينهن سندن شاگرد فوت ٿي ويو پاڻ نماز جنازه پڙهڻ لاءِ اوڏانهن تشريف وٺي ويا اهو وقت ٽاڪ منجهند جو هو ۽ هر طرف اُس ئي اُس هئي. ڪنهن بہ شيءِ جو ڇانو ڪونہ هو اتي صرف امام صاحب جي قرضدار جي ديوار جو ڪجهہ ڇانو هو. ماڻهن امام صاحب کي عرض ڪيو تہ ٿوري وقت لاءِ اوهان ان ڇانو ۾ ترسو. پاڻ فرمايائون تہ انهيءَ شخص تي منهنجو قرض آهي تنهن ڪري مون کي ان جي ديوار واري ڇانو مان فائدو حاصل ڪرڻ روا نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جو ارشاد آهي تہ ”قل قرض جرمنفعہ فهو رابو“ جيڪڏهن مان ان کان ڪو فائدو حاصل ڪندس تہ اهو وياج ۾ شامل ٿيندو.

نقل آهي تہ سندن هڪ شاگرد محمد بن حسن نهايت ئي حسين و جميل هو. پاڻ صرف هڪ دفعو هن کي ڏٺائون ۽ وري ڪيس ڪڏهن بہ ڪونہ ڏٺائون. امام صاحب جڏهن بہ هن کي درس ڏيندا هئا تہ ديوار جي پٺيان ويهاريندا هئا تہ جيئن مٿس نظر نہ پوي.

نقل آهي تہ حضرت دائود طائي فرمائن ٿا تہ مان امام صاحب جي ويهہ سال خدمت ڪئي ليڪن انهيءَ مدت ۾ مان ڏٺو تہ ڪڏهن بہ پاڻ مٿو اُگهاڙو ڪري ڪونہ ويٺا، ۽ ڪڏهن بہ پير دراز ڪندي ڪونہ ڏٺو مان. مان خدمت ۾ عرض ڪيو تہ اي امام دين! جيڪڏهن اوهان اڪيلائيءَ ۾ پنهنجا پير ڊگها ڪري ويهو تہ ڪهڙي وڏي ڳالهہ آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ خلوت ۾ حق تعاليٰ سان ادب سان ويهڻ نهايت سٺو آهي.

نقل آهي تہ هڪ دفعي پاڻ ڪيڏانهن وڃي رهيا هئا. رستي ۾ هڪ ڇوڪر گپ ۽ چڪ مان لنگهندي ڏٺائون. پاڻ انهيءَ ڇوڪر کي فرمايائون تہ اي ڇوڪرا! هوش سان هل متان ڪٿي ترڪي نہ پوين! ڇوڪر جواب ڏنو تہ منهنجي ڪرڻ مان ڪو نقصان ڪونهي جي مان ڪري پيس تہ اڪيلو ئي ڪرندس ليڪن اوهان هوش سان هلو. ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن اوهانجو پير ڪسڪي ويو تہ انهن سمورن مسلمانن جا پير ترڪي ويندا. جيڪي اوهان جي متابعت ڪن ٿا، ۽ پوءِ سيني جو اُٿڻ ڏاڍو ڏکيو ٿيندو. امام صاحب جن کي انهيءَ ڇوڪر جي عقلمنديءَ

تي ڏاڍو عجب لڳو، ۽ پاڻ روئي ڏنائون. پوءِ مريد کي فرمايائون تہ جيڪڏهن اوهان کي ڪنهن مسئلي ۾ شڪ ۽ شبہ هجي يا ڪو روشن دليل موجود نہ هجي تہ منهنجي پيروي هرگز نہ ڪجو. امام ابو يوسف ۽ امام محمد باوجود شاگرد هجڻ جي امام صاحب جي ڪيترن مسئلن تي اختلاف ڪيو آهي.

نقل آهي تہ هڪ دفعي امام صاحب حمام ۾ تشريف فرما ٿيا اتي هڪ شخص کي اگهاڙو ڏٺائون. ڪن ماڻهن ان جي متعلق چيو تہ هي فاسق آهي تہ ڪن چيو تي تہ اهل حديث آهي. پاڻ ان کي ڏسي ڪٺي اکيون بند ڪيائون. انهيءَ شخص چيو تہ اي امام صاحب! اوهان جي اکين جي بينائي ڪڏهن ختم ٿي. امام صاحب جن فرمايو تہ جڏهن کان توکان حيا ڇڏائي ويو. فرمائن ٿا تہ مان بخيل جي عادت کي سمجهي ڪونہ سگهيو آهيان، ۽ نہ ان جي شهادت کي قبول ڪريان ٿو. ڇاڪاڻ تہ بخيل ٿئي کي انهيءَ ڳالهہ تي آماده ڪندو تہ هو پنهنجي حق کان زياده وٺي.

نقل آهي تہ هڪ دفعي ڪا مسجد تعمير ٿي رهي هئي. ماڻهن خيرات جي طور تي امام صاحب کان بہ چندو گهريو مگر امام صاحب کي اها ڳالهہ ڏکي لڳي. ماڻهن چيو تہ اسان جو مطلب صرف چندي سان آهي امام صاحب نفرت وچان هڪ درهم ڪڍي ڏنو. اهو حال ڏسي ماڻهن چيو تہ اوهان عادل بہ آهيو ۽ ڪريم بہ، ان سان گڏ سخي بہ آهيو. پوءِ مسجد جي ڪم ۾ چندو ڏيڻ ڇو ڏکيو لڳو. فرمايائون تہ مال جي سبب ڪري ائين نہ ٿيو آهي. بلڪ مونکي يقين آهي تہ حلال جو مال مٽيءَ ۽ پاڻيءَ ۾ هرگز خرچ نہ ٿيندو آهي. منهنجو مال حلال جو آهي. جڏهن انهن چندو گهريو تہ مون کي شبہ ٿيو تہ شايد منهنجو مال حلال جو نہ آهي. انهيءَ سبب ڪري مان رنجيده ٿيس. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ اهو ساڳيو ئي درهم امام صاحب جن وٽ موٽي آيا ۽ ڪين چيائون تہ اوهان جو درهم ڪوٽو آهي اهو ٻڌي پاڻ ڏاڍا خوش ٿيا.

نقل آهي تہ هڪ دفعي امام صاحب بازار مان وڃي رهيا هئا، تہ اوچتي ننهن جيتري مٽي سندن ڪپڙن تي اچي ڪري. پاڻ انهيءَ وقت دجلہ درياہ جي ڪناري تي ويا، ۽ قميص کي ڌوئي ڇڏيائون. ماڻهن عرض ڪيو تہ اوهان مقرر مقدار تائين پليتيءَ کي جائز قرار ڏنو آهي پوءِ اوهان صرف ذري جيتري مٽيءَ جي پوڻ ڪري سڄي ڪپڙي کي ڇو ڌوئي ڇڏيو؟ پاڻ فرمايائون تہ اها فتويٰ آهي ۽ هيءَ تقويٰ آهي. جيئن حضور پر نور صلي الله عليه وسلم جن حضرت بلال رضہ کي اڌ مانيءَ جي رکي ڇڏڻ جي بہ اجازت ڪانہ ڏني هئي. حالاڪ حضور صلي الله عليه وسلم جن خود پنهنجين گهر وارين لاءِ هڪ سال جو ڪاڌو رکي ڇڏيو هو.

نقل آهي ته جڏهن حضرت دائود طائي رحه کي ”پير“ جي حيثيت حاصل ٿي، تڏهن امام صاحب کان پڇيائون ته هاڻي مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي. پاڻ فرمايائون ته علم تي عمل ڪر. ڇاڪاڻ ته جنهن علم تي عمل نه ٿئي، اهو بي روح جسم جي مثل آهي.

هڪ دفعي وقت جي خليفي خواب ۾ ملڪ الموت کي ڏٺو ۽ ان کان پڇيائين ته منهنجي عمر اڃا ڪيتري آهي؟ ملڪ الموت پنجن آڱرين جي طرف اشارو ڪندي چيو ته پنجن علمن کي ڪوئي به نٿو ڄاڻي. اهي پنج ئي علم هن آيت ۾ بيان ڪيل آهن. ترجمه:- پهريون بيشڪ الله تعاليٰ ئي قيامت جي ڏينهن کان واقف آهي ته اها ڪڏهن ايندي. ٻيو بارش جو علم به حق تعاليٰ کي آهي. ٽيون حامله عورت جي پيٽ جي به ان کي ئي خبر آهي. چوٿون آئينده ڏينهن جي ڪم ڪرڻ جو به علم ان کي ئي آهي ۽ پنجون موت جو علم به ان کي ئي آهي.

نقل آهي ته نوفل بن حيان چيو آهي ته جڏهن امام صاحب وفات ڪري ويا ته هڪ ڏينهن مان خواب ۾ ڏٺو ته ماڻهو محشر جي ميدان ۾ حساب ڏيڻ لاءِ جمع ٿيل هئا. اتي مان حضور پر نور صلي الله عليه وسلم جن کي حوض ڪوثر جي ڪناري تي بيٺل ڏٺو سندن ساڄي ۽ کاٻي پاسي کان مشائخين بيٺا هئا ۽ مان هڪ پير مرد کي ڏٺو جو نهايت ئي خوبصورت هو، سندن مٿو ۽ چهرو بلڪل سفيد هو. هن جو منهن حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي مٿهن مبارڪ تي رکيل هو، ۽ مان امام صاحب کي حضور پر نور صلي الله عليه وسلم جن جي بلڪل ويجهو بيٺل ڏٺم. مان سلام ڪري امام ابو حنيفه کان پاڻي طلب ڪيو. پاڻ فرمايائون ته جيستائين حضور صلي الله عليه وسلم جن اجازت نه ڏيندا تيستائين پاڻي نه ڏيندس. پوءِ حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن پاڻي ڏيڻ جو حڪم فرمايو. مان ۽ ٻئي اصحاب پاڻي پيتو. ليڪن پاڻي گهٽ نه ٿيو. پوءِ مان دريافت ڪيو ته حضور صلي الله عليه وسلم جن جي ساڄي پاسي کان جيڪو پير مرد آهي اهو ڪير آهي؟ پاڻ فرمايائون ته اهو حضرت ابراهيم خليل الله آهن، ۽ کاٻي پاسي کان حضرت ابو بڪر صديق رضه آهن. اهڙيءَ طرح مان امام صاحب کان پڇندو رهيس ۽ ڪپڙي کي ڳنڍيون به ڏيندو رهيس. ايتري قدر جو مان ستر آدمين جي باري ۾ پڇيو. جڏهن مان بيدار ٿيس ته ڪپڙي کي ستر ڳنڍيون ڏنيون پيون هيون.

يحييٰ معاذ رازي فرمائن ٿا ته مان خواب ۾ حضور پر نور صلي الله عليه وسلم جن جي زيارت ڪئي، ۽ ڪانئن پڇيو ته مان اوهان کي ڪٿي تلاش ڪريان؟ پاڻ فرمايائون ته مونکي ابو حنيفي جي علم جي نزديڪ تلاش ڪر.

حضرت امام ابو حنيفي جا مناقب گهڻا آهن. پاڻ ڪيترا ئي پيرا مجاهدا ڪيا اٿن، ۽ سندن فضيلت پوشيده نه آهي. ان ڪري اتي ئي سندن بيان کي ختم ڪجي ٿو.

* ذڪر حضرت امام شافعي رحمت الله عليه *

حضرت امام شافعي، شريعت ۽ طريقت جا سلطان ۽ دين جا وارث هئا. امام صاحب جون فضيلتون ۽ صفتون بيان ڪرڻ طاقت ڪان ٻاهر آهن. سارو جهان سندن سيني جي نور ڪان پر نور هو. انهن ڪٿي چئجي ته وڏاءُ ڪونه ٿيندو ته امام صاحب نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي درخت جي شاخ هئا. پندرهن سالن جي عمر ڪان وٺي امام صاحب جن اهم مسئلن جي متعلق فتوائون ارشاد فرمائيندا هئا.

حضرت امام احمد حنبل رضي الله عنه جن نهايت جليل القدر انسان هئا ۽ ڪين تي لک حديثون ياد هيون. پر جڏهن امام شافعي رحہ جي شاديءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ آيا ته امام صاحب جي برادريءَ وارن ۾ مٽي اگهاڙا تي امام صاحب جي ويجهو ويٺا. ماڻهن اعتراض ڪيو ته ايڏي مرتبي وارو انسان هڪ نو عمر ڇوڪري سان ويهي ٿو ۽ استادن ۽ مشائخن جي صحبت کي ترڪ ڪري ٿو. ليڪن امام حنبل انهن جي ڪا پرواه ڪانه ڪئي ۽ فرمايائين ته جيڪي ڪجهه اسان کي ياد آهي ان جي امام شافعي رحہ معنيٰ ڄاڻن ٿا. جيڪڏهن امام شافعي رحہ اسان کي نه ٻڌائي ته اسين سڀ جيڪر ناڪاره ثابت ٿيون. ڇاڪاڻ ته امام شافعي رحہ حديثن جي حقيقت ڪان واقف آهن. جيڪو علم پاڻ پڙهيو اٿن ان کي چڱي طرح سمجهيو به اٿائون ڪين سواءِ حديث جي ٻيو ڪجهه اچي ئي ڪونه ٿو. پاڻ جهان لاءِ آفتاب جي مثل آهن ۽ خلق لاءِ ڇوٽڪاري جو سبب. وڏيڪ امام حنبل رحہ فرمائن ٿا ته ماڻهن تي فقه جو دروازو بند هو. اهو محض امام شافعي رحہ جي طفيل کليو آهي. امام حنبل رحہ وڏيڪ فرمائن ٿا ته هن زماني ۾ سڀ ڪان وڏيڪ اسلام تي احسان امام شافعي رحہ جو آهي. امام صاحب ٽن علمن ۾ ڪماليت جو درجو رکن ٿا. پهريون علم لغت ٻيو علم اختلاف الناس ٽيون علم فقه چوٿون علم معاني. امام حنبل رحہ جو اهو به قول آهي ته نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جو ارشاد آهي ته الله تبارڪ وتعاليٰ سؤ سالن ڪان پوءِ هڪ اهڙي ماڻهوءَ کي موڪليندو رهندو جو ماڻهو انکان منهنجو دين سکندا رهندا. اهي پاڻ امام شافعي رحہ آهن. حضرت ثوري رحہ فرمايو آهي ته جيڪڏهن امام شافعي رحہ جي عقل جو مقابلو ان وقت جي بزرگ ماڻهن جي عقل سان ڪرايو وڃي ها ته امام شافعي رحہ جو عقل سڀ ڪان افضل ٿئي ها.

حضرت بلال خواص فرمائن ٿا ته مان حضرت خضر عليه السلام ڪان دريافت ڪيو ته اوهان جو امام شافعي رحہ جي حق ۾ ڪهڙو خيال آهي؟ حضرت خضر عليه السلام فرمايو ته

اهي استادن مان آهن. روايت آهي ته پاڻ شروع کان ئي جلسن، جلوسن ۽ دعوتن کان انڪاري هئا، ۽ هميشه سوز ۽ گريه ۾ رهندا هئا. پاڻ اڪثر اوقات سليم رائيءَ جي صحبت ۾ رهندا هئا. مولانا عبدالله انصاري فرمائن ٿا ته جيتوڻيڪ منهنجو مذهب شافعي نه آهي ته به مان امام شافعي رحه کي دوست رکان ٿو. ڇاڪاڻ ته جڏهن مان سندن درجي جو خيال ڪريان ٿو ته کين سڀ کان اڳ ۾ ڏسان ٿو.

امام شافعي رحه فرمائن ٿا ته مان حضور انور صلي الله عليه وسلم جن کي خواب ۾ ڏٺو. حضور جن پڇيو ته اي ڇوڪرا! تون ڪير آهين؟ مان عرض ڪيو ته يا رسول الله صلي الله عليه وسلم مان اوهان جو اُمتي آهيان. پوءِ حضور جن مون کي ويجهي اچڻ لاءِ چيو. مان جڏهن ويجهو ويس، تڏهن حضور جن پنهنجي لب مبارڪ منهنجي وات ۾ وجهڻ فرمائي، ۽ فرمايائون ته وڃ! خدا توتي فضل ڪري. پوءِ مان انهيءَ وقت حضرت علي ڪرم الله وجه کي خواب ۾ ڏٺو، جنهن پنهنجي آڱر مان منڊي لاهي، منهنجي آڱر ۾ وڌي. انهيءَ منڊيءَ جي برڪت سان حضرت علي رضه جو علم به مون ۾ سمائجي ويو. حضرت امام شافعي رحه جن جي والده به نهايت ئي زاهده ۽ پارسا هئي. ڪيترا ماڻهو پنهنجون امانتون حضرت جن جي والده وٽ رکي ويندا هئا. هڪ ڏينهن جو ذڪر آهي ته هڪڙا ٻه شخص آيا ۽ هڪ پيٽي امام صاحب جي والده وٽ امانت رکيائون، ۽ چيائون ته اسان جڏهن به آيا سون ته پنهنجي امانت کڻي ويندا سون. ڪجهه وقت کان بعد انهن مان هڪ شخص آيو، ۽ اچي پيٽيءَ جي گهر ڪيائين. امام صاحب جي والده پيٽي ان کي ڏيئي ڇڏي. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ٻيو شخص آيو ۽ ان به پيٽيءَ جي گهر ڪئي. امام صاحب جي والده فرمايو ته تنهنجو ٻيو ساٿي پيٽي کڻي ويو آهي. انهيءَ تي ان شخص چيو ته اسان پهريائين عرض ڪيو هو ته جيستائين اسان ٻئي نه اچون تيستائين پيٽي ڪنهن کي به نه ڏجو. پوءِ اعتراض ڪيائين ته اوهان پيٽي ان کي ڇو ڏني؟ امام صاحب جي والده انهيءَ تي نهايت غمگين ٿي. امام صاحب جي ان وقت عمر فقط ڇهه سال هئي. پاڻ جڏهن گهر ۾ تشريف فرما ٿيا. تڏهن پنهنجي والده کي غمگين ڏسي سندن رنجيدگيءَ جو سبب دريافت فرمايائون. سندن والده صاحبه تمام قصو بيان ڪري ٻڌايو. اهو ٻڌي ڪري والده کي چيائون ته اوهان ڪو غم نه ڪريو. ٻڌايو ته اهو شخص ڪٿي آهي؟ ان شخص چيو ته اهو مان آهيان. پاڻ ان کي فرمايائون ته پيٽي توهان جي موجود آهي. پر جيئن ته توهان جو چوڻ آهي ته جڏهن اسان ٻئي اچون تڏهن اچي پيٽي کڻندا سين. هاڻي وڃ ۽ وڃي ٻئي ساٿيءَ کي وٺي اچ ته توهان کي پنهنجي شيءِ ڏيون. اهو ٻڌي اهو شخص نهايت حيران ٿيو ۽ واپس هليو ويو.

ان کان پوءِ امام صاحب امام مالڪ رحه جن جا شاگرد ٿيا. امام مالڪ رحه جي عمر

ان وقت سترهن ورهين هئي. پاڻ هميشه امام مالڪ رحه جي دروازي تي بيٺا هوندا هئا. جڏهن ڪو شخص اندر ڪان فتويٰ لکائي ٻاهر نڪرندو هو تہ پاڻ ان کي ڏسندا هئا. جيڪڏهن ان ۾ ذري جو بہ شبہ هوندو هون تہ ان شخص کي چوندا هئا تہ هن فتويٰ کي واپس کڻي وڃ ۽ امام صاحب کي چئہ تہ احتياط لازمي آهي يعني پنهنجي فتويٰ تي نظر ثاني ڪريو. امام مالڪ رحه جڏهن غور ڪندا هئا تہ امام شافعي رحه کي حق تي سمجهندا هئا.

خليفي هارون الرشيد جي خلافت جي دور جو هڪ ذڪر آهي تہ هڪ رات هارون الرشيد پنهنجي زال زبيده سان ڪنهن ڳالهہ تي جهڳڙو ڪري رهيو هو گفتگوءَ جي دوران زبيده خليفي کي چيو تہ تون دوزخي آهين. جنهن تي خليفي چيو تہ جيڪڏهن مان دوزخي آهيان تہ پوءِ تو کي طلاق آهي. انهيءَ وقت ٻئي هڪ ٻئي کان جدا ٿي ويا. ۽ جيئن تہ خليفي هارون الرشيد کي زبيده ڏاڍي پياري هئي، ان ڪري ڏاڍو بيقرار ٿيو، ۽ ان مسئلي جي حل ڪرائڻ لاءِ سڄي بغداد جا علماءَ گڏ ڪرايائين. سڀ کان ان مسئلي بابت پڇا ڪئي ويئي، ليڪن جواب ڪو بہ ڏيئي ڪونہ سگهيو. سڀني چيو تہ اسان کي ڪهڙي خبر تہ خليفو دوزخي آهي يا جنتي! ايتري ۾ هڪ ٻار انهيءَ علمائن جي مجلس سان آٿيو جنهن چيو تہ ان مسئلي جي جواب ڏيڻ جي مون کي اجازت ڏني وڃي. درٻار وارن سمجهيو تہ هي شايد پاڳل آهي ڇو تہ جتي هيترا سارا جليل القدر علماءَ جواب ڏيڻ کان عاجز آهن، اتي هن کي انهن ڳالهہ جي حل ڪرڻ جي ڇا مجال ٿيندي. پر خليفي، هن ننڍڙي ٻار کي بيان ڪرڻ جي اجازت ڏني. هن ٻار (امام شافعي رحه) فرمايو تہ ان ڳالهہ جي ضرورت اوهان کي آهي يا مون کي؟ خليفي چيو تہ مونکي. تڏهن پاڻ فرمايائون تہ تخت تان هيٺ لهي اچ. ڇاڪاڻ تہ علمائن جو درجو نهايت بلند آهي. خليفو پاڻ هيٺ لهي ويٺو ۽ امام صاحب کي مٿي ويهاريائين. پاڻ فرمايائون تہ پهريائين اوهان منهنجي ڳالهہ جو جواب ڏيو، پوءِ مان اوهان جي مسئلي جو جواب ڏيندس. خليفي پڇيو تہ اوهان ڇا ٿا دريافت ڪرڻ گهرو؟ امام صاحب چيو تہ ڀلا اهو ٻڌايو تہ اوهان ڪڏهن ڪنهن اهڙي گناه کان باز آيا آهيو، جو جيڪڏهن اهو گناه ڪريو ها تہ ڪري سگهو پيا. خليفي چيو تہ خدا جو قسم ائين ٿيو آهي. امام صاحب چيو تہ اوهان دوزخي نہ آهيو بلڪ جنتي آهيو. اتي جيڪي بہ علماءَ ويٺا هئا تن سڀني شور مچايو تہ اوهان ڪهڙي حجت ۽ دليل سان چئو ٿا تہ خليفو جنتي آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ قرآن شريف جي دليل سان. حق تعاليٰ جو ارشاد آهي تہ "وأما من خاف مقام ربہ ونهي النفس عن الهويٰ فان الجنة هي الماويٰ" يعني جو شخص گناه جو ارادو ڪري ۽ خوف خدا کان ان گناه کان باز اچي تہ ان جو مقام بهشت آهي. اهو ٻڌي تمام علماءَ حيران ٿي ويا ۽ چيائون تہ ننڍپڻ ۾ اها حالت آهي تہ خدا ڄاڻي جوانيءَ ۾

ڪهڙي ٿيندي. پاڻ امام صاحب جن سڄيءَ عمر ۾ حرام لقمي کي وات تائين به نه آندو هو.

نقل آهي ته هڪ دفعي جڏهن پاڻ درس پڙهي رهيا هئا ته درس جي دوران پاڻ اٿيا ۽ ويهي ٿي رهيا ته ماڻهن پڇيو ته اوهان ائين ڇو ڪيو؟ پاڻ فرمايائون ته دروازي وٽ هڪ سيد زادو ڪيڏي رهيو آهي. اهو جڏهن منهنجي نزديڪ اچي ٿو ته مان تعظيم جي خاطر اٿي بيهان ٿو. اهو جائز نه آهي ته فرزند رسول صلي الله عليه وسلم منهنجي نزديڪ اچي ۽ مان ان جي تعظيم لاءِ نه اٿان.

نقل آهي ته ڪنهن شخص هارون‌الرشيد وٽ امام صاحب جي شڪايت ڪئي ته امام صاحب کي قرآن ياد ڪونهي، حقيقت ۾ اها ڳالهه صحيح به هئي. خليفي امام صاحب جن جو امتحان وٺڻ گهريو ماه رمضان ۾ کين امام مقرر ڪيو ويو. پاڻ سڄي ڏينهن ۾ هڪ سپارو ياد ڪندا هئا ۽ اهو رات جو تراويحن ۾ ياد پڙهائيندا هئا. اهڙيءَ طرح امام صاجب جن رمضان جي مهيني ۾ سارو قرآن شريف ياد ڪري ورتو.

هڪ دفعي پاڻ امام حنبل رحه کان پڇيائون ته اوهان جي خيال ۾ اهو ماڻهو جيڪو جالي والي نماز ترڪ ڪري اهو ڪافر آهي. ڀلا اهو ٻڌايو ته اهو وري مسلمان ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ امام حنبل فرمايو ته دوباره نماز ادا ڪرڻ سان مسلمان ٿي سگهي ٿو. پاڻ فرمايائون ته جڏهن اهو ڪافر ٿيو ته پوءِ ڪافر جي نماز ڪيئن درست ٿي سگهندي؟ انهيءَ تي امام حنبل رحه خاموش ٿي ويا. پاڻ فرمائن ٿا ته جيڪو شخص نا اهل کي علم سيکاري ٿو اهو ڄڻ ته علم جي حقن کي برباد ڪري ٿو. ۽ جو شخص حقدار کان علم لڪائي ٿو ته اهو نهايت ظلم ڪري ٿو. فرمائن ٿا ته جيڪڏهن مون کي هڪ مانيءَ جي عيوض دنيا ڏني وڃي ته مان قبول نه ڪندس. هڪ شخص ڪائن وصيت طلب ڪئي. پاڻ ان کي فرمايائون ته جيئرن کي مئلن جهڙي آرزو هئڻ گهرجي. يعني تون ڪنهن به قسم جي خواهش نه ڪر، ۽ نه انهيءَ ڳالهه جو افسوس ڪر ته مان فلاڻي جيترو مال گڏ نه ڪيو آهي. ڇاڪاڻ ته جنهن مال جمع ڪيو آهي اهو به آخر ڇڏي ويندو.ان کي ڪجهه حاصل ڪين ٿيندو. بلڪ ان ڳالهه جي آرزو ڪر ته فلاڻي شخص جيتري عبادت ڪئي آهي ڪاش! مان به ايتري ئي عبادت ڪريان ها، جهڙيءَ طرح مئل تي حسد نٿو ڪري سگهجي تهڙيءَ طرح جيئرن تي به حسد ڪرڻ نه گهرجي. ڇاڪاڻ ته زنده کي به نيٺ هڪ ڏينهن مرڻو آهي.

نقل آهي ته خليفي جي دربار ۾ روم کان هر سال خراج ايندو رهندو هو. هڪ دفعي قيصر روم مال سان گڏ، پنهنجي قوم جي مذهبي عالمن کي به موڪليو، ۽ هي پيغام ڏنو ته توهان مسلمانن سان بحث ڪريو. جيڪڏهن مسلمان توهان تي غالب آيا ته پوءِ خراج موڪليو

رهبو. پر جيڪڏهن توهان مسلمانن تي غالب پئجي ويا ته ان حالت ۾ مال خراج ڏيڻ بند ڪيو ويندو. آخر خليفي انهن جي خواهش موجب پنهنجي عالمن کي گڏ ڪيو. سيني اتفاق سان چيو ته امام شافعي انهن سان بحث فرمائيندو. پوءِ خليفي جي حڪم سان سڀ ماڻهو درياه دجله جي ڪناري تي گڏ ٿيا ۽ اتي بحث مباحثي جو انتظار ڪيو ويو. امام شافعي رحه درياه دجله ۾ مصلو وڇائي ويهي رهيا، ۽ فرمايائون ته جنهن به شخص کي بحث ڪرڻو هجي ته منهنجي پرسان اچي ويهي. اهو حال ڏسي سڀ جا سڀ مسلمان ٿي ويا. قيصر روم کي جڏهن انهيءَ ڳالهه جي خبر پئي، تڏهن چيائين ته شڪر آهي جو اهو شخص روم نه آيو نه ته جيڪر سيئي ماڻهو مسلمان ٿي وڃن ها.

ربيع خشيم فرمائن ٿا ته مان امام صاحب جي وفات کان ٿورو اڳ خواب ۾ ڏٺو ته آدم عليه السلام وفات ڪئي آهي ۽ ماڻهو ان جي جنازي کي کنيو ٿا وڃن. بيدار ٿيڻ کان پوءِ مان هڪ معتبر آدميءَ کان ان ڳالهه جي تعبير ڪرائي، جنهن چيو ته موجوده وقت جو سڀ کان وڏو عالم وفات ڪري ويندو. ڇاڪاڻ ته علم آدم جي خاصيت آهي. ٿورن ڏينهن بعد امام صاحب جن وفات ڪري ويا. امام صاحب جن وفات جي وقت هڪ وصيت فرمائي ته فلاڻي آدميءَ کي چئجو ته مون کي غسل ڏي، ۽ ڪفن ڏي. مگر انهيءَ وقت اهو شخص مصر ۾ هو جڏهن اهو واپس آيو، تڏهن ماڻهن امام صاحب جن جي وصيت لاءِ چيو جنهن چيو ته مونکي وصيت نامون ڏيکاريو. جڏهن وصيت نامون ڏيکاريو ويو، ته هن کي معلوم ٿيو ته امام شافعي رحه ستر هزار درهم پاڻ تي قرض چڙهي ويو آهي. پوءِ هن شخص امام صاحب جو سمورو قرض ادا ڪري ڇڏيو ۽ چيائين ته منهنجي غسل ڏيڻ جو مقصد اهو ئي هو.

رفيع بن سليمان فرمائن ٿا ته مان امام صاحب کي خواب ۾ ڏٺو ۽ پڇيو ته حق تعاليٰ اوهان سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو. امام صاحب فرمايو ته حق تعاليٰ مون کي ڪرسيءَ تي ويهاريو ۽ زمرد ۽ مرواريد مون تان نثار فرمايا. پوءِ چند درهمن جي عيوض ستر هزار درهم عنايت ڪري رحمت فرمائي. امام شافعي رحمت الله عليه جن جي وفات سنه ٢٠٤ هجريءَ ۾ ٿي. انهيءَ وقت سندن عمر ٥٣ سال هئي.

إنا لله وإنا إليه راجعون. ط

٭ ذڪر حضرت احمد حنبل رحمت الله عليه ٭

پاڻ دين ۽ سنت نبوي صلي الله عليه وسلم جا امام هئا، مذهب ۽ ملت جا پيشوا، صاحب ورع علم حديث ۾ عالم اجل، صاحب رياضت ۽ ڪرامات، صاحب فراست ۽ مستجاب الدعوات هئا.

نقل آهي ته هڪ ڏينهن سندن صاحبزادو (پٽ) هن حديث شريف خمرة طينة آدم بيده جي معني بيان ڪري رهيو هو. يعني:- آدم عليه السلام جي مٽيءَ کي الله تبارڪ وتعاليٰ پنهنجي هٿن سان ڳوهيو. اهڙيءَ طرح بيان ڪرڻ وقت سندن فرزند هٿن سان اشارو به ڪندو ٿي رهيو. پاڻ پنهنجي فرزند کي فرمايائون ته تون جڏهن الله تعاليٰ جي هٿن جو ذڪر ڪرين ته پنهنجي هٿن سان اشارو نه ڪندو ڪر.

امام حنبل رحه کي ڪيترن ئي بزرگن ۽ مشائخن، جهڙوڪ حضرت ذوالنون مصري رحه بشر حافي رحه، سري سقطي رحه ۽ معروف ڪرخي رحه جهڙن پاڪيز هستين سان ملاقات جو شرف حاصل ٿيو هو.

حضرت بشر حافي رحه فرمائن ٿا ته جيڪي فضيلتون امام حنبل رحه ۾ آهن، اهي مون ۾ ڪونه آهن. هڪ ته هو پنهنجي ٻارن ٻچن لاءِ حلال طلب ڪن ٿا، پر مان صرف پنهنجي لاءِ حلال ڳولهيندو آهيان.

نقل آهي ته جڏهن بغداد تي معتزله فرقي جو غلبو ٿيو تڏهن انهن امام صاحب جن کان زبردستيءَ قرآن کي مخلوق هجڻ جو اقرار ڪرائڻ ٿي گهريو. آخر امام صاحب کي وقت جي خليفي جي دربار ۾ پيش ڪيو ويو. دربار جي دروازي تي جيڪو سپاهي بيٺل هو، تنهن امام صاحب کي چيو ته امام صاحب! هرگز مخلوق قرآن جي قائل نه ٿجو، ۽ مرديءَ جو شان هٿان نه وڃائجو. ڇو ته مان هڪ دفعي چوريءَ جي الزام ۾ گرفتار ٿي ويس هزارها بيدن سان مونکي ڪٽيو ويو ليڪن مان انڪار ئي ڪندو رهيس. آخر مان ڪوڙ ڳالهائڻ جي سبب آزاد ٿي ويس اوهان ته خدا جي فضل سان حق جا حامي آهيو يقيناً مون کان وڌيڪ اوهان کي ڪاميابي حاصل ٿيندي. پاڻ فرمائن ٿا ته مان انهيءَ سپاهيءَ جي ڳالهه نه وساري. آخر امام صاحب کي شڪنجي ۾ جڪڙيو ويو، ۽ هزارين ڇهڪ لڳايا ويا ته جيئن پاڻ قرآن کي مخلوق چون. ليڪن امام صاحب جن ائين ڪڏهن نه چيو. ان حالت ۾ جڏهن امام صاحب کي ڇهڪ هنيا ٿي ويا، ۽ سندن ٻڌي هٿ مضبوطيءَ سان ٻڌل هئا ته سندن آڱٺ ڇڙي پيو. چون ٿا ته غيب

ڪان ٻه هٿ ظاهر ٿيا، ۽ سندن ڪليل اکڻ ٻڌي ڇڏيائون. انهن امام صاحب جن جي اها ڪرامت جو ڏٺي ته هڪدم ڪين ڇڏي ڏنو.

وفات جي وقت ماڻهن امام صاحب کان پڇيو ته اوهان انهن ماڻهن جي متعلق ڇا ٿا فرمايو. جن اوهان کي تڪليفون ڏنيون، چهبڪ هنيا ۽ ڏاڍو ماريو. پاڻ فرمايائون ته انهن مون کي باطل (ڪوڙو) سمجهيو هو. ان ڪري قيامت جي ڏينهن انهن لاءِ ڪابه دشمني نه رکندس.

نقل آهي ته هڪ نوجوان شخص جي ماءُ بيمار هئي، ۽ باڪل اٿڻ ويهڻ کان معزور هئي. هڪ ڏينهن هن پنهنجي پٽ کي چيو ته جيڪڏهن توکي منهنجي خوشنودي درڪار آهي ته تون امام احمد حنبل جي خدمت ۾ وڃ، ۽ عرض ڪرينس ته منهنجي لاءِ دعا گهري. شايد حق تعاليٰ صحت عطا فرمائي. اهو شخص جڏهن امام صاحب جي دروازي تي پهتو تڏهن دروازي تي بيهي امام صاحب جن کي پڪاريائين. اندران پڇيو ويو ته تون ڪير آهين؟ انهيءَ آدميءَ چيو ته مان هڪ سائل ۽ محتاج آهيان ۽ منهنجي والده بيمار آهي. مان ان جي صحت يابيءَ لاءِ اوهان کان دعا پنڻ آيو آهيان. امام صاحب کي انهيءَ ڳالهه لاءِ بيحد نفرت هئي ته ماڻهون مون کي بزرگ سمجهن. تنهن هوندي به پاڻ اٿيا ۽ غسل ڪري عبادت ۾ مشغول ٿي ويا. امام صاحب جي هڪ خادم ان جوان کي چيو ته تون واپس هليو وڃ امام صاحب تنهنجي ٿي ڪم ۾ مشغول آهي. جڏهن اهو نوجوان گهر پهتو ته سندس ماءُ اٿي در کوليو. حق تعاليٰ جي حڪم سان پوري صحت يابي حاصل ڪيائين.

نقل آهي ته پاڻ بغداد ۾ رهندا هئا ليڪن بغداد جي ماني نه کائيندا هئا. پاڻ موصل کان اٽو گهرائيندا هئا ۽ ان جي ماني پچرائي کائيندا هئا. امام صاحب جن جو فرزند صالح بن احمد هڪ سال اصفهان جو قاضي ٿي رهيو پاڻ بيحد ئي متقي ۽ پرهيزگار هئا. رات ۽ ڏينهن ۾ صرف ٻه گهڙيون ننڊ ڪندا هئا. پنهنجي گهر جي عين نزديڪ عبادت خانو ٺهرايو هوائون ۽ ڏينهن رات ان ۾ رهندا هئا. انهيءَ خيال سان ته مبادا ڪنهن شخص جو ڪم پوي ۽ دروازو بند ڏسي هليو وڃي بيحد ئي خدا ترس انسان هئا. هڪ ڏينهن جو ذڪر آهي ته امام صاحب احمد حنبل رحه جن جي ماني پچي رهي هئي ته هڪ خادم سندن فرزند صالح کان خميرو وٺي ان اٽي سان گڏي ڇڏيو هو. جڏهن ماني اڳيان آندي ويئي ته پاڻ پڇيائون ته هن مانيءَ مان مون کي لطف نٿو اچي آخر ڇا ماجرا آهي؟ خادم چيو ته سائين هن ۾ جيڪو خميرو گڏيو ويو آهي اهو اوهان جي فرزند کان آندو آهي. اهو ٻڌي پاڻ فرمايائون ته هڪ سال اصفحان جو قاضي ٿي رهيو آهي. هن جي ماني منهنجي حلق (نڙيءَ) جي قابل نه آهي. خادمن پڇيو ته هن ماني کي ڇا ڪجي؟

پاڻ فرمايائون ته هن کي رکي ڇڏيو. جڏهن ڪو به سائل اچي ته ان کي ڏجو ته هن مانيءَ ۾ خميرو صالح جو آهي ۽ اٽو احمد جو. جيڪڏهن تون پسند ڪرين ٿو ته وٺ. مگر اها ماني چاليهن ڏينهن تائين رکي رهي ڪو به سائل نه آيو. ان مانيءَ ۾ بدبوءِ ٿي وئي خادمن ان مانيءَ کي درياه دجله ۾ ڦٽي ڪري ڇڏيو. امام صاحب جن جي تقويٰ جي اها حد هئي جو جڏهن معلوم ٿين ته مانيءَ کي درياه ۾ ڦٽو ڪيو ويو آهي ته ان ڏينهن کان وٺي دجله جي مڇي کائڻ ڇڏي ڏنائون. فرمايائون ته ان مانيءَ کي ضرور درياه جي مڇين ٿي کاڌو هوندو. فرمائن ٿا ته جنهن وٽ فقط چانديءَ جي سرمه داني هجي ته ان وٽ به ويهڻ نه گهرجي.

نقل آهي ته امام صاحب هڪ دفعي مڪي معظمه شريف فرما ٿيا، ته جيئن حضرت سفيان بن عيينه کان حديثون ٻڌان. پاڻ هر روز هن وٽ ويندا هئا. هڪ ڏينهن ڪونه ويا ته حضرت سفيان ماڻهو موڪلي اها جاچ ڪرائڻ گهريو ته ڪهڙي سبب ڪري اڄ امام صاحب جن ڪونه آيا. اهو شخص امام صاحب جي خدمت ۾ پهتو پڇيائين ته معلوم ٿيس ته امام صاحب جن ڪپڙا ڌوئڻ لاءِ ڏنا آهن وٽن ٻيو ڪو به ڪپڙو ڪونه هو جو پائي اچن ها. ان شخص چوائي موڪليو ته مان ڪجهه دينار خدمت ۾ پيش ڪريان ٿو انهن مان خرچ جو پورائو ڪريو مگر پاڻ وٺڻ کان انڪار ڪيائون. ان شخص چيو ته مان پيسا اوڌر طور ڏيان ٿو تڏهن به پاڻ انڪار ڪيائون. وري ان شخص چيو ته مان ابستائين واپس نه وٺندس جيستائين اوهان وٽ واپس ڏيڻ جي گنجائش نه هجي پاڻ تڏهن به انڪار ڪيائون. پاڻ فرمايائون ته مان هڪ ڪتاب لکيو آهي، ان کي وڪڻي ڪپڙو وٺي اچ. ان شخص چيو ته ڇا ڪتاب * خريد ڪري اچان؟ پاڻ فرمايائون ته نه ٿانُ ڏهه گز خريد ڪري اچ، ته پنج گز قميص ڪيون ۽ پنج گز سٿڻ.

نقل آهي ته امام صاحب جن کي حضرت عبدالله مبارڪ رحه کي ڏسڻ جي ڏاڍي آرزو هئي. هڪ دفعي جو ذڪر آهي ته حضرت عبدالله مبارڪ امام صاحب جن وٽ خود تشريف فرما ٿيا. سندن فرزند صالح چيو ته اي والد مڪرم! حضرت عبدالله مبارڪ رحه اوهان سان ملڻ لاءِ تشريف فرما ٿيا آهن. جيڪي هن وقت گهر جي در وٽ بيٺا آهن. مگر امام صاحب جن اندر اچڻ جي اجازت نه ڏني ۽ نه وري ملاقات ئي فرمائي. سندن فرزند پڇيو ته ان ۾ ڪهڙي حڪمت آهي، جو مدت کان اوهان عبدالله مبارڪ رحه جي آرزو ڪندا ٿي آيا؛ ۽ هاڻي جڏهن اهڙي دولت خود گهر وٽ اچي پهتي آهي؛ تڏهن به ان کي داخل ٿيڻ جي اجازت نٿا ڏيو. پاڻ فرمايائون ته پٽ! ائين برابر آهي جيئن تون چوين ٿو. ليڪن انهيءَ ڳالهه کان ڊڄان ٿو ته

* اوڇي ڪپڙي جو هڪ قسم آهي ٻيو تمام سادي ۽ ٿلهي ڪپڙي جو قسم.

جي ان کي ڏسان ۽ ملاقات ڪريان، ۽ سندس لطف ۽ محبت جو عادتي بڻجي وڃان. پوءِ متان ان جي جدائي برداشت نہ ڪري سگهان. ان ڪري بهتر اهو آهي تہ هن جي ملاقات جي آرزوءَ ۾ ئي عمر بسر ڪريان، ۽ هڪ اهڙي هنڌ تي ڏسان جتي فراق جو نالو ئي نہ هجي.

پاڻ فرمائن ٿا تہ مان حق تعاليٰ کان دعا گهري تہ پنهنجي خوف جا دروازا کولي ڇڏ، ۽ حالت اها اچي ٿي جو مون کي خوف ٿيڻ لڳو تہ ڪٿي منهنجو عقل نہ زائل ٿي وڃي. پاڻ فرمائن ٿا تہ مان دعا ڪئي ۽ چيو تہ الاهي! تنهنجو قرب ڪهڙي شيءِ جي ذريعي حاصل ڪرڻ بهتر آهي؟ فرمايو ويو تہ منهنجي ڪلام سان يعني قرآن شريف سان. ماڻهن امام صاحب کان پڇيو تہ اخلاص ڇا آهي؟ فرمايائون تہ اعمال جي آفتن کان نجات حاصل ڪرڻ. ماڻهن دريافت ڪيو تہ توڪل ڇا آهي؟ فرمايائون تہ حق تعاليٰ تي مضبوطيءَ ۽ چڱيءَ طرح سان ڀروسو رکڻ. ماڻهن ڪانئن سوال ڪيو تہ رضا ڇا آهي؟ فرمايائون تہ پنهنجي سموري ڪاروبار کي رب تعاليٰ جي حوالي ڪري ڇڏڻ. ماڻهن پڇيو تہ محبت ڇا شيءِ آهي؟ پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ اهو بشر حافي کان پڇڻ گهرجي. جيستائين اهو جيئرو آهي، مان ان جو جواب نہ ڏيندس. ماڻهن پڇيو تہ صوفين جي باري ۾ ڇا ٿا فرمايو جيڪي بي علم آهن ۽ توڪل ڪيو مسجدن ۾ ويٺا آهن. پاڻ فرمايائون تہ اها توهان جي غلطي آهي جو انهن کي بي علم چئو ٿا. انهن کي علم ئي اتي ويهاريو آهي. ماڻهن چيو تہ انهن جي نيت صرف مانيءَ جي ڏکر لاءِ آهي. پاڻ فرمايائون تہ انهن کان وڌيڪ ساريءَ دنيا ۾ ٻي ڪابہ قوم نٿو ڏسان جنهن جي نيت دنيا ۾ هڪ مانيءَ کان وڌيڪ نہ هجي.

هن کان اڳ ذڪر ڪري آيا آهيون تہ جڏهن قرآن مخلوق آهي جي مسئلي تي امام صاحب کي سخت تڪليفون ڏنيون ويون هيون ۽ انهن تڪليفن ۽ زخمن سبب سندن موت واقع ٿيو. ان لحاظ کان امام صاحب شهادت جي درجي ۾ شمار ڪيا وڃن ٿا. جڏهن حالت نازڪ ٿي پئي تڏهن پاڻ ڪجهہ ڪين ٿي فرمايائون. سندن فرزند پڇيو تہ اي بابا! حالت ڪيئن آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ هن وقت خطرو ٿو نظر اچي جواب جي جاءِ نہ آهي بس دعا ڪندا رهو. چاڪاڻ تہ جيڪي ماڻهو منهنجي ساڄي ۽ کاٻي ويٺا آهن، انهن ۾ شيطان بہ آهي، جو منهنجي اکيان بيٺو پنهنجي مٿي ۾ خاڪ وجهي رهيو آهي، ۽ چئي ٿو تہ اي احمد! تون مون کان پنهنجي جان سلامت ڪڍي وئين. ليڪن مان چوان ٿو اڃا بہ خطرو آهي. جڏهن پاڻ وفات ڪري ويا، ۽ سندن جنازو کنيو ويو، تہ ولرن جا ولر پکي آيا ۽ ويا ٿي ۽ امام صاحب جي جنازي سان پر هڻندا ٿي رهيا. اهو حال ڏسي ٻہ هزار يهودي مسلمان ٿي ويا ۽ هڪدم لاإلٰه إلاالله محمد رسول الله پڙهيائون. امام صاحب جن جي وفات تي چئن قومن کي رنج رسيو. پکين کي،

يهودين کي،ترسا قوم ۽ مسلمانن کي.

محمد بن خزيمه فرمائن ٿا تہ مان امام صاحب کي خواب ۾ ڏٺو تہ پاڻ منڌڪائي ٿي هليا. مان پڇيو تہ اوهان منڌڪائي ڇو ٿا هلو؟ پاڻ فرمايائون تہ دارالسلام ۾ وڃي رهيو آهيان. وري پڇيو ويو تہ حق تعاليٰ اوهان سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو؟ پاڻ فرمايائون تہ حق تعاليٰ مون کي بخشي ڇڏيو،سر تي تاج رکيو، ۽ پيرن ۾ جوتا پارايا ويا. ان کان پوءِ فرمايو ويو تہ اي احمد! اهو سلوڪ توسان ان ڪري ڪيو ويو آهي جو تو قرآن پاڪ کي مخلوق نہ چيو. پوءِ مون کي فرمايو ويو تہ انهن دعائن کي پڙهہ. جيڪي توکي سفيان ثوريءَ کان پهتيون هيون پوءِ مان انهن کي پڙهيو.

* ذکر حضرت دائود طائي رحمت الله عليه *

حضرت دائود طائي رحمت الله عليه جن مشائخن ۾ اڪابر، ڪمال درجي جا پرهيزگار ۽ هر قسم جي علم ۾ ڪامل خصوصاً فقه جا سردار ليکيا ويندا هئا. ويهہ سال امام ابو حنيفہ جي خدمت ۾ بسر ڪيائون. پاڻ حضرت جن حضرت ابراهيم ادهم ۽ فضيل بن عياض رحہ کي ڏٺو. سندن طريقت جو مرشد حبيب راعي هو. ابتدا ۾ ئي مٿن خدا جو خوف غالب هو، ۽ ماڻهن کان هميشه پري ڀڄندا هئا سندن توبهہ جو سبب هي هو تہ هڪ دفعي نوحا گر (ماتم ڪندڙ) کان هڪ عربي بيت ٻڌائون جنهن جي معنيٰ هن طرح هئي تہ اهو ڪهڙو چهرو آهي جيڪو خاڪ ۾ نہ مليو آهي، ۽ اهڙا ڪهڙي اک آهي جيڪا زمين ۾ دفن نہ ٿي آهي. انهيءَ شعر کي ٻڌندي ئي سندن دل ۾ هڪ خاص خوف ۽ درد پيدا ٿيو. مٿن بيقراري غالب ٿي ويئي انهيءَ حال ۾ امام ابو حنيفہ وٽ ويا. امام صاحب حضرت دائود رحہ کي ڏسي فرمايو تہ توکي هي ڇا ٿيو؟ حضرت دائود رحہ چيو تہ منهنجي دل دنيا مان بيزار ٿي پيئي آهي. هڪ اهڙي چيز من ۾ پيدا ٿي ويئي آهي جو سان الله تعاليٰ تائين پهچڻ چاهيان ٿو مگر رستو نٿو ملي. ڪنهن ڪتاب ۾ ان جي معنيٰ نظر نٿي اچي. ڪنهن فتويٰ ۾ ان جو علاج نٿو ڏسان. امام عالي مقام فرمايئن تہ خلق کان علحده رهج. ان کان پوءِ حضرت دائود رحہ خلق کان منهن ڦيري ڇڏيو، ۽ گهر اندر عبادت ۾ مشغول ٿي ويا. ڪجهہ عرصي بعد امام صاحب جن حضرت دائود رحہ وٽ ويا. کيس فرمايائون تہ ائين ڪرڻ سان تہ ڪجهہ نہ ٿيندو، جو تون گهر ۾ اڪيلو ويٺو رهين، ۽ ڪنهن سان ڪونہ ڳالهائين. تون دنيا وارن ۾ ويهہ، ۽ نا معلوم ڳالهين کي ٻڌي صبر ڪر پر چئہ ڪجهہ نہ. مسائل جي نڪتن کي بهتر طور تي ڄاڻ. پاڻ ان ڳالهہ کي سمجهي

وٺا جيڪي ڪجهه ڪين استاد فرمايو. ان ڏينهن کان پوءِ روزانه امام صاحب جي درس ۾ ايندا رهيا. مشائخن جي خدمت مان فيض حاصل ڪيائون ليڪن خود ڪجهه نه چوندا هئا. جيڪو ڪجهه چوندو هو اهو صبر سان ٻڌندا هئا. فرمائن ٿا ته هڪ سال جي صبر سون کي ليهن ڪان جو ڪم ڏنو. هڪ سال جي رهڻ کان پوءِ طريقت جي استاد حبيب راعيءَ جي خدمت ۾ مڻ لڳا. مردانه طريقي سان ان راه ۾ قدم رکيائون. ڪتابن کي پاڻيءَ ۾ ٻوڙي ڇڏيائون ۽ ماڻهن کان اميدون ختم ڪري گوشه نشيني اختيار ڪيائون.

نقل آهي ته کين ويهه دينار ورثي ۾ مليا هئا، ۽ ويهن سالن تائين انهن مان کائيندا رهيا. ڻ ڪڏهن به مانيءَ کي ڇيڙي نه کائيندا هئا. بلڪ پاڻيءَ ۾ نرم ڪري پوءِ استعمال ڪندا ئا. فرمائيندا هئا ته ماني ڇيڙي کائڻ سان جيتري دير لڳي ٿي ايتريءَ دير ۾ قرآن شريف جون ڇاه آيتون تلاوت ڪري سگهان ٿو پوءِ ڪهڙي ضرورت آهي جو وقت کي ضايع ڪريان.

حضرت ابابڪر عباس فرمايو آهي ته مان هڪ ڏينهن حضرت دائود رحه جي حجري ۾ ايس ۽ ڏٺم ته سندس هٿن ۾ مانيءَ جو هڪ سڪو ٽڪر آهي ۽ خود روئي رهيا آهن. مسان ڇيو ته اي دائود! ڇا ڳالهه آهي؟ پاڻ فرمايائون ته مان چاهيان ٿو ته هن مانيءَ جي ٽڪر کي کاوان ڳر مون کي خبر نه آهي ته اهو حلال آهي يا حرام.

هڪ ڀيو شخص حضرت دائود رحه جي خدمت ۾ آيو، هن ڏٺو ته حضرت دائود رحه جو انيءَ جو دلو اُس ۾ رکيو هيو. مان کيس چيو ته اوهان هن دلي کي ڇانو ۾ ڇونه ٿا رکو. رمايائون ته جڏهن مان دلي کي انهيءَ جاءِ تي رکيو هو ته ان وقت ڇانو هئي، ليڪن هن کي ياڻ ۾ رکندي مون کي خدا کان شرم ٿو اچي ڇاڪاڻ ته پنهنجي نفس خاطر آسائش طلب ڪريان ٿو.

نقل آهي ته حضرت دائود رحه جو گهر تمام وڏو هو. ان جو هڪ حصو خراب ٿي ويو ، پاڻ ٻئي حصي ۾ وڃي ويٺا. ماڻهن چيس ته اوهان گهر ڇونه ٺا ٺهرايو؟ پاڻ فرمايائون ته ان خداوند ڪريم سان عهد ڪيو آهي ته مان دنيا جي عمارت نه ٺهرائيندس. ٻئي دفعي گهر جو بو حصو به ڪري پيو باقي ڏيوڍي وڃي رهي، جنهن رات پاڻ وفات ڪري ويا، ان رات اها ، ڪري پيئي. هڪ شخص وٽن آيو جنهن چين ته اوهان جي گهر جي ڇت جي حالت تمام خراب ٿي پيئي آهي ۽ اڄ نه سڀان ڪري پوندي،ان جي مرمت ڇونه ٿا ڪرايو؟ پاڻ فرمايائون ، ويهن سالن کان وٺي مان ڇت کي ڏسان ئي ڪين ٿو.

هڪ دفعي ڪائنش ماڻهن پڇيو ته اوهان ماڻهن ۾ ڇونه ٿا اٿو ويهو؟ پاڻ فرمايائون ته ونڪي پاڻ کان ئي فرصت ڪانهي، ته ماڻهن ۾ وري ڪيئن ويهان. ٻي روايت آهي ته پاڻ

فرمايائون تہ جيڪڏهن پاڻ ننڊن ۾ ويهندس تہ اهي مون کي ديـن جو حڪم نہ ڏيندا. پر جيڪڏهن پاڻ کان وڏن ۾ ويهندس تہ اهي منهنجا عيب نہ ڪيندا، انهيءَ مان ماڻهن ۾ ويهڻ بهتر نٿو سمجهان. هڪ دفعي ماڻهن پڇين تہ اوهان نڪاح ڇونہ ٿا ڪريو؟ پاڻ فرمايائون تہ مان ڪنهن مؤمن عورت کي ڏوکو ڏيڻ نٿو چاهيان. پڇيو ويو تہ اهو ڪيئن؟ فرمايائون تہ نڪاح کان پوءِ انهيءَ عورت جو بار منهنجي گردن تي هوندو. ماڻهن چيس تہ اوهان ڏاڙهيءَ کي ڦڻي ڇونہ ٿا ڏيو؟ فرمايائون تہ مان بيڪار آهيان.

نقل آهي تہ هڪ دفعي چانڊوڪيءَ رات ۾ ڪوٺي تي تشريف فرما هئا، عالم ملڪوت جي خيال ۾ محو ٿي ويا ۽ روئندا رهيا، ايتري قدر جو پاڻ بيخوديءَ جي حالت سبب ڪري پيا. پاڙي وارن خيال ڪيو تہ شايد ڪو چور ڇت تي چڙهي آيو آهي. تنهن تي هو تلوار کڻي هڪدم ڪوٺي تي چڙهي آيا جڏهن حضرت جن کي ڏٺائون تڏهن سندن هٿ کان وٺي پڇڻ لڳا تہ اوهان کي ڪنهن ڪيرايو آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ مون کي خبر نہ آهي، ڇو تہ مان بي خود هيس.

ابو ربيع فرمائن ٿا تہ مان حضرت دائود رحہ کان وصيت طلب ڪئي. پاڻ فرمايائون تہ دنيا ۾ روزو رک، ۽ آخرت ۾ افطار ڪجانءِ. يعني موت کي عيد سمجهہ. ماڻهن کان ائين پري ڀڄ، جيئن شينهن کان پري ڀڄبو آهي. هڪ دفعي ماڻهن ڪين نماز واسطي ڀڄندو ويندو ڏسي پڇيو تہ اهڙيءَ جلدائيءَ جي ڇا ضرورت؟ پاڻ فرمايائون تہ شهر جي دروازي تي هڪ لشڪر منهنجي انتظار ۾ آهي. ماڻهن پڇيو تہ ڪهڙو لشڪر؟ فرمايائون تہ قبرستان جا مردا نماز ختم ڪري مسجد مان اهڙيءَ طرح نڪري ڀڄي ويا، جيئن ڪنهن خوفناڪ شيءِ کان جان بچائڻ لاءِ ڀڳو وڃبو آهي. هڪ دفعي پاڻ اُس ۾ ويٺا هئا ۽ پگهر ۾ ٽپ ٽيا پيا هئا. سندن والده چين تہ تمام زياده گرمي آهي تنهن کان سواءِ روزو بہ اٿو، تنهن ڪري ڇانو ۾ ٿي ويهو تہ ڪهڙو حرج آهي. فرمايائون تہ مون کي خدا کان شرم ٿو اچي، جو پنهنجي نفس جي خاطر آرام ڪريان.

هڪ شخص ڪانئن وصيت گهري. فرمايائون تہ زبان جي حفاظت ڪر. هن عرض ڪيو تہ ڪجهہ وڌيڪ فرمايو. فرمايائون تہ خلق کان علحده رهہ جيڪڏهن ٿي سگهيئي تہ ان کان بلڪل تعلقات ختم ڪري ڇڏ. عرض ڪيو ويو تہ اڃا ڪجهہ فرمايو، فرمايائون تہ دين جي سلامتيءَ جي اهڙيءَ طرح ڪوشش ڪر جيئن پيا دنيا جي حفاظت جي ڪوشش ڪندا آهن.

هڪ ٻئي شخص وصيت طلب ڪئي تہ ان کي فرمايائون تہ دنيا جي لاءِ صرف ايتري ڪوشش ڪر جو تو کي دنيا ۾ رهڻ جي ڪم اچي، ۽ آخرت لاءِ ايتري قدر ڪوشش ڪر جو

آخرت ۾ هميشه رهڻ لاءِ ڪم اچي. مريد ڪي فرماياڻون تہ جيڪڏهن تون سلامتي گهرين ٿو تہ دنيا کي رخصت ڪري ڇڏ.

حضرت فضيل بن عباس رحہ بہ دفعا حضرت دائود رحہ جي زيارت ڪئي. انهيءَ تي پاڻ ڏاڍو فخر محسوس ڪندا هئا جو ٻہ دفعا حضرت جن کي ڏٺو هئائون. حضرت معروف ڪرخي رحہ فرمائن ٿا تہ حضرت دائود رحہ کان وڌيڪ دنيا کان نفرت ڪندڙ ٻيو ڪوبہ ڪونہ هو. حضرت جنيد بغدادي رحہ فرمائن ٿا تہ هڪ دفعي پاڻ هڪ حجم کان حجامت نهرائي، ان جي عيوض حجم کي هڪ دينار ڏنائون. ماڻهن چيو تہ اوهان زياده معاوضو ڏنو اهو اجائي خرچ جي برابر آهي. پاڻ فرماياڻون تہ اهو اجايو خرچ نہ آهي پر اها مروت آهي جنهن ۾ مروت نہ آهي ان جي عبادت بہ قبول نہ پوندي. پاڻ جڏهن ڪپڙا ڌوئندا هئا تہ چوندا هئا تہ ڪاش! پنهنجي دل کي بہ اهڙيءَ طرح ملي سيني انديشن کان صاف ڪريان.

نقل آهي تہ جڏهن بہ ٻن عالمن حضرت امام يوسف امام محمد ۾ اختلاف ٿي پوندو هو تہ پاڻ ان وقت منصف ٿيندا هئا. جڏهن ٻئي سندن سامهون ايندا هئا تہ پاڻ امام محمد جي طرف منهن ڪندا هئا ۽ امام يوسف جي طرف پٺي ڪري ويهندا هئا. امام محمد سان ڪجهہ ڳالهائيندا تہ هئا، ليڪن امام يوسف سان بلڪل ڪونہ ڳالهائيندا هئا. جيڪڏهن امام محمد جو قول سچو هوندو هو تہ پاڻ فرمائيندا هئا تہ امام محمد جو قول درست آهي. پر جيڪڏهن امام يوسف جو قول درست هوندو هو تہ فرمائيندا هئا تہ اهو مسئلو ائين درست آهي جيئن هي چوي ٿو مطلب تہ حضرت دائود رحہ امام يوسف جو نالو نہ وٺندا هئا. ماڻهن ڪانئن پڇيو تہ جيئن تہ ٻئي عالم ۽ بزرگ شخص آهن سو اوهان هڪ جي طرف پٺي ۽ ٻئي جي طرف منهن ڪري ڳالهہ ڪريو ٿا ان جو مطلب ڇا آهي؟ اوهان امام يوسف جو نالو بہ ڪونہ ٿا وٺو؟ پاڻ فرماياڻون تہ امام محمد نعمت جي حالت ۾ علم حاصل ڪيو آهي ۽ ابو يوسف ذلت واريءَ حالت ۾ علم حاصل ڪيو آهي. امام محمد علم کي دين جي عزت جو سبب سمجهيو آهي ۽ امام يوسف علم کي دنيا جي عزت سمجهيو آهي. ڇاڪاڻ تہ جڏهن حضرت امام ابو حنيفي کي قاضي ٿي بنايو ويو تہ پاڻ باوجود تڪليفن جي بہ انهن اهو عهدو قبول نہ ڪيو. ليڪن ابو يوسف اهو عهدو قبول ڪري ورتو. جو شخص استاد جي طريقي جي خلاف عمل ڪري ٿو، اسان ان سان ڳالهائڻ نٿا گهرون.

هڪ دفعي خليفي هارون‌الرشيد، ابو يوسف کي درخواست ڪئي تہ مون کي دائود طائي رحہ جي خدمت ۾ وٺي هل. جڏهن ابو يوسف خليفي کي ساڻ وٺي حضرت دائود رحہ وٽ آيا تہ پاڻ کين ملاقات جي اجازت نہ ڏنائون. پوءِ خليفي سندن والده کي عرض ڪيو تہ حضرت

دائود رحہ کي اسان جي سفارش ڪر. ليڪن پاڻ پنهنجي والده جي بہ سفارش قبول نہ ڪيائون ۽ فرمايائون تہ مون کي ظالمن ۽ دنيا وارن سان ڪهڙو واسطو؟ مان هرگز ظالم کي نہ ڏسندس. تنهن تي والده چيس تہ خدا جو حڪم آهي تہ ماءُ جي حقن جو خيال رکيو وڃي. منهنجي رضامندي انهيءَ ۾ آهي تہ تون خليفي کي اندر اچڻ جي اجازت ڏي، تہ تہ مون کي بہ اهڙن ماڻهن جي غرض ڪانهي، جن کي پنهنجي والده جي رضامنديءَ جو خيال ڪونهي. پاڻ جڏهن والده جي اهڙي ناراضگي ڀڏائون، تڏهن خليفي کي اندر اچڻ جي اجازت ڏنائون. خليفو ڪجھ دير اندر ويٺو رهيو ۽ جڏهن واپس وڃڻ لڳو تہ هڪ اشرفي نذر رکي عرض ڪيائين تہ هي حلال جي آهي، هن کي قبول فرمايو. پاڻ فرمايائون تہ هن کي ڪٿي ڇڏيو مون کي هن جي ضرورت ڪانهي. مان حلال ريڻ جي عيوض ۾ پنهنجو گهر وڪيو آهي ۽ اِن مان پنهنجو خرچ ڪندو آهيان. حق تعاليٰ کان دعا گهري اٿم تہ جنهن ڏينهن رپيا خرچ ٿي وڃن تنهن ڏينهن مون کي موت ڏج، تہ جيئن مخلوق جو محتاج نہ ٿيان. مون کي اميد آهي تہ خداوند ڪريم منهنجي دعا قبول فرمائي هوندي پوءِ ٻيئي واپس هليا ويا. جڏهن سندن والده کان حضرت دائود جي وفات جو حال پڇيو ويو چيائين تہ پاڻ وفات واري ساري رات نماز ۾ مشغول هئا. آخر سجدي ۾ ويا ۽ ڪيتري وقت تائين سر نہ کنيائون تان جو صبح ٿي ويو. مون نزديڪ وڃي چيو تہ پٽ! صبح جي نماز جو وقت ٿي ويو آهي مگر ڪو جواب ڪونہ مليو. پوءِ مان جڏهن چڱيءَ طرح سان ڏٺو تہ پاڻ وفات ڪري چڪا هئا.

ان کان پوءِ ڪنهن بزرگ خواب ۾ ڏٺن تہ پاڻ هوا ۾ آڏامي رهيا هئا، ۽ فرمايئون ٿي تہ مان زندان مان رهائي حاصل ڪئي آهي. سندن وفات جي وقت غيب کان آواز آيو تہ دائود طائي رحہ پنهنجي مقصد کي پهچي ويو ۽، الله تعاليٰ ان کان خوش ٿيو.

* ذڪر حضرت حارث محاسبي رحمت الله عليه *

حضرت حارث رحمت الله عليه ظاهري توڙي باطني علم ۾ حد درجي جو ڪمال رکندا هئا. سندن مختلف قسم جي علم ۾ ڪيترا ئي ڪتاب لکيل موجود آهن. پاڻ عالي همت، صاحب مروت، سخاوت ۾ بينظير، پنهنجي وقت جا شيخ المشائخين ۽ مجتهد جو درجو رکندڙ هئا. حضرت حارث رحہ جي پيدائش، خواجہ حسن بصري رحہ جي زماني ۾ ٿي ۽ سندن وفات بغداد ۾ ٿي. شيخ عبدالله حنيف فرمائن ٿا تہ اسان جي پنجن بزرگن جي يعني حارث محاسبي، جنيد بغدادي، بايزيد بسطامي، ابن عطار ۽ عمر بن عثمان مڪي جن جي عزت ۽ تابعداري ڪريو.

باقي تمام بزرگن کي تسليم ڪريو. ڇاڪاڻ تہ اهي پنج ئي بزرگ حامي شريعت، طريقت ۽ حقيقت جا آهن، ۽ باقي سڀئي صرف قبول ڪرڻ جي لائق آهن. اهي پنج ئي بزرگ تابعداريءَ جي قابل آهن. طريقت جا بزرگ فرمائن ٿا تہ ڇهين نمبر تي اهڙيءَ عزت جي لائق عبدالله حنيف جن آهن.

حضرت حارث ڪي ورثي ۾ ايهہ هزار دينار مليا هئا. ليڪن پاڻ اها سڀ رقم بيت‌المال ۾ جمع ڪرائي ڇڏيائون. ماڻهن پڇيو تہ اوهان بيت‌المال ۾ پنهنجي هيڏي ساري رقم ڇو ڏني؟ فرمايائون تہ آنحضرت صلي‌الله عليہ وسلم جن فرمايو آهي تہ قدريہ فرقي جا ماڻهو منهنجي اُمت ۾ مجوسين جو درجو رکن ٿا. منهنجو پيءُ قدريي طريقي جو هو. تنهن ڪري هڪ مسلمان مجوسيءَ جي ميراث نٿو وٺي سگهي. حضرت حارث مٿان خداوند ڪريم جي ايتري عنايت هئي جو ڪڏهن بہ ڪنهن سڪي حالت واري ڪاڏي طرف هٿ وڌائيندا هئا تہ سندن هٿن جون آڱريون ڇڪجي وينديون هيون. ايتري قدر جو پاڻ هڪ گره بہ کڻي ڪين سگهندا هئا. ان مان سمجهي ويندا هئا تہ ڪاڌو حلال جو نہ آهي. تنهن ڪري اهو ڪاڌو کائڻ ڇڏي ڏيندا هئا. حضرت جنيد بغدادي رحہ فرمائن ٿا تہ هڪ ڏينهن حارث محاسبي سون وٽ تشريف فرما ٿيو. مون کي اندازي مان معلوم ٿيو تہ پاڻ بکايل آهن. مان عرض ڪيو تہ ابا عمر! ڪاڌو کڻي اچان تہ اوهان کائو. پاڻ فرمايائون تہ کڻي اچ. رات جو ڪنهن طرف کان ڪجهہ ڪاڌي جي چيز آئي هئي اها وڃي کڻي آيس ۽ اڳيان اڳيانس رکيم، ليڪن کائڻ وقت سندن هٿن هن جي تابعداري نہ ڪئي، يعني کائڻ لاءِ هٿ نہ وڌين. تنهن ڪري پاڻ ان کاڌي کي ڇڏي اٿي هليا ويا. ان کان پوءِ مان کائڻ پڇيو تہ اوهان بکيا بہ هئا پوءِ بہ ڪاڌو استعمال نہ ڪيو، انهيءَ جو ڪهڙو مطلب هو؟ پاڻ فرمايائون تہ ان ڪاڌي ۾ حلال نہ هجڻ جو شڪ هو، ان ڪري مان ڪونہ کاڌو. پاڻ نفس کي سختي ڏيڻ ۾ نهايت زيادتي ڪندا هئا، ان ڪري ڪيس محاسبي ڪوٺيندا هئا.

جن ماڻهن حارث محاسبي رحہ جي تابعداري ڪئي، خدا جي فضل سان اهي سڀ شريعت کي حاصل ڪري ويا، ۽ انهن سڀئي ڳالهيون حاصل ڪيون جن جو ارادو قوي هو. مٿن حرص و هوا جي مخالفت آسان ٿي ويئي. ان لاءِ فرمايائون تہ پنهنجي ارادي کي قوي رکو. پاڻ فرمائن ٿا تہ قسم اصل نہ کڻو پوءِ قسم سچو هجي خواہ ڪوڙو. ڪوڙي قسم کڻڻ کان تہ بلڪل پرهيز ڪريو. جيڪڏهن وعدي وفائي ڪري سگهو ٿا تہ پوءِ وعدي خلافي هرگز نہ ڪريو. پر جيتري قدر ٿي سگهي تہ وعدو ڪريو ئي نہ. ڪنهن تي لعنت نہ وجهو، خواہ ڪوئي ظالم ئي ڇونہ هجي. ڪنهن بہ قسم جي بري دعا نہ گهرو. بدلو نہ وٺو. بلڪ خدا جي واسطي

برداشت ڪريو. ڪنهن بہ قسم جي شاهدي، ڀوءِ سچي هجي يا ڪوڙي نہ ڏيو. ظاهر يا ڳجهہ ۾ ڪنهن بہ قسم جي گناه ڪرڻ جو ارادو نہ ڪريو. پنهنجي سيني عضون کي گناه کان روڪيو. ڪنهن کي بہ تڪليف نہ ڏيو. پنهنجو سمورو بار پاڻ کڻو. دنيا جي ماڻهن ۾ ڪنهن بہ قسم جي طمع نہ رکو. پر سيني کان نا اميد ٿي وڃو، سواءِ الله تعاليٰ جي، عزت ۽ بلنديءَ جي تلاش ڪريو. هر انسان يلڪ هر مخلوق کي پنهنجو پاڻ کان بهتر ڄاڻو.

فرمائن ٿا تہ صادق اهو آهي، جنهن کي ڪنهن بہ قسم جو خوف نہ هجي. جڏهن بہ تون ڪنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جو نقص ڏسين تہ تون خوش نہ ٿيءُ. الله تبارڪ وتعاليٰ کان پناه گهرو خدا جا ٻانجي وڃو، يا پنهنجو پاڻ کي فنا ڪري ڇڏيو.

فرمائن ٿا تہ جنهن شخص رياضت ڪري پنهنجي نفس کي ٻٽائي ڇڏيو، ان کي باريڪ راه جي سلوڪ تي گامزن هئڻ گهرجي. جيڪو شخص بهشت جي لذت حاصل ڪرڻ گهري ٿو، تہ ان کي لازم آهي تہ هو صابرن ۽ صالحن درويشن جي صحبت اختيار ڪري. فرمائن ٿا تہ جيڪڏهن ڪي شيون ملي وڃن تہ انهن مان فائدو وٺڻ گهرجي. با وفا دوست، با وفا امانت ۽ وفا لب (چپ).

نقل آهي تہ هڪ دفعي پاڻ ڪجهہ لکي رهيا هئا تہ هڪ درويش ڪائن پڇيو تہ معرفت الاهيءَ جو حق بندي تي آهي، يا بندي جو حق الله تي آهي؟ پاڻ اهو ٻڌي هميشہ لاءِ تصنيف ۽ تاليف جو سلسلو ختم ڪري ڇڏيائون، ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن چئو وڃي تہ بندي کي معرفت خود حاصل ٿئي ٿي تہ پوءِ الله تعاليٰ تي بندي جو حق ٿيو، مگر اهو درست نہ آهي. پر جيڪڏهن ائين چيو وڃي تہ معرفت الاهيءَ جو حق بندي تي آهي، تہ پوءِ حق جو حق ترڪ ڪرڻ روا نہ آهي. فرمائن ٿا تہ صبر جو تير، بلا جو نشانو آهي. فرمائن ٿا تہ ڪنهن بہ مصيبت کي دفع ڪرڻ جي تدبير نہ ڪرڻ، قبوليت آهي. فرمائن ٿا تہ سيني برين ڳالهين کان باز رهڻ حياءُ آهي.

جنهن وقت پاڻ وفات ڪيائون، ان وقت هڪ درهم لاءِ بہ محتاج هئا. اگرچ پيءُ جي طرف کان گهڻو ٿي ڪجهہ ورثي ۾ مليو هون ليڪن اهو سمورو مال بيت المال ۾ داخل ڪرائي ڇڏيو هئائون ۽ ان مان هڪ درهم بہ ڪونہ ڪنيو هئائون. پاڻ تنگدستيءَ ۾ ٿي وفات ڪري ويا.

إنا لله وإنا إليه راجعون. ط

* ذڪر حضرت ابو سليمان دائودي رحمت الله عليه *

پاڻ يگانہ وقت ۽ لطيف عهد هئا. غايت لطف هئڻ سببان ڪين ريحان القلوب سڏيندا هئا. پاڻ بک ۾ نهايت صبر ڪندا هئا، ۽ شڪر الاهي بجا آڻي ڏاڍي شـوق سان رياضت ۽ مجاهدا ڪندا رهندا هئا. پـاڻ موضع وارا جا رهندڙ هئا جـو ملڪ شام ۾ آهي. سندن هڪ مريـد احمد حواري فرمائن ٿا تہ هڪ ڏينهن مـان اڪيلائيءَ ۾ نماز ادا ڪري رهيو هـوس. مون کي ان نماز مـان ڏاڍي راحت حاصل: ٿـي. ٻئي ڏينهن پنهنجي مرشـد کي عـرض ڪيو تـہ مون کي رات اڪيلائيءَ ۾ نماز پڙهندي بيحد لطف حـاصل ٿيو آهي ان جـو سبب ڇا آهي؟ پاڻ فرمايائون تـہ نون ضعيف آدمي آهين اڃا توکي خلوت جي ضرورت آهي. هوئنن بہ اڪيلائيءَ ۽ گڏيل عبادت ۾ گهڻو فـرق آهي. هـر هڪ ۾ لطف پنهنجو پنهنجو هونـدو آهي. پاڻ فرمائن ٿا تـہ هڪ رات مسجد ۾ ويٺو هوس ڏاڍي سخت سردي هئي دعـا جي وقت مـان هڪ هٿ بغل ۾ ڏيئي ڇـڏيو جنهن ڪري مون کي ڪجهہ گـرمي محسوس ٿي، ۽ اک لڳي ويئي. ان وقت هاتف آواز ڏنو تہ اي ابو سليمان! تنهنجو جيڪو هٿ ٻاهـر هيو ان جي روزي توکي ڏني وڃي ٿي. جيڪڏهن ٻيو هٿ بہ ٻاهر هجي ها تہ ٻنهي هٿن جو حصو ڏنو وڃي ها. بيدار ٿيڻ تي مان قسم کڻي ڇـڏيو تہ آئينده ڪهڙي بہ سردي ڇونہ هوندي تہ دعا ٻنهي هٿن سان گهرندس.

فرمائن ٿا تہ هڪ رات مـون تي ننڊ جـو غلبو ٿيو جنهن ڪري رات جـو ورد ورود قضا ٿي ويو. ان رات خواب ۾ ڏٺم تـہ هڪ حور آهي جيڪا مون کي: چوي پئي تـہ پنج سؤ سالـن کان وٺي مون کي تنهنجي لاءِ سينگاريو وڃي ٿـو ليڪن تنهنجو اهو حال آهي جو تـون ننڊون پيو ڪرين، فرمائن ٿا تہ اهڙيءَ طـرح هڪ ٻيءَ رات خـواب ۾ مان هڪ حور کي ڏٺـو جيڪا نهايت ئي حسين ۽ جميل هئي، ۽ کلي رهي هئي. مان ان کان پڇيو تـہ تون ههڙي سهڻي آهين توکي اهـو حسن ۽ جمال ڪٿان مليو؟ هن چيو تـہ هڪ رات تـون خدا جي خـوف کان چند ڳوڙها وهـايا هئا، تنهنجن انهن ڳـوڙهن واري پاڻـيءَ سان منهنجو منهن ڌوئـاريو ويو. ان سبب ڪري ئي مون کي اهو حسن مليو آهي.

نقل آهي تہ حضرت فضيل رحہ جي فرزنـد کي عذاب جي آيت ٻـڌڻ جي طاقت ڪونہ هوندي هئي. جڏهن اها ڳالهہ حضرت ابو سفيان کي ٻـڌائي ويئي تڏهن پاڻ فرمايائون تـہ جنهن جا گناه گهٽا هوندا تـہ خوف بہ ان کي ئي گهڻو ٿيندو آهي، ۽ گهٽ گناه واري کـي گهڻو خوف ٿيندو آهي. فرمائن ٿا تہ دنيا توڙي آخـرت ۾ سيني شين جو بنياد خوف الاهي آهي. جڏهن

اُميد، خوف تي غالب پئجي وڃي ٿي، تڏهن دل خراب ٿي ويندي آهي. فرمائن ٿا ته جڏهن پنهنجي دل کي ڪنهن شوق ۾ وجهو ته ان کان پوءِ خوف ۾ به ضرور وجهو، ته جيئن ان شوق کي خوف دور ڪري ڇڏي. فرمائن ٿا ته پيٽ ڀري کائڻ ڪري دل جي نور تي ڪٽ چڙهي ٿي، احتلام جي مصيبت به نشاني آهي پيٽ ڀري کائڻ جي. جيڪو شخص پيٽ ڀري کائي ٿو ان ۾ ڇهه ڳالهيون ظاهر ٿين ٿيون. پهريون اهو ته، عبادت ۾ مزو حاصل نه ڪندو. ٻيو حافظي جي قوت گهٽ ٿيندس. ٽيون خلق تي شفقت ڪرڻ کان محروم ٿيندو. چوٿون هو سارو جهان ٻئي پاڻ وانگر پيٽ ڀريل پيو ڄاڻندو. پنجون شهوت زياده پيدا ٿيندس. ڇهون عبادت ڏکي لڳندس. فرمائن ٿا ته بکيو رهڻ خداوند ڪريم جي نزديڪ هڪ وڏو خزانو آهي، ۽ اهو انهيءَ کي ڏيندو آهي جيڪو هن جو دوست هجي. جيڪڏهن ڪو پيٽ ڀري کائي ٿو ته ان جا عضوا بکيا رهن ٿا. جڏهن سڀئي عضوا بکيا رهن ٿا تڏهن شهوت پنهنجو زور ڏيکاري ٿي. يعني پيٽ خالي رهڻ ڪري شهوت جو زور ڪڏهن نه ٿيندو. فرمايائون ته بک آخرت جي ڪنجي آهي. ۽ ڀريل پيٽ دنيا جي ڪنجي آهي. فرمائن ٿا ته هميشه پيٽ بکيا رهو. ڇاڪاڻ ته بک نفس کي ذليل ڪري ٿي ۽ دل کي نرم بڻائي ٿي. فرمائن ٿا ته شهوت تي اهو شخص غلبو پائيندو جيڪو صبر ڪندو، ۽ صبر اهو ڪندو جيڪو بکايل هوندو ۽ بکايل اهو هوندو جنهن جي دل ۾ نور هوندو. اهو نور هن کي آخرت جي طرف مصروف رکندو. فرمائن ٿا ته ڪوبه بندو ايستائين تواضع نٿو ڪري سگهي، جيستائين هو پنهنجي نفس کي نه سڃاڻي. اهو هرگز زهد نٿو ڪري سگهي، جيستائين دنيا کي ڪجهه نه سمجهي. زهد اهو آهي ته جا چيز توکي حق تعاليٰ کان پري رکڻ واري آهي، ان کي ڇڏي ڏي. فرمائن ٿا ته جڏهن ڪو شخص منهنجي اڳيان گناه جو ذڪر ڪري ٿو ته مان زار زار روئان ٿو. ڇاڪاڻ ته اطاعت ۾ اهڙيون آفتون ڏسان ٿو، جيڪي گناه ۾ نه آهن. فرمائن ٿا ته اکين کي روئڻ ۽ دل ۾ فڪر ڪرڻ جي عادت وجهو. فرمائن ٿا ته جيڪڏهن عمل جو ڦل توکي هن دنيا ۾ نه ملي، ته پوءِ ائين سمجهڻ گهرجي ته آخرت ۾ به ان جو ڪو ثمر ناهي ملڻو. مطلب ته الله تبارڪ وتعاليٰ جي فرمانبرداري ۽ بندگيءَ جي راحت توکي هن دنيا ۾ به پهچڻ گهرجي. فرمائن ٿا ته اها ٿڌي آه يعني اهو ٿڌو ساهه، جيڪو هڪ درويش جي دل مان خواهش پوري نه هئڻ واريءَ حالت ۾ ٻاهر نڪري ٿو، اهو هزار سال جي اطاعت ۽ عبادت کان بهتر آهي. فرمائن ٿا ته بهتر سخاوت اها آهي جا حاجت جي موافق هجي. زاهد جو آخري قدم، توڪل وارن جو پهريون قدم آهي. عارف جي دل واري اک کليل هوندي آهي، ۽ ظاهري اک بند ٿي ويندي آهي. مطلب ته عارف کي سواءِ خدا جي ٻيو ڪجهه به نظر نه ايندو آهي. فرمائن ٿا ته جڏهن ايماندار جي دل حق تعاليٰ جي ذڪر کان

نور تي ويندي آهي تہ اهو نور ئي هن جي غذا بڻجي ويندو آهي. پوءِ هو حق تعاليٰ جي انس کي پنهنجي راحت ۽ مسرت، ان جي معاملن کي تجارت، مسجد کي دڪان، عبادت کي پيشو، قرآن شريف کي دولت، دنيا کي کيتي، قيامت کي پنهنجو ذخيرو، رنج ۽ مصيبت کي جيڪي هن جي راه ۾ پيش اچن ٿيون انهن کي ثواب جو ذريعو سمجهي ٿو. فرمائن ٿا تہ مان پاڻ کي ايترو تہ ذليل و خوار ڪيو جو ساري دنيا ايترو ذليل و خوار نہ ڪري سگهندي. فرمايائون تہ جنهن دل ۾ دنيا جي محبت آهي تنهن دل ۾ آخرت جي محبت نٿي رهي. فرمايائون تہ دنيا جي حيثيت حق تعاليٰ جي نظر ۾ مڇر جي پر کان بہ گهٽ آهي. تنهن مان ظاهر آهي تہ اهڙي شيءِ جي حاصل ڪرڻ واري کي ڪهڙو مرتبو حاصل ٿي سگهي ٿو. فرمايائون تہ جيڪو نفس کي ماري حق تعاليٰ جي قرب حاصل ڪرڻ جو وسيلو ٿو ڳولي تہ خدا ان جي نفس تي نظر رکي ٿو، ۽ ان کي جنت جو حقدار بڻائي ٿو. فرمائن ٿا تہ اي الله! اهو تنهنجي خدمت جي قابل ڪيئن ٿيندو جو تنهنجو خدمتگار نٿو ٿي سگهي. اهو ڪهڙيءَ طرح تنهنجي رحمت جو اميدوار ٿي ٿو سگهي جنهن کي تو کان شرم نٿو اچي. فرمايائون تہ مان پنهنجي هڪ مريد کي مڪي معظم ۾ ڏٺو. هن صرف آب زمزم ٿي پيتو ٿي، ان کان سواءِ ڪجهہ نہ ٿي کاڌو پيتو. مان هن کي چيو تہ جيڪڏهن اهو پاڻي خشڪ ٿي وڃي تہ پوءِ ڇا ڪندين. اهو ٻڌي هو اٿيو، ۽ چيائين تہ جزاڪ الله! مان ايتري دير زمزم پرست هوس ائين چئي هليو ويو. فرمايائون تہ ڪنهن رات جيڪڏهن مان حلال لقمو کائوان تہ اهو ساري ڏينهن جي نمازن پڙهڻ کان وڌيڪ بهتر ڄاڻندس. فرمايائون تہ اهو خوش نصيب انسان آهي، جيڪو پنهنجي سڄي عمر ۾ اخلاص جو هڪ قدم بہ هليو هجي. فرمائن ٿا تہ جڏهن بندو اخلاص اختيار ڪري ٿو تہ اهو ڪيترن وسوسن کان نجات حاصل ڪري ٿو. فرمائن ٿا تہ هر شيءِ لاءِ ڪو نہ ڪو زيور ضرور هوندو آهي. ليڪن دل جو زيور صدق آهي، فرمائن ٿا تہ صدق کي پنهنجي سواري بڻايو، ۽ حق کي تلوار. فرمائن ٿا تہ حق تعاليٰ کي پنهنجي طلب جو عرض ڄاڻو. فرمائن ٿا تہ رضا اها آهي، تہ بهشت جي خواهش نہ ڪجي ۽ نہ دوزخ کان پناه گهرجي. فرمائن ٿا تہ الله تبارڪ وتعاليٰ جو ارشاد آهي تہ اي منهنجا ٻانها! جيڪڏهن تون مون کان شرم ڪندين تہ مان تنهنجي گناهن کي ماڻهن کان پوشيده رکندس، لوح محفوظ تان بہ مٽائي ڇڏيندس، ۽ قيامت جي ڏينهن تو تي سختي نہ ڪندس.

هڪ دفعي پنهنجي مريد کي فرمايائون تہ جيڪڏهن تون ڪنهن دوست کي خيانت ڪندو ڏسين تہ ان تي ڪاوڙ نہ کاءِ. ممڪن آهي تہ ان کان وڌيڪ سخت ڳالهہ تو کي ٻڌڻي پوي. مريد چيو تہ مان انهيءَ ڳالهہ جو تجربو ڪيو آهي ۽ بلڪل ئي سچ ثابت ٿيو آهي.

هڪ دفعي سفيد ڪپڙا پاتائون تہ فرمايائون تہ ڪاش! منهنجي دل سيني سائهن ڪان اهڙي سفيد هجي ها جهڙا هي ڪپڙا آهن.

جڏهن سندن وفات وڃهي ٿي، تڏهن مريدن عرض ڪيو تہ اوهان غفورالرحيم جي درگاه ۾ وڃي رهيا آهيو اسان کي ڪا بشارت ڏيئي وڃو. فرمايائون تہ ائين چونہ ٿا چئو تہ اهڙي خدا جي حضور ۾ وڃو ٿا، جو معموليءَ ۾ معمولي گناه جو بہ حساب وٺندو ۽ گناه ڪبيري ڪان عذاب ڏيندو. ايترو چيائون تہ سندن روح پرواز ڪري ويو. وفات ڪان بعد، ڪن ماڻهن کين خواب ۾ ڏٺو ۽ پڇيائون تہ خداوند ڪريم اوهان سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو. پاڻ فرمايائون تہ الله تعاليٰ رحمت ۽ عنايت فرمائي.

* ذڪر حضرت محمد سماڪ رحمت الله عليه *

حضرت محمد سماڪ رحمت الله عليه حافظ قرآن ۽ زاهدن جا واعظ، پنهنجي وقت جا امام ۽ الله تعاليٰ جا مقبول ٻانها هئا. حضرت معروف ڪرخي رحہ جي ڪشادگي حضرت سماڪ رحہ جي ڪلام ڪان ٿي هئي. خليفو هارون رشيد حضرت جن جي ڏاڍي عزت ۽ قدر ڪندا هئا. فرمائيندا هئا تہ تواضع جو حق اهو آهي تہ پنهنجو پاڻ کي ٻين ڪان گهٽ سمجهي. فرمائن ٿا تہ هن ڪان اڳ وارا ماڻهو سراسر دوا هئا ۽ ٻيا ماڻهو انهن ڪان شفا حاصل ڪندا هئا. مگر اڄ ڪلهہ جا ماڻهو نسورا درد آهن. جنهن درد جي دوا ڪانهي، بس صرف اهو ئي رستو آهي تہ خداوند ڪريم کي پنهنجو همدرد بڻائجي ۽ قرآن مجيد کي پنهنجو هم راز بڻائجي. طمع، انسان جي گردن ۾ رسي ۽ پيرن ۾ ٻيڙيءَ جي مثل آهي. ان کي ڪوليو يعني طمع کي ترڪ ڪريو، تہ جيئن آزاد ٿي وڃو.

احمد حواري فرمائن ٿا تہ هڪ ڏينهن حضرت جن بيمار ٿي پيا. مان شيشي کڻي هڪ مجوسي طبيب وٽ وڃي رهيو هوس، رستي ۾ هڪ پير مرد نوراني شڪل واري بزرگ سان ملاقات ٿي، جنهن کي نئين پوشاڪ پهريل هئي. مون کي چيائين تہ ڪيڏانهن وڃي رهيو آهين؟ مان سمورو حال ڪيس ٻڌايو. هن پير مرد فرمايو تہ سبحان الله! خدا جو دوست، دشمن خدا ڪان مدد جو طلبگار آهي. وري فرمايائين تہ مونِي وڃ، ۽ ابن سماڪ رحہ کي چئو تہ جنهن جاءِ تي توکي درد آهي اتي هٿ رکي هي پڙهہ. ” آعوذ بالله من الشيطان الرجيم وبالحق آنزلناه وبالحق نزل “. احمد حواري موٽي حضرت جن جي خدمت ۾ آيو ۽ سموري ماجرا کين عرض ڪيائين، پاڻ ائين ئي ڪيائون تہ انهيءَ وقت شفا حاصل ٿي وين. ان ڪان پوءِ پاڻ مون کي فرمايائون

نہ نون سمجهين ٿو تہ اهو ڪير هو؟ پاڻ عرض ڪيو تہ نہ مان نٿو سمجهي سگهان تہ اهو ڪير هو پاڻ فرمايائون تہ اهو خضر عليه السلام هو.

نقل آهي تہ پاڻ شادي شده ڪونہ هئا، ماڻهن پڇيو تہ اوهان شادي ڇو نٿا ڪريو. فرمايائون تہ انهيءَ ڪري جو مون ۾ ڪي بہ شيطانن سان مقابلي ڪرڻ جي طاقت ڪانهي. وفات بعد ڪن بزرگن حضرت ابن سماڪ رحہ کي خواب ۾ ڏٺو ۽ حال پڇيو تہ خدا توهان سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو؟ فرمايائون تہ خداوند ڪريم مون تي رحمت ۽ بخشش فرمائي، ۽ خلعت عطا ڪئي. مگر درگاه الاهيءَ ۾ انهن شخصن جي زياده عزت ۽ آبرو آهي، جي اهل و عيال جو بار کڻن ٿا، ۽ پنهنجي بدن کي رياضت ۽ رنج و مصيبت ۾ وجهن ٿا.

❋ ذڪر حضرت محمد ابن اسلم طوسي رحمت الله عليه ❋

حضرت ابن اسلم رحمت الله عليه دين جا قطب، خلق جا پير، نهايت ئي عابد، زاهد متقي ۽ پرهيزگار هئا. ماڻهو کين لسان الرسول (رسول جي زبان) ڪري ڪوٺيندا هئا. انڪان سواءِ شحنہ خراسان (خراسان جو ڪوتوال) بہ چوندا هئا. سنت جي پيرويءَ ۾ سڀ ڪان وڌيڪ هئا. سندن ڳالهہ سنت جي مطابق هوندي هئي. هڪ ڏينهن پاڻ امام علي بن موسيٰ رضا ساڻ گڏ نيشاپور آيا. جڏهن پاڻ شهر ۾ داخل ٿيا تہ اُٺ جي مهار اسحاق بن زاهديءَ جي هٿن ۾ هئي. کين وارن جو ٺهيل ڪپڙو پيل هو ۽ نمد جي ٽوپي مٿن تي هئي. سندن ڪنڌ تي الله تعاليٰ جي ڪتابن جو بوجهہ هو. ماڻهن جڏهن کين اهڙيءَ حالت ۾ ڏٺو تہ روئي ڏنائون، ۽ چيائون تہ اسان توهان کي انهيءَ حال ۾ نٿا ڏسي سگهون. پاڻ اعليٰ درجي جا واعظ بہ هئا. اندازاً پنجاه هزار ماڻهو حضرت جن جي وعظ جي بدولت راه راست تي آيا.

وقت جي حاڪم معتزلہ ٻن سالن تائين حضرت جن کي قيد رکيو، ۽ کين چيو تہ قرآن کي مخلوق چئو، ليڪن پاڻ ائين چوڻ کان انڪار ڪيائون. پاڻ هر جمع جي ڏينهن قيد خانہ ۾ غسل فرمائيندا هئا، ۽ جاءِ نماز (مصلو) کلهن تي رکي دروازي تي ايندا هئا. جڏهن جيل جو داروغو منع ڪندو هو تہ پوءِ واپس ويندا هئا. فرمائيندا هئا تہ الاهي مان تنهنجو حق ادا ڪيو، هاڻي تون ڄاڻ ۽ تنهنجو ڪم ڄاڻي. قيد کان رهائي حاصل ڪرڻ کان پوءِ، عبدالله بن طاهر جو نيشاپور جو والي هو جڏهن نيشاپور جي ڀر ۾ پهتو تہ ڪيترن رئيسن ۽ عام ماڻهن سندن استقبال ڪيو. ٽن ڏينهن تائين سندن قدمبوسيءَ لاءِ آدمي ايندا رهيا. ٽئين ڏينهن پڇيائون تہ اهڙو ڪو شخص رهيو آهي جيڪو منهنجي سلام تي نہ آيو هجي. ماڻهن چيو تہ هائو

هڪڙا ٻه عالم رباني آهن، اهي بادشاهن جي سلام تي نه ايندا آهن. اهي ٻه شخص احمد حرب ۽ محمد بن اسلم طوسي آهن. عبدالله بن طاهر، نيشاپور جي حاڪم چيو تہ جيڪڏهن اهي اسان جي سلام تي نٿا اچن تہ اسان انهن جي سلام تي هلون ٿا. پوءِ هو پهريائين احمد حرب جي خدمت ۾ ويا ڏنائون تہ احمد حرب سر هيٺ ڪيون ويٺو هو. دير تائين حاڪم ويٺو رهيو جڏهن سر مٿي ڪنيائون، تڏهن فرمايائون تہ مان جو ٻڌو هو تہ تون ڏاڍو خوبصورت آهين سو تون واقعي خوبصورت آهين. اي عبدالله! اهڙي منهن کي گناه ۽ خداوند ڪريم جي مخالفت سان بدصورت نہ بڻائج. ان ڪان پوءِ عبدالله بن طاهر، حضرت ابن اسلم جن جي خدمت ۾ آيو. ليڪن پاڻ حضرت جن ملاقات جي اجازت ڪونہ ڏنيس ۽ هو دروازي تي ويٺو رهيو. انهيءَ خيال سان تہ جڏهن نماز لاءِ ٻاهر نڪرندا تہ پوءِ سلام ڪندس. آخر جڏهن پاڻ حضرت جن نماز لاءِ ٻاهر نڪتا، تہ عبدالله گهوڙي تان هيٺ لهي پيو ۽ حضرت جن جي پيرن تي ڪري چميون ڏنائين ۽ چيائين تہ اي خداوند! تنهنجا دوست انهيءَ سبب ڪري مون کي دشمن سمجهن ٿا تہ مان برو آهيان ليڪن مان انهن کي سٺي هجڻ جي سبب دوست رکان ٿو. تون پنهنجي فضل سان مان بري کي انهن جي طفيل چڱي ٿيڻ جو ذريعو پيدا ڪري ڏي. ان ڪان پوءِ ابن اسلم طوس جو ارادو ڪيو، ۽ اتي هڪ جامع مسجد ۾ اچي مقيم ٿيا. دراصل پاڻ عرب هئا، ۽ اني گهڻي وقت رهڻ سبب طوسي مشهور ٿي ويا. روايت آهي تہ سندن گهر جي اڳيان هڪ نهر وهندي هئي. ليڪن پڻ ساريءَ زندگيءَ ۾ ان مان هڪ لوٽو ٻہ پاڻيءَ جو نہ ڀريو هئائون. فرمائيندا هئا تہ هيءَ ماڻهن جي ملڪيت آهي. هڪ بزرگ فرمائي ٿو تہ مان جڏهن روم ۾ هيس تہ اوچتي مان ڏٺو تہ ابليس مٿان اچي هيٺ زمين تي ڪري پيو. مان چيو تہ اي ملعون! هي تنهنجي ڪهڙي حالت آهي؟ چيائين تہ هن وقت محمد بن اسلم وضو فرمايو آهي ۽ مان ان جي وضوءَ ڪان ڪري پيو آهيان.

نقل آهي تہ پاڻ سدائين قرض ڪٽي درويشن ۾ تقسيم ڪندا هئا. هڪ ڏينهن هڪ يهودي حضرت جن وٽ آيو ۽ اچي چيائين تہ منهنجو اوهان ڏي قرض رهندو آهي. پاڻ فرمايائون تہ هن وقت مون وٽ ڪجهہ بہ ڪينهي. مگر يهوديءَ زور ڀريو تنهن تي پاڻ هڪ چاقوءَ سان قلم کي گهڙڻ لڳا، تہ اهو قلم سونو ٿي پيو. يهوديءَ جڏهن اهو ڏٺو تہ حيران ٿي ويو ۽ چيائين تہ جنهن دين جي هڪ بزرگ جي هٿن سان هڪ ڪاٺي سوني ٿي پوي اهو دين ڪوڙو نٿو ٿي سگهي انهيءَ دم اهو يهودي مسلمان ٿيو.

نقل آهي تہ نيشاپور ۾ پاڻ بيمار ٿي پيا هڪ رات هڪ پاڙيسريءَ خواب ۾ حضرت ابن اسلم کي ڏٺو. پاڻ فرمائي رهيا هئا تہ مان رنج ۽ غم ڪان آزاد ٿيس. صبح جو اهو شخص بيدار

ٿيڻ تي حضرت جن جي گهر آيو ته جيئن پنهنجو ڏنل خواب بيان ڪري. ليڪن ان وقت پاڻ وفات ڪري ويا هئا.

حضرت جن حياتيءَ ۾ جيڪو ڪڙتو پهريندا هئا، اهو ئي سندن جنازي مٿان وڌو ويو هو. جنهن وقت حضرت جن جو جنازو کڻي ٿي ويا ته ان وقت هڪ گهر جي ڪوٺي مٿان ٻه پوڙهيون عورتون بيٺيون هيون. انهن پاڻ ۾ چيو ته محمد ابن اسلم وفات ڪري ويو. جيڪي ڪجهه پاڻ وٽ رکندا هئا، اهو سڀ پاڻ سان کڻي ويا، ڪين دنيا جي ڪابه چيز پنهنجي محبت ۾ ڦاسائي نه سگهي.

* ذڪر حضرت احمد بن حرب رحمت الله عليه *

حضرت احمد حرب رحمت الله عليه سنت جا امام ۽ بيحد عبادت گذار هئا. پرهيزگاريءَ ۾ سندن ڪو به ثاني ڪونه هو، ۽ سندن ڪيترا ئي فضائل آهن. مالهن جـو مٿن ڏايو اعتماد هو يحيٰي بن معاذ وصيت فرمائي ته جڏهن مان وفات ڪريان تـه منهنجو سر حضرت احمد حرب رحه جي قدمن تي رکجو. پاڻ ايتري قدر تـه متقي هئا جو هڪ ڏينهن سندن والده هڪ ڪڪڙ جي ٻاجي تيار ڪئي، ۽ حضرت احمد حرب رحه کي چيائين تـه مان هن ڪڪڙ کي پنهنجي گهر ۾ پاليو هـو ۽ انهيءَ ۾ ڪنهن به قسم جـو شڪ ۽ شبه ڪونهي، تنهن ڪري توکي هيءَ ٻاجـي کائڻ گهرجي. ليڪن پاڻ کائڻ کان انڪار ڪندي فرمايائون تـه هڪ ڏينهن اها ڪڪڙ پاڙي وارن جـي گهر جي ڪوٺي تـي هلي ويئي هئي ۽ اتي هن ڪجهه دالـو کاڌو هو. جنهن ڪري اهو کاڌو منهنجي کائڻ جي قابل نه آهي.

روايت آهي تـه نيشاپور ۾ ان وقت ٻـه احمد رهندا هئا، هڪ ته پاڻ حضرت جن هئا، ۽ ٻئي جو نـالو احمد بازرگان هـو. هڪ احمد دنيا جي وهنوار ۾ غـرق هو، ۽ ٻيو احمد دين ۾. حضرت احمد رحمت الله عليه جن خدا جي ذڪر ۽ فڪر ۾ ايتري قدر تـه محو ۽ مشغول رهندا هئا جو هڪ ڏينهن سنت جـي نهرائڻ وقت حجم سندن مڇن جـا وار درست ڪري رهيو هو تـه سندن چپ مبارڪ ذڪر سبب هلي رهيا هئا. اهو ڏسي حجم عـرض ڪيو ته ٿورو چپن مبارڪن کي جهليو تـه جيئن مان وار آسانيءَ سان ڪتري وٺان. تنهن تي پاڻ فرمايائون تـه تون پنهنجو ڪم ڪرءِ مان پنهنجو ڪم ڪري رهيو آهيان. ڪيترن ئي جاين تي سندن چپن تي زخم رسيا ليڪن ذڪر الاهيءَ کان هڪ جهٽ لاءِ به خاموش نه رهيا.

هڪ دوست حضرت احمد حرب رحه ڏانهن خـط لکيو، پاڻ ان جي جواب ڏيڻ لاءِ وقت

بچائڻ لاءِ ڪيتري به ڪوشش ڪندا هئا مگر فرصت ئي ڪانه ملندي هين. هڪ ڏينهن ڀاڻ جڏهن نماز ۾ بيٺا ته پنهنجي هڪ مريد کي فرمايائون ته منهنجي فلاڻي دوست ڏي خط جو جواب لکي ڇڏ. ان سان گڏ اهو به لکيس ته آئينده هو مون ڏي خط نه لکي. ڇاڪاڻ ته مون کي جواب ڏيڻ جي فرصت ئي ڪانهي. انڪان سواءِ هي به لکي موڪليس ته خدا سان مشغول رهج.

نقل آهي ته پاڻ پنهنجي فرزند کي توڪل جي تعليم ڏيندي فرمايائون ته فلاڻي سوراخ وٽ وڃي چونڊو ڪر ته يا الاهي! مون کي فلاڻي چيز ڏي. توکي جنهن به شيءِ جي گهرج ٿئي ته انهيءَ سوراخ وٽ بيهي پڪارڻ سان حاصل ڪري سگهين ٿو. هيڏانهن گهر وارن کي تاڪيد ڪري ڇڏيائون ته هو جو ڪجهه به گهري ته اوهان سوراخ ۾ رکي ڇڏيندا ڪريو. ڪيتري وقت تائين اها حالت رهي اتفاق سان هڪ ڏينهن گهر وارا گهر ۾ موجود ڪين هئا. ان ڏينهن سندن فرزند دستور مطابق سوراخ وٽ وڃي طعام جي طلب ڪئي ته الله تعاليٰ غيب مان طعام موڪلي ڏنو. جڏهن گهر وارا آيا ۽ هن کي کاڌو کائيندي ڏٺائون ته حيران ٿي ويا ۽ پڇيائون ته تو اهو طعام ڪٿان آندو؟ هن چيو ته جتان روزانو ايندو آهي. انهيءَ تي پاڻ فرمايائون ته اها ڳالهه هن لاءِ علم بنجي ويئي.

هڪ بزرگ فرمائي ٿو ته مان هڪ ڏينهن احمد حرب رحه جي مجلس ۾ ويس ان وقت حضرت جن جي زبان مبارڪ مان هڪ اهڙو ڪلمو ظاهر ٿيو جو انهيءَ سبب ڪري منهنجي دل روشن ٿي ويئي. هڪ رات جڏهن حضرت جن عبادت خاني ۾ تشريف فرما ٿيا ته برسات ڏاڍي زور سان پئجي رهي هئي، ان وقت سندن دل ۾ خيال ٿيو ته متان گهر ۾ پاڻي وڃڻ سبب ڪتاب نه پُسي پون سو انهيءَ خيال ڪرڻ کان پوءِ هڪدم آواز ٻڌڻ ۾ آين ته ”اي احمد! اٿي پنهنجي گهر هليو وڃ. ڇاڪاڻ ته جيڪو ڪم تون ڪندو آهين ان کي تون گهر موڪلي ڇڏيو. اهو ٻڌي پاڻ انهيءَ وقت اهڙي خيال کان توبهه ڪيائون.

نقل آهي ته هڪ ڏينهن نيشاپور جا ڪي سيد حضرت احمد حرب رحه جي زيارت لاءِ آيا حضرت احمد حرب رحه جو هڪ پٽ نهايت ئي مست هو. هو مستيءَ جي حالت ۾ رباب (ساز جو قسم) ڪٺي گهر کان نڪتو ۽ نهايت ئي بي پرواهيءَ سان انهن سيدن جي اڳيان لنگهي ويو. هن انهن ساداتن جو ڪجهه به ادب ۽ لحاظ نه رکيو. سيئي سادات انهيءَ ڳالهه تي ڏاڍا غمگين ٿيا. پاڻ حضرت جن جڏهن اها ڳالهه ڏٺي، تڏهن انهن سيدن کان معافي گهريائون ۽ چيائون ته هڪ ڏينهن مان پنهنجي هڪ پاڙي واري جي گهر ماني کاڌي هئي، انهيءَ رات مون کي خلوت (هم بستري) جو اتفاق ٿيو، ان سان اهو پٽ پيدا ٿيو. مون کي دير سان معلوم ٿيو ته اهو کاڌو جيڪو پاڙي واري وٽ کاڌو هوءِ سو بادشاه جي گهر جو هو.

نقل آهي ته حضرت جن جي پاڙي ۾ بهرام نالي هڪ آتش پرست رهندو هو، ۽ تجارت ڪندو هو پنهنجو مال تجارت لاءِ ٻين شهرن ڏانهن موڪليندو هو. هڪ دفعي رستي ۾ ڌاڙيلن سمورو مال لٽيو ان ۾ بهرام جو مال به هو. پوءِ حضرت جن کي جڏهن ان واقعي جي خبر پيئي تڏهن دوستن کي چيائين ته اخلاق جي لحاظ کان هن وٽ هلي افسوس ڪجي. جيتوڻيڪ هو آتش پرست آهي پر تنهن هوندي به هو همسايو آهي. ان ڪري هن سان غمخواري ڪرڻ اسان تي لازمي آهي. پوءِ سڌو بهرام جي گهر تشريف فرما ٿيا بهرام نهايت ادب سان حضرت جن جو استقبال ڪيو، ۽ کين گهر جي اندر وٺي ويو. بهرام خيال ڪيو ته شايد کاڌي لاءِ آيا آهن. پوءِ حضرت جن هن جي اهڙي خيال کي پنهنجي قلب جي صفائيءَ سان جاچي ورتو، ۽ کيس چيائين ته تون فڪر نه ڪر، اسان محض تنهنجي غمخواريءَ لاءِ تو وٽ آيا آهيون. ڇاڪاڻ ته اسان ٻڌو سي ته تنهنجو سمورو مال اسباب ڌاڙيلن لٽي ورتو آهي. بهرام چيو ته جيتوڻيڪ ائين برابر آهي ليڪن پوءِ به منهنجي لاءِ ٽي شڪر واجب آهن. هڪ هيءَ ته ٻين ٿي منهنجو مال لٽيو آهي، پر مان ڪنهن کي ڪين لٽيو آهي. ٻيو هيءَ ته اڌ مال مون وٽ بچي ويو آهي. ٽيون هيءَ ته دنيا جو مال ٿي لٽي ويا آهن ليڪن آخرت جو مال مون وٽ سلامت آهي. حضرت جن ان جي اهڙين ڳالهين کان نهايت خوش ٿيا ۽ فرمايائون ته هن سان دوستيءَ جي بوءِ اچي ٿي. آتش پرست کان پڇيائون ته ڀلا اهو ٻڌاءِ ته توهان باه جي ڇو ٿا پوڄا ڪريو؟ بهرام آتش پرست چيو ته ان لاءِ ته جيئن قيامت جي ڏينهن ان ۾ سڙڻ کان محفوظ رهان، ۽ هي سڀ ڪاٺيون ان جي خوراڪ لاءِ مقرر ڪيون آهن، ته جيئن هي باه مون سان بيوفائي نه ڪري. پوءِ فرمايائون ته تون غلطيءَ تي آهين. تو جيڪو باه جي متعلق خيال ڪيو آهي اهو بلڪل بي بنياد آهي. ڇاڪاڻ ته جيڪا شيءِ معمولي پاڻيءَ وجهڻ سبب اجهامي ٿي وڃي، ۽ پاڻ خود عاجز ۽ بي طاقت چيز آهي اها ڀلا قادر مطلب تائين ڪيئن پهچائي سگهندي؟ ٻي ڳالهه ته باه کي پنهنجي برائي جي ڪا تميز ٿي ڪانهي، هوءِ هر ڪنهن کي جلائي ٿي پوءِ اهڙيءَ چيز ۾ اميد رکڻ ڪٿان جي عقلمندي آهي. وري پاڻ فرمايائون ته ستر سالن کان تون هن جي پوڄا ڪندو رهيو آهين ۽ مان هن کي ڪڏهن به ڪونه پوڄيو آهي. تنهن هوندي به اسان ٻئي هن ۾ هٿ وجهون ٿا، ۽ پوءِ ڏسون ٿا ته باه تنهنجي وفاداريءَ جو خيال رکي ٿي يا نه. حضرت جن جي اهڙين ڳالهين بهرام جي دل تي ڏاڍو اثر ڪيو ۽ هن حضرت جن کي چيو ته مان اوهان کان چار ڳالهيون پڇان ٿو جيڪڏهن اوهان انهن جو جواب ٺيڪ ڏنو ته مان خوشيءَ سان ايمان آڻيندس. ٻڌايو ته حق تعاليٰ مخلوق کي ڇو پيدا ڪيو، جي پيدا ڪيو ته رزق ڇو ڏنائين، جي رزق ڏنائين ته پوءِ موت ڇو ڏنائين، ۽ جي موت ڏنائين ته وري پوءِ ڇو جيئرو ڪندو؟ حضرت

احمد حرب فرمايو ته حق تعاليٰ مخلوق کي ان لاءِ پيدا ڪيو ته هو ان کي سڃاڻن. رزق انلاءِ ڏنائين ته رزق جي سبب ان کي مڃن، ۽ موت ان ڪري ڏنائين ته ان کي واحدالقهار جي صفت ۾ سڃاڻن. پوءِ ان ڪري وري زنده ڪيائين ته ڪيس قادر قدرت جو ڏڻي ڄاڻن. بهرام جڏهن اهو ٻڌو ته چيائين ته منهنجي دل چوي ٿي ته هن باه کي به آزمايون. حضرت جن هڪدم باه ۾ هٿ وڌو ۽ باه ۾ ڪجهه وقت رهڻ کان پوءِ به باه هٿ کي ڪو نقصان ڪونه رسايو. جڏهن بهرام اهو ڏٺو تڏهن يڪدم چيائين آشهد آن لاالٰه الاالله وآشهد آن محمدرسول الله ۽ مسلمان ٿي ويو. جڏهن بهرام مسلمان ٿيو تڏهن حضرت جن هڪ نعرو لڳايو، ۽ بيهوش ٿي ڪري پيا. ڪجهه دير کان بعد جڏهن هوش ۾ آيا ته دوستن دريافت ڪيو ته ڇا ڳالهه هئي، جو اوهان بيهوش ٿي ويا؟ پاڻ فرمايائون ته جڏهن بهرام ڪلمو شهادت پڙهيو ته ان وقت آواز آيو ته اي احمد! بهرام ستر سال کان پوءِ ايمان آندو. ليڪن تو ستر سال مسلمانيءَ ۾ گذاريا ته تو اهو نه سوچيو ته عاقبت لاءِ ڇا آڻيندين؟

نقل آهي ته احمد حرب رحه پنهنجي ساريءَ عمر ۾ هڪ رات به ننڊ ڪانه ڪئي. ماڻهن ڪانئن پڇيو ته جيڪڏهن اوهان هڪ رات ڪئي ننڊ ڪيو ته ڇا فرق پوندو؟ پاڻ فرمايائون ته هڪ طرف بهشت کي آراسته ڪيو وڃي، ٻئي طرف دوزخ کي باه سان ڀريو وڃي، ۽ ڪنهن کي اهو معلوم نه هجي ته هن جو ٺڪاڻو ڪهڙو آهي؟ بهشت يا دوزخ. پوءِ ان کي ڪيئن ننڊ اچي سگهندي، پاڻ فرمائن ٿا ته جيڪڏهن مون کي اهو معلوم ٿئي ته ڪير منهنجو دشمن آهي، ۽ ڪير آهي جو منهنجي غيبت ٿو ڪري ته جيڪر ان کي سون ۽ چاندي ڏيئي ڇڏيان، ڇاڪاڻ ته جيڪو منهنجو ڪم ڪري ٿو، ته ان کي ته مون کان ريپه وٺي خرچ ڪرڻ گهرجن. فرمايائون ته جيتري قدر ٿي سگهي ته خداوند ڪريم کان ڊڄو ۽ ان جي اطاعت ڪريو. هوشيار رهو ته جيئن دنيا توهان کي گذريل ماڻهن جيان پنهنجي دام ۾ نه ڦاسائي. پوءِ توهان ان ۾ گرفتار نه ٿي وڃو.

ذڪر حضرت حاتم آصم رحمت الله عليه

حضرت حاتم آصم رحمت الله عليه پنهنجي وقت جا جليل القدر شيخ ۽ نهايت عابد ۽ زاهد هئا. پاڻ خراسان ۾ بيحد معزز تسليم ڪيا ويندا هئا. پاڻ حضرت شفيق رح جا مريد ۽ حضرت احمد خضرويہ رح جا مرشد هئا.

حضرت حاتم زهد ۽ رياضت، ادب ۽ خوف، صدق ۽ سخا ۾ بي نظير هئا. بالغ ٿيڻ کان پوءِ هڪ قدم بہ صدق ۽ اخلاق جي خلاف نہ کنياڻون. ايتري قدر جو جنيد بغدادي رح فرمايو آهي تہ حضرت حاتم رح اسان جي زماني جو صديق آهي. نفس کي سختي ڏيڻ ۽ تڪليفون ڏيڻ ۾ مشهور آهي. سندن اقوال ۽ تصنيفون نهايت معتبر آهن.

هڪ ڏينهن مريدن کي فرماياڻون تہ مان ايتري مدت توهان سان محبت ڪئي آهي، ٻڌايو تہ توهان مان ڪو اهڙو بہ آهي جو "شائستہ" ٿيو هجي؟ هڪ مريد عرض ڪيو تہ فلاڻي شاگرد تمام گهڻو جهاد ڪيو آهي. پاڻ فرماياڻون تہ اهو غازي آهي. مان شائستہ جي پڇا ڪريان ٿو. ٻئي مريد عرض ڪيو تہ فلاڻي شاگرد تمام گهڻو مال خدا جي راه ۾ ڏيئي ڇڏيو آهي. پاڻ فرماياڻون تہ اهو سخي آهي. وري مريدن مان هڪ عرض ڪيو تہ فلاڻي شاگرد ڪافي حج ڪيا آهن. پاڻ فرماياڻون تہ اهو حاجي آهي. نہ شائستہ! تنهن تي مريدن عرض ڪيو تہ ڀلا اوهان ٻڌايو تہ اهو ماڻهو ڪيئن شائستہ ٿي سگهي ٿو. پاڻ فرماياڻون تہ شائستہ اهو آهي جيڪو حق تعاليٰ کان ڊڄي، ۽ ان کي ٻي ڪنهن ۾ بہ اميد نہ هجي.

حضرت حاتم آصم نهايت مهربان هئا. هڪ دفعي هڪ عورت سندن خدمت ۾ ڪنهن مسئلي پڇڻ لاءِ آئي. اتفاق سان هوا نڪري ويس ۽ ڏاڍي شرمندي ٿيڻ لڳي. اها حالت ڏسي پاڻ ان عورت کي فرماياڻون تہ ڪجهہ بلند آواز سان مسئلو بيان ڪر تہ جيئن چڱيءَ طرح سان ٻڌي سگهان. ڇاڪاڻ تہ ڪنن کان ڪجهہ ٻوڙو آهيان. سندن انهيءَ چوڻ سان فقط اها مراد هئي تہ عورت کي اهو گمان نہ ٿئي تہ ڪا هوا مان ٻڌي آهي. پوءِ عورت کي مسئلو ٻڌاياڻون عورت ائين ٿي سمجهيو تہ حضرت جن هوا جو آواز ڪونہ ٻڌو آهي. اها عورت جيستائين جيئري هئي تيستائين حضرت حاتم آصم رح پاڻ کي ٻوڙو بڻائي ڇڏيو. ان سبب ڪري ٿي کين آصم (ٻوڙو) چوندا آهن.

هڪ ڏينهن بلخ ۾ وعظ فرمائي رهيا هئا، ۽ چيائون ٿي تہ يا الاهي! هن مجلس ۾ جيڪي بہ زياده گنهگار آهن، انهن کي بخشي ڇڏ. اتي هڪ ڪفن چور بہ وعظ ٻڌي رهيو هو. جڏهن

رات ٿي ته اهو چور ڪفن چورائڻ جي ارادي سان قبرستان ۾ ويو ۽ قبر جو تابوت مٿي ڪري ڪفن ڪڍڻ ٿي هو ته ابتري ۾ هڪ آواز آيس ته اج رات حاتم آصم جي مجلس ۾ توکي بخشيو ويو آهي ۽ اج رات ٿي وري گناه ڪرڻ آيو آهين؟ انهيءَ ڪفن چور جڏهن اهو ٻڌو ته توبهه ڪيائين.

محمد رازي کان روايت آهي ته مان حضرت حاتم رحه جي خدمت ۾ ڪيترا ئي سال رهيس. ليڪن سواء هڪ دفعي جي مان ڪڏهن به حضرت حاتم رحه کي غصي واريءَ حالت ۾ ڪونه ڏٺو. اهو هيئن ته هڪ دفعي پاڻ بازار مان لنگهي رهيا هئا ته ڏٺائون ته سندن شاگرد کي هڪ غير مذهب دڪاندار پڪڙي بيٺو آهي. پاڻ وڃي وڃي ان دڪاندار کي چيائون ته اي عزيز! ڪجهه مروت کان ڪم وٺ! دڪاندار چيو ته مان مروت اصل نه ڪندس. ان وقت ڪين غصو اچي ويو، ۽ پنهنجي چادر جيڪا ان وقت ڪلهن تي رکيل هين سا لاهي زمين تي هنيائون ته سڄي بازار رپين سان پرجي ويئي. دڪاندار کي چيائون ته جيڪو تنهنجو حق آهي، اهو ڪڻ. ان کان جيڪڏهن ٿورو به وڌيڪ ڪنديس ته هٿ سڪي پوندءِ. دڪاندار پنهنجو حق ڪڻي ورتو ۽ جڏهن ان کان ڪجهه زياده کڻڻ جي ڪيائين ته هڪدم هٿ سڪي پيس.

هڪ شخص حضرت حاتم رحه جي خدمت ۾ آيو ۽ اچي پڇائين ته اوهان ڪٿان ڪائيندا آهيو؟ پاڻ فرمايائون ته الله تعاليٰ جي بورچي خاني مان. اهو نه گهٽ ٿيندو آهي، نه زياده. وري هن چيو ته اوهان ماڻهن جو مال فريب ۽ مڪاريءَ سان ڪائيندا آهيو. پاڻ فرمايائون ته مان تنهنجي مال مان ته ڪجهه نه ڪاڌو آهي، چيائين ته نه. پوءِ پاڻ فرمايائون ته افسوس! جيڪر تون مسلمان هجين ها. وري انهيءَ شخص چيو ته اهي سڀ اوهان جون ڳالهيون اهڙيون آهن، جن ۾ ڪا صداقت ڪانهي. پاڻ فرمايائون ته اهي سڀ ڳالهيون انهيءَ (الله) جون موڪليل آهن. تنهنجي ماءُ انهن ڳالهين ڪري ئي ته تنهنجي پيءُ کي حلال ٿي. هن چيو ته ڇا اوهان جي روزي آسمان کان اچي ٿي؟ پاڻ فرمايائون ته سڀ جي روزي آسمان مان ايندي آهي. هن شخص چيو ته مان ائين سمجهيو هو ته اوهان جي روزي شمعدانن کان ايندي آهي. هائي سمهي رهو ته جيئن روزي اوهان جي وات ۾ اچي پوي. پاڻ فرمايائون ته مان ٻن سالن تائين پينگهي ۾ سمهيو رهيس ۽ منهنجي روزي منهنجي وات ۾ ئي آئي ٿي. هن شخص چيو ته اوهان ڪڏهن ائين ڏٺو آهي ته ڪنهن بغير پوکڻ جي لڻيو هجي؟ پاڻ فرمايائون ته هائو. تون جيڪو لڻين ٿو اهو بغير پوکڻ جي ئي لڻين ٿو. وري هن شخص چيو ته اوهان هوا ۾ وڃو ته جيئن روزي اوهان تائين پهچي وڃي. پاڻ فرمايائون ته جيڪڏهن مان پکي بڻجي وڃان ته اهو رازق مون کي هوا ۾ به روزي ڏيندو. هن شخص چيو ته اوهان زمين اندر گهري وڃو ته جيئن اوهان کي روزي ملي؟

پاڻ فرمايائون تہ جيڪڏهن مان ڪنهن تي پوان تہ رب مون کي اتي بہ روزي پهچائي ڏيندو. ان کان پوءِ اهو شخص خاموش ٿي ويو ۽ توبهہ ڪيائين.

نقل آهي تہ حضرت حاتم اصم رحہ حضرت احمد حنبل رحہ کان پڇيو تہ ڇا اوهان روزيءَ جي تلاش ڪندا آهيو؟ حضرت حنبل رحہ فرمايو تہ هائو. وري حضرت حاتم رحہ چيو تہ وقت کان پهريائين تلاش ڪندا آهيو، يا وقت کان بعد يا وقت تي؟ حضرت حنبل رحہ چيو تہ جيڪڏهن مان چوان ٿو تہ وقت کان پهريائين تہ هي چوندو تہ پنهنجي وقت کي ضايع ڇو ٿا ڪريو؟ جيڪڏهن مان چوان ٿو تہ وقت کان بعد تہ هي چوندو تہ جا شيءِ تو کان گذري ويئي ۽ ان کي ڪيئن ٿو تلاش ڪرين، پر جيڪڏهن چوان ٿو تہ وقت تي تلاش ڪريان ٿو تہ ضرور چوندو تہ انهيءَ شيءِ سان ڇو مشغول آهين جيڪا موجود آهي. حضرت حنبل رحہ انهيءَ ويچار ۾ ئي هئا تہ پاڻ حضرت حاتم فرمايو تہ روزي تلاش ڪرڻ نہ فرض آهي نہ سنت ۽ نہ وري واجب ئي آهي. ان شيءِ کي ڇا تلاش ڪجي جيڪا انهن ٽنهي شين ۾ ڪانهي. پيو تہ انهيءَ شيءِ جي ڇا تلاش ڪجي جيڪا خود تنهنجي تلاش ۾ آهي. بقول حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن جي تہ روزي خود توهان وٽ ايندي. الله تعاليٰ جو ارشاد آهي تہ جنهن روزيءَ جو توهان سان وعدو ڪيو آهي اها هر حالت ۾ توهان کي ملي ويندي.

حامد لغات رحمت الله عليه کان روايت آهي تہ حضرت حاتم رحہ فرمايو آهي تہ هر صبح جي وقت ابليس منهنجي دل ۾ وسوسو پيدا ڪندو آهي تہ اڄ ڇا کائيندين؟ مان هن کي چوندو آهيان تہ موت کائيندس. وري هو مون کي چوندو آهي تہ ڇا پهريندين؟ مان کيس جواب ڏيندو آهيان تہ ڪفن پهريندس. وري هو چوندو آهي تہ ڪٿي رهندين؟ مان چوندو آهيانس تہ قبر ۾. ابليس اهو جواب ٻڌي چوندو آهي تہ تون وڏو بدنصيب شخص آهين. انڪري مون کي ڇڏي هليو ويندو آهي.

نقل آهي تہ هڪ شخص ڪنهن سفر تي وڃڻ جو ارادو ڪيو ۽ هو حضرت حاتم رحہ جي خدمت ۾ اچي ڪائنڻ وصيت طلب ڪئي. پاڻ هن کي فرمايائون تہ جيڪڏهن تون يار گهرين ٿو تہ الله عزوجل ڪافي اٿيئي جيڪڏهن همراه گهرين ٿو تہ ڪراماً ڪاتبين ڪافي اٿيئي. جيڪڏهن عبرت جي ضرورت اٿيئي تہ دنيا ڪافي اٿيئي. جيڪڏهن همدرد گهرين ٿو تہ تنهنجي لاءِ قرآن ڪافي آهي، ۽ جي ڪم جي ضرورت اٿيئي تہ عبادت گهڻي اٿيئي. جيڪڏهن واعظ يعني نصيحت ڪندڙ گهرين ٿو تہ موت ڪافي اٿيئي. هي جو ڪجهہ مان چيو آهي، اهو تنهنجي پسنديءَ جي لائق نہ آهي تہ پوءِ تنهنجي لاءِ دوزخ ڪافي آهي.

هڪ شخص حضرت حاتم رحہ کان پڇيو تہ اوهان جي ڪا حاجت آهي؟ پاڻ فرمايائون

تہ هائو. هن شخص چيو تہ اوهان پنهنجي ضرورت طلب ڪريو. پاڻ فرمايائون تہ منهنجي هيءَ حاجت آهي تہ نہ تون مون کي ڏس ۽ نہ مان توکي ڏسان. هڪ شخص حضرت حاتم رحہ کان پڇيو تہ اوهان نماز ڪهڙيءَ طرح ادا ڪندا آهيو. پاڻ فرمايائون تہ جڏهن نماز جو وقت ٿيندو آهي تہ ظاهري وضو بہ ڪندو آهيان ۽ باطني وضو بہ ڪندو آهيان. ظاهري وضو پاڻيءَ سان ۽ باطني وضو توبھ سان ڪندو آهيان ۽ پوءِ مسجد ۾ داخل ٿيندو آهيان. مسجد حرام کي ڏسندو آهيان، ۽ مقام ابراهيم کي ٻنهي ڀرون جي وچ ۾ سمجهندو آهيان. بهشت کي پنهنجي ساڄي طرف ۽ دوزخ کي کابي طرف ۽ پلصراط کي پنهنجي پيرن هيٺان ڄاڻندو آهيان. ملڪ الموت کي پنهنجي پٺيان بيٺل تصور ڪندو آهيان. دل کي حق تعاليٰ جي حوالي ڪندو آهيان. پوءِ انهيءَ وقت تعظيم سان تڪبير چوندو آهيان، ۽ نهايت عاجزيءَ سان قيام ڪندو آهيان، ڏاڍي خوف وچان قرات پڙهندو آهيان. ڏاڍي عجز سان رڪوع ڪندو آهيان، ۽ شڪر سان سلام ڦيريندو آهيان، مان انهيءَ نموني نماز ادا ڪندو آهيان.

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن حضرت حاتم رحہ عالمن جي جماعت وٽان لنگهي رهيا هئا پاڻ انهن کي فرمايائون تہ توهان ۾ جيڪڏهن ٽي شيون آهن تہ نيڪ آهي. ورنہ توهان لاءِ دوزخ واجب آهي. انهن چيو تہ اهي ڪهڙيون ٽي شيون آهن. پاڻ فرمايائون تہ هڪ تہ ان ڏينهن تي حسرت ڪرڻ، جيڪو گذري ويو، جنهن ۾ توهان اطاعت ڪري نہ سگهيا. ٻيو تہ اڄ جي ڏينهن کي غنيمت ڄاڻو ۽ پنهنجي ڪاروبار ۾ ازحد ڪوشش ڪريو. يعني حق کي عبادت سان خوش رکو، ۽ نفس اماره کي ان جي نافرمانيءَ سان ناخوش ڪريو. ٽيون تہ انهيءَ ڳالھ کان ڊڄو تہ سڀاڻي توهان سان ڇا ٿيندو. نجات ملندي يا هلاڪت ٿيندي. فرمايائون تہ اسان جي زماني جي زاهدن ۽ عالمن جي تڪبر جو وزن ڪيو وڃي تہ انهن جو تڪبر، اميرن ۽ بادشاهن جي تڪبر کان زياده ٿيندو. فرمايائون تہ پنهنجي عاليشان ۽ سينگاريل گهرن تي غرور نہ ڪريو ڇاڪاڻ تہ ڪابہ جاءِ بهشت کان بهتر ڪانهي. عالمن ۽ پرهيزگارن جي ملاقات تي غرور نہ ڪريو. ڇاڪاڻ تہ حضور پرنور صلي الله عليه وسلم جن کان انهن جو درجو بلند نہ آهي. فرمايائون تہ جو شخص رات جو هڪ منزل قرآن شريف ۽ بزرگن جون ڳالهيون پڙهڻ پنهنجي مٿان لازم ڪري ڇڏيندو تہ اهو پنهنجي ذهن کي سلامت رکي سگهي ٿو. فرمايائون تہ دل چئن قسمن جي آهي. هڪ دل مرده ٻي بيمار ٽئين غافل ۽ چوٿين صحيح. مرده دل اها آهي جا ڪافرن جي آهي. جا دل بيمار آهي، اها گنهگارن جي آهي. جا دل غافل آهي اها پيٽ پرين جي دل آهي. جا دل صحيح آهي اها هوشيار دل آهي. فرمايائون تہ نفس سان ٽن ڳالهين جو عهد ڪريو جڏهن عمل ڪريو تہ ياد رکو تہ الله جل جلاله توهان کي ڏسي رهيو آهي. جڏهن ڪا ڳالھ ڪريو تہ

ائين سمجهو ته رب پاڪ توهان جون ڳالهيون ٻڌي ٿو ۽ جڏهن توهان ڪجھ چئو ٿا ۽ چئي بس ٿا ڪريو ته ائين ڄاڻو ته خداوند ڪريم سڀ ڪجھ ڄاڻي ٿو. فرمايائون ته نفس کي ڇهن جاين کان باز رکو. عمل صالح ۾ بي ريا، ڳالھ ڪرڻ ۾ بي طمع، ڏيڻ وقت بي احسان، ۽ حفاظت ۽ امانت ۾ بي بخل. فرمايائون ته عبادت جي زينت خوف آهي. خوف جي علامت، اميدن ۽ آرزوئن جو گهٽ هجڻ آهي. فرمايائون ته جيڪڏهن تون الله تعاليٰ جو دوست ٿيڻ گهرين ٿو ته جيڪي اهو ڪري توُن ان تي راضي رھ. فرمايائون ته جيڪڏهن تون آسمانن ۾ پاڻ کي مشهور ڪرڻ چاهين ٿو ته وعدي وفائي ڪر. فرمايائون ته جلد بازي شيطان جو ڪم آهي. سواءِ پنجن ڳالهين جي. پهريون مهمان جي اڳيان کاڌو رکڻ ٻيو ميت جو ڪفن دفن ڪرڻ ٽيون بالغ ڌيءَ جو نڪاح ڪرڻ چوٿون قرض جو ادا ڪرڻ پنجون گناھ کان توبھ ڪرڻ. انهن پنجن ڪمن ۾ بالڪل جلدي ڪرڻ گهرجي.

نقل آهي ته پاڻ ڪنهن به شخص کان ڪا شيءِ ڪين وٺندا هئا. ماڻهن پڇيو ته اوهان ماڻهن -کان شيون ڇونه قبول ڪندا آهيو؟ پاڻ فرمايائون ته مان ماڻهن کان شيءِ وٺي انهن جو احسان کڻڻ نه چاهيندو آهيان.

نقل آهي ته جڏهن حضرت حاتم آصم رحمۃ اللہ علیہ بغداد تشريف فرما ٿيا ته ماڻهن خليفي کي خبر ڏني ته خراسان جو زاهد آيو آهي. خليفي حضرت حاتم رحه کي پاڻ وٽ گهرايو. جڏهن پاڻ دروازي مان اندر داخل ٿيا تڏهن پاڻ فرمايائون: السلام عليڪ اي زاهد! خليفي چيو ته مان زاهد نه آهيان. ڇاڪاڻ ته تمام دنيا منهنجي زير فرمان آهي. زاهد ته اوهان آهيو. حضرت حاتم رحه فرمايو ته نه مان زاهد نه آهيان بلڪ توهان آهيو. خليفي چيو ته اهو ڪهڙيءَ طرح؟ پاڻ فرمايائون ته الله تعاليٰ جو فرمائي ٿو ته ”قل متاع الدنيا قليل“ يعني توهان انهيءَ ٿوريءَ شيءِ تي قناعت ڪئي آهي، تنهن ڪري زاهد توهان ٿيا، نه مان، جيڪو دنيا ۽ آخرت کي به قبول نٿو ڪري سگهي ته پوءِ ڀلا مان ڪهڙيءَ طرح زاهد هوندس.

* ذڪر حضرت سهل بن عبدالله تستري رحمت الله عليه *

صحراء طريقت جا سياح ۽ حقيقت جي درياه جا غواص حضرت سهل بن عبدالله اهل تصوف جا اڪابر صوفيت جا مجتهد ۽ پنهنجي وقت ۾ طريقت جا سلطان هئا. بکيو رهڻ ۽ جاڳڻ کي عظيم شان سمجهندا هئا. رضايت ۽ ڪرامت ۾ سندن درجو بلند تر آهي. شريعت ۽ حقيقت جا جامع هئا. حضرت ذوالنون رحه جا مريد هئا. سندن عقلمنديءَ جو اهو حال هو جو پاڻ فرمائن ٿا تہ مون کي اڃا تائين ياد آهي تہ الله تعاليٰ جڏهن "الست بربکم" فرمايو هو تہ مون "بليٰ" چيو هو. پنهنجي ماءُ جي پيٽ ۾ رهڻ بہ مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي. ٽن سالن جي عمر ۾ سڄي سڄي رات نماز پڙهندو رهندو هوس. منهنجو مامو بہ ساري ساري رات نماز پڙهندو رهندو هو. مون کي چوندو هو تہ سمهي پئہ ڇاڪاڻ تہ تون منهنجي دل کي مشغول ٿو رکين. ليڪن مان ظاهري توڙي خفيہ طور تي باري تعاليٰ جو مشاهدو ۽ نظارو پسند ڪندو رهندو هوس. آخر نوبت ايستائين پهتي جو هڪ ڏينهن پنهنجي مامي کي چوڻو ٿي پيو تہ منهنجي حالت سخت ٿي ويئي آهي، ۽ مان ائين ٿو ڏسان تہ منهنجو سر عرش جي سامهون سجدو ڪري رهيو آهي. انهيءَ تي مون کي چيائين تہ پٽ! پنهنجي انهيءَ حالت کي پوشيده رک، ۽ ڪنهن کي بہ ڪجهہ نہ ٻڌاءِ.

فرمائن ٿا تہ مان جڏهن مڪتب ۾ وڃڻ جي عمر جيترو ٿيس، تڏهن مون کي مڪتب موڪليو ويو. ليڪن منهنجي مرضيءَ جي مطابق استاد کان هي شرط ورتم تہ سبق پڙهڻ کان پوءِ مڪتب کان جلدي گهر واپس هليو ويندس. ستن سالن جي عمر ۾ قرآن شريف ختم ڪيو. ٻارهن سالن جي عمر ۾ هڪ اهڙو مسئلو مون کي پيش آيو جنهن کي ڪير بہ حل ڪري نہ سگهيو. آخر عبادانَ ڏانهن حبيب حمزه جي خدمت ۾ ويس، ۽ ان کان اهو مسئلو دريافت ڪيو حبيب حمزه منهنجي انهيءَ مسئلي کي حل ڪيو، پوءِ مان انهيءَ وٽ ٿي رهي پيس. مان گهڻا فئدا حاصل ڪيا آخر مان تستريءَ ڏي واپس آيس. مان پنهنجي غذا مقرر ڪري ڇڏي سڄي سال لاءِ ان خريد ڪري اهو پيهائي پوءِ ماني پچائيندو هوس. هر رات هڪ * اوقيہ جي وزن جيتريءَ مانيءَ سان افطار ڪندو هوس، ٻاڄي وغيره اصل نہ کائيندو هوس. ڪجهہ وقت کان پوءِ روزانہ افطار جي بجاءِ مان ٽن ڏينهن کان پوءِ روزي افطار ڪرڻ جو ارادو ڪيو. مان ائين ڪيو، ان کان پوءِ پنجن ڏينهن کان پوءِ روزو افطار ڪرڻ لڳس. ڪجهہ وقت کان پوءِ ستن

---

* پهريون هڪ قسم جو وزن آهي يعني ۾ تولا ساڍا ست ماسا پيو روزو ڪولڻ.

ڏينهن تائين بہ روزو افطار ڪونہ ڪندو هوس. ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو هو جو چاليهن ڏينهن تائين فقط باداميءَ جي هڪ گوري تي گذارو ڪندو هوس.

پاڻ فرمائن ٿا تہ مان ڪيترا سال پنهنجو پاڻ کي بکيو رکڻ تي آزمايو. شروع شروع ۾ بک سبب مون کي ڪمزوري محسوس ٿيڻ لڳي. پاڻ اڪثر شعبان جا روزا رکندا هئا. ڇاڪاڻ تہ حديث ۾ شعبان جي روزن جي فضيلت بيان ٿيل آهي. رياضت ۽ مجاهدي لاءِ پاڻ جڳهہ جڳهہ ڦريس ۽ ڪمال حاصل ڪيو. پنهنجو سمورو مال ۽ زر خدا جي راهہ ۾ لٽائي پنهنجي نفس کي چيو تہ هاڻي تون مفلس آهين، تنهن ڪري ڪڏهن بہ ڪنهن شيءِ جي مون کان خواهش نہ ڪجانءِ. ڪجهہ وقت کان پوءِ حج لاءِ مڪي معظمہ جي طرف روانہ ٿيا جڏهن ڪوفي ۾ پهتا تڏهن نفس خواهش ظاهر ڪئي، تہ مون کي هڪ ٽڪر مانيءَ جو ۽ مڇي ڪاراءِ. پوءِ مڪي شريف تائين توکان ڪنهن بہ قسم جي خواهش نہ ڪندس. ساڳئي ڏينهن تي هڪ اٽ گاڏي ڏٺائون پاڻ اٽ گاڏيءَ واري کان پڇيائون تہ هڪ ڏينهن لاءِ اٽ جي مسواڙ ڇا ڏيندا آهيو؟ هن چيو تہ ٻہ رپيا. تنهن تي هن کي چيائون تہ اٽ کي کولي ان جي جاءِ تي مون کي ٻڌي ڇڏ. شام تائين جيڪا منهنجي مزدوري ٿئي سا مون کي ڏجانءِ. آخر صبح کان شام تائين گاڏيءَ ۾ جوٽيا رهيا. شام جو هڪ درهم مزدوريءَ جو مليو، جنهن مان ماني ۽ مڇي خريد ڪري نفس جي اڳيان رکيائون، ۽ چيائونس تہ جيڪڏهن تون ڪا آرزو ڪري مون کي تنگ ڪندين تہ سڄو ڏينهن اٺن ۽ ڏاندن جهڙو ڪم ڪرڻو پوندءِ. ان کان پوءِ مڪي شريف ويا ڪيترن اولياءن ۽ بزرگ هستين سان ملاقات ڪري انهن کان فيض حاصل ڪيائون. پاڻ ڪڏهن بہ پٺ سان آيڪ ڏيئي ڪونہ ويٺا، ۽ نہ ڪڏهن پير ڊگها ڪيائون نہ ڪنهن سوال جو جواب ڏنائون ۽ نہ قبر تي ٿي ويا.

چئن مهينن کان سهل بن عبدالله پنهنجي پيرن جي آڱرين کي ٻڌي ڇڏيو هو. هڪ درويش ڪائنس پڇيو تہ اوهان جي آڱرين کي ڇا ٿيو آهي جو انهن کي ٻڌي ڇڏيو اٿو؟ پاڻ فرمايائون تہ ڪجهہ بہ ڪونہ ٿيو آهي. اهو درويش جڏهن مصر ويو، ۽ ذوالنون رحہ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو تہ ڏٺائين تہ حضرت ذوالنون رحہ جون آڱريون بہ ٻڌيون پيون هيون. درويش حضرت ذوالنون رحہ کان پڇيو تہ اوهان جي آڱرين کي ڇا ٿيو آهي؟ فرمايائون تہ ڪجهہ درد جي شڪايت آهي. درويش وري پڇيو تہ ڪيتري عرصي کان؟ فرمايائون تہ چئن مهينن کان. درويش چيو تہ مان حساب ڪيو تہ ايترو وقت اڳ سهل بن عبدالله رحہ جي آڱرين کي بہ ٻڌل ڏٺو هو. درويش اها ڳالهہ حضرت ذوالنون رحہ سان ڪئي تہ دانهن ڪري چيائون تہ دنيا ۾ اهو ئي هڪ شخص آهي، جنهن کي اسان جي درد جي ڄاڻ آهي ۽ اسان جي موافقت ڪري ٿو.

هڪ ڏينهن حضرت سهل بن عبدالله رحه پنهنجا پير ڏگها ڪيا ۽ پٺ ساڻ ٽيڪ ڏيئي ويهي رهيا، ۽ مريدن کي فرمايائون تہ جيڪي ڪجهہ مون کان پڇڻو هجيو سو پڇو. مريدن چيو تہ هن کان اڳ اوهان ائين ڪڏهن ڪونہ ڪيو آهي؟ فرمايائون تہ ها ائين برابر آهي. ليڪن جيستائين استاد زنده هجي تہ شاگرد تي ادب واجب آهي. مريدن اها تاريخ لکي ڇڏي، پوءِ دريافت ڪرڻ تي معلوم ٿين تہ انهيءَ ڏينهن حضرت ذوالنون وفات ڪئي هئي.

هڪ دفعي عمر وليث بيمار ٿي پيو. ڪيترو علاج ڪرايائين مگر ڪو فائدو ڪونہ ٿيس. آخر ڪنهن چيس تہ ڪنهن اهڙي شخص کان دعا گهرايو جو مستجاب الدعواة (جنهن جي دعا قبول ٿيندڙ) هجي. عمروليث ڪي ڪنهن حضرت سهل بن عبدالله لاءِ چيو، نيٺ حضرت جن کي گهرايو ويو. پاڻ عمروليث جي سامهون وڃي ويهي رهيا، ۽ فرمايائون تہ دعا ان جي حق ۾ قبول ٿيندي آهي، جيڪو توبهہ ڪري ۽ الله تعاليٰ جي طرف رجوع ٿئي، ۽ قيد خاني مان سيئي بيگناه قيدي آزاد ڪري ڇڏي. عمروليث ائين ئي ڪيو. انگان پوءِ حضرت سهل بن عبدالله رحه ان جي حق ۾ دعا گهري. خدا جي قدرت سان عمروليث انهيءَ وقت صحت ياب ٿي ويو. هن ڪيترو ئي سال ۽ زر حضرت سهل رحه کي پيش ڪئي، مگر حضرت جن قبول نہ ڪيو. جڏهن پاڻ حضرت جن ٻاهر نڪتا تہ هڪ مريد عرض ڪيو تہ جيڪڏهن اوهان نذرانو قبول ڪريو ها تہ جيڪر اسان جو قرض ادا ٿي وڃي ها. پاڻ فرمايائون تہ ڇا توکي زر درڪار آهي؟ ائين چئي فرمايائونس تہ مٿي ڏس! هن مٿي نگاه ڪئي تہ ڏٺائين تہ هر شيءِ سوني نظر آيس. پوءِ فرمايائون تہ جنهن کي الله تعاليٰ جي طرف کان اهو سڀ ڏنو ويو آهي ان کي مخلوق کان ڪنهن شيءِ جي وٺڻ جي ڇا ضرورت.

نقل آهي تہ جڏهن پاڻ راڳ ٻڌندا هئا تہ مٿن وجد طاري ٿي ويندو هو، ۽ پنجن ڏينهن تائين انهيءَ حالت ۾ رهندا هئا. جيڪڏهن سرديءَ جي موسم هوندي هئي تہ ڪانئن پگهر وهڻ لڳندو هو، ۽ سندن پهراڻ پگهر سان تر ٿي ويندو هو. انهيءَ حالت ۾ جڏهن علماءَ ٻا ڪي ٻيا ماڻهو ڪجهہ دريافت ڪرڻ گهرندا هئا تہ پاڻ فرمائيندا هئا تہ هن وقت مون کان ۽ منهنجي ڪم کان توهان کي ڪو فائدو ڪونہ ٿيندو. هڪ ڏينهن حضرت سهل بن عبدالله رحه مسجد شريف ۾ ويٺا هئا تہ ايتري ۾ هڪ ڪبوتر گرميءَ سبب اڏامندو اچي هيٺ پٽ تي ڪري پيو. پاڻ اهو ڏسي فرمايائون تہ اڄ شاه ڪرمان مري ويو. جڏهن اها ڳالهہ معلوم ڪئي ويئي تہ واقعي اهو ان وقت مري ويو هو.

نقل آهي تہ شينهن ۽ ٻيا جهنگلي جانور سندن خدمت ۾ ڏاڍيءَ حليمائيءَ سان پيش ايندا رهندا هئا. ايتري قدر جو حضرت جن لاءِ غذا آڻيندا هئا. يعني شڪار وغيره ڦاسائي اچي سندن

اڳيان پيش ڪندا هئا. انهيءَ سبب ڪري حضرت جن جي گهر کي بيت السباع (جانورن جو گهر) چوندا هئا.

نقل آهي ته حضرت جن پنهنجي هڪ مريد کي چيو ته سارو ڏينهن ۽ ساري رات الله الله ڪندو ڪر. مريد ائين ڪيو. هن جي اها عادت ٿي وئي ايتري قدر جو ننڊ جي حالت ۾ به وات مان الله الله نڪرندو هوس. هڪ دفعي اهو مريد جيئن گهر ۾ ويٺو هو ته اوچتو مٿانس ڪاٺي ڪري پيئي، ۽ مٿي مان رت وهڻ لڳس. هن جي خون جو جيڪو به قطرو هيٺ زمين تي ڪريو ٿي ته ان قطري مان به الله الله جو آواز پئي نڪتو.

نقل آهي ته سهل بن عبدالله پنهنجي هڪ مريد کي چيو ته بصري ۾ هڪ نانوائي آهي اهو ولايت جي درجي تي پهتل آهي. مريد اهو ٻڌي بصري لاءِ روانو ٿيو. مريد اتي وڃي ڏٺو ته ان نانوائيءَ پنهنجي ڏاڙهيءَ جي چوڌاري ڪپڙو ويڙهي ڇڏيو هو، مريد جڏهن اهو ڏٺو تڏهن دل ۾ چيائين ته جيڪڏهن هي نانوائي ولايت جي درجي کي پهتل هجي ها ته پوءِ باهه کان بچاءُ نه ڪري ها. پر تنهن هوندي به مريد هن نانوائيءَ کي سلام ڪري سوال ڪيو. نانوائيءَ چيو ته تو شروع ۾ ئي مون کي حقارت جي نظر سان ڏٺو ان ڪري منهنجي سخن مان توکي ڪو فائدو ڪونه ٿيندو.

فرمائن ٿا ته هڪ دفعي مان جهنگ ۾ هڪ پوڙهي عورت کي ڏٺم، جيڪا لٺ هٿ ۾ کنيو ۽ مٿي کي ڪپڙي سان ڍڪيو، اچي رهي هئي. مان سمجهيو ته شايد قافلي وارن کان رهجي وئي آهي. مان کيسي ۾ هٿ وڌو ته جيئن هن پوڙهيءَ کي ڪجهه ڏيان. مگر پوڙهيءَ عورت هوا ۾ پنهنجو هٿ ڏگهو ڪري مٺ کي بند ڪيو، ۽ مون کي چيائين ته تون کيسي کان حاصل ڪرين ٿو ليڪن مان غيب کان حاصل ڪريان ٿي. مون ڏٺو ته هن جي مٺ زر سان ڀريل هئي. پوڙهي ائين چئي هڪدم غائب ٿي وئي. مان هن جي تلاش ۾ مڪي معظمه تائين ويس، جتي ان پوڙهيءَ عورت کي ڪعبي جو طواف ڪندي ڏٺم. مون کي ڏسي هن فرمايو ته اي سهل! جيڪو شخص ڪعبي جي ديدار لاءِ قدم کڻي ٿو اچي ته ان کي طواف ضرور ڪرڻ گهرجي.

نقل آهي ته پاڻ فرمائن ٿا ته مون وٽ هڪ ابدال آيو. مان هن سان مجلس ڪئي، ۽ هن کان حقيقت جا مسئلا پڇيا. صبح جو هو نماز پڙهي پائيءَ ۾ گهڙي ويهي رهيو. جڏهن ظهر جي نماز لاءِ پاڻيءَ مان ٻاهر نڪتو ته سندس هڪ وار به پسيل ڪونه هو. نماز ظهر ادا ڪري وري وڃي پاڻيءَ ۾ ويهي رهيو. سواءِ نماز پڙهڻ جي پاڻيءَ مان ٻاهر اصل نه ٿي نڪتا. ڪيتريءَ مدت تائين اهو ابدال اهڙي طريقي سان مون وٽ رهيو. انهيءَ مدت ۾ اهو ابدال ڪڏهن ڪنهن

سان ٻه ڪين ويئو، ۽ نه ئي ڪجهه ڪاڏائين آخر هڪ ڏينهن هو هليو ويو.

پاڻ فرمائن ٿا ته مان خواب ۾ ڏٺو تہ مون کي بهشت ۾ وٺي ويا آهن. اتي مان ڪي ماڻهن کي ڏٺو. پوءِ مان انهن کي سلام ڪيو، ۽ کانئن پڇيو تہ دنيا ۾ سڀ کان خوفناڪ کهڙي شيءِ هئي؟ انهن چيو ته ”خاتمو“

فرمائن ٿا ته حق تعاليٰ جڏهن حضرت آدم عليه السلام جي جسم ۾ روح ڦوڪڻ چاهيو، ته روح کي حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جي نالي سان ڦوڪيو، ۽ حضرت آدم جي ڪنيت ابو محمد رکي ويئي.

فرمائن ٿا ته ساري بهشت ۾ هڪ پن بہ اهڙو ناهي جنهن تي حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جو نالو لکيل نہ هجي. فرمائن ٿا تہ بهشت جا سڀ وڻ حضور پر نور صلي الله عليه وسلم جي نالي سان پوکيا ويا آهن. فرمائن ٿا ته مان هڪ رات هڪ شخص کي بکايل ڏٺو، مان کيس طعام پيش ڪيو ليڪن اهو ڪاڌو شڪي حالت جنو هو هن شخص اهو ڪاڌو نہ کاڌو، انهيءَ رات هو بک سبب عبادت ڪري نہ سگهيو، حالانڪ ٽن سالن کان لڳا تار عبادت ڪندو رهيو. ليڪن انهيءَ رات هن کي بکئي رهڻ جي جيڪا مزدوري ملي، اها تمام دنيا جي صالحن جي عملن جي برابر هئي. فرمايائون تہ ڏينهن رات ۾ صرف هڪ دفعو کائڻ صديقن جو ڪم آهي. فرمايائون ته انسان کي عبادت درست ڪرڻ لاءِ چار شيون درڪار آهن. بک، درويشي، قناعت ۽ ذلت يا خواري. چاڪاڻ ته بکئي وٽ شيطان نہ ايندو آهي. ڍؤ تمام آفتن جي پاڙ آهي. فرمائن ٿا ته حرام کائڻ سان ست عضوا گنهگار ٿين ٿا. اک، ڪن، زبان، پيٽ، شرمگاه، هٿ ۽ پير. انهن کان اِرادتاً يا غير اِرادتاً گناه صادر ٿين ٿا. حلال کائڻ سان اهي ست ئي عضوا اطاعت ڪن ٿا، ان کان سواءِ خير جي توفيق پڻ ان کي نصيب ٿئي ٿي. فرمائن ٿا ته حلال روزي اها آهي جنهن ۾ الله تعاليٰ کي وساريو نہ وڃي. سندن وڏيڪ فرمان هيٺيان آهن:-
مرد جو ايمان، عمل کان سواءِ ڪامل نٿو ٿئي. خوف ڪرڻ وارن مان اهي ماڻهو وڌيڪ بهتر آهن جيڪي مفلس ۽ مخلص آهن. حق تعاليٰ کان سواءِ ڪنهن ٻئي ۾ اميد رکڻ حرام ۾ داخل آهي. چاڪاڻ ته اهڙي شخص کي يقين جي بوءِ بہ نصيب نٿي ٿئي. ماڻهو ٽن قسمن جا آهن. هڪ اهي، جيڪي پنهنجو پاڻ سان جنگ ڪن ٿا. ٻيا اهي جيڪي خلق سان خدا لاءِ جنگ ڪن ٿا، ۽ ٽيان اهي جيڪي پنهنجي لاءِ خدا سان جنگ ڪن ٿا. عالم ٽن قسمن جا آهن. هڪ ظاهري علم وارا، جو پنهنجو علم اهل ظاهر سان بيان ڪن ٿا. ٻيا باطني عالم، اهي پنهنجو علم باطن وارن سان بيان ڪن ٿا. ٽيان اهي عالم آهن، جن جو علم خدا ۽ پنهنجي درميان هوندو آهي، ان کي ڪوبہ بيان ڪري نہ سگهندو آهي. جهالت کان زياده ڪوئي ٻيو گناه نہ آهي.

درويشن کي حقارت جي نظر سان هرگز نہ ڏسو ڇاڪاڻ تہ اهي انبياء عليهم‌السلام جا جاءِ نشين آهن. اطاعت واري تي پهريائين توبهہ لازم آهي. پوءِ پنهنجي گناهن تي شرمندگيءَ جو اظهار ڪرڻ، ان ڪان پوءِ بري شيءِ جو خيال دل ۾ نہ آڻڻ، ۽ پوءِ بد افعالن کي نيڪ افعالن ۾ تبديل ڪرڻ. توبهہ بغير خاموشيءَ جي حاصل نہ ٿيندي، ۽ خاموشي بغير اطاعت جي نصيب نٿي ٿئي. خلوت بغير حلال روزيءَ جي حاصل نٿي ٿئي، ۽ حلال روزي حق تعاليٰ جي حق ادا ڪرڻ ڪان سواءِ ميسر نٿي ٿئي. حق تعاليٰ جو حق پنهنجي سيني عضون تي نگاهه رکڻ ڪانسواءِ ادا نہ ٿيندو. جنهن دل ۾ الله تعاليٰ جو خوف شامل آهي تہ شيطان ان جي نزديڪ ڪڏهن بہ نہ ايندو. هي چار شيون آهن، جيڪي نفس کي مارڻ لاءِ حڪمت جو ڪم ڏينديون. پهريون درويشيءَ ۾ تونگري هجڻ. ٻيو بک واريءَ حالت ۾ پيٽ ڀرڻ جي اميد نہ رکڻ، ۽ انهيءَ تڪليف کي نعمت سمجهڻ. ٽيون باوجود دشمنيءَ جي ان دشمن سان دوستيءَ جو اظهار ڪرڻ چوٿون سڄو ڏينهن روزو رکڻ، ۽ ساري رات عبادت ڪرڻ. خدا جي نزديڪ ٿيڻ لاءِ عاجزيءَ ڪان سواءِ ٻيو ڪو رستو ڪونهي. جو مدعي نٿي ٿئي، اهو خائف نٿو ٿئي. جيڪو خائف نٿو ٿئي، اهو امين نٿو ٿئي. جو امين نہ آهي، ان کي بادشاهن جي خزانن جي متعلق ڪابہ خبر نہ هوندي آهي. جو شخص بدعتيءَ جي مجلس ۾ ويهي ٿو، اهو سنت ڪان علحده ٿي وڃي ٿو. جو شخص بدعتيءَ جي اکيان کلي ٿو، حق تعاليٰ ان ڪان نور کسي وٺي ٿو. جيڪو مال گنهگارن ڪان ورتو وڃي ٿو اهو حرام هوندو آهي. سنت جو مثال هن دنيا ۾ اهڙو آهي جهڙو بهشت جو مثال عقبيٰ ۾. جو شخص سنت جي رستي تي هلندو اهو خراب خواهشات ۽ بدعت ڪان محفوظ رهندو. جيڪو ڪنهن بہ ڏنڌي تي لوڙڪون ڪري ٿو، اهو ڄڻ تہ سنت تي ٿو لوڙڪون ڪري. جيڪو شخص توڪل تي لوڙڪون ٿو ڪري، اهو ڄڻ تہ ايمان تي ٿو لوڙڪون ڪري. آفتن جي اصل پاڙ آهي ٿورو صبر ڪرڻ. حق تعاليٰ ڪان خاموشي سڀ ڪان وڏو گناهه آهي. حق تعاليٰ، عرش ڪان فرش تائين مؤمن جي دل ڪان وڌيڪ ٻيو ڪو پيارو مڪان پيدا نہ ڪيو آهي. جيڪڏهن مؤمن جي دل ڪان سواءِ ٻيو ڪو زياده عزيز مڪان هجي ها، تہ حق تعاليٰ پنهنجي معرفت کي اتي رکي ها. سواءِ خداوند ڪريم جي ٻيو ڪو مددگار ڪونهي، ۽ سواءِ نبي ڪريم صلي‌الله عليه وسلم جي ٻيو ڪو رهبر ڪونهي. جڏهن رب پاڪ خلق کي پيدا ڪيو، تڏهن ارشاد فرمايائين تہ مون سان ڳالهايو. جي ڳالهائي نٿا سگهو تہ، منهنجي طرف ڏسو. توهان ائين بہ ڪري نٿا سگهو تہ پوءِ مون ڪان حاجت طلب ڪريو. بغير نفس کي مارڻ جي دل زنده نٿي رهي. الله تعاليٰ جي نزديڪ پنهنجي خواهشن کي مارڻ ڪان وڌيڪ ڪا عبادت ڪانهي. خلق لاءِ لاالله الاالله زبان سان چوڻ روزي آهي، ۽ ان جو اعتقاد دل

لاءِ ضروري آهي. توڪل جو پهريون مقام هي آهي، تہ قدرت جي سامهون ائين ٿي وڃي، جيئن مردو غسل ڏيڻ واري جي اڳيان هوندو آهي، جيئن هو چاهيندو آهي تيئن ڪيس الٽ پلٽ ڪندو آهي ۽ هو ڪجهہ بہ ڪري نہ سگهندو آهي. حياءُ خوف کان بلند تر آهي. ڇاڪاڻ تہ حياءُ خاص خدا جي بندن کي هوندو آهي، ۽ خوف عالمائن کي.

ماڻهن پڇيو تہ نفس لاءِ ڪهڙي شيءِ زياده سخت آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ اخلاص. ڇاڪاڻ تہ اخلاص کان نفس کي ڪجهہ حاصل نٿو ٿئي. صادقين جي متعلق دريافت ڪيو ويو تہ پاڻ فرمايائون تہ صادقين جهڙا قلوب پيدا ڪريو تہ پوءِ ان جا اوصاف پڌائيندس. ماڻهن پڇيو تہ رات ڏينهن ۾ هڪ دفعو کائڻ جي نسبت ڇا ٿا فرمايو؟ پاڻ فرمايائون تہ رات ڏينهن ۾ هڪ دفعو کائڻ صديقن جو ڪم آهي. ماڻهن پڇيو تہ ٻہ دفعا کائڻ بابت فرمايو؟ پاڻ فرمايائون تہ ٻہ دفعا کائڻ جانورن جو ڪم آهي. ماڻهن کائنن نيڪ خصلت متعلق دريافت ڪيو تہ پاڻ فرمايائون تہ نيڪ خصلت جو گهٽ ۾ گهٽ درجو آهي تہ ماڻهن جي تڪليفن جو بار کڻي، ۽ برائيءَ جو بدلو نہ وٺي بلڪ معاف ڪري ڇڏي. ماڻهن پڇيو تہ بندو ڪهڙي لطف جو مستحق ٿئي ٿو؟ فرمايائون تہ بک، بيماريءَ ۽ مصيبت ۾ صبر ڪرڻ سان ۽ اِلا ماشاءَ الله چوڻ سان. ماڻهن پڇيو تہ جيڪو گهڻن ڏينهن تائين نٿو کائي، ان جي بک ڪيڏانهن غائب ٿي ويندي آهي؟ فرمايائون تہ اها باهہ کي نور ۾ تبديل ڪري ڇڏيندي آهي. پڇيائون تہ توبهہ ڇا آهي؟ فرمايائون تہ گناهہ کي فراموش ڪرڻ. ڪنهن شخص حضرت جن کان وصيت گهري. پاڻ ان کي فرمايائون تہ چئن ڳالهين ۾ تنهنجي نجات آهي. گهٽ کائڻ ۽ اڪيلائي، ننڊ نہ ڪرڻ ۽ خاموشي.

هڪ بزرگ فرمايو آهي تہ مان جمع جي ڏينهن سهل رح وٽ ويس. مان هن جي گهر ۾ هڪ نانگ ڏسي ڊڄي ويس، ۽ کانئس پڇيو تہ اندر اچان؟ فرمايائون تہ اچ، ۽ وري فرمايائون تہ ڪو بہ شخص حقيقت جي آسمان تائين نٿو پهچي سگهي، جيستائين هو زمين جي ڪنهن بہ شيءِ کان ڊڄي ٿو.

مناجات حضرت سهل بن عبدالله رحمت الله عليه

حضرت سهل بن عبدالله رحه هن طرح مناجات ڪندا رهندا هئا: اي خداوند ڪريم! تو مون کي ياد ڪيو پر حقيقت ۾ مان انهيءَ جي لائق نه هيس. جيڪڏهن مان توکي ياد ڪريان ته مان جهڙو ڪوئي ڪونهي ۽ جيڪڏهن مان توکي ياد نه ڪريان ته به مان جهڙو نالائق ٻيو ڪونه هوندو.

پاڻ عالم ۽ واعظ يعني وعظ ڪندڙ هئا. ڪيترائي انسان سندن وعظ سان راست تي اچي ويا. وفات وقت سندن چار سؤ مريد هئا، جيڪي مريد وفات وقت سيرانديءَ کان ويٺا هئا. تن عرض ڪيو ته اي شيخ! اوهان جي جاءِ تي ڪير ويهندو؟ ۽ اوهان جي منبر تي ڪير وعظ ڪندو؟ پاڻ هڪ دل شاد نالي آتش پرست جو نالو وٺي فرمايائون ته منهنجي جاءِ تي دل شاد ويهندو، ۽ وعظ ڪندو رهندو. مريدن خيال ڪيو ته شايد سڪرات جي حالت ۾ شيخ صاحب جن جي عقل ۾ نقص پيدا ٿي ويو آهي تنهن ڪري دلشاد آتش پرست جو نالو وٺي رهيا آهن. حضرت سهل بن عبدالله رحه انهن جي خيال کي ڄاڻي ورتو ۽ فرمايائون ته توهان چپ ڪريو، ۽ دلشاد کي سڏي اچو. نيٺ مريد ان کي وٺي آيا، حضرت سهل رحه ان جي طرف منهن ڪندي فرمايو ته جڏهن منهنجي وفات کي ٽي ڏينهن گذري وڃن ته تون منهنجي منبر تي وڃي، ويهي وعظ ۽ نصيحت ڪجانءِ. ائين چئي وفات ڪيائون. ٽين ڏينهن منجهند نماز کان بعد گڏ ٿيا، انهيءَ وقت دلشاد به آيو. مٿي تي آتش پرستن واري ٽوپي پيل هيس زنار (جٽيو) چيله ۾ ٻڌل هيس، ۽ منبر تي اچي ويٺو پوءِ چيائين ته توهان جي سردار مون کي توهان وٽ قاصد ڪري موڪليو آهي. وري پنهنجو پاڻ کي چيائين ته اي دلشاد! زنار ٽوڙي ڇڏڻ جو وقت اچي ويو آهي. ائين چئي هن سيني جي سامهون زنار کي ڇني ٽڪرا ڪري ڇڏيو، ۽ ٽوپي به لاهي اڇلائي ڇڏيائين. اشهد ان لااله الاالله واشهد ان محمد عبده ورسوله پڙهي پوءِ فرمايائين ته شيخ فرمايو هو ته استاد جي نصيحت کي نه وسارجانءِ. مان ظاهري طرح زنار ته ٽوڙي ڇڏيو پر جيڪڏهن توهان قيامت جي ڏينهن مونکي ڏسڻ گهرو ٿا ته باطن جا زنار ٽوڙي ڇڏيو. اهو ٻڌندي ئي سيني ماڻهن ۾ هڪ قسم جو ماتم مچي ويو. جنهن ڏينهن حضرت سهل بن عبدالله جو جنازو کنيو ٿي ويو، ته ان وقت ماڻهن جو گريي ۽ زاريءَ جو شور ٻڌي هڪ ستر سالن جو يهودي حقيقت جاچڻ لاءِ ٻاهر نڪتو، جنازي جي ويجهو اچي ماڻهن کي چيائين ته مان فرشتن کي آسمان مان لهندي ۽ جنازي تي پڙهندي ڏسي رهيو آهيان. ائين چئي ڪلمو شهادت جو پڙهيائين، ۽

مسلمان ٿي ويو.

طلمہ مالڪ کان روايت آهي تہ حضرت سهل بن عبدالله رحہ جنهن ڏينهن هن جهان ۾ آيا يعني پيدا ٿيا تہ روزي سان هئا، ۽ جڏهن فاني جهان کان عالم جاوداني ڏانهن ويا تہ بہ روزي سان هئا.

نقل آهي تہ هڪ دفعي سهل بن عبدالله رحہ پنهنجن دوستن سان ويٺا هئا تہ هڪ آدمي اتان لانگهائو ٿيو. پاڻ ان کي ڏسي فرمايائون تہ هي آدمي ڪجھہ اسرار رکندڙ آهي. جڏهن ويٺلن، انهيءَ آدميءَ کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هو غائب ٿي ويو. جڏهن حضرت سهل بن عبدالله رحہ وفات ڪري ويا، تہ هڪ مريد سندن قبر تي ويٺو ڪجھہ پڙهي رهيو هو تہ اهو ساڳيو آدمي اتان اچي لنگهيو. حضرت جن جي مريد چيس تہ اي خواجہ! شيخ صاحب، جو هن جاءِ تي دفن آهي، ان چيو هو تہ تون ڪجھہ ڀيد رکين ٿو. توکي انهيءَ خدا جو قسم، جنهن توکي راز عطا ڪيو آهي، بہ مون کي ڪجھہ ڪرشمو ڏيکار. انهيءَ شخص حضرت سهل رحہ جي قبر جي طرف اشارو ڪندي چيو تہ ”اي سهل“! پاڻ حضرت جن قبر منجهان نهايت بلند آواز سان صدا ڏني. لاالہ اِلاالله وحده لاشريڪ لہ. وري ان شخص چيو تہ اي سهل! چوندا آهن تہ جنهن شخص ”لااِلہ الاالله وحده لاشريڪ لہ“ چيو ان جي قبر ۾ انڌيرو نہ هوندو آهي، ڇا اهو درست آهي؟ پاڻ جواب ڏنائون تہ هائو بلڪل درست آهي.

* ذڪر حضرت معروف ڪرخي رحمت الله عليه *

حضرت معروف ڪرخي رحمت الله عليه جن صدر طريقت، حقيقت جي راه جا رهبر ۽ عارف اسرار هئا. پنهنجي زماني جا قطب ها. سندن رياضتون ۽ ڪرامتون بي حد ۽ بي حساب آهن. تقويٰ ۾ بي مثل هئا اُنس ۽ شوق ۾ انتها کي پهتل هئا.

حضرت معروف رحہ جا والدين عيسائي هئا، جڏهن کين مڪتب ۾ پڙهڻ لاءِ موڪليو ويو تہ استاد چيس تہ چئہ خدا ٽي آهن، پاڻ چيائون تہ خدا هڪ آهي. استاد گهڻو ئي زور ڪيس تہ خدا ٽي چوي ليڪن پاڻ ائين نہ چيائون. انهيءَ تي کيس ڏاڍو ماريو ويو. مار کائڻ کان پوءِ پاڻ اتان ڀڄي نڪري ويا. ڪيترو بہ کين گهوليو ويو، ليڪن پاڻ نہ مليا. مڪتب کان ڀڄي وڃڻ کان پوءِ پاڻ حضرت امام علي بن موسيٰ رضا جي دست حق تي مسلمان ٿيا، ڪجھہ عرصي بعد گهر واپس آيا. دروازو کڙڪايائون تہ اندران آواز آيو تہ ڪير آهي؟ پاڻ چيائون تہ معروف آهيان. پڇيائونس تہ ڪهڙي دين تي آهين. فرمايائون تہ محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم جي

ين تي آهيان. اهو ٻڌي ڪري سندن ماءُ پيءُ شوق سان ٻاهر نڪري آيا، ۽ اهي ٻــ مسلمان
يا. ان ڪان پوءِ پاڻ حضرت دائود طائي رحه جي خدمت ۾ ويا، ۽ رياضت ڪرڻ لڳا.

فرمائن ٿا تہ مان هڪ قرآن ۽ مصلو مسجد ۾ رکي طهارت لاءِ درياهہ دجلہ تي ويس ٿي تہ
ٺتري ۾ هڪ پوڙهي عورت آئي، ۽ منهنجي قرآن ۽ مصلي کي کڻي هلي وئي. مان اهو ڏسي
ن جي پٺيان ويس. جڏهن هن جي نزديڪ پهتس تہ مان پنهنجو منهن هيٺ جهڪائي ڇڏيو تہ
يئن هن جي چهري تي منهنجي نظر نہ پوي. مان ڪانئس پڇيو تہ ڇا تو وٽ ڪو قرآن پڙهڻ
ارو آهي؟ چيائين نہ، تنهن تي مان کيس چيو تہ قرآن مون کي ڏي باقي مصلو تون کڻي وڃ.
نهنجو اهو ٻڌي اها عورت ڏاڍي متعجب ٿي ۽ ٻئي شيون موٽائي ڏنائين. مان چيو مانس تہ
ون کي صرف قرآن ڏي، مصلو تو کي ڏيئي چڪو آهيان.

هڪ ڏينهن ڪن ماڻهن کي پاڻ ۾ وڙهندو ڏٺائون. جڏهن انهن وٽان لنگهي درياهہ وٽ
يهتا، تڏهن ڪين مريدن چيو تہ حضرت انهن فسادين جي حق ۾ بد دعا گهرو تہ جيئن انهن جي
شرارت جو اثر ٻين تائين نہ پهچي. پاڻ فرمايائون تہ چڱو! ائين چئي ٻئي هٿ مٿي کڻي چيائون
نہ، اي خداوند ڪريم! تو هنن کي هن دنيا ۾ جهڙو عيش ڏنو آهي، اهڙو عيش هنن کي هن
جهان ۾ بہ ڏي. اها هئي بد دعا جيڪا حضرت معروف رحه انهن فسادين جي حق ۾ گهري.
مريد اهو ڏسي تعجب ڪرڻ لڳا، پڇيائون تہ اي شيخ! اسان ان جو مطلب نہ سمجهيو فرمايائون
تہ صبر ڪريو، جلد ئي سمجهہ ۾ اچي ويندو. ٿوري دير ڪان پوءِ انهن ئي ماڻهن حضرت جن
جي خدمت ۾ اچي توبهہ ڪئي ۽ آئينده لاءِ نيڪ بڻجي ويا.

حضرت بسري سقطي فرمائن ٿا تہ مان عيد جي ڏينهن معروف رحه کي ڪارڪن جون ڪکڙيون
جمع ڪندي ڏٺو. مان اهو ڏسي ڪانئس پڇيو تہ اهي ڪکڙيون تون ڇا ڪندين؟ چيائين تہ مان
هڪ ڇوڪر کي روئندو ڏسي پڇيم تہ ڇو ٿو روئين؟ هن چيو تہ مان يتيم آهيان. ٻين ڇوڪرن
وٽ سنا سنا ڪپڙا آهن مون کي ڪپڙا ڪونہ آهن. مان خيال ڪيو تہ اهي ڪکڙيون گڏ ڪري
وڪڻي ان جا اکروٽ وٺي هن کي ڏيان تہ جيئن انهن سان ڪيڏي دل کي خوش ڪري. مان
چيو تہ اهو ڪم منهنجي ذمي آهي. پوءِ مان انهيءَ ڇوڪري کي ڪيڏڻ واسطي اکروٽ وٺي
ڏنا ۽ پهرڻ لاءِ نوان ڪپڙا ٺهرائي ڏنا. انهيءَ ڏينهن کان وٺي منهنجي دل ۾ نور جلوه گر ٿي
ويو ۽ حالت بدلجي وئي. حضرت معروف جن جو هڪ ماما هو، جيڪو انهيءَ شهر جو
حاڪم هو. هڪ ڏينهن هو ڪنهن خراب جڳهہ ڏانهن وڃي رهيو هو (مثلاً شراب خانہ جهڙا خانہ
يا اهڙي قسم جي ٻي هنڌ) رستي ۾ حضرت معروف رحه کي ڏٺائين جيڪو هڪ جاءِ تي ويٺو
ماني کائي رهيو هو. هڪ ڪره پنهنجي وات ۾ ٿي وڌائين ۽ هڪ ڪره ڪتي جي وات ۾. ڪتو

سندس پرسان وٺو هو. سندس ماءِ اهو ڏسي کيس چيو تہ اي معروف! شرم ڪر، ڪٿي سان ڳڌ تو ماني کاڌئين!! حضرت معروف رحہ فرمايو تہ مان شرم جي سبب ڪري ٻي تہ ڪٿي سان ڳڌ ماني کائي رهيو آهيان. هڪ پکيءَ جي طرف اشارو ڪيائين، پکي هوا مان اڏامندو اچي حضرت معروف رحہ جي هٿ تي ويٺو. پوءِ فرمايائون تہ جيڪو شخص الله تعاليٰ کان شرم ڪري ٿو تہ دنيا جي هر شيءِ ان کان شرم ڪري ٿي. اها ڳالهہ ٻڌي سندن ماسو نهايت شرمندو ٿيو.

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن حضرت معروف رحہ جو وضو ڀڄي پيو، پاڻ انهيءَ وقت تيمم ڪري ورتائون. ماڻهن چيو تہ درياه ويجهو آهي، پوءِ بہ اوهان تيمم ڪيو؟ پاڻ فرمايائون تہ ممڪن آهي تہ ان تائين پهچي ڪين سگهان، ۽ مري وڃان.

فرمائن ٿا تہ الله تعاليٰ جڏهن ڪنهن کي پڪڙ ڪندو آهي يا جنهن کان ناراض ٿيندو آهي تہ ان جي نشاني هيءَ آهي تہ هن کي پنهنجي نفس ۾ مشغول ڪري ڇڏيندو آهي، ۽ پنهنجي ڪم کان علحده ڪري ڇڏيندو آهي.

فرمائن ٿا تہ اولياءَ الله جي نشاني هيءَ آهي، تہ انهن جو فڪر خدا جي باري ۾ هوندو، انهن جو اقرار خدا سان هوندو، ۽ انهن جو شغل خدا جي راه ۾ هوندو آهي. جڏهن خدا ڪنهن بندي کي گهرندو آهي تہ ان لاءِ خير جي عمل جا دروازا کولي ڇڏيندو آهي، ۽ برين ڳالهين جو دروازو ان لاءِ بند ڪري ڇڏيندو آهي. جڏهن ناراض ٿيندو آهي تہ ان جي خلاف ڪندو آهي.

فرمائن ٿا تہ نا فرمانيءَ واريءَ حالت ۾ خدا جي رحمت ۾ شفقت جي اميد رکڻ جهالت ۽ بيوقوفي آهي، محض پنهنجي نفس جو ڌوڪو آهي. فرمائن ٿا تہ دنيا جي محبت، دل مان ڪڍي ڇڏيو. ڇاڪاڻ تہ انهيءَ حالت ۾ جيڪو سجدو بہ ڪندءَ تہ ڄڻ تہ توهان دنيا کي ڪيو. ماڻهن محبت جي باري ۾ حضرت معروف رحہ کان سوال پڇيو. پاڻ فرمايائون تہ محبت خلق جي تعليم سان نہ آهي. بلڪ محبت الله تعاليٰ جي عطا ۽ فضل سان پيدا ٿيندي آهي.

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن حضرت معروف رحہ ڪو سنو کاڌو کائي رهيا هئا ماڻهن پڇيو تہ اهڙو اڇو طعام ڇو کائي رهيا آهيو؟ پاڻ فرمايائون تہ مان الله تعاليٰ جو مهمان آهيان سو جيڪو ميزبان ڏي ٿو اهو کائوان ٿو.

نقل آهي تہ ڪنهن شخص حضرت معروف رحہ کان وصيت طلب ڪئي. پاڻ فرمايائون تہ خدا تي توڪل رک تہ جيئن هو توسان ساڻ رهي، ۽ تنهنجو واسطو ان سان رهي. ڇاڪاڻ تہ مخلوق نہ توکي ڪو نفعو پهچائي سگهي ٿي، ۽ نہ نقصان. جيڪي ڪجهہ گهرين،

ان ڪان ئي گهر.

هڪ ٻئي شخص ڪانئن وصيت طلب ڪئي. پاڻ فرمايائون تہ خدا کان ڊڄ، جيڪو هر حال ۾ توکي ڏسي ٿو.

نقل آهي تہ حضرت سري سقطي رحہ فرمائي ٿو تہ هڪ ڏينهن حضرت معروف مون کي فرمايو تہ جڏهن توکي خدا تعاليٰ کان ڪا حاجت طلب ڪرڻي هجي تہ هيئن چوندو ڪر تہ يا رب! معروف ڪرخيءَ جي صدقي منهنجي حاجت کي پورو ڪر. تنهنجي حاجت انهيءَ وقت پوري ٿي ويندي.

روايت آهي تہ هڪ ڏينهن حضرت سري سقطي رحہ حضرت معروف رحہ کي چيو تہ مون کي ڪا وصيت فرمايو. پاڻ فرمايائون تہ جڏهن مان مري وڃان تہ منهنجا ڪپڙا صدقي طور ڪنهن کي ڏيئي ڇڏجانءِ. ڇاڪاڻ تہ جيئن پيٽ مان هن دنيا ۾ اگهاڙو آيو هوس آهڙيءَ طرح هن دنيا مان بہ اگهاڙو وڃان.

جڏهن حضرت معروف رحہ جن وفات ڪئي تہ يهودين، عيسائين ۽ مسلمانن سڀني سندن لاش جي دعويٰ ڪئي. انهيءَ وقت سندن هڪ خادم چيو تہ شيخ صاحب مون کي وصيت ڪري ويو آهي تہ جيڪا قوم منهنجو جنازو کڻي سگهي تہ مان انهيءَ قوم مان آهيان. انهيءَ تي يهودين ۽ عيسائين حضرت جن جي جنازي کي کڻڻ گهريو، مگر اهي جنازو کڻي نہ سگهيا. آخر مسلمانن سندن جنازي کي کنيو ۽ دفن ڪيو.

هڪ ڏينهن پاڻ روزي جي حالت ۾ بازار مان وڃي رهيا هئا. اتان هڪ پکالي ٿي لنگهيو، ۽ هو چئي رهيو هو تہ "رحم الله من شرب." يعني جو شخص پاڻي پئي الله ان تي رحم ڪري. جڏهن پاڻ اهو ٻڌائون تڏهن پاڻي وٺي پي ڇڏيائون. ماڻهن ڪانئن پڇيو تہ اوهان تہ روزي سان هئا، پاڻي ڪيئن پيتو. پاڻ فرمايائون تہ مون کي بيشڪ روزو هو ليڪن مان پکاليءَ جي دعا ۾ اميد رکي.

حضرت معروف رحہ جي وفات بعد ماڻهن ڪين خواب ۾ ڏٺو، ۽ پڇيو تہ خدا تعاليٰ توهان سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو؟ فرمايائون تہ الله تعاليٰ مون کي هڪ پکاليءَ جي دعا جي طفيل بخشي ڇڏيو. شيخ سري سقطي فرمائن ٿا تہ مان خواب ۾ حضرت معروف رحہ کي عرش الاهيءَ جي هيٺان بيهوش پيل ڏٺو. الله تعاليٰ فرشتن کان پڇيو تہ هي ڪير آهي؟ فرشتن عرض ڪيو تہ خداوندا! تون ئي بهتر ڄاڻين ٿو، الله تعاليٰ فرمايو تہ هي معروف ڪرخي آهي. جو منهنجي دوستيءَ ۾ ايتريءَ حد تائين پهچي ويو آهي جو بغير منهنجي ديدار جي هن کي هوش ۽ آرام نٿو اچي-.

● ذڪر حضرت سيري سقطي رحمت الله عليه ●

حضرت سيري سقطي رحمت الله عليه پنهنجي وقت جا شيخ اهل تصوف ۽ شوق جا امام هئا. خدائي رازن ۽ اشارن کي سمجهڻ ۾ عجيب ڪمال حاصل هون. بغداد ۾ سڀ کان اول پاڻ ئي رموز حقائق ۽ توحيد جي گفتگو ڪيائون. عراق جا ڪيترا ئي بزرگ سندن مريد هئا. پاڻ حضرت جن، حضرت جنيد بغدادي رحه جا ماما ٿيندا هئا، ۽ حضرت معروف ڪرخي رحه جا مريد هئا.

شروع شروع ۾ بغداد ۾ هڪ دڪان هوندو هون. پاڻ روزانو هزار رڪعت نماز ادا ڪندا هئا. دڪان جي اڳيان هڪ پردو ڏيئي ڇڏيو هئائون. خريد فروخت سان گڏ، خدا سان به معاملو جاري هون. پاڻ وعدو ڪيو هئائون ته سو تي پنجن رپين کان وڌيڪ نفعو نه وٺندس. هڪ دفعي بادامين جو اگهه چڙهي ويو، ان وقت پاڻ وٽ تمام گهڻيون باداميون رکيون هين. هڪ دلال وٽن آيو ۽ اچي چيائين ته اهي باداميون مون کي وڪڻو. پاڻ پڇيائونس ته ڇا نفعو ڏيندين؟ دلال چيو ته سوتي ست روپيه. پاڻ اهو ٻڌي فرمايائون ته مان باداميون ڪونه وڪڻندس، ڇاڪاڻ ته مان سوتي پنج رپيه فائدي ڪمائڻ جو وعدو ڪيو آهي.

هڪ دفعي بغداد جي هڪ بازار کي اچي باه لڳي. خدا جي قدرت سان حضرت سيري سقطي رحه جي دڪان کان سواء باقي سڀ دڪان سڙي ويا. اهو حال ڏسي حضرت جن پنهنجو سڀ مال خدا جي راه ۾ خيرات ڪري ڇڏيو ۽ تصوف اختيار ڪيائون.

رياضت ۽ مجاهدي ۾ پاڻ ايترو ته وڌي ويا جو حضرت جنيد بغدادي رحه فرمائن ٿا ته سيري رحه کان علاوه مان ڪنهن کي به عبادت ۾ ڪامل نه ڏٺو آهي. حضرت سيري سقطي رحه فرمائن ٿا ته چاليهن سالن کان وٺي منهنجو نفس شهد (ماکي) گهرندو رهيو، مگر مان هن کي شهد ڪونه ڏني. ڏينهن ۾ ڪيترا ئي پيرا آئينو ڏسندو آهيان ته اعمال جي شامت کان منهنجو منهن ڪارو ته ڪونه ٿي ويو آهي.

حضرت بشر حافي رحه فرمائن ٿا ته مان سواء سيري رحه جي ٻئي ڪنهن کان به سوال ڪونه ڪندو آهيان، ڇاڪاڻ ته مون کي ان جي زهد جي خبر آهي. حضرت جنيد بغدادي رحه فرمائن ٿا ته مان هڪ ڏينهن حضرت سيري رحه وٽ ويس. ڏٺم ته هو روئي رهيو آهي. پڇيو مان ته ڇا ٿيو آهي جو ايترو روئي رهيا آهيو؟ فرمايائون ته هڪ ڇوڪرو مون وٽ آيو، ۽ چيائين ته مان تنهنجي گهڙي کي مٿي رکي ڇڏيان ته جيئن پاڻي ڪجهه ٿڌو ٿئي ۽ ائين چئي گهڙو مٿي

رکي هليو ويو، ابتري ۾ منهنجي اک لڳي ويئي. ننڊ ۾ هڪ حور کي ڏٺم پڇيو مانس تہ تون ڪنهن جي ملڪيت آهين؟ چيائين تہ انَ جي جيڪو پاڻي ٺڌو نہ ڪري، ائين چئي ڪُهڙي کي ڪيرائي ڀڃي ڇڏيائين جنهن جا ٽڪر هي پيا آهي.

جنيد بغدادي رحہ هڪ ٻئي دفعي فرمايو آهي تہ مان هڪ ڏينهن حضرت سيري رحہ وٽ ويس، ڏٺم تہ هو ڪنهن فڪر ۾ ويٺا هئا. سان ڪلانس ان فڪر جو سبب پڇيو پاڻ فرمايائون تہ هڪ پريءَ اچي مون کان سوال ڪيو تہ حياءُ ڇا آهي؟ مان هن کي جواب ڏنو تہ اها پري پاڻي ٿي ويئي. حضرت جنيد رحہ فرمائن ٿا تہ مان انهيءَ جاءِ تي پاڻي ڏٺم. حضرت سيري رحہ جن جي پيڻ ارادو ڪيو تہ سندن گهر کي صاف ڪريان مگر حضرت سيري رحہ اهڙي اجازت ڪانہ ڏني. هڪ ڏينهن سندن ڀيڻ ڏٺو تہ هڪ پوڙهي عورت حضرت سيري رحہ جي گهر کي صاف ڪري رهي آهي، سو پاڻ کي چيائين تہ اوهان گهر صاف ڪرڻ لاءِ مون کي چونہ چيو، ۽ مون کي اڳ ۾ بہ صاف ڪرڻ جي اجازت نہ ڏني پر اڄ هڪ غير عورت کي ڪهرائي گهر صاف ڪرايو ٿا. پاڻ فرمايائون تہ ڀيڻ! غمگين نہ ٿيءُ. هيءَ جيڪا پوڙهي ڏسين ٿي، اها دنيا آهي جو اسان جي عشق ۾ جلي ويئي آهي. هيءَ اسان کان محروم هئي، هاڻي حق تعاليٰ جي اجازت سان هن کي گند ميڙڻ جي اجازت ڏني ويئي آهي.

هڪ بزرگ فرمائي ٿو تہ مان حضرت سيري رحہ وانگر، ڪنهن کي بہ خلق خدا تي شفيق ڪونہ ڏٺو.

نقل آهي تہ جڏهن ڪو شخص سيري سقطي رحہ کي سلام ڪندو هو تہ پاڻ خوشيءَ ۽ محبت بنان سلام جو جواب ڪونہ ڏيندا هئا. ماڻهن ان جو سبب پڇيو تہ فرمايائون تہ جناب رسالت ماب صلي‌الله عليه وسلم جن فرمايو آهي تہ جيڪو بہ سلام ڪري ٿو، تہ الله تعاليٰ جي طرفان نوي رحمتون ان تي ۽ ڏهہ رحمتون سلام جي جواب ڏيندڙ تي نازل ٿين ٿيون. ان ڪري ترش رو ٿي ويندو آهيان. چاڪاڻ تہ مون کي ريس ٿيندي آهي تہ هن وڌيڪ رحمتون ڇو حاصل ڪيون.

نقل آهي تہ حضرت سيري رحہ هڪ رات خواب ۾ حضرت يعقوب عليه‌السلام کي ڏٺو ۽ پڇيائونس تہ اوهان دنيا ۾ هي ڪهڙو شور مچائي ڏنو آهي؟ اوهان کي جيڪڏهن ذات باريءَ سان ڪامل محبت آهي تہ پوءِ يوسف عليه السلام جو ذڪر ڇڏي ڏيو. انهيءَ وقت ڪين هڪ ندا آئي تہ اي سيري! ڪجهہ دل کي سنڀال! انَ سان گڏ ئي ڪين حضرت يوسف عليه السلام جو جلوو بہ ڏيکاريو ويو، تہ پاڻ نعرو هڻي بيهوش ٿي ڪري پيا. ۽ تيرهن ڏينهن تائين بيهوش پيا رهيا. هوش ۾ اچڻ تي وري آواز پڌائون تہ هيءَ انهيءَ شخص جي سزا آهي، جيڪو اسانجي

درگاه جي عاشقن تي نڪته چيني ڪري ٿو.

هڪ دفعي حضرت سيري رحه جي دل تي ته ڪنهن ولي الله کي ڏسجي. آخر هڪ ماڻهوءَ کي هڪ پهاڙ تي ڏٺائون. سلام ڪري ان کان پڇيائون ته تون ڪير آهين؟ هن چيو هوا وري پڇيائون ته ڇا کائيندو آهين؟ چيائين هوا وري پڇيائون ته تون هو چوين ٿو ۽ وري خدا تعاليٰ کي چاهين ٿو. اهي لفظ ٻڌندي ئي اهو شخص نعرو هڻي واصل بحق ٿي ويو

هڪ شخص ٽن سالن کان جهاد ۾ هو. ڪنهن پڇيس ته اهو رتبو تو ڪنهن کان حاصل ڪيو؟ هن چيو ته حضرت سري سقطي رحه جي دعا سان.

نقل آهي ته هڪ دفعي حضرت سيري سقطي رحه جي مجلس گرم هئي. اتري ۾ وقت جي خليفي جو درباري احمد نامي وڏي شان ۽ شوڪت سان اتان لانگهائو ٿيو. پاڻ ان وقت فرمائي رهيا هئا ته تمام ڪائنات ۾ انسان کان زياده ڪمزور شيءِ ٻي ڪابه ڪانهي. ان کان وڌيڪ ٻيو ڪوئي گنهگار ڪونهي. اها ڳالهه تير ۽ نشتر جيان احمد درباريءَ جي جان ۽ جگر ۾ چيبي ويئي. هو روئندو گهر هليو ويو. ٻئي ڏينهن وري آيو مگر ڪالهه جيان شان ۽ شوڪت سان نه. ٽئين ڏينهن درويشن جو لباس پهري آيو، ۽ چيائين ته اوهان جي ڳالهه منهنجي دل ۾ نشتر جو ڪم ڪيو، ۽ دنيا جي محبت کي ختم ڪري ڇڏيو. مان خدا جي طرف وڃڻ گهران ٿو، مون کي ڪو رستو ڏيکاريو. پاڻ فرمايائون ته ٻه رستا آهن:- هڪ عام ۽ ٻيو خاص. احمد چيو ته ٻئي رستا بيان ڪريو. پاڻ فرمايائون ته عام رستو شريعت جو اٿيئي، تنهن ڪري شريعت جي پابندي ڪر. ٻيو خاص رستو طريقت جو آهي. پابندي شريعت جي علاوه دنيا کي بہ ترڪ ڪري ڇڏ. اهو ٻڌي احمد جهنگ جي طرف نڪري ويو. ٿورن ڏينهن کان پوءِ هڪ پوڙهي عورت، نهايت غمگينيءَ جي حالت ۾ حضرت سيري رحه جي خدمت ۾ آئي، ۽ چيائين ته منهنجو نوجوان ۽ خوبصورت پٽ ڪجهه ڏينهن کان غائب آهي. پاڻ فرمايائون ته غم نه ڪر سڀ خير آهي تون ان جو ڪو فڪر نه ڪر. جڏهن هو ايندو ته مان توکي اطلاع ڪندس. ڪجهه عرصي کان پوءِ احمد درويشانه حالت ۾ حضرت سيري رحه وٽ آيو. پاڻ ان جي والده کي اطلاع موڪليائون. ٿوري ئي وقت ۾ والده ۽ زال ۽ ٻار ٻچا اچي ويا. اهو ڏسي احمد چيو يا شيخ اوهان انهن کي ڇو اطلاع ڏنو. فرمايائون ته وعدو ڪري چڪو هوس. والده هر طرح جي ڪوشش ڪئي ته پنهنجي پٽ احمد کي گهر وٺي وڃي ليڪن هن گهر هلڻ کان انڪار ڪيو، ۽ انهن کي روئندو ڇڏي جهنگ جي طرف هليو ويو. چند سالن کان پوءِ عشا جي نماز جي وقت هڪ شخص آيو ۽ حضرت سيري رحه کي چيائين ته مون کي احمد موڪليو آهي. پاڻ وٽس ويا، ڏٺائون ته احمد جو آخري وقت هو. احمد اکيون کولي ڏٺو ۽ چيائين ته اي شيخ!

اوهان وقت تي آيا آهيو. ايترو چئي انتقال ڪري ويا. پاڻ جهنگ مان روئندا موٽي آيا ته جيئن احمد جي ڪفن دفن جو بندو بست ڪجي. شهر ۾ آواز ڪرايو ويو ته جو شخص خدا جي خاص وليءَ جي نماز جنازه پڙهڻ چاهي ٿو اهو شونيزيه جي قبرستان ۾ پهچي وڃي.

فرمائن ٿا ته اي جوانو! جوانيءَ ۾ ڏي ڪم ڪري وٺو. ڇاڪاڻ تہ جڏهن ٻڍاپڻ اوهان تي غالب پئجي ويندي ۽ اوهان ضعيف ٿي ويندا تہ انهيءَ حالت ۾ اوهان ڪان ڪجهہ بہ ٿي نہ سگهندو.

فرمائن ٿا ته جيڪڏهن ڪو شخص چاهي ته منهنجو دين سلامت رهي ۽ جان ۽ بدن کي راحت هجي ۽ غم نہ هجي ته ان کي گهرجي ته خلق کان علحده ٿي وڃي.

فرمائن ٿا ته پنجن شين کان سواءِ ساري دنيا بلڪل فضول آهي. ايتري روزي جنهن سان فقط زندگي قائم رهي سگهي. ايترو پاڻي جنهن سان صرف اڃ لهي سگهي. ايتري قدر ڪپڙو جنهن سان فقط اوگهڙ ڍڪي وڃي. ايتري جڳهہ جنهن ۾ صرف سر لڪائي سگهجي. علم ايترو علم جنهن تي عمل ڪري سگهجي.

فرمائن ٿا ته جيڪو گناهہ شهوت جي سبب ٿيندو، ان جي بخشش جي اميد آهي. باقي جيڪو گناه غرور ۽ تڪبر جي سبب ٿيندو آهي ان لاءِ ڪا اميد ڪانهي نه اهو بخشيو ويندو.

فرمائن ٿا ته حياءُ ۽ محبت دل جي طرف ايندا آهن. جيڪڏهن اهي دل ۾ زهد ۽ پرهيزگاري ڏسن ٿا ته اتي رهجي وڃن ٿا نہ ته واپس هليا وڃن ٿا.

فرمائن ٿا ته عارف اهو آهي، جنهن جو ڪاڏو بيمارن جهڙو سمهڻ فقيرن جهڙو ۽ عيش نالي خاطر بہ نہ هجي.

بعض آسماني ڪتابن ۾ آيل آهي ته الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته اي ٻانها! جڏهن منهنجو ذڪر توتي غالب ٿئي ٿو ته مان تنهنجو عاشق ٿيڻجي وڃان ٿو.

فرمائن ٿا ته عارف آفتاب وانگر آهي، جو سڀ تي روشني وجهي ٿو. عارف زمين وانگر آهي جو سڀ جو بار کڻي ٿو. عارف پاڻيءَ مثل آهي، جنهن سان دلين کي زندگي ملي ٿي.

فرمائن ٿا ته تصوف ٽن ڳالهين جو نالو آهي. پهريون هيءَ تہ معرفت الاهي پرهيزگاريءَ واري نور کي نہ اُجهائي. ٻيو هي ته علم اهڙو جو باطن جي ڪا اهڙي ڳالهہ نہ ڏسي جا شريعت جي خلاف هجي. ٽيون هي تہ ڪرامتون محض ان لاءِ ڏيکاري جو ماڻهو حرام کان باز اچي وڃن. فرمائن ٿا ته زاهد جو عشق سٺو نہ هوندو آهي، ڇاڪاڻ ته اهو پنهنجو پاڻ ۾ مشغول هوندو آهي. عارف جو عشق سٺو هوندو آهي، ڇاڪاڻ ته هو پنهنجو پاڻ کان جدا هوندو آهي. فرمائن ٿا ته دنيا ۾ سڀ کان طاقتور اهو آهي جيڪو پنهنجي غصي تي غالب اچي وڃي. فرمائن ٿا ته

گناه جو ترڪ ڪرڻ ٿــن شين ڪري هوندو آهي. پهريون دوزخ جي خــوف ڪان. ٻيو بهشت جــي خواهش ڪــن ۽ ٽيون خدا جي شرم ڪــان. بندو ان وقت تائين ڪامــل نٿو ٿــي سگهي جيستائين اهو پنهنجي دين کي پنهنجي خواهشن مٿان ترجيح نه ڏئي.

نقل آهي ته هڪ دفعي صبر جــي متعلق پاڻ وعــظ فرمائي رهيا هئا تــه انهيءَ وچــ ۾ هڪ وڇون جيڪو ڪنهن طــرح سان سندن ڪپڙن انــدر گهڙي آيو هــو تنهن ڪيترا ئي پيرا کين ڏنگيو. ماڻهن پڇيو ته اوهان وڇونءَ کي ڇو نه پري اڇلائي ڇڏيو. پاڻ فرمايائون ته مون کي شرم پئي ٿيو ته صبر جي متعلق وعظ ڪري رهيو آهيان ۽ عمل وري ان جي خلاف ڪريان.

حضرت جنيد رحه فرمائن ٿا ته حضرت سري رحه جن اهو نــه چاهيندا هئا تــه مان بغداد ۾ مران، متان ائين نه ٿئي تــه زمين مون کي قبول نه ڪري ۽ مان بدنام نــه ٿي پوان. ڇاڪاڻ ته ماڻهن کي منهنجي طرفان نيڪ گمان آهي. اهي باطل ٿي ويندا، يعني ڦري ويندا. جنيد بغداديءَ رحه هڪ ٻيءَ جــاءِ تي فرمايو آهي تــه حضرت ســري رحه بيمار ٿي پيا ۽ مان کانئن پڇڻ ويس گرميءَ سبب مان پکو هڻڻ لڳس. پــاڻ فرمايائون تــه اي جنيد! هوا کي پري ڪر. ڇاڪاڻ ته باه هوا سان زياده تيز ٿيندي آهي، ۽ زيــاده مچندي آهي. ان کان پوءِ مان کانئن حال پڇيو ته پاڻ فرمايائون ته مان غلام آهيان، ڪنهن به شيءِ تي قدرت نٿو رکان. وري مان عــرض ڪيو ته ڪجهه وصيت فرمايو. فرمايائون ته خلق جي صحبت جــي سبب، خدا جي صحبت کــان ٻي خبر نه ٿجانءِ. تنهن تي مان چيو ته اها ڳالهه جيڪڏهن اڳ فرمايو ها تــه مان اوهان سان بــه صحبت نه رکان ها. ان کان پوءِ حضرت سري سقطي رحه وفات فرمائي.

إنا لله وإنا إليه راجعون. ط

• ذڪر حضرت فتح موصلي رحمت الله عليه •

حضرت موصلي رحمت الله عليه پنهنجي وقت جــي سيني آدمين کان وڌيڪ صفت رکندا هئا. جلال حقيقت جا ماهر ۽ بزرگان مشائخ ڪرام مان هئا. رياضت ۽ مجاهدي ۾ حــد ڪمال کي پهتل هئا. هر وقت مٿن غم ۽ ملال غالب رهندو هــو. خلق کان علحدگيءَ جو اهو عالم هــو ڪنهن تــاجر جيان هــر وقت وانِ ڪنجين جــو ڇڳو رهندو هو. ڪٿي به ويندا هئا تــه ننڊ جي وقت ڪنجين جو ڇلو مصلي جي اڳيان رکي ڇڏيندا هئا، تــه جيئن ڪو کين تارڪ الدنيا تصور نــه ڪري.

هڪ دفعي ڪو خدا جو دوست فتح مــوصلي رحه سان ملڻ آيو، هن کانئن پڇيو تــه هي

ڪنجيون اوهان جي کھڙي ڪم جون آهن؟ ليڪن پاڻ ان جو ڪو جواب ڪونہ ڏنائون. ڪنهن بزرگ کان ماڻهن پڇيو تہ حضرت فتح موصلي رحہ جو علم ڪيتريءَ حد تائين آهي؟ هن جواب ڏنو تہ فتح موصلي رحہ کي اهو ئي علم ڪافي آهي، جو هو دنيا کي ترڪ ڪري ويٺو آهي. ابو عبدالله جلد رحہ بيان ڪري ٿو تہ هڪ رات مان حضرت سيري سنطي رحہ وٽ مهمان ٿيس. اڌ رات جي وقت هن نوان عمدا ۽ پاڪيزه ڪپڙا پهريا. مان ڪانئن پڇيو تہ هن وقت ڪيڏانهن وڃڻ جو ارادو رکو ٿا؟ چيائون تہ فتح موصلي رحہ جي طبع پرسيءَ لاءِ وڃان ٿو. جڏهن گهر کان ٻاهر نڪتا، تہ سرڪاري ماڻهن کين پڪڙي قيد ۾ وجهي وڌو. صبح ٿيڻ تي حڪم ٿيو تہ سڀني قيدين کي قتل ڪيو وڃي، جڏهن جلاد حضرت سيري رحہ جي طرف هٿ وڌائي ترار هڻڻ تي هو تہ سندس هٿ مٿي جو مٿي ئي روڪجي پيو. انهيءَ تي وقت جي حاڪم پڇيو تہ ترار ڇونہ ٿو هڻين؟ جلاد چيو تہ هڪ شخص منهنجي هٿ کي سوگهو جهليو بيٺو آهي، ۽ چوي ٿو تہ خبردار! جيڪڏهن تو مارڻ جو ارادو ڪيو تہ خير نہ ٿيندو. حاڪم پڇيو تہ اهو ڪير شخص آهي؟ جلاد چيو تہ ڇا توهان کي نظر نٿو اچي! فتح موصلي رحہ منهنجي هٿ کي پڪڙي بيٺا آهن. نيٺ حضرت سيري سقطي رحہ کي آزاد ڪيو ويو.

ماڻهن حضرت فتح موصلي رحہ کان صدق جي باري ۾ پڇا ڪئي تہ پاڻ لوهار جي ڀٽيءَ مان تتل لوهہ هٿ سان ڪڍي هٿن ۾ جهلي بيٺا ۽ فرمايائون تہ هي صدق آهي. فرمائن ٿا تہ مان هڪ رات حضرت علي رضہ کي خواب ۾ ڏٺو ۽ ان کان وصيت طلب ڪئي. حضرت علي رضہ فرمايو تہ انهيءَ کان وڌيڪ ٻي سٺي ڳالهہ مان ڪونہ ڏٺي تہ امير ماڻهو درويشن جي تواضع ڪن ۽ صرف ثواب جي اميد تي. مان عرض ڪيو تہ ڪجهہ وڌيڪ وصيت فرمايو. فرمايائون تہ الله تعاليٰ تي ڀروسي رکڻ جي ڪري اميرن کان وڌيڪ درويشن کي فخر آهي. فرمائن ٿا تہ مان هڪ مسجد ۾ دوستن سان ويٺو هوس، تہ اتي هڪ نوجوان کي ڦاٽل ڪپڙن ۾ ويٺل ڏٺو هن مون کي چيو تہ اوهان ڄاڻو ٿا تہ غريبن جو حق بہ هوندو، سڀاڻي فلاڻي محلي ۾ منهنجو گهر دريافت ڪجو، مان ان وقت مري چڪو هوندس. اوهان مون کي غسل ڏيئي انهن ئي ڪپڙن ۾ دفن ڪرائي ڇڏجو. حضرت فتح موصلي رحہ فرمائي ٿو تہ ٻئي ڏينهن مان جڏهن اتي ويس، تہ ائين ئي ڏٺم. هن جي وصيت موجب پنهنجو ڪم ڪري هلڻ لڳس تہ هن منهنجي دامن کي پڪڙي ورتو ۽ چيائين تہ اي فتح! جيڪڏهن خدا تعاليٰ وٽ منهنجي ڪا قدر و عزت ٿي تہ اوهان کي ان جو بدلو ضرور ڏيندس. وري چيائين تہ اي خدا جا مرد! اهڙيءَ طرح حياتيءَ کي ڪر تہ جيئڻ هميشہ زنده رهين. ائين چئي هو خاموش ٿي ويو.

هڪ ڏينهن پاڻ روئي رهيا هئا ماڻهن پڇيو تہ ڇو ٿا روئو؟ فرمايائون تہ جڏهن گناهن کي

ياد ڪريان ٿو ته رت جا ڳوڙها وهڻ شروع ٿين ٿا ته مٿان منهنجو روئڻ محض رياڪاريءَ جي سبب ته هجي.

هڪ ڏينهن ڪنهن شخص حضرت فتح رحه کي پنجاه درهم ڏنا، ۽ چيائين ته جيڪڏهن بغير سوال ڪرڻ جي ڪو شخص ڪنهن کي ڪجهه ڏي، ۽ اهو ان کي قبول نه ڪري ته اهو ڪفران نعمت آهي. اهو ٻڌي حضرت فتح رحه انهن مان صرف هڪ درهم ڪنيو باقي سڀ واپس ڪيائين. فرمائن ٿا ته مان ٽيهن بزرگن جي صحبت جو فيض حاصل ڪيو. اهي سڀ جا سڀ ابدال هئا. سڀني خلقت کان پري پڄڻ ۽ گهٽ ڳالهائڻ جي نصيحت فرمائي.

فرمايو اٿن ته اهل معرفت اهي ماڻهو آهن، جيڪي ڪابه ڳالهه ڪندا آهن ته خدا جي طرف کان ڪندا آهن. هو هر ڪم خدا جي واسطي ڪندا آهن، ۽ هر ڪا طلب خدا کان ڪندا آهن. سندن وفات کان پوءِ ماڻهن کين خواب ۾ ڏسي پڇيو ته الله تعاليٰ اوهان سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو؟ فرمايائون ته الله تعاليٰ فقط ايترو مون کان پڇيو ته تون ايترو ڇو روئندو هئين؟ مان عرض ڪيو ته پنهنجي گناهن جي شرم کان. وري الله تعاليٰ فرمايو ته مان فرشتي کي حڪم ڏيئي ڇڏيو هو ته تنهنجو ڪو به گناه نه لکي. ڇاڪاڻ ته تون شرم جي سبب ڪري روئندو هئين.

* ذڪر حضرت احمد حواري رحمت الله عليه *

حضرت احمد حواري رحمت الله عليه پنهنجي وقت جا قطب ليکيا ويندا هئا. تمام علم ۽ طريقت ۾ حد درجي جو ڪمال رکندا هئا. پاڻ شام ملڪ جي مشائخن مان هئا. حضرت جنيد رحه فرمائن ٿا ته احمد حواري رحه شام ملڪ لاءِ ايمان هُئا.

حضرت احمد سليمان داروي رحه جا مريد هئا. عموماً سفيان عنيه جي صحبت ۾ رهندا هئا. سندن ڳالهيون ماڻهن جي دلين تي عجيب اثر پيدا ڪنديون هيون. ننڍيءَ عمر ۾ ئي علم حاصل ڪري ڪمال حاصل ڪيري ورتو هئائون. ان کان پوءِ سڀ ڪتاب درياه جي حوالي ڪري چيائون ته ڪاش! ڪو چڱو رهبر ملي وڃي. حضرت احمد ۽ سندن مرشد سليمان داروي‌ءَ وٽ هي عهد ٿيل هون ته ڪنهن به ڳالهه ۾ مرشد جي مخالفت نه ڪندا هئا، يعني هر طرح جي پيروي ڪندا هئا. هڪ ڏينهن سليمان داروي رحه پنهنجي خاص حالت ۾ هئا، حضرت احمد حواريءَ کي چيائون ته ڇا تنور گرم آهي؟ اهو ٻڌي حضرت احمد تنور ۾ وڃي ويهي رهيو. گهڻيءَ دير کان پوءِ سليمان دارويءَ کي احمد رحه جي يادگيري اچي ويئي ۽ ماڻهن کي چيائون ته احمد

جي تلاش ڪريو. ماڻهن هر جاءِ تي تلاش ڪيو مگر هو نہ مليو. آخر سندن مرشد سليمان دارويءَ کي عهد (وعدو) ياد اچي ويو، سو چيائين تہ احمد کي تنور ۾ ڏسو. ماڻهن ڏٺو تہ احمد واقعي تنور ۾ ويٺل هئا. مگر خدا جي قدرت سان باهہ کان بلڪل محفوظ هئا. ايتري قدر جو هڪ وار کي بہ سيڪ ڪونہ آيو هون.

فرمائن ٿا تہ جو شخص انهيءَ چيز کي سمجهندو تہ ڪنهن کان ڊڄڻ گهرجي تہ ان لاءِ اهڙيءَ شيءِ کان پري رهڻ بلڪل آسان ٿي پوندو، جنهن کان ان کي منع ڪئي ويئي آهي. جيتري قدر زياده عقلمند هوندو اوتري قدر زياده عارف ٿيندو، ۽ منزل کي بہ جلدي پهچندو. فرمائن ٿا تہ سڀ کان وڏيڪ روئڻ اهو سڻو آهي، جيڪو انهيءَ وقت جي ضايع ٿي وڃڻ تي رنو وڃي جنهن ۾ ڪا نيڪي ڪانہ ڪئي ويئي هجي. فرمائن ٿا تہ جيڪو شخص دوستيءَ جي خيال سان دين تي نظر رکندو تہ ان جي دل مان حق تعاليٰ جو زهد ۽ نور نڪري ويندو. فرمائن ٿا تہ جو شخص پنهنجي نفس کي ننڍو سڃاڻي اهو دوکو کائيندو. غفلت ۽ سخت دليءَ کان وڏيڪ بندي لاءِ ٻي ڪابہ مصيبت ڪانهي.

فرمائن ٿا تہ انبيائن، موت کي ان لاءِ پسند نہ ڪيو جو هو ذڪر الاهيءَ ۽ هدايت حق کان باز رهن ٿا. فرمائن ٿا تہ الله تعاليٰ کي دوست رکڻ جي نشاني هيءَ آهي تہ عبادت کي دوست رکيو وڃي. فرمائن ٿا تہ جيڪو شخص ان ڳالهہ کي پسند ٿو ڪري تہ ماڻهو مون کي نيڪي ڪرڻ سان سڃاڻن ۽ منهنجي تعريف ڪن تہ اهو شخص مشرڪ آهي. ڇاڪاڻ تہ جو شخص خدا جي دوستيءَ لاءِ عبادت ڪري ٿو سو هرگز ائين نہ چاهيندو تہ هن جي خدمت کي سواءِ مخدوم جي ٻيو ڪوبہ نہ ڏسي.

* مناجات حضرت احمد خضرويہ رحمت الله عليه *

حضرت احمد خضرويہ رحمت الله عليه جن خراسان جي بهترين اڪابر مشائخ مان آهن. پاڻ صاحب تصانيف ۽ ڪرامتن ۾ مشهور هئا. حضرت احمد خضرويہ رحہ جا ڪيترا ئي اهڙا مريد هئا، ۽ هوا ۾ اڏامندا هئا. گهڻو ڪري ابو تراب جي صحبت ۾ رهندا هئا.

ڪنهن ابو فيض کان پڇيو تہ هن جماعت ۾ تو ڪنهن کي سڀ کان بلند همت ڏٺو. هن چيو تہ منهنجي نظرن ۾ سواءِ احمد خضرويہ رحہ جي ٻيو ڪو بہ لائق احوال ۽ بلند همت نہ آهي. پاڻ هميشه سپاهين جهڙو لباس پهريندا هئا. سندن زال بلخ جي اميرن مان هئي، جا پڻ طريقت ۾ بي مثال هئي. جنهن توبهہ ڪري حضرت جن ڏانهن پيغام موڪليو هو تہ اوهان

منهنجي پيءُ ڏانهن نڪاح جو پيغام موڪليو. ليڪن پهريائين پاڻ حضرت جن ڪي قبول نہ ڪيو هئائين پر جڏهن دوباره پيغام موڪليائين تہ مان اوهان ڪي پنهنجو رهبر ٿي سمجهان ۽ نہ رهزن انهيءَ پيغام تي پاڻ رضامندو ظاهر ڪيائون، ۽ عن جي پيءُ ڏي نڪاح جي درخواست موڪليائون. جنهن ڪي هن خوشيءَ سان قبول ڪيو. حضرت جن جي نڪاح ۾ ايندي ئي رياضت ۾ مشغول ٿي ويئي، ۽ ڪمال حاصل ڪيائين. حضرت بايزيد بسطامي رحہ سان بي حجاب گفتگو ڪنديون رهنديون هيون. ان تي حضرت احمد خضرويہ کي غيرت آئي تہ منهنجي زال بايزيد رحہ جي اڳيان پردو ڇونہ ڪيو. ليڪن زال چيس تہ تون منهنجي طبيعت کان جو واقف آهين ۽ مان تو کان واقف آهيان. فقط پنهنجي خواهش ئي حاصل ڪري سگهنديس. ليڪن بايزيد رحہ طريقت ڪان واقفن جا واقف آهن. مان ان ڪان خدا تائين رسائي حاصل ڪري سگهنديس.

حضرت احمد خضرويہ ڪجهہ عرصي تائين نيشاپور ۾ قيام ڪيو. جڏهن يحيي معاذ بلخ ويندي نيشاپور سان لنگهيا تہ پاڻ ان جي دعوت ڪرڻ لاءِ پنهنجي گهر واريءَ سان صلاح ڪيائون. تڏهن فاطمہ (سندن زال) چيو تہ يحيي بن معاذ رازي هڪ عزت وارا مهمان آهن. ان جي دعوت لاءِ ايتري قدر سامان مهيا ڪريو جو محلي جي ڪتن کي بہ حصو ملي. فرمائن ٿا تہ هڪ دفعي چند نوجوان جهاد تي وڃي رهيا هئا. انهن کي ڏسي منهنجي دل ۾ بہ جهاد جي خواهش پيدا ٿي پر نفس اهي تمام حديثون جيڪي جهاد جي فضيلت ۾ بيان ڪيل هيون سي منهنجي اڳيان پيش ڪيون. مان چيو تہ نفس کي الله جي اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ سان ڪهڙو واسطو! ان ۾ ضرور ڪو نہ ڪو مڪر آهي. پوءِ مان خيال ڪيو تہ هميشہ روزي رکڻ جي سبب ڪان نفس چاهي ٿو تہ جهاد ۾ سفر تي وڃڻ ڪري روزي جي تڪليف ڪان نجات ملندي. مان نفس کي چيو تہ سفر ۾ بہ روزو رکندس. نفس چيو تہ مون کي اهو بہ منظور آهي. مون کي وري تعجب ٿيو، ۽ سمجهيم تہ هو شايد تنهائيءَ ڪان گهبرائي ٿو، ۽ ماڻهن کي ڏسڻ گهري ٿو وري مان نفس کي چيو تہ اي نفس! مان اتي مي جهنگل ۾ قيام ڪندس. نفس وري بہ چيو تہ اها ڳالهہ بہ مون کي منظور آهي. مون کي وڌيڪ تعجب ٿيو. سوچيو تہ رات جي اوجاڳن جي سبب نفس اهو گهري ٿو تہ جهاد تي وڃان تہ جيئن رات جو آرام سان ننڊ ڪريان. مان وري نفس کي چيو تہ مان جهاد ۾ بہ ساري رات آرام سان نہ سمهندس. نفس چيو تہ مون کي اهو بہ منظور آهي. انهيءَ تي مون کي هيڪري حيرت وٺي ويئي ۽ الله تعاليٰ کي درخواست ڪئي تہ مون کي نفس جي مڪر کان آگاه ڪر. آخر حق تعاليٰ ظاهر ڪيو تہ نفس ناليءَ شهرت جو خواهشمند آهي. جيڪڏهن احمد رحہ ماريو وڃي تہ ماڻهو ائين چون تہ احمد شهيدن جو درجو حاصل ڪيو. نيٺ مان ان جي خلاف عمل ڪيو، يعني جهاد تي نہ ويس.

فرمائن ٿا تہ مان هڪ دفعي الله تعاليٰ جي توڪل تي جهنگل جي طـرف هليو ويس، تہ اتفاق سان منهنجي پير ۾ هڪ ڪنڊو لڳو، ليڪن مان ڪنڊو نہ ڪڍيو. ايتري قـدر جو ان جي تڪليف سبب منهنجو پير سڄي ويو. آخـر ان جي تڪليف بـرداشت ڪندو مڪي معظم پهچي ويس. حـج ڪيم ۽ واپس موٽيس، رستي ۾ سـاڳئي منهنجي پير مـان اهو ڪنڊو ڪڍيـو. جنهن ڪري منهنجو پير زخمي ٿـي پيو هو. انهيءَ حـال ۾ بسطام جي شهر ۾ بايزيد رحہ جي خدمت ۾ پهتس. انهن ڪلي ڪري پڇيو تہ اهو ڪنڊو جيڪو تو پنهنجي پير ۾ رکيو هو سو تو ڇا ڪيو هو. مان عرض ڪيو تہ مان پنهنجي اختيار کي الله تعاليٰ جي اختيار جي حوالي ڪري ڇڏيو هو. تڏهن بايزيد فرمايو تـہ تون مشرڪ آهين. پوءِ فرمايائون تـہ پنهنجي درويشي عزت کي پوشيده رک. بايزيد رحہ جو احمد خضرويہ رحہ کي مشرڪ چوڻ جو مقصد هي هو تـہ جڏهـن هن کي ڪنڊو لڳو هو تہ هڪدم هن کي ڪڍي ڇڏڻ گهرجو هو پر هن ڪنڊو نـہ ڪڍيو، ۽ اهو حال ساڳئن ڏنو تہ ضرور هن جي اهڙي بزرگيءَ جي تعريف ڪئي هوندائون، ۽ اها تعريف ئي درويش لاءِ نقصان جو سبب بڻجي ٿي. ان ڪري حضرت بايزيد رحہ کين فرمايو تہ درويشيءَ کي پوشيده رکـڻ گهرجي، ڪنهن ڏائـن بـہ ظاهـر نـہ ڪجي جيئن احمد خضرويہ رحہ ڪنڊي لڳڻ واريءَ حالت ۾ ظاهر ڪئي.

نقل آهي تہ هڪ رات حضرت احمد رحہ جي گهر چـور گهڙي آيو. گهڻي ئي ڪوشش ڪيائين، مگر ڪجهہ حـاصل نہ ٿيس. چـور نا اُميد ٿي واپس وڃڻ لڳو تہ حضرت احمد هن کي فرمايو تہ ڏول ڪڻي پاڻي ڀر، ۽ وضو ڪري نماز ۾ مشغول ٿـي وڃ. جيڪي ڪجهہ ملندو سـو توکي بخشيو ويندو. اهو انهيءَ لاءِ جيئن تـون اسان جي گهر کان نا اُميد ٿي موٽي نـہ وڃين، چـور ائين ئي ڪيو. صبح جـو هڪ شخص سوَ دينار کڻي آيو، پاڻ اهي دينار چـور کي ڏيئي ڇڏيائون. پوءِ کيس فرمايائون تـہ اهي تنهنجي هڪ رات جي نماز پڙهڻ جي بـدلي جا آهن. اهي لفظ ٻڌي چور مٿان هڪ عجيب قسم جي حالت طـاري ٿي ويئي، ۽ فـوراً توبهہ ڪيائين ۽ اهي دينار بہ واپس ڪيائين. هڪ بزرگ جو بيان آهي تـہ هڪ رات مان خواب ۾ ڏٺو تـہ شيخ احمد خضرويہ هڪ گنبد تـي ويٺا آهـن ۽ فـرشتا ان گنبد کي هـوا ۾ کڻي وڃـي رهيا آهـن. مـان ڪانئن پڇيو تہ اوهان کي هي رتبو ڪيئن مليو ۽ اوهان ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو؟ پاڻ فرمايائون تہ هڪ دوست جي زيـارت لاءِ وڃي رهيو آهيان. مان چيو تـہ ايڏيءَ بزرگيءَ واريءَ حالت ۾ دوست جي زيارت جي ڪهڙي ضرورت؟ فرمايائون تہ جيڪڏهن مان نہ ويس تہ هو ايندو ۽ زيارت جي درجي جو ثواب بہ ان کي ملندو تنهن ڪري اهو ثواب مان حاصل ڪرڻ گهران ٿو.

نقل آهي تہ هڪ دفعي قاتل لباس ڍڪيو پاڻ ڪنهن خانقاه ۾ ويٺا هئا. خانقاه وارن کين

حقارت جي نظرن سان ٿي ڏٺو، ۽ پنهنجي شيخ کي چيائون ته هي (احمد خضرويہ) رياڪار آهي. انهيءَ وقت خانقاه جي پرسان واري کوهہ ۾ پاڻيءَ جو ڏول ڪري پيو. خانقاه جي هڪ خادم حضرت احمد رحہ کي ڏول ڪڍي ڏيڻ لاءِ چيو. پاڻ وري خانقاه جي شيخ وٽ آيا، ۽ کيس چيائون ته اي شيخ! فاتح پڙهو ته جيئن ڏول کوهہ کان ٻاهر نڪري اچي. اهو ٻڌي شيخ مان توبي لاهي ڇڏيائون ۽ چيائون ته اي جوان! تون ڪير آهين. اسان جي منزل، تنهنجي موجودگيءَ ۾ گهٽجي رهي آهي. پاڻ فرمايائون ته پنهنجن يارن ۽ خادمن کي چئو ته ڪنهن مسافر کي حقارت جي نظرن سان نه ڏسندا ڪريو.

هڪ دفعي هڪ شخص احمد خضرويہ جي خدمت ۾ آيو، ۽ اچي تنگ دستيءَ جي شڪايت ڪيائين. پاڻ فرمايائون ته تمام ڌنڌن جا ڪاغذ ٽڪرن تي لکي هڪ ٿيلهيءَ ۾ بند ڪري مون وٽ کڻي اچ. آخر ان شخص ائين ڪيو، پاڻ ان ٿيلهيءَ ۾ هٿ وجهي ڪاغذ جو هڪ پرچو ڪڍيائون ته ان تي چوريءَ جو پيشو لکيل هو، پاڻ ان کي چيائون ته وڃي چوريون ڪر. هن دل ۾ چيو ته جڏهن شيخ به چوي ٿو ته چوري ڪر ته پوءِ چئو ٻڌجي. اهو خيال ڪري چورن وٽ هليو ويو، چورن جي سردار هن کان اهو عهد ورتو ته جو ڪجهہ مان چوندس ته اهو توکي مڃڻو پوندو. عهد وٺڻ کان پوءِ چورن جي سردار هن کي به پنهنجي گروه ۾ شامل ڪري ڇڏيو. هڪ ڏينهن ڪنهن قافلي کي ڦريائون قافلي جو سردار هڪ دولتمند سوداگر هو ان کي گرفتار ڪري وٺي آيا. چورن جي سردار انهيءَ نووارد شخص کي چيو ته تون هن سوداگر جو سر وڍي ختم ڪري ڇڏ. هن دل ۾ سوچيو ته ظالم سردار ڪيترن ئي مظلومن جا سر قلم ڪيا هوندا. چونہ مان هن ظالم سردار جو سر تن کان ڌار ڪري ڇڏيان. اچا انهيءَ ويچار ۾ هو ته چورن جي سردار چيس ته قتل ڪرڻو اٿيئي ته جلدي ڪر، نہ ته وڃي پيو ڪو ڪم ڪر. هن شخص دل ۾ چيو ته جڏهن حڪم بجا آڻو آهي ته پوءِ چورن جي سردار جي بجاءِ الله تعاليٰ جو چونہ حڪم مڃجي. اهو سوچي جيئن ترار کڙي کيون پيئو هو تيئن اڇل ڏيندي چورن جي سردار جي گردن قلم ڪري وڌائين ٻيا چور پنهنجي سردار کي قتل ٿيندو ڏسي خوف وچان هڪدم ڀڄي ويا. قافلي جو سردار آزاد ٿيو ۽ سموري قافلي جو سامان بچي ويو. قافلي جي سوداگر هن شخص کي گهڻو ئي انعام ۽ ٻيو ڪافي مال بخشش ڪيو. اهو شخص مالا مال ٿي ويو. سندن ڪجهہ ارشادات هيٺيان آهن.

مان سموري خلق کي حيوانن جيان ڪائيندو ڏٺو ۽ هر ڪنهن شخص ائين پڇيو ته جي ائين آهي ته پوءِ اوهان ڪٿي آهيو؟ پاڻ فرمايائون ته مان به اتي هوس. پر منهنجي ۽ انهن جي وچ ۾ ايترو فرق آهي جو اهي ڪائڻ کان بعد کلندا، کيڏندا ۽ ڪڏندا رهيا ٿي، ۽ مان روئندو

هوس. جو شخص ان ڳالهه جو خواهشمند هجي تہ الله تعاليٰ هن سان ساڻ رهي تہ ان کي لازم آهي تہ هر وقت سچائيءَ جو پابند رهي. ڇاڪاڻ تہ خداوند ڪريم فرمائي ٿو تہ ”ڪونو مع الصادقين“ جيڪو شخص پنهنجي صبر تي صبر ڪري ٿو، اهو اصلي صابر آهي. صبر پريشان ماڻهن لاءِ توشو آهي. رضا عارفن جو درجو آهي، ۽ معرفت جي حقيقت هيءَ آهي تہ الله کي دل سان دوست رکي، ۽ زبان سان ياد ڪري. هن کان سواءِ باقي سڀ کان جدا ٿي وڃي. خدا جي زياده نزديڪ اهو آهي، جنهن جو خلق زياده آهي.

نقل آهي تہ حضرت جن کان ڪن ماڻهن پڇيو تہ محبت جي نشاني ڪهڙي آهي؟ فرمايائون تہ ٻنهي جهانن ۾ ڪابہ شيءِ محبوب کان زياده باعظمت ڏيکاري نہ ڏي، ۽ نہ ئي ان کان وڌيڪ سمجهي ۽ سواءِ محبوب جي خدمت جي، دل ۾ ٻئي ڪنهن جي خواهش نہ هجي. ڇاڪاڻ تہ محبت ڪرڻ وارو، دنيا ۽ آخرت جي عزت محبوب ۾ ئي ڏسندو آهي. فرمائن ٿا تہ خواب غفلت کان وڌيڪ سخت ڪو خواب ڪونهي. شهوت کان ڪابہ چيز زياده طاقتور ڪانهي. جيڪڏهن غفلت جي سختي نہ هجي تہ شهوت جو غلبو ڪڏهن بہ ٿي نہ سگهي.

ماڻهن ڪانئن دريافت ڪيو تہ ڪهڙو عمل سڀ کان زياده افضل آهي. فرمايائون تہ دل الله تعاليٰ کان سواءِ ٻين سيني کان محفوظ رکڻ. هڪ ڏينهن ڪنهن شخص حضرت جن کان وصيت طلب ڪئي. پاڻ فرمايائون تہ نفس کي ماري ڇڏ تہ زنده ٿئين. جڏهن حضرت احمد خضرويہ جي وفات جو وقت قريب آيو، تہ ان وقت ستر هزار دينار مٿن قرض هو جو پاڻ مختلف نموني غريبن جي مدد لاءِ خرچ ڪيو هئائون. موت جي وقت سيئي قرضدار ولن آيا. پاڻ درگاه الاهيءَ ۾ دعا گهريائون تہ يا الاهي! تون مون کي پنهنجي طرف گهرائين ٿو، پر هنن ماڻهن جو قرض منهنجي مٿان رهائين ٿو، آخر انهن جو ڇا ٿيندو. هاڻي جيستائين هنن جو حق ادا نہ ٿئي، تيستائين منهنجو روح قبض نہ ڪر. ايتري ۾ ڪنهن دروازو کڙڪايو، ۽ چيائين تہ اي شيخ جا قرضدارو ٻاهر نڪري اچو! پنهنجا پنهنجا رپيا اچي وٺو. آخرڪار سيئي پنهنجي پنهنجي رقم وٺي هليا ويا. ان کان پوءِ حضرت احمد جان بحق تسليم فرمائي ويا.

إنا لله وإنا إليه راجعون. ط

• ذڪر حضرت ابو تراب بخشي رحمت الله عليه •

حضرت ابو تراب رحمت الله عليه جن طريقت جي معتقدن مان هئا. ميدان فقر جا سياح ۽ خراسان جي بزرگن ۾ اعليٰ رتبو حاصل هون. تقويٰ ۽ مجاهدي ۾ بہ ثابت قدم هئا.

هڪ دفعي حرم اندر سجدي جي حالت ۾ سندن اک لڳي ويئي، خواب ۾ ڪن حورن پنهنجو پاڻ کي حضرت اڳيان پيش ڪيو. ليڪن پاڻ فرمايائون تہ مون کي توهان جي پرواهہ ڪانهي. حورن چيو تہ ائين برابر آهي ليڪن جيڪڏهن اوهان اسان کي قبول نہ ڪندا تہ هڪ جيڏيون اسان کي طعنا هڻنديون. انهيءَ وقت بهشت جي داروغي حورن کي چيو تہ سيالي جڏهن هي بهشت ۾ اچي تہ ان وقت اچجو. پاڻ فرمايائون تہ اي رضوان! انهن حورن کي چئو تہ جڏهن مان بهشت ۾ اچان تہ منهنجي خدمت ڪن.

هڪ بزرگ فرمائي ٿو تہ مان ٽن هزارن جي قريب بزرگن ۽ عالمن جي صحبت جو لطف حاصل ڪيو آهي. ليڪن انهن مان چئن شخصن کي زياده بزرگ ڏٺم. جن مان سڀ کان اول نمبر ابو تراب رحہ جو آهي. اهو ئي بزرگ فرمائي ٿو تہ جڏهن ابو تراب مڪي شريف آيا هئا تہ ان وقت خوش پوش ۽ تر و تازه نو جوان هئا. مان کائنئن پڇيو تہ اوهان ڪاڏو ڪٿي کائيندا آهيو؟ فرمايائون تہ ڪڏهن بصري ۾، ڪڏهن بغداد ۾ ۽ ڪڏهن هتي ئي کائيندو آهيان.

حضرت ابو تراب رحہ جن جو اصول هو تہ جيڪڏهن پاڻ ڪن دوستن يا مريدن کان نا قابل برداشت ڳالهيون صادر ٿينديون ڏسندا هئا، تہ خود توبهہ ڪري نفس سان جهاد ڪرڻ ۾ مصروف ٿي ويندا هئا. فرمائيندا هئا تہ اها منهنجي ئي بد قسمتي آهي جو اهي ائين ڪن ٿا.

فرمائن ٿا تہ منهنجي ۽ الله تعاليٰ جي درميان اقرار هو تہ جيڪڏهن مان حرام چيز جي طرف هٿ وڌايان تہ هو مون کي انهيءَ چيز کان باز رکندو، ۽ ڪنهن بہ قسم جي خواهش جو اثر منهنجي دل تي نہ ٿيندو. مگر هڪ دفعي جهنگل مان وڃي رهيو هوس تہ ان وقت منهنجي دل ۾ گرم مانيءَ ۽ ڪڪڙ جي آني جي کائڻ جي خواهش ٿي. خدا جي قدرت انهيءَ دم مان رستو ڀلي ويس ۽ هڪ قبيلي ۾ وڃي پهتس. ڏٺم تہ ڪيترا ئي ماڻهو فرياد ڪري رهيا هئا. مونکي ڏسي ڪري منهنجي چوڌاري گڏ ٿي ويا، ۽ چوڻ لڳا تہ اسان جو مال تون ئي چورائي ڪڻي ويو آهين. ان تي انهن مون کي ڏاڍو ماريو. انهيءَ وقت ان قبيلي جو هڪ پوڙهو آدمي اتي آيو جنهن مون کي سڃاتو، ۽ اهڙي حال ۾ ڏسي افسوس ڪرڻ لڳو ۽ پنهنجن ماڻهن کي مارڻ کان منع ڪرڻ لڳو، ۽ مون کي ڏسي چيائين تہ هي تہ طريقت جو شيخ ابو تراب رحہ آهي. اهو ٻڌي

ڪري اهي ماڻهو مون کان معافي گهرڻ لڳا. مان قسم کائي چيو ته جيترو وقت توهان مونکي مارڻندا رهيا آهيو، ان کان بهتر وقت پنهنجي سڄيءَ عمر ۾ نه گذاريو آهي. مان مدت کان ٿلهيءَ ڳالهه جو خواهان هوس ته نفس کي پنهنجي مراد جي مطابق ڏسان. ان کان پوءِ اهو بزرگ شخص مون کي پنهنجي گهر وٺي آيو ۽ گرم گرم ماني ۽ انڊا منهنجي اڳيان اچي رکيائين. سان ڪائڻ لاءِ اجا هٿ وڌايو ٿي مس ته دل ۾ غيب کان آواز آيو ته ايتري قدر مار کائڻ کان پوءِ پلي ڪاءِ. آئينده به جيڪا آرزو تنهنجي دل ۾ هوندي اها اهڙيءَ طرح مار کائڻ کان پوءِ پوري ٿيندي رهندي.

نقل آهي ته حضرت ابو تراب رحه جي رهائش گاهه جي قريب هڪ بگهڙ رهندو هو، اهو ڪيترن ماڻهن کي کائي چڪو هو. هڪ ڏينهن پاڻ مسند تي تشريف فرما هئا ته ايتري ۾ اهو بگهڙ آيو، ۽ حضرت جن جي طرف وڌڻ لڳو. ماڻهن کين آگاهه ڪيو مگر پاڻ ڪا پرواهه نه ڪيائون. جڏهن بگهڙ جي نظر حضرت ابو تراب رحه تي پيئي ته خود بخود واپس موٽي ويو.

هڪ دفعي مريدن سان گڏ ڪنهن جهنگ مان لنگهي رهيا هئا، ته پاڻي پيئڻ جي ضرورت محسوس ٿين. ان کان پوءِ نماز جو وقت به ٿيو هو، ان وقت زمين تي هڪ لڪير ڇڪيائون، جنهن مان پاڻي نڪري آيو سيني وضو ڪيو ۽ ڍؤ ڪري پيتو.

ابوالعباس جو بيان آهي ته هڪ دفعي مان حضرت ابو تراب رحه سان گڏ ڪنهن ڪاڻ مان هلي رهيا هئا سين، ته ڪنهن شخص کين چيو ته مان اُڃايل آهيان مون کي پاڻي ڏياريو وڃي. پاڻ هڪدم زمين تي پير هنيائون ته فوراً بلور جو پيالو پاڻيءَ سان پربل ٻاهر نڪري آيو.

پاڻ فرمائن ٿا ته مان هڪ جهنگ مان وڃي رهيو هوس. رات انڌيري هئي، رستي ۾ هڪ حبشيءَ کي ڏٺم ان کي ڏسي ڊڄي ويس. مان پڇيو ته ماڻهو آهين يا جن! ليڪن حبشيءَ وري مون کان پڇيو ته تون مسلمان آهين يا ڪافر؟ مان چيو ته مسلمان آهيان. تڏهن چيائين ته مسلمان الله تعاليٰ کان سواءِ ٻئي ڪنهن کان ڪونه ڊڄندو آهي. ان کان پوءِ منهنجي دل کي قرار آيو، ۽ سمجهي ويس ته هي خدا تعاليٰ جو قاصد هو.

فرمائن ٿا ته هڪ دفعي جهنگ ۾ هڪ غلام کي بغير سامان ۽ سواريءَ جي سفر ڪندي ڏٺم. مان دل ۾ چيو ته هن جو خدا تعاليٰ تي يقين نه هجي ها ته هلاڪ ٿي وڃي ها. فرمائن ٿا ته جيڪڏهن بندو صادق هوندو آهي ته عمل مان لذت حاصل ڪندو آهي ۽ عبادت جي وقت ته ان کان به وڌيڪ لذت محسوس ڪندو آهي. فرمائن ٿا ته توهان ٽن شين کي دوست رکو ٿا. ليڪن اهي ٽيئي شيون توهان جون نه آهن، نفس، روح ۽ مال. وري فرمايائون ته توهان ٻن شين جي طلب ڪريو ٿا مگر حاصل ڪري نٿا سگهو. خوشي ۽ راحت. اهي ٻئي شيون توهان کي

بهشت ۾ ملنديون. فرمائين ٿا تہ توڪل جي معني اها آهي تہ پنهنجو پاڻ کي اطاعت يعني بندگيءَ جي درياہ ۾ وجهي ڇڏجي، ۽ خدا تي نظر رکجي. جيڪڏهن اهو ڏي تہ شڪر ڪجي ۽ نہ ڏي تہ صبر کان ڪم وٺجي. فرمائن ٿا تہ عارف جي دل کي ڪابہ شيءِ تاريڪ نٿي ڪري سگهي، بلڪ ان کان هر طرح جو انڌيرو دور ٿي سگهي ٿو. ڪنهن شخص حضرت ابو تراب رحہ کان پڇيو تہ اوهان جي ڪا حاجت آهي؟ فرمايائون تہ تو جهڙي ڪان نہ آهي، بلڪ خدا کان بہ ڪا حاجت ڪانهي. مطلب هي تہ مان مقام رضا تي آهيان، سو راضيءَ کي رضا سان ڪهڙو تعلق. فرمائن ٿا تہ فقير اهو آهي جو جنهن کي جو ڪجهہ بہ ملي وڃي تہ ان کي ئي پنهنجو قوت سمجهي. لباس بہ اهڙو هجيس جنهن سان صرف شرمگاہ ڍڪجي سگهي ۽ رهائش جي جاءِ بہ ايتري هجيس جو فقط جان محفوظ رکي سگهي. حضرت ابو تراب رحہ جي وفات بصري جي ميدان ۾ ٿي جتي چئني طرفن کان جهنگ هو. جڏهن وفات پاتائون تڏهن پاڻ قبلي رو بيٺا هئا، هٿ ۾ عصا هين پاڻيءَ جو ڪوزو اڳيان رکيو هون ۽ چپ خشڪ هئن. حضرت ابو تراب رحہ جي لاش کي سندن وفات جي ڪيترن سالن کان پوءِ ماڻهن ڪين قبلي طرف منهن واريءَ حالت ۾ بيٺل ڏٺو. ان کان پوءِ ڪين دفن ڪيو ويو انهيءَ عرصي ۾ ڪو بہ جهنگلي جانور سندن لاش جي نزديڪ ڪونہ آيو. سبحان الله وبحمده.

* ذڪر حضرت يحيیٰ معاذ رازي رحمت الله عليه *

حضرت يحيٰي معاذ رحمت الله عليه نهايت خليق، عابد ۽ زاهد هئا. خوف جو سدائين مٿن غلبو رهندو هو. پاڻ طريقت ۽ رياضت جي زبان هئا. بيحد بزرگ هستي ۽ ڪمال واعظ هئا. ان ڪري ڪين يحيٰي واعظ جي نالي سان سڏيندا هئا. علم ۽ عمل ۾ ثابت قدم هئا. مشاهدي ۽ مجاهدي ۾ سندن ڪو بہ ثاني ڪونہ هو. پاڻ پاڪ سخن ٻوليندا ۽ پاڪيزہ نفس رکندا هئا. ايتري قدر بہ بزرگن فرمايو آهي تہ الله جا ٻندا بہ يحيٰي ٿيا. هڪ يحيٰي عليه‌السلام نبين مان ۽ ٻيو يحيٰي اوليائن مان. بزرگن کان ماڻهن پڇيو تہ يحيٰي ذڪريا عليه السلام جي حال جي تہ اوهان کي خبر آهي. باقي يحيٰي معاذ جي حال جي ڪهڙي خبر رکو ٿا؟ جواب ڏنائون تہ اسان کي معلوم ٿيو آهي تہ يحيٰي رحہ ڪڏهن بہ ڪبيرو گناہ ڪونہ ڪيو آهي. رياضت جي معاملي ۾ ايتري قدر ڪوشش ڪندا هئا، جو ڪنهن ٻئي کي ايتري ڪانہ ٿي هئي. هڪ مريد، حضرت يحيٰي کان پڇيو تہ يا شيخ! خوف ۽ رجا ڇا آهن؟ فرمايائين تہ ترڪ عبوديت گمراهي آهي ۽ رجا (اميد) ايمان کي قائم رکڻ وارا آهن.

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن پاڻ منبر تي تشريف فرما هئا، ان وقت چار هزار آدمي حاضر هئا، پاڻ انهن ماڻهن ڪي هڪ نگاهہ سان ڏٺائون ۽ منبر تان هيٺ لهي آيا، ۽ فرمايائون تہ جنهن لاءِ منبر تي چڙهيو هوس اهو حاضر نہ آهي.

نقل آهي تہ حضرت يحيٰي رحہ جو هڪ ڀاءُ هو، جو مڪي شريف ۾ وڃي مجاور بڻجي ويهي رهيو. ان اتان حضرت يحيٰي ڏانهن خط لکيو تہ مون کي ٽن شين جي آرزو هئي. ٻہ آرزو تہ پوريون ٿيون آهن باقي هڪ رهجي ويئي آهي، دعا ڪريو تہ اها بہ پوري ٿئي. انهن ٽن آرزوئن مان هڪ هيءَ هئي تہ آخري عمر ۾ پنهنجي عمر خانقاہ مبارڪ ۾ گذاريان، سو مان ڪعبي ۾ اچي ويو آهيان، جيڪو بين خانقاهن کان وڌيڪ افضل آهي. ٻي اميد اها هئي تہ مون کي هڪ خادم هجي، جيڪو منهنجي خدمت ڪري ۽ منهنجي وضوءَ لاءِ پاڻي وغيره تيار ڪري، سو حق تعاليٰ منهنجي اها اميد بہ پوري ڪري هڪ نهايت اخلاق واري ٻانهي عنايت ڪئي آهي. منهنجي ٽئين آرزو هيءَ آهي تہ مرڻ کان اڳ مان توکي ڏسان. اميد آهي تہ خدا منهنجي اها مراد بہ پوري ڪندو. پاڻ حضرت يحيٰي رحہ پنهنجي ڀاءُ ڏانهن خط جي جواب ۾ لکيو تہ توهان جو لکيو آهي تہ مون کي هڪ بهترين مڪان يا خانقاہ جي آرزو هئي. ان جو جواب هي آهي تہ توهان خود بهترين مخلوق بڻجو پوءِ جنهن بہ مڪان ۾ رهڻ چاهيو تہ رهي سگهو ٿا. ڇاڪاڻ تہ ڪنهن بہ چڱيءَ جاءِ ۾ رهڻ کان چڱو ٿيڻ وڌيڪ بهتر آهي. ٻيو جو توهان لکيو آهي تہ مون کي خادم جي ضرورت هئي ۽ مون کي اهو بہ حاصل ٿي ويو آهي. ان جو جواب هي آهي تہ، جيڪڏهن توهان ۾ جوان مردي هجي ها تہ توهان خدا جي خادم کي پنهنجو خادم هرگز نہ بڻايو ها. ان کي حق جي خدمت کان باز رکي پنهنجي خدمت ۾ نہ رکو ها. توهان کي خود خادم ٿيڻ گهرجي. پر مخدومي واري آرزو ڪرڻ نہ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ مخدومي الله تعاليٰ جي صفت آهي ۽ خادمي بندي جي صفت آهي. بندي کي بندو ئي ٿيڻ گهرجي. جڏهن بندو حق جي آرزو ڪندو آهي تہ اهو فرعون بڻجي ويندو آهي. ٽيون توهان هي لکيو آهي تہ توهان کي منهنجي ديدار جي آرزو آهي، ان جو جواب هي آهي تہ جيڪڏهن توهان کي خدا جي خبر هجي ها تہ مان توهان کي ڪڏهن بہ ياد نہ اچان ها. توهان حق تعاليٰ سان اهڙي محبت رکو جو توهان کي ڀاءُ ياد نہ اچي. اتي تہ پٽ جي قرباني ڪرڻ گهرجي. پوءِ ڀلا ڀاءُ ڪهڙي شيءِ آهي جيڪڏهن تو ان کي حاصل ڪيو.

نقل آهي تہ حضرت يحيٰي رحہ پنهنجي هڪ دوست ڏانهن خط لکيو تہ دنيا هڪ خواب آهي، ۽ آخرت بيداري. اهو ئي شخص خواب ۾ ڏسي ٿو تہ خود روئي رهيو آهي. ان جي تعبير اها ٿيندي تہ هو بيداريءَ ۾ کلندو. مطلب تہ خواب جي دنيا ۾ روئبو تہ آخرت جي دنيا ۾

ڪلهن نصيب ٿيندو.

نقل آهي ته حضرت يحيى رحه کي هڪ ڌيءَ هئي، هڪ ڏينهن هن ماءُ کي چيو ته مون کي فلاڻي شيءِ ڏي. ماءُ چيس ته ڌيءَ! خدا کان گهر. هن چيو ته خدا کان گهرندي مون کي شرم ٿو ٿئي، جو نفس جي خواهش کي حق تعاليٰ کان گهران. مون کي تون ڏي. ڇاڪاڻ ته تون جيڪي ڏيندينءَ ته اها به ته خدا جي ملڪيت هوندي.

نقل آهي ته هڪ رات حضرت يحيى رحه جي اڳيان شمع ٻري رهي هئي، لڳي جو هوا ته شمع اُجهامي ويئي. اهو ڏسي پاڻ بيحد روئڻ لڳا. ماڻهن پڇيو ته اوهان ڇو روئي رهيا آهيو، اسان هاڻي جو هاڻي ٿا هن کي روشن ڪريون. پاڻ فرمايائون ته مان شمع جي وسامي وڃڻ ڪري ڪونه ٿو روئان، بلڪ انهيءَ سبب ڪري روئان ٿو ته جيڪي ايمان جون شمعون ۽ توحيد جا چراغ سينن ۾ روشن ڪيل آهن، ڊڄان ٿو ته ڪٿي بي نيازيءَ جي هوا هلڻ سبب اهي ته اُجهامي وڃن!

نقل آهي ته هڪ ڏينهن حضرت يحيى رحه جي اڳيان ماڻهن چيو ته ملڪ الموت جي هجڻ سان دنيا جي قيمت هڪ حبہ جي برابر به نه آهي. پاڻ فرمايائون ته جيڪڏهن ملڪالموت نه هجي ها ته به دنيا جي قيمت هڪ حبہ جي برابر نه هجي ها. وڌيڪ فرمايائون ته موت هڪ پل آهي، جو دوست کي دوست تائين پهچائي ٿو. فرمائن ٿا ته قيامت جي ڏينهن جيڪڏهن رب تعاليٰ مون کان پڇيو ته تون ڇا ٿو گهرڻ چاهين، ته مان چوندس ته خداوندا مان چاهيان ٿو ته مون کي قصر دوزخ ۾ وڃهه ۽ دوزخ جي داروغن کي حڪم ڏي ته منهنجي لاءِ باه جا پردا لٽڪائين ۽ انهن آتشي پردن ۾ باه جو تخت وڇائين. جڏهن مان قصر دوزخ ۾ تخت تي ويهان پوءِ مون کي اجازت ڏي ته مان ان باه ۾ هڪ ساه ڪڍان.

نوٽ:- هي حد درجي جي تقويٰ جو مقام آهي اهڙن ماڻهن سان بيشڪ الله تعاليٰ جي رحمت ۽ فضل شامل آهي. اهڙن ماڻهن جي صرف هڪ ڦوڪ سان ساري دوزخ جي باه وسامي سگهي ٿي. هتي حضرت يحيى رحه جو به اهو ئي مقصد هو صرف هڪ ساه جي ڪڍڻ ۽ ٻاهر ڪڍڻ سان دوزخ جي سموري باه ٿڌي ٿي وينديءَ پوءِ نه رهندو دوزخ ۽ نه ڪو دوزخي ٿي رهندو. هن ڳالهه جي ثابتيءَ ۽ شاهدي هن مان ملي سگهي ٿي: "جُزْ جُزْ مومن فان نورک اطفابهي" يعني اهڙي مومن لاءِ دوزخ خود پڪاريندو ته اي مومن! نڪري وڃ، نڪري وڃ، تنهنجي نور منهنجي باه کي وسائي ڇڏيو.

حضرت يحيى رحه فرمائن ٿا ته جيڪڏهن رب تعاليٰ مون کي دوزخ بخشي ڏي ته جيڪر مان عاشقن کي ڪونه جلايان. ڇاڪاڻ ته عاشق هر روز سؤ دفعا جلي چڪو آهي. ڪنهن سوال

ڪيو تہ عاشق جا جيڪڏهن گهڻا گناه هجن تہ پوءِ بہ ان کي نہ جلائيندا؟ پاڻ فرمايائون تہ نہ جلائيندس. انهيءَ ڪري تہ عاشق آهي گناه پنهنجي اختيار کان نہ ڪيا هوندا. عاشقن جا ڪم اضطرابي هوندا آهن، اختياري نہ هوندا آهن. سندن وڌيڪ فرمان هن طرح آهن.

بندو حق تعاليٰ کان جيترو ڊڄندو آهي تہ خلق وري اوتري قدر ان کان ڊڄندي آهي. بندو جيترو حق تعاليٰ سان مشغول هوندو آهي، اوتري قدر خلق ان جي ڪمن ۾ مشغول هوندي آهي. بندو حق تعاليٰ جي اطاعت ۾ جيترو شرم ڪندو، الله تعاليٰ ان کي دوزخ ۾ وجهڻ کان لحاظ ڪندو. بندو شرمندگيءَ جي سبب حياءُ ڪري ٿو ۽ حق تعاليٰ وري پنهنجي ڪرم جي سبب حياءُ ڪري ٿو. نيڪ ماڻهو پنهنجي نفس جي ڪري گناه ترڪ ڪونہ ٿو ڪري، بلڪ حق تعاليٰ جي شرم جي سبب کان ترڪ گناه ڪري ٿو. ڇاڪاڻ تہ هو ڄاڻي ٿو تہ رب پاڪ هن کي ڏسي ٿو ۽ ڪيئن انهيءَ چيز کان منع ڪئي اٿس. بس انهيءَ سبب ڪري هو گناه کان نفرت ڪري ٿو. رب تعاليٰ لاءِ نيڪ گمان ڪرڻ سڀ کان بهتر آهي، ۽ نيڪ اعمال سبب ٿي نيڪ گمان پيدا ٿين ٿا. اهي شخص بيحد نقصان ۽ خساري ۾ آهن جيڪي پنهنجو وقت بيهوده ڳالهين ۾ گذارين ٿا، ۽ پنهنجي عضون کي هلاڪت ۾ وجهن ٿا؛ بشرطيڪ هو گناه کان اڳ هوش ۾ هجن. جهان هڪ عبرت جي جاءِ آهي، جنهن شخص عبرت حاصل نہ ڪئي، ان لاءِ دنيا ۾ ڄڻ تہ ذري جيتري بہ عبرت ڪانهي. ٽن ماڻهن کان پاسو ڪريو. غافل علماءَ کان، سست قارين کان، ۽ جاهل صوفين کان. صديقن جي آرزو اڪيلائي آهي، ۽ ماڻهن سان آنس (ميلان) انهن لاءِ وحشت کان گهٽ نہ آهي. اولياءُ الله ۾ هي ٽي صفتون هونديون آهن. پهريون تمام معاملن ۾ الله تعاليٰ تي اعتماد رکن. ٻيو تمام شين کان بي نياز هجن. ٽيون هر شيءِ کي الله تعاليٰ جي طرف رجوع ڪرڻ.

دنيا وارن جي خدمت ڪندڙ نوڪر ۽ ٻانها آهن ۽ آخرت وارن جي خدمت ڪرڻ وارا نيڪ ماڻهو، آزاد ۽ بزرگ آهن. ”مردي“ بمعنيٰ بزرگي ٽن صفتن جي بغير حاصل نٿي ٿئي. پهريون هيءَ تہ اميرن کي نصيحت حاصل ڪرڻ جي غرض سان ڏسي ۽ نہ حسد جي وجہ کان. ٻيو هي تہ عورت کي شفقت جي نظر سان ڏسي ۽ نہ شهوت جي نظر سان. ٽيون هي تہ درويشن کي تواضع جي نظر سان ڏسي ۽ نہ غرور ۽ تڪبر جي نظر سان. الله تعاليٰ سان ڳالهيون ڪريو ۽ ماڻهن سان گهٽ ڪريو. جيڪڏهن عارف حق تعاليٰ جي ادب جو لحاظ نہ رکي تہ فوراً هلاڪ ٿي وڃي. جنهن جي تونگري حق تعاليٰ تي آهي اهو سدائين تونگر آهي. پر جنهن جي تونگري پنهنجي ڏنڌي جي ڀروسي تي آهي، سو هميشه فقير آهي. مون کي دوزخ جي موحدن جي آه تي تعجب آهي جو انهن جي توحيد جي صدق سان دوزخ جي ٻاه ڪيئن ٿي ٻري. جيڪو خدا کي

دوست رکي ٿو اهو نفس کي دشمن ٿو سمجهي. مومن لاءِ ٽي ڪم ڪرڻ گهرجن. پهريون جيڪڏهن تون هن کي ڪو فائدو نٿو رسائي سگهين ته هن کي نقصان به نه رساءِ ٻيو جيڪڏهن تون هن کي خوش نٿو رکي سگهين ته هن کي رنجاءِ به نه. ٽيون جيڪڏهن تون هن جي تعريف نٿو ڪري سگهين ته هن جي برائي به نه ڪر. سڀ کان وڏي اها بيوقوفي آهي، جو ڪم دوزخ جا ڪجن ۽ طمع بهشت جي رکجي. توبهه ڪري، وري گناه ڪرڻ توبهه ڪرڻ کان اڳ ستر گناهن جي برابر آهي. مون کي ان ڳالهه تي تعجب ٿو اچي ته پنهنجي تندرستيءَ جي بچاءَ ۽ ٺيڪ رهڻ لاءِ پنهنجي مرضيءَ سان کاڌي کان پرهيز ڪجي ٿي ليڪن گناه کان عذاب جي خوف واسطي پرهيز نٿي ڪئي وڃي.

دنيا شيطان جو دڪان آهي ۽ هرگز ان مان ڪا شيءِ نه چورايو، مبادا ان جي بدلي هو اوهان کان دين ڦري وٺي. دنيا ابليس جو شراب آهي، جو ان کي پيئي ٿو ته ان جو نشو سواءِ آخرت جي نٿو لهي. دنيا ۾ اهو شخص زاهد آهي جيڪو ان جو منهن ڪارو ٿو ڪري. دنيا ڪمائڻ ۾ نفس ذليل ٿئي ٿو، ۽ بهشت جي حاصل ڪرڻ ۾ نفس عزت حاصل ڪري ٿو. عقلمند ٽي شخص آهن، پهريون جو دنيا کي ترڪ ڪري. ٻيو جو قبر ۾ وڃڻ کان اڳ هن جو بنياد رکي. ٽيون خدا وٽ پهچڻ کان اڳ خدا کي راضي رکي. بندي لاءِ به اهڙيون مصيبتون آهن، جن کان زياده ٻي ڪابه دنيا ۽ آخرت ۾ مصيبت ڪانهي. اهي مصيبتون هي آهن: اول هي ته بندي جيڪو مال گڏ ڪيو آهي سو هن کان کسيو وڃي ٿو ۽ ٻيو هن کان ذري ذري جو حساب ورتو وڃي ٿو. دنيا جو مال ۽ زر، مثال نانگ ۽ وڇونءَ جي آهن. خبردار! جيستائين ان جو عمل نه سکو، هٿ نه وجهو نه ته انهن جو زهر اوهان کي هلاڪ ڪري ڇڏيندو. ڇيو ويو ته انهن جو عمل ڇا آهي؟ فرمايائون ته آمدني حلال جي هجي ۽ خرچ جائز طور ڪجي. عاقل جي طلب دنيا، جاهل جي ترڪ دنيا کان بهتر آهي. توڪل تي طعن (ٽوڪ) ڪرڻ وارو ڄڻ ته ايمان تي طعن ڪري ٿو. جيڪو شخص مال تي تڪبر ڪري ٿو ان سان تڪبر سان پيش اچڻ عين تواضع آهي. بک نور آهي، ۽ سير هجڻ يعني پيٽ ڀريل نار (باهه) آهي. شهوت ان جي خوراڪ آهي، جنهن سان اهڙي باهه پيدا ٿئي جنهن جو وسامڻ نهايت مشڪل آهي بلڪ ناممڪن آهي جيستائين خدا نه وسائي. بک مريدن جي لاءِ رياضت آهي، توبهه ڪندڙ لاءِ تجربو آهي، زاهد لاءِ سياحت، ۽ عارف لاءِ هن جي عزت جي منزل آهي. مان انهيءَ زاهد کان خدا جي پناه طلب ڪريان ٿو جيڪو اميرن جي مختلف کاڌن سان پنهنجي معدي کي خراب ٿو ڪري. فرمائن ٿا ته آخرت جي طالب جي دل، ٽن جاين تي ئي مطمئن ٿي سگهي ٿي. پهريون گهر جي گوشه ۾ ٻيو مسجد ۾ ٽيون قبرستان ۾ يا چوٿون اهڙيءَ جاءِ تي جتي هن کي ڪوئي ڏسي نه

سگهي. مريدن لاءِ سڀ کان وڌيڪ سخت ڳالهه آهي، ماڻهن جي همنشينيءَ کان پري پڄڻ. اعمال لاءِ ڳالهين جا حاجتمند آهن. پهريون علم ٻيو نيت ٽيون خلوص. توڪل جي سبب کان ۽ بندگيءَ کان آزادي حاصل ٿي سگهي ٿي. ايمان ٽن چيزن جو نالو آهي. پهريون رجا (اميد) ٻيو محبت ٽيون خوف. خوف کان گناه جو ترڪ ٿئي ٿو، اميد کان عبادت ڪرڻ تي دل چاهي ٿي ۽ محبت کان حق جي رضا حاصل ٿئي ٿي. عارف اهو آهي جنهن جي نزديڪ ذڪر الاهيءَ کان وڌيڪ ٻي ڪا شيءِ محبوب نه هجي. خوف دل ۾ هڪ درخت آهي، جنهن جو ڦل دعا ۽ منت آهي. خوف جي صورت ۾ سڀيئي عضوا مشغول رهن ٿا، ۽ طالب جي سبب کان بلند منزل خوف آهي، دراصل ماڻهن جي سڀ کان مٿانهين منزل حياءَ آهي. هر چيز جي ڪا نه ڪا نيت ٿيندي آهي. عبادت جي نيت خوف. جيڪو شخص سوچڻ کان اڳ ڪا ڳالهه ڪندو اهو آخر پشيمان ٿيندو.

توبهه جون ٽي علامتون (نشانيون) آهن. پهريون روزيءَ جي سبب کان گهٽ کائڻ. ٻيو نماز جي سبب کان ٿورو سمهڻ ۽ خدا جي واسطي ٿورو ڳالهائڻ.

ذڪر الاهي سيني گناهن کي غرق ڪري ڇڏي ٿو. هن جي رضا اميدن کي غرق ڪري ڇڏي ٿي. هن جي محبت عقل کي غرق ڪري ڇڏي ٿي، ۽ هن جي دوستي ٻين کي وساريو ڇڏي ٿي ته پوءِ هن جي لطف جو اندازو ڇا لڳائي سگهبو. توهان جو راضي هجڻ، خدا جي راضي هجڻ جي علامت آهي. کانئن پڇيو ويو ته ڇا اهڙو به ڪو شخص آهي جو معرفت جي دعويٰ به ڪندو هجي ۽ هن کان راضي به نه هجي. فرمايائون هائو جيڪو انعام کان غافل هوندو اهو ئي اهڙو شخص هوندو.

ڪنهن شخص حضرت يحييٰ معاذ رحه کان پڇيو ته مان ڪڏهن توڪل کي پهچندس ۽ ڪڏهن زاهدن وٽ ويهندس؟ پاڻ فرمايائون ته جڏهن نفس کي ان حد تائين رياضت ۾ وجهندين، ته جيڪڏهن ٽن ڏينهن تائين توکي ماني نه ملي ته تو ۾ ڪمزوري ظاهر نه ٿئي. جيڪڏهن ان حد تائين نه پهچي سگهين ته زاهد چوائڻ جهالت آهي، ۽ پوءِ تنهنجي ذلت جو خطرو آهي.

کانئن پڇيو ويو ته قيامت جي ڏينهن سڀ کان زياده بي خوف ڪير هوندو؟ فرمايائون ته جيڪو اڄ، سڀ کان وڌيڪ ڊڄي ٿو. پڇيو ويو ته آدمي ڪڏهن توڪل تي پهچي وڃي ٿو؟ فرمايائون ته جڏهن خدا کي پنهنجو ڪارساز سمجهي وٺي. پڇيو ويو ته تونگري ڇا آهي؟ فرمايائون ته الله تعاليٰ ۾ تسلي رکڻ. پڇيو ويو ته عارف ڪير آهي؟ فرمايائون ته جو هست ۽ نيست هجي يعني جيئرو به هجي ۽ فنا به هجي. پڇيو ويو ته درويشي ڇا آهي؟ فرمايائون ته خدا تعاليٰ جي حق ۾ تمام مخلوق کان بي نياز ٿي وڃڻ. پڇيو ويو ته محبت جي نشاني ڇا آهي؟

فرمايائون تہ وفا ڪان زياده نہ هجي ۽ جفا ڪان گهٽ نہ هجي. ڪنهن شخص عرض ڪيو تہ مون کي وصيت فرمايو، فرمايائون تہ جڏهن منهنجو ئي نفس منهنجي ڳالهہ نٿو مڃي تہ ٻيو ڪيئن مڃيندو.

حضرت يحييٰ معاذ مناجات ۾ خدا تعاليٰ کي عرض ڪندا هئا تہ اي الاهي! تو حضرت موسيٰ عليہ السلام ۽ ان جي ڀاءُ حضرت هارون عليہ السلام کي فرعون جهڙي باغي شخص ڏانهن موڪليو، ۽ فرمايو تہ هن سان نرميءَ سان ڪلام ڪجو. خداوندا هي تنهنجو لطف و ڪرم آهي جو فرعون جهڙي خدائيءَ جي دعوا ڪندڙ سان ڪيو. ڀلا انهيءَ شخص سان تنهنجو لطف ۽ ڪرم ڪهڙو هوندو، جيڪو هر وقت دل ۽ جان سان تنهنجي بندگي ڪري ٿو. "آنا ربكم الاعليٰ" * جي بجاءِ سبحان ربي الاعليٰ" چوي ٿو. وري چوندا هئا تہ خداوندا! گناهن جي سبب کان توکان دعا گهرڻ کان ڪيئن ٿو باز رهي سگهان. جڏهن تون گناه وارن تي بہ عطا ڪرڻ کان نٿو رهين. خداوندا جو بہ گناه مون کان سرزد ٿئي ٿو ان جا ٻہ رخ هوندا آهن. هڪ تنهنجي لطف و ڪرم جي طرف ۽ ٻيو پنهنجي ڪمزوريءَ جي طرف. سو پنهنجي رخ جي سبب ڪري منهنجا گناه بخشي ڇڏ.

وڏيڪ چوندا هئا تہ اي خداوند ڪريم! مان توکان انهيءَ ڪري ڊڄان ٿو تہ تنهنجو بندو آهيان تنهنجي لطف و ڪرم ۾ اميد رکان ٿو، ڇاڪاڻ تہ تون خداوند ڪريم آهين. اي الاهي! تون سياڻي، قيامت جي ڏينهن مون کان پڇندين تہ تون ڇا آندو آهي؟ تہ مان عرض ڪندس تہ اهو شخص جنهن جا وار ڪنبريل هجن، ڪپڙا خراب هجن، جيڪو فڪر ۽ شرمندگيءَ ۾ مبتلا هجي، اهو دنيا جي قيد خاني مان ڀلا ڇا ٿو آڻي سگهي! مون کي غسل ڏي خلعت عطا ڪر، ۽ ڪو سوال نہ ڪر.

حضرت يحييٰ معاذ رحہ اڪثر ڪري غريب ماڻهن، حاجين، فقيرن، حاجتمندن ۽ عالمن تي خرچ ڪندا رهندا هئا. جنهن ڪري مٿن ڪيترا ئي هزار قرض چڙهي ويو هو. قرضدارن ڏاڍو تنگ ڪرڻ شروع ڪيو. خواب ۾ جناب رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي زيارت نصيب ٿين. نبي ڪريم جن فرمايو تہ اي يحييٰ! دل تنگ نہ ڪر. خراسان ۾ وڃ اتي هڪ شخص تنهنجي لاءِ رپيا گڏ ڪري رکيا آهن. عرض ڪيائين تہ اهو شخص ڪٿي ملندو؟ ۽ اهو ڪير آهي؟ فرمايائون تہ تون شهر شهر ۾ وعظ ڪندو وڃ. جنهن نموني توکي چيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح ان شخص کي بہ خواب ۾ آگاه ڪيو ويندو.

---

* اهو فرعون جو نعرو هو. پاڻ کي خدا چوائيندو هو.

آخر حضرت يحييٰ معاذ رحہ ارشـاد نبوي صلي الله عليه وسلم جن جي مطابق وعظ ڪندا ڪندا نيشاپور وچي پهتا. اتي ڪيترن ئي ماڻهن سندن قرض ادا ڪرڻ جي خواهش ظاهر ڪئي. مگر پاڻ انڪار ڪيائون، ۽ فرمايائون تہ منهنجو قرض هڪ ئي شخص ادا ڪندو، ڇاڪاڻ تہ جناب رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جن هڪ ئي شخص لاءِ ارشاد فرمايو آهي. نيشاپور ڪان پوءِ بلخ ۾ پهتا. اتان مرو جي شهر ۾ آيا. اتي مرو جي هڪ امير جي ڌيءَ، حضرت يحييٰ معاذ رحہ جو قرض ادا ڪيو، جنهن چيو تہ مان ايترا ڏينهن اوهان جي انتظار ۾ هيس، مونکي ارشـاد ٿيو آهي تہ اوهان جو قـرض ادا ڪريان. حضرت يحييٰ معاذ رحہ جي وعـظ ۾ اهو اثر هوندو هو، جو هڏن سان اڪثر آدمي خوف الاهيءَ جي سبب سلامت رهي نہ سگهندا هئا. جڏهن قـرض ادا ڪرڻ لاءِ رپيا ڪٺي واپس اچي رهيا هئا تہ ان وقت سندن فرزند ساڻ هـو. رستي ۾، صبح جي وقت جڏهن مناجات ۾ مصروف هئا تہ ڪنهن طـرف ڪان هڪ پٿر اچـي سندن مٿي ۾ لڳو. پٿر جي لڳندي ئي پاڻ جان بحق تسليم ڪري ويا. يعني وفات پاتائون. سندن فرزند واپس اچي قرض ادا ڪيو. اهـل طريقت حضرت يحييٰ معاذ رحہ جي لاش ڪي نيشاپور ڪڻائـي آيـا ۽ ڪين معمر قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.

والله اعلم بالصواب.

* ذڪر حضرت شاهٔ شجاع ڪرماني رحمت الله عليه *

حضرت شاه شجاع رحمت الله عليه چشم بصيرت جا آفتاب، صورت ۽ سيرت جـا شاهباز ۽ معرفت جا صديق هئا. پنهنجي عهد جي مشائخين مان هئا ۽ پنهنجي زماني جـا الوالعزم بزرگ هئا. سندن تدبير ۽ دانائيءَ جو اهو عالم هو جو مشڪل ڪان مشڪل نقطو بہ آسانيءَ سان حل ڪري ڏيندا هئا. سندن تصنيف ڪيل ڪتاب "مـراةالحڪماءُ" ڪي ڏسڻ سـان معلوم ڪري سگهجي ٿـو تہ پاڻ ڪيڏي نہ لئند پايہ جا عالم با عمل بزرگ ٿـي گذريا آهن. پـاڻ ڪيترن مشائخن ۽ صالحن جي زيارت ڪيائون. پاڻ اڪثر قبا (ڪليل جامو) پهريندا هئا. جڏهن حضرت شاه شجاع نيشاپور ويا تہ ابوالحفض ڪين ڏسي تعظيم لاءِ اٿي بيهي رهيو ۽ فرمايائين تہ مان قبا ۾ اهو ڪجهہ ڏٺو جو * عبا ۾ ڪونہ ڏٺو هو.

چاليهن سالن تائين پاڻ ڪين سمهيا. آخر چاليهن سالن ڪان پوءِ سمهيا، تہ جنهن خدا جي خاطر نہ سمهندا هئا ان ڪي خواب ۾ ڏٺائون. پوءِ عـرض ڪيائون تہ الاهي! مان تہ توکي رات

*پوشاڪ جو هڪ قسم آهي جو پيرن تائين ڊگهو هوندو آهي.

جي بيداريءَ ۾ ڪوليندو هوس، ليڪن توکي خواب ۾ ڏٺم. جواب مليو تہ ان بيداريءَ سبب ئي توکي خواب ۾ اسان جو ديدار نصيب ٿيو آهي. ان کان پوءِ اهو دستور ڪري ڇڏيائون تہ جتي بہ ويندا هئا تہ سيراندي ڏيئي سمهي پوندا هئا. چوندا هئا تہ هڪ دفعو ٻيو بہ اهڙو ئي خواب ڏسڻ گهران ٿو.

حضرت شاه شجاع رحہ جو جڏهن پهريون فرزند پيدا ٿيو تہ ان جي سيني تي صاف اکرن سان ”جل جلاله“ لکيل هو. جڏهن اهو جوان ٿيو تڏهن هو چنگ و رباب وڄائڻ سکيو، ۽ آواز بہ سٺو هوس. هڪ دفعي هو جهنگ مان رباب وڄائيندو گهٽيءَ مان لنگهي رهيو هو تہ هڪ عورت جا پنهنجي مڙس سان سمهي پيئي هئي تنهن آواز ٻڌي ورتو، آواز جي شوق کان مڙس کي ڇڏي، شاه شجاع جي پٽ جي پٺيان هلي وئي. ايتري ۾ عورت جي مڙس جي اک کلي. زال کي نہ ڏسي هيڏي هوڏي نهارڻ لڳو مگر نظر ڪانہ آيس. پوءِ ٻاهر نڪري زال جي ڳولا ڪيائين ۽ ڏٺائين تہ سندس زال حضرت شاه شجاع جي فرزند سان بيٺي آهي. اهو حال ڏسي هن شخص حضرت شاه شجاع جي فرزند کي چيو تہ اڃا توبهہ جو وقت نہ آيو آهي ڇا؟ اهو ٻڌندي ئي حضرت جن جي پٽ رباب کي پڇي ڦٽو ڪري ڇڏيو ۽ چيائين تہ هائو، توبهہ جو وقت اچي ويو آهي. پوءِ گهر وڃي غسل ڪيائين ۽ رياضت ۾ مصروف ٿي ويو. حضرت شاه شجاع رحہ پنهنجي پٽ جو اهو حال ڏسي فرمايو تہ جيڪا ڳالهہ مون کي چاليهن سالن ۾ ملي اها هن کي چاليهن ڏينهن ۾ ملي وئي.

نقل آهي تہ وقت جي بادشاه حضرت شاه شجاع رحہ کان ڌيءَ جي سڱ جي گهر ڪئي پاڻ فرمايائون تہ مون کي ٽن ڏينهن جي مهلت ملي، مهلت ملڻ تي پاڻ مسجد جي چوڌاري طواف ڪرڻ شروع ڪيائون. ٽئين ڏينهن هڪ درويش سان ملاقات ٿين، جو نهايت چڱيءَ طرح سان نماز پڙهي رهيو هو. جڏهن درويش نماز کان فارغ ٿيو تہ حضرت جن فرمايس تہ اي درويش! توکي زال آهي؟ درويش چيو تہ مان جهڙي مفلس کي ڪير زال ڏيندو! جنهن وٽ ٽن درهمن کان وڌيڪ ڪجهہ ڪينهي! پاڻ فرمايائونس تہ فڪر نہ ڪر. اهي ٽيئي درهم هڪ مانيءَ لاءِ هڪ شيرينيءَ لاءِ ۽ هڪ خوشبوءِ لاءِ خرچ ڪر، ۽ عقد نڪاح ڪري ڇڏ. اهڙيءَ طرح حضرت شاه شجاع رحہ پنهنجي ڌيءَ جو نڪاح هن فقير سان ڪري ڇڏيو. رات جي وقت ڇوڪريءَ جڏهن دسترخوان تي سڪي ماني ڏٺي تہ پڇيائين تہ هيءَ ڪهڙي ماني آهي؟ درويش چيو تہ مون کي پهريائين معلوم هو تہ شاه جي ڌيءَ منهنجي مفلسيءَ ۾ شرڪت نہ ڪري سگهندي. ڇوڪريءَ چيو تہ ائين نہ آهي، پر مون کي پنهنجي پيءُ تي افسوس آهي تہ جنهن مون کي اهڙي شخص جي حوالي ڪيو آهي جو جنهن کي روزيءَ ۽ ڌڻي تي اعتماد ڪونهي. درويش

اهو ٻڌي چيو ته ڇا ان جو ڪفاره به ٿي سگهي ٿو؟ جو ڇوڪريءَ چيو تہ هاڻوا هن گهر ۾ يا مان رهنديس يا خشڪ ماني. ان ڪان پوءِ درويش حضرت شاه شجاع رحہ ڏي خط لکيو تہ مان پنهنجي نفس ۽ عمل تي نظر وڌي تہ مان نا اميد ٿي ويس. والسلام هن جي خط جي جواب ۾ حضرت شاه شجاع لکيو تہ مان تنهنجي خط کي دل جو آئينو بنائي ڇڏيو. جيڪڏهن پنهنجي نفس ڪان خالص نا اميدي پيدا ٿيندي آهي ته پوءِ الله تعاليٰ ۾ خاص اميد پيدا ٿي ويندي آهي، ۽ جڏهن الله تعاليٰ ۾ خاص اميد پيدا ٿي ويندي آهي تڏهن خاص خوف پيدا ٿيندو آهي. مان پنهنجي نفس ڪان نا اميد ٿي، خدا کي ياد ڪري سگهان ٿو. جيڪڏهن خدا کي ياد ڪندس تہ خدا مون کي ياد ڪندو.

حضرت شاه شجاع رحہ ۽ حضرت يحيٰي معاذ رحہ جي وچ ۾ دوستي هئي، ڪڏهن ڪڏهن ٻئي دوست شهر ۾ گڏجي ويندا هئا. مگر حضرت شاه شجاع رحہ حضرت يحيٰي معاذ رحہ جي مجلس ۾ ڪونہ ويندا هئا. ماڻهن انهيءَ جو سبب پڇيو تہ فرمايائون تہ مصلحت انهيءَ ۾ آهي تہ مان هن وٽ نہ وڃان. آخر گهڻيءَ منت ۽ خوشامد ڪان پوءِ هڪ ڏينهن حضرت يحيٰي رحہ جي مجلس ۾ تشريف فرما ٿيا، مگر حضرت يحيٰي رحہ هڪ گوشہ ۾ ويٺا هئا. حضرت شاه شجاع رحہ کي ڏسي حضرت يحيٰي رحہ خاموش ٿي ويا. ماڻهن گهڻي ئي ڪوشش ڪئي تہ حضرت يحيٰي رحہ ڪجهہ بيان فرمائين مگر يحيٰي رحہ صرف ايترو فرمايو تہ هو شخص (حضرت شاه شجاع) موجود آهي جو مون ڪان بهتر آهي. اهو ٻڌي حضرت شاه شجاع رحہ فرمايو تہ ڇا مان ڪين چيو هو تہ منهنجي نہ اچڻ ۾ مصلحت آهي. فرمائن ٿا تہ فقر الله تعاليٰ جو راز آهي، جو ٻندن وٽ رهي ٿو. جيستائين اهو پوشيده رکندو تيستائين هو امين آهي، ۽ جڏهن ظاهر ڪندو تہ فقر جو نالو ئي ڪجي ويندو.

فرمائن ٿا تہ صدق جون ٽي علامتون آهن. پهريون هي تہ دنيا جو قدر دل مان قطعي طور ڪڍي ڇڏي، سون مٽيءَ برابر نظر اچي. جڏهن سون ۽ چاندي هٿن ۾ اچي تہ ان کي اهڙيءَ طرح ٻاهري ڇڏجي جيئن گند ۽ خاڪ کي ٻاهري ڏني ويندي آهي. ٻيو هي تہ خلق جي تعريف ۽ ذلت ٻنهي نظرن ۾ برابر هجن. ٽيون شهوت کي دل مان ڪڍي ڇڏڻ ۾ ايتري خوشي ڪريو جيتري خوشي دنيا وارا شهوت پوري ڪرڻ ڪان پوءِ ڪندا آهن.

فرمائن ٿا تہ سڀ ڪان سٺو خوف هي آهي، تہ خدا جي حقن ۾ پنهنجو پاڻ کي سڀ ڪان زياده قصور وار سمجهو. فرمائن ٿا تہ صبر جي علامت هي آهي تہ ٽي ڳالهيون صابر کي حاصل هجن. پهريون شڪايت جو ترڪ ڪرڻ. ٻيو صدق سان رضا جو قبول ڪرڻ ۽ ٽيون خوشيءَ سان گڏ قضا جو قبول ڪرڻ. فرمائن ٿا تہ تقويٰ جي علامت پرهيزگاري آهي، ۽ پرهيزگاريءَ

جي علامت شڪ ۽ شبهات ڪان پري رهڻ آهي. هڪ ڏينهن پاڻ مريدن کي فرمايائون تہ ڪوڙ، غيبت ۽ خيانت ڪان بچو، باقي جو چاهيو سو ڪريو.

نقل آهي تہ حضرت شاه شجاع رحہ جي فوت ٿي وڃڻ ڪان پوءِ خواجہ علي هميشه سندن تربت تي وڃي ڪاڏو خيرات ڪندو رهندو هو. هڪ ڏينهن ڪاڏو اڳيانس رکيو هو ۽ چئي رهيو هو تہ اي خدا! ڪنهن مهمان کي موڪل انهيءَ وقت هڪ طرف ڪان هڪ ڪتو آيو، جنهن کي خواجہ هڪل ڏيئي ڀڄائي ڪڍيو. ڪتي جي ڀڄي وڃڻ ڪان بعد غيب ڪان آواز آيو تہ تون مهمان جو طالبو هئين، اسان تـوڏي مهمان موڪليو، مگر تـون هن کي خالي واپس موٽائي ڇڏيو. انهيءَ وقت خواجہ صاحب اٿـي ڊوڙيو ۽ انهيءَ ڪتي کي تـلاش ڪرڻ لڳو مگر ڪتو ڪونہ مليس. آخـر هڪ جهنگ ۾ انهيءَ ڪتي کـي ڏٺائين، اهو ڪتو زمين تي ليٽيو پيو هـو. ان وقت خواجہ وٽ جو ڪجهہ هـو سو سمورو ڪتي جي اڳيان رکيائين. مگر ڪتي ڪو توجہ ڪونہ ڪيو. خواجہ ڏاڍو شرمندو ٿيو ۽ درگـاه الاهـيءَ ۾ استغفار ڪـرڻ لڳو. اهتري ۾ ڪتي ڳالهايو ۽ چيائين تـہ اي خواجہ! توکي مهمان جي بجاءِ اکيون طلب ڪرڻ گهرجن. جيڪڏهن شاه شجاع جو واسطو وچ ۾ نہ هجي ها تہ اڄ مزو ڏسين ها.

● ذڪر حضرت يوسف بن الحسين رحمت الله عليه ●

حضرت يوسف رحمت الله عليه وقت جا قطب ۽ عظيم مشائخين مان شمار ڪيا ويندا هئا. کين ظاهر ۽ باطـن جي مختلف علمن ۾ ڪمال حاصل هـو. اهاڻري ۽ ڪوهستان جـا پيشوا ۽ امام هئا. ڪيترن مشائخين کي پاڻ ڏٺـو هوائون. حضرت ذوالنون مصري رحہ جي مريدن مـان هئا. حضرت يوسف رحہ جي عمر تمام وڏي هئي، پاڻ عالي همت هئا. سندن رياضتون ۽ ڪرامتون بي شمار آهـن.

شروع ۾ حضرت يوسف رحہ پنهنجي رفيقن سـان گڏ جڏهـن عربستان جـي هڪ قبيلي ۾ پهتا تہ اتي جي هڪ عرب امير جي ڌيءَ متن عـاشق ٿي پيئي، ۽ وجهہ وٺـي اڪيلائيءَ ۾ سندن خدمت ۾ آئي پاڻ ان کي ڏسندي ئي ڪنبڻ لڳا، ۽ ڇوڪريءَ کـي انهيءَ جاءِ تي ئي ڇـڏي پاڻ گهڻو پـري ڀڄي ويا، ۽ سـاري رات ڪين سمهيا. ٻيءَ رات جو بہ سا ڳيو حـال ٿيو. ٽئين ڏينهن وڃي ننڊ جـو موقعو ملين. رات جـو حضرت يوسف عليه السلام کي خـواب ۾ ڏٺائون. يوسف رحہ جي پڇڻ تي حضرت يوسف عليه السلام فرمايو تـہ الله تعاليٰ مون کي فرشتن سان گڏ تنهنجي ملاقات لاءِ موڪليو آهي، ۽ توکي بشارت ڏنـي آهي. ڪيس وري فرمايائون تہ تون مصر

۾ وچ ۾ اتي ذوالنون مصري رحہ جي خدمت ۾ حاضر ٿيءُ. خواب مان بيدار ٿي مصر وڃڻ جو ارادو ڪيائون. مصر ۾ پهچي ذوالنون رحہ جي مسجد ۾ وڃي هڪ سال تائين رهيا، مگر ايتري همت ڪانہ پيئي ٿئين تہ بزرگ کان ڪجهہ پڇن. هڪ سال کان بعد حضرت ذوالنون رحہ کانئن پڇيو تہ تنهنجو وطن ڪٿي آهي؟ چيائون تہ علائقہ "ري" اهڙيءَ طرح هڪ سال ٻيو گذري ويو. انهيءَ وچ ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڳالهہ ٻولهہ ڪانہ ٿي. ٽن سالن بعد حضرت ذوالنون رحہ وري حضرت يوسف رحہ کان پڇيو تہ تون هت ڪيئن آيو آهين؟ عرض ڪيائين تہ حضرت يوسف صديق عليہ السلام جي بشارت مطابق اسم اعظم سکڻ لاءِ حاضر ٿيو آهيان. ٽئين سال گذرڻ بعد حضرت ذوالنون رحہ يوسف رحہ کي هڪ منهن ڍڪيل پيالو ڏيئي چيو تہ درياہ جي فلاڻي طرف، فلاڻي ماڻهوءَ کي ڏيئي اچ. پر جيڪي ڪجهہ اهو چوئي سو ياد رکجانءِ. نيٺ پيالو کڻي هليو ويو. رستي ۾ خيال پيدا ٿين تہ خبر نہ آهي تہ هن پيالي ۾ ڇا آهي. دل ۾ آين تہ جيڪر پيالي کي کولي ڏسجي. نيٺ گهڻيءَ خيالي ڪشمڪش کان پوءِ پيالي کي کوليائون تہ ان ۾ هڪ ڪئو ٻيل هو، جو پيالي کولڻ سان ئي ٽپ ڏيئي ڀڄي ويو. پاڻ ڏاڍو حيران ٿيا، ۽ سوچڻ لڳا تہ هاڻي ڇا ڪريان. واپس ذوالنون رحہ وٽ وڃان يا انهيءَ شخص وٽ وڃان جنهن ڏانهن حضرت ذوالنون رحہ فرمايو هو. ڪجهہ وقت جي سوچ ويچار کان پوءِ ان شخص وٽ وياہ ان بزرگ کين ڏسي مسڪرايو ۽ فرمايو تہ شايد تو ذوالنون رحہ کان اسم اعظم پڇيو آهي، عرض ڪيائين تہ هائو. بزرگ فرمايو تہ ذوالنون رحہ تنهنجي بي صبريءَ کي ڏسي ڪئو ڏنو هو، جڏهن هڪ ڪئي جي توکان حفاظت ٿي نہ سگهي تہ پوءِ اسم اعظم جي حفاظت ڪيئن ڪري سگهندين. اهو ٻڌي پاڻ ڏاڍا شرمندا ٿيا ۽ واپس ذوالنون رحہ جي خدمت ۾ آيا، کين ڏسي ذوالنون رحہ فرمايو تہ اڃا وقت ڪونہ آيو آهي. پوءِ حضرت يوسف رحہ عرض ڪيو تہ ڪجهہ وصيت فرمايو، ذوالنون رحہ فرمايو تہ مان توکي ٽي ڳالهيون ٻڌايان ٿو. پهريون تہ جيڪي ڪجهہ تو پڙهيو ۽ لکيو آهي سو سڀ وساري ڇڏ. ٻيو منهنجي نالي ڪنهن کي بہ نہ چئہ، بلڪ مون کي بہ وساري ڇڏ. ٽيون خلق کي خدا جي طرف سڏ. آخر وعدو ڪري حضرت يوسف رحہ واپس وطن موٽي آيا. خلقت کي خدا جي طرف سڏيندا رهيا (سڏڻ مان مراد آهي، تبليغ ڪرڻ) مگر اڪثر ماڻهو جيڪي اهل ظاهر هئا سي حضرت يوسف رحہ جي مقابلي لاءِ اٿي کڙا ٿيا، آخر نوبت اتي وڃي پهتي جو سندن مجلس ۾ هڪ شخص بہ ڪونہ ايندو هو. هڪ ڏينهن هڪ مجلس ۾ پهتا، ۽ ڪجهہ بيان ڪرڻ ٿي گهريائون تہ ماڻهو هليا ويا. پاڻ بہ اڃا واپس وڃڻ ٿي گهريائون تہ ايتري ۾ هڪ طرف کان هڪ پوڙهي عورت کي ڏٺائون، جنهن حضرت يوسف رحہ کي مخاطب ٿي چيو تہ ڇا تو ذوالنون رحہ سان عهد نہ ڪيو هو تہ خلق کي هدايت

جي طرف سڏيندس. پوءِ هاڻي واپس ڇو وڃين رهيو آهين. اهو ٻـڌي پاڻ ڏاڍو حيران ٿيا. انڪان پوءِ پنهنجو اهو دستور بڻائي ڇڏيائون تہ ڪوئي ٻـڌي نہ ٻـڌي پاڻ بيان ڪندا رهندا هئا. ايتري تائين جو پنجاهہ سال گـذري ويا. ابراهيم خواص رحہ جيڪي حضرت يوسف رحہ جا خاص مريد هئا ڪمال مرتبي تي پهتل هئا. بيان ڪن ٿا تـہ هڪ ڏينهن مـان هڪ ندا ٻڌي تہ يوسف الحسين کي وڃي چئو تـہ تون درگاهہ الاهيءَ ڪان تڙيل آهين. مون کي اها نـدا ڏاڍي ڏکي لڳي، مگر چپ رهيس. ٻئي دفعي وري ساڳئي نـدا آئي، مـان توبهہ استغفار ڪئي. ٽئين دفعي وري حڪم ٿيو تہ وڃي ڪري يوسف رحہ کي چئو تہ درگاهہ الاهيءَ کان تڙيل آهين، نہ تہ توکي سخت سزا ڏني ويندي. مان حيران هوس، نيٺ لاچار ٿي حضرت جن جي خدمت ۾ آيس ڏٺم تہ پاڻ محراب ۾ ويٺل هئا. مون کي ڏسي فرمايائون تـہ ڪوئي شعر پڙهہ. مان هڪ شعر پڙهيو، جو ٻـڌي پاڻ ڏاڍو رنـا پوءِ منهنجي طـرف ڏسي فرمايائون تـہ صبح کان وٺـي هن وقت تائين منهنجي سامهون قرآن ڪريم پڙهيو ويندو آهي، ليڪن منهنجي اکين مان پاڻيءَ جو هڪ قطرو بہ ٻاهر نہ نڪرندو آهي، ليڪن هن شعر تي رت جا ڳوڙها ٿا وهن. ابراهيم خواص رحہ فرمائي ٿو تہ اهو ٻـڌي مان وڌيڪ حيران ٿيس ۽ منهنجي اعتقاد ۾ ڪجهہ سستي پيدا ٿي، مان ڏڄـي ويس ۽ اُتان هليو ويس، واپسيءَ تي جهنگ ۾ حضرت خضر عليہ السلام سـان ملاقات ٿي انهن فرمايو تـہ يوسف الحسين، الله تعاليٰ جا زخم کاڌل آهن مگر ان جي جاءِ بهشت ۾ آهي.

نقل آهي تہ شرير ڇوڪرو، عبدالواحد زيـد، جنهن جو پيءُ ماءُ پنهنجي پٽ جي شرارتن کان تنگ اچي چڪو هو. هڪ دفعي اهـو ڇوڪرو حضرت يوسف رحہ جي خدمت ۾ ويو. ان وقت پاڻ هي فرمائي رهيا هئا تہ الله تعاليٰ پنهنجي لطف ۽ ڪرم سان گنهگار کي اهڙيءَ طـرح پنهنجي طـرف گهرائيندو آهي. جيئن ڪو ڪنهن کان حاجتمند هونـدو آهي. جڏهن ڇوڪري جي ڪنن تي اهي لفظ پيا تـہ مٿس هڪ حالت طاري ٿي ويئي، فوراً ڪپڙا ڦاڙي ڇڏيائين ۽ نعرو هڻي قبرستان جي طرف نڪري ويـو. ٽي راتيون ۽ ٽي ڏينهن هن جـو پتو ڪونہ پيو. هڪ رات حضرت يوسف خواب ۾ هن ڇوڪري کي ڏٺو، ان سان گڏ الله تبارڪ وتعاليٰ جي طـرفان آواز ٻڌائين تہ اي يوسف رحہ توبهہ ڪندڙ نوجوان وٽ پهچ. انهيءَ تـي پاڻ هڪدم ان ڇوڪري جي تـلاش ۾ نڪتا، تـلاش ڪندي ڪندي هڪ جـاءِ تي وڃي ڏٺـائون ۽ هڪدم جهوليءَ ۾ ڪئي ورتائون انهيءَ وقت هـن ڇوڪري اک کولي، ۽ حضرت يوسف رحہ کي چيائين تـہ ٽن ڏينهن کان وٺي اوهان ڏانهن چوائي موڪليو هو مگر اوهان اڄ آيا آهيو.

نقل آهي تہ هڪ سوداگر هڪ تـرڪي ڪنيز خريـد ڪئي هڪ ڏينهن ڪنهن ضروري ڪم سبب هن کي ٻاهـر وڃڻو پيو، ليڪن ڪنهن تـي اعتماد ڪونہ هـوس، جنهن جي حوالي

ڪنيز ڪري وڃي. هن جو فقط عثمان حربيءَ تي ڪجھ اعتماد هو، عثمان حربيءَ جي خدمت ۾ وڃي عرض ڪيائين تہ جيستائين مان واپس اچان منهنجي هن ڪنيز کي پنهنجي عورتن ۾ رهڻ جي اجازت ڏيو، مگر عثمان حربي رحہ قبول نہ ڪيو. آخر هن جي منت ۽ زاريءَ تي ترس اچي وس ۽ ڪنيز کي پاڻ وٽ رکڻ قبول ڪيائين، اتفاق سان هڪ ڏينهن عثمان حربي رحہ جي ان ڪنيز تي نظر پئجي ويئي ۽ مٿس عاشق ٿي پيا، ۽ پنهنجي مرشد ابو حفص جي خدمت ۾ ويا ساري ماجرا بيان ڪري ٻڌايائونس. ابو حفص چيس تہ، تون يوسف حسين رحہ وٽ وڃ، عثمان حربي رحہ حضرت يوسف حسين رحہ جي شهر ۾ آيو. ماڻهن کان هن جو پتو پڇيائين ماڻهن ڪيس چيو تہ هو تہ ملحد ۽ ڪافر آهي، هن وٽ وڃي ڇا ڪندين؟ اهو ٻڌي عثمان حربي رحہ ڏاڍو پريشان ٿيو ۽ واپس موٽي آيو. واپسيءَ تي ابو حفص پڇيس تہ تو يوسف حسين رحہ کي ڏٺو يا نہ، چيائين تہ نہ. پڇيائونس تہ ڇو؟ عرض ڪيائين تہ ماڻهو هن کي ملحد ۽ ڪافر چون ٿا. ابو حفص ڪيس ورب حڪم ڪيو تہ وڃ ۽ وڃي ان سان مل. آخر عثمان حربي رحہ دوباره يوسف حسين رحہ سان ملڻ لاءِ موٽيو. جڏهن ماڻهن کان هن جو پتو پڇيائين تہ ماڻهو اڳي کان بہ وڌيڪ برو ڀلو ڳالهائڻ لڳا مگر عثمان حربي رحہ جواب ڏنو تہ مون کي هن ۾ هڪ ضروري ڪم آهي، توهان مون کي هن جي گھر جو پتو ٻڌايو. جڏهن عثمان حربي رحہ حضرت يوسف حسين رحہ جي خدمت ۾ پهتو تہ ڏٺائين تہ هن جي ڀرسان هڪ نو عمر ڇوڪرو ويٺو هو ۽ صراحي ڀرسان رکي هئي. سلام جي جواب ڏيڻ کان بعد حضرت يوسف حسين رحہ اهڙيون ڳالهيون ڪيون جو عثمان حربي رحہ جا هوش خطا ٿي ويا. هوش ۾ اچڻ بعد پڇيائون تہ حضرت اهڙين ڳالهين سان گڏ اهڙي مشاهدي جي هيءَ ڪهڙي ڪيفيت آهي. يعني هڪ طرف بزرگي واريون ڳالهيون ۽ ٻئي طرف نوجوان ۽ لسوڻ ڇوڪرو ۽ شراب موجود آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ هي ڇوڪرو منهنجو پٽ آهي، ليڪن تمام ٿورا ماڻهو ڄاڻن ٿا. هيءَ صراحي، جا تون ڏسين ٿو سا فلاڻيءَ جاءِ تي پيئي هئي مون وٽ ڪوزو ڪونہ هو ان ڪري مان کڻي آئي منجهس پاڻي وجهي ڇڏيو اٿم، جنهن کي گھرج ٿئي تہ ڀي وٺي. عثمان حربيءَ چيو تہ اوهان ائين ڇو ٿا ڪريو، ڏسو تہ اوهان لاءِ ماڻهو ڪهڙو نہ برو خيال رکيون ويٺا آهن. حضرت يوسف رحہ فرمايو تہ اهو انهيءَ ڪري تہ جيئن ڪو مون وٽ ترڪي ڪنيز امانت نہ رکي. اهو ٻڌي عثمان حربي سندن پيرن تي ڪري پيا، ۽ سمجهي ورتائون تہ اهڙن شخصن کي ملامت جو ڪهڙو خوف!

حضرت يوسف جي اکين ۾ سدائين ڳوڙهاڻ رهندي هئي، سندن پيءُ کان ماڻهن انهيءَ جو سبب پڇيو تہ جواب مليو تہ پاڻ ساري رات قيام ۾ رهندا آهن. ماڻهن پڇيو تہ قيام ۾ رهڻ بہ ڪا عبادت آهي ڇا؟ جڏهن تہ پاڻ نہ رڪوع ڪندا آهن ۽ نہ سجدو. جواب مليو تہ پاڻ نماز

لاءِ ڪـڙا ٿيندا آهن، مگر عظمت الاهيءَ جو مشاهـدو ڪندي حيران رهجي ويندا آهـن، انهيءَ حيرانيءَ ۾ رات گـذري ويندي اٿـن، ۽ صبح جو فـرض اذا ڪري ڇـڏيندا آهن. فرمائن ٿا ته صوفين جي آفت ڇوڪرن، مخالفن ۽ عورتن جي صحبت ۾ آهي.

ماڻهن محبت جي باري ۾ دريافت ڪيو تـه فرمايائون تـه جيڪو شخص خدا کي جيتري قدر دوست رکندو، اوتري قدر هن کي زياده ذلت نصيب ٿيندي، ۽ اوتري قـدر زياده هو خلق خدا کي نصيحت ڪندو آهي. محبت جي سڃاڻپ اها آهي تـه هر انهيءَ شيءِ کان پاسو ڪجي، جيڪا پنهنجي حقيقي دوست يعني الله کان پـري ڪرڻ واري هجي. فرمائن ٿا ته صادق ماڻهوءَ جون ٽـي نشانيون آهـن، پهريون طاعت کـي پوشيده رکـڻ، ۽ ٻيو تنهائيءَ کي پسند ڪرڻ. فرمائن ٿا ته زاهد جي نشاني هيءَ آهي ته گم ٿيل چيز جي تلاش نه ڪري، جيستائين هو موجوده شين کي گم نه ڪري ڇڏي.

فرمائن ٿا ته سڀ کـان ذليل شخص لالچي آهـي، ۽ سڀ کـان شريف شخص صادق، صابر ۽ درويش آهـي.

وفات جي وقت پاڻ چيـئون تـه اي خداوند ڪريم! مان خلقت کي قـولا ۽ پنهنجي نفس کي فعلاً نصيحت ڪئي. هاڻـي تون، منهنجي نفس کـي پنهنجي خلق کـي نصيحت ڪرڻ جي سبب بخشي ڇـڏ.

وفات کان بعد ماڻهن حضرت يوسف رحه کي خواب ۾ ڏٺـو ۽ کانئن پڇا ڪئي تـه حق تعاليٰ توهان سـان ڪهڙو سلوڪ ڪيو؟ فرمايائون تـه مون کي بخشي ڇـڏيو. ڇاڪاڻ تـه مان خراب ڳالهين کي چڱين ڳالهين سان شامل نه ڪيو.

* ذڪر حضرت ابو حفض حداد رحمت الله عليه *

حضرت ابو حفض رحمت الله عليه بيحد ئي ڪامـل ۽ عابد شخص هئا، پاڻ مشائخن جـا بادشاه ۽ حق جا خليفا ليکيا ويندا هئا. سندن وقت ۾ پنهنجي شان جهڙو ڪوبه بزرگ ڪونه هو پاڻ ابو عثمان حربي رحه جا مرشد هئا. شاه شجاع رحه سندن زيارت کان مشرف ٿيڻ لاءِ آيا هئا.

حضرت ابو حفض جو ابتدائي حال هي هو جو پاڻ هڪ ٻانهيءَ تـي عاشق ٿي پيا ۽ سندن صبر و قرار ويندو رهيو. ماڻهن کين چيو تـه نيشاپور ۾ هڪ وڏو جادوگر رهي ٿـو، ان وٽ وڃو توهان جي ڪم جي ڪا تـدبير ڪري سگهندو. پـاڻ ان جادوگر وٽ ويا ۽ ساڻس سمورو حـال بيان ڪيو. يهودي اهو حال ٻڌي کيس چيو ته چاليهن ڏينهن تائين مون کي ڪابه عبادت ڪرڻي

كان پوندي ۽ دل ۾ به كو نيك خيال ركلو پوندو. ائين كرڻ سان منهنجي جادوءَ كي طاقت ايندي ۽ كم جلدي ٿي ويندو. آخر ابو حفض رحه ائين كيو. جڏهن چاليهه ڏينهن گذري ويا تڏهن ابو حفض رحه انهيءَ يهودي جادوگر وٽ آيا يهوديءَ جيكو طلسم كيو هو، اهو بلكل بي سود ۽ بي اثر ٿي ثابت ٿيو. شكايت كرڻ تي يهوديءَ چيو ته چاليهن ڏينهن ۾ توهان كان ضرور كو نيك عمل ٿيو آهي، ان كري منهنجو علم بيكار ويو. پاڻ چيائون ته انهن چاليهن ڏينهن ۾ ظاهري نيك عمل ته مون كان كونه ٿيو آهي، البت اترو ضرور ٿيو آهي ته هك ڏينهن رستي سان وڃي رهيو هوس ته هك پٿر ڏٺم ان كي كڍي پري ڦٽو كيو هوم ته جيئن كنهن كي ٺاپو نه اچي. ابو حفض رحه كي يهوديءَ چيو ته تون ان خدا كي ناراض نه كر، جنهن جو تو چاليهن ڏينهن جو كم ضايع كري ڇڏيو. اهو ٻڌي ابو حفض رحه جي دل كي ڀاه لڳي ويئي. فوراً يهوديءَ جي هٿ تي توبهه كري، تنهائي اختيار كئي. ليكن انهيءَ واقع كي پوشيده ركيو. جيكي كجهه روزانو مزدوريءَ جو ملندو هو، اهو لكي لكي قبرن ۾ ورهائي ڇڏيندا هئا، يا بيوه عورتن كي ڏيئي ڇڏيندا هئا. رات جو عشا جي وقت روزو كوليندا هئا مدت تائين سندن اهو حال رهيو. پاڻ لوهاركو ڌنڌو كندا هئا. هك دفعي هك انڌو شخص قرآن كريم جي هيءَ آيت پڙهندو ٿي آيو. ”اعوذ باالله من الشيطان الرجيم بسم الله الرحمٰن الرحيم وبدالهم من الله مالم يكونو يحتسبون“ حضرت ابو حفض رحه جي دل ان آيت جي معنيٰ ۾ مصروف ٿي ويئي، ۽ دل ۾ اهڙي قوت پيدا ٿي پيئي جو پاڻ هك باه جي ڀٺيءَ ۾ هٿ وجهي ان مان گرم گرم لوه كڍي ورتائون. ماڻهن جو اهو ڏٺو ته سخت حيران ٿي ويا، كنئن پڇيائون ته هي اوهان جي كهڙي حالت آهي؟ مگر پاڻ شاگردن كي چوڻ لڳا ته ”كٽيو“ انهن چيو ته ڇا كٽيون! لوه ته اوهان جي هٿ ۾ آهي. انهن الفاظن سان پاڻ هوش ۾ آيا ۽ گرم لوه هٿ ۾ ڏسي هكدم ڦٽو كيائون. ان واقعي كان پوءِ دكان كي ترك كري ڇڏيائون. رياضت ۽ مجاهدي ۾ مصروف ٿي ويا.

نقل آهي ته حضرت ابو حفض جي پاڙي ۾ حديث شريف جو ذكر ٿيندو رهندو هو، ماڻهن كانئن پڇيو ته حضرت اوهان ان ذكر ۾ شامل ڇونه ٿيندا آهيو؟ فرمايائون ته مان ٽيهن سالن كان وٺي هك حديث شريف جي تعريف كري رهيو آهيان، تنهن هوندي به پوري نٿي ٿئي. انهيءَ حالت ۾ مان ٻيون حديثون كيئن ٿو پڙهي سگهان. پڇيو ويو ته اها كهڙي حديث شريف آهي؟ فرمايائون ته ”من حسن اسلام المرءِ تركه مالا يعنيه“ يعني ماڻهوءَ جي اسلام جي خوبي اها آهي ته هو بيكار ڳالهين كي ڇڏي ڏي.

هك ڏينهن ابو حفض رحه مريدن سان جهنگ ۾ ويا، ان وقت سندن دل خوش هئي،

ايتري ۾ هڪ هرڻي سامهون ايندي حضرت ابو حفض رحہ جسي جهوليءَ ۾ اچي ويئي، ابو حفض رحہ اهو ڏسي هڪدم پنهنجي منهن کي چماٽون هڻڻ ۽ فرياد ڪرڻ لڳا تہ هرڻي هلي ويئي. پاڻ جڏهن اصلي حالت ۾ آيا تہ مريدن عرض ڪيو تہ آخر ڇا ماجرا هئي؟ فرمايائون تہ جڏهن منهنجي دل خوش ٿي تہ دل ۾ خيال آيو تہ ڪاش! اج ٻڪري هجي ها! جنهن جا ڪباب ناهي ڪائجن ها، يارن جي محفل بہ جمي رهي هــا، پر الله تعاليٰ هرڻي موڪلي ڏني. مريدن چيو تہ يا شيخ، جنهن جو الله تعاليٰ سان اهڙو تعلق هجي ان کي فريــاد ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت؟ فرمايائون تہ توهان نٿا ڄاڻو. جيڪڏهن الله تعاليٰ فرعــون تي راضي هجي ها تہ ان جي مرضيءَ سان نيل درياه کي وهائي ڪين ها.

مفهوم :- ڪنهن بہ انسان وٽ جيڪڏهن مــال متاع آهي، ۽ پنهنجي هــر خواهش پوري ڪري سگهڻ جي طاقت رکي ٿو، تہ انسان اهو مطلب نہ سمجهڻ گهرجي . ان مٿان الله تعاليٰ راضي آهي، جيڪڏهن انهن حالتن ســان الله تعاليٰ جو راضپو تسليم ڪيو ويندو تہ پوءِ فرعون تي بہ الله تعاليٰ جو راضپو قبول ڪرڻو پوندو، ڇاڪاڻ تــہ هن کي بہ سڀ ڪجهہ هو، ايتري قــدر جو نيل درياه کي حڪم سان هلائيندو ۽ بيهاريندو هو. پاڻ حضرت ابو حفض رحہ ڪاوڙ واريءَ حالت ۾ بہ چڱن عادتن بابت گفتگو ڪندا رهندا هئا، جيئستائين غصو ڪافور نہ ٿي ويندو هو.

هڪ ڏينهن هڪ شخص کي ڏٺائون جيڪو روئندو ٿي ويو، پڇيائونس تــہ ڇو ٿو روئين؟ عرض ڪيائين تہ منهنجو گڏه گم ٿي ويو آهي. پــاڻ انهيءَ وقت دعا گهريائون تــہ اي خداوند ڪريم! مون کي تنهنجي عزت جو قسم آهي تہ جيستائين هن شخص کي پنهنجو گڏه نــہ ملندو، مان هتان هڪ قدم بہ اڳتي نہ کڻندس. ايتري ۾ هن شخص جو گڏه هڪ طرف کان اچي ويو.

هڪ دفعي ابو حفض رحہ حج جو ارادو ڪيو، مگر پــاڻ عربي ڪين ڄاڻندا هئا ڇاڪاڻ تــہ عجمي ۽ عامي هئا. بغداد پهتا تــہ سندن مريدن خيال ڪيو تــہ ڏاڍي تڪلف درويش ايندن ڇاڪاڻ تہ ترجمان آهي ئي ڪونہ.

حضرت جنيد رحہ کي جڏهن ابو حفض رحہ جي آمد جي خبر پيئي تڏهــن پنهنجي مريدن کي هن جي استقبال لاءِ موڪليائين. جڏهــن پاڻ خانقاه تي پهتا تــہ انهيءَ وقت عربي ڳالهائڻ شروع ڪيائون بغداد وارن کي ابو حفض رحہ جي عربي فصاحت ڏسي نهايت تعجب آيو.

نقل آهي تہ ابو حفض رحہ جو هڪ مريد نهايت ئي ادب وارو هو، حضرت جنيد بغدادي رحہ ڪيترا ڀيرا هن جي طرف ڏٺو ۽ هن جي ادب کي بيحد پسند ڪيو. پوءِ حضرت ابو حفض رحہ کان پڇيو تہ هي جوان اوهــان وٽ ڪيتري عرصي کان رهيل آهي؟ چيائون تــہ ڏهن سالن کان. حضرت جنيد رحہ فرمايو تہ نهايت مؤدب ۽ شائستہ آهي. ابو حفض رحہ چيو هائو اج ناٿين

ستر هزار دينار اسان جي راهہ ۾ خرچ ڪري ڇڏيو آهي، ۽ ايترو ئي ان تي قرض آهي. ليڪن اڃا تائين ڪابہ ڳالهہ ڪرڻ جي مجال نہ ٿو رکي.

نقل آهي تہ هڪ دفعي پاڻ جهنگ ۾ نڪري ويا. سورهن ڏينهن تائين پاڻي نہ مليو، آخر هڪ ڏينهن پاڻيءَ وٽ اچي پهتا. اڃا پاڻي پيئڻ ۽ نہ پيئڻ جو فيصلو ئي نہ ڪيو هئائون تہ ابو تراب رحہ اتي اچي ويا. هن پڇيو تہ اتي ڇو بيٺا آهيو؟ چوڻ لڳا تہ علم ۽ يقين جو انتظار ڪري رهيو آهيان. جنهن جو غلبو ٿيندو ان سان ساٿ ڏيندس. يعني جيڪڏهن علم غالب آيو تہ پاڻي پيئندس، پر جيڪڏهن يقين جو غلبو ٿيو تہ بغير پاڻيءَ پيئڻ جي هليو ويندس. ابو تراب اهو ٻڌي چيو تہ تنهنجي حالت سٺي آهي.

نقل آهي تہ هڪ دفعي حج ڪرڻ لاءِ اوڏانهن تشريف فرما ٿيا، اتي ڪيترن ئي حاجتمندن کي ڏنائون. پاڻ هڪ پٿر کڻي چيائون تہ تنهنجي عزت ۽ جلال جو قسم! جيڪڏهن سون ڪجهہ سون کي ڏيندين جيڪو سان هنن محتاجن ۽ مسڪينن ۾ ورهائيندس، تہ مان ڪعبتالله جي ديوار ۾ پٿر ڇڏيندس. انهيءَ وقت هڪ شخص حاضر ٿيو ۽ اشرفين جي هڪ ٿيلهي نذراني طور پيش ڪيائين. پاڻ حج کان فارغ ٿي واپس بغداد ۾ آيا تہ شهر وارن سندن استقبال ڪيو. شيخ جنيد رحہ کانئن پڇيو تہ اسان لاءِ ڇا آندو اٿو؟ فرمايائون تہ اسان جن دوستن سان ڪير بہ پنهنجي مرضيءَ مطابق زندگي بسر ڪري نٿو سگهي. ليڪن مان چوان ٿو تہ جيڪو پنهنجي دوستن مان ڪنهن کي بہ ادب جو ترڪ ڪندو ڏسي تہ لازم آهي تہ ان جو ڏوهہ يا سبب ٻڌڻ کان سواءِ پنهنجو پاڻ کان چاليهہ دفعا خود ئي معافي وٺي، ۽ جيڪڏهن چاليهہ دفعا معافي ان جرم يا ڏوهہ جي مقابلي ۾ ٺيڪ نہ هجي تہ پوءِ ويهي رهي، ۽ پنهنجي نفس کي چوي تہ عجيب خود خيال ۽ اونداهون آهين، جو هڪ پاءِ چاليهہ دفعا معذرت گهري مگر تو هڪ دفعو بہ قبول نہ ڪئي. انهيءَ جو مفهوم هن طرح آهي تہ ٻئي جو عيب ڏسي، ان کي ڏوڪڻ جي بجاءِ پنهنجي عيبن تي نظر وجهہ ۽ معافي طلب ڪر. اهو جواب ٻڌندي حضرت جنيد رحہ نهايت متعجب ٿيو ۽ چيائين تہ اها قوت ڪنهن ۾ ٿيندي.

نقل آهي تہ حضرت شبلي، حضرت ابو حفض رحہ کي چئن مهينن تائين مهمان رکيو، ۽ هر وقت نئين قسم جو کاڌو پيش ڪيو ويندو هو. رخصت جي وقت ابو حفض رحہ شبليءَ کي چيو تہ جيڪڏهن تون نيشاپور اچين تہ توکي ميزباني سيکاري ڇڏيان. شبلي رحہ پڇيو تہ مان ڪهڙي ڪمي ڪئي؟ فرمايائون تہ تو تڪلف ڪيو، يعني کاڌي ۾ زيادتي ڪئي. تڪلف ڪرڻ وارو جوان مرد نہ هوندو آهي. مهمان کي اهڙيءَ طرح رکڻ گهرجي، جيئن پنهنجو پاڻ رکيو ويندو آهي، تہ جيئن مهمان جي اچڻ سان تڪليف ۽ وڃڻ سان خوشي نہ ٿئي.

هڪ عرصي کان پوءِ شبلي رح. به نيشاپور تشريف فرما ٿيا، ڪل چاليهه آدمي هئا. حضرت ابو حفض رح. رات جو ايڪيتاليهه چراغ روشن ڪيا، تنهن تي شبلي رح. پڇيو ته ڇا اهو تڪلف نه آهي؟ پاڻ ڪين فرمايائون ته اُٿي هنن کي وسائي ڇڏ. شبلي رح. وسائڻ جي بيحد ڪوشش ڪئي مگر چراغ جي وسامي وڃڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبه چراغ ڪونه وساڻو. شبلي رح. پڇيو ته آخر هي ڇا ماجرا آهي؟ فرمايائون ته مهمان خدا جو موڪليل هوندو آهي، توهان چاليه آدمي هئا مان خدا جي نالي تي هر هڪ آدميءَ لاءِ هڪ هڪ چراغ روشن ڪيو ۽ هڪ پنهنجي نالي تي هو. سو توهان ڏٺو ته خدا جي نالي وارن چراغن کي توهان اُجهائي نه سگهيا، ليڪن جيڪو منهنجي نالي تي هو اهو جهٽ وسامي ويو. تون بغداد ۾ جيڪي ڪيو هو سو فقط منهنجي لاءِ ٿي هو، ان ڪري اهو تڪلف هو.

فرمائن ٿا ته جو شخص پنهنجي احوال ۽ افعال کي هر وقت ڪتاب ۽ سنت جي تارازيءَ ۾ نه توري ۽ پنهنجي خطرن کي دور نه ڪري ان کي جوان مرد نه سمجهو. پڇيو ويو ته ولي الله لاءِ خاموشي بهتر آهي يا ڳالهائڻ؟ فرمايائون ته جيڪڏهن ڪو ڳالهائڻ مان آفت ۽ خوشيءَ جي لذت کي ڇاڻي ته جيڪر نوح عليه السلام کان به ڊيٺي عمر طلب ڪري ته جيئن خاموشيءَ ۾ گذاري ڇڏي. ماڻهن پڇيو ته دنيا کي دشمن ڇو ٿو سمجهيو وڃي؟ فرمايائون ته ڇاڪاڻ ته دنيا سراءِ آهي، جو بندي کي هر گهڙيءَ هڪ گناه کان ٻئي گناه ۾ مبتلا ڪندي رهي ٿي. پڇيو ويو ته عبوديت (ٻانپ) ڇا آهي؟ فرمايائون ته جو ڪجهه تنهنجو آهي ان کي ترڪ ڪري ڇڏ، ۽ جنهن ڳالهه جو حڪم ڏنو ويو آهي ان جو خيال ۽ انتظام رک. پڇيو ويو ته درويشي ڇا آهي؟ فرمايائون ته درگاه الاهيءَ ۾ عاجزيءَ جو اظهار ڪرڻ. پڇيو ويو ته دوست جي سڃاڻپ جي نشاني ڇا آهي؟ فرمايائون ته جنهن ڏينهن وفات پائين تنهن ڏينهن هجن يعني دنيا جي ڪنهن به چيز جي حسرت هن جي دل ۾ نه هجي. پڇيو ويو ته ولي ڇا آهي؟ فرمايائون ته جو پنهنجي نفس جي اخلاص جو خواهشمند هجي. پڇيو ويو ته بخل ڇا آهي؟ فرمايائون ته قربانيءَ جو ان وقت ترڪ ڪرڻ جڏهن ان جي ضرورت هجي. پڇيو ويو ته ايثار (قرباني) ڇا آهي؟ فرمايائون ته پنهنجي ڀائرن جي حصي کي پنهنجي حصي تي ڏين ۽ دنيا ۾ مقدم رکڻ. پڇيو ويو ته ڪرم ڇا آهي؟ فرمايائون ته دنيا کي انهيءَ جي اڳيان اُڇلي ڇڏڻ جيڪو ان جو محتاج هجي. سندن وڌيڪ ارشاد هي آهن: جيڪو شخص سيني حالتن ۾ وقتن ۾ پنهنجو پاڻ کي ملزم نه ڪوٺائي، ۽ پنهنجي مخالفت نه ڪري، اهو مغرور آهي. جنهن پنهنجو پاڻ کي رضا جي اکين سان ڏٺو، اهو هلاڪ ٿي ويو. خوف دل جو روشن چراغ آهي، دل جي نيڪيءَ ۽ بديءَ کي انهيءَ روشن چراغ سان ڏسي سگهجي ٿو. پنهنجو پاڻ کي داناءُ هجن جي دعويٰ نه ڪريو.

مگر ھين جي دانائيءَ جي تعريف ڪريو. جيڪو شخص ھر حال ۾ پنھنجو پاڻ تي خدا جو شامل حال سمجھي ٿو، اھو ڪڏھن ھلاڪ نہ ٿيندو. جيڪو شخص چاھي ٿو تہ مان ھڪ ڏينھن مرندس، ۽ قيامت جي ڏينھن مون ڪان حساب ڪتاب ورتو ويندو مگر ان ھوندي بہ ھو گناہ ڪان پرھيز نٿو ڪري تہ پوءِ ھن جي اعمال ۽ اقوال سان ھن ڳالھہ جو ثبوت ملي ٿو تہ گويا ھن جو ايمان، موت ۽ حساب ڪتاب تي نہ آھي. بدن جي روشني خدمت سان حاصل ٿئي ٿي، ۽ روح جي روشني استقامت سان ميسر ٿئي ٿي، ۽ تقويٰ محض حلال ۾ آھي ۽ تصوف ادب جو نالو آھي. اھو شخص بلڪل انڌو آھي جيڪو شين سان خدا کي سڃاڻي ۽ اھو اکين وارو آھي جيڪو خدا ڪان ساري ڪائنات کي سمجھي. ڪنھن شخص ابو حفص رحہ ڪان وصيت طلب ڪئي. فرمايائون تہ ھڪ دروازي کي پڪڙ تہ جيئن بيا دروازا تنھنجي لاءِ کلي پون. ھڪ سردار جي غلامي اختيار ڪريو تہ جيئن بيا سردار تنھنجا غلام بڻجي پون.

ھڪ بزرگ فرمائي ٿو تہ مان ابو حفص رحہ جي خدمت ۾ ٻاويھہ سال رھيس، پاڻ ھميشہ تعظيم ۽ عاجزيءَ سان خدا جي يادگيري ڪندا ھئا. فرمائن ٿا تہ حياتيءَ جي آخري وقت يعني موت جي نزديڪيءَ وقت پنھنجي خطائف تي سچيءَ دل سان شرمندہ ٿيڻ گھرجي. ماڻھن پڇيو تہ اوھان ڇو خدا جي طرف مشغول ٿيا؟ جواب ڏنائون تہ فقير، جيڪو غنيءَ جي طرف متوجہ ٿئي تہ لازمي آھي تہ فقر ۽ عاجزيءَ سان ئي متوجہ ٿيڻ گھرجي. عبدالله سلمي رحہ وصيت فرمائي تہ مون کي وفات ڪان پوءِ ابو حفص رحہ جي پيرن واري پاسي ڪان دفن ڪجو.

* ذڪر حضرت حمدون قصار رحمت الله عليه *

* ــ*ــ*ــ*ــ *

حضرت حمدون قصار رحمت الله عليه جن اڪابر مشائخين مان ھئا، پرھيزگاريءَ ۽ تقويٰ ۾ بي نظير ھئا، فقہ ۽ حديث ۾ بہ بي مثال ھئا، نفس جي مجاھدن ۾ ڪامل ھئا، سندن ڪلام دلين تي اثر ڪندڙ ھو. پاڻ ابو تراب جا مريد ۽ عبدالله مبارڪ جا مرشد ھئا. سندن تقويٰ جي ھيءَ حالت ھئي تہ ھڪ دفعي پنھنجي ڪنھن دوست جي سڪرات مھل حاضر ھئا، ھن جي وفات جي فوراً بعد چراغ وسائي ڇڏيائون. ماڻھن پڇيو تہ ائين ڇو ڪيو؟ فرمايائون تہ جيستائين اسان جو دوست زندہ ھو. تہ سڀ مال انھيءَ جو ھو، ليڪن ھائي جڏھن ھو فوت ٿي ويو تہ ھي تيل ۽ چراغ وغيرہ يتيمن جو مال آھي.

فرمائن ٿا تہ ھڪ ڏينھن مان نيشاپور جي بازار مان لنگھي رھيو ھوس، تہ ھڪ مشعور جوان مرد سان ملاقات ٿي. مان ھن ڪان پڇيو تہ جوان مردي ڇا آھي؟ ھن جواب ڏنو تہ اوھان

منهنجي جوان مردي۽ جي نسبت پڇي رهيا آهيو يا خود پنهنجي جوان مردي۽ بابت پڇي رهيا آهيو؟ مان ڇيو ته ٻنهي بابت ٻڌاءِ. چيائين ته منهنجي جوان مردي ته هيءَ آهي ته قبا لاهي جبو پهريان ۽ خدا جو ڪم ڪريان، ته جيئن صوفي ٻڌجي وڃان، ۽ دنيا جي شرم کان هن لباس سبب گناهن کان بچان. مگر تنهنجي جوان مردي هيءَ آهي ته درويشي۽ جو لباس لاهي ڦٽو ڪر، ته جيئن تو کان خلق ۽ تون خلق کان شيدا نه ٿي سگهو. ڇاڪاڻ ته توهان جو طريقو حقيقت ۽ اسرار ۾ محفوظ رکڻ آهي، پر منهنجو طريقو شريعت جي اظهار ۾ محفوظ رکڻ آهي.

جڏهن حضرت حمدون قصار رحه جي حالت ترقي۽ تي پهتي، تڏهن نيشاپور جي اڪابرن ڪجهه بيان ڪرڻ تي مجبور ڪين، مگر پاڻ فرمايائون ته مون کي روا نه آهي. جو منهنجي ڳالهين مان اوهان کي ڪجهه فائدو ڪونه ٿيندو، ۽ نڪي دل تي ڪو اثر ٿي پوندو، تنهن ڪري اهڙيون ڳالهيون بلڪل بيڪار آهن. حضرت حمدون رحه کان پڇيو ويو ته سلف يعني اڳئين وقت جي بزرگن جو ڪلام ڪهڙي سبب ڪري زياده فائده مند هو؟ فرمايائون ته ڇاڪاڻ ته انهن جو اسلام جي عزت، نفس جي نجات ۽ رضائي حق لاءِ هوندو هو. مگر اسان عزت، نفس دنيا جي طلب ۽ خلق ۾ مقبوليت لاءِ بيان ڪريون ٿا. فرمائن ٿا ته اها ڳالهه، ڪنهن به شخص سان ظاهر نه ڪريو، جيڪا پنهنجو پاڻ کان به پوشيده رکڻ واجب آهي. فرمائن ٿا ته جنهن ۾ ڪا نيڪ نصيحت ڏسو، ان کان جدا ٿيڻ نه گهرجي. فرمائن ٿا ته عالمن سان محبت، جاهلن کان پاسو ۽ صوفين جي صحبت رکڻ گهرجي. سندن وڏيڪ فرمان هن ربت آهن.

جيڪڏهن مست کي ستل ڏسو ته ڪيس ملامت نه ڪريو، ائين نه ٿئي ته تون به انهي۽ بلا ۾ مبتلا ٿي وڃين. ملامت جي ترڪ ڪرڻ ۾ سلامتي آهي. نيڪ خصلت سخاوت ۾ آهي، ۽ بد خصلت بخل ۾ آهي. جيڪو فقير پنهنجي فقر ۾ تڪبر ڪري ٿو اهو دولتمند جي تڪبر کان وڌي وڃي ٿو. فقر ڪي حق تعاليٰ جي طرفان ان وقت تائين درجو قائم رهي ٿو، جيستائين هو عاجز آهي. پيٽ ڀري کائو کائڻ آفتن جي جڙ آهي. جو دنيا جي طلب ۾ مشغول ٿيو، اهو آخرت ۾ ذليل ۽ خوار ٿيندو. دنيا کي ذليل سمجهه، ته ماڻهن کي بزرگ نظر اچين.

حضرت عبدالله مبارڪ رحه فرمائن ٿا ته حضرت حمدون رحه مون کي وصيت فرمائي ته جيتري قدر ٿي سگهي ته دنيا جي لاءِ ڪنهن تي به غصو نه ڪرڻ گهرجي. ماڻهن پڇيو ته بندو ڪير آهي؟ فرمايائون ته جو حق تعاليٰ جي پرستش ڪري ۽ ان ڳالهه کي سٺو نه سمجهي ته ماڻهو ان جي پرستش ڪن. ماڻهن پڇيو ته توڪل ڇا آهي؟ فرمايائون ته توڪل هيءَ آهي ته جيڪڏهن ڏه هزار رپيا توتي قرض هجي ته قرض جي ادائگي۽ خاطر حق تعاليٰ کان مايوس

نہ ٿيءُ. مصيبت جي وقت بي صبر ٿيڻ خدا جي مٿان تهمت مڙهڻ آهي. شيطان ڪنهن بہ ڳالهہ ني ايترو خوش نٿو ٿئي، جيترو هو انهيءَ ڳالهہ تي خوش ٿو ٿئي. ڀهريون تہ هڪ مومن کي قتل ڪيو وڃي ٿو يو ڪو شخص ڪفر جي حالت ۾ مري وڃي. تيون تہ ڪنهن جي دل ۾ درويشيءَ جي طرف کان خوف هجي. عبدالله مبارڪ رحہ کان روايت آهي تہ جڏهن حضرت حمدون رحہ بيمار ٿيا تہ ماڻهن يارن لاءِ وصيت طلب ڪئي. فرمايائون تہ مان انهن جي بنسبت درويشيءَ جي اميريءَ کان زياده خوف ڪريان ٿو ۽ وري فرمايائون تہ منهنجي وفات کان پو مون کي عورتن ۾ نہ ڇڏجو. حضرت حمدون قصار رحہ جي وفات سنہ ٢٩١ هجري ۾ ٿي.

* ذڪر حضرت منصور عمار رحمت الله عليه *

حضرت منصور عمار رحمت الله عليه جن سادات مشائخن مان هئا ۽ وعظ ڪرڻ ۾ پنهنجو بي نظير هئا. ڪيترا ماڻهو حضرت منصور عمار رحہ جي باري ۾ گهڻي مبالغي کان ڪم وٺن ٿا. پاڻ عراق جا رهندڙ هئا، ليڪن بصري ۾ مقيم ٿي ويا. حضرت منصور عمار جي توبهہ جو سبب هي بيان ڪيو ويو آهي تہ هڪ دفعي رستي ۾ ڪاغذ جو ٽڪر ڏٺائون جنهن تي "بسم الله الرحمان الرحيم" لکيل هئي پاڻ ان کي کڻي ورتائون. جڏهن ان کي ڪٿي رکڻ لاءِ پاڪ جاءِ نہ ملي تہ ان ڪاغذ کي کائي ڇڏيائون. انهيءَ رات خواب ۾ ڏٺائون تہ الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ تو اسان جي نالي جي عزت ڪئي آهي، تنهن ڪري اسان وري تنهنجي لاءِ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏيا آهن.

مدت تائين حضرت منصور رحہ رياضت ۽ نفس جي مجاهدي ۾ لڳا رهيا، ان کان پوءِ وعظ بيان ڪرڻ لڳا. هڪ ڏينهن هڪ نوجوان شراب جي محفل ۾ مشغول هو، هن پنهنجي غلام کي چار درهم ڏيئي چيو تہ بازار مان ڪجهہ کاڌو وٺي اچ. غلام جڏهن بازار طرف وڃي رهيو هو تہ اتفاق سان هن جو گذر انهيءَ هنڌان ٿيو جتي حضرت منصور رحہ جن مجلس ڪيون ويٺا هئا ۽ وعظ فرمائي رهيا هئا. شوق جي سبب غلام، بہ ٿوريءَ دير لاءِ ان مجلس ۾ ويهي رهيو. وعظ جي دوران حضرت منصور رحہ فرمايو تہ اهو ڪير آهي جو چئن درهمن جي عيوض چار دعائون منظور ڪرائي. (ان وقت هڪ درويش لاءِ ڪين چئن درهمن جي ضرورت هئي) غلام انهيءَ وقت چار درهم پيش ڪيا، تنهن تي حضرت منصور رحہ فرمايو تہ گهر جيڪي گهرڻو اٿيئي. غلام عرض ڪيو تہ پهريون تہ خدا تعاليٰ مون کي آزاد ڪري. ٻيو اهو تہ منهنجي مالڪ کي، الله تعاليٰ توبهہ جي توفيق عطا فرمائي. ٽيون اهو تہ انهن چئن درهمن جو

الله تعاليٰ مون کي اجر عطا فرمائي. جڏهن الله تعاليٰ مون تي ۽ منهنجي مالڪ تي اوهان تي ۽ تمام حاضرين مجلس تي رحم فرمائي. پاڻ چارئي درهم وٺي دعا ڪيائون. غلام واپس مالڪ وٽ آيو، مالڪ ڪانئس دير جو سبب پڇيو ته غلام سارو قصو بيان ڪري ٻڌايو، جنهن تي ٻڌندي ئي مالڪ چيو ته مان خدا کي گواهه ڪندي چوان ٿو ته مان توکي آزاد ڪري ڇڏيو، ۽ خدا جي حضور ۾ توبه ڪريان ٿو ۽ آئينده صحيح بندي بڻجڻ جو عهد ڪريان ٿو. چئن درهمن جي عيوض توکي سؤ درهم ڏيان ٿو. بس منهنجي اختيار ۾ جيڪي هو، اهو ڪري ڇڏيو، ليڪن جنهن ڳالهه تي مان قادر نه آهيان يعني جيڪو سمنڊ وس کان ٻاهر آهي اهو مان نٿو ڪري سگهان. انهيءَ رات هن شخص خواب ۾ ڏٺو ته ڪو ڪس چئي رهيو آهي ته اي جوان! تنهنجي وس ۾ جيڪي ڪجهه هو سو تو ڪيو، هاڻي اسان جو وارو آهي. اسان به پنهنجي شان ڪريميءَ مطابق تو تي، تنهنجي غلام تي، منصور تي، ۽ حاضرين مجلس تي رحم ڪريون ٿا.

حضرت منصور عمار رحه فرمائن ٿا ته هڪ رات مان گهر کان ٻاهر نڪتس ته هڪ گهر جي اندران ڪجهه آواز ٻڌم، هڪ شخص مناجات ڪري رهيو هو. ”اي خدا! مون کان جو گناه سرزرد ٿيو آهي، اهو تنهنجي نافرمانيءَ سان نه بلڪ ابليس جي مدد ۽ نفس جي رهزنيءَ سان ٿيو آهي. جيڪڏهن تون دستگيري نه ڪندين ته پيو ڪير ڪندو، جيڪڏهن تون معاف نه ڪندين ته مان انهن گناهن کي ڪيڏانهن کڻي وڃان. سندس اها مناجات ٻڌي مون ڪم روئڻ اچي ويو، مان ان وقت هي آيت پڙهي، ”اعوذ بالله من الشيطان الرجيم. بسم الله الرحمان الرحيم. يا ايها الذين آمنو قوا انفسكم واهليكم نارا وقود ها الناس والحجارة“ ٻئي صبح تي جڏهن مان ان شخص جي گهر وٽان لنگهيس ته مون کي شور ٻڌڻ ۾ آيو. مان پڇا ڪئي ته شور ۽ غل ڇاجو آهي؟ هڪ شخص چيو ته ڪالهه منهنجو پٽ خدا جي خوف کان مري ويو. ڪالهه هڪ شخص منهنجي گهر جي ڀرسان قرآن شريف جي هڪ آيت پڙهي، آيت ٻڌي منهنجي پٽ نعرو هنيو ۽ مري ويو. حضرت منصور عمار فرمايو ته هن کي مان ماريو آهي. خليفي هارون رشيد، حضرت منصور عمار کي چيو ته مان اوهان کان ٽي سوال پڇان ٿو، انهن جي جواب ڏيڻ لاءِ اوهان کي ٽن ڏينهن تائين مهلت به ڏيان ٿو. خليفي چيو ته ڀهريون هي ٻڌايو ته مخلوق ۾ سڀ کان زياده عالم ڪير آهي، ۽ ساري مخلوق کان زياده جاهل ڪير آهي؟ پاڻ ان وقت ڪجهه نڪري ويا. ليڪن رستي مان واپس موٽي آيا، ۽ فرمايائون ته اميرالمومنين جواب ٻڌوا سڀ کان زياده عالم اهو آهي جيڪو اطاعت ڪرڻ جي باوجود ڊڄندو رهي ۽ سڀ کان زياده جاهل اهو آهي، جيڪو باوجود ڄاڻڻ جي به گناه ڪري ٿو، پر ڊڄي نٿو.

آدمي ٽن قسمن جا آهن: پهرين قسم جا ماڻهو جيڪي پنهنجو پاڻ کي سڃاڻن ٿا، اهڙن آدمين جو شغل مجاهدي ۽ رياضت سان آهي. ٻي قسم جا آدمي اهي آهن جيڪي حق تعاليٰ کي سڃاڻن ٿا، اهڙن ماڻهن جو شغل عبادت ۽ طلب رضا ۾ آهي.

فرمائن ٿا ته حڪمت، عارف ماڻهن جي دل ۾ تصديق جي زبان جي ڳالهه ڪندي آهي زاهد ماڻهن جي دل ۾ تفصيل جي زبان سان، عابد جي دل ۾ توفيق جي زبان سان ۽ مريدن جي دل ۾ تفڪر جي زبان سان ۽ عالمن جي دل ۾ ذڪر جي زبان سان. وڏيڪ اهو سڻو آهي جيڪو شخص، عبادت کي پيشو سمجهي درويشيءَ جي آرزو رکي ٿو. عزت هن جو مقام هجي آخرت لاءِ همت ۽ موت جو فڪر رکي، توبه ڪرڻ سبب رحمت جي اميد رکي.

فرمائن ٿا ته ٻانهن جون دليون تمام روحاني صفتون آهن، جنهن دل ۾ دنيا پنهنجو رستو پيدا ڪيو ته روح پردي ۾ لڪي ويندو آهي. فرمائن ٿا ته سڀ کان بهتر لباس بندي لاءِ تواضع آهي ۽ عارفن لاءِ تقويٰ. فرمائن ٿا ته جيڪي شخص خلق جي ذڪر ۾ رهجي ويا، اهي الله تعاليٰ جي ذڪر کان باز رهجي ويا. نفس جي سلامتي انهيءَ ۾ آهي ته دنيا جي ذڪر جي مخالفت ڪري ۽ رب پاڪ جي اطاعت ڪري. فرمائن ٿا ته جو شخص مصيبت تي صبر نٿو ڪري اهو جلدي دين جي مصيبت ۾ ڦاسي ويندو. فرمائن ٿا ته دنيا جي آرزوئن کي ترڪ ڪريو، ته جيئن غم کان نجات حاصل ڪريو. فرمائن ٿا ته زبان کي محفوظ رکو، ته جيئن حجت ڪرڻ جي شرمندگيءَ کان بچو. جڏهن حضرت منصور عمار وفات ڪري ويا ته هڪ بزرگ کين خواب ۾ ڏٺو، کانئن پڇيو ويو ته الله تعاليٰ اوهان سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو؟ جواب ڏنائون ته مون کان پڇيو ويو ته ڇا منصور عمار تون ئي آهين؟ مان چيو ته هائو. وري فرمايو ويو ته تون ئي خلقت کي زهد جو حڪم ڏيندو رهندو هئين ۽ خود ان تي عمل نه ڪندو هئين. مان عرض ڪيو ته خداوندا هائ ائين ئي آهي. ليڪن تنهنجي ثنا بيان ڪرڻ ۽ تنهنجي رسول تي درود ۽ سلام موڪلڻ کان بغير مان ائين ڪڏهن نه ڪيو آهي. فرمايو ويو ته تون سچ ٿو چوين؟ پوءِ فرشتن کي حڪم ڏنو ويو ته هن لاءِ ڪرسي آڻيو ته جيئن آسمان ۽ ملائڪن جي درميان منهنجي ثنا بيان ڪري، جهڙيءَ طرح زمين تي ماڻهن جي اڳيان ڪندو هو.

* ذڪر حضرت احمد بن عاصم الانطاڪي رحمت الله عليه *

حضرت احمد بن عاصم رحمت الله عليه جن نهايت ئي بزرگ ۽ عابد شخص هئا، مختلف علمن، ظاهري ۽ باطنيءَ ۾ ماهر هئا. حضرت احمد بن عاصم رحه کي الله تعاليٰ وڏي عمر عطا فرمائي ۽ تابعين جي پيروي ڪندڙ هئا. پاڻ حضرت محاسبي رحه جا مريد هئا. اڪثر اولياء حضرت احمد بن عاصم رحه کي عقلمند ۽ داناءُ هجڻ جي سبب جاسوس القلب چوندا هئا. هڪ شخص ڪانئن پڇيو ته ڇا اوهان خدا جا مشتاق آهيو؟ فرمايائون ته نه! پڇيو ويو ته ڇو؟ جواب ڏنائون ته شوق هميشه غائب شين جي طرف ٿيندو آهي. مگر خداوند ڪريم غائب نه آهي، بلڪ هر وقت حاضر ناظر آهي. ڪانئن پڇيو ويو ته معرفت ڇا شيءِ آهي؟ فرمايائون ته معرفت ٽن درجن ۾ ورهايل آهي. اول وحدانيت جو ثبوت ڏيڻ، ٻيو الله تعاليٰ کان سواءِ باقي سڀ ڪان دل کي پري رکڻ، ٽيون انهيءَ هڪ الله جي عبادت ڪرڻ. اهو ڪنهن لاءِ به ممڪن نه آهي. پڇيو ويو ته محبت جي نشاني ڪهڙي آهي؟ فرمايائون ته الله جي عبادت ٿوري هجي مگر فڪر، اڪيلائي ۽ خاموشي هر وقت هجي. ڪوبه برائي ڪري ته غمگين نه ٿجي ۽ ڪنهن جي به تعريف تي خوش نه ٿجي، نه ڪنهن کان خوف هجي، ۽ نه ڪنهن کان اميد هجي.

پڇيو ويو ته خوف ۽ رجا ڇا آهن ۽ انهن جي نشاني ڪهڙي آهي؟ فرمايائون ته خوف جي نشاني ڳڙيو ۽ رجا جي نشاني طلب آهي. جيڪو شخص صاحب رجا هجي ۽ طلب نه رکي ته اهو ڪوڙو آهي. جو صاحب خوف هجي، ۽ ڳريو نه ڪري ته اهو به ڪاذب يعني ڪوڙو آهي.

فرمائن ٿا ته سڀ کان زياده هلاڪت جو خوف ان شخص کي آهي جيڪو پنهنجي نفس کان راضي هجي، ۽ سڀ کان زياده اول اهو نجات حاصل ڪندو، جيڪو پنهنجي نفس کان وڏيڪ خوف رکندو هجي. ڇاڪاڻ ته توهان کي خبر نه آهي ته جڏهن يوسف عليه السلام اهو خيال ڪيو هو ته الله تعاليٰ مون تي عتاب (غصو) نه ڪندو ته ان تي ڪيڏو نه عتاب ٿيو.

فرمائن ٿا ته يقين جو گهٽ ۾ گهٽ درجو هي آهي ته جڏهن يقين دل تي پهچي ته ان کي منور ڪري ڇڏي ۽ شڪ کي بلڪل ڪڍي ڇڏي.

فرمائن ٿا ته جڏهن صديقن وٽ ويهو ته صدق سان ويهو، ڇاڪاڻ ته اهڙا ماڻهو دل جا جاسوس هوندا آهن. فرمائن ٿا ته زهد جون چار علامتون آهن: اول خدا تي اعتماد رکڻ، ٻيو خلق کان بيزاري، ٽيون حق لاءِ اخلاص، چوٿون دين جي عزت قائم رکڻ واسطي ظلم برداشت

ڪرڻ جي طاقت رکي. فرمائن ٿا تہ جيڪو شخص خدا جو وڌيڪ عارف آهي، اهو وڌيڪ ڊڄندو آهي. وري فرمايائون تہ جيڪڏهن تون دل جي صلاحيت جو خواهشمند آهين تہ زبان جي سنڀال رک. فرمائن ٿا تہ سڀ کان زياده فائدي مند اهو فقر آهي، جنهن کي تون برداشت ڪري سگهين ۽ جنهن تي راضي هجين. سڀ کان زياده فائدي مند اهو عقل آهي جيڪو خدا جي نعمت کي سڃاڻي. سڀ کان زياده فائدي مند اهو اخلاص آهي، جيڪو ريا ۽ بناوٽ کي دور ڪري. سڀ کان وڌيڪ فائدي مند تواضع اهو آهي، جيڪو تڪبر کي مٽائي ۽ غصي کي ماري. سڀ کان خراب گناهہ اهو آهي، تہ اطاعت جهالت سان ڪئي وڃي. فرمائن ٿا تہ جيڪو شخص معمولي گناهہ کي خسيس ۽ ننڍو سمجهي ٿو اهو تمام جلد آفت ۾ گرفتار ٿي ويندو آهي. فرمائن ٿا تہ يقين هڪ نور آهي، جو حق تعاليٰ پنهنجي بندي جي دل ۾ پيدا ڪندو آهي، تہ جيئن انهيءَ نور سان آخرت جي ڪمن جو مشاهدو ڪري سگهي. فرمائن ٿا تہ اخلاص هي آهي تہ عمل جي وقت هي خواهش نہ ڪري تہ هن عمل جي ڪري مون کي ياد ڪيو وڃي (مقصد تہ اها لالچ نہ رکڻ تہ انهيءَ عمل جو ڪيس آجورو ڏنو وڃي).

فرمائن ٿا تہ پنج شيون دل جي دوا آهن. پهريون پيٽ کي خالي رکڻ، ٻيو صالحن جي صحبت، ٽيون تهجد جي نماز پڙهڻ، چوٿون صبح جي وقت زاري ڪرڻ ۽ پنجون قرآن شريف جي تلاوت ڪرڻ. هڪ ڏينهن حضرت احمد عاصم رحہ جا اٺيتاليهہ مريد گڏ ٿيا، دسترخوان وڇايو ويو، ليڪن ڪاڌو ايترو زياده ڪونہ هو. حضرت احمد بن عاصم رحہ مانين جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري هر هڪ مريد جي اڳيان هڪ هڪ ٽڪرو رکي ڇڏيو، ۽ بتي وسائي ڇڏي. جڏهن بتيءَ کي دوباره روشن ڪيو ويو تہ مانيءَ جا اهي ٽڪر سڀ جا سڀ بدستور موجود هئا. ڇاڪاڻ تہ قربانيءَ جي طور تي ڪنهن بہ کاڌو ڪونہ کاڌو هو. حضرت احمد بن عاصم رحہ جي پنهنجي مريدن جي اهڙي نموني تربيت ڪيل هئي.

* ذڪر حضرت عبدالله خبيق رحمت الله عليه *

حضرت عبدالله خبيق رحمت الله عليه جن ڪامل دين ۽ ڪامل يقين هئا، سنت نبوي صلي الله عليه وسلم جا امام ۽ توڪل ۾ ڪمال جي درجي تي پهتل هئا. حلال جي ڪائڻ ۾ ڪوشش واندڙ ۽ احتياط کان ڪم وٺندڙ هئا. پاڻ ڪوفي جا رهندڙ هئا، مگر انطاڪيہ ۾ مقيم ٿي ويا. فتح موصلي رحہ فرمائن ٿا تہ جڏهن پهريون دفعو سان عبدالله رحہ کي ڏٺو تہ مون کي فرمايائون تہ دنيا ۾ ڇهہ شين کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي. اک، زبان، دل ۽ خواهش.

آڪ سان اهڙي جڳهه ڪي نہ ڏسو جيڪا شايان شان هجي. زبان سان اهڙي ڪا ڳالهہ نہ ڪرين جا خدا جي حڪم جي خلاف هجي. دل کي خيانت ۽ تڪبر کان محفوظ رکو، حرص جي نظر سان ڪنهن بہ قسم جي خواهش نہ ڪريو. جيڪڏهن اهي صفتون ڪنهن ۾ بہ نہ هجن تہ ان تي لعنت وجهو، ڇاڪاڻ تہ پوءِ سراسر شقاوت (بدبختي) آهي.

فرمائڻ ٿا تہ الله تعاليٰ، دل کي ذڪر جو مقام بڻايو آهي، جيڪڏهن ان سان نفس صحبت رکي تہ پوءِ شهوت خانو بڻجي ويندي، ۽ شهوت کي دل مان دور ڪرڻ وارو صرف خوف ئي آهي. جيڪو شخص پنهنجي دل کي زنده رکڻ گهري ٿو تہ ان کي گهرجي تہ دل کي نفساني خواهش کان پري رکي ۽ طمع نہ ڪري ۽ پيٽ پري کائڻ کان گريز ڪري. فرمائڻ ٿا تہ سڀ کان فائدي وارو خوف اهو آهي، جو گناه کان باز رکي. سڀ کان فائدي واري اميد اها آهي، جا تنهنجي ڪم کي آسان ڪري. فرمائڻ ٿا تہ خراب ڳالهين ٻڌڻ واري دل کان اطاعت الاهيءَ جو ذوق ميٺجي ويندو آهي.

فرمائڻ ٿا تہ رجا (اميد) ٽن قسمن جي آهي: پهريون هيءَ تہ نيڪي ڪرڻ پر قبوليت جي اميد گهٽ رکڻ. ٻيو هيءَ تہ گناه کان توبه ڪري بخشش جي امد رکڻ. ٽيون هيءَ تہ گناه ڪري بخشش جي اميد رکڻ. فرمائڻ ٿا تہ جيڪڏهن توهان چاهين ٿو تہ حق تعاليٰ جي ڪمن ۾ ڪو شخص توکان اڳي نہ هجي تہ توکي گهرجي تہ، تون ڪنهن بہ شيءِ کي پسند نہ ڪر، ڇاڪاڻ تہ اهو الله تعاليٰ ٿي تنهنجي لاءِ سڀني شين کان بهتر آهي.

* ذڪر حضرت جنيد بغدادي رحمت الله عليه *

حضرت جنيد بغدادي رحمت الله عليه وقت جا قطب، طريقت جا سلطان ۽ حقيقت جا بادشاه هئا. ڪين مختلف قسم جي علم ۽ فن ۾ ڪامل دسترس حاصل هو. رياضت ۽ معاملات ۾ مفتي ڪامل هئا، لطيف ڪمالات ۽ اشارات عاليءَ ۾ سڀ کان بلند درجو رکندڙ هئا. پاڻ تمام فرقن ۾ مقبول هئا، ۽ سڀني کي سندن امامت تي اتفاق هو، سندن لقب سيدالطائفہ هو، مقتداء اهل تصوف هئا. شريعت، طريقت ۽ حقيقت ۾ انتها درجي تي پهتل هئا. عشق ۽ زهد ۾ بي نظير هئا، ڪين مجتهد جو درجو حاصل هو. پاڻ پنهنجي وقت جي تمام مشائخن جا مرڪز هئا. سندن بيشمار ڪتاب لکيل آهن. علم اشارات سڀ کان پهرياٺين حضرت جنيد بغدادي رحہ پکيڙيو. بار بار حاسد ۽ دشمن ماڻهن، حضرت جنيد بغدادي رحہ تي ڪفر ۽ زنديق جون فتوائون لڳايون. حضرت جنيد بغدادي رحہ سيري سقطي رحہ جا ڀائيجا ۽ مريد هئا. سندن درجو پنهنجي

مرشد ڪان ئي وڏي ويو هو، جنهن جو اعتراف خود حضرت سيري سقطي رح ڪندو هو. هو بار بار فرمائيندو هو تہ حضرت جنيد بغدادي رح هم تن درد و عشق آهن.

حضرت جنيد بغدادي رح جي طبيعت ننڍپڻ ڪان ئي درد ۽ عشق جي طلب ۾ سمايل هئي، ان ڪان سواءِ ادب ۽ دانائيءَ ۾ بہ ان وقت ڪمال درجو رکندڙ هئا. هڪ ڏينهن، جيئن مڪتب ڪان گهر آيا تہ ڏٺائون تہ سندن والد صاحب روئي رهيو هو، والد صاحب ڪان روئڻ جو سبب پڇيائون. سندن والد صاحب چيو تہ مان تنهنجي مامي حضرت سيري سقطي رح ڏانهن زڪوات جا رپيا موڪليا هئا، مگر هن قبول نہ ڪيا. تنهن تي حضرت جنيد رح چيو تہ اهي رپيا مون کي ڏيو، تہ مان ئو هن کي ڏيئي اچان. نيٺ رپيا کڻي مامي جي گهر ويا ۽ ڪيس چيائون تہ خدا جي واسطي، جنهن اوهان کي فضل ۽ منهنجي پيءَ کي عدل ڏنو آهي، هي زڪوات وٺو. سيري سقطي رح کائنس پڇيو تہ خدا تعاليٰ مون کي ڪهڙو فضل ۽ تنهنجي پيءُ کي ڪهڙو عدل ڏنو آهي؟ حضرت جنيد رح چيو تہ ماما جان! الله تعاليٰ اوهان کي درويشي ڏني آهي. اهو فضل آهي، ۽ منهنجي پيءُ زڪوات جا رپيا حقدارن کي پهچايا آهن، اهو عدل آهي. حضرت جنيد رح جي اها ڳالهہ سيري سقطي رح کي بيحد پسند آئي ۽ اها زڪوات ورتائين ۽ حضرت جنيد رح کي دل سان پيار ڪيائين. حضرت جنيد رح اڃا ستن سالن جو مس هو تہ سندس مامو حضرت سيري سقطي رح کيس حج تي وٺي ويو، اتي مسجد حرام ۾ ڪيترن ئي مشائخن جي مجلس ۾ "شڪر" جي مسئلي تي بحث تي رهيو هو. هر هڪ بزرگ پنهنجي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندو ٿي رهيو. حضرت سيري سقطي رح جنيد رح کي بہ چيو تہ شڪر جي بنسبت تون بہ ڪجهہ ڳالهاءِ. حضرت جنيد رح چند گهڙين جي سوچ ويچار ڪان پوءِ چيو تہ: "جيڪا نعمت الله تعاليٰ توهان کي ڏني آهي ان جي نافرماني نہ ڪريو، ۽ نعمت کي مصيبت جو ذريعو نہ بڻايو" اهو ٻڌي سڀني مشائخن حضرت جنيد رح جي ڳالهہ تي اتفاق ڪيو ۽ هن جي ڳالهہ کي داد ڏنائون.

حج ڪان واپس اچڻ تي حضرت جنيد رح شيشي جو دڪان کوليو. دڪان ۾ پردو ڏيئي روزانو چار سو رڪعت نماز ادا ڪندا هئا، ائين ڪندي ڪافي عرصو گذري ويو. چاليهن سالن ڪان پوءِ گمان ڪيائون تہ مان منزل مقصود تي پهچي ويو آهيان، انهيءَ وقت هاتف آواز ڏنو تہ هاڻي اهڙو وقت آيو آهي تہ تو کي، تنهنجي زنار جو ڪنارو ڏيکاريون. حضرت جنيد جڏهن اهو آواز ٻڌو تہ چيائين تہ يا الاهي! جنيد کي ڪهڙي سبب ڪري ائين چيو ويو؟ مون ڪهڙو گناه ڪيو؟ آواز آيو: اي جنيد! انهيءَ ڪان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو گناه ڪرين ٿو جو تون پنهنجو پاڻ کي بهتر ٿو سمجهين؟ پاڻ جڏهن اهو ٻڌائون، تہ هڪ آه ڀريائون ۽ سر جهڪائي

ڇڏيائون. پوءِ چيائون "من لم يکن للوصال اهلا فکل احسانہ ذنوب" ان کان پوءِ پنهنجي مامي جي گهر هليا آيا جتي هڪ ڪوٺيءَ ۾ اڪيلائي اختيار ڪيائون ۽ پنهنجي دل جي پاسباني شروع ڪري ڏنائون. عشا جي نماز کان پوءِ اٿي بيهندا هئا ۽ صبح جي وقت تائين الله الله ڪندا رهندا هئا، انهيءَ ئي وضوءَ سان وري صبح جي نماز ادا ڪندا هئا.

مخالفن، حضرت جنيد رحہ جي ڪلام جي مخالفت ڪئي ۽ اهي ڳالهيون وڃي وقت جي خليفي تائين پهچايون. خليفي چيو تہ بغير ڪجهہ ڏسڻ ويا ڪرڻ جي جنيد رحہ کي منع نٿي ڪري سگهجي. ماڻهن چيو تہ ماڻهو هن جي ڳالهين سبب فتني ۾ مبتلا ٿي وڃن ٿا. في الحال خليفي کو ڏيان ڪونہ ڏنو، خليفي وٽ هڪ ٻانهي رهندي هئي جنهن کي هن ٽن هزار درهمن ۾ خريد ڪيو هو. ٻانهي نهايت ئي حسين ۽ خوبصورت هئي، پنهنجي وقت ۾ حسن و جمال جي لحاظ کان پنهنجو مٽ پاڻ هئي. خليفو ان تي عاشق هو، خليفي حڪم ڪيو تہ هن ٻانهيءَ کي قيمتي زيورن سان آراستہ ڪيو وڃي ۽ نهايت ئي قيمتي جواهرن سان سينگاريو وڃي. جڏهن حڪم جي بجا آوري ڪئي ويئي، تڏهن خليفي ڪنيز کي حڪم ڪيو تہ تون فلاڻي جڳهہ تي حضرت جنيد رحہ وٽ وڃ، ۽ چهري تان نقاب لاهي پنهنجو پاڻ کي ان جي اڳيان پيش ڪري کيس چئجان تہ مان نهايت ئي مالدار آهيان. دنيا کان منهنجي دل ڀرجي ويئي آهي، ۽ مان اوهان وٽ انهيءَ غرض سان آئي آهيان تہ مون کي پنهنجي صحبت ۾ قبول فرمايو، تہ مان توهان جي خدمت ۾ رهي خدا تعاليٰ جي عبادت ڪريان، منهنجي دل هاڻي انهن ئي چاهي تہ اوهان جي صحبت کان سواءِ ٻيو ڪٿي بہ نہ ويهان. ان سان گڏ ڪنيز کي اهو بہ تاڪيد ڪيو ويو هو تہ جيتري قدر ٿي سگهيئي تہ خوشامند ۽ چاپلوسيءَ کان ڪم وٺي حضرت جنيد رحہ کي پنهنجي محبت جي دام ۾ ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪجانءِ. اصل حال دريافت ڪرڻ لاءِ خليفي هڪ ماڻهو بہ ساڻ ڏنس. مطلب تہ اها ڪنيز حضرت جنيد رحہ جي خدمت ۾ پهتي ۽ پنهنجي منهن تان نقاب لاهي ڦٽو ڪري ڇڏيائين. جڏهن حضرت جنيد رحہ جي نظر هن ڪنيز تي پيئي تہ پنهنجي سر کي جهڪائي ڇڏيائون. ڪنيز کي جيڪي ڪجهہ سمجهايو ويو هو سو اهڙي نموني چوڻ شروع ڪيائين، ليڪن حضرت جنيد رحہ بدستور پنهنجو ڪنڌ جهڪيل رکيو ۽ سڀ ڪجهہ ٻڌندا رهيا. آخر اوچتو ئي اوچتو ڪنڌ مٿي ڪري هڪ آہ ڀريائون، آہ سان اها ڪنيز هڪدم هيٺ ڪري پيئي ۽ مري ويئي. غلام جيڪو ڪنيز سان گڏ آيو هو تنهن وڃي خليفي سان اهو سمورو حال ڪيو، اهو ٻڌي خليفي جي تن بدن ۾ باہ لڳي ويئي ۽ ڏاڍو پشيمان ٿيو. ان کان پوءِ خليفو خود حضرت جنيد رحہ جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ آماده ٿيو. ماڻهن چيس تہ جنيد رحہ کي اوهان پاڻ وٽ گهرايو، ليڪن خليفي چيو تہ اهڙي شخص کي پاڻ وٽ

گھرائڻ مناسب نہ آھي، بلڪ خود ھن جي خدمت ۾ وڃڻ گھرجي. آخرڪار خليفي، حضرت جنيد رحہ جي خدمت ۾ وڃي عرض ڪيو تہ يا شيخ! اوھان ھي ڇا ڪيو، جو اوھان ھھڙي محبوبہ کي ساري جلائي ڇڏيو؟ حضرت جنيد رحہ فرمايو تہ ”اي اميرالمومنين! ڇا اوھان کي مومنن تي اھا شفقت آھي تہ منھنجي چاليھن سالن جي عبادت، اوجاڳن ۽ جان جي سختين کي ھڪ ڪنيز ھڪ پلڪ ۾ برباد ڪري ڇڏي؟“ خليفي کي خوف ٿيو تہ مبادا ڪابہ اھڙي ڳالھہ نہ چئي وڃان جا حضرت جنيد رحہ کي ناگوار لڳي، پوءِ متان منھنجو بہ اھڙو حال ٿئي جھڙو ھن ڪنيز جو ٿيو آھي، تنھن ڪري ڪجھہ نہ ڪڇائين ۽ ماٺ ڪري ھليو ويو. ان کان پوءِ حضرت جنيد رحہ پنھنجي منزل ۾ نھايت ترقي ڪندا رھيا، ۽ ساري جھان ۾ سندن شھرت ٿيڻ لڳي. وقت بوقت ڪين آزمايو ويو، ليڪن ھر دفعي اڳي کان بہ وڌيڪ وڌندا ٿي رھيا. آخر حضرت جنيد رحہ جن وعظ ڪرڻ شروع ڪيو، وعظ جي دوران فرمايائون تہ مان ايستائين وعظ شروع نٿي ڪيو جيستائين چاليھن ابدالن مون کي وعظ ڪرڻ تي مجبور نہ ڪيو. پاڻ فرمائن ٿا تہ مان ٻہ سون پيرن جي خدمت ڪئي، جن مان صرف سٺ اقتدار جي لائق ھئا. فرمائن ٿا تہ انھيءَ رستي تي اھو شخص قدم رکي جيڪو الله جي ڪتاب کي ساڄي ھٿ ۾ کڻي ۽ سنت مصطفيٰ کي کٻي ھٿ ۾ کڻي، ۽ انھن ٻنھي شين جي روشنيءَ ۾ ھلي، تہ جيئن شڪ ۽ شبھہ جي کنھن کڏ ۾ نہ ڪري پوي، يا بدعت جي تاريڪيءَ (اونداھيءَ) ۾ ڦاٿل نہ رھي. فرمائن ٿا تہ حضرت ابو بڪر رضہ کان حضرت علي ڪرم الله وجہ تائين ۽ سڀني اصحابن ڪرامن انھن ٻنھي شمعن کي ئي اختيار ڪيو.

ماڻھن حضرت جنيد رحہ کان پڇيو تہ حق تعاليٰ کي اوھان ڪيئن سڃاتو؟ فرمايائون تہ اھڙيءَ طرح جو ان مون کي پنھنجو واقف ڪيو. اھا ھڪ اھڙي ذات آھي جنھن جو مشابہ بہ ڪوبہ ڪونھي، ۽ نہ ئي ڪنھن مخلوق سان ان جو قياس ٿي سگھي ٿو، باوجود پنھنجي دوريءَ جي نزديڪ آھي، ۽ باوجود نزديڪيءَ جي دور آھي. تمام شين تي ان جي برتري آھي، ھو ڪنھن بہ چيز جي مثل نہ آھي، ۽ نہ ئي ھو ڪنھن شيءِ مان آھي، ھو پاڪ ۽ بي مثل آھي. اھو خدا اھڙو آھي جو ان کان سواءِ ٻيو ڪو اھڙو نہ آھي، سواءِ ان جي صفتن جي ٻيو ڪوبہ ان جي صفت جي لائق نہ آھي. جيڪڏھن انھيءَ ڳالھہ کي کولي لکجي تہ جيڪر ھڪ تمام وڏو ڪتاب جڙي پوي.

فرمائن ٿا تہ ويھن سالن کان وٺي مان پنھنجي معمولي علم جون ڳالھيون بيان ڪيون پر ڪجھہ بيان نہ ڪيا، ڇاڪاڻ تہ زبان کي انھن جي بيان ڪرڻ کان منع ڪئي ويئي ھئي، ۽ دل کي ان جي سمجھڻ کان محروم ڪيو ويو ھو. فرمائن ٿا تہ خوف مون کي قبض ڪري

چڏيو آهي ۽ رجا (اُميد) کان مونکي خوشي حاصل ٿيندي آهي. فرمائن ٿا تہ جڏهن مان اهو چاتو "ان الكلام لفي نوار" تڏهن مان ٽيهن سالن جي نماز قضا ڪئي. فرمائن ٿا تہ ويهن سالن تائين تڪبير اوليٰ مون کان ڪونہ گُسي آهي. فرمائن ٿا تہ جڏهن بہ مون کي نماز ۾ دنيا جو خيال ايندو هو تہ اها نماز دوباره ادا ڪندو هوس. جيڪڏهن نماز ۾ بهشت يا آخرت جو خيال ايندو هو تہ سهو جو سجدو ڏيندو هوس.

هڪ ڏينهن پنهنجي مريدن کي فرمايائون تہ جيڪڏهن مون کي اهو معلوم هجي ها تہ ٻن رڪعتن نفل نماز جو ادا ڪرڻ توهان سان گڏ ويهڻ کان افضل آهي تہ مان ڪڏهن بہ توهان سان گڏ ڪونہ ويهان ها. حضرت جنيد رحہ هميشه روزي ۾ رهندا هئا. جڏهن بہ سندن ڪي يار وٽن ايندا هئا تہ روزو افطار ڪندا هئا، فرمائيندا هئا تہ يارن جي موافقت، نفلي روزن کان افضل آهي:

نقل آهي تہ حضرت جنيد رحہ سدائين عالمانہ لباس پهريندا هئا. هڪ ڏينهن ماڻهن عرض ڪيو تہ ڪهڙو نہ سٺو ٿئي جو اوهان ٻين بزرگن جي طرح ڪپڙا پائڻ ڇڏيو. پاڻ فرمايائون تہ جيڪڏهن اهو ثبوت هجي تہ ڪشادگيءَ جو مرقع جي پائڻ تي منحصر آهي تہ پوءِ مان لوهہ ۽ باهہ جو لباس پائڻ لاءِ بہ تيار آهيان. پر هر ساعت اهو آواز ٿو اچي تہ مرقع يا لباس جو اعتبار نہ آهي. جڏهن سندن ڪم کي مقبوليت حاصل ٿي تڏهن حضرت سيري سقطي رحہ حضرت جنيد رحہ کي وعظ ڪرڻ لاءِ چيو، ليڪن پاڻ انڪار ڪيائون ۽ فرمايائون تہ اي شخص! اوهان جي هوندي ڀلا مان ڪيئن ٿو وعظ ڪري سگهان! اهو تہ سراسر ادب جي خلاف آهي.

هڪ رات حضرت جنيد رحہ جن کي خواب ۾ حضور پر نور صلي الله عليه وسلم جن جي زيارت نصيب ٿي، حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن کيس وعظ ڪرڻ لاءِ ارشاد فرمايو. حضرت جنيد رحہ صبح جو حضرت سيري سقطي رحہ سان خواب جو ذڪر ڪرڻ لاءِ آئيا تہ ڏٺائون تہ حضرت سيري سقطي رحہ دروازي تي اڳيئي موجود هئا. حضرت سيري سقطي رحہ فرمائن تہ ڇا اوهان اچا انهيءَ خيال ۾ آهيو تہ ڪي ٻيا اوهان کي وعظ ڪرڻ لاءِ چون. اسان تہ سڀئي اوهان کي وعظ ڪرڻ لاءِ چوندا رهيا سين، مگر اوهان انڪار ڪندا رهيا. هاڻي تہ حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن اوهان کي وعظ ڪرڻ لاءِ ارشاد فرمايو نہ! هاڻي تہ اوهان کي وعظ ڪرڻ ئي گهرجي. حضرت جنيد رحہ، حضرت سيري سيطي رحہ کي چيو تہ اوهان کي ڪيئن معلوم ٿيو تہ مان حضور انور صلي الله عليه وسلم جن جو خواب ۾ ديدار ڪيو آهي؟ حضرت سيري سقطي رحہ فرمايو تہ مان حق تعاليٰ کي خواب ۾ ڏٺو. جناب باري تعاليٰ کان ارشاد ٿيو تہ اسان حضور پر نور صلي الله عليه وسلم جن کي جنيد رحہ جي طرف موڪليو آهي، تہ جيئن

ممبرتي بيهي ڪري وعظ ڪري، آخرڪار جنيد بغدادي رحہ وعظ شروع ڪري ڏنو. سندن وعظ ۾ ايترو تہ اثر هو جو ڪيترن هزارها ماڻهن اسلام قبول ڪيو. ڪجهہ عرصي ڪان بعد حضرت جنيد رحہ جن خود بخود خاموشي اختيار ڪئي، ۽ وعظ بند ڪري ڇڏيائون. جيتوڻيڪ ماڻهن بار بار التجا ڪئي، تہ دوباره وعظ فرمايو، مگر حضرت جنيد رحہ جن ڪو توجہ ڪونہ ڏنو. آخر تقريباً ٻن سالن کان پوءِ بغير ڪنهن جي چوڻ جي خود بخود وعظ ڪرڻ شروع ڪيائون. ماڻهن ان جو سبب پڇيو؟ جواب ۾ فرمايائون تہ مان هڪ حديث شريف پڙهي آهي جنهن ۾ جناب حضورڪريم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو آهي تہ آخري زماني ۾ ماڻهن جو نيڪ گمان انهيءَ شخص جي متعلق هوندو، جيڪو سڀ کان بدتر هوندو، ۽ هو وعظ بيان ڪندو. سو مان پنهنجو پاڻ کي سڀ کان بدتر ٿو ڏسان. ان ڪري حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي ارشاد سچي هجڻ جي سبب کان وعظ ڪريان ٿو.

فرمائن ٿا تہ هڪ دفعي منهنجي دل گم ٿي ويئي، مان خدا کي درخواست ڪئي تہ منهنجي دل مون کي ملي وڃي. آواز آيو تہ اي جنيد! اسان تنهنجي دل ان ڪري ورتي آهي جو تون غير جي طرف مائل ٿيڻ گهرين ٿو، مگر اسان چاهيون ٿا تہ تون اسان سان گڏ رهہ.

حضرت شبلي رحہ فرمايو تہ جيڪڏهن قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ جنت ۽ دوزخ منهنجي اختيار ۾ ڏيئي ڇڏي تہ مان جيڪر دوزخ کي پسند ڪريان. ڇاڪاڻ تہ بهشت مون کي پسند آهي، ۽ دوزخ وري دوست جي پسند آهي. پوءِ جيڪڏهن ڪو پنهنجي پسند کي يار جي پسند تي فضيلت ڏي تہ پوءِ اهو محب نٿو چوائي سگهي، تنهن ڪري دوست جي پسند ئي منهنجي پسند آهي. حضرت جنيد رحہ کي جڏهن انهيءَ ڳالهہ جي خبر ملي تہ فرمايائون تہ شبلي رحہ تہ ٻارائپون ڳالهيون پيو ڪري. جيڪڏهن مون کي اختيار ڏنو وڃي تہ مان جنت ۽ دوزخ مان ڪنهن کي بہ قبول نہ ڪريان، ڇو تہ مان چوندس تہ بندي کي اختيار سان ڪهڙو ڪم. مولا! جا تنهنجي رضا اها منهنجي رضا، جتي تون چاهين اتي رک.

هڪ بزرگ بيان ڪيو آهي تہ هڪ رات مان حضور پر نور صلي الله عليه وسلم جن کي خواب ۾ ڏٺو، اتي حضرت جنيد رحہ بہ موجود هو. ايتري ۾ ڪو شخص هڪ فتويٰ ڪٺي آيو. آنحضرت صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تہ اها فتويٰ جنيد رحہ کي ڏيکار، ليڪن حضرت جنيد رحہ عرض ڪيو تہ يا رسول الله صلي الله عليه وسلم! جڏهن اوهان پاڻ موجود آهيو تہ منهنجي ڇا مجال آهي! مگر حضور اڪرم جن فرمايو تہ جيتري قدر انبياء عليهم الصلواة کي تمام اُمت تي فخر هوندو، اوتري قدر مونکي جنيد رح تي هوندو.

هڪ دفعي پاڻ بيمار ٿي پيا، دعا گهريائون تہ خدايا! مون کي شفا ڏي. انهيءَ وقت آواز

آيو تہ اي جنيد! خدا ۽ بندي ۾ تون ڪير آهين جو وچ ۾ اچين؟ اسان جي حڪم تي خوش رھہ. جنھن ڳالھہ ۾ توکي مبتلا ڪيو ويو آھي ان تي صبر ڪر.

ھڪ دفعي سندن پير ۾ درد ٿي پيو پاڻ صورت فاتحہ پڙھي انتي دم ڪيائون، تہ ايتري ۾ آواز آيو تہ اي جنيد! توکي شرم نٿو اچي، جو پنھنجي نفس خاطر اسان جي ڪلام کي استعمال ٿو ڪرين.

ھڪ دفعي سندن اک خراب ٿي پيئي، ھڪ آتش پرست طبيب چين تہ جيڪڏھن اوھان کي اک جي صحت درڪار آھي تہ اک کي پاڻيءَ کان بچاءِ. پاڻ فرمايائون تہ وضو ڪيئن ڪريان؟ مگر طبيب ساڳيءَ طرح چئي ھليو ويو. جڏھن نماز جو وقت آيو تہ پاڻ وضو ڪري نماز پڙھيائون، نماز کان فارغ ٿيا تہ سندن اک بلڪل نيڪ ٿي ويئي ھئي. انھيءَ وقت آواز آيو تہ اي جنيد! تو اسان جي رضا جي خاطر پنھنجي اک جو نقصان گوارا ڪيو، جيڪڏھن انھيءَ جي اجر ۾ تمام دوزخين جي بخشش گھرين تہ بہ اسان تيار آھيون. ٻئي ڏينھن تي انھيءَ طبيب جڏھن حضرت جنيد رحہ جي اک کي نيڪ ٿيل ڏٺو، تہ ان جو ڪارڻ پڇيو؟ حضرت جن سمورو قصو بيان ڪري ٻڌايو. اھو ٻڌي طبيب انھيءَ وقت مسلمان ٿيو، ۽ چيائين تہ ھتي انسان جو ڪم نہ آھي! ھي خالق جو علاج آھي.

ھڪ بزرگ بيان ڪري ٿو تہ مان ھڪ ڏينھن حضرت جنيد رحہ جي خدمت ۾ حاضر ٿيس. ڏٺم تہ ابليس لعين ڀڄندو پيو وڃي ۽ پاڻ حضرت جن نھايت غصي جي حالت ۾ ھئا. مان کين عرض ڪيو تہ يا شيخ! الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ غصي جي حالت ۾ ابليس، انسان تي پنھنجو زياده اثر ڄمائيندو آھي، مگر ھت تہ معاملو ٿي اُبتڙ ڏسان ٿو. اوھان غصي ۾ آھيو، ۽ ابليس ڀڄو پيو وڃي! حضرت جنيد رحہ فرمايو تہ جيڪڏھن ھن جي خلاف غصو ھجي ھا تہ پوءِ عجب جي ڳالھہ ھئي، مگر اسان ماڻھو محض حق جي خاطر غصو ڪندا آھيون، ان ڪري ابليس اسان کان انھيءَ وقت ڀڄندو آھي جڏھن اسان غصي ۾ ھوندا آھيون. عام ماڻھو پنھنجي نفس جي خاطر غصو ڪندا آھن انڪري شيطان انھن تي غلبو ڪندو آھي.

فرمائن ٿا تہ ھڪ دفعي مان ابليس کي ڏسڻ جي خواھش ڪئي، ان وقت مان ڏٺو تہ ھڪ پوڙھو شخص منھنجي طرف اچي رھيو آھي، جڏھن منھنجي ويجھو پھتو تہ مان کانئس پڇيو تہ تون ڪير آھين؟ چيائين تہ مان اھو آھيان، جنھن جي اوھان کي خواھش آھي. مان کيس چيو تہ ملعون! تون آدم عليہ السلام کي سجدو ڇو نہ ڪيو؟ ابليس جواب ڏنو تہ اي جنيد! ڇا تون اھو پسند ڪندين تہ تون سواءِ اُن (الله) جي غير کي سجدو ڪرين؟ مان ان ڳالھہ تي ڏاڍو حيران ٿيس، انھيءَ وقت منھنجي دل ۾ آواز آيو تہ ان ملعون کي چئہ تہ تون ڪوڙ ٿو

بڪين، جيڪڏهن تون بندو هجين ها تہ هن جي حڪم جي انحرافي نہ ڪرين ها. مان جڏهن اهي لفظ ابليس کي چيا، تہ هو ائين چئي ”تون مون کي ساڙي ڇڏيو“ غائب ٿي ويو. هڪ دفعي ڪنهن شخص حضرت جنيد بغدادي رحہ کي چيو تہ ڇا اڄ ڪلهہ برادران دين ناياب آهن؟ پاڻ هن کي فرمايائون تہ جيڪڏهن تون اهڙو ڀاءُ چاهين ٿو جيڪو تنهنجو بار کڻي تہ پوءِ واقع ناياب آهن، پر جيڪڏهن تون ائين چاهين ٿو تہ جنهن جو بار تون کڻين تہ پوءِ اهڙا ڀائر مون وٽ ڪافي آهن.

نقل آهي تہ هڪ دفعي مريد سان گڏ ڪنهن طرف وڃي رهيا هئا، تہ هڪ طرف کان ڪتي جي ڀونڪڻ جو آواز آيو. پاڻ اهو ٻڌي فرمايائون تہ لبيڪ! لبيڪ! مريد حيران ٿي ڪانئن دريافت ڪيو تہ، فرمايائون تہ هن جي قوت خداوند ڪريم جي قهر سان ڏٺم، ليڪن ڪتي کي درميان نہ ڏٺم. هڪ ڏفعي پاڻ زار زار روئي رهيا هئا، ماڻهن ڪانئن روئڻ جو سبب پڇيو؟ فرمايائون تہ بلا، جيڪڏهن هڪ وڏو ازدهان نانگ هجي تہ سپ ڪان.اول مان هن کي لقمو بڻايان. ايتري عمر مان بلا جي طلب ۾ گذاري، مگر اجا تائين اهو جواب ملي ٿو تہ تنهنجي عبادت اسان جي بلا جي قابل نہ ٿي آهي.

فرمائن ٿا تہ مان هڪ دفعي خواب ۾ ڏٺو تہ مان دربار الاهيءَ ۾ بيٺو آهيان ۽ الله تبارڪ وتعاليٰ فرمائي پيو تہ اهي ڳالهيون تون ڪٿان ٿو ڪرين؟ مان عرض ڪيو تہ مان جيڪي ڪجهہ چوان ٿو حق ڪان چوان ٿو. جواب مليو تہ تون سچ ٿو چوين.

ابن شريح فرمائن ٿا تہ ماڻهن حضرت جنيد رحہ جي ڪلام جي متعلق مون کان پڇيو. مان ماڻهن کي جواب ڏنو تہ هن جي ڪلام ۾ هڪ عظمت ۽ صورت ڏٺي وڃي ٿي. وري مون کان پڇيائون تہ ڇا هو جيڪي ڪجهہ چوي ٿو سو علم منجهان چوي ٿو؟ مان کين جواب ڏنو تہ مان اهو نٿو ڄاڻان. مگر ايترو چئي سگهان ٿو تہ مون کي ائين محسوس ٿئي ٿو تہ حق تعاليٰ هن جي زبان مان ڪلام فرمائي ٿو.

روايت آهي تہ پاڻ جڏهن بہ توحيد جي متعلق فرمائيندا هئا تہ هر دفعي نئين عبارت سان شروع ڪندا هئا. هڪ ڏينهن شبلي رحہ، حضرت جنيد رحہ جي سامهون ”الله جل جلاله“ چيو، اهو ٻڌي پاڻ فرمايائون تہ اي شبلي! جيڪڏهن الله غائب آهي تہ پوءِ غائب جو ذڪر ڪرڻ غيبت (گلا) آهي. پر جيڪڏهن هو حاضر آهي تہ حاضر جي اڳيان هن جو نالو وٺڻ بي ادبي آهي.

هڪ دفعي ڪجهہ ذڪر فرمائي رهيا هئا، هڪ شخص عرض ڪيو تہ اي شيخ! اوهان جي ڳالهہ منهنجي سمجهہ ۾ نہ آئي. کيس فرمايائون تہ ستر سالن جي عبادت کي قدم جي هيٺان

رک ته پوءِ سمجهه ۾ ايندءِ. هن شخص چيو ته مان ائين ٻـه ڪيو آهي، مگر پوءِ ٻه سنجهي نـه سگهيو آهيان. ڪيس فرمايائون ته پوءِ پنهنجي سر کي پيرن جي هيٺان رک، پوءِ بـه جيڪڏهن سمجهه ۾ نه اچيئي ته پوءِ منهنجو قصور هوندو.

ڪنهن شخص ڪانئن پڇيو تـه دل ڪهڙي وقت خوش ٿيندي آهي؟ فرمايائون تـه انهيءَ وقت، جنهن وقت "هو" يعني الله دل ۾ هجي.

هڪ دفعي ڪو شخص پنج سؤ دينار کڻي آيو، پاڻ هن کان پڇيائون تـه هنن پيسن کان سواءِ بيو ڪجهه تـو وٽ آهي؟ چيائين تـه گهڻو ئي ڪجهه آهي. وري پاڻ فرمايائونس تـه تون اڃا وڌيڪ گهرين ٿو؟ چيائين هائو. تنهن تي پاڻ فرمايائونس ته هي دينار واپس وٺ، هنن پيسن جو حقدار تون ئي آهين. ڇاڪاڻ ته مان باوجود ڪجهه نه هجڻ جي به ڪجهه نٿو چاهيان.

فرمائن ٿا ته هڪ دفعي مسجد ۾ هڪ شخص سوال ڪيو، مان دل ۾ خيال ڪيو تـه هي شخص ڪهڙو نه هٽو ڪٽو ۽ مضبوط آهـي هي سوال ڪرڻ جي ذلت ڇو ٿـو برداشت ڪري، مزدوري ڪري پنهنجو پيٽ ڇونه ٿـو پالي. انهيءَ رات مـان خواب ۾ ڏٺو تـه نهايت ئي سهڻي ڪپڙي سان ڍڪيل طعام منهنجي اڳيان آندو ويو. مان ڪپڙو مٿي ڪنيو، ڏٺم تـه هڪ ماڻهوءَ جو لاش رکيو هو. مان چيو تـه خداوندا! مان آدم خور ته نـه آهيان، جو مـردو منهنجي اڳيان رکيو ويو آهي. آرشاد ٿيو تـه جيڪڏهن ائين نـه آهي تـه پوءِ مسجد ۾ هن کي ڇو ٿي کاڌءِ؟ مان فوراً سمجهي ويس ته مان غيبت ڪئي آهي، ان ڪري ئي مون کي پڪڙ ڪئي ويئي آهي. خواب کـان بيدار ٿيڻ کان پوءِ هڪدم وضـو ڪري ٻه رڪعتون نماز ادا ڪئي، پـوءِ انهيءَ درويش جي ڳولا ۾ نڪتس. ڪجهه دير کان پوءِ مان انهيءَ درويش کـي دجلہ جي ڪناري تي ويٺل ڏٺم، هن بـه ڪنڌ ڦيرائي مون کي ڏٺو ۽ چيائين تـه ڇا تو انهيءَ ڳالهه کان توبهه ڪري ڇڏي؟ مان چيو تـه هائو. تڏهن هن چيو تہ هاڻي وڃ "وهوالذي يتقبل التوبة عن عباده" آئينده خيال جي حفاظت ڪجانءِ.

فرمائن ٿا ته اخلاص، مـان هڪ حجم کـان سکيو. مڪي جي شهر ۾ هڪ حجم، هڪ ماڻهوءَ جا وار لاهي رهيو هو، مان کيس چيو تہ خدا جي راهه ۾ منهنجي وارن کي به لـاهه. حجم انهيءَ وقت هن ماڻهوءَ کي، جنهن جي هو حجامت لـاهي رهيو هو تنهن کي چيو تـه تون ٿورو وقت پري ٿي ويهه، جڏهن خدا جو نالو اچي ويو آهي ته پوءِ سڀ کان اول خدا جو ڪم ڪرڻ گهرجي. پـوءِ مون کي ويهاري پهريائين منهنجي مٿي کي چمي ڏني ۽ پـوءِ حجامت ڪيائين، پنهنجي ڪم کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ هن مون کي هڪ ڪاغذ ڏنو، جنهن ۾ چانديءَ جا ڪجهه ويڙهيل هئا، مون کي ڏسندي چيائين تہ تون هي حاجت جي وقت ڪم آڻج. مـان ان ڏينهن

عهد ڪيو تہ مون کي جيڪڏهن مليو تہ ان حجم سان مروت ڪندس، آخر ڪجھ عرصي ڪان بعد بصري ڪان اشرفين جي هڪ ٿيلهي سون وٽ آئي، مان انهيءَ حجم وٽ آيس ۽ ڪيس پنهنجي نيت ۽ عهد جو ذڪر ڪيم يعني هن کي اشرفيون پيش ڪيون. اهو ڏسي هن چيو تہ اي مرد خدا! توکي شرم نٿو اچي، جو خدا جي نالي تي ڪم ڪرائڻ جو مون کي عيوض ٿو ڏين.

فرمائن ٿا تہ هڪ رات مان نماز پڙهي رهيو هوس، مان گهڻي ئي ڪوشش ڪئي ليڪن نفس هڪ سجدي ۾ بہ منهنجي موافقت نہ ڪئي، آخر تنگ اچي گهر ڪان نڪري وڃڻ تي گهريم. جڏهن دروازو کوليو تہ ڏٺم تہ هڪ نوجوان ڪمبل ويڙهيو دروازي تي ويٺو آهي. مون کي ڏسي چوڻ لڳو تہ ڪيتريءَ دير ڪان وٺي مان اوهان جو انتظار ڪري رهيو آهيان! مان چيو مانس تہ تو ئي تہ ساري رات مون کي بيقرار ڪيو هو. چيائين تہ هائو، منهنجي هڪ سوال جو جواب ڏيو تہ ڪڏهن نفس جو درد ان جي دوا بہ ٿي سگهي ٿو؟ مان چيو تہ هائو، جڏهن ان جي مخالفت ڪندين تہ ان جو درد ئي ان جي دوا بڻجي ويندو. اهو ٻڌي هن نوجوان پنهنجي گريبان ۾ منهن وجهي چيو تہ اي نفس! ايترا دفعا تو مون کان بہ اهو ئي جواب ٻڌو، پر هاڻي جنيد رحہ جي زبان مان بہ ٻڌي ڇڏ ائين چئي هو اٿي هليو ويو. معلوم نہ آهي تہ هو ڪٿان آيو هو، ۽ ڪيڏانهن هليو ويو.

هڪ دفعي هڪ پوڙهي عورت حضرت جنيد رحہ کي چيو تہ منهنجو پٽ گم ٿي ويو آهي، دعا ڪريو تہ هو واپس اچي. پاڻ فرمايائون تہ صبر ڪر. ٿوريءَ دير ڪان پوءِ اها پوڙهي وري موٽي آئي، ليڪن وري بہ حضرت جن ڪيس صبر ڪرڻ لاءِ چيو. ان پوڙهيءَ چيو تہ صبر جي طاقت مون ۾ ڪانهي، خدا جي واسطي ڪا تدبير ڪريو. حضرت جن فرمايو تہ جيڪڏهن تون سچ ٿي چوين تہ پوءِ تنهنجو پٽ واپس اچي ويندو. ڇاڪاڻ تہ الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ ”ام من يجيب المضطر اذا دعاه ويكشف الله“ ائين چئي دعا گهريائون. جڏهن اها پوڙهي گهر آئي تہ ڏٺائين تہ سندس پٽ گهر ۾ موجود هو.

هڪ رات سندس گهر ۾ ڪو چور گهڙي آيو، ليڪن سواءِ هڪ ڪڙتي جي ٻيو ڪجھ ڪين مليس. ٻئي ڏينهن بازار ۾ پنهنجو ڪڙتو وڪامندي ڏٺائون، مگر وٺندڙ چئي رهيو هو تہ ڪو ٻيو شخص گواهي ڏي تہ اهو ڪڙتو واقع تنهنجو آهي تہ پوءِ مان خريد ڪندس. حضرت جنيد رحہ وڏي وڃي چيو تہ اهو ڪڙتو برابر انهيءَ جو آهي. چور اهو حال ڏسي بيحد شرمندو ٿيو ۽ آئينده چوري ڪرڻ ڪان توبهہ ڪيائين. ڪنهن شخص مفلسيءَ جي شڪايت پيش ڪئي، پاڻ فرمايائون تہ وڃي دلجاءِ ڪر. خدا انهيءَ شخص کي بکيو ۽ مفلس نہ ڪندو

جيڪو شڪايت نه ڪري.

هڪ ڏينهن پنهنجي مريد سان ويٺا هئا تہ ايتري ۾ هڪ ماڻهو آيو ۽ هڪ درويش کي وٺي هليو ويو، ٿوريءَ دير کان پوءِ اهو درويش مٿي تي طرح طرح جا ڪاڏا کڻي آيو، ۽ اهو شخص بہ هن جي پٺيان پٺيان اچي رهيو هو. اهو حال ڏسي حضرت جنيد رحہ کي غيرت آئي ۽ فرمايائون تہ اهي سڀ شيون انهيءَ شخص جي منهن تي هڻو، چاڪاڻ تہ درويش کان ٿو بار کڻائي. وري فرمايائون تہ درويش وٽ نعمت نہ آهي تہ ڇا ٿيو، پر همت تہ آهي. جي دنيا نہ آهي تہ آخرت تہ آهي.

هڪ دفعي حضرت جنيد رحہ جي هڪ مريد خيال ڪيو تہ مان ڪمال تي پهچي ويو آهيان، تنهن ڪري هاڻي صحبت جي نسبت اڪيلائي بهتر آهي، اهو سوچي ڪري هو علحده وڃي رهيو. هر روز رات جي وقت ڪنهن مريد وٽ ايندو هو، ۽ کيس چوندو هو تہ اچ تہ مان توکي آٺ تي چاڙهي بهشت ۾ وٺي هلان. اهو مريد آٺ تي چڙهي ويهندو هو ۽ هڪ اهڙيءَ جاءِ تي پهچي ويندو هو، جيڪا هو بهو بهشت جيان هوندي هئي، اتي وڃي سڀهي پوندو هو. صبح جو پنهنجو پاڻ کي ساڳئي پنهنجي عبادت خاني ۾ ڏسندو هو، ان ڪري سندس دل ۾ غرور پيدا ٿي پيو. جڏهن حضرت جنيد رحہ کي انهيءَ ڳالهہ جي خبر پيئي تڏهن مريد کي چيائين تہ تون جڏهن انهيءَ جاءِ تي پهچين تہ ”لاحول“ پڙهجانءِ. ٻيءَ رات مريد جڏهن انهيءَ بهشت نما جاءِ تي پهتو، تہ شيخ جي ارشاد جي تعميل جي خيال کان، نہ پر آزمائش جي طور تي ”لاحول“ پڙهيو تہ اتي جيڪي بہ ماڻهو ويٺا هئا، سي سڀ دانهون ڪندا ۽ ڪوڪندا ڀڄي ويا ۽ پاڻ اڪيلو رهجي ويو. هن پاڻ کي ان وقت هڪ گنديءَ جڳهہ تي پيل ڏٺو، انهيءَ وقت پنهنجي خطا تي شرمندو ٿيو ۽ توبهہ ڪيائين. وري پوءِ حضرت شيخ جنيد رحہ جي خدمت ۾ موٽي آيو.

بصري ۾ سندن هڪ مريد خلوت (اڪيلائي) ۾ ويٺو رهندو هو، هڪ ڏينهن سندس دل ۾ هڪ گناه جو خيال پيدا ٿيو، جڏهن هن شيشي ۾ پنهنجو منهن ڏٺو تہ ڪارو نظر آيس. ٽن ڏينهن کان پوءِ اها ڪارهڻ سفيديءَ ۾ تبديل ٿيڻ لڳي، ايتري قدر جو سارو منهن سفيد ٿي ويس. اوچتو ڪنهن دروازي تي آواز ڏنو پڇيائين ڪير آهين، جواب مليو تہ شيخ جو قاصد آهيان ۽ خط کڻي آيو آهيان. مريد خط کولي پڙهيو، ان ۾ لکيل هو تہ تون دربار عزت ۾ مقام عبوديت تي ادب سان ڇو نہ ٿو ويهين؟ اج مون کي ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون ڌوٻي بڻجڻو پيو تہ جيئن تنهنجي چهري جي سياهيءَ کي سفيديءَ ۾ تبديل ڪريان.

هڪ مريد تي حضرت جنيد رحہ زياده شفقت فرمائيندا هئا، ٻين مريدن شڪايت ڪئي.

پاڻ فرمايائون تہ توهان جي مقابلي ۾ هن جو فهم ۽ دانائي زياده آهي. ان جي آزمائش جي طور هر هڪ مريد کي هڪ هڪ پکي ۽ ڇري ڏيئي فرمايائون تہ جدا جدا هنڌن تي وڃي پکين کي ڪهي اچو، پر ڪهجو اهڙي هنڌ جتي توهان کي ڪوبہ ڪونہ ڏسي. آخرڪار سيني مريدن سندن ارشاد مطابق پنهنجا پنهنجا پکي ڪهي آندا، ليڪن هڪ مريد بغير ڪهڻ جي پکي کڻي واپس موٽي آيو. حضرت جنيد رحہ هن کان پڇيو تہ تون پکيءَ کي ڇو ڪين ڪهي آئين؟ ڇا توکي اهڙو مقام ڪون مليو، جتي توکي ڪوبہ نہ ڏسي ها؟ مريد عرض ڪيو تہ سائين ماڻهو ڇيٺو تہ برابر ڪونہ هو ليڪن خداوند ڪريم تہ هر هنڌ حاضر ناظر آهي، ڪاٿي اها جاءِ ڪٿان ڳولهيان جتي هو نہ ڏسي. اهو ٻڌي حضرت جنيد رحہ سيني مريدن جي طرف ڏٺو ۽ فرمايائون تہ هن جي دانائيءَ کي ڏسو! اهو ٻڌي سيئي مريد شرمندا ٿيا ۽ توبہ ڪيائون.

نقل آهي تہ هڪ دفعي حضرت جنيد رحہ جهاد جو ارادو ڪيو، پاڻ سان گڏ آٺ خاص مريد وٺي روم هليا ويا ۽ اتي وڃي جهاد ۾ شامل ٿيا، جهاد ۾ سندن آٺ ئي مريد شهيد ٿي ويا. پاڻ فرمائن ٿا تہ مان ان وقت هوا ۾ نو * هودج لٽڪيل ڏٺا. منهنجو جيڪو بہ مريد شهيد پئي ٿيو تہ، فرشتا هن جي روح کي هودج ۾ وجهي مٿي آسمان تي کنيو ٿي ويا. جڏهن آٺ ئي هودج مٿي هليا ويا ۽ باقي صرف هڪ رهجي ويو تہ مان خيال ڪيو تہ اهو باقي هودج منهنجي واسطي آهي. انهيءَ وقت هڪ ڪافر شخص مون وٽ آيو ۽ چوڻ لڳو تہ جنيد! تون بغداد وڃي ڪري ساٿين کي راہ راست تي آڻ. هي نائون هودج منهنجي لاءِ آهي، اٿن ڇئي منهنجي هٿ تي مسلمان ٿيو. پوءِ پنهنجي فوج جي طرف موٽي انهن سان وڙهيو، ۽ اٺن ڪافرن کي قتل ڪري، پوءِ پاڻ شهيد ٿي ويو. هن جو روح انهيءَ نائين هودج ۾ رکيو ويو.

نقل آهي تہ هڪ دفعي هڪ سيد صاحب، جنهن کي ناصري چيو ويندو هو، تنهن حج جو ارادو ڪيو. جڏهن بغداد پهتو تڏهن حضرت جنيد رحہ جي زيارت لاءِ وٽن آيو. پاڻ هنڪان پڇيائون تہ تون ڪير آهين؟ ڪنهن جي اولاد آهين ۽ رهندڙ ڪٿي جو آهين؟ سيد صاحب جواب ۾ چيو تہ مان سيد آهيان ڪيلان جو رهندڙ آهيان. حضرت جنيد رحہ فرمايو تہ تنهنجو ڏاڏو يعني حضرت علي ڪرم الله وجہ ٻہ تلوارون هڻندا هئا، هڪ ڪافرن تي ۽ ٻي پنهنجي نفس تي. جيئن تہ تون انهن جي اولاد آهين، ٻڌاءِ تہ تون ڪهڙي تلوار هڻندو آهين؟ اهو ٻڌي سيد ويچارو ڏاڍو بيتاب ٿي ڪري پيو، ۽ روئندي چوڻ لڳو تہ منهنجو حج هتي ئي ٿي ويو، مون کي خدا جي راہ ٻڌايو. پاڻ هن کي فرمايائون تہ تنهنجو سينو خدا تعاليٰ جو خاص حرم آهي، جنهن ۾

* آٺ جو ڪجاوو، جنهن ۾ عورتن کي ويهاريو ويندو آهي- ڏولي.

الله جي غير ڪي جاءِ نه ڏي.

فرمائڻ ٿا ته جنهن پنهنجي نفس کي سڃاتي ورتو آهي، تنهن تي عبوديت آسان ٿي ويندي آهي. پر جنهن خدا کي نه سڃاتو، اهو ڪڏهن به خوش نه هوندو آهي.

فرمائڻ ٿا ته جو شخص چاهي ته سندس دين سلامت، بدن آرام سان، ۽ دل عبادت الاهيءَ ۾ مشغول رهي ته، هن تي لازم آهي تہ ماڻهن ڪـان علحدگي اختيار ڪري. ڇاڪاڻ ته عقلمند اهو ئي آهي جيڪو تنهائي اختيار ڪري ٿو.

فرمائڻ ٿا ته جيڪڏهن توهان جي دنيا، ڪنهن شخص وٽ آهي تہ ڪوئي نقصان ڪونه ٿيندو. پر جيڪڏهن هن جي دل ۾ ذري جيترو به حرص هوندو ته پوءِ نقصان ٿيندو.

فرمائڻ ٿا ته بندو اهـو آهي جـو ڪنهن سان بہ شڪايت نـہ ڪري، ۽ نـہ ئي مذمت ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ڪري.

فرمائڻ ٿا ته جن جي زندگي نفس سان آهي تہ ان جو موت جان نڪرڻ سان ٿئي ٿـو. مگر جنهن جي زندگي خدا تعاليٰ سان آهي، اهـو طبعي زندگيءَ کان اصل زندگيءَ جي طـرف انتقال ڪري ٿو.

فرمائڻ ٿا ته جيڪا اک حق تعاليٰ جي قـدرت ۽ حڪمت کي نـہ ڏسي، ان جو انڌو هجڻ بهتر آهي. جيڪا زبان حق تعاليٰ جي ذڪر ۾ مصروف نہ هجي، تہ ان جو گونگو هجڻ سٺو آهي. جيڪي ڪن حق جي ڳالهه نـہ ٻڌن، انهيءَ کـان بهتر آهي تہ ٻوڙا هجن ۽ جيڪو بدن هن جي خدمت لاءِ ڪري، ان جو مري وڃڻ بهتر آهي.

فرمائڻ ٿا ته جنهن شخص پنهنجي عمل تي اعتبار ڪيو تہ ان جا پير ترڪي ويندا. جنهن پنهنجي مال تي ڀروسو ڪيو اهـو نقصان ۾ پئجي ويـو. جنهن خدا تي ڀروسو ڪيو اهو عـزت ۽ بزرگيءَ کي پهچي ويو.

فرمائڻ ٿا ته صوفي اهو آهي جنهن جي دل حضرت ابراهيم عليه السلام جي طرح دنيا جي دوستيءَ کان سلامت هجي ۽ فرمان الاهيءَ کي مڃڻ واري هجي. سندس تسليم (رضا) حضرت اسماعيل جي طرح، غم حضرت دائـود عليه السلام جي طـرح، فقر حضرت عيسيٰ عليه السلام جي طرح، صبر حضرت ايوب عليه السلام جي طرح، شوق حضرت موسيٰ عليه السلام جي طـرح اخلاص جناب رسول خدا صلي الله عليه وسلم جن جي طرح هجي.

فرمائڻ ٿا ته تصوف هڪ نعمت آهـي، جنهن ۾ بندي جي اقامت آهي. تصوف هي آهـي تہ بغير علائق (تعلق) جي خدا سان گڏ هجي، ۽ تصوف هي آهي تہ توکي توسان ساري ڇڏي ۽ پاڻ زنده رهي.

فرمايائون تہ تصوف ذڪر آهي ۽ وري وجد بہ آهي. پوءِ فرمايائون تہ تصوف نہ هي آهي نہ هو آهي.

ذات تصوف بابت ڪانئن پڇيو ويو تہ فرمايائون تہ توهان هن جي ظاهر کي ورتيون وڃا هجو، ذات متعلق ڪجهہ نہ پڇو. چاڪاڻ تہ صوفي اهي ماڻهو آهن، جن جو قيام الله تعاليٰ سان گڏ هوندو آهي ۽ اهو ٻي ڪين ڄاڻندو آهي.

نقل آهي تہ هڪ دفعي هڪ شخص سندن مريد ٿيڻ لاءِ خدمت ۾ حاضر ٿيو، ڪجهہ وقت رهيو انهيءَ دوران نماز ڪان سواءِ سجدي ڪان سر مٿي اصل نہ ڪندو هو، آخر هڪ ڏينهن هليو ويو. حضرت جنيد رحہ پنهنجي هڪ مريد کي هن جي پٺيان وڃڻ جو ارشاد ڪيو، ۽ کيس فرمايو تہ هن ڪان اهو پڇ تہ صوفي، جو صفا ڪان موصوف آهي، انهيءَ کي ڪهڙيءَ طرح حاصل ڪرين ٿو، جنهن جي وصف ٿي ڪانهي. جڏهن مريد ارشاد مطابق هن ڪان دريافت ڪيو تہ هن چيو تہ بي وصف ٿي وڃ تہ جيئن بي وصف کي حاصل ڪرين. اهو ٻڌي پاڻ هن جي عظمت ۾ سجو ڏسي ويا، ۽ فرمايائون تہ نهايت، ئي عجيب جانور هو، مگر اسان هن جو قدر نہ ڄاتو.

فرمائن ٿا تہ عارف اهو آهي، جنهن جي دل مان حق تعاليٰ جو گفتگو ٿئي، مگر عارف خاموش رهي.

فرمائن ٿا تہ معرفت ٻن قسمن جي آهي، پهريون معرفت تعرف ۽ ٻيو معرفت تعريف. معرفت تعرف اها آهي، جنهن ۾ پاڻ کي الله جو دوست ٻڌائي ۽ معرفت تعريف اها آهي، جنهن ۾ الله کيس پنهنجو دوست ٻڌائي.

ڪانئن پڇيو ويو تہ معرفت ڇا آهي؟ فرمايائون تہ معرفت، خدا جي طرف مشغول هجڻ کي چئجي ٿو. معرفت هڪ قسم جو امتحان آهي يعني جو شخص اهو سمجهي ٿو تہ هو عارف آهي تہ اهو دوکي ۾ هوندو آهي. وري فرمايائون تہ عارف ۽ معروف اهوئي آهي.

فرمائن ٿا تہ علم هڪ سخت چيز آهي ۽ معرفت بہ سخت آهي. پوءِ ڪٿي خدا تہ ڪٿي بندوا يعني علم خدا کي آهي، ۽ معرفت بندي کي، اهي ٻئي سخت ٿي آهن. ان جو سبب هي آهي تہ هڪ چيز ٻئي جو عڪس آهي. جڏهن هڪ سختي ٻيءَ سختيءَ سان محو ٿي وڃي ٿي تہ پوءِ شرڪ نٿو رهي.

فرمائن ٿا تہ حق تعاليٰ صاحب علائق جي محبت کي حرام ڪري ڇڏيو آهي. خدا جي محبت اها آهي تہ حق تعاليٰ جي طرف رغبت حد ڪان وڌيڪ وڌي وڃي، ايتري تائين جو پنهنجو پاڻ فنا ٿي وڃي.

فرمائن ٿا تہ مشاهدو غرق ٿيڻ جو نالو آهي، ۽ وجد هلاڪت جو، ليڪن مشاهدو سڀ ڪي ماري ڇڏي ٿو ۽ وجد سڀ ڪي زنده ڪري ٿو.

فرمائن ٿا تہ قرب وجد ۾ شامل آهي.

فرمائن ٿا تہ مراقبو اهو آهي تہ قضا کان ڊڄندو رهي.

ماڻهن ڪانئن سوال ڪيو تہ مراقبي ۽ حيا ۾ ڇا فرق آهي؟ فرمايائون تہ مراقبو غائب جو انتظار آهي، ۽ حيا ظاهر ڪان ندامت جو نالو آهي.

فرمائن ٿا تہ عبوديت جون ٻہ خصلتون آهن: ظاهر ۽ باطن ۾ هر طرح خدا جي رضا تي راضي رهڻ ۽ رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي پوري محبت سان پيروي ڪرڻ. فرمائن ٿا تہ عبوديت جي معنيٰ آهي، دنيا جي تمام شغلن کي ترڪ ڪرڻ. اهڙي ڪم ۾ مشغول هجڻ جو نالو جيڪو اصل فراغت لذت ۾ سڪون، ۽ حرڪت ۾ اعتماد ڪيٰ ترڪ ڪرڻ جو نالو عبوديت آهي. جڏهن اهي ٻيئي ڳالهيون ترڪ ٿي وڃيون، تڏهن عبوديت جو حق ادا ٿي ويندو.

ماڻهن صدق جي متعلق ڪانئن دريافت ڪيو. پاڻ فرمايائون تہ صدق جي حقيقت هيءَ آهي تہ اهڙن ڪمن ۾ بہ هميشه سچ ڳالهائجي، جنهن ۾ ڪوڙ کان بغير مصلحت جو ڪو رستو نظر نہ اچي، مگر اهڙو ڪوبہ ڪونہ آهي جو صدق طلب ڪري. هر ڳالهہ ۾ صدق جو هجڻ نهايت ضروري آهي، پوءِ جيڪڏهن گهڻو نہ هجي تہ ٿورو بہ چڱو آهي. فرمائن ٿا تہ صادق هڪ ڏينهن ۾ چاليهہ مرتبا هڪ حالت مان ٻيءَ حالت ۾ ٿي وڃي ٿو. مگر رياڪار چاليهن سالن تائين بہ هڪڙيءَ ئي حالت ۾ رهي ٿو. فرمائن ٿا تہ صادق ماڻهن جي هيءَ نشاني آهي تہ هو سوال ۽ جهڳڙو نہ ڪندا آهن، جيڪڏهن ڪو انهن سان جهڳڙو ڪري تہ هو خاموش ٿي ويندا آهن.

ماڻهن ڪانئن صبر جي باري ۾ پڇيو. فرمايائون تہ صبر، نفس کي خدا جي ويجهو رکي ٿو. صبر جي معنيٰ اها آهي تہ ڪوڙيءَ شيءَ کي ڪائي منهن نہ بگاڙي.

ماڻهن پڇيو تہ توڪل ڇا آهي؟ فرمايائون تہ توڪل بغير ڪاڏي ڪائڻ جو نالو آهي. توڪل اها آهي تہ خدا جا ٻلجي وڃو، جهڙيءَ طرح پيدا ٿيڻ کان اڳ هئا. فرمائن ٿا تہ توڪل، الله تعاليٰ جي وعدي تي اطمينان رکڻ جو نالو آهي.

يقين جي متعلق ڪانئن پڇيو ويو تہ فرمايائون تہ يقين جي معنيٰ هڪ اهڙي علم جو مضبوط پڪڙڻ آهي جو ڪنهن بہ حال ۾ دل کان جدا نہ ٿئي. اصل يقين هي آهي تہ نہ رزق جو ارادو ڪريو ۽ نہ ان جو غم. بلڪ جو ڪجهہ توهان جي ذمي مقرر ڪيو ويو آهي ان ۾ مشغول رهو، يقيناً اهو توهان جو رزق توهان کي موڪلي ڏيندو.

فرمائن ٿا تہ جوان مردي هيءَ آهي تہ پنهنجو بار ٻين مٿان نہ رکو، پر جيڪي ڪجهہ پاڻ وٽ هجي ان کي خرچ ڪيو.

فرمائن ٿا تہ تواضع هي آهي تہ تڪبر نہ ڪريو، پر حق تعاليٰ تي مطمئن رهي سڀ کان علحده ٿي وڃو.

فرمائن ٿا تہ خلق چئن شين جو نالو آهي. پهريون سخاوت ٻيو الفت ٽيون نصيحت چوٿون شفقت.

فرمائن ٿا تہ نيڪ عادت فاسق جي صحبت، بد عادت عالم جي صحبت کان وڌيڪ بهتر آهي.

فرمائن ٿا تہ حيا جي معنيٰ خدا ۽ ديني تقسير کي ڏسڻ آهي. انهن ٻنهي کي مدنظر رکڻ سان جيڪا حالت ٿئي ٿي ان کي حيا چئجي ٿو.

فرمائن ٿا تہ توبهہ جون ٽي معنائون آهن. پهريون شرمندگي ظاهر ڪرڻ. ٻيو بد عادت کي ترڪ ڪرڻ ؟ حق جو پڪو ارادو ڪرڻ. ٽيون پاڻ کي ظلم ۽ دشمنيءَ کان پاڪ رکڻ.

فرمائن ٿا تہ ذڪر، ذڪر ۾ ۽ ذڪر مذڪور ۾ فنا ٿي وڃي تہ اها آهي ذڪر جي حقيقت.

فرمائن ٿا تہ مڪر ان کي چئجي ٿو تہ جيڪڏهن ڪو شخص، پاڻيءَ تي هلي ٿو يا هوا ۾ اڏامي ٿو ۽ ٻيا سڀ ماڻهو ان جي تصديق ڪن ٿا تہ اهي ڳالهيون هن لاءِ مڪر آهن. فرمائن ٿا تہ مريد جو مڪر کان بي خوف ٿيڻ هن لاءِ عظيم گناہ آهي، ۽ واصل جو بي خوف ٿيڻ ڪفر آهي.

ڪانئن تصوف جي معنيٰ پڇي ويئي تہ پاڻ فرمايائون تہ دل کي خلق جي رجوع کان صاف رکڻ ۽ بشريت جي صفات سان دل کي محو رکڻ، خواهش نفسانيءَ کي ترڪ ڪرڻ، ۽ صفات روحانيءَ تي پهچي وڃڻ، تمام اُمت کي نصيحت ڪرڻ ۽ شريعت ۾ جناب رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي پوري ۽ سچي متابعت ڪرڻ. وري فرمايائون تہ تصوف هڪ غيرت آهي، جنهن ۾ ڪنهن جي گنجائش ڪانهي.

ڪنهن پڇيو تہ صوفيءَ جي سڀ کان وڏي برائي ڪهڙي آهي؟ فرمايائون تہ بخل.

توحيد جي معنيٰ دريافت ڪرڻ تي فرمايائون تہ توحيد اها آهي تہ پاڻ کي ناچيز سمجهڻ ۽ غير کان نا اُميد رهڻ. اهو بہ تسليم ڪرڻ تہ خدا هڪ آهي ۽ هميشہ رهندو. وري فرمايائون تہ بندگيءَ جي صفت، ذلت، عجز ۽ ضعيفي آهي. مگر الله تعاليٰ جي صفات عزت ۽ قدرت آهن. جيڪو شخص بندگيءَ جي صفت ۾ گم ٿي وڃي ۽ الله تعاليٰ جي صفات کان جدا ٿي

وڃي، اهو ”موحد“ آهي. وري فرمايائون تہ يقين جو. نالو توحيد آهي. تجريد جي متعلق سوال ڪيو ويو تہ فرمايائون تہ ظاهري خرابين ۽ باطن جي غرض ڪانءُ پاڪ ۽ صاف رهڻ تجريد آهي. محبت جي باري ۾ فرمايائون تہ محبت جي صفتن ۾ محبوب جي صفت بڻجي وڃو.

ڪانئن تفڪر جي معنيٰ پڇي ويئي تہ فرمايائون تہ تفڪر چند قسمن جو ٿئي ٿو. پهريون خدا جي آيتن ۾ تفڪر ڪرڻ، جنهن مان معرفت الاهي حاصل ٿئي ٿي. ٻيو الاهي نعمتن ۾ تفڪر ڪرڻ، جنهن مان محبت الاهي پيدا ٿئي ٿي. ٽيون حق تعاليٰ جي وعدي ۾ تفڪر ڪرڻ جنهن مان الله تعاليٰ جي هيبت ظاهر ٿئي ٿي. چوٿون نفس سان احسان الاهيءَ جي باري ۾ تفڪر ڪرڻ؛ جو حق تعاليٰ کان پيدا ٿئي ٿو.

ماڻهن، صادق، صديق ۽ صدق جي متعلق ڪانئن پڇيو. فرمايائون تہ صدق صادق جي صفت آهي، ۽ صادق کي توهان ڏسو تہ اهڙو ئي ڏسو جهڙو توهان ٻڌو ۽ ڏٺو. صديق اهو آهي، جنهن جي اعمال، اقوال ۽ احوال ۾ هميشه صدق هجي. ڪانئن اخلاص متعلق پڇيو ويو تہ فرمايائون تہ اخلاص، فرض ۾ فرض نفل ۾ نفل آهي، ۽ پنهنجي فعلن کي بلڪل فنا ڪري ڇڏڻ آهي. سڀ ڪجهہ انهيءَ الله تعاليٰ جي طرف کان سمجهڻ ۽ خلق کي خدا ۽ نفس جي معاملي ۾ بلڪل الڳ ڪري ڇڏڻ. ڪانئن پڇيو ويو تہ خوف ڇا آهي؟ فرمايائون تہ هر وقت عذاب عقوبت جو منظر رهڻ خوف آهي.

ڪانئن پڇيو ويو تہ شفقت جي معنيٰ ڇا آهي؟ فرمايائون تہ شفقت هڪ خوشي آهي، جيڪي ماڻهو طلب ڪن انهن کي ڏيو، ۽ ايترو بار انهن تي نہ وجهو جو اهي اهو بار برداشت ڪري نہ سگهن، ۽ نہ ئي وري اهڙي ڳالهہ ڪريو جنهن کي اهي سمجهي نہ سگهن. پڇيو ويو تہ اڪيلائي (تنهائي) ڪڏهن چڱي آهي؟ فرمايائون تہ جڏهن توهان نفس کان تنهائي اختيار ڪريو.

پڇيو ويو تہ خلقت ۾ سڀ کان وڏيڪ عزيز ڪير آهي؟ فرمايائون تہ اهو درويش جو هر حال ۾ راضي هجي. ڪانئن پڇيو ويو تہ اسان ڪي ڪنهن جي صحبت ۾ رهڻ گهرجي. فرمايائون تہ ان جي صحبت ۾ رهو، جيڪو اوهان سان نيڪي ڪري وساري ڇڏي. جيڪڏهن توهان هن سان برائي ڪريو تہ هو توهان کي معاف ڪري ڇڏي. پڇيو ويو تہ بندو ڪير آهي؟ فرمايائون تہ جيڪو ٻين جي بندگيءَ کان آزاد هجي.

پڇيو ويو تہ حجاب ڪيترا آهن؟ پاڻ فرمايائون تہ حجاب ٽن قسمن جا آهن: نفس، خلق ۽ دنيا، اهي عام حجاب آهن. وري خاص حجاب بہ ٽي آهن: طاقت، ثواب ۽ ڪرامت جو خيال. پڇيو ويو تہ مومن ۽ منافق جي دل ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ فرمايائون تہ هڪ ساعت ۾

مومن جي دل ستر درجا طئہ ڪري وٺي ٿـي، مگر منافق جي دل ستر سال ۾ بـہ هڪ درجو طئہ نٿي ڪري سگهي.

نقل آهي تـہ حضرت جنيد رحہ فرمائيندا هئا تـہ قيامت جي ڏينهن حق تعاليٰ شال انـڌو ڪري اٿاري، ڇاڪاڻ تـہ جيڪو الله تعاليٰ کي نـہ ڏسي ان لاءِ انـڌو هجڻ ئي بهتر آهي تـہ جيئن هو ڪنهن ٻئي کي بہ ڏسي نہ سگهي.

جڏهن سندن وفـات جو وقت قريب آيو، تڏهـن فرمايائون تـہ مون کي وضـو ڪرايو. مريدن کين وضـو ڪرايو ليڪن آڱرين جو خـلا ڪرائڻ ڀلي ويا، سندن يـاد ڏيارڻ تي خــلا ڪرايو ويو. پوءِ پـاڻ سجدي ۾ ڀنجي زار زار روئڻ لڳا. ماڻهن چيو تـہ اي طريقت جا سردار! باوجود ايتري قـدر عبادت ۽ اطاعت جي روئي رهيا آهيو، آخـر ان جو سبب ڇـا آهي؟ پـاڻ فرمايائون تـہ جنيد هن وقت کان زياده ٻئي ڪنهن بـہ وقت محتاج نـہ هو. ان کان پوءِ قـرآن شريف جي تلاوت فرمايائون. مريدن جي پڇڻ تي فرمايائون تـہ هن کان وڌيڪ بهتر مون لاءِ ڇا ٿيندو جو جڏهن تہ منهنجي اعمال نامي کي ختم ڪيو ٿو وڃي. پوئين وقت ماڻهن کين چيو تہ الله الله چئو، پاڻ فرمايائون تہ مان وساريو ڪين آهي جو يادگيري ڏياريو ٿـا. پوءِ تسبيح پڙهڻ شروع ڪيائون، آخر "بسم الله الرحمان الرحيم" چئي وفات ڪيائون. إنا لله وإنا إليه راجعون

کين غسل ڏيڻ وقت جڏهن غسل ڏيندڙ حضرت جن جي اکين ۾ پاڻي وجهڻ چاهيو تـہ هاتفي آواز آيو تـہ اسان جي دوست جي اکين کان هٿ پري ڪر، ڇاڪاڻ تہ جا اک اسان جي ذڪر ۾ بند ٿئي ٿي اها اسان جي ديدار لاءِ کلي رهندي. جڏهن سندن جنازو کنيو ويو تـہ هڪ سفيد ڪبوتر ظاهر ٿيو، جيڪو حضرت جنيد رحہ جي جنازي مٿان لاسارا ڏيندي هڪ پاسي کان وهي رهيو. ماڻهن ڪبوتـر کي اڏارڻ جي گهڻي ئي ڪوشش ڪئي، مگر بيسود وئي. آخـر ڪبوتر آواز ڏنو تـہ توهان ماڻهو ايترو شور ۽ غوغاءُ نـہ ڪريو، اڄ جنيد رحہ جـو جسم فرشتن جي نصيب ۾ آهي. جيڪڏهن توهان ماڻهو نـہ هجو ها تـہ هن جو جسم سفيد باز وانگر هـوا ۾ اڏامي وڃي هـا.

هڪ شخص حضرت جنيد بغدادي رحہ کي خواب ۾ ڏٺو ۽ پڇيائينس تـہ اوهان منڪر ۽ نڪير جي سوالن جـو جواب ڪهڙو ڏنـو؟ پـاڻ جواب ڏنائون تہ انهن "من ربڪ" جو سوال ڪيو، تـہ مان کليس ۽ چيم تـہ جنهن "بادشاه" کي "الست بربڪم" جي جواب ۾ "بليٰ" چيو هجي، اهـو توهان جي خوف ۽ خطري کان نٿو ڊڄي. پوءِ هائي پڇڻ آيا آهيو تـہ تنهنجو خدا ڪير آهي.

ٻي ڪنهن بزرگ حضرت جنيد رحہ کي خواب ۾ ڏٺـو، ۽ دريافت ڪيو تـہ الله تعاليٰ

توهان سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو؟ فرمايائون تہ الله تعاليٰ منهنجي ساريءَ بندگيءَ کي بيڪار ڪري ڇڏيو.ليڪن پنهنجي رحمت فرمايائين.

ٻئي ڪنهن بزرگ حضرت جنيد رحہ کي خواب ۾ ڏسي حالت پڇي. فرمايائون تہ سواءِ انهن ٻن رڪعتن جي، جيڪي مان اڌ رات جو اٿي پڙهندو هوس، ٻيءَ ڪنهن بہ اطاعت فائدو ڪونہ ڏنو.

هڪ روايت آهي تہ هڪ دفعي حضرت شبلي رحہ حضرت جنيد بغدادي رحہ جي قبر مٿان بيٺا هئا، تہ ڪنهن ماڻهوءَ ڪانئن ڪو مسئلو پڇيو. شبلي رحہ ڪيس چيو تہ بزرگن جي حالت حيات ۽ وفات ۾ هڪ جهڙي هوندي آهي. مون کي هن جي قبر جي اڳيان جواب ڏيندي شرم ٿو اچي، ڇاڪاڻ تہ هن کان اڳ حضرت جن جي حياتيءَ ۾ ڪانئن شرم ڪندو هوس.

* ذڪر حضرت عمر بن عثمان مڪي رحمت الله عليه *

حضرت عمر بن عثمان رحہ جي ذات بابرڪات وڏن بزرگن ۽ عظيم مشائخين ۾ شمار ڪئي وڃي ٿي. سندن ڪلام معجزه نظام سيني جي نزديڪ صحيح ۽ مقبول هو. طريقت جي باري ۾ ڪيترا ئي ڪتاب لکيل اٿن. حضرت جنيد بغدادي رحہ سان تعلق هون، پاڻ پير حرم هئا. يعني ڪيترا ئي سال ڪعبت الله ۾ معتڪف رهيا.

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن مصلي هيٺان گنج نامي جو ترجمو رکيو هو، پاڻ طهارت لاءِ ويا ۽ واپس اچي جڏهن وضو ڪرڻ لڳا تہ ان جي يادگيري آين. مصلي وٽ وڃي ڏٺائون تہ گنج نامي جو ترجمو ڪو ماڻهو چورائي ڪئي ويو آهي. تنهنتي حضرت عمر بن عثمان انهيءَ چور کي قاسيءَ تي چاڙهڻ، لاش جي جلائڻ ۽ هٿن پيرن جي ڪٽڻ جي بد دعا ڪئي. انهيءَ گنج نامي ۾ لکيل هو تہ جڏهن آدم عليہ السلام جي قالب ۾ روح ڦوڪي فرشتن کي سجدي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو تہ سواءِ ابليس جي سيني مٿيءَ تي پنهنجو سر رکيو. مگر ابليس چيو تہ مان سر ڏيندس پر سر نہ رکندس. پوءِ توڙي جو مون کي فاسق فاجر ۽ لعنتي ٿي چيو ڇڏيو، مطلب تہ هن سجدو نہ ڪيو. ڇاڪاڻ تہ هن آدم عليه السلام جو راز ڏٺو هو. ابليس ڪان سواءِ آدم عليہ السلام جي راز جو اطلاع ڪنهن کي ڪونہ ٿيو هو، ان ڪري هو مردود ٿي ويو جو سندس سر کي گنجو ڪيو ويو. شرط اهو ٿي آهي تہ هڪ شخص گنج کي ڏسي، مگر ان جو سر ڪاٽيو وڃي تان تہ غمازي نہ ڪري. ابليس فرياد ڪئي ۽ مهلت گهري، فرمايو ويس تہ

تـوکي مهلت ڏنــي وئي، مگر توکي مهتم ڪبو، ويو تـہ جيئن تـوکي ڪوئـي ماڻهو سچو نـہ سمجهي.

حضرت عمر بن عثمان پنهنجي ڪتاب محبت ۾ فرمـايو آهي تـہ الله تبارڪ وتعاليٰ دل کي ست هـزار جان کان پهريائين بطور خلق پيدا ڪري پنجن سرن ۾ رکيو، ۽ هـر هڪ سر کي جان کان هـزار سال اڳ۾ پيدا ڪري وصـل جي درجي ۾ رکيو، روزانو ٽي سؤ سٺ دفعا ڪرامت جي نظر سان ڏٺو. جان کي محبت جون ڳالهيون ٻـڌايون، ۽ ٽي سؤ سٺ لطف انهن جي دلين تي ظاهر ڪيا، ٽي سؤ سٺ مرتبا انهن تي تجلي فرمائي. ايتري قدر جو جڏهن عالـم ۾ انهن نگاه ڊوڙائي تـہ پاڻ کان بهتر ڪنهن کي ڪونہ ڏٺائون، تڏهـن الله تعاليٰ ان جو امتحان ورتو. سر کي جان ۾ قيد ڪيائين ۽ جـان کي دل ۾ بند ڪيائين، دل کي بدن ۾ قيد ڪيائين پـوءِ ان ۾ عقل وڌائين ۽ انبياء ڪرام کـي موڪلي احڪام ٻڌايائين، پوءِ هـر شخص پنهنجو پنهنجو مقام حاصل ڪيو. ان کان پوءِ الله تعاليٰ نماز جو حڪم ڏنو، تڏهن بدن نماز ۾ مشغول ٿيا. دل محبت ۾ مشغول ٿي جان قرب تائين وڃي پهتي، ۽ سر وصل سان آرام ڪيو.

ڪعبة الله شريف مـان حضرت جنيد رحہ ۽ حضرت شبلي رحہ ۽ حريري رحہ ڏانهن عراق ۾ خط پهتو جنهن ۾ لکيو ويو هو تـہ توهان عراق جا پير آهيو. جيڪڏهن توهان مان ڪو طاقت رکي ٿو تہ هن راه تي اچي، جنهن ۾ ٻہ هزار آتشي پهاڙ آهن، جنهن ۾ ٻہ هزار هـلاڪ ڪندڙ درياه آهن، جيڪڏهن توهان اهڙي همت ۽ اهڙو درجو نٿا رکو تہ پوءِ دعويٰ ڇـڏي ڏيو. جڏهن اهو خط حضرت جنيد رحہ کي پهتو، ۽ عراق جي سڀني مشائخن کي گـڏ ڪري کين اهو خط پڙهي ٻڌايو ۽ کانئن پڇيو تـہ انهن آتشي پهاڙن ۽ هـلاڪ ڪندڙ درياهن جو ڇـا مطلب آهي؟ انهن چيو تہ انهيءَ مان مراد آهي "نيستي" جيستائين ڪو مرد ٻہ هزار دفعا "نيست" نہ ٿيندو ۽ ٻہ هزار دفعا "هست" نـہ ٿيندو، عزت تائين نـہ پهچندو. حضرت جنيد رحہ فرمايو تـہ انهن ٻن هزارن مان صرف هڪ طئہ ڪيو آهي. جريري رحہ فرمايو تہ اوهان کي مبارڪ هجي جو آخر اوهان ڪجهہ حصو تہ رستي جو طئہ ڪيو آهي، مان تـہ فقط هڪ قدم بہ انهيءَ رستي تي نـہ هليو آهيان. وري حضرت شبلي رحہ واويـلا ڪندي فرمايو تـہ جنيد! تـوکي مبارڪ هجي جـو اوهان هڪ پهاڙ تہ طئہ ڪيو ۽ حريري رحہ کي مخاطب ٿي فرمايو تہ تون بہ خوش نصيب انسان آهين جو گهٽ ۾ گهٽ ٻہ چار قدم بہ تہ انهيءَ رستي تي هليا آهيو، ليڪن مان تہ انهيءَ رستي جي اڏامندڙ دز کي بہ پري کان ڪونہ ڏٺو آهي.

نقل آهي تہ پاڻ حضرت جن اصفهان تشريف فرما ٿيا، سندن تشريف جو مقصد صرف ان ٻيمار جـوان دوست کان پڇڻ هـو، جيڪو هميشه سندن صحبت ۾ رهندو هو. ڇاڪاڻ تـہ هو

ڪافي وقت کان بيمار هو، سندس بيماري زور وٺي ويئي هئي. هڪ ڏينهن جڏهن پيا بہ ڪجھ ماڻهو هن جوان جي عيادت لاءِ آيا تہ ان جوان حضرت عمر بن عثمان رحہ جي طرف اشارو ڪري ڪين چيو تہ قول سان چئو ۽ هڪ بيت پڙهايو. پاڻ حضرت جن قول سان چيو ۽ هي بيت پڙهايو.

* مالي مرضت فلم بعدني عائد *

* منكم و مرض عندكم فادعود *

جڏهن هن جوان اهي شعر ٻڌا تہ انهيءَ دم صحت حاصل ڪيائين سندن ساري ڪمزوري ۽ نا توانائي دفع ٿي ويئي. هن جوان جي پيءُ کي جڏهن ان معاملي جي خبر پيئي تہ پٽ کي حضرت جن جي سپرد ڪري ڇڏيائين. حضرت جن جي خدمت ۾ رهي اهو جوان بہ بزرگ بڻجي ويو.

ماڻهن حضرت عمر بن عثمان رحہ کان "افمن شيخ الله صدره لاسلام" جي معني دريافت ڪئي. پاڻ فرمايائون تہ ان جي معني اها آهي تہ جڏهن بندي جي نظر علم ۽ وحدانيت جي عظمت ۽ ربوبيت جي جلال تي پوي ٿي تہ ان جي دل فراغ ٿي وڃي ٿي. ان کان بعد ڪنهن ٻيءَ شيءِ يا غير تي نظر پوي ٿي تہ نابينا ٿي پوي ٿو، مطلب تہ پوءِ هو ڪنهن بہ ٻئي طرف ڏسڻ قبول نٿو ڪري.

فرمائن ٿا تہ توهان اهڙا ٿي وڃو، يعني انهن شين کان پرهيز ڪريو جن جو تعلق حق تعاليٰ جي عظمت سان هجي، حق جي صفت سان هجي. ڇاڪاڻ تہ حق تعاليٰ ۾ تفڪر ڪرڻ گناه آهي، بلڪ ڪفر آهي.

فرمائن ٿا تہ محبت رضا ۾ داخل آهي، ڇاڪاڻ تہ دوست اهڙي شخص کي ئي رکندا جنهن سان راضي هوندا. ۽ راضي انهيءَ کان ٿي ٿيندا، جنهن کي دوست رکندو.

فرمائن ٿا تہ تصوف هي آهي تہ بندو هر وقت انهيءَ شيءِ ۾ مشغول رهي. جو ان وقت سڀ کان بهتر هجي. فرمائن ٿا تہ صبر جي معني هيءَ آهي، جو خدا تعاليٰ سان گڏ رهڻ، ۽ هر تڪليف ۽ بلا کي خوشيءَ سان قبول ڪرڻ.

ذڪر حضرت ابو سعيد حراز رحمت الله عليه

حضرت ابو سعيد رحمت الله عليه پنهنجي وقت جا قطب ۽ اڪابر مشائخين مان هئا. پرهيزگاريءَ ۽ رياضت ۾ انتها درجي تي پهتل هئا. مريدن جي پرورش ۽ تربيت ۾ خاص طور مشهور هئا، کين "لسان تصوف" چوندا هئا. اهو لقب انهيءَ سبب ڪري مليل هون، جو انهيءَ علم ۾ سندن جهڙو "علم حقيقت" ٻئي ڪنهن کي به حاصل ڪونه هو. تقريباً چار سوَ ڪتاب سندن تصنيف ڪيل آهن.

حضرت ابو سعيد رحه بغداد جا رهندڙ هئا، حضرت بشر حافي رحه ۽ حضرت سيري رحه جي صحبت ۾ رهيا، طريقت ۾ پاڻ مجتهد هئا. دقيق علم ۾ بعض ظاهري عالمن مٿن ڪفر جون فتوائون به ڏنيون هيون، ڇاڪاڻ ته ڪي اهڙا الفاظ جيڪي سندن ڪتاب "السر" ۾ ڏنل هئا، جنهن ڪري کين ڪفر طرف منسوب ڪيو ويو، مگر انهن جي معنيٰ نه سمجهي سگهيا. فرمائن ٿا ته جڏهن بندو خدا جي طرف رجوع ٿئي ٿو ۽ قرب الاهي حاصل ڪري ٿو ته ائين سمجهڻ گهرجي ته هن پنهنجي نفس کي وساري ڇڏيو، ۽ الله کان سواءِ هر چيز کي ڀلائي ڇڏيو. پوءِ جيڪڏهن ان کان پڇا ڪجي ته تون ڪٿي آهين؟ ۽ ڇا ٿو چاهين؟ ته الله جل شانه چوڻ کان سواءِ ان کي جواب ڏيڻ لاءِ ٻي ڳالهه نظر نه ايندي. جيڪڏهن هن جا سيئي عضوا گفتگو ڪن ته سيئي الله، الله چوندا. عقلمندن جو عقل اتي پهچي ڪري حيرت ۾ پئجي وڃي ٿو.

فرمائن ٿا ته مان ڪيترن سالن تائين صوفي ماڻهن جي صحبت ۾ رهيس، اتري قدر جو منهنجي ۽ انهن جي وچ ۾ ڪابه مخالفت ڪانه هئي. ڇو ته مان انهن سان به گڏ هوس ۽ پنهنجو پاڻ سان به گڏ هوس. انهن سڀني کي الله تعاليٰ جي قرب جو اختيار ڏنو ويو هو، مگر مان خود وجود کي اختيار ڪيو هو، ڇاڪاڻ ته مان پنهنجو پاڻ ۾ قرب جي طاقت نه ڏٺي. جهڙيءَ طرح حضرت لقمان حڪيم فرمائن ٿا ته مون کي نبوت ۽ حڪمت ۾ اختيار ڏنو ويو، ته مان حڪمت کي پسند ڪيو، ڇاڪاڻ ته نبوت جو بار کڻڻ جي مون پاڻ ۾ طاقت ڪانه ڏٺي.

فرمائن ٿا ته مان رات جو خواب ۾ ڏٺو ته آسمان مان ٻه فرشتا هيٺ لهي مون کان صدق جي باري ۾ پڇا ڪرڻ لاءِ آيا. مان کين جواب ڏنو ته عهد جو پورو ڪرڻ ئي صدق آهي. انهن چيو ته تون سچ ٿو چوين، پوءِ اهي آسمان تي هليا ويا.

فرمائن ٿا ته هڪ ڏينهن نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي خواب ۾ زيارت نصيب ٿي، حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته ڇا تون مون کي دوست رکين ٿو؟ مون

عرض ڪيو تہ مون کي معاف فرمايو. ڇاڪاڻ تہ خدا جي دوستيءَ، اوهان جي دوستيءَ کان باز رکيو آهي. حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تہ جيڪو خدا کي دوست رکي ٿو اهو مون کي بہ دوست رکي ٿو.

فرمائن ٿا تہ مان ابليس لعين کي خواب ۾ ڏٺو، ان کي مارڻ لاءِ هٿ ۾ ڪاٺي کنئي تہ هاتف آواز ڏنو تہ هي ڪاٺيءَ کان نہ ڊڄندو آهي. بلڪ ان نور کان ڊڄندو آهي جيڪو دل ۾ هوندو آهي. مان ابليس کي چيو تہ تون ڇو آيو آهين؟ چيائين تہ مان تو وٽ اچي، ڇا ڪنس، تو تہ دنيا کي ڦٽو ڪري ڇڏيو آهي. ليڪن پوءِ بہ هڪ شيءِ تو وٽ آهي، جنهن ڪري توکي فريب ڏيئي سگهان ٿو. مان پڇيو مانس تہ اها ڇا آهي؟ چيائين تہ ڇوڪرن جي صحبت.

فرمائن ٿا تہ دمشق ۾ مان هڪ رات حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم کي خواب ۾ ڏٺو، حضرت ابو بڪر صديق رضہ ۽ حضرت عمر فاروق رضہ سائن گڏ هئا. مان ان وقت هڪ شعر پڙهيو، منهنجي شعر تي پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تہ هن (شعر) مان فائدي جي مقابلي ۾ نقصان زياده آهي. مطلب تہ شعر شاعري ڪرڻ ۽ راڳ ۽ رنگ ٻڌڻ ٺيڪ نہ آهي.

حضرت ابو سعيد رحہ کي بہ فرزند هئا، انهن مان هڪ فوت ٿي وين. انهيءَ رات خواب ۾ پنهنجي پٽ کي ڏٺائون ۽ ڪائنس پڇيائون تہ خداوند ڪريم توسان ڪهڙو سلوڪ ڪيو؟ هن چيو تہ رب پاڪ پنهنجي رحمت سان بخشي ڇڏيو. وري چيائونس تہ اي پٽ! مون کي ڪ وصيت ڪر. پٽ چيو تہ بابا جان! خدا تعاليٰ سان بد دليءَ سان معاملو نہ ڪجو. وري ڪيس چيائون تہ ڪجهہ وڌيڪ ٻڌاءِ، چيائين تہ جيڪڏهن مان وڌيڪ ٻڌايان تہ اوهان ان جي ٻڌڻ جو، تاب نہ سهي سگهندا. پاڻ فرمايائون تہ خدا کان مدد گهران ٿو. چيائين تہ اوهان پنهنجي ۽ خداوند ڪريم جي درميان هڪ ڪڙتي جي سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ رکو. ان کان پوءِ حضرت ابو سعيد رحہ ٽيهن سالن تائين زنده رهيا، مگر ٻيو ڪڙتو نہ پهريائون.

فرمائن ٿا تہ جڏهن بہ نفس مون کي انهيءَ ڳالهہ تي آماده ڪندو هو تہ خدا کان ڪجهہ گهران، تڏهن هاتف آواز ڏيندو هو تہ خدا کان، ان کان سواءِ ٻي شيءِ ڇو ٿو گهرين. ان ڪري فرمائن ٿا تہ مون کي خدا کان گهرندي شرم ٿو ٿئي تہ جڏهن تہ هو رزق جو ضامن آهي.

فرمائن ٿا تہ هڪ دفعي مان جهنگ مان وڃي رهيو هوس تہ بک غالب ٿي. نفس چاهيو تہ خدا کان ڪجهہ گهران، مون چيو تہ توڪل جو اهو ڪم نہ آهي، جو گهر ڪري. جڏهن نفس اتان نا اميد ٿيو تہ هن وري ٻيو مڪر ڪيو ۽ چيائين تہ جيڪڏهن ڪاڏو طلب نٿو ڪرين تہ صبر جي توفيق طلب ڪر. مگر انهيءَ وقت حق جي حفاظت روڪي ڇڏيو ۽ هڪ آواز ٻڌم.

اسان ان جي بلڪل نزديڪ آهيون جيڪو شخص اسان جي طرف اچي ٿو ۽ اسان ان کي بيڪار ٿئا ڇڏيون جيڪو اسان کان صبر جي توفيق گهري ٿو.

فرمائڻ ٿا ته هڪ دفعي الله جي توڪل تي جهنگ مان وڃي رهيو هوس، هلندي هلندي ٽڪجي پيس ۽ بک به ڏاڍي لڳي. اتري ۾ هڪ اهڙيءَ جاءِ تي نظر پيئي جتي ڪجهه آبادي هئي. نفس خوش ٿيو، مگر مان قسم کنيو ته اتي هرگز نه ترسندس. اڳتي هلي هڪ قبر کوٽي ان ۾ ويهي رهيس، منهنجي ويجهڙائيءَ ۾ هڪ قافلو لٿل هو. جڏهن انهن مون کي اهڙي حال ۾ ڏٺو ته زور ڪري مون کي پاڻ سان گڏ وٺي ويا. مان ڪائڻ پڇيو ته توهان کي منهنجي اهڙي حال جي ڪيئن خبر پيئي؟ انهن چيو ته اسان هڪ آواز ٻڌو ته اسان جو هڪ دوست، پاڻ کي واريءَ ۾ ڇپايو ويٺو آهي. ان وٽ وڃو. انهيءَ ڪري تو وٽ آيا سين.

فرمائڻ ٿا ته هڪ ڏينهن مان درياهه جي ڪناري سان وڃي رهيو هوس، ته هڪ نوجوان کي ڏٺم، جيڪو مس ڪپڙي رکيو ويٺو هو. مان دل ۾ چيو ته هن شخص جي حالت مان ظاهر آهي ته هن جو معاملو اهڙو نه آهي، جڏهن هن کي ڏسان ٿو ته خدا رسيده معلوم ٿئي ٿو، ليڪن جڏهن مس ۽ ڪپڙيءَ کي ڏسان ٿو ته طالب علم نظر اچي ٿو. دل ۾ خيال ڪيو ته ڪائنس پڇا ڪريان ته هو ڪير آهي. ان خيال سان وڏي وڃي ڪائنس پڇيو ته خدا جي راهه ڪهڙي آهي؟ هن جواب ۾ چيو ته ٻه رستا آهن، هڪ خاص ماڻهن جو ۽ ٻيو عام ماڻهن جو. توکي خاص رستي سان ڪو واسطو ڪونهي، توکي عام رستو گهرجي ته هي آهي: تون پنهنجي معاملي کي حق تائين پهچڻ جو سبب رکين ٿو ۽ مس ڪپڙيءَ کي حجاب جو سبب سمجهين ٿو.

فرمائڻ ٿا ته هڪ دفعي مان جهنگ مان وڃي رهيو هوس، ته اتفاق سان ڏنارن جا ڌهم بارهن ڪتا منهنجي پٺيان لڳي پيا، مان يڪدم مراقبي ۾ ويهي رهيس. پوءِ مان ڏٺو ته انهن ڪتن مان هڪ وڏو ڪتو منهنجي حفاظت ڪري رهيو هو، ۽ ٻين ڪتن کي ساري ڀڄائي ڇڏيو هئائين.

فرمائڻ ٿا ته حيرت ۾ پوڻ معرفت جو ٻهريون نسالو آهي. فرمائڻ ٿا ته جنهن شخص وهم ڪيو ته مان ڪوشش سان وصال حق تائين پهچي ويندس، ته هن پنهنجو پاڻ کي ڇڻ ته بي انتها رنج ۽ ملال ۾ وجهي ڇڏو. پر جنهن اهو خيال ڪيو ته بغير ڪوشش جي وصال حق تائين پهچي ويندس، ته اهو ڇڻ حد کان وڌيڪ تمنا ۾ پئجي ويو.

فرمائڻ ٿا ته پنهنجي عزيز وقت کي سڀ کان عزيز چيز تي صرف ڪريو. سڀ کان عزيز چيز، آئينده ۽ گذشته زماني جو خيال آهي.

فرمائڻ ٿا ته خلق، خدا جي قبضي ۽ ان جي وس ۾ آهي. جنهن وقت ان جو مشاهدو ٿي

وڃي ٿو تہ سواءِ خدا جي، بندي کي ٻيو ڪجهہ نظر ئي نٿو اچي.

فرمائن ٿا تہ فنا جي معني بندي جو بندگيءَ کي فنا ڪرڻ آهي، ۽ بقا جو مطلب آهي تہ حضور الاهيءَ ۾ بندي جو باقي رهڻ ۽ بقائي حق سان فنا جي تلاش ڪرڻ.

فرمائن ٿا تہ ذڪر ٽن قسمن جو ٿيندو آهي: پهريون ذڪر زبان سان، جنهن ۾ دل غافل هوندي آهي، اهو ذڪر عادت آهي. ٻيو ذڪر زبان سان، جنهن ۾ دل بہ حاضر هوندي آهي، اهو طلب ثواب جو ذڪر آهي. ٽيون ذڪر اهو آهي تہ دل سان ذڪر هجي ۽ زبان خاموش رهي، اهڙيءَ دل جو قدر خدا پاڪ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ نٿو ڄاڻي.

فرمائن ٿا تہ توحيد جي شروعات اها آهي تہ هر هڪ شيءِ کان الڳ ٿي صرف خدا جي طرف رجوع ٿي وڃجي.

فرمائن ٿا تہ عارف ٽيهتائين منزل تي نٿو پهچي، جيستائين ڪنهن شيءِ کان مدد گهري ٿو. مگر جڏهن انهيءَ حد تي پهچي وڃي ٿو، تڏهن خدا پاڪ کان سواءِ باقي سڀ شين کان بي نياز ٿي وڃي ٿو، نہ صرف ايترو بلڪ ٻيون سڀ شيون انهيءَ عارف جون محتاج ٿي وڃن ٿيون.

فرمائن ٿا تہ قرب جي حقيقت هيءَ آهي تہ دل کي ڪنهن بہ شيءِ جو احساس نہ ٿئي، ۽ نہ ڪنهن چيز جو وجود محسوس ٿئي. فرمائن ٿا تہ علم اهو آهي، جيڪو بندي کي نيڪ عمل ڪرڻ وارو بڻائي.

تصوف جي متعلق پڇيو ويو تہ فرمايائون تہ پنهنجي خداوند ڪريم کان صاف ۽ پر انوار ذڪر ۾ لذت اچي. فرمايو اٿن تہ توڪل بغير سڪون جي بيقراري آهي. فرمائن ٿا تہ عبوديت جي زيادتيءَ تي مغرور نہ ٿيو. فرمائن ٿا تہ ٽن سببن کان امير ماڻهوءَ جو درويشن تي حق نٿو لڳي. پهريون تہ امير جو مال حلال ڪمائيءَ جو نہ هوندو آهي. ٻيو تہ امير ماڻهو انهيءَ مال موافق نہ هوندا آهن. ٽيون هي تہ درويش ماڻهن بلا (تڪليف) کي اختيار ڪري ورتو آهي.

* ذڪر حضرت ابوالحسن نوري رحمت الله عليه *

حضرت ابوالحسن نوري رحہ پنهنجي زماني جا نهايت مشهور بزرگ ۽ نهايت عجيب قسم جون رياضتون ڪندڙ هئا. پاڻ معاملات پسند، صحيح نظر، حد درجي جا داناءُ، الاهي عشق ۾ ڪامل ۽ بيحد شوق رکندڙ هئا. تمام مشائخ سندن پيش قدميءَ تي متفق هئا. حضرت ابوالحسن رحہ جا لقب اميرالقلوب ۽ قمرالصوفيہ هئا.

پاڻ حضرت جن، حضرت سيري سقطي رحہ جا مريد هئا ۽ احمد حواري رحہ جي صحبت ۾ تربيت ورتي هئائون. حضرت جنيد رحہ همعصر هئا، طريقت ۾ صاحب مذهب ۽ مجتهد هئا.

نوري، ڪين انهيءَ ڪري چوندا هئا جو انڌيري ۾ جڏهن گفتگو ڪندا هئا تہ سندن منهن مان اهڙو نور پيو بکندو هو جو سارو گهر روشن ٿي ويندو هو، پيو تہ پنهنجي دانائيءَ واري نور سان باطن جا اسرار پڌائيندا هئا. هن سبب ڪري بہ کيس نوري ڪوٺيندا هئا، جو جهنگ ۾ سندن هڪ عبادت خانو ٺهيل هو. جڏهن ماڻهون ان جي زيارت ڪرڻ ايندا هئا تہ ان عبادت خاني ۾ نور ڏسندا هئا.

ابتدا ۾ سندن حالت اها هوندي هئي جو روزانو صبح جو گهر کان نڪري دڪان تي ويندا هئا تہ پهريائين مانيون ڪڻي خيرات ڪندا هئا، پوءِ مسجد ۾ وڃي ظهر تائين نماز پڙهندا هئا، پوءِ دڪان تي ويهندا هئا. گهر وارا ائين سمجهندا هئا تہ ماني دڪان تي کائي ٿو، مگر ائين نہ هو، هو اهي ست مانيون صدقو ڪري ڇڏيندو هو. اها حالت ويهہ سال رهي ليڪن انهيءَ حال جي ڪنهن کي بہ خبر ڪانہ پيئي.

• فرمائن ٿا تہ مان ڪيترا ئي سال مجاهدو (نفس سان جهاد) ڪيو ۽ پنهنجو پاڻ کي بند خاني ۾ رکيو، ڏاڍيون رياضتون ڪيون ۽ اهو سلسلو چاليهن سالن تائين قائم رکيو.

نقل آهي تہ ان وقت جي بادشاه جو هڪ گهٽگهرو غلام خليل مشائخن سان دشمني رکڻ تي آماده ٿيو. هر هڪ سان دشمني ظاهر ڪرڻ لڳو ۽ بادشاه سان بہ وڃي شڪايت ڪيائين، تنهن تي بادشاه سيني بزرگن کي گهرايو ۽ سينن تي قتل ڪرڻ جو حڪم ڏنائين. جن بزرگن ۾ ابو حمزه رحہ، شبلي رحہ، جنيد رحہ، نوري رحہ ۽ رقام رحہ سڀ کان اڳ ۾ هئا. جڏهن جلاد رقام رحہ کي مارڻ لاءِ خنجر کنيو ۽ وار ڪرڻ تي هو تہ نوري رحہ اٿي ڏيئي پاڻ کي رقام رحہ جي جاءِ تي آندو، ۽ خوش ٿي چوڻ لڳو تہ پهريائين مون کي قتل ڪيو وڃي. امير وزير اهو ڏسي عجب ۾ پئجي ويا ۽ چوڻ لڳا تہ اي نوري! تون ايتري تڪڙ ڇو ٿو ڪرين، تنهنجو وارو بہ جلدي اچڻ وارو آهي، اڃا تنهنجو وارو نہ آيو آهي. نوري رحہ فرمايو تہ منهنجو طريقو ايثار (قربانيءَ) جو آهي ۽ دنيا ۾ سڀ کان عزيز چيز جان آهي. تنهن ڪري مان پنهنجي چند دمن کي پنهنجي ڀائرن مٿان قربان ڪرڻ گهران ٿو. خليفي (بادشاه) کي ان ڳالهہ تي بيحد عجب لڳو، جلاد کي ڪجهہ دير ترسڻ جو حڪم ڏنائين ۽ قاضيءَ کي حڪم ڏنائين تہ هنن ماڻهن جي حالت تي وري غور ڪري. قاضي ڄاڻندو هو تہ اهي شخص علم ۾ ڪامل آهن، تنهن هوندي بہ شبلي رحہ کي ديوانو سمجهي ڪانئس فقہ جي ڳالهہ پڇيائين تہ ويهن دينارن تي ڪيتري زڪوات ڏيڻ گهرجي؟ حضرت شبلي رحہ جواب ڏنو تہ ساڍا ويهہ دينار

قاضيءَ پڇيو تہ اهو ڪيئن؟ شبلي رحہ فرمايائون تہ حضرت ابو بڪر صديق رضہ پنهنجي ساري جائداد زڪوات ۾ ڏني هئي، ۽ پاڻ وٽ ڪجهہ نہ رکيو هئائين. تنهن تي قاضيءَ چيو تہ اهو نہ پوري جي پوري جائداد زڪوات ۾ ٿي، مگر تو آڌ دينار وڌيڪ ڇو ڪيو؟ شبلي رحہ فرمايو تہ اهو انهيءَ قربانيءَ ۾ تہ ويهہ دينار تو پاڻ وٽ ڇو رکيا؟ قاضيءَ پوءِ نوري رحہ کان پڇيو، تنهن بہ ساڳيو جواب ڏنو. آخر قاضي شرمندو ٿي ويو ۽ تنگ ٿي بادشاہ کي چيائين تہ جيڪڏهن هي ملحد ۽ زنديق آهن تہ پوءِ روءِ زمين تي ڪوبہ موحد ڪونهي! تڏهن خليفي انهن کي عزت سان ويهاريو، ۽ کين چيائين تہ ڪا پنهنجي حاجت (ضرورت) ٻڌايو. سيني چيو تہ اسان جي حاجت صرف اها آهي تہ اسان ماڻهن کي بلڪل فراموش ڪيو وڃي، يعني اسان کي وساري ڇڏيو. اهو ٻڌي خليفو ڏاڍو، رنو ۽ انهن سيني کان معافي وٺي کين عزت سان واپس ڪيائين.

نقل آهي تہ هڪ دفعي ڪو شخص مسجد ۾ نماز پڙهي رهيو هو، نماز جي دوران بار بار ڏاڙهيءَ کي هٿ سان پئي سنواريائين. حضرت ابوالحسن نوري رحہ اهو رنگ ڏسي کيس چيو تہ حق تعاليٰ جي ڏاڙهيءَ کان هٿ پري ڪر، اها ڳالهہ آخرڪار خليفي تائين پهچي وئي. ماڻهن چيو تہ انهيءَ ڳالهہ کان نوري رحہ تي ڪفر لازم ٿئي ٿو، ۽ واجب القتل آهي تنهن تي خليفي حضرت نوري رحہ کي گرفتار ڪرائي پنهنجي دربار ۾ گهرايو، ۽ ان ڳالهہ جو جواب پڇيو تہ توهان هڪ شخص جي ڏاڙهيءَ کي الله تعاليٰ جي ڏاڙهي ڪيئن چيو؟ حضرت نوري رحہ فرمايو تہ بندو ڪنهن جو غلام آهي؟ خليفي چيو تہ الله تعاليٰ جو! حضرت نوري رحہ وري فرمايو تہ بندي جي ڏاڙهي ڪنهن جي ملڪيت آهي؟ جواب ڏنائين تہ، اها بہ انهيءَ جي آهي. حضرت نوري رحہ تنهن تي فرمايو تہ پوءِ هن جي ڏاڙهيءَ کي خدا تعاليٰ جي ڏاڙهي چئي مون ڪهڙو گناہ ڪيو. اهو ٻڌي خليفي چيو تہ الحمد الله! جو اسان نوري رحہ جي قتل جو حڪم نہ ڏنو.

هڪ ڏينهن وقت جا شيخ حضرت جنيد رحہ، ۽ حضرت نوري رحہ وٽ تشريف فرما ٿيا، حضرت نوري رحہ کين ڏسي فوراً زمين تي ڪري پيو ۽ چيائين تہ منهنجي لڙائي تہ سخت ٿي وئي آهي، ليڪن طاقت ڪانہ رهي آهي. ٽيهہ سال پورا ٽيڻ تي آيا آهن تہ جڏهن مان ظاهر ٿيان ٿو تہ هو غائب ٿي وڃي ٿو، مگر جڏهن هو ظاهر ٿئي ٿو تہ مان گم ٿي وڃان ٿو. مان ڏاڍي زاري ڪريان ٿو مگر هو چوي ٿو تہ يا تون رهہ يا مان رهان. اهو ٻڌي حضرت جنيد رحہ پنهنجي دوستن کي فرمايو تہ هن شخص کي ڏسي ڇڏيو، هي الله تعاليٰ جو عاجز ٻانهو آهي. هڪ ڏينهن ڪن ماڻهن حضرت جنيد رحہ کي اچي خبر ڏني تہ ٽي ڏينهن ٽي راتيون گذري

ويٺا هئن ته نوري رحه هڪ ”سِر“ جي چوڌاري ڦري رهيو آهي، ۽ ان سان گڏ الله الله ڪري رهيو آهي، ليڪن نه کائي ٿو، نه پيئي ٿو، ۽ نه سمهي ٿو، مگر جڏهن نماز جو وقت اچي ٿو ته نماز پڙهي ٿو. اهو ٻڌي مريدن چيو ته نوري رحه هوشيار آهن، فاني نه آهن. ڇاڪاڻ ته نماز جي وقت کي ڄاڻن ٿا ۽ ان جو ادب ڪن ٿا. حضرت جنيد رحه اتان آيا ۽ هڪدم نوري رحه وٽ آيا ۽ کيس چيو ته اي نوري! جيڪڏهن خرگوش کان ڪجهه فائدو سمجهين ٿو ته پوءِ اسان به تو سان شريڪ ٿيان ٿا، ۽ جيڪڏهن رضا کي بهتر ڄاڻين ٿو ته پوءِ ان کي اختيار ڪر. اهو ٻڌي حضرت نوري رحه فوراً ڦرڻ بند ڪري ڇڏيو، ۽ حضرت جنيد رحه کي چيائون ته اوهين سچو معلم آهيو.

هڪ دفعي حضرت شبلي رحه ماڻهن اڳيان ڪجهه بيان ڪري رهيا هئا، ته هڪ طرف کان حضرت نوري رحه اچي السلام عليڪم چئي بيهي رهيا. شبلي رحه جواب ڏنو ”السلام عليڪم يا امير القلوب“ حضرت نوري رحه فرمايو ته الله تعالى انهي عالم کان راضي نه آهي، جو پنهنجي علم تي عمل نه ٿو ڪري، جيڪڏهن تون عمل ڪرين ٿو ته خير! نه ته منبر کان هيٺ لهي اچ. شبلي رحه جڏهن غور ڪيو ته فوراً منبر کان هيٺ لهي آيو، ۽ ٽن مهينن تائين گهر کان ٻاهر نه نڪتو، آخر هڪ ڏينهن ماڻهن کيس مجبور ڪري منبر تي ويهاريو. جڏهن نوري رحه کي الله خبر ملي، تڏهن وٽس وڃي فرمايائون ته اي شبلي! تو هنن ماڻهن کان پاڻ کي پوشيده رکيو ته ماڻهن مجبور ڪري تو کي منبر تي آڻي ويهاريو، تو انهن کي نصيحت ڪئي ته انهن تو کي ماڙي گند جي ڍير تي آڻي ڇڏيو.

حضرت شبلي رحه چيو ته اي امير القلوب! اوهان جي نصيحت سان آئون ڪي پوشيده رکن، ڇا معني؟ تو ڪي الڳو نوري رحه فرمايو ته مان خلق کي خدا تي ڇڏي ڏنو ۽ تنهنجي پوشيده رهڻ جو مطلب آهي ته ڪيئن مخلوق خدا جي درميان حجاب بڻجي وڃين. تنهن ڪري آهين، جو خدا ۽ مخلوق جي درميان واسطو بڻجين!

هڪ شخص اصفهان کان حضرت نوري رحه جي زيارت جو ارادو ڪيو، جڏهن اهو نزديڪ پهتو ته ڪنهن حضرت نوري رحه پنهنجي مريد کي حڪم ڪيو ته هڪ ڪوه تائين رستي کي ٻهاري ڏيئي صاف ڪري ڇڏيو، ڇاڪاڻ ته هڪ وڏو شيخ منهنجو مريد ٿيڻ لاءِ هيڏانهن اچي رهيو آهي. جڏهن اهو شخص حضرت نوري رحه جي خدمت ۾ آيو ته حضرت نوري رحه کانئس پڇيو ته ڪٿان آيو آهين؟ چيائين ته اصفهان کان آيو آهيان. تنهن تي حضرت نوري رحه کيس فرمايو ته جيڪڏهن اصفهان جو بادشاهه توکي هڪ رئيس ٻانهي جي خرچ سان محل بڻائي، هزار دينار جي هڪ ٻانهي خريد ڪري ڏئي ان سان گڏ رهڻ ۽ جنهن سان گڏ بيهي شيءِ کان سواءِ هزار دينار جو سامان به تو کي ڏئي

ها تہ جيڪر تون سندس گهر جي مقابلي ۾ اهي هرگز قبول نہ ڪرين ها، تہ بہ برابر ائين هو تہ اصفهان جي بادشاه اهي سڀ شيون هن کي ڏيڻ چاهيون هيون،مگر هن شخص وٽان ڪان انڪار ڪيو ۽ هيڏانهن هليو آيو. جڏهن حضرت نوري رحہ جي ڳالهہ ٻڌائين، تڏهن اهو شخص روئڻ لڳو.

هڪ ڏينهن نوري رحہ هڪ ٻئي شخص سان ويٺي روئي رهيا هئا، ڪجهہ دير کان پوءِ اهو پيو شخص اٿي هليو ويو. ڪانئن ٻئي شخص متعلق پڇيو ويو تہ فرمايائون تہ اهو پيو شخص ابليس هو جو پنهنجي ڪيل خدمتن کي ياد ڪري روئي رهيو هو، مان بہ هن سان گڏ روئڻ لڳس. حضرت نوري رحہ مناجات ۾ چوندا هئا تہ الاهي! تون دوزخ وارن تي عذاب ڪندين ۽ سڄي دوزخ کي ماڻهن سان ڀري ڇڏيندين. ليڪن تون انهيءَ ڳالهہ تي بہ قادر آهين تہ دوزخ کي صرف منهنجي ذات سان پري ڇڏين ۽ ٻين سڀني ماڻهن کي جنت موڪلي ڇڏين. شبلي رحہ فرمائي ٿو تہ هڪ ڏينهن مان نوري رحہ وٽ ويس ڏٺم تہ هو مراقبي ۾ ويٺو هو. پڇيو مانس تہ تون اهڙو عمدو مراقبو ڪٿان سکين؟ جواب ڏنائين تہ ٻليءَ کان. ڇاڪاڻ تہ اها ڪوئي جي سوراخ وٽ مون کان زياده چپ ۽ بي حرڪت ويٺي هوندي آهي.

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن حضرت نوري رحہ درياہ ۾ غسل ڪري رهيا هئا تہ ايتري ۾ ڪ چور آيو، ۽ نوري رحہ جا ڪپڙا کڻي هليو ويو، ليڪن نوري رحہ اڃا درياہ مان نڪتا ئي ڪونہ هئا تہ اهو چور واپس موٽي آيو هو، هن جا هٿ سڪي ويا هئا. نوري رحہ هن کي جڏهن انهيءَ حالت ۾ ڏٺو، تڏهن خداوند ڪريم جي حضور ۾ عرض ڪيائين تہ اي پروردگار! جنهن صورت ۾ هن شخص ڪپڙا واپس ڪيا آهن تہ تون پنهنجي فضل سان هن جا هٿ واپس ڪر. انهيءَ وقت هن چور جا هٿ ٺيڪ ٿي ويا، چور آئينده چوري ڪرڻ کان توبہ ڪئي.

نقل آهي تہ زيتونہ نالي هڪ خادمہ هئي، جيڪا نوري رحہ جي خدمت ۾ ڪافي عرصو رهي هئي. انهيءَ جو چوڻ آهي تہ هڪ ڏينهن مان نوري رحہ وٽ ماني کڻي ويس، ليڪن نوري رحہ بغير هٿ ڌوئڻ جي ماني کائڻ شروع ڪري ڏني. منهنجي دل ۾ برو اثر پيدا ٿيو تہ ههڙو شخص بہ ڪاڏي کائڻ وقت هٿ نٿو ڌوئي! ايتري ۾ ٻاهران دز ڪڙڪيو، معلوم ڪرڻ تي آيل شخص چيو تہ اسان کي زيتونہ ٻانهيءَ تي چوريءَ جو شڪ آهي، تنهن ڪري ڪيس پڪڙي ويندا سون. حضرت نوري رحہ اهو ٻڌي هن شخص کي چيو تہ اوهان زيتونہ کي ڇڏي ڏيو، توهان جو گم ٿيل مال هاڻي ملي ويندو. انهيءَ وقت هڪ ماڻهو پڇندو آيو جنهن اڇي مال ملڻ جو اطلاع ڏنو. ماڻهن جي وڃڻ کان پوءِ نوري رحہ، خادمہ کي چيو تہ آئينده اهڙو خيال ڪڏهن نہ ڪجانءِ، تہ مان بغير هٿ ڌوئڻ جي ماني کائيندو آهيان. خادمہ انهيءَ

وقت توبهہ ڪئي.

نقل آهي تہ هڪ دفعي حضرت نوري رحہ بيمار ٿي پيا، سندن بيماريءَ جو ٻڌي حضرت جنيد رحہ جن عيادت لاءِ وٽن آيا، ۽ پاڻ سان ڪجهہ ميوا بہ آنداءُون. ڪجهہ عرصي بعد وري حضرت جنيد رحہ جن بيمار ٿي پيا تہ حضرت نوري رحہ بہ پنهنجي مريدن سميت وٽن طبع پرسيءَ لاءِ ويا. نوري رحہ پنهنجن مريدن کي چيو تہ توهان مان هر هڪ شخص جنيد رحہ جي ٿوري ٿوري بيماري وٺي ڇڏي، سڀني مريدن هائو ڪئي ۽ چيائون تہ اسان بيماري ورتي. انهيءَ وقت حضرت جنيد رحہ تندرست ٿي ويا. ان کان پوءِ نوري رحہ جنيد رحہ کي چيو تہ جڏهن بہ ڪنهن وٽ عيادت لاءِ وڃو تہ اهڙي نموني وڃو ۽ نہ ميوا وغيره کڻي وڃو.

فرمائن ٿا تہ هڪ دفعي مان هڪ پوڙهي شخص کي ڏٺم، جنهن کي چهبڪ هنيا ٿي ويا. ليڪن اهو پوڙهو دانهون وغيره ڪونہ ڪري رهيو هو. ماري ماري هن کي قيد خاني جي طرف وٺي ويا، مان بہ هن جي پٺيان ويس ۽ نزديڪ پهچي ڪانئس پڇيو تہ باوجود ههڙيءَ ضعيفيءَ جي بہ تو ڪيئن صبر ڪيو؟ هن چيو تہ پٽ! صبر همت سان ڪيو ويندو آهي، ۽ نہ جسم سان. وري مان ڪانئس پڇيو تہ صبر ڇا آهي تہ چيائين تہ مصيبت ۾ گرفتار ٿيڻ کي ائين سمجهي جيئن مصيبت مان نجات ملڻ تي سمجهيو ويندو آهي.

ڪانئن پڇيو ويو تہ معرفت جي راه ڪهڙي آهي؟ فرمايائون تہ آتش ۽ نور جا ست درياه آهن، جڏهن توهان ان کي پار ڪري ورتو تہ پوءِ تہ معرفت سان خلق کي لقمو بڻائي ڇڏيو. پوءِ چئو تہ اهي اول ۽ آخر کي هڪ ئي لقمي ۾ آڳري ويا.

هڪ ڏينهن نوري رحہ ابو حمزه رحہ جي هڪ مريد کي ڏٺو ۽ کيس فرمايو تہ ابو حمزه کي منهنجا سلام چئجانءِ، ۽ هيئن بہ چئج تہ قرب، جنهن ۾ اسين آهيون اهو گهٽو پري آهي. ڪانئن پڇيو ويو تہ آدمي ڪڏهن تو خلقت کي نصيحت ڪرڻ جو مستحق ٿئي؟ فرمايائون تہ جڏهن هو سمجهي تہ اهڙي قابليت خدا جي طرف کان آهي.

فرمائن ٿا تہ اسلام جي راه، خلق ئي آهي. جيستائين ”اسوه حسنہ“ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي پيروي نہ ڪئي ويندي، تيستائين راه ڪشادي نہ ٿيندي.

فرمائن ٿا تہ صوفي ماڻهو اهي آهن، جن جي جان بشريت جي ڪدورت کان آزاد هجي ۽ نفس جي آفت کان صاف ۽ حرص و هوا کان پاڪ ٿي وئي هجي. اهڙا ماڻهو صفت اصل ۽ اعليٰ درجہ ۾ ”حق“ سان گڏ آرام ۾ رهن ٿا، ۽ الله جي ”غير“ يعني (خلاف حڪم) کان پري ڀڄن ٿا، اهي ماڻهو تہ مالڪ هوندا آهن نہ غلام. وري فرمايائون تہ صوفي اهي آهن جو ڪابہ چيز انهن جي فڪر ۾ نہ اچي، ۽ نہ ئي ڪنهن شيءِ جي فڪر ۾ هجي. ڇاڪاڻ تہ

تصوف نہ علم جو نالو آهي نہ رسم جو. بلڪ تصوف، اخلاق جو نالو آهي. جيڪڏهن اهو رسم هجي ها تہ مجاهدي سان حاصل ٿئي ها، ۽ جيڪڏهن علم هجي ها تہ تعليم سان ٿئي ها، مگر نصوف اخلاق آهي. چوڻي آهي تہ ”تخلقوالاخلاقالله“ يعني خلق خدا نہ رسم سان ملندو ۽ نہ علم سان. وري فرمايائون تہ تصوف، دنيا جي دشمني ۽ مولا جي دوستيءَ جو نالو آهي.

هڪ ڏينهن ڪنهن انڌي شخص ڪي الله الله چوندي ڏٺائون، نوري رحہ هن جي قريب وڃي چيو تہ تون الله جل شانه کي ڇا ڄاڻين! جيڪڏهن ڄاڻين ها تہ اڄ تائين ڪيتري تائين جيئرو رهندين! ائين چئي پاڻ بيهوش ٿي ڪري پيا. جڏهن هوش ۾ آيا تہ جهنگ جي طرف نڪري ويا. آتي ڪندن سان پير زخمي ٿي پين، انهن زخمي پيرن مان جيڪي رت جا قطرا ڪريا ٿي تن مان زمين تي ”الله“ جا اسم نقش قائم ٿي، ٿي ويا.

ابو نصر سراج فرمائي ٿو تہ حضرت نوري رحہ کي جڏهن گهر کڻي آيا ۽ کيس چيو ويو تہ لاالله الاالله چئو، تہ پاڻ فرمايائون تہ مان انهيءَ جاءِ ڏانهن تہ وڃي رهيو آهيان. ائين چئي گهر کان نڪري ويا ۽ انهيءَ جاءِ تي وفات ڪيائون. إنا لله وإنا إليه راجعون. حضرت جنيد رحہ جن فرمائن ٿا تہ جڏهن کان حضرت نوري رحہ وفات ڪئي، تڏهن کان ڪنهن بہ صدق جي متعلق گفتگو نہ ڪئي.

* ذڪر حضرت عثمان الحيري رحمت الله عليه *

حضرت عثمان رحہ خراسان جي بزرگن مان هئا، پاڻ حاضر اسرار طريقت ۽ ناظر انوار حقيقت هئا. پاڻ وقت جا قطب تسليم ڪيا ويندا هئا ۽ اهل تصوف ۾ معتبر سمجها ويندا هئا. پاڻ رفيق القدر ۽ عالي همت هئا. ڪين ڪرامتن رياضتن ۽ وعظ ۾ ڪماليت حاصل هئي ۽ علم طريقت ۽ شريعت ۾ بي نظير هئا، سندن گفتگو نهايت ڏي اثر واري هئي. سندن بزرگيءَ ۾ ڪنهن کي بہ اعتراض ڪونهي. سندن همعصر طريقت وارا فرمائن ٿا تہ دنيا ۾ هن وقت ٽي مرد آهن: نيشاپور ۾ عثمان حيري رحہ، شام ۾ ابو عبدالله رحہ ۽ بغداد ۾ جنيد رحہ. ابو عبدالله بن محمد رازي فرمائي ٿو تہ مان حضرت جنيد رحہ، روئم رحہ، يوسف بن جسين رحہ محمد فضل رحہ ۽ بو علي جرجاني رحہ وغيره کي ڏٺو. ليڪن انهن مان ڪنهن کي بہ حق تعاليٰ کي سڃاڻڻ وارن مان حضرت ابو عثمان رحہ کان وڌيڪ نہ ڏٺو. خراسان ۾ ابو عثمان رحہ روئيي تصور جو اظهار ڪيو.

حضرت شاه شجاع رحہ، يحيٰي بن معاذ رحہ ۽ ابو حفص حداد رحہ اهي ٽيئي سندن

بزرگوار هئا. حضرت جنيد رحہ، روئم رحہ، يوسف رحہ ۽ محمد فضل رحہ جن جي صحبت ۾ رهيا.

فرمائن ٿا تہ ننڍيءَ عمر کان ئي منهنجي دل، حقيقت جي طلبگار هئي، ۽ اهل ظاهر کان نفرت هئي. هڪ ڏينهن مڪتب ڏانهن وڃي رهيا هئا، پٺيان چار غلام بطور حفاظت هلي رهيا هيا. پاڻ ان وقت نهايت قيمتي لباس ۾ پهريل هئا. رستي ۾ هڪ زخمي گڏه کي ڏٺائون جنهن جي پٺيءَ تي هڪ وڏو زخم هو، ۽ هڪ ڪانءُ پنهنجي چهنب سان ان جي زخم سان گوشت پٽي کائي رهيو هو، ليڪن گڏه کي اها طاقت ڪانہ پئي ٿي تہ ڪانءَ کي آڏاري سگهي. ابو عثمان رحہ کي ان گڏهہ جي حالت تي ڏاڍو رحم آيو ۽ غلام ڏانهن منهن ورائي هن کي فرمايائين تہ توهان ڪهڙي سبب ڪري مون سان گڏ هلو ٿا؟ غلام چيو تہ انهيءَ ڪري تہ متان اوهان جي دل ۾ ڪي انديشہ پيدا ٿين، يعني ڪنهن چيز جي طاب وغيره ظاهر ٿئي تہ اسان ان وقت اوهان جي مدد ڪريون. ابو عثمان رحہ انهيءَ وقت پنهنجو پهراڻ لاهي ان گڏهہ جي زخمبل پٺيءَ مٿان رکي ڇڏيو، ۽ ان جي مٿان پنهنجي ريشمي پٽڪي سان ٻڌي ڇڏيو. گڏهہ سندن اهڙي حسن اخلاق تي حق تعاليٰ جي حضور ۾ دعا ڪئي. ابو عثمان حيري رحہ اڃا گهر ئي ڪونہ پهتا تہ مٿن بيهوشيءَ واري حالت طاري ٿي ويئي. انهيءَ حالت ۾ ئي حضرت يحييٰ رحہ جي مجلس ۾ ويا. حضرت يحييٰ بن معاذ رحہ جي ڳالهين سان تصوف جي راه ڪشادي ٿي ويئي، پوءِ ڪجهہ وقت رياضت ڪندا رهيا. ان کان پوءِ حضرت شاه شجاع رحہ جي بزرگيءَ جي تعريف ٻڌي ان جي زيارت لاءِ ڪرمان آيا. مگر شاه شجاع رحہ ملاقات جي اجازت نہ ڏني، ۽ چيو تہ يحييٰ بن معاذ رحہ رجا جي مقام تي آهن، تون بہ رجا جو خوگر آهين، اهڙي شخص سان سلوڪ ٿي نٿو سگهي، ڇاڪاڻ تہ رجا جي تقليد سان ڪاهلي پيدا ٿيندي آهي. جيتوڻيڪ يحييٰ رحہ جي رجا تحقيقي آهي، مگر تنهنجي رجا اڃا تقليدي آهي. آخر وٺهن ڏينهن جي لڳاتار عاجزيءَ ۽ زاريءَ کان پوءِ حضرت شاه شجاع رحہ ملاقات جي اجازت ڏني. ڪجهہ عرصو هن جي صحبت ۾ رهي فيض حاصل ڪيائون. جڏهن شاه شجاع رحہ حضرت ابو حفص رحہ جي زيارت جو ارادو ڪيو، تڏهن پاڻ بہ هن سان گڏجي نيشاپور تشريف فرما ٿيا. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ شاه شجاع رحہ تہ واپس موٽيو، مگر شاه جي اجازت سان ابو عثمان حيري رحہ کي ابو حفص رحہ پنهنجي خدمت ۾ رکيو. ابو عثمان رحہ اتي بہ ڪمال حاصل ڪيو.

پاڻ فرمائن ٿا تہ جوانيءَ ۾ ئي حضرت ابو حفص رحہ مون کي پاڻ کان جدا ڪيو، ۽ فرمايائين تہ مان نٿو چاهيان تہ پيو دفعو بہ تون مون وٽ اچين. مان خاموش هوس، دل نٿي گهربو تہ حضرت جن کان جُدا ٿيان، مگر حڪم جي تعميل ضروري هئي. پاڻ وڃڻ لاءِ پٺي

ڏيٺي هلڻ خلاف ادب سمجهيائون تنهن ڪري منهن سامهون ٽي پٺيءَ پر پوئتي ٽيندا ويا، ايتري تائين جو روئندي روئندي سندن اکين ڪان غائب ٿي ويا.

فرمائن ٿا ته ان کان پوءِ مان حضرت ابو حفص رحه جي نزديڪ هڪ جاءِ ٺاٺي ان ۾ رهڻ لڳس. اتان ديوار ۾ سوراخ ڪيڏي هن ڪي ڏسندو رهندو هوس. مان ارادو ڪيو ته انهيءَ جاءِ مان ٻاهر نه نڪرندس ۽ نه اتان آئندس ٿي، مگر جڏهن هن (ابو حفص رحه) منهنجي انهيءَ حالت جو مشاهدو ڪيو، ته مون کي گهرائي ورتائون ۽ پنهنجي ڌيءَ جو نڪاح مون سان ڪرايائون.

فرمائن ٿا ته چاليهه سال حق تعاليٰ مون کي جنهن حال ۾ رکيو مان ان ۾ خوش رهيس ۽ ڪڏهن به نا خوشيءَ جو اظهار نه ڪيو.

نقل آهي ته ابو عثمان رحه جي وقت ۾ هڪ شخص هن جي ولايت جو منڪر هو. هڪ ڏينهن ان شخص ابو عثمان رحه جي دعوت ڪئي، جڏهن پاڻ هن شخص جي گهر آيا تڏهن هن حضرت ابو عثمان رحه کي چيو ته اي پيٽ جا پوڄاري! هتي ڪابه شيءِ ڪانهي واپس هليو وڃ. ليڪن ڪين وري گهرايو ويو پاڻ جڏهن وري هن وٽ آيا ته وري هن چيو ته توهان جو پيٽ وڏو آهي ۽ ڪاڏو تمام ٿورو آهي، تنهن ڪري توهان واپس موٽي وڃو. پاڻ واپس هليا ويا، ليڪن وري به هن شخص ابو عثمان رحه کي گهرايو. اهڙيءَ طرح ٽيهه مرتبا هن ابو عثمان رحه کي گهرايو ۽ ساڻن تلخ ڪلاميءَ سان پيش آيو، ليڪن پاڻ هڪ دفعو به خفي ڪونه ٿيا. جڏهن ٽيهون دفعو هن ائين ڪيو، تڏهن سندس هٿ پير سڪي پيا، جنهن ڪري بيحد روئڻ لڳو ۽ آئينده اهڙي حرڪت ڪرڻ کان توبهه ڪيائين. پوءِ ابو عثمان رحه جو مريد ٿي پيو ۽ ابو عثمان رحه جي دعا سان هو چڱو ڀلو ٿي پيو. هن شخص عرض ڪيو ته اوهان ڪيڏي نه مرتبي وارا انسان آهيو، جو ٽيهه دفعا اوهان کي رنجيده ڪيو ويو مگر اوهان جي طبيعت ۾ ذري جيترو به فرق نه آيو. پاڻ فرمايائون ته اهو نهايت آسان ڪم آهي، اهو ڪم ته ڪتو به ڪري سگهي ٿو. جڏهن توهان هن کي سڏيو ٿا ته اهو اچي ٿو، جڏهن کيس هڪل ڏيو ٿا ته هو هليو وڃي ٿو، ليڪن ان ۾ ڪڏهن ڪو ڦيرو نٿو اچي. جڏهن ڪتو اهو ڪم ڪري سگهي ٿو ته مرد جو ڪم ته انهيءَ کان به وڌيڪ هئڻ گهرجي.

نقل آهي ته پاڻ چند مريدن سان گڏ ڪنهن پاسي وڃي رهيا هئا ته ڪنهن پنهنجي گهر جي ڪوٺي مٿان، حضرت جن تي رک جو ٿالهه اڇلايو. ابو عثمان رحه جو سارو جسم ڪيريءَ سان خراب ٿي پيو. اهو ڏسي سندن مريدن کي ڪاوڙ اچي ويئي ۽ مريدن چاهيو ته ان ڪيريءَ اڇليندڙ کي برو ڀلو چئجي، مگر پاڻ انهن کي روڪيائون. فرمايائون ته هزار شڪر آهن،

ڇاڪاڻ ته جنهن جي سزا هيءَ هجي ته هن جي مٿان باهه اُڇلائي وڃي پر ان تي صرف خاڪ ٿي ڇلائي وڃي، اها ڪيڏي نه نوازش آهي.

ابو عمرو فرمايو آهي تہ مان ابو عثمان رحہ جي خدمت ۾ وڃي توبہ ڪئي ۽ ڪيتري عرصي تائين اتي رهيس، ليڪن ڪجهه وقت کان پوءِ وري گناهن ۾ مبتلا ٿي ويس. جڏهن ابو عثمان رحہ کان عليحده ٿيڻ گهريو تہ هن فرمايو ته اي ابو عمر! جيڪڏهن تون مون کان پري پڇين ٿو تہ پوءِ دشمن سان ٻہ نہ ويهہ، ڇاڪاڻ ته اهي تنهنجي عيب کي ڏسن ٿا ۽ جڏهن تون گناه ڪرين ٿو، تہ اهي خوش ٿين ٿا ۽ جڏهن گناه کان توکي پاڪ ڏسن ٿا يعني تو ۾ ڪوبہ عيب ڪونہ ٿا ڏسن تہ اهي غمگين ٿين ٿا. جيڪڏهن تون ڪو گناه ڪرڻ گهرين، تہ مان وٽ اچي ڪر، تہ جيئن تنهنجي بلا اسان پنهنجي سر تي کڻون ۽ جيئن تنهنجا دشمن خوش نہ ٿين. حضرت ابو عثمان رحہ جي اها ڳالهہ ٻڌي مان آئينده سچي توبہ ڪئي.

هڪ دفعي هڪ شخص کي چنگ وڄائيندي ڏٺائون، هو چنگ وڄائيندو پنهنجي مستيءَ ۾ وڃي رهيو هو. اوچتو جڏهن سندس نظر حضرت ابو عثمان رحہ تي وڃي پيئي، تہ هن ڪوتوال سمجهي هڪدم چنگ وڄائڻ بند ڪري ڇڏيو. تنهن تي پاڻ هن جي نزديڪ وڃي فرمايائون تہ ڀاءُ! ڊڄ نہ، سڀ ماڻهو هڪ جهڙا نہ هوندا آهن، اهو ٻڌي هن شخص توبہ ڪئي. پاڻ هن کي پنهنجي گهر وٺي آيا ۽ کين غسل ڪرائي خرقو پهرايائون. پوءِ درگاه الاهيءَ ۾ عرض ڪيائون تہ خداوند ڪريم! جيڪو ڪم مون کي ايندو هو سو مان ڪري ڇڏيو، هاڻي تنهنجو ڪم باقي رهيل آهي. ابو عثمان رحہ جي دعا جي طفيل الله تعاليٰ هن شخص کي اهڙو رتبو عطا ڪيو جو وڏا وڏا مشائخ حيران ٿي ويا، ۽ انهيءَ شخص سان ريسون ڪرڻ لڳا.

فرمائن ٿا تہ جيڪو شخص پنهنجي مٿان سنت نبوي صلي الله عليه وسلم کي لازم ڪري ٿو، اهو حڪمت بيان ڪري ٿو ۽ جيڪو حرص و هوا کي پنهنجي مٿان غالب ڪري ٿو، اهو بدعت جون ڳالهيون بڪي ٿو.

فرمائن ٿا تہ ڪوئي شخص پنهنجا عيب نٿو ڏسي، ليڪن سواءِ انهيءَ جي جيڪو هر وقت پنهنجو پاڻ تي ملامت ڪري ٿو.

فرمائن ٿا تہ جيستائين انسان ۾ چار ڳالهيون برابر جيتريون نہ هونديون، تيستائين اهو ڪامل ٿي نٿو سگهي. اهي چار ڳالهيون هي آهن: منع، عطا، عزت ۽ ذلت.

فرمائن ٿا تہ ساري عالم ۾ زيادہ عزيز ٽن قسمن جا ماڻهو آهن. پهريون اهو عالم، جو علم بيان ڪري، ٻيو اهو مريد جو طمع نہ ڪري، ٽيون اهو عارف جو حق جي صفت بغير ڪيفيت جي بيان ڪري.

فرمائن ٿا ته دل جي صداقت ڇهن ڳالهين ۾ آهي. پهريون خدا جي گهرن ۾ اٺن سيني ڳالهين کان علحدگي، ٻيون تواضع، چوٿون مراقبو.

فرمائن ٿا ته اهو شخص غمناڪ آهي، جنهن کي انهيءَ ڳالهه جو فڪر آهي ته ڪير ڪوبه غم نه پهچي، حالانڪ هر چيز جو غم مومن جي لاءِ فضيلت آهي، بشرطيڪ اهو غم گناه جي سبب نه هجي.

فرمائن ٿا ته خوف، الله تعاليٰ جي عدل کان ٿيندو، ۽ رجا (اميد) الله تعاليٰ جي فضل کان ٿيندي آهي. خوف جي سچائي اها آهي ته ظاهر ۽ باطن ۾ دنيا کان پرهيز ڪري. ن.

فرمائن ٿا ته خوف خدا تائين پهچائي ٿو ۽ تڪبر انسان کي خدا کان پري ڪري ٿو.

فرمائن ٿا ته قناعت ڪندڙ اهو آهي، جنهن کي ٻئي ڏينهن جو فڪر نه هجي. ن.

فرمائن ٿا ته سعادت جي هيءَ نشاني آهي ته فرمانبرداري ڪري ۽ الله تعاليٰ کان ڊڄي، مبادا مردود نه ڪيا وڃو، ۽ بدبختيءَ جي نشاني اها آهي ته انسان گناه ڪندو رهي، ۽ بخشش جي اميد رکي.

فرمائن ٿا ته اخلاص هي آهي ته ڪنهن به حالت ۾ نفس جو دخل نه هجي، حقيقت ۾ اخلاص، خدا تعاليٰ سان گڏ سچي نيت جو نالو آهي.

نقل آهي ته فرغانه کان هڪ شخص حج جو ارادو ڪيو، نيشاپور ۾ پهچي حضرت ابو عثمان حيري رحه جي خدمت ۾ حاضر ٿيو، مگر پاڻ حضرت جن هن جي طرف ڪو توجه ڪونه ڏنو. هن شخص دل ۾ خيال ڪيو ته هي ڪهڙي قسم جو مسلمان آهي جو سلام جو جواب به ڪونه ڏنائين. حضرت ابو عثمان رحه هن جي دل جي اهڙي خيال کي پروڙي ورتو ۽ کيس فرمايو ته ڇا حج انهيءَ جو نالو آهي، جو ماءُ کي بيمار ڇڏي حج ڪرڻ هليو آهين، اهو ڪهڙيءَ حالت ۾ جائز آهي. آخر هو شخص پنهنجي غلط فهميءَ تي شرمندو ٿيو ۽ انهيءَ وقت واپس فرغانه موٽي ويو. جيستائين والده زنده رهيس، تيستائين اُن جي خدمت ڪندو رهيو. والده جي وفات کان بعد اهو شخص جڏهن ابو عثمان رحه جي خدمت ۾ آيو، تڏهن پاڻ حضرت جن پاڻ ڊوڙي اچي هن جو استقبال ڪيو.

جڏهن ابو عثمان حيري رحه جي وفات جو وقت آيو ۽ موت جون نشانيون ظاهر ٿيون ته سندن صاحبزادو بيقراري ۽ اضطرابي ظاهر ڪرڻ لڳو، پاڻ هن کي فرمايائون ته هي سنت نبوي صلي الله عليه وسلم جي خلاف نه هلي، متان منافق نه ٿي وڃين. اُن کان پوءِ شب جي اڳيان وفات فرمايائون.

ذڪر حضرت ابو عبدالله جلاح رحمت الله عليه

حضرت ابو عبدالله رحه شام ملڪ جي مشائخن مان هئا، حقائق، معرفت ۽ لطائف ۾ بي نظير هئا. ابو تراب رحه ۽ ذوالنونؒ رحه جي زيارت جو ڪين شرف حاصل هو. حضرت جنيد رحه ۽ نوري رحه جي صحبت ۾ پڻ رهيا هئا.

فرمائن ٿا ته شروع ڪان ئي پنهنجي والدين جي اجازت سان ڪم ڪار کي ترڪ ڪري خدا جي ڪم ۾ لڳي ويس. ڪجهه عرصي کان بعد مان جڏهن گهر آيس ۽ گهر جو دروازو اچي کڙڪايو ته اندران پڇيو ويو ته ڪير آهين؟ مان جواب ڏنو ته اوهان جو پٽ آهيان. انهن وري چيو ته اسان کي هڪ ئي پٽ هو، اهو خدا کي ڏيئي ڇڏيو آهي. اسان ڏنل چيز واپس نه وٺندا آهيون، تنهن ڪري هنن دروازو ڪونه کوليو، مان واپس هليو ويس ۽ وڃي رياضت ۾ لڳي ويس.

فرمائن ٿا ته هڪ ڏينهن مان هڪ آتش پرست نوجوان کي ڏٺو، جو نهايت ئي خوبصورت هو. مان هن جي مشاهدي ۾ حيران ٿي ويس ۽ هن جي سامهون ئي بيهي رهيس. اتفاقي ۾ اتان حضرت جنيد رحه جو گذر ٿيو، مان چيو ته ههڙو خوبصورت چهرو دوزخ جي باه ۾ سڙندو؟ جنيد رحه فرمايو ته اهو تنهنجي نظر جو دوکو آهي، ڪائنات ۾ هزارين چيزون هن کان به وڌيڪ خوبصورت آهن، افسوس جو تو صرف هن کي عبرت جي نظر سان ڏٺو آهي، ان جي سزا تو کي جلدي ملندي. خدا جي قدرت سان انهيءَ ئي وقت قرآن شريف منهنجي ذهن مان نڪري ويو؟ مدت تائين آه ۽ زاري ڪندو رهيس ۽ توبه ڪندو رهيس، آخر الله تعاليٰ وري مون تي پنهنجو ڪرم ڪيو ۽ دوباره قرآن ڪريم مون کي ياد اچي ويو. پوءِ مون ۾ اهڙي طاقت ڪانه رهي جو ڪائنات جي ڪنهن به شيءِ جي طرف نظر کڻي ڏسي سگهان.

فقر جي باري ۾ ابو عبدالله رحه کان پڇيو ويو، ليڪن اهي خاموش ٿي ويا ڪوبه جواب ڪونه ڏنائون ۽ باهر نڪري ويا. ٿوري دير کان پوءِ واپس آيا ته ماڻهن وري پڇيو ته فرمايائون ته ان وقت منهنجي کيسي ۾ ٿوري چاندي پيل هئي ۽ ان جي موجودگيءَ ۾ مون کي فقر بابت گفتگو ڪرڻ سان شرم اچي رهيو هو. هاڻي اها چاندي صدقو ڪري آيو آهيان ته جيئن فقر جي باري ۾ گفتگو ڪري سگهان.

ماڻهن پڇيو ته آدمي فقر جو حقدار ڪڏهن ٿئي ٿو؟ فرمايائون ته ان وقت جڏهن ڪو به شيءِ باقي نه رهي. پڇيو ويو ته انسان توبه ڪندڙن ۾ ڪڏهن ٿو شمار ٿئي؟ فرمايائون ته

جڏهن ڪبي ڪلهي وارو فرشتو ويهن ڏينهن تائين هن جو ڪوبہ گناہ نہ لکي.

زاهد جي باري ۾ ڪانئن دريافت ڪيو ويو تہ فرمايائون تہ زاهد اهو آهي، جنهن جي اکيان ماڻهن جي تعريف ۽ گلا ٻئي برابر هجن، ۽ دنيا کي خراب نظرن سان ڏسي ۽ هن کي حقير سمجهي.

پڇيو ويو تہ عابد ڪير آهي؟ فرمايائون تہ پهرين وقت ۾ فرض ادا ڪرڻ وارو عابد ڪوٺائي ٿو. پڇيو ويو تہ موحد ڪير آهي؟ فرمايائون تہ سيني افعالن کي خدا جي طرف کان سمجهڻ وارو موحد ٿيندو آهي. پڇيو ويو تہ تصوف ڇا آهي؟

فرمايائون تہ تصوف اهو فقر آهي، جو سڀني کان علحده هجي. فرمايائون تہ معرفت جو شڪر، توقع آهي. عزت جو شڪر، تواضع آهي، ۽ مصيبت جو شڪر، صبر آهي.

جڏهن ابو عبدالله رحہ جي وفات جو وقت قريب آيو، تہ ان وقت پاڻ لکڻ لڳا ۽ انهيءَ ئي حال ۾ وفات فرمايائون.

✽ ذڪر حضرت ابو محمد رويم رحمت الله عليه ✽

حضرت ابو محمد رويم رحہ وڏن بزرگن مان شمار ڪيا وڃن ٿا، پاڻ نهايت صادق هئا. ٻيا سڀ بزرگ سندن تعريف ڪندا هئا ۽ سندن ڪرامتن ۾ سڀ جو اتفاق هوندو هو، ڪين ٻين سيني علمن ۾ خاص تفسيرالقرآن ۾ ڪمال حاصل هو. پاڻ حضرت جن محض توڪل تي ڪيترا ئي سفر ڪيا. طريقت ۾ سندن ڪيترا ئي ڪتاب لکيل آهن.

فرمائن ٿا تہ ويهہ سال انهيءَ عرصي ۾ گذري ويا، جو جنهن بہ کاڌي جو خيال ٿيو تہ اهو فوراً حاضر پئي ٿيندو رهيو.

فرمائن ٿا تہ هڪ ڏينهن مان بغداد جي شهر مان لنگهي رهيو هوس تہ مون کي سخت اُڃ لڳي، مان هڪ گهر مان پاڻي گهري ورتو. هڪ ڇوڪري پاڻي آڻي ڏنو ۽ مون کي چيائين تہ صوفي ٿي ڪري ڏينهن جو پاڻي ٿو پيئين. ان ڏينهن کان وٺي مان ڪڏهن بہ ڏينهن جو پاڻي نہ پيتو. ڪانئن پڇيو ويو تہ الله تعاليٰ سڀ کان اول انسان تي ڇا فرض ڪيو آهي؟ فرمايائون تہ پنهنجي معرفت.

فرمائن ٿا تہ جيڪڏهن الله تعاليٰ توهان کي قول ۽ عمل ٻئي ڏي تہ سعادت آهي، ۽ جيڪڏهن فقط عمل ڏي تہ نعمت آهي، ۽ جي صرف قول ڏي ۽ عمل نہ ڏي تہ مصيبت آهي، ۽ جيڪڏهن قول ۽ عمل ٻئي نہ ڏي تہ آفت آهي.

ماڻهن ڪانئن پڇيو تہ سفر جا آداب ڪهڙا آهن؟ فرمايائون تہ مسافر کي قدم جو اندېشو نہ هئڻ گهرجي ۽ جتي دل کي آرام ملي اها ئي هن جي منزل آهي.

فرمائن ٿا تہ ان وقت تائين، جڏهن پلصراط تان لنگهڻو پوي تہ زمين تي سهو ۽ خوشيءَ کان پري پڇو، ڪوڙن (چهبڪن) ڪانئي تي صبر ڪريو.

فرمائن ٿا تہ تصوف جو ٽن شين تي مدار آهي. پهريون فقر سان تعلق رکڻ، ٻيو سخا ۽ ايثار جو مادو پيدا ڪرڻ، ٽيون اعتراض ۽ اختيار کي ترڪ ڪري ڇڏڻ، ۽ نيڪ عملن تي قائم رهڻ.

توحيد جي متعلق فرمائن ٿا تہ هن جي تعريف ۾ پنهنجي خواهشن کي فنا ڪري ڇڏيو، ۽ هن جي وفا ۾ جفا کي فنا ڪري ڇڏيو، تہ جيئن ڪل ڪل ۾ فاني ٿي وڃو.

فرمائن ٿا تہ بشريت جا آثار ختم ٿي وڃن، ۽ الاهيت باقي رهجي وڃڻ جو نالو آهي "توحيد".

فرمائن ٿا تہ عارف جي دل آئيني مثل ٿيندي آهي. جڏهن ان ۾ ڏسندو، تہ حق تعاليٰ ئي نظر ايندو.

. فرمائن ٿا تہ علم سان ئي حق جو ڪمال حاصل ٿئي ٿو. فرمائن ٿا تہ انس "محبت" جي معنيٰ اها آهي، تہ الله تعاليٰ کان سواءِ نفس ۽ باقي ٻين شين کان نفرت ۽ وحشت ظاهر ڪرڻ اُنس دل جو سرور آهي.

ماڻهن ڪانئن پڇيو تہ فقير جي صفت ڇا آهي؟ فرمايائون تہ جيڪو پنهنجي دل ۽ نفس جي حفاظت ڪري ۽ الله تعاليٰ جا فرائض بجا آڻي.

فرمائن ٿا تہ شڪايت جو ترڪ ڪرڻ ئي صبر آهي. ماڻهن تواضع جي متعلق دريافت ڪيو. فرمايائون تہ علم غيب جي اڳيان پنهنجي قلب کي ذليل ڪرڻ کي تواضع چئجي ٿو.

زهد جي باري ۾ ڪانئن پڇيو ويو تہ فرمايائون تہ زهد جي معنيٰ دنيا کي حقير سمجهڻ آهي ۽ دل مان ان جي خواهش مٽائي ڇڏڻ. -

فرمائن ٿا تہ صحيح خوف ڪائيندڙ اهو آهي، جيڪو خدا کان سواءِ ٻئي ڪنهن کان نہ ڊڄي. رضا جي متعلق پڇيو ويو تہ فرمايائون تہ رضا جي معنيٰ آهي تہ خوشيءَ سان احڪام الاهيءَ جو استقبال ڪرڻ. جيڪڏهن دوزخ کي سڄي هٿ تي رکيو وڃي تہ ائين نہ چوي تہ کٻي هٿ تي رکيو وڃي.

فرمائن ٿا تہ عمل جو اخلاص اهو آهي تہ ٻنهي جهانن ۾ هن جي عيوض، ڪنهن بہ شيءِ جي طلب نہ ڪري.

هڪ شخص ڪانئن وصيت طلب ڪئي، پاڻ هن کي فرمايائون تہ سڀ کان ادنيٰ ڪم روح جي سخا آهي.

آخري عمر ۾ حضرت ابو محمد رحہ پنهنجو پاڻ کي دنيا ۽ ماڻهن کان پوشيده ڪري ڇڏيو، ۽ قضا جي منصب تي ويٺا. ان ڪري شيخ جنيد رحہ حضرت ابو محمد رحہ جي متعلق فرمايو آهي تہ اسان عارف ماڻهو فارغ مشغول آهيون ۽ ابو محمد رويم رحہ مشغول فارغ آهن.

ذڪر حضرت ابن عطار رحمت الله عليه

حضرت ابن عطار رحہ عالم روحاني ۽ جا قطب فنون علم، ۽ اصول ۽ فروغ ۾ مفتي هئا. هن کان اڳ ڪنهن کي بہ اسرار تنزيل ۽ معنيٰ ۾ اهو ڪشف حاصل ڪونہ هو، جهڙو ابن عطار رحہ کي نصيب هو، هن جهڙي لطيف بياني بہ ڪنهن کي حاصل ڪانہ ٿي هئي.

تمام همعصر ماڻهو ڪين عزت وارو سمجهندا هئا، حضرت ابن عطار رحہ جنيد رحہ جي اڪابر مريدن مان هڪ مريد هئا. هڪ ڏينهن ماڻهن ڪين عبادت خاني ۾ روئندو ڏٺو، گهوڙن مان سارو عبادت خانو تر ٿي ويو هو. ڪانئن پڇيو ويو تہ ايتري قدر روئڻ جو ڇا سبب آهي؟ فرمايائون تہ شرمندگيءَ جي هڪ حالت مون تي طاري ٿي ويئي، ان ڪري روئي رهيو آهيان. وري پڇيو ويو تہ اهو ڪيئن؟ فرمايائون تہ ننڍي هوندي مان ڪنهن ماڻهوءَ جو ڪبوتر پڪڙيو هو اها ڳالهہ ياد اچي ويئي، حالانڪ مان ان ماڻهوءَ کي هزار درم جو ثواب بہ پهچايو هو ليڪن اڃا تائين منهنجي دل کي قرار نہ آهي. خبر نہ آهي تہ منهنجو ڇا حال ٿيندو.

نقل آهي تہ حضرت جن کي ڏهہ فرزند هئا، جي تمام حسين هئا. هڪ دفعي حضرت ابن عطار رحہ سيني پٽن سميت سفر ڪري رهيو هئا، رستي ۾ متن ڌاڙيلن حملو ڪيو ۽ سندن پٽن جون اکيون ٻڌندا هڪ هڪ کي قتل ڪندا ٿي ويا، مگر هي پاڻ ڪجهہ ڪونہ ٿي ڪڇيائون آسمان جي طرف ڏسي کلي رهيا هئا، ايتري تائين جو هن جا نو پٽ قتل ڪيا ويا. جڏهن ڏهين نمبر پٽ جون اکيون بند ڪري ڌاڙيلن ان کي بہ قتل ڪرڻ ٿي گهريو تہ اوچتو ڌاڙيلن جي نظر حضرت ابن عطار جي طرف کڄي ويئي. ڪين حضرت جن جي حالت کي ڏسي ڏاڍي حيرت ٿي. کيس چيائون تہ تون عجيب بي مروت پيءُ آهين، جو نو پٽ ڪسجي ڇڪا آهن تہ بہ تون کلندو رهين ٿو ۽ ڪجهہ چوين ئي نٿو. پاڻ جواب ڏنائون تہ انهيءَ کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي شفقت آهي جو ڪجهہ نہ چوان. اهو (رب) خود ڄاڻي ٿو ۽ سڀ ڪجهہ ڏسي ٿو جيڪڏهن هو چاهي تہ بچائي سگهي ٿو. جڏهن ڌاڙيلن اها ڳالهہ ٻڌي تہ متن هڪ ٽڪر جي

طاري تي وٺي، انهيءَ تي ڏاڪن جي آڪوانڻ ڇيو ته اي بزرگ انسان! تون اهـا ڳالهه
چونه ڪئي، ته ڪو شڪ نه هو ته تنهنجو هڪ پٽ به قتل نه ٿئي ها.

ڪيترن ماڻهن ڪانئن پڇيو ته صوفين کي ڇا ٿيو آهي جو اهڙا الفاظ ڪتب آڻيندا آهن جو
عجيب ۽ غريب پيا ٿا لڳن؟ پاڻ فرمايائون ته اهو انهيءَ ڪري ته نيان کان هواءَ نه
چاڪاڻ ته انهن جي اکيان اهـي ڳالهيون نهايت پياريون آهن ۽ صوفين ان ڳالهه کي
نه ڪيو ته عام مروج لفظن کي استعمال ڪن انهيءَ ڪري انهن اهڙي قسم جا الفاظ
ڪيا. پاڻ فرمايائون ته بهترين عمل اهو آهي جو سالڪ اختيار ڪيو ۽ بهترين عمل اهو
جنهن جي باري ۾ انهن ارشاد ڪيو. ... ”نيم“ ڇيو آهي، تون ... ڇيو
انهن ”نيم“ ڇيو آهي، اهو (آهي) ”شڪر“ ...

فرمايائون ته جيڪو مرد ”اسرار“ کي تلاش ڪن ... آهي علم ... ٿا.
... علم ۾ به دستياب نه ٿي، ... توحيد ... طلب ڪن ٿا ... جيڪي ... نه ملي ته
دين کي طمع ... کان بري ... گهرجي ... !

فرمايائون ته ... غفلتن کان وڌيڪ غفلت اها آهي جو حق تعاليٰ کان غافل رکي ...
فرمائين ٿا ته جو شخص حق تعاليٰ کان سواءِ ڪنهن ٻيءَ شيءِ کان آرام حاصل ڪري
ته انجام ۾ اها ئي شيءِ هن لاءِ آفت ثابت ٿيندي.

فرمائين ٿا ته ... عقلن ۾ صحيح عقل اهو آهي جو توفيق جي مطابق هجي ...
... کان بدترين اطاعت اها آهي جنهن ۾ غرور ۽ خود بيني هجي، ۽ ... گناهن کان ...
... آهي جنهن جي ڪرڻ کان پوءِ توبهه جي توفيق پيدا ٿئي ...
فرمايائون ته باطن ۾ حق تعاليٰ جي نظر ڪرڻ جي جاءِ آهي ۽ ظاهر خلق ... جي
... آهي. فرمايائون ته جا شيءِ بانهن کي آخرت کان ... رکي ٿي، اها دنيا ئي آهي ...
فرمائين ٿا ته دلين جي لاءِ ... شهوت آهي ۽ روحن لاءِ به شهوت آهي ۽ نفس لاءِ به شهوت
... روحن جي شهوت حق تعاليٰ جو قرب آهي، دلين جي شهوت مشاهدو آهي، نفسن جي
... لذت سان راحت حاصل ڪرڻ آهي ... نفس جي پيدائش گستاخيءَ سان آهي، جنهن ڪري
... جي ميدان تي اچي بيهي ٿو ۽ بندي کي طلب کان بيزار ڪري ٿو ... بندي کي حق
... جي توفيق نه هوندي آهي. اهو نفس سان گڏ برائيءَ ۾ شامل ٿئي ٿو ...
فرمائين ٿا ته منافق جو قوت کائڻ پيئڻ سان آهي ۽ مومن جو قوت حق تعاليٰ جي
... ۽ عبادت ۾ آهي.

فرمائين ٿا ته جڏهن ڪنهن صالحن جو ادب نصيب ٿئي ... ته آڪي دولت ڪرامت جي

صلاحيت نصيب ٿئي ٿي، جن ڪي صديقن جو ادب نصيب ٿئي ٿو، تن ڪي اُنس ۽ مسرت جي صلاحيت حاصل ٿئي ٿي.

فرمائن ٿا تہ جيڪو نفس جي گرفت ۾ اچي ٿو، تہ اهو قرب جي مقام تي ڪڏهن پهچي سگهي. فرمائن ٿا تہ رسولن جو ادني مرتبو، شهيدن ۽ صالحن جو اعليٰ مرتبو آهي. شهيدن ۽ صالحن جو ادنيٰ مرتبو، مومن جو اعليٰ مرتبو آهي.

فرمايائون تہ جڏهن بندو ربوبيت سان ڪشف حاصل ڪري ٿو، تہ ان لاءِ دم هڻڻ حرام ٿي وڃي ٿو ۽ اهڙو تہ گم ٿي وڃي ٿو جو ان جو پتو ئي ڪونہ ملي.

فرمائن ٿا تہ علم جا چار قسم آهن: پهريون علم معرفت، ٻيو علم عبادت، ٽيون علم عبوديت، ۽ چوٿون علم خدمت. معرفت جا وري ٽي رڪن (ٿنڀا) آهن. هيبت، حيا ۽ امن.

فرمائن ٿا تہ حضرت آدم عليہ السلام جي خطا جڏهن جهان ۾ مشهور ٿي تہ سڀ شيون روئڻ لڳيون، ليڪن سون ۽ چاندي نہ رنا. حق تعاليٰ انهن کان پڇيو تہ توهان ڇو نہ رنا؟ تڏهن سون ۽ چانديءَ جواب ڏنو تہ اي باري تعاليٰ! اسان اهڙي شخص لاءِ نہ روئندا سين، جيڪو تنهنجو نافرمان هجي. تنهن تي حق تعاليٰ فرمايو تہ مون کي پنهنجي عزت ۽ جلال جو قسم، تہ مان تمام شين ۾ توهان جي قيمت ظاهر ڪندس، ۽ آدم عليہ السلام جي ساريءَ اولاد کي توهان جو غلام ڪندس.

نقل آهي تہ ماڻهن حضرت ابن عطار رحہ کي زنديق ڪوٺيو، ۽ وقت جي خليفي ٻڌڻ ماڻهن جي راءِ کي وزن ڏنو. خليفي جي وزير علي بن يحييٰ جڏهن اهو ٻڌو، تہ نهايت غصي ۾ اچي ويو، ۽ حضرت ابن عطار رحہ کي گهرائي ساڻن ڏاڍي سختي ڪئي. حضرت جن وري هن وزير کي ڏاڍو سست قرار ڏنو، انهيءَ تي وزير ويتر ڪاوڙ ۾ اچي ويو ۽ سندس ئي حڪم موجب حضرت جن جي پيرن مان جوتا لهرائي هن جي مٿي تي هڻايائين، ڌڪن جي زياديءَ سبب حضرت جن بيهوش ٿي ويا. جڏهن هوش ۾ آيا تڏهن بد دعا طور چيائون تہ الله ڪري تنهنجا هٿ پير ڪپجي وڃن، ائين چئي حضرت ابن عطار رحہ واصل باالله ٿي ويا.

إِنَّا لِلّٰهِ وَإِنَّا إِلَيْهِ رَاجِعُونَ.

ڪجھ وقت گذرڻ بعد خليفو ڪن سببن ڪري وزير علي بن يحييٰ کان ناراض ٿي پيو ۽ ناراضگيءَ جي شدت سبب هن جا هٿ پير ڪپائي ڇڏيائين. (اهو هو حضرت ابن عطار رحہ جي بد دعا جو اثر) بعض مشائخ حضرت ابن عطار رحہ تي اعتراض ڪن ٿا، تہ وزير لاءِ حضرت جن ڇو بد دعا فرمائي، پر ڪين گهربو هو تہ سندس حق ۾ نيڪ دعا ڪن ها. مگر ڪيترن مشائخن وري انهن جي برخلاف چيو آهي، ڇاڪاڻ تہ وزير ظالم هو ۽ حضرت جن ڪي ڪشف ۽ ڪيائي

نہ معلوم ٿيو ھو تہ ھن (وزير) سان آئينده ڪھڙي حالت پيش ايندي. ان ڪري اھي الفاظ سندن زبان تي جاري ٿي ويا. حضرت فريدالدين عطار رحہ جو ھن ڪتاب جو مصنف آھي، تنھن جو چوڻ آھي تہ حضرت ابن عطار رحہ وزير لاءِ نہ تہ بروگھريو ۽ نہ ئي پاوگھريو. ان ڪري ئي وزير شھادت جو درجو حاصل ڪيو ۽ دنيا جي ذلت کان آزاد ٿـي ويو. چاڪاڻ تہ دنياوي اقتدار ۽ عزت، بمقابل ان جي جيڪي ھن کي حاصل ڪين ھئا. درحقيقت حضرت جن جي دعا سندس جي حق ۾ نيڪ ھئي جو نيث ھن کي شھادت جو ھڪ عظيم درجو حاصل ٿيو. بيو تہ اھا ڳالھ آخرت جي عذاب جي مقابلي ۾ ڪجھہ بہ حيثيت نٿي رکي. تنھن ڪري اھو نھايت ئي سٺو ٿيو جو ھو جھان ۾ معمولي سزا ڀوڳي، پاڪ ۽ صاف ٿي ٻئي جھان ۾ ويو.

* ذڪر حضرت ابراھيم بن داؤدالرقي رحمت الله عليه *

حضرت ابراھيم بن دائود رحہ اڪابر مشائخ علمائن مان قدماء طريقت ھئا. پاڻ نھايت ڪرم ۽ صاحب رياضت ھئا. سندن قول نھايت اعليٰ درجي جي حيثيت رکندڙ ھيا. حضرت ابراھيم بن دائود رحہ شام جي بزرگن مان حضرت جنيد بغدادي رحہ جا ھمعصر ھئا.

نقل آھي تہ ھڪ دفعي ڪو درويش ڪنھن جھنگ مان وڃي رھيو ھو تہ ھڪ شينھن ابليس ڏسي ورتو، ۽ ھن کي کائڻ لاءِ اڳتي وڌيو. جڏھن شينھن درويش جي بلڪل قريب آيو تہ ھن درويش شينھن کي ھڪ نظر سان ڏٺو. درويش جي ڏسڻ شرط شينھن ھڪدم پنھنجي گردن هيٺ جھڪائي ڇڏي ۽ خاموشيءَ سان اتان هليو ويو. شينھن جي اھڙي نموني وڃڻ ڪري درويش ڏاڍو حيران ٿيو، جڏھن ڪجھہ غور ڪيائين تہ سندس گودڙيءَ ۾ حضرت دائود رقي رحہ جي خرقي (جامي) جو ٽڪرو پيل نظر آيس. اتي درويش سمجھي ويو تہ انھيءَ بلا جو ٽرڻ، محض حضرت جي جامي جي ٽڪڙي جي برڪت جو سبب ھو. جنھن ڪري شينھن مون کي ايذاءُ ڪونہ رسايو.

پاڻ فرمائن ٿا تہ معرفت، حق کي ثابت ڪرڻ جو نالو آھي. فرمائن ٿا تہ قدرت ظاھر آھي، اکيون بہ کليل آھن، مگر نظر ڪمزور آھي.

فرمائن ٿا تہ حق تعاليٰ جي دوستيءَ جو نشان ھن جي اطاعت کي پسند ڪرڻ آھي ۽ حضور صلي الله عليه وسلم جي مطابعت ڪرڻ آھي.

فرمائن ٿا تہ مخلوق ۾ اھو شخص سڀ کان وڌيڪ ڪمزور آھي، جيڪو نفس جي خواھش کي ترڪ ڪرڻ ۾ عاجز آھي، ۽ سڀ کان مضبوط اھو شخص آھي، جيڪو نفساني

خواهشاتن کي ڇڏي ڏيڻ تي قادر آهي.

فرمائين ٿا ته هر ماڻهوءَ جو قدر هن جي همت جي مطابق آهي. پوءِ جيڪڏهن هن جي همت دنيا جي معاملاتن ۾ آهي ته هن جو ڪو به قدر ۽ قيمت ڪونهي. جيڪڏهن هن جي همت حق تعاليٰ جي رضا تي آهي ته ممڪن آهي ته هن جو قدر ۽ قيمت ۽ درجو بلند تي وڃي.

فرمائين ٿا ته راضي اهو آهي، جيڪو سوال نٿو ڪري. فرمائين ٿا ته دعا ۾ وڌيڪ ٻيڪ ڪرڻ رضا الاهيءَ جي خلاف آهي.

فرمائين ٿا ته توڪل حق تعاليٰ جي طرفان وعدو ڪيل شين کي قبول ڪرڻ آهي.

فرمائين ٿا ته جو مقدر ۾ آهي، اهو بغير تڪليف ۽ مشقت جي پهچي وڃي ٿو. فرمائين ٿا ته ڪجهه زياده طلب ڪرڻ ۾ رنج آهي، محنت ڪان سواءِ ڪجهه حاصل نٿو ٿئي. *

فرمائين ٿا ته درويش ڪفايت تي توڪل، ۽ امير ماڻهو مال ۽ دولت تي توڪل ڪندا آهن.

فرمائين ٿا ته درويشن جو آدم ان وقت ڪيو وڃي ٿو، جڏهن هو حقيقتن ڪان علم جي طرف رجوع ڪن ٿا.

فرمائين ٿا ته جيستائين تنهنجي دل ۾ خطرا موجود آهن تيستائين حق تعاليٰ وٽ تنهنجي ڪا به قدر ۽ منزلت ٿيڻي نه آهي.

فرمائين ٿا ته جو شخص الله تعاليٰ ڪان سواءِ ڪنهن ٻي شيءِ کي عزت جو ذريعو سمجهي ٿو ته اهو حقيقت ۾ پنهنجي عزت ۾ ذليل ۽ خوار آهي.

فرمائين ٿا ته مان دنيا ۾ ٻن چيزن کي زياده پسند ڪريان ٿو: هڪ فقراءَ جي عزت کي، ٻيو دنيا جي حرمت کي.

يعني درويشن جي گوشي نشينيءَ کي ته پسند ڪريان ٿو، ۽ دنياءَ کي ٻيو بڇڙائي سمجهي پسند ڪريان ٿو.

* ذڪر حضرت يوسف اسباط رحمت الله عليه -

[illegible] حضرت يوسف اسباط رحمت الله عليه، پاڻ حضرت جن صوفين فرقي [illegible] ۽ تابعين منجهان [illegible] حضرت [illegible] [illegible] حالت ۽ [illegible]

عجيب عجيب رياضتون ڪندا هئا، ۽ دنيا کان هر معاملي ۾ علحده هئا.

نقل آهي تہ حضرت يوسف رحہ کي ورثي ۾ ستر هزار دينار مليا هئا، ليڪن پاڻ انهن مان ڪجهہ بہ خرچ ڪونہ ڪيو هئائون. پاڻ سدائين ڪجين جي پنن تي گذارو ڪندا هئا. پاڻ فرمايائون تہ چاليهن سالن تائين مان نئون پهراڻ ڪونہ پاتو.

نقل آهي تہ هڪ دفعي پاڻ حضرت جن حديقہ مرغشي کي خط لکيو تہ مون کي معلوم ٿيو آهي تہ تو پنهنجي دين کي ”دوحيہ“ (هڪ قسم جو سڪو) جي عيوض وڪڻي ڇڏيو آهي، ۽ ساڳئي وقت تون بازار ۾ هڪ چيز خريد ڪرڻ لاءِ وئين تہ انهيءَ چيز جي مالڪ پہ دانگ قيمت طلب ڪئي، ليڪن تون ان جي مقرر ڪيل قيمت جي چوٿين حصي جيتري ڏيڻ تي رضامند هئين، پر جيئن تہ هو توکي سڃاڻندو هو ۽ تنهنجي نيڪو ڪاريءَ جي سبب هو ڪجهہ چئي نہ سگهيو ۽ اها شيءِ توکي معمولي قيمت تي ڏيئي ڇڏيائين. مگر ياد رک اهي ڳالهيون تنهنجي لاءِ باعث تڪليف ثابت ٿينديون، اهڙا شخص سدائين دوکي ۾ هوندا آهن.

فرمائن ٿا تہ جيڪو شخص قرآن ڪريم، دنيا ڪمائڻ جي لحاظ سان پڙهي ٿو اهو چڻ تہ دين سان مذاق ٿو ڪري، ۽ مان ڊڄان ٿو تہ اسان جا نيڪ ڪم بنسبت گناهن جي تمام گهٽ آهن، پر جيڪي ٿورا گهڻا نيڪ ڪم آهن اهي بہ پڻ تخريب جو باعث آهن.

فرمائن ٿا تہ تواضع جي علامت اها آهي تہ جنهن کان بہ حق تعاليٰ جا احڪام ٻڌي تہ ان کي قبول ڪري، ۽ هر ادنيٰ شخص سان بہ نرميءَ ۽ عاجزيءَ سان پيش اچي، ۽ انهيءَ شخص جي عزت ڪري جيڪو ان کان عزت ۽ مرتبي جي لحاظ کان وڌيڪ آهي. انهيءَ ۾ جيڪڏهن پنهنجو نقصان بہ ڏسي تہ بہ برداشت ڪرڻ گهرجيس، ۽ جيڪي ڪجهہ الله تبارڪ وتعاليٰ ڏي تہ ان جو شڪريو ادا ڪري. جتي بہ ڪو هجي حق تعاليٰ جي طرف متوجہ رهي.

فرمائن ٿا تہ عمل ان مرد وانگر ڪريو جيڪو اڳين سان ڏسي رهيو هجي تہ هن کي سواءِ ان علم جي نجات حاصل نہ ٿيندي ۽ سواءِ ان جي تہ جو تقدير ۾ لکيو ويو آهي ان کان وڌيڪ ڪجهہ نہ ملندو. توڪل ان آدميءَ جهڙي ڪريو جيڪو اهو ڏسي رهيو آهي تہ مونکي اهو ئي ملندو جيڪو ازل ۾ لکيو ويو آهي ۽ وڌيڪ ڪوشش نہ ڪريو.

فرمائن ٿا تہ اُنس جون پنج علامتون آهن: پهريون هميشہ خلوت ۾ ويهڻ. ٻيو آميزش ۽ مخاطب کي پسند نہ ڪرڻ. ٽيون ذڪر ۾ لذت محسوس ڪرڻ. چوٿون نفس سان جهاد ۾ راحت محسوس ڪرڻ. پنجون بندگيءَ جي رسي هٿ ۾ پڪڙڻ.

فرمائن ٿا تہ حيا جون ٽي علامتون هي آهن: دل رنجيده رهي، الله تعاليٰ جي ديدار جي عظمت هجي، ڳالهہ ڪرڻ کان اڳ پهريائين ان کي تيوري، اک، گهر، پيٽ ۽ پنهنجي

شرمگاه جي حفاظت ڪري. دنيا جي آسائش کي ترڪ ڪري، موت ۽ مرڻ کي ياد ڪري.

فرمائن ٿا ته شوق جون علامتون ڇهه آهن: رات جو سمهڻ وقت موت کي ياد رکڻ، خوشي ۽ مسرت ۾ زندگيءَ کي دشمن خيال ڪرڻ ۽ صحبت ۽ رغبت جي وقت حق تعاليٰ جي ذڪر سان محبت رکڻ، فڪر جي وقت خوش رهڻ، خصوصاً مشاهدي جي وقت.

فرمائن ٿا ته نماز با جماعت توهان ماڻهن تي فرض نه آهي، مگر طلب حلال فرض آهي.

* ذڪر حضرت ابو يعقوب بن اسحاق النهر رحمت الله عليه *

حضرت ابو يعقوب بن اسحاق رحمت الله عليه اڪابر مشائخ مان هئا. لطف عظيم نور بي نهايت، مجاهدو سخت، ڪامل سر فنو ۽ دل پسند قول رکندڙ هئا، خدمت ۽ ادب ۾ خاص ۽ مقبول اصحاب هئا. اڪثر بزرگن جو قول آهي ته مشائخن ۾ حضرت يعقوب بن اسحاق رحه کان وڌيڪ ڪوئي نوراني نه هو.

حضرت ابو يعقوب رحه حضرت عمر بن عثمان مڪي رحه جي صحبت ۾ رهيا. ڪيترن سالن تائين ڪعبي جي حرم پاڪ جا مجاور رهيا ۽ اتي ئي وفات ياتائون. حضرت ابو يعقوب رحه پنهنجي سڄي عمر ۾ هڪ پل لاءِ به مجاهدي ۽ عبادت کان غافل نه رهيا.

نقل آهي ته هڪ دفعي مناجات ۾ روئي رهيا هئا، انهيءَ ۾ آواز آيو ته اي ابو يعقوب! تون بندو آهين، سو بندي کي راحت سان ڪهڙو ڪم!

نقل آهي ته هڪ دفعي سندن خدمت ۾ هڪ شخص آيو ۽ اچي عرض ڪيائين ته مان نماز ته پڙهان ٿو پر دل ۾ ان جي لذت محسوس نٿو ڪريان. ان تي پاڻ ڪيس فرمايائون ته تون هر نماز مهل ساريءَ نماز ۾ دل جي طلب ڪرين ٿو، ان ڪري تون ان جي ملاوت حاصل ڪري نٿو سگهين.

فرمائن ٿا ته مان هڪ ڏينهن هڪ ڪاڻي شخص کي ڏٺم، جيڪو طواف ۾ چئي رهيو هو ته مان تو کان تنهنجي پناه گهران ٿو. مان ڪنئس پڇيو ته اها ڪهڙي دعا آهي؟ چيائين ته مان هڪ ڏينهن هڪ شخص کي ڏٺو جو مون کي ڏاڍو پسند آيو، انهيءَ دم غيب کان انهيءَ اک کي، جنهن سان مان انهيءَ شخص کي ڏٺو هو پربور چماٽ لڳي ۽ اک جي بينائي ختم ٿي وئي، ان ڏينهن کان مان اها دعا گهران ٿو.

فرمائن ٿا ته دنيا هڪ درياه آهي، جنهن جو ڪنارو آخرت ۽ تقويٰ ڪشتي ۽ انسان ان درياه ۾ مسافر آهن.

فرمائين ٿا تہ جيڪو پيٽ ڀري کائي ٿو اهو هميشه بکيو رهندو. جو مال سبب امير آهي، اهو هميشه مفلس رهندو. جيڪو ماڻهن کان سوال ڪري ٿو، اهو هميشه محروم ٿي رهندو. جيڪو پنهنجا ڪم سواءِ خدا جي ٻين کان طلب ڪري ٿو، اهو هميشه نامراد ٿي رهندو.

فرمائين ٿا تہ جنهن نعمت جو توهان شڪر بجا آڻيو ٿا، ان کي ڪڏهن بہ زوال ڪونہ اچي ۽ جنهن نعمت جو توهان شڪر نٿا ڪريو، اما پائدار نہ رهندي.

فرمائين ٿا تہ جڏهن بندو يقين جي حقيقت جي ڪمال کي پهچي وڃي ٿو، تہ سوءِ هر مصيبت نعمت بڻجي وڃي ٿي ۽ هر اُميد هڪ مصيبت ثابت ٿئي ٿي.

فرمائين ٿا تہ مردانگي گهٽ کائڻ، ٿوري ڳالهائڻ، ٿوري سمهڻ، ۽ شهوت کي ترڪ ڪرڻ ۾ آهي.

فرمائين ٿا تہ خوشي ٽن ڳالهين ۾ آهي: اطاعت ۾، خدا جي نزديڪ هجڻ ۽ خلق کان پري پچڻ ۾ ۽ خدا جي ياد ڪرڻ ۽ خلق کي پلائي ڇڏڻ ۾.

فرمائين ٿا تہ عارف خدا تائين ايستائين ڪونہ ٿو پهچي، جيستائين دل کي ٽن ڳالهين کان صاف ۽ پاڪ نہ ڪري. پهريون علم ٻيو عمل ۽ ٽيون خلوت.

ڪنهن کانئن پڇيو تہ ڇا عارف، بغير ذات الاهيءَ جي ڪنهن بہ ٻيءَ چيز کي ڏسندو آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ ڪهڙيءَ اک سان ڏسندو؟ ڇاڪاڻ تہ عارف خدا کان سواءِ ٻي ڪنهن بہ شيءِ کي ڏسندو ئي ڪينهي.

فرمائين ٿا تہ توڪل ڪندڙن جو رزق الله تعاليٰ تي آهي، جو انهن کي بغير محنت جي پهچائي ٿو. در حقيقت متوڪل اهو آهي، جو پنهنجي تڪليف ۽ محنت کي خلق کان پري رکي، ۽ منع ۽ بخشش کي خدا جي ئي طرف کان سمجهي. توڪل حقيقت ۾ سيدنا حضرت ابراهيم عليه‌الصلواة والسلام جن جي هئي، جو انهن عين انهيءَ وقت جڏهن ٻرندڙ باهہ ۾ اڇليا ٿي ويا، تہ جبرئيل عليه السلام کي بہ چئي ڏنو تہ مون کي تو ۾ ڪابہ حاجت ڪانهي.

ماڻهن کانئن پڇيو تہ خدا تعاليٰ جو رستو ڪهڙو آهي؟ فرمايائون تہ جاهلن کان پري رهڻ، ۽ عالمن جي صحبت ۾ گذارڻ، علم جو استعمال ڪرڻ ۽ سدائين ذڪر ۾ رهڻ.

ذڪر حضرت سمنون محب رحمت الله عليه

حضرت سمنون رحه پنهنجي رنگ ۾ يگانو ۽ مقبول هئا. اشارن خوبين ۽ رمزن ۾ عجيب ڪمال رکندا هئا. حضرت سيري سقطي رحه جي محبت حاصل هين. حضرت جنيد بغدادي رحه جا همعصر هئا. محبت ۾ پنهنجو مذهب حاضر رکندا هئا، پاڻ معرفت ڪان محبت کي مقدم ڪندا هئا، مگر اڪثر مشائخ معرفت کي محبت ڪان مقدم رکيو آهي ۽ رکندا آهن.

فرمائن ٿا ته محبت خدا جي راه جي اصل جڙ آهي. احوال يا بيو ڪجهه به وغيره محبت جي لحاظ کان ڏي ٿين ٿا.

نقل آهي ته هڪ دفعي جڏهن پاڻ حضرت جن حجاج ڪان واپس موٽيا آيا ٿي ته وات ني ماڻهن کين مجبور ڪيو ته ڪجهه گفتگو فرمائين، مجبور ٿي جڏهن ڪجهه بيان فرمايائون ته ان هوندي به ماڻهن کي بي سمجهه پاتائون. اها حالت ڏسي حضرت جن مسجد جي قنديلن ۽ ٿنين کي مخاطب ٿي چيو ته مان توهان سان محبت جون ڳالهيون ڪريان ٿو. انهيءَ وقت سارا ٿنيا ۽ قنديلون رقص ڪرڻ لڳا ۽ پاڻ ۾ ٽڪرائجي ڪرندا رهيا.

هڪ دفعي محبت جون ڳالهيون بيان فرمائي رهيا هئا، ته هڪ پکي آڏاندو اچي سندن مٿي تي ويهي رهيو، تنهن ڪان پوءِ مٿي تان لهي اچي هٿ تي ويهي رهيو. پوءِ جهوليءَ ڪان ٿيندو زمين تي اچي ٿيهي رهيو، ۽ پنهنجي چهنب کي اهڙيءَ طرح زمين تي هنيائين جو بدن مان خون جاري ٿي ويس، ۽ آخر مري ويو.

آخري عمر ۾ حضرت سمنون رحه سنت نبوي صلي الله عليه وسلم جي مطابق هڪ عورت سان نڪاح ڪيو، جنهن مان هڪ نياڻي پيدا ٿي. ٽن سالن جي عمر ۾ پنهنجي نياڻيءَ سان محبت ٿي ويس، هڪ رات خواب ۾ حضرت سمنون رحه قيامت قائم ٿيندي ڏٺي ۽ هڪ جڳهه تي ماڻهن کي نور جي جهنڊي هيٺان گڏ ٿيندو ڏسي پاڻ به اتي ويا، مگر ڪو چاڙهو نه ٿين کين جواب مليو ته هيءَ جاءِ اهل محبت وارن جي آهي. پاڻ چيائون ته ماڻهو مون کي سمنون محب ڪوٺين ٿا. جواب مليس ته پهريائين واقعي تون ائين هئين، مگر جڏهن تون پنهنجي ڌيءَ سان محبت ڪرڻ لڳين، تڏهن ڪان تنهنجو نالو انهيءَ دفتر ڪان خارج ڪيو ويو آهي. اهو جواب ٻڌي خواب واريءَ حالت ۾ ئي دعا گهريائون ته جيڪڏهن اهو ٻار اهڙو ئي آهي ته تون ان کي سنڀالي وٺ. انهيءَ وقت گهر ۾ شور ۽ غل ٿي ويو، ۽ جاڳڻ تي معلوم ٿين ته ڇوڪري مٿان ڪري پيئي ۽ فوت ٿي ويئي.

نقل آهي ته غلام خليل، حضرت سمنون رحه کي بادشاه اڳيان صوفي تصور ڪندو هو، هميشه بادشاه اڳيان هن جي شڪايت ڪندو هو ۽ عيب بيان ڪندو رهندو هو. ڇاڪاڻ ته هن جي مراد هئي ته عام ماڻهو، صوفين کان قطع تعلقات ڪن، ته جيئن منهنجي عزت ۽ رتبو قائم رهي ۽ بدنام نه ٿيان، ان ڪري حضرت سمنون رحه تي هر طرح جا بهتان لڳائيندو رهندو هو. هڪ ڏينهن اتفاق سان هڪ مالدار عورت حضرت سمنون رحه سان نڪاح ڪرڻ جي آڇ ڪئي، مگر پاڻ هن کي قبول نه ڪيائون. تڏهن هوءَ حضرت جنيد رحه وٽ وئي ۽ عرض ڪيائين ته سمنون رحه کي چوڻ ته هو مون سان نڪاح ڪري، ليڪن حضرت جنيد رحه به ان عورت جي التجا تي ڪو توجه ڪونه ڏنو. پوءِ اها عورت بادشاه جي وزير يعني غلام خليل وٽ وئي ۽ سمورو واقعو بيان ڪري ٻڌايائينس. غلام خليل موقعي کي غنيمت ڄاڻي حضرت سمنون رحه جي خلاف بادشاه کي ڏاڍو ڀڙڪايو، ايتري قدر جو بادشاه هڪدم جلاد ۽ حضرت سمنون رحه کي حاضر ڪرڻ جو حڪم صادر ڪيو. حڪم جي بجا آوري ڪئي وئي، حضرت سمنون رحه شاهي دربار ۾ پيش ٿيا. ان وقت بادشاه ڏاڍي ڪوشش ٿي ڪئي ته حضرت سمنون رحه جي قتل جو حڪم ڏي، ليڪن زبان جي قوت اهڙي حڪم ڏيڻ کان قاصر ٿي وئي ۽ فيصلو ٻي صبح تي رکيو ويو. انهيءَ رات بادشاه خواب ڏٺو ته ڪا غيبي قوت کيس چئي رهي آهي ته جيڪڏهن تو سمنون رحه کي قتل ڪرايو ته تنهنجي ملڪ مٿان زوال نازل ٿيندو. صبح جو اٿڻ سان ئي بادشاه حضرت سمنون جي خدمت ۾ ويو ۽ کانئس معافي ورتائين، آخر نهايت ئي عزت ۽ احترام سان کين رخصت ڪيائين.

محبت جي باري ۾ کانئن سوال ڪيو ويو ته پاڻ فرمايائون ته صاف محبت، دائمي ذڪر سان دوستي رکي ٿي. محبت کان وڌيڪ ڪابه شيءِ رفيق ۽ لطيف ڪانهي.

ماڻهن کانئن پڇيو ته "محب" کي مصيبت ۾ ڇو رکيو ويو؟ فرمايائون ته انهيءَ ڪري ته جيئن هر ڪمينو آدمي هن جي محبت جي دعوي نه ڪري، ڇاڪاڻ ته مصيبت ڏسي ڪري هو هيسجي وڃي ٿو.

ماڻهن کانئن فقر جي معني دريافت ڪئي؟ پاڻ فرمايائون ته فقير اهو آهي، جو فقر سان اهڙو انس رکي جهڙي محبت، جاهل نقديءَ سان رکندو آهي. نقديءَ کان فقير کي اهڙي نفرت هئڻ گهرجي، جهڙي جاهل کي فقر کان هوندي آهي.

فرمايو اٿن ته تصوف جي معني اها آهي ته ڪابه چيز نه تنهنجي ملڪيت آهي ۽ نه تون ڪنهن جي ملڪيت آهين.

ذڪر حضرت ابو عبدالله محمد بن فضل رحمت الله عليه

حضرت ابو عبدالله رحہ خراسان جي اڪابر مشائخن مان هئا، رياضت ۾ ممتاز ۽ بي نظير هئا. سندن همعصر سندن تعريف ڪندا هئا، پاڻ حضرت احمد خضرويہ جا مريد هئا. حضرت ترمذي رحہ کي ڏاڍو ڀڄڻ هئائون، ۽حضرت ابو عثمان حيري رحہ کي حضرت ابو محمد جي حال تي ڏاڍو توجہ رهندو هو. هڪ دفعي حضرت جن هن ڏانهن خط لکيو، جنهن ۾ لکيائونس تہ شقاوت (بدبختي) جي علامت ڇا آهي؟ جواب مليس تہ شقاوت جون ٽي علامتون آهن: پهريون تہ حق تعاليٰ علم تہ عطا ڪري، مگر عمل جي توفيق نہ ڏي، ٻيو هي تہ عمل ڏي مگر اخلاص کان محروم رکي، ٽيون هي تہ صالحن جي صحبت عنايت ڪري، مگر انهن جي آدب ڪرڻ جي توفيق نہ ڏي.

بلخ وارن حضرت جن کي ڏاڍا ڏک ڏنا، سندن حق ۾ تمام بيهودگيءَ جي نموني ۾ زبان کي استعمال ڪيائون، پاڻ انهن جي حق ۾ بد دعا گهريائون.

فرمائن ٿا تہ مون کي ان شخص تي تعجب ٿو اچي، جو پنهنجي مرضيءَ ۽ خواهش سان الله تعاليٰ جي گهر جي زيارت ڪري ٿو، مگر هوا تي قدم رکي اتي پهچي ديدار ڇونہ ٿو ڪري.

فرمايو اٿن تہ صوفي اهي آهن، جڪي تمام بلائن کان پاڪ ۽ تمام بخششن کان غائب آهن.

فرمائن ٿا تہ نفس جي خواهش کان مخلصي حاصل ڪرڻ ۾ راحت آهي. فرمائن ٿا تہ چئن ڳالهين جي سبب انسان اسلام کان عليحده ٿي وڃي ٿو. پهريون علم تي عمل نہ ڪرڻ، ٻيو جيڪي ڄاڻي ٿو ان تي عمل نہ ڪرڻ، ٽيون تہ جيڪي ڄاڻي ٿو، ان جي تلاش نہ ڪرڻ، چوٿون تہ علم سکڻ کان ٻين کي منع ڪرڻ.

فرمائن ٿا تہ علم جا ٽي حرف آهن، "عين" مان مراد آهي "علم" لام مان مراد آهي، "عمل" ۽ ميم مان مراد آهي، "اخلاص".

فرمائن ٿا تہ سڀ کان بهتر اهل معرفت اهو آهي، جڪو شريعت جي ادائگيءَ ۾ زياده ڪوشش ڪري ٿو، ان سان گڏ سنت جي حفاظت ۽ فرائض ۾ پوري ڪوشش ڪري ٿو.

فرمائن ٿا تہ محبت پيار جو نالو آهي، اهي چار ڳالهيون آهن: پهريون دل جو ذڪر ۾ رهڻ، ٻيو حق جي فڪر سان انس رکڻ، ٽيون انهن شغلن کي ترڪ ڪرڻ، جڪي الله تعاليٰ

کان علحده ڪرڻ وارا هجن، ڇو ته هر چيز تي رب پاڪ کي ترجيح ڏين.

فرمائن ٿا ته حق جي تابعين جي وصف اها آهي، ته انهن جي محبت ايثار تي مدار رکندڙ هوندي آهي. ان کان پوءِ انهن جو معاملو چئن منزلن تي هوندو آهي، اهي چار منزلون هي آهن: محبت، حيا، هيبت ۽ تعظيم.

فرمائن ٿا ته زهد جو ايثار بي نيازيءَ جي وقت ٿيندو آهي. جوان مردن جو ايثار حاجت جي وقت ظاهر ٿيندو آهي. فرمايو اٿن ته زهد جي معنيٰ دنيا کي ترڪ ڪرڻ آهي، جڏهن ته سگهي ته ايثار ڪريو، ۽ هر صورت ۾ دنيا کي خوار سمجهو.

* ذڪر حضرت ابوالحسن بوشنگي رحمت الله عليه *

حضرت ابوالحسن رحه صادق ڪارديده، مخلص بار ڪشيده ۽ موحد يڪرنگ هئا، پاڻ اهل خراسان مان هئا، طريقت ۾ تمام مشائخن جا امام ۽ سڀ کان زياده عالم هئا، تجريد ۾ سندن قدم راسخ هو يعني تنهائيءَ تي پورو اختيار هون. پاڻ حضرت جن، ابو عثمان رحه، ابن عطار جريري رحه، ابو عمر رحه جن جي زيارت ڪئي هئي. پاڻ ڪيترا ئي سال عراق ۾ رهيا ۽ جڏهن واپس وطن آيا، تڏهن انسان جي ماڻهن مٿن زنديقيءَ جو الزام لڳايو، تنهن تي پاڻ نيشاپور هليا ويا، ۽ زهد جي ڪري ان زماني ۾ مشهور ٿي ويا.

نقل آهي ته هڪ دفعي پاڻ ڪنهن طرف وڃي رهيا هئا ته پڻان هڪ ترڪ اچي کين ماريو ۽ ڌڪ هڻي پڇي ويو، تنهن تي ماڻهن ترڪ کي ان جي بي ادبيءَ تي ڏاڍي تنبيهه ڪئي، جنهن ڪري ترڪ اچي حضرت جن کان معافي ورتي. پاڻ ان ترڪ کي فرمايائون ته تون اطمينان رک مان انهيءَ مار کي تنهنجي طرفان هرگز نٿو سمجهان. مطلب ته حضرت ابوالحسن رحه انهيءَ تڪليف کي قدرت جو عتاب ئي تصور ڪيو.

نقل آهي ته هڪ ڏينهن وضو ڪندي کين خيال آيو ته فلاڻو ڪپڙو فلاڻي درويش کي ڏيئي ڇڏيان، پاڻ فوراً هڪ خادم کي گهرائي ڪپڙو ڏنائون، ۽ کيس فرمايائون ته هي ڪپڙو ڏيئي اچ. خادم عرض ڪيو ته ايترو جلدي ڇو ٿا ڪريو، پوءِ ڏيئي ايندس. پاڻ فرمايائون ته هرگز نه، ٿوري دير به چڱي نه آهي. اٿس نه ٿئي ته شيطان کي رهزنيءَ جو موقعو ملي وڃي.

کانئن پڇيو ويو ته ”مروت“ ڇا آهي؟ فرمايائون ته ان چيز تان هٿ کڻي ڇڏڻ، جيڪا توهان لاءِ حرام آهي، ۽ ڪراماً ڪاتبين لاءِ مروت آهي.

پڇيو ويو ته تصوف ڇا آهي؟ فرمايائون ته بهرنادن تصوف هڪ حقيقت هئي، مگر هاڻي

هن جو صرف نالو رهجي ويو آهي. وري فرمايائون ته اميد ۽ طمع ٿورائيءَ ۽ عمل جو لازم هجڻ ئي "تصوف" آهي.

ڪانئن پڇيو ويو ته "فتوت" يعني جوانمردي ڇا آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ نيڪ رعايتون ڪرڻ، الله تعاليٰ جي دوستيءَ ۾ رهڻ ۽ پنهنجي نفس ۾ ڪابہ اهڙي ڳالهہ نہ ڏسڻ، جنهن جي خلاف تنهنجو باطن هجي.

پڇيو ويو تہ "توحيد" ڇا آهي؟ فرمايائون تہ ان کي بي مثل ئي سمجهو.

اخلاص جي متعلق ڪانئن پڇيو ويو تہ پاڻ فرمايائون تہ سچو اخلاص اهو آهي، جو ڪراماً ڪاتبين بہ نہ لکي سگهن، شيطان ان کي تباهہ ۽ برباد نہ ڪري سگهي، ۽ ماڻهو ان کان مطلع ئي نہ سگهن.

ڪانئن پڇيو ويو تہ ايمان ۽ توڪل ڇا آهي؟ ان باري ۾ پاڻ فرمايائون تہ ماني پنهنجي حصي جي ساري کائو ۽ ڏاڍي اطمينان سان ننڍا گرهہ ڪلو ۽ خوب چٻاڙي کائو، ائين سمجهہ گهرجي تہ جيڪي ڪجهہ توهان لاءِ آهي، اهو توهان کان پري ڪونہ ويندو.

فرمائن ٿا تہ جيڪو پاڻ کي خوار ڪري ٿو، حق تعاليٰ ان کي عزت ڏئي ٿو، مگر جيڪو پاڻ کي معزز يعني عزت وارو سمجهي ٿو، رب تعاليٰ ان کي ذليل ۽ خوار ڪري ٿو.

هڪ شخص ڪانئن دعا طلب ڪئي. پاڻ فرمايائون تہ الله تعاليٰ توکي فتني کان بچائي.

نقل آهي تہ هڪ شخص حضرت ابوالحسن رحہ جي مزار تي وڃي دعا گهري، رات جو انهيءَ درويش خواب ۾ ڏٺو تہ حضرت ابوالحسن رحہ ڪيس فرمائي رهيو آهي تہ اي درويش! منهنجي قبر تي اچي دنيا جي طلب نہ ڪر. جيڪڏهن دنيا ۽ ان جي نعمت جو طلبگار آهين، تہ پوءِ تون دنيادار جي قبر تي وڃ. جي تون منهنجي قبر تي اچين ٿو تہ پوءِ ٻنهي جهانن جي بي نيازي طلب ڪر.

* ذڪر حضرت ابو محمد مرتعش رحمت الله عليه *

حضرت ابو محمد رحہ جن جي ذات با برڪات مشائخن ۽ معتبر ترين صوفين ۾ شمار ٿئي ٿي. پاڻ اڪابرن ۾ بيحد مقبول هئا، پاڻ حضرت جن علاقہ نيشاپور جي حيرہ شهر جا رهندڙ هئا. حضرت ابو عثمان رحہ ۽ حضرت جنيد بغدادي رحہ جي محبت حاصل ڪئي هئائون ۽ ابو حفص رحہ کي ڏٺو هئائون، پاڻ بغداد ۾ وفات پاتائون.

فرمائن ٿا تہ مان ٽيهن سالن تائين محض توڪل تي حج ڪيا، ليڪن جڏهن غور سان

ڏنم ته اهي سڀ جا سڀ حج نفس جي خواهش موجب هئا. ڪائنس پڇيو ويو ته اوهان اهو ڪيئن ٿا چئو، ته اهي حج نفس جي خواهش سبب هئا، ته پاڻ فرمايائون ته هڪ ڏينهن مون کي والده چيو ته پاڻيءَ جو دلو ڪٺي اچ. مون کي ان جو اهڙو حڪم ڏکيو لڳو، جنهن ڪان مون کي معلوم ٿيو ته اهي سڀ حج خواهش نفساني جي ماتحت هئا.

هڪ ڏينهن ابو محمد رحه بغداد جي ڪنهن گهٽيءَ مان لنگهي رهيا هئا ته اَڃ جو غلبو ٿين، هڪ گهر جي دروازي تي وڃي پاڻي گهريائون، هڪ ڇوڪري پاڻيءَ جو پيالو اندران کڻي آئي، ان ڇوڪريءَ کي ڏسي پاڻ مٿس عاشق ٿي پيا ۽ اتي ئي دروازي تي ويهي رهيا. ڪجهه وقت بعد جڏهن ان گهر جو مالڪ آيو، تڏهن ان کي چئي ڏنائون ته هن گهر جي هڪ ڇوڪريءَ مون کي پاڻي پياري منهنجي دل کسي ورتي آهي. هو شخص حضرت جن کي سڃاڻندو هو، سو معاملي کي سمجهي ويو، تنهن هڪدم پنهنجي ڌيءَ جو نڪاح حضرت جن سان ڪري ڇڏيو. جڏهن پاڻ ڪنوار وٽ پهتا، تڏهن هڪدم نماز ۾ مشغول ٿي ويا. نماز کان فارغ ٿي ڇيخڻ لڳا، ۽ شاديءَ وارا شاهاڻا ڪپڙا لاهي ساڳيو ئي خرقو پهريائون جيڪو سدائين پهريندا هئا، پوءِ ڇوڪريءَ کي اتي ئي طلاق ڏيئي ٻاهر نڪري آيا. اهو حال ڏسي ماڻهن ڪائنس پڇيو ته ائين ڇو ڪيو؟ پاڻ فرمايائون ته جڏهن مان اندر گهڙيس ته هڪ غيبي آواز ٻڌم ته ”هڪ نظر ڏسڻ جي سبب اسان تنهنجي ظاهري لباس کي جيڪو اهل اصلاح هو سو لهرائي ڇڏيو، هاڻي جيڪڏهن تون ٻيءَ نظر سان ڏسندين ته اهو لباس، جيڪو باطن سان تعلق رکي ٿو سو به لهرايو ويندو.

حضرت جن کان ڪنهن پڇيو ته بندو ڪهڙيءَ طرح خدا جي دوستي حاصل ڪري سگهي ٿو؟ پاڻ فرمايائون ته انهيءَ شيءِ جي دشمنيءَ سان، جنهن سان خدا ناراض ٿئي ٿو، اهي شيون آهن ”دنيا ۽ نفس“.

فرمائن ٿا ته اصل توحيد ٽن ڳالهين ۾ آهي. اول خدا کي عبوديت سان سڃاڻڻ، ٻيو ان جي وحدانيت جو اقرار ڪرڻ ۽ ٽيون شرڪ کان پري رهڻ.

فرمائن ٿا ته عارف مصروف جو شڪار آهي، اهو ان کي مڪرم بڻائيندو.

فرمائن ٿا ته تصوف هڪ اهڙي حالت آهي، جا مرد کي گفتگوءَ کان علحده ڪري خدا وٽ پهچائي ڇڏي ٿي، ۽ پوءِ اتان نيڪالي ڏياري ٿي.

فرمائن ٿا ته فقيرن جي مجلس فقر کان بهتر آهي، جيڪڏهن فقير فقر کان جدا هجي ته سمجهڻ گهرجي ته اها علحدگي يا جدائي بغير ڪنهن سبب جي نه هوندي.

ڪيترن ماڻهن ڪائنس وصيت طلب ڪئي، پاڻ انهن کي فرمايائون ته توهان ان وٽ وڃو

جيڪو توهان لاءِ مون کان بهتر هجي، ۽ مون کي ان لاءِ ڇڏي ڏيو، جيڪو توهان سڀ کان بهتر هجي.

* ذڪر حضرت محمد علي حڪيم ترمذي رحمت الله عليه *

حضرت محمد علي رحه سليم سنت، عظيم ملت، مجتهد اوليا ۽ معمرت اصفياءَ هئا، محرم ۽ مڪرم مشائخن مان هئا، احاديث ۽ روايت رضا ۾ ڪامل هئا، سندن خلق نهايت ئي عظيم هو، رياضت ۽ ڪرامت ۾ بيحد مشهور هئا، فنون ۽ علم ڪامل حاصل هون. شريعت ۽ طريقت جا مجتهد ٿي گذريا آهن. پاڻ عالم زبان ۽ حڪيم امت هئا، پاڻ حضرت جن ڪنهن جا مقلد ڪين هئا، پاڻ صاحب ڪشف ۽ صاحب اسرار هئا، حڪمت ۾ نهايت ڪامل هئا، انهيءَ ڪري ئي سندن لقب حڪيم الاوليا مشهور ٿي ويو. ابن جلد رحه ۽ ابو تراب خضرويه رحه جي صحبت حاصل هين يحيي بن معاذ رحه جن سان اڪثر گفتگو رهندي هين. حضرت محمدعلي رحه جا ڪيترا ئي ڪتاب لکيل آهن، جيڪي سڀ جا سڀ مشهور ۽ مقبول آهن. سندن وقت ۾ ڪوبه اهڙو شخص ڪونه هو، جو علم جي متعلق ڪا ڳالهه سمجهي سگهي. گهڻو ڪري شهر ۽ شهرين کان پوشيده رهندا هئا.

شروع ۾ ٻن طالب علمن سان گڏ ٻاهر وڃڻ جو ارادو ڪيائون، ته سندن والده ڪين چيو ته مان ضعيف آهيان، تون مون کي هڙيءَ حالت ۾ ڇڏي ڪيڏانهن ويندين؟ تنهن ڪري پاڻ ٻاهر وڃڻ جو ارادو ترڪ ڪري ڇڏيائون، باقي ٻيا ٻئي ساٿي هليا ويا. انهيءَ واقعي جي پنجن مهينن کان پوءِ پاڻ هڪ قبرستان ۾ ويهي روئڻ لڳا، ۽ چوڻ لڳا ته مان هت بيڪار آهيان ۽ منهنجا سڀ دوست عالم بڻجي ايندا. اجا پاڻ روئي رهيا هئا ته هڪ طرف کان هڪ نوراني شڪل جو بزرگ ظاهر ٿيو، جنهن ڪانئن روئڻ جو سبب پڇيو. پاڻ سمورو احوال ڪس ڪري ٻڌايائون. تنهن تي بزرگ فرمايو ته تون ڪو فڪر نه ڪر، جيڪڏهن تون چاهين ته مان روزانو توکي سبق پڙهائيندو رهان، ته جيئن تون پنهنجي دوستن کان به وڌي وڃين. حضرت جن انکي غنيمت سمجهي هائو ڪئي. ٽن سالن تائين اهو بزرگ حضرت جن کي سبق پڙهائيندو رهيو، بعد ۾ معلوم ٿيو ته اهو بزرگ حضرت خواجه خضر عليه السلام هو. پاڻ فرمايائون ته مان اها دولت والده جي رضامنديءَ مان حاصل ڪئي.

ابو بڪر وراق فرمائن ٿا ته حضرت خواجه خضر عليه السلام هر جمع جي ڏينهن تشريف فرمائيندا هئا، ۽ حضرت ابو محمد رحه سان اچي بحث مباحثو ڪندا هئا. هڪ ڏينهن حضرت جن

مون کي چيو تہ اڄ مان توکي هڪ جاءِ تي وٺي هلندس. مسان هلڻ لاءِ راضي ٿيس، نيٺ مقرر وقت تي مان ساڻس گڏجي ويس. ٿوريءَ دير کان پوءِ ڏٺم تہ جهنگ ۾ هڪ تخت وڇايل آهي ۽ هڪ وڻ جي هيٺان هڪ چشمو جاري آهي، هڪ نوراني شڪل بزرگ اتي جلوه افروز آهي. جڏهن حضرت جن ان جي نزديڪ پهتا تہ ان بزرگ حضرت جن جو استقبال ڪيو ۽ پنهنجي تخت تي ويهاريو. ٿوري ٿوري وقت کان پوءِ پيا ہ ماڻهو هڪ هڪ ٿي گڏ ٿيندا ويا، اتري قدر جو چاليهن ماڻهن جو هڪ وڏو ميڙ ٿي ويو، پوءِ ان بزرگ آسمان جي طرف اشارو ڪيو تہ کاڌو اچي ويو، جنهن کي سڀني گڏجي کاڌو، ان کان پوءِ پاڻ انهن سان دين ۽ اسلام جون ڳالهيون ڪندا رهيا، مگر مان انهن جي ڳالهين کي سمجهي نہ سگهيس. جڏهن اسان اجازت وٺي واپس موٽيا سين، تڏهن پاڻ مون کي فرمايائون تہ هاڻي تون سعيد (نيڪبخت) ٿي ويو آهين. مسان کانئن دريافت ڪيو تہ اها ڪهڙي جاءِ هئي؟ هن کان اڳ مان ڪڏهن بہ اهڙي حالت نہ ڏٺي آهي. تنهن تي پاڻ فرمايائون تہ اها جڳهہ بيابان اسرائيل هو، ۽ بزرگ حضرت خضر عليہ السلام هو، باقي پيا سڀ ماڻهو ابدال هئا. مون دوباره عرض ڪيو تہ اسان اترو جلدي ميدان اسرائيل ۾ ڪيئن پهچي ويا سين، پاڻ فرمايائون تہ توکي انهن ڳالهين سان ڪهڙو واسطو؟

ابو وراق رحہ پيهر فرمائن ٿا تہ هڪ دفعي حضرت جن مون کي پنهنجو لکيل هڪ ڪتاب ڏنو ۽ فرمايائون تہ هن کي درياهہ جيحون ۾ ڦٽو ڪري اچ. مان جڏهن ان ڪتاب کي پڙهيو تہ سراسر حقائق سان پر هو. منهنجي دل، ان ڪتاب کي درياهہ ۾ ڦٽو ڪرڻ گوارا نہ ڪيو، ۽ ڪتاب کي گهر ۾ ئي رکي ڇڏيو. واپس جڏهن حضرت جن جي خدمت ۾ آيس تہ پاڻ مون کي فرمايائون تہ تون ڇا ڏٺو؟ مان عرض ڪيو تہ ڪجهہ بہ نہ! پاڻ فرمايائون تہ تو ڪتاب کي درياهہ ۾ ڪونہ وڌو آهي. تنهن تي مان پيهر ويس تہ ڪتاب کي درياهہ ۾ وجهي اچان مگر وري بہ ساڳيءَ طرح واپس موٽي آيس، مون کان وري پڇيائون تہ تو ڇا ڏٺو؟ مون چيو تہ ڪجهہ بہ ڪونہ! تنهن تي پاڻ فرمايائون تہ تون اڃا بہ ڪتاب کي درياهہ ۾ نہ وڌو آهي. هاڻي وڃ ۽ اُن درياهہ ۾ وجهي اچ. آخر مجبور ٿي مسان ڪتاب کي درياهہ ۾ وجهي آيس. موٽي اچي مان حضرت جن کي قسم ڏيئي عرض ڪيو تہ ان جو راز مون کي ٻڌايو. پاڻ فرمايائون تہ مان علم تصوف جي متعلق ڪجهہ لکيو هو، جنهن کي سمجهڻ تمام عقل وارن لاءِ ڏاڍو مشڪل هو. انهيءَ ڪتاب لاءِ حضرت خضر عليہ السلام فرمائش ڪئي هئي، ان جي حڪم جي تعمل لاءِ اهو ڪم ڪيو ويو، هڪ مڇي ان ڪتاب کي حضرت خضر عليہ السلام وٽ ڪٺي وئي هڪ دفعي حضرت جن پنهنجا لکيل سڀ ڪتاب درياهہ جي حوالي ڪري ڇڏيا، پر حضرت

خضر عليه السلام اهي سڀ ڪتاب ڪٺي دوباره حضرت جن کي ڏيئي ڇڏيا، ۽ ڪين چيو تہ تون پاڻ کي انهن ۾ مشغول رک.

پاڻ فرمائن ٿا تہ مان پنهنجي عمر ۾ هڪ هزار دفعا ديدار الاهي ڪيو. حضرت جن جي ياتين ڪان ڪن ماڻهن پڇيو تہ جڏهن شيخ صاحب ڪاوڙ ۾ ايندو آهي، تڏهن ڇا ڪندو آهي؟ انهن چيو تہ غصي واريءَ حالت ۾ حضرت جن پاڻ نرميءَ جو سلوڪ ڪندا آهن، ۽ فرمائيندا آهن تہ الاهي! مون کان ڪهڙو گناه سرزرد ٿيل آهي، جو هنن سينڻي کي منهنجي خلاف ڪري ڇڏيو اٿو؟ مان توبهہ ڪريان ٿو، تون هنن کي صلاحيت ڏي. ان وقت اسان سمجهي ويندا آهيون تہ حضرت جن توبهہ ٿا ڪن.

پاڻ فرمائن ٿا تہ ڪيترو عرصو گذري ويو، جو حضرت خضر عليه‌السلام جو ديدار نصيب نہ ٿيو هو، هڪ ڏينهن جمعي جي نماز ادا ڪرڻ واسطي جيئن ئي سفيد لباس پهري مسجد ڏانهن وڃي رهيو هوس، تہ هڪ عورت غصي واريءَ حالت ۾ ڪنو پاڻي ڪٺي مٿان اُڇلايو، ليڪن مان غصي کي ضبط ڪيو ۽ ان عورت کي ڪجهہ ڪين چيو. انهيءَ وقت مون کي حضرت خضر عليه‌السلام جي زيارت نصيب ٿي، جنهن فرمايو تہ غصي کی ضبط ڪرڻ جي سبب تو کي منهنجو ديدار نصيب ٿيو.

نقل آهي تہ هڪ دفعي هڪ مالدار ۽ خوبصورت عورت پنهنجو پاڻ کي حضرت جن وٽ پيش ڪيو، مگر پاڻ ان عورت ڏي توجہ ڪونہ ڏنائون، ۽ اها عورت حضرت جن جي عشق ۽ محبت ۾ جلندي رهي. هڪ ڏينهن ان عورت کي خبر ملي تہ حضرت جن فلاڻي جڳهہ تي اڪيلا آهن، تڏهن هوءَ هار سينگار ڪري ان جاءِ تي آئي. ان عورت کي ايندو ڏسي حضرت جن وٺي ڀڳا، عورت بہ پٺيانئن ڊوڙڻ لڳي ۽ ڇوندي پئي ويئي، تہ اي شيخ! منهنجو خون نہ ڪر تنهن هوندي بہ پاڻ حضرت جن ڪو ڌيان ڪونہ ڏنو ۽ پت لڪي نڪري ويا.

جڏهن پاڻ پوڙها ٿيا تہ ڪين جوانيءَ وارو اهو واقعو ياد آيو، واقعي کي ياد ڪري روئڻ لڳا، ۽ چيائون تہ جوانيءَ جي زماني ۾ جيڪڏهن انهيءَ عورت جي خواهش پوري ڪريان ها، ۽ پوءِ توبهہ ڪريان ها تہ ڪهڙو حرج هو. پر وري پنهنجي نفس کي ملامت ڪرڻ لڳا تہ اي بدبخت! جوانيءَ ۾ تو توجہ نہ ڏنو، هاڻي جڏهن پوڙهو ٿي ويو آهين تڏهن حرص ٿو ڪرين! انهيءَ ڪان پوءِ ٽن ڏينهن تائين روئندا رهيا. ٽئين ڏينهن جي رات تي حضرت دو عالم سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم جن کي خواب ۾ ڏٺائون، ان کان بعد ڪين نفس جي انهيءَ جهڳڙي جي تسلي نصيب ٿي.

فرمائن ٿا تہ جڏهن ماڻهو گهڻي عرصي تائين رياضت ڪري ٿو، ۽ ظاهري آداب بجا آڻي

ٿو، ۽ تهذيب ۽ اخلاص حاصل ڪري ٿو ته الله تعاليٰ جو نور ان جي دل ۾ جمع ٿي وڃي ٿو. پوءِ ان جو سينو کلي پوي ٿو، دل روشن ٿي پوي ٿي ۽ نفس توحيد جا گيت ڳائڻ لڳي ٿو، نتيجو اهو نڪري ٿو جو اهو ماڻهو خوش ٿي نفساني خواهشاتن کي ترڪ ڪري ڇڏي ٿو. ان کان بعد جيڪي خوبيون يا طاقتون ان ۾ پيدا ٿين ٿيون ۽ انهن کي بيان ڪرڻ ڏکيو ٿو، تڏهن مٿس نفس غالب پئجي وڃي ٿو ۽ شروعاتي عبادت ۽ رياضت جون لذتون ختم ٿي وڃن ٿيون، پوءِ هن لاءِ نفس کي قابوءَ ۾ آڻڻ محال ٿيو پوي ٿو، بلڪل اهڙيءَ طرح جهڙيءَ طرح مڇيءَ کي قابوءَ ۾ آڻڻ مشڪل آهي، جڏهن هڪ دفعو ڄار مان نڪري درياهه ۾ وڃي پوي ٿي. تنهن ڪري فرمائن ٿا ته نفس کان ڪڏهن به بي خوف نه رهڻ گهرجي، ۽ هميشه ان جي حفاظت ڪرڻ گهرجي ته جيئن ان جي آفت کان مخلصي نصيب ٿئي، ڇاڪاڻ ته شيطان اندر ۾ ويٺو آهي.

فرمائن ٿا ته جنهن ۾ هڪ به نفساني صفت موجود آهي، اهو آزاد نٿو ٿي سگهي.

فرمائن ٿا ته اهل عدايت تي اهي ماڻهو آهن، جيڪي پوري توجه سان حق جي راهه تلاش ڪن ٿا.

فرمائن ٿا ته مجذوب جا گهڻا ئي درجا آهن. انهن مان ڪن کي نبوت جي چوٿائي نصيب هوندي آهي، ڪن کي اڌ ۽ ڪن کي اڌ کان به وڌيڪ ملي ٿي. وري ڪن کي ته نبوت کان گهڻي ۾ گهڻو حصو ملي ٿو ۽ اهي خاتم الاولياءُ ڪوٺائين ٿا، جيئن حضور اڪرم صلعم جن خاتم الانبياءُ آهن. ممڪن آهي ته اهڙن مجذوبن مان ڪو مهدي هجي.

فرمائن ٿا ته جيڪو شخص حرام جي هڪ درم کي به ان جي مالڪ تائين پهچائي ڏي ٿو، ته ان کي نبوت مان هڪ درجو ڏنو وڃي ٿو.

فرمائن ٿا ته سڀني اوليائن کان اهو ئي وڌيڪ آهي، جيڪو علم اصول جي گفتگو ڪري ٿو.

فرمائن ٿا ته ذڪر الاهيءَ ۾ اهڙيءَ طرح مشغول رهڻ گهرجي، جو ان جي حالت کي ڪوئي سمجهي نه سگهي.

کانئن تقويٰ ۽ جوان مردي ءَ نسبت پڇيو ويو، فرمايائون ته تقويٰ هيءَ آهي ته قيامت جي ڏينهن ڪوبه توهان جو دامنگير نه هجي. جوان مردي اها آهي، ته توهان ڪنهن جو به دامن نه پڪڙيو.

فرمايائون ته عقل اهو آهي، جيڪو خدا لاءِ پرهيزگاري ڪري ٿو ۽ پنهنجي نفس کان حساب وٺي ٿو.

فرمائين ٿا تہ جيڪو شخص ڪنهن ڪان ڊڄي ٿو تہ اهو ان ڪان نفرت ڪري ٿو ۽ ان ڪان پري ڀڄي ٿو، پر جيڪو خدا ڪان ڊڄي ٿو تہ اهو پاڻ خود خدا جي طرف ڀڄندو اچي ٿو.

فرمائين ٿا تہ اصل اسلام فقط ٻن ڳالهين ۾ آهي: هڪ تہ خداوند ڪريم جي احسان کي سمجهن، ٻيو ان جي جدائيءَ ڪان ڊڄڻ ۽ ڪنهن بہ چيز جي گهٽ هجڻ تي ايتري قدر غم نہ ڪرڻ، جيتري قدر غم نيت جي گهٽ ٿي وڃڻ ڪري ڪيو ويندو آهي.

فرمائين ٿا تہ جن جي همت دين جي طرف وڌيل هوندي، تہ ان جا سڀ ڪم ان جي برڪت سان پورا ٿي ويندا ۽ جن جو توجہ دنيا جي طرف هوندو، تہ ان جا سڀ ڪم ان جي شامت سبب تباه ٿي ويندا.

فرمائين ٿا تہ سڀ ڪان خراب ڳالهہ غرور ۽ اختيار آهي، ڇاڪاڻ تہ غرور ان کي ٿي واجب آهي، جيڪو بي عيب هجي ۽ اختيار ان کي واجب آهي، جنهن جو علم بغير جهل جي هجي.

فرمائين ٿا تہ هڪ سؤ بکايل بگهڙ، ٻڪرين کي ايترو تباه ڪري نٿا سگهن، جيترو شيطان هڪ ساعت ۾ توهان جو نقصان ڪري ٿو. شيطان توهان جو ايترو نقصان نٿو ڪري، جيترو هڪ ساعت ۾ توهان کي پنهنجو نفس نقصان ڏي ٿو.

فرمائين ٿا تہ حق تعاليٰ پنهنجي ٻانهن جي رزق جو ضامن آهي، تہ ٻوءِ ٻانهن کي توڪل جو ضامن هئڻ گهرجي.

فرمائين ٿا تہ جوان مرد اهو آهي، جنهن جي نزديڪ سفر ۽ منزل برابر هجن.

فرمائين ٿا تہ جيڪي ائين چون ٿا تہ دل جي ڪا حد ٿي ڪانهي، تہ اهي غلطيءَ تي آهن ڇاڪاڻ تہ هر دل جي واسطي هڪ خاص حد مقرر آهي، جڏهن ان حد تائين پهچي وڃي ٿي تہ اتي بيهي رهي ٿي، البت راه ختم ٿيڻ واري نہ هوندي آهي.

• ذڪر حضرت ابو بڪر وراق رحمت الله عليه •

حضرت ابو بڪر وراق رحمت الله عليه علم ۽ حڪمت جو خزانو، علم ۽ عصمت ۾ يگانو، زاهدن ۾ اڪابر، ۽ مشائخ عباد مان آهن. ورع، تقويٰ، تحرير ۽ تقدير ۾ ڪمال حاصل هون،معاملي ۽ ادب ۾ لاثاني هئا، سندن لقب مؤدب لاولياءُ هو. پاڻ بلخ جا رهندڙ هئا، ۽ محمد حڪيم جي صحبت ۾ رهيا آهن. حضرت ابو بڪر وراق، حضرت احمد خضرويہ جي يارن مان هئا، سندن رياضت ۽ ادب جي باري ۾ ڪيترين ٿي تصنيفون موجود آهن، سفر ڪان پنهنجي

مُريدن کي منع ڪندا هئا.

فرمائن ٿا تہ تمام برڪتن جي ڪنجي مقام ارادات ۾ ”صبر“ تي آهي، جيڪڏهن ارادات درست ٿي ويئي تہ چڻ ڀورين برڪت ڪشاده ٿي ويئي.

حضرت ابو بڪر وراق رحہ ڪيتري عرصي تائين حضرت خضر عليہ‌السلام جي ديدار جا مشتاق رهيا، هڪ ڏينهن جڏهن پنهنجي گهر کان ٻاهر نڪتا تہ هڪ نوراني شڪل جو بزرگ ڏٺائون، جنهن کي سلام ڪيائون. ان بزرگ کين چيو تہ ڇا تون منهنجي صحبت ۾ رهڻ پسند ڪرين ٿو؟ حضرت ابو بڪر رحہ هائو ڪئي. تنهن تي حضرت جن کي ٻاڻ سان گڏ وٺي اڳتي هليو، رستي ۾ ڪيترين ئي ڳالهين ٿينديون رهيون، جڏهن پاڻ حضرت جن واپس ٿيڻ لڳا تہ ان بزرگ چيس تہ تون ڪيتريءَ مدت کان منهنجو خواهشمند هئين، پر اَڄ مون کي ڏٺہ تہ قرآن ڪريم جي تلاوت کان محروم رهجي وئين، جو تون روزانو ڪندو رهندو هئين. هاڻي تون خود ئي اندازو لڳائي ڏس تہ جڏهن خضر عليہ‌السلام جي صحبت جو اهو حال آهي، تہ پوءِ ٻين جو ڇا ذڪر هوندو؟ بس انهيءَ مان سمجهي ڇڏ تہ اڪيلائي تمام بهتر آهي.

حضرت ابو بڪر وراق رحہ پنهنجي پٽ کي مدرسي ۾ موڪليو، هڪ ڏينهن ڏٺائين تہ هن جي منهن جو رنگ لٿل هو ۽ روئندو اچي رهيو هو. حضرت جن هن کان روئڻ جو سبب پڇيو، ڇوڪر جواب ڏنو تہ استاد هڪ آيت پڙهائي، ان جي خوف کان منهنجي هيءَ حالت ٿي آهي. حضرت جن وري پڇيس تہ اها آيت ڪهڙي آهي؟ ڇوڪر چيو تہ ”يوم يجعل‌الولدان شيبا......“ يعني اهو ڏينهن، جيڪو ٻارن کي پوڙهو ڪري ڇڏيندو......“ آخر اهو ڇوڪر انهيءَ آيت جي خوف ۾ وفات ڪري ويو.

پاڻ روزانو پٽ جي قبر تي ويندا هئا ۽ اتي وڃي چوندا هئا تہ اي ابو بڪر! تنهنجو فرزند تہ فقط هڪ آيت جي اثر کان ائين ٿي ويو، جو پنهنجي جان ڏيئي ڇڏيائين. پر تون تہ ڪيترن سالن کان قرآن پڙهندو اچين ٿو، ليڪن توتي تہ ڪوبہ اثر ڪونہ ٿيو آهي.

حضرت ابو بڪر وراق رحہ جو اهو دستور هوندو هو تہ مسجد مان نڪري اهڙي نموني ۾ وڃي ڀڄندا هئا، ڄڻ تہ ڪو چور ٿو ڀڄي.

هڪ شخص کانئن وصيت طلب ڪئي، تہ ان کي فرمايائون تہ دنيا جي زيادتيءَ ۾ آخرت ۽ دنيا جو شر اڪل هوندو آهي، پر دنيا جي گهٽتائيءَ ۾ دين ۽ دنيا جي برڪت ڇپيل هوندي آهي.

فرمائن ٿا تہ صبح جي سفر دوران هڪ عورت مون کان پڇيو تہ تون ڪير آهين؟ مان کيس چيو تہ هڪ غريب مسافر آهيان. عورت چيو تہ تون وحشت ۽ غربت جي شڪايت

ڪرڻ ٿو، مان سمجهان ٿي ته اڃا تو پنهنجي خدا سان محبت پيدا ٿي ڪونه ڪئي آهي. اهو ٻڌي مان بيهوش ٿي ويس، ايتري ۾ اها عورت هلي وئي. مان اتان ٿي واپس موٽيس، انهيءَ تي منهنجي دل جي راه کولي وئي، ۽ حڪم ٿيو ته گهر جيڪي گهرڻو اٿيئي؟ مان عرض ڪيو ته ڇا گهران، تون پنهنجي مهربانيءَ سان مون کي انهيءَ عاجزيءَ ۾ ڇڏي ڏي، ڇاڪاڻ ته مون ۾ برداشت جي بلا جي قوت ڪانهي.

فرمائڻ ٿا ته ماڻهو ٽن قسمن جا ٿين ٿا: امراء، علماء ۽ فقراء. جڏهن امراء تباه ٿيندا آهن، ته خلقت جي معاشي حالت تباه ٿي ويندي آهي. جڏهن عالم ماڻهو تباه ٿيندا آهن، ته خلق جو دين تباه ٿي ويندو آهي. جڏهن فقراء آدمي تباه ٿيندا آهن، ته خلق جون دليون تباه ٿي وينديون آهن.

فرمائڻ ٿا ته نفس جو اصل ۽ خطرناڪ غلبو "شهوت" آهي، جڏهن اها غلبو ڪندي آهي، تڏهن دل سياه ٿي ويندي آهي. جڏهن دل سياه ٿي وئي، ته پوءِ اهو خلق کي دشمن سمجهڻ لڳندو آهي ۽ مخلوق وري ان کي دشمن تصور ڪندي آهي، آخرڪار اهو خلق تي جفا ۽ ستم ڪرڻ شروع ڪري ڏيندو آهي.

ڪنهن شخص ڪانئن وصيت طلب ڪئي، پاڻ ان کي فرمايائون ته پنهنجا هٿ پير پچي ڦٽا ڪر ۽ پنهنجي زبان کي ڇريءَ سان ڪپي ڇڏ. هن شخص عرض ڪيو ته اهڙي طاقت ڪنهن ۾ هوندي؟ فرمايائون ته جنهن جا ڪن الله تعاليٰ جي ڪلام کي ڪثرت سان ٻڌن ٿا، ۽ جنهن جي زبان اسرار خدا جي معترف هوندي، اُن جا ظاهري ڪن ٻوڙا ٿي ويندا آهن ۽ ظاهري زبان گونگي ٿي ويندي آهي، تڏهن اُن ۾ انهن سيني کي پچي ڦٽي ڪرڻ ۽ ڪپي ڇڏڻ جي طاقت اچي ويندي آهي.

فرمائڻ ٿا ته حڪماء شخص انبياء کان بعد ۾ آهن، ڇاڪاڻ ته نبوت کان پوءِ حڪمت جو ئي اعليٰ درجو آهي. حڪمت جي پهرين علامت هيءَ آهي ته حڪيم آدمي خاموش ٿي ويندو آهي ۽ صرف ضرورت جي مطابق زبان کوليندو آهي.

فرمائڻ ٿا ته عارف جي خاموشي زياده فائدي مند آهي، ۽ سندس ڪلام زياده چڱو آهي.

فرمائڻ ٿا ته الله تعاليٰ پنهنجي مخلوق کان صرف اُٺ ڳالهيون گهري ٿو، انهن مان ٻه دل سان تعلق رکن ٿيون. حق جي فرمان جي تعظيم ۽ خلق تي شفقت. ٻه ڳالهيون زبان سان تعلق رکن ٿيون، توحيد جو اقرار ۽ مخلوقات سان نرميءَ وارو گفتگو. ٻه ڳالهيون هٿن ۽ پيرن سان واسطو رکن ٿيون، خدا جي اطاعت ۽ مسلمانن جي مدد ڪرڻ. باقي ٻه ڳالهيون خلق جي متعلق آهن، حڪم الاهيءَ تي صبر ڪرڻ ۽ خلق خدا سان حليمائيءَ سان هلڻ.

فرمائن ٿا تہ جيڪو شخص پنهنجي نفس تي عاشق ٿيو، تہ تڪبر حسد ۽ خواري ان تي عاشق ٿي پونديون آهن.

فرمائن ٿا تہ جيڪڏهن طمع کان پڇيو وڃي تہ تنهنجو پيءُ ڪير آهي؟ تہ اها چوندي تہ تقدير ۾ شڪ ڪرڻ، ۽ جيڪڏهن پڇيو وڃي، تہ تنهنجي انتها ڇا آهي؟ تہ جواب ملندو تہ نا اميد.

هڪ بزرگ جو قول آهي تہ شيطان چوندو آهي تہ مان ايترو جاهل ۽ بيوقوف نہ آهيان، جو شروع ۾ ئي مومن جي دل ۾ وسوسو پيدا ڪريان، بلڪ پهريائين هن کي حلال خواهشن جو حريص بڻائيندو رهندو آهيان. جڏهن اهو ان جو حريص بڻجي ويندو آهي، تڏهن مٿس حرص ۽ هوس غالب پوندي آهي، پوءِ هو گناه جي ڪرڻ لاءِ دلير بڻجي ويندو آهي.

حضرت ابو بڪر وراق رحہ فرمائن ٿا تہ پنج شيون اوهان سان هر وقت گڏ آهن، جيڪڏهن اوهان انهن کي پاڻ سان گڏ محسوس ڪندا تہ فلاح ۽ مخلصي حاصل ڪندا، نہ تہ ٻيءَ صورت ۾ هلاڪ ٿي ويندا.

اهي پنج شيون هي آهن: پهريون الله تعاليٰ، ٻيو نفس، ٽيون شيطان، چوٿون دنيا ۽ پنجون خلق. پوءِ الله تعاليٰ جي فرمانبرداري ڪريو ۽ هن جي تقدير تي راضي رهو. نفس جي مخالفت ڪريو، شيطان سان عداوت رکو، دنيا کان پرهيز ڪريو، ۽ خلق سان شفقت سان پيش اچو.

فرمائن ٿا تہ انسان جي اصليت مٽي ۽ پاڻي آهي، ڪن آدمين جو پاڻي ختم ٿي ويندو آهي، اهڙن شخص سان نرمي ڪرڻ گهرجي، جيڪڏهن سختي ڪئي ويندي تہ هو بگڙي ويندا. ڪن تي مٽيءَ جو غلبو ڇانئجي ويندو آهي، اهڙن ماڻهن سان سختيءَ سان پيش اچو. جيڪڏهن انهن سان نرميءَ سان پيش اچبو تہ هو بگڙي ويندا، اهڙن ماڻهن کي سختيءَ سان شريعت سيکاريو تہ جيئن هو ڪم جي لائق ٿي وڃن.

فرمائن ٿا تہ الله تعاليٰ پاڻيءَ کي سيني رنگن سان رنگيو آهي ۽ سڀ مزا هن ۾ حل ڪري ڇڏيا آهن، ان ڪري هن جو ڪوبہ مزو يا رنگ بيان ڪري نٿو سگهجي. هن جي پيئڻ سان زندگيءَ جي لذت حاصل ٿئي ٿي، ليڪن لذت جي ڪفايت کان سڀ غير واقف آهن، جيڪي نڌتون حقيقت ۾ حياتيءَ موجب آهن.

فرمائن ٿا تہ اِن درويش جي دل ڏاڍي سٺي آهي، جنهن کان دنيا ۾ بادشاه خراج طلب نٿو ڪري، يعني دل هن کان ڪو گناه نٿي ڪرائي. آخرت ۾ خداوند ڪريم اهڙي درويش کان حساب نہ وٺندو.

فرمائڻ ٿا تہ الله تعاليٰ سان معاملو صاف رکو ۽ هميشہ صدق کان ڪم وٺو ۽ پنهنجي نفس جي وچ ۾ صبر کان ڪم وٺو.

فرمائڻ ٿا تہ يقين هڪ نور آهي، جنهن جي ذريعي بندو پنهنجي حالات ۾ منور ٿي وڃيٿو.

ڪنهن ڪائڻ زهد جي معنيٰ پڇي، فرمايائون تہ زهد ٽن حرفن جو مرڪب آهي. ز سان ترڪ زينت، ھ سان ترڪ حرص ۽ هوس ۽ د سان مراد آهي دنيا کي ترڪ ڪرڻ.

فرمايائون تہ يقين ٽن قسمن جو ٿيندو آهي. يقين خير، يقين دلالت (راهہ ڏيکارڻ) ۽ يقين مشاهده.

فرمائڻ ٿا تہ جيڪو شخص پنهنجي ڪمن کي تقدير کان سمجهندو، اهو صبر ڪندو ۽ جيڪو مخلوق کان سمجهندو، اهو حيران ٿيندو.

فرمائڻ ٿا تہ بد اخلاقيءَ سان ائين پرهيز ڪريو، جيئن حرام لقمي کان پرهيز ڪئي ويندي آهي.

وفات کان بعد ڪن ماڻهن حضرت ابو بڪر وراق رحہ کي خواب ۾ ڏٺو تہ هو روئي رهيا هئا، ڪائڻ روئڻ جو سبب پڇيو ويو. فرمايائون تہ اڄ مان قبرستان ۾ دفن ٿيو آهيان، ڏهہ هيا جنازا اچي رهيا آهن، انهن مان هڪ بہ شخص جو خاتمو ايمان تي نہ ٿيو آهي.

هڪ ٻي بزرگ حضرت جن کي خواب ۾ ڏسي پڇيو تہ الله تعاليٰ اوهان سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو؟ فرمايائون تہ مون کي درٻار ۾ ڪوٺائي، منهنجو اعمال نامو مون کي ڏنو ويو. مان پڙهندي پڙهندي جڏهن هڪ گناه تي پهتس، تہ ان کي ڏسندي اهو ڪاغذ بلڪل ڪارو ٿي ويو ۽ مان اهو گناه بلڪل پڙهي نہ سگهيس. اينري ۾ ندا آئي تہ اهو گناه اسان پوشيده ڪري ڇڏيو آهي، اهو اسان جي درگاه ڪرم جي شان وٽان نہ آهي تہ توکي رسوا ڪريون، تنهنجو اهو گناه اسان معاف ڪري ڇڏيو.

* ذڪر حضرت عبدالله منازل رحمت الله عليه *

حضرت عبدالله رحہ يگانہ روزگار، دنيا ۽ خلقت کان روگردان، حمدون قصار رحہ جا مريد، ۽ علم ظاهر ۽ باطن جا ماهر هئا، ڪيترين ئي حديثن حضرت جن هڏين ۽ لکيون آهن سندن وقت ۾ ڪوبہ ڪائڻ وڏيڪ مجرد ڪونہ هو.

ڪنهن شخص ڪائڻ ڪو مسئلو پڇيو، پاڻ ان ڪي جواب ڏنائون، پر اهو شخص سمجهي نہ سگهيو. تنهن تي دوباره ان مسئلي بابت پڇيو وين، پاڻ فرمايائون تہ مان خود پشيمان ٿي رهيو

آهيان ته مان پهرياڻين جواب ڇو ڏنو.

فرمائن ٿا ته جنهن فرض کي ترڪ ڪيو ته اهو سنت کي تـرڪ ڪرڻ ۾ دلير ٿي ويندو آهي ۽ سنت کي ترڪ ڪرڻ وارو جلد بدعت ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي.

هڪ ڏينهن پنهنجي مريـدن کي فرمايائون تـه توهان ماڻهو انهن تي عاشق آهيو جيڪي توهان تي عاشق آهن.

فرمائن ٿا ته مـون کي ان شخص تـي تعجب ٿو اچي تــه جيڪو حيا جي متعلق گفتگو ڪري پر خدا کان شرم نٿو ڪري.

فرمائن ٿا ته جيڪو شخص پنهنجو پاڻ کي ماڻهن جي نظرن ۾ وڏو ۽ عزت وارو سمجهي ٿو ته ان کي لازم آهي ته هو پنهنجو پاڻ کي ذليل ۽ خوار تصور ڪري.

ڪانئن عبوديت جـي معنيٰ پڇي ويئي ته فرمايائون ته تمام ڳالهين کي رجـوع ڪرڻ ٿي عبوديت آهي. وري فرمايائون ته بندو ان وقت تائين ان جو بندو آهي، جيستائين هو پنهنجي لاءِ ڪو خادم تلاش نٿو ڪري. جڏهن هن خادم تلاش ڪيو تـه پوءِ بندگيءَ جي حد کان ڇڄي تــه الڳ ٿي ويو ۽ پوءِ هو ادب کي ترڪ ڪري ڇڏيندو آهي.

فرمائن ٿا ته جيڪو شخص پنهنجي نفس کـي مغلوب رکندو، تـه ان جي ڇانـي ۾ خدا جي خلق عيش ڪندي.

فرمائن ٿا ته جيڪڏهن ڪنهن بندي پنهنجي سـاريءَ عمر ۾ هڪ دم بـه بغير ريـاءَ جي ڪنيو هوندو ته ان جي برڪت آخر تائين رهندي.

فرمائن ٿا ته عارف اهو آهي، جنهن کي ڪنهن به چيز کان تعجب نه ٿئي. ڪنهن شخص حضرت عبدالله منازي رحه کـي دعـا ڪئي تـه خدا تنهنجي مـراد پـوري ڪري، تــه ان کي فرمايائون ته اي خدا جا بندا! اميد معرفت کان بعد ٿي هوندي آهي.

نقل آهي ته هڪ دفعي پـاڻ حضرت جن ابـو علي ثقفي رحه سان گفتگوءَ ۾ مشغول هئا، گفتگوءَ جي دوران حضرت عبدالله ابـو علي ثقفيءَ کي فرمايو ته تون موت جو بندوبست ڪر. ان تي ابو علي رحه به ڪين چيو ته توهان به موت جو بندوبست ڪريو. تنهن تي حضرت عبدالله رحه پنهنجون ٻانهون مٿن کي ڏيئي ليٽي پيا ۽ فوت ٿي ويا. سندن وفـات نيشاپور ۾ ٿي ۽ سندن مزار انبار جي شهر ۾ آهي.

احمد بن اسود رحه فرمائن ٿا ته مان حضرت عبدالله منازل رحه کي خواب ۾ ڏٺو، ساڳئي وقت هڪ غيبي آواز به ٻڌم، جنهن ۾ مون کي چيو ويو ته عبدالله کي چئه ته پنهنجي ڪم کي درست ڪري ڇڏي، ڇاڪاڻ ته هڪ سال کان پوءِ هو فـوت ٿي ويندو. مان چيو تــه اها تمام

وڏي مدت آهي، هڪ سال تائين ڪير ٿو انتظار ڪري.

* ذڪر حضرت علي سهل اصفهاني رحمت الله عليه *

حضرت علي سهل رحہ نهايت ئي بزرگ ۽ معتبر مشائخين مان هئا. حضرت جنيد بغدادي رحہ سان بہ نهايت ئي سٺي نموني خط و ڪتابت هلندي هين. ابو تراب رحہ بہ سندن دوستن مان هڪ دوست هو. حقائق ۾ سندن ڪلام نهايت اعليٰ هو، رياضت ۽ معاملات ۾ بہ ڪامل هئا، ايتري قدر جو عمر بن عثمان رحہ بہ حضرت جن جي زيارت لاءِ اصفهان کان تڪليف ڪري آيا هئا.

فرمائن ٿا تہ طاعت (فرمانبرداري) جي طرف جلدي ڪرڻ توفيق جي علامت آهي. تنهن کان سواءِ پنهنجي اطاعت ۽ نيڪ اعمالن جي دعويٰ ڪرڻ بشريت جي خرابي آهي.

فرمائن ٿا تہ جنهن جي ابتدا سٺي نہ ٿي تہ ان جو انجام، عاقبت ۽ سلامتي ڪڏهن بہ حاصل ڪري نہ سگهندو.

ماڻهن خدمت ۾ عرض ڪيو تہ يافت (آمدني ڪمائي) جي متعلق ڪجهہ فرمايو. پاڻ انهن کي جواب ۾ فرمايائون تہ جو پنهنجو پاڻ کي نزديڪ خيال ڪري ٿو، اهو حقيقت ۾ گهڻو پري آهي. جيئن آس ۾ آئيني جو عڪس ظاهر ٿيندو جنهن کي اولڙو چئبو آهي، تہ ٻار ان کي هٿ ۾ پڪڙڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، ڇو تہ اهي ائين سمجهندا آهن تہ اولڙو اسانجي مٺ ۾ اچي ويو آهي، پر جڏهن مٺ کي کولي ڏسندا آهن تہ اها خالي هوندي آهي.

فرمائن ٿا تہ حضور حق، يقين حق کان بہ وڌيڪ آهي، ڇاڪاڻ تہ حضور حق ۾ غفلت نہ ٿي سگهندي. ليڪن يقين حق ۾ ائين ٿيندو آهي تہ ڪڏهن يقين ٿيندو آهي تہ ڪڏهن ڇڏائي ويندو آهي ۽ اهل حضور پيش گاه (روبرو) هوندا آهن، مگر اهل يقين درگاه ۾ هوندا آهن.

فرمائن ٿا تہ عقلمند ماڻهو حڪم الاهيءَ تي پنهنجي زندگي بسر ڪندا آهن. ذاڪر ماڻهو رحمت الاهيءَ تي، ۽ عارف قرب خدا تي پنهنجيون زندگيون بسر ڪندا آهن.

فرمائن ٿا تہ انهيءَ شخص لاءِ، جيڪو خدا کي چاهي ٿو ۽ ان کي پڪاري ٿو تہ الله تبارڪ وتعاليٰ کان سواءِ ٻيو سڀ ڪجهہ ان لاءِ حرام آهي.

فرمائن ٿا تہ حسن جي غرور، اعمال ۽ فساد کان بچو، ابليس بہ ائين ئي هو.

فرمائن ٿا تہ اميري علم ۾ آهي، فخر فقر ۾ آهي ۽ عافيت زهد ۾ آهي. حساب جي ڪمي خاموشيءَ ۾ آهي ۽ راحت نا اميديءَ ۾ آهي.

فرمائن ٿا تہ حضرت آدم عليہ السلام کان وٺي اڄ تائين ماڻهو صرف دل جي متعلق گفتگو ڪندا آيا آهن، ليڪن مان اهڙي شخص جي تلاش ۾ آهيان جيڪو مون کي ٻڌائي تہ دل ڪهڙي شيء آهي ۽ اها ڪيئن آهي.

توحيد جي حقيقت متعلق ڪنهن سوال پڇيو ويو تہ فرمايائون تہ هن جو (توحيد جو) گمان تہ نزديڪ آهي، مگر حقيقت گهڻي دور آهي.

فرمايائون تہ توهان جو خيال آهي تہ منهنجو موت توهان ماڻهن جيان ٿيندو، يعني جيئن توهان بيمار ٿيندا آهيو ۽ ماڻهو توهان جي عيادت لاء ايندا آهن. ليڪن جڏهن بہ مون کي گهرايو ويندو تہ مان هڪدم حاضر ٿي ويندس.

هڪ ڏينهن حضرت علي سهل رحہ ڪنهن طرف وڃي رهيا هئا تہ لبيڪ چئي زمين تي مٿو رکي ڇڏيائون. ابوالحسن مزين رحہ چون ٿا تہ مان ان وقت حضرت علي سهل رحہ کي ڪلمي شهادت پڙهڻ جي تلقين ڪئي، تنهن تي پاڻ مسڪرائي فرمايائون تہ ان جي عزت جو قسم آهي تہ منهنجي ۽ انجي درميان حجاب ۽ عزت کان سواء ٻيو ڪجهہ نہ آهي. ائين چئي جان بحق ٿي ويا. إنـا لله وإنا إليه راجعون.

اها حالت ڏسي ابوالحسن مزين رحہ پنهنجي ڏاڙهيء کي پڪڙي چيو تہ افسوس آهي جو مان جهڙو حجم ههڙي اوليا الله کي ڪلمي شهادت جي تلقين ڪري! افسوس صد افسوس! ائين چئي هو زار زار روئڻ لڳو.

* ذڪر حضرت شيخ نساج رحمت الله عليه *

حضرت شيخ نساج رحہ هدايت جا مفتي، ولايت جا مهدي، بيشمار مشائخين جا استاد، وعظ، معاملي ۽ عبادت ۾ آراستہ، خلق ۽ علم، ورع ۽ مجاهدي ۾ ڪامل هئا. شبلي رحہ ۽ ابراهيم خواص رحہ ٻنهي بزرگن، حضرت شيخ نساج رحہ جي مجلس ۾ توبهہ ڪئي هئي. پاڻ سيري سقطي رحہ جا مريد هئا. حضرت جنيد بغدادي رحہ، حضرت جن جي ڏاڍي عزت ڪندا هئا.

حضرت جن کي * نساج هن ڪري چوندا آهن، تہ هڪ دفعي پاڻ حج لاء وڃي رهيا

* نساج جون ڪيترين ئي معنائون آهن، جيئن تہ ڪپڙي اڻڻ وارو، ڪوڙ ڳالهائيندڙ يا بيوقوف وغيره.

هئا ، پر جيئن تہ سندن رنگ ظاهري سياه (ڪارو) هو ۽ ان وقت پراڻا ۽ ڦاٽل ڪپڙا پهريل هئن، تنهن ڪري هڪ شخص کين اهڙي حال ۾ ڏسي ڀانيو تہ شايد هي ڪو غلام آهي، جو پنهنجي مالڪ کان ڀڄي نڪتو آهي، ۽ وڏو بيوقوف معلوم ٿو ٿئي. آخر هن ماڻهوءَ وڃي اچي ڪانئن پڇيو تہ ڇا تون غلام آهين؟ پاڻ چيائون تہ هائوا وري هن پڇيو تہ ڇا پنهنجي مالڪ کان ڀڳو وڃين ٿو؟ پاڻ چيائون تہ هائوا تنهن تي ان چيو تہ مان حفاظت سان توکي پنهنجي مالڪ وٽ پهچائي ڏيندس. پاڻ فرمايائون تہ مان مدت کان انهيءَ ڪوشش ۾ آهيان تہ مان پنهنجي مالڪ وٽ پهچي وڃان، ڀا ڪو مون کي پهچائي ڏي. اهو ٻڌي ان شخص چيو تہ اڄ کان پوءِ تون منهنجو غلام آهين ۽ تنهنجو نالو ”خير“ آهي، پر جيئن تہ مسلمان ڪوڙ نہ ڳالهائيندو آهي، سو پوريءَ عقيدت سان اُن شخص سان گڏجي ويا، هن جي گهر وڃي ڪپڙو اُڻڻ سکي ورتائون. سچو سچو ڏينهن ڪپڙو وڻي آڻيندا هئا، جڏهن اهو شخص ”خير“ جي نالي سان سڏيندو هون تہ پاڻ هڪدم لبيڪ چوندا هئا.

ڪجهہ ڏينهن کان بعد اهو شخص حضرت جن جي دانائيءَ ادب، صدق ۽ عبادت کي ڏسي ڏاڍو شرمندو ٿيو ۽ ڪانئن معافي وٺي رخصت ڏنائين. پاڻ انهيءَ شخص کان آزاد ٿي مڪي معظمہ ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ اهڙي تہ مرتبي کي پهچي ويا، جو حضرت جنيد بغدادي رحہ فرمائن ٿا تہ ”خير و خيرنا“ يعني ”خير اسان سڀني کان بهتر آهي.

حضرت شيخ نساج رحہ ”خير“ جي نالي پڪارڻ کي ڏاڍو پسند ڪندا هئا، ۽ چوندا هئا تہ مسلمان جو رکيل نالو مان بدلائڻ نٿو چاهيان.

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن ڪنهن پوڙهيءَ عورت جو ڪپڙو اُڻي رهيا هئا، پوڙهيءَ چيو تہ مان تنهنجي لاءِ مزدوري ڪٿي وٺان ٿي، پر جي تون نہ ملي سگهين تہ پوءِ ڪنهن کي ڏيان؟ پاڻ فرمايائون تہ پوءِ اها مزدوري درياه دجلہ ۾ وجهي ڇڏجانءِ. پوڙهي هلي وئي ۽ جڏهن مزدوري کڻي واپس آئي، تہ ڏٺائين تہ حضرت جن ڪونہ هئا. تڏهن حضرت جن جي چوڻ مطابق اها مزدوري درياه دجلہ ۾ ڦٽي ڪري ڇڏيائين. جڏهن پاڻ حضرت جن درياه دجلہ تي پهتا تہ ڏٺائون تہ هڪ مڇي مزدوريءَ جي رقم کڻي وٺن آئي.

جڏهن ٻين مشائخن اها ڳالهہ ٻڌي، تہ ان کي پسند نہ ڪيائون ۽ چيائون تہ حضرت نساج کي ڪيل ۾ مشغول ڪيو ويو آهي ۽ اهو حجاب آهي. (ممڪن آهي تہ اها ڳالهہ ٻين لاءِ حجاب هجي، مگر حضرت حسن لاءِ نہ هجي. جهڙيءَ طرح حڪومت، سليمان ۽ حضرت

---

* حضرت شيخ نساج رحہ.

يوسف لاءِ حجاب نه هئي.)

فرمائن ٿا ته هڪ رات مون کي خيال آيو ته جنيد رحه دروازي تي بيٺو آهي، پر مان ان خيال کي وساري ڇڏيو. ٻيءَ رات به اهڙو ئي خيال آيو، وري به مان ڪو ڌيان نه ڏنو. اهڙيءَ طرح ٽئين رات به ساڳيو ئي خيال پيدا ٿيو، تڏهن مان ٻاهر نڪري ڏٺو ته برابر حضرت جنيد رحه ٻاهر دروازي تي تشريف فرما هو.

فرمائن ٿا ته خوف حق جو چهبڪ آهي، مگر انهن ماڻهن لاءِ، جيڪي بي ادبيءَ جا عادي ٿي ويا آهن.

فرمائن ٿا ته عمل جي انتها ڪي پهچي وڃڻ جي علامت هيءَ آهي، ته انهيءَ عمل ۾ ڪنهن نه ڪنهن قصور يا خاميءَ کي ڏسجي.

حضرت شيخ نساج رحه جي عمر هڪ سؤ ويهه سال ٿي، جڏهن وفات جو وقت قريب آيو ته اهو وقت مغرب جي نماز جو هو. جڏهن عزرائيل عليه‌السلام پهتا، تڏهن پاڻ سر مٿي ڪري "عافاک الله" چيائون ۽ ٿوري دير ترسڻ جي درخواست ڪيائون، پوءِ فرمايائون ته تون به رب جي حڪم هيٺ آهين ۽ مان به انهيءَ جي ئي حڪم هيٺ آهيان. توکي حق حڪم ڏنو آهي ته منهنجي جان قبض ڪر، ۽ مون کي حڪم ڏنو ويو آهي ته مغرب جو فرض ادا ڪر. مگر جيڪو حڪم توکي ڏنو ويو آهي ان ۾ ڪڏهن به رخنو نٿو پئجي سگهي، ليڪن مونکي جو حڪم ڏنو ويو آهي، سو تنهنجي جان قبض ڪرڻ سان ضايع ٿي سگهي ٿو. تنهن ڪري ايتري تائين صبر ڪر، ته مان وضو ڪري نماز ۾ مشغول ٿي وڃان. آخرڪار پاڻ وضو ڪري نماز ۾ مصروف ٿي ويا ۽ گڏو گڏ جان بحق تسليم ڪري ويا.

إنا لله و إنا إليه راجعون.

* ذڪر حضرت ابو حمزه خراساني رحمت‌الله عليه *

حضرت ابو حمزه رحه خراسان جي جليل‌القدر مشائخين ۽ طريقت جي اڪابرن مان هئا. پاڻ رفيع‌القدر، عالي همت ۽ فراست ۾ بي نظير هئا، توڪل ۽ تجرد ۾ ڪمال حاصل هون، رياضت تمام گهڻي ڪندا هئا، پاڻ صاحب ڪرامت هئا. ڪين ابو تراب رحه ۽ جنيد بغداديءَ رحه جي زيارت جو شرف حاصل ٿيو هو.

نقل آهي ته هڪ دفعي توڪل علي‌الله جهنگ مان گذر ڪري رهيا هئا، پاڻ اهو عهد ڪيو هئائون ته ڪنهن کي به سوال نه ڪندس، ۽ نه ڪنهن جي طرف متوجه ٿي ٿيندس. وڃن

نه ته ڪا ڪاڏي جي چيز هئي، نــه رسو ۽ ڏول ئــي هو جــو ڪنان پاڻــي ڪڍي پنهنجي پياس اُجهائين. فقط چانــديءَ جو هڪ ٽڪر هــون، جيڪو ڪين همشيره ڏنــو هو. اتفاقاً تــوڪل، پنهنجو داد طلب ڪيو. يعني دل ۾ خيال پيدا ٿيو ته توڪل ۾ مان ثابت قدم رهيو آهيان، مگر پاڻ نفس کي چيائون ته تون ان خدا ڪان شــرم ڪر، جيڪو آسمان کي بغير ڪنهن ٿنڀي جي جهليو بيٺو آهي، اجا بــه تون چانديءَ جي ٽڪر کي رکيو پيو اچين. مان ان کي بــه اُڇلي ٿو ڇڏيان، ائين چئي ان چانــديءَ جي ٽڪر کي اُڇلائي ڇڏيائون. ڪجهه اڳتي هليا تــه واٽ تي هڪ کوهه ۾ ڪري پيا، ليڪن ڪين ڪا چوٽ ڪانه آئي، چاڪاڻ ته يقين ڪامل رکندا هئا. ڪجهه وقت ڪان بعد نفس فرياد ڪيو، مگر پــاڻ خاموش رهيا. ايتري ۾ اتــان هڪ شخص جو گذر ٿيو، انهن اهڙيءَ ويرانيءَ ۾ کوهه کي ڏسي ويچار ڪيو تــه جيڪر هن جي منهن کي بند ڪري ڇڏيان ته جيئن ڪو واٽهڙو واٽ وبندي هن ۾ ڪري نــه پوي. اهو خيال ڪري ڪندا، ڪاٺيون گڏي کوهه جو منهن بند ڪري ڇڏيائين، ۽ پنهنجو رستو وٺيو هليو ويو. نفس جڏهــن اهو ڏٺو ته هاڻي کوهه جو منهن به بند ٿي ويو، ته پوءِ زاري شروع ڪيائين ۽ پاڻ کي حق تعالي جو فرمان ”ولا تلقو اباٖيديکم الي التهلکة“ ياد ڏياريائون. پاڻ نفس کي چيائون تــه توڪل ان ڪاڻ بالا تــر آهي. جيڪو کوهه ڪان باهــر حفاظت ڪرڻ وارو آهي، اهــو کوهه جي اندر بــه ڪري سگهي ٿو. پوءِ ڪعبةالله جي طــرف منهن ڪري ســر کي جهڪائي ڇڏيائون. جڏهــن سندن پريشاني حــد ڪمال تي پهچي ويئي ، مگر توڪل برقرار رهــي، تڏهن اوچتو هڪ شينهن آيو، جنهن اچي ان کوهه جي منهن تــان ڪندا وغيره پري ڪري کوهه جو منهن کولي ڇڏيو، ۽ پنهنجن اڳين چنبن سان زمين کي سوگهو جهلي، پاڻ کي کوهه جي اندر لٽڪائي ڇڏيو، تــه جيئن اندريون شينهن سندس سهاري سان باهر نڪري اچي. پر پاڻ اهو ڏسي چيائون ته مون کي هڪ بليءَ جي همراهيءَ جي ضرورت ڪانهي. انهيءَ وقت سندن دل ۾ الهام ٿيو تــه اهو خلاف عادت آهي، تون ان کي هٿن سان پڪڙي ٻاهر نڪري اچ: نيٺ پاڻ ٻاهــر نڪري آيــا، اتي هڪ آواز ٻڌائون: جيئن تــه تو اسان تي توڪل رکي، تنهن ڪري اسان تــوکي نجات بخشي. ان کان بعد شينهن ڪجهه وقت مٿو زمين تي رکي هليو ويو.

نقل آهي تهڪ ڏينهن جنيد بغدادي رحه ڏٺــو تــه ابليس لعين ننگو آهي ۽ ماڻهن جــي گردنن تي ٽپا ڏيئي رهيو آهي. حضرت جنيد رحه ان کي فرمايو تــه توکي شرم نٿو اچي. ابليس چيو ته هي آدمي نه آهن بلڪ آدمي اهو آهي، جيڪو مسجد شونيزيه ۾ ويٺو آهي، انهيءَ منهنجي جگر کي جلائي ڇــڏيو آهي. حضرت جنيد رحه فرمائن ٿا ته مان جڏهــن مسجد ۾ وڃي ڏٺو تــه حضرت ابو حمزه رحه سربگريبان ويٺا هئا، ۽ مون کي ڏسي فرمايائون تــه هن ملعون ابليس توهان

سان ڪوڙ ڳالهايو آهي.

ماڻهن ڪانئن اُنس جي معنيٰ پڇي. پاڻ فرمايائون تہ خلق سان گڏ زندگي بسر ڪرڻ ڪان دل تنگ ٿي وڃي ٿي، مطلب تہ خلق ڪان پري رهي اڪيلائيءَ ۾ رهڻ ڪي ئي اُنس چئجي ٿو.

فرمائن ٿا تہ غريب اهو آهي، جيڪو اقربا (عزيزن) ۽ آباديءَ ڪان نفرت ڪندو هجي ۽ حق تعاليٰ جي موافقت سان محبت رکندڙ هجي.

فرمائن ٿا تہ جيڪو شخص دل ۾ موت سان دوستي رکي ٿو، ان کي بقا سان دوستي ٿي ويندي ۽ فانيءَ سان دشمني ٿي ويندي.

فرمايائون تہ توڪل هيءَ آهي تہ صبح جو اُٿي تہ شام ياد نہ هجي، ۽ جي رات هجي تہ صبح ياد نہ اچي.

ڪنهن شخص ڪانئن وصيت طلب ڪئي، ان کي فرمايائون تہ ان سفر آخرت لا دريپش آهي، تنهن جو سامان مهيا ڪر.

حضرت ابو حمزه رحه جي وفات نيشاپور ۾ ٿي ۽ ڪين ابو حفص حداد رحه ، پاسي ۾ دفن ڪيو ويو.

ذڪر حضرت احمد مسروق رحمت الله عا

حضرت احمد مسروق رحه رڪن روزگار، قطب ابرار ۽ وحيدالدهر هئا. پاڻ خراسان جي اڪابر مشائخين مان هئا، اصل ۾ طوس جا رهندڙ هئا، مگر اقامت بغداد ۾ اختيار ڪئي هئائون.

حضرت جن خود بہ قطب هئا ۽ قطب‌المدار سان صحبت بہ رهندي هين. ڪانئن دريافت ڪيو ويو تہ وقت جو قطب ڪير آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ مان ظاهر ۾ نٿو چئي سگهان تہ وقت جو قطب ڪير آهي، مگر اشارتاً چئي ڇڏيائون تہ مان ئي آهيان.

اندازاً چاليهن اعليٰ بزرگن جي خدمت ۾ رهيا، ۽ انهن ڪان فيض حاصل ڪيائون. ظاهري توڙي باطني علم، تقويٰ ۽ مجاهدي ۾ ڪامل هئا. پاڻ حضرت محاسبي رحه ۽ سيري سقطي رحه جن جي صحبت جو بہ مزو ماڻيو هئائون.

فرمائن ٿا تہ هڪ دفعي هڪ پوڙهو شخص مون وٽ آيو جيڪو ڏاڍيان ڳالهائي رهيو هو تنهن چيو تہ توکي جيڪو خطرو هجي اهو مون سان بيان ڪر. مان خيال ڪيو تہ هي يهودي آهي، سو مان ڪيس ڪجهہ ڪين چيو، پوءِ هو اٿي هليو ويو. مان اها ڳالهہ جڏهن حريري رحه

سان ڪئي، تڏهن ان کي اهو ڏکيو لڳو، جو مسان هن کي يهودي خيال ڪيو هو. مون کي فرمايائون ته تون هن شخص کي ڪجهه نه چئه، مان کين چيو ته چوڻ کان سواءِ ڪو چارو نه آهي. پوءِ مان ان پوڙهي شخص کي صاف چٽي ڇڏيو، تنهن تي ان پوڙهي شخص سر جهڪائي چيو ته تون سچ ٿو چوين. پوءِ ته ڪلمو شهادت پڙهي مسلمان ٿيو، ۽ چيائين ته مان دنيا ۾ گهڻو ڦريو آهيان ۽ سڀني مذهبن کي ڏٺو اٿم، مگر ڪجهه به حاصل ڪونه ٿيو آهي، هاڻي توهان وٽ امتحان جي غرض سان آيو هوس ۽ توهان کي حق تي ڏٺم.

فرمائن ٿا ته جيڪو شخص غير خدا کان خوش ٿئي ٿو ته ان جي خوشي غم ۾ بدلجي ويندي آهي.

فرمائن ٿا ته تقويٰ اها آهي، نه دنيا جي طرف نه ته اکين سان ڏسو ۽ نه دل ۾ ان هنجي متعلق ڪو فڪر پيدا ڪريو.

فرمائن ٿا ته بندي کي رجا جي نسبت خوف زياده رکڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته الله تعاليٰ بهشت بڻائي، دوزخ بڻايو ۽ جيستائين دوزخ کان نه لنگهندو پوندو، بهشت ۾ داخل ٿي نه سگهبو.

فرمائن ٿا ته جنهن چيز کان عارف گهڻو ڊڄندو آهي، اهو "قرب حق" آهي.

فرمائن ٿا ته معرفت جي درخت کي تفڪر جو پاڻي ڏنو ويندو آهي. پر غفلت جي درخت کي جهالت جو پاڻي ملندو آهي. توبهه جي درخت کي ندامت (شرمندگي) جو پاڻي ملندو آهي ۽ محبت جي درخت کي موافقت جو پاڻي ڏنو ويندو آهي.

فرمائن ٿا ته زهد اهو آهي، جو سواءِ الله تعاليٰ جي، ڪنهن به شيءِ کي پنهنجو بادشاهه تصور نه ڪري.

فرمائن ٿا ته جڏهن کان توهان پيدا ٿيا آهيو، تڏهن کان وٺي اوهان پنهنجي عمر خراب ڪرڻ ۾ مشغول آهيو.

فرمائن ٿا ته جنهن کي خداوند ڪريم سان اُنس نه هوندو آهي، تنهنجو اُنس وحشت (نفرت ۾ تبديل ٿي ويندو آهي. جيڪو تقويٰ سان پاڻ کي پاڪ ڪندو آهي، ان لاءِ دنيا جي روگرداني آسان ٿي ويندي آهي.

* ذڪر حضرت عبدالله احمد رحمت الله عليه *

حضرت عبدالله، شيخ ملت، قطب دولت، نهايت ئي برگزيده ۽ عجيب ولايت جا صاحب هئا. مريدن جي تربيت ڪرڻ ۾ خاص طور تي مشهور هئا. توڪل ۽ تجريد ظاهريءَ ۾ به پاڻ لاثاني هئا. پاڻ حضرت جن ابراهيم شيباني رحه ۽ ابراهيم خواص رحه جا مرشد هئا. جيڪي سندن اعليٰ ڪمالات ڪان بهرياب ٿي سندن ڪمال کي ظاهر ڪندا رهيا. حضرت عبدالله احمد رحه جن جي عمر تقريباً هڪ سؤ ويهه سال هئي.

جنهن به چيز کي ڪنهن ماڻهوءَ جو هٿ لڳندو هو، ته اها چيز هرگز استعمال نه ڪندا هئا، پاڻ اڪثر ڪري گاه جون پاڙون پٽي اهي کائيندا هئا.

نقل آهي ته مون کي صرف هڪ مڪان ورثي ۾ مليو هو، جنهن کي پنجاه دينارن ۾ وڪڻي ڇڏيو هوم. اهي دينار چيلهه سان ٻڌي جهنگ جي طرف هليو ويس. رستي ۾ هڪ عرب مون کان پڇيو ته تو وٽ ڪجهه آهي؟ مون ڪيس جواب ۾ چيو ته هائوا مون وٽ پنجاه دينار آهن. تنهن تي هن اعرابيءَ چيو ته اهي مون کي ڏيئي ڇڏ، مان هڪدم اهي دينار هن کي ڏيئي ڇڏيا. ڳڻي کي کولي هن اهي دينار ڳڻيا، پوءِ هن اٺ کي ويهاري جنهن تي پاڻ سوار هو، مون کي به پاڻ سان گڏ اٺ تي ويهاريو ۽ گڏ وڪڏ اهي دينار به موٽائي ڏنائين. مان ڪانئس پڇيو ته ائين ڇو؟ مون کان ورتل دينار تو ڇو واپس ڪيا؟ اعرابيءَ چيو ته تنهنجي سادگيءَ ۽ سچائيءَ منهنجي دل تي ڏاڍو اثر ڪيو، جنهن ڪري منهنجي دل ۾ تنهنجي لاءِ محبت پيدا ٿي پيئي، ان حالت ۾ تنهنجا دينار مان ڪيئن ٿو رکي سگهان! اهو اعرابي ڪيترو وقت مون سان گڏ رهيو ۽ هو به اولياءُ الله بڻجي ويو.

فرمائن ٿا ته هڪ دفعي مان جهنگ ۾ وڃي رهيو هوس، ته هڪ خوش طبيعت تازي تڪڙي غلام کي ڏٺم، جيڪو بغير ڪنهن سر جي سفر ڪري رهيو هو. مان ڪانئس پڇيو ته ڪٿي وڃنو اٿيئي؟ جواب ڏنائين ته آبتي سبتي طرف وڃان ٿو. پوءِ چيائين ته مٿي منهن ڪري ڏس ته سواءِ ذات الاهيءَ جي ٻيو ڪجهه ڏسين ٿو؟

حضرت عبدالله احمد رحه کي چار فرزند هئا، جن کي هنر سيکاريو هئائون. ڪنهن شخص کين چيو ته اي حضرت! ڏانڌو ڪرڻ هنن ٻچن جي شان وٽان نه آهي! پاڻ ان شخص کي فرمايائون ته مان انهن کي ڪسب انهيءَ ڪري سيکاريو آهي، ته مون کان پوءِ جيئن منهنجي هڏن کي وڪڻڻ لاءِ ڪم ڪشي نه پيهن، ۽ ائين نه چون ته اسين فلاڻي شخص جا پٽ

آهيون. ڪسب جي سگهه سبب ضرورت جي وقت هٿ پير هلائي پنهنجو پيٽ آسانيءَ سان پالي سگهندا.

فرمائن ٿا ته اهو درويش سڀ کان زياده ذليل ۽ خوار آهي، جيڪو اميرن وٽ قيام ڪري ٿو. پر سڀ کان زياده عزت جي لائق اهو درويش آهي، جيڪو خلق جو تواضع ڪري ٿو.

فرمائن ٿا ته درويش سالهو خدا جا امين آهن، انهن جي برڪت سان خلقت مان بلائون دور ٿي وڃن ٿيون.

فرمائن ٿا ته جنهن به دنيا کان ڪنارا ڪشي اختيار ڪئي، ته ممڪن آهي ته اهو ڪوبه برو گناه ڪونه ڪندو. هن جي ثوري به جدوجهد عابد کان سٺي آهي.

فرمائن ٿا ته دنيا کان وڌيڪ ٻيو ڪوبه منصف ڪونهي، جيستائين توهان هن جي خدمت ڪندا رهندا، اها به توهان جي خدمت ڪندي رهندي. پر جڏهن توهان هن کي ڇڏي ڏيندا، ته هوءَ به توهان کي ڇڏي ڏيندي.

حضرت عبدالله احمد رحه جي وفات ڪوه طور تي ٿي ۽ سندن مزار مقدس اورو شهر ۾ آهي.

✽ ذڪر حضرت ابو علي جرجاني رحمت الله عليه ✽

حضرت علي جرجاني رحه، عهدة الاولياء ۽ زاهد اصفيا هئا. جوانمردان طريقت ۽ عظيم مشائخين مان هئا. سندن تصنيفون مقبول ۽ معتبر آهن. پاڻ حڪيم ترمذي رحه جا مريد هئا. پاڻ فرمائن ٿا ته خلقت جي قرار جي جاءِ غفلت آهي، ۽ انهن جو اعتماد تهمت ۽ گمان تي آهي. انهن جي سمجهه ۾ انهن جو گفتگو يا ڪلام اسرار غيبي قوت جي مطابق آهي، انهن جو ڪم سندن خيال موجب حقيقت جي نزديڪ آهي، اهڙا انسان راه راست کان ڀٽڪي وڃن ۾ دير نٿا ڪن.

فرمائن ٿا ته ٽي ڳالهيون عقيدي توحيد جي سبب کان آهن. رجا، محبت ۽ خوف. خوف جي زيادتي سزا کي ڏسي ڪري گناه کي ڇڏڻ جي سبب کان پيدا ٿئي ٿي رجا جي زيادتي جزا ڏسي ڪري نيڪ عمل ڪرڻ جي سبب کان ۽ محبت جي زيادتي، منت ۽ احسان الاهي ذڪر جي ڪثرت کان آهي. ان ڪري خائف ڀڄڻ کان ۽ رجا جي طلب کان ۽ محب ذڪر محبوب جي کان، ڪٿي به آرام حاصل ڪري نٿو سگهي.

فرمائن ٿا ته خوف هڪ منور ڪري ڇڏڻ جهڙي باه آهي، ۽ رجا منور ڪرڻ وارو نور آهي، ۽ محبت نور اعليٰ نور آهي.

فرمائن ٿا ته سعادت ڪرڻ جي علامت هيءَ آهي ته بندي لاءِ اطاعت يعني فرمانبرداري آسان ٿي وڃي، اعمال سنا هجن، سنت جو پيروي ڪندڙ هجي، صالحن سان محبت رکندڙ هجي ۽ ڪوشش ڪري خدا جي راه ۾ به خرچ ڪندڙ هجي، مسلمانن جي فلاح ۽ بهبود جو پڻ خيال رکندو هجي، پنهنجي وقت جو قدر ڪري ۽ ان جي بر عڪس اهو بدبخت آهي، جيڪو وسري وبل گناهن کي ظاهر ڪري.

فرمائن ٿا ته عارف اهو آهي، جو پنهنجي دل ته قطعاً الله تعاليٰ کي ڏيئي ڇڏي، ۽ جسم کي خلق خدا جي لاءِ وقف ڪري ڇڏي. خدا تعاليٰ لاءِ نيڪ گمان رکي. نفس سان بدگماني رکي. ان کي ٿي معرفت چئبو آهي.

فرمائن ٿا ته جيڪو شخص پنهنجي مولا جي درگاه جي خدمت ڪندو، ته ان لاءِ رحمت جا دروازا کلي پوندا. جيڪو الله تعاليٰ لاءِ صبر ڪري ٿو، اهو حق تعاليٰ تائين پهچي وڃي ٿو.

فرمائن ٿا ته صاحب استقامت بڻجو ۽ نه صاحب ڪرامت! ڇاڪاڻ ته ڪرامت، توهانجي نفس جي خواهش، ۽ استقامت الله تعاليٰ جي خواهش آهي.

فرمائن ٿا ته عبوديت جو مڪان رضا آهي، جنهن جو دروازو صبر آهي. تفويض هن جي ڪوٺي آهي. موت دروازي تي بيٺل آهي. فراغت ان گهر جي اندر آهي، ۽ راحت ڪوٺيءَ ۾ آهي.

فرمائن ٿا ته بخل ۾ ٽي حرف آهن: ب کان مراد بلا آهي، خ مان مراد خسران (نقصان) ۽ ل کان مراد آهي لوم يعني ملامت. بس! پنهنجيءَ نفس جو بخل جڻ ته پاڻ لاءِ ٽي ٽي بلائون آهن.

✽ ذڪر حضرت ابو بڪر ڪتاني رحمت الله عليه ✽

حضرت ابو بڪر ڪتاني رحه استقامت جي مقام جا صاحب ۽ عالي همت هئا. زماني جا مشهور پير، تقويٰ ۽ زهد ۾ بي نظير ۽ حجاز جي اڪابر مشائخين مان هئا. طريقت ۾ صاحب تصانيف، دلالت ۾ صاحب مقام ۽ فراست ۾ صاحب عمل، مجاهدي ۽ رياضت ۾ بزرگ هئا. انواع علوم ۾ ڪامل ۽ حقائق و معرفت ۾ مخصوص هئا. حضرت جنيد رحه، نوري رحه ۽ ابو سعدي رحه جي صحبت جو شرف حاصل ڪيو هئائون. حضرت ابو بڪر ڪتاني رحه کي "چراغ حرم" به چوندا آهن: پاڻ ساري ساري رات نماز پڙهندا رهندا هئا.

فرمائن ٿا ته مان هڪ دفعي جهنگل ۾ وڃي رهيو هوس ته هڪ درويش کي ڏٺم، جيتوڻيڪ هو موٽلن جيان هو، پر تنهن هوندي به ڪلي رهيو هو. سندس چپن تي مرڪ هئي. مان ڪانئس پڇيو ته هي ڇا حال آهي جو اهڙي بري حال ۾ به توهان جي اها حالت آهي. چيائون ته خدا جي محبت اهڙي ئي هوندي آهي.

نقل آهي ته ابوالحسين مزين رحه فرمائن ٿا ته مان محض توڪل جي سهاري جهنگل جي طرف هليو ويس، سفر جي دوران مان هڪ حوض جي ڪناري تي ٿوري دير آرام ڪرڻ جي خيال سان ويهي رهيس. اتي دل ۾ هڪ قسم جو خيال پيدا ٿيو، ته ڪيئن نه مان بغير ڪنهن سمر ۽ سواريءَ جي هيڏو سارو سفر طئه ڪري آيو آهيان. انهيءَ وقت حوض جي ڪناري ڪان آواز آيو ته ”بڪواس بند ڪر!“ ان وقت مان نگاهه ڪئي ڏٺم ته حضرت ابو بڪر ڪتاني رحه کي پنهنجي اڳيان ڏٺم ۽ يڪدم توبهه ڪري خدا جي طرف رجوع ٿيس.

فرمائن ٿا ته ابتدا ۾ حضرت علي ڪرم الله وجه جي متعلق مون ۾ ڪجهه شڪ ۽ شبهه پيدا ٿيا، ته رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو آهي ته ”لا فتيٰ إلا علي“ ليڪن فتوت يعني جوانمرديءَ جو شرط هي هيو ته جيڪڏهن امير معاويه رضه جن باطل تي هئا ۽ پاڻ (حضرت علي رضه) جن حق تي هئا، ته پوءِ ڪين پنهنجي فتوت جي مد نظر هن کي سندس ڪم تي ڇڏي ڏين گهربو هو، ته جيڪر جنگ ۾ مسلمانن جو خون نه وهي ها. آخر هڪ رات خواب ۾ رسول‌الله صلي الله عليه وسلم جن جي زيارت نصيب ٿي، ڏسان پيو ته پاڻ حضور انور صلي‌الله عليه وسلم جن پنهنجي چئني اصحابن سان گڏ تشريف فرما ٿيا آهن ۽ مون کي پنهنجي سيني مبارڪ سان لاتائون. پوءِ حضرت ابو بڪر رضه جي طرف اشارو ڪيائون، ۽ مون کان پڇيائون ته هي ڪير آهي؟ مان عرض ڪيو ته هي ابو بڪر رضه آهن. پوءِ حضرت عمر رضه جن جي متعلق دريافت فرمايائون. ان ڪان پوءِ حضرت عثمان رضه ۽ بعد ۾ حضرت علي رضه جي طرف اشارو فرمايائون ته هي ڪير آهي؟ پر جيئن ته مون کي انهيءَ غبار يعني شبهات جي سبب ڪان جيڪي مون کي حضرت علي رضه جن جي ذات با برڪات لاءِ هئا، تن ڪان شرم اچي رهيو هو. بس! پوءِ ته رسول خدا صلي‌الله عليه وسلم جن مون کي حضرت علي ڪرم‌الله وجه سان ملايو ۽ هڪ ٻئي سان ڳلي لڳايو. ان ڪان پوءِ حضرت علي رضه جن فرمايو ته اچ ته جبل بوقبيس تي هلون ۽ ڪعبي جو نظارو ڪريون. جڏهن مان خواب ڪان بيدار ٿيس، ته پنهنجو پاڻ کي جبل بوقبيس تي بيٺل ڏٺم ۽ جيڪا ڪدورت حضرت علي رضه جي طرف ڪان منهنجي دل ۾ هئي ان جو نانءُ نشان به منهنجي دل ۾ نه رهيو.

نقل آهي ته حضرت ابو بڪر ڪتاني رحه جو هڪ مريد هو، تنهن سڪرات واريءَ

حالت ۾ اڪيون ڪولي ڪعبي جي طرف ڏٺو، تہ ان وقت هڪ آٽ جيڪو هن جي تمام ويجهو بيٺل هو تنهن کيس لت هڻين جا هنجي آک ۾ لڳي، جنهن ڪري هڪ اک هن جي نڪري پيئي. انهيءَ وقت ابو بڪر ڪناني رحہ اتي ويٺل هئا، کين غيب ڪان هڪ آواز آيو تہ تنهنجي مريد تي جڏهن سڪرات جي حالت طاري هئي تہ ان وقت مٿس نور الاهيءَ جي بارش وسي رهي هئي، مگر هن ڪعبي جي طرف ڏٺو تنهن ڪري هن کي تنبيه ڪئي ويئي، ڇاڪاڻ تہ رب‌العالمين جي حضور ۾ ڪعبي کي ڏسڻ نا جائز آهي.

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن حضرت ابو بڪر ڪتاني رحہ وٽ هڪ بزرگ آيو ۽ کين چيائين تہ اوهان مسجد حرام ۾ هلي ڇوڻ تا ويهو، جتي حديث شريف جو ذڪر ٿي رهيو آهي. پاڻ فرمايائون تہ ذڪر ڪير ڪري رهيو آهي؟ هن چيو تہ هڪ بزرگ ڪري رهيو آهي. پاڻ وري فرمايائون تہ ڪنهن ڪان روايت ڪري رهيو آهي؟ هن چيو تہ ابو هريره رضہ، عبدالرحمان رضہ، ۽ زهري رضہ ڪان ۽ اهي وري رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جن ڪان. تنهن تي حضرت ابو بڪر رحہ فرمايو تہ تو ڏاڍا گهڻا استاد بيان ڪيا آهن. جنهن ڳالهہ کي هو استاد ڪان ٻڌندا آهن، مان اها بغير استاد جي ٻڌندو آهيان. هن بزرگ ڪانئن پڇيو تہ ڪنهن ڪان ٻڌندا آهيو؟ پاڻ فرمايائون تہ ”حدثني تبي عن ربي“ يعني منهنجي دل خدا ڪان ڳالهيون ٻڌندي آهي. تنهن تي هن بزرگ ڪانئن پڇيو تہ اوهان جي ان قول جو ڪهڙو دليل آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ ان جو اهو دليل آهي تہ اوهان خضر عليه‌السلام آهيو. اهو ٻڌي حضرت خضر عليه‌السلام فرمايو تہ مان ائين سمجهندو هوس تہ الله تعاليٰ جو ڪوبہ ولي اهڙو ڪونهي، جنهن کي مان سڃاڻندو نہ هجان. ليڪن توهان مون کي سڃاڻي ورتو، پر مان توهان کي سڃاڻي ڪين سگهيس.

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن حضرت جن نماز پڙهي رهيا هئا، تہ ڪو شخص سندن جسم تان کين ويڙهيل چادر لاهي ڪئي ويو ۽ وڃي بازار ۾ وڪڻڻ لڳو، پر انهيءَ ئي وقت هن شخص جا ٻئي هٿ سڪي پيا. اهو حال ڏسي اهو شخص موٽي حضرت جن جي خدمت ۾ آيو. پاڻ اڃا نماز ۾ مصروف هئا، اهو شخص حضرت جن جي ڪلهن تي چادر رکي هلڻ لڳو. ماڻهن ان ڪان پڇيو تہ تو ائين ڇو ڪيو؟ تنهن تي هن سمورو قصو ڪري ٻڌايو، نڏهن ماڻهن چيس تہ حضرت جن ڪان معافي وٺ. نيٺ جڏهن حضرت جن نماز ڪان فارغ ٿيا، تہ ڏٺائون تہ اهو شخص روئي رهيو آهي. تنهن تي هن ڪان روئڻ جو سبب پڇائون، ان تي ان شخص سمورو واقعو بيان ڪري ٻڌاين. پاڻ فرمايائون تہ خدا جو قسم تہ مون کي ان ڳالهہ جي خبر نہ آهي تہ تون ڪڏهن چادر کڻي هليو وئين ۽ نہ انهيءَ ڳالهہ جو علم آهي تہ ڪڏهن چادر واپس ڪئي آئين. پوءِ چيائين تہ

اي خداوندا جو ڪجهہ ھي ڪٿي ويو ھو سو ڪٿي آيو آھي، تنھن ڪري تون بہ ھن ڪان جو ڪجهہ ورتو آھي سو ڪيس واپس ڪر، انھيءَ وقت ان شخص جا هٿ ٺيڪ ٿي ويا.

فرمائن ٿا تہ ھڪ رات مان خواب ۾ ھڪ نوجوان کي ڏسي ڪانئن پڇا ڪئي تہ تون ڪير آھين؟ ھن چيو تہ مان تقويٰ آھيان. وري ھن ڪان پڇيم تہ تنھنجو ٺڪاڻو ڪٿي آھي؟ چيائين تہ مان غمگين دلين ۾ رھندو آھيان. انھيءَ وقت ھڪ نھايت ئي بدصورت عورت نظر آئي، ان ڪان پڇيو تہ تون ڪير آھين؟ ھن چيو تہ مان گناہ ۽ نافرمانيءَ جي نالي سان سڏي ويندي آھيان. وري ھن ڪان سندس رھڻ جي جاءِ پڇيم. ھن چيو تہ منھنجو ٺڪاڻو اھل نشاط جي دلين ۾ آھي. نيٺ جڏھن مان ننڊ مان سجاڳ ٿيس، تہ وعدو ڪيم تہ آئينده ڪڏھن بہ نہ کلندس،

فرمائن ٿا تہ ھڪ رات مان جناب رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جن کي خواب ۾ ڏٺو ۽ عرض ڪيو تہ مان ڇا ڪريان، جو منھنجي دل مان حرص ھوس نڪري وڃي؟ فرمايائون تہ "يا حي يا قيوم لاالٰہ الا انت سبحانک ان يحيي قلبي بنور معرفتک ابدآ" پڙھندو ڪر.

ھڪ شخص حضرت جن کان وصيت طلب ڪئي. پاڻ ڪيس فرمايائون تہ جھڙيءَ طرح سيائي خدا تعاليٰ تنھنجو ٿيندو، اھڙيءَ طرح تون اڄ خدا تعاليٰ جو ٿيڄي وڃ.

فرمائن ٿا تہ مخلوق سان محبت رکڻ عذاب جي برابر آھي ۽ اھل دنيا سان قرب رکڻ نافرماني آھي، ۽ ان جي طرف رغبت ذلت آھي.

فرمائن ٿا تہ زاھد اھو آھي، جو ڪجهہ نہ ملڻ تي بہ خوش رھي، مگر موت جي وقت تائين جدوجھد کي نہ ڇڏي، ذلت کي برداشت ڪري صبر ڪري ۽ رضا تي راضي رھي.

فرمائن ٿا تہ تصوف بلڪل خلق جو نالو آھي، جيتري قدر زياده ڪنھن جو خلق ھوندو، اوتري قدر تصوف زياده ھوندو.

فرمائن ٿا تہ ڪرامت يقين ۽ ديدار غيب ڪان ٿئي ٿي ۽ پڪي ايمان جو اثر ھوندي آھي.

فرمائن ٿا تہ محب، محبوب جي لاءِ ايثار جو نالو آھي، ۽ تصوف صفت ۽ مشاھدي جو نالو آھي.

فرمائن ٿا تہ صوفي اھو آھي، جنھن جي نزديڪ سندس اطاعت بہ گناہ ھجي ۽ استغفار ڪندو رھي.

فرمائن ٿا تہ استغفار ھي آھي، تہ انسان مڪمل توبھ ڪري. توبھ جون ڇھ معنائون آھن: پھريون گذريل تي شرمندو ٿيڻ، ٻيو ارادو ڪرڻ تہ آئينده ڪڏھن بہ گناہ نہ ڪندس، ٽيون ھي تہ ھر قسم جو قرض ادا ڪندس، جو منھنجي ۽ خدا جي درميان آھي ۽ ان جي قضيٰ

ڪندس جو مونکان گسي ويو، ڇوڻون خلق جي ظلمن کي برداشت ڪندس پنجون هي تہ حرام جي لقمي کان جيڪو گوشت ۽ چربي پيدا ٿيا آهن، تن کي گهٽ ڪرڻ ۽ ڇهون هي تہ جسم کي اطاعت جو ڏک پهچائڻ، جنهن کي گناهن جو مزو چکايو ويو هجي۔

فرمائن ٿا تہ عبادت جا ڀاهتر دروازا آهن، جن مان ايڪهتر دروازا حيا سان تهيل آهن۔

فرمائن ٿا تہ مريد ۾ ٽن ڳالهين جو هجڻ تمام ضروري آهي: پهريون تمام غلبي وقت سمهڻ، ٻيو تمام بک جي حالت ۾ کائڻ، ۽ ٽيون تمام ضرورت وقت ڳالهائڻ۔

فرمائن ٿا تہ مقام استغفار ۾ شڪر ڪرڻ گناه آهي ۽ اهڙيءَ طرح شڪر ۾ استغفار۔

وفات جي وقت ماڻهن ڪائنن پڇيو تہ اوهان ڪهڙا عمل ڪندا رهندا هئا جنهن ڪري هي مرتبو حاصل ڪيو؟ فرمايائون تہ، جيڪڏهن منهنجو موت ويجهو نہ هجي ها تہ مان هرگز نہ ٻڌايان ها۔ پوءِ چيائون تہ مان چاليهن سالن تائين پنهنجيءَ دل جو دربان ٿيو رهيس۔ سواءِ خدا جي تمام چيزن کي ڪيي ڇڏيم، ايتري قدر جو منهنجي دل خدا کان سواءِ نہ ڪنهن چيز کي ڏٺو ۽ نہ سڃاتو۔

* ذڪر حضرت عبدالله حنيف رحمت الله عليه *

حضرت عبدالله حنيف رحہ پنهنجي وقت جا قطب ۽ شيخ‌المشائخ شاهي خاندان جا فرد، ظاهري ۽ باطني علم جا عالم ۽ بيشمار فضيلتن ۽ خوبين جا مالڪ هئا۔ سندن لکيل ڪتاب ڪيترا ئي موجود آهن، جيڪي سڀ جا سڀ مقبول ۽ مشهور آهن۔ سندن جهد بہ قياس جي حد ۽ عقل کان بالاتر هو۔ حضرت جن بلڪل اڪيلائيءَ ۾ ڪيترا ئي سفر ڪيا ۽ ڪيترا ئي چلا ڪيائون ٻين لفظن ۾ ڪٽي اڻين چئجي تہ حضرت جن جي ساري زندگي چلن ڪيندي گذري، ايتري قدر جو سندن وفات بہ چلي جي دوران ٿي۔

ماڻهن ڪائنن پڇيو تہ خرقي يعني پهراڻ يا فقيرن جي لباس جا ڪهڙا شرط آهن؟ انهن جي جواب ۾ حضرت جن پنهنجي زماني جي هڪ طريقت جي بزرگ محمد ذڪريا جو نالو ورتو جيڪو طريقت جي عالمن مان ڪين هو ۽ نہ وري هو ڪو خرقو ئي پهريندو هو۔ فرمايائون تہ خرقي جا شرط محمد ذڪريا سفيد ڪپڙن ۾ ادا ڪري ٿو مگر اسان ڪمبل وڙهي بہ نہ تہ خرقي جا شرط ڄاڻون ۽ نہ ادا ڪري سگهون ٿا۔

حضرت جن کي حنيف ان ڪري چوندا آهن تہ پاڻ هميشه روزا رکندا هئا۔ افتار جي وقت ستن انگورن کان زياده ٻي ڪابہ غذا نہ کائيندا هئا۔ حضرت جن پاڻ لاغر جسم ۽ بيحد

سنهڙا هئا. هڪ ڏينهن هڪ خادم افطار جي وقت سندن لاءِ انگور ڪٽي اچڻ لاءِ پڇيو. پاڻ حضرت جن هن کي انگور ڪٽي اچڻ جو اشارو ڪيو، تنهن تي هن خادم آڻ داڻا انگور جا خدمت ۾ ڪٽي آڻي پيش ڪيا. افطار کان پوءِ حضرت جن کي عبادت ۾ ڪو مزو ڪونه آيو، پاڻ سمجهي ويا ته اڄ افطار وقت ڪاڏي ۾ زيادتي ٿي هوندي. خادم کي گهرائي پڇيائون، هن عرض ڪيو ته اڄ اٺن انگورن سان اوهان افطار ڪيو آهي، ڇو ته اوهان کي ضعيف سمجهي آٺ انگور جا داڻا ڪٽي آيس. تنهن تي پاڻ فرمايائون ته تون منهنجو دوست نه آهين، بلڪ دشمن آهين. جيڪڏهن دوست هجين ها ته ڇهه انگور جا داڻا آڻين ها.

فرمائن ٿا ته جيتوڻيڪ الله تعاليٰ مون تي بيشمار نعمتون عطا فرمايون آهن، ليڪن مان اهڙي نموني زندگي بسر ڪريان ٿو، جو ڪڏهن به مون تي زڪوات واجب نٿي ٿئي.

فرمائن ٿا ته هڪ دفعي مان حج تي وڃي رهيو هوس، رسو ۽ ڏول مون سان ساڻ هو، رستي هلندي بغداد ۾ لنگهي ويس، مگر جنيد رحه جي زيارت نه ڪئي. مان اڳتي هلندو رهيس، واٽ تي مون کي ڏاڍي اُڃ لڳي. اوسي پاسي نهاريم ته هڪ کوه نظر آيو، جتان هڪ هرڻ پاڻي پي رهيو هو. جڏهن هرڻ پاڻي پي هليو ويو، تڏهن مان اچي کوه ۾ ڏول وڌو پر کوه جو پاڻي ايترو ته هيٺ لهي ويو هو جو ڏول ۽ رسو اتي پهچي نٿي سگهيا. مان چيو ته يا خدا! هرڻ جو قدر به مون کان زياده آهي؟ انهيءَ وقت آواز آيو ته هرڻ وٽ رسو ۽ ڏول ڪونه هو. انهيءَ جواب تي مان بيحد شرمندو ٿيس ۽ رسو ۽ ڏول اتي ئي ڦٽو ڪري بغير پاڻي پيئڻ جي اڳتي هلڻ لڳس. ايتري ۾ غيب کان وري آواز آيو ته اسان تنهنجو امتحان ٿي ورتو، هاڻي موٽي کوه تي وڃ ۽ وڃي پاڻي پيءُ. مان جڏهن کوه وٽ آيس، ته ڏٺم ته پاڻي کوه جي منهن تائين مٿي چڙهي آيو هو. مان خداوند ڪريم جو شڪرانو ادا ڪري پاڻي پيتو ۽ وضو ڪري هليو ويس. واپسيءَ تي مان جڏهن بغداد پهتس ته جنيد رحه سان ملاقات ڪئي. جنيد رحه فرمايو ته جيڪڏهن تون صبر ڪرين ها، ته تنهنجي پيرن جي هيٺان پاڻيءَ جو چشمو وهي هلي ها.

حضرت حنيف رحه جن فرمائن ٿا ته مان هڪ سال روم ۾ رهيس. هڪ ڏينهن جهنگ ۾ ويس، اتي ڏٺم ته هڪ راهب پنهنجي پيرن جي خاڪ انڌن جي اکين ۾ ٿي وڌي ته هنن جي اکين جي روشنائي بحال ٿيندي ٿي ويئي، ان کان سواءِ جنهن به بيمار ماڻهوءَ هن جي پيرن جي مٽي ڪاڏي ٿي ته هڪدم شفا ٿي حاصل ڪئي. اهو حال ڏسي مان حيران ٿي ويس، خيال ڪيو ته اهي ماڻهو ته بلڪل باطل تي آهن، آخر معاملو ڇا آهي. انهيءَ رات مون کي خواب ۾ حضرت رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي زيارت نصيب ٿي. مان عرض ڪيو ته فداه ابي و امي! اوهان هت ڪيئن تشريف فرما ٿيا آهيو؟ پاڻ فرمايائون ته تنهنجي لاءِ آيو آهيان. مان

عرض ڪيو تہ منهنجا آقا! آخر اهو معاملو ڇا آهي؟ تنهن تي پاڻ فرمايائون تہ هي انهيءَ صدق جي درياہ جو اثر هو جيڪو باطن ۾ آهي. جيڪڏهن حق ۾ صدق هجي ها، تہ جيڪر ڪيتري قدر نہ اثر ٿئي ها!

نقل آهي تہ حضرت حنيف رحہ جن جا ٻہ خاص مريد هم نام هئا يعني ٻنهي جو نالو احمد هو. پاڻ حضرت جن انهن ڪي عمر جي لحاظ سان احمد ڪ ۽ احمد م ڪري پڪاريندا هئا. انهن مان حضرت جن جي زياده شفقت احمد ڪہ تي هوندي هئي انهيءَ تي ٻين مريدن حسد ڪيو. حضرت جن پنهنجي دانائيءَ ۽ ايمان جي قوت سان انهن جي حسد کي سهي ڪري ورتو. پوءِ هڪ ڏينهن حضرت جن سيني مريدن کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ انهن مان سڀ کان اول احمد م يعني وڏي کي چيو تہ خانقاہ جي دروازي وٽ هڪ اٺ بيٺو آهي، تون ان کي گهر جي ڇت تي ڪاهي وڃ. تنهن تي احمد مَ چيو تہ حضرت اهو نا ممڪن آهي، تہ اٺ ڇت تي چڙهي سگهي. پوءِ حضرت جن احمد ڪہ جي طرف متوجہ ٿي فرمايو تہ اٺ کي گهر جي ڇت تي ڪاهي وڃ. احمد ڪہ اهو حڪم ٻڌي هڪدم اٿيو ۽ اٺ کي اتان اٿارڻ جي ڪوشش ڪئي، مگر اٺ اتان اصل نہ اٿيو. تنهن تي حضرت جن هن کي چيو تہ بس اچي ويهي رہ. پوءِ سيني مريدن کي مخاطب ٿي چيائون تہ ڏٺو! احمد ڪہ تي ايتري قدر زياده شفقت ڇو آهي. هن منهنجي حڪم جي ممڪن يا نا ممڪن هجڻ تي اعتراض نہ ڪيو ۽ نہ ئي بي سود ڳالهين ۾ وقت ضايع ڪيائين، بلڪ حڪم جي تعميل ۾ لڳي ويو، مگر وڏي احمد حجت ڏيکاري. درگاہ الاهيءَ ۾ بہ حڪم جي تعميل جو قدر آهي. عبادت ۽ رياضت يا ڪج بحثيءَ جي ضرورت ڪانہ آهي.

نقل آهي تہ هڪ دفعي ٻہ صوفي حضرت جن جي شهرت ٻڌي سندن خدمت ۾ آيا، مگر جڏهن اهي صوفي حضرت جن جي خانقاہ تي آيا، تہ کين معلوم ٿيو تہ پاڻ حضرت جن بادشاہ وٽ ويل آهن. انهيءَ تي انهن صوفين جي دل تي برو اثر ٿيو ۽ چيائون تہ فقير ٿي ڪري بہ بادشاهن وٽ وڃڻو هون تہ پوءِ شاهيءَ کي ڇو ڇڏيائون. نيٺ اهي صوفي اتان موٽي بازار جي طرف آيا ۽ شهر ۾ هڪ درزيءَ جي دڪان تي پنهنجي ڦاٽل پهراڻ کي سبائڻ لاءِ ويهي رهيا. انهيءَ وچ ۾ درزيءَ جي قينچي گم ٿي وئي، اهو درزي انهن ٻنهي صوفين کي چور سمجهي کين پڪڙي ڪوتوال وٽ وٺي آيو. ڪوتوال وري انهن ٻنهي صوفين کي بادشاہ وٽ پيش ڪيو. جڏهن ٻئي صوفي بادشاہ جي دربار ۾ پهتا تڏهن بادشاہ انهن جي هٿن ڪپڻ جو حڪم ڪيو. ان وقت حضرت حنيف رحہ بہ بادشاہ وٽ ويٺل هئا، حضرت جن فرمايو تہ انهن کي ڇڏي ڏيو، ڇاڪاڻ تہ اهي بيگناہ آهن. ان کان پوءِ حضرت جن انهن ٻنهي صوفين جي طرف منهن ڪري

فرمايو تہ هاڻي اوهان جو خيال درست ٿي ويو هوندو تہ توهان جهڙن ماڻهن لاءِ مون کي بادشاهہ وٽ اچڻو پوي ٿو. اهو حال ڏسي اهي ٻئي صوفي حضرت جن جا مريد ٿيا.

نقل آهي تہ هڪ دفعي هڪ صوفيءَ شڪايت ڪئي تہ يا حضرت! وسوسو مون کي تڪليف ڏي ٿو. پاڻ فرمايائون تہ هڪ وقت اهڙو بہ هو، جو صوفي شيطان تي غالب هئا، مگر هاڻي شيطان صوفين تي غالب آهي. وري فرمايائون تہ صوفي اهو آهي، جو صاف حالت ۾ رهي ۽ فقيري لباس ۾ رهي، ۽ پنهنجي خواهشن کي جفا جو مزو چکائي ۽ دنيا کي بلڪل ترڪ ڪري ڇڏي.

قناعت جي باري ۾ فرمايو اٿن تہ انهيءَ چيز جي طلب نہ ڪرڻ ئي قناعت آهي، جيڪا هٿ ۾ نہ هجي. جيڪا هٿن ۾ هجي، ان کان بي نياز ٿيڻ ئي قناعت جو خاصو آهي.

فرمائن ٿا تہ رياضت جي معنيٰ آهي تہ نفس کي عبادت سان مغلوب ڪرڻ.

ماڻهن ڪانئن پڇيو تہ جيڪو درويش ٽي ڏينهن لڳا تار بکيو وهي، ان کان پوءِ هو اهڙو سوال ڪري، جيڪو هن لاءِ ڪافي هجي، تہ ان کي اوهان ڇا چوندو؟ پاڻ فرمايائون تہ مان ان کي ڪازب (ڪوڙو) چوندس.

وفات جي وقت حضرت حنيف رحہ جن فرمايو تہ مان سالڪ کان پڇي نڪتل غلام آهيان. منهنجي مرڻ کان بعد منهنجي پيرن ۾ رسو وجهي ڳچيءَ ۾ طوق وجهي ڇڏجو، ۽ پيرن ۾ بيڙيون وجهي، هٿ ٻڌي، منهن قبلي جي طرف ڪري ڇڏجو، شايد الله تعاليٰ رحم ڪري. آخر وفات کان پوءِ ڪن ماڻهن سندن وصيت کي پورو ڪرڻ گهريو، ليڪن عين انهيءَ وقت هاتفي آواز آيو تہ ائين نہ ڪريو، هي اسان کي پيارو آهي، اسان عزيزن جي خواريءَ جا طالبو نہ آهيون. تڏهن ماڻهن حضرت جن کي عزت سان دفن ڪيو.

* ذڪر حضرت ابو محمد جريري رحمت الله عليه *

حضرت ابو محمد جريري رحہ وقت جا شيخ، يگانہ زمانہ ۽ برگزيده انسان هئا. ادب ۾ ڪامل، انواع علوم ۾ ماهر، فقہ ۾ مفتي ۽ بي بدل امام هئا. حضرت جن جي نسبت حضرت شيخ جنيد بغدادي رحہ فرمائن ٿا تہ ابو محمد رحہ مشهور اولياءَ آهي. حضرت جنيد بغدادي رحہ جي وفات کان پوءِ حضرت ابو محمد رحہ کي ئي ان جو جانشين بڻايو ويو.

حضرت ابو محمد رحہ جن فرمائن ٿا تہ چاليهہ سال کن اڳي ٿيا آهن تہ مون کي هڪ سفيد ٻانهن کي ڏنو، ان کي پڪڙڻ جي ڪيتري بہ ڪوشش ڪئي، مگر اڄ تائين ان کي

پڪڙڻ ۾ ناڪام رهيو آهيان. ماڻهن ڪانئن ان ڳالهه جي حقيقت پڇي، پاڻ فرمايائون تہ هڪ ڏينهن عصر جي نماز کان پوءِ مان هڪ پريشان حال ۽ اگهاڙي حالت ۾ هڪ درويش کي ڏٺو، جيڪو خستہ حال ۽ تمام لاچار پئي معلوم ٿيو. نماز پڙهڻ کان پوءِ هو شام تائين مراقبي واريءَ حالت ۾ مست رهيو، پر مغرب جي نماز کان وٺي ويندي صبح تائين هو انهيءَ حالت ۾ رهيو، فقط انهيءَ وچ ۾ هن نماز فرضي پئي ادا ڪئي. مان انهيءَ حال ۾ هن کي دعوت ڏني تہ اڄ بادشاه، صوفين جي دعوت ڪئي آهي، تون بہ اسان سان گڏ هل. مگر هن انڪار ڪيو، پر ايترو چيائين تہ تون منهنجي لاءِ عقيده (هڪ قسم جو ڪاڏو) مهيا ڪر. مان انهيءَ خيال سان تہ شايد هي نو مسلم آهي، تنهن ڪري اسان سان ڪونہ ٿو هلي، تنهن ڪري مان بہ هن جي فرمائش جو ڪو خيال ڪونہ ڪيو. دعوت کان واپس اچي مان انهيءَ درويش کي انهيءَ ساڳيءَ حالت ۾ ڏٺو. مان پنهنجي جاءِ تي سمهي پيس، رات جو خواب ۾ حضور انور صلي الله عليه وسلم جن جي زيارت جو شرف حاصل ٿيو، جنهن سان گڏ ٻيا بہ ڪيترا ئي انبياء ڪرام هئا. مان وڃي حضور جن کي سلام عرض ڪيو، مگر حضور جن منهنجي سلام جو جواب ڪونہ فرمايو ۽ منهن مبارڪ ڦيري ڇڏيائون. مان پنهنجي خطا جي متعلق عرض ڪيو، فرمايائون تہ ”اسان جي هڪ دوست تو کان عقيده طلب ڪيو، مگر تو ان جي پرواه نہ ڪئي“ اهو ٻڌندي ئي خوف وچان منهنجي اک کلي ويئي ۽ جلدي جلدي آئون انهيءَ درويش جي تلاش ۾ نڪتس. مان ڏٺو تہ اهو درويش خانقاه کان نڪري ٻاهر وڃي رهيو هو. مان هن کي درخواست ڪئي تہ اي عزيزا ڪجهہ ترس تہ تنهنجي آرزوءَ مطابق عقيدو حاضر ڪري وٺان. هن منهن ڦيري چيو تہ جيستائين تو وٽ تمام پيغمبر ۽ حضور جن نہ اچن، تيستائين تون ڪنهن جي آرزو ڪيئن پوري ڪندين! ليڪن اهو ڏاڍو ڏکيو آهي تہ مان ترسان، ائين چئي هو هليو ويو.

فرمائن ٿا تہ پهرين * قرن (صدي) ۾ ”دين“ جو جيڪو معاملو هو، سو تہ ويندو رهيو. ٻي قرن ۾ ”وفا“ رهجي ويئي هئي، اها بہ ويندي رهي. ٽئين قرن ۾ ”مروت“ هئي، اها بہ هلي ويئي. چوٿين قرن ۾ ”حيا“ هو، مگر افسوس آهي جو اهو بہ دنيا مان کڄي ويو. هاڻي اهڙا ماڻهو رهجي ويا آهن، جو پنهنجا معامله هيبت سان ڪن ٿا.

فرمائن ٿا تہ جيڪو شخص پنهنجي نفس جي تابعداري ڪندو، اهو شهوت ۾ گرفتار ٿي ويندو.

ڪنهن شخص ڪانئن پڇيو تہ دل جو اصل ڪم ڪهڙو آهي؟ فرمايائون تہ خدا کي ڏسي

* قرن چئبو آهي صديءَ کي، پر ڪي ٽيهن سالن جي مجمع کي بہ قرن چون.

۽ ان جي صنعت (ڪاريگري) جو مشاهدو ڪري.

صبر بابت ڪانئن پڇيو ويو تہ فرمايائون تہ صبر جي معنيٰ هيءَ آهي تہ نعمت يا ڏک سبب نفس جي آرام ۾ فرق نہ سمجهي ۽ مصيبت ۾ نفس جي سڪون ذهن کي صبر چئبو آهي.

فرمائن ٿا تہ يقين جو قل اخلاص آهي ۽ شڪ جو ثمر ريا آهي.

ڪانئن عزلت (گوشہ نشينيءَ) بابت پڇيو ويو، تہ فرمايائون تہ زحمتن کان ٻاهر هجڻ ۽ جيڪڏهن توني رحمت نہ ڪٿي وڃي تہ باطن کي حفاظت ۾ رکڻ ئي عزلت آهي.

فرمائن ٿا تہ عام ماڻهن جي جنگ نفس جي خطرن سان هوندي آهي. ابدال جي جنگ فڪر سان، زاهدن جي جنگ شهوت سان، ۽ تائب ماڻهن جي جنگ لغزشن (غلطين) سان ۽ مريدن جي جنگ انانيت سان رهندي آهي.

فرمائن ٿا تہ عارف ابتدا کان ئي خدا تعاليٰ جي طرف رجوع هوندو آهي، مگر عوام توحيد کان بعد ئي رجوع ٿئي ٿو.

* ذڪر حضرت حسين منصور حلاج رحمت الله عليه *

حضرت حسين منصور رحہ قتيل في سبيل الله آهن، سندن حالت نهايت ئي عجيب ۽ غريب گذري آهي. پنهنجي طريقي ۾ خود ئي مخصوص ۽ لاثاني هئا. هر وقت غايت، سوز ۽ فراق ۾ مست ۽ بيقرار رهندا هئا. ان زماني جا پاڪباز ۽ مشهور عاشق الاهي هئا. سندن تصانيف بہ آهن، جيڪي تمام مشڪل ۽ دقيق آهن. حقائق، معارف ۽ اسرار معانيءَ ۾ نهايت ڪامل ۽ فصاحت ۽ بلاغت ۾ ماهر بي بدل هئا. شروع کان وٺي آخر تائين سندن حالت ڏک ۽ مصيبت سان دو چار ٿيندي رهي آهي. ڪن ماڻهن حضرت حسين منصور رحہ جي بزرگيءَ جو انڪار ڪيو آهي، مگر ڪي ماڻهو ڪين بلند پايي جو ولي ڄاڻن ٿا. ڪي تہ وري سندن حق ۾ بلڪل خاموش آهن ۽ ڪن جو چوڻ آهي، تہ حسين منصور حلاج رحہ جنهن جي زبان مان "اناالحق" نڪتو ۽ "مان آهيان" ٿي چيائون، انهيءَ نالي جو هڪ ٻيو شخص ٿي گذريو آهي جيڪو بغداد ۾ هو. اهو ڪافر ۽ زنديق هو، ان کان سواءِ جادوگر بہ هو، مگر جيڪو جادوگر هو اهو هي منصور ڪين هو، اهو شهر واسط جو رهاڪو هو. حضرت عبدالله خفيف رحہ حضرت منصور رحہ کي عالم رباني تصور ڪندا هئا ۽ سندن بيحد عزت ڪندا هئا.

شبلي رحہ فرمائن ٿا تہ مان ۽ منصور حلاج رحہ هڪ ئي آهيون. هن جي عقل هن کي شهيد ڪرائي ڇڏيو ۽ مون کي ماڻهن ديوانو بڻائي ڇڏيو. هاڻي سوال ٿو اٿي تہ جيڪڏهن

حضرت منصور رحہ جن ملعون يا جادوگر ھجن ھا، تہ اھڙا بزرگ ۽ ڪامل شخص جيڪر ڪيئن سندن تعريف ڪن ھا. اڪثر مشائخن حضرت منصور رحہ کي محض انھيءَ سبب ڪري ترڪ ڪري ڇڏيو، جو ھو ھميشه سر مست رھندو ھو.

ھڪ دفعي حضرت منصور رحہ، جنيد بغدادي رحہ جي مجلس ۾ آيا ۽ ڪائنن ڪو مسئلو دريافت ڪياؤن، مگر شيخ جنيد رحہ ڪوئي جواب ڪونہ ڏنو ۽ کين فرمايو تہ تون جلد ئي قتل ڪيو ويندين. حضرت منصور رحہ چيو تہ مان ان ڏينھن قتل ڪيو ويندس، جڏھن اوھان اھل ظاھر جو لباس پھريندا. لھاذا جڏھن کين از روءِ شريعت گرفتار ڪيو ويو ۽ علمائن کان فتويٰ طلب ڪئي ويئي؛ تڏھن سيني علمائن سندن قتل جي فتويٰ ڏيئي ڇڏي. مگر ان فتويٰ جي ڪاغذ تي حضرت جنيد رحہ دستخط ڪرڻ کان انڪار ڪيو. پوءِ جڏھن وقت جي خليفي حضرت جنيد رحہ کي دستخط ڪرڻ لاءِ بيحد اسرار ڪيو، تڏھن حضرت جنيد رحہ خانقاه کان اٿي صوفين وارو لباس لاھي ڇڏيو ۽ مدرسي ۾ وڃي علمائن جو لباس پھري، لکي ڏنو تہ "نحن تحکم بالظاھر" يعني تہ اسان ظاھر تي حڪم ڪريون ٿا ۽ فتويٰ ڏيون ٿا تہ ظاھر ۾ حسين منصور سچ پچ قتل جي لائق آھي، ليڪن باطن جو حال خدا ڄاڻي.

حضرت منصور رحہ جن ڪڏھن بہ ھڪ ھنڌ تي قيام ڪونہ ڪيو. ڪجھ عرصو ڪٿي رھيا تہ ڪجھ وقت ڪٿي گذارياؤن، ان وقت جي جدا جدا علمائن جي خدمت ۾ ويندا رھندا ھئا.

ھڪ دفعي صوفين جو لباس لاھي قبا پھرياؤن ۽ اھل دنيا جي صحبت ۾ مشغول ٿي ويا، پر وري ڪجھ وقت کان پوءِ بصري ۾ وڃي خرقو پاتائون. ٻہ سال لڳاتار بيت‌الحرم جا مجاور بڻيا رھيا. واپسيءَ تي سندن حالت بلڪل بدلجي ويئي ۽ ڪجھ ٻيو رنگ غالب ٿي ويو. خلق کي اھڙين ڳالھين جي دعوت ڏناؤن، جا اصل کين سمجھ ۾ ڪين اينديون ھيون. انھي جو نتيجو اھو ٿيو جو قريباً پنجاه شھرن مان کين نيڪالي ڏني ويئي. مٿن اھڙا سنگين حالات ۽ واقعات گذريا آھن، جي پنھنجي نوعيت ۾ عجيب ۽ غريب ترين آھن.

نقل آھي تہ حضرت منصور رحہ جن ڏينھن رات ۾ چار سؤ رڪعتون نماز جون پڙھندا ھئا ايتري ساري نماز کي پنھنجي مٿان فرض سمجھندا ھئا. ماڻھن ايتري نماز پڙھڻ جو سبب پڇيو؟ تہ پاڻ انھن کي فرماياؤن تہ مون کي ڪابہ تڪليف محسوس ڪونہ ٿيندي آھي.

حضرت رشيد خوار ثمرقندي رحہ روايت ڪن ٿا تہ ھڪ دفعي حضرت منصور رحہ چئن صوفين سان ھمراه ٿي حجاز ڏانھن وڃي رھيا ھئا، کاڌي پيتي لاءِ وٽن ڪجھ بہ ڪين ھو، جڏھن سندن بک جو غلبو انتھا درجي تي پھچي ويو، تڏھن ساٿي صوفين شڪايت ڪئي ۽

چيائون ته اسان کي پڳل سريءَ جو گوشت گهرجي. پاڻ حضرت جن اهو ٻڌي انهن کي هڪ صف ۾ ويهاري ڇڏيو، پاڻ پنهنجي هٿن کي ٻنهي طرف ڪري پڳل سريءَ جي گوشت جون ٿالهيون هٿ ۾ جهلي دوستن کي ڏيندا ويا. اهڙيءَ طرح هر هڪ لاءِ هڪ هڪ رڪابي مهيا ڪيائون، انهن سيني ڪائي ڍءُ ڪيو. اڳتي علي انهن چيو ته حضرت! هاڻي اسان کي گرم ماني ۽ ڪارڪون درڪار آهن. حضرت جن اهي به اهڙيءَ طرح پنهنجي ڪرامت سان ڪين ميسر ڪري ڏنيون. رستي تي ڪن ساٿين تزن انجيرن کائڻ جي خواهش ظاهر ڪئي، ته حضرت جن هٿن کي اڳتي هوا ۾ وڌائي بلڪل تازا انجير پنهنجي همراهن کي کارايا. اهڙيءَ طرح انهن وري حلوي جي کائڻ جي سڌ ظاهر ڪئي. پاڻ حضرت جن هٿ مٿي ڪنيا ۽ هوا مان هڪ ٿالهه کي پڪڙيو، جنهن ۾ گرما گرم حلوو پيل هو، جو ڪٽي دوستن کي ڏنائون.

ماڻهن ڪائڻ پڇا ڪئي ته خدا جي راه ڇا آهي، ۽ ڪيتري قدر آهي؟ فرمايائون ته صرف ٻه قدم آهن، هڪ قدم دنيا کان کنيو ته عقبيٰ ۾ پهچي ويو، ٻيو قدم عقبيٰ کان کنيو ته مولٰي تائين پهچي ويو.

فقر بابت ڪائڻ پڇا ڪئي ويئي ته فرمايائون ته فقير اهو آهي، جيڪو الله تعاليٰ کان سواءِ باقي سڀ کان بي نياز هجي.

فرمائڻ ٿا ته صوفي اهو آهي، جيڪو خدا جي طرف کان اسارو ڪري ٿو ته باقي خلقت خدا جي طرف اشارو ڪندي آهي.

خلق عظيم متعلق ڪائڻ پڇيو ويو ته فرمايائون ته انهيءَ جي معنيٰ اها آهي، ته خلقت جي جفا هن تي ڪجهه به اثر نه ڪري، يعني حق کي سڃاڻڻ کان پوءِ زماني جي ظلم ۽ تڪليف جي ڪا پرواه نه ڪري.

توڪل جي باري ۾ فرمائن ٿا ته توڪل هيءَ آهي ته جيڪڏهن شهر ۾ پاڻ کان وڌيڪ ڪنهن کي ڪاڏي جو مستحق ڏسي، ته پاڻ ڪاڏو نه کائي.

فرمائن ٿا ته دنيا کي ڇڏي ڏيڻ، نفس جو زهد آهي. آخرت کي ڇڏي ڏيڻ دل جو زهد آهي، ۽ خوديءَ جو ترڪ ڪرڻ جان جو زهد آهي.

ماڻهن ڪائڻ صبر جي معنيٰ دريافت ڪئي، ته پاڻ فرمايائون ته صبر انهيءَ کي چئجي ته جيڪڏهن صابر جا هٿ پير ڪٽي ڪري ڦاسيءَ تي لٽڪايو وڃي ته آه نه ڪري.

جڏهن خلقت سندن حق ۾ حيران ٿي ويئي، تڏهن اڪثر ماڻهو ڪائڻ منڪر ٿي ويا، پوءِ ڪائڻ عجيب ۽ غريب ڳالهيون ظاهر ٿيڻ لڳيون. ڪيترا ماڻهو حضرت جن کان بدظن ٿي ويا. نيٺ حضرت جن جون اهڙيون ڳالهيون ماڻهن خليفي تائين پهچائي ڇڏيون. ڪيترن

ساڻن سندن قتل تي اتفاق ڪيو، جنهن جو بهانو اهو ڪيائون ته منصور رحه "اناالحق" چوي ٿو. مطلب ته ڪيترن ئي قسمن جون شڪايتون خليفي وٽ پهچايون ويون. آخر منصور رحه کي هڪ سال قيد ۾ رکيو ويو. قيد خاني ۾ به ڪيترا ماڻهو سندن خدمت ۾ حاضر ٿي مسئلا پڇندا هئا. تنهن تي حڪومت ماڻهن کي، حضرت منصور رحه سان ملڻ لاءِ منع ڪئي. ڪيترن ڏينهن تائين حضرت منصور رحه جن سان ڪوبه ملڻ ڪونه ويو، مگر هڪ دفعو ابن عطار رحه ۽ هڪ دفعو عبدالله حنيف رحه حضرت جن جي خدمت ۾ آيا، ۽ ڪين چيائون ته اوهان انهيءَ ڳالهه جو يعني جيڪي اوهان چيو آهي ته "اناالحق" تنهن جو انڪار ڪريو ته جيئن اوهان کي قيد کان آزادي ملي. فرمايائون ته جنهن ائين چيو آهي، انهيءَ کي چئو ته عذر ڪري. اهو ٻڌي اهي ٻئي بزرگ روئي ويا.

نقل آهي ته جڏهن حضرت منصور رحه کي قيد ڪيو ويو ۽ پهرين رات جو اچي ڏسن ته حضرت منصور رحه ڪونه هو، ساري قيد خاني جي تلاشي ورتي ويئي، مگر حضرت منصور رحه ڪونه لڌو، ٻيءَ رات تي ڏٺو ويو ته قيد خانو ئي ڪونه هو، ۽ جڏهن ٽيئن رات ڏٺو ويو ته پاڻ حضرت جن قيد خاني ۾ موجود هئا. ماڻهن ڪانئن پڇيو ته اوهان پهرين ۽ ٻيءَ رات قيد خاني ۾ ڪين هئا؟ فرمايائون ته پهرينءَ رات درگاه ۾ هيس ۽ ٻيءَ رات هتي قيد خاني ۾ دربار هئي، تنهن ڪري توهان کي قيد خانو نظر نه آيو. هاڻي مون کي واپس ڪيو ويو آهي، ته جيئن شريعت جي حفاظت ڪئي وڃي.

ماڻهن جڏهن حضرت منصور رحه کي قيد خاني ۾ به نماز پڙهندي ڏٺو ته ڪانئن پڇا ڪئي ته اوهان ته چوندا آهيو ته "مان حق آهيان" پوءِ نماز ڇا لاءِ پڙهو ٿا؟ پاڻ انهن کي فرمايائون ته اسان پنهنجو قدر پاڻ ڄاڻون ٿا.

هڪ رات قيد خاني ۾ ٽي سؤ قيدي هئا، انهن قيدين کي حضرت منصور رحه فرمايو ته "جيڪڏهن توهان چئو ته مان توهان کي آزاد ڪري ڇڏيان" انهن چيو ته پهريون پنهنجو پاڻ کي ته آزاد ڪرايو، پوءِ اسان کي آزاد ڪرايو. تنهن تي انهن کي فرمايائون ته اسان خدا جا قيدي آهيون، تنهن ڪري شريعت جي ڳالهه مڃلي آهي، جيڪڏهن اسان چاهيون ته هڪ ئي اشاري ۾ تمام بند ۽ پيڙيون ٽوڙي ڇڏيون. پاڻ انهيءَ وقت آخر جو اشارو ڪيائون ته سڀني جون پيڙيون ٽٽي پيون ۽ جيل خاني جا دروازا خود بخود کلي پيا. پوءِ پاڻ قيدين کي اتان نڪري وڃڻ جو اشارو ڪيائون. انهن قيدين وري چيو ته پهريائين اوهان نڪرو، تنهن تي پاڻ انهن کي فرمايائون ته اسان جو خيال نه ڪريو، اسان هڪ راز رکندڙ آهيون. ٻئي ڏينهن ڏٺو ويو ته قيد خاني ۾ هڪ به قيدي ڪونه هو، ڪانئن پڇيو ويو ته هيترا سارا سڀ قيدي ڪيڏانهن ويا.

فرمايائون ته اسان انهن کي آزاد ڪري ڇڏيو. پڇيو ويو ته اوهان ڇونه هليا ويا؟ فرمايائون ته ”حق جو اسان تي عتاب آهي“ جڏهن اها خبر بادشاه کي پيئي، تنهن چيو ته اهو شخص هڪ فتنو قائم ڪندو، تنهن ڪري بهربائين هن کي لڪڻ هڻو ته جيئن هو پنهنجي حرڪتن کان باز اچي. جي اڃا به نه رهي ته ڪيس قتل ڪري ڇڏيو.

آخر ڪار خليفي جي حڪم تي حضرت منصور رح. کي لڪڻ سان مارڻ لڳا، جنهن به شخص حضرت جن کي ماريو تي تنهن اهو آواز ٿي ٻڌو ته ”يا ابن منصور لا تخف“ يعني اي ابن منصور رح! خوف نه ڪر. آخرڪار حضرت منصور رح. کي ڦاهيءَ تي بيهاريو ويو، ان وقت هزارين ماڻهو جمع ٿي چڪا هئا. پاڻ اکيون مٿي ڪري انهن کي ڏسندا به رهيا ۽ حق حق به چوندا ٿي رهيا ۽ ”اناالحق“ جو نعرو هڻندا رهيا. انهيءَ حال ۾ هڪ درويش وڏي وجهي حضرت منصور رح. کان پڇيو ته ”عشق ڇا آهي؟“ پاڻ فرمايائون ته ”اڄ ٿا سڀاڻي ڏسندين“ آخرڪار حضرت منصور رح. کي سوليءَ تي لٽڪايو ويو. ٻئي ڏينهن سندن لاش کي جلايو ويو، ٽئين ڏينهن سندن خاڪ کي هوا ۾ اڏاريو ويو. عشق اهو آهي. انهيءَ وقت جڏهن حضرت منصوُر رح. کي سوليءَ تي لٽڪايو ٿي ويو ته سندن هڪ خادم وصيت طلب ڪئي. پاڻ ان کي فرمايائون ته نفس کي مشغول رک ورنه هو توکي اهڙين ڳالهين ۾ مشغول ڪري ڇڏيندو، جو پوءِ پڇتائڻو پوندءِ. ان وقت سندن پٽ وصيت طلب ڪئي، تنهن کي فرمايائون ته جڏهن اهل جهان اعمال جي ڪوشش ڪن، ته تون وري اهڙي چيز جي ڪوشش ڪر جو تمام جنن ۽ انسانن جي اعمالن کان بهتر هجي، اها ٿي چيز اٿيئي ”علم حقيقت“. جڏهن حضرت منصور رح. کي سوليءَ ڏانهن وٺي ٿي ويا ته پاڻ ڏاڍيءَ نزاڪت سان اڪڙجي هلندا ٿي ويا، سندن پيرن ۾ لوه جون وزني بيڙيون پيل هيون. ماڻهن ڪانئن اهڙي نموني اڪڙجي هلڻ جو سبب پڇيو، پاڻ فرمايائون ته مان اٿين انهيءَ لاءِ ٿو هلان، جو خيرگاه جي طرف وڃي رهيو آهيان، ڇو ته اها ٿي مون لاءِ وڏي خوش نصيبيءَ جي ڳالهه آهي. پوءِ نعرو هڻي هي شعر پڙهيائون.

فـديمي غير منسوب الـي شيء من الحيف ـ سقاني مثل ما يشرب كفعل الضيف بالضيف

فلما دارة الـكـاس دعـا بالنطع ولصيف ـ كــــذا من يضرب الـراح مـن التنين بالصيف

روايت آهي ته جڏهن حضرت منصور رح. کي سوليءَ جي ويجهو وٺي ويا، تڏهن حضرت جن پهربائين سوليءَ کي ٻوسو ڏنو پوءِ ڏاڪڻ تي قدم رکي فرمايائون ته ”سولي مردن جو معراج آهي“ پوءِ قبلي جي طرف منهن ڪري ڪجهه چيائون. ان کان پوءِ مريدن ڪانئن پڇيو ته اسان لاءِ ڇا حڪم آهي، ۽ منڪرن جي متعلق ڇا ارشاد آهي؟ فرمايائون ته ”منڪرن کي ٻه ثواب ملندا، پر توهان کي هڪ. ڇاڪاڻ ته توهان ماڻهو مون سان حسن ظن رکو ٿا، مگر

منڪر ماڻهو توحيد ۽ شريعت ٻنهي سان حسن ظن رکن ٿا. ان کان پوءِ حضرت شبلي رحہ وٽن آيا ۽ کانئن پڇيائون تہ ”تصوف جو گهٽ ۾ گهٽ درجو ڪهڙو آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ جيڪي ڏسي رهيو آهين. وري شبلي رحہ کانئن پڇا ڪئي تہ پلا اعليٰ درجو ڇا آهي؟ فرمايائون تہ ان تائين تنهنجي رسائي نہ ٿي سگهندي. ان کان پوءِ هر شخص حضرت منصور رحہ کي پٿر هڻڻ شروع ڪري ڏنا. شبلي رحہ بہ شريعت کي مدنظر رکي حضرت منصور رحہ کي هڪ گل ڪڍي هنيو، گل جي لڳندي ئي آہ ڪيائون. ماڻهن کانئن پڇيو تہ گل لڳڻ سان اوهان آہ ٻري هوڏانهن اوهان کي پٿر لڳايا ٿا وڃن تہ ان جي پرواہ بہ ڪونہ ٿا ڪريو، انهيءَ جو سبب ڇا؟ فرمايائون تہ اهي ماڻهو مون کي ڪونہ ٿا سڃاڻن، ڇاڪاڻ تہ اهي معذور آهن. مگر شبلي رحہ تہ سڀ ڪجهہ ڄاڻي ٿو، تنهن ڪري هن جو گل مون کي ڏکيو معلوم ٿيو. جڏهن حضرت منصور رحہ جا هٿ سوليءَ جي ڏاڪي کان جدا ڪيا ويا. يعني ڪپيا ويا، تڏهن پاڻ حضرت جن کليا. کانئن پڇيو ويو تہ هن وقت کلڻ جو ڪهڙو موقعو آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ آدم عليہ السلام کان وٺي اڄ تائين ڪيترن جا ئي هٿ ڪپيا ويا آهن ۽ اهي ڪپائڻ آسان آهن. مگر انهن کي گهرجي تہ اسان جي صفات وارا هٿ ڪپائين تہ خبر پوي. انهيءَ کان پوءِ حضرت جن جا پير ڪپيا ويا، تڏهن بہ پاڻ حضرت جن مشڪيا ۽ فرمايائون تہ انهن پيرن کان سواءِ منهنجا ٻيا پير بہ آهن، انهن کي تہ ڪپي ڏسو! ان کان پوءِ حضرت منصور رحہ پنهنجا خون آلوده هٿ پنهنجي منهن تي مليا ۽ فرمايائون تہ گهڻيءَ رت وهڻ سبب ممڪن آهي تہ منهنجو چهرو زرد ٿي ويو هجي، انهيءَ ڪري منهن کي خون سان رنگيو اٿم تہ جيئن سرخرو ٿيان. ماڻهو بہ اهو گمان نہ ڪن تہ موت کان ڊڄي سندس رنگ زرد ٿي ويو آهي. جڏهن حضرت منصور رحہ جون اکيون ڪڍيون ويون، تڏهن هڪ لهر جو مانر برپا ٿي ويو. ان کان پوءِ حضرت جن جي زبان کي ڪپڻ جي تياري ڪئي وئي، تنهن تي پاڻ فرمايائون تہ ڪجهہ صبر ڪريو. پوءِ هيئن چيائون ”الاهي! محض تنهنجي خاطر هي ماڻهو مون کي تڪليف ڏيئي رهيا آهن، تون پنهنجي فضل ۽ ڪرم کان انهن کي محروم نہ رک، ڇاڪاڻ تہ انهن ماڻهن تنهنجي شريعت جي خاطر مون کي تڪليف ڏني آهي. جڏهن حضرت منصور رحہ جو روح قفس عنصريءَ مان پرواز ڪري ويو، تہ ان وقت سندن جسم مان ”اناالحق“ جي صدا بلند ٿيڻ لڳي. ماڻهن چيو تہ اها حالت نهايت ئي خطرناڪ آهي ۽ حياتيءَ واريءَ حالت کان بہ وڌيڪ ڏکي آهي. ان کان بعد حضرت جن جي لاش کي جلايو ويو، مگر ان رک کان بہ ”اناالحق“ جو آواز صاف ٻڌڻ ۾ پئي آيو، جنهن کان ماڻهن کي وڌيڪ خطرو معلوم ٿيڻ لڳو. آخر حضرت جن جي خاڪ کي دجلہ درياہ ۾ وڌو ويو. جيئن ئي خاڪ کي دجلہ ۾ وڌو ويو تہ

"اناالحق" جي صدا پاڻيءَ مان بہ بلند ٿيڻ لڳي، ۽ درياھ جوش ۾ اچڻ لڳو. حضرت منصور رحہ جن اڳ ئي هڪ مريد کي وصيت فرمائي هئي تہ مائهو منهنجي خاڪ کي درياھ ۾ وجهندا ۽ خاڪ وجهڻ سان ئي درياھ جوش ۾ اچي بغداد جي طرف وڌڻ لڳندو. پوءِ شهر ۽ اتان جي ماڻهن کي ٻوڙي غرق ڪري ڇڏيندو، تنهن ڪري جڏهن بہ توهان اهڙي حالت ڏسين تہ هڪدم منهنجو پهراڻ دجلہ جي طرف ڪري جهلجانءِ تہ درياھ ۽ درياھ جو جوش ختم ٿي ويندو. جڏهن خادم کي اها حالت نظر آئي، ۽ شهر ۾ پاڻيتال پهچي ويو تڏهن خادم چيا ڪيو جو حضرت جن جي پهراڻ کي دجلہ جي طرف ڪئي ويو، جنهن کي ڏسندي ئي درياھ جو جوش لٿو ٿي ويو ۽ پاڻي پنهنجي اصلي حالت ۾ اچي پوئتي موٽي ويو.

هڪ بزرگ فرمائي ٿو تہ جڏهن حضرت منصور رحہ سان اهڙو معاملو پيش آيو، تہ خدا جائي تہ انهن ڪوڙن مدعين کي ڇا پيش ايندو.

هڪ ٻيو بزرگ فرمائي ٿو تہ قيامت جي ڏينهن منصور رحہ کي جڪڙي وٺي ايندا. جيڪڏهن هن کي کليو رهڻ ڏنو ويو تہ آفت برپا ٿي ويندي. هڪ بزرگ فرمائي ٿو تہ مان درگاھ الاهيءَ ۾ مناجات ڪئي تہ خداوند ڪريم! ڪهڙو سبب هو، جو منصور رحہ کي اهڙي سزا ڏني وئي! هاتفي آواز آيو تہ اسان کيس هڪ راز کان مطلع ڪيو هو، مگر هن راز فاش ڪري ڇڏيو، تنهن ڪري اهڙن ماڻهن جي، جيڪي بادشاهن جي راز کي فاش ڪن اها ئي سزا هوندي آهي.

ڪنهن بزرگ حضرت منصور رحہ کي خواب ۾ ڏسي پڇيو تہ الله تعاليٰ توهان سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو؟ فرمايائون تہ مون کي صدق جي مقام تي بيهاري انعام ۽ اڪرام سان نوازيو ويو. وري ماڻهن ڪانئن دريافت ڪيو تہ انهن ماڻهن سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو ويو، جن توهان کي سوليءَ تي چاڙهيو هو؟ فرمايائون تہ انهن محض حق لاءِ ائين ڪيو هو، تنهن ڪري انهن تي بہ رحمت ڪئي وئي، ڇاڪاڻ تہ اهي حق جي سبب معذور هئا.

نقل آهي تہ جڏهن حضرت منصور رحہ کي سوليءَ تي چاڙهيو ويو، ان وقت ابليس لعين وٽن آيو ۽ پڇيائين تہ مان صرف "انا خير" چيو تہ لعنت جو طوق منهنجي ڳچيءَ ۾ وڌو ويو، مگر تو "اناالحق" چيو تہ تو کي صدق جي مقام تي جاھ ملي، سو اهڙي قدر تفاوت جي معنيٰ ڇا ٿي سگهي ٿي؟ حضرت جن فرمايو تہ اي لعين! تو پنهنجي طرفان "انا خير" جو لفظ استعمال ڪيو هو، ليڪن مان پنهنجو پاڻ مان خوديءَ کي متائي "اناالحق" چيو آهي، ابهيءَ ڪري مون تي رحمت ڪئي وئي، ۽ تو کي قيامت تائين لعنت جو طوق وڌو ويو.

* ذڪر حضرت ابو بڪر واسطي رحمت الله عليه *

حضرت ابو بڪر واسطي رحہ پنھنجي عھد جا نهايت ئي ڪامل ۽ بزرگ هستي ٿي گذريا آهن. حقائق ۽ معارف ۾ سندن قدم سڀ کان مٿي هو. بلڪل تنهائيءَ ۾ رهندڙ ۽ توحيد پرست هئا، مگر ”واسط“ ۾ مقيم هئا، ان ڪري واسطيءَ جي خطاب سان مشهور ٿي ويا. پاڻ ڪيترن ئي علمن ۾ ڪامل هئا. حضرت ابو بڪر رحہ جن عبادت گهري، اشارات مشڪل، معاني عجيب ۽ بلند ڪمالات رکندڙ هئا، رياضت ۽ مجاهدي ۾ به پنھنجو مٽ پاڻ هئا. توحيد جي متعلق حضرت جن کان وڏيڪ گفتگو ٻئي ڪنهن به ڪونه ڪئي آهي.

نقل آهي ته حضرت ابو بڪر رحہ قريباً ستر شهرن مان جنهن به شهر ۾ ويا ٿي ته ڪين اتان نيڪاليَ ٿي ڏني ويئي، ڇاڪاڻ ته سندن ڪلام ڪنهن کي به سمجهه ۾ نه ايندو هو.

فرمائن ٿا ته ديني مسئلي جي سوچ لاءِ هڪ باغ ۾ ويس، ته اتي هڪ جيت منهنجي مٿان اُڏرڻ لڳو، مان ان کي جهٽ ڏيئي پڪڙي ورتو. ان کان پوءِ هڪ ٻيو جيت آيو، جيڪو منهنجي سر مٿان لامارا ڏيئي سان گڏوگڏ رڙيون ڪرڻ لڳو. مان ائين سمجهيو ته شايد منهنجي مٽ وارو جيت، منهنجي مٿان ڦرندڙ جيت جو يا ته ٻچو يا مادي يا نر آهي. تنهن ڪري مان ترس کائي هن کي ڇڏي ڏيڻ لاءِ جيئن ئي مٺ کولي ته ان جيت کي مئل ڏٺم. اهو حال ڏسي بيحد اداس ٿي ويس، هڪ سال تائين انهيءَ غلطان، ويچار ۽ حيرانيءَ ۾ رهيس. آخر هڪ رات جناب رسالت ماب صلي الله عليه وسلم جن کي خواب ۾ ڏٺم. اهو معاملو سندن خدمت ۾ عرض ڪيم، جواب مليو ته درگاه رب العزت ۾ هڪ جيت تنهنجي شڪايت ڪئي آهي، تنهن ڪري توتي سرگرداني ۽ پريشاني غالب ڪئي ويئي آهي، عذر ڪرڻ کان ڪوبه فائدو ڪونه ٿيندو. آخرڪار ڪجهه عرصي کان بعد حضرت ابو بڪر رحہ جي گهر ۾ هڪ ٻليءَ ٻچا ڄڻيا. هڪ ڏينهن هڪ نانگ، ان ٻليءَ جي هڪ ٻچي کي سوگهو جهليو، مان اهو منظر ڏسي يڪدم ان ٻچي کي نانگ کان ڇڏائي ورتو. انهيءَ ڏينهن کان پوءِ منهنجي حالت بهتر ٿيڻ شروع ٿي ۽ نيٺ بلڪل تندرست ٿي ويس. خواب ۾ ٻيهر جناب حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي جمال با ڪمال کان سرفراز ٿيس، تڏهن وري پويون معاملو عرض ڪيم. فرمايائون ته ٻليءَ، دربار الاهيءَ ۾ تنهنجي سفارش ڪئي، تنهن ڪري تون تندرست ٿي ويو آهين.

نقل آهي ته هڪ ڏينهن پاگل خاني ۾ هڪ پاگل کي ڏٺائون، جيڪو زور سان نعرا هڻي رهيو هو. حضرت جن ان پاگل کي فرمايو ته ايتري قدر وزن دار ٻيڙيون تنهنجي پيرن

۾ پيون آهن تڏهن به تون ايڏي زور سان نعرو هڻي رهيو آهين؟ پاڳل جواب ڏنو تہ ھيڙيون تہ پيرن ۾ پيل آهن، دل ۾ تہ نہ آهن. فرمائن ٿا تہ انهيءَ چيز جي طلب نہ ڪريو، جا خود توهان جي طلب ۾ آهي. انهيءَ شيءِ ڪان اصل نہ ڀڄو، جيڪا خود توهان ڪان ڀڄي ٿي. توهان ان ڪان فقط ان ڪي ٺي گهر ڪريو. جڏهن اهو توهان جو ٿي ويندو، تڏهن سڀ شيون توهان جون ٿي وينديون.

فرمائن ٿا تہ جهڙيءَ طرح عورتن ڪي حيض اچي ٿو، اهڙيءَ طرح مريدن جي ارادن ۾ بہ پليتي اچي ٿي، جيڪا قول جي سبب ڪان ٿئي ٿي. انهيءَ ۾ ڪجهہ اهڙا ماڻهو هوندا آهن جي هميشه انهيءَ حالت ۾ رهندا آهن ۽ ڪڏهن بہ پاڪ ڪونہ ٿيندا آهن، ۽ ڪي اهڙا بہ ماڻهو هوندا آهن جي هميشه پاڪ رهندا آهن، انهن ڪي ڪڏهن بہ حيض يعني پليتي نٿي اچي.

فرمائن ٿا تہ اسان جو ڪلام انهيءَ شخص جي متعلق آهي، جيڪو غيب جي زبان حاصل ڪرڻ جو دعويدا آهي. مرد اهڙو هجڻ گهرجي، جو ڳالهائڻ وارو خاموش ۽ خاموش ڳالهائڻ وارو ٿئي. اول زبان جو چشمو بند ڪريو تہ دل جو چشمو کلي. ان ڪري مرد صادق ڪي پير جي خاموشيءَ ڪان زياده فائدو حاصل ٿيندو آهي؛ بنسبت هن جي گفتگوءِ ڪرڻ جي.

فرمائن ٿا تہ جنهن جنهن ڪم ۾ توهان جي دل نفس سان موافق هجي تہ انهيءَ ڪم ڪي دل ڪان هٽائي ڇڏيو.

فرمائن ٿا تہ چار شيون عارف جي حال جي لائق ۽ مناسب نہ آهن: زهد، صبر، توڪل ۽ رضا. ان جو سبب هي آهي تہ اهي چار ٺي شيون قالب سان تعلق رکندڙ آهن. پر روح انهن ڪان پاڪ ۽ صاف آهي. فرمائن ٿا تہ ازل ۽ ابد جو بندو بڻجڻ، اخلاص، صفا، صدق ۽ حيا جي بندي هئڻ ڪان بهتر آهي.

فرمائن ٿا تہ تجريد ۽ توحيد تي نظر هئڻ ڪان وڌيڪ بهتر آهي، حق جي راه ۾ نابود ٿي وڃڻ.

فرمائن ٿا تہ جنهن شخص واحد جي وحدانيت ڪي دريافت ڪيو، اهو حق تعاليٰ جو مقصود ٿي ويو ۽ جنهن ان جي صفت جلال ڪي دريافت ڪيو، ان جو مقصود الله تعاليٰ ٿي وڃي ٿو.

فرمائن ٿا تہ ماڻهو چئن قسمن جا آهن: هڪ قسم جا اهي ماڻهو آهن، جن سڃاتو، طلب ڪيو، ۽ حاصل ڪيو. ٻيو قسم اهي آهن، جن طلب ڪيو، پر حاصل ڪونہ ڪيو. ٽيون قسم اهو آهي، جن حاصل ڪيو، پر ڪنهن ٻئي تي هن جو اطمينان بہ نہ ٿي سگهيو. چوٿون قسم اهي ماڻهو آهن، جن سڃاتو، مگر طلب نہ ڪيو. فرمائن ٿا تہ جيڪو شخص خدا جي عبادت بهشت

جي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪري ٿو، اهو نفس جو مزدور آهي.

فرمائن ٿا ته خدا کان زياده اهو پري آهي، جيڪو ان کي گهڻو ياد ڪري ٿو. فرمائن ٿا ته صادق جي علامت هيءَ آهي ته رهي پاڻرن سان گڏ، مگر دل خدا سان گڏ هجيس. خلق عظيم لاءِ فرمائن ٿا ته خلق عظيم اهو آهي، ته نه هن کي ڪنهن لاءِ خصومت هجي ۽ نه هن لاءِ ڪنهن کي دشمني هجي. وفات جي وقت ماڻهن کانئن وصيت طلب ڪئي، فرماياٺون ته خدا جو خيال رکو ۽ پنهنجي وقت ۽ نفس جو خيال رکو.

* ذڪر حضرت ابو عمر نخيل رحمت الله عليه *

حضرت ابو عمر رحه وقت جي اڪابر مشائخن ۽ بزرگان اصحاب تصوف مان هئا، ورع ۽ معرفت ۾ ڪمال درجو رکندڙ هئا. پاڻ نيشاپور جا رهاڪو هئا. حضرت جنيد رحه کي ڏٺو هئائون، پاڻ حضرت جن ابو عثمان رحه جا مريد هئا.

نقل آهي ته هڪ دفعي ابوالقاسم رحه ۽ پاڻ حضرت ابو عمر رحه راڪب هڏي رهيا هئا، ابو عمر رحه، ابوالقاسم رحه کان پڇيو ته راڪب چو ٿا هڏو؟ ابوالقاسم فرمايو ته راڪب هڏڻ انهيءَ ڳالهه کان بهتر آهي، جو پاڻ ۾ ويهي غيبت ڪريون. حضرت ابو عمر رحه عهد ڪري ڇڏيو هو ته چاليهن سالن تائين، خدا پاڪ کان، هن جي رضا کان سواءِ ڪجهه نه گهرندس. هڪ دفعي سندن ڌيءَ، جا عبدالرحمان رحه جي نڪاح ۾ هئي، بيمار ٿي پيئي. ڪيترو ئي علاج ڪرايو ويو، مگر ڪو فائدو ڪونه ٿيو. هڪ رات خاوند پنهنجي بيمار گهرواريءَ کي چيو ته تنهنجي بيماريءَ جي دوا، تنهنجي پيءُ وٽ آهي. هن چيو ته ڪهڙيءَ طرح؟ خانوند چيو ته جيڪڏهن هو ڪو گناه ڪري ته تون شفاياب ٿي سگهين ٿي، گهر واريءَ چيو ته اها ته تمام عجيب ڳالهه آهي. خانوند چيس ته چاليهه سال ٿيا، جو هن عهد ڪيو آهي ته هو خداوند ڪريم جي رضا کان سواءِ ڪجهه نه طلب ڪندو. بس جيڪڏهن عهد کي ٽوڙي دعا گهري نه تون شفا حاصل ڪري سگهندينءَ. اها ڳالهه ٻڌي حضرت ابو عمر رحه جي ڌيءَ ٻڪدم پيءُ جي گهر آئي. اهو وقت اڌ رات جو هو. حضرت ابو عمر رحه اهو ڏسي ڌيءَ کان پڇيو ته پٽ! ويهن سالن کان پوءِ اڄ هت ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟ ڌيءَ عرض ڪيو ته اوهان جهڙو شخص منهنجو پيءُ هجي، ۽ عبدالرحمان جهڙو مڙس نه پوءِ چونه مان پنهنجي صحت، تندرستيءَ ۽ زندگيءَ کي عزيز رکان ۽ جيئن مان اوهان ٻنهي کي چڱيءَ طرح ڏسي سگهان. اسرار الاهيءَ کي ٻڌان ۽ سٺي نموني خدا کي ياد ڪريان؛ ان لاءِ اوهان جي خدمت ۾ آئي آهيان ته اوهان

پنهنجي عهد کي ٽوڙي منهنجي صحت بابت لاءِ دعا گهرو. ڏيءُ جي اها ڳالهه ٻڌي حضرت ابو عمر رحہ فرمايو تہ عهد ٽوڙڻ روا نہ آهي، جيڪڏهن تون اڄ نہ مرندينءَ تہ آخر هڪ ڏينهن ضرور مرندينءَ، تنهن ڪري مُردي جو مرڻ وچن ٽي بهتر آهي، اي منهنجي پياري ڏيءُ هلي وڃ، مون کي گناهہ ۾ نہ وجهہ، جيڪڏهن مان عهد ٽوڙي ڇڏيو، تہ تون منحوس چوائيندينءَ. پيءُ جون اهي ڳالهيون ٻڌي مايوس ٿي، پيءُ کان رخصت وٺي گهر هلي آئي. خدا جي قدرت سان گهر پهچندي ئي سارو مرض غائب ٿي ويس، ۽ هوءَ بلڪل تندرست ٿي پيئي. پنهنجي پيءُ کان پوءِ بہ چاليهہ سال زنده رهي.

ابو عمر رحہ فرمائن ٿا تہ عبوديت ۾ ڪنهن جو بہ قدم راسخ (مضبوط) نٿو ٿي سگهي. جيستائينڪ بندو پنهنجي سيني ڪمن کي ريا ۽ حالات جي دعويٰ نہ سمجهي.

فرمائن ٿا تہ جيڪو فرض وقت تي ادا نہ ٿيندو، الله تعاليٰ ان جي لذت حرام ڪري ڇڏيندو آهي، يعني قضا ادا ڪرڻ ۾ اهڙ لذت نٿي ملي. فرمائن ٿا تہ جيڪو شخص الله تعاليٰ جي درگاهہ ۾ سڌو بيهي ٿو، اهو ڪڏهن بہ ڪُبو نٿو ٿي سگهي. برخلاف ان جي جيڪو ڪُبو هوندو، اهو ڪڏهن بہ سڌو نٿو ٿي سگهي.

فرمائن ٿا تہ جنهن شخص جو فڪر درست هوندو، تہ ان جي ڪلام ۾ صدق هوندو، ۽ ان جو عمل بہ اخلاص تي مبني هوندو. فرمائن ٿا تہ جيڪو شخص اهو دريافت ڪرڻ چاهي تہ خداوند ڪريم وٽ هن جي ڪيتري قدر عزت آهي تہ ان کي گهرجي تہ هو پنهنجي نفس جو امتحان وٺي، تہ خدمت جي وقت هن جي دل ۾ ڪيتري قدر خدا جو خوف آهي. پوءِ جيتري قدر خدا جو خوف دل ۾ هوندو، اوتري قدر درگاهہ الاهيءَ ۾ هن جي عزت هوندي. فرمائن ٿا تہ توڪل جو ڪمترين درجو خدا سان حسن ظن رکڻ آهي.

❁ ذڪر حضرت جعفر جلدي رحمت الله عليه ❁

حضرت جعفر رحہ وقت جا شيخ ۽ طريقت ۾ يگانہ هئا. حضرت جنيد رحہ جي اڪابر اصحابن مان هئا. حضرت جعفر رحہ فرمائن ٿا تہ مون وٽ هڪ سؤ ٽيهہ تصوف جا ديوان آهن. ڪنهن پڇيو ويو تہ ڇا اوهان وٽ محمد حڪيم ترمذيءَ جو ديوان بہ آهي. فرمايائون تہ ان جو ديوان مون وٽ ڪونهي، ڇاڪاڻ تہ مان هن کي صوفي نٿو سمجهان، بلڪ هو مشائخن ۾ امين ۽ مقبول هو.

نقل آهي تہ حمزه علوي، حضرت جن جو مريد هو، تنهن هڪ رات پنهنجي گهر وڃڻ

گهريو. پاڻ هن کي فرمايائون ته اڄ هتي ئي رهي پئه. مگر حمزه علوي بيحد اسرار ڪري هليو ويو، ڇاڪاڻ ته هن صبح جو پنهنجي ٻارڙن کي ڪڪڙ پچائي ڏيڻ ٿي گهريو، هن خيال ڪيو ته جيڪڏهن هو رات پير وٽ ئي رهندو، ته ٻليان سندس پچا ٻڪيا رهجي ويندا، تنهن ڪري گهر هليو آيو. صبح جو اٿي ڪڪڙ کي ذبح ڪيائين ۽ ان کي پچايائين، مگر عين انهيءَ وقت، جڏهن کائڻ لاءِ انهيءَ پڪل ڪڪڙ کي دسترخوان تي آندو ٿي ويو ته اهو اوچتو هيٺ ڪري پيو ۽ خراب ٿي پيو. حمزه علوي رحه هڪدم انهيءَ ڪريل ڪاڏي کي ڪٺي ڏوئي استعمال ڪرڻ ٿي گهريو، ته ايتري ۾ هڪ ڪتو آيو ۽ گوشت کي سونگهي گوشت کڻي ويو. حمزه علوي رحه انهيءَ خيال سان ته مبادا شيخ جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ ۾ دير ٿي وڃي، تنهن ڪري جلدي جلدي حضرت جن جي خدمت ۾ هليو آيو. حضرت جعفر رحه جن پنهنجي مريد حمزه غلويءَ کي ڏسي فرمايو ته، جيڪو شخص محض گوشت کائڻ جي خيال سان مشائخ جي دل ڏکائي، انجو گوشت ڪتا کڻي هليا ويندا آهن. مريد اهو ٻڌي انهيءَ وقت توبه ڪئي. انکان پوءِ هڪ رات حضور پر نور صلي‌الله عليه وسلم جن کي خواب ۾ ڏسي عرض ڪيائون ته تصوف ڇا آهي؟ جواب مليو ته اها حالت جنهن ۾ عين ربوبيت ظاهر ٿئي ۽ عين عبوديت نيست نظر اچي. تصوف جي معنيٰ نفس کي عبوديت ۾ وجهي ڇڏڻ ۽ بشريت کان جدا ٿي محض خدا تي نظر رکڻ آهي.

فرمائن ٿا ته جڏهن درويش کي کائڻ تي حرص ڪندو ڏسجي ته سمجهڻ گهرجي ته تن ڳالهين کان خالي نه آهي. پهريون ته هو گذريل وقت ۾ اهڙو نه هو، جهڙو هئڻ گهرجي. ٻيو ته ان کان بعد هو راه مستقيم تي قائم نه رهندو. ٽيون ته هن جو حال موافقت نٿو رکي. توڪل جي متعلق فرمائن ٿا ته ڪنهن به چيز جي هجڻ يا نه هجڻ يعني ٻنهي حالتن ۾ بلڪ نه هجڻ واريءَ صورت ۾ خاص ڪري وڌيڪ خوشي ٿئي. ڪائنن فتوت جي معنيٰ پڇي ويئي ته فرمايائون ته نفس کي حقير سمجهڻ ۽ مسلمان جي حرمت کي بزرگ رکڻ. عقل جي متعلق فرمائن ٿا ته عقل اهو آهي، جيڪو اوهان کي هلاڪت جي مقام کان پري رکي. سعي (ڪوشش) جي معنيٰ بابت فرمايائون ته نفس جي لاءِ اصرار نه ڪريو، بلڪ پنهنجن ٻاڙن لاءِ اصرار ڪريو، ڇاڪاڻ ته شريف، همت جي سببان مردان خدا جي مقام تائين پهچي سگهن ٿا.

فرمائن ٿا ته جيستائين بندو نفس جي لذت حاصل ڪري ٿو، تيستائين معامله جي لذت کان محروم رهي ٿو. جيڪو شخص پنهنجي معرفت ۾ جهد نٿو ڪري، ان جي خدمت مقبول نٿي ٿئي.

فرمائن ٿا ته جنهن شخص جو روح صلاحڪار ٿيندو آهي، اهو هر حال ۾ نفس کان صدق

جو مطالبو ڪندو آهي. جنهن کي معرفت جو روح حاصل ٿئي ٿو، اهو هر ڪم ۾ صرود ۽ ورود جي مقام کي ڇاڻي ٿو. جنهن کي روح مشاهده ملي ٿو، اهو علم الاهيءَ ڪان مڪرم ٿي وڃي ٿو.

نقل آهي ته حضرت جعفر رحه وٽ هڪ ٽڪ هئي، جا هڪ ڏينهن دجله درياه ۾ ڪري پين. پاڻ دعا گهريائون ته ان جي طفيل اها ٽڪ سندن هڪ ڪتاب ۾ ملي وئي. حضرت جعفر رحه جن جي مزار شهر شونيزيه ۾ آهي، جتي حضرت سري سقطي رحه ۽ حضرت جنيد بغدادي رحه جن جون به مزارون آهن.

* ذڪر حضرت ابوالخير قطع رحمت الله عليه *

حضرت ابوالخير رحه اڪابر مشائخن ۾ شمار ڪيا وڃن ٿا، ڪرامت ۽ رياضت ۾ بي حد ۽ بي حساب هئا، ڪمال فراست رکندڙ هيا، ابن خلد رحه جي صحبت جا تربيت يافته هئا، وحشي جانورن پکين ۽ ٻين جانورن جو حضرت جن سان بيحد انس هوندو هو.

فرمائن ٿا ته مان ڪوهه لبنان تي رياضت ڪندو هوس، اتان جو بادشاه جڏهن به انهيءَ هنڌان اچي لنگهندو هو ته جنهن کي به ڏسندو هو، تنهن کي هڪ دينار ڏيندو هو. آخر هڪ ڏينهن مون کي ڏٺائين ۽ هڪ دينار منهنجي جهوليءَ ۾ اڇلايائين. مان اهو دينار پنهنجي هڪ رفيق کي ڏيئي ڇڏيو. ان کان پوءِ هڪ ڏينهن مان شهر ۾ آيس، اتفاق سان اتي بغير وضوء جي قرآن ڪريم کي منهنجو هٿ لڳي ويو. بازار ۾ ڏٺم ته صوفين کي چوريءَ جي شبه ۾ گرفتار ڪري وٺي ويا، اهو ڏسي مان وڌي وڃي چيو ته مان انهن سڀني جو سردار آهيان، تنهن ڪري توهان انهن سڀني کي ڇڏي ڏيو ۽ مون کي گرفتار ڪري هلو. تنهن تي ٻين صوفين کي ڇڏي مون کي ٻڪڙي وٺي ويا. پوءِ چوريءَ جي ڏوه ۾ سزا طور منهنجو هٿ ڪپيو ويو. جڏهن گهر جي مائهن کي اهو حال معلوم ٿيو، ته اهي افسوس ڪرڻ لڳا. مان انهن کي فرمايو ته افسوس ڪرڻ جي ضرورت نه آهي، هي ته پاڻ خوشيءَ ۽ مبارڪيءَ جو وقت آهي. شڪر ڪريو جو الله تعاليٰ دل کي نه ڪپيو آهي. هن هٿ سان مان خيانت ڪئي هئي، جو دينار رفيق کي ڏيئي ڇڏيو هو ۽ قرآن کي بغير وضوءَ جي ڇهيو هو. مطلب ته هٿ ڪٽجي وڃڻ سبب سندن هٿ نهايت زخمي ٿي پيو. مائهن کين مشورو ڏنو ته ان هٿ کي بلڪل ٻانهن کان علحده ڪري ڇڏڻ گهرجي، تنهن تي پاڻ فرمايائون ته اهو نيڪ آهي. مان جڏهن نماز ۾ بيهان، تڏهن منهنجو هٿ بلڪل ڪپي ڇڏجو، آخر ائين ڪيو ويو. هٿ کي بلڪل ڪپيل ڏسي

فرمايائون ته اٿين ڪرڻ کان سواءِ دل صاف ٿي نه سگهي ها.

فرمائن ٿا ته هڪ دل ايمان جي جڳهه آهي، انهيءَ جي نشاني هيءَ آهي، ته تمام مسلمانن تي شفقت ڪري، ۽ هڪ دل نفاق جي جڳهه آهي جنهن جي نشاني بغض حسد ۽ شور غل آهي. فرمائن ٿا ته غرور هڪ اهڙي چيز آهي، جنهن کي پهاڙ به برداشت نٿو ڪري سگهي، فرمائن ٿا ته ڪوئي شخص ڪنهن اعليٰ مرتبي کي هرگز پهچي نٿو سگهي، جيستائين خداوند ڪريم جي حڪمن تي قائم نه رهي، عبوديت جا آداب بجا نه آڻي ۽ بيهي الاهي فرضن کي ادا نه ڪري. ٿنهن ڪري لازمي آهي ته صالحن جي صحبت اختيار ڪجي ۽ برن کان بچجي.

* ذڪر حضرت ابو عبدالله محمد بن الحسن التروغندي رحمت الله عليه *

حضرت جن شاهدن ۾ صادق، عارفن ۾ عاشق، ۽ يگانهٔ عهد هئا، پاڻ حضرت جن طوس جي اڪابرن مان آهن. ورع، تقويٰ ۽ تجريد ۾بيحد ڪامل هئا. رياضت تمام گهڻي ڪندا هئا، سندن ڪرامتون بيشمار آهن، نهايت ئي خليق هئا، حضرت جن ڪيترن ئي مشائخن کان فيض حاصل ڪيو آهي.

فرمائن ٿا ته صوفي، خدا جي اعتبار سان ٿيندو آهي ۽ زاهد، نفس جي زهد جي اعتبار سان. فرمائن ٿا ته الله تعاليٰ هر انسان کي ديني معرفت جو حصو انهيءَ حالت جي اعتبار جي لحاظ کان ڏنو آهي، جو هن کي درپيش آهي، ۽ ان جي مدد جو انتظام، مصيبت ۾ انهيءَ جي معرفت جي لحاظ کان ڪيو آهي، تان ته مصيبت ۾ هن جي مدد ڪري سگهي. فرمائن ٿا ته جيڪو شخص جوانيءَ ۾ احڪام الاهيءَ کي ادا نٿو ڪري ته پيريءَ ۾ حق تعاليٰ ان کي رسوا ۽ بدنام ٿو ڪري. جيڪو شخص، صدق دل سان ڪنهن ڏينهن. ڪنهن خدا واري جي خدمت ڪري ٿو، ته ان جي برڪت ان سان سڄي عمر رهي ٿي. پوءِ پلا انهيءَ شخص جو ڪهڙو نه سٺو انجام ٿيندو، جيڪو ساري عمر مردان خدا جي خدمت ۾ صرف ڪري ٿو.

فرمائن ٿا ته خدا تائين، سواءِ خدا جي پيو ڪو وسيلو ڪونهي. فرمائن ٿا ته جو شخص دنيا جي حڪومت ۽ عزت جي خاطر ترڪ ڪري ٿو، اهو چڻ ته انتها درجي جي محبت دنيا سان ظاهر ڪري ٿو.

* ذکر حضرت قطب‌الاولياء ابي اسحاق ابراهيم بن شهريار * گازاوني رحمت‌الله عليه

حضرت جن اهل طريقت ۽ حقيقت جا اعليٰ پيشوا هئا، سندن مناقبن ۽ فضائلن جو اندازو لڳائڻ ناممڪن آهي. پاڻ حضرت جن هر حال ۽ هر ڪيفيت ۾ ڪامل هئا، ڪيترن ئي مشائخن جي صحبت حاصل ڪري فيض حاصل ڪيائون. اڄ تائين سندن تربت کي ”ترياق اڪبر“ چوندا آهن. چاڪاڻ ته سندن مزار تي جيڪا به دعا گهري ويندي آهي، الله تعاليٰ ان کي پنهنجي فضل سان قبول فرمائيندو آهي.

نقل: آهي ته جڏهن حضرت جن پيدا ٿيا، ته ماڻهن سندن گهر ۾ هڪ قسم جو نور (روشنائي) ڏٺي، جا آسمان تائين مليل هئي. حضرت جن جا والدين مسلمان هئا، پر سندن ڏاڏو آتش پرست هو. ٻاراڻي اوستا ۾ والدين کين پڙهڻ لاءِ مڪتب ۾ ويهاريو، مگر ڏاڏو حضرت جن کي منع ڪندو هو ته قرآن نه پڙهه؛ بلڪ پيو ڪو ڪم سک ته جيئن مفلسي دور ٿي وڃي. ليڪن حضرت جن قرآن ڪريم پڙهڻ پسند ڪيو. سندن تحصيل علم جو شوق اهو هو جو تمام ٿوڙي عرصي ۾ نه صرف پنهنجن هڪ جيڏن کان گوءِ کڻي ويا، بلڪ اڳين پڙهندڙن کان به وڌي ويا.

فرمائن ٿا ته جيڪو شخص جوانيءَ ۾ الله تعاليٰ جو فرمانبردار هوندو، اهو پوڙهائپ ۾ به الله تعاليٰ جو ئي تابعدار رهندو. ان جو باطن معرفت جي نور سان منور هوندو. برخلاف انجي جيڪو شخص جوانيءَ ۾ ڪفر ۽ ذلالت ۾ مبتلا رهندو، پوءِ جيڪڏهن پيريءَ ۾ توبه به ڪئي ڪندو، ته به ان کي مطيع (فرمانبردار) ته چوندا، مگر حڪمت جي حقيقت دير سان ۽ گهٽ حاصل ٿيندس. فرمائن ٿا ته ابتدا کان ئي منهنجي دل چاهيندي هئي، ته مان ڪنهن جو حلقہ بگوش يعني غلام ۽ فرمانبردار ٿي رهان، تنهن ڪري ان ڳالهه لاءِ مان استخاره ڪيو ۽ خدا کان دعا گهري ته پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان ڪجهه مطلع (آگاهي) ڪر، ته هنن ٽن مان ڪنهن جي به مطابعت ڪريان: عبدالله حنيف رحہ، حارس محاسبي رحہ ۽ ابو عمرو رحہ. انهيءَ رات مان خواب ڏٺو، جنهن ۾ ڏسان پيو ته هڪ شخص، عبدالله حنيف رحہ جا ڪتاب کڻي مون وٽ آيو آهي. صبح ٿيڻ تي مان ان خواب جو مطلب سمجهي ورتو ۽ حضرت عبدالله حنيف رحہ جي خدمت ۾ حاضر ٿي کين پنهنجي ارادن کان آگاه ڪيو.

ابتدا ۾ حضرت جن جي والد، حضرت جن کي چيو تہ پٽ! تون مفلس آهين، ايتري قدر مالي حيثيت بہ ڪونہ ٿو رکين. ان ڪري بهتر ائين آهي، تہ درويشي طريقي کي ڇڏي ڏي. چاڪاڻ تہ مفلسيءَ جي سبب تون مسافرن ۽ مهمانن جي خدمت نہ ڪري سگهندين، اهو ٻڌي پاڻ حضرت جن خاموش رهيا.

هڪ ڏينهن حضرت جن وٽ ڪجهہ مهمان آيا، مگر ان وقت گهر ۾ ڪجهہ بہ ڪونہ هو، جو مهمانن کي کارائين. شام بہ اچي تي هئي، ايتري ۾ غيب کان هڪ شخص ظاهر ٿيو ۽ اچي جون ڏهہ ڳوٿيون ۽ ڪجهہ ٻيو کاڌي جو سامان ڏيئي هليو ويو ۽ چئي ويو تہ اهو کاڌو فقيرن جي خدمت ۾ ڪم آڻ. اها حالت ڏسي حضرت جن جي والد کي اطمينان حاصل ٿيو، نہ فقط ايترو، پر نوڪريءَ کي بہ جواب ڏيئي ڇڏيائين، ۽ پاڻ کي خلق جي خدمت ۾ لڳائي ڇڏيائين.

نقل آهي تہ جڏهن حضرت جن مسجد تعمير ڪرڻ جو ارادو ڪيو، تڏهن خواب ۾ ڏٺائون تہ حضور پر نور صلي الله عليه وسلم جن ان مسجد جو بنياد رکي رهيا آهن. ٻيءَ رات وري خواب ۾ ڏٺائون تہ جناب سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم جن پنهنجي اصحابنؓ سميت تشريف فرما ٿيا آهن، انهيءَ ڪري حضرت جن ان مسجد کي تمام وسيع ڪرائي ڇڏيو. حضرت جن جي هٿ تي ڪيترن هزارن غير مسلم ماڻهن ايمان آندو.

فرمائن ٿا تہ مرده اهو آهي، جيڪو ڏي ۽ وٺي، ۽ اڌ مرده اهو آهي، جيڪو نہ ڏي ۽ نہ وري وٺي. فرمائن ٿا تہ ٽن قسمن جا ماڻهو ڪڏهن بہ فلاح نٿا پائي سگهن. هڪ بخيل ٻيو ڪاهل ۽ ٽيون ملول.

فرمائن ٿا تہ ڪوشش ڪريو، جيڪڏهن توهان اڳين جهڙا نٿا ٿي سگهو، تہ گهٽ ۾ گهٽ انهن جا دوست تہ بڻجي وڃو. نقل آهي تہ انهن ڏينهن ۾ هڪ ماڻهو شينهن کي ٻڌي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ ڪاهي ويندو هو. هڪ ڏينهن حضرتؒ جن جي ان شير تي نظر پيئي، شير کي اهڙيءَ حالت ۾ ڏسي کيس چيائون تہ، توکان گناه سرزد ٿيو آهي؛ ان ڪري گرفتار ٿيو آهين. پوءِ فرمايائون تہ اي انسانو! پنهنجي طاقت تي ڀروسو نہ ڪريو، شيطان ڪيترا ئي چار ڪٽي توهان تي حملہ ڪندو رهي ٿو، مگر توهان ان جي چار کي هرگز نٿا ڏسي سگهو. فرمائن ٿا تہ جنهن شخص تي نفساني شهوت غالب ٿئي، ان کي گهرجي تہ نڪاح ڪري تہ جيئن امن ۾ رهي. ليڪن منهنجي نزديڪ عورت ۽ ديوار برابر آهي.

فرمائن ٿا تہ جيڪو شخص دنيوي سلطان جي اڳيان گستاخي ڪري ٿو، اهو ان جو فرمانبردار نہ آهي، پوءِ هن جي حالت هر ڪو سمجهي سگهي ٿو تہ انهيءَ شخص جي اهڙيءَ

گستاخيءَ جي سزا ڪهڙيءَ طرح برداشت ڪرڻي پوندي. هاڻي انهيءَ شخص جو ڪهڙو حال ٿيندو، جيڪو احڪم الحاڪمين جي حڪم جي انحرافي ڪري ٿو.

فرمائن ٿا ته سخيءَ جي جهولي ڪشادي هوندي آهي، ۽ سندس هٿ به ڪشادا هوندا آهن. مگر بخيل جي جهولي ۽ هٿ ٻئي بند هوندا آهن، ۽ بهشت جا دروازا به هن لاءِ بند هوندا آهن.

* بخيل از بود زاهد و بحر و بر ــ بهشتي نباشد بحکم خبر *

فرمائن ٿا ته ٽئن شخصن جي اڪيان خالي هٿ نه وڃو. عيالدار، بيمار، صوفي ۽ سلطان.
فرمائن ٿا ته خدا جو دوست، ڪڏهن به دنيا جو دوست، ۽ دنيا جو دوست ڪڏهن به خدا جو دوست نٿو ٿي سگهي.

فرمائن ٿا ته عبادت نفس جو خطو آهي، ۽ اشارت روح جو خطو آهي. عبادت بدن جو ٿالو آهي، ۽ اشارت روح جو فعل آهي.

ماڻهن ڪانئن دريافت ڪيو ته جڏهن رزق مقصوم (تقسيم) ٿي چڪو آهي، ته پوءِ حق تعاليٰ ڪان هن جي طلب ڪرڻ يا سوال ڪرڻ جا معنيٰ رکي ٿو؟ پاڻ انهن جي جواب ۾ فرمايائون ته جيئن مومن جو عز ۽ شرف ظاهر ٿئي.

نقل آهي ته هڪ ڏينهن پاڻ حضرت جن ڪنهن طرف وڃي رهيا هئا ته ڪيترا ئي ماڻهو سندن زيارت لاءِ گڏ ٿي ٿيندا ويا، جن ۾ ننڍا ٻار به هئا. ڪنهن ڪانئن پڇا ڪئي ته اي حضرت ڪم عقل معصوم ٻار اوهان کي ڪيئن سڃاڻن ٿا؟ فرمايائون ته انهيءَ ڪري سڃاڻن ٿا جو رات جو جڏهن هو ننڊ ۾ محو هوندا آهن، ته انهن لاءِ ٻيهي اصلاح ۽ برڪت جي دعا گهرندو رهندو آهيان.

فرمائن ٿا ته ايمان خاص آهي، ۽ اسلام عام آهي. ڪنهن حضرت جن کان پڇيو ته جيڪڏهن بادشاهه، يا ان جو ڪو غلام اوهان جي لاءِ ڪو تحفو ڪڻي اچي ۽ چوي ته هي حلال جو آهي، هن کي قبول فرمايو، ته ڇا اوهان قبول فرمائيندا؟ فرمايائون ته مان ان کي قبول ڪونه ڪندس. ڇاڪاڻ ته انهن ماڻهن پنهنجي صلاحيت کي ترڪ ڪري ڇڏيو آهي، تنهن ڪري جڏهن انهن کي پنهنجي اصلاح جو خيال ڪونهي، ته اهي ٻين جي اصلاح جا طلبگار ڪيئن ٿي سگهن ٿا.

فرمائن ٿا ته توهان کي هميشه شرعي علم حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. جڏهن علم حاصل ڪري وٺو يعني جڏهن توهان ڪجهه حاصل ڪري وٺو، ته ان کي پوشيده نه رکو. هميشه خدا جي رضا جا طالب رهو ۽ علم کي عمل ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪريو، نه ته

ٻيءَ صورت ۾ توهان بي جان جسم جيان آهيو، ڪڏهن به علم ۽ عمل سان دنيا طلب نہ ڪريو. جيڪو شخص عمل تہ آخرت جو ڪري، ۽ طالبو دنيا جو هجي، تہ ان جي آبرو ختم ٿي ويندي. برعڪس ان جي جو شخص دنيا جي ڪار سان آخرت طلب ڪري ٿو تہ آخرت ۾ انجي نصيب ۾ ڪابہ گهٽتائي ڪانہ ٿيندي.

فرمائن ٿا تہ هميشہ مسڪينيءَ جي لباس ۾ رهو، ۽ زينت ۽ تجمل کي ترڪ ڪريو. آنحضرت صلي الله عليه وسلم جن جو ارشاد آهي، تہ منهنجي اُمت ۾ اهي مڙئيو سڀ کان بد تر آهن، جي عضون جي پرورش جي فڪر ۾ رهن ٿا. مثال جي طور تي منهن کي صابڻ سان مهٽڻ مٿان ڪريم وغيره لائڻ، هٿن پيرن کي مينديءَ سان سهڻو بڻائڻ، وارن کي طرح طرح سان سنواري، مٿي آڳهاڙو ٿي نمائش ڪرڻ وغيره.

فرمائن ٿا تہ حق تعاليٰ، ان اُمت جو انهيءَ وقت تائين نگهبان آهي، جيستائين اها اُمت ٽي ڪم نہ ڪندي. پهريون هي تہ نيڪ ماڻهو برن ماڻهن جي ملاقات لاءِ نہ وڃن، ٻيو هي تہ بهتر ماڻهو، بدتر ماڻهن کي بزرگ نہ سمجهن ۽ ٽيون هي تہ اهل طريقت ۽ تابعين اميرن جي طرف ۽ ظالمن جي طرف رغبت نہ رکن، جيڪڏهن انهن ٽنهي احڪامن جي خلاف ورزي ٿيندي تہ حق تعاليٰ انهيءَ اُمت مٿان خواري ۽ بدنامي مسلط ڪري ڇڏيندو. فرمائن ٿا تہ نامحرم عورتن ۽ مردن جي طرف هرگز نظر نہ ڪريو، ڇاڪاڻ تہ اهو عمل شيطان جو هڪ تير آهي.

جڏهن حضرت جن جي وفات جو وقت قريب آيو، تڏهن سڀ مريد سندن خدمت ۾ حاضر ٿيا. انهن سڀني کي فرمايائون تہ مان هاڻي دنيا کان وڃڻ وارو آهيان، توهان کي ڇهن ڳالهين جي وصيت ڪريان ٿو، انهيءَ تي عمل ڪجو. پهريون هي تہ منهنجي جاءِ نشين جي عزت ۽ وڪار کي قائم رکجو ۽ ان جي حڪم جي عدولي نہ ڪجو، ٻيو هي تہ روزانو بلا ناغي قرآن ڪريم جي تلاوت ڪجو، ٽيون هي تہ جيڪڏهن ڪو مسافر اچي تہ پنهنجي طاقت آهر ان جي عزت ۽ خاطر تواضع ڪجو، ۽ چوٿون هي تہ توهان پاڻ ۾ اتفق ۽ محبت سان رهجو، ۽ دلين کي نيڪ رکجو، تہ جيئن گمراهيءَ ۾ مبتلا نہ ٿي وڃو.

بيان آهي تہ حضرت جن هڪ ڪتاب ۾ توبه ڪرڻ وارن، مريدن ۽ دوستن جا نالا لکي ڇڏيا هئا. ان ڪتاب جي متعلق فرمايائون تہ مون سان گڏ دفن ڪري ڇڏجو، تنهن ڪري اهو ڪتاب سندن ٿي پاسي ۾ رکيو ويو.

وفات کان بعد اڪثر بزرگن حضرت جن کي خواب ۾ ڏٺو ۽ کانئن پڇ ڪئي تہ اوهان سان الله تعاليٰ ڪهڙو سلوڪ ڪيو؟ فرمايائون تہ سڀ کان اڳ الله تعاليٰ انهن سڀني ماڻهن کي بخشي ڇڏيو، جن جا نالا مان پنهنجي ڪتاب ۾ درج ڪري ڇڏيا هئا.

پاڻ حضرت جن هميشه اها دعا گهرندا رهندا هئا ته اي خداوند ڪريم! جيڪو شخص، جنهن حاجت لاءِ، يا منهنجي زيارت لاءِ اچي ته ان جي حاجت کي پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان پورو ڪر ۽ ان تي رحم فرماءِ.

* ذڪر حضرت ابوالحسن خرقاني رحمت الله عليه *

حضرت ابوالحسن رحه جن جي ذات بابرڪات مجمع الصفات هئي. پاڻ سلطان المشائخين ۽ وقت جا قطب هئا، هر وقت پاڻ الاهي مشاهدي ۾ رهندا هئا، نهايت عالي همت ۽ بلند پايي جا بزرگ هئا، درگاه باري تعاليٰ جا نهايت مقبول بندا هئا، حضرت جن جو اصل نالو "علي" هو ۽ ڪنيت ابوالحسن هو.

نقل آهي ته شيخ بايزيد بسطامي رحه هر سال "دستان" ۾ تشريف فرما ٿيندا هئا، جاڪاڻ ته اتي شهيدن جون تربتون هيون. سفر جي دوران جڏهن خرقان پهچندا هئا، ته اتي ترسي ٿڌو ساه ڪندا هئا. مريدن عرض ڪيو ته ڇا ماجرا آهي؟ فرمايائون ته مون کي هن جڳهه تي خدا جي مرد جي خوشبوءِ ايندي آهي، جيڪا مون کان ٽي درجا وڌيڪ آهي. اهو عيال جو بار کڻندڙ ۽ ڪرامت جو ڪم ڪندڙ آهي.

شروع ۾ ٻارهن سالن تائين روز خرقان ۾ عشا جي نماز با جماعت پڙهي، حضرت بايزيد بسطامي رحه جي زيارت لاءِ ويندا هئا، اتي پهچي فرمائيندا هئا ته اي خداوندا! انهيءَ نعمت کان ابوالحسن کي به ڪجهه حصو عطا فرماءِ، جيڪا تو بايزيد کي بخشي آهي. پوءِ اتان موٽي خرقان ۾ ايندا هئا ۽ صبح جي نماز باجماعت اتي اچي ادا ڪندا هئا. جڏهن واپس خرقان موٽندا هئا، ته پوئين قدم واپس ٿيندا هئا، ته جيئن حضرت بايزيد رحه جي مزار جي طرف پٺي نه ٿئي.

ٻارهن سالن کان پوءِ حضرت بايزيد رحه جي مزار مبارڪ مان آواز آيو ته اي ابوالحسن! هاڻي تنهنجي ويهڻ جو وقت اچي ويو آهي. حضرت ابوالحسن جواب ڏنو ته مان اُمي آهيان، ۽ شريعت جي رمزن کي ڪونه ڄاڻان. جواب مليو ته اي ابوالحسن! جيڪي ڪجهه مون کي مليو آهي، اهو تنهنجي برڪت سان عطا ٿيو آهي. حضرت ابوالحسن جواب ڏنو ته اهو ڪيئن؟ جڏهن ته اوهان مون کان تقريباً چاليهه سال اڳ ٿيا آهيو. جواب مليو ته مون کي خرقان ۾ هڪ نور نظر ايندو رهندو هو، جيڪو آسمان تائين ٿي پهتو. مان ٽيهن سالن تائين هڪ حاجت کئي درگاه الاهيءَ ۾ بيٺو رهيس. آخر آواز آيو ته مان پنهنجي حاجت روائيءَ لاءِ تنهنجي نور کي شفيع وٺان.

نقل آهي تہ هڪ دفعي حضرت جن جو باغ درياه جي سيلاب سبب ٻڏي ويو، ليڪن جڏهن درياه جو سيلاب گهٽ ٿيو تہ اهو باغ سڄو ٺي سڄو چانديءَ جو بڻجي ويو، ليڪن حضرت جن ڪوبہ توجہ ڪونہ ڏنو. ٻئي دفعي پڻ اهڙي نموني سان ساڳئي ٺي باغ ۾ ٻوڏ آئي، پالي خشڪ ٿيڻ کان پوءِ اهو باغ سڄو سونو ٿي پيو، مگر تڏهن بہ حضرت جن ڪا پرواه ڪانہ ڪئي ٽئين سال وري بہ ساڳيو واقعو ظهور ۾ آيو ۽ هن دفعي وري سارو باغ لعل ۽ جواهرن سان ڀرجي ويو. حضرت جن اهو حال ڏسي ڪري چيو تہ خداوند ڪريم! ابوالحسن انهن چيزن جي فريب ۾ نہ ايندو.

نقل آهي تہ هڪ دفعي شيخ‌المشائخ، ابوالحسن رحہ جن وٽ آيو، اتي پاڻيءَ جو ٿالهہ حضرت جن جي اڳيان رکيل هو. شيخ‌المشائخ ان ٿالهہ ۾ هٿ وجهي هڪ زنده مڇي ٻاهر ڪڍي، ۽ حضرت جن جي اڳيان ڪڍي رکي. حضرت جن وري ان مڇيءَ کي ڪڍي گرم تنور ۾ پنهنجي هٿ سميت اندر وجهي ڇڏي، ڪجهہ دير بعد مڇيءَ کي زنده ٻاهر ڪڍيائون، سندن هٿ کي ذرو بہ باه جو سيڪ ڪونہ آيو. پوءِ فرمايائون تہ پاڻيءَ مان زنده مڇي ڪڍڻ آسان آهي يا تنور مان؟ ان کان پوءِ شيخ‌المشائخ کي چيائون تہ اچ تہ هن گرم تنور ۾ ٽپو ڏيون، پوءِ ڏسون تہ ڪير ٿو زنده نڪري. انهيءَ تي شيخ‌المشائخ چپ ٿي ويو.

نقل آهي تہ هڪ دفعي ڪجهہ ماڻهو سفر لاءِ نڪتا، انهن حضرت جن جي خدمت ۾ اچي عرض ڪيو تہ حضرت! اسان سفر تي وڃي رهيا آهيون، ڪا اهڙي دعا ٻڌايو تہ جيئن پيش ايندڙ تڪليفن کان محفوظ رهون. پاڻ حضرت جن فرمايو تہ اهڙي مشڪل جي موقعي تي ابوالحسن جو نالو وٺجو، مگر انهن ماڻهن کي اها ڳالهہ پسند نہ آئي ۽ هو هليا ويا. اتفاق سان رستي ۾ سندن ڌاڙيلن سان مقابلو ٿي ويو، سڀ ماڻهو خدا جو نالو وٺي بچاءَ جون دعائون گهرڻ لڳا. انهن مان صرف هڪ شخص حضرت جن جو نالو ورتو، جيئن ان شخص حضرت جن جو نالو ورتو، خداوند ڪريم ڌاڙيلن جي نظرن کان ان کي پوشيده ڪري ڇڏيو، ۽ سندس سمورو سامان بہ محفوظ رهيو، باقي ٻيا سڀ ساٿي ڌاڙيلن جي هٿان لٽيا ويا. چورن جي وڃڻ کان پوءِ اهي ماڻهو افسوس ڪرڻ لڳا، تہ اسان بہ ڇو نہ ابوالحسن جو نالو ورتو. سفر کان واپس اچي انهن شخصن حضرت جن کان ان ڳالهہ جو سبب پڇيو، تہ باوجود الله تعاليٰ جي نالي وٺڻ جي اسان کي نجات نہ ملي، مگر اوهان جي نالي وٺڻ وارو محفوظ رهيو. پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ توهان ماڻهن الله تعاليٰ کي حقيقي طرح ڪونہ ٿي پڪاريو، مگر ابوالحسن کي حقيقي طور تي ياد ڪيو ويو.

نقل آهي تہ حضرت جن جي هڪ مريد ڪانئن اجازت گهري، تہ مان ڪوه لبنان ۾ وڃي

قطب عالم جي زيارت جو شرف حاصل ڪريان، حضرت جن کيس اجازت ڏيئي ڇڏي. جڏهن اهو مريد منزل مقصود تي پهتو، ته ڏٺائين ته ڪي ماڻهو قبلي طرف منهن ڪيو وينا آهن ۽ اڳيان هڪ جنازو رکيو اٿن. ان مريد پڇيو ته جنازو ڇونه ٿا پڙهو؟ انهن چيو ته قطب عالم جو انتظار آهي. اهو ٻڌي مريد خوش ٿيو، ٿوريءَ دير کان پوءِ مريد ڏٺو ته هن جو شيخ يعني حضرت ابوالحسن خرقاني رحه تشريف فرما ٿيو. جنهن کي ڏسندي ئي مريد تي دهشت طاري ٿي ويئي ۽ اُن وقت تائين بيهوش رهيو، جيستائين ان ميت کي دفن ڪرڻ کان بعد شيخ صاحب اُتان هليا نه ويا. هوش اچڻ تي مريد پڇيو ته هي شخص ڪير هو؟ ماڻهن چيو ته پاڻ شيخ ابوالحسن خرقاني هئا. وري پڇائين ته وري ڪڏهن ايندا؟ انهن چيو ته نماز جا پنج ئي وقت جماعت سان هت ئي ادا ڪندا آهن. آخرڪار هن چيو ته مان هن جو مريد آهيان، مون کان قطب عالم جي زيارت ڪرڻ جو گناه ٿي ويو آهي، جڏهن شيخ جن اچن ته منهنجي لاءِ سفارش ڪجو ته مون کي خرقان وٺي وڃن. نماز جي وقت حضرت جن تشريف فرما ٿيا. نماز کان بعد، اهو مريد سندن دامن کي چنبڙي پيو ۽ معذرت طلب ڪيائين. حضرت جن فرمايس ته انهيءَ شرط سان توکي معاف ڪيو ويندو، ته تو جيڪي ڪجهه ڏٺو ان جو اظهار نه ڪندين.

فرمائن ٿا ته جڏهن ڪو شخص، حديث شريف بيان ڪندو آهي، ته منهنجيون اکيون انهيءَ وقت حضور پر نور صلي‌الله عليه وسلم جن جي ابرو مبارڪ تي لڳل هونديون آهن، جنهن حديث تي آنحضرت صلي‌الله عليه وسلم جن ابرو مبارڪ کي چڪي وٺندا هئا، تڏهن مان سمجهندو آهيان ته اها حديث صحيح نه آهي.

حضرت جن ڪڏهن به راڳ ڪونه ٻڌندا هئا. هڪ دفعي شيخ ابو سعيد ابوالخيري رحه جي مجلس ۾ تشريف فرما ٿيا، ابو سعيد رحه چيو ته جيڪڏهن اجازت هجي ته ڪجهه پڙهيو وڃي. پاڻ فرمايائون ته جيتوڻيڪ مان سماع (راڳ) نه ٻڌندو آهيان، ليڪن توهان جي مرضي آهي ته ائين ڪريو. الغرض قوال هڪ شعر پڙهيو، ان کان بعد ابو سعيد رحه چيو ته هاڻي اُٿڻ جو وقت آهي. پاڻ حضرت جن فوراً اُٿي بيٺا ۽ ٽي ڀيرا پنهنجي آستين لوڏيائون ۽ زمين تي پير هنيائون. انهيءَ وقت درو ديوار ۽ سارو مڪان رقص ڪرڻ لڳا. اهو حال ڏسي شيخ ابو سعيد رحه چيو ته بس ڪريو! ورنه سارو مڪان اچي ڀٽ تي پوندو. ابو سعيد رحه ٻيهر چيو ته خدا جي واسطي بس ڪريو! آسمان ۽ زمين اوهان سان گڏ رقص ۾ شامل ٿي ويندا. حضرت جن چيو ته سماع ان لاءِ درست آهي، جيڪو مٿي عرش تائين، ۽ هيٺ تحت‌الثريٰ تائين جڳهه ڪشاده ڏسي.

حضرت شيخ بوعلي سينا رحه، حضرت ابوالحسن رحه جي شهرت ٻڌي خرقان پهتا، مگر

ان وقت پاڻ ڪيڏانهن ٻاهر ويل هئا. شيخ بوعلي سينا رحه، حضرت جن جي بيبي صاحبه کان پڇا ڪئي، تـه شيخ صاحب جن ڪٿي آهـن؟ هن چيو تـه ان ملحد ۽ زنـديق جو ڇاڪو پڇين. حضرت جن جي گهر واريءَ جـا اهي الفاظ ٻڌي، بوعلي سينا رحه جـو اعتقاد ڪجهه سست ٿي ويو، دل ۾ چيائين ته جڏهن سندس زال ئي هن جي منڪر آهي، تـه ٻين جو ڪهڙو حـال هوندو. آخر اتان نڪري ٻاهر جي طـرف نڪري ويا. جهنگل ۾ ڏٺائون تـه حضرت ابوالحسن رحه هڪ شينهن تي سوار ٿيو ۽ ڪجهه سامان کنيو تشريف فرما ٿي رهيا آهن. بوعلي سينا رحه اهـو ڏسي کانئن پڇا ڪئي، ته هيءَ ڪهڙي حالت آهي؟ پاڻ فرمايائون ته، جيڪڏهن اسان عورت جو بـار نـه کڻون ته شينهن اسان جو بـار ڪيئن کڻي سگهندو. ان قـول کي ٻڌي بوعلي سينا رحه جـو اعتقاد وري درست ٿي ويو.

نقل آهي ته بغداد جي وڏي وزير عضوالدوله کـي پيٽ ۾ سخت ســور پيدا ٿيو، ڪيترو ئي علاج ڪرايائين، مگر ڪوبه فائـدو ڪونه ٿيس. آخرڪار حضرت ابوالحسن خرقاني رحه جي جتين سان هن جي پيٽ کي دٻايو ويو، ته فوراً آرام اچي ويس.

نقل آهـي ته سلطان محمود غزنوي رحه، حضرت جن جي زيارت لاءِ خـرقان پهتو، جڏهن سلطان شهر کان ٻاهر ئي هو تـه حضرت جن کي پيغام موڪليو ويو تـه سلطان غزنيءَ کـان هيستائين پهتو آهي، توهان گهر کان نڪري سلطان جـو استقبال ڪريو. جي انڪار ڪن تـه ”أطيعوالله و أطيعوالرسول وأولوالامر منكم“ پڙهجو. قاصد ائين ئي ڪيو، مگر حضرت جن پوءِ به انڪار ڪيو. چيائون ته مان أطيعوالله ۾ ئي ايتري قدر محو آهيان، جـو أطيعوالرسول تائين نٿو پهچي سگهان، ته پوءِ أولو الامر منكم جو ذڪر ئي ڇا لاءِ؟ اها ڳالهه ٻـڌي محمود غزنويءَ چيو ته خدا جو قسم تـه هي شخص انهن مان هرگز نـه آهي، جن جـو اسان گمان ڪندا هئا سين. پوءِ پنهنجو لباس ۽ سواري پنهنجي غلام اياز کي ڏنائين، اياز جو لباس خـود پهريائين انهيءَ حالت ۾ حضرت جن جي دولت خاني تـي پهتو ۽ کيس سلام ڪيائين. حضرت جن سلام جو جواب ڏنو، مگر تعظيم لاءِ اٿي ڪونه بيٺا ۽ نه وري ان سان ڪو ڪلام ئي ڪيائون. سلطان اهو حال ڏسي عرض ڪيو ته يا شيخ! ڇا ڳالهه آهي؟ ايتري سرد مهري. حضرت جن فرمايو تـه هي سڀ فريب تنهنجو آهـي، مگر مان انهيءَ فريب ۾ ڦـاسي ڪين سگهـدس. پـوءِ محمود جي هٿ کان وٺـي کين ويهاريائون، باقـي ٻين کي ٻاهـر ڪـڍي ڇڏيائون. سلطان محمود چيو تـه بايزيد بسطامي رحه جي نسبت ڪجهه فرمايو. پاڻ فرمايائون تـه بايزيد فرمايو آهي تـه جنهن بـه مون کي ڏٺو، اهو شفاعت کان بيخوف ٿي ويو. محمود چيو تـه ڇا بايزيد، پيغمبر خدا صلي الله عليه وسلم کان به وڌيڪ هو. ابو جهل ۽ ابو لهب وارن به حضور پر نور صلي الله عليه وسلم جن

ڪي ڏنو هو، انهن جي بخشش نہ ٿي. پاڻ فرمايائون تہ ادب ڪر! پيغمبرن ڪان ڪير ٿو وڌي سگهي! ليڪن پيغمبر خدا صلي الله عليه وسلم جن ڪـي سواءِ ان جي چئن يـارن ۽ اصحابن جي ٻئي ڪنهن بہ ڪونہ ڏٺو هو. ان جو دليل هي آهي تہ ”ولوهم ينظرون اليک وهم لا يبصرون“ محمود کي اها ڳالهہ بيحد پسند آئي، ۽ عـرض ڪيائين تہ مون کي ڪجهہ نصيحت فرمـايو. حضرت جن فرمـايو تـہ چئن ڳالهين جو خيال رک. منع ڪيل ڳالهين کان پـرهيز ڪر، نماز جماعت سـان ادا ڪر، سخاوت کـي پنهنجو شيوو بڻاءِ، خلق خدا تـي شفقت ڪـر، ۽ بعد ۾ فرمايائون تـہ الله تعاليٰ منهنجي عاقبت محمود فرمـائي. ان کـان پوءِ محمود اشرفين جـي هڪ ٿيلهي حضرت جن کي نذر طور پيش ڪئي، ۽ چيائين تہ هن کي قبول فرمايو. پـاڻ حضرت جن فوراً جون جي سـکل ماني محمود جي اڳيان ڪٺي رکي ۽ کائـڻ جو حڪم ڏنائونس. محمود جڏهن کائڻ لڳو تہ ماني حلق ۾ اٽڪڻ لڳس. پـاڻ فرمايائون تـہ ڇا ماني حلق کان انـدر نٿي لنگهي؟ محمود چيو هائو. تنهن تي پاڻ فرمايائون تہ تون اهو چاهين ٿو تـہ تو وانگر هيءَ اشرفين جي ٿيلهي بہ اسان جي حلق ۾ اٽڪي پوي. اها ڳالهہ اسان کان برداشت نہ ٿيندي، تنهن ڪري پنهنجيون اشرفيون واپس کڻ، اسان انهن جا خواهشمند نـہ آهيون. پوءِ محمود ٻيهر عـرض ڪيو تہ مون کي پنهنجي ڪا يادگار عطا فرمايو. پاڻ هڪ پهراڻ ڏيئي ڇڏيائونس. رخصت جي وقت حضرت جن اُٿي محمود جي تعظيم ڪئي. محمود پڇيو تـہ ان جو ڪهڙو سبب جو منهنجي اچڻ جي وقت اوهان تعظيم ڪونہ ڏني، ۽ وڃڻ وقت ڏيو ٿا؟ حضرت جن فرمايو تہ اچڻ واري وقت تون شاهي غرور ۾ هئين، مگر هاڻـي عاجزيءَ ۽ درويشيءَ واريءَ حـالت ۾ وڃـي رهيو آهين. انهيءَ حالت ۾ تعظيم ڪرڻ منهنجي لاءِ ضروري آهي.

چون ٿا تہ جڏهن محمود غزنوي سومنات جي ميدان ۾ جنگ جـي دوران پنهنجي فـوج کي بزدل ڏٺو ۽ خوف ٿيس تہ متان شڪست نہ اچي، تڏهن انهيءَ وقت سجدي ۾ ڪري پيو ۽ اهو ئـي حضرت ابوالحسن خرقاني جن جـو پهراڻ، جنهن کي سدائين پـاڻ سان رکندو هو، سو ڪلهي رکيو ۽ دعا گهريائين تہ اي خداوند ڪريم! هـن پهراڻ واري جي طفيل مـون کي فتح ۽ نصرت عطا فرماءِ. تاريخ شاهد آهي تـہ دعا کان بعد محمود اٿيو تـہ سندس فـوج جي حالت، ٻهرينءَ حالت کـان ڪجهہ بـدلجي چڪي هئي. محمود هڪ پرجـوش حملو ڪيو ۽ ميدان فتح ڪري ورتائين. انهيءَ رات حضرت ابوالحسن رحہ کي خواب ۾ ڏٺائين. شيخ صاحب جن فرمائي رهيا هئا تہ اي محمود! تو اسان جي پهراڻ جي عـزت درگاهہ الاهيءَ ۾ وڃائي ڇـڏي. جيڪڏهن تون چاهين ها تہ سڀ ڪافر ان جي بدولت مسلمان ٿي وڃن ها.

نقل آهي تـہ هڪ رات حضرت جـن نماز پـڙهي رهيا هئا، تـہ هڪ آواز ٻڌائون تـہ اي

ابوالحسن! جيڪو تنهنجو حال آهي اسان اهو خوب ڄاڻون ٿا. اسان اهو سڀ خلق کي ٻڌائي ٻڌائي ڇڏيندا سين. پاڻ جواب ۾ چيائون ته خداوندا! تنهنجي مرضي اُئين آهي، ته اڄ ڏي سڀ باقي مان به تنهنجي ڪرم ۽ تنهنجي رحمت جي متعلق جيڪي ڪجهه ڄاڻان ٿو اهو خلقت کي ٻڌائي ڇڏيندس ته جيئن ڪو توکي سجدو ئي نه ڪري. آواز آيو ته نه تون اسان جو راز چئه ۽ نه اسان ڏي وري تنهنجو راز بيان ڪندا سين. فرمائن ٿا ته جيڪڏهن اهڙا حالت، جيڪا منهنجي ان سان گڏ آهي، سا خلقت سان بيان ڪريان ته اها عمل ڪان هٿ کڻي ڇڏيندي ۽ جيڪڏهن اهڙا حالت بيان ڪريان، جيڪا من جي مون سان گڏ آهي، ته ان جو مثال اهڙو ٿيندو جيئن ڪپهه جي ڍير ۾ باهه جي چڻنگ، مگر مان پسند نٿو ڪريان جو پنهنجو پاڻ ۾ ٿي ڪري من جي ڳالهه کي زبان سان چوان ۽ شرم ٿو اچي ته ان جي سارهون ڀي ان جي ڳالهه بيان ڪريان مان انهيءَ قابلي مان نه آهيان، جنهن جا سردار، جناب سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم جن نه آهن. سندن وڏيڪ فرمودا هن طرح آهن:

جيڪڏهن توهان ڪرامت تائين پهچڻ گهرو، ته هڪ ڏينهن کائو ۽ ٻي ڏينهن نه کائو. وري هڪ ڏينهن کائو، ۽ پنج ڏينهن نه کائو. وري هڪ ڏينهن کائو، ۽ چوڏهن ڏينهن نه کائو. وري هڪ ڏينهن کائو، ۽ هڪ مهينو بک ڪاٽيو. وري هڪ ڏينهن کائي، چاليهه ڏينهن نه کائو. وري هڪ ڏينهن کائو، ۽ چئن مهينن تائين ڪجهه نه کائو. اهڙيءَ طرح وري هڪ ڏينهن کائو ۽ سڄي سال تائين نه کائو ته ان وقت ڪا چيز نانگ وانگر وات ۾ ڪجهه رکي ظاهر ٿيندي ۽ اها چيز توهان جي وات ۾ رکي ڇڏيندي. ان ڪان پوءِ جيڪڏهن ڪڏهن به ڪجهه نه کائو ته بهتر آهي. مسان مجاهدي ۾ هوس، هڪ وقت منهنجو پيٽ سڪي ويو هو، ايتري ۾ اهو نانگ ظاهر ٿيو، مان عرض ڪيو ته خداوند ڪريم! مان واسطي سان ڪابه چيز طلب نٿو ڪريان. ان وقت منهنجي پيٽ ۾ هڪ قسم جو سوز پيدا ٿيو، جنهن ڪري منهنجي پيٽ جي خشڪي دفع ٿي ويئي. (پانهي مثان خدا جي راضپي جي اهڙا حالت هئي) خدا تعاليٰ جي نزديڪ مرد اهو آهي جيڪو خلقت جي اکيان ٻار آهي، ۽ جو شخص خلقت جي نگاهن ۾ مرد آهي، اهو اُني رب تعاليٰ وٽ نا مرد سمجهيو وڃي ٿو. عافيت تنهائيءَ ۾ آهي ۽ سلامتي خاموشيءَ ۾ آهي، وري فرمايئون ته جنهن مون کي سچاو ۽ دوست رکيو، ان حق کي دوست رکيو ۽ جيڪو شخص خدا جي نيڪ ٻانهي جي صحبت ۾ رهيو، اهو ڄڻ ته الله تعاليٰ جي صحبت ۾ رهيو. جڏهن مون عبادت ۾ لطف حاصل ڪيو، تڏهن منهنجي زبان حق تعاليٰ جي توحيد ۾ ڪشادي ٿي ويئي. ان وقت آسمان ۽ زمين کي پنهنجي چوڌاري طواف ڪندي ڏٺم. مگر افسوس! جو خلق ان کان نا واقف ۽ غافل آهي. منهنجي دل ۾ ندا آئي ته اي ابوالحسن!

خداونديءَ ڪان سواءِ، باقي سڀ ڪجهه تو ڪي ڏيئي ڇڏيندس. مان عرض ڪيو تہ الاهي! ان ڏينهن وٽن جي بيگانن وارين ڳالهين کي وچ مان پري فرماءِ، مون کي ٻيو ڪجهه نہ گهرجي. منهنجي لاءِ تون ڪافي آهين. مٿيون اهو بيان ڪندا آهن، جيڪو انهن کي حق تعاليٰ سان هوندو آهي، مگر ابوالحسن اهي ڳالهيون بيان ڪندو آهي، جي حق تعاليٰ جون مون سان هونديون آهن، ٽيهہ سال ٿيا آهن، مٿيون اٿين سمجهندا آهن، تہ مان انهن سان ڳالهيون ڪريان ٿو حالانڪ مان خلقت سان اڄ تائين هڪ ڳالهہ بہ ڪانہ ڪئي آهي. بلڪ باطن ۾ حق تعاليٰ سان متوجہ هوندو آهيان. ٽيون سنئون سمهيو پيو هوس، تہ ڪا چيز قطرو قطرو ٿي منهنجي وات ۾ پوڻ لڳي. ان ڪري حلاوت تنهنجي باطن ۾ ظاهر ٿي. منهنجي گرفت الله تعاليٰ جي مواخذي ڪان وڌيڪ سخت آهي، ڇو تہ هو عالم کي پڪڙي ٿو، ليڪن مان هن جي دامن ڪبريائيءَ کي پڪڙيان ٿو. منهنجي دل تي عشق جو هڪ اهڙو نشان آهي، جنهن کي ٻڌائڻ لاءِ هن جهان ۾ ڪوبہ محرم نظر ڪونہ ٿو اچي، جنهن سان ان جو ذڪر بيان ڪريان. قيامت جي ڏينهن حق تعاليٰ مون کي فرمائيندو تہ اي ابوالحسن! مون کان جيڪي ڪجهہ چاهين، گهر؟ مان چوندس تہ خداوند ڪريم! تو کي سڀ علم آهي، باقي ظاهري طرح مان ڇا گهران! وري حق تعاليٰ چوندو تہ اسان تنهنجي همت تو کي ڏيئي ڇڏي، بس جيڪي چاهين گهري وٺ. پوءِ مان چوندس تہ اي الاهي! انهن ماڻهن کي جيڪي منهنجي وقت ۾ هئا، ۽ اهي جيڪي مون کان بعد قيامت تائين منهنجي زيارت لاءِ آيا، يا اهي جن منهنجو نالو ٻڌو، مان انهن ماڻهن کي گهران ٿو. باري تعاليٰ فرمائيندو تہ تو دنيا ۾ ائين ئي ڪيو، هاڻي اسان بہ ائين ئي ڪندا سين. پوءِ حق تعاليٰ منهنجي خواهش جي مطابق سيني کي منهنجي سامهون ڪندو ۽ جناب سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم جن فرمائيندا تہ اڳي اچ، مگر مان عرض ڪندس تہ يا رسول الله صلي الله عليه وسلم! مان دنيا ۾ اوهان جي فرمان جو تابع هوس، ۽ هاڻي بہ فرمان جي تابع آهيان. اوهان جي درجي جي انتها ڪنهن بہ ڪونہ ڏٺي آهي. ان ڪان پوءِ نوراني فرش وڇايو ويندو، جنهن تي اهي سيئي ماڻهو ويهندا جن کي مان چاهيو هو. قيامت جي ڏينهن حق تعاليٰ ندا ڪندو تہ ابوالحسن اسان جو عزيز مهمان آهي. وري فرمايائون تہ جنهن بہ منهنجي حوض مان پاڻي پيتو، يا زندگيءَ ۾ منهنجي زيارت ڪئي، يا جنهن منهنجيون ڳالهيون ٻڌيون، ان جو ادنيٰ درجو هي آهي تہ قيامت ۾ ان ڪان حساب ڪتاب نہ ورتو ويندو. اي خداوند ڪريم! تو مون کي پنهنجي لاءِ پيدا ڪيو ۽ مان بہ تنهنجي لاءِ پيدا ٿيس. تو مون کي ڪنهن مخلوق جو شڪار نہ ڪيو. تنهنجا ڪجهہ ٻندا نماز ۽ اطاعت کي دوست رکن ٿا، ۽ کي حج ۽ جهاد کي ۽ کي علم (مصلي) کيءَ مگر مون کي صرف هيءَ عطا ڪر تہ منهنجي زندگي ۽ دوستي

محض تنهنجي لاءِ هجي. الله تعاليٰ جوان مردن جي دلين تي هڪ اهڙو بار رکي ڇڏيو آهي، جو جيڪڏهن ان جو ذرو تمام مخلوق تي ڦٽو ڪبو وڃي ته هوند ساري مخلوق بنهيءَ بسار هيئان دبجي فنا ٿي وڃي. علم جون ٻه صورتون آهن، هڪ علم ظاهر ۽ ٻيو علم باطن. باطن جو علم حق تعاليٰ سان هڪ قسم جو راز آهي. جنهن تائين خلق جي رسائي ڪين ٿيندي آهي، جيستائين علم ظاهر کي ترڪ ڪري باطن جو علم اختيار نه ڪري. فقير اهو آهي، جنهن جي رغبت دنيا ۽ آخرت، ٻنهي طرف نه هجي، ڇاڪاڻ ته اهي ٻئي شيون فقر کان گهٽ درجي جون آهن. دل کي انهن سان ڪوبه واسطو يا تعلق ڪونه هوندو آهي. جوان مرد هڪ درياهه جي مثل آهي، جنهن مان چشما هر وقت جاري رهندا آهن. ٻهريون سخاوت ٻيو خدا جي خلق تي شفقت، ۽ ٽيون خلقت کان بي نيازي ۽ خدا جي طرف نياز مندي. جناب سرور ڪائنات صلي‌الله عليه وسلم فقير هئا، ۽ فقر کي پنهنجي مٿان لازم ڪري ڇڏيو هئائون، تنهن ڪري اسان به فقر کي ٿي لازم ڪيو آهي. عالم ماڻهو جو ائين چون ٿا ته سرور ڪائنات صلي‌الله عليه وسلم جا نائب آهيون، اهو بلڪل غلط آهي. بلڪ رسول‌الله صلي‌الله عليه وسلم جا نائب اسان آهيون. حضور پر نور صلي‌الله عليه وسلم جن نهايت سخي، نيڪ خلق، بي غبنت ۽ بي طمع هئا. خلقت تي شفيق هئا. خير ۽ شر کي حق تعاليٰ جي طرفان سمجهندا هئا. پنهنجي وقت جا اسير يعني قيدي ڪين هئا. جن ڳالهين کان خلقت ڊڄندي هئي، پاڻ ان کان ڪونه ڊڄندا هئا. جنهن ڳالهه جي خلقت اميد رکندي هئي، پاڻ ان جي به اميد ڪونه رکندا هئا ۽ نه ڪنهن ڳالهه تي غرور ڪندا هئا. اهي صفتون جوانمردن جون آهن. وري فرمايائون ته جناب رسول مقبول صلي‌الله عليه وسلم جن هڪ بي نهايت درياهه آهن. جيڪڏهن ان درياهه جو هڪ قطرو به ٻاهر نڪري اچي، ته تمام عالم غرق ٿي وڃي. جنهن قافلي ۾ اسان آهيون، انهيءَ قافلي جي اڳيان خود ذات باري تعاليٰ آهي ۽ آخر ۾ جناب رسول مقبول صلي‌الله عليه وسلم جن آهن؛ ۽ درميان ۾ ڪتاب ۽ سنت صلي‌الله عليه وسلم جن جي آهي. بس! اهي ماڻهو نهايت مبارڪ جا مستحق آهن، جيڪي انهيءَ قافلي ۾ آهن. خلق چوي ٿي ته هنان اها چيز عاقبت لاءِ کڻي وڃو جيڪا اتان جي لائق هجي. مگر حال اهو آهي ته ڪابه اهڙي چيز ڪانهي جيڪا اوڏانهن کڻي وڃي سگهجي. هنان صرف غريبي ۽ نيستي ئي کڻي وڃي سگهجي ٿي. اهل آسمان ۽ زمين جي جي اطاعت سان اتي ڪهڙو واڌارو ٿيو آهي، جيڪو توهان جي اطاعت سان ٿيندو. بس! پوءِ ڇاجي لاءِ پنهنجي اطاعت جي گردن کي بلند ٿا ڪريو. توهان کي صرف ايتري قدر درڪار آهي، جو شريعت توهان جي دامنگير نه ٿئي، ۽ بس! صرف ايتري قدر ئي علم درڪار آهي، جو "امر ۽ نهي" کي سڃاڻي سگهو. يقين صرف ايتري قدر درڪار آهي، ته اهو سمجهي ڇڏيو ته

توهان جي روزي بهرحال توهان تائين پهچي ويندي. زهد صرف ايترو ڪافي آهي، ته سمجهي سگهو ته جيترو مان ڪاوان ٿو اها ٿي منهنجي روزي آهي. جيڪڏهن توهان ائين چاهيو ته زمين آسمان ۽ ان ۾ رهڻ وارن کي سڃاڻي، خدا کي سڃاڻو ته پوءِ اهو رستو تمام ڏکيو ٿي پوندو، جنهن جو طئه ڪرڻ توهان لاءِ ڏاڍو دشوار ٿي پوندو. ان ڪري يقين جي نور کي رهبر بڻايون ته جيئن رستو ننڍو ٿي پوي. صوفيءَ لاءِ نوانوي عالم آهن، انهن عالمن مان هڪ عالم عرش کان وٺي تحت‌السريٰ تائين آهي، ۽ مشرق کان وٺي مغرب تائين آهي. بس! باقي اناوي عالمن جو چا ذڪر ٿي سگهي ٿو. وري فرمايائون ته صوفي روشن ڏينهن جي مثل آهي، جنهن کي آفتاب جي ضرورت نه آهي. صوفي چانڊوڪيءَ رات جي مثل آهي، مگر چنڊ ۽ تارن کان بي نياز آهي. رستا ٻه آهن، هڪ گمراهيءَ جو ۽ ٻيو هدايت جو. گمراهيءَ جو رستو بندي کان وٺي خدا تائين آهي، هدايت جو رستو خدا کان وٺي بندي تائين آهي. جيڪو شخص چوي ٿو ته مان ان تائين پهچي ويو آهيان ته اهو پهتو نه آهي، پر اهو گمراه آهي. جيڪو هيئن چوي ٿو ته مان اوستائين پهچايو ويو آهيان، ته اهو هدايت تي آهي، ۽ ممڪن آهي ته اهو پهچي ويو هجي. فرمائن ٿا ته جنهن ”ان“ کي حاصل ڪيو، اهو نيست ٿي ويو، ليڪن مٿو ناهي. عشق جو هڪ ذرو غيب جي عالم کان آيو ۽ سڀني اهل محبت جي سينن ۾ ڏٺو، پر ڪنهن کي به محرم ڪونه ڏٺائين، تنهن ڪري وري غيب جي طرف واپس هليو ويو. هر سؤ سؤ سال کان پوءِ هڪ اهڙو بندو ماءُ جي رحم مان نڪري ٿو، جيڪو حق تعاليٰ جي هيڪڙائي سڃاڻي ٿو. فرمائن ٿا ته جيڪڏهن ڪنهن جي دل ۾ خدا کان سواءِ ڪا ٻي شيءِ به آهي، ته پوءِ ڪلي جيڪڏهن ڪيترو به اطاعت گذار هجي، ته به هو مرده دل آهي. دين ۾ شيطان کان ايترو فتنو پيدا نٿو ٿئي جيترو ٻن شخصن کان ٿئي ٿو. پهريون حريص عالم، ۽ ٻيو اهو زاهد جيڪو بي علم هجي. ماڻهن ڪانئن پڇيو ته اوهان خدا تعاليٰ کي ڪٿي ڏٺو؟ فرمايائون ته جتي مان پنهنجو پاڻ کي نه ڏٺو. معرفت ٽن قسمن جي هوندي آهي. پهريون معرفت شريعت گڏيل، ٻي قسم معرفت برابر شريعت ۽ ٽئين قسم معرفت شريعت کان بلند تر. بس! مرد عارف اهڙو هئڻ گهرجي، جنهن ٽنهي قسمن جي معرفت جي راه ڏٺي هجي، ته جيئن هر شخص کي خاطر خواه جواب ڏيئي سگهي. روئو زياده، مگر کلو گهٽ. خاموش زياده رهو، ۽ ڳالهايو گهٽ. ڪوشش اهڙي ڪريو ته جيئن اوهان کي مرڻ وقت پاڻ سان ٽي حالتون ڏسڻ ۾ اچن: پهريون هيءَ ته الله جي محبت ۾ پنهنجن ڳوڙهن کي خون جيان سمجهو. ٻيو ان جي هيبت کان پنهنجي پيشاب کي به خون جي مثل ڏسو. ٽيون ته ان جي اطاعت ۾ توهان جا هڏا ۽ ماس، مطلب ته سمورو جسم ڳري وڃي. اهڙيءَ طرح ياد ڪريو، جو دوباره ياد ڪرڻو نه پوي. مطلب هي ته ڪنهن وقت

هن کي فراموش نہ ڪريو، تہ جيئن استغفار کان ڪم وٺڻو پوي. مريدن جي غايت (ڪمال انتها) ڏن ڳالهين ۾ آهي. پهريون تہ پنهنجو پاڻ کي ائين سمجهي تہ حق تعاليٰ هن کي چاهي ٿو، ۽ ڪنهن کي ايترو نہ سمجهي جو هو پنهنجو پاڻ کي چاهيندو هجي. ٻيو هي تہ تون حق تعاليٰ سان گڏ هج، ۽ حق تعاليٰ توسان گڏ هجي. ٽيون هي تہ تون ڪجهہ نہ هج. سڀ ڪجهہ اهو ئي هجي، ۽ وات مان ڪجهہ بہ نہ ڳالهاءِ، جيستائين ائين نہ سمجهين تہ تو سان الله تعاليٰ مخاطب آهي. ٻي ڪا ڳالهہ نہ ٻڌو، جيستائين چوڻ وارو خدا نہ هجي. پنهنجو پاڻ کي خدا وٽ ڏسو تہ اها وفا آهي، ۽ جيڪڏهن خدا کي پاڻ وٽ رکو تہ فنا آهي، ۽ جڏهن خدائي خدا کي ڏسو ۽ پنهنجو پاڻ نظر نہ اچي تہ اها بقا آهي. حق تعاليٰ خلقت کي پنهنجي فعل کان آگاهہ ڪيو آهي. جيڪڏهن پنهنجي ذات کان واقف ڪري ها تہ "لااله الاالله" چوڻ وارو نہ رهي ها. سڀ جي سڀ خلقت حيرت ۽ هيبت ۾ ختم ٿي وڃي ها. درويش اهو آهي، جنهن جي دل ۾ انديشو تہ هجي مگر گفتار نہ هجي، ٻڌي سهي پر سڃاڻپ نہ هجي، کائي مگر ڪاڏي ۾ مزو نہ هجي. مطلب تہ حرڪت، سڪون غم ۽ شادي هن واسطي لائق نہ هجن. ماڻهو ڏينهن رات الله جي عبادت ۾ مصروف رهن ٿا، ۽ چوندا رهن ٿا تہ اسين "آن" کي ڳولهيون ٿا، مگر ڳولڻ وارو "اهو" آهي، جنهن کي "اهو" ڳولي پوءِ اهو ئي آن جي عبادت ۾ آهي. منهن تي خاموشيءَ جي مهر هڻو، خدا کان سواءِ ڪنهن جي بہ ڳالهہ نہ ڪريو. اهڙيءَ طرح پنهنجي دل تي بہ مهر هڻي ڇڏيو. ان جي خيال جي بغير، ٻئي ڪنهن جو بہ خيال دل ۾ اچڻ نہ ڏيو. اهڙيءَ طرح توهان پنهنجن عضون تي بہ مهر هڻي ڇڏيو، تہ جيئن توهان جا عمل با اخلاص ٿين. جيڪي ڪجهہ خدا لاءِ ڪندا رهو ٿا، اهو اخلاص آهي، ۽ جيڪي ڪجهہ خلقت لاءِ ڪندا رهو ٿا، سو ريا آهي. عقل هڪ شينهن آهي، جڏهن ان جي گردن پيرن تي رکي ڇڏينداءِ تہ اهو لومڙيءَ جيان ٿي پوندو. رسول خدا صلي الله عليه وسلم جن فرمائن ٿا تہ "اطلبوالعلم ولو کان بالصين" مگر اهو ڪونہ فرمايائون تہ هڪ جڳهہ کان ٻيءَ جڳهہ تائين وڃي خدا کي طلب ڪريو. ٽن شخصن کي الله تعاليٰ تائين رسائي آهي: پهريون صاحب علم ۽ قلم، ٻيو صاحب خرقہ ۽ سجاده، ٽيون صاحب ڪسب. سستي آدميءَ کي تباه ڪري ڇڏي ٿي. خرقو ۽ ڪمن پائڻ وارا نہ گهٽا آهن، مگر دل جو نيڪ هجڻ ۽ عمل ۾ اخلاص هئڻ تمام گهٽ آهي. جيڪڏهن خرقو پهرڻ، ۽ جون جي ماني کائڻ سان مرد بڻجڻ ممڪن هجي ها تہ تمام حوان مرد هجن ها. چاڪاڻ تہ انهن کي ڳوٺي با ٻئي ڪنهن اهڙي ٿيڙ سان ڍڪيو ويندو آهي ۽ جو ڪاراٻ ويندا آهن. خلقت جي اطاعت ٽن شين سان ٿيندي آهي. پهريون نفس، ٻيو دل، ٽيون زبان. نہ ڪري انهن ٽنهي چيزن کي هميشہ خدا جي طرف مشغول رکو. فرمائن ٿا تہ ڪيترا

ٿي ماڻهو اهڙا آهن، جيڪي زمين تي گهمن ڦرن ٿا مگر آهن مرده، ۽ ڪيترا ٿي ماڻهو آهن، جيڪي جيتوڻيڪ قبرن ۾ دفن آهن، مگر آهن زنده. جيڪو عاشق ٿيو، ان خدا کي حاصل ۽ پنهنجو پاڻ کي فراموش ڪيو. جيڪي ڪجهه لوح محفوظ ۾ آهي، اهو خلق جو نصيب آهي. جوانمردن جو اهو نصيب نه آهي، جو لوح محفوظ ۾ آهي، بلڪ حق تعاليٰ انهيءَ سان اهڙيون ڳالهيون ڪندو آهي، جو لوح محفوظ ۾ نه آهن. ڪي ماڻهو قرآن پاڪ جي نفسير ۾ محو آهن، ليڪن جوانمرد پنهنجي تفسير ۾ محو هوندا آهن. عالم اهو آهي، جيڪو پنهنجو عالم هجي، نه ته علم جو.

ماڻهن ڪانئن مڪر جي معنيٰ پڇي، فرمايائون ته مڪر ”آن“ جو لطف آهي، ڇاڪاڻ ته حق تعاليٰ جو فعل پنهنجي دوستن سان مڪر نه هوندو آهي. جوانمرد اهو آهي جو جيڪڏهن الله تعاليٰ هن جي پاءُ کي هزار نعمتون عطا ڪري، ۽ ٻئي کي هڪ نعمت بخشي، ته اها هڪ نعمت به پنهنجي پاءُ تي قربان ڪري.

ماڻهن ڪانئن پڇيو ته اوهان کي موت جو خوف آهي؟ فرمايائون ته مرده کي موت جو ڇا خوف ٿي سگهي ٿو. پنهنجي مريدن کي فرمايائون ته جيڪڏهن ماڻهو توهان کان سوال ڪن ته ابوالحسن جي صحبت کان توهان ڪهڙي ڳالهه جا خواهشمند آهيو، ته توهان ان جو ڪهڙو جواب ڏيندا؟ سيني مريدن پنهنجي پنهيجي عقل مطابق جواب ڏنو. آخر پاڻ فرمايائون ته جيڪڏهن ڪوئي مون کان پڇي ته جوانمرد ماڻهن جي صحبت کان ڇا ٿا چاهيو؟ ته مان چوندس ته مان انهن جوانمردن کي چاهيان ٿو.

پاڻ ڪنهن کان پڇيائون ته تون خدا کي دوست رکين ٿو يا خدا توکي دوست رکي ٿو؟ جواب مليو ته مان خدا کي دوست رکان ٿو. مان ڪيس چيو ته جيڪڏهن تون ان کي دوست رکين ٿو ته وڃي چوڌاري طواف ڪر، ڇاڪاڻ ته جيڪو شخص ڪنهن کي دوست رکي ٿو ته اهو هميشه ان جي پٺيان هوندو آهي. فرمائن ٿا ته سڀ کان بهتر دل اها آهي، جنهن ۾ ڪابه بدي نه هجي.

ماڻهن ڪانئن پڇيو ته معراج ۾ حق تعاليٰ حضور پر نور صلي الله عليه وسلم جن سان ڪهڙيون ڳالهيون ڪيون؟ فرمايائون ته حق تعاليٰ چيو ته اي محمد (صلي الله عليه وسلم)! مان ان کان برتر آهيان، جو مان توکي چيو ته مون کي سڃاڻ ۽ تون ان کان برتر آهين، جو مان چيو ته خلقت کي منهنجي طرف دعوت ڏيو.

ماڻهن پڇيو ته ”آن“ جو نالو ڪيئن وٺندا آهيو؟ فرمايائون ته ڪي ماڻهو فرمانبرداريءَ سان آن جو نالو وٺندا آهن، ڪي نفس سان، ڪي دوستيءَ سان، ۽ خوف ۽ رجا سان. ڇاڪاڻ ته

هو سلطان آهي.

ماڻهن پڇيو تہ بندگي ڇا آهي؟ فرمايائون تہ عين ناڪاميءَ ۾ زندگي بسر ڪرڻ.

ڪائنن پڇيو ويو تہ بندگيءَ جي علامت ڇا آهي؟ فرمايائون تہ بندگيءَ جو ڪوبہ پتو نہ آهي.

ڪائنن پڇيو ويو تہ فقر جي علامت ڇا آهي؟ فرمايائون تہ دل سياه (ڪاري) هجي، ڇاڪاڻ تہ ڪاراڻ تي ٻيو ڪوبہ رنگ چڙهي نہ سگهندو آهي.

توڪل جي متعلق ڪائنن پڇيو ويو تہ فرمايائون تہ شير، ازدها، آتش، دريا ۽ تڪيو، اهي پنج ئي چيزون برابر نہ هجن، ڇاڪاڻ تہ عالم توحيد ۾ سڀ هڪ آهن. تنهن ڪري حتي‌الامڪان توحيد ۾ ڪوشش ڪريو. چاليهن سالن تائين مان پنهنجي لاءِ ڪاڌو تيار ڪونہ ڪيو آهي، بلڪ هميشه مهمانن لاءِ تيار ڪندو رهيو آهيان، ۽ مان پاڻ انهن جي طفيل کائيندو آهيان، ڇاڪاڻ تہ ساري جهان جي نعمت جو لقمو ٻئي مهمان جي منهن ۾ رکيو وڃي، تہ بہ انهن جي حق ۾ بلڪل ٿورو آهي.

ماڻهن ڪائنن پڇيو تہ اوهان جي مسجد ۽ ٻين مسجدن ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ فرمايائون تہ شريعت جي روءِ سان سڀ برابر آهن، مگر معرفت جي لحاظ کان منهنجي مسجد جي حالت گهڻي وڏي آهي. مان ڏسان ٿو تہ ٻين مسجدن مان هڪ نور نڪري آسمان جي طرف وڃي ٿو، مگر هن منهنجي مسجد تي نور جو هڪ قبو ٺهيل آهي ۽ آسمان مان نور الاهي ان جي طرف اچي ٿو. هڪ ڏينهن هڪ ندا ٻڌي تہ حق تعاليٰ فرمايو ٿي تہ، جيڪو شخص تنهنجي مسجد ۾ ايندو، ان مٿان دوزخ جي باه حرام ڪئي ويندي.

جڏهن حضرت ابوالحسن رحہ جن جي وفات جو وقت قريب آيو، تڏهن چوڻ لڳا تہ ڪاش! منهنجي دل چيري، ان جو خون ماڻهن کي ڏيکاريو وڃي، تان تہ هو سمجهي سگهن تہ الله تعاليٰ سان بت پرستي نيڪ نہ آهي. رحلت جي وقت پاڻ وصيت فرمايائون تہ منهنجي قبر ٽوي فوٽ هيٺ کوٽجو، ڇاڪاڻ تہ هيءَ زمين بسطام جي زمين کان مٿي آهي. جيئن بايزيد رحہ جي قبر کان منهنجي قبر اوچي نہ هجي ۽ اها بي ادبي نہ سمجهي وڃي.

چند ماڻهن حضرت جن کي خواب ۾ ڏٺو ۽ ڪائنن پڇيو تہ حق تعاليٰ اوهان سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو؟ فرمايائون تہ منهنجو اعمال نامو منهنجي هٿ ۾ ڏنو ويو. مان چيو تہ خداوندا! تون مون کي اعمال نامي ۾ مشغول ڪرين ٿو، حالانڪ عمل کان اڳ تو ڄاتو ٿي تہ مان ڇا ڪندس. منهنجو اعمال نامو ڪراماً ڪاتبين کي ڏيئي ڇڏ، تہ اهي پڙهن ۽ مون کي ڇڏي ڏي، تہ جيئن توسان گڏ عيش ڪريان.

محمد بن الحسن فرمائڻ ٿا ته هڪ ڏينهن مان ڏاڍو غمگين ٿيس، ته حضرت ابوالحسن رحه جن فرمايو ته بلڪل نه ڏج. جيڪڏهن مان توکان اڳ مري ويس ته تنهنجي مرڻ جي وقت تو وٽ ايندس. لهاذا محمد بن الحسن جا صاحبزادا فرمائڻ ٿا ته اسان جي والد وفات جي وقت ”وعليڪم السلام“ چيو اسان کانئن پڇيو ته ڪنهن سان ٿا ڳالهايو، چيائون ته شيخ ابوالحسن خرقاني رحه پنهنجي وعدي مطابق تشريف فرما ٿيا آهن، ۽ سائن گڏ چند ٻيا همراه به آهن. انهن چئي والد صاحب جن رحلت فرمائي. انـا لله وانا اليه راجعون.

* ذڪر حضرت ابوبڪر شبلي رحمت الله عليه *

حضرت ابو بڪر شبلي رحه دنيا ۾ بلند مرتبي جا سر ست هئا، سندن پيدائش بغداد ۾ ٿي هئي. رياضت، ڪرامتن ۽ موزون اشارات ۾ بيحد ڪمالات رکندڙ هئا. پاڻ ڪيترن مشائخن کي ڏٺو هئائون، ۽ انهن جي صحبت حاصل ڪئي هئائون. طريقت جي علم ۾ بي بدل هئا، پاڻ امام مالڪ جي مذهب تي هئا.

حضرت شبلي رحه جي حال ۾ ڪڏهن ضعيفي ۽ فتور ڪونه آيو. سندن آتشي شوق جي شدت ڪنهن به حال ۾ گهٽ نه ٿي.

حضرت شبلي رحه جن سٺهتر سالن جي عمر ۾ سنه ۳۳۴ هجريءَ ۾ وفات پاتي. حضرت جن عام، جاهل ماڻهو هٿان ڏاڍيون تڪليفون سٺيون. ماڻهو جيئن حسين منصور رحه جي قتل ڪرائڻ جي ڪوشش ۾ لڳا رهندا هئا، تيئن حضرت شبلي رحه لاءِ به اهڙيءَ طرح ڪوشش ڪندا رهندا هئا.

حضرت شبلي رحه جي ابتدا جو واقعو هن طرح آهي ته نهاوند جو هڪ امير هوندو هو، جو پوءِ بغداد ۾ آيو ۽ ڪن ماڻهن جي رسائيءَ سان بادشاه جي دربار ۾ پهچي انعام حاصل ڪيائين، ڪيس شاهي خلعت عطا ڪئي ويئي. واپس ٿيڻ وقت ان امير کي ڇڪ آئي، ته امير ڇا ڪيو جو خلعت سان نڪ کي صاف ڪيائين. بادشاه امير جو اهو حال ڏسي، ڏاڍو ڏمريو ۽ انهيءَ وقت اها خلعت کانئن واپس ورتائين. پوءِ سخت ناراض ٿي امير کي دربار مان ڪڍائي ڇڏيو. جڏهن اهو حال شبلي رحه کي معلوم ٿيو تڏهن خيال ڪيائين ته جيڪو شخص ڪنهن بخشيل شيءِ کي خراب ڪري ٿو، ان کي ايتري قدر ذلت ۽ رسوائي سهڻي پوي ٿي. مگر جيڪو شخص خداوند ڪريم جي عطا ڪيل خلعت کي خراب ڪندو، اهو ڪيتري قدر نه عذاب جو مستحق ٿيندو. پاڻ شبلي رحه انهيءَ وقت بادشاه جي دربار ۾ ويا ۽ چيائون ته اي

بادشاه! باوجود مخلوق هجڻ جي، تون پنهنجي عطا ڪيل خلعت جي بي ادبي گوارا نٿو ڪرين حالانڪ تنهنجي خلعت جي قدر ۽ قيمت کي هرڪو ڄاڻي ٿو، تہ پوءِ خداوند ڪريم ڪهڙيءَ طرح گوارا ڪندو تہ ان جي عطا ڪيل خلعت، دوستيءَ ۽ ولايت کي تنهنجي خدمت ۾ رهي خراب ڪريان. ائين چئي دربار کان ٻاهر نڪري ويا ۽ بادشاهي ملازمت کي ترڪ ڪري ڇڏيائون، پوءِ آئينده لاءِ بہ توبه ڪري ڇڏيائون. ان وقت مٿس هڪ خاص حالت طاري ٿي ويئي. جيئن تہ حضرت شبلي رحہ، حضرت جنيد رحہ جي رشتي دارن مان هئا، ان ڪري پاڻ هڪدم ان جي خدمت ۾ آيا. خدمت ۾ پهچي چيائون تہ * گوهر جي واقفيت جو پتو اوهان وٽ ڏنو ويو آهي، سو يا بخشي ڇڏيو، يا وڪڻي ڇڏيو. حضرت جنيد بغدادي رحہ فرمايو تہ، جيڪڏهن وڪڻندس تہ تون ان جي قيمت ادا ڪري ڪونہ سگهندين ۽ جيڪڏهن بخشي ڇڏيندس تہ بغير ڪنهن محنت ۽ مشقت جي تنهنجي هٿ لڳي ويندو. پوءِ تون ان جو قدر نہ ڄاڻي ڪري،ان کي خراب ڪري ڇڏيندين. ان ڪري بهتر آهي تہ مردانہ طريقي سان درياهہ نهايت ۾ ٽپي پئہ، تہ جيئن مشقت، صبر ۽ انتظار سان اهو گوهر توکي ملي وڃي. اهو ٻڌي شبلي رحہ عرض ڪيو تہ چا ڪريان؟ جنيد بغدادي رحہ فرمايو تہ هڪ سال تائين سرنهن جو ساڳ وڪڻ. شبلي رحہ هڪ سال تائين اهو ڪم ڪيو. سال کان بعد حضرت جنيد رحہ حڪم ڏنو تہ هڪ سال تائين گداگري ڪر. شبلي رحہ ان ڪم کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ هر هڪ جي دروازي تي ويا، مگر ڪنهن بہ ڪجهہ ڪونہ ڏنس. اهڙيءَ طرح هڪ سال گذارڻ کانپوءِ حضرت جنيد رحہ جي خدمت ۾ آيا، ۽ سمورو حال عرض ڪيائون. جنيد رحہ جن فرمايو تہ تون پنهنجي قدر ۽ قيمت، خلعت جي نگاهن ۾ ڏسي ڇڏي، هاڻي تون ڪڏهن بہ انهن ڏي رخ نہ ڪر. ان کان پوءِ شبلي رحہ کي فرمايائون تہ جيئن تہ تو نهاوند جي شهر ۾ شاهي ملازمت جي سلسلي ۾ حڪومت ڪئي آهي، تنهن ڪري اتي وڃي هر هڪ ماڻهوءَ کان معافي وٺ. پوءِ شبلي رحہ اوڏانهن ويو، ۽ هر هڪ جي در تي وڃي هر هڪ کان معافي ورتائين. ان هوندي بہ هڪ شخص رهجي ويو، ڇاڪاڻ تہ اهو نہ ملي سگهيو. ان جي عيوض ۾ هڪ لک درم صدقي ڪيائون، مگر پوءِ بہ دل کي قرار نصيب ڪونہ ٿين. چئن سالن کان بعد آواز ملبس تہ، اڃا تائين تومان حڪومت جي بوءِ ٿي اچي، تنهن ڪري هڪ سال ٻيو بہ گداگري ڪر.

فرمائن ٿا تہ مان هر روز گداگري ڪري سڀ حضرت جنيد رحہ جي خدمت ۾ کڻي ويندو هوس. حضرت جنيد رحہ جن اهو سڀ ڪجهہ فقيرن ۽ درويشن ۾ ورهائي ڇڏيندا هئا. مگر

---

* موتي (ظاهري معنيٰ) باطني معنيٰ خود (خدا)

مون کي بکيو رکندا هئا، ۽ ڪجهه به ڪين ڏيندا هئا. سال گذرڻ بعد فرمايائون تہ مان توکي انهيءَ شرط تي پنهنجي خدمت ۾ رکندس، تہ تون درويشن جي خدمت ڪندين. اهڙيءَ طرح هڪ سال درويشن جي خدمت ڪندو رهيس. هڪ سال بعد حضرت جنيد رحہ جن فرمايو تہ اي ابو بڪرا هاڻي تنهنجي قيمت، تنهنجي نفس جي خيال ۾ ڪيتري قدر آهي؟ مان عرض ڪيو تہ مان پنهنجو پاڻ کي تمام خلقت کان بلڪل گهٽ سمجهان ٿو. تنهن تي حضرت جنيد رحہ فرمايو تہ هاڻي تنهنجو ايمان درست ٿيو آهي.

نقل آهي تہ شروع شروع ۾ شبلي رحہ جن ماڻهن کي چوندا هئا تہ جيڪو شخص (الله) چوندو، ان جو وات شڪر سان ڀري ڇڏيندس. ڪيترو عرصو ائين ئي ڪندا رهيا. ڪجهه وقت کان پوءِ الله جي نالي وٺڻ واري جو منهن بجاءِ شڪر جي سون ۽ چانديءَ سان ڀري ڇڏيندا هئا، مگر ڪجهه مدت گذرڻ بعد فرمايائون تہ جيڪو بہ شخص الله جو نالو وٺندو تہ ان جو سر تن کان جدا ڪري ڇڏيندس. ماڻهن پڇيو تہ ان جو ڪهڙو مطلب اٿهريائين تہ الله جي نالي وٺڻ وارن جو وات شڪر، چانديءَ ۽ سون سان ڀري ڇڏيندا هئا، مگر هاڻي الله جي نالي وٺڻ واري جو تلوار سان سر ڪپيو ٿا؟ پاڻ فرمايائون تہ مان سمجهندو هوس تہ هو حقيقت ۾ الله چون ٿا، مگر هاڻي مون کي معلوم ٿيو آهي تہ اهي، عادت ۽ غفلت جي طور تي الله چون ٿا. تنهن ڪري مان برداشت ڪونہ ٿو ڪريان تہ هن جو نالو غفلت ۽ خراب زبان سان ورتو وڃي. ان کان بعد حضرت شبلي رحہ جتي ڪٿي بہ (الله) جو نالو لکيل ڏسندا هئا، تہ هڪدم وڃي ان کي چمندا هئا ۽ ان جي ڏاڍي تعظيم ڪندا هئا. هاتف آواز ڏنو تہ ڪيستائين نالي جي پليان رهندين. جيڪڏهن طالب آهين تہ "مسمى" جي طلب ڪر. اها ندا ٻڌندي ئي منجهن عشق ۽ اشتياق جي باهہ ڀڙڪو ڏيئي اٿي، ۽ وڃي پاڻ کي دجلہ ۾ اڇلايائون، مگر دجلہ ڪين پاهر ڦٽو ڪري ڇڏيو. پوءِ باهہ ۾ ٽپو ڏنائون، مگر باهہ بہ ڪين ڪونہ جلايو. پوءِ تہ هر طرح سان هلاڪت جي ڪوشش ڪيائون، مگر ناڪام ويا. البتہ بيقراريءَ جو غلبو مٿن جاري ٿيندو ئي رهيو، ۽ ديوانگي جاري ٿي ويئي. ڪيترا ئي ڀيرا ڪين زنجيرن سان مضبوط جڪڙيو ٿي ويو، پر تنهن هوندي بہ ڪين قرار ڪونہ ايندو هو، ۽ نہ ڪڏهن بہ قرار آيو. ڪيتريءَ مدت تائين پاگل خاني ۾ قيد رکيا ويا، مگر پاڻ چوندا هئا تہ توهان ماڻهو مون کي چريو چئو ٿا، ليڪن منهنجي نظرن ۾ توهان سڀ ديوانا آهيو.

هڪ دفعي باهہ ڪلي ڪعبي جي طرف هليا، ۽ چوڻ لڳا تہ مان خاني ڪعبي کي ساڙيندس، تہ جيئن ماڻهو خداوند جي ڪعبي جي طرف متوجہ نہ ٿين. هڪ دفعي چوڻ لڳا تہ مان چاهيان ٿو تہ بهشت ۽ دوزخ کي جلائي ڇڏيان، تہ جيئن ماڻهو بغير خوشيءَ ۽ لالچ جي عادت

الاهي بجا آڻين. هڪ دفعي ڪيترا ئي ڏينهن ۽ راتيون ساندهه هڪ وڻ جي چوڌاري رقص (ناچ) ڪندا رهيا. ماڻهن ڪانئن پڇيو ته اها ڪهڙي حالت آهي؟ پاڻ انهن جي جواب ۾ فرمايائون تہ هڪ فاختہ يعني گهيري ڪو ڪو ڪري رهي هئي، تنهن ڪري مان بہ هو هو ڪرڻ ۾ لڳي ويس.

هڪ ڏينهن ڇهتو ڪٺي پنهنجي پيرون جو گوشت پٽڻ لڳا. جنيد رحه اهو حال ڏسي ڪانئن پڇيو تہ اهو ڇا ڪري رهيو آهين؟ فرمايائون تہ حقيقت ظاهر ٿي وئي آهي، مگر مان ان جو تاب نٿو جهلي سگهان. مان ان ڪري گوشت پٽي رهيو آهيان، تہ شايد هڪ ساعت مونکي ڏيئي ڇڏي.

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن حضرت جنيد رحه. جي مجلس ۾ ڪين مريدن سان گڏ حضرت شبلي رحہ بہ ويٺا هئا. ان وقت شيخ جا مريد شبلي رحه جي تعريف ڪري رهيا هئا. شيخ صاحب پنهنجن مريدن کي چيو تہ توهان هڪ مردود جي ايتري قدر تعريف ڪري غلطي ڪري رهيا آهيو. پوءِ شبلي رحه کي باهر ڪڍي ڇڏيائون، ۽ مريدن کي چيائون تہ منهنجو شبليءَ کي ڪڍي ڇڏڻ، ان جي تعريف کان، جيڪا توهان سندس ڪري رهيا هئا، هزارها دفعا زياده آهي؛ توهان ماڻهو هن کي تلوار هٿي رهيا هئا، ۽ مان ڍال اڳيان ڪري ڇڏي، تہ جيئن هو هلاڪ نہ ٿئي.

هڪ ڏينهن شبلي رحه جن نوان ڪپڙا پهريا، پر ٿوريءَ دير کان پوءِ انهن کي لاهي باهہ ۾ ساڙي ڇڏيائون. ڪانئن ائين ڪرڻ جو سبب پڇيو ويو، فرمايائون تہ حق تعاليٰ جو ارشاد آهي "ان ڪنتم وما تعبدون من دون الله حطب جهنم" سو منهنجي دل انهن ڪپڙن جي طرف رغبت ظاهر ڪئي، ان ڪري مون کي غيرت آئي ۽ باهہ ۾ ساڙي ڇڏيا. جڏهن سندن حالت ۾ قوت اچي وئي، تڏهن حقيقت جا سخن ماڻهن تي ظاهر ڪرڻ لڳا. ان تي جنيد رحه ڪين ملامت ڪئي ۽ چيائون تہ اسان ماڻهو تہ انهن ڳالهين کي ڪوٺڙين ۾ محفوظ رکندا آهيون. مگر تون بر سر عام بيان ڪرين ٿو. حضرت شبلي رحه چيو تہ مان جو ڪجهه چوان ٿو، ان کي فقط مان ئي ٻڌان ٿو. ٻنهي جهانن ۾ مون کان سواءِ ٻيو ڪوبہ ٻڌڻ وارو ڪونهي. جنيد رحه فرمايو تہ جيڪڏهن ائين آهي تہ پوءِ ٺيڪ آهي.

حضرت شبلي رحه سدائين الله الله چوندا رهندا هئا. هڪ درويش چين تہ "لا إله إلا الله" چو نٿا چئو. پاڻ نعرو هنيائون ۽ چيائون تہ مان ڊڄان ٿو تہ متان "لا" تي ئي منهنجو روح قبض ڪيو وڃي، ۽ "الله" جو لفظ چوڻ ئي رهجي وڃي تہ پوءِ ڇا ٿيندو؟ حضرت جن جي ان درويش تي ڏاڍو اثر ڪيو ۽ ان وقت منجهس لرزش پيدا ٿي وئي. ڏسندي ئي ڏسندي، عالم

جاودانيءَ ڏانهن راهي ٿي ويو. ان درويش جا عزيز شبلي رحه کي پڪڙي، دارالخلافت ڏانهن وٺي ويا ۽ قتل جي تقاضا ڪيائون. جڏهن بادشاه حضرت شبلي رحه کي چيو ته ڇونه توکان قصاص ورتو وڃي؟ ان تي حضرت شبلي رحه فرمايو ته درويش جي جان آتش عشق جي شعلي کان بقاءِ جلال حق جي انتظار ۾ جلي ويئي آهي، ڇاڪاڻ ته مشاهدي جي جمال جي اميد جو نقطو سندس جان تي ڪريو آهي، ان ۾ شبليءَ جو ڪهڙو گناهه! اهو ٻڌي بادشاه چيو ته هن شخص کي منهنجي سامهون پري ڪريو. ڇو ته هن جي ڳالهين سبب مون تي هڪ اهڙي حالت طاري ٿيڻ لڳي آهي، جو مبادا مان بيهوش ٿي نه وڃان.

نقل آهي ته جيڪو به شخص حضرت شبلي رحه جي خدمت ۾ توبه يا صحبت حاصل ڪرڻ جي نيت سان ايندو هو، ته پاڻ ان کي چوندا هئا ته بي زر ٿي صرف توڪل رکي حج تي هلو. پوءِ جڏهن اتان واپس اچو ته اسان جي مجلس ۾ رهجو. ماڻهن کين چيو ته اوهان اهڙو ڏکيو ڪم ڏيئي ماڻهن کي هلاڪت ۾ ڇو ٿا وجهو؟ حضرت جن انهن کي جواب ۾ فرمايو ته انهن جو مقصد مون وٽ اچڻ جو نه آهي. جيڪڏهن انهن جي مراد شبلي رحه سان آهي ته پوءِ اها بت پرستي آهي، پر جيڪڏهن انهن جو مقصد محض حق جي طلب آهي، ته پوءِ جڏهن هو انهيءَ سفر کان واپس ايندا ته سفر جو مجاهدو انهن کي ايتري قدر نيڪ ڪري ڇڏيندو، جو هتي ڏهه سال رهڻ کان پوءِ به کين ميسر ٿي نٿو سگهي. جيڪڏهن سفر جي دوران هو مري به ويا ته به هو پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿي ويندا.

هڪ ڏينهن جڏهن بيهوشيءَ جي حالت ۾ هئا، ۽ حضرت جنيد رحه جي گهر وڃي هن جي دستار مبارڪ کي ڦاڙي ڇڏيائون. ماڻهن ڪانئن پڇيو ته هيءَ اوهان ڪهڙي حرڪت ڪئي؟ فرمايائون ته منهنجي نظرن ۾ اها دستار سٺي پئي معلوم ٿي، مگر مان نٿي چاهيو ته الله تعاليٰ کان سواءِ مون کي ٻي ڪا شيءِ سٺي لڳي، تنهن ڪري مون کي غيرت آئي، ۽ مان هن کي ڦاڙي ڇڏيو.

نقل آهي ته هڪ ڏينهن حضرت جنيد رحه جي گهر ويا، حضرت جنيد رحه جي گهرواري ڪانئن پردو ڪرڻ لڳي، مگر شبلي رحه ان پردي کي ڇڪي پري ڪري ڇڏيو. تنهن تي حضرت جنيد رحه پنهنجي بيبي صاحبه کي فرمايو ته نه سر ڪيڏ ۽ نه پردو ٿي ڪر. ڇاڪاڻ ته هي شبلي رحه پنهنجو پاڻ ۾ نه آهي، انهن ماڻهن کي ڪجهه به خبر نه آهي. اهڙيءَ طرح هڪ ٻئي موقعي تي حضرت شبلي رحه شيخ جنيد رحه جن جي گهر تشريف فرما ٿيا، ان وقت شيخ صاحب پنهنجي بيبيءَ کي چيو ته پردو ڪر. ڇاڪاڻ ته اڄ ڪلهه شبلي رحه پنهنجي صحيح حالت ۾ آهي.

شيخ جنيد رحه جن فرمائن ٿا ته هڪ رات مان خواب ۾ ڏٺو ته حضور پر نور صلي الله عليه وسلم جن شبلي رحه جي پيشانيءَ تي چمي ڏني. صبح تي مان شبلي رحه کان پڇيو ته: توهان ڪهڙو ڪم ڪندو آهين؟ هن فرمايو ته مان شام جي نماز کان بعد ٻه رڪعتون نماز پڙهي، ”لقد جاءَ ڪم رسول من انفسڪم کان وني رب العرش العظيم“ تائين پڙهندو آهيان.

هڪ دفعي پاڻ بيمار ٿي پيا، طبيب کين چيو ته پرهيز کان ڪم وٺو. فرمايائون ته جيڪڏهن تنهنجو پرهيز مان روزي سان مطلب آهي، ته پوءِ اهو ناممڪن آهي. پر جي غير رزق کان پرهيز ڪرڻ مطلوب آهي، ته اهو مون وٽ پهچي ئي ڪين ٿو سگهي.

هڪ دفعي ڪجهه عرصي کان پوءِ غائب ٿي ويا، ڪبتري ئي تلاش ڪئي ويئي، مگر ڪٿي به نه مليا. آخر هڪ مخنث خاني ۾ ڪين ڏٺو ويو. ڪائنن پڇيو ويو ته هي ڪهڙي جڳهه آهي؟ فرمايائون ته هيءَ منهنجي جڳهه آهي. چاڪاڻ ته هت ماڻهن وانگر دين ۾ مان ٻه نه مرد جو درجو رکان ٿو ۽ نه عورت جو.

هڪ دفعي ماڻهن سوال ڪيو ته توحيد مجرد جو حال پنهنجي فيض واريءَ زبان سان ٻڌايو. فرمايائون ته افسوس جو توهان ڪي عبادت سان توحيد مجرد جو حال ٻڌائڻ وارو ملحد آهي، ان جي طرف اشارو ڪرڻ وارو مشرڪ آهي. وري ان جي طرف اشارو ڪرڻ وارو بت پرست آهي، ان جي باري ۾ ڳالهه ڪرڻ وارو غافل ۽ ان کان خاموش هجڻ وارو جاهل مطلق آهي.

تصوف جي متعلق ڪائنن پڇيو ويو ته پاڻ فرمايائون ته صوفيءَ کي ان زماني جي طرح رهڻ گهرجي، جو جڏهن اهو اڃا وجود ۾ ئي ڪونه آيو هجي ته تصوف شرڪ آهي، تصوف جي معنيٰ دل کي غير جي خيال کان محفوظ رکڻ. صوفي اهو آهي، جو خلق کان پري ۽ خلق حي قريب هجي.

ڪائنئ محبت جي معنيٰ پڇي وئي، ته فرمايائون ته جو ڪجهه به توهان وٽ آهي، اهو سڀ محبوب جي راهه ۾ لٽائي ڇڏيو.

فرمائن ٿا ته جيڪو شخص محبت جي دعويٰ ڪري، ۽ محبوب جي محبت جي علاوه ڪنهن ٻيءَ چيز جي طرف ڌيان ڪري، ته اهو چئڻ ته محبوب جي مذاق آڙائي ٿو.

فرمائن ٿا ته معرفت ٻن قسمن جي هوندي آهي: پهريون حق تعاليٰ جي معرفت، جا ان جي محتاج آهي. ٻيو نفس جي معرفت، جا فرض جي ادائگيءَ جي محتاج آهي. ٽيون وطن جي معرفت، حا احڪام، قضا ۽ قدر تي راضي هجڻ جي محتاج آهي.

فرمائن ٿا ته حق تعاليٰ جڏهن ڪنهن کي مصيبت يا عذاب ڏيڻ چاهيندو آهي، ته ان کي

ڪنهن عارف جي دل ۾ وجهي ڇڏيندو آهي.

فرمائن ٿا ته عارف اهو آهي، جو ڪڏهن ته ستن ئي آسمانن ۽ زمين کي پنهنجي پلڪ جي نوڪ سان کڻي وٺي، ۽ ڪڏهن هڪ مڇر جو تاب نه سهي سگهي.

فرمائن ٿا ته عارف جو نشان ڪونه هوندو آهي. محب کي شڪوه نه هوندو آهي. بندي کي دعويٰ نه هوندي آهي ڊڄڻ واري کي قرار نه هوندو آهي.

فرمائن ٿا ته عارف اهو آهي، جيڪو دنيا کي تهه بند بڻائي ۽ آخرت کي چادر. ٻنهي کي لاهي حق تعاليٰ ۾ محو ٿي وڃي.

فرمائن ٿا ته عارف، بغير حق تعاليٰ جي، نه ته ڳالهائيندو آهي، ۽ نه ئي ڏسندو آهي. سواءِ حق ذات جي ڪنهن کي پنهنجي نفس جو محافظ نه ڄاڻندو آهي. ان جي غير کان ٻه ڪا ڳالهه ڪونه ٻڌندو آهي.

فرمائن ٿا ته عارف جو زمانو موسم بهار جي مثل آهي، جنهن ۾ بجلي ڪڙڪندي آهي، بادل وسندا آهن، هوائون هلنديون آهن، گل ٽڙندا آهن، پکي ٻوليون ٻوليندا آهن، ۽ جانور خوش ٿيندا آهن. اهڙيءَ طرح عارف به اکين کان روئندو آهي، لبن سان مشڪندو آهي، دل ۾ جلندو آهي، ۽ سر سان ناز ڪندو آهي.

دعوت جي متعلق فرمايائون ته اها ٽن قسمن جي آهي: پهرين دعوت علم، ٻيو دعوت معرفت، ٽيون دعوت معائنو. مگر علم هڪ ئي آهي، ته پنهنجي نفس کي سڃاڻو. عبادت علم جي زبان آهي؛ اشارت معرفت جي زبان آهي.

فرمائن ٿا ته علم اليقين اهو آهي، جو انبياء عليهم الصلواة جي زبان مبارڪ کان اسان تائين پهتو. عين اليقين اهو آهي، جو بغير ڪنهن واسطي سان انوار هدايت کان اسرارالقلوب تائين پهچي، ۽ حق اليقين اهو آهي، جنهن تائين هن علم ۾ رسائي نه آهي.

فرمائن ٿا ته فقير اهو آهي، جو سواءِ حق جي ذات کان ٻيءَ ڪنهن به شيءِ ڏانهن متوجه نه ٿئي.

فرمائن ٿا ته شريعت اها آهي، ته هن جي عبادت ڪريو. طريقو اهو آهي، ته هن کي طلب ڪريو. حقيقت هيءَ آهي ته هن کي ڏسو ۽ سڀ کان بالاتر ذڪر هي آهي، ته مذڪوره جي مشاهدي ۾ ذڪر ڪرڻ به وساري ڇڏيو.

فرمائن ٿا ته زهد هي آهي ته دنيا کي فراموش ڪري ڇڏجي، آخرت کي ياد نه ڪجي ۽ زهد جي معنيٰ اها آهي، ته ٻين سڀني شين کان دل ڦيري فقط خالق ۽ مالڪ جي طرف متوجه ڪرڻ گهرجي.

فرمائن ٿا ته صادق جي علامت هيءَ آهي، ته حرام شيءِ کي منهن مان ڪڍي ڇڏي.

هڪ دفعي حضرت شبلي رحہ شوق جي غلبي ۾ حيران هئا. اهو حال ڏسي حضرت جنيد رحہ فرمايو ته اي شبلي رحہ جيڪڏهن دنيا جا ڪم، حق تعاليٰ جي سپرد ڪري ڇڏين ته جيڪر راحت حاصل ڪرين! حضرت شبلي رحہ جواب ڏنو ته جيڪڏهن حق تعاليٰ منهنجو ڪم مون تي ڇڏي ڏي، ته راحت پائيندس. اهو ٻڌي شيخ جنيد رحہ فرمايو ته شبلي رحہ جي شمشير مان خون ٽمڪي رهيو آهي.

هڪ دفعي صبح جو ٻاهر نڪري ويا، ته هڪ جاءِ تي هڪ نوجوان حسين عورت کي مٿي اگهاڙو بيٺل ڏٺائون. حضرت جن ان کي ڏسي فرمايو ”اي گل! سر بہ پوش“ يعني (اي گل پنهنجو مٿو ڍڪ) عورت يڪدم جواب ڏنو ته يا شيخ! ”گل سرنمي پوشد“ يعني گل مٿو نه ڍڪيندا آهن. عورت جو اهو جواب ٻڌي شبلي رحہ نعرو هنيو ۽ بيهوش ٿي ويا. ان وقت سندن زبان مان ”سبحان الله“ جا لفظ نڪتا. الله جو نالو ٻڌنديءَ ئي اها عورت ڏڪي ويئي ۽ انهيءَ دم سندس جسم مان روح پرواز ڪري ويو.

هڪ ڏينهن هڪ شخص ”يا رب يا رب“ چئي رهيو هو، پاڻ ان کي فرمايائون ته ڪيستائين يا رب يا رب ڪندو رهندي. رب ته چوي پيو ”عبدي“ ان جي ڪلام کي به ته ٻڌ. ان شخص چيو ته مان ”عبدي“ جو لفظ ٻڌي جواب ڏيئي رهيو آهيان. پاڻ فرمايائون ته جي ائين آهي، ته پوءِ تون ٺيڪ ٿو چوين.

جڏهن حضرت شبلي رحہ جي وفات جو وقت قريب آيو، تڏهن فرمايائون ته مون کي وضو ڪرايو. وضو ڪرائڻ ۾ ماڻهن کان سندن ڏاڙهيءَ جو خلال ڪرائڻ وسري ويو، مگر پاڻ انهن کي ياد ڏيارائون. ساري رات هي شعر پڙهندا رهيا.

* ڪل بيت انت ساڪني غير محتاج الي السراج *

* وجهک المامول حجتنا يوم تاتي الناس بالحجج *

جنهن جو مطلب هي آهي ته ”جنهن گهر ۾ تون رهين ٿو، ان کي روشنائيءَ جي ضرورت آهي. جنهن ڏينهن ماڻهو پنهنجي پنهنجي دليل يا حجت کڻي ايندا، مگر تنهنجو پرجمال منهن، جنهن جي اسان کي اميد آهي، اسان جي حجت آهي“.

حضرت شبلي رحہ جي وفات کان اڳ ۾ ئي ڪيترا ماڻهو گڏ ٿي ويا. اهو ڏسي فرمايائون ته عجيب حالت آهي، جو مرده ماڻهو، جيئرن جي نماز جنازه لاءِ آيا آهن. انهن ماڻهن مان ڪنهن حضرت جن کي چيو ته ”لا الٰه الا الله“ چئو. پاڻ فرمايائون ته جڏهن غير جو وجود ئي ڪونهي ته انڪار ڪنهن جو ڪريان. ماڻهن وري چيو ته ڪلمي کان سواءِ ڪو چارو

ڪونهي، ته فرمايائون ته محبت جو بادشاه فرمائي ٿو ته مان رشوت قبول نه ڪندو آهيان. ان کان بعد هڪ شخص بلند آواز سان ڪلمو پڙهيو، تنهن تي پاڻ فرمايائون ته عجب آهي جو مردو زنده کي ٿو تلقين ڪري. ٿوري دير بعد ماڻهن ڪانئن پڇيو ته ڇا حال آهي؟ فرمايائون ته محبوب تائين پهچي ويو آهيان. ائين چئي وفات فرمايائون.

إنا الله و إنا إليه راجعون.

هڪ بزرگ شبلي رحه کي خواب ۾ ڏسي پڇيو ته منڪر ۽ نڪير جي سوال جو اوهان ڇا جواب ڏنو؟ فرمايائون ته جڏهن اهي مون وٽ آيا، ۽ اچي پڇيائون ته تنهنجو رب ڪير آهي؟ تنهن تي مان چيو ته منهنجو رب اهو آهي، جنهن توهان ۽ تمام فرشتن کي حڪم ڏنو ته منهنجي ڏاڏي (آدم عليه‌السلام) کي سجدو ڪريو ۽ توهان سجدو ڪيو.

هڪ ٻئي بزرگ حضرت شبلي رحه کي خواب ۾ ڏسي پڇيو ته خداوند ڪريم اوهان سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو؟ فرمايائون ته منهنجي مٿي دعوائن جو مطالبو نه ڪيو ويو، مگر هڪ دفعو منهنجي زبان کان هي جملو نڪتو ته "بهشت کان باز رهو انهيءَ کان وڌيڪ ٻيو نقصان ڪونهي" ان ڪري مون تي عتاب ڪيو ويو ۽ فرمايو ويو ته سڀ کان وڌيڪ خسارو هي آهي ته ساڻهو منهنجي ديدار کان پوشيده رهن.

هڪ ٻئي بزرگ حضرت شبلي رحه کي خواب ۾ ڏسي پڇيو ته آخرت جي بازار کي تو ڪيئن ڏٺو يعني ڪهڙي نموني ڏٺو؟ فرمايائون ته ان بازار ۾ زخمي جگر ۽ شڪسته دل ماڻهن جي رونق ڏٺم. انهيءَ بازار ۾ سڙيلن کي ملم ملندي آهي، دل ٽٽلن کي جوڙي ڇڏن ٿا، ۽ ٻيءَ ڪنهن به چيز جي طرف متوجه نٿا ٿين.

• ذڪر حضرت ابو نصر سراج رحمت الله عليه •

حضرت ابو نصر رحه پنهنجي وقت جا عالم ۽ عارف ۽ وقت جا شيخ هئا. سندن لقب "طاؤس الفقرا" آهي. ڪيترن ئي علمن ۾ ڪامل ۽ ماهر هئا، رياضت ۽ معاملات ۾ عظيم شان رکندا هئا. ڪيترن ئي مشائخن کي ڏٺو هئائون، انهن کان فيض به حاصل ڪيو هئائون. پاڻ صاحب تصنيف به ٿي گذريا آهن. حضرت ابو نصر رحه طوس شهر جا رهڻ وارا هئا.

رمضان مبارڪ ۾ جڏهن بغداد ۾ تشريف فرما ٿيا، تڏهن کين مسجد شونيزيه ۾ هڪ حجرو ڏنو ويو، جتي درويشن جي امامت به سندن ئي حوالي ڪئي ويئي. هڪ خادم هر روز کين هڪ ماني ڏيندو ويندو هو. جڏهن رمضان جو مهينو گذري ويو ته پاڻ پنهنجي شهر هليا ويا.

ڏنو ويو ته سندن حجري ۾ اهي سڀ مانيون بدستور پيون هيون. جيڪي خادم کين ڏيئي ويندو هو، انهن مانين مان هڪ ماني به ڪاڏي ڪانه هئي.

نقل آهي ته هڪ دفعي جڏهن سرديءَ جي موسم ۾ حضرت جن جي مجلس ۾ معرفت جي بنسبت گفتگو هلي رهي هئي، ۽ اڳيان باه ٻري رهي هئي ته ڪنهن ڳالهه تي حضرت جن کي لطف اچي ويو، ۽ هڪدم سجدي ۾ ڪري پيا، ۽ سندن هٿ ۽ منهن باه ۾ وڃي پيا. مريدن کي خوف ٿيو ته باه حضرت جن کي جلائي ڇڏيندي. مگر جڏهن پاڻ سجدي کان مٿو مٿي کنيائون ته سندن وار کي به سيڪ ڪونه آيل هو. حالانڪ ڪيترو ئي وقت سجدي ۾ پيا هئا. سجدي کان فارغ ٿي فرمايائون ته جنهن درگاه الاهيءَ ۾ پنهنجي آبرو وڃائي ڇڏي هجي، انکي باه نتي ساڙي سگهي. بلڪ عاشق ماڻهن جي دل جي باه کان خود دوزخ به پناه گهرندو آهي.

فرمائن ٿا ته ماڻهو ادب جي لحاظ کان ٽن قسمن جا هوندا آهن: پهريون اهل دنيا، ٻيو اهل دين، ٽيون اهل خصوص.

فرمائن ٿا ته جيڪو به جنازو منهنجي قبر جي پرسان لگهندو، ان جي مغفرت ٿيندي. انهيءَ ڪري طوس جا ماڻهون پنهنجي جنازن کي پهريائين اتان ضرور لنگهائيندا آهن، حتي حضرت ابو نصر سراج رحه جو مزار سارڪ آهي. ان کان پوءِ جنازي کي دفنايو ويندو آهي.

حضرت ابو نصر رحه جون ڳالهيون ته بيشمار آهن، مگر مضمون جي وڌي وڃڻ سبب تبرڪات جي طور، سندن مختصر احوال ڏنو ويو آهي.

* ذڪر حضرت ابوالعباس قصاب رحمت الله عليه *

حضرت ابوالعباس رحه درگاه الاهيءَ جا ننڍ پروردہ هئا. وقت جا صديق، شيخ، عالم ۽ محرم مشائخن مان هئا. مروت ۽ فتوت ۾ ڪامل، رياضت ۽ ڪرامتن ۾ الاهي شان رکندا هئا. پاڻ ابو سعيد، ابوالخير رحه جي مريدن مان هئا.

فرمائن ٿا ته هر شخص الله تعاليٰ کان آزادي ۽ روزي طلب ڪندو آهي، مگر سندن ته مونکي ۽ بک طلب ڪندو آهيان. آزاد ۽ روگرداني ۽ وارو خطري ۾ هوندو آهي.

فرمائن ٿا ته اسان جي ۽ توهان جي درميان، فقط هڪ ئي ڳالهه جو فرق آهي. اهو هي آهي ته توهان سڀئي اسان کي چئو ٿا، مگر اسان ”انَ“ کي ئي چوندا آهيون، ۽ سندس ئي ڪلام ٻڌندا آهيون.

فرمائن ٿا ته جيڪو مريد، ڪنهن درويش جي هڪ خدمت ڪري ٿو ته اها خدمت سؤ

رڪعت نماز ڪان افضل آهي. پنهنجي قوت ڪان هڪ لقمو گهٽ کائڻ سؤ رڪعت نماز ڪان افضل آهي.

هڪ دفعي ظاهري علم جو ذڪر فرمائي رهيا هئا تہ فرمايائون تہ ”آهو“ اهڙو جوهر آهي، جيڪڏهن ان جو ذرو توحيد جي پردہ ڪان ظاهر ٿي پوي، تہ جيڪر آدمي پنهنجي هستيءَ ڪان ٿي ويندو رهي. اها نہ معرفت آهي، نہ بصيرت، نہ نور، نہ ظلمت، نہ فنا، بلڪ هست ٿي هست آهي. سندن فرمودا هن طرح آهن:

رسول خدا صلي الله عليه وسلم، نعوذ باالله مردہ نہ آهن بلڪ اهو توهان جي اکين جو نصيب مردہ آهي. دنيا پليد آهي، مگر دنيا ڪان وڌيڪ ان شخص جي دل پليد آهي، جنهن کي الله تعاليٰ دنيا جي عشق ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي. قيامت جي ڏينهن حساب ڪتاب منهنجي هٿ ۾ ڏنو وڃي تہ پوءِ ڏسو تہ مان ڇاڻو ڪريان. مان فخر عالم ۽ قرة العين مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم آهيان، اهي مون تي فخر ڪندا تہ هي اسان جي اولاد مان آهي، ۽ حضور پر نور صلي الله عليه وسلم جن جي اک روشن هوندي تہ مان ان جي اُمت مان آهيان. هڪ سجدو ”آن“ جي هستيءَ ۽ منهنجي نيستيءَ سان گڏ مون ڪان ٿي وڃي، تہ مان ان کي نهايت عزيز رکندس. ماڻهن کانئن پڇيو تہ جڏهن اهل بهشت، بهشت ۾ ۽ اهل دوزخ، دوزخ ۾ هليا ويندا، تہ جوانمرد ماڻهو ڪٿي هوندا؟ فرمايائون تہ جنهن جي جاءِ، نہ دنيا ۾ هجي نہ آخرت ۾.

هڪ شخص خواب ۾ قيامت ڏٺي، اتي هن شيخ ابوالعباس رحہ کي گهوليو، مگر ڪٿي ڪونہ ڏٺائين. صبح جو ان شخص پنهنجو خواب حضرت ابوالعباس رحہ سان بيان ڪيو. پاڻ فرمايائون تہ جڏهن اسان ڪجهہ آهيون ٿي ڪين، تہ اتي تون اسان کي ڪيئن ڏسي سگهندين.

هڪ ڏينهن پاڻ خلوت ۾ هئا تہ مؤذن جا الفاظ ”قدقامت الصلوات“ سندن ڪنن تي پهتا تڏهن فرمايائون تہ ڪيتري قدر سخت آهي جو صدر ۽ پيشگاہ ڪان دروازي تي اچڻو پوي ٿو. پوءِ اچي نماز ادا ڪيائون.

● ذڪر حضرت ابو اسحاق ابراهيم بن احمد الصوفي الخواص ● رحمت الله عليه

سندن ذات بابرڪات يگانہ عهد، مختار اولياءُ ۽ صاحب ڪرامت هئا، طريقت ۾ ڪين بيحد دخل حاصل هو، حقيقت ۾ ڪامل ۽ اڪمل هئا، ”رئيس المتوڪلين“ جي لقب سان مشهور هئا. شيخ جنيد رحہ ۽ ثوري رحہ جا همعصر هئا، ڪيترن مشائخين کي ڏٺو هئائون. معاملات ۽ حقائق ۾ صاحب تصنيف هئا. ڪيترا ئي مرتبہ محض توڪل، اڪيلائي ۽ بغير خرچ جي جهنگ جا مرحلا طئہ ڪيائون. سنہ ٢٩١ هہ ۾ شهر ”ري“ ۾ وفات پاتائون. جيئن تہ پاڻ حضرت جن ڪارا ناهيندا هئا، تنهن ڪري ڪين ”خواص“ چوندا هئا.

فرمائن ٿا تہ حضرت خضر عليہ السلام مون سان صحبت رکڻ ٿي گهري، مگر مان پسند نہ ڪيو. چاڪاڻ تہ مبادا توڪل ۾ خلل نہ پئجي وڃي.

فرمائن ٿا تہ هڪ دفعي مان جهنگ مان وڃي رهيو هوس، تہ هڪ عورت کي ننگي سر ڏٺم. مان کيس چيو تہ اي عورت! پنهنجي سر کي ڍڪي ڇڏ. هن جواب ۾ چيو تہ تون پنهنجي اکين جي حفاظت ڪر. مان هن کي چيو تہ مان عاشق آهيان، ۽ عاشق ماڻهو اکيون بند ڪونہ ڪندا آهن. هن چيو تہ مان مست آهيان، تنهن ڪري مست جو پردي سان ڪهڙو ڪم؟ مان کانئس پڇيو تہ ڪهڙي شراب خاني جو خمار اٿيئي؟ حيائين تہ ڇا هيو بہ شراب خانو آهي ڇا؟ ٻنهي جهانن ۾ الله ڪان سواءِ هيو ڪوئي ڪونهي. مان چيو تہ ڇا تو کي منهنجو ساٿ گهر جي جواب ڏنائين تہ اجائي طمع نہ ڪر، آءٌ مرد جي ڳولا ۾ نہ آهيان.

ماڻهن حضرت جن کان ايمان جي حقيقت پڇي، تہ فرمايائون تہ هن وقت جو جواب ڏيندس، اهو عبادت ۾ شامل ٿيندو، مگر مون کي معاملي سان جواب ڏيڻ گهرجي. مان هن وقت حج جو ارادو رکان ٿو، توهان مون سان گڏ هلو تہ جيئن توهان پنهنجي سوال جو جواب حاصل ڪري سگهو. الغرض ڪجهہ ماڻهو حضرت جن سان حج لاءِ روانہ ٿيا. انهن جو چوڻ آهي، تہ جڏهن بہ جهنگل ۾ پهتا سي، تہ روزانو ڪجهہ مانيو ۽ ٿورو پاڻي ڪٿان نہ ڪٿان ايندو ٿي رهيو. حضرت جن اهو اسان کي ڏيئي ٿي ڇڏيو. هڪ ڏينهن هڪ جهنگ ۾ هڪ بزرگ کي ڏٺو سين، جيئن ئي ان بزرگ حضرت جن کي ڏٺو تہ سواري ترڪ ڪري ڇڏيائين، ۽ حضرت جن جي خدمت ۾ اچي ڪجهہ وقت ڳالهيون ڪيون، پوءِ اهو بزرگ هليو ويو. اسان مان هڪ

چٽي حضرت جن ڪان پڇيو ته اهو بزرگ ڪير هو؟ فرمايائون ته توهان کي سوال جو جواب ملي ويو. اسان پڇيو، ته اهو ڪير؟ فرمايائون ته اهو حضرت خضر عليه السلام هو. مون سان صحبت ڪرڻ تي گهريائين، مگر مان انهيءَ خيال سان ته مبادا توڪل ۾ خلل نه پوي تنهن ڪري صحبت ڪرڻ قبول نه ڪئي ۽ حق تعاليٰ تي اعتماد رکيو.

هڪ دفعي، هڪ مريد سان گڏ ڪنهن جهنگ مان گذر ڪري رهيا هئا، ته سامهون هڪ شينهن ٿي آيو شينهن کي ايندو ڏسي، سندن مريد ڏڪڻ لڳو، ۽ هڪ وڻ تي چڙهي ويو. مگر پاڻ حضرت جن اتي ئي مصلو وڇائي ويهي رهيا. شينهن به اتي ويهي رهيو ۽ ٿوري وقت کان پوءِ هليو ويو. ان کان پوءِ پاڻ حضرت جن به اڳتي هلڻ لڳا. ساڳيو مريد به گڏ هلڻ لڳو رستي ۾ هڪ مڇر حضرت جن کي چڪ پاتو، حضرت جن فرياد ڪئي. مريد عرض ڪيو ته حضرت! هي ڇا ماجرا آهي، جو هنڪان اڳ اوهان شينهن کان ڪونه ٿي ڊنا، ۽ هاڻي جڏهن مڇر اوهان کي ڏنگ هنيون آهي، ته فرياد ڪرڻ لڳا آهيو؟ پاڻ فرمايائون ته ان وقت مان پنهنجي حالت ۾ ڪونه هيس.

فرمائن ٿا ته هڪ دفعي توڪل تي جهنگ مان وڃي رهيو هوس، ته هڪ نوجوان تي نظر پيئي، هن سلام ڪري چيو ته اوهان مون کي پاڻ سان گڏ رکندا؟ نوجوان آتش پرست هو، مان هن کي چيو ته جيڏانهن مان وڃان ٿو، اتي تنهنجي رسائي ٿي نه سگهندي. هن چيو ته مان هلندس، ڇو ته مان به طاقت رکندڙ آهيان. آخرڪار هو گڏجي هليو، ڏينهن رات هلندا رهيا سون، اٺين ڏينهن هن چيو ته مون کي سخت بک لڳي آهي، اوهان پنهنجي خدا سان گستاخي ڪريو. مان هڪدم مناجات ڪئي ته اي خداوند ڪريم! محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جي طفيل مون کي هن ڪافر جي اڳيان ذليل نه ڪر. انهيءَ وقت قدرت الاهيءَ سان عمدو کاڌو اسان جي اڳيان اچي ويو. جنهن کي پنهي ڄڻن ڍءُ ڪري کاڌو ۽ اڳتي وڌڻ شروع ڪيو سون. اٺين ڏينهن وري مان هن کي چيو ته هاڻي تون پنهنجي قدرت ڏيکار؟ تنهن تي هن پنهنجي لٺ کي زمين ۾ کوڙي ڪجهه چيو، ته انهيءَ وقت به طشت کاڌي سان ڀريل اسان جي سامهون اچي ويا. مان شرمندگيءَ سبب کائڻ نه گهريو، تڏهن هن چيو، ته کاڌو کائو ته مان اوهان کي ٻه ڳالهيون به خوشخبريون ٻڌائيندس. هڪ هيءَ ته منهنجو زنار ڇني ڇڏيو ۽ اسلام سيکاريو. ٻي هيءَ ته اوهان جڏهن کاڌي لاءِ چيو، ته مان دعا گهري ته هن بزرگ جي طفيل مون کي شرمندو نه ڪر. گويا اوهان جي برڪت سبب ئي اهو کاڌو ميسر ٿيو. پوءِ هو نوجوان ڪلمو پڙهي مسلمان ٿو. بس پوءِ اسان ٻنهي گڏجي اهو کاڌو استعمال ڪيو، ۽ اڳتي هليا سين. مڪي پهچي، هو خاني ڪعبي جو مجاور بڻجي ويو.

فرمائن ٿا ته راه ويندي هڪ شخص کي ڏٺم، جيڪو بغير خرچ جي سفر ڪري رهيو هو. مان هن کي چيو ته هن عمر ۾ ڪهڙي جنون ڪنيو اٿيئي؟ هن چيو ته اسان جي جماعت ۾ اهڙا ٻه آهن، جيڪي محض توڪل تي سفر ڪندا آهن. جيئن اوهان آهيو. مان پڇيو تہ توڪل ڇا آهي؟ چيائين ته خدا تعاليٰ کان هر هڪ چيز وٺڻ توڪل آهي.

فرمائن ٿا ته هڪ دفعي مان سفر ڪري رهيو هوس، ته رستي ۾ ڏاڙهن جا وڻ ڏٺم، منهنجي دل ۾ انهن ڏاڙهن کائڻ جي سڌ پيدا ٿي، جڏهن ڪجهه ڏاڙهون پٽي ڪاڌا ته اهي کٽا هئا، تنهن ڪري اهي ڪونه ڪاڌا. ٿورو سفر طئه ڪرڻ کان بعد هڪ لولو لنگڙو نهايت ضعيف ڏٺم. جنهن جي بدن ۾ ڪيڙا پئجي ويا هئا، ۽ ڏينهو ان کي ستائي رهيا هئا. مان هن کي چيو ته جيڪڏهن تون چاهين ته تنهنجي لاءِ هن بلا کان رهائيءَ جي دعا گهران. هن چيو ته ضرورت نه آهي. مان پڇيو مانس ته ڇو؟ چيائين ته دوست جي پسند کي مان پسند ڪريان ٿو. مان وري هن کي چيو ته جيڪڏهن چاهين ته توکي هنن ڏينهن کان علحده ڪريان، ته جيئن توکي ڏنگ نه هڻن. چيائين ته پهريائين پاڻ کان مٺن ڏاڙهن کائڻ جو آزار دور ڪر، پوءِ منهنجي سلامتيءَ جو فڪر ڪر. مان کانئس پڇيو ته توکي اهو ڪيئن معلوم ٿيو؟ چيائين ته جيڪو حق تعاليٰ کي سڃاڻي ٿو، ان کان ڪابه چيز مخفي نٿي رهي.

فرمائن ٿا ته هڪ دفعي جهنگل ۾ مون کي ڏاڍي بک لڳي، هڪ اعرابي اچي چيو ته اي وڏي پيٽ وارا! ڪائڻ جي ايتري تقاضا ڇو اٿيئي؟ مان چيو ته ڪيترن ڏينهن کان بکيو آهيان. اعرابيءَ چيو ته ڇا تون نٿو چاهين ته دعويٰ، مدعي ماڻهن جا پردا کولي ڇڏيندي آهي. تو جهڙي کي دعويٰ ۽ توڪل سان ڪهڙو ڪم!

فرمائن ٿا ته فارغ هٿ، ۽ فارغ دل طلب ڪريو، ۽ جتي چاهيو اتي وڃو.

فرمائن ٿا ته عالم اهو آهي، جو علم تي عمل ڪريءَ سنت جي پيروي ڪري، خواه ان جو علم ڪيترو ئي ٿورو ڇونه هجي.

فرمائن ٿا ته تمام معاملو ٻن ڳالهين ۾ جمع ٿيل آهي. پهريون ته جنهن ڳالهه جي تڪليف الله تعاليٰ توهان کان وٺي ڇڏي آهي، ان لاءِ تڪليف نه ڪريو. مثلا روزي، ٻيو هي ته جيڪا ڳالهه توهان تي فرض ڪئي ويئي آهي، ان جي ادا ڪرڻ ۾ غفلت نه ڪريو.

فرمائن ٿا ته دل جي دوا پنجن ڳالهين ۾ آهي: پهريون قرآن شريف پڙهڻ، ۽ ان ۾ غور ۽ فڪر ۽ تدبر ڪرڻ. ٻيو پيٽ کي خالي رکڻ. ٽيون تهجد جي نماز پڙهڻ. چوٿون صبح جي وقت دعا ۽ زاريءَ کان ڪم وٺڻ. پنجون نيڪ ماڻهن جي صحبت ڪرڻ.

آخري عمر ۾ کين دستن جي بيماري ٿي پيئي، ڏينهن رات ۾ سٺ سٺ دفعا غسل ڪندا

هئا. جڏهن بہ حاجت کان فارغ ٿيندا هئا تہ هڪدم غسل ڪندا هئا ۽ ٻہ رڪعتون نماز ادا ڪندا هئا. آخر ٻاڙيءَ ۾ ٿي غسل ڪندي پاڻ رحلت فرمايائون.

إنا الله و إنا إليه راجعون.

هڪ بزرگ حضرت جن کي خواب ۾ ڏسي پڇيو تہ الله تعاليٰ اوهان سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو؟ فرمايائون تہ باوجود عبادت ۽ توڪل جي جڏهن دنيا مان وڃڻ تہ طهارت (پاڪائي) سان وڃڻ، انهيءَ سبب ڪري سڀني کي سڀ جو ثواب ڏنو ويو. ليڪن طهارت جي سبب کان اهڙي جڳهہ ڏني ويئي، جا سڀ کان اعليٰ تر آهي ۽ ندا ڪئي ويئي تہ اهو محض ان ڪري مليو اٿيئي جو تون پاڪ آهين، ۽ پاڪ ماڻهن جو هن درگاه ۾ قدر آهي.

✱ ذڪر حضرت ممشادالدينوري رحمت الله عليه ✱

حضرت جن عالي همت، وقت جا شيخ ۽ عام ۽ خاص ۾ مقبول هئا. رياضت ۽ مشاهدي ۽ خدمت ۾ ڪمال رکندا هئا، سيني مشائخن ۾ مقبول هئا، ڪيترن بزرگن کان فيض پڻ حاصل ڪيو هئائون. حضرت جن سنہ ٢٧٩ ھ يا ٢٩٩ ھ ۾ وفات فرمائي. سندن خانقاه جو دروازو هميشه بند رهندو هو. جڏهن بہ ڪو مسافر ايندو هو تہ ان کان پڇندا هئا، تہ مسافر آهي يا مقيم جيڪڏهن اهو پنهنجو پاڻ کي مقيم چوائيندو هو تہ دروازو کوليندا هئا، نہ تہ چوندا هئا تہ هت تنهنجي لاءِ جڳهہ ڪانهي. ڇاڪاڻ تہ مسافر هڪ واريءَ حالت ۾ چند ڏينهن کان پوءِ جڏهن توسان محبت ٿي ويندي تہ تون هليو ويندين، ۽ اسان کي فراق ۾ ڇڏي ويندين.

ڪنهن شخص ڪين دعا جي لاءِ درخواست ڪئي. ان کي فرمايائون تہ وڃي الله جي ڳليءَ ۾ وڃي رهہ، تہ پوءِ توکي ممشاد جي دعا جي ضرورت ئي نہ پوندي. هن پڇيو تہ خدا جي ڳلي ڪٿي آهي؟ فرمايائون تہ جتي تون نہ هجين. اهو ٻڌي ان شخص ماڻهن کان علحدگي اختيار ڪئي ۽ پنهنجي مراد کي پهچي ويو.

فرمائن ٿا تہ بت ڪيترن قسمن جا ٿيندا آهن: ڪن جو صنم يعني بت نفس، ڪن جو اولاد، ڪن جو مال، ڪن جو بت زال، ڪن جي تجارت ۽ هنر، ۽ ڪن جو بت نماز روزو ۽ زڪوات آهن. مطلب تہ هر شخص پنهنجي بت جي عبادت ۾ مصروف ۽ محو آهي، مگر انهن بتن کان بچڻ جو ڪوئي علاج ڪونهي.

فرمائن ٿا تہ پنهنجي نفس کي حقير سمجهو، ان جي افعال تي بلڪل اعتبار نہ ڪريو. ڪابہ نيڪي يا بدي نفس کان سرزد ٿي وڃي تہ ان تي راضي ٿيو، ۽ نفس کي ملامت

ڪندا رهو.

فرمائن ٿا ته مريدن جو ادب هي آهي ته پيرن جي تعظيم ڪن، ڀائرن جي عزت جو خيال رکن، ۽ تمام شڪ شبهات ڪان هٿ ڪڻي ڇڏن، آداب شريعت جو خيال رکن ۽ نفس جي موافقت ڪان پنهنجو پاڻ کي بچائين.

فرمائن ٿا ته اهل اصلاح وارن جي صحبت ۾ دل جي صلاحيت ٿيندي آهي. فساد وارن جي صحبت ۾ فساد پيدا ٿيندو آهي.

فرمائن ٿا ته سڀ ڪان بهتر حالت ان شخص جي آهي، جنهن کي پنهنجي نفس مٿان پورو پورو ضابطو هجي، سندس هر ڪم ۾ اعتقاد ٻزي تعاليٰ تي هجي.

فرمائن ٿا ته معرفت هيءَ آهي تہ خاص دل سان الله تعاليٰ جو ئي محتاج ٿجي. فرمائن ٿا ته معرفت ٽن طريقن سان حاصل ٿيندي آهي. پهريون ذڪر سان يعني هي ڪم ڪيئن ٿي رهيا آهن. ٻيو تقدير ۾ فڪر ڪرڻ سان تہ ان کي ڪهڙيءَ طرح مقدر ڪيو ويو آهي، ۽ ٽيون خلق ۾ فڪر ڪرڻ سان، تہ ان کي ڪهڙيءَ طرح پيدا ڪيو ويو آهي. فرمائن ٿا ته حڪيم ماٺهن، خاموشيءَ ۽ تفڪر سان حڪمت حاصل ڪئي آهي. فرمايائون ته توڪل جي معنيٰ هيءَ آهي، ته جنهن شيءِ جي طرف طبيعت رغبت ڪري ۽ نفس چاهي ته اها طمع ڇڏي ڏجي. فرمائن ٿا ته فقير لاءِ هي شرط آهي، ته جڏهن بک لڳس ته نماز ۾ مشغول ٿي وڃي. اخلاص نہ هجي تہ روزو رکي، ڇاڪاڻ تہ الله تعاليٰ، درويش کي ٽن ڳالهين ڪان خالي ڪونہ رکندو آهي: پهريون رزق، ٻيو قوت، ٽيون موت.

وفات جي وقت ماڻهن ڪانئن پڇيو تہ اوهان کي ڪهڙو مرض آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ مون ڪان مرض پڇو ٿا! ماڻهن کين چيو تہ ڪلمو شريف پڙهو. تنهن تي پاڻ ديوار جي طرف منهن ڪري فرمايائون ته مان فاني ٿي ويو آهيان. وڌيڪ فرمايائون تہ جيڪو توهان کي دوست رکي، ان جي سزا اهڙي ئي ٿيندي آهي. فرمايائون ته ٽن سالن ڪان وٺي مون کي بهشت پيش ڪيو ويو آهي، ليڪن مان ان جي طرف اک کڻي بہ ڪونہ نهاري ڏٺو آهي. فرمايائون تہ ٽيهن سالن ڪان وٺي منهنجي دل گم ٿي ويئي آهي، مگر مان ان جي واپسيءَ جو طلبگار نہ ٿيو آهيان. جڏهن تہ سيني صديقن حق تعاليٰ ۾ پنهنجين دلين کي گم ڪرڻ چاهيو، تہ پوءِ مان ان ڪيئن طلب ڪريان! ايترو چئي پاڻ رحلت فرمايائون.

إنــا لله وإنا إليه راجعون.

ذڪر حضرت ابو اسحاق ابراهيم الشيباني رحمت الله عليه

حضرت ابراهيم الشيباني رحمت الله عليه، سلطان اهل تصوف، برهان بي تڪلف، امام زمانه، ملڪوت روحاني ۽ وقت جا قطب هئا. پاڻ وقت جا پير ۽ شيخ مطلق هئا، پسنديده صفات ۽ مقبول طريقت هئا. مجاهدي ۽ رياضت ۾ سندن شان نهايت عجيب هو، تقويٰ ۽ ورع ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئا. عبدالله مبارڪ فرمائن ٿا ته حضرت ابراهيم الشيباني رحه فقر ۾ محب خدا آهن. پاڻ حضرت جن وجد ڪامل ۽ مراقبو دائم رکندا هئا. پاڻ فرمائن ٿا ته مان چاليهن سالن تائين ابو عبدالله مغربيءَ جي خدمت ڪئي، ۽ ماڻهن جي ڪاڏي جي استعمال ٿيندڙ چيز مان ڪابه شيءِ ڪانه کاڌي. انهيءَ دور ۾ نه ته منهنجا وار وڌيا ۽ نه ننهن ۾ ئي ڪا واڌ ٿي ۽ نه وري ڪپڙا به ميرا ٿيا. فرمايو اٿن ته مان ڪنهن به چٽ هيٺان ڪونه سمهيو آهيان، سواءِ بيت الحرام جي چٽ جي. فرمايائون ته انهيءَ وقت جي دوران مان ڪجهه به ڪونه ڪاڌو. فرمائن ٿا ته هڪ دفعي جڏهن شام ملڪ ۾ هوس ته مسور جي دال کائڻ جي خواهش ٿي، ۽ هڪ پيالو دال جو وٺي کائي ڇڏيم، ان کان بعد بازار ويس، اتي هڪ جاءِ تي چند وڏن مٽن کي پيل ڏٺم. ماڻهن ٻڌايو ته اهي مٽ شراب سان ڀريل آهن. مان دل ۾ خيال ڪيو ته انهن کي ڀڃي ڇڏڻ لازم آهي، انهيءَ خيال کان انهن سڀني شراب جي مٽن کي ڀڃي ڇڏيم. جڏهن شراب جي مٽن جي مالڪ اهو ڏٺو، تڏهن مون کي بادشاه سمجهي ڪجهه ڪين چيو، پر جڏهن ان کي اها خبر پيئي ته مان بادشاه ڪين آهيان، تڏهن مون کي پڪڙي ابن طربون (ان وقت جي حاڪم) وٽ وٺي ويو. هن مون کي انهيءَ حرڪت جي سزا ۾ ٻه سؤ ڪوڙا هڻايا ۽ بعد ۾ جيل ۾ موڪلي ڇڏيائين. ڪيتري وقت تائين مان جيل ۾ پيو رهيس. هڪ ڏينهن حضرت عبدالله مغربي رحه جو ان جيل کان گذر ٿيو. جڏهن مون کي ڏٺائين، تڏهن سفارش ڪرائي مون کي نجات ڏيارائين. جڏهن مان حضرت ابو عبدالله مغربي رحه جي خدمت ۾ ويس، ته هن مون کان پڇيو "ته اي ابراهيم! ائين توسان ڇو ٿي گذريو؟" مان عرض ڪيو، ته سائين! هڪ ڏينهن دل ۾ کائڻ جي خواهش ٿي ۽ خواهش کان مجبور ٿي پيٽ ڀري کاڌم، انهيءَ جي بدلي ۾ مون کي ٻه سؤ ڪوڙا لڳا ۽ قيد نصيب ٿيو. تنهن تي حضرت عبدالله مغربي رحه فرمايو ته اجا به تون فائدي ۾ ويو آهين، ورنه تنهنجي قصور جي سزا تمام وڏي ٿي سگهي ٿي.

نقل آهي ته پاڻ جڏهن به حج جو ارادو ڪندا هئا، ته پهريائين حضور پر نور صلي الله عليه وسلم جن جي روضي مبارڪ جي زيارت ڪندا هئا، ۽ بعد ۾ مڪي شريف ويندا هئا. واپسيءَ

تي بہ وري روضي رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي ديدار لاءِ موٽي ايندا هئا. چوندا هئا "السلام عليڪ يا رسول الله" حضور جن جي روضي اقدس مان جواب ايندو هو "وعليڪم السلام يا پير شيباني" پاڻ فرمائن ٿا تہ جيڪو شخص چاهي تہ آزاد رهي، تہ ان کي گهرجي تہ حق تعاليٰ جي عبادت نهايت اخلاص سان ڪري؛ فرمائن ٿا تہ جيڪو عبوديت جي حقيقت کي ڄاڻي ٿو، تہ اهو "الله" کان سواءِ ٻين سڀني ڳالهين کان آزاد ٿي وڃي ٿو.

نقل آهي تہ ڪنهن شخص حضرت جن کان دعا طلب ڪئي. پاڻ فرمايائون تہ وقت جي مخالفت ڪرڻ بي ادبي آهي، سو مان اها بي ادبي ڪيئن ڪريان. هڪ ٻئي شخص ڪانئن وصيت گهري، پاڻ فرمايائونس تہ الله تعاليٰ کي هميشه ياد رک، ۽ ڪڏهن ان کي نہ وسار. جيڪڏهن ائين نہ ڪري سگهين، تہ پوءِ موت کي ياد رک، ۽ ڪڏهن بہ ان کي فراموش نہ ڪر.

ذڪر حضرت ابو بڪر صيدلاني رحمت‌الله عليه

فلڪ عبادت، خورشيد سعادت، چشمہ رضا و نقطہ وفا، شيخ ابو بڪر صيدلاني رحہ نهايت صاحب جمال ۽ بزرگ هئا. ان وقت جي عهد ۾ ڪوبہ شخص سندن ثاني ڪونہ هو، پاڻ ورع، تقويٰ، معاملات ۽ مشاهدات ۾ يگانہ هئا. پاڻ اصل ۾ فارس (ايران) جا رهاڪو هئا. ليڪن سندن وفات نيشاپور ۾ واقع ٿي. حضرت شبلي رحہ کين نهايت بزرگ ۽ محترم ڄاڻندا هئا. پاڻ فرمائن ٿا تہ هي ساري دنيا هڪ قسم جي حڪمت آهي، انهيءَ حڪمت مان هر هڪ کي پنهنجي ڪشف مطابق حصو مليل آهي. پاڻ فرمائن ٿا تہ حق تعاليٰ سان محبت رکو تہ جيئن ان جي صحبت جي برڪت توهان کي حق تعاليٰ تائين پهچائي ڏي، ۽ توهان ٻنهي جهانن ۾ نجات حاصل ڪريو.

فرمائن ٿا تہ ماڻهن جي ميل ميلاپ کان پري رهو ۽ حق تعاليٰ سان ميل زياده رکو.

فرمائن ٿا تہ سڀ کان وڌيڪ بهتر اهو ماڻهو آهي، جيڪو غير ۾ بہ نيڪ خيال رکي ٿو.

فرمائن ٿا تہ بندي لاءِ اهو لازم آهي، تہ توڪل واريءَ حالت ۾ پنهنجي نفس جي قصور کي ڏسي ۽ حق تعاليٰ جي احسانن کي هميشه مدنظر رکي.

فرمائن ٿا تہ بندي جي هر حرڪت يعني اٿڻ، ويهڻ، ڳالهائڻ (۽ ٻيا معاملا) سڀ خدا لاءِ هئڻ گهرجن، يعني اهڙو عمل نہ هئڻ گهرجي، جيڪو خداوند ڪريم جي مرضيءَ جي خلاف

هجي. فرمائن ٿا ته عقلمند آدمي اهو آهي، جيڪو بيهودين ڳالهين کان باز رهي ٿو. فرمائن ٿا ته جيڪو شخص خاموش نه آهي، اهو ڄڻ ته ڪهاڻي ۾ مبتلا آهي. فرمائن ٿا ته مريد جي علامت ”غير جنس“ آهي. (غير جنس مان مراد اها هرگز ناهي ته ڪو هو آدمي نه هجي، جن ڀوت پکي پرندو هجي. پر غير جنس مان مراد اها آهي ته مريد اهو صحيح آهي، جنهن کي پنهنجي هم جنس جيان ڪا خواهش نه هجي. عام معنيٰ ۾ ”غير جنس“ جو مفهوم آهي ”بي خواهش“ (مترجم) فرمائن ٿا ته هي ساري ڪائنات منهنجي دشمن آهي، ۽ منهنجي لاءِ حجاب (پرده) آهي. فرمائن ٿا ته همت جي نگاه رکو. حضرت جن جي مريدن کان روايت آهي ته اسان حضرت جن جي مزار تي سندن نالي جي تختي لڳائي ڇڏي، پر اها ڪري ڪري تي پيئي، ۽ گم ٿي ٿي ويئي. اسان ڪيترا ئي ڀيرا اهڙي قسم جون تختيون سندن مزار تي ٽنگيندا رهيا سي، مگر اهي سڀ جون سڀ ڪري تي پيئون ۽ گم ٿي ٿي ويون. آخر انهيءَ راز جي متعلق حضرت ابو علي دقاق کان پڇيو ويو. جن فرمايو ته حضرت ابو بڪر صيدلاني رحه ته پاڻ کي دنيا ۾ پوشيده رکيو هو. توهان ته چاهيو ٿا ته هن جي راز کي ظاهر ڪريون، مگر حق تعاليٰ هن کي پوشيده رکڻ گهري ٿو. حضرت ابو بڪر صيدلاني رحه سنه ٢٤٠ هه ۾ وفات فرمائي.

* ذڪر حضرت ابو حمزه محمد ابراهيم البغدادي رحمت الله عليه *

حضرت ابو حمزه بغدادي رحمت الله عليه سالڪ طريق تجريد، سائل سبيل، توحيد ساڪن، حطيره قدس، حاذن زخيره، نقط دائره، آزاد زنده عالم هئا. پاڻ حضرت جن صوفين جي جماعت جا نهايت جليل القدر رڪن هئا، ۽ سندن ڪلام نهايت ئي لطيف هو، ۽ حضرت جن علم تفسير روايات ۽ حديث ۾ ڪمال تائين پهتل هئا. سندن پير حضرت حارث محاسبي رحه هئا. حضرت جن، حضرت سيري نوري ذخيره نساج جن جي صحبت کان سواءِ ٻين ڪيترن مشائخن جي صحبت کان به فيضياب ٿيا هئا. پاڻ حضرت جن بغداد جي مسجد اضافه ۾ وعظ فرمائيندا رهندا هئا. امام حنبل رحمت الله عليه جن کي جڏهن به ڪنهن مسئلي ۾ دشواري پيش ايندي هئي، ته حضرت ابو حمزه رحه ڏانهن رجوع ڪندا هئا.

نقل آهي ته هڪ ڏينهن پاڻ حضرت جن شيخ حارث محاسبي رحمت الله عليه جي خدمت ۾ آيا. ان وقت حضرت حارث محاسبي رحه کي نهايت ئي پاڪيزه لباس پهريل ڏٺائون، ۽ پرسان رکيل پنجري ۾ هڪ ڪاري رنگ جي پکيءَ تي به نظر پين. اوچتو انهيءَ پکيءَ آواز ڪيو، حضرت جن انهيءَ آواز تي نعرو هنيو ۽ چيائون ”لبيڪ يا سيدي!“ اهو حال ڏسي سندن مرشد

حضرت حارث هڪ ڇري کڻي اٿيا ۽ حضرت ابو حمزه کي مارڻ جو قصد ڪيائون. ايتري ۾ حضرت حارث رحہ جي قدمن تي ڪري پيا. حضرت حارث رحہ پنهنجي مريد ابو حمزه رحہ کي مخاطب ٿي چيو ”اي مردود! ايمان آڻ“ ھين مريدن اهو حال ڏسي چيو تہ يا شيخ! اسان تہ حضرت حمزه رحمت الله عليه کي اوليائن مان سمجهندا آهيون؟ حضرت حارث تنهن تي چيو تہ هائو، اٿين برابر آهي. مان پاڻ بہ هن ۾ سواءِ نيڪيءَ جي ٻيو ڪجهہ ڪين ٿو ڏسان، ۽ هن جي باطن کي بہ توحيد ۾ مستغرق ڏسان ٿو. ليڪن هن اهڙي ڳالهہ ڇو ڪئي، جا حلولين جي افعال ۽ اقوال جي مشابهہ آهي. اهو ٻڌي پاڻ فرمايائون تہ جيتوڻيڪ مان حق تي آهيان، پر جيئن تہ منهنجو فعل هڪ گمراه قوم سان مشابهت رکي ٿو، ان ڪري توبهہ ڪريان ٿو.

پاڻ فرمائن ٿا تہ مان علي الاعلان حق تعاليٰ جي جمال جو مشاهدو ڪيو آهي، هن سونکي حڪم ڏنو تہ وسواس نہ ڪر ۽ خلق جي رنج ۽ تڪليف کي برداشت ڪر. جڏهن ماڻهن اها ڳالهہ ٻڌي تڏهن حضرت جن کي سخت اذيتون ڏنائون. پوءِ فرمايائون تہ فقيرن سان دوستي ڪرڻ نهايت مشڪل آهي، مگر صديقن لاءِ آسان آهي. فرمائن ٿا تہ جنهن ڪسي حق تعاليٰ ٿي نعمتون ڀريون خالي پيٽ، ٻيو دل قانع ۽ ٽيون فقر دلهُم عطا ڪندو، اهو گهڻن آفتن کان محفوظ رهندو، ۽ نفس جي مڪر کان بہ جلد رهائي حاصل ڪندو. فرمائن ٿا تہ سچي صوفيءَ جي هيءَ نشاني آهي تہ عزت جي بعد ذليل ۽ رسوا ٿئي. اميريءَ کان بعد درويش ٿئي، ۽ ظاهر ٿيڻ کان پوءِ لڪل رهي.

حضرت ابو حمزه رحہ جي وعظ ۾ ڏاڍو تاثير هوندو هو، ۽ نهايت خوش بيان هئا. هڪ ڏينهن غيب کان آواز ٻڌائون تہ تون ڏاڍيون سٺيون ڳالهيون ڪندو آهين، پر جيڪڏهن خاموش رهين تہ نهايت ئي بهتر ٿيندو. ان ڏينهن کان پوءِ پاڻ خاموش ٿي ويا. آخر انهيءَ هفتي ۾ ئي وفات پاتائون. جمعي جي ڏينهن ڪرسيءَ تي ويهي وعظ فرمائي رهيا هئا، تہ مٿن هڪ قسم جي حالت طاري ٿي وئي، جو ڪرسيءَ کان هيٺ ڪري پيا، ۽ انتقال فرمايائون. سندن وفات سنہ ٢٨٩ هجريءَ ۾ ٿي.

* ذڪر حضرت ابو علي الدقاق رحمت الله عليه *

حضرت ابو علي رحمت الله عليه پنهنجي زماني جا امام ۽ شيخ ۽ سلطان طريقت ۽ حقيقت هئا، پاڻ گويا حق تعاليٰ جي زبان هئا. پاڻ علم احاديث ۽ تفسير بيان، تقرير، وعظ ۾ نهايت بلند مرتبو رکندڙ هئا، رياضت ۽ ڪرامت ۾ به بي مثل هئا. پاڻ حضرت جن، حضرت شيخ ابوالقاسم نصرآباديءَ جا مريد هئا. پاڻ حضرت جن ڪيترن جليل القدر مشائخن کي ڏٺو هو ۽ انهن جي صحبت حاصل ڪئي هئائون. ماڻهو کين "نوحه گر" (روئيندڙ) چوندا هئا. ڇاڪاڻ ته پاڻ درد ۽ شوق، سوزش ۽ ذوق جا مجموعا هئا. پاڻ حضرت جن ساريءَ ڄمار ۾ آيڪ ڏينهن ڪونه وينا هئا.

هڪ نهايت بزرگ شيخ کان روايت آهي ته مان هڪ ڏينهن "مرو" (شهر جو نالو) ۾ ابليس لعين کي پنهنجي مٿي ۾ خاڪ ۾ وجهندي ڏٺو. مان ڪانئس پڇيو ته اي ابليس لعين! توکي ڇا ٿيو آهي، جو پنهنجي مٿي ۾ خاڪ پيو ٿو وجهين؟ هن چيو ته جنهن خلق جو مان چار هزار سال کان آميدوار هوس، ۽ جنهن جي آرزوءَ ۾ مان جلندو هوس، اهو هڪ اٽي وڪڻندڙ کي ڏيئي ڇڏيو آهي.

شيخ فارمدي رحمت الله عليه فرمائن ٿا ته قيامت جي ڏينهن جيڪڏهن مون وٽ چڱي هئڻ جو ڪو دليل نه هوندو ته مان چوندس ته مان علي دقاق جو دوست ۽ معتقد آهيان. پاڻ فرمائن ٿا ته پنهنجو پاڻ پيدا ٿيل درخت، جنهن جي پرورش ڪنهن به نه ڪئي هجي، ان ۾ پن ته پيدا ٿيندا، مگر ڦل نه ڏيندو، پر جيڪڏهن ڦل به ڏيندو ته انهن ۾ مزو نه هوندو. اهڙيءَ طرح مريد جو به اهو ئي حال اهي، جيڪڏهن پير جي صحبت کان محروم هوندو ته ان کي ڪجهه به حاصل نه ٿيندو.

نقل آهي ته هڪ دفعي حضرت جن کي ڪپڙو ڪونه هو، جو بدن کي ڍڪين. تنهن ڪري پاڻ بلڪل ننگا هئا، انهيءَ حالت ۾ پاڻ حضرت عبدالله عمر جي خانقاه ۾ آيا. هڪ شخص کين سچائي ورتو. ابتري ۾ پيا به ڪيترا ئي ماڻهو سندن چوڌاري گڏ ٿي ويا، انهن مان ڪن بزرگن درس ڏيڻ لاءِ حضرت جن کي ڏاڍو زور ڀريو ۽ منت سماعت ڪئي، مگر حضرت جن قبول نه ڪيو. چيائون ته مون ۾ درس ۽ مناظري جي قوت ڪانهي. وري وري انهن کين وعظ ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو، ۽ پاڻ وعظ ڪرڻ قبول ڪيائون. حضرت جن منبر تي ويهي، ساڄي طرف ڪجهه اشارو ڪندي چيو ته "الله اڪبر" وري کابي پاسي اشارو ڪري ولله خيروابقي

چيائون. پوءِ قبلي جي طرف منهن ڪري فرمايائون ”رضوان من الله اڪبر“ پوءِ ته هڪ عجيب قسم جي حالت پيدا ٿي ويئي. ڪيترا ئي ماڻهون جمع ٿي ويا، وڏو شور مچي ويو. انهيءَ مجمع مان ڪيترا ئي جنازا کنيا ويا. پوءِ انهيءَ شغل ۾ منبر کان هيٺ لٿا ۽ انان هليا ويا، ماڻهن ڪيتري به ڳولا ڪئي مگر حضرت جن ڪي نه لهي سگهيا. پوءِ اتان ”مرو“ تشريف وٺي ويا، پوءِ اتان نيشاپور ويا.

نقل آهي ته هڪ ڏينهن هڪ نوجوان سندن خانقاه تي آيو ۽ ڪانئن پڇيو ته جيڪڏهن ڪنهن جي دل ۾ گناه جو خيال اچي، ته ڇا ان جو وضو ٽٽي پوندو؟ اهو ٻڌي پاڻ روئڻ لڳا ۽ شاگردن کان پڇڻ لڳا ته انهيءَ سوال جو جواب ڏيو. زين الاسلام جو چوڻ آهي ته منهنجي دل ۾ آيو ته مان جواب ڏيان ته ظاهري پاڪائيءَ ۾ ڪو خلل برابر نه ٿيندو، مگر باطني پاڪائي ٽٽي پوندي.

پاڻ فرمائن ٿا ته هڪ دفعي منهنجي اکين ۾ درد پيدا ٿيو جنهن اکيون آٿي پيون ڪيتري مدت تائين انهيءَ درد سبباں بيقرار رهيس ۽ ننڊ اصل ڪانه ايندي هئي. هڪ ڏينهن سمهيو پيو هوس، ته اوچتو ننڊ اچي ويئي، خواب واريءَ حالت ۾ منهنجي زبان مان هي الفاظ نڪتا، ”آليس الله بڪاف عبده“ جڏهن بيدار ٿيس، ته منهنجي اکين جو درد ڪافور ٿي ويو هو. ان کان پوءِ ڪڏهن به اکين ۾ سور ڪونه پيو.

نقل آهي ته هڪ دفعي مرو جي ماڻهن حضرت جن جي دعوت ڪئي. پاڻ جڏهن اوڏانهن وڃي رهيا هئا ته رستي ۾ هڪ پوڙهي عورت کي ڏٺائون، جيڪا چئي رهي هئي ته اي خدا! تو مون کي ايتري قدر فاقه ڪشيءَ ۾ ڇو رکيو آهي؟ انهيءَ کان سواءِ مون کي اولاد به گهڻي ڏني اٿيئي. آخر اهو ڇا معاملو آهي، ڇا مون سان ايتري زيادتي ڇو ٿي رهي آهي؟ حضرت جن پوڙهيءَ جو اهو گفتگو ٻڌندا هليا ويا. جڏهن دعوت ۾ شريڪ ٿيا، ته هڪ علحده ٿانو ۾ ڪاڏي رکڻ جو حڪم ڪيائون. اهو حال ڏسي ميزبان خوش ٿيو، ته حضرت جن گهر لاءِ به جدا ڪاڏو ڪٿائي ويندا. جڏهن ڪاڏو علحده ڪري رکيو ويو، ته هڪدم اٿيا ۽ انهيءَ ڪاڏي سان ڀريل ٿالهه مٿي تي کڻي پوڙهيءَ جي گهر ڏانهن روانا ٿيا، ان جي گهر اچي، اهو سمورو ڪاڏو کيس ڏيئي ڇڏيائون.

نقل آهي ته سندن عمر جي آخري حصي ۾ ايتري قدر ته درد ۽ سوز پيدا ٿيو، جو هر روز شام جي وقت پنهنجي ڪوٺي جي ڇت تي چڙهي ويندا هئا ۽ سج جي طرف منهن ڪري فرمائيندا هئا ته اي سرگردان مملڪت! اڄ تون ڪيئن رهين؟ ڪيئن گردش ڪئي. تون ڪجهه اهو ته ٻڌاءِ ته تون، مون جهڙو ديدار جو خواهان ڪٿي ڏٺو؟ يا ڪنهن جاءِ تي پريشان ۽ بيچين

ماڻهن جي خبر گيري بہ ڪئي؟ اهڙيءَ طرح پاڻ سچ لهڻ تائين اهڙي قسم جون ڳالهيون ڪندا رهندا هئا، ۽ پوءِ هيبت لهي ايندا هئا.

نقل آهي تہ آخري عمر ۾ سندن ڪلام ۾ ايتري قدر تہ بلندي پيدا ٿي ويئي، جو ماڻهن جو عقل ان کي سمجهي ڪين سگهندو هو، ۽ نہ وري سندن ڪلام جي ٻڌڻ جي ان وقت ماڻهن ۾ ڪا طاقت بہ هئي. وعظ وقت مشڪل سان سترهن ۱۷ اٺارهن آدمي نظر ايندا هئا. حضرت عبدالله رحہ فرمائن ٿا تہ جڏهن سندن ڪلام بلند ۽ اعليٰ درجي جو ٿي ويو، تڏهن سندن وعظ جي مجلس بلڪل خالي ٿي ويئي. غلبي واريءَ حالت ۾ هميشہ فرمائيندا هئا تہ الاهي مون کي ڪنليءَ جي برابر بڻائي ڇڏ، ۽ گاهہ جو پن سمجهي بخشي ڇڏ. يا الاهي! تون مون کي رسوا نہ ڪر، ڇاڪاڻ تہ مان منبر تي چڙهي گهڻي لاف زني ڪئي اٿم، جيڪڏهن تو کي رسوا ڪرڻو ٿي آهي، تہ انهن مجلس وارن جي سامهون نہ ڪر، جن وٽ ويهي مان وعظ ۽ نصيحت ڪندو آهيان. مون کي هڪ پکال (مشڪ) ۽ لٺ ڏيئي ڇڏ، ڇاڪاڻ تہ مان صوفين جو طريقو پسند ڪريان ٿو. مون کي دوزخ جي واديءَ ۾ موڪلي ڇڏ، تہ جيتن هميشہ تنهنجي جدائيءَ جي غم ۾ رت جا ڍڪ پيئندو رهان، ۽ انهيءَ واديءَ ۾ تنهنجي درد ۽ فراق ۾ ماتم ڪندو رهان.

نقل آهي تہ حضرت شيخ ابوالقاسم قشيري رحہ، حضرت دقاق رحہ کي سندس وفات کان بعد خواب ۾ ڏٺو ۽ پڇيائين تہ حق تعاليٰ توسان ڪهڙو سلوڪ ڪيو؟ پاڻ فرمايائون تہ مون تي رحم ڪيو ويو ۽ جنهن گناه جو مان اقرار ڪيو هو، اهو بہ بخشي ڇڏيائين. مگر هڪ گناه جنهن کي قبول ڪندي مون کي شرم اچي رهيو هو، ان جي شرمندگيءَ سبب مان پاڻي پاڻي ٿي ويس ۽ منهنجي منهن جو سمورو ماس لهي ويو. اهو گناه، اهو هو جو مان هڪ ڏينهن هڪ حسين ڇوڪري کي شهوت جي نگاه سان ڏٺو هو. ٻئي ڪنهن دفعي حضرت جن کي ڪنهن خواب ۾ ڏٺو، تہ ان وقت ڏاڍو بيقرار پئي معلوم ٿيا، ۽ بيحد روئي رهيا هئا. ڪائنن پڇيو ويو تہ اوهان کي ڇا ٿيو آهي؟ ڇا اوهان دوباره دنيا ۾ اچڻ چاهيو ٿا؟ فرمايائون تہ هائو، مان پيهر دنيا ۾ اچڻ گهران ٿو، مگر پنهنجي لاءِ ڪونہ، پر ان لاءِ تہ ماڻهن کي غفلت کان بيدار ڪريان. اهڙيءَ طرح هڪ ٻئي بزرگ حضرت جن کي خوب ۾ ڏٺو، ۽ ڪائنن حال پڇيو. پاڻ فرمايائون تہ نيڪي ۽ بدي، جو ڪجهہ بہ مان ڪيو هو، ان جي ذري ذري جو حساب ڪيو ويو، مگر مون سان نهايت ئي مهرباني ڪئي ويئي، تڏهن وڃي مونکي مغفرت حاصل ٿي.

ذڪر حضرت ابو علي محمد بن عبدالوهاب الثقفي رحمت الله عليه

شيخ حضرت ابو علي ثقفي رحمت الله عليه وقت جا امام ۽ عزيز روزگار هئا. پاڻ حضرت حمدون قصار ۽ حضرت حفص رح جن جي صحبت حاصل ڪئي هئائون. پاڻ نيشاپور ۾ وقت جا شيخ هئا، باطني ۽ ظاهري علوم ۾ ڪمال رکندا هئا، ۽ فتويٰ جي علم ۽ علم حديث ۾ پنهنجي زماني جي عالمن جا سردار هئا. آخر سيني شين کي ڇڏي تصوف اختيار ڪيائون، ۽ صوفين جي مجلس ۾ مشغول ٿي ويا. پاڻ حضرت جن سنه ٣٢٨ هجريءَ ۾ نيشاپور ۾ وفات پاتي.

نقل آهي ته حضرت جن جي پاڙي ۾ هڪ شخص جو گهر هو، جيڪو ڪبوتر باز هو. ڪبوترن کي مارڻ لاءِ انهن کي پٿر هڻندو هو. هڪ ڏينهن، جڏهن هو دستور موجب ڪبوترن کي پٿر هڻي رهيو هو، تہ اتفاق سان هڪ پٿر حضرت جن جي پيشانيءَ تي اچي لڳو، جڏهن اوهان گذري رهيو هو. پٿر لڳڻ سبب پيشاني ۽ منهن خون سان لعل ٿي ويو. مريدن عرض ڪيو ته حاڪم وٽ شڪايت ڪجي تہ جيئن هن کي پنهنجي ڪئي جي سزا ملي. مگر حضرت جن انڪار ڪيو، ۽ بجاءِ ان جي تہ هو ڪنهن وٽ شڪايت ڪري، هڪ ڪاٺي گهرائي ان ڪبوتر باز ڏانهن ڏياري موڪليائون، ان سان گڏ ڪيس چوائي به موڪليائون ته آئينده ڪبوتر کي پٿر سان نہ مار، پر هن ڪاٺيءَ سان انهن کي اڏائي ڇڏيندو ڪر.

پاڻ فرمايو اٿن ته هڪ ڏينهن مان هڪ جنازي کي ڏٺم، جنهن کي ٽي مرد ۽ هڪ زال کنيو ٿي ويا. اهو حال ڏسي جنازي جو اهو پاسو، جنهن کي عورت ڪلهو ڏنيون ٿي ويٺي، مان ورتو ۽ آخر قبرستان پهچي ويا سي. نماز جنازي ادا ڪرڻ بعد، ان کي دفن ڪيو سي. پوءِ انهن کان مون پڇيو، تہ ڇا اوهانجي پاڙي ۾ ٻيو ڪوبہ ماڻهو ڪونہ هو جو اوهان جي مدد ڪري ها؟ انهن چيو تہ ميت مخنث (کدڙي) جو هيو. ماڻهو هن کي حقير سمجهندا هئا، ان ڪري ڪوبہ هن جي جنازي ۾ شامل ٿيڻ ۽ ڪلهي ڏيڻ لاءِ تيار ڪونہ هو. حضرت جن فرمائن ٿا ته انهيءَ رات مان خواب ۾ هڪ شخص کي ڏٺو، جنهن جو چهرو چنڊ جيان چمڪي رهيو هو ۽ نهايت قيمتي لباس پهريل هوس. هن مشڪندي مون کي چيو تہ مان اهو ئي مخنث آهيان، جنهن کي ماڻهو حقير سمجهندا هئا. مگر الله تعاليٰ محض ماڻهن جي حقارت جي سبب مون تي پنهنجو فضل ڪيو.

فرمائن ٿا تہ جيڪو شخص چاهي تہ منهنجا افعال صحيح هجن، ۽ سنت جي متابعت ۾ رهان، تہ ان کي ڇٽي ڇڏيو تہ هو پنهنجي دل ۾ اخلاص ۽ صداقت پيدا ڪري. فرمايو اٿن تہ ڇئن ڳالهين کان خالي ۽ غافل نہ هئڻ گهرجي! پهريون صدق قول، ٻيو صدق عمل، ٽيون صدق نيت، چوٿو صدق امانت. فرمائن ٿا تہ جڏهن دنيا جا شغل ڪنهن طرف متوجہ ٿين ٿا، تہ آفت آڻن ٿا. جيڪڏهن دنيا ڪنهن کان منهن ڦيري ٿي، تہ حسرت ٿئي ٿي. مگر عقلمند اهو شخص آهي، جيڪو اهڙين شين جي طرف توجہ ئي نٿو ڪري، جنهن جو انجام ٻنهي جهانن ۾ حسرت ۽ آفت کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ هجي. فرمائن ٿا تہ انهيءَ شخص تي نهايت افسوس آهي، جيڪو فقط هڪ شيءِ کي تمام شين جي بدلي ۾ خريد ڪري ٿو ۽ تمام شين کي هڪ نا چيز جي بدلي ۾ وڪڻي ڇڏي ٿو. فرمايو اٿن تہ هڪ زمانو اهڙو بہ ايندو، جنهن ۾ ڪنهن مؤمن جو عيش ۽ زندگي سٺا معلوم ٿيندا. مگر اهو تڏهن، جڏهن هو پنهنجو پاڻ کي ڪنهن منافق جو شڪار بڻائي ڇڏي.

٭ ذڪر حضرت علي احمد بن محمدالروزباري رحمت الله عليه ٭

حضرت ابو علي احمد رحمت‌الله عليه رنج ڪشيده، مجاهده گنج، ۽ بحر علم هئا. پاڻ ڪاملان طريقت ۽ نهايت ئي جوانمرد هئا، ان کان سواءِ بيحد ظريف ۽ قلم و رياست، معاملات ۽ ڪرامت ۾ نهايت بزرگ هئا. پاڻ اصل ۾ بغداد جا رهاڪو هئا، ليڪن مستقل رهائش مصر ۾ اختيار ڪئي هئائون. حضرت جن، حضرت جنيد رحمت‌الله عليه ۽ حضرت نوري رحہ جي صحبت حاصل ڪئي هئي. پاڻ حضرت جن ٣٤٨ ھ ۾ وفات ڪئي.

فرمائن ٿا تہ هڪ درويش وفات ڪري ويو، جڏهن ان کي دفن ٿي ڪيو ويو، تڏهن مان خيال ڪيو تہ ان جي منهن کي مٽيءَ تي رکي ڇڏيان، تہ جيئن الله تعاليٰ ان تي پنهنجي رحمت فرمائي. مگر ان وقت انهيءَ درويش اکيون کوليون ۽ مون کي چيائين تہ تون انهيءَ جي روبرو مون کي ذليل ڪرڻ گهرين ٿو، جنهن مون کي عزيز رکيو آهي. اهو ٻڌي مان ان کان پڇيو تہ ڇا موت کان پوءِ زندگي ٿيندي آهي؟ چيائين تہ هائو، الله تعاليٰ جا پيارا هميشه زنده هوندا آهن. جيڪڏهن خدا وٽ منهنجي عزت ٿئي، تہ مان تنهنجي مدد ڪندس.

فرمائن ٿا تہ مدت تائين مان اظهار جي وسوسي ۾ گرفتار رهيس. هڪ ڏينهن ٻارهن ڀيرا وضو ڪيو، مگر هر دفعي اهو ئي خيال پئي پيدا ٿيو تہ وضو مڪمل نہ ٿيو آهي. آخر مان ڏاڍو رنجيده ٿيس ۽ الله تعاليٰ کان عافيت طلب ڪئي. هاتف آواز ڏنو تہ عافيت تہ علم ۾ آهي، ٻـر

تصوف هي آهي ته صوفي ”صوف“ جو لباس پهري ۽ نفس کـي جور ۽ جفا ۾ مبتلا ڪري، دنيا کي پٺي ڏيئي ڇڏي، ۽ حضور پرنور صلي الله عليه وسلم جي سنت جي پيروي ڪري. فرمائن ٿا ته جيڪو مريد پنجن ڏينهن جي بک برداشت نه ڪري ۽ تڪليف سبب روئي تـه ان کي بـازار ۾ موڪلي ڇڏڻ گهرجي ته جيئن گداگري وڃي ڪري. فرمائن ٿا ته خوف جي حقيقت هـيءَ آهي ته خدا کان سواءِ ڪنهن کان به ڪين ڊڄي. فرمائن ٿا ته الله تعاليٰ کي اهـل همت پسند آهن، ۽ انهن کي ئي دوست رکي ٿو. فرمائن ٿا ته سڀ کـان زياده فائدي مند يقين اهـو آهي، جو حق تعاليٰ کي توهان جي اکين ۾ عظيم القدر ڪري ڇڏي. فرمائن ٿا ته جهڙيءَ طرح انبياءَ عليهم السلام جن لاءِ معجزن جو ظاهر ڪرڻ فـرض هو، تهڙيءَ طـرح اولياءَ الله وارن لاءِ وري مقامات ۽ احوال جو پوشيده رکڻ فرض آهـي. فرمائن ٿا ته دل جڏهن دنيا ۽ غير کان خالـي ٿي وڃي ٿي، تڏهن ان ۾ حڪمت پيدا ٿي ويندي آهي. فرمائن ٿا ته آفتون ٽن چيزن کـان پيدا ٿين ٿيون: پهريون طبيعت جـي بيماري، ٻيو ملازمت عادت، ٽيون فساد محبت. طبيعت جي بيماري حرام ۽ شڪي شين جي استعمال سان پيدا ٿئي ٿي. عادت جي ملازمت حـرام ۽ باطل چيزن جي طرف نظر ڪرڻ ۽ غيبت ٻڌڻ آهي. فساد صحبت، نفس جي اطـاعت ڪرڻ آهـي. انهن ڳالهين کان جيترو پري رهبو، اوترو بلائن کان محفوظ رهي سگهجي ٿو.

نقل آهي ته جڏهن حضرت ابو علي رحه جن جي وفـات جو وقت نزديڪ آيو، تڏهـن ان وقت پنهنجو مٿو پنهنجي پيءُ جي گـود ۾ رکـي ڇڏيو هئائون، ۽ اکيون کولـي فرمايائون تـه آسمانن جا دروازا کلي ويا آهن، ۽ بهشت کي آراسته ڪيو پيو وڃي، ۽ مون کي جلوه ڏيکاريو پيو وڃي. فرشتا آواز ڏيئي رهيا آهن، تـه اسان تـوکي اهڙيءَ جڳهه تـي پهچائيندا سون، جيڪا تو اڪ خواب ۾ به ڪونه ڏٺي هوندي. حورون مون تي نثار ٿي رهيون آهـن، ۽ منجهن منهنجي ديدار جو شوق پيدا ٿـي رهيو آهي، ليڪن مـان چوان ٿو تـه ”بحقک لا انظر الیٰ غیرلک“ يعني مون کي تنهجو قسم آهي، ته مان توکان سواءِ ڪنهن بـه غير ڏانهن اصل ڪين ڏسندس. مان ساري عمر صـرف انهيءَ اميد تـي بسر ڪئي اٿر. اسين رشوت جـا طلبگار نه آهيون. ايترو چئي وفات فرمايائون.

إنـا لله وإنا إليه راجعون.

* ذڪر حضرت ابوالحسن علي ابن ابراهيم الحصري * رحمت الله عليه

حضرت ابوالحسن علي عالم رباني، صاحب حڪمت ۽ اهل عراق جا شيخ هئا. حضرت جن اشارات ۽ عبادت ۾ ڪمال رکندا هئا. پاڻ بصري جا رهندڙ هئا، مگر مستقل رهائش بغداد ۾ ڪئي هئائون، آخر اتي ئي وفات ڪيائون. پاڻ سنه ۳۹۱ هه ۾ فوت ٿي ويا.

فرمائن ٿا ته صوفي اهو آهي، جو محض حق تعاليٰ کان آرام حاصل ڪري، تمام امور خدا تعاليٰ جي سپرد ڪري ڇڏي، ۽ الله تعاليٰ کان سواءِ ڪنهن ڏانهن به توجه نه ڪري.

نقل آهي ته احمد نصر جيڪو حضرت جن جو مريد هو، تنهن سٺ حج ڪيا هئا. هو جڏهن به حج لاءِ نڪرندو هو. ته پنهنجي وطن خراسان کان ئي احرام ٻڌي هلندو هو. هڪ ڏينهن هن پيران ۽ حرام (جي ٻئي بزرگ هئا) جي درميان اهڙي ڳالهه ڪري ويٺو، جو انهن کي سخت ناگوار لڳي، جن احمد نصر کي چيو ته ٻن بزرگن جي هوندي تون اهڙي ڳالهه ڪرڻ وارو ڪير ٿيڻ؟ توکي ڪهڙي طاقت هئي جو تون اهڙي ڳالهه ڪئي. اها خبر جڏهن هن جي مرشد ابوالحسن علي کي پئي، تنهن به پنهنجي مريد جي متعلق چيو ته اڄ کان پوءِ جيڪڏهن اهو خراساني جوان بغداد اچي، ته هن کي منهنجي سامهون هرگز نه اچڻ ڏنو وڃي. جڏهن احمد نصر بغداد پهتو، تڏهن پنهنجي مرشد جي ملاقات لاءِ ويو. دربان چيس ته حضرت جن جو حڪم آهي ته توکي اچڻ نه ڏنو وڃي. احمد نصر جڏهن اهو ٻڌو، ته بيهوش ٿي ڪري پيو، ۽ ڪيترا روز دروازي جي ٻاهران بيهوش پيو رهيو. هڪ ڏينهن حضرت جن جڏهن ٻاهر نڪتا ته مريد کي ڏٺائون، ڪيس فرمايائون ته توکي بي ادبيءَ جي سزا ڏني وڃي ٿي. تون ملڪ روم جي طوس شهر ۾ وڃ، ۽ اتي هڪ سال تائين وڃي سوئر چار، ۽ جهنگ ۾ نماز پڙهندو رهه، ۽ سال تائين برابر جاڳندو رهه، تاڪ ٻين جي دل ۾ توکي عزت حاصل ٿئي. احمد نصر پنهنجي مرشد جي حڪم جي تعميل لاءِ تيار ٿي ويو. انهيءَ وقت ئي روم وڃڻ جو ارادو ڪيائين. ناز (فخر) جو لباس لاهي ڪري نياز جو جامو پهريو. هڪ سال تائين روم ۾ رهڻ کان بعد، جڏهن ابوالحسن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ته سندس مرشد گلي سان لڳائي فرمايو ته احمد تون منهنجو پٽ آهين ۽ اکين جو تارو آهين. احمد نصر مرشد جي واتان اهو ٻڌي بيحد خوش ٿيو، ۽ ٻيهر حج ادا ڪرڻ جو قصد ڪيائين، جڏهن حرم شريف ۾ پهتو ته اتي جي پيرن

۾ هن جو استقبال ڪيو.

حضرت ابوالحسن صبح جي نماز ۾ چوندو هو تہ الاهي! مان هر حال ۾ تو ڪان راضي آهيان، سو تون بہ مون ڪان راضي رهج. آواز آيو، اي ڪوڙا! جيڪڏهن تون اسان ڪان راضي هجين ها تہ جيڪر اسان جي رضامنديءَ ڪي طلب نہ ڪرين ها. فرمائن ٿا تہ جڏهن مان سيني صاحب دلين تي نظر ڪئي، تہ پنهنجي دل ڪي سڀ مٿان فوقيت رکندڙ ڏٺم، ۽ جڏهن مان سيني صاحب نظرن ڪي عزت سان ڏٺو، تہ مون ڪي پنهنجي عزت سڀ ڪان زياده نظر آئي. فرمايائون تہ توحيد جي احوال ۾ اسان جون پنج حالتون آهن. پهريون رفع حديث، ٻيو اثبت قدم، ٽيون ترڪ وطن، چوٿون مفارقت احوال،۽ پنجون فراموشي. يعني جو ڪجهہ ڪيس معلوم آهي يا نہ آهي، ان ڪي وساري ڇڏيو، ان جي طلب نہ ڪريو. بس فقط حق تعاليٰ جي طرف متوجہ رهو. فرمايائون تہ جڏهن حق تعاليٰ جي بندي جي حال مٿان عنايت شامل ٿئي ٿي تہ ان جي محبت جو ظهورو ٿئي ٿو. فرمايائون تہ صوفي اهو آهي، جنهن جو وجد موجود هجي ۽ هن جي صفات هن جو حجاب هجي. يعني "من عرف نفسہ فقد عرف ربہ" تصوف جي باري ۾ فرمائن ٿا تہ اختلاف ۽ قدورت سان دل جو صاف هئڻ تصوف آهي.

● ذڪر حضرت ابو عثمان سعيد بن اسلام المغربي رحمت الله عليه ●

حضرت عثمان مغربي رحمت الله عليه پنهنجي وقت جا شيخ هئا. پاڻ معززين ارباب طريقت مان هئا. پاڻ صاحب رياضت ۽ ذڪر فڪر ۾ خاص نشان رکندڙ هئا، ڪين هر علم جي ڄاڻ هئي. تصوف ۾ صاحب تصانيف هئا. پاڻ ڪيترن ئي اعليٰ مشائخن کي ڏٺو هئائون، ۽ ڪيتريءَ مدت تائين حرم ۾ مجاور رهيا. حضرت عثمان رحہ ۱۳۰ سال عمر مائي. پاڻ فرمائين ٿا تہ مان پنهنجي انهيءَ ڊگهيءَ عمر ۾ غور ڪيو تہ سواء اميد جي ڪا شيءِ ڪانہ ڏٺي. پاڻ حضرت جن ۳۷۳ هجريءَ ۾ نيشاپور ۾ وفات ڪئي.

نقل آهي تہ حضرت جن پنهنجي ابتدائي عمر جا ويهہ سال عزلت ۾ بسر ڪيا، اهڙين اهڙين جڳهين تي رهيا، جتي مدت تائين ڪنهن بني بشر جو آواز بہ هڏن ۾ ڪونہ ٿي آيو. حقيقت ۽ رياضت ۾ سندن جسم ڳري ويو هو. سندن اکيون ذرا ذيئي ويون هيون، ۽ منجهن چڱهہ پنجي ويا هئا مطلب تہ حال ڪان بيحال ٿي ويا هئا. ان ڪان بعد ڪين اشارو مليو تہ تون هاڻي آدمين جي صحبت ۾ گذار. اشارو پائيندي هڪدم مڪي شريف وڃڻ جو قصد ڪيائون. جڏهن اتي پهتا تہ حرم جي مشائخين پنهنجي دانائيءَ سان حضرت عثمان رحہ جي مرتبي ڪي

چائي ورتو ۽ سندن استقبال لاءِ ٻاهر نڪري آيا. حضرت عثمان رحہ کي اهڙي انوکي حال ۾ ڏسي بزرگن چيو تہ يا عثمان! وهين سالن تائين اوهان اهڙيءَ طرح تہ زندگي بسر ڪئي آهي، جو آدم ذات اوهان جي ڪم اڳيان عاجز ٿي ويا آهن. اهو ٻڌايو تہ اوهان اهڙي مقام تي ڇو ويا ۽ اتي اوهان ڇا ڏٺو، ۽ واپس ڇو آيا؟ تڏهن پاڻ فرمايائون تہ مان شڪر سان ويو هوس، ۽ شڪر جي آفت ۽ نا اميديءَ کي ڏٺم. آخر عجز سان واپس آيس.

نقل آهي تہ پاڻ فرمائيندا هئا تہ مجاهدي جي ابتدا ۾ منهنجي اها حالت هئي، جو ڪڏهن ڪڏهن ائين چاهيندو هوس تہ جيڪڏهن مون کي آسمان کان هيٺ ڦٽو ڪيو وڃي تہ بہ مان انهيءَ کي بهتر معلوم ڪندس، بنسبت انهيءَ جي جو مون کي ڪائڻ لاءِ ڪاڏو ڏنو وڃي ۽ هر روز نماز لاءِ وضو ڪرڻو پوي.

نقل آهي تہ امام ابو بڪر فورڪ رحہ فرمائن ٿا تہ مان حضرت ابو عثمان مغربي رحہ کان ٻڌو آهي، جنهن فرمايو تہ منهنجو اعتقاد هو تہ حق تعاليٰ اهو آهي، جو جهت (سبب) سان تعلق رکي ٿو. جڏهن مان بغداد پهتس، تہ مان پنهنجي انهيءَ عقيدي کي نيڪ ڪيو، ڇاڪاڻ تہ مان محسوس ڪيو تہ الله تعاليٰ جي ذات ”جهت“ کان پاڪ آهي. پوءِ مڪي معظمہ جي مشائخن کي خط لکيو تہ مان نئين سر کان مسلمان ٿيو آهيان. هڪ ڏينهن حضرت عثمان مغربيؒ پنهنجي هڪ مريد کان دريافت ڪيو تہ توکان جيڪڏهن ڪو پڇي تہ تنهنجو معبود ڪهڙيءَ ڪهڙيءَ حالت ۾ آهي، تہ تون ان کي ڪهڙو جواب ڏيندين؟ مريد چيو تہ مان چوندس تہ منهنجو معبود ان حال ۾ آهي، جنهن حال ۾ ازل ۾ هو! شيخ وري پڇيس تہ جيڪڏهن اهو ئي توکان پڇي تہ ازل ۾ ڪهڙي حال ۾ هو، تہ پوءِ تون ڇا چوندين؟ مريد عرض ڪيو تہ پوءِ مان چوندس تہ جنهن حال ۾ هاڻي آهي، ازل ۾ بہ انهيءَ حال ۾ هو. مرشد اهو ٻڌي چيو تہ تو ڏاڍو سنو جواب ڏنو. فرمائن ٿا تہ عاصي (گنهگار) مدعي کان بهتر ۽ برتر آهي، ڇاڪاڻ تہ عاصي تہ پنهنجي گناه جو اقرار ڪري ٿو، مگر مدعي پنهنجي دعويٰ ۾ گرفتار آهي. فرمايائون تہ جيڪو درويش جي صحبت اختيار ڪري ٿو، الله تعاليٰ ان کي مصيبت ۾ مبتلا ڪندو آهي. فرمائن ٿا تہ جيڪو درويش نفس جي خواهش کان مغلوب ٿي اميرن جي اڳيان هٿ ڊگها ڪري ٿو، اهو هرگز فلاح ۽ ڇوٽڪارو حاصل نہ ڪندو. هن جو عذر هرگز مقبول نہ ٿيندو. فرمائن ٿا تہ جيڪو شخص خلق جي حال ۾ مشغول ٿي ويو ان ڄڻ تہ پنهنجي عمر ضايع ڪري ڇڏي. جڏهن بيمار ٿيا، تڏهن حڪيمن کي گهرايو ويو. پاڻ حڪيمن کي ڏسي فرمايائون تہ حڪيمن جو مثال اهڙو آهي، جهڙو حضرت يوسف عليه‌السلام ۽ انهن جي پائرن جو. يعني حضرت يوسف عليه‌السلام جا ڀائر ظاهري طرح هن جا محافظ هئا. مگر باطن ۾ سندس دشمن هئا، سو اهڙيءَ

طرح حڪيم بہ ظاهري طرح حڪيم آهن، مگر اصل ۾ مون کي ڪو فائدو پهچائي ڪونہ سگهندا. آخري وقت ۾ راڳ ٻڌڻ جو خيال ظاهر ڪيائون، ۽ انهيءَ دوران ۾ ئي وفات ڪري ويا.

✽ ذڪر حضرت ابوالعباس نهاوندي رحمت الله عليه ✽

حضرت ابوالعباس رحمت الله عليه صاحب جاه و جلال ۽ پرهيزگار هئا. پنهنجي وقت جي بي نظير شخصيت ۽ معتبر مشائخين مان هئا. ورع (زهد) ۽ معرفت ۾ عظيم شان رکندا هئا.

فرمائن ٿا تہ مان رياضت جي شروع شروع ۾ ٻارهن سالن تائين سربگريبان رهيس، تڏهن وڃي مس مس ڪري دل جو هڪ گوشو مون کي ڏيکاريو ويو. فرمائن ٿا تہ ٻيا ماڻهو اها آرزو ڪن ٿا تہ هڪ ساعت لاءِ حق تعاليٰ انهن کي ملي وڃي، ليڪن مان انهيءَ ڳالهہ جي آرزو ڪريان ٿو تہ خدا تعاليٰ مون کي اهڙي توفيق عطا فرمائي، جو مان پنهنجو پاڻ کي ڏسي سگهان تہ مان ڪهڙي شيءِ آهيان، ۽ ڪهڙي جڳهہ تي آهيان. ليڪن افسوس! جو منهنجي اها آرزو پوري ڪونہ ٿي ٿي. فرمائن ٿا تہ حق تعاليٰ سان نزديڪ رهڻ جي زياده ڪوشش ڪريو، ۽ ماڻهن سان گهٽ تعلق رکو. فرمائن ٿا تہ فقر جو "آخر" تصوف اهو آهي تہ پنهنجي مال کي پوشيده رکي، ۽ پنهنجي عزت ۽ مرتبي کي مسلمان ڀائرن جي حق ۾ خرچ ڪري ڇڏي.

نقل آهي تہ روم جي هڪ يهوديءَ حضرت ابوالعباس جي دانائيءَ ۽ بزرگيءَ جي شهرت ٻڌي دل ۾ خيال ڪيو تہ هن جو امتحان وٺان. اهو خيال ڪري مسلمانن وارو لباس پهري لٺ هٿ ۾ کڻي، حضرت ابوالعباس رحہ جي خانقاه تي آيو. جڏهن هن يهوديءَ هڪ پير اندر ڪيو، تہ حضرت جن کيس فرمايو تہ اي بيگانا! تنهنجو آشنائن (واقفڪارن) جي ڪوچي ۾ اچڻ جو ڪهڙو ڪم هو؟ يهودي اتان وڃي حضرت جن جي سامهون آيو، مگر حضرت جن ڪجهہ نہ چيس. اهو يهودي چار مهينا اتي رهيو، انهيءَ دوران هو درويش سان گڏ وضو ڪندو رهيو، ۽ نمازون بہ ادا ڪندو رهيو. ان کان پوءِ هن يهوديءَ اتان وڃڻ جو ارادو ڪيو. اهو ڏسي حضرت ابوالعباس رحہ فرمايس تہ هاڻي جنهن صورت ۾ توتي نان ۽ نمڪ جو حق قائم آهي، تہ اها جوانمردي نہ آهي تہ بيگانو اچين ۽ بيگانو ئي وڃين! يهودي اهو ٻڌي مسلمان ٿي ويو، ۽ حضرت جن جي خدمت ۾ ئي رهي پيو. گهڻي ئي رياضت ۽ مجاهدو ڪيائين، ايتري قدر جو اولياءُ الله بڻجي ويو. جڏهن حضرت ابوالعباس رحہ وفات ڪئي، تڏهن اهو ئي خليفو ٿيو.

* ذڪر حضرت ابو عمر و ابراهيم الزجاجي رحمت الله عليه *

حضرت ابو عمر رحمت الله عليهٔ پنهنجي عهد جي اڪابر مشائخن مان هئا. صاحب تصوف ڪري سندن درجو بلند هو. ورع، معرفت، رياضت ۽ ڪرامت ۾ اعليٰ شان رکندا هئا. سڀ ۾ مقبول هئا حضرت ابوعمر رحه شيخ جنيد بغدادي رحه جي زيارت ڪئي هئي. پاڻ حضرت ابو عثمان رحه جي شاگردن مان هئا. آخري وقت ۾ مڪي ۾ وڃي مجاور ٿيا، ۽ اتي ئي وفات ڪيائون. سندن وفات جو سنه ٣٨١ هجري آهي. حضرت جن جي تقرير نهايت دقيق هوندي هئي.

نقل آهي ته هڪ ڀيري حضرت ابوالقاسم نصرآباديءَ سان گڏ راڳ جي مجلس ۾ ويٺا هئا.پاڻ حضرت جن، ابوالقاسم کي چيو ته سماع (راڳ) ڇو ٻڌندا آهيو؟ ابوالقاسم جواب ڏنو ته هڪ ٻئي جي غيبت ٻڌڻ ڪان سماع ٻڌڻ هزار درجا بهتر آهي. پاڻ وري فرمايائون ته جيڪڏهن سماع ۾ اهڙي ڪا حرڪت ٿي وڃي، جا آداب سماع جي خلاف هجي، ته اها هزار سال جي غيبت کان به بدتر آهي.

والله اعلم بالصواب

* ذڪر حضرت ابوالحسن صائغ رحمت الله عليه *

حضرت ابوالحسن رحمت الله عليه جن پنهنجي زماني جا بي نظير بزرگ هئا، پاڻ مصر ۾ رهندا هئا. ابو عثمان مغربي رحمت الله عليه فرمائن ٿا ته ابوالحسن صائغ کان وڌيڪ ڪنهن کي به صاحب همت ڪونه ڏٺو.

نقل آهي ته حضرت ممشاد دينوري رحمت الله عليه فرمائن ٿا ته مان دينور ۾ هڪ شخص کي ڏٺو، جيڪو نماز پڙهي رهيو هو، ان جي مٿان ڳجهه نالي پکي پنهنجي پرن جي ڇانو ڪيو بيٺو هو. مان غور سان ڏٺو ته اهو ابوالحسن صائغ هو. فرمائن ٿا ته معرفت جي معنيٰ سموري حال احوال ۾ حق تعاليٰ جو مشاهدو ڪرڻ. ٻيو هر طرح سان نعمت جو شڪر ادا ڪرڻ کان عاجز هجڻ جو نالو آهي. فرمائن ٿا ته الاهي محبت ڪرڻ وارا، شوق واريءَ ساه ۾ اهل جنت وارن جي لطف حاصل ڪرڻ کان وڌيڪ پنهنجي محبوب مان لطف حاصل ڪندا

آهن. فرمائن ٿا تہ دوست رکڻ، پنهنجو پاڻ کي هلاڪ ڪرڻ آهي. فرمائن ٿا تہ خوف جي حالت ذوق سان پيدا ٿيندي آهي. جڏهن خوف روڪجي وڃي ٿو يعني غالب ٿي وڃي ٿو، تڏهن نفس جي صفات حاصل ٿي وڃي ٿي، ۽ طبيعت آماده ٿي ويندي آهي، اها حالت عمدي آهي. جنهن چيز ۾ نفس جو دخل ٿي وڃي ٿو تہ اها ان ني صفائيءَ کي خوديءَ جي ڪدورت سان خراب ڪيو ويندو آهي. فرمائن ٿا تہ تمنا ۽ اُميد فساد جي جڙ آهي.

* ذڪر حضرت ابوالقاسم نصير آبادي رحمت‌الله عليه *

حضرت ابوالقاسم نصيرآبادي رحمت‌الله عليه دانائي عشق ۽ معرفت هئا. نهايت عالي مرتبي جا بزرگ ۽ بيحد شريف، سيني ماڻهن جي نظر ۾ پنهنجي وقت جا بي نظير انسان هئا. مختلف علوم خصوصاً علم حديث ۾ نهايت دسترس رکندا هئا. طريقت ۾ بہ سندن نظر دقيق ۽ نڪتہ سنج هئي. حضرت شبلي رحہ کان بعد پاڻ ئي اهل خراسان جا استاد هئا، پاڻ حضرت شبلي رحہ جا مريد هئا. حضرت ابوالقاسم رحہ گهڻن مشائخن کي ڏٺو هو، آخري وقت ۾ ڪوبہ شخص حضرت ابوالقاسم جن جي مرتبي جهڙو ڪونہ پيدا ٿيو. هڪ دفعي مٿن شوق، محبت ۽ حيرت جو ايتري قدر تہ غلبو طاري ٿي ويو، جو هڪ آتشڪده جي چوڌاري طواف ڪرڻ شروع ڪري ڏنائون. ماڻهن ڪائنس پڇيو تہ اي حضرت! هي ڇا حال بڻايو آٿو؟ پاڻ فرمايائون تہ مان خود پنهنجي حالت ۾ حيران ۽ پريشان آهيان. جيڪا چيز مون کي ڪعبي ۾ نہ ملي سگهي آهي ان کي هتي تلاش ڪريان ٿو، تہ شايد ان جي بوءِ هتي سنگهي سگهان. مون کي حيرت آهي ۽ سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ مان ڇا ڪريان! انهيءَ تي نيشاپور مان ڪين ڪيڍيو ويو. پوءِ پاڻ مڪي معظمہ ۾ آيا ۽ مجاور بڻجي ويا.

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن مڪي شريف ۾ ڪيترن ئي ماڻهن کي طواف ڪندي ڏٺائون، تہ پاڻ هڪدم ڪاٺيون ۽ باه ڪٺي آيا. ماڻهن پڇيو تہ اي حضرت! اوهان ڪاٺين ۽ باه کي ڇا ڪندا؟ پاڻ فرمايائون تہ ڪعبي کي باه ڏيندس، تہ جيئن هي غافل حق تعاليٰ جي طرف مشغول ٿي وڃن.

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن ماڻهن حضرت جن سان علي قوال جي شڪايت ڪئي، تہ هيءُ رات جو شراب پيئندو آهي، ۽ ڏينهن جو اوهان جي مجلس ۾ ايندو آهي. پاڻ حضرت جن اهو بڌي چپ رهيا. هڪ ڏينهن اتفاق سان جڏهن حضرت جن ڪيڏانهن وڃي رهيا هئا تہ واٽ تي علي قوال تي نظر پيئي، جيڪو بد مست ٿيو پيو هو. حضرت جن مريدن مان هڪ کي چيو تہ

هن کي ڪلهي تي کڻي گهر ڇڏي آچ. پڻي ڏينهن علي قوال جڏهن حضرت جن جي مجلس ۾ آيو، تڏهن حضرت جن جي پيرن تي ڪري پيو ۽ توبه ڪيائين، ان کان پوءِ هو ڏاڍو دينڌار ٿي پيو.

نقل آهي تہ استاد اسحاق زاهد، اڪثر موت جو ذڪر ڪندو رهندو هو. حضرت ابوالقاسم هڪ ڏينهن کيس چيو تہ اي استاد! اوهان موت جو ذڪر تمام گهڻو فرمايو ٿا، ڪڏهن محبت جو ذڪر بہ تہ ڪندا ڪريو! ليڪن اسحاق زاهد بدستور موت جو ئي ذڪر ڪندو رهيو. جڏهن حضرت ابوالقاسم رحہ جي وفات جو وقت قريب آيو، تہ پنهنجي سيرانديءَ کان ويٺل هڪ نيشاپور جي رهندڙ ماڻهوءَ کي فرمايو تہ استاد اسحاق کي چئجانءِ تہ ابوالقاسم نصيرآباديءَ چيو تہ اوهان موت جي بابت جيڪي ڪجهہ بيان ڪندا هئا، اهو سڀ صحيح آهي، بيشڪ موت ڏاڍي سخت شيءِ آهي. وفات کان بعد ڪن ماڻهن حضرت جن کي خواب ۾ ڏٺو، ۽ کانئن حال پڇيو تہ الله تعاليٰ اوهان سان ڪهڙو برتاءُ ڪيو؟ فرمايائون تہ مون سان ڪابہ سختي ڪانہ ڪئي ويئي، جيئن سخت ماڻهو سختي ڪندا آهن. مگر صدا ڪئي ويئي، تہ ابوالقاسم وصال کان بعد انفصال (جدا هئڻ) آهي مون چيو هو تہ با ذوالجلال مجبور آهيان. ليڪن جڏهن مون کي لحد ۾ رکيو ويو، تہ مان احد تائين پهچي ويس.

• ذڪر حضرت ابوالفضل سرخي رحمت الله عليه •

حضرت ابوالفضل سرخي رحمت الله عليه جن وقت جا پير، حامل امانت، عامل ديانت، عزيز بي بدل ۽ يگانہ روزگار هئا. محبت ۽ تقويٰ معنيٰ ۽ فتوت ۾ بلند درجو رکندڙ هئا. ڪرامت، فراست ۽ رياضت بہ حد کان زياده منجهن هئي، پاڻ سرخس ۾ پيدا ٿيا. شيخ ابوالخير ابو سعيد جا پيرپان مرشد بہ پاڻ ئي هئا.

هڪ دفعي ماڻهن حضرت ابو سعيد ابوالخير رحہ کان دريافت ڪيو تہ اوهان اهڙي دولت ڪٿان حاصل ڪئي؟ هن چيو تہ هڪ ڏينهن مان درياهہ جي ڪناري سان وڃي رهيو هوس، رستي ۾ ٻئي طرف کان حضرت ابوالفضل تشريف فرما ٿي رهيا هئا، نگاهہ سان نگاهہ ملي ۽ مون کي اها دولت حاصل ٿي ويئي.

نقل آهي تہ هڪ دفعي ڪو ماڻهو حضرت جن جي خدمت ۾ آيو، ۽ اچي چيائين تہ سائين رات مان اوهان کي خواب ۾ مرده حالت ۾ ڏٺو آهي. پاڻ فرمايائون تہ اي شخص! تون اهو خواب پنهنجي حق ۾ ڏٺو آهي. ڀلا اسان بہ ڪڏهن مرندا آهيون! يعني جيڪو الله تعاليٰ

کان حياتي حاصل ڪري ٿو، اهو ڪڏهن به نٿو مري.

امام خيراني رحمت الله عليه بيان ڪن ٿا ته مان جڏهن اها ٻار هوس ته هڪ ڏينهن وڻ تي چڙهي ڪيڏي رهيو هوس، ايتري ۾ شيخ ابوالفضل رحه ڪي ڪنهن طرف کان ايندو ڏٺم، سو نهايت خوشيءَ واريءَ حالت ۾ رهيا هئا اي خداوندا! ايتري مدت گذري وئي ته تو مون کي هڪ ڪوڏي به نه ڏني، جو ڪٿي مٿي جي حجامت ڪرايان. ڇا تون پنهنجي دوستن سان اهڙو ئي سلوڪ ڪندو آهين؟ انهيءَ وقت مان ڏٺو ته ان وڻ جون ٽاريون ۽ پن سڀ سونا ٿي ويا. اها حالت ڏسي وري ابوالفضل رحه فرمايو ته ”تعجب جو مقام آهي، جو ڪشش جي لاءِ توسان ڪا ڳالهه به ڪري نٿا سگهون.

نقل آهي ته جڏهن حضرت ابوالفضل رحه جي وفات جو وقت قريب آيو، ته ماڻهن ڪين پڇيو ته اوهان کي فلاڻي جڳهه تي دفن ڪيو وڃي؟ جتي ڪيترا ئي بزرگ مدفون آهن. فرمايائون ته هرگز نه! خبردار جو مون کي انهن پاڪ نفسن جي پرسان دفن ڪيو ائو! ڇاڪاڻ ته مان پاڻ کي انهن جهڙو ڪونه ٿو سمجهان. مون کي فلاڻي دڙي تي، جتي خراب ۽ گنهگار ماڻهن جون قبرون آهن، اتي دفن ڪيو وڃي، ڇاڪاڻ ته اهي الله پاڪ جي رحمت کي زياده نزديڪ آهن. جيئن ته پاڻي آجاين کي ئي پيارو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح اهي محتاج آهن، ۽ ڪريم، محتاج تي ئي عطا ڪندا آهن.

● ذڪر حضرت ابوالعباس سياري رحمت الله عليه ●

شيخ ابوالعباس سياري رحمت الله عليه قبلهٔ امانت، ڪعبهٔ ديانت، مجتهد طريقت ۽ حقيقت ۽ وقت جي امامن مان هئا. علوم شريعت جا ماهر ۽ معارف ۽ حقائق جا پڻ عارف هئا. پاڻ ڪيترن ئي مشائخن جي زيارت ڪئي هئائون، ۽ انهن کان پڻ گهڻو ئي فيض حاصل ڪيو هئائون. پاڻ نهايت خوش مزاج هئا، شهر مرو ۾ سڀ کان پهريائين جنهن حقائق جا سخن بيان ڪيا، سو حضرت ابوالعباس رحه ئي هو. حضرت ابو بڪر واسطي رحه جا مريد هئا. مرو ۾ حضرت ابوالعباس رحه جي خاندان سان برابري ڪرڻ جي دعويٰ ٻئي ڪنهن کي ڪونه هئي. يعني ته سندن خاندان کان وڌيڪ ٻئي ڪنهن به خاندان جي عزت ڪانه هئي. حضرت جن کي پيءُ جي ورثي مان جيڪي ڪجهه حاصل ٿيو هو، اهو سڀ الله تعاليٰ جي راهه ۾ خرچ ڪري ڇڏيائون. پاڻ وٽ صرف حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جا ٻه وار مبارڪ رهجي ويا هئن. حق تعاليٰ انهن جي طفيل ڪين توبهه جي توفيق عطا فرمائي. پاڻ حضرت ابو بڪر واسطي رحه

جا وڃي مريد ٿيا. هن جي صحبت ۾ رهي ولايت جي درجي کي پهتا. پاڻ صوفين جي انهيءَ فرقي جا امام ٿيا، جنهن فرقي کي ”سياريان“ چوندا آهن.

نقل آهي ته هڪ دفعي حضرت جن دڪان تان اکروٽ خريد ڪرڻ ويا، ته دڪاندار پنهنجي هڪ نوڪر کي سٺا اکروٽ ڪڍي اچڻ لاءِ چيو. تنهن تي حضرت جن دڪاندار کي چيو ته جڏهن تون ڪنهن کي به اکروٽ وڪڻين، ته نوڪر کي اهڙي وصيت ڪندو ڪر. دڪاندار چيو ته ائين نه ٿيندو، اها رعايت محض اوهان سان آهي، سو به فقط اوهان جي علم جي سبب ڪري. اهو ٻڌي پاڻ فرمايائون ته مان پنهنجي علم کي چند اکروٽن جي عيوض ڪونه وڪڻندس. ائين چئي اکروٽ ڇڏي هليا ويا.

فرمائن ٿا ته گناهن جي ترڪ ڪرڻ تي توهان ڪهڙيءَ طرح قادر ٿي سگهو ٿا؟ جڏهن ته لوح محفوظ ۾ توهان جي نصيب ۾ لکيل آهي، ۽ قضا ۾ لکي ويل شيءِ کان توهان ڪيئن رهائي حاصل ڪري سگهو ٿا. ڪنهن ڪائنن سوال پڇيو ته اوهان الله تعاليٰ کان ڇا گهرندا آهيو؟ فرمايائون ته جيڪي ڪجهه هو ڏي، ڇاڪاڻ ته ٻانهي کي جيڪي ڪجهه ڏنو وڃي، اهو انهيءَ لاءِ نيڪ آهي. وفات وقت حضرت ابوالعباس رحه هڪ وصيت فرمائي، ته حضور پر نور صلي الله عليه وسلم جن جا ٻه موءِ مبارڪ، جن کي مان حفاظت سان رکي ڇڏيو آهي سي منهنجي منهن ۾ رکي ڇڏجو، سندن وصيت موجب ائين ئي ڪيو ويو. حضرت جن جي مزار مبارڪ مرو ۾ اڄ به سندن زيارت لاءِ عام ۽ خاص جو سدائين هجوم رهي ٿو. حاجتمند ماڻهو اتي وڃن ٿا ۽ انهن جون حاجتون خدا جي حڪم سان سندن طفيل پوريون ٿين ٿيون.

والله اعلم باالصواب واليه‌المرجع والماب

تمت بالخير

پرو پرائيٽو

توفيق احمد ولد محمد احمد ميمڻ

مولوي محمد عبدالله اينڊ سنز تاجران ڪتب

شاهي بازار

شڪارپور سنڌ پاڪستان